سنڌي ترجمو

بذل القوة فی حوادث سنی النبوة

سيرت هاشمي

امام العصر مخدوم محمد هاشم محدث ٹٹوي رحه

ترجمو، تقديم، تحقيق، تخريج ۽ تشريح

پروفيسر اسرار احمد علوي

مهراڻ اڪيڈمي

Marfat.com

Marfat.com

سنڌي ترجمو

بذل القوة فی حوادث سنی النبوة

سيرت هاشمي

امام العصر مخدوم

محمد هاشم محدث ٹٹويؒ

ترجمو، تقديم، تحقيق، تخريج ۽ تشريح

پروفيسر اسرار احمد علوي

مهراڻ اڪيڈمي

Marfat.com

اعوذ باللّٰه من الشيطان الرجيم

بسم اللّٰه الرحمٰـن الرحيم

يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّا اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا. (سورة الاحزاب: ۴۵)

اي نبي! (صلي الله عليه وسلم) بيشڪ اسان توکي گواهي ڏيندڙ، خوشخبري ٻڌائيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ بنائي موڪليو آهي.

لَايُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَ وَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ. (صحيحين)

توهان مان ڪوبہ ايستائين مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين آءٌ ڪيس سندس پيءُ ماءُ، اولاد ۽ سمورن انسانن کان وڌيڪ محبوب نہ ٿيان.

Marfat.com

سنڌي ترجمو

بذل القوة في حوادث سني النبوة

سيرت هاشمي

امام العصر

مخدوم محمد هاشم محدث ٹٹوي رحہ

ترجمو، تقديم، تحقيق، تخريج ۽ تشريح

پروفيسر اسرار احمد علوي

مهراڻ اڪيڈمي

Marfat.com

حق ۽ واسطا قائم

كتاب نمبر 193

81036

سنڌي ترجمو

بذل القوة في حوادث سني النبوة

سيرت هاشمي

امام العصر مخدوم محمد هاشم محدث ٹٹوي رحہ

ترجمو، تقديم، تحقيق، تخريج ۽ تشريح

پروفيسر اسرار احمد علوي

چپائيندڙ: مهراڻ اڪيڈمي

ڪمپوزنگ: استار ڪمپيوٽر ڪمپوزرس شڪارپور

چاپو پهريون: مارچ 2004ع

چاپو ٻيو: جولاءِ 2004ع

ڪاٽيتو: 1100

هديو =/300 رپيا

ملڻ جا هنڌ

مهراڻ اڪيڈمي واڱڻودر شڪارپور

۽

سنڌ جا سمورا ڪتاب گهر

Marfat.com

فهرست

* پنهنجي پاران
* مهاڳ ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
* تقديم مترجم

تقاريظ

* مولانا مفتي محمد جان نعيمي
* علامہ ڈاڪٽر محمد ادريس السندي
* علامہ ڈاڪٽر عبدالحئي ابڙو
* ڈاڪٽر ثناءُ الله پٹو
* مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو
* مؤلف جو مقدمو امام العصر مخدوم محمد هاشم محدث ٺٽوي رحہ

ياڳو پهريون

مڪي دور

فصل پهريون

❀ بعثت نبوي 109
❀ بعثت جو مهينو 112
❀ بعثت جي تاريخ 114
❀ بعثت جو ڏينهن 114
❀ بعثت جا اهجاڻ 115
❀ اُم الـمُؤْمِنِيْن سَيِّدَه خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰي رضہ ۽ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جي نياڻين سڳورين جو اسلام قبول ڪرڻ 116
❀ اوائلي دور ۾ اسلام قبول ڪرڻ وارا مرد 122
❀ اوائلي دور ۾ اسلام قبول ڪرڻ واريون عورتون 161
❀ پهرين وحيءَ جو نازل ٿيڻ 167

Marfat.com

فصل پيو

❀ حضرت عَبْدُاللّٰه بن عُمر رضہ بن خطاب قريشي عدوي جو چمڙ 174
❀ حضرت حَمْزَہ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 177
❀ سيدنا عُثْمَان بِن عَفان رضہ جو نڪاح 182
❀ زَيْد بن ثَابِت رضہ جي ولادت 185

فصل ٽيون

❀ اُسَامَہ بِن زَيْد رضہ جي ولادت 186
❀ عَبْدُاللّٰه بن يَزِيْد رضہ جي ولادت 186
❀ خدا تعاليٰ طرفان ڪليل دعوت ڏي حڪم 187
❀ ويجهن عزيزن کي دعوت جو حڪم 187

فصل چوٿون

❀ وَرَقَہ رضہ بِن نَوْفَل جي وفات 189
❀ حضرت عائِشَہ رضہ جو چمڙ 189
❀ ڪافرن طرفان ڪليل مخالفت جي شروعات 191

فصل پنجون

❀ حضرت جَعْفَر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 192
❀ حَبَشَ ڏانهن مسلمانن جي پهرين هجرت 192
❀ ڪافرن جو مسلمانن سان گڏ سجدو ڪرڻ 193
❀ حَبَشَ ڏانهن پي هجرت 194
❀ خَالِد بن حِزَام رضہ جي وفات 194
❀ نماز دوران الله جي رسول صلی‌الله علیه‌وسلم کي ستائڻ جو واقعو 194
❀ حضرت سُمَيَّہ رضہ جي شهادت 195

فصل ڇهون

❀ نبي ڪريم صلی‌الله علیه‌وسلم جو دَارِ اَرْقَم ۾ اچڻ 196
❀ حضرت حَمْزَہ رضہ جو مسلمان ٿيڻ 197
❀ حضرت عُمر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 197

Marfat.com

❀ حضرت عَبْدُاللہ بن عُمر رضہ جو اسلام قبول کرڻ 205
❀ حضرت اُمُّ الخيرِ رضہ جو اسلام قبول کرڻ 206
❀ اِياسَ رضہ بن بُكَيْر جو احوال 207

فصل ستون

❀ شِعْبِ اَبُوطَالِبِ ۾ نظربندي 208

فصل اٺون

❀ ايراني ڪافرن جي رومي ڪافرن تي سوپ 210
❀ حضرت اَبُوبَكر صِدِيق رضہ جو مڪي جي ڪافرن آڏو آيتون پڙهڻ 211
❀ بن قبيلن "اَوْس" ۽ "خَزْرَج" جي وچ ۾ "بُعَاث" واري جنگ 212
❀ شَقُّ الْقَمَرَ 212

فصل نائون

❀ عَبْدُاللہ بن ثَعْلَبَہ جو چم 214

فصل ڏهون

❀ شِعْبِ اَبُوطَالِبِ مان آزادي 215
❀ حضرت عَبْدُاللہ بِن عَبَّاس رضہ جو چم 215
❀ حضرت ابوطالب جي وفات 218
❀ اُمُّ الْمُؤْمِنِيْن خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰي رضہ جي وفات 221
❀ حضرت سَوْدَہ رضہ سان نڪاح 222
❀ حضرت عَائِشَہ رضہ سان نڪاح 224
❀ طائف ڏانهن روانگي 224
❀ جنن جي وفد جو نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جي خدمت ۾ اچڻ 227
❀ دعاءِ طائف 229

فصل يارهون

❀ عَقَبَہ جي پهرين بيعت 231

Marfat.com

فصل بارهون

❀ معراج جو واقعو 233
❀ كافرن جا سوال جواب 236
❀ عَبْدُالله بن جَعْفَر رضہ جو چمڻ 237
❀ عَقَبَہ جي پي بيعت 237
❀ مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ جي مديني ڏانهن روانگي 238
❀ مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ جي هٿ تي اسلام قبول ڪرڻ وارن جو ذڪر 238
❀ عَبّاد بن بِشْر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 238
❀ اَبُوسَلْمَہ رضہ جي هجرت 239

فصل تيرهون

❀ عَقَبَہ جي ٽين بيعت 240
❀ نماز ۾ تڪڙ ڪرڻ وارو صحابي 242
❀ مُعَاذ بن جَبَل رضہ ۽ اَبُو اَيُّوب خَزْرَجيءَ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 243
❀ سَعِيْد رضہ بن عاص جو چمڻ 243
❀ عَقَبَہ جون ٽي بيعتون 243
❀ مهينن ۾ نَسِيء ڪرڻ جو رواج 243
❀ پهرين پاڳي جو خاتمو 243

پاڳو پيو

باب پهريون (غزوات)

فصل پهريون

❀ غزوه اَبْوآء يا غزوه ودان 258
❀ غزوه بُوَاط 260
❀ غزوه سَفَوَان يا بَدْرِ اُولىٰ 260
❀ غزوه عُشَيْرَه 260

Marfat.com

❀ غَزْوَہ بَدْر 261
❀ غَزْوَہ قُرْقُرَۃُ الْکُدْر 263
❀ غَزْوَۃُ السَّوِیْق 264

فصل بیو

❀ غَزْوَہ غَطَفَان 265
❀ غَزْوَہ الفُرْع 265
❀ غَزْوَہ بَنُوْ قَیْنُقَاع 266
❀ غَزْوَہ اُحُد 266
❀ غَزْوَہ حَمْرَآءُ الْاَسَد 268

فصل تیون

❀ غَزْوَہ بَنِي نَضِیْر 269
❀ غَزْوَہ بَدْر صُغریٰ 269

فصل چوتھون

❀ غَزْوَہ دُوْمَۃُ الْجَنْدَل 271
❀ غَزْوَہ بَنِيْ مُصْطَلِق 271
❀ غَزْوَہ خَنْدَق 273
❀ غَزْوَہ بَنِيْ قُرَیْظَہ 274

فصل پنجون

❀ غَزْوَہ بَنُو لَحْیَان 276
❀ غَزْوَہ حُدَیْبِیَّہ 276
❀ غَزْوَہ ذِي قَرَد 277

فصل چھون

❀ غَزْوَہ خَیْبَر 279
❀ غَزْوَہ وادِي الْقُریٰ 280
❀ غَزْوَہ ذَاتِ الرِّقَاع 280

فصل ستون

❀ فَتح مَکہ 282

Marfat.com

❀ غَزْوَہ حُنَیْن 282
❀ غَزْوَہ طَائِف 283

فصل انون

❀ غَزْوَہ تبوک 285

باب پیو (سرایا)

فصل پھریون

❀ سَرِیَّہ حَمْزَہ رضہ بن عَبْدُالْمُطَّلِبْ 301
❀ سَرِیَّہ عُبَیْدَہ بن حَارِث بن عَبْدُالْمُطَلِب رضہ 301
❀ سَرِیَّہ سَعْد بن اَبِیْ وَقَّاص رضہ 302
❀ سَرِیَّہ مُحَمَّد بن مُسْلَمَہ رضہ 302
❀ سَرِیَّہ زَیْد بن حَارِث رضہ 303
❀ سَرِیَّہ عَبْدُاللّٰہ بن جَحش رضہ 303
❀ سَرِیَّہ عُمَیْر بن عَدِیّ رضہ 304
❀ سَرِیَّہ سَالِم بن عُمَیْر رضہ 304

فصل پیو

❀ سَرِیَّہ اَبُوسَلَمَہ رضہ 305
❀ بَعْثِ عَبْدُاللّٰہ بن اُنَیْس اَسْلَمِي رضہ 305
❀ سَرِیَّہ عاصِم بن ثَابِت یا رَجِیْع وارو حادثو 306

فصل ثیون

❀ سَرِیَّہ مُنْذِر بن عَمْرو یا بِئْرِمَعُوْنَہ وارو حادثو 308

فصل چوثون

❀ سَرِیَّہ بَنُوکِنَانَہ 309

فصل پنجون

❀ سَرِیَّہ مُحَمَّد بِن مُسْلَمَہ رضہ 310
❀ سَرِیَّہ عُکَّاشَہ مِحْصَن 310

Marfat.com

❀ سَرِیَّہ مُحَمَّد بن مُسْلَمَہ رضہ 310
❀ سَرِیَّہ اَبُوعُبَیْدَہ بن جَرَّاح رضہ 311
❀ سَرِیَّہ زَیْد بن حَارِثہ رضہ 311
❀ سَرِیَّہ زَیْد بن حَارِثہ رضہ 311
❀ سَرِیَّہ زَیْد بن حَارِثہ رضہ 312
❀ سَرِیَّہ زَیْد بن حَارِثہ رضہ 312
❀ سَرِیَّہ سَیِّدِنَا اَبُوبَکْرِ صِدِّیق رضہ 312
❀ سَرِیَّہ زَیْد بن حَارِثہ رضہ 313
❀ سَرِیَّہ عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رضہ 313
❀ سَرِیَّہ زَیْد بن حَارِثہ رضہ 313
❀ سَرِیَّہ حضرت عَلي بن اَبُوطَالِب رضہ 315
❀ سَرِیَّہ زَیْد بن حَارِثہ رضہ 316
❀ بعث عَبْدُالله بن عَتِیْک اَنْصَارِي رضہ 316
❀ سَرِیَّہ عَبْدُالله بن رَوَاحَہ رضہ 316
❀ سَرِیَّہ کُرْز بن جَابِر رضہ 317
❀ سَرِیَّہ عَمْرو بن اُمَیَّہ ضَمْرِيّ رضہ 318

فصل چھون

❀ سَرِیَّہ اَبَان بن سَعِیْد رضہ 319
❀ سَرِیَّہ اَمِیْر الْمُؤْمِنِیْن عُمَر بن خَطَّاب رضہ 319
❀ سَرِیَّہ اَمِیْر الْمُؤْمِنِیْن حضرت اَبُوبَکْر صِدِیْق رضہ 320
❀ سَرِیَّہ بَشِیْر بن سَعْد رضہ 320
❀ سَرِیَّہ غَالِب رضہ بن عَبْدُالله لَیْثِي 320
❀ سَرِیَّہ بَشِیْر بن سَعْد رضہ 320
❀ سَرِیَّہ اَخْرم بن ابوالعوجاء رضہ 321

فصل ستون

❀ سَرِیَّہ غَالِب بن عَبْدُالله لَیْثِي رضہ 322
❀ سَرِیَّہ غَالِب بن عَبْدُالله لَیْثِي رضہ 322
❀ سَرِیَّہ شُجَاع بن وَهْب رضہ 322

Marfat.com

❀ سَرِیَّہ کَعْب بن عُمَیْر رضہ 323
❀ سَرِیَّہ مُوْتَہ 323
❀ سَرِیَّہ عَمْرو بن الْعَاص رضہ 325
❀ سَرِیَّہ اَبُوعُبَیْدَہ بن جَرَّاح رضہ 326
❀ سَرِیَّہ عَمْرو بن مُرَّہْ جُھَنِي رضہ 328
❀ سَرِیَّہ اَبُوقَتَادَہ بن حَارِثہ 328
❀ سَرِیَّہ اَبُوقَتَادَہ رضہ 329
❀ سَرِیَّہ اُسَامَہ بن زَیْد رضہ 329
❀ سَرِیَّہ سَعْد بن زَیْد اَشْھَلِيّ رضہ 329
❀ سَرِیَّہ خَالِد بن وَلِیْد رضہ 330
❀ سَرِیَّہ عَمْرو بن الْعَاص رضہ 330
❀ سَرِیَّہ خَالِد بن وَلِیْد رضہ 330
❀ سَرِیَّہ اَبُوعَامِر بن سُلَیْم رضہ 331
❀ سَرِیَّہ طُفَیْل بن عَمْرو رضہ 331
❀ سَرِیَّہ قَیْس بن اَسَد رضہ 331
❀ سَرِیَّہ خَالِد بن وَلِید رضہ 332

فصل انون

❀ سَرِیَّہ عُیَیْنَہ حِصْن رضہ 333
❀ سَرِیَّہ عَبْدُاللہ بن عَوْسَجَہ رضہ 333
❀ سَرِیَّہ قُطْبَہ بن عَامِر اَنْصَارِيْ رضہ 333
❀ سَرِیَّہ ضَحَاک بن سُفْیَان رضہ 334
❀ سَرِیَّہ عَلْقَمَہ بن مُجَزِّز مُدْلَجِيّ رضہ 334
❀ سَرِیَّہ اَمِیْرُالْمُؤْمِنِیْنَ عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ 334
❀ سَرِیَّہ عُکَّاشَہ بن مِحْصَن رضہ 335
❀ سَرِیَّہ خَالِد بن وَلِیْد رضہ 335
❀ سَرِیَّہ اَبُوسُفْیَان بن حَرْب 335
❀ بَعْثِ اَبُومُوْسیٰ ءِ مُعَاذ بن جَبَل رضہ 336

Marfat.com

فصل نائون

❀ سَرِيَّہ خَالِد بن وَلِيْد رضہ 337
❀ سَرِيَّہ مِقْدادِ بن اَسْوَد رضہ 338
❀ سَرِيَّہ حضرت عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ 338
❀ سَرِيَّہ بَنُوعَبْسِ 339
❀ سَرِيَّہ رِعْيَة سُحَيْمِي 339
❀ سَرِيَّہ اَبُو اُمَامَہ بَاهِلي 339

فصل ڏهون

❀ سَرِيَّہ جَرِيْر بن عَبْدُالله رضہ 340
❀ سَرِيَّہ عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ ۽ خَالِد بن سَعِيْد رضہ 341
❀ سَرِيَّہ خَالِد رضہ بن وَلِيْد 341
❀ سَرِيَّہ اُسَامَہ بن زَيْد رضہ 341

باب ٽيون (مدني دور جا ٻيا واقعا)

فصل پهريون

❀ حضرت مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ جي مديني روانگي 345
❀ پاڻ سڳورن صلی‌الله علیه‌وسلم جي مديني ڏانهن روانگي 345
❀ هجرت جي وقت جي دعا 346
❀ غارِ ثَوْرِ ڏانهن روانگي 347
❀ حضرت اَسْماء رضہ لاءِ "ذَاتُ النِّطَاقَيْن" جو لقب 350
❀ غارِ ثَوْرِ ۾ داخل ٿيڻ 350
❀ ڪبوتريءَ جا آنا لاهڻ 351
❀ غار ۾ نانگ جو واقعو 351
❀ اُمِّ مَعْبَد رضہ ۽ سندس مڙس جو ايمان آڻڻ 352
❀ اُمِّ مَعْبَد جي ٻکري 352
❀ سُرَاقَہ بن مَالِک جو واقعو 355
❀ ان دعا کانپوءِ 355
❀ بُرَيْدَہ بن حُصَيْب جو اسلام قبول ڪرڻ 356
❀ مديني ۾ پهرين مسجد جي اڏاوت 356

Marfat.com

❀ جمعي جي پهرين نماز 357
❀ مديني پهچڻ جي تاريخ 358
❀ مديني پاڪ ۾ آجيان 358
❀ مديني شهر ۾ مني مرسل صلی اللہ علیہ وسلم جن جو داخل ٿيڻ 360
❀ مسجد نبويءَ جو بنياد 360
❀ حُجرن جي اڏاوت 361
❀ حضرت عليءَ رضہ جي هجرت 361
❀ حضرت علي رضہ کي تڪليف 361
❀ هجري سن جي شروعات 361
❀ اهل بيت جي هجرت 362
❀ مسجد ۽ هجرن جي اڏاوت 362
❀ صُفي جي اڏاوت 362
❀ اذان ۽ اقامت جي شروعات 362
❀ بکهڙ جي ڳالهائڻ وارو معجزو 363
❀ حضرت عُثْمَان رضہ بن مَظْعُوْن جي وفات 364
❀ بَرَاء بن مَعْرُوْر رضہ جي وفات 364
❀ ٽن مشرڪن جو موت 364
❀ نُعْمَان بن بَشِيْر رضہ جو جنم 364
❀ عَبْدُاللہ بن زُبَيْر رضہ جو جنم 364
❀ اُمِّ سُليم رضہ جي سوڪڙي 365
❀ زَڪاة جو فرض ٿيڻ 365
❀ سيده عَائِشَہ رضہ جي رخصتي 367
❀ عَبْدُاللہ بن سَلَام رضہ جو اسلام آڻڻ 367
❀ عَمْرو بن عَبَسَہ جو ايمان آڻڻ 368
❀ قَيْس بن صِرْمَہ جو مسلمان ٿيڻ 368
❀ سَلْمَان فَارِسِيءَ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 369
❀ اَنَس بن مَالِک رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 371
❀ حضرت اَنَس رضہ لاءِ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جي دعا 372
❀ مديني ۾ وبا ۽ بخار کان بچاءَ جي دعا 372

Marfat.com

❀ عَبْدُالرَّحْمٰن بن حَارِث جو ڇمڻ 373
❀ نماز جي رڪعتن ۾ واڌارو 373
❀ زياد بن اَبُوسُفيَان جو ڇمڻ 374
❀ مُخْتَار ثَقَفِيءَ جو ڇمڻ 374

فصل ٻيو

❀ حضرت رُقَيَّہ رضہ جي وفات 375
❀ الله جي راهہ ۾ پهربون تير 375
❀ قبلي جي تبديلي 376
❀ عاشُورَنِ جي روزي جو حڪم 377
❀ محرم جي روزي بابت هڪ خاص واقعو 378
❀ رمضان ۾ روزن جي فرضيت وارو حڪم 378
❀ صلواة پڙهڻ جو حڪم 378
❀ نماز ۾ سلام ۽ ڪلام تي بندش 380
❀ فِطره جو حڪم 380
❀ ٻنهي عيدن جي موقعي تي نماز جو حڪم 380
❀ عيدالفطر جي پهرين نماز 380
❀ پهرين عيدالاضحيٰ جي نماز 381
❀ قربانيءَ جو حڪم 381
❀ نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي قرباني 381
❀ مُطْعِم بن عَدِيّءَ جو موت 381
❀ اَبُورَافِع جو مسلمان ٿيڻ 381
❀ اُمَيَّہ بن اَبِي الصَلْت جو موت 382
❀ عَبْدُالله بن مَسْعُوْد رضہ جي حَبَشَ کان موت 382
❀ جنگ جي اجازت 382
❀ اسلام ۾ پهرين غنيمت 383
❀ حرمت وارن مهينن ۾ قتال بابت حڪم 383
❀ پهرين ڪافر جو قتل 384
❀ پهربون ڪافر قيدي 385

Marfat.com

❀ اسلام ۾ پهريون سپهه سالار 385
❀ عَبْدُالله بن جَحْش رضه ۽ سندس ساٿين متعلق آيت جو نزول 385
❀ غَزْوَه بَدْر 385
❀ "ذَاتُ الْفُضُوْل" جو ذڪر 386
❀ صحابين سان مشورو ۽ انهن جو جواب 386
❀ حضرت عَاتِڪَ رضه جو خواب 387
❀ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي دعا 387
❀ نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم جو هڪ پيو معجزو 388
❀ شيطان جو لشڪر 388
❀ آسمان تان ملائڪن جو لهڻ 389
❀ عُڪَاشَه بن محصن جي ترار 389
❀ سَلَمَه بن حربس رضه جي ترار 390
❀ قَتَادَه رضه جي اک ۾ ڏک 391
❀ حضرت مُعَوِّذ رضه جو هٿ ڪپجڻ 391
❀ مسلمانن لاءِ پيٽي خوشي 392
❀ عَبْدُالله بن سُهَيْل رضه جو مسلمان ٿيڻ 392
❀ يَزِيْد بن اَخْنَس رضه جون ٽي پيڙهيون ساڳئي غزوه ۾ 392
❀ غَزْوَهْ بَدْر ۾ قتل ٿيندڙ ڪجهه ڪافرن جا نالا 392
❀ حضرت خُبَيْب بن عَدِيّ رضه جي اک ۾ تير لڳڻ 393
❀ رفَاعَه بن مَالِڪ رضه ڪي اک ۾ تير لڳڻ 394
❀ غنيمت حلال ٿيڻ بابت حڪم 394
❀ "ذُوالْفَقَار" جو هٿ اچڻ 394
❀ سَائِب بن عُبَيْد رضه جو اسلام آڻڻ 395
❀ خُبَيْب بن اِسَاف رضه جو اسلام قبول ڪرڻ 395
❀ چئن پائرن جي شرڪت 395
❀ خُزَيْمَه رضه بن ثابت جو ذڪر 396
❀ ڪافرن جي موت بابت پيشنگوئي 397
❀ غَزْوَه بَدْر ۾ شهيد ٿيندڙ مسلمانن جا نالا 397
❀ غَزْوَه بَدْر جي شهيدن جي شان ۾ آيت 399

Marfat.com

❀ طالب جو گم ٿي وڃڻ 399
❀ حضرت عَبَّاس رضہ جي اسلام بابت روايت 399
❀ حضرت اَبُوْ دَرْدَآء رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 400
❀ حضرت عَلي رضہ سائينءَ جي ڪنيت 400
❀ وَلِيْد رضہ بن وَلِيْد جو اسلام قبول ڪرڻ 400
❀ خُنَيْس رضہ بن حُذَافَہ جي وفات 401
❀ شڪراني جون پہ رڪعتون ادا ڪرڻ 401
❀ ڪافر قيدين بابت مشورو 401
❀ ثَابِت بن ضَحَّاک جو ڇمڻ 402
❀ غَزْوَهْ بَدْر ۾ دوبدو مقابلو 402
❀ اَبُوجَهْل جو قتل 402
❀ بدر ۾ قتل ٿيل ڪافرن منجهان ڪجهہ نالا 403
❀ قيدي ڪافرن مان ڪجهہ نالا 403
❀ پن ڪافرن جي قتل جو حڪم 403
❀ اَبُولَهَب جو موت 404
❀ عُمَر بن عَبْدُالله جو ڇمڻ 404
❀ ڪافرن جي لاش مٿان نبي اڪرم صلی الله علیہ وسلم جو اڇڻ 404
❀ حضرت عَبَّاس رضہ جي مسلمان ٿيڻ جو سبب 405
❀ عُمَيْر بن وَهْب جي مسلمان ٿيڻ جو واقعو 406
❀ سَيِّدَه فَاطِمَةُ الزَّهْراء رضہ جو نڪاح 406
❀ سَيِّدَه فَاطِمَہ رضہ جي رخصتي 407
❀ مِسْوَر بن مَخْرَمَہ جو ڇمڻ 407
❀ مَرْوَان بن حڪم جو ڇمڻ 407
❀ "شُقْرَان" جو خدمتِ نبوي صلی الله علیہ وسلم ۾ اڇڻ 407
❀ سَائِب بن يَزِيْد جو ڇمڻ 408

فصل ٽيون

❀ نبي ڪريم صلی الله علیہ وسلم جو حضرت حَفْصَہ رضہ سان نڪاح 409
❀ حضرت زَيْنَب رضہ سان نڪاح 410

Marfat.com

❀ حضرت عَبْدُاللہ بن عُثْمَان رضہ جي وفات 412
❀ حضرت عُثْمَان رضہ جو نڪاح 412
❀ حضرت حَسَن رضہ جو ڇمڙ ۽ بيبي سائنڊ جي پي اميدواري 412
❀ شراب جي حرمت جو حڪم 415
❀ زَيْد بن ثَابِت رضہ کي حڪم 415
❀ صلوٰة الخوف 415
❀ غَزْوَه اُحُد جا واقعات 417
❀ ميت لاءِ اوسارن ڪرڻ کان منع 420
❀ حَمْزَه رضہ جي لاش جي بي حرمتي 420
❀ اَبُوعَزَّه جي قتل جو حڪم 423
❀ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جا ڪجھ معجزا 425
❀ پاڻ ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جو ڏند مبارڪ شهيد ٿيڻ 426
❀ پاڻ ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جو مُنهُن مبارڪ زخمي ٿيڻ 426
❀ نبي سائين صلی اللہ علیہ وسلم جن جو هڪ معجزو ..... دعا قبول ٿيڻ 426
❀ نبي سائين صلی اللہ علیہ وسلم جو هڪ ٻيو معجزو 427
❀ ملائڪن جو مدد لاءِ لهڻ 427
❀ حضرت ثَابِت رضہ، حضرت عَمْرو رضہ، حضرت اَوْس رضہ ۽ حضرت عَبْدُاللہ رضہ جي شهادت 427
❀ حضرت اَنَس بن نَضَر رضہ جي شهادت 428
❀ ڪافرن جو جهنم واصل ٿيڻ 428
❀ اُبَيّ بن خَلَف جو جهنم واصل ٿيڻ 428
❀ اَبُوعَامِر رَاهِب ۽ طَلْحَه بن اَبِيْ طَلْحَه جو جهنم ۾ داخل ٿيڻ 429
❀ ڇئن مشرڪ ٻائرن جو قتل ٿيڻ 429
❀ حضرت عَبْدُاللہ بن جُبَيْر رضہ جي شهادت 430
❀ حضرت اَبُوزَيْد اَنْصَارِي رضہ جي شهادت 430
❀ اِمام زُهْرِي رضہ جي ڏاڏي جي غزوه اُحُد ۾ شرڪت 430
❀ حضرت مُخَيْرِيْق رضہ جي شهادت 431
❀ حضرت اَبُوحَبَّه رضہ جي شهادت 431
❀ حضرت عُبَيْد رضہ بن تيهان جي شهادت 432
❀ حضرت سَعْد بن رَبِيْع رضہ جي شهادت 432

Marfat.com

❀ حضرت خَارِجَہ بن زَيْد رضہ جي شهادت 432
❀ حضرت حَنْظَلَہ رضہ جي شهادت 433
❀ عَبْدُاللہ بن حَنْظَلَہ رضہ جو چمڻ 434
❀ حضرت اُمِّ سَلِيط رضہ جو اسلام آڻڻ 434
❀ بَنُو قَيْنُقَاع جي باري ۾ آيت 434
❀ عُبَادَہ بن صَامِت رضہ طرفان سفارش 435
❀ بَنُو قَيْنُقَاع متعلق پي آيت جو نزول 435
❀ عَمْرو بن اُمَيَّہ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 436
❀ اُصَيْرَم رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 436
❀ هڪ منافق جو ذڪر 436
❀ حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رضہ جو زخمي ٿيڻ 436
❀ عَبْدُاللہ بن زَيْد رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 436
❀ سَهل بن اَبِيْ حَثْمَہ رضہ جو چمڻ 437
❀ عَامر بن وَاثِلَہ رضہ جو چمڻ 437
❀ مڪي جي ڪافرن جي گڏجاڻي 437
❀ حضرت يَمَان رضہ جي شهادت جو واقعو 438
❀ اُحُد جي شهيدن جي نماز 438
❀ مالڪ بن سنان رضہ جي شهادت ۽ دفن جو واقعو 439
❀ اَبُوسُفْيَان سان سوال جواب 439
❀ مختلف آيتن جو نزول 440
❀ بن ڪافرن جو قتل 442

فصل چوٿون

❀ "سُورۃ حَشر" جي ڪجهہ آيتن جو نزول 443
❀ "بَنِي نَضِيْر" وارن کي تڻي ڪڍڻ جو حڪم 446
❀ فئي جو حڪم 446
❀ شراب جي حرمت 447
❀ شراب جي حرام هجڻ جا پارهن سبب 449
❀ ڪجهہ صحابي سڳورن جي باري ۾ سوال 450

Marfat.com

❀ صلوٰة الخوف جو حڪم 450
❀ سنگسار جو واقعو 450
❀ سيدنا حُسَيْن ابن علي رضہ جو ڇمڻ 451
❀ سَيِّدَه زَيْنَب رضہ جي وفات 452
❀ حضرت اَبُوسَلَمَہ رضہ جي وفات 452
❀ عَبْدُاللّٰه رضہ بن هِشَام جو ڇمڻ 454
❀ حضرت عُليءَ رضہ جي امڙ جي وفات 454
❀ هڪ منافق جو قتل 455
❀ سَرِيَّہ بِئر مَعُوْنَہ جا ڪجهہ واقعات 455
❀ حضرت خُبَيْب رضہ ءِ زَيْد رضہ جي شهادت جا ڪجهہ واقعات 456
❀ عَبْدُالرَّحْمٰن بن زيد رضہ جو ڇمڻ 457
❀ نماز ۾ قصر جو حڪم 457
❀ زَيْد بن ثَابِت رضہ کي حڪم 458
❀ حضرت زَيْنَب رضہ بنت جحش جو نڪاح 458
❀ پردي جو حڪم 460

فصل پنجون

❀ حضرت رَيْحَانَہ رضہ جو ذڪر 462
❀ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جو حضرت جويريہ رضہ سان نڪاح 463
❀ حضرت جُوَيْرِيَہ رضہ جو خواب 464
❀ حضرت حَارِث بن اَبُوْ ضِرَار جو مسلمان ٿيڻ 464
❀ غَزْوَه خَنْدَق جا واقعا 465
❀ حضرت خَلَّادِ رضہ بن سُوَيْد جي شهادت 470
❀ حُيَيّ بن اَخْطَب جو قتل 471
❀ حضرت اَبُولُبَابَہ رضہ جي توبہ 471
❀ بنو مُزَيْنَہ وارن جي وفد جو اچڻ 472
❀ ضَمام بن ثَعْلَبَہ رضہ جو حاضر ٿيڻ 472
❀ وفد عَبْدُالْقَيْس جي حاضري 473
❀ مديني ۾ پهريون وفد 474

Marfat.com

❀ پاڻ ڪريمن صلی الله علیه وسلم جو گهوڙي تان ڪرڻ 474
❀ رسول ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جي اڳڪٿي وارو معجزو 474
❀ گهوڙن جي گوءِ جو واقعو 475
❀ مديني ۾ زلزلو 475
❀ حضرت سَعْد بِن مُعَاذ رضه جي وفات 475
❀ حضرت سَعْد بِن مُعَاذ رضه جي امڙ جي وفات 475
❀ سَعْد بِن عُبَادَه رضه جي والد جي وفات جو واقعو 476
❀ چند گرهڻ جو واقعو 476
❀ حضرت حُذَيْفَہ رضه کي قريش وارن ڏانهن موڪلڻ 476
❀ خَالِد بِن وَلِيد رضه ۽ عَمْرو بن الْعَاص رضه جو اسلام قبول ڪرڻ 476
❀ غَزْوَه بني مُصْطَلِق جو واقعو 477
❀ "اِفڪ" واري حادثي جا ڪجهه واقعا 477
❀ تَيمم جو حڪم 478
❀ حضرت اَبُوبَكْر رضه جو قسم کڻڻ 480
❀ بهتان مڙهڻ وارن لاءِ حد جاري ٿيڻ 480
❀ "عَزْل" بابت سوال 481
❀ عَبْدُالله بِن اُبَيّ جي منافقت جو هڪ واقعو 481

فصل ڇهون

❀ نماز اِسْتِسْقَاء جو واقعو 483
❀ نبي انور صلی الله علیه وسلم جن جي هڪ حديث 483
❀ اَبُوالْعَاص رضه بن ربيع جي گرفتاري ۽ آزادي 483
❀ اَبُورَافِع يهوديءَ جو قتل ۽ نبي ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جو هڪ معجزو 484
❀ اُسَيْرَ ڏانهن هڪ "سَرِيَّہ" 484
❀ غَزْوَه حُدَيْبِيَہ جا ڪجهه واقعات 485
❀ رِفَاعَہ بن زَيْد رضه جو مسلمان ٿيڻ 487
❀ غَزْوَه ذِي قَرَد جا ڪجهه واقعات 487
❀ پرپاسي وارن عجمي حاڪمن ڏانهن دين جي دعوت اماڻڻ بابت ڪجهه واقعات 488
❀ ذُومِخْبَر رضه جو مديني ۾ ترسڻ 491
❀ سُوره فَتح جو نزول 492

Marfat.com

❀ حج جي فرضيت وارو حڪم 492
❀ حج ۽ عمري بابت آيت جو نزول 492
❀ سج گرهڻ جو واقعو 492
❀ اَوْس رضہ بن صامت رضہ جو اظهار 493
❀ حضرت عُمر رضہ جو نڪاح 493
❀ حضرت عُمر رضہ جي ملڪيت وقف ڪرڻ 494
❀ مهاجر عورتن بابت حڪم 494
❀ سُوْرَة الْفَتح جي نزول جا واقعا 494
❀ گهوڙن جي گوءِ جو واقعو 495
❀ اٽن جي گوءِ 495
❀ گهوڙن جي گوءِ جو هڪ پيو واقعو 495
❀ حضرت اُمِّ رُوْمَان رضہ جي وفات 496
❀ پاڻ ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن مٿان جادو ڪرڻ وارو واقعو 496
❀ مَعُوْذَتَيْن جو نزول 496
❀ ثُمَامَہ بن اُثَال رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 497
❀ مڪي ۾ ڏڪار 497
❀ بکهڙ جي ڪالهائڻ وارو واقعو 498
❀ جُبَيْر بن مُطْعِم رضہ جو مسلمان ٿيڻ 498
❀ كَعْب بن عجره جو واقعو 498
❀ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جي والدين جو ايمان 499
❀ نماز خوف بابت حڪم 499
❀ حُدَيْبِيَّہ جي سفر جا ڪجهه ٻيا واقعا 499
❀ بَيْعَتِ رِضْوَان جو واقعو 500
❀ سريہ عُرَنِيِّيْن جا واقعا 502
❀ حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ "سَرِيَّہ" جي روانگي 502

فصل ستون

❀ هن سال جا غزوات 504
❀ غَزْوَهْ خَيْبَر جا واقعات 504

81036

Marfat.com

❀ بِشْر رضہ بن براء جي شهادت 505
❀ عَامِر رضہ جي لولي 505
❀ حَجَّاج رضہ بن عِلَاط جو اسلام قبول ڪرڻ 506
❀ جُهم رضہ بن صلت جو ذڪر 507
❀ سَلَمَہ بن اَكْوَع رضہ جو واقعو 507
❀ حضرت جَعْفَر رضہ ۽ اَبُومُوْسيٰ رضہ جي موت 507
❀ حضرت اُمِّ حَبِيْبَہ رضہ جو نڪاح 507
❀ ست سؤ قيدين جي آزادي 511
❀ دَوْس قبيلي جو وفد 512
❀ احرام جي حالت ۾ نڪاح ڪرڻ جو مسئلو 512
❀ عُمْرَةُ الْقَضَا جي ادائيگي 515
❀ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جو مڪي ۾ اچڻ 515
❀ حضرت بِلَال رضہ جو اذان 516
❀ ڪعبة الله ۾ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم جو داخل نہ ٿيڻ 516
❀ حضرت اُمَامَہ رضہ جو واقعو 517
❀ غَسَان جي حاڪم ڏانهن دين جي دعوت 517
❀ مُقَوْقَس جون سوڪڙيون 518
❀ حضرت مِدْعَم رضہ جي شهادت 518
❀ پاڻ ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن تي جادو ڪرڻ جو واقعو 519
❀ ايمان بابت حديث 519
❀ حضرت زَيْنَب رضہ جي رخصتي 519
❀ حضرت حَاطِب رضہ جي واپسي 519
❀ مُتْعَہ جي حرمت وارو حڪم 519
❀ غَزْوَهْ خَيْبَر جا واقعات 520
❀ غَزْوَهْ ذَاتُ الرِّقَاع جي واقعا 526
❀ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جي خواب جو تعبير 530

فصل اٺون

❀ خطبي لاءِ مِنْبَرَ جي تياري 532

Marfat.com

❀ حضرت اِبْرَاهِيْم رضہ جي جمڻ جا واقعا 532
❀ سَيِّدَه زَيْنَب رضہ جي وفات 533
❀ سَرِيَّہ مُؤْتَہ جا واقعا 533
❀ عَتَّاب رضہ بن اُسِيْد جو مسلمان ٿيڻ 534
❀ هَجَر جي مَجُوْسِيِّن کان "جِزْيَہ" جي وصولي 534
❀ حضرت سَوْدَه رضہ بابت فيصلو 534
❀ کَعْب بن زُهَيْر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 535
❀ فَاطِمَہ بن ضَحَّاک جي شادي ۽ طلاق 535
❀ مُلَيْکَہ بنت کَعْب جي شادي ۽ طلاق 535
❀ حضرت مُحَلِّم رضہ هٿان هڪ شخص جو قتل 536
❀ ٽن برگزيده هستين جو مسلمان ٿيڻ 536
❀ مڪي جي فتح کانپوءِ هجرت جو حڪم رد ڪيو ويو 537
❀ يَمَنَ کان هڪ وفد جو اچڻ 537
❀ حضرت عَدَاء رضہ بن خَالِد جو مسلمان ٿيڻ 537
❀ شين جي مهانگائيَ ۽ پاڻ ڪريمن صلی اللہ علیہ وسلم جو فرمان 537
❀ سَهْل رضہ بن بيضاء جي وفات 538
❀ بُوْرَان جو تخت نشين ٿيڻ 538
❀ بِلْقَاء جي حاڪم جو موت 538
❀ يَمَامَہ جي سردار جو موت 538
❀ مڪي جي فتح جا واقعات 538
❀ غَزْوَهْ حُنَيْن جا واقعا 555
❀ غَزْوَهْ طَائِف جا واقعا 559
❀ "جِعِّرَانَہ" جا واقعا 561
❀ مُنْذِر بن سَاويَ ڏانهن دين جي دعوت 565
❀ سج گرهڻ جو واقعو 565
❀ جِعِّرَانَہ کان نبي انور صلی اللہ علیہ وسلم جن جي عمري لاءِ روانگي 565
❀ حضرت ابن عَاصِ رضہ جو واقعو 566
❀ حضرت اَبُوْبَرْزَه رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ 566
❀ سَعِيْد رضہ بن حُرَيْث جو مسلمان ٿيڻ 566

Marfat.com

❀ نَوْفل رضہ بن مُعَاوِيہ جو مسلمان ٿيڻ 566

فصل نائون

❀ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جي خدمت ۾ "بَنُوتَمِيْم" وارن جي وفد جو اچڻ 567
❀ نَجَاشِيءَ جي وفات 568
❀ وفد عَبْدُالْقَيْس جو اچڻ 568
❀ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جي خدمت ۾ مختلف وفدن جو اچڻ 569
❀ وفد بَنِيْ تَمِيْم جا ڪجھ وڌيڪ تفصيل 571
❀ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جو "اِيْلَاء" 575
❀ پاڻ ڪريمن صلی اللہ علیہ وسلم جن جو گھوڙي تان ڪرڻ 575
❀ "سورة تحريم" جو نزول 576
❀ اِيْلَاء واري مدي جو خاتمو 576
❀ "غَامِدِيَّہ" جي سنگسار جو واقعو 577
❀ ضِمَام بن ثَعْلَبَہ جو واقعو 577
❀ جهاد جاري رهڻ بابت حڪم 577
❀ حديث جبريل 578
❀ مينهن وسڻ جو معجزو 578
❀ تَمِيْم بن اَوْس جو واقعو 579
❀ وَلِيْد بن عُقْبَہ جو واقعو 580
❀ حضرت عَلْقَمَہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ "سَرِيَّہ" 581
❀ مَالِڪ بن حُوَيْرَث جي وفد جو اچڻ 581
❀ حج جي فرضيت جو حڪم 581
❀ مَسْجِد ضِرَار جي ڊاهڻ جو حڪم 582
❀ ذُوالْبِجَادَيْن عَبْدُالله رضہ بن عَبْد نهم جي وفات 583
❀ عَبْدُالله بن اَبِيْ بِن سَلُوْل جي موت جا واقعات 583
❀ حضرت عُوَيْمَر رضہ بن حَارِث ۽ سندس گھرواريءَ وچ ۾ لِعان جو واقعو 584
❀ حضرت اَبُوبَكْر صِدِّيق رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ حج لاءِ روانگيءَ جو احوال 586
❀ سَيِّدَہ اُمِّ ڪُلْثُوْم رضہ جي وفات جو ذڪر 588
❀ حضرت عُرْوَہ بن مَسْعُوْد رضہ جي شهادت 588

Marfat.com

❀ غَزْوَهْ تَبُوْک جا واقعات 589
❀ کَعْب بن زُهَيْر رضہ جو واقعو 597
❀ يحنة ابن رؤية بن رؤية ڏانهن دين جي دعوت 601
❀ جرباء ۽ اذرح وارن ڏانهن دين جي دعوت 601
❀ سُهَيْل بن بَيْضَآء جي وفات 602
❀ هک منافق جي موت جي خبر 602

فصل ڏهون

❀ نبي کريم ﷺ جن جي طرفان "حَجَّةُ الْوَدَاع جي ادائيگي" 603
❀ حضرت جبرئيل عليه السلام جو نزول 611
❀ مُسَيْلَمَ کَذَّاب جو واقعو 612
❀ اَسْوَد عَنْسِيء جو ذکر 613
❀ نَجْرَان جي وفد جي آمد 613
❀ بَاذَان جي وفات 614
❀ مُعَاذ بن جَبل رضہ ۽ اَبُوْمُوْسيٰ اَشْعَرِي رضہ جي يمن ڏانهن روانگي 615
❀ نبي کريم ﷺ جي حضرت مُعَاذ رضہ کي هدايت 615
❀ حضرت عَليءَ رضہ جي يمن ڏانهن روانگي 615
❀ حضرت عَليءَ رضہ طرفان موکليل سونُ 616
❀ حضرت سَعْد رضہ بن خوله جي وفات 616
❀ حضرت سُبَيْعَہ رضہ جي عدت جو مسئلو 616
❀ حضرت جَرِيْر رضہ کي ذُوالْکَلَاع ڏانهن موکلڻ جو واقعو 617
❀ سيدنا رسول الله ﷺ طرفان عمره جي نيت کرڻ جو حکم 617
❀ سيده عَائِشَہ رضہ جو واقعو 617
❀ حضرت عَلِيءَ رضہ جي يمن ۾ قيام دوران هک عجيب واقعو 618
❀ فَرْوَه رضہ بن عُمَر جُذَاميءَ جو مسلمان ٿيڻ 619
❀ هن سال آيل کجهہ وفدن جو ذکر 620
❀ عَدِيّ رضہ بن حَاتِم جو اسلام قبول کرڻ 620
❀ بَنُوْحَارِث وارن جو وفد 620
❀ سَلَامَان وارن جو وفد 620

Marfat.com

❀ نبي ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جو هڪ معجزو 620
❀ بَنُوُ مُحَارِب وارن جو وفد 621
❀ هَمْدَان وارن جو وفد 621
❀ بَنُوُ اَزْد وارن جو وفد 621
❀ غَسَّان طرفان آيل هڪ وفد 621
❀ زُبَيْد قبيلي وارن جو وفد 622
❀ وفد عَبْدُالْقَيْس 622
❀ وفد بَنُوُ كَنْدَه 622
❀ بَنُوُ حَنِيْفَه وارن جو وفد 622
❀ بَنُوُ بَجِيْلَه وارن جو وفد 623
❀ حضرت عَبْدُالله رضه جي روانگي 623
❀ رهاوبين جو وفد 623
❀ بَنُوُ ثَعْلَب وارن جو وفد 623
❀ نَجْرَان جي عيسائين جو وفد 623
❀ بَنُوُ عَبَس وارن جو وفد 623
❀ بَنُوُ غَامِد وارن جو وفد 624
❀ بَنُوُ خَوْلَان وارن جو وفد 624
❀ بَنُوُ عَامِر وارن جو وفد 624
❀ حضرت بُدَيْل رضه جي وصيت 625
❀ جَرِيْر رضه بن عَبْدُالله جو مسلمان ٿيڻ 625
❀ آيت جو نزول 626
❀ پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم جي نينگر حضرت اِبْرَاهِيْم جي وفات 626
❀ سج گرهڻ جو واقعو 626

فصل يارهون

❀ وفد بَنُوُ نَخَع 627
❀ "نَفِيْسَه" نالي پانهيءَ جو ذڪر 627
❀ غَزْوَه اُحُد جي شهيدن لاءِ نماز ۽ دعا 627
❀ جَنَّتُ الْبَقِيْع وارن لاءِ استغفار 627

Marfat.com

❀ پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي بيماريءَ جي شروعات 628
❀ بيماريءَ دوران پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم جون روايتون 628
❀ حَدِيْثِ قِرْطَاس 628
❀ پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جو حضرت عَائِشَہ رضہ جي گهر اچڻ 629
❀ نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جو خطبو 629
❀ پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جي بيماريءَ دوران سَيِّدَه فَاطِمَہ رضہ سان گفتگو 630
❀ غلام آزاد ڪرڻ 631
❀ پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم جن جي صحابين کي وصيت 631
❀ پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم جو ڏندڻ استعمال ڪرڻ 633
❀ سرور ڪائنات صلی الله عليه وسلم جن جي زبان مبارڪ مان نڪتل آخري لفظ 633
❀ پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جو وصال 633
❀ حضرت عزرائيل جي سرور ڪائنات صلی الله عليه وسلم جن کان اجازت طلب ڪرڻ 633
❀ پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم جي وصال جي تاريخ ڏينهن ۽ وقت وغيره جو احوال 634
❀ حضرت اَبُوْبَکْر صديق رضہ جو اچڻ 634
❀ غسل مبارڪ جو بيان 635
❀ اَبُوْعَبْدالله جو اسلام قبول ڪرڻ 636
❀ سُوَيْد بن غَفَلَہ جو مسلمان ٿيڻ 637
❀ حضرت اَبُوْبَکْر صِدِّيق رضہ جي خلافت 637
❀ سَيِّدَه فَاطِمَةُ الزَّهْرَاء رضہ جي رحلت 637
❀ حضرت اُمِّ اَيْمَن رضہ جي وفات 638
❀ حضرت عُکَّاشَہ رضہ بن مُحْصِن جي شهادت 639
❀ جنگ يَمَامَہ جو واقعو 639
❀ اَسْوَد عَنْسِيءَ جو قتل 640
❀ مُسَيْلَمَہ کَذَّاب جو قتل ۽ جنگ يمامہ جا ڪجهہ واقعات 641
❀ حضرت عَبْدُالله بِن اَبُوْبَکْر رضہ جي وفات 643
❀ حضرت اَبُوالْعَاص رضہ جي وفات 643
مصادر ۽ مراجع 645

Marfat.com

ذخيره

پنهنجي پاران

سموري ساراه، هڪ الله واحد وحده، رازق رب رحيم کي سونهي، جنهن جهانن جي جوڙ جوڙي، زمين، آسمان ۽ انهن منجهه جيڪي ڪجهه آهي سو پيدا ڪيو. لکين درود ۽ سلام منڍي محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم جن مٿان پڙهجن، جيڪي پنهي جهانن جي رحمت، اسانجا هادي رهبر، مڙني مرسلن جا مهندار، آخري نبي ۽ شافع محشر آهن.

"**بذل القوه في حوادث سِني النبوه**" (**سيرت هاشمي**)، امام العصر مخدوم محمد هاشم محدث ٺٽوي رحمة الله عليه جو لکيل سيرت النبي صلي الله عليه وآلهٖ واصحابهٖ وسلم تي پنهنجي نوع جو هڪ منفرد ۽ عظيم ڪتاب آهي، جنهن ۾ پنهي جهانن جي رحمت، مڙني محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم جي پاڪ سيرت سن وار ۽ ترتيب وار بيان ڪئي ويئي آهي. سنڌ واسين جي اها خوشقسمتي ليکبي جو عربي ۾ لکيل هن معرڪة الآراء ڪتاب جا ڪجهه قلمي نسخا ۽ هڪ ڇاپي نسخو اسان وٽ موجود آهي. اسانجي دوست محترم پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب، "بذل القوة" جي قلمي ۽ ڇاپي نسخن تان استفادو ڪري هن ڪتاب جو نئون رڳو سؤلي ۽ بامحاوره سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي پر متن تي تحقيق، تخريج ۽ تشريح جو محنت طلب ڪم به توڙ رسايو آهي. ڪتاب جي منڊ ۾ هڪ ملهائتو ۽ وقيع علمي مقالو تقديم جي نالي سان لکيو اٿس، جنهن ۾ "نبوت ۽ ان جي ضرورت"، "لفظ سيرت جي معنيٰ ۽ استعمال"، "سيرت پاڪ ۽ قرآن"، "سيرت جي ضرورت"، "سيرت ۽ سنڌي عالم"، "فاضل مؤلف جو تعارف"، "سندس ديني ۽ علمي خدمتون"، "سندس شاگرد"، "مخدوم صاحب جي تصنيفي ڪم جو جائزو"، "بذل القوة جا ڇاپي ۽ قلمي نسخا" وغيره جي عنوان هيٺ وڏو تحقيقي مواد هڪ هنڌ پيش ڪيو آهي. اهڙي ريت سنڌ جي نامياري عالمن ۽ فاضلن هن ڪتاب جون تقريظون لکيون آهن، جي پڻ منڊ ۾ ڏنيون ويون آهن.

سنڌ جي مانواري محقق، سنڌي بوليءَ جي محسن، سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن جو لکيل مختصر پر جامع مهاڳ پڻ ڪتاب ۾ شامل آهي. "بذل القوة" جا اهي قلمي نسخا جن تان فاضل مترجم ترجمو ڪيو آهي، تن جا عڪس پڻ پڙهندڙن جي اکين نارڻ لاءِ ڏنا ويا آهن.

فاضل مترجم، ڪبار اصحاب ڪرام، جهڙوڪ جنت جي بشارت ملندڙ ڏهه اصحابين رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين، نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي پاڪ بيبين رضي الله

Marfat.com

عنهن ۽ نياڻين رضي الله عنهن جي زندگين جو احوال ڏاڍي عقيدت سان حاشين ۾ آندو آهي. ڪتاب ۾ ايندڙ اهم واقعن ۽ مڪيه ماڳن، هنڌن، قبيلن جو تعارف ۽ تاريخ پڻ پيش ڪئي وئي آهي.

مخدوم صاحب رحمة الله عليه جن ڪتابن جا حوالا متن ۾ ڏنا آهن، انهن سيرت نگارن جي حياتي ۽ ڪارنامن تي پڻ حاشين ۾ مختصر روشني وڌي اٿس. ان کان علاوه سيرت جي مشهور ڪتابن جو تعارف پڻ لکيو آهي، جنهن جي ڪري ڪتاب عام پڙهندڙن لاءِ وڌيڪ ڪارائتو ۽ لاڀائتو ٿيندو، انشاءَ الله.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه بيشمار ڪتابن جو ذڪر، واقعن بيان ڪرڻ وقت ڪن ٿا. فاضل مترجم ڪوشش ڪري اهي ڪتاب هٿ ڪري ڳوڙهي مطالعي کانپوءِ واقعن جي تخريج ڪئي آهي. اميد ٿي ڪجي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ سيرت النبي صلي الله عليه وسلم تي هي هڪ منفرد ڪتاب ثابت ٿيندو، انشاءَ الله. مهراڻ اڪيڈمي امام العصر مخدوم محمد هاشم محدث ٺٽوي رح جا هيل تائين هي ڪتاب ڇاپيا آهن:

(١) **تفسير هاشمي،** نثري صورت ۾ آٽيندڙ: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.

(٢) **قوت العاشقين،** نثري صورت ۾ آٽيندڙ: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.

(٣) **ذريعة الوصول الي جناب الرسول ﷺ** ("درود شريف ۽ انهن جون برڪتون" جي نالي سان) مترجم: مولوي رفيع الدين چنه (۴) **حديقة الصفاء في اسماء المصطفيٰ،** صلي الله عليه وسلم مترجم: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري. ۽ (۵) **نور المبين في جمع اسماء البدريين،** مترجم: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري. مخدوم صاحب جون ٻيون گرانقدر تصانيف آٽڻ پڻ اسانجي اشاعتي رٽا ۾ شامل آهي.

پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب کي لک لک مبارڪون هجن، جنهن سنڌي ٻوليءَ جي ديني ادب ۾ ههڙي قيمتي ۽ نادر ڪتاب جو واڌارو ڪيو آهي. ڪيس الله پاڪ ان جو اجورو دنيا ۽ آخرت ۾ يقيناً ڏيندو، آمين.

الله جي فضل سان، ٻنهي جهانن جي سردار منڙي محمد ڪريم ﷺ جي پاڪ سيرت تي املهه سوڪڙيءَ جو ٻهريون ڇاپو هٿئون هٿ ڪپي ويو. ٻئي ڇاپي ۾ نظرثاني ڪري ڪيترائي واڌارا ۽ سڌارا آندا ويا آهن. شال الله سائين اسان سڀني جو هي پورهيو قبول فرمائي ۽ قيامت ڏهاڙي مڙني کي پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جي شفاعت جو حقدار بنلئي، آمين.

سيپٽمبر 2004ع

قمر ميمڻ
سيڪريٽري مهراڻ اڪيڈمي

Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

مهاڳ

هي ڪتاب اسلامي تاريخ ۽ تمدن جي مطالعي جي سلسلي ۾ خاص اهميت رکي ٿو. سنڌ ۾ اهڙي مطالعي جي شروعات تڏهن کان ٿي، جڏهن عرب ـ اسلامي دور ۾ منصوره ۽ ديبل جي عالمن اهم علمي ڪتاب تصنيف ڪيا. نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي دور جي تاريخ جو پهريون ڪتاب، سنڌ جي عالم ابوجعفر ديبلي لکيو، جنهن ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم طرفان وقت جي حڪمرانن ڏانهن لکيل خط جمع ڪيائين. هن پوئين ويجهي دور ۾، ٺٽي جي وڏي عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح سنہ ١١٦٦ هـ ۾ آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي نبوت وارن ٿيويهن سالن جا واقعات سن ـ وار مرتب ڪيا. اهو تاريخي ڪتاب عربيءَ ۾ وڏي محنت سان لکيائين ۽ ان لحاظ سان ان جو نالو **"بذل القوه في حوادث سني النبوه"** (نبوت جي سالن وارن واقعن جي بيان ۾ انتهائي ڪوشش) رکيائين.

سنڌ جي عالمن جي ڪتابن ۽ علمي ڪارنامن کي شايع ڪرڻ لاءِ حڪومت پاڪستان طرفان هڪ اهم رٿا منظور ٿي، جنهن لاءِ سنڌي ادبي بورڊ کي پنج لک روپيا گرانٽ ملي. (١) ان رٿا هيٺ، سنڌ جي عالمن جا پيا ڪتاب ۽ خاص عربيءَ ۾ لکيل ڇوڏهن ڪتاب شايع ڪرڻا هئا، جنهن ۾ هي ڪتاب بہ شامل هو. ان جي اشاعت لاءِ تحقيق ۽ تياريءَ جو ڪم جناب مخدوم امير احمد صاحب جن جي حوالي ٿيو. پاڻ ان وقت جا وڏا عالم هئا، ۽ هن ڪتاب کي عالمانہ انداز ۾ ايڊٽ ڪيائون: سندن علمي ڄاڻ ۽ تحقيقي نگاهہ سان هي ڪم نهايت اعليٰ معيار مطابق پورو ٿيو، جو ڪتاب جو هڪ اعليٰ قلمي نسخو دستياب ٿيو، جنهن

---

(١) اها رٿا وزارت تعليم جي پنهنجي رٿا طور منظور ٿي ۽ پوءِ مالي وزارت طرفان گرانٽ ملي. هن رٿا لاءِ ڪتابن جي فهرست استاد امير احمد ۽ پير حسام الدين جي صلاح سان مون ٺاهي ۽ پن وڏن مهربان آفيسرن جي مدد سان بحال ٿي: هڪ وزارت تعليم جو ايڊيوڪيشنل ايڊوائيزر ڊاڪٽر امداد حسين مرحوم (جنهن سان راقم جي واشنگٽن ۾ سندس قيام ڪان وٺي نيازمندي هئي) پيو مالي وزارت جو سيڪريٽري ممتاز حسن مرحوم جيڪو ان وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ علامہ قاضي صاحب جن وٽ ايندو ويندو هو ۽ سنڌ سان سندس محبت هئي. چوندو هو تہ سندس وڏا منصوره مان لاهور طرف ويا هئا.

Marfat.com

کي ٻئي هڪ نسخي سان پيٽي صحيح متن تيار ڪيائون. هڪ تفصيلي مقدمو لکيائون، جنهن ۾ مصنف جي سوانح ۽ تصنيفات، ڪتاب جي علمي اهميت ۽ افاديت، ۽ معاصر عالمن جي عظمت ۽ سرگذشت تي تفصيلي بحث ڪيائون. (۱) اهڙي طرح سندن اعليٰ علمي ڄاڻ ۽ تحقيقي نگاهه سان تيار ڪيل هي ڪتاب سنه ۱۹۶۶ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو.

افسوس جو ان ڪانپوءِ ٿيهن سالن جي عرصي تائين بورڊ کي هن اهم رٿا جي تڪميل جي توفيق نه ٿي، بلڪ سنڌ جي عالمن جي علمي ڪارنامن کي نظرانداز ڪيو ويو. خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو ڪجهه وقت ٿيو ته مدرسن مان فارغ ٿيل ذهن يونيورسٽين ۾ پهتا آهن ۽ هنن سنڌ جي عالمن جي ڪتابن تي پي. ايڇ. ڊي ڊگري لاءِ تحقيقي مقالا لکڻ شروع ڪيا آهن.

پروفيسر اسرار احمد صاحب وڏي همت ۽ حوصلي سان ڪتاب "بذل القوه" کي پنهنجي تحقيق جو موضوع بڻايو آهي. هن صاحب نه صرف ڪتاب جو ترجمو ڪيو آهي پر ڪتاب جي پوري تمدن کي تفصيل سان پيش ڪيو آهي.

پهريون ته سندس هن ترجمي جي اهميت انهيءَ ۾ آهي جو اهو تحقيق ٿيل صحيح عربي متن مطابق آهي، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. بعضي اهڙا ترجما ڪيا وڃن ٿا جن جا اصل متن صحيح نه آهن. پيو ته هي ترجمو تحت لفظي ناهي بلڪ متن جي صحيح مفهوم مطابق آهي، نه فقط ايترو پر وڌيڪ تفسير سان کولي لکيو آهي ته جيئن پڙهندڙ کي اصل مفهوم پوري طرح سمجهه ۾ اچي وڃي. مثلاً ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ جي اسلام آڻڻ بابت مخدوم محمد هاشم رحه عربيءَ ۾ لکيو ته "لم يتقدمها بالاسلام رجل ولا امراة باجماع المسلمين". انهن لفظن مطابق ترجمو ٿيو ته: "مسلمانن جي اتفاق راءِ موجب، ڪائنس اڳ ڪنهن به مرد يا عورت اسلام نه قبوليو هو". فاضل مترجم انهن لفظن کي وڌيڪ کوليو آهي:

"سيدة خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها ڪان اڳ ڪنهن به مرد يا
عورت اسلام قبول نه ڪيو هو ۽ سمورا مسلمان ان روايت بابت
ساڳي راءِ رکن ٿا."

اهڙيءَ طرح سڄو ترجمو، تفسير ۽ تفصيل سان کيل آهي، جنهن سان ڪتاب جي هر بيان

(۱) سائين مخدوم صاحب جن منهنجا استاد هئا ۽ هن ڪتاب بابت سندن ڪامياب تحقيق جو هڪ مثال هي آهي ته مولوي عبدالرؤف بختياريوري جيڪو ان وقت معمر هو ۽ ڳوٺ الهداد ضلع (حيدرآباد شهر) ۾ رهندو هو، تنهن وٽ مونکي به سال ڪري وڃي هليا ته اتي مخدوم محمد هاشم رحه جو پنهنجو دستخط نسخو دستياب ٿيو. جنهن ۾ سنه ۱۱۶۶ هه تائين سندن ڪتابن جي نالن جي فهرست ڏنل هئي.

Marfat.com

کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿيندي.

پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب پنهنجي تحقيق جو دائرو ترجمي کان گهٽو اڳتي وڌايو آهي، جنهن سان کتاب جو پورو تمدن روشن ٿئي ٿو. صحابہ کرام ءِ امهات المؤمنين جي مبارک اسمن بابت سندس کيل توضيح ۾ سيرت نگاري سمايل آهي. انهن کانسواءِ بہ کتاب ۾ آيل جملي اعلام (خاص نالن) جي سڃاڻپ تاريخ جي روشني ۾ ڪئي وئي آهي.

وڏي ڳالهہ تہ واقعات جي تشريح ءِ توضيح ۾ اصل بنيادي ماخذن کي مدنظر رکيو ويو آهي، جنهن سان تحقيق جو حق ادا ٿيو آهي. فاضل مصنف اڃان اڳتي قدم وڌايو آهي، جو هر حاشيي ۾ جملي ماخذن جي حوالي کي جمع ڪيو آهي، جن تائين سندس رسائي ٿي آهي. اهو هڪ وڏو ڪشالو آهي ءِ "لُزوم مالا يلزم" جو درجو رکي ٿو. ايڏي وڏي ڪشالي ۾ ڪي جزوي سهوون ٿي سگهن ٿيون، جن جي قطع نظر هي ڪتاب پنهنجي نوعيت جو هڪ اهم تحقيقي ڪارنامو آهي، جنهن لاءِ فاضل مصنف مبارڪ صد مبارڪ جي لائق آهي.

حيدرآباد، سنڌ
۲۹ جمادي الاول ۱۴۲۴ هـ
۳۰ ـ جولاءِ ۲۰۰۳ ع

خادم العلم
نبي بخش

Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

تقريظ

نَحْمَدُهٗ وَ نُصَلِّیْ وَ نُسَلِّمُ عَلٰی رَسُوْلِهِ الْکَرِیْمِ وَعَلٰی آلِهٖ وَ صَحْبِهٖ اَجْمَعِیْنَ. اَمَّا بَعْدُ۔

حضرت مخدوم المخاديم شيخ الاسلام والمسلمين سيدي مخدوم محمد هاشم قدس سره العزيز جي شخصيت اها جامع ۽ عالمگير شخصيت آهي، جو اڄ به مخلوق خدا ان جي فيض کان مستفيض ٿي رهي آهي.

حضرت مخدوم صاحب قدس سره العزيز، جليل القدر فقيه، ولي کامل ۽ فقيد المثال عالم سان گڏوگڏ بي شمار خوبين ۽ اوصافن جا مالک هئا. سندن علمي ۽ ادبي قابليت عرب و عجم ۾ مسلم آهي.

پاڻ بيک وقت هک عظيم مصلح، محدث، مجدد، مفسر، قاري، مترجم، فقيه، مؤرخ، اديب، شاعر، منطقي ۽ فلسفي جي حيثيت سان نظر اچن ٿا، غرضيک حضرت مخدوم صاحب رحمة الله عليه کي علمي ميدان ۾ هک اهڙو منفرد ۽ اعليٰ مقام حاصل آهي، جنهن جو مثال تاريخ ۾ ناياب آهي.

پاڻ کريمن صلى الله عليه وسلم جو ذکر ۽ ان جي حيات طيبه تي عمل کرڻ ابدي سعادت آهي. جهڙي طرح قرآن کريم پوري انساني تاريخ ۽ آسماني کتابن جو خلاصو ۽ خاتم الکتب آهي، اهڙي طرح نبي اکرم نور مجسم صلي الله عليه وسلم مڙني رسولن جي سيرت ۽ کردار جا جامع نمونا ۽ خاتم النبيين آهن.

مبارک آهن اهي اکيون ۽ خوش قسمت آهن اهي دليون، جيکي هردم حيات طيبه جي مطالعي سان پاڻ کي تراوت بخشن ٿيون ولله درالقائل.

بمصطفيٰ برسان خويش را کہ دين هم او است
گر او نہ رسيدي تمام بولهبي است.

پاڻ کريمن صلي الله عليه وسلم جي سيرت طيبه، حيات مبارک بابت (ماه و سال) جي حالات و واقعات تي سيرت نگارن ۽ مؤرخن وڏا وڏا کتاب لکيا، ليکن هر گُلِ را رنگ و بوئے ديگر است.

سيرت طيبه، حيات مبارک تي مخدوم صاحب جو کتاب (بذل القوة في حوادث سني النبوة) مختصر مگر جامع مانع آهي، جنهن جي ترتيب ۽ تهذيب بي مثال آهي. جنهن جي پڙهڻ

Marfat.com

سان وڏن ڪتابن جي ضرورت محسوس نہ ٿي ٿئي. عربي زبان جي ڪري ڪتاب جي افاديت صرف علماء سان خاص آهي. مخدوم محترم جناب پروفيسر اسرار احمد علوي حفظہ الله تعاليٰ لائق مبارڪباد آهن، جن عوام الناس جي پلائيءَ لاءِ هن ڪتاب کي سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ ڪتاب جي تحقيق، تخريج ۽ تشريح ڪري سندن آباء و اجداد جي مخدوم صاحب رحمة الله سان جيڪا نسبت هئي ان جو حق ادا ڪيو. الله تعاليٰ بطفيل حبيب ڪبرياء عليه الصلوٰة والسلام محترم جناب علوي صاحب جي هن عظيم ڪاوش کي شرف قبوليت عطا فرمائي ۽ سعادت دارين جو ذريعو بنائي، آمين.

فقط

احقر مفتي محمد جان نعيمي عفي عنه
مهتمم دارالعلوم مجدديہ نعيميہ ملير ڪراچي
يڪم رجب المرجب ۱۴۲۴ هـ

Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سيرت نبوي صلى الله عليه وسلم ۽ مخدوم محمد هاشم ٹٹوي رح

اسان جي آقا خاتم النبيين، امام المرسلين حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جو پاڪ فرمان آهي تہ:

لَايُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰي اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَ وَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ.

(رواه، السنة الا الترمذي)

ترجمو: اوهان مان کوبہ تيستائين مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي، جيستائين سندس محبت، پيءُ ماءُ، اولاد ۽ سمورن ماڻهن جي پيٽ ۾ مون سان گهٽي نہ هجي.

هڪ بي روايت مطابق پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ:

وَالَّذِيْ نَفْسِيْ بِيَدِهٖ لَايُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰي اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ نَّفْسِهٖ.

(مسند احمد ٢٣٦ ج ۴)

ترجمو: قسم آهي انهيءَ ذات جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، اوهان مان کوبہ شخص تيستائين مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي، جيستائين پنهنجي جان کان بہ وڌيڪ مونسان محبت نہ رکي.

انهن حديثن جي روشنيءَ ۾ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم کان وٺي اڄ تائين رسول الله صلي الله عليه وسلم جا پروانا، پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم سان محبت جو اظهار، مختلف اندازن سان ڪندا رهيا آهن. ڪن جان جا نذرانہ پيش ڪيا، ڪن پنهنجا ٻچا قربان ڪري ڇڏيا. ڪن مدح سرائي ڪئي، تہ ڪن نعتن جا نوان انداز پيش ڪيا. ڪن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت مبارڪ بابت ڪتاب لکيا، تہ ڪن منظوم خراج عقيدت پيش ڪيا.

اهڙن پروانن ۾ اسان جي سنڌ سڳوريءَ جو مخدوم محمد هاشم ٹٹوي رحمة الله عليه گهٽن کان اڳپرو ٿو نظر اچي، جنهن نظم ۽ نثر ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت مبارڪ بيان ڪئي. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي شان اطهر ۾ چيل سندس اٺ عدد نعتيہ عربي قصيدا مشهور آهن.

مخدوم محمد هاشم ٹٹوي رحمة الله عليه (وفات ١١٧۴ هـ) جن کي، سيرت جي حوالي سان، سيرت شامي ۽ سيرت گازروني، هميشہ مطالعي هيٺ رهندا هئا. سيرة شامي (سبل

Marfat.com

الهديٰ والرشاد في سيرة خير العباد) جو اهو قلمي نسخو، جيڪو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ملڪيت رهيو آهي ۽ ان تي مخدوم صاحب جا مختصر نوٽس (حاشيا) تحرير ٿيل آهن، سو هن احقر زيارت ڪيو آهي، اهو خطي نسخو، گنج بخش لائبريري مرڪز تحقيقات فارسي، اسلام آباد ۾ موجود آهي. (راقم الحروف انهي نادر خطي نسخي بابت هڪ تفصيلي مقالو لکيو هو، جيڪو ماهوار "شريعت" سکر {جولاءِ ۲۰۰۱} ۾ ڇپجي چڪو آهي.)

مخدوم صاحب هونئن تہ ۱۵۰ (ڏيڍ سؤ) کان مٿي ڪتاب (عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾) لکيا آهن، پر انهن ۾ سيرت جي حوالي سان سندس ڪتاب هن ريت آهن:

(۱) **بذل القوه في حوادث سني النبوه:** عربي (جنهن جو سنڌي ترجمو اسان جي محترم پروفيسر اسرار احمد علوي جن ڪيو آهي). مخدوم صاحب جو ۱۱۶۸ هـ ۾ سيرت بابت سن وار ترتيب سان لکيل هي ڪتاب، مخدوم امير احمد عباسي جي تحقيق سان، پهربون دفعو ۱۹۶۶ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيو، جنهن جا پہ اردو ترجما هن وقت تائين سامهون آيا آهن. (۱) عهد نبوت کے ماه و سال: از شهيد ختم نبوت مولانا محمد يوسف لڌيانوي ـ جيڪو ڪيترائي ايڊيشن، مختلف ادارن طرفان ڇپجي چڪو آهي. (۲) سيرت سيد الانبياء صلي الله عليه وسلم ـ از مولانا مفتي عليم الدين نقشبندي جيڪو تازو ۲۰۰۰ ع ۾، لاهور مان ڇپيو آهي.

بذل القوة جا سنڌي ترجما: بذل القوة جي سنڌي ترجمي جي ابتداء حقيقت ۾ پروفيسر غلام حسين جلباڻي صاحب (وفات ۱۹۸۹ع) جن ڪئي هئي، جنهن جي پهرئين قسط، ٿہ ماهي الرحيم ۱۹۶۵/۳ع ۾ شايع ٿي. بعد ۾ اهو سلسلو علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن هلايو ۽ ان جون قسطون پهريائين ٿہ ماهي الرحيم ۽ پوءِ ماهوار الرحيم حيدرآباد ۾ (۱۹۷۶ کان ۱۹۹۰ع تائين) ڇپيون رهيون پر اهو سلسلو نامڪمل رهيو. اهو ترجمو، ڪتابي شڪل ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو طرفان ڇپجي رهيو آهي.

بذل القوة جو پيو سنڌي ترجمو، مولانا طفيل احمد ٺٽوي ڪيو آهي، پر اڃان ڇپيو نہ آهي.

هوڏانهن لڌيانوي صاحب جي ڪتاب "عهد نبوت کے ماه و سال" جو سنڌي ترجمو، محمد مصري خان صاحب ڪيو آهي، جنهن جا پروف راقم الحروف، مڪتبہ اصلاح و تبليغ حيدرآباد ۾ ڏٺا هئا. (پر اڃان ڇپيو نہ آهي).

(۲) **فتح العلي في حوادث سني نبوه النبي صلي الله عليه وسلم (عربي):** مخدوم صاحب جو سيرت نبوي بابت ۱۱۷۰ هـ ۾ لکيل هي ڪتاب درحقيقت "بذل القوة" جو اختصار آهي، ۽ اڃان ڇپيو نہ آهي.

Marfat.com

(٣) **فتح القوي في نسب النبي صلي الله عليه وسلم (فارسي)**: مخدوم صاحب طرفان ۱۱۳۳ هـ ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي نسب اطهر بابت لکيل هيءُ ڪتاب ۱۳۰۳هـ ۾ ڪراچي مان ڇپيو.

(۴) **حديقة الصفا في اسماء المصطفيٰ صلي الله عليه وسلم (عربي)**: مخدوم صاحب جو پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي نالن مبارڪن جي بيان ۾ (جن جو تعداد ۱۱۸۱ آهي) لکيل هيءُ ڪتاب، مقدمي جي اردو ترجمي سان "باغ هي باغ" جي عنوان هيٺ، ۱۴۱۷ هـ ۾ مڪتبہ دارالعلوم مجددیہ طرفان شايع ٿيو. هينئر مهراڻ اڪيڈمي پاران سنڌي ۾ ترجمو ڪري ڇپايو ويو آهي.

(۵) **وسيلة الفقير في شرح اسماءُ الرسول البشير صلي الله عليه وسلم (فارسي)**: هيءُ ڪتاب پاڻ سڳورن جي اسماء مبارڪ (نالن مبارڪن) جي معنيٰ ۽ تشريح تي مشتمل آهي. تمام ضخيم ڪتاب آهي. اڃان مخطوطي جي صورت ۾ آهي.

ياد رهي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي مبارڪ نالن بابت مخدوم صاحب ڏانهن منسوب، هڪ ٻئين ڪتاب "روضة الصفا في اسماءُ المصطفيٰ صلي الله عليه وسلم" جو نالو بہ ملي ٿو. پير حسام الدين راشدي مرحوم ان جو ذڪر مخدوم صاحب جي تصنيفات جي سلسلي ۾ ڪيو آهي (ڏسو ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون ص ۷۹۷). ممڪن الفابيٽيڪل فهرست ۾ ڪيو آهي تہ "حديقة الصفا" هجي — يا تہ "حديقة الصفا" عربي ۾ آهي ۽ "روضة الصفا" فارسي ۾ — ڇو تہ "حديقة الصفا" جا ڪجهہ خطي نسخا عربي خطبي تي مشتمل آهن (۽ مخدوم صاحب بہ حديقة الصفا کي "اتحاف الاڪابر" ۾ پنهنجي عربي تصنيفات اندر ڄاڻايو آهي) ۽ ڪي قلمي نسخا فارسي خطبي تي مشتمل آهن. (باقي اسماء مبارڪ تہ پنهي ۾ ساڳيا هڪجهڙا آهن). منهنجي راءِ آهي تہ انهيءَ فارسي خطبي واري ڪتاب کي "روضة الصفا" قرار ڏجي، پر مان پنهنجي راءِ ڪنهن تي مڙهڻ نہ ٿو چاهيان. ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي سوچ غلط بہ هجي.

(٦) **ذريعة الوصول الي جناب الرسول صلي الله عليه وسلم (فارسي)**: رسول الله ﷺ جن مٿان درود ۽ صلوٰة پڙهڻ جي مختلف ڪيفيتن بابت ۱۱۳۳ هـ ۾ مخدوم صاحب جو جوڙيل هيءُ ڪتاب، پهريون دفعو مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد طرفان قلمي نسخي جي عڪس جي صورت ۾ شايع ٿيو. ان ڪانپوءِ مولانا محمد يوسف لڌيانويءَ ان جو اردو ترجمو بہ ڪيو ۽ دلائل الخيرات جي طرز تي ان جا حزب مقرر ڪيا. ۱۹۹۵ع ڪان مڪتبہ لڌيانوي ڪراچي طرفان، مختلف صورتن / ٽائٽلن ۾ شايع ٿيندو رهي ٿو.

Marfat.com

* ذريعة الوصول جا ٢ سنڌي ترجما منظر عام تي آيا آهن:

(١) ابو السراج طفيل احمد نٿوي طرفان تيار ڪيل، جيڪو پهريون دفعو ١٩٩٢ ۾ شايع ٿيو.

(٢) مولوي رفيع الدين چنہ طرفان تيار ڪيل، جيڪو ١٩٩٧ع کان وٺي مهراڻ اڪيڈمي شڪارپور طرفان ٥ دفعا ڇپجي چڪو آهي.

* ذريعة الوصول جو انگريزي ترجمو رفيق عبدالرحمٰن ڪيو هو، جيڪو زمزم پبليڪيشن ڪراچي طرفان خوبصورت ٽائٽل ۾ ڇپجي چڪو آهي.

(٧) **وسيلة القبول في حضره الرسول صلي الله عليه وسلم (عربي)**: مخدوم صاحب طرفان ١١٤٧ هـ ۾ ذريعة الوصول کي مختصر ڪري جوڙيل هيءُ ڪتاب (درودن جو مجموعو) اڃان ڇپيو نہ آهي.

(٨) **حاشيه دلائل الخيرات (عربي)**: دلائل الخيرات (علامہ جزوليءَ جو)، صلواة ۽ درود بابت نهايت مشهور ڪتاب آهي. مخدوم صاحب انهيءَ تي مختصر حاشيا تحرير ڪيا آهن، جيڪي مختلف ڪتبخانن ۾ نظر اچن ٿا.

(٩) **حاشيه درود حاضري (عربي)**: اڃان ڇپيو نہ آهي.

(١٠) **رسالة في ذكر افضل كيفيات الصلوه علي النبي صلي الله عليه وسلم (سنڌي)**: هن رسالي جو ذڪر مخدوم صاحب "اتحاف الاڪابر" ۾ پنهنجي سنڌي تصانيف جي فهرست ۾ ڪيو آهي.

(١١) **تحفة الغازي بجمع المغازي (عربي)**: هن ڪتاب جو ذڪر، پير حسام الدين راشديءَ ڪيو آهي. نالي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءُ ڪتاب پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي غزوات (لڙاين) جي بيان ۾ آهي.

(١٢) **بسط البرده لدي ناظم البرده (عربي)**: مشهور نعتيہ قصيده، "قصيدة البرده" للبوصيري بابت لکيل آهي. هيءَ ڪتاب مخدوم صاحب ١١٥٣ هـ ۾ لکيو.

(١٣) **الباقيات الصالحات في ذكر الازواج الطاهرات (فارسي)**: مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب رسول الله صلي الله عليه وسلم جي ١١ گهرواربن جي احوال ۽ فضائل بابت ١١٤٧ هـ ۾ لکيو. جيڪو مولانا محمد ادريس ڏاهري صاحب طرفان ڪيل سنڌي ترجمي سميت ١٤١٩ هـ ۾ اداره خدمة القرآن والسنة، شاهپور جهانيان طرفان شايع ٿيو.

(١٤) **تحفة المسلمين في تقدير مهور امهات المؤمنين (فارسي)**: مخدوم صاحب جو ١١٧١ هـ ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي بيبين سڳورين کي پاڻ سڳورن طرفان ڏنل

Marfat.com

مهر / كابين بابت لكيل هيءُ كتاب، مولانا ڊاڪٽر عبدالرسول قادري صاحب جي سنڌي ترجمي سان مٿئين كتاب (الباقيات الصالحات) جي پويان ضميمي طور شايع ٿيو.

(١٥) **زاد السفينة في اسامي المدينة** (**فارسي**): رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي دارالهجرة مدينة المنوره جي نالن مبارڪن بابت لكيل آهي.

(١٦) **قوت العاشقين** (**سنڌي**): ١١٢٧ هـ ۾ مخدوم صاحب جو نظم ۾ تيار ڪيل هيءُ كتاب رسول الله صلي الله عليه وسلم جي معجزات جي بيان ۾ آهي، جيڪو ١٨٨٣ع ۾ بمبئي مان، ١٩٥٠ع ۾ مسلم ادبي سوسائٽي طرفان ١٩٩٤ع ۾ دارالعلوم مجدديه عثمانيه ٿٽو پاران ڇپيو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب ١٩٩٣ع ۾ ان کي سنڌي نثر ۾ آندو، جيڪو مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور طرفان هيلتائين ٦ دفعا ڇپجي چڪو آهي.

(١٧) **وسيلة الغريب الي جناب الحبيب صلي الله عليه وسلم** (**فارسي**): مخدوم صاحب طرفان ١١٦٤ هـ ۾، رسول الله صلي الله عليه وسلم جي اهلبيت اطهار بابت لكيل هيءُ كتاب، اصل فارسي ۾ ته ڪونه ڇپجي سگهيو آهي، البته ان جو اردو ترجمو (از مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب) پهريون دفعو ١٩٧٢ع ۾ اداره بستان حيدرآباد طرفان ڇپيو.

اها آهي فهرست مخدوم صاحب جي انهن ڪتابن جي جيڪي سيرت پاڪ سان تعلق رکن ٿا. مخدوم صاحب جي انهن ١٧ ڪتابن ۾ ٨ ڪتاب عربي ۾، ٧ ڪتاب فارسي ۾ ۽ ٢ ڪتاب سنڌي ۾ آهن.

انهن ڪتابن کان علاوه "حليه مبارڪ مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم" نالي هڪ فارسي رسالو به مخدوم صاحب ڏانهن منسوب آهي، جيڪو گنج بخش، مرڪز تحقيقات فارسي، اسلام آباد اندر مخطوطي جي شڪل ۾ محفوظ آهي.

* انهن سمورن ڪتابن ۾ وڌيڪ شهرت "بذل القوة" کي ملي، جنهن جا خطي نسخا، سنڌ جي ڪيترن ئي ڪتبخانن جي زينت بڻيل آهن. ضرورت هئي ته ان جو هڪ معياري تحقيقي سنڌي ترجمو آندو وڃي، جنهن ۾ صرف ترجمي تي ڪفايت نه ڪجي، بلڪ حوالا جات سان ۽ ضروري ڳالهين سان انکي سينگارجي. پر اهو ڪم ڪري ڪير؟ ـ اهو ڪُٽو اسانجي محترم سائين پروفيسر اسرار احمد علوي جن تي پيو ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ کين توفيق ڏني، جنهن پهريائين ته وڏي جاکوڙ سان بذل القوة جا اصل ماخذ هٿ ڪيا ۽ پوءِ انهن کي سامهون رکي، بذل القوة جو سليس سنڌي ترجمو ڪيو. نه صرف ترجمو بلڪ حاشين ۾ ضروري وضاحتن جو واڌارو پڻ ڪيو، جنهن سان بذل القوة جي افاديت ۾ واڌارو ٿي پيو. اهڙي ريت جيئن مخدوم امير احمد عباسي صاحب "بذل القوة" عربي کي تحقيقي انداز ۾ منظر عام تي

Marfat.com

آٽڻ لاءِ "بذلِ قوت" کيو (يعني پنهنجي سڄي قوت ۽ توانائي خرچ ڪري ڇڏي)، تيئن پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب وري بذل القوة جي سنڌي ترجمي کي سينگاري، تحقيقي انداز ۾ آٽڻ لاءِ "بذلِ قوت" کيو ۽ ان لاءِ کيترائي سال مسلسل محنت ڪندو رهيو، تان تہ هن خوبصورت انداز ۾ بذل القوة جو سنڌي ترجمو قارئين آڏو اچي سگهيو.

محترم علوي صاحب جن "بذل" جي سنڌي ترجمي کي تحقيقي انداز ۾ پيش ڪري، سنڌ واسين جي مٿان وڏو احسان کيو آهي. الله پاڪ کين جزاءِ خير عنايت ڪري، آمين.

مولوي محمد ادريس السندي

صدر المدرسين جامعہ انوار العلوم ڪنڊيارو

ضلع نوشهرو فيروز

18.10.2003

Marfat.com

تقريظ

سيرت طيبه (عليٰ صاحبها الصلاة والسلام) تي، هر دور ۾، مؤلفن نئين نئين انداز ۾ ڪم ڪيو آهي، ۽ پنهنجي ذوق، صلاحيتن ۽ لاڙن پٽاندڙ ان جي خدمت ڪئي اٿن. سنڌ جي عالمن ۽ مؤلفن جي سرواڻ **مخدوم محمد هاشم ٺٽوي** (عليه الرحمة) جي پاڳي ۾ به الله سبحانه سيرت تي هڪ نرالي تصنيف يادگار ڇڏي وڃڻ جي سعادت لکي. ڪائنئ اڳ اهڙي ڪاوش ڏانهن ڪنهن به ليکڪ جو خيال نه ويو. مخدوم صاحب پنهنجي هن ڪتاب **"بذل القوة في حوادث سِنِي النبوة"** ۾ سيرت سونهاري جي وڌن وڏن واقعن کي سن وار اهڙي ته سهڻي ترتيب سان گڏايو، جو حضور سائين صلي الله عليه وسلم جي سموري حيات مبارڪ جو هڪ نقشو آڏو اچي ٿو وڃي. مخدوم صاحب جي هن ڪاوش ۾ ان ڳالهه جو به گهڻي پاڳي خاص اهتمام ٿيل ٿو ڏسجي ته واقعا مستند روايتن جي روشنيءَ ۾ ڏنا وڃن ۽ ضعيف روايتن کان ڪتاب کي آجو رکيو وڃي.

پروفيسر اسرار احمد صاحب علوي، وڏو عرصو ڪشالا ڪڍي، مسلم امت لاءِ سنڌ جي تاريخي ورثي جي هن هڪ نهايت اهم سوکڙيءَ جو نه فقط سولو سلوٽو سنڌي ترجمو ڪيو آهي، پر مخدوم صاحب ياران ڪتب آندل توڙي پين بنيادي ماخذن سان پيٽا ڪري، ڪتاب ۾ آندل روايتن ۽ واقعن جا حوالا، ڏکين لفظن ۽ اصطلاحن جي سمجهاڻي، واقعن جو تفصيل ۽ پس منظر ۽ نالي ڪنيل شخصيتن (اصحاب ڪبار، تابعين، فقيهن، محدثن ۽ ليکڪن) جو پورو سوانحي خاڪو ۽ تشريحي حاشيا ۽ نوٽ لکيا آهن. اهم ڳالهه اها به ته اصطلاحن ۽ نالن جي صحيح پڙهٽيءَ لاءِ متن اعراب لڳائڻ جو پڻ خاص اهتمام ڪيو اٿس. ان ريت علوي صاحب ڪتاب جي اهڙي ته خدمت ڪئي آهي، جو ان سان ڪتاب پنهنجي شانَ وٽان، نئين دور جي رائج ٿيل تحقيق جي اصولن مطابق، آڏو اچي رهيو آهي، جنهن تي هن بلاشڪ آفرين لهڻو!

لاڳيتي محنت، اورچائي ۽ اڏولائپ تي محقق لاءِ دل مان دعائون ٿيون نڪرن، ته هن ڪيئن نه هڙان وڙان خرچ پڪا ڪري، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ توڙي عرب دنيا جون ڏگهيون مسافريون ڪري، اصل عربي ماخذ هٿ ڪيا ۽ نور نچوئي، انهن مان ماڪيءَ جي مڪ وانگيان خالص شراب طهور تيار ڪري پڙهندڙن آڏو رکيو آهي! شايد ڪي مٿاڇري نظر وارا پڙهندڙ ڪن تشريحي حاشين کي ڏگهو ۽ ڳرو سمجهن، پر اهي نهايت ضروري ۽ مفيد آهن ۽ اصل ڪتاب ۾ ڏنل واقعن کي پوريءَ ريت سمجهڻ لاءِ واتهڙو ۽ سونهين وارو ڪم ڏيندا.

شال الله تعاليٰ محقق جي جاکوڙ کي پنهنجي دربار ۾ قبوليت جو درجو ڏئي ۽ دنيا آخرت ۾ ڪيس توڙي ان ڪم ۾ هٿ وندائيندڙ مڙني دوستن کي ان جا اجورا عطا فرمائي ۽ سنڌ واسين کي هن املهه ڪتاب مان لاڀ پرائڻ جي توفيق پلئه پائي!

ڊاڪٽر عبدالحي ابڙو

اسلام آباد: 03 - 03 - 03

Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰي اَشْرَفِ الْاَنْبِيَاءِ وَالْمُرْسَلِيْنَ.

اما بعد: الله سبحانه وتعاليٰ پنهنجي پياري رسول صلي الله عليه وسلم کي بلند مرتبو عطا کيو آهي ۽ اسان مسلمانن کي ساڻن محبت ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. سندن پيرويءَ کي پنهنجي محبت جي نشاني قرار ڏنو آهي. جيئن فرمايائين: قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ط (آل عمران)

يعني اي پيغمبر! چئي ڏي ته جيڪڏهن توهانکي الله سان محبت آهي ته منهنجي پيروي ڪريو، الله تعاليٰ توهان سان محبت ڪندو ۽ توهانجا گناهه معاف ڪندو.

الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي سيرت پاڪ ۽ سهڻن اخلاقن کي سڀني لاءِ بهترين نمونو قرار ڏنو آهي. ارشاد فرمايائين: لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِي رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ. (الاحزاب) ترجمو: توهانجي لاءِ الله جي رسول (صلي الله عليه وسلم) ۾ بهترين نمونو آهي. نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي قول، فعل ۽ پاڪيزه اخلاقن جو نالو سيرت طيبه آهي. ام المؤمنين عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها فرمائي ٿي ته كَانَ خُلقهُ القُرْآن يعني قرآن ڪريم ئي نبي صلي الله عليه وسلم جو اخلاق هو. قرآن ڪريم الله تعاليٰ جو مقدس ڪلام ۽ ڪتاب آهي، لهٰذا جنهن ذات اقدس جي اها وصف هجي اها يقيناً سڀني انسانن کان بهتر ۽ ڪامل آهي ۽ مخلوق جي محبت ۽ پيرويءَ جي سڀ کان وڌيڪ حقدار آهي. اها بي بها محبت هميشه مسلمانن جي دل ۽ جان جو سرمايو رهي آهي.

آغاز اسلام کان ئي مسلمانن پنهنجي پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي سيرت مطهره ۽ اخلاق حسنه تي تصنيف ۽ تدوين کي خاص اهميت ڏني آهي ۽ ان تي تصنيف ۽ تاليف جو سلسلو هميشه جاري رکيو آهي. جيئن جيئن اسلام جي روشني پکڙجندي رهي ۽ ماڻهو اسلام جي سعادت حاصل ڪندا رهيا، انهن ۾ نبي صلي الله عليه وسلم جي زندگي ۽ حالتن کي معلوم ڪرڻ جي تڙپ وڌندي رهي، جنهن جي نتيجي ۾ صحابه ڪرام سندن پاڪ زندگيءَ جي باري ۾ روايتون بيان ڪرڻ لڳا. ان طرح سيرت طيبه تي قرآن ڪريم کانپوءِ حديثن جي صورت ۾ هڪ مستند ۽ قابل اعتماد ذخيرو ملڻ شروع ٿي ويو. جهڙيءَ طرح علم حديث، علم سيرت طيبه جو بنيادي ۽ انتهائي قابل اعتماد ذريعو ۽ ماخذ آهي، اهڙيءَ طرح انکي پنهنجي دامن ۾ علم سيرت جي نشو و نما جو به شرف حاصل آهي. جهڙيءَ طرح پيا ڪئين اسلامي علم ۽ فن حديث جي اثر هيٺ آهستي آهستي وڏي مستقل علمن جي شڪل اختيار ڪندا ويا ۽ انهن جي الڳ سڃاڻپ ٿيندي ويئي، اهڙيءَ طرح فن سيرت به نيٺ ان کان الڳ ئي باقاعده هڪ فن جي صورت اختيار ڪئي.

Marfat.com

امير المؤمنين عمر بن عبدالعزيز جي خاص دلچسپي ۽ ڪوشش سان جيئن علم حديث جي تدوين ٿي، اهڙيءَ طرح سيرت ۽ مغازي جو فن به وجود ۾ آيو. عمر بن عبدالعزيز سيرت ۽ مغازي جي حفاظت خاطر هڪ طرف عاصم بن عمر بن قتاده انصاري المتوفي سنہ ۱۲۱ هـ ڪي جامع مسجد دمشق ۾ سيرت تي درس ڏيڻ جو حڪم ڏنو ته ٻئي طرف امام محمد بن شهاب زهري المتوفي سنہ ۱۲۴ هـ ڪي مغازي تي ڪتاب لکڻ لاءِ چيائين، جيڪو جيئن حديث ۽ سنت جو امام هو تيئن سيرت ۽ مغازي جو وڏو پارکو هو. سندس شاگردن مان بن شخصن موسيٰ بن عقبہ تابعي المتوفي سنہ ۱۴۱ هـ ۽ محمد بن اسحاق المتوفي سنہ ۱۵۱ هـ هن فن ۾ انتهائي شهرت حاصل ڪئي. امام مالڪ، موسيٰ بن عقبہ جو شاگرد هو. اهو ماڻهن کي ترغيب ڏيندو هو ته جنهن کي فن مغازي سکڻو هجي اهو موسيٰ کان سکي. ان متعلق امام ذهبيءَ جو چوڻ آهي ته هو مغازي نبويہ جو ماهر هو. ان هڪ جلد ۾ مغازي جي تدوين ڪئي هئي ۽ اهو پهريون شخص هو جنهن هن عنوان تي لکيو هو (سير اعلام النبلاء ۱۱۴ / ٦).

امام محمد بن اسحاق مغازي تي لکندڙن جو امام آهي. سندس ڪتاب المغازي وڏي شهرت حاصل ڪئي. هن جي ڪتاب کي امام عبدالملڪ بن هشام المتوفي سنہ ۲۱۸ هـ، سنواري سينگاري اضافي سان مرتب ڪيو، جيڪو سيرت ابن هشام جي نالي سان مشهور آهي. علامہ عبدالرحمٰن السهيلي المتوفي سنہ ۵۸۱ هـ، الروض الانف جي نالي سان ان جي شرح لکي آهي. امام زهريءَ جو شاگرد هشام بن عروه المتوفي سنہ ۱۴٦ هـ مشهور ۽ معتبر محدث هو. پنهنجي پيءُ عروه ۽ امام زهريءَ کان حديث ۽ سيرت جون روايتون ڪندو آهي. هن جي قابل اعتماد شاگرد پي صديءَ جي امام ۽ محدث ابومعشر نجيح بن عبدالرحمٰن سنڌي المتوفي سنہ ۱۷۰ هـ کي به محمد بن اسحاق وانگر امام السير والمغازي سڏيو ويندو آهي. امام ابوبڪر خطيب بغدادي المغازي سنہ ۴٦۳ هـ، تاريخ بغداد ۳۲٦ / ۳ ۾ لکي ٿو ته **وڪان من اعلم الناس بالمغازي**: نجيح بن عبدالرحمٰن سنڌي سيرت ۽ مغازي ۾ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ ڄاڻو هو. امام ابوعبدالله محمد بن سعد بغدادي المتوفي سنہ ۲۳۰ هـ ڪتاب الطبقات لکيائين، جنهن جي پارهن جلدن مان پهريان ٻہ جلد نبي صلي الله عليه وسلم جي حالات تي مشتمل آهن. امام محمد بن عيسيٰ ترمذي المتوفي سنہ ۲۷۹ هـ سيرت تي الگ ڪتاب الشمائل النبويہ لکيو. متاخرين ۾ حافظ عبدالمؤمن دمياطي المتوفي سنہ ۷۰۵ هـ **المختصر في سيرة سيد البشر** لکي. اندلس جي نامور عالم امام ابن حزم المتوفي سنہ ۴٥٦ هـ جوامع السيرة جي نالي سان نهايت مختصر مگر جامع ڪتاب لکيو. امام ابن سيد الناس المتوفي ۷۳۴ هـ **عيون الاثر في فنون المغازي والسير** لکيو. امام ابراهيم بن محمد المتوفي سنہ ۸۴۱ هـ **نور النبراس في سيرة ابن سيدالناس** جي نالي سان عيون الاثر جي نهايت محققانہ شرح لکي. علامہ شهاب الدين احمد بن محمد قسطلاني المتوفي سنہ ۹۲۳ هـ شارح بخاري **المواهب**

Marfat.com

اللدنيہ جي نالي سان مفصل كتاب لكيو. امام زرقاني المتوفي سنہ ۱۱۲۲ ھ **المواهب اللدنيہ** جي نهايت جامع ۽ محققانہ شرح لكي. امام ابن عبدالبر المتوفي سنہ ۴۶۲ ھ **"الدرر في اختصار المغازي والسير"** لكي. قاضي عياض المتوفي سنہ ۵۴۴ ھ **"الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ"** لكي. انهن كان علاه امام ابن قيم المتوفي سنہ ۷۵۱ ھ جو **"زاد المعاد من هدي خير العباد"**، حافظ ابن كثير المتوفي سنہ ۷۷۴ ھ جو **"السيرة النبويہ"**، امام مقريزي المتوفي سنہ ۸۴۵ ھ جو "امتاع الاسماع"، امام سليمان بن موسيٰ كلاعي اندلسي المتوفي سنہ ۶۳۴ ھ جو **"الاكتفاء في مغازي رسول الله"**، علامہ محمد بن يوسف شامي المتوفي سنہ ۹۴۲ ھ جو **"سبل الهدي والرشاد في سيرت خيرالعباد"** (السيرة الشاميہ)، علامہ نورالدين حلبيءَ جو انسان العيون (السيرة الحلبيہ) وغيره فن سيرت ۾ اهم درجو ركن ٿا.

بعض عالمن فن سيرت تي منظوم كتاب لكيا. شيخ ابونصر فتح بن موسيٰ خضراوي المتوفي سنہ ۶۶۲ ھ، عبدالعزيز بن احمد المتوفي سنہ ۶۰۷ ھ ۽ ابواسحاق تلمساني المتوفي سيرت ابن هشام كي منظوم كيو، جيكو علمي دنيا جو وڏو كارنامو هو. محمد بن ابراهيم المعروف بہ فتح الدين الشهيد المتوفي سنہ ۷۹۳ ھ ڏهہ هزار بيتن تي مشتمل سيرت لكي. حافظ ابن حجر عسقلاني المتوفي سنہ ۸۵۲ ھ جي استاد حافظ زين الدين عراقي المتوفي سنہ ۸۰۶ ھ نظم ۾ سيرت بنام الفيہ (هك هزار شعر) لكي. الشمس الباعوني الدمشقي المتوفي سنہ ۸۷۱ ھ **"منحة اللبيب في سيرة الحبيب"** جي نالي سان، مغلطائي جي سيرت كي هزار بيتن ۾ نظم كيو آهي.

بعض عالمن سيرت جي مختلف پهلوئن تي مستقل كتاب لكيا، جيئن دلائل النبوة جي موضوع تي امام بيهقي المتوفي سنہ ۴۵۸ ھ ۽ امام ابونعيم اصفهاني المتوفي سنہ ۴۳۰ ھ جا كتاب مشهور آهن. ابوالقاسم البستي **"الدرر المنظم في المولد المعظم"** لكيو. نعلين تي ابواليمن عبدالصمد بن عبدالوهاب المتوفي سنہ ۶۸۶ ھ كتاب لكيو. نسب النبي تي طبراني المتوفي سنہ ۳۶۰ ھ ۽ ابن منده المتوفي سنہ ۳۹۵ ھ مستقل كتاب لكيا. كاتبن تي عبدالله بن علي بن احمد بن حديده **"المصباح المُضي في كتاب النبي"** لكيو. نبي صلي الله عليه وسلم جي خطبن تي ابواحمد العسال المتوفي سنہ ۲۸۲ ھ، ابوالشيخ المتوفي سنہ ۳۹۶ ھ ۽ ابن حبان المتوفي سنہ ۳۵۴ ھ كتاب لكيا. سڏ جي عالم امام ابوجعفر محمد بن ابراهيم بن عبدالله ديبلي المتوفي سنہ ۳۲۲ ھ دعوت ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ نبي صلي الله عليه وسلم جي لكيل خطن كي **"مكاتيب النبي صلي الله عليه وسلم"** جي نالي سان تاليف فرمايو.

سيرت النبي صلي الله عليه وسلم سان شغف هر دور ۾ جاري رهيو آهي. مسلمانن جي سڀني اهم زبانن ۾ بي شمار كتاب تصنيف كيا ويا آهن. متاخر سڏي عالمن ۾ جن سيرت

Marfat.com

طيبہ جي فن ۾ قابل قدر ڪتاب تصنيف ڪيا، انهن ۾ علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي المتوفي سنہ ۱۱۷۴ هـ رحمة الله عليه جو نالو قابل ذڪر آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي دور جو هاڪارو عالم ۽ مصنف هو. وقت جو نامور قاضي، مشهور مدرس، شاعر، تصنيف و تاليف جي ميدان جو شهسوار هو. علم تفسير، حديث، فقه، سيرت، تصوف ۽ شعر و ادب ۾ پنهنجي وقت جو امام هو. زهد ۽ عبادت، تعليم ۽ تربيت، درس و تدريس، بدعتن جي بيخ ڪني، سنت نبوي ۽ شريعت جي نفاذ لاءِ پوري زندگي ڪوشان رهيو. سندس وقت ۾ برڪت ۽ قلم ۾ وڏي طاقت هئي. سنڌي، عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ سندس ٽن سون کان وڌيڪ ڪتاب لکيل آهن. اسلامي علم جو ڪو شعبو ۽ وقت جو ڪوبہ اهڙو مسئلو نہ هو، جنهن تي هن قلم نہ ڪنيو هجي. سندس تصنيف ۽ تاليف جو تحقيقي معيار تمام بلند ۽ مثاهون آهي. وقت جي ضرورت آهي تہ مخدوم صاحب جي عربي ۽ فارسي ڪتابن جو سنڌي ترجمو ڪري سندس پيغام عام ڪجي ۽ سندس منظوم سنڌي ڪتابن کي نثر ۾ آڻي شايع ڪجي تہ جيئن سنڌي علم ۽ ادب ۾ واڌارو ٿئي. مخدوم ٺٽويءَ جي علم ۽ پيغام کي سمجهڻ ۾ آساني ۽ عام ماڻهن لاءِ رهنمائي ٿئي. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي علم ۽ عمل، شعر و ادب، تصنيف ۽ تاليف جو فيض اڄ تائين جاري آهي. مخدوم صاحب سيرت پاڪ تي سنڌي، عربي ۽ فارسي ۾ ڪچ ڪتاب لکيا آهن. جيتوٽيڪ سڀ ڪتاب تحقيق جي لحاظ کان پرپور آهن پر سندن عربي ڪتاب **"بذل القوة في حوادث سني النبوة"** جو معيار نهايت مٿاهون آهي. پنهنجي انداز ۽ نئين ترتيب جي لحاظ کان سيرت ۾ نئون موڙ ۽ اهجاڻ آهي. سيرت جو هي ڪتاب وڏي تحقيقي انداز ۾ لکيو ويو آهي، جيڪڏهن ائين چئجي تہ عالم اسلام ۾ پنهنجي نهج جو هي منفرد ۽ اڪيلو ڪتاب آهي تہ ان ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو. سيرت ۽ مغازي تي مشتمل ڪتابن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي هن عظيم ڪتاب "بذل القوة" کي خاص امتياز حاصل آهي. مخدوم صاحب ڪتاب جي ترتيب ۽ تاليف ۾ قرآن شريف، احاديث ۽ سيرت نبوي جي اهم، ضخيم ۽ مستند ڪتابن ۽ ماخذن تان مواد اخذ ڪري، سيرت نبويءَ جو گلدستو جوڙيو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان دل ۽ دماغ کي سُڳنڌ ۽ سُرهاڻ ملي ٿي. اکين جي نور ۽ دل جي سرور ۾ اضافو ٿئي ٿو.

هي ڪتاب تحقيقي انداز ۾ لکيل ۽ سال وار واقعن تي مشتمل آهي، گويا اسلامي دنيا ۾ پنهنجي طرز تحرير ۽ انداز بيان ۾ بي مثل ڪتاب آهي. اڳتي هلي مخدوم صاحب هن ڪتاب "بذل القوة" جو اختصار ۽ نچوڙ **"فتح العلي في حوادث سني نبوة النبي"** نالي عربي ۾ لکيو، جنهن ۾ طالبن جي آساني خاطر نبي صلي الله عليه وسلم جي زندگي جا اهم واقعا چونڊي لکيا. مطلب تہ سوانح ۽ سيرت نبويءَ بابت "بذل القوة" جهڙو بهترين، مستند، محبت ۽ تحقيقي انداز ۾ لکيل هي ڪتاب تارن ۾ چند مثل روشن ۽ مشهور آهي.

Marfat.com

ڪتاب ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي. پهريون قسم هڪ باب تي مشتمل آهي، جنهن ۾ تيرهن فصل آهن. پهرئين قسم ۾ مڪي دور جون حالتون ۽ واقعا بيان ڪيل آهن. ٻيو قسم مدني دور تي مشتمل ۽ ٽن بابن ۾ ورهايل آهي. پهرئين باب ۾ اٺ فصل غزوات تي، ٻئي باب ۾ ڏهه فصل سرايا ۽ بعوث تي ۽ ٽئين باب ۾ يارهن فصل آهن جن ۾ ٻيا واقعات بيان ڪيل آهن.

هن ڪتاب ۾ انهن واقعن جو تاريخي ترتيب سان ذڪر آهي، جيڪي نبي صلي الله عليه وسلم جي ٽيويهه ساله نبوت جي زندگي ۽ دور ۾ واقع ٿيا. ڪتاب ۾ آيل مواد جي سن وار فهرست ڏسڻ سان هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت جو اندازو ٿي سگهي ٿو ۽ سيرت پاڪ تي ترتيبوار ۽ يڪجا مواد جو خاڪو سامهون اچي ٻيهي ٿو.

سيرت النبي صلي الله عليه وسلم جي سلسلي ۾ وڏي ضرورت هئي تہ مخدوم صاحب جي اهڙي املهه ماڻڪ ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي ٻولي ۽ ديني ادب کي مالامال ڪيو وڃي. انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪري شڪارپور جي علمي علوي خاندان جي روشن ضمير محقق پروفيسر اسرار احمد علوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي هن بهترين عربي ڪتاب "بذل القوة" جو سنڌي ترجمو ڪري، مخدوم ٺٽوي جي فيض کي عام ڪري، سنڌي عوام جي رهنمائي ۽ ترجمي جو حق ادا ڪيو آهي.

پروفيسر علوي قديم ۽ جديد علم جو ڄاڻو، اهل دل، اهل قلم ۽ وڏو اديب آهي. وٽس بهترين لائبريري آهي. مترجم علوي صاحب ڪتاب جو سنڌي ترجمو تمام سليس، روان ۽ سهڻي پيرايه ۾ ڪيو آهي گويا ترجمو نہ پر اصل ڪتاب جو گمان ٿئي ٿو. خاص ڳالهه تہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي "بذل القوة" ڪتاب ۾ جن ضخيم ۽ مستند ڪتابن تان مواد ورتو ۽ حوالا ڏنا آهن، مترجم علوي صاحب وڏي محنت ۽ عرق ريزي ڪري انهن ڪتابن ۽ حوالن جي تخريج ڪري ڪتاب کي شاندار بنايو آهي. تخريج سان گڏ پنهنجي طرفان ڪتاب ۾ تعليقات لکي ڪتاب کي ويتر جامع ۽ مايه دار ڪيو آهي. ڪتاب جي حاشيه ۾ جابجا سوانح ۽ سيرت، تاريخ ۽ تحقيق ۽ علم و ادب جا موتي نظر اچن ٿا. انهن تحقيقي علمي موتين جي چمڪ سان جسم کي جامعيت، اکين کي ٺڏاڻ، دل کي سڪون ۽ روح کي راحت ملي ٿي.

دعا آهي تہ پروفيسر اسرار احمد علوي صاحب، مخدوم صاحب جي هن ڪتاب وانگر پنهنجي خاندان جي وڏي بزرگ شاهه فقير الله علوي شڪارپوري رحمة الله عليه جي عربي ۽ فارسي ڪتابن جو سليس ترجمو ڪري اهل سنڌ کي سندس فيض ۽ پيغام کان روشناس ڪندو.

ڈاڪٽر ثناءُ الله ٻٽو

چيئرمين شعبه تقابل اديان و ثقافت اسلاميه،

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ وَنُسَلِّمُ عَلٰي رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ وَبَعْدُ! سُبْحَانَکَ لَاعِلْمَ لَنَا اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا اِنَّکَ اَنْتَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ.

سنڌ:

سڀاجهي ۽ سونهاري سنڌ جي تاريخ ايتري ئي آڳاٽي آهي، جيتري خود انسان ذات جي. ڇو جو سنڌ ۽ هند ٻئي ٻائر سيدنا نوح عليه السلام جا پوٽا هئا. (۱) سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت دنيا جي ترقي يافته ۽ سڌريل تهذيب رهندي آئي آهي.

اسلام جي شروع ٿيڻ شرط ئي ان جون مقدس لاٽون ۽ نوراني ڪرڻا هن سرزمين تي پيا، جن سنڌ کي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سان واسي ڇڏيو. ڇوجو تاريخ ٻڌائي ٿي ته سنڌ اها مقدس سرزمين آهي، جنهن کي خاتم الانبياء، خاتم المعصومين، سيد الرسل، مڪي، مدني، حجازي، هاشمي صلي الله عليه وسلم جن جي قدمبوسيءَ جو عظيم شرف ۽ سعادت مليل آهي. هن صديءَ جي بين الاقوامي دانشور ۽ اسلامي تاريخ جي ماهر ڊاڪٽر حميدالله (پيرس) رحمة الله عليه فرمايو آهي:

"نبوت ملڻ کان اڳ جناب سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جزيرة العرب جي اپرندي ڪنارن تي لڳندڙ تجارتي ميلن (ميڙن) ۾ شريڪ ٿيندا هئا، ۽ هڪ سال پاڻ سونهارن صلي الله عليه وسلم اتان کان اڳتي سفر ڪري سنڌ جي ڪنهن ميلي ۾ شرڪت فرمائي. والله اعلم(۲). سنڌ کي اها سعادت به نصيب ٿيل آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زبان مبارڪ تي سنڌ ۽ سنڌ جي هڪ قبيلي جو نالو آيل آهي. اُهي لفظ مبارڪ هيءُ آهن: "كانه رجال من الزط" (۳) "جٽ ته اهو جتن جي مردن (قبيلن) مان هو." پيءَ روايت موجب رسول الله صلي الله عليه وسلم جن پنهنجو خط مبارڪ، پنجن صحابن سڳورن هٿان سنڌ جي رهواسين ڏانهن موڪليو هو. انهن صحابن سڳورن جي هٿن تي سنڌين کلي عام اسلام آندو. (۴)

ان کانپوءِ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي زماني مبارڪ ۾ ته باقاعده طور تي صحابن سڳورن هن سرزمين کي پنهنجي فيض ۽ انوار سان رنگي ڇڏيو ۽ سنڌ عربستان سان مضبوط ۽ اٽ ٽٽ لاڳاپن جي بنڌڻ ۾ ٻڌجي وئي. سنڌ ۾ آيل صحابن رضي الله عنهم جا نالا

---

(۱) رجال السند والهند الي القرن السابع قاضي اطهر مبارڪپوري ج ۱ ص ۳۴.

(۲) ڊاڪٽر اسرار احمد: استحڪام پاڪستان اور مسئله سنده ص ۲۳.

(۳) امام بخاري: صحيح بخاري، ڪتاب الانبياء ج ۱ ص ۴۸۹.

(۴) علامه سيوطي: جمع الجوامع بحواله خلافت راشده اور هندستان ص ۳۲.

Marfat.com

مبارک هي آهن:

(١) حضرت حڪم بن ابي العاص رضي الله عنه (٢) حضرت حڪم بن عمر ثعلبي رضي الله عنه (٣) حضرت خريت بن راشد السامي رضي الله عنه (٤) حضرت ربيع بن زياد الحارثي رضي الله عنه (٥) حضرت سنان بن سلمة بن المحبق الهذلي رضي الله عنه (٦) حضرت سهل بن عدي الانصاري رضي الله عنه (٧) حضرت صحار بن عباس العبدي رضي الله عنه (٨) حضرت عبدالله بن عبدالله انصاري رضي الله عنه (٩) حضرت عبيدالله بن معمر التيمي القرشي رضي الله عنه (١٠) حضرت عثمان بن ابي العاص الثقفي رضي الله عنه (١١) حضرت عمير بن عثمان بن سعد رضي الله عنه (١٢) حضرت مغيره بن ابي العاص رضي الله عنه فاتح ديبل (١٣) حضرت منذر بن الجارود العبدي رضي الله عنه (١٤) حضرت عاصم بن عمرو تميمي رضي الله عنهم اجمعين. (١)

سنڌي عالم

صحابن سڳورن کانپوءِ جڏهن علم حديث جي تدوين جو دور شروع ٿيو تہ اتي بہ اسانکي سنڌي عالم پاڻ ملهائيندي نظر اچن ٿا. "چون ٿا تہ اهو پهريون شخص، جنهن (علم حديث ۾) باقاعدگي سان (فقهي) بابن جي طرز تي حديث جو ڪتاب لکيو، سو بصري جو امام ربيع بن صبيح سنڌي هو. (٢) ان کانسواءِ امام ابومعشر نجيح سنڌي، امام عبدالرحمٰن اوزاعي، بايزيد بسطاميءَ جو مرشد ابوعلي سنڌي، صحيح ابي بکر اسفرائني جو مصنف حافظ ابوبکر سنڌي، "ڪتاب الزهد" جو مصنف امام عبدالله بن حسن سنڌي، اهو پهريون مصنف آهي، جنهن پنهنجي موضوع تي سڀ کان وڏو جامع ڪتاب لکيو آهي. امام مسعود بن شيبه سنڌي ۽ امام ابوالحسن ڪبير سنڌي وغيره ايترا تہ گهٽا ۽ ايڏا تہ وڏا عالم ٿي گذريا آهن، جن جي علمي ڪارنامن سان تاريخ جا سوين صفحا چمڪندڙ آهن. مطلب تہ سنڌ ۽ سنڌي عالمن جي هڪ املهہ ۽ چمڪندڙ پهڪندڙ ۽ تازي تواني تاريخ آهي. سنڌ مان اسلام، علم، تفسير، حديث، فقه ۽ ٻين ديني علمن جا سرچشما جاري ٿيا، جن پري پري تائين ملڪن ۽ ماڻهن کي علم ۽ اسلام جي دولت سان آباد ڪري ڇڏيو.

حضرت مخدوم محمد هاشم ٹٹوي رحمة الله عليه

اها تہ آڳاٽي سنڌ جي شاندار اسلامي عظمت هئي، پر جڏهن اسان بارهين صدي هجريءَ ۾ جهاتي پائي ڏسون ٿا تہ اتي پٺ علم، ادب، تفسير، حديث، فقه، فتويٰ، قضاء، قرئت، احسان، تصوف ۽ بزرگيءَ جي آسمان تي لاڙ جو لعل، حضرت مخدوم محمد هاشم ٹٹوي رحہ چوڏهين جو چند بٽجي چمڪندو نظر اچي ٿو. اسلامي تاريخ ۾ امام غزالي ۽ حافظ جلال الدين

(١) بلاذري: فتوح البلدان ص ٤٢٠، قاضي اطهر: رجال السند والهند ج ٢ ص ٣٢٦ ـ ٣٤٨.
(٢) حاجي خليفه: ڪشف الظنون ج ١ ص ٦٣٧، عسقلاني: تقريب التهذيب ج ١ ص ٢٩٥.

Marfat.com

سيوطيءَ کانپوءِ جيڪو ديني ڪم ۽ اوکا پنڌ پهاڙن جيان تصنيف ۽ تاليف جي اڙانگي ميدان ۾، ديني علمن جي هر فن ۽ شاخ تي، جيڪي املهه ڪتاب چڏيا آهن، سي شايد ئي ٻئي ڪنهن عالم سڳوري لکيا هجن. **۽ فقه حنفيءَ ۾ امام قاضي ابويوسف کانپوءِ مخدوم صاحب اهو پهريون حنفي عالم آهي جنهن کي "قاضي القضاة" جهڙي اهم ملکي ۽ حڪومتي منصب تي ويهڻ جو اعزاز حاصل ٿيو.** هوڏانهن تصوف، احسان ۽ بزرگيءَ جي حوالي سان پاڻ شايد ٻارهين صدي هجريءَ جي اها واحد شخصيت آهن، جو جڏهن پاڻ مڪي جي درِ يتيم، مديني جي ميرِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي بارگاه اقدس ۾ صلاتن ۽ سلامن جو نذرانو پيش ڪيائون تہ ڪيس روضہ اطهر مان جواب مليو: "وعليكم السلام اي محمد هاشم ٹٹي وارا!"

حضرت مخدوم صاحب ننڍي کنڊ جي برڪ ديني عالم امام شاهه ولي الله جا همعصر آهن، ۽ علم ۽ عمل، تصوف ۽ بزرگيءَ ۾ ڪانئس گهٽ هرگز ڪين هئا. پر جيئن چوندا آهن تہ امام اوزاعي، امام ابوحنيفہ ۽ امام مالڪ رحمهم الله جي پائي جو هو. "ولڪن ضيعه التلامذة" پر ڪيس ڪارائتا شاگرد ملي نہ سگهيا، جيڪي سندس علم ۽ فيض کي پکيڙن. شايد ساڳيءَ طرح اسان سنڌين ۾ پنهنجي هيڏي ساري عالم جو قدر نہ ڪيو جو اڄ جي جديد ٽيڪنالاجي دور ۾ ۽ اسان ٻيو تہ ڇهيو پر مخدوم صاحب جي ڪتابن کي ۽ ڇاپي نہ سگهيا آهيون. **اِنَّمَآ اَشْكُوْا بَثِّيْ وَحُزْنِيْٓ اِلَي اللهِ،** جڏهن تہ هندستانين نہ رڳو شاهه صاحب جا ڪتاب ڇپرايا، بلڪ انهن جا شرح شروح ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجما ڪري ڪيس بين الاقوامي فيلسوف ۽ دانشور جي حيثيت ونرائي. نتيجي طور اڄ اهو امام شاهه ولي الله طور جڳ مشهور آهي.

بذل القوة

حضرت مخدوم صاحب جي ڪتابن ۾ بذل القوة کي سيرت جي موضوع تي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. مخدوم صاحب اسلامي تاريخ جو اهو پهريون نرالو نانءُ آهي، جنهن سيرت پاڪ جي موضوع تي جيءَ جي جرڪندڙ جذبن سان نئين ۽ نڪور انداز ۾ سن وار تاريخ لکي. هيءُ ڪتاب ڇا آهي؟ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي سڃي حياتي مبارڪ جي هر ننڍي وڏي واقعي، علم ۽ ڄاڻ جو هڪ خزينو ۽ سيرت جو مڪمل انسائيڪلو پيڊيا آهي. اهڙو عظيم ڪتاب جنهن محنت، تحقيق، ۽ جديد رنگ ڍنگ سان توجہ جو حقدار هو، سنڌ واسين ڪان سا توجہ ان کي حاصل ٿي نہ سگهي هئي.

پر وري ۽ لک شاباسون هجن شڪارپور جي علمي ۽ بزرگ خاندان جي چشم و چراغ، ديني علم ۽ سنڌي ادب جي سڃي پر خاموش خادم پروفيسر سائين اسرار احمد صاحب علوي کي، جو مخدوم صاحب جي هن معرڪة الآراء ڪتاب کي اڄ جي جديد تحقيقي معيار موجب سنڌي ترجمي، تحقيق، تخريج ۽ تقديم سان سنواري سينگاري هڪ خوبصورت سوڪڙيءَ جي

Marfat.com

صورت ۾ اسان سنڌواسين کي پيش ڪري رهيا آهن. بنا ڪنهن وڏاءَ جي چئي سگهجي ٿو تہ بذل القوة جي لکجڻ کان وٺي هن مهل تائين ان جو اهڙو معياري، تحقيقي ۽ سولو سلوٽو ترجمو يا شرح منظرعام تي اچي نہ سگهيو آهي. احقر راقم هن ڪتاب جو سرسري مطالعو ڪيو آهي، جنهن سان هن ڪتاب جون جيڪي خوبيون نڪري نروار ٿيون، سي پيارن پڙهندڙن جي آڏو مختصر نموني عرض ڪجن ٿيون:

(۱) ترجمو: فاضل مترجم عربي ٻوليءَ کي سنڌي زبان جو اهڙو تہ سولو ۽ سهنجو ويس پهرايو آهي، جو اها خبر نٿي پوي تہ هيءُ ترجمو آهي يا اصل ڪتاب.

(۲) تقديم: منڌ ۾ هڪ شاندار علمي ۽ تحقيقي مقدمو، جنهن سان سيرت پاڪ جو موضوع، حضرت مخدوم صاحب جي سوانح حيات ۽ بذل القوة جو سيرت جي موضوع تي مرتبو ۽ مقام چٽو ٿيو پوي.

(۳) اصطلاح: اصل عربي ڪتاب ۾ آيل اصطلاحن جو اصلي بڻ بنياد اهڙي تہ دلچسپ انداز سان بيان ڪيو ويو آهي، جو هر سطح جو ماڻهو نهايت سولائي سان ان جو مطلب سمجهي وڃي.

(۴) لغت: ڏکين عربي لفظن جي لفظي ۽ لغوي تحقيق ۽ چندڇاڻ اهڙي تہ مدلل نموني سان ڪئي اٿس، جو لغت جي بنيادي ماخذن کي کولڻ ۽ ڳولهڻ جي تڪليف کان بچائي وڏو اٿس.

(۵) اماڪن: جتي بہ ڪنهن ماڳ، مڪان، جاءِ، ڪوهہ، چشمي، ڳوٺ ۽ شهر وغيره جو نالو آيل آهي، ان جي پڙهندڙن جي آڏو اهڙي تہ پيرائتي ڇاڻ رکن ٿا، جو اهو خود محسوس ڪندو تہ آئون ڇڙ تہ ان ماڳ ۽ مڪان کي اکين سان ڏسي رهيو آهيان. تنهنڪري علوي صاحب حجاز جي مقدس سرزمين جي سفر ۾ اسانکي ساڻ ڪنيو پيو وتي.

(٦) اعلام: عربي ڪتاب ۾ جنهن بہ صحابي سڳوري، تابعي، تبع تابعي، مفسر، محدث، سيرت نگار يا ڪنهن بہ شخص جو نالو آيو آهي، ڪوٺا سسٽم جي اصول موجب ان شخص جي حيثيت ۽ مرتبي آهر سندس سوانح، ڪارنامن، ڄمڻ ۽ وفات وغيره جي تاريخ ڏيڻ ٿا. اهڙيءَ طرح هيءُ ڪتاب سيرت سان گڏ علم "اسماء الرجال" جو هڪ خوبصورت ڳٽڪو ٿي پيو آهي. سو بہ وري هر ڳالهہ مدلل ۽ ان جا اڪيچار حوالا.

(۷) تحقيق، تخريج ۽ شرح: مخدوم صاحب، جن ڪتابن تان مواد ورتو هو، تنهن زماني جي رواج موجب رڳو ڪتاب جو نالو لکيو اٿس، سائين علوي صاحب اڄ جي تحقيقي انداز موجب نہ رڳو ان ڪتاب جو مڪمل حوالو، بلڪ پين بنيادي ماخذن تان بہ حوالا نقل ڪري ان واقعي وغيره بابت هڪ جامع معلومات سهيڙي آهي.

(۸) مدلل رهنمائي: جنهن بہ شخص، ماڳ، واقعي ۽ قصي بابت ڇاڻ ڏيڻ ٿا تہ آخر ۾

Marfat.com

پڑهندڑن جي آڏو ان سان لاڳاپيل مواد جي نشاندهي ڪندي ڏڳ ۽ ڏير حوالا رکن ٿا، ته جيئن وڌيڪ تحقيق، ڄاڻ ۽ مطالعي جا شوقين حضرات نهايت سولائي سان پنهنجو گوهر مقصود ماڻي سگهن.

(۹) تخريج: اصل ڪتاب ۾ آندل، هر حديث، هر قول ۽ شعر وغيره جي چنڊچاڻ ڪن ٿا ته هيءَ حديث ڪهڑي درجي جي آهي ۽ ڪهڑن ڪهڑن ڪتابن ۾ آيل آهي، يا اهو قول ۽ شعر وغيره ڪنهن جو آهي، مدلل ۽ حوالن سان اها حديث وغيره لکن ٿا.

(۱۰) رحمة للعالمين ﷺ جن جي ڪافرن سان ڪيل لڙاين جا تفصيل: جديد سائنٽيفڪ انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن، جهڙوڪ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي ۲۸ غزوات جو هڪ مڪمل چارٽ ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ غزوه جو نالو، مقصد، لڙائي جو ماڳ، مسلمانن جو تعداد، تاريخ، مديني منوره ۾ جانشين، نتيجو جا عنوان ڏئي اسان جي آڏو قيمتي معلومات رکي اٿن. اهڙيءَ طرح ۵۴ سرايا جو چارٽ آهي. هيءُ چارٽ هر مجاهد مسلمان جو زاد راهه آهي. منهنجي خيال موجب هن چارٽ کي وڏي اشتهار جي صورت ۾ ڇپائي هر مسلمان گهر جي زينت بڻائجي. تلک عشرة کاملة.

الله تعاليٰ کان دعا آهي ته سائين علوي صاحب ياران پيار ۽ پابوهه، ادب ۽ احترام، اخلاص ۽ احسان سان ڪيل هيءُ پورهيو سڀني مسلمانن لاءِ لاڀائتو بڻجي ۽ هن ڪتاب سان سنڌ ۾ هدايت ۽ نور جون لاٽون ۽ واٽون ڪلن. ۽ پڻ دعا آهي ته الله تعاليٰ علم جي هن سچي خادم کي علم، عمل صالح، احسان ۽ اخلاص جي دولت سان مالامال فرمائي ۽ اسان سڀني کي پنهنجي رضا جي ڪمن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اللهم آمين.

احقر العباد

محمد رمضان ڦلپوٽو عفي عنه الرحمٰن
استاذ
مدرسه عربيه مظهر العلوم حماديه ڪهڙا
تعلقو گمبٽ، ضلعو خيرپور

۱۳ رجب المرجب ۱۴۲۴ هـ
۱۱ سيپٽمبر ۲۰۰۳ م
بڪرة يوم الخميس

Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

تقديم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الذي زين سماء الاذكار، بالصلاةِ علي النبيِّ المختَارِ، وأطلَعَ مِنْ سَنا أنوارِها مَطْلَعَ الشمُوس والأقمار، وابرز من عُروشِ أزاهر نَشْرها أَرِيجَ الطِّيب والأَزْهَارِ، وجعلها وسيلة معينة لِقضَاء الأوطارِ وشفاءِ الأعرار ومَحْوِ الذُّنوبِ والأوزار، وأشهدُ أن لا إله الا اللّٰهُ وَحْدَه لاشريك له الواحدُ القهار رب السمٰواتِ والأرضِ وما بينَهما العزيزُ الغَفَّار وأشهدُ أن سيِّدنا و مولانا محمدًا عبدُه ورَسُولهُ كنزُ الادِّخار والمبعوثُ بالبِشَارِة والإنذارِ لكل فاجِرٍ و بارٍّ صلي الله عليه وعلي آلهٖ وصحبهٖ صلاة دائمة التكرارِ، تدُومُ بدَوَامِ الليلِ والنهارِ، والعَشِيِّ والإبكارِ، وسلم تَسليمًا كثيراً.

نبوت ۽ ان جي ضرورت

ساري ساراه الله واحد کي جڳائي، جنهن جهانن جي جوڙ جوڙي ۽ لکين صلواتون ۽ درود مٿڙي محمد کريم صلي الله عليه وسلم مٿان پڙهجن جيڪي جهانن جي رحمت، اسانجا هادي ۽ رهبر آهن. اما بعد:

کائنات جي خالق هن دنيا ۾ جيڪا به مخلوق پيدا ڪئي آهي، ان ۾ سڀ کان وڌيڪ شان ۽ شرف وارو حضرت انسان آهي، جنهنکري الله تعاليٰ ان کي هن زمين تي پنهنجو نائب مقرر کيو. ان لاءِ کيس عقل ۽ فهم، زبان توڙي بيان جي نعمتن سان نوازيو تہ جيئن هو پنهنجي ڳالهہ پين تائين پهچائي ۽ سمجهائي سگهي. هاڻي جيڪو انسان الله تعاليٰ کي پنهنجو خالق ۽ مالڪ سمجهي ٿو تہ ان کي ان ڳالهہ ۾ به ويساهہ رکڻ کپي، تہ دنيا ۾ کوبہ نائب پنهنجي مرضيءَ مطابق زندگي گذارڻ جو اختيار نہ رکندو آهي پر هو پنهنجي آقا طرفان مليل حڪمن مطابق هلڻ جو پابند هوندو آهي ۽ ان ۾ ئي سندس لاءِ پلائي ۽ برڪت هوندي آهي.

الله تعاليٰ طرفان پنهنجي سيني پانهن ڏانهن اهڙا احڪام پهچائڻ لاءِ هر دور ۾، هر علائقي ۾ ۽ هر قوم ڏانهن هادي ۽ رهبر ايندا رهيا آهن، جن کي عام اصطلاح ۾ نبي يا رسول سڏيو ويندو آهي، جيڪي پنهنجي فطرت ۾ معصوم هوندا آهن ۽ دنيا وارن کي بنا کنهن غرض ۽ لالچ، اجر ۽ معاوضي جي ان سڏي رستي تي هلڻ جي دعوت ڏيندا آهن، جنهن تي هلڻ وارا دنيا توڙي آخرت جون کاميابيون ۽ کامرانيون حاصل ڪري سگهن ٿا پر سڀ کان پهريان اهي داعي ان دعوت تي پاڻ مڪمل طور عمل ڪندا آهن ۽ پوءِ پين ڏانهن متوجہ ٿيندا آهن.

Marfat.com

تاريخ ٻڌائي ٿي ته گهٽي ياڻي الله جي حڪم مطابق انهن حق جي هوڪي ڏيڻ وارن کي اڪثريت طرفان ڏاڍي ڏکي موت ملنديٰ آهي، جڏهن ته کي ٿورڙا شخص ئي سندن تائيد لاءِ به تيار ٿيندا آهن، پوءِ جيڪو انسان ان هادي ۽ سندس هدايت کي رهنما بڻائي زندگي گذاريندو ته ڪيس دنيا توڙي آخرت ۾ ڪاميابي نصيب ٿيندي پر جيڪو شخص ان فطري هدايت کان منهن موڙي زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪندو ته اهو ٻنهي جهانن ۾ پنهنجي زندگيءَ جو حقيقي مقصد حاصل ڪري نه سگهندو.

اها حقيقت آهي ته انسان صدين تائين جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪري هن ڪائنات ۾ زمين، آسمان، چند، ستارن، مختلف سيارن، سمندن، هوائن ۽ فضائن بابت تمام وسيع پيماني تي يقيني علم حاصل ڪري چڪو آهي ۽ انهيءَ علم توڙي ان جي نتيجي ۾ حاصل ڄاڻ جي بنياد تي هن جيڪي هوشربا ايجادون ڪيون آهن، انهن سندس اعتماد ۾ تمام گهٽي پختگي پيدا ڪئي آهي پر پوءِ به خود پنهنجي ذات بابت انساني علم نهايت محدود ۽ اڻپورو آهي. بي پناهه سائنسي ايجادون ۽ آسائشون جيئن وڌنديون رهيون آهن، تيئن انسان جي پريشانين ۾ به اضافو ٿيندو رهيو آهي ۽ موجوده دور ۾ ته وڌيڪ ترقي يافته ملڪن جا ماڻهو پنهنجي زندگيءَ کي جيترو غير محفوظ هاڻي سمجهي رهيا آهن اوترو شايد ڪڏهن به نه سمجهندا هئا. پيو ته ڇڏيو پر جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ماهر ملڪن جا حڪمران پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي گهرن ۾ پاڻ کي غير محفوظ تصور ڪري رهيا آهن، جنهن ڪري ڪڏهن ته هو پنهنجي محلاتن جا بيڊروم ڇڏي، ڪن خفيه جاين تي وڃي راتيون گذارين ٿا. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ماڻهن کي گهرن اندر رهڻ جي هدايت ڪن ٿا ته ڪڏهن وري بنا پروگرام جي ڪنهن اڻ ڄاتل خوف کان ڊڄي پنهنجي شهرن جا اسڪول ۽ آفيسون وغيره کين بند ڪرڻا پون ٿا يعنيٰ اهي ڪمپيوٽرائزڊ سيڪيورٽي نيٽ ورڪ ۽ بايو واچ سسٽم سندن ئي نظر ۾ هيچ ۽ ناڪافي ٿيو پون؛ جڏهن ته دنيا جي هڪ عام اصول مطابق هڪ عام ماڻهو به پنهنجي گهر ۾ ئي پاڻ کي وڌيڪ محفوظ سمجهندو آهي، پوءِ اها ڪهڙي ترقي ڇڄي جو دنيا جي هڪ وڏي حصي کي پنهنجي مرضي مطابق هلائڻ وارا پنهنجن گهرن ۾ پنهنجي مرضي مطابق نه رهي سگهن؟ هڪ دائمي بي اطميناني انسانيت مٿان مسلط آهي، جنهن کان نجات جو ڪو ذريعو نظر نٿو اچي. اهو ان ڳالهه جو ڪليل ثبوت آهي ته الله تعاليٰ جي ڏسيل واٽ ۽ نبين طرفان ٻڌايل پيغام کان منهن موڙي انسان صرف پنهنجي عقل تي اعتبار ڪري زندگيءَ جو حقيقي مقصد ڪڏهن به حاصل ڪري نه سگهندو، ڇو ته جتي عقل جي حد ختم ٿئي ٿي اتان نبوت جي سرحد شروع ٿئي ٿي. اهوئي سبب آهي ته الله تعاليٰ اهڙن پٽڪيل انسانن جي رهنمائيءَ لاءِ نبوت ۽ رسالت جو سلسلو شروع ڪيو.

Marfat.com

نبوت جو آغاز ۽ تڪميل

اسانجي ديني نظريي مطابق ان سلسلي جو آغاز دنيا جي پهرين انسان حضرت آدم عليه السلام کان ٿيو ۽ اسان جي پياري پيغمبر ﷺ جن جي ذات بابرڪات تي اچي ختم ٻه ٿيو ته مڪمل ٻه.

هاڻي الله تعاليٰ جڏهن پنهنجي دين کي ٻه مڪمل ڪيو ۽ نبوت جيٰ سلسلي جي ٻه تڪميل ڪري ڇڏي ته پوءِ قيامت تائين نه ڪنهن بي دين جي ضرورت رهي نه ڪنهن نبيءَ يا رسول جي.

ان مان ثابت ٿئي ٿو ته نبي ڪريم ﷺ جن جو پيغام ۽ سيرت دنيا جي هر انسان لاءِ زندگيءَ گذارڻ جو هڪ اهڙو جامع ۽ مڪمل منشور آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ وارو هر انسان دنيا ۽ آخرت جون ڪاميابيون حاصل ڪري سگهندو ۽ اهو منشور دنيا جي آخري انسان تائين ڪارگر ۽ ڪارآمد رهندو. تڏهن ته امام ابن شهاب زهريءَ ٻڌايو آهي ته "پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي مغازيءَ ۾ دنيا توڙي آخرت جو هر علم موجود آهي". (١)

لفظ سيرت. ان جي معنيٰ ۽ استعمال

سيرة عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جو مادو "سارَ" ٻڌايو ويو آهي ۽ ان مان "سيرة" ڪانسواءِ سَيراً، تسياراً، مَسَاراً، مَسيرَه وغيره لفظ ٻه ڦٽي نڪتا آهن. (٢)

سيرة جو جمع سِيرَ آهي، جهڙيءَ طرح سِدرَه جو جمع سِدَر ٿئي ٿو.

معنيٰ: ـ ابن منظور افريقيءَ لغت جي شهره آفاق ڪتاب "لسان العرب" ۾ لفظ "سيرة" جي معنيٰ هلڻ، گهمڻ، ڦرڻ ٻڌائي آهي. (٣) جڏهن ته سيد مرتضيٰ زبيديءَ طرفان هن لفظ جي معنيٰ هيئت ۽ حالت وغيره ٻه ٻڌائي ويئي آهي. (٤) اهڙيءَ ريت "لاروس" جي مصنف وري "سيرة" جي معنيٰ مذهب ۽ طريقو ٻه لکي آهي. (٥)

مختلف لغوي ۽ دائرة المعارف جا مقالہ نگار مٿين معنائن سان گڏ هن لفظ جون ٻيون ٻه ڪيتريون ئي معنائون ٻڌائين ٿا جيئن ته وڃڻ، روانو ٿيڻ، سنت، ڪردار، ڪهاڻي، گذريل هستين جا قصا يا انهن بابت خبرون، وغيره. (٦)

قرآن شريف ۾ ٻه هڪ جاءِ تي لفظ "سيرة" پنهنجي لغوي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي،

---

(١) بحوالہ مقدمہ "المواهب اللدنيہ" صالح شامي، ج ١ ص ٨.

(٢) المعجم الوسيط ابراهيم مصطفيٰ، احمد حسن زيات وغيره ص ٤٦٧.

(٣) لسان العرب "ابن منظور" ج ٦ ص ٤٥٥.

(٤) تاج العروس سيد مرتضيٰ زبيدي ج ١٢ ص ١١٧.

(٥) لاروس ڊاڪٽر خليل ص ٦٨٨.

(٦) دائرة المعارف القرن العشرين محمد فريد وجدي ج ٥ ص ٣٤٦. دائرة المعارف (اردو) ج ١١ ص ٥٠٥. دائرة المعارف (عربي) بطرس بستاني ج ١١ ص ٣٠٧.

Marfat.com

جڏهن فرعون جي دربار ۾ الله تعاليٰ سيدنا موسيٰ عليه السلام کي حڪم ڏنو تہ هو پنهنجي لٺ کي اڇلائي ۽ پوءِ اهـا لٺ نانگ ٿي پـجڻ لڳي، ان موقعي تي الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليه السلام کي لٺ ۾ هٿ وجهڻ جو حڪم ڏنو ۽ فرمايائين: **سَنُعِيْدُهَا سِيْرَتَـهَا الْاُوْلٰي** (۱) تہ اسان ان کي موٽائيندا سون سندس اصلوڪي حالت ۾.

ان جاءِ تي سيرة جو لفظ "حالت" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي، اهڙي ريت ساڳئي مادي مان نڪتل هڪ ٻيو لفظ "سيرو" امر جي حالت ۾ بہ قرآن مجيد ۾ ڪن جاين تي آيل آهي، جيئن: **سِيْرُوْا فِـي الْاَرْضِ** (۲) هتي اهو لفظ گهمڻ ڦرڻ يا ڏسڻ وائسڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي.

لغت جي هڪ ٻئي ڪتاب "اَلـمُغرَب" ۾ ڄاڻايل آهي تہ لفظ سيرت عام طور غزوات ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين ڳالهين تي لاڳو ٿئي ٿو پر مناسڪ حج کي بہ ان ۾ شامل ڪيو ويو آهي. (۳)

فقه جي اصطلاح ۾ وري اهو لفظ ٻين الاقوامي قانون لاءِ بہ استعمال ٿئي ٿو، انڪري امام محمد بن حسن شيبانيءَ جي اهڙي موضوع وارن ڪتابن کي "السير الصغير" ۽ "السير الڪبير" جو نالو ڏنو ويو آهي.

مٿين بحث مان خبر پوي ٿي تہ لفظ سيرة جون لغوين، فقيهن ۽ قانون دانن طرفان نہ فقط مختلف معنائون ٻڌايون ويون آهن پر مختلف علوم تي ان لفظ جو اطلاق بہ ڪيو ويو آهي. باقي سندن اهو ڪم مخصوص ۽ محدود دائري اندر ٿيل آهي. جڏهن تہ ان لفظ جو وسيع استعمال مؤرخن، محدثين، سيرت نگارن ۽ اسماء الرجال جي ماهرن وٽ ئي نظر اچي ٿو.

مغازي کان سيرت تائين

ابتدائي دور ۾ سيرت نگارن پاران اسان جي نبي سڳوري ﷺ جي زندگيءَ بابت لکيل ڪتابن کي مغازي سڏيو ويندو هو. اهو لفظ "غزوه" مان نڪتل آهي. هاڻي جيئن تہ ان دور جي لکيل ڪتابن ۾ گهڻي ڀاڱي "غزوات" جو احوال ئي بيان ڪيو ويندو هو، انڪري اهڙن ڪتابن لاءِ اهو نالو مناسب سمجهيو ويو. پر پوءِ اڳتي هلي ان قسم جي ڪتابن ۾ غزوات سان گڏوگڏ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي زندگيءَ سان لاڳاپيل ٻيا واقعا بہ بيان ٿيڻ لڳا، پر پوءِ بہ عام طور اهڙن ڪتابن کي مغازيءَ جي نالي پٺيان ئي سڏيو ويندو هو، جيئن مغازي عروه ابن زبير، مغازي ابن شهاب زهري، مغازي ابن ابي شيبہ وغيره، جڏهن تہ سيرة جو لفظ گهڻو پوءِ استعمال ٿيو.

ان ڳالهہ ۾ محققن ۽ نقادن جو اختلاف رهيو آهي تہ اهو لفظ سڀ کان پهريان ڪڏهن استعمال ٿيو؟ ان ڏس ۾ اڪثريت جي راءِ اها آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي زندگيءَ بابت

---

(۱) سوره طـه آيت ۲۱ پاره ۱۶.

(۲) سوره الانعام ۱۱، پاره ۷.

(۳) بحوالہ دائرة المعارف (اردو) ج ۱ ص ۵۰۶.

Marfat.com

لکيل ڪتابن لاءِ مغازيءَ سان گڏوگڏ لفظ سيرة جو استعمال پي صدي هجريءَ تائين رائج ٿي چڪو هو. اسان قديم ڪتابن مان عام طور ابن اسحاق جي ڪتاب کي "سيرة" سڏيندا آهيون پر حقيقت ۾ ان ڪتاب جو نالو "ڪتاب المبتدا والمبعث والمغازي" آهي، نڪي "سيرة ابن اسحاق".

هن دور جي عظيم عالم ۽ مجيل محقق ڊاڪٽر حميدالله مرحوم طرفان به هن ڪتاب جو اهڙو ئي نالو ٻڌايو ويو آهي.

ڪن محققن ۽ نقادن جو اهو به خيال آهي ته سڀ کان پهريان ابن هشام (٢١٨ هـ) پنهنجي ڪتاب لاءِ سيرة جو لفظ استعمال ڪيو هو. منهنجي راءِ مطابق اها ڳالهه به صحيح نه آهي، ڇو ته ابن هشام کان اڳڪل هڪ صدي اڳ به ان لفظ جي استعمال جا اهڃاڻ اسان کي ملن ٿا.

پي صدي هجريءَ جو مشهور سيرت نگار سليمان بن طرخان تيمي (١٤٣) "السيرة الصحيحة" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو هو، ان ڪتاب جا ستهتر ٧٧ صفحا مشهور مستشرق "فان ڪريمر" کي هٿ آيا هئا، جنهن ١١٥٦ع ڌاري پهريون ڀيرو جڏهن واقديءَ جي ڪتاب المغازيءَ جو هڪ نامڪمل نسخو ڪلڪتي مان شايع ڪرايو ته ان جي پويان ابن طرخان جي هن نايات ڪتاب جا ستهتر صفحا به ڇپرايا هئائين. (١)

سن پي صديءَ ڌاري هڪ ٻئي بي بدل عالم ۽ محدث ابو اسحاق فزاريءَ (١٨٦ هـ) به "ڪتاب السير" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو هو، جيڪو ١٩٧٨ع ڌاري بيروت مان شايع ٿيو. هن ڪتاب بابت امام شافعي فرمايو هو: "سيرت جي موضوع تي ابواسحاق جهڙو ڪتاب ڪنهن ٻئي شخص نه لکيو آهي." (٢)

ان کان علاوه ابن نديم پنهنجي مشهور ڪتاب "الفهرست" ۾ محمد بن عمر واقديءَ جي ڪتابن جي جيڪا فهرست ڏني آهي، ان ۾ "ڪتاب السيرة" نالي سندس هڪ تصنيف جو به ذڪر ڪيو اٿس، جيڪو "ڪتاب المغازي" کان جدا هڪ ٻيو ڪتاب آهي. (٣) پر جيئن ته اهي ڪتاب ڪجهه سال اڳ تائين عوام جي هٿن ۾ نه پهتا هئا ۽ "سيرة ابن هشام" پهريون ڪتاب هو، جيڪو سڀ کان اڳ هر هنڌ پهچي چڪو هو، انڪري ان کي اهو پهريون ڪتاب سمجهيو ويو جنهن جو نالو مغازيءَ بدران "سيرة" هو پر حقيقت ائين نه هئي!

سن ٽين صدي هجريءَ ڌاري اسان جي محدثن وٽ به اسان کي ان لفظ جو استعمال نظر اچي ٿو، جيئن امام مسلم پنهنجي صحيح ۾ سرور عالم ﷺ جن جي جهادي ڪارروائين واري باب جو عنوان "ڪتاب السير والجهاد" مقرر ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح امام ابن حجر

(١) سيرة سيد الانام (ﷺ) ڊاڪٽر سيد جعفر مصطفيٰ ج ١ ص ٧٢.
(٢) ڪتاب السير "ابواسحاق" ص ٣.
(٣) الفهرست "ابن نديم" ص ١٢٨.

Marfat.com

عسقلانيءَ طرفان "فتح الباري" ۾ اهڙي ئي باب کي "کتاب المغازي والسير" جو عنوان ڏنو آهي، ۽ پوءِ آهستي آهستي وقت گذرڻ سان گڏ اهو لفظ ايترو ته مقبول ۽ معروف ٿي ويو جو لفظ مغازيءَ جو استعمال گهٽجي ويو. اسان جي کجهه عالمن وري "سيرت" جي لفظ کي اجان به وسيع معنيٰ ۾ استعمال کيو آهيْ، جيئن سيرت جي تعريف برصغير جي مشهور عالم، فقيه ۽ محدث شاه عبدالعزيز دهلويءَ کئي آهي ته "جيکي کجهه اسانجي پياري پيغمبر صلی الله علیه وسلم، صحابي سڳورن ۽ سندن آل عظام جي مبارک وجود بابت لکيو وڃي يا پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم جن جي جمڻ کان وٺي وصال تائين واقعات بيان کيا وڃن، ان کي سيرت چيو ويندو آهي." (۱)

اهوئي سبب آهي ته کڏهن کڏهن سرور عالم صلی الله علیه وسلم جن کان علاوه صحابي سڳورن يا پين نيک هستين بابت لکيل کتابن کي به سيرة سڏيو ويندو آهي، جيئن ته سير الصحابه، سيرة عائشه ۽ سيرة نعمان وغيره پر پوءِ به مطلق سيرة صرف نبي اکرم صلی الله علیه وسلم جن جي احوال کي ئي سڏيو ويندو ۽ هاڻي ته اهو لفظ پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم جن جي زندگيءَ لاءِ ئي خاص ٿي چکو آهي.

نبي سائين صلی الله علیه وسلم جن جي زندگي ۽ قرآن

الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ کتاب ۾ پنهنجي پياري پيغمبر صلی الله علیه وسلم جن جي زندگيءَ کي "اسوه" سڏيو آهي.

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِي رَسُوْلِ اللهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ (۲)

ترجمو: بيشڪ اوهان جي لاءِ خدا جي رسول (صلی الله علیه وسلم) جي ذات ۾ هڪ بهترين نمونو آهي.

لفظ اسوه جي عام معنيٰ ته طريقو يا نمونو ئي آهي پر هن لفظ جي معنيٰ راغب اصفهانيءَ پنهنجي مشهور کتاب "مفردات" ۾ هن ريت بيان کئي آهي:

"اسوه انسان جي ان حالت کي چيو ويندو آهي، جيکا هو کنهن ٻئي انسان جي پيروي کندي اختيار کري، پوءِ اها حالت پلي هجي يا بري. (۳)

ان مان معلوم ٿيو ته لفظ "اسوه" ۾ پاڻ مرادو "پيرويءَ" جو مفهوم پوشيده آهي. هاڻي وري جڏهن ان سان حسنة جي صفت کي به جوڙيو ويو ته پوءِ ڄڻ ان اسوه جي پيرويءَ جي تاکيد کئي ويئي، ان کري هاڻي انسانن لاءِ اها پيروي لازمي ۽ ضروري ٿي پيئي.

مٿينءَ آيت کانسواءِ قرآن پاڪ ۾ پين جاين تي به اهڙا حڪم ڏنا ويا آهن، جن مان پروڙ

---

(۱) عجالہ نافعہ (فارسي) شاه عبدالعزيز دهلوي ص ۱۴.

(۲) سورة الاحزاب آيت ۲۱ پاره ۲۲.

(۳) مفردات الفاظ القرآن ابوالقاسم راغب اصفهاني ص ۱۴۰.

Marfat.com

پوي ٿي ته نبي سڳوري ﷺ جن جي پيروي انسان لاءِ کو اختياري معاملو نه پر الله تعاليٰ جو واضح حڪم آهي، جنهن تي عمل نه ڪرڻ وارو گناهگار ۽ نافرمان ليکيو ويندو، ڇو ته الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ (١)

ترجمو: فرمانبرداري ڪيو الله جي ۽ فرمانبرداري ڪيو الله جي رسول (ﷺ) جي.

هڪ ٻيءَ جاءِ تي وري سورة النساء جي آيت ٨٠ ۾ ته هينئن به ٻڌايو ويو آهي:

مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ

ترجمو: جنهن فرمانبرداري ڪئي رسول (ﷺ) جي ته ڇڙ هن فرمانبرداري ڪئي الله جي.

مطلب ته نبي ڪريم ﷺ جن جي اطاعت خود الله تعاليٰ جي اطاعت آهي. ان مان اها ڳالهه صاف ظاهر ٿئي ٿي ته نبيءَ ﷺ جي اطاعت ڪرڻ مؤمن مڙان ائين ئي فرض آهي، جيئن خود الله تعاليٰ جي اطاعت فرض آهي. ڇو ته نبيءَ جو ڪوبه ڪم الله جي حڪمن جي مخالف نه پر عين مطابق هوندو آهي.

انبياء عليهم السلام کي الله تعاليٰ دنيا ۾ رڳو ان لاءِ مبعوث نه ڪيو آهي ته هو الله جي بندن تائين الله جو پيغام پهچائي پوءِ نبوت جي ذميواريءَ کان آجا ٿي ويهي رهن پر انهن جي مڙان اهو به لازم هوندو آهي ته ان پيغام جي هرهڪ شق کي سپ ڪان اول هو پنهنجي مڙان ذري پرزي لاڳو ڪن ۽ پوءِ ٻين تائين اهو پيغام پهچائين ته جيئن ٻڌڻ وارا ٻڌڻ سان گڏ ان حڪم جي عملي صورت جو به مشاهدو ڪري سگهن. ان ڪري انبياء عليهم السلام جي اطاعت هر امت مڙان فرض رهي آهي، جيئن ڪلام پاڪ ۾ ٻڌايو ويو آهي:

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا لِيُطَاعَ بِاِذْنِ اللّٰهِ (٢)

ترجمو: - ۽ اسان موڪليا جيڪي رسول ته انهن جي پيروي ڪئي وڃي، الله جي حڪم سان.

تڏهن ته پهرين وحيءَ جي موقعي تي جبرئيل عليه السلام، پاڻ ڪريمن ﷺ کي رڳو سوره علق جون ابتدائي آيتون ٻڌائي واپس نه ويو پر اهي آيتون زباني طور ڪائنس پڙهايون به ته کين ياد به ڪرايون، جنهن ڪانپوءِ اهي آيتون پاڻ سڳورن ﷺ ٻين تائين پهچايون. اهڙيءَ ريت وضوءَ ۽ نماز جو حڪم به زباني نه هو پر رسول خدا ﷺ جن آڏو جبريل عليه السلام پهريان پاڻ وضو ساري وضوءَ جي ترتيب ۽ طريقو ٻڌايو. جنهن ڪانپوءِ ان طريقي ۽ ترتيب سان سرور ڪائنات ﷺ جن وضو ساريو. اهڙيءَ ئي ريت جبريل نماز جو طريقو به ٻڌايو، جنهن موجب

---

(١) سورة النساء آيت ٥٩.

(٢) سورة النساء آيت ٦٤ پاره ٥.

Marfat.com

پاڻ سڳورن ﷺ جن پهريان پاڻ نماز ادا فرمائي ۽ پوءِ پنهنجي گهر اچي ام المؤمنين سيده خديجة الكبريٰ رضي الله عنها ۽ سيدنا علي رضي الله عنه وغيره کي نماز پڙهائي. اهڙيءَ ريت صاحبِ قرآن جي سموري زندگي قرآن جي تابع رهي آهي. تڏهن ته مؤمنن جي ماءُ سيده عائشه صديقه رضي الله عنها، ڪائنات جي ڪارٽي ﷺ لاءِ فرمايو: **"وَكَانَ خلقهُ القُرآن"** ۽ اهوئي هر دور ۾ ايمان وارن جو عقيدو رهيو آهي. باقي حديث جي منڪرن جي اها بي علمي، ڪم عقلي ۽ بدنيتي آهي، جيڪي نبي انور ﷺ جن جي عمل کي حجت نٿا تسليم ڪن.

دين جي عالمن ۽ قرآن جي شارحن جو اهو عقيدو آهي ته قرآن هڪ تحريري دستور (Theory) آهي، جنهن جي عملي صورت (Practical) سرور ڪونين ﷺ جن جي ذات آهي، جن جو ڪوبه قول ۽ فعل حڪم خداونديءَ کان وار برابر به هيڏي هوڏي هٽيل نه آهي.

پاڻ ڪريمن ﷺ جن کي ولادت کان وصال تائين خالق ڪائنات جنهن رستي تي هلايو اهو ساڳيو رستو هو، جنهن کي پاڻ الله تعاليٰ "صراط مستقيم" سڏيو آهي ۽ اها واٽ نهايت ئي محفوظ ۽ مامون آهي، انڪري پاڻ سڳورا ﷺ ننڍپڻ ۾ به جاهلي دور جي سمورين بداخلاقين ۽ بڇڙين عادتن کان بالڪل پري رهيا ۽ ان دور ۾ به ڪائنئ کو اهڙو ڪم نه ٿيو، جيڪو سندن مرتبي کان ڪمتر هجي. اهوئي سبب هو ته سندن وٽندڙ عادتن ۽ اعليٰ اخلاق سبب نوجوانيءَ واري عمر ۾ به قوم جا پڪي عمر وارا فرد به ڪين صادق ۽ امين جي القاب سان ياد ڪندا هئا ۽ وٽن امانتون رکندا هئا.

بعثت کانپوءِ جڏهن قريش جا چڱا مڙس ۽ سردار سندن دشمن بڻجي بيٺا، تڏهن به اهي سندن ڪا اخلاقي ڪمزوري بيان ڪرڻ جي جرئت نه ڪري سگهيا، ايتري قدر جو ايليا (بيت المقدس) ۾ هجرت جي پنجين سال هرقل اعظم (Heraclius) پنهنجي دربار ۾، سرور عالم ﷺ بابت جڏهن سندن بدترين دشمن ابوسفيان کان پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سچائي بابت پڇيو تڏهن هن وڏي واکي ٻڌايو ته "نبوت کان اڳ به اوهان(ﷺ) ڪڏهن ڪوڙ نه ڳالهايو آهي."

مطلب ته الله تعاليٰ اوهان جي ذات کي اهڙين اعليٰ اخلاقي خوبين سان سينگاريو هو جيڪي هڪ آفاقي ۽ عالمگير مذهب جي داعيءَ لاءِ ضروري هيون. ان سان گڏوگڏ پاڻ ڪريمن ﷺ کي الله تعاليٰ اهڙي فطري ذهانت، ذڪاوت ۽ لطيف احساس وديعت فرمايو، جيڪو هڪ آفاقي شريعت پيش ڪرڻ واري جي طبيعت ۾ هجڻ کپي، اهوئي سبب هو جو پاڻ ڪريمن ﷺ پنهنجي بيمثال ڪردار وسيلي ڪنور قلبن کي نرم ڪري انهن جو تزڪيو ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ خدا جي هيءَ زمين هر قسم جي ظلم ۽ زيادتيءَ، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ کان پاڪ ٿي ويئي.

پاڻ ڪريمن ﷺ جي هر عمل جي تقليد کي دين ۾ سنت جو مقام حاصل آهي، جنهن تي

Marfat.com

عمل ڪري متن ايمان آڻڻ وارن هن زمين کي عبادت گاهه بڻائي ڇڏيو. هڪ حاڪم کان وٺي غلام تائين، عالم کان وٺي طالب علم تائين، سپهه سالار کان وٺي سپاهيءَ تائين، هڪ تاجر کان وٺي مزدور تائين، مجاهد کان وٺي عابد تائين، هرهڪ جي زندگيءَ جو نقشو تبديل ٿي ويو. ان ڪري قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ حضور صلى الله عليه وسلم جن جي زندگيءَ کي قابل تقليد قرار ڏنو ۽ انسان ذات کي ان جي تقليد جي تلقين ۽ تاڪيد فرمائي. حضرت مولانا ابوالڪلام آزاد هڪ جاءِ تي لکيو آهي ته "قرآن ۽ نبي سائين صلى الله عليه وسلم جن جي زندگي ساڳي شيءِ آهي، قرآن متن آهي ته سيرة ان جي تشريح ۽ قرآن علم آهي ته سيرة ان جو عمل.

ان ڪري انسانيت جي سمورن اهنجن ۽ آزارن جو علاج ان سيرت جي مطالعي ۾ ئي ملي سگهندو." (۱)

مولانا جي متين بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته هر متن لاءِ تشريح جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. ان ڪري خدا تعاليٰ جي آخري ڪتاب جي تشريح لاءِ به هڪ اهڙيءَ هستيءَ جي ضرورت هئي، جنهن جي ذات هر شڪ شبهي کان مٿانهين، هر عيب ۽ بشري ڪمزوريءَ کان پاڪ هجي ۽ ان جو هر قول سَنَد ۽ هر فعل حجت جي حيثيت رکندو هجي.

ظاهر آهي ته اها اعليٰ ۽ ارفع هستي ان کانسواءِ بي ڪهڙي ٿي سگهي پئي، جنهن جي ذات بابرڪات کي الله تعاليٰ جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو ۽ ان جي نبوت ۽ شريعت جي سلسلي کي قيامت تائين باقي رکيو ۽ جنهن جي باري ۾ الله تعاليٰ پاڻ فرمايو:

مَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ وَمَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا. (۲)

ترجمو: جيڪي رسول (صلى الله عليه وسلم) اوهان کي آڇي ته اوهان (ڪائنس) وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي منع فرمائي ته ان کان پاسو ڪريو.

الله تعاليٰ جو اهو حڪم قيامت تائين پيدا ٿيندڙ سموري انسانيت لاءِ اهي. هاڻي جيڪو مؤمن ان حڪم جي پيروي ڪندو اهو بنهي جهانن ۾ سرخرو رهندو. سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم جن پاڻ به هڪ حديث ۾ فرمايو آهي:

تَرَكْتُ فِيْكُمْ اَمْرَيْنِ لَنْ تَضِلُّوْا مَا تَمَسَّكْتُمْ بِهِمَا كِتَابَ اللهِ وَسُنَّةَ رَسُوْلِهٖ.

ترجمو: ڇڏيان ٿو اوهان لاءِ به شيون جن کي اوهان سنيالي رکيو ته ڪڏهن به گمراه نه ٿيندؤ، هڪ الله جو ڪتاب، بي سندس رسول (صلى الله عليه وسلم) جي سنت.

متين بحث مان معلوم ٿيو ته پاڻ ڪريمن صلى الله عليه وسلم جن جي سيرت مسلمانن لاءِ ڪيتري اهميت

---

(۱) سيرة ڪے عملي پهلو (اردو) ابوالڪلام آزاد ص ۹.

(۲) سوره "الحشر" آيت ۷ پاره ۲۸.

Marfat.com

رکي ٿي. "اصول فقہ" جي عالمن وٽ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي هر قول توڙي فعل کي دين ۾ قانوني حيثيت حاصل آهي ۽ هنن سنت نبويءَ مان به واجبات، مستحبات، مباهات ۽ مکروهات وغيره مقرر کيا آهن.

سيرت جي انفراديت

نبي کريم ﷺ جي زندگي انسانيت جو کمال ۽ نبوت جي تڪميل آهي ۽ جيڪا جامعيت ان هڪ زندگي جي اندر موجود آهي، ان جو ڪو عڪس به دنيا اندر بي ڪنهن زندگيءَ ۾ نظر اچڻ ممڪن نه آهي.

سرور ڪائنات ﷺ جن جي سيرت پاڪ اندر جيڪا ظاهري توڙي باطني وسعت ۽ گهرائي سمايل آهي، ان کي ڏسي اها ڳالهه آساني سان چئي سگهجي ٿي ته هن سيرت اندر هر دور جي هر انسان لاءِ ايتريقدر جو دنيا جي آخري انسان تائين هڪ مڪمل دستور حيات موجود آهي. هاڻي زمانو جيئن جيئن ترقي ڪندو رهندو تيئن تيئن انسان کي پنهنجي زندگي سنوارڻ ۽ سڌارڻ لاءِ هن سيرت ڏانهن رجوع ٿيڻو پوندو ته جيئن اسان پنهي جهانن ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهون.

الله تعاليٰ طرفان هن زمين تي ڪيئي نبي ۽ رسول موڪليا ويا، جيڪي مختلف وقتن تي مختلف علائقن ۽ قومن اندر مبعوث ٿيندا رهيا. انهن منجهان ڪيترن جي متان الله تعاليٰ پنهنجا ڪتاب به نازل فرمايا پر انهن جو ڪم ان خاص وقت ۽ خاص قوم لاءِ هو، جڏهن ۽ جتي کين موڪليو ويو، پر اسان جي نبي سڳوري ﷺ جن جي اها خصوصيت ۽ سندن نبوت جو ڪمال آهي ته الله تعاليٰ کين جهانن لاءِ رحمت ۽ قيامت تائين پيدا ٿيندڙ انسانيت لاءِ بشير ۽ نذير بڻائي موڪليو ۽ سندن سيرت کي دنيا اندر پيدا ٿيندڙ هر دور جي انسان لاءِ زندگي گذارڻ جو هڪ جامع ۽ مڪمل منشور قرار ڏنو.

ان لاءِ اهو ضروري هو ته ان بي مثال زندگي جي هرهڪ واقعي کي دنيا جي آخري انسان تائين پهچائڻ جو اهتمام هجڻ کپي ۽ اهو ڪو معمولي ڪم نه هو پر الله تعاليٰ ايمان وارن جي دلين ۾ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن جي لاءِ جيڪا محبت ۽ عقيدت پيدا ڪئي هئي، ان جذبي تحت هو پنهنجي ان عظيم رهبر ﷺ جن جي هر حڪم جي تعميل پنهي جهانن لاءِ سعادت جو باعث سمجهندا هئا. انڪري هو سندن هر قول ۽ فعل کي جاچيندا، ويچاريندا ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. پوءِ انهن مان ڪجهه صحابي سڳورا اهي واقعات قلمبند به ڪندا هئا. اهڙيءَ ريت دين، دنيا، ايمان، اعتقاد، علم، عمل، ادب، اخلاق، امانت، قيادت، سياست، معيشت، عدالت، رحمت، جهاد ۽ اجتهاد وغيره جا واقعات هنن نهايت احتياط ۽

Marfat.com

ايمانداريءَ سان نقل ڪيا آهن. انهن سمورن واقعات کي جنهن مفصل، مستند ۽ مصدقہ طريقي سان لکيو ويو آهي، ان جو مثال ڪنهن بيءَ جاءِ تي ممڪن نہ آهي، سواءِ ان سيرت طيبہ جي. ڇو جو دنيا جو ڪهڙو بہ انسان هجي، پوءِ پل اهو ڪو عالم هجي يا حاڪم، استاد هجي يا تاجر، قائد هجي يا منصف پر ڪنهن بہ شخص کي اها اجازت نہ هوندي آهي تہ ان هستيءَ جي هر ڳالهہ هرهڪ اڳيان بيان ڪندو وتي، خصوصاً ان جون ذاتي ڳالهيون. پر ان ڪانسواءِ عام حالتن ۾ بہ هر انسان مختلف وقتن تي مختلف ڪيفيتن ۽ حالتن مان لنگهي ٿو.

انسان ڪڏهن خوشيءَ جي حالت ۾ آهي تہ ڪڏهن پريشاني ۽ پشيمانيءَ جو شڪار، ڪڏهن آس ۽ اميد جا ڪرٽا سندس دل ۾ روشني پيدا ڪن ٿا تہ ڪڏهن هو ناڪامي ۽ نااميديءَ جي اونداهين ۾ پٽڪندو وتي ٿو. بهرحال خواهشن ۽ تمنائن جو هڪ اٽ ڪٽ سلسلو سندس چوڌاري گهيرو ڪري بيٺو آهي، جنهن جي حصول لاءِ هو جائز توڙي ناجائز طريقا بہ تلاش ڪندو وتي ٿو. ان کان علاوہ ذاتي پسند ناپسند، محبت، نفرت، دوستي، دشمني بهرحال هڪ انساني زندگيءَ جا ڪجهہ اهڙا راز ٿين ٿا جن جو واسطو فقط ۽ فقط سندس ذات سان هوندو آهي، ان ڪري هو ڪنهن بہ ٻئي انسان کي ڪنهن بہ قيمت تي اها اجازت نہ ڏيندو تہ سندس زندگيءَ جا اهي سمورا راز ڪوبہ پين آڏو بنا روڪ ٽوڪ جي بيان ڪندو وتي.

پر سرور عالم ﷺ جي سيرت سموري ڪائنات اندر واحد سيرت آهي، جنهن جو ڪوبہ واقعو بيان ڪرڻ کان ڪنهن کي بہ نہ روڪيو ويو آهي، ايتريقدر جو پاڻ ڪريمن ﷺ جن پنهنجي گهروارين کي بہ اها اجازت ڏيئي ڇڏي هئي تہ اهي هر واقعي ۽ حالت جو ذڪر هر جاءِ تي ۽ هرهڪ سان ڪري سگهن ٿيون.

ولادت کان وٺي وصال تائين، عبادت کان وٺي معاملات تائين، مسجد کان وٺي مندبيءَ تائين، عدالت کان وٺي ميدانِ جنگ تائين، تجارت کان وٺي امهات المؤمنين جي حجرن تائين، ايتريقدر جو شعب ابوطالب کان وٺي سدرة المنتهيٰ تائين، ان مقدس سيرت جو اهو ڪهڙو رخ آهي، جنهن جي بيان ڪرڻ کان ڪنهن بہ دور ۾ ڪا روڪ ٽوڪ رهي هجي؟

هر واقعو تحريرن ذريعي، تقريرن ذريعي، خلوت توڙي جلوت ۾، چوڌهن سؤ سالن کان بيان ٿيندو رهيو آهي ۽ قيامت تائين بيان ٿيندو رهندو تہ جيئن انسانذات انهن مان هدايت جو سبق حاصل ڪري.

مشهور صحابي حضرت عبدالله رضہ بن عمرو بن عاص جيڪو پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي اجازت سان سندن بيان ڪيل حديثون نقل ڪندو هو، هڪ دفعي ان پاڻ سڳورن ﷺ جن کان پڇيو تہ "ڇا مان جيڪي بہ اوهان جي واتان ٻڌان تہ اهو سڀ ڪجهہ لکي سگهان ٿو؟"

جنهن تي ڪائنات جي ڪارٽي ﷺ جن هاڪار ۾ جواب ڏنو. ابن عمرو رضہ وري پڇيو:

Marfat.com

"رضا توڙي ناراضگيءَ جي هر ڪيفيت ۾؟"

سرور ڪونين صلی الله علیه وسلم جن هن موقعي تي پنهنجي زبان مبارڪ ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو: "خدا ڄاڻي ٿو ته هن زبان مان هر وقت حق جي ڳالهه ئي نڪرندي آهي." هن دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ ڪنهن به انسان سان اهڙي سچائي منسوب ڪري نٿي سگهجي، انڪري ان هستيءَ جي سيرت جو مطالعو ۽ متس عمل هر شخص لاءِ عموماً ۽ هر مسلمان لاءِ خصوصاً ضروري آهي.

سيرت جي ضرورت

اسلام جي ابتدائي دور ڪان وٺي مسلمانن لاءِ بن ڪتابن جو مطالعو ضروري هوندو هو. جن مان پهريون ڪتاب الله ۽ پيو ان ڪتاب جي تشريح يعنيٰ سيرت رسول صلی الله علیه وسلم.

امام زين العابدين جو قول آهي ته "اسان نبي ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جي مغازيءَ کي ائين پڙهندا هئاسون جيئن ڪلام پاڪ جي سورتن کي پڙهيو ويندو آهي." (۱)

سيرة شاميءَ جي مقدمي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته "ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اسان کي ان لاءِ مامور ڪيو ويو آهي ته اسان نبي سائين صلی الله علیه وسلم جن جي سيرت پاڪ جي هر لحاظ کان پيروي ڪريون" (۲). مسلمانن وٽ جيستائين سيرت جو مطالعو جاري رهيو ۽ سندن زندگي ان سيرت جي تابع رهي، تيستائين سندن عزت ۽ عظمت برقرار رهي ۽ هو دنيا جي هڪ وڏي حصي جي قيادت ڪندا رهيا پر جڏهن هو ان سيرت کان منهن موڙي پين علمن ڏانهن متوجه ٿيا، تڏهن اهي سموريون نعمتون ۽ رحمتون ڪائنڪ ڪسجي ويون، جيڪي رحمت للعالمين صلی الله علیه وسلم جي طفيل کين مهيا ٿيندیون هيون. اڄ اها حالت آهي ته اسانجي ديني توڙي دنيوي ڪنهن به نصاب ۾ اسان وٽ ڪوبه سيرت جو مڪمل ڪتاب نه پاڙهيو ويندو آهي، ان جي باوجود جو اسان وٽ سيرت طيبه بابت لکيل ڪتاب هزارن جي تعداد ۾ موجود آهن. موجوده دور ۾ حديث ۽ سيرت جي عظيم عالم ۽ محقق محي الدين ديب مستوءَ جي "مناهج سيرة" واري ڪتاب جي مقدمي ۾ ڊاڪٽر مصطفيٰ سعيد پنهنجي تقريظ ۾ لکيو آهي ته "نبي سائين صلی الله علیه وسلم جن جي سيرت مسلمانن لاءِ زندگيءَ گذارڻ جو هڪ مڪمل دستور آهي، انڪري متن واجب آهي ته هو پنهنجي زندگيءَ جي سمورن معاملن: عقائد، عبادات، ڏيتي ليتي، اٺڻ ويهڻ، اخلاق ۽ ڪردار جو سڌارو وغيره، ان ڪانسواءِ هو گهرن ۾ ۽ بازارين ۾ به پنهنجو وهنوار ان سيرت جي روشنيءَ ۾ ڪن، ڇاڪاڻ ته اها سيرت هڪ طرف ته قرآن پاڪ جو عملي نمونو به آهي ته ان جي تفسير ۽ تشريح به، ته ٻئي طرف وري اسلام جي بنيادي تعليم جي سچي تصوير به."

---

(۱) بحواله "السيرة النبويه" محمد بن محمد ابوشهبة ج ۱ ص ٦.

(۲) سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" مقدمه عادل احمد ۽ علي محمد ج ۱ ص ۱.

Marfat.com

اڳتي هلي هو اهو بہ لکي ٿو تہ "پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم جن جي سيرت پاڪ هڪ وڏي نشاني ۽ عظيم معجزو آهي، جنهن سان سندن رسالت جي دعويٰ جي تصديق ٿئي ٿي."

انڪري "مسلمانن مٿان اهو فرض آهي تہ هو رسول ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جي سيرت جو مطالعو ڪن ۽ سندن اخلاق، عادتن ۽ ات ويهہ بابت ڄاڻ حاصل ڪن، ڇا لاءِ تہ اها زندگي ئي انسانيت جو ڪامل ۽ اڪمل نمونو آهي." (١)

سيرت ۽ سنڌي عالم

سيرت طيبہ جي مقدس موضوع تي هر دور اندر دنيا جي هر خطي ۽ هر زبان ۾، هر قوم جي فردن ڪجهہ نہ ڪجهہ پئي لکيو آهي ۽ اڃان سوڌو بہ لکيو پيو وڃي. اهو سلسلو سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي زندگي ۾ ئي شروع ٿي چڪو هو ۽ جيستائين دنيا باقي آهي، تيستائين اهو سلسلو بہ جاري رهندو. ڇو تہ دنيا ۾ ڪابہ چيز جيستائين پنهنجي ڪمال يا تڪميل کي نہ پهچندي آهي، تيستائين ختم نہ ٿيندي آهي. انڪري سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت جا بہ بيشمار پهلو اڃان اسان جي سوچ ۽ پهچ کان پري آهن تہ پوءِ اهو سلسلو پلا ڪيئن ختم ٿي سگهي ٿو؟

دنيا جا سمورا مسلمان پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي سيرت تي ڪم ڪرڻ پنهي جهانن لاءِ سعادت ۽ ثواب سمجهندا آهن، انڪري سنڌ جي عالمن توڙي دنيا جي ڪنڊڪڙ ۾ آباد سنڌين بہ هن ميدان ۾ پاڻ ملهايو آهي ۽ اهو سلسلو صدين کان وٽن جاري ۽ ساري آهي. هن ڏس ۾ هتان جي عالمن ۽ محققن نہ رڳو هن متبرڪ موضوع تي عقيدت ۽ احترام سان ڪم ڪيو آهي پر ان ۾ نوان نوان تجربا ڪري اهڙا مثال قائم ڪيا اٿن، جن جو جواب ڪنهن بيءَ جاءِ تي ملڻ مشڪل آهي. هن سلسلي جي شروعات هڪ اهڙي سنڌي عالم هتان ٿي، جنهن کي مغازيءَ جي ميدان جو امام مڃيو ويو آهي. سندس اصلي نالو تہ عبدالرحمان بن وليد آهي پر علم ۽ فضل جي دنيا ۾ هو ابو معشر سنڌيءَ جي نالي پٺيان ڄاتو وڃي ٿو، ڇو تہ سندس خانداني تعلق سنڌ جي سونهاري سرزمين سان هو ۽ سندس وڏا اتان هجرت ڪري "يمن" ۾ وڃي آباد ٿيا. "جنگ يمامہ" جي موقعي تي هو گرفتار ٿيو ۽ جنگي قيديءَ جي حيثيت سان ڪيس مديني جي مارڪيٽ ۾ وڪيو ويو. اتان "بنواسد" وارن ڪيس خريد ڪيو ۽ سندس نالو مٿائي "نجيح" رکيائون، سندس ڪنيت "ابومعشر" آهي.

پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن جي ذات سان ڪيس بيحد عقيدت ۽ محبت هئي، انڪري سندن مغازي ۽ سيرت بابت هن بيشمار روايتون ڪٺيون ڪيون، جيڪي هو اڪثر بيان

---

(١) مناهج التاليف في السيرة النبويہ، محي الدين مستو ص (ب).

Marfat.com

کندو رهندو هو.

محدثن وٽ اها ئي روايت معتبر سمجهي ويندي آهي، جنهن جي سَنَدَ صحيح هجي پر سيرت توڙي مغازيءَ جي عالمن وٽ سَنَدَ جو گهٽو اهتمام نه ڪيو ويندو آهي. اهوئي سبب آهي ته ابومعشر وٽ به روايتن ۾ سَنَدَ جو اهتمام نه آهي، جنهنڪري محدثن هن جي روايتن اخذ ڪرڻ کان احتياط ڪيو آهي ۽ سندن خيال مطابق هو ان سلسلي ۾ ضعيف راوي آهي. باقي مغازيءَ بابت ابومعشر سنڌيءَ جي روايتن کي سَنَدَ جي حيثيت حاصل آهي. امام احمد ابن حنبل، ابن سعد ۽ علامہ ابن حجر عسقلانيءَ کي مغازيءَ بابت سندس روايتن تي اعتماد آهي ۽ هنن پنهنجي ڪتابن ۾ اهڙيون روايتون نقل به ڪيون آهن. نه صرف ايترو پر احمد ابن حنبل کيس "بصير في المغازي" جي لقب سان ياد ڪيو آهي، جڏهن ته ابن سعد وري پنهنجي استادن جي فهرست ۾ هن جو نالو نمايان طور نقل ڪيو آهي.

هي پهريون سنڌي هو، جنهن مغازيءَ جي موضوع تي هڪ مستند ۽ جامع ڪتاب لکيو. هن ڪتاب پنهنجي زماني ۾ بيحد مقبوليت حاصل ڪئي، ان جو ثبوت اهو آهي ته هن ڪتاب جا حوالا ۽ اقتباسات پوين منجهان واقدي، ابن سعد، طبري ۽ ابن حجر وغيره پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيا آهن. (۱) ابومعشر کي مغازيءَ جي موضوع سان ڏاڍي دلچسپي هئي، انڪري هن اهو فن پنهنجي اولاد ڏانهن به منتقل ڪيو، جنهنڪري ڪائنس پوءِ سندس پٽ محمد بن ابومعشر (۲۴۷ هـ) به هن ميدان جو شهسوار ثابت ٿيو. هو پنهنجي پيءُ جي سَنَدَ سان مغازيءَ جون روايتون بيان ڪندو هو. ان کان علاوه هن حديث ۾ به مهارت حاصل ڪئي هئي. سندس استادن ۾ ابومعشر کان علاوه نضر بن منصور، ابونوح انصاري ۽ يحيٰ بن موسيٰ وغيره جا نالا شامل آهن، جڏهن ته سندس شاگردن ۾ ابن ابي دنيا، ابوحاتم رازي، ابويعليٰ موصلي جهڙن محدثن سان گڏ ابن جرير طبريءَ جو نالو به وڻي سگهجي ٿو. (۲)

محمد بن ابومعشر کانپوءِ سندس پٽ به مغازيءَ جو وڏو عالم ۽ چاٽو شمار ٿيندو آهي. هن جو نالو دائود بن محمد سنڌي ٻڌايو ويو آهي. سندس شمار به اهڙن محدثن ۾ ٿيندو آهي، جن ٽين صديءَ جي آخر ۾ علم حديث سان گڏ علم مغازيءَ جي سلسلي ۾ به ان دور جي ماڻهن جي رهنمائي ڪئي. دائود پنهنجي پيءُ محمد بن ابومعشر سنڌيءَ کان "ڪتاب المغازيءَ" کي روايت ڪيو آهي. (۳)

---

(۱) سيرة سيد الانام (ﷺ) ڊاڪٽر سيد جعفر مصطفيٰ ج ۱ ص ۷۴. تذڪرة الحفاظ حافظ ذهبي ج ۱ ص ۲۱۷.

(۲) الفهرست "ابن نديم" ص ۱۲۱ ـ ۱۲۲. الاعلام زرڪلي ج ۸ ص ۱۴. هدية العارفين "اسماعيل پاشا بغدادي" ج ۲ ص ۴۸۹. تهذيب التهذيب "ابن حجر" ج ۱۲ ص ۲۱۷.

(۳) امعان النظر محمد اڪرم سنڌي، مقدمو علامہ قاسمي ص ۲.

Marfat.com

سيرت جي موضوع تي ڪم ڪرڻ وارن سنڌي عالمن ۾ هڪ ٻيو وڏو نالو ابوجعفر محمد بن ابراهيم ديبليءَ (۳۲۲ هـ) جو آهي، جنهن وڏي جاکوڙ ۽ جفاڪشيءَ سان اهي خط ۽ فرمان جمع ڪيا، جيڪي سيد انسانيت صلي الله عليه وسلم جن پاڻ لکرايا هئا. "ابوجعفر" اهڙا پنجويهه (۲۵) ڪن خط هڪ جاءِ تي جمع ڪيا ۽ انهن کي مڪاتيب النبي (صلي الله عليه وسلم) جو نالو ڏنائين. اهو ڪتاب به شايع ٿي چڪو آهي. جنهن جو اردو ترجمو ۽ تحقيق جو ڪم ڊاڪٽر عبدالشهيد نعماني استاد شعبه عربي ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان ڪيو ويو آهي ۽ اهو ڪتاب به ڪراچيءَ مان شايع ٿي چڪو آهي. سيرة النبي صلي الله عليه وسلم جي سلسلي ۾ خطوط جمع ڪرڻ واري مشڪل ۽ منفرد ڪم کي سهيڙڻ جي سعادت هڪ سنڌي عالم ۽ محقق جي حصي ۾ ئي آئي. اهڙي ريت وقت بوقت سنڌي عالم سيرت ۽ حديث تي ڪم ڪندا رهيا آهن، جن جا نالا معجم البلدان ۾ ياقوت حموي، ڪتاب الانساب ۾ سمعاني، نزهة الخواطر ۾ مولانا سيد عبدالحي لکنوي ۽ هن ئي دور جي مشهور عالم ۽ مؤرخ علامه قاضي اطهر مبارڪپوريءَ طرفان سندن ڪتابن ۾ نقل ڪيا ويا آهن.

سيرت جي اهڙي ئي سلسلي کي جاري رکندي ماضي قريب ۾ سنڌ جي مشهور عالم ۽ محدث مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه به هن موضوع تي هڪ يادگار ڪتاب تاليف فرمايو، جنهن جو سنڌي ترجمو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

هي منفرد ڪتاب مخدوم صاحب سن ۱۱۶۸ هجري ڏاري مڪمل ڪيو، جنهن ۾ فاضل مؤلف پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن جي ۲۳ ساله نبوي زندگيءَ جا اهم واقعا نهايت مختصر ۽ جامع انداز ۾ پيش ڪيا آهن، جن جي پڙهڻ سان نبوي دور جو سمورو نقشو پڙهندڙن جي اکين آڏو اچي وڃي ٿو.

جيتوڻيڪ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي زندگيءَ متعلق سالياني حساب سان واقعات مخدوم صاحب کان اڳ حافظ ابن ڪثير، علامه عامري ۽ ديار بڪري وغيره به پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۾ نقل ڪيا آهن، مگر مخدوم صاحب هن ڏس ۾ پنهنجي پيشرو عالمن کان به گهٽو اڳتي نظر اچي ٿو. ڇو ته جيترا واقعات مخدوم صاحب جن بيان ڪيا آهن، اوترا ٻئي ڪنهن به ڪتاب ۾ هڪ جاءِ تي نظر نٿا اچن، ان کانسواءِ اهي واقعات نهايت مستند ۽ معتبر ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن، جن مان ڪيترن ڪتابن جا نالا به واقعي سان گڏ ٻڌايا ويا آهن. هن ڪتاب ۾ گهٽي پاڻي صحيح روايتون ئي نقل ڪيون ويون آهن پر جي ڪٿي ڪا ضعيف روايت به نظر اچي ٿي ته مؤلف پاڻ ئي ان روايت کي ضعيف چئي ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ڇڏي آهي.

مخدوم صاحب جن پنهنجي هن مختصر مگر منفرد تاليف ۾ جن ڪتابن تان گهٽو

Marfat.com

استفادو کيو آهي، تن جو ذکر هيٺ ڪجي ٿو. انهن ڪتابن جا نالا ڏسي قارئين هن تاليف جي مستند هجڻ جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهندا.

بذل القوه لاءِ ڪتابن جو انتخاب

اڄ کان اٽڪل ڏيڍ سو سال اڳ جڏهن طباعت ۽ اشاعت جي سهولتن جو فقدان هو ۽ ڪاتبن طرفان ڪتاب هٿ سان نقل ڪيا ويندا هئا، ان وقت ڪتابن جو حصول نهايت ڪٺن ڪم هو. پر لڳي ٿو ته ان وقت به سنڌ جي عالمن وٽ نه رڳو نايابَ نسخا موجود هئا پر سندن مطالعو به مثالي هو، جنهنکري هنن جي تصنيفات ۽ تاليفات ۾ مستند ڪتابن جا حوالا نظر اچن ٿا. هن ڪتاب مرتب ڪرڻ وقت مخدوم صاحب جن جيڪي عام واقعات بيان ڪيا آهن، انهن لاءِ حديث جي جن ڪتابن مان استفادو ڪيو اٿن، تن مان صحاح ستہ کان علاوه مؤطا امام مالڪ، مسند احمد ابن حنبل، صحيح ابن خزيمہ، مصنف عبدالرزاق ۽ معجم طبراني وغيره سندن ماخذ رهيا آهن.

ڏڪڻ ته تاريخ ۽ سيرة جي ڪتابن منجهان جيڪي ڪتاب سندن آڏو رهيا آهن، انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ اعتماد سيرة شامي، ۽ شرح مواهب زرقانيءَ تي ڪيو اٿن، جنهن جو ذکر هن ڪتاب ۾ باربار نظر اچي ٿو. هن سلسلي ۾ سيرة شاميءَ جو جيڪو نسخو سندن ماخذ رهيو اهو نادر قلمي نسخو اسلام آباد ۾ موجود آهي ۽ پنجن جزن تي مشتمل آهي ۽ ان جي ضخامت ۹۵۰ صفحا آهي. ان ڪتاب جي حاشين تي مخدوم صاحب جي هٿ اکرن ۾ نوٽ به لڳل آهن. (۱) ان ڪانسواءِ سيرة ابن هشام، المواهب اللدنيہ، قسطلاني، روض الانف سُهيلي، شرف النبوة ابوسعيد، سيرة گازروني، سيرة مغلطائي، البهجة المحافل، علامہ عامري، انساب الاشراف بلاذري، ڪتاب الحوادث يعمري ۽ روضة الاحباب (فارسي) تان به واقعات نقل ڪيا ويا آهن. رجال جي سلسلي ۾ الاصابہ ۽ تهذيب التهذيب ابن حجر، اسد الغابہ ابن اثير، الاستيعاب ابن عبدالبر، الرياض النضره في مناقب العشره محب طبري، الرياض المستطابہ عامري، طبقات ابن سعد ڪانسواءِ مشهور سنڌي عالم علامہ عبدالرحمان نصرپوريءَ جي ڪتاب "تذڪرة القاري بحل رجال البخاريءَ" تي به سندن گهٽو اعتماد ٿو ڏسجي، اهو ڪتاب هن وقت نايابَ آهي پر مخدوم صاحب وٽ محسوس ٿئي ٿو ته هن ڪتاب جو پايو تمام بلند هو. تڏهن ته "اسد الغابہ" ۽ "الاصابہ" جي مقابلي ۾ پاڻ هن ڪتاب جون روايتون نقل ڪيون اٿن.

ماڳن مڪانن جي سلسلي ۾ "بذل القوة" اندر جيڪا معلومات ملي ٿي، ان مان معلوم

---

(۱) "سنڌي عالمن جي مطالعي ۾ رهيل سيرة شاميہ جو هڪ نادر خطي نسخو" ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو "ماهوار شريعت" جولاءِ ۲۰۰۱ ص ۱۵.

Marfat.com

ٿئي ٿو ته ان لاءِ مخدوم صاحب آڏو "معجم البلدان"، "ياقوت حموي"، "المعجم ما استعجم" "بكري" وغيره به رهيا آهن، جڏهن ته حرمين شريفين جي تاريخ بابت "اخبار مكه" "ازرقي"، "وفاءُ الوفا" "سمهودي"، "تاريخ مدينه" "ابن شبه"، "شفاء الغرام في تاريخ بلد الحرام" "فاسي" ۽ "جذب القلوب" "شيخ عبدالحق دهلويءَ" جون روايتون نظر اچن ٿيون. مغازيءَ جي سلسلي ۾ حديث جي مٿي بيان ڪيل ڪتابن کان علاوه، "المغازي واقدي"، "تاريخ كامل" وغيره تان به استفادو ڪيو اٿن. معجزات جي سلسلي ۾ دلائل النبوة بيهقي ۽ اصفهاني، ۽ خصائص ڪبريٰ سيوطي وغيره جا حوالا موجود آهن. انهن مان اڪثر ڪتاب هينئر آسانيءَ سان دستياب آهن، جنهن ڪري ترجمي ۾ ڪوشش ڪري انهن ئي ڪتابن مان تخريج ڪئي ويئي آهي. جڏهن ته ڪافي ڪوشش جي باوجود به ڪجهه بنيادي ماخذ اهڙا آهن، جيڪي ڪٿي به هٿ اچي نه سگهيا، جن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

(١) تذكرة القاري بحل رجال البخاري، مخدوم عبدالرحمان نصرپوري.

(٢) شرف النبوة ابوسعيد خركوشي.

(٣) سيرة گازروني.

(٤) كتاب الحوادث يعمري وغيره.

مؤلف جو تعارف

سنڌ جي سون ساريڪي سرزمين هر دور ۾ مردم خيز به رهي آهي. هن مقدس مٽيءَ مان جيڪي عالم فاضل، عارف عامل، اديب شاعر، لغوي نحوي، مفڪر مدبر، صوفي فلسفي، منطقي، فقيهه مفتي، حافظ قاري، مفسر محدث، حڪيم طبيب، مجتهد ۽ مجاهد پيدا ٿيا، انهن پنهنجي پنهنجي صلاحيت ۽ قابليت سان دنيا کي قائل ڪري ڏيکاريو ۽ اڄ تائين تاريخ جا ڪتاب سندن تعريف ۽ توصيف سان پُڙ لڳا پيا آهن. اهڙين ئي بيمثال شخصيتن ۾ هڪ شخصيت مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ رحمة الله عليه جي به آهي، جنهن پنهنجي علم ۽ عرفان ذريعي سنڌ اندر هڪ عظيم علمي ۽ شعوري انقلاب برپا ڪيو. سندن علم ۽ فيض جي بحر بي ڪنار مان نه فقط ديس واسين پر ڏورانهن ڏيهن جي ماڻهن به ڪهي اچي پنهنجي علمي اڄ اجهائي ۽ مقصد جا موتي به حاصل ڪيا.

هڪ سنڌي عالم جي حيثيت سان مخدوم سائينءَ جن جي هاڪ ۽ ساک پري پري تائين پئي پڌڻ ۾ آئي، جنهن هتان جي رهواسين توڙي هن سرزمين جي شان ۽ شرف ۾ اضافو ڪيو. مخدوم صاحب جن جي اداري مان دنيا جي مختلف علائقن ۽ ملڪن جا ماڻهو فراغت حاصل ڪري جنهن وقت پنهنجي ماڳن تي موٽيا ته اتي جي مقامي ماڻهن وري هن وٽان علم جي تحصيل

Marfat.com

ڪري جيڪي فراغت جون سَنَدون حاصل ڪيون تہ انهن سَنَدَن ۾ هڪ سنڌي عالم جو نالو نمايان هو ۽ اها سَنَدَ اڄ تائين پئي هلي ٿي. جيڪو سنڌ ۽ سنڌين لاءِ يقيناً هڪ اعليٰ اعزاز آهي.

هن دور جي انقلابي عالم مولانا عبيدالله سنڌيءَ پنهنجي مشهور ڪتاب "التمهيد لتعريف ائمة التجديد" ۾ هڪ اهڙي سَنَدَ نقل ڪئي آهي، جيڪا هندوستان، پاڪستان، بنگلاديش، سريلنڪا، افغانستان، عربستان، يمن ۽ مصر تائين رائج رهي آهي ۽ ان ۾ سائين مخدوم صاحب جن جو نالو سنڌ جي حوالي سميت شامل آهي. اُها سَنَدَ هن ريت نقل ڪئي ويئي آهي:

"مولانا عبيدالله سنڌي اها سَنَدَ حاصل ڪئي شيخ الهند مولانا محمود حسن ڪان، ان مولانا محمد قاسم نانوتويءَ ڪان، ان مولانا عبدالغنيءَ ڪان، ان مولانا محمد اسحاق ڪان، ان عمر بن عبدالڪريم ڪان، ان سيد مرتضيٰ ڪان، ان ابوالحسن صغير ڪان ۽ ان شيخ محمد هاشم سنڌيءَ ڪان." (۱)

اهڙيءَ ريت مخدوم صاحب جو محترم نالو سوين نہ پر هزارين شاگردن جي سَنَدن ۾ شامل آهي، جيڪي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ موجود رهيا ۽ آهن.

خاندان ۽ ولادت

هڪ مشهور روايت مطابق مخدوم محمد هاشم جا وڏا اصل عربستان جا رهاڪو هئا جيڪي محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيا ۽ اچي سيوهڻ ۾ لڏو لاٿائون. هن شهر جو شمار ان وقت سنڌ جي مشهور شهرن ۾ ٿيندو هو، جيڪو علم ۽ عرفان جو بہ وڏو مرڪز ليکيو ويندو هو. هتي ڪئين علمي خاندان آباد هئا. حضرت مخدوم صاحب جن جي خاندان جو شمار بہ اهڙن ئي خاندانن ۾ ٿيندو هو، جن وٽ علم ۽ عرفان جو شغف پيڙهي بہ پيڙهي هلندو پئي آيو. مخدوم سائينءَ جن پنهنجن بزرگن جي نسب جو سلسلو هن ريت نقل ڪيو آهي.

مخدوم محمد هاشم ولد مخدوم عبدالغفور ولد مخدوم عبدالرحمان ولد عبداللطيف ولد عبدالرحمان ولد خير الدين سنڌي، بنورائي، بهرامپوري ٺٽوي (۲). هڪ علمي خاندان سان نسبت سبب مخدوم صاحب جو والد محترم بہ پنهنجي وقت جو هڪ جيد عالم ۽ فقيه هو، جيڪو سيوهڻ مان هجرت ڪري ٺٽي ويجهو "بنوري" نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ اچي آباد ٿيو هو. (۳)

---

(۱) "التمهيد" مولانا عبيدالله سنڌي ص ۸۱.

(۲) مقالات الشعراء (فارسي) مير علي شير قانع ص ۸۴۱ ج ۱.

(۳) مقدمه "بذل القوة" مخدوم امير احمد عباسي ص ۵.

Marfat.com

بٹوري ۾ اچڻ کانپوءِ سال ۱۱۰۴ هجري بمطابق ۱۶۹۲ع ربيع الاول جي مبارڪ مهيني ۾ ڏهين تاريخ تي مخدوم عبدالغفور جي گهر هڪ نينگر ڄائو، جنهن جو نالو محمد هاشم رکيو ويو، جنهن اڳتي هلي عرب توڙي عجم ۾ هڪ سنڌي عالم جي حيثيت سان پاڻ مڃرايو ۽ بقول استاذ علامہ قاسميءَ جي تہ "فقه ۽ حديث ۾ مخدوم صاحب جي بلند پايہ تحقيق کي ڏسندي کيس وقت جو "حافظ ابن همام" يا "حافظ ابن حجر عسقلاني" سڏجي تہ وڏاءُ نہ ٿيندو." (۱)

استاد ۽ مرشد

مخدوم محمد هاشم رحہ جي ولادت جيئن تہ هڪ جيد عالم جي گهر ۾ ٿي، انڪري ننڍپڻ کان ئي سندن تعليم ۽ تربيت جو جوڳو بندوبست ڪيو ويو. ناظره قرآن مجيد، تجويد، صرف و نحو، فارسي ۽ پيا ابتدائي ڪتاب هن ننڍي عمر ۾ ئي پنهنجي والد محترم وٽ پڙهي پورا ڪيا. ۱۱۱۲ هـ بمطابق ۱۷۰۱ع ڌاري سندن والد جڏهن هن جهان مان لاڏاٽو ڪيو تہ ان وقت ننڍڙي محمد هاشم جي عمر اٺ ورهيہ مس هئي پر جيئن تہ سندن گهريلو ماحول خالص ديني ۽ علمي هو، انڪري وڌيڪ تعليم لاءِ ڪين ڏني اماڻيو ويو، جيڪو ان وقت هند سنڌ ۾ اسلامي علوم جو هڪ عظيم مرڪز ليکيو ويندو هو. هتي هن باقي رهيل درسي ڪتاب شيخ محمد سعيد ٺٽويءَ جي خدمت ۾ رهي پورا ڪيا. جنهن ڪانپوءِ ڪين وقت جي عظيم عالم ۽ مجيل استاد مخدوم ضياءُ الدين ٺٽويءَ جن جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو. هتي مخدوم صاحب حديث توڙي پيا اهي مٿيان ڪتاب پڙهي پورا ڪيا، جيڪي ان وقت جي نصاب مطابق پڙهيا ويندا هئا. (۲)

سن ۱۱۳۵ هـ بمطابق ۱۷۲۳ع ڌاري مخدوم محمد هاشم جن اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ حرمين شريفين ڏانهن سفر جو سانباهو ڪيو. اتي پهچي هن حج جو فرض بہ ادا ڪيو تہ اتان جي جڳ مشهور استادن وٽان خاص طور فقہ ۽ حديث جي علم ۾ بہ مهارت حاصل ڪئي. انهن استادن ۾ شيخ عبد بن علي نمرسي مصري ازهري شافعي، علامہ شيخ ابوطاهر محمد بن ابراهيم ڪردي ڪوراني مدني، شيخ علي بن عبدالملڪ دراوي، مالڪي، مغربي، مدني، شيخ محمد بن عبدالله مغربي، فاسي، مدني، مالڪي (۳) جهڙين عظيم هستين ڪانسواءِ شيخ عبدالقادر مڪي، حنفيءَ جو نالو سڀ کان وڌيڪ اهم آهي، جو تہ هن سفر ۾ مخدوم صاحب جن سڀ کان وڌيڪ استفادو هن بزرگ وٽان ئي ڪيو.

---

(۱) مقالات قاسمي ص ۳۲۷.

(۲) بمقدمہ بذل القوة "مخدوم امير احمد عباسي" ص ۷ ـ ۶. تذڪره مشاهير سنڌ "مولانا دين محمد وفائي" ج ۳ ص ۹۸ ـ ۹۶. نزهة الخواطر سيد عبدالحي لکنوي ج ۶ ص ۱۲۴.

(۳) سلڪ الدرر "مرادي ج ۴ ص ۷۵، مقدمہ اللؤلؤ المڪنون ص ۱۶ ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي ص ۱۶. ماثر الڪرام غلام علي آزاد بلگرامي ص ۱۹۵ ـ ۱۹۶. اتحاف الاڪابر بمرويات شيخ عبدالقادر (قلمي) ص ۳۷۰.

Marfat.com

مفتي عبدالقادر جو تعلق هندوستان جي صوبي گجرات ۾ مقيم هڪ صديقي خاندان سان هو، سندس بزرگن مان شيخ محمد طاهر پٽني ته پنهنجي علمي فضيلت سبب هند سنڌ ۾ مشهور رهيو آهي، جنهن جي ڪتاب "مجمع البحار" هتي بيحد شهرت حاصل ڪئي، اهو بزرگ مفتي عبدالقادر جو نانو هو.

مفتي عبدالقادر پنهنجي علم و فضل ۾ به يڪتا هئا ته فصاحت ۽ بلاغت ۾ به پنهنجو مٿ پاڻ. حرم مڪي ۾ هو حنفين جا مفتي رهيا، سندن تاليفات ۾ "الفتاويٰ القادريه" گهڻي مشهور آهي.

مخدوم صاحب جن حرمين شريفين ۾ قيام دوران مختلف علوم خاص طور حديث ۾ جيڪي سَنَدون حاصل ڪيون، اهي گهڻي پاڻ کين مفتي عبدالقادر وٽان ئي حاصل ٿيون، جن کي هن پنهنجي مشهور ڪتاب اتحاف الاڪابر بمرويات الشيخ عبدالقادر ۽ ان جي "ذيل" ۾ محفوظ ڪيو آهي.

هن مقدس سفر کان واپس ٿيندي مخدوم صاحب جن رستي ۾ هندوستان جي مشهور بندر "سورت" ۾ لٿا، جتي هن وقت جي عظيم شيخ ۽ تصوف جي امام سيد سعد الله سورتيءَ جي هٿ تي بيعت ڪئي، جنهن ڪانپوءِ هڪ سال سانده انهن جي خدمت ۾ رهي باطني علوم ۾ به ڪمال حاصل ڪيائون، يعنيٰ پنهنجي مرشد وٽان کين خلافت جو اعزاز به عطا ٿيو ۽ هو ظاهري توڙي باطني علوم جي تڪميل ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي وطن واپس ورڻا.

ديني ۽ علمي خدمتون

حرمين شريفين ۽ سورت مان موٽي مخدوم صاحب جن پنهنجي ڳوٺ "بنوري" آيا ۽ پوءِ جلد ئي بنوري لڳ "بهرام پور" نالي هڪ ٻئي ڳوٺ ۾ ديني مدرسي جو بنياد رکيائون، ڇو ته بيهڪ جي لحاظ کان هي ڳوٺ اهڙي جاءِ تي هو، جنهن جي ٻنهي پاسن کان به وڏا واهڙ واقع هئا: يعنيٰ هڪ پاسي جهوڪ شريف ته ٻئي پاسي وري بلڙي شاهه ڪريم، انڪري هت اڇ وڇ به گهڻي هٽي ته آبادي به بنوري کان وڌيڪ هئي. مدرسي قائم ٿيڻ کانپوءِ هتان جا ماڻهو لڳي ٿو ته مخدوم صاحب جن جي علمي عظمت جو قدر نه ڪري سگهيا، انڪري مخدوم صاحب جن هتان لڏي ڏڻي شهر ۾ پنهنجو اسلامي مرڪز قائم ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو ۽ پوءِ ان تي جلد ئي عمل به ڪيائون ۽ اتي وڃ شهر ۾ پنهنجي اداري جو بنياد رکيائون. جيئن ته ڏٺو ان وقت علم و فضل جو هڪ عظيم مرڪز هو، جتي وڏا وڏا عالم، عارف، اديب، شاعر ۽ امير ڪبير ماڻهو پڻ رهندا هئا، انڪري کنهن ٻاهرئين ماڻهوءَ لاءِ اتي اچي پاڻ کي مجرائڻ کو سولو ڪم نه هو، پر مخدوم صاحب جن کي الله تعاليٰ بيشمار علمي صلاحيتن ۽ انتظامي

Marfat.com

لياقت سان نوازيو هو، جنهنڪري ٿوري ئي وقت ۾ هو ڏٺي جي علمي افق تي آفتاب وانگر چمڪڻ لڳا، جنهن جي روشني پري پري تائين پئي پهتي. هزارن جي تعداد ۾ شاگرد سندن درس ۾ شريڪ ٿيندا پئي رهيا، سندڪان ٻاهر هندوستان، افغانستان ۽ ٻين ملڪن کان به طالب علم ڪهي ڏٺي پهچندا هئا. ان وقت جيئن ته ڏٺو اسلامي علوم جو وڏو مرڪز هو ۽ هتي سَوَن جي تعداد ۾ ننڍا وڏا مدرسا موجود هئا، پر پوءِ به ٿوري وقت اندر مخدوم صاحب جن جي اداري کي اتي خاص اهميت ۽ منفرد مقام حاصل ٿي ويو، ڇو ته ان دور ۾ تفسير، تجويد، تاريخ، طب، فقه، لغت، معاني، منطق وغيره ته سڀني مدارس ۾ پاڙهيا ويندا هئا پر انهن مدرسن ۾ علم حديث پڙهائڻ جو ڪو خاص اهتمام نه هو.

مخدوم صاحب جيئن ته عرب دنيا ۾ وقت جي عظيم استادن وٽان حديث ۾ تخصص حاصل ڪيو هو، انڪري حديث جي سمورن شعبن جيئن ته اصول حديث، لغات الحديث، اسماءُ الرجال، مختلف الحديث، جرح تعديل، ناسخ منسوخ، اسناد علل ۽ روايت درايت وغيره تي سندن گهري نظر هئي، انڪري هن پنهنجي اداري ۾ حديث جي مڪمل تعليم جو بندوبست ڪيو هو، پر ان چوڻ ۾ به ڪو وڏاءُ نه ٿيندو ته سندڪ اندر علم حديث کي باقاعده رائج ڪرڻ جو سهرو به مخدوم سائينءَ جن جي سر تي ئي سونهي، ڇو ته ڪانئن اڳ عام مدارس ۾ مشڪواة شريف، مشارق الانوار يا ڪٿي ڪٿي صحيح بخاريءَ وغيره جي سرسري تعليم جو رواج هو پر مخدوم صاحب جن ڪانپوءِ ئي هتان جي مدارس اندر حديث جا حلقا قائم ٿي ويا ۽ اتي مختلف صحاح، جوامع، سنن، معاجم، مسانيد، اربعينات، اجزاء ۽ رسائل جا دوره ۽ تقابلي مطالعا جاري ٿيا ۽ هر وقت "حدثنا" ۽ "اخبرنا" جا منا ٻول ٻڌڻ ۾ پئي آيا. انڪري حديث جي علم پرائڻ جا شوقين هاڻي پنهنجي هن شوق جي تڪميل لاءِ عرب دنيا جا اٽانگا سفر ڪرڻ بدران ڏٺي ڏانهن رجوع ٿيڻ لڳا ۽ مخدوم صاحب جن جي بي پايان علم مان هڪ عرصي تائين پئي استفادو ڪندا رهيا.

درس و تدريس ڪان علاوه حضرت مخدوم سائينءَ جن جو باقي وقت تصنيف تاليف، وعظ تبليغ، ذڪر اذڪار ۽ بدعات توڙي خرافات جي خلاف جدوجهد ۾ گذرندو هو. هر روز ٽيپهريءَ جي نماز ڪانپوءِ هو پنهنجي مسجد ۾ حديث نبوي ﷺ جو درس ڏيندا هئا، جڏهن ته هر جمعي تي جامع مسجد خسرو ۾ وعظ فرمائيندا هئا.[1] مختلف علمي توڙي فقهي مسائل جي معلومات لاءِ به ماڻهو مخدوم سائينءَ جن ڏانهن ئي رجوع ڪندا هئا، ڇو ته عوام توڙي خواص کي سندن علميت تي مڪمل اعتماد هوندو هو.

---

(١) مقدمه بذل القوة مخدوم امير احمد عباسي ص ١٠.

Marfat.com

ٺٽي شهر اندر دين جي حوالي سان ان وقت جيڪي بدعات ۽ خرافات رائج هيون، تن جي پاڙ پٽڻ ۾ سائينءَ جن پنهنجون بي پناه توانايون ۽ صلاحيتون صرف ڪيون ۽ ان سلسلي ۾ مخدوم صاحب جن جي ئي ڪوششن سان وقت جي حاڪم غلام شاه ڪلهوڙي سرڪاري عاملن ڏانهن اهڙو حڪم نامو روانو ڪيو، جنهن ۾ مختلف مشرڪانه رسومات ۽ بي حيائيءَ وارين ڳالهين کي سرڪاري سطح تي روڪڻ جو حڪم ڏنو ويو. (١)

مخدوم صاحب جن جي مٿين ڪوششن جي ڪري ٺٽي شهر ۾ هر طرف خالص اسلامي معاشرو ۽ ديني ماحول نظر اچڻ لڳو، جنهن جو ان دور جي اهل علم دل کولي اعتراف ڪيو آهي، جڏهن ته سطحي علم وارا يا وري دين جي حڪمن بجاءِ پنهنجي نفساني خواهشن جي پيروي ڪرڻ وارا بي عمل ساڻن اختلاف به رکندا هئا، جنهن جو بنياد سندن بي علمي ۽ بدنيتي تي رکيل هو.

مخدوم صاحب جن، ٿيهن ورهين کان به وڌيڪ عرصي تائين نه صرف سنڌ پر ان کان ٻاهر به ديني حلقن ۾ پنهنجي علم و فضل جو اهڙو ته ڏاڪو ڇمايو، جو اهل نظر ۽ اهل علم کان سواءِ وقت جا حاڪم به سندن حڪمن جي تعميل کي پنهنجي لاءِ سعادت سمجهندا هئا.

شاگرد

مخدوم صاحب جن پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي علم ۽ عرفان جا درياءَ وهايا، انهن منجهان سوين نه پر هزارين شخص سيراب ٿيا. ان لسٽ ۾ ڪئين عالم، اديب، فقيه، مفتي، مؤرخ، مفسر، محدث ۽ مقرر شامل آهن، جن جا نالا شمار ڪرڻ امڪان کان ٻاهر آهي پر هتي نموني طور اهڙا چند نالا درج ڪجن ٿا، جن پنهنجي دور جي هن عظيم استاد وٽان حاصل ڪيل علم کي اڳتي وڌايو ته سندس ساک کي برقرار به رکيو. انهن منجهان پهريان پ مخدوم سائينءَ جن جا فرزند آهن.

مخدوم عبدالرحمان، مخدوم عبداللطيف، شيخ محمد مراد ولد محمد يعقوب انصاري سيوهاڻي، شيخ عبدالحفيظ بن درويش عجيمي مڪي، علامه محمد بن محمد اشرف بن آدم نقشبندي سنڌي، سيد عبدالرحمان ولد سيد محمد اسلم حنفي مڪي، مخدوم عبدالخالق ٺٽوي، مخدوم عبدالله نرئي وارو، ميون عزت الله ڪيربو چوٽياروي، سيد شهمير شاهه متياروي، مخدوم ميئينڏنو نصرپوري، سيد محمد صالح شاه جيلاني گهوٽڪي وارو، ميان نور محمد خسته ٽڪڙائي ۽ سيد فقير الله شاهه علوي شڪارپوري وغيره جا نالا ذڪر جوڳا آهن. (٢)

---

(١) روزنامه الوحيد سنڌ آزاد نمبر ١٩٣٦ع ص ٣٢.

(٢) مقدمه "ڪشف الرين" ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي ص ٢٢ ـ ٢٣، مقدمه رشف الزلال "سنڌي ترجمو" ڊاڪٽر عبدالرسول قادري ص ١٤، تذڪره شعراء ٽڪڙ اسدالله شاه اسد ص ١٨، مقدمه نسب النبي ﷺ سنڌي ترجمو مفتي مولانا عبدالوهاب چاچڙ ص ٦.

Marfat.com

متين نالن منجهان كجهه اهم شاگرن جا مختصر حالات هيٺ ڏجن ٿا:

(١) مخدوم عبدالرحمان

هي مخدوم محمد هاشم سائينءَ جن جو وڏو فرزند هو. تعليم جي تڪميل مخدوم صاحب جن جي مدرسي ۾ ڪيائين ۽ پوءِ ٿٽي ۾ ئي درس و تدريس جا فرائض ادا ڪندو رهيو، علم فقه ۾ ڪيس وڏي مهارت حاصل هئي. سنڌي زبان ۾ هڪ ڪتاب لکيائين، جنهن جو نالو "حيات العاشقين" آهي. هن ڪتاب ۾ حج جا مسائل نهايت آسان نموني ۾ بيان ڪيا اٿس. هي ڪتاب به ان دور جي رواج مطابق الف اشباع واري طرز تي لکيل آهي ۽ ليٿو تي ڇپيل به آهي. (١)

مخدوم عبدالرحمان پنهنجي والد جي وفات ڪانپوءِ ٿٽي مان هجرت ڪري وڃي رياست جهونا ڳڙهه ۾ رهيو ۽ پوءِ سڄي عمر اتان جي ماڻهن جي ديني توڙي علمي ميدانن ۾ رهنمائي ڪئي ڪيائين. (٢) تانجو ١١٨١ هـ جي لڳ ڀڳ اتي گذاري ويو ۽ اتي ئي ڪيس دفنايو ويو. (٣)

(٢) مخدوم عبداللطيف

هي مخدوم صاحب جن جو ٻيو نمبر فرزند هو، جيڪو پنهنجي عظيم پيءُ جو صحيح جانشين ثابت ٿيو ۽ ان جي جاءِ تي درس و تدريس کان علاوه وعظ ۽ تبليغ جو سلسلو به جاري رکيو ڪئي آيو. ١١٨٧ هـ ڌاري ان وقت جي حاڪم ميان سرفراز ڪلهوڙي طرفان کين قاضي مقرر ڪيو ويو ۽ اهي ذميواريون به هن نهايت عزيمت ۽ اورچائيءَ سان نڀايون. ان زماني ۾ هن پنهنجي جاءِ تي درس و تدريس لاءِ پنهنجي پٽ مخدوم محمد ابراهيم عرف مولڏني کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو ته جيئن قضا جي مصروفيت سبب پڙهڻ پڙهائڻ جو ڪم متاثر نه ٿئي. (٤)

مخدوم عبداللطيف سال ١١٨٧ هجريءَ ڌاري وفات ڪئي ۽ ڪيس مڪليءَ جي قبرستان ۾ ئي پنهنجي پيءُ جي پيراندي‌ءَ کان دفنايو ويو. جتي سندس قبر اڄ تائين موجود آهي.

(٣) مخدوم ابوالحسن صغير

سنڌ جو برڪ عالم ۽ مجيل محدث غلام حسين بن محمد صادق جنهن کي دنيا مخدوم ابوالحسن صغير جي نالي سان ڄاڻي ٿي، سو ٿٽي ۾ ڄائو. اتي ئي علم پرايائين. جنهن ڪانپوءِ وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ مديني شريف پهتو ۽ اتان جي جيد عالمن جي خدمت ۾ رهي فقه

---

(١) مقدمه بذل القوة مخدوم امير احمد عباسي ص ٤٧. مقدمه تفسير هاشمي، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ ص ١٣.

(٢) ايضاً.

(٣) مقدمه بذل القوة مخدوم امير احمد عباسي ص ٤٠. تحفة الڪرام (سنڌي ترجمو) مخدوم امير احمد ص ٥٦٦، قديم سنڌ مرزا قليچ بيگ ص ٢٠٠.

(٤) تذڪره مشاهير سنڌ مولانا دين محمد وفائي ج ٣ ص ٣٣٠ ـ ٣٢٩. نزهة الخواطر سيد عبدالحي لکنوي ج ٦ ص ١٦٩.

Marfat.com

۽ حديث ۾ تخصص حاصل ڪيائين. سندس استادن ۾ سالم بن عبدالله بصري، شمس بن عقيلة ۽ عطاء مڪي ڪان علاوه سنڌ جي مجيل عالم ۽ محدث شيخ محمد حيات سنڌيءَ جو نالو به شامل آهي، جنهن جي وفات ڪانپوءِ اتان جي انتظاميه طرفان مخدوم ابوالحسن ڪي سندس استاد جي جاءِ تي "مدرسه دارالشفاء" جو شيخ الحديث مقرر ڪيو ويو. (۱) جيڪو سندس علميت جو اعتراف به آهي ته هڪ وڏو اعزاز به.

پنهنجي عظيم استاد جي عظيم مسند تي ويهي مولانا ابوالحسن صغير هڪ عالم ۽ محقق استاد جي حيثيت سان پنهنجون ذميواريون احسن طريقي سان نيايون ۽ ان اعتماد ڪي بحال رکيو، جيڪو مدرسي جي انتظاميه طرفان مٿس ڪيو ويو هو. هزارن جي تعداد ۾ اسلامي دنيا جي ڪنڊڪڙ مان ايندڙ شاگرد سندس علم مان مستفيض ٿيا ۽ هن ان وقت "مدرسه دارالشفا" مان جيڪي سَنَدون حاصل ڪيون، تن ۾ هڪ ٻئي پنيان ٽن سنڌي استادن جا نالا شامل هئا، يعني مخدوم ابوالحسن ڪبير، شيخ محمد حيات سنڌي ۽ ابوالحسن صغير. بيشڪ اهي اهڙا عالم هئا، جن سڄي اسلامي دنيا ۾ سرزمين سنڌ جي مانَ ڪي مٿانهون ڪيو. اڄ به سنڌ جا اهل علم ان ڳالهه تي فخر ڪن ٿا. حديث شريف جي ڪتابن مان مخدوم ابوالحسن جي صحيح بخاريءَ سان ڏاڍي انسيت هئي. واندڪائيءَ جي وقت بخاري شريف جو متن زبر زبر سان نقل ڪندا رهندا هئا ۽ جڏهن هڪ نسخو مڪمل ٿيندو هو ته وري ٻئي جي شروعات ڪندا هئا. سندن هٿ جو لکيل هڪ اهڙو ئي نسخو يمن ۾ موجود آهي. (۲) سن ۱۱۸۷ هـ بمطابق ۱۷۷۳ع ڏاري هن بزرگ مديني شريف ۾ وفات ڪئي ۽ ڪيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

(۴) الحاج سيد فقير الله شاهه علوي

حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي شاگردن ۾ هڪ نمايان نالو سنڌ جي مشهور عالم، عامل، عارف ۽ اهل دل صوفي حضرت شاهه فقير الله علوي رحه جو به آهي. هي بزرگ سن ۱۱۰۰ هجريءَ ڏاري افغانستان جي مشهور شهر جلال آباد جي پسگردائيءَ ۾ "روتاس" نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڄائو. هن پنهنجي تعليم جو سلسلو ان علائقي جي هڪ نامور عالم حضرت علامه محمد صادق بن ديندار ننگرهاري حصارڪيءَ وٽ مڪمل ڪيو ۽ تفسير، حديث، فقه، منطق ۽ معاني وغيره ۾ مهارت حاصل ڪيائين. پر سندس اندر ۾ جيڪا علم جي اڃ هئي اها نه اجهاٽي، انڪري وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ هن هند سنڌ، عرب توڙي عجم جا ڏکيا ۽ ڏڳها سفر ڪري، وقت جي وڏن استادن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ظاهري توڙي باطني

---

(۱) مقدمه بذل القوة مخدوم امير احمد عباسي ص ۴۷. تحفة الڪرام مير علي شير قانع سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد عباسي ص ۵۷۸. نزهة الخواطر عبدالحي لکنوي ج ۶ ص ۹ ـ ۸.

(۲) "الرحيم" سرزمين سنڌ ۾ علم حديث جي خدمت قسط ۲ آگسٽ ۱۹۶۲ع.

Marfat.com

علوم ۾ ڪمال حاصل ڪيو.

سڀ کان پهريان باطني علم جي سلسلي ۾ حضرت فقير الله شاهه عليه رحمت پشاور جي علائقي ۾ آيو ۽ اتي وقت جي وڏي شيخ، سيد محمد مسعود پشاوري جي هٿ تي بيعت ڪيائين، جنهن ڪيس ڇهن سلسلن يعني نقشبندي، قادري، چشتي، سهروردي، شطاري ۽ فردوسي ۾ خلافت عطا ڪئي (۱) ان ڪانپوءِ لاهور اچي شيخ الشيوخ خواجه محمد سعيد لاهوريءَ وٽان ان سلسلي جي تڪميل ڪيائين، جيڪو سيد محمد مسعود جو به مرشد هو. اهڙيءَ ريت ظاهري علم جي سلسلي ۾ حضرت شاهه فقير الله علوي رحه حرمين شريفين پهتو ۽ حج جي سعادت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ اتان جي نامور استادن وٽان پين مختلف علوم سان گڏ حديث ۾ تخصص حاصل ڪيائون. انهن استادن ۾ شيخ الاسلام مفتي عبدالقادر مڪي، مشهور محدث سيد محمد عمر مڪي، خطيب بن عمر يمني ناشري ۽ رئيس المحدثين امام محمد حيات ولد محمد ابراهيم سنڌيءَ جا نالا ذڪر جوڳا آهن، جن ڪان شاه صاحب جن صحاح سته ۽ ڪتاب الاجازه جون اسناد حاصل ڪيون.

جنهن ڪانپوءِ شاه صاحب ٺٽي ۾ آيو ۽ اتي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه جي شاگرديءَ ۾ رهي ڪائن حديث، فقه، اوراد توڙي اذڪار وغيره ۾ سَنَدون ورتائين. جنهن جو ذڪر هن پنهنجي ڪتابن قطب الارشاد، وثيقة الاڪابر سان گڏ انهن خطن ۾ به ڪيو آهي، جيڪي "مڪتوبات فقير الله شاهه علوي رحه" جي نالي سان شايع ٿي چڪا آهن. هڪ جاءِ تي پاڻ اها ڳالهه به واضح ڪئي اٿن ته مخدوم صاحب عليه رحمت پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪو به علم حاصل ڪيو، ان سموري علم جون سَنَدون حضرت شاهه صاحب کي عطا ڪيائين. (۲)

سن ۱۱۵۰ هجريءَ ڌاري حضرت فقير الله شاه علوي پنهنجي اباڻي وطن افغانستان کي خيرباد چئي هميشه لاءِ سنڌ ۾ آيا ۽ شڪارپور جي شهر کي پنهنجو وطن بڻايائون، جنهن ڪانپوءِ هتي هڪ شاندار علمي ۽ روحاني مرڪز جو بنياد رکيائون، جتي مختلف متداول علوم سان گڏ شاگردن کي روحاني تعليم به ڏني ويندي هئي، عالمن ۽ طالبن جي مطالعي لاءِ شڪارپور ۾ هڪ عظيم الشان لائبريري جو بنياد به رکيائون، جتي هزارن جي تعداد ۾ نادر قلمي نسخا موجود هئا ۽ بقول استاد قاسميءَ جي "هندوستان کان افغانستان تائين ڪيترا جيد عالم شڪارپور ڪهي اچي ان ڪتب خاني جي زيارت ڪندا هئا ۽ نادر ڪتابن تان نوٽ وٺندا هئا." (۳)

---

(۱) وثيقة الاڪابر (قلمي) سيد فقير الله علوي ص۲. قطب الارشاد سيد فقير الله علوي ص ۶۴۴.

(۲) وثيقة الاڪابر قلمي سيد فقير الله شاهه علوي رحه.

(۳) مقالات قاسمي "استاذ قاسمي" ص ۳۴۵.

Marfat.com

اٽڪل اڏ صديءَ تائين نہ صرف سنڌ پر هندوستان ۽ افغانستان کان ٻہ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو هن علمي ۽ روحاني مرڪز تان ظاهري توڙي باطني فيض حاصل ڪندا رهيا، جنهن لاءِ سنڌ جو مشهور عالم ۽ مؤرخ مير علي شير قانع لکي ٿو: "الحاج شاهہ فقير الله علوي جيڪو باهران آيل آهي پر هڪ ڊگهي عرصي کان شڪارپور ۾ ماڻهو سندن خدمت ۾ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا رهن ٿا. علم عرفان جي سلسلي کي توڙ رسايو اٿس ۽ ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هي بزرگ فضيلت ۽ حالت جو مالڪ آهي، (آسپاس جا) حاڪم ٻہ ساڻس عقيدت رکن ٿا ۽ سڏن خدمت ۾ حاضري ڀرين ٿا. نيڪين جي حڪم ڪرڻ ۽ براين کان روڪڻ ۾ نهايت ڪوشان رهي ٿو ۽ پنهنجي معتقدن کي ظاهري ۽ باطني فيض سان پيو نوازي ٿو." (١)

حضرت شاهہ صاحب وٽ تصنيف ۽ تاليف جو سلسلو ٻہ سڃي زندگي جاري رهيو. عربي، فارسي ۽ پشتو وغيره ۾ مختلف موضوعات تي ڪافي ڪتاب لکيائون، ان کانسواءِ وٽن پري رهڻ وارن مريدن معتقدن جي تعليم ۽ تربيت جو انتظام خطن ذريعي ٻہ هلندو هو. انهن خطن مان ڪجهہ خط "مڪتوبات" جي نالي سان شايع ٻہ ٿيل آهن. جن ۾ ذهني توڙي روحاني اصلاح لاءِ عجيب نقطا سمايل آهن، جن جي مطالعي مان اڄ جا انسان ٻہ رهنمائي حاصل ڪري سگهن ٿا.

علم ۽ عرفان جو هي آفتاب صفر مهيني جي ٽين تاريخ ١١٩٥ هـ ڏاري شڪارپور ۾ ئي غروب ٿيو، هزارين مريدن ۽ عقيدتمندن سندن جنازي ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ڪانپوءِ سندن ميت کي ان علمي مرڪز جي احاطي اندر ئي دفنايو ويو، جتي اڄ سوڏو سندن مزار مبارڪ موجود آهي. (٢)

مخدوم صاحب جن جي تصنيف تاليف

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جو شمار انهن عظيم عالمن ۽ محققن ۾ ٿيندو آهي، جن پنهنجي سڃي ڄمار دين جي تعليم، تبليغ ۽ ترويج لاءِ وقف ڪري ڇڏي. هو هر موقعي تي ۽ هر محاذ تان هر وقت "امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر" جي صدا بلند ڪندا رهيا. الله تعاليٰ سندن علم ۾ وسعت، بيان ۾ ندرت، ڪلام ۾ قدرت ۽ قلم ۾ اهڙي قوت عطا ڪئي هئي، جو تحرير توڙي تقرير ذريعي جنهن ٻہ موضوع ڏانهن متوجہ ٿيا تہ ان جو حق ادا ڪري ڏيکاريائون. اهوئي سبب هو جو الله تعاليٰ سندن زندگيءَ ۾ ئي کين اهو مقام عطا ڪري ڇڏيو، جيڪو اسان جي علائقن ۾ مُئي ڪانپوءِ ٻہ ماڻهن کي مَس ملندو آهي.

مخدوم سائينءَ جن پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻين ديني ڪمن سان گڏ تصنيف ۽ تاليف طرف ٻہ

---

(١) تحفة الڪرام (فارسي) مير علي شير قانع ج ٣ ص ١٣٤.

(٢) مقدمہ بذل القوة مخدوم امير احمد عباسي ص ٥١.

Marfat.com

خاص توجہ ڏني. هڪ ديني عالم جي حيثيت سان کين ان ڳالهہ جو احساس هو تہ علم جي اشاعت، ترقي ۽ تحفظ جو اهو هڪ اهم ۽ پائدار ذريعو آهي، ڇو تہ الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ پهرين وحيءَ وقت ئي "علم بالقلم" جو ذڪر ڪري ڇڏيو آهي. (۱) جنهن جي وضاحت ڪندي مفسر لکن ٿا تہ جيڪڏهن حضرت انسان کي قلم ۽ ڪتاب جو علم نہ هجي ها تہ علمي دنيا ۾ ترقيون رکجي وڃن ها ۽ علم ۾ وسعت پيدا نہ ٿي سگهي ها. پوءِ علم جو وڏڻ ويجهڻ ۽ ان کي محفوظ ڪرڻ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ها؟ نہ فقط ايترو پر انساني نسل پنهنجي بزرگن جي علم ۽ علميت کان بہ واقف ٿي نہ سگهي ها، انڪري تصنيف تاليف ذريعي ئي عالمن جي ميراث پوين نسلن تائين آسانيءَ سان منتقل ٿيندي رهي آهي.

مخدوم صاحب جن کي الله تعاليٰ جيئن درس و تدريس، وعظ و نصيحت، قضا و افتاء جي بي مثال صلاحيتن سان نوازيو هو، تيئن سندن ذات کي تصنيف تاليف جي ڏات بہ عطا ڪئي تہ ان کي پيش ڪرڻ جو ڏانءُ بہ. سندن سيني ۾ جيئن تہ علم جو هڪ جهان آباد هو، انڪري هنن مختلف ۽ متنوع موضوعات تي ڪئين ڪتاب تحرير فرمايا. اختصار ۽ جامعيت سندن تحرير جي خصوصيت رهي آهي. وڏي کان وڏي ڳالهہ اهڙي تہ وٽندڙ پيرائي ۽ مختصر انداز ۾ پيش ڪندا هئا، جو پڙهندڙ سولائي سان سندن مطلب جي تهہ تائين پهچي ويندو هو. نہ فقط ايترو پر پڙهندڙن اهو بہ محسوس ڪيو آهي تہ نهايت پيچيده ۽ منجهيل مسئلن کي مخدوم سائين، نهايت مختصر تحريرن ۾ حل ڪري ڏيکاريو آهي. دين سان لاڳاپيل شايد ئي ڪو اهڙو شعبو هجي، جنهن تائين سائينءَ جن جو قلم نہ پهتو هجي، انڪري ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ سندن جي عالمن منجهان تصنيف ۽ تاليف جو جيترو گهڻو ڪم مخدوم صاحب جن ڪيو آهي، اوترو ٻئي ڪنهن هتان مشڪل ٿيو هوندو.

مخدوم صاحب جن جي تصنيف ۽ تاليف ٿيل ڪتابن جو تعداد

مخدوم صاحب جن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪل ڪيترا ڪتاب لکيا؟ ان ڏس ۾ محققن جا رايا مختلف آهن. پاڻ پنهنجي مشهور رسالي "اتحاف الاڪابر بمرويات شيخ عبدالقادر" ۾ هنن پنهنجي طرفان لکيل هڪ سؤ پندرهن ڪتابن جا نالا درج ڪيا آهن. (۲) اهو ڪتاب پاڻ ۱۱۳۶ هجريءَ ڌاري مڪي حرم ۾ قيام دوران تحرير ڪيو هئائون. ان وقت مخدوم سائينءَ جن جي چمار ٻتيهہ ورهيہ مس هئي، جنهن ڪانپوءِ بہ پاڻ اٺتيهہ ورهيہ ڪن حيات هئا ۽ ان زماني ۾ بہ تصنيف تاليف جو ڪم زور شور سان ڪندا رهيا. هنن ان زماني ۾ بہ نهايت اهم ڪتاب

---

(۱) سوره علق آيت ۴ پاره ۳۰.

(۲) بذل القوة: (قلمي) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ص ۱۳۴ ب ڪتب خانہ ميان خالد ڏهر.

Marfat.com

تحرير ڪيا، ان جو وڏو ثبوت اهو ڪتاب پڻ آهي جنهن جو ترجمو هن وقت اوهان مطالعو ڪري رهيا آهيو. هن ڪتاب ڪي مخدوم سائينءَ جن ۱۱۶۸ هجريءَ ڏاري لکي پورو ڪيو هو ۽ ان ڪتاب جو نالو اتحاف الاڪابر ۾ درج آهي. ان مان اها پروڙ ٻه پوي ٿي ته مخدوم صاحب جن پوئين دور ۾ لکيل پنهنجي ڪن خاص ڪتابن جا نالا پڻ "اتحاف الاڪابر" واري فهرست ۾ شامل ڪندا رهيا آهن پر سڀني ڪتابن جا نه. ڇو ته پوئين دور ۾ لکيل ڪجهه ڪتابن جا نالا "اتحاف الاڪابر" واري فهرست ۾ موجود نه آهن، جنهن ڪري سندن لکيل ڪتابن جي صحيح تعداد جو اندازو لڳائڻ ڪجهه مشڪل ٿي پيو آهي، انڪري ئي مختلف عالمن ۽ محققن وٽ سندن لکيل ڪتابن جي تعداد بابت اختلاف رهيو آهي ۽ هو اهو انگ ڏيڍ سو ڪان وڌي ساڍا ٽي سو تائين ٻڌائين ٿا. (۱) جنهن ۾ ڪجهه مبالغه آرائي ڪان ڪم ورتو ويو آهي. منهنجي ذاتي راءِ مطابق اهو تعداد ڏيڍ سؤ ڪان وڌي ٻن سون تائين ٽي سگهي ٿو، والله اعلم بالصواب. اهي ڪتاب عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ سنڌي زبان ۾ ٻه لکيا ويا ته جيئن سنڌ جو عوام جيڪو عربي فارسي نٿو ڄاڻي ته اهو ٻه دين جون ڳالهيون ۽ مسئلا پنهنجي مادري زبان ۾ سولائي سان پڙهي سمجهي پوءِ انهن تي عمل ڪري سگهي.

گذريل صديءَ دوران عربي ۽ فارسي زبانن ڏانهن عوام جي دلچسپي گهٽجي رهي آهي. وڏن وڏن علمي ۽ ديني خاندانن جا چشم و چراغ ٻه انگريزي تعليم ڏانهن متوجه رهيا ۽ منجهن دنياداريءَ سان ئي ڄاهه ۽ دلچسپي وڌي ويئي. جنهن ڪري اهڙا قديم ڪتب خانه جن ڪي اسان جي بزرگن بيمثال ڪوششن ۽ قربانين سان قائم ڪيو هو، اهي تلف ۽ تاراج ٿي ويا. انهن منجهان ڪيترين جاين تي ته ڪتاب نالي ڪا شيءِ باقي نه بچي. البت ڪٿي ڪٿي ڪي ڏيءَ ٻيڙي واربون هريڙون باقي بچيل نظر اچن ٿيون.

پندرهين صديءَ جي شروعات ان سلسلي ۾ ڪافي خوش آئيند ۽ اميد افزا رهي، ڇو ته هاڻي سنڌ جا نوجوان عالم ۽ محقق نئين جوش ۽ جذبي سان پنهنجي بزرگن جون وڃايل وٿون هٿ ڪرڻ لاءِ پکوڙهه ڪري ميدان ۾ لٿا آهن. هنن جيڪا جستجو ۽ جاکوڙ شروع ڪئي آهي، تنهن جا سٺا نتيجا سامهون اچي رهيا آهن. هينئر هر هنڌ پهچڻ لاءِ جديد مواصلاتي سهولتون، نقل ڪرڻ بجاءِ فوٽو استيٽ جو نظام، پراڻن پنن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ پلاسٽڪ ڪوٽنگ جو طريقو وغيره ٻه هن ڏس ۾ معاونت ڪري رهيا آهن، جنهن ڪري ڪافي اهڙا ڪمياب ڪتاب هن دور ۾ دستياب ٿي رهيا آهن، جن جي هٿ اچڻ جي ڪجهه وقت اڳ اميد ڪرڻ ٻه اجائي پئي لڳي ۽ اهڙن ڪتابن ۾ سڀ کان گهٽو تعداد حضرت مخدوم سائينءَ جن جي ڪتابن جو ئي

(۱) مقدمه ذل القوة: "مخدوم امير احمد عباسي" ص ۱۱. تاريخ سنڌ: ڪلهوڙا دور، مولانا غلام رسول مهر ج ۲ ص ۷۵. "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي": ڊاڪٽر عبدالرسول قادري ص ۷۵.

Marfat.com

آهي. ڇو تہ هڪ طرف مخدوم صاحب جن جو تحريري مواد سڀ کان گهٽو آهي. ٻيو تہ سندن شاگردن جو تعداد بہ سڀ کان مٿي هو، جيڪي وڏ ۾ وڏ پنهنجي استاد جي ڪتابن جا نسخا نقل ڪري پاڻ وٽ رکندا هئا. وقت گذرڻ سبب يقيناً گهٽا ڪتاب هيٺ مٿي ٿي ويا پر پوءِ بہ ڪافي ڪجهہ بچي ويو آهي ۽ اهي هٿ آيل ڪتاب هاڻي سنڌ جي ڪينرن ئي ڪتب خانن ۾ موجود ۽ محفوظ آهن ۽ آسانيءَ سان ماڻهو اتي پهچي انهن منجهان استفادو ڪري سگهي ٿو.

منهنجي معلومات مطابق مخدوم صاحب جن جي ڪتابن منجهان سڀ کان گهٽو ذخيرو هن وقت حضرت مولانا ڊاڪٽر محمد ادريس سومري صاحب جن پنهنجي "قاسميہ لائبريري" ڪنڊياري ۾ ڪنو ڪيو آهي، جتي قلمي توڙي فوٽو اسٽيٽ نسخن جو تعداد هڪ سو جي لڳ ڀڳ ٿيندو. ان سلسلي ۾ سندن جاکوڙ ۽ جستجو اڃان جاري آهي. ڪجهہ وقت اڳ ڊاڪٽر صاحب جن مخدوم سائينءَ جن جي نايابتوڙي دستياب انهتر ڪتابن جي الف ب وار هڪ فهرست مرتب ڪئي هئي، جنهن جي هڪ فوٽو اسٽيٽ ڪاپي مونکي بہ عنايت ڪئي هئائون. الله تعاليٰ کين جزاءِ خير عطا فرمائي، آمين.

مخدوم صاحب جن جي مخطوطات توڙي مطبوعات جو ٻيو وڏو ذخيرو، سنڌ جي هڪ ٻئي نوجوان عالم ۽ محقق صاحبزاده مفتي محمد جان نعيمي مدظله جن پنهنجي مشهور جامعہ "دارالعلوم مجددیہ نعيميہ ملير ڪراچي" جي ديده زيب ڪتب خاني ۾ جمع ڪيو آهي. ان کان علاوه مخدوم صاحب جن جا ڪتاب هينئين ڪتب خانن ۾ بہ جهجهي تعداد ۾ موجود آهن:

حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ صاحب جن جو ڪتب خانو، روهڙي ضلعو سکر.
حضرت مولانا ڊاڪٽر عبدالرسول قادريءَ جو ڪتب خانو، ڳوٺ دڙي مگسي تعلقو سڪرنڊ.
مدرسہ سومراڻي شريف جو ڪتب خانو، تعلقو لکي ضلعو شڪارپور.
مولوي محمد رمضان ڦلپوٽي صاحب جن جو ڪتب خانو، کهڙا تعلقو گمبٽ.
جامعہ راشديہ جو ڪتب خانو، پير جو ڳوٺ.
مدرسہ پيندو شريف جو ڪتب خانو.
پروفيسر امين الله علوي جو ذاتي ڪتب خانو شڪارپور.

ان کانسواءِ پين بہ ڪيترن ئي سرڪاري توڙي خانگي ادارن جي ڪتب خانن ۾ ڪجهہ نسخا موجود آهن. تڪرار ۽ طوالت کان بچڻ خاطر هتي مخدوم صاحب جن جي تصنيفات ۽ تاليفات جا نالا نقل نہ ڪيا ويا آهن، ڇو تہ اهي نالا اسان جي عالمن ۽ محققن طرفان ڪافي ڪتابن، انهن جي مقدمن، حاشين يا مختلف مقالن وغيره ۾ نقل ڪيا ويا آهن ۽ اهڙا اڪثر ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، انڪري جيڪي شائقين انهن نالن معلوم ڪرڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا،

Marfat.com

انهن جي خدمت ۾ گذارش آهي ته هيٺين ڪتابن جو مطالعو فرمائين:

١. مقدمہ بذل القوة: مرحوم مخدوم امير احمد عباسي.

٢. حواشي تڪملہ مقالاة الشعراء: پير حُسام الدين راشدي.

٣. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ بابت ڊاڪٽريٽ جو مقالو: حضرت مولانا ڊاڪٽر عبدالرسول قادري (زير طبع).

٤. مهراڻ جو موتي: مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو صاحب.

٥. مقدمہ ڪشف الرين: ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي.

٦. ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون: پير حسام الدين راشدي وغيره.

وفات

حضرت مخدوم صاحب جن پنهنجي سڄي زندگي دين جي خدمت ۾ گذاري ۽ هو رجب مهيني جي ڇهين تاريخ خميس جي ڏينهن سن ١١٧٤ هجري بمطابق ١٧٦١ عيسويءَ جي فيبروري مهيني ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو، انا لله وانا اليه راجعون. ان وقت سندن عمر ستر ورهيہ هئي. [1] سندن نماز ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو شريڪ هئا. ڪين ٺٽي شهر جي ٻاهران مڪليءَ جي مشهور قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو، جتي اڄ سوڏو سندن قبر مبارڪ موجود آهي. هونئن ته اها قبر ڪليل آسمان هيٺان هوندي هئي پر ڪجهہ ورهيہ ٿيا ته سندن قبر مٿان ڇت ۽ پاسي ۾ هڪ مسجد بہ اڏائي ويئي آهي. مخدوم صاحب جن جي وفات تي سندن ڪيترن ئي شاگردن توڙي عقيدتمندن قطعات ۽ مرثيا بہ لکيا هئا، جن ۾ غلام علي مداح، محمد پناه رجا، مير غلام علي بيگ ۽ محمد حسن جا نالا ذڪر جوڳا آهن.

بذل القوة جا قلمي توڙي ڇاپي نسخا ۽ ترجما

حضرت علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جن "بذل القوة" جو هي نادر نسخو سال ١١٦٨ هجريءَ جي صفر مهيني ۾ اربع جي رات لکي مڪمل ڪيو ۽ اها تاريخ هنن پاڻ ڪتاب جي آخر ۾ نقل ڪئي آهي.

عالمن ۽ محققن وٽ ان دور ۾ اهو بہ رواج هوندو هو تہ منجهائن اڪثر پنهنجي ئي ڪتابن جو اختصار بہ لکندا هئا، پر جي ڪو ڪتاب تمام طويل هوندو هو تہ وري ان جو هڪ (اوسط) يعني وچولي درجي جو نسخو بہ تيار ڪيو ويندو هو، پوءِ اهو ڪم مصنف پاڻ بہ ڪندو هو تہ ڪڏهن سندس ٻيا شاگرد يا معتقد بہ اها خدمت سرانجام ڏيندا هئا، ان ڪري

---

(١) تحفة الڪرام مير علي شير قانع، ترجمو مخدوم امير احمد عباسي ص ٥٦٦. الوحيد سنڌ آزاد نمبر، ١٩٣٦ ص ٣٣، قديم سنڌ مرزا قليچ بيگ ص ٤٦٧. تذڪره لطفي مرحوم لطف الله بدوي ج ١ ص ٢٤٧.

Marfat.com

کيترن ئي کتابن جا مطول، اوسط ۽ صغير نسخا اڃ ب اسان وٽ موجود آهن. ان ڏس ۾ معجم طبراني، سيرة ابن کثير، تاريخ ذهبي وغيره جا مثال ڏيئي سگهجن ٿا. ان رواج پٽاندڙ حضرت مخدوم صاحب جن ب بعد ۾ هن کتاب جو اختصار "فتح العلي في حوادث سني النبوة النبي" صلي الله عليه وسلم جي نالي سان لکيو هو. (۱)

سيرت طيبہ بابت کتاب "بذل القوة" پنهنجي متبرک موضوع توڙي منفرد انداز تحرير سبب ان دور ۾ ئي ڏاڍي مقبوليت حاصل کئي، جنهن جو وڏو ثبوت اهو آهي تہ هن کتاب جا کيترائي نسخا مختلف جاين تي اڃ سوڌو موجود آهن. هن کتاب جي سنڌي ترجمي دوران جيکي قلمي نسخا نظر مان گذريا يا جن جي متعلق مختلف ذريعن کان معلومات حاصل ٿي، انهن جو تفصيل هن ريت آهي:

(الف) قلمي نسخا

(۱) هن کتاب جو هک ناياب قلمي نسخو نيشنل ميوزيم ڪراچيءَ جي مخطوطات واري شعبي ۾ رکيل آهي، جيکو ميوزيم جي منتظمين پير جهنڊي وارن وٽان خريد ڪيو هو. هن نسخي جو شمار کتاب جي صحيح ترين نسخن ۾ ٿئي ٿو، ڇو تہ هن نسخي کي مؤلف جي روبرو پيٽايو ويو هو. هي کتاب کيترو عرصو قبل مخدوم سائينءَ جن جي خاندان جي ملکيت ۾ رهيو آهي، جنهنکري کتاب تي سندن پوٽي مخدوم محمد ابراهيم ٿٽويءَ جي مهر ب لڳل آهي. (سلام عليٰ ابراهيم ۱۱۸۴ هـ)، بعد ۾ هي کتاب راشدي بزرگن وٽ پهتو ۽ هينئر نيشنل ميوزيم ۾ موجود آهي.

(۲) کتاب "بذل القوة" جو هک قلمي نسخو "قاسميہ لائبريري" کنڊياري ۾ ب موجود آهي، جيکو سن ۱۲۱۲ هجريءَ ڌاري نقل ڪيو ويو هو. هيءُ خط نسخ ۾ لکيل آهي، جنهن تي کاتب جو نالو درج نہ آهي.

(۳) هن کتاب جو ٽيون نسخو "مدرسہ کنز العلوم" سومراڻي شريف ضلع شڪارپور ۾ ب موجود آهي، جنهن جي کاتب جو نالو فقير محمد هاشم ولد ايوب ولد عبدالخالق آهي. هي "ميان علي شاه" نالي ڳوٺ جو رهاڪو هو، جنهن ۱۳۲۶ هـ ڌاري هي نسخو نقل ڪيو هو.

(۴) "بذل القوة" جو هک نهايت خوبصورت ۽ خوش خط نسخو ڪتب خانہ ميان خالد ڏهر لڳ عالم آباد تعلقو ڪپرو ضلع سانگهڙ ۾ ب موجود آهي، جنهن جو مالک حضرت مولانا مير محمد سڪندري صاحب آهي. خط نسخ ۾ لکيل هن نسخي تي کاتب جو نالو يا ڪتابت جو سال درج نہ آهي.

---

(۱) اتحاف الاکابر (قلمي) مخدوم محمد هاشم رح ج ۲ ص ۱۴۰.

Marfat.com

(٥) مخدوم صاحب جن جي هن نادر ڪتاب جو هڪ پيو خوش خط نسخو جامعہ راشديہ پير جو ڳوٺ جي لائبريري ۾ موجود آهي، جنهن جي ڪاتب جو نالو حافظ محمد رفيع ولد فتح محمد آهي. جنهن نهايت خوبصورت انداز ۾ هي ڪتاب نقل ڪيو آهي.

اهڙيءَ ريت ڪن پين لائبريرين ۾ به هن ڪتاب جا خطي نسخا موجود آهن.

(ب) ڇاپي نسخو:

ڪتاب "بذل القوة في حوادث سني النبوه" عربي زبان ۾ پهريون پيرو سال ١٩٦٦ع بمطابق ١٣٨٦ع هجريءَ ڏاري سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيو ويو، جنهن جي تحقيق، تدوين، تقديم ۽ تهذيب جو ڪم ان دور جي مشهور عالم حضرت مولانا مخدوم امير احمد عباسي صاحب پرنسيپل اورنٽيل ڪاليج حيدرآباد طرفان ڪيو ويو.

هي ڪتاب ڊيمي سائيز ۾ شايع ٿيو، جنهن جو متن ٣٠٧ صفحن تي مشتمل آهي، جڏهن ته شروعات ۾ هڪ سؤ صفحن تي نهايت معلوماتي مقدمو آهي، جنهن ۾ مؤلف جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندن تصنيفات توڙي تاليفات جو ذڪر نهايت دلڪش انداز ۾ ڪيو ويو آهي. آخر ۾ ٢٣٠ صفحن تي عنوانن جون فهرستون اعلام، اماڪن ۽ ماخذ وغيره جو ذڪر آهي، اهڙي ريت هي سڄو ڪتاب ٦٤٠ صفحن تي مشتمل آهي. هاڻي هي نسخو نايابيءَ جي چڪو آهي، انڪري ضرورت آهي ته هن جو نئون ايڊيشن شايع ڪيو وڃي.

(ج) سنڌي زبان ۾ ترجما:

پهريون پيرو بذل القوة جي سنڌي زبان ۾ ترجمي جو آغاز پروفيسر غلام حسين جلباڻي هٿان ٿيو، جنهن کي استاد العلماء حضرت علامہ مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ صاحب جن اڳتي وڌايو. اهو مواد ماهوار توڙي ٽماهي "الرحيم" ۾ اٽڪل چوڏهن ورهيہ يعني (١٩٧٦ کان ١٩٩٠ تائين) قسطوار وقفي وقفي سان شايع ٿيندو رهيو، پر مڪمل ٿي نہ سگهيو. [1] اهي قسطون هينئر "مقالات قاسميءَ" ۾ يڪجاءِ محفوظ آهن. استاذ قاسمي صاحب جن عربي عبارتن کي نهايت سليس سنڌيءَ جو لباس پهرايو آهي، جيڪڏهن هي ڪتاب مڪمل ٿي وڃي ها ته سنڌي زبان ۾ سيرة جو هڪ اهم دستاويز ثابت ٿئي ها.

ڪتاب بذل القوة جو پيو ترجمو اوهان جي آڏو آهي، جڏهن ته هن ڪتاب جو هڪ سنڌي ترجمو مولانا طفيل احمد نقشبندي نٿويءَ طرفان به ڪيو ويو آهي، جيڪو عنقريب شايع ٿيڻ وارو آهي. [2] ڪجهہ پين عالمن طرفان به هن ڪتاب جي سنڌي ترجمي ڪرڻ جون خبرون پڌڻ ۾ اچي رهيون آهن، جن مان محمد مصري خان ميمڻ، ڊاڪٽر محمد اشرف سمون جا نالا قابل ذڪر آهن.

---

(١) مخدوم محمد هاشم رح جون ڇپيل تصنيفون، ڊاڪٽر محمد ادريس سنڌي مهران ٢٠٠٣/٢ ص ٣٧.

(٢) مخدوم محمد هاشم رح جون ڇپيل تصنيفون، ڊاڪٽر محمد ادريس سنڌي مهران ٢٠٠٣/٢ ص ٣٧.

Marfat.com

جامع راشديہ پيرجوڳوٺ جي ڪتبخاني ۾ موجود "بذل القوة" جو قلمي نسخو
ڪاتب: حافظ محمد رفيع ولد فتح محمد.



وبك نستعين

رب يسر بسم الله الرحمن الرحيم وتمم بالخير

الحمد لله وحده والصلوة والسلام على من لا نبي بعده وعلى آله وصحبه ومن نحا نحوه وبعد
فيقول العبد المفتقر الى رحمة ربه الغني محمد هاشم بن عبد الغفور بن عبد الرحمن السندي
التتوي كان الله له وبه ومعه في كل وقت وحين ان هذه رسالة مختصرة في بيان ما
وقع من الحوادث في سني نبوة النبي الكريم صلى الله عليه وسلم اعني السنين الثلاث و
العشرين التي كان يسكن فيها النبي صلى الله عليه وسلم ثلاث عشرة سنة منها بمكة المعظمة
وعشر سنين منها بالمدينة المنورة من غزواته صلى الله عليه وسلم او من سراياه او
مما سواها من سائر الحوادث شرعت فيها خامس ذي الحجة الحرام من سنة الف ومائة و
ست وستين من هجرة خير الانام عليه افضل الصلواة واشرف السلام وسميتها بذل
القوة في حوادث سني النبوة ورتبتها على قسمين القسم الاول في حوادث سني النبوة
قبل الهجرة والقسم الثاني في حوادث سني النبوة بعد الهجرة وجعلت هذا القسم الثاني
ثلاث ابواب بعون الملك الوهاب الباب الاول في حوادث سني الهجرة من الغزواة الباب
الثاني في حوادث سني الهجرة من السرايا والبعوث الباب الثالث في حوادث السني الهجرة
من غير الغزواة والسرايا فاقول وبالله استعين القسم الاول فيما وقع من الحوادث
في سني نبوته صلى الله عليه وسلم الى زمان هجرته الى المدينة ومن المعلوم انه لم يقع قبل الهجرة
شيء من المغازي والسرايا اذا كان القتال حينئذ محرما فلا نذكر في هذا الباب شيئا الا
من الحوادث التي هي غير المغازي والسرايا ووضعت في هذا القسم بابا واحدا و
بنيت هذا الباب على فصول ثلثة عشر فاقول فصل في حوادث السنة الاول من النبوة
وهي سنة احدى واربعين من مولده صلى الله عليه وسلم فيها بعث رسول الله
صلى الله عليه وسلم بالنبوة قال الشامي في سيرته بعث رسول الله صلى الله

Marfat.com

الله تعالى عليه عشرا رواه مسلم وعن ابن مسعود رضي الله عنه قال قال رسول
الله صلى الله عليه وسلم اولى الناس بي يوم القيامة اكثرهم علي صلوة رواه
الترمذي وعنه قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم ان لله ملائكة
سياحين في الارض يبلغون من امتي السلام رواه النسائي والدارمي و
عن ابي ابن كعب رضي الله تعالى عنه قال قلت يا رسول الله اني اكثر الصلوة
عليك فكم اجعل من صلوتي فقال ما شئت قلت الربع قال ما شئت فان
زدت فهو خير لك قلت النصف قال ما شئت فان زدت فهو خير لك قلت
الثلثين قال ما شئت فان زدت فهو خير لك قلت اجعل لك صلوتي
كلها قال اذا تكفى همك ويكفر ذنبك رواه الترمذي وعن ابي هريرة رضي
الله عنه قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم من سره ان يكتال بالمكيال
الاوفى اذا صلى علينا اهل البيت فليقل اللهم صل على محمد النبي الامي
وازواجه امهات المؤمنين وذريته واهل بيته كما صليت على ابراهيم
انك حميد مجيد وعن رويفع ان رسول الله صلى الله تعالى عليه وسلم قال من
صلى محمد وقال اللهم انزله المقعد المقرب عندك يوم القيامة وجبت له
شفاعتي رواه احمد جعلنا الله تعالى من اهل شفاعته ومن زمرة
احبائه امين رب العالمين اللهم صل على محمد وانزله المقعد المقرب
عندك يوم القيامة والله اعلم تمت بعون الله الكريم

حافظ حميد رفيع حيدر فتح پوري

Marfat.com

قاسميہ لائبريري - ڪنڊيارو ۾ موجود "بذل القوة" جو خطي نسخو (پهريون ۽ آخري صفحو) ڪاتب: لکيل نہ آهي. سال ١٢١٢ هـ.

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله وحده والصلوة والسلام على من لا نبي بعده وعلى آله واصحابه و
من نحا نحوه وبعد فيقول العبد المفتقر الى رحمة ربه الغني محمد هاشم
بن عبد الغفور بن عبد الرحمن السندي التتوي كان الله له وبه ومعه
في كل وقت وحين ان هذه رسالة مختصرة في بيان ما وقع من الحوادث
في سني نبوة النبي الكريم صلى الله عليه وسلم يعني السنين الثلاثة و
العشرين التي كانت يسكن فيها النبي صلى الله عليه وسلم ثلاث عشرة سنة
منها بمكة المعظمة وعشر سنين منها بالمدينة المنورة من غزواته صلى الله
عليه وسلم او من سراياه او مما سواهما من سائر الحوادث شرعت
فيها خامس ذي الحجة الحرام من سنة الف ومائة وست وستين من
هجرة خير الانام عليه افضل الصلوة واشرف السلام وسميتها بذل
القوة في حوادث سني النبوة ورتبتها على قسمين القسم الاول
في حوادث سني النبوة قبل الهجرة القسم الثاني في حوادث سني
النبوة بعد الهجرة وجعلت هذا القسم الثاني ثلاثة ابواب بعون

Marfat.com

مسيلمة يومئذ ابن مائة وخمسين سنة وفيها في تلك الغزوة قتل من الصحابة
زيد بن الخطاب اخو عمر بن الخطاب رضي الله عنهما وكان زيد اكبر من عمر في السن
واقدم منه في الاسلام وفيها في تلك الغزوة قتل من الصحابة ثابت بن
قيس بن شماس خطيب الانصار وعباد بن بشر الانصاري الخزرجي رضي الله تعالى عنهما
وفيها في هذه الغزوة قتل من المشركين جيش مسيلمة الكذاب عشرون
الف رجل وقتل من المسلمين جيش خالد بن الوليد الف ومائتان رجل منهم
جماعة من الصحابة سوى من تقدم ذكرهم ابو حذيفة بن عتبة وسالم مولى
ابي حذيفة وشجاع بن وهب وعبد الله بن سهل ومالك بن عمرو والطفيل
بن عمرو الدوسي ويزيد بن قيس وعامر بن البكير وعبد الله بن مخرمة و
السائب بن عثمان بن مظعون ومعن بن عدي وابو دجانة سماك بن خرشة و
غيرهم وفيها في شوال توفي عبد الله بن ابي بكر الصديق رضي الله تعالى عنهما
وفيها في ذي الحجة توفي ختن النبي صلى الله عليه وسلم ابو العاص بن الربيع
زوج زينب بنت النبي صلى الله عليه وسلم ورضي عنهما وهذا اخر ما اوردنا
من الكلام وكان الفراغ من تسويده يوم العاشر من شهر ذي الحجة الحرام
يعني يوم النحر من سنة الف ومائتين واثنتي عشرة من هجرة سيد الانام عليه
افضل الصلوة واشرف السلام والحمد لله [illegible] على التمام [illegible] والسلام
على محمد سيد الانام وعلى آله وصحبه البررة الكرام [illegible] ورضوا عنا
يوم القيام ولا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم وصلى الله على سيدنا محمد وآله وصحبه وسلم

Marfat.com

ـ ڪنزالعلوم ـ سومراڻي شريف (شڪارپور) جي ڪتبخانه ۾ موجود "بذل القوة" جو
ي نسخو ڪاتب: فقير محمد هاشم بن ايوب بن عبدالخالق ساڪن ميان علي شاهه ـ
سال ١٣٢٦ هه پهريون ۽ آخري صفحو.

رب يسر واعسر بسم الله الرحمن الرحيم وتمم بالخير وبك نستعين

الحمد لله وحده والصلوة والسلام على من لا نبي بعده وعلى آله وصحبه ومن نحا نحوه وبعد فيقول العبد المفتقر الى رحمة ربه
الغني محمد هاشم بن عبد الغفور بن عبد الرحمن السندي التتوي كان الله له وبه ومعه في كل وقت وحين ان هذه رسالة مختصرة
في بيان ما وقع من الحوادث في سني نبوة النبي الكريم صلى الله عليه وآله وسلم اعني السنين الثلاث التي كان يسكن فيها النبي
صلى الله عليه وآله وسلم ثلاث عشرة سنة منها بمكة المعظمة وعشر سنين بالمدينة المنورة من غزواته صلى الله عليه وآله وسلم
ومن سراياه او مما سواها من سائر الحوادث شرعت فيها خامس ذي الحجة الحرام من سنة الف ومائة وست و
وستين من هجرة خير الانام عليه افضل الصلوة واشرف السلام وسميته بذل القوة في حوادث سني النبوة ورتبتها
على قسمين القسم الاول في حوادث سني النبوة قبل الهجرة والقسم الثاني في حوادث سني النبوة بعد الهجرة وجعلت
هذا القسم الثاني ثلاث ابواب بعون الملك الوهاب الباب الاول في حوادث سني الهجرة من الغزواة الباب الثاني في
في حوادث سني الهجرة من السرايا والبعوث الباب الثالث في حوادث سني الهجرة من غير الغزواة والسرايا فاقول
وبالله نستعين القسم الاول فيما وقع من الحوادث في سني نبوته صلى الله عليه وسلم الى زمان [illegible] المدينة ومن المعلوم
انه لم يقع قبل الهجرة شيء من المغازي والسرايا اذ كان حينئذ محرما فلا نذكر في هذا الباب شيئا الا من الحوادث التي
هي غير المغازي والسرايا ووضعت في هذا القسم بابا واحدا وبنيت هذا الباب على فصول ثلثة عشر فاقول فصل
حوادث السنة الاول من النبوة وهي سنة احدى واربعين من مولده صلى الله عليه وآله وسلم فيها بعث رسول الله
صلى الله عليه وآله وسلم بالنبوة قال الشامي في سيرته بعث رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم على راس اربعين سنة
وقيل بعد الاربعين سنة بيوم وقيل بعشرة ايام وقيل بشهرين قال والقول الاول هو القول المشهور الذي اطبق
عليه العلماء وهو الصحيح انتهى ما ذكره الشامي وقال الزرقاني في شرحه على المواهب اللدنية انه القول الصحيح
والصواب المروي في الصحيحين عن ابن عباس وانس رضي الله تعالى عنهم انتهى ما ذكره الزرقاني واختلف في شهر بعثته
فقيل في شهر ربيع الاول وقيل في رمضان والقول الاول هو الاشهر وجمع بين القولين كما ذكره الزرقاني في
شرح المواهب بان ابتداء الوحي كان بالرؤيا في ربيع الاول وكانت الرؤيا ستة اشهر ثم نزل عليه الوحي بالقرآن
ونزل عليه جبرئيل في غار حراء وكان ذلك في ليلة القدر من رمضان كما ذكره الله تعالى شهر رمضان [illegible]
[illegible] انا انزلناه في ليلة القدر واختلف ايضا في انه في اي تاريخ من الشهر بعث فقيل في الثاني عشر
من ربيع الاول وقيل في الثاني منه وقيل في الثامن منه وقيل غير ذلك القول الاول هو الاشهر ولا خلاف في يوم بعثته
[illegible] بعثته صلى الله عليه وآله وسلم كان يوم الاثنين كما وقع التصريح به في حديثين مرفوعين بابي قتادة

Marfat.com

بہ الہ :: و :: صحبہ :: وسلم :: تمت :: بعون :: الملک :: -

بہ الکریم :: فی :: التاریخ :: ثانی :: عشرۃ :: من ::

بہ شہر :: شعبان :: المشرف :: سنۃ :: الف :: و ::

بہ ثلث :: مائۃ :: و :: ست :: و :: عشرون ::

بہ من :: ھجرۃ :: النبی :: أعز :: الزمان :: علیہ ::

بہ افضل :: الصلوٰۃ :: و :: السلام :: ::



Marfat.com

ڪتبخانہ ميان خالد ڏهر (لڳ عالم آباد - کپرو، مالڪ مولانا ميرّ محمد سڪندري) ۾
موجود، "بذل القوة" جو خطي نسخو، ابتدائي ۽ آخري صفحو - ڪاتب ۽ ڪتابت جو سال
لکيل نہ آهي.

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله وحده والصلوة والسلام على من لا نبي بعده وعلى آله وصحبه ومن
عفى عنوه وبعد فيقول العبد المفتقر الى رحمة ربه الغني محمد هاشم بن
عبد الغفور بن عبد الرحمن السندي التتوي كان الله له وبه ومعه
في كل وقت وحين ان هذه رسالة مختصرة في بيان ما وقع من الحوادث في سني
نبوة النبي الكريم صلى الله عليه وسلم اعني السنين الثلث والعشرين التي كان يسكن فيها
النبي صلى الله عليه وسلم ثلاث عشرة سنة منها بمكة المعظمة وعشرين منها
بالمدينة المنورة من غزواته صلى الله عليه وسلم او من سراياه او مما سواهما من
سائر الحوادث شرعت فيها خامس ذي الحجة الحرام من سنة الف ومائة وست
وستين من هجرة خير الانام عليه افضل الصلوة واشرف السلام وسميتها بذل القوة
في حوادث سني النبوة ورتبتها على قسمين القسم الاول في حوادث سني النبوة
قبل الهجرة القسم الثاني في حوادث سني النبوة بعد الهجرة وجعلت هذا القسم
الثاني ثلاثة ابواب بعون الملك الوهاب الباب الاول في حوادث سني الهجرة من
الغزوات الباب الثاني في حوادث سني الهجرة من السرايا والبعوث الباب
الثالث في حوادث سني الهجرة من غير الغزوات والسرايا فاقول وبالله استعين



Marfat.com

وهذا آخر ما أوردناه من الكلام وكان الفراغ من تسويده ليلة الاربعا
الرابع من شهر صفر المظفر احسن الله تعالى له الختام من سنة
الف ومائتين وثمان وستين من هجرة سيد الانام عليه افضل
الصلوة واشرف السلام والحمد لله سبحانه وتعالى على التمام
والصلوة والسلام على محمد سيدنا الامام وعلى آله وصحبه البررة الكرام
رضي الله تعالى عنهم ارضاهم عنه الى يوم القيام
ولا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم
وصلى الله على سيدنا ومولانا محمد
وآله
اللهم
ولك
آمين

Marfat.com

(د) اردو ترجما:

پهريون پيرو هن ڪتاب جو اردو زبان ۾ ترجمو ملڪ جي مشهور عالم حضرت مولانا محمد يوسف لڌيانويءَ طرفان ڪيو ويو، ڏيمي سائز ۾ ڇپيل هن ڪتاب جي ضخامت ۳۸۸ صفحا آهي، جيڪو مڪتبہ بينات علامہ بنوري ٽائون ڪراچيءَ طرفان شايع ڪيو ويو. هي ترجمو آسان ۽ عام فهم اردوءَ ۾ آهي، جنهن ڪري اردو ڄاڻندڙ طبقي کان علاوه سنڌي پڙهڻ وارن ۾ جهجهي تعداد ۾ هي ڪتاب خريد ڪيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ هن ڪتاب جا ڇهه ايڊيشن ختم ٿي ويا. ڪتاب جي ان مقبوليت کي ڏسندي ڪن پين ادارن طرفان ۾ هن اردو ترجمي کي شايع ڪيو ويو آهي.

۲ جون ۲۰۰۰ع بمطابق ربيع الاول ۱۳۲۱ هجريءَ ڏاري هن ڪتاب جو پيو اردو ترجمو "سيرة سيد الانبياء" صلي الله عليه وسلم جي نالي سان مڪتبہ مظهرِ علم ڪالاخطائي روڊ شاهدره لاهور طرفان شايع ٿي ميدان ۾ آيو، جنهن جي مترجم جو نالو مولانا مفتي محمد عليم الدين نقشبندي مجددي آهي. جڏهن ته مقدمو فقير محمد جلال الدين قادريءَ طرفان تحرير ٿيل آهي، جنهن کي نهايت ديده زيب انداز ۾ ڇپايو ويو آهي، اعليٰ ڪاغذ، مضبوط جلد سان گڏ هي ڪتاب طباعت جي سمورين خوبين سان سينگاريل آهي.

فاضل مترجم نهايت وٽندڙ پيرائي ۾ سليس ۽ بامحاوره پولي ۾ هي ترجمو ڪيو آهي ۽ ان سان گڏ تعليقات ۽ تخريج جو ڪم ۾ نهايت جديد تحقيقي انداز ۾ ڪيو اٿس ۽ ان ڇوڙ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو ته اڄ تائين ماركيٽ ۾ آيل "بذل القوة" جي ترجمن مان هي سڀ کان بهترين ترجمو آهي، جنهنکي هن ڪتاب جي شايان شان ڇڻي سگهجي ٿو پر افسوس ان ڳالهه جو آهي ته هن ڪتاب جو حصول تمام ڏکيو ۽ عام ماڻهوءَ جي پهچ کان ٻاهر آهي، جنهن ڪري عام ماڻهو هن عاليشان ترجمي مان استفادو نہ ڪري سگهيا آهن.

هي ڪتاب ڊبل ڪرائون سائز جي ۶۰۷ صفحن تي مشتمل آهي.

ڪتاب بذل القوة جون ڪجهه خاص خوبيون

سيرة النبي صلي الله عليه وسلم جي مقدس موضوع تي دنيا ۾ هزارين ڪتاب موجود آهن، جنهن ڪري اهو فيصلو ڪرڻ ممڪن نہ آهي ته هن سلسلي ۾ ڪنهن ڪتاب کي ڪهڙو مقام ڏنو وڃي پر پوءِ ۾ ڪجهه ڪتاب واقعي اهڙا آهن، جن کي پين کان وڌيڪ اهم ۽ منفرد ضرور ڇڻي سگهجي ٿو، اهڙن ئي ڪتابن مان مخدوم سائينءَ جن جي هيءَ تاليف ۾ هڪ آهي، جنهن ۾ شامل ڪجهه منفرد ۽ ممتاز ڳالهين جو ذڪر هن هيٺ ڪجي ٿو، جيڪي هن ڪتاب کي پين کان منفرد ثابت ڪن ٿيون. مٿي تقديم ۾ اها ڳالهه واضح ٿي چڪي آهي ته فاضل

Marfat.com

مؤلف هن ڪتاب لاءِ گهٽي پاڳي صحيح ۽ مستند روايتن جو انتخاب ڪيو آهي پر جيڪڏهن ڪنهن واقعي بابت هڪ کان وڌيڪ مستند روايتون ملن ٿيون تہ انهن جي وچ ۾ علمي انداز سان تطبيق پيدا ڪندي ان فروعي اختلاف کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن، پر جي ڪٿي راوين جي وچ ۾ ڪو بنيادي اختلاف نظر اچي ٿو ۽ انهن جا رايا ۽ ويچار هڪ ٻئي کان مختلف ٿي وڃن ٿا تہ پوءِ علمي ۽ تحقيقي انداز ۾ جائزو وٺندي هڪ کي صحيح يا راجح ۽ ٻئي کي غلط يا ڪمزور قرار ڏين ٿا.

بيشڪ فقهي لحاظ کان مخدوم صاحب جن جو تعلق حنفي مسلڪ سان آهي پر سندن وسيع علم هنن جي دل ۽ دماغ کي بہ بي پناهہ وسعت بخشي. سندن باهرين استادن ۾ مفتي عبدالقادر کان سواءِ ٻيا استاد شافعي ۽ مالڪي مسلڪ جا پيروڪار هئا، انڪري مخدوم سائينءَ جن کي انهن جي فقه بابت بہ مڪمل معلومات حاصل هئي، اهوئي سبب هو تہ جتي بہ قرآن يا حديث مان استنباط ڪندي ڪنهن فقيه وٽ ڪا ڏلائپ يا ڪمزوري نظر اچي ٿي تہ هو ان جي نشاندهي ڪرڻ ضروري سمجهن ٿا تہ جيئن حقيقت واضح ٿي سگهي. بذل القوة هونئن تہ سيرت جو ڪتاب آهي پر بقول امام ابن شهاب زُهريءَ جي تہ "سمورا علم سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت مان نڪرن ٿا". انڪري هن ڪتاب ۾ بہ مختلف جاين تي ٻين ڳالهين سان گڏ ڪن فقهي مسائل جو ذڪر بہ اچي ٿو. ان موقعي تي نبي سائين صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت مان استفادو ۽ استنباط ڪندي هر فقيهہ پنهنجي پنهنجي انداز سان اهڙن مسائل جو حل پيش ڪيو آهي. هاڻي ڪنهن بہ فقيهہ جو پيش ڪيل حل جيڪڏهن واقعي سرور عالم صلي الله عليه وسلم جن جي عمل سان موافقت رکي ٿو تہ مخدوم سائينءَ جن ان کي فراخ دليءَ سان قبول ڪيو آهي پر جيڪڏهن ڪنهن جاءِ تي ڪنهن فقيهہ جو پيش ڪيل حل حقيقت سان موافقت نٿو رکي ۽ ان جي باوجود بہ ان مسلڪ جا پيروڪار پنهنجي ذاتي هوڏ ۽ ڪمزور دليلن جي بنياد تي ان کي درست قرار ڏيندي حنفي مسلڪ تي ڇوهہ چندين ٿا تہ اتي هو حنفيت جا وڪيل بڻجي پنهنجي فقهہ جي علمي ۽ تحقيقي انداز ۾ اهڙو تہ دفاع ڪن ٿا جو مخالف بہ سندن راءِ کي اهميت ڏيڻ تي مجبور ٿيو پون. اهڙا مثال هن ڪتاب ۾ ڪيترين ئي جاين تي قارئين ڪرام کي نظر ايندا. هن هيٺ اهڙن ڪجهہ مسائل جو ذڪر ڪجي ٿو:

(الف) حنفيت جي تائيد جا مثال

سن ستين هجريءَ جي واقعات ۾ ام المؤمنين سيده ميمونہ رضہ جي نڪاح بابت چاڻايو ويو آهي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن ساڻن هي نڪاح ذيقعده جي مهيني ۾ ڪيو.

Marfat.com

هاڻي ان ڳالهه ۾ راوين جو اختلاف آهي ته اهو نڪاح ڪهڙي حالت ۾ ٿيو؟ جنهن بابت حديث جي ڪتابن ۾ اسانکي به روايتون ملن ٿيون. انهن مان پهرين روايت حضرت عبدالله بن عباس رضه سائينءَ جي آهي، جنهن کي صحاح ستہ توڙي مؤطا مالڪ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. ان روايت مان خبر پوي ٿي ته سيده ميمونہ رضه سان نڪاح وقت سيد ڪونين صلي الله عليه وسلم جن احرام جي حالت ۾ هئا. حنفي فقيهن وٽ ان روايت کي ترجيح ڏني ويئي آهي، انڪري هو احرام جي حالت ۾ نڪاح جائز سمجهن ٿا پر همبستري وٽن جائز نه آهي.

ٻئي طرف وري مسلم شريف ۾ سيده ميمونہ رضه جي هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ساٺس نڪاح ڪرڻ وقت ڪائنات جا ڪارڻي صلي الله عليه وسلم جن احرام کولي چڪا هئا. شافعي فقيهن وٽ وري ان روايت کي ترجيح حاصل آهي، انڪري هنن وٽ احرام جي حالت ۾ نڪاح به جائز نه آهي.

هن موقعي تي مخدوم صاحب جن نهايت مضبوط دليلن سان شافعين جي مسلڪ کي رد ڪندي فرمايو آهي: "جيئن ته هي نڪاح ذيقعده جي مهيني ۾ ٿيو ۽ ان روايت تي سڀ متفق آهن ته پوءِ نبي سائين صلي الله عليه وسلم جن ان موقعي تي يقيناً احرام جي حالت ۾ هئا، چو جو پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جن ذيقعده جو چند ڏسي "عمره قضا" جي ارادي سان احرام ٻڌي مديني طيبہ کان روانا ٿيا ۽ ذوالحج جي چوٿين تاريخ صبح ويل مڪي شريف ۾ داخل ٿيا ۽ عمره ادا ڪيائون. جنهن مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جن ذيقعده جو سڄو مهينو احرام جي حالت ۾ رهيا. هاڻي جڏهن ذيقعده مهيني ۾ هن نڪاح ٿيڻ واري روايت تي سمورا راوي متفق آهن ته پوءِ هي نڪاح باليقين احرام جي حالت ۾ ئي ٿيو هوندو، باقي سندن ملاقات عمره ادا ڪرڻ ڪانپوءِ واپسيءَ تي ساڳئي ئي ڳوٺ "سَرِف" ۾ ٿي، انڪري حنفين جو مسلڪ بالڪل صحيح آهي ته "احرام جي حالت ۾ نڪاح ڪرڻ جائز آهي باقي گڏجاڻي نه."

(۲) سن ڏهين هجريءَ ڏاري حجة الوداع جي موقعي تي "عرفات" جي ميدان ۾ وقوف وقت هڪ شخص ڏاڇيءَ تان ڪريو ۽ سندس ڳاٽو پڄي پيو، جنهن سبب هو گذاري ويو. هن موقعي تي ٻنهي جهانن جي سردار صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته "هن ميت جو منهن ۽ متو نه ڍڪيو وڃي ۽ نه ئي ڪيس ڪا خوشبوءِ لڳائي وڃي، چو ته هو قيامت جي ڏينهن احرام جي حالت ۾ ئي تلبيو پڙهندي ميدان حشر ۾ اٿندو." اها حديث امام بخاري توڙي ٻين طرفان نقل ڪئي ويئي آهي".

متين روايت تي به حنفين توڙي شافعين جي وچ ۾ اختلاف رهيو آهي. شافعي فقيهن جو

Marfat.com

چوڻ آهي تہ سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم طرفان ڏنل اهو حڪم عام آهي، انڪري جيڪو ماڻهو بہ احرام جي حالت ۾ فوت ٿيندو ان کي مٿين طريقي سان ئي دفن ڪرڻ گهرجي، جڏهن تہ حنفي فقيهن جي راءِ آهي تہ اهو حڪم خاص ان شخص لاءِ هو، نڪي هر احرام واري لاءِ. هن موقعي تي مخدوم صاحب جن حنفي مسلڪ وارن جي تائيد ۾ نهايت قوي دليل پيش ڪندي فرمائين ٿا تہ هن موقعي تي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جو حڪم هو تہ "هن شخص جو منهن مٿو نہ ڍڪيو وجي" پوءِ اهو حڪم عام ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ڇو تہ جيڪڏهن اهو حڪم عام هجي ها تہ پوءِ ان لاءِ لفظ هينئن هجڻ ڪپن ها تہ "احرام واري حالت ۾ فوت ٿيل شخص جو منهن مٿو نہ ڍڪڻ ڪپي." ان ڪري هن حديث جا لفظ خود حنفي مسلڪ وارن جي تائيد ڪن ٿا.

(۳) موزن تي مسح: ـ سن نائين هجريءَ جي واقعات ۾ حضرت مغيره بن شعبہ رضہ ڪان نقل ڪيل هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن هن سال فجر جي نماز لاءِ وضو ساريندي موزن مٿان مسح ڪيو، يعني پير مبارڪ نہ ڏوتائون. اها روايت متفق عليه آهي.

شيعہ فقہ سان واسطو رکندڙن جو چوڻ آهي تہ موزن جي مٿان مسح ڪرڻ وارو حڪم "سورة مائده" جي هڪ آيت ذريعي منسوخ ٿي ويو هو. هاڻي هتي اهو سوال ٿو اپري تہ "سورة مائده" جو نزول سن پنجين هجريءَ ڌاري ٿيو، جڏهن تہ هن روايت مطابق سرور عالم صلي الله عليه وسلم جن هي مسح سن نائين هجريءَ ڌاري ڪيو هو، جنهن مان پڻ حنفين جي تائيد ٿئي ٿي، ڇو تہ پنجين هجريءَ ۾ جيڪڏهن اهو حڪم منسوخ ٿيو هو تہ پوءِ پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جن نائين هجريءَ ڌاري مسح ڪيئن ڪن ها؟

(۴) ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضہ هجرت جي پهرين سال شوال جي مهيني ۾ پرڻجي سيد ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي گهر ۾ آئي. هاڻي جيڪي ماڻهو شوال جي مهيني ۾ يا پنهي عيدن جي وچالي دوران شادي ڪرڻ غلط سمجهندا آهن، مٿين واقعي مان انهن جي تردید ٿئي ٿي. اهڙي ريت پيا بہ ڪيترا اهڙا واقعا آهن، جن مان حنفي مسلڪ جي تائيد جا ثبوت ملن ٿا.

(ب) شخصيتن توڙي ماڳن مڪانن جو ذڪر

هن ڪتاب ۾ بي شمار شخصيتن ۽ ماڳن مڪانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن مان ڪيترا نالا اسان وٽ غلط اچاريا ويندا آهن، انڪري جتي بہ ڪو نالو اچي ٿو تہ مخدوم صاحب جن ان جو صحيح تلفظ زبرن زبر جي مدد سان اسان کي ٻڌايو آهي. ڪي نالا لکڻ ۾ هڪجهڙا

Marfat.com

آهن پر اچارڻ ۾ مختلف آهن، انڪري زير زبر کانسواءِ انهن ۾ فرق محسوس ڪري نہ سگهبو، ڪي نالا وري لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ ساڳيا آهن پر اهي شخصيتون مختلف آهن، انڪري سندن ولديت، ڪنيت يا خانداني نسبت سان سندن باري ۾ وضاحت ڪئي ويئي آهي.

مثال طور فتح مڪہ جي موقعي تي ايمان آڻڻ وارن ۾ ٻين شخصيتن جو نالو "ابوسفيان" آهي، جن مان هڪ شخصيت ابوسفيان بن حرب جي آهي، جيڪو مشهور اموي سردار هو، جڏهن تہ ٻيو "ابوسفيان" وري پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو چاچو ۽ ٿڃ شريڪ ڀاءُ آهي، جنهن کي ابوسفيان بن حارث مطلبي لکي سندن شخصيت کي نمايان ڪيو ويو آهي.

ساڳيءَ ريت "بيعت عقبہ" جي موقعي تي مازني قبيلي جي هڪ عورت ايمان آندو، جنهن جو نالو "نَسيبہ" ٻڌايو ويو آهي، جڏهن تہ صحابي عورتن جي صف ۾ هڪ ٻي اهڙي عورت بہ شامل آهي، جنهن جو نالو تصغير جي صيغي ۾ "نُسيبہ" آهي. هن موقعي تي زير زبر سان گڏ مخدوم صاحب ڪنيت جي ذريعي بہ ٻنهي جي فرق کي واضح ڪيو آهي، جنهن مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ عقبہ جي ٽين بيعت ۾ شامل هن صحابي عورت جي ڪنيت ام عماره آهي، جڏهن تہ "نُسيبَہ" نالي واري عورت جي ڪنيت "ام عطبہ" آهي.

سن اٺين هجريءَ جي واقعات ۾ مشهور صحابي حضرت عباد بن بشر رضہ جو ذڪر موجود آهي، اهو نالو بہ اسان وٽ عام طور غلط اچاريو ويندو آهي، جنهن جو صحيح تلفظ آهي عَباد بن بشر يعني هتي ع جي مٿان زبر ۽ ب جي مٿان زبر سان گڏ تشديد بہ ڏني ويندي، جڏهن تہ سندس بابي جو نالو بِشر آهي، يعني ب جي هيٺان زير ۽ شين کي ساڪن رکڻو آهي. عام طور ماڻهو ان کي بَشَر اچاريندا آهن، جيڪو بالڪل غلط آهي.

مشهور صحابي حضرت ابوذر رضہ جي قبيلي جو صحيح تلفظ غِفاري آهي، جڏهن تہ عام ماڻهو ان کي غَفَاري ڪري اچاريندا آهن، انڪري لازم آهي تہ غين جي هيٺان زير ڏني وڃي.

هڪ ٻئي مشهور صحابي حضرت بريده بن حصيب اسلميءَ رضہ جي نالي کي بہ اڪثر ماڻهو غلط اچاريندا آهن، جنهن جو صحيح تلفظ آهي بُرَيده بن حُصَيب اسلمي يعني ب جي مٿان پيش ۽ "ر" جي مٿان زبر ساڳيءَ ريت سندس والد جي نالي ۾ بہ ح جي مٿان پيش ۽ ص جي مٿان زبر ڏني ويندي، تڏهن ان جو اچار صحيح بيهندو.

(ج) ماڳن مڪانن جو ذڪر

هڪ ماهر جاگرافيدان وانگر هن موقعي تي بہ حضرت مخدوم صاحب جن ماڳن مڪانن بابت اسان کي نهايت مستند معلومات مهيا ڪئي آهي. هنن نہ صرف معروف توڙي غير معروف جاين جا صحيح نالا نقل ڪيا آهن پر انهن جو مهل وقوع ۽ انهن جو صحيح فاصلو بہ ٻڌايو آهي. هن ڏس ۾ ايتري معلومات ٻئي ڪنهن بہ سيرت جي ڪتاب ۾ مشڪل ملي سگهندي.

Marfat.com

مثال طور: غزوات واري باب ۾ "ابواء" جو ذڪر ڪندي اسان جي محترم مؤلف ڇاڻايو آهي ته "ابواء" مديني کان مڪي ڏانهن ويندڙ واٽ تي هڪ ڳوٺ آهي، جيڪو "فُرع" جي پسگردائيءَ ۾ آهي، جڏهن ۽ ابواء جي وچ ۾ ٽيويهن ميلن جو مفاصلو آهي. اهڙيءَ ريت جُهينہ جبل جو فاصلو مديني کان ٻارهن ميل ڏڻايو ويو آهي. فاصلو ڏڻائڻ وقت پورن ميلن سان گڏ اٽڪل ميلن جو ذڪر نہ ڪيو ويو آهي."

سن ٽين هجريءَ جي غزوات ۾ غزوه احد جي موقعي تي مشهور جبل "احد" جو ذڪر اچي ٿو، جنهن جو فاصلو مديني کان عام طور تي ميل ڏڻايو ويندو آهي، مگر مخدوم سائينءَ جن علامہ سمهوديءَ جي روايت نقل ڪندي لکيو آهي تہ باب البقيع کان احد جبل جو فاصلو ميلن کان ٿورو مٿي آهي، يعنيٰ پورا ٽي ميل نہ آهي. اهو سندن احتياط جو ڪمال آهي. ۴/۲ ۲

هن ڪتاب ۾ مخدوم صاحب جن طرفان جيترن ماڳن مڪانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي انهن بابت هنن نہ فقط ڪتابن مان معلومات حاصل ڪئي آهي پر اڪثر جاين تي پاڻ پهچي انهن جو مشاهدو بہ ڪيو اٿن، تنهنڪري ڇئي سگهجي ٿو تہ اها معلومات صرف مطالعي جي بنياد تي نہ پر مشاهدي جي بنياد تي بہ حاصل ڪئي ويئي آهي، تنهنڪري ان ۾ غلطيءَ جو امڪان گهٽ کان گهٽ آهي، اهڙو اظهار ڪيترن ئي ماڳن مڪانن جي بيان وقت فاضل مؤلف هن ڪتاب ۾ ڪيو آهي.

سن ٻي هجريءَ دوران غزوه بدر ڏانهن ويندي مسلمانن جو لشڪر جڏهن "روحاء" وٽ پهتو تہ اتي پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن حضرت "ابولبابہ" کي پنهنجو جانشين مقرر ڪري مديني اماڻيو. هن موقعي تي مخدوم صاحب ڇاڻايو آهي تہ "روحاء" هڪ ڪوهہ جو نالو آهي، جيڪو مديني کان ٣٦ ميلن جي مفاصلي تي هو. مخدوم سائينءَ جن پاڻ هن ڪوهہ کي وڃي ڏٺو ۽ ان جو پاڻي بہ پيتائون.

سن ستين هجريءَ جي واقعات ۾ جتي ام المؤمنين سيده ميمونہ رضہ جي نڪاح جو ذڪر آهي، ان موقعي تي مخدوم صاحب جن ڏڻايو آهي تہ هن بيبي سڳوريءَ جي ڳوٺ جو نالو "سَرف" هو، هن بيبيءَ اتي وفات فرمائي ۽ اتي ئي ڪين دفنايو ويو. مخدوم صاحب جن ١١٣٦ هـ ڏاري هتي پهتا، ان وقت هي ڳوٺ تہ اجڙي ڇڪو هو پر بيبي سائڻ جن جي مزار مبارڪ موجود هئي، جنهن جي زيارت ڪيائون.

سن ڇهين نبويءَ جي واقعات ۾ اسلام جي پهرين مرڪز دار ارقم جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جتي بعد ۾ عباسي خليفي هارون رشيد جي امڙ خيزُران هڪ مسجد جوڙائي هئي. مخدوم سائينءَ جن ١١٣٥ هجريءَ ڏاري هن جاءِ جي بہ زيارت ڪئي هئي. اهڙي ريت پين بہ ڪيترين ئي جاين جي زيارت ڪيائون. ساڳيءَ ريت وري انهن ماڳن مڪانن جا صحيح اچار پڻ

Marfat.com

نقل کيا ويا آهن.

سن نائين هجريءَ ۾ حضرت علقمہ رضہ جي اڳواٽيءَ هيٺ هڪ سريہ "جُدہ" جي ساحل طرف اماٽيو ويو، ان ماڳ جو صحيح تلفظ "جُدہ" آهي يعنيٰ ج جي مٿان پيش ڏنو ويندو. اهڙيءَ ريت سن ٽين هجريءَ دوران پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جن هڪ غزوہ لاءِ "فرع" ڏانهن روانا ٿيا. ان ماڳ جو صحيح اچار "فُرُع" آهي يعنيٰ "ف" توڙي "ر" جي مٿان پيش ڏنو ويندو. اهڙي ريت سڄي ڪتاب ۾ اهڙن سوين ماڳن جا صحيح اچار ڏنا ويا آهن.

(د) ڪجهہ روايتن جي چنڊچاڻ

اسان وٽ ڪجهہ روايتون سالن کان وڻي رائج رهيون آهن ۽ اڄ تائين بنا تحقيق جي ڪيترائي ماڻهو اهي روايتون جيئن جو تيئن نقل ڪندا رهن ٿا، پر مخدوم صاحب پنهنجي علم ۽ تحقيق جي بنياد تي ڪجهہ اهڙيون روايتون بہ نقل ڪيون آهن، جيڪي عام ڪتابن ۾ نظر نٿيون اچن.

(۱) عام طور اها روايت مسلمانن ۾ مشهور آهي تہ هجري ڪئلينڈر جي شروعات سيدنا عمر بن خطاب رضہ پنهنجي خلافت واري زماني ۾ سن ۱۷ هجريءَ ڏاري ڪئي پر مخدوم صاحب جن ان جي مقابلي ۾ هيءَ روايت نقل ڪئي آهي تہ "ان جي شروعات پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن هٿان ان وقت ئي ٿي، جڏهن هو اجان "قبا" ۾ ترسيل هئا ۽ مديني نہ پهتا هئا". هونئن تہ اهو مهينو ربيع الاول جو هو پر پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن هن موقعي تي فرمايو هو تہ هن سال جي شروعات محرم کان ڪئي ويندي، ڇو تہ حاجي سڳورا ان مهيني ۾ ئي پنهنجن ماڳن تي موٽندا آهن، مخدوم صاحب وٽ ان روايت کي ترجيح حاصل آهي.

(۲) ورقہ بن نوفل جي اسلام بابت بہ عالمن ۾ اتفاق نہ آهي پر مخدوم صاحب جن کي سندن ايمان آڻڻ تي يقين آهي ۽ هن نبوت جي پهرين سال وارن واقعات ۾ حضرت ورقہ جي مسلمان ٿيڻ جو ذڪر ڪيو آهي. اها ڳالهہ هن پنهنجي طرفان نہ پر ڪيترن ئي مستند محدثن ۽ مؤرخن جي بيان ڪيل روايتن جي بنياد تي ڪئي آهي، جن ۾ شرح مواهب جو مؤلف زرقاني بہ شامل آهي، جنهن حضرت ورقہ کي قطعي صحابي شمار ڪيو آهي.

(ح) بزرگن جي نسبت سندن پوين ڏانهن

اسان جا عالم ۽ مؤرخ جڏهن ڪنهن شخصيت جو احوال بيان ڪندا تہ ان موقعي تي جيڪڏهن ان جي بزرگن ۾ ڪا اهم هستي هوندي آهي تہ ان سان نسبت جو ذڪر ضرور ڪيو ويندو آهي، مثلاً مخدوم سائينءَ جن جو استاد "مفتي عبدالقادر مڪي" جيئوٽيڪ پنهنجي وقت جو هڪ مڃيل عالم ۽ فقيه ليکيو ويندو آهي پر ان هوندي بہ ان جي سوانح لکڻ وارن اهو ضرور لکيو آهي تہ هن جي بزرگن ۾ "شيخ طاهر پٽني" مشهور عالم ٿي گذريو آهي پر مخدوم صاحب جن هن ڪتاب ۾ ان جي ابتڙ وري نئون انداز اختيار ڪيو آهي، يعني ڪنهن

Marfat.com

اهم هستيءَ جو ذڪر ڪندي اهو ضرور ٻڌايو اٿن تہ اڳتي هلي ان جي نسل مان پي ڪهڙيءَ اهم شخصيت جنم ورتو. مثال طور سن پي هجريءَ جي واقعات ۾ حضرت سائب بن عبيد رضہ جي مسلمان ٿيڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي هنن اها ڳالهہ بہ واضح ڪئي آهي تہ اڳتي هلي حضرت سائب جي نسل مان امام شافعي پيدا ٿيو، جنهن جو نسب نامو هن ريت نقل ڪيو اٿن: امام شافعي ولد ادريس ولد عباس ولد عثمان ولد شافع ولد سائب.

اهڙي ريت سن ٽين هجريءَ جي واقعات ۾ عبدالله بن شهاب جو واقعو بيان ڪيو ويو آهي، جيڪو جنگ احد ۾ ڪافرن جي لشڪر سان گڏ مسلمانن سان وڙهيو هو ۽ هن پاڻ ڪريمن ﷺ جن ڪي تير هٽي زخمي بہ ڪيو هو پر بعد ۾ اسلام قبول ڪيائون، سندس نسل مان اڳتي هلي امام ابن شهاب، زهري پيدا ٿيو، جنهن جو نسب هن ريت آهي: ابن شهاب محمد بن مسلم بن عبدالله ابن شهاب، اهڙيءَ ريت ابن شهاب عبدالله جو پوٽو ٿيو. ان ئي موقعي تي عبدالله اڪبر نالي هڪ شخص جو ذڪر بہ ڪيو ويو آهي، جيڪو اول ئي مسلمان ٿي چڪو هو. جنهن ڪي وري ابن شهاب زهريءَ جو نانو چاڻايو ويو آهي. هڪ ٻيو مثال غزوه خندق جي موقعي تي سعد بن حبتہَ انصاريءَ رضہ جو آهي، جنهن ڪافرن جي لشڪر ۾ ٽاڪوڙو مچائي ڇڏيو. نبي سائين صلي الله عليه وسلم جن سندس حق ۾ دعا ڪئي. هتي فاضل مؤلف چاڻايو آهي تہ اڳتي هلي حنفي فقه جو وڏو عالم امام ابوبوسف سندس نسل مان پيدا ٿيو، جنهن جي نسب جو سلسلو هن ريت نقل ڪيو ويو آهي: امام ابوبوسف بن ابراهيم بن حبيب بن جُبيش بن سعد بن حبتہ انصاري. ان ڪانسواءِ سن ڇهين هجريءَ جي واقعات ۾ حضرت عمر رضہ جي نڪاح جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو "جميلہ" نالي عورت سان ٿيو. هن گهر مان حضرت عمر رضہ ڪي عاصم نالي هڪ پٽ ڄائو ۽ ان جي نياڻيءَ ڪي اڳتي هلي حضرت عمر بن عبدالعزيز رضہ ڄائو هو. انڪري عاصم سگ ۾ حضرت عمر بن عبدالعزيز رضہ جو نانو ٿيو سن ڇهين هجريءَ جي واقعات ۾ حُرقوس بن زُبير نالي هڪ شخص جو ذڪر بہ موجود آهي، جنهن جي نسل مان خارجي فرقو پيدا ٿيو.

اهڙيءَ ريت نندن جي وڏن سان نسبت جوڙڻ بدران وڏن جي نسبت نندن ڏانهن ٻڌائي ويئي آهي.

مخدوم صاحب پنهنجي هن منفرد تاليف ۾ ڪجهہ اهڙا نالا بہ نقل ڪيا آهن، جيڪي ڪنهن عام سيرة نگار يا مؤرخ طرفان نہ ٻڌايا ويا آهن. مثلاً سن پي هجريءَ جي واقعات ۾ ڏهين محرم واري ڏينهن روزي بابت پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن، جنهن شخص کان اعلان ڪرايو هو، ان جو نالو هند بن اسماء بن حارثہ اسلمي ٻڌايو ويو آهي. اهڙيءَ ريت پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم معراج جي وقت جنهن براق تي سوار هئا، ان جو نالو "جارود" هو. اهڙيون وضاحتون ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ مشڪل نظر ايندیون.

Marfat.com

(ط) مختلف روايتن جي وچ ۾ تطبيق

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي مديني ۾ پهچڻ بابت به روايتون نقل ڪيون ويون آهن. پهرئين روايت ۾ چاڻايو ويو آهي ته پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جن سومر جي ڏينهن مديني شريف پهتا، جڏهن ته پي روايت ۾ وري اهو جمعي جو ڏينهن ٻڌايو ويو آهي. پنهي روايتن ۾ تطبيق پيدا ڪندي مخدوم صاحب چاڻايو آهي ته پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جن سومر ڏينهن "قبا" ۾ پهتا، چو ته ڪنهن به شهر جي ڪنهن حصي ۾ داخل ٿيڻ ان شهر ۾ ئي داخل ٿيڻ سمجهيو ويندو آهي. جنهن ڪانپوءِ يارهن راتيون "قبا" ۾ قيام ڪرڻ ڪانپوءِ جمعي جي مبارڪ ڏينهن تي اتان هلي مديني پهتا. اهڙيءَ ريت ٻئي روايتون صحيح ثابت ٿيندڙون.

ڪتاب جي شروعات ۾ پهرين نبوي سال جي واقعات دوران بعثت متعلق به قول نقل ڪيا ويا آهن. پهرئين قول موجب پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت ربيع الاول جي مهيني ۾ ٿي، جڏهن ته ٻئي قول موجب بعثت رمضان جي مهيني ۾ ٻڌائي ويئي آهي.

هن موقعي تي فاضل مؤلف پنهي روايتن ۾ تطبيق پيدا ڪندي بيان ڪيو آهي ته سچن خوابن ذريعي وحيءَ جي ابتداء ربيع الاول ۾ ٿي، جڏهن ته جبريل قرآني آيتون ڪٽي غار حرا اندر رمضان ۾ نازل ٿيو. اهڙي ريت ٻئي روايتون صحيح ٻيهندڙون.

(ي) پهريون پيرو پيش ايندڙ واقعات جي نشاندهي

اسلامي تاريخ ۾ جيڪو واقعو پهريون پيرو پيش آيو آهي ته اهڙي هر واقعي جي نشاندهي ان جاءِ تي ڪئي ويئي آهي.

مشهور يهودي عالم حضرت مُخَيريق جيڪو مسلمان ٿيو ۽ غزوه احد ۾ شهادت ماڻيائين، ان پنهنجي ملڪيت جو وارث سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن ڪي ٻڌايو هو پر سندس شهادت ڪانپوءِ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم اها سموري ملڪيت وقف ڪري ڇڏي. هن موقعي تي مخدوم صاحب جن وضاحت ڪئي آهي ته اهو اسلام ۾ وقف جو پهريون مثال هو.

حضرت عثمان بن مظعون رضه جي وفات جي خبر سان گڏ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته هو پهريون مهاجر هو، جنهن مديني ۾ وفات فرمائي ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿيو. اسلامي تاريخ ۾ پهريون اذان حضرت بلال رضه فجر جي وقت ڏنو هو.

پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن جي هجرت ڪانپوءِ مديني ۾ انصار وٽ پهريون پٽ نعمان بن بشير ڄائو، جڏهن ته مهاجرن وٽ عبدالله بن زبير ڄائو هو. اهڙيءَ ريت ڄاڻايو ويو آهي ته اسلامي تاريخ ۾ پهريون غنيمت جو مال مسلمانن کي ان سريه ۾ هٿ آيو، جيڪو حضرت عبدالله بن جحش رضه جي اڳواڻيءَ هيٺ "نخله" ڏانهن اماڻيو ويو. اهڙيءَ ريت پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن جي ذات لاءِ پهريون "خمس" به هن ئي موقعي تي عبدالله بن جحش

Marfat.com

پنهنجي اجتهاد سان ڪڍيو، ڇو ته ان وقت تائين اڃان "خمس" ڪڍڻ جو حڪم نازل نه ٿيو هو.

غزوه طائف جي موقعي تي پڏايو ويو آهي ته پهريون دفعو منجنيق ذريعي دشمنن مٿان پٿر وسايا ويا، ان کانپوءِ ڪنهن ٻئي غزوه ۾ منجنيق جي استعمال جو ثبوت نه ٿو ملي.

اسلامي تاريخ ۾ پهريون تير حضرت سعد بن ابي وقاص رضه طرفان ان غزوه دوران اڇلايو ويو جيڪو حضرت عبيده بن حارث رضه جي اڳواڻيءَ هيٺ "رابغ" ڏانهن اماڻيو ويو.

پهريون ڪافر عمرو بن علاء حضرمي هو، جيڪو مسلمانن هٿان قتل ٿيو.

حضرت خُبيب بن عدي پهريون مسلمان هو، جنهن سوريءَ تي سر ڏنو. ان کان علاوه ڪيس اهو شرف به حاصل آهي ته هن شهادت کان اڳ ٻه رڪعتون نفل ادا ڪيون.

ان کانسواءِ ٻيا به ڪيترائي اهڙا واقعا آهن، جيڪي پهريون دفعو پيش آيا، تن جي هن ڪتاب ۾ نشاندهي ڪئي ويئي آهي، اهي ۽ اهڙيون ٻيون ڪيتريون ئي خوبيون آهن، جيڪي هن ڪتاب کانسواءِ ٻي ڪنهن ڪتاب ۾ هڪ جاءِ تي نه ملنديون.

ڪجهه ترجمي بابت

ڪٽڻ واريءَ ڪتيو هڪ ٽلهو ٻيو ٽورو
سولي ٻئي صراف کي شل ڦولهي نه ڦورو
جت ترندو تورو ات ڪاٽياري ڪانه ٽئي.

حضرت مخدوم سائينءَ جن سان عقيدت ۽ ارادت اسان کي ورثي ۾ ملي، ڇو ته راقم جو وڏو ڏاڏو الحاج سيد فقيرالله علوي رحه جن حضرت مخدوم صاحب کان علمي استفادي ڪرڻ خاطر قنڌار کان ڪهي اچي سنڌ جي هن سونهاري سرزمين تي پير پاتو ۽ پوءِ هميشه لاءِ هتان جا ٿي ويا، انڪري حضرت مخدوم صاحب جن جي ذات توڙي تصنيفات بابت ٿوري گهڻي ڄاڻ به هئي ته سندن به چار ڪتاب منهنجي ذاتي لائبريري ۾ به موجود هئا.

سال ۱۹۶۵ع ۾ بي اي جو امتحان پاس ڪري پنهنجي اباڻي شهر شڪارپور کي ڇڏڻو پيو ۽ پوءِ وڏيڪ تعليم توڙي نوڪريءَ جي سلسلي ۾ گهڻو وقت ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ڪنڊيارو ۽ راڻيپور ۾ گذريو، جتان ۱۹۹۰ع ڌاري بدلي ٿي ۽ پنهنجي وٽاڻن تي واپس وريس جتي ڪافي عرصي کانپوءِ وري پنهنجن پراڻن دوستن سان نئين سر ڪچهريون جو موقعو ميسر ٿيو. سنڌ جي قديم علمي اداري سي اينڊ ايس گورنمينٽ ڪاليج، جتي منهنجي پوسٽنگ ٿي، اتي موجود جن جهونن دوستن سان اڪثر ملاقات ٿيندي هئي، انهن ۾ عزيزم قمر ميمڻ صاحب به شامل هو، جنهن سان گڏجي گهڻو ڪري مختلف علمي موضوعات تي حال احوال اوريندا هئاسون. اهڙي ئي هڪ ملاقات دوران هڪ ڏينهن اوچتو هن دوست مون کان سوال پڇيو:

Marfat.com

"ڇا اوهان مخدوم محمد هاشم ٹٽوي رحہ جو ڪتاب "بذل القوة" پڙهيو آهي، ۽ اهو ڪتاب اوهان جي خيال مطابق ڪيئن آهي؟"

پنهنجي دوست جي واتان اچانڪ اهو سوال ٻڌي مان تہ ڪجهہ بہ نہ ڪيچي سگهيس، ڇو تہ ايڏي عظيم عالم ۽ محقق جي هن عظيم ڪتاب بابت مون پاڻ کي ڪنهن راءِ ڏيڻ جي لائق ئي نہ پئي سمجهيو، انڪري ان سموري سوال جي جواب ۾ منهنجي وات مان فقط هڪ لفظ نڪتو تہ "ڇو؟".

جنهن تي قمر صاحب ٻڌايو تہ "اسان مهراڻ اڪيڈمي طرفان ان ڪتاب جي سنڌي ترجمي ڇپائڻ لاءِ سوچيو آهي." مون وراٽيو: "اها تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي ۽ اسان جي مٿان پنهنجن بزرگن جو اهو حق آهي تہ سندن ڪارنامن کي نمايان ڪريون تہ جيئن اسان جا سنڌي ڇاڪاڻ انهن مان لاڀ حاصل ڪري سگهن. حقيقت ۾ اهو ڪم تہ اڄ ڪان گهٽو اڳ ٿيڻ کپندو هو، ڇو تہ سنڌيءَ ڪان اڳ هن ڪتاب جو اردو ترجمو مارڪيٽ ۾ اچي ويو آهي". بهرحال اها ڳالهہ اتي ختم ٿي ويئي.

مٿين احوال ڪان ڪجهہ ڏينهن پوءِ، قمر صاحب هڪ خاڪي لفافو منهنجي هٿن ۾ ڏيندي چيو: هي "بذل القوة" جي سنڌي ترجمي جا ڪجهہ صفحا آهن، اوهان انهن کي پڙهي پنهنجي راءِ ڏيندا تہ اهو ترجمو اوهان کي ڪيئن لڳو؟. مان اهو لفافو گهر ڪٽي آيس ۽ ان ڏينهن تي هڪ ئي نشست ۾ ڏيهي اهو سمورو مواد پڙهيم ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن تي ئي ڪيس واپس ڪيم.

ميمڻ صاحب مون ڪان پڇيو تہ هي ترجمو اوهان کي ڪيئن لڳو؟

ان جي جواب ڏيڻ بدران مون ڪانئس سوال پڇيو تہ "هي ترجمو ڪنهن ڪيو آهي؟". جواب ۾ هن چيو تہ "اها اسان جي پاليسي هوندي آهي تہ هر ڪتاب شايع ڪرڻ کان اڳ ان بابت هڪ ٻن ماڻهن کان خفيہ راءِ وٺندا آهيون، باقي مصنف يا مترجم جو نالو راز ۾ رکيو ويندو آهي."

مون کي سندس جواب ڏاڍو وٺيو ۽ پوءِ مان پنهنجي راءِ هن ريت ڏني تہ "ترجمو سٺو آهي پر هي ترجمو "بذل القوة" جو نہ پر ان جي اردو ترجمي "عهدِ نبوي کے ماه و سال" جو ترجمو آهي."

منهنجي ذاتي راءِ مطابق عام طور اڪثر مترجم جيڪي اصلي ڪتاب جو ترجمو ڪندا آهن تہ اهي بہ صحيح معنيٰ ۾ ڪتاب جو حق ادا ڪري نہ سگهندا آهن تہ پوءِ ترجمي تان ترجمو ڪرڻ وارو ڇا ڪري سگهندو؟ منهنجي راءِ ٻڌي هي دوست ڏٽم تہ ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ پئجي ويو ۽ آءٌ بہ خاموش ٿي ويس. اٺ ڏهہ ڏينهن رکي وري جڏهن ساٽس ملاقات ٿي تڏهن مون کي چيائين تہ "مون سوچيو آهي تہ هن ڪتاب جو ترجمو جيڪر اوهان جي حوالي ڪيو وڃي." مون کيس صلاح ڏيندي چيو تہ "اهو ڪم منهنجي حيثيت کان تمام گهٽو مٿي آهي، انڪري بهتر ائين ٿيندو تہ هي ڪتاب ترجمي لاءِ ڪنهن سٺي ديني عالم جي حوالي ڪيو وڃي". پر هن دوست جو لڳاتار اصرار رهيو تہ اهو ڪم مان ئي ڪريان. حقيقت اها آهي تہ آءٌ پاڻ ۾ ان ڪم ڪرڻ جو پوتو نہ پئي پانيو. مخدوم صاحب جن جي علمي عظمت ۽ پنهنجي بي

Marfat.com

علميءَ جي وچ ۾ جيڪو نمايان فرق نظر پئي آيو، ان کي آءٌ پليءَ پت ڄاتو هو، پر قمر صاحب جي دل رکڻ لاءِ مون ڪائنس ڪجھ وقت گھربو ۽ پوءِ ان وقت ۾ آءٌ پنھنجي پن محترم استادن ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ ۽ پروفيسر سيد محمد سليم صاحب جن سان مشورو ڪيو. جنھن تي پنھي بزرگن نہ صرف قمر ميمڻ جي تائيد ڪئي پر تمام گھڻو زور بہ ڀريائون تہ مونکي اھو ڪم ضرور ڪرڻ ڪپي. بس پوءِ تہ انکار جي ڪا سبيل باقي نہ بچي ۽ آءٌ محترم قمر ميمڻ آڏو ان ڪم لاءِ ائين حامي ڀري جيئن ڪو ڏوھاري جج آڏو پنھنجي جرم جو اعتراف ڪندو آھي. ان ڪانپوءِ ھن ڪتاب جو جڏھن باقاعده مطالعو شروع ڪيم تڏھن معلوم ٿيو تہ سيرة طيبہ جي مقدس موضوع تي ھي ھڪ سمنڊ آھي، جنھن کي حضرت مخدوم صاحب جن ھڪ ڪوزي ۾ بند ڪيو آھي. ھي پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي ٿيويھ سالہ نبوي زندگيءَ جي ھڪ مختصر پر جامع انسائيڪلوپيڊيا آھي. ھر واقعي کي جنھن انداز ۽ احتياط سان مختصر ۽ جامع انداز ۾ قلمبند ڪيو ويو آھي، اھو نہ ھن کان اڳ ڪنھن ڪيو ھو ۽ نہ وري ڪو پوءِ ڪري سگھيو آھي. بيشڪ سوين مستند ۽ معتبر ڪتابن جو روح ڪڍي ھن ڪتاب ۾ محفوظ ڪيو ويو آھي، جنھن جي سڃڻ ۽ سرھاڻ صدين تائين اسان جي دلين توڙي دماغن کي راحت ۽ فرحت بخشيندي رھندي.

بظاھر تہ ھي سيرة طيبہ جو ڪتاب آھي، پر ھن ڪتاب ۾ سيرة سان گڏ ڪيترن ئي علوم جھڙوڪ مغازي، حديث، تفسير، فقہ، تاريخ، جاگرافي، اسماءُ الرجال، علم الانساب وغيره جھڙن مختلف موضوعات کي سموھيو ويو آھي ۽ اھو ڪم ھڪ اھڙوئي عالم ڪري پئي سگھيو، جيڪو انھن سڀني علمن ۾ ڪمال جو درجو رکندڙ ھجي ۽ سواءِ مخدوم صاحب جي پئي ڪنھن عالم لاءِ اھو ڪم ممڪن ئي نہ ھو. ان دوران مون ھڪ نظر ان اردو ترجمي تي بہ وڏي جيڪو وقت جي ھڪ مجيل عالم ۽ فقيه حضرت مولانا محمد يوسف لڌيانوي شهيد رحہ جن "عھدِ نبوي ﷺ کے ماہ و سال" جي عنوان سان ڪيو ھو. پر نهايت ادب سان آءٌ عرض ڪندس تہ مونکي اھو ترجمو اصلي ڪتاب جي شايان شان نہ لڳو، جنھن ڪانپوءِ مون دل ۾ خيال ڪيو تہ ھيڏي ساري جامع ڪتاب جو ترجمو وضاحتن ۽ تعليقات ڪانسواءِ ڪرڻ سودمند نہ ٿيندو، ان ڪري ھن ڪتاب جو ترجمو جديد انداز ۾ تخريج ۽ تعليقات سان گڏ ڪيو وڃي تہ بهتر ٿيندو پر اھو ڪم ڪيئن ڪجي؟ ان لاءِ ڪو واضح طريقو ذھن ۾ نہ پئي آيو. انھن ئي ڏينھن ۾ ڪراچيءَ وڃڻ جو اتفاق ٿيو ۽ اتي مڪتبہ عثمانيہ تي "ابوبڪر بيھقيءَ" جو مشهور ڪتاب "دلائل النبوة" نظر آيو، جنھن جي تحقيق، تخريج ۽ تعليقات جو ڪم ھن دور ۾ حديث جي مشهور عالم ۽ محقق ڊاڪٽر "عبدالمعطي قلعجيءَ" طرفان ڪيو ويو ھو ۽ ان ڪم مونکي ايترو تہ متاثر ڪيو جو اتي ئي دل ۾ خيال آيو تہ جيڪر "بذل القوة" تي بہ ائين ئي ڪم

Marfat.com

ڪجي، پر وڏو مسئلو اهو هو تہ ان ڪم لاءِ جن بنيادي ماخذن جي ضرورت هئي اهي ڪٿان دستياب ٿي سگهندا؟ ان ڪري چيم تہ هتي اهو ڪم ڪيئن ممڪن ٿي سگهندو؟ بهرحال الله جي آسري ڪتاب ڪنا ڪرڻ شروع ڪيم. مالڪ جي مهرباني سان ۱۹۹۳ع ڏاري سيرت شاميءَ جو ۱۰ جلدن ۾ هڪ شاندار ڇاپو مارڪيٽ ۾ اچي ويو، جيڪو هن ڪتاب جو وڏي ۾ وڏو بنيادي ماخذ هو ۽ پوءِ هڪ بئي پنيان المواهب اللدنيہ، شرح مواهب، المغازي واقدي، الطبقات الڪبريٰ، الاصابہ، اسد الغابہ، الاستيعاب، الرياض المستطابہ وغيره بہ ڇپيا مارڪيٽ ۾ ايندا ويا، جنهن منهنجي ارادي ڪي تقويت بخشي. بس پوءِ الله جي آسري باقاعده ان ڪم جو آغاز ڪيم. ترجمي لاءِ ذهن ۾ ڪجهہ اصول مرتب ڪيا ويا ۽ انهن مطابق ئي ڪم شروع ٿيو. ترجمي دوران منهنجي اها ڪوشش رهي تہ ترجمو تحت اللفظ نہ پر بامحاوره هجي، البت ان ڳالهہ جو خاص خيال رکيو وڃي تہ مصنف جي ڳالهہ کي پنهنجي لفظن ۾ تہ پيش ڪجي پر ان ۾ پنهنجي راءِ يا پنهنجو خيال ڪنهن بہ قيمت تي پيش نہ ڪيو وڃي ۽ ان سان گڏ ذهن ۾ هڪ خاڪو تيار ڪيم، جنهن موجب فيصلو ڪيو ويو تہ هر واقعي بابت حوالا بنيادي ماخذن تان ئي نقل ڪيا وڃن. صحابي سڳورن جي ست مان خاص طور امهات المؤمنين، عشره مبشره ۽ سابقون الاولون جا مختصر سوانحي احوال بہ ڏنا وڃن تہ جيئن اسلام لاءِ سندن بي مثال ڪوشش ۽ قربانين کان اسانکي واقفيت حاصل ٿئي.

مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ واقعات جن بہ معتبر ۽ مستند ڪتابن تان نقل ڪيا آهن انهن ڪتابن ۽ انهن جي مصنفن ۽ مؤلفن جو مختصر احوال بہ نقل ڪيو وڃي تہ جيئن قارئين انهن جي مقام ۽ مرتبي کان آگاهہ ٿي سگهن. اهڙي ريت نبي سائين ﷺ جن جي سيرت پاڪ سان جن بہ ماڳن مڪانن جو تعلق رهيو آهي، انهن جو تعارف ۽ موجوده حيثيت جو بہ ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو.

اهڙيءَ ريت ڪجهہ اصطلاحن ۽ لفظن جون وضاحتون ۽ معنائون بہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ ڪپي، تہ جيئن عام انگريزي ۽ سنڌي پڙهيل بہ ان مان مستفيض ٿي سگهن. پوليءَ جي لحاظ کان منهنجي اها ڪوشش رهي تہ ترجمي جي پولي سؤلي ۽ سلوٽي هجڻ ڪپي تہ جيئن عام سنڌي ڄاڻندڙ ان کي سولائيءَ سان پڙهي ڪري ڪتاب مان وڏ ۾ وڏ استفادو ڪري سگهي. پر جيئن تہ ڪتاب جو نہ فقط متن پر سڄو مواد ۽ ماحول عربي آهي، جنهن ۾ واقعات سان گڏ ماٹهن توڙي ماڳن مڪانن جا نالا، الفاظ، اصطلاح، ترڪيبن ۽ ريتن رسمن ايتريقدر جو ڪاڏي پيتي جي شين جا نالا وغيره سڀ خالص عربي زبان ۾ آهن، جن مان ڪيترن جا سنڌي مترادفات بہ منهنجي علم ۾ نہ هئا، ان ڪري مجبوراً انهن کي جيئن جو تيئن ئي نقل ڪيو ويو آهي. باقي جتي ڪا ٿوري گهٽي گنجائش نظر آئي آهي تہ اتي سؤلي سنڌيءَ ۾ ڳالهہ ڪرڻ جي

Marfat.com

کوشش کئي ويئي آهي.

عربي زبان ۾ کي نالا يا خاص طور کنيتون، سياق ۽ سباق کي ڏسندي مختلف صورتن ۾ لکيا ويندا آهن، جيئن حضرت ابوبکر جي نالي کي ابوبکر سان گڏ ابي بکر ۽ ابا بکر پڻ لکيو ويندو آهي. پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو کو قاعدو رائج نہ آهي، جنهن کري اسان سنڌي ٻوليءَ ۾ هر جاءِ تي اهو نالو ابوبکر ئي لکندا آهيون. ان ڳالهه کي ويچار ۾ رکي اهڙن نالن يا کنيتن کي مون هر جاءِ تي ساڳيءَ صورت ۾ ئي لکيو آهي تہ متان عام سنڌي پڙهندڙ کٽي ابوبکر، ابابکر ۽ ابي بکر کي الگ الگ شخصيتون نہ سمجهي ويهي. مان ڄاڻان ٿو تہ اهڙيون ڳالهيون اهل علم کي يقيناً ناگوار لڳنديون ڇو تہ جڏهن هو محمد بن ابوبکر يا علي بن ابوطالب پڙهندا تہ سندن ذهن تي بار پوندو، جنهن لاءِ نهايت ادب سان کائنئن معافيءَ جو طلبگار آهيان. اميد اٿم تہ هو اهڙن موقعن تي پنهنجي علمي عظمت ۽ ذهني وسعت جو مظاهرو کندي اسان جي خود ساخته سهوليتن اختيار کرڻ وارين حرکتن کان صرف نظر فرمائيندا.

بهرحال اهي ۽ اهڙيون بيشمار خاميون اوهانجي نظر آڏو باربار ايندينون، جيکي مترجم جي بي علمي ۽ ناتجربيکاريءَ جي شاهدي پيش کنديون، ان لاءِ اهل علم جي خدمت عاليءَ ۾ گذارش آهي تہ هو اهڙين کوتاهين جي نشاندهي کن تہ جيئن آئينده ايڈيشن ۾ سندن شکريو ادا کندي انهن جي اصلاح کري سگهجي.

هن کتاب ۾ بيشمار خوبيون بہ آهن، جيکي فقط قبلہ مخدوم صاحب ڏانهن منسوب کيون وڃن ۽ جيتريون بہ کوتاهيون ۽ کمزوريون نظر ايندينون، انهن جو ذميوار فقط آءٌ آهيان. هن کتاب جي تياري ۾ جن بہ بزرگن، دوستن ۽ مهربانن منهنجي مدد ۽ رهنمائي فرمائي ۽ پنهنجي قيمتي مشورن سان نوازيو، تن جو دل جي گهرائين سان شکرگذار آهيان ۽ انهن لاءِ دعاگو آهيان تہ الله تعاليٰ کين هن دنيا ۾ انهن جو اجر ۽ آخرت ۾ پنهنجي پياري نبي کريم ﷺ جن جي شفاعت نصيب فرمائي، آمين.

عزيزم محترم امين الله علوي، محترم گل محمد شاهه بخاري، محترم ڈاڪٽر محمد ادريس سومرو، مولانا مفتي محمد رحيم سکندري، مولانا محمد اسماعيل سکندري، مولوي شير محمد هکڙو ۽ مولوي شفيق احمد قادري جن جو نهايت ٿورائتو آهيان، جن جي ذاتي لائبريرين مان استفادي کرڻ جو موقعو مليو. ان سلسلي ۾ آءٌ کتب خانہ جامعہ راشديہ جي منتظمين جو بہ شکريو ادا کريان ٿو.

پنهنجي دوستن پروفيسر مير محمد مقبول سومرو، پروفيسر سيد علي رضا شاهه جيلاني، پروفيسر عبدالرزاق سولنگي ۽ ٻيا کافي دوست جن کان سنڌي لغت توڙي ٻين معاملن بابت معلومات حاصل ٿيندي رهي. تن جو بہ ٿورائتو آهيان هن کم ۾ مونکي حافظ مختيار احمد

Marfat.com

ڪانڌڙو، پروفيسر نصرالله ڄامڙو ۽ پروفيسر عبدالحميد سهتو جن جي ۾ معاونت حاصل رهي. آخر ۾ آءٌ پنهنجي استاد حضرت مولانا قاري نثار احمد صاحب جن جو بيحد شڪرگذار آهيان جنهن عربي عبارتن جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ منهنجي رهنمائي فرمائي. وقت بوقت جڏهن ۾ آءٌ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ نهايت خنده پيشانيءَ ۽ خوشدليءَ سان پنهنجي بي پناه مصروفيات کي پاسيرو رکي منهنجي مدد ڪيائون. سچ پچ تہ سندن ٿوري مجڻ لاءِ مون وٽ لفظ ناهن. ان کان علاوه مهراڻ اڪيڈميءَ جي روح روان محترم پروفيسر قمر ميمڻ ۽ سندن سموري ٽيم جو ۾ شڪرگذار آهيان، جن اشاعت ۽ طباعت جي هر مرحلي ۾ مون سان بي پناه تعاون فرمايو. الله تعاليٰ انهن سمورن بزرگن ۽ دوستن کي پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن جي طفيل دنيا توڙي آخرت جون نعمتون عطا فرمائي، آمين.

هتي اهي استاد ۽ دوست ۾ بيحد ياد اچي رهيا آهن، جن کي هن ڪتاب ڏسڻ جو بي پناه شوق هو، پر اڄ اهي هن موقعي تي دنيا ۾ موجود نہ آهن. خدا تعاليٰ سندن قبرن مٿان پنهنجون بي پناهہ رحمتون نازل فرمائي، آمين.

اهڙن بزرگن ۽ دوستن ۾ استادي محترم ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، سائين پروفيسر سيد محمد سليم ۽ دوستن ۾ پروفيسر رشيد احمد لاکو، محترم غلام مصطفيٰ ٻيو ڪرن وارو ۽ منهنجو ٻاءُ مرحوم الطاف احمد علوي ۽ بزرگوار مرحوم ميان خورشيد احمد علوي جا نالا ذڪر جوڳا آهن. سنڌ جي جن نامياڻن عالمن ۽ محققن مخدوم سائينءَ جن جي هن تاليف ۽ ترجمي بابت پنهنجا رايا، تبصرا ۽ تقريظون لکي موڪليون، انهن جو ۾ بي حد ٿورائتو آهيان. اهڙن نالن ۾ ملڪ جو عظيم عالم، اديب، محقق ۽ مؤرخ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولانا ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو، ڊاڪٽر عبدالحي ابڙو، صاحبزاده مفتي محمد جان نعيمي، مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو ۽ ڊاڪٽر ثناءُ الله پٽوٰ وغيره شامل آهن.

آخر ۾ الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ مان ناچيز جي هن پورهئي کي پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جن جي صدقي قبول فرمائي ۽ اسان سيني کي قيامت جي ڏينهن ان سيرت جي صاحب ڪريم ﷺ جن جي شفاعت نصيب فرمائي، آمين ثم آمين.

اللهم صل عليٰ سيدنا محمد نبي الامي و عليٰ آله و سلم.

ماڻڪ مٽ سندوم اونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حشر ويل حساب ۾ ڇڏي نہ ويندوم،
ساري سڌ ڪندوم ڪوهيارو ڪيچ ڏڻي.

اسرار احمد علوي

Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

مؤلف جو مقدمو

سڀ ساراهون ان سائينءَ کي سونهن (جيڪو پنهنجي ذات ۽ صفات ۾) اڪيلو آهي. لکين صلواتون ۽ سلام ان نبي صلي الله عليه وسلم جي ذات بابرڪات تي جنهن ڪانپوءِ ٻيو ڪوبه نبي اچڻو نه آهي. صلواتون ۽ سلام سندس آل اطهار تي ۽ صحابي سڳورن تي ۽ سندن طريقي جي پيروي ڪرڻ وارن تي پڻ.

ان ڪانپوءِ پنهنجي غني پروردگار جي رحمتن جو هي محتاج بانهو محمد هاشم پٽ عبدالغفور پٽ عبدالرحمان سنڌي ٿٽوي الله تعاليٰ هر دم ساٺس گڏ هجي ۽ هر وقت ۽ هر گهڙي ان جي حمايت ۽ نصرت همراه هجي گذارش ٿو ڪري:

هي مختصر رسالو جنهن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ٿيويهن سالن واري نبوي زندگيءَ جي واقعات ۽ حادثات کي بيان ڪيو ويو آهي، جنهن مان تيرهن ورهيه پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم مڪي معظم ۾ گذاريا ۽ ڏهه ورهيه مديني منوره ۾.

ان ڏس ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جيترن به غزوات، سرايا ۾ بهرو ورتو ۽ ان کانسواءِ اهي ٻيا سمورا واقعات به بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي ان دور ۾ ڪين پيش آيا. هن تاليف جي شروعات پنجين ذوالحج سن ١١٦٦ هجرت کان ٿي.

ڪتاب جو نالو **"بذل القوة في حوادث سني النبوة"** رکيو ويو، جنهن کي پن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

پهرين حصي ۾ اهڙا واقعات آهن جيڪي نبوت کان وٺي هجرت کان اڳ تائين (مڪي ۾) پيش آيا، جڏهن ته ٻئي حصي ۾ اهڙن واقعات جو ذڪر آهي، جيڪي هجرت ڪانپوءِ پيش آيا. هن حصي کي وري ٽن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون باب: غزوات. ٻيو باب: سرايا ۽ بعوث. ٽيون باب: غزوات ۽ سرايا کانسواءِ ٻيا سمورا واقعات.

Marfat.com

ياگو پهريون

مڪي دور

Marfat.com

Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

پاڳو پهريون

مڪي دور

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ هَدَانَا لِهٰذَا وَمَا كُنَّا لِنَهْتَدِيَ لَوْلَا اَنْ هَدَانَا اللّٰهُ * اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰي سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَ اَزْوَاجِ اُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ ذُرِيَّتِهٖ وَ اَهْلِ بَيْتِهٖ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰي اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

هن باب ۾ انهن واقعات جو ذڪر ڪيو ويندو، جيڪي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي هجرت کان اڳ واري زماني يعني سندن مڪي زندگيءَ سان تعلق رکن ٿا. اسان جيئن ته اها ڳالهه پليءَ پٽ چاڻون ٿا ته اسلام جي شروعاتي دور ۾ مسلمانن کي ڪنهن به قسم جي جنگ جهيڙي جي اجازت نه هئي، ان ڪري هن دور ۾ ڪنهن به غزوه يا سريه جو ڪو واقعو پيش نه آيو. باقي پيا واقعات جيڪي ان زماني ۾ پيش آيا، انهن جو ذڪر هن باب ۾ موجود آهي. هي هن ڪتاب جو پهريون باب آهي، جنهن ۾ ڪل تيرهن فصل آهن.

فصل پهريون

هن فصل ۾ نبوت جي پهرين سال يعني سن ايڪيتاليهه ميلاديءَ دوران پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

بعثت[1] نبوي

* هن سال پنهي جهانن جي سردار سيدنا احمد مجتبيٰ محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن کي الله تعاليٰ طرفان هن زمين تي آخري نبيءَ جي حيثيت ۾ مَبْعُوْث ڪيو ويو. ان ڏس ۾ مشهور تاريخ دان ۽ سيرت نگار شامي[2] پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو: "جڏهن پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي عمر مبارڪ جا

(١) هي عربي لفظ آهي. جنهن جو مصدر "بعث" آهي ۽ ان جي لغوي معني آهي: موڪلڻ، روانو ڪرڻ، برپا ڪرڻ، ستل ماڻهوءَ کي جاڳائڻ، ۽ نبي يا رسول مقرر ڪرڻ وغيره (لسان العرب، ابن منظور جلد ٢ ص ١١٧)

(٢) شيخ الاسلام خاتمة المحدثين والاعلام محمد بن يوسف بن علي بن يوسف صالحي دمشقي ڏهين صدي هجريءَ جو مشهور عالم، عارف، صالح ۽ صوفي ٿي گذريو آهي، جنهن جو لقب شمس الدين ۽ ڪنيت ابوعبدالله پڏائي

Marfat.com

ويئي آهي، پر عوامي حلقن ۾ کيس "شاميءَ" جي نالي پٹيان ئي ڄاتو وڃي ٿو، ڇو جو سندس اباڏو وطن "شام" هو، جتي هو مشهور شهر "دمشق" جي پسگردائيءَ ۾ "صالحيه" نالي ڳوٺ ۾ ڄائو. جيتوڻيڪ سندس ڄمڻ جو صحيح سن معلوم ٿي نه سگهيو آهي پر خيال آهي ته هو نائين صدي هجريءَ جي آخري حصي ۾ ئي ڄائو هوندو. والله اعلم بالصواب.

پنهنجي عمر جو شروعاتي ڪجهه وقت "شام" ۾ گذارڻ کانپوءِ هن مصر ڏانهن هجرت ڪئي ۽ اتي قاهره جي لڳ ريگستاني ڳوٺ "برقوقيه" کي پنهنجو وطن بڻايائين ۽ پوءِ مرڻ گهڙيءَ تائين اتي رهيو. تانجو ۹۴۲ هـ بمطابق ۱۵۳۶ع ڌاري اتي ئي وفات ڪيائين.

شاميءَ پنهنجو تعليمي سلسلو وقت جي مڃيل عالمن ۽ فاضل استادن جي خدمت ۾ رهي مڪمل ڪيو ۽ مختلف علوم ۾ وڏي مهارت حاصل ڪيائين. اهوئي سبب آهي جو هن حديث، تاريخ، اسماء الرجال، ادب، نحو، لغت، سوانح توڙي سيرت جهڙن متفرق موضوعات تي اهڙا ڪتاب لکيا جن کي علمي حلقن ۾ قدر جي نگاه سان ڏٺو ويو. سندس تصنيفات ۽ تاليفات مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

۱. عقود الجمان في مناقب ابي حَنيفه النُعمان.

۲. عين الاصابه في معرفة الصحابه.

۳. الفوائد المجموعه في الأحاديث الموضوعه.

۴. مرشد السالک الي الفيه ابن مالک.

۵. الجامع الوجيز الخادم للغات القرآن العزيز.

علامه شاميءَ جا اهي ۽ ٻيا سمورا ڪتاب پڙهندڙن ۾ بيحد مقبول رهيا پر هن ميدان ۾ سندس وڏي ۾ وڏو ڪارنامو سيرة بابت لکيل اهو شهره آفاق ڪتاب آهي، جنهن جو نالو ته "سبل الهدي والرشاد في سيرة خير العباد" آهي پر عوامي حلقن ۾ "سيرة شامي" جي نالي سان ئي ڄاتو وڃي ٿو.

هن ڪتاب سيرة جي ميدان ۾ هڪ عظيم انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن جي پيدائش کان وٺي ويندي سندن وصال تائين هر واقعي جو ذري پرزي احوال جنهن نموني تفصيل ۽ وضاحت سان شاميءَ بيان ڪيو آهي، اهو انداز ڪائنس اڳ يا پوءِ ڪنهن وٽ به نظر نٿو اچي. ان مقصد لاءِ ٿي سؤ کان به مٿي ڪتاب ماخذ ۽ مصادر طور سندس آڏو رهيا. جن جي مفصل مطالعي کانپوءِ هن هر واقعو ۽ ان بابت سموريون روايتون ڪٺيون ڪري ڇڏيون آهن ته جيئن مستقبل جا محقق آساني‌ءَ سان انهن منجهان چند ڇاڻ ڪري روايتن جي صحت جو تعين ڪري سگهن، نه صرف ايترو پر هر باب جي آخر ۾ وري "تنبيهات" جي عنوان هيٺ انهن روايتن بابت وضاحتون ۽ ڏکين لفظن جون صحيح پڙهٽيون ۽ معنائون پڻ درج ڪيون ويون آهن، جنهن عام قاريءَ کي به مطالعي دوران لغتن جي ورق گرداني‌ءَ کان بي نياز بڻائي ڇڏيو آهي. بهرحال هن ڪتاب علمي دنيا ۾ جيڪو مقام ۽ مقبوليت حاصل ڪئي ان ۾ وقت گذرڻ سان گڏ اضافو ئي ٿيندو رهيو ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري ۽ ساري آهي. شاميءَ کانپوءِ هن وقت تائين جن به سيرت نگارن هن موضوع تي قلم کنيو ته انهن منجهان اڪثريت جي آڏو هي ڪتاب هڪ مستند ۽ معتبر ماخذ طور موجود رهيو ۽ انهن ڪنهن نه ڪنهن نموني هن ڪتاب مان استفادو پئي ڪيو آهي.

قلمي صورت ۾ هي ڪتاب ڇهن ضخيم جلدن تي مشتمل هو، جنهن جا نسخا اسلامي دنيا جي مشهور ڪتب خانن ۾ ته موجود هئا، پر عوام طرفان ان خواهش جو اظهار باربار پئي ٿيندو رهيو ته هن نايابڪتاب کي طباعت جي زيور سان آراسته ڪيو وڃي ته جيئن اهو هرهڪ کي آساني‌ءَ سان دستياب ٿي سگهي. آخرڪار "المجلس الاعلي للشئون الاسلاميه قاهره" طرفان ڪتاب کي شايع ڪرڻ جو اهتمام ڪيو ويو. ان مقصد لاءِ اداري طرفان اعلي اختياري بورڊ

Marfat.com

چاليهه ورهيه پورا ڪيا، تڏهن ڪين نبوت جي نعمت سان نوازيو ويو." [1] ان روايت تي عالمن جي اڪثريت کي اتفاق رهيو آهي. جڏهن ته ڪي ٻورڙيون روايتون اهڙيون به مليون آهن، جن ۾ بعثت وقت عمر مبارڪ چاليهن ورهين کان هڪ ڏينهن مٿي يا ڏهه ڏينهن مٿي يا وري به مهينا مٿي به ٻڌائي ويئي آهي. پر پهرين روايت ئي سيني کان وڌيڪ مشهور ۽ مقبول آهي.

"شاميءَ" کانسواءِ "زَرقَانِي" [2] به پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "شرح علي المواهب اللدنيه" ۾

قائم ڪيو ويو ۽ ان بورڊ هن ڪتاب کي اٽن حصن ۾ ورهايو ۽ هر حصي کي هڪ الڳ محقق ڄڻي حوالي ڪيو ويو، جن مان پهرين ٻن حصن جي تحقيق جو ڪم مشهور محقق ۽ عالم ڊاڪٽر مصطفيٰ عبدالواحد جي حوالي ڪيو ويو ۽ پوءِ ۱۹۷۲ع تائين هن ڪتاب جا پهريان چار جلد مارڪيٽ ۾ اچي ويا ۽ ۱۹۷۴ع تائين سمورو ڪتاب شايع ٿي ويو. جنهن جي ضخامت اٺ جلد هئي. پر اهو ڇاپو ايترو معياري نه هو، جنهن ڪري هن ڪتاب جي هڪ اهڙي ايڊيشن جي ضرورت محسوس ٿيندي رهي جيڪا هن ڪتاب جي شايان شان هجي. آخرڪار ۱۹۹۳ع بمطابق ۱۴۱۴هجريءَ ڏاري هن ڪتاب جو هڪ نهايت دلڪش ۽ نفيس ڇاپو "دار الكتب العلميه بيروت" طرفان شايع ڪيو ويو، جنهن جي تحقيق ۽ تخريج جو ڪم هن دور جي ٻن معروف محققن شيخ عادل احمد ۽ شيخ علي محمد معوض طرفان ڪيو ويو آهي. هي ڇاپو طباعت ۽ اشاعت جي سمورين جديد خوبين سان آراستہ پيراستہ آهي، جنهن جي جلدن جو تعداد ٻارهن تائين پهچي ويو. بعد ۾ وري ۱۹۹۶ع بمطابق ۱۲۱۴هـ ڏاري قاهره جي معروف محقق ابوسليمان خالد عبدالفتاح شبل طرفان هن ڪتاب جون فهرستون ٻڌ مرتب ڪيون ويون جن کي ساڳي اداري وري ٻن جلدن ۾ شايع ڪيو ۽ هينئر هن ڪتاب جو مڪمل سيٽ چوڏهن جلدن تي مشتمل آهي، جيڪو آسانيءَ سان دنيا جي هر ملڪ ۾ دستياب ۽ هر نندي وڏي لائبريريءَ جي زينت بڻيل آهي، جنهن مان هرهڪ آسانيءَ سان استفادو ڪري رهيو آهي. ڇو جو هن وقت سيرة جي موضوع تي هن ڪتاب کي دائرة المعارف (Encyclopedia) جي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي.

مقدمہ سبل الهدي والرشاد في سيرة خير العباد شامي ج ۱ ص ۳۸ ـ ۴۰، مقدمہ ازواج النبي ﷺ ص ۱۲ ـ ۹، الرسالة المستطرفہ جعفر ڪتاني ص ۱۹۹ ـ ۱۵۱، فهرس الفهارس عبدالحي ڪتاني ج ۲ ص ۳۹۲، "الاعلام" زرڪلي ج ۷ ص ۱۵۵، ڪشف الظنون حاجي خليفہ ج ۲ ص ۱۷۸.

(۱) سبل الهدي والرشاد في سيرة خير العباد شامي ج ۲ ص ۲۲۵.

(۲) ابوعبدالله محمد بن عبدالباقي بن يوسف بن احمد بن علوان مصري، ازهري، مالڪي پنهنجي دور جو هڪ مڃيل عالم، محدث، محقق ۽ فقيهہ ٿي گذريو آهي، جنهن کي علمي دنيا ۾ "زُرْقَانِي" جي نالي سان ڄاتو ويندو ٿو، ڇو جو سندس وڏڙن جو تعلق مصر جي ان مشهور ڳوٺ سان هو جنهن کي "زُرْقَان" سڏيو ويندو آهي.

محمد بن عبدالباقي جي ولادت ۱۰۵۵ هجري بمطابق ۱۶۴۵ع ڏاري ٿي، جڏهن ته ۱۱۲۲ هجري بمطابق ۱۷۱۰ع هـ ڏاري قاهره ۾ وفات ڪيائين. سندس والد، عبدالباقي جو شمار وقت جي وڏن عالمن ۽ فقيهن ۾ ٿيندو هو. ان ڪري هن پنهنجي پٽ جي تعليم ۽ تربيت ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو. مصر ان دور ۾ اسلامي تعليمات جو نهايت اهم مرڪز هو، ان ڪري محمد کي وقت جي وڏن وڏن عالمن وٽان علم حاصل ڪرڻ جو موقعو ميسر رهيو،جنهن سبب هن پاڻ کي حصولِ علم لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. مختلف علوم خاص طور حديث جي علم ۾ تہ اهڙي مهارت حاصل ڪيائين جو ٻارهين صدي هجريءَ دوران مصر ۾ ڪيس "خاتمة المحدثين" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو.

حديث جي ميدان ۾ علامہ زرقانيءَ جي خدمتن جو دائرو تمام وسيع آهي، جن مان سخاويءَ جي مشهور ڪتاب هلندڙ

Marfat.com

پهرين روايت کي وڌيڪ صحيح چاڻايو آهي.(۱) ۽ اهائي روايت "صحيحين" (۲) ۾ حضرت ابن عَبّاس ۽ اَنَس رضي الله تعاليٰ عنهما کان پڻ نقل ڪئي ويئي آهي.

بعثت جو مهينو

* الله جي آخري رسول ﷺ جن جي بعثت ڪهڙي مهيني ۾ ٿي؟ ان ڏس ۾ هڪڙن راوين طرفان ربيع الاول جو مهينو ٻڌايو ويو آهي، تہ وري ٻين جو قول آهي تہ "اهو مهينو رمضان شريف جو هو" انهن ٻنهي روايتن مان پهرين وڌيڪ مشهور آهي. (۳)

"المُقاصد الحسنہ" جي تلخيص، امام مالڪ جي "مؤطا" جي شرح وغيره علمي حلقن ۾ گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي. پر هن ميدان ۾ سندس سڀ کان وڌيڪ پائدار ڪم علامہ محمد بن احمد قسطلاني جي مشهور ڪتاب "اَلمَواهب اللدُنيہ بلمنح المحمديہ" (ﷺ) جي شرح آهي، جنهن کي علامہ "زرقاني" نهايت محنت ۽ محبت سان مرتب ڪيو. هر واقعي بابت حديثن جو انتخاب، واقعات جي تشريح، روايتن جي تطبيق جنهن نموني "زرقانيءَ" ڪئي آهي اهو سندس ئي حصو آهي. اهوئي سبب هو جو علمي حلقن ۾ هن شرح اصلي ڪتاب کان بہ وڌيڪ مقبوليت ماڻي، جيڪا اڄ تائين قائم آهي.

پهريون پيرو هي ڪتاب ۱۲۸۷ هجريءَ ڌاري "بولاق" مان شايع ٿيو، جيڪو ٽن جلدن تي مشتمل هو. ان کانپوءِ وري هي ڪتاب مصر توڙي بيروت مان شايع ٿيندو رهيو آهي، پر ۱۹۹۶ع ڌاري هن ڪتاب کي نئين آب و تاب سان بيروت مان شايع ڪيو ويو. هي ڇاپو نهايت نفيس، ديده زيب ۽ طباعت جي تمام تر خوبين سان سينگاريل آهي، جنهن جي تحقيق محترم عبدالعزيز خالديءَ طرفان ڪئي ويئي آهي. انهيءَ سان هن ڪتاب جي اهميت توڙي افاديت ۾ هيڪاندو اضافو ٿيو آهي ۽ هاڻي هي ڪتاب ٻارهن جلدن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ متن ۽ شرح کي الڳ الڳ ڪري شايع ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت مطالعي ڪرڻ وارن لاءِ وڏي آساني پيدا ٿي ويئي آهي.

مقدمہ شرح علي المواهب اللدنيہ ج ۱ ص ۵ ـ ۱، الاعلام "زرکلي" ج ۶ ص ۱۸۴، سلڪ الدرر "مرادي" ج ۴ ص ۴۸، دائرة المعارف (اردو) ج ۶ ص ۱۴۲، الرسالة المستطرفہ "ڪتاني" ص ۱۹۱، معجم المطبوعات "يوسف اليان" ج ۱ ص ۹۶۷.

(۱) شرح علي مواهب جلد ۱ ص ۲۰۷).

(۲) صحيحين:- حديث نبوي ﷺ جي هيٺين ٻن ڪتابن کي "صحيحين" جي نالي سان سڏيو ويو:

۱. ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاريءَ رحہ جو ڪتاب "صحيح بخاري"

۲. ابوالحسن مسلم بن حجاج قشيريءَ جو ڪتاب "صحيح مسلم"

انهن ٻنهي ڪتابن ۾ ممڪن حد تائين ڪوشش ڪئي ويئي صحيح حديثون شامل ڪيون ويون آهن. امام نوويءَ جو قول آهي:"علماء ڪرام ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ قرآن مجيد کانپوءِ صحيح ترين ڪتاب صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم آهن." (بحوالہ الحطہ في ذڪر الصحاح الستہ، سيد صديق حسن قنوجي ص ۱۶۸)

(۳) نبي آخر الزمان ﷺ جن جي بعثت رمضان شريف جي مهيني ۾ ٿي يا ربيع الاول ۾؟ ان بابت سيرت نگارن طرفان ٻنهي قسمن جون روايتون نقل ڪيون ويون آهن. جنهن جو ڪارڻ اهو آهي تہ هڪڙي گروه جي نظر ۾ بعثت جو آغاز اهو آهي،جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهريون پيرو "جبرئيل امين" خدا تعاليٰ طرفان "اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ" وارو پيغام ڪٿي ست سؤ ورهين جي طويل وقفي کانپوء هن زمين تي نازل ٿيو ۽ اهو واقعو رمضان شريف جو آهي، جنهن هلندڙ

Marfat.com

"زرقاني" پنهنجي ڪتاب "شرح علي المَوَاهِبِ اللّدُنِيّة" ۾ متين پنهي روايتن کي ملائيندي هن نتيجي تي پهتو آهي ته "ربيع الاول جي مهيني کان سچن خوابن ذريعي وحيءَ جو سلسلو شروع ٿيو، جيڪو ڇهن مهينن تائين جاري رهيو، پوءِ رمضان شريف جي مهيني ۾ جبرئيل عليه السلام قرآني

جو ثبوت خود ڪلام الاهيءَ ۾ موجود آهي "شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْآنُ". انکري هن گروه طرفان بعثت جو مهينو رمضان شريف ئي ٻڌايو ويو آهي.

ان جي ابتڙ وري ٻيو گروه جنهن جي طرفان بعثت جو مهينو ربيع الاول ٻڌايو ويو آهي، انهن پنهنجي راءِ جو بنياد "صحيح بخاري" ۽ صحيح مسلم" جي انهن روايتن تي رکيو آهي، جيڪي سيده عائشہ رضہ کان مڪمل سَنَد سان نقل ڪيون ويون آهن ۽ انهن ۾ ڇاڻايل آهي ته "وحي جي ابتدا ۽ آغاز انهن سچن ۽ صالح خوابن کي ليکيو ويندو، جيڪي سرور عالم ﷺ جن هن ئي سال کان ڏسندا پئي رهيا. انهن خوابن ۾ جيڪي واقعات کين نظر ايندا هئا، ڏينهن جي روشنيءَ ۾ وري اهي ساڻيا واقعا ظاهر ظهور سندن مشاهدي ۾ پئي آيا ۽ اهو سلسلو ڇهن مهينن تائين جاري رهيو. پوءِ رمضان شريف ۾ حضرت جبرئيل غار حرا ۾ اچي حاضر ٿيو. رمضان کان ڇهه مهينا اڳ جيڪو خوابن جو سلسلو جاري ٿيو ته ان جو مطلب اهو ٿيندو ته ان سلسلي جي شروعات ربيع الاول جي مهيني کان ٿي. انهن خوابن کانپوءِ ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن اڪيلائي پسند ڪرڻ لڳا ته جيئن يڪسوئيءَ سان ويهي انهن واقعات بابت سوچ ويچار ڪري سگهجي. اهوئي سبب هو جو پاڻ وڃي "غار حرا" ۾ قيام ڪندا هئا ۽ اهو سلسلو جبرئيل جي اچڻ تائين جاري رهيو. انکري ٻئي گروه جي نظر ۾ وري بعثت جي تمهيد ۽ ابتدا اهي خواب ئي آهن، جنهن ڪري هن گروه طرفان بعثت جو مهينو ربيع الاول کي شمار ڪيو ويو آهي.

ابن اسحاق، بيهقي، ابن ڪثير، ذهبي، قسطلاني، شامي ۽ زرقانيءَ پنهنجي ڪتابن ۾ بعثت جو آغاز انهن خوابن کي ئي قرار ڏنو آهي، جنهن ڪري سندن راءِ مطابق بعثت جو مهينو ربيع الاول کي شمار ڪيو ويندو.

علامہ شاميءَ پنهنجي ڪتاب ۾ علقمہ بن قيس کان هڪ روايت نقل ڪئي آهي ته "ٻيا نبي سڳورا پڻ بعثت کان اڳ اهڙا خواب ڏسندا هئا، جن سان سندن قلب کي قرار ايندو هو ۽ ان کانپوءِ ئي متن وحيءَ جو باقاعده نزول ٿيندو هو."

صحيح بخاري جي هڪ روايت مطابق مومن جي خوابن کي نبوت جو ڇائيتاليهون حصو ڇاڻايو ويو آهي، ڇو ته اسانجي نبي اقدس ﷺ جن جي نبوت جو عرصو ٽيويهن ورهين تي محيط آهي ۽ سندن خوابن وارو عرصو وري ڇهه مهينا ٿئي ٿو. ان حساب سان اهي ڇهه مهينا ٽيويهن ورهين جو ڇائيتاليهون حصو ٿيندو. هن ڏس ۾ حافظ ابن حجر جي راءِ ۽ پنهنجي جاءِ تي وڏي اهميت رکي ٿي، جنهن ۾ ڇاڻايو ويو آهي ته "خوابن جي ذريعي نبوت جو آغاز ته ربيع الاول جي مهيني کان ئي ٿيو، جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ولادت جو مهينو آهي، باقي سڃاڻيءَ جي حالت ۾ ظاهري وحي رمضان شريف ۾ نازل ٿي."

صحيح بخاري باب بدءِ الوحي، ج ۱ ص ٦، فتح الباري ابن حجر ج ۱ ص ۳۵، صحيح مسلم. باب بدءِ الوحي ج ۱ ص ۹۷ ، شرح مسلم. امام نووي ج ۱۵ ص ۹۹۰، مسند احمد بن حنبل ج ۷ ص ۲۳۲ ـ ۲۳۳، انساب الاشرف "بلاذري" ج۱ ص ۱۱٦ ۲، سيرة ابن اسحاق ص ۱۰۰، دلائل النبوة بيهقي ج ۲ ص ۱۳۸ ـ ۱۳۷، المواهب اللدنيہ. قسطلاني ج ۱ ص ۱۹٦، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ۲۰۷، سيرة ابن ڪثير ج ۱ ص ۳۸۵، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۲ ص ۲۲۹ ـ ۲۲۸، السيرة النبويہ "ذهبي" ص ٦۳، حدائق الانوار بحرق حضرمي ص ۱٦۳، الدرر ابن عبدالبر ص ۳۵ ـ ۲۸، عيون الاثر ابن سيد الناس ج ۱ ص ۱٦۹.

Marfat.com

آيتن سان گڏ نبي سڳوري ﷺ جن جي خدمت ۾ "غَارِ حِرَاءِ" (۱) اندر نازل ٿيو." (۲) جيئن الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ ٻن الڳ الڳ سورتن ۾ فرمايو آهي. **شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْآنُ** (۳) "رمضان اهو مهينو آهي جنهن ۾ قرآن نازل ڪيو ويو."

اِنَّا اَنْزَلْنَاهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ (۴) "اسان هن (قرآن) کي نازل ڪيو آهي ليلة القدر ۾"

بعثت جي تاريخ

* جهڙي ريت بعثت جي مهيني متعلق راوين ۾ اختلاف رهيو آهي، ساڳيءَ ريت بعثت جي تاريخ بابت به مختلف روايتون ملن ٿيون. جن مان پهرين روايت ۾ ربيع الاول جي ٻارهين تاريخ ٻڌائي ويئي آهي ۽ اها روايت وڌيڪ مشهور به آهي. باقي ٻين روايتن ۾ ساڳئي مهيني جي ٻي تاريخ ۽ انين تاريخ به بيان ڪئي وئي آهي. ان کانسواءِ به ڪجهه ٻيون تاريخون راوين طرفان نقل ڪيون ويون آهن.

بعثت جو ڏينهن

* نبي ڪريم ﷺ جن جي بعثت متعلق مهيني ۽ تاريخ جي باري ۾ ته راوين جو اختلاف موجود آهي، پر "بعثت" جي ڏينهن بابت کو به اختلاف نه آهي، ۽ سمورا راوي ان ڳالهه تي متفق آهن ته پاڻ ڪريم ﷺ جن جي بعثت سومر جي ڏينهن تي ٿي. ان ڳالهه جي تصديق مسلم شريف جي انهن ٻن مرفوع حديثن مان ڪري سگهجي ٿي، جن جو راوي حضرت "اَبُوْ قَتَادَه رضه" (۵) آهي. (٦)

---

(۱) مڪي شريف کان اتر اوپر طرف اٽڪل ٽن ميلن جي فاصلي تي هي غار، "حراء جبل" تي موجود آهي. جنهن جي ڏيگهه ۱۲ فوٽ ۽ ويڪر اٽڪل ۵ فوٽ ٿيندي. سرورڪائنات ﷺ جن پاڻ سان گڏ ڪجهه پاڻي ۽ ستون ڪٽي هن غار ۾ اچي ويهندا هئا ۽ نويڪلائيءَ ۾ پنهنجي پالڻهار جي عبادت به ڪندا هئا ته هن وسيع ڪائنات جي معاملن ۽ مسئلن تي سوچ ويچار به ڪندا هئا. اڇڪلهه هن کي "جبل نور" سڏيو وڃي ٿو. الطبقات الڪبريٰ ابن سعد ج ۱ ص ۱۲۹، رحمة للعالمين قاضي سليمان منصورپوري ج ۱ ص ۴۷.

(۲) بهجة المحافل "عامري" ج۱ ص ۷٦،شرح المواهب زرقاني ج ۱ ص ۲۰۷.

(۳) سورة البقره ۲ پاره ۲ آيت ۱۸۵

(۴) سورة القدر، پاره ۳۰، آيت ۱

(۵) ابو قتاده جو نالو حارث بن ربعي آهي. نبي سڳوري ﷺ طرفان کيس "فارس رسول" جو خطاب ڏنو ويو هو. ڇا لاءِ جو گهوڙي سواريءَ ۾ کيس وڏي مهارت حاصل هئي. نسب جي لحاظ کان ابوقتاده جو تعلق بنو خزرج جي شاخ بنو سلمه سان هو. سندس ماءُ جو نالو "کبشه بنت مطهر" ٻڌايو ويو آهي. ابو قتاده بعثت نبوي جي ٻن يا ٽن سالن کانپوءِ مديني شريف ۾ ڇائو ۽ عقبه جي ٻي بيعت کانپوءِ اسلام قبول ڪيائين. ننڍي ڇمار سبب هو غزوه بدر ۾ شريڪ ٿي نه سگهيو پر ان کانپوءِ ٻين سڀني لڙاين ۾ ٻهرو ورتائين. گهوڙي سواريءَ سان گڏ هو تلوار بازيءَ ۽ تير اندازيءَ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هو. امام بخاريءَ جي روايت مطابق سندس وفات پنجاهه کان سٽ هجري واري ڏهاڪي ۾ ٿي. ابوقتاده نبي ڪريم ﷺ جن کان ۱۷۰ حديثون روايت ڪيون آهن.

اسد الغابه، ابن الاثير ج ۱ ص ۳۲۷

(٦) صحيح مسلم ج ۱ ص ۳٦۸.

Marfat.com

بعثت جا اهيان

هن سال پيغمبر آخرالزمان ﷺ جن جي بعثت ٿي. جَابِر بن سَمُرَه رضہ کان روايت آهي تہ "انهن ڏينهن ۾ پاڻ سڳورا ﷺ جنهن بہ وڻ ٽڻ يا پٿر پهڻ وٽان لنگهندا هئا تہ اهو سندن خدمت ۾ "اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ ﷺ" چوندو هو.

هڪ ٻي حديث ۾ اسانجي پياري پيغمبر ﷺ جن فرمايو: "مکي ۾ اهڙا پٿر اڃان تائين موجود آهي، جيکو نبوت جي شروعات واري دؤر ۾ مونکي سلام ڪندو هو." (۱)

ان پٿر بابت هڪ روايت آهي تہ اهو پٿر سيدنا صديق اڪبر رضہ جن جي گهر وٽ موجود هو ۽ ٻيءَ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو "حجر اسود" هو.

---

(۱) الله تعالىٰ طرفان جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن کي نبوت جي اعليٰ ۽ ارفع مرتبي سان نوازڻ جو وقت ويجهو آيو تڏهن پاڻ سڳورا ﷺ جنهن ڪم لاء بہ گهر کان ٻاهر نڪرندا هئا تہ چوڌاري سندن مبارڪ ڪن تي "السلام عليک يارسول الله (ﷺ) جا پڙلاءَ پوندا هئا. جنهن تي سيد عالم ﷺ جن پنهنجي اڳيان، پويان، ساڄي، کاٻي جاڇيندا هئا تہ کين کوبہ ساهوارو اتي موجود نظر نہ ايندو هو سواء ڪنهن وڻ، ٻوٽي يا پٿر پهڻ جي، جيکي سندن خدمت ۾ سلام پيش ڪندا هئا. امام دارمي پنهنجي "سنن" ۾ ۽ امام ترمذي پنهنجي "جامع" جي "ڪتاب المناقب" ۾ حضرت علي رضہ جن جو هڪ قول هن ريت نقل ڪيو آهي، "مان ۽ نبي اڪرم ﷺ جن پاڻ ۾ گڏجي مکي شريف جي پسگردائيءَ ۾ نڪتاسون تہ رستي ۾ مون اهڙو ڪو وڻ يا جبل نہ ڏٺو جنهن "السلام عليک يارسول الله ﷺ" نہ پئي چيو." اهڙن پٿرن منجهان هڪ اهڙو نمايان پٿر بہ هو، جيکو مکي جي شهر ۾ نہ صرف موجود هو پر نبوت کانپوءِ بہ نبي سائين ﷺ جن ان پٿر کي سڃاڻيندا هئا. ڪن راوين جو چوڻ آهي تہ اهو پٿر حضرت ابوبکر صديق رضہ جي گهر جي پرسان پيل هوندو هو، جڏهن تہ ڪن جو خيال آهي تہ اهو پٿر سيده خديجة الڪبريٰ جي گهر کان مسجد الحرام ڏانهن ويندڙ رستي تي موجود هو. "مشڪوٰة" جي حاشيہ نگار ان پٿر جو نالو "زقاق" ٻڌايو آهي، جڏهن تہ "علامہ سُهيلي" ڄاڻايو آهي تہ "ڪجهہ محدثن جي راءِ مطابق اهو ڪو عام پٿر نہ پر "حجر اسود" هو." (والله اعلم)

سيرة ۽ تاريخ جي ڪتابن جي مطالعي مان پروڙ پوي ٿي تہ ان واقعي کي صرف "حجر اسود" ڏانهن منسوب ڪرڻ مناسب نہ آهي. البتہ ائين ٿي سگهي ٿو تہ هين پٿرن سان گڏ "حجر اسود" بہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ سلام پيش ڪندو هجي، پر ٻيا پٿر غير معروف هڻڻ سبب ياد نہ رهي سگهيا هجن ۽ "حجر اسود" جو نالو ياد رهجي ويو هجي. جامع ترمذي ڪتاب المناقب ص ۵۹۳، المستدرک "حاڪم" ج ۲ ص ۶۲۰. سنن. الدارمي ج ۱ ص ۱۵. مسند احمد ابن حنبل ج ۵ ص ۸۹ ـ ۹۰. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۲ ص ۱۵۴. صحيح مسلم "ڪتاب المناقب" ج ۴ ص ۵۸. سيرة ابن هشام ج ۱ ص ۲۵۰ الروض الانف "سُهيلي" ج ۱ ص ۲۶۶ ـ ۲۶۷. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۲۰۰، شرح علي المواهب "زرقاني" ج ۵ ص ۱۲۲. سيرة ابن ڪثير ج ۱ ص ۳۸۹، سبل الهدىٰ "شامي" ج ۲ ص ۲۲۸. سيرة دِمياطي ص ۷۴. دلائل النبوة. سعيد بن عبدالقادر ج ۲ ص ۵۹۹. الشمائل "ابن ڪثير" ص ۲۶۰.

Marfat.com

اُم المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرىٰ رضہ ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي نياڻين سڳورين جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال اُم المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرِيٰ رضہ اسلام قبول ڪيو. بيبي سائنڍ کان اڳ اها سعادت دنيا جي ڪنهن بہ بي هستيءَ کي حاصل نہ ٿي هئي. سمورا مؤرخ جن ۾ ثعلبي، ابن عبدالبر ۽ سُهيلي بہ شامل آهن، متين روايت تي متفق آهن ۽ ڪنهن هڪ کي بہ ان ۾ اختلاف نہ آهي. ابن الاثير بہ پنهنجي تاريخ ۾ لکي ٿو تہ "سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرِيٰ رضہ کان اڳ ڪنهن بہ مرد يا عورت اسلام قبول نہ ڪيو هو ۽ سمورا مسلمان ان روايت بابت ساڳئي راءِ رکن ٿا." (۱)

ام المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرِيٰ رضي الله تعاليٰ عنها سان نبي سونهاري ﷺ جن جو نڪاح ڪجهہ سال اڳ ٿيو هو. ان وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن جي عمر ۲۵ سال ۽ بيبي سائنڍ جي عمر چاليهہ سال ٻڌائي ويئي آهي. (۲) سندن وفات جو ذڪر وري سن ڏهين نبويءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو. انشاءَ الله تعاليٰ.

---

(۱) اسد الغابہ. ابن الاثير ج ۵ ص ۴۳۴، الروض الانف سهيلي جلد ۱ صہ ۷۸-۲۷۷، شرح علي المواهب زرقاني ج ۱ ص ۲۳۷، المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ۱ ص ۲۱۷.

(۲) سيده خديجة الكبريٰ رضي الله عنها قريش قبيلي جي مشهور شاخ بنو اسد سان تعلق رکندڙ هڪ نهايت معزز، معتبر، امير، اڪابر، پاڪيزه ۽ پرهيزگار عورت هئي، جيڪا "عام الفيل" کان پندرهن ورهيہ اڳ مڪي ۾ پيدا ٿي. سندس پيءُ جو نالو خُويلد بن اسد هو، جڏهن تہ سندس امڙ جو نالو فاطمہ بنت زائده ٻڌايو ويو آهي.

خُويلد بن اسد پنهنجي قبيلي جو هڪ معزز فرد هو، جنهن جا خاندان واسطا نبي ڪريم ﷺ جن جي گهراڻي بنو هاشم سان گهڻي وقت کان قائم هئا.

جناب خُويلد کي پنج ڀار يعني ٻہ پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيا. جن جا نالا هن ريت ٻڌايا ويا آهن:

۱. حزام ۲. خديجہ ۳. عوام ۴. هالہ ۵. رقيہ.

انهن مان "عوام" جي شادي پاڻ سڳورن ﷺ جي ڦٻي سائنڍ سيده صفيہ بنت عبدالمطلب سان ٿي، جيڪا حضرت حمزہ جي سڳي ڀيڻ هئي. سيده خديجة الكبريٰ جو پهريون نڪاح هند بن زراره سان ٿيو، جتان بيبي سائنڍ کي ٽي ڀار يعني هڪ نياڻي ۽ ٻہ پٽ ڄاوا. جنهن کانپوءِ هند بن زراره گذاري ويو ۽ پوءِ حضرت خديجة الكبريٰ جو ٻيو نڪاح عتيق بن عائذ سان ڪرايو ويو. هن گهر مان ڪيس هڪ نياڻي ڄائي جنهن جو نالو "هند" ٻڌايو ويو آهي. اڳتي هلي "هند" جو نڪاح هن پنهنجي سوٽ صيفي بن اميہ سان ڪرايو جتان ڪيس "محمد" نالي هڪ پٽ ڄائو، جنهن ڪري تاريخ ۾ هند پنهنجي ڪنيت "اُم محمد" جي حوالي سان مشهور آهي.

بيبي خديجة الكبريٰ جي شاديءَ کان ڪجهہ وقت پوءِ عتيق بن عائذ بہ گذاري ويو. ابن سعد جي روايت مطابق "حرب فجار" جي موقعي تي وري سندس والد خويلد پڻ گذاري ويو. ان وقت بيبي سڳوريءَ جي عمر پنجٽيهہ ورهيہ ڪن هئي. حضرت خديجہ تمام مالدار عورت هئي ۽ سندس ڪاروبار تمام وسيع هو. ايتري قدر جو سندس ڪاروباري قافلا عرب کان ٻاهر عراق، شام ۽ فلسطين تائين ويندا هئا. انڪري ڪيس ڪاروبار هلائڻ لاءِ اهڙن ماڻهن جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي جيڪي ڪاروباري اصولن کان بہ بخوبي آگاهہ هجن ۽ ان سلسلي ۾ سڌي ساک پڻ رکندا هجن. ان ڏس ۾ وٽس هڪ اهڙو باصلاحيت ماڻهو موجود هو جنهن جو نالو "ميسره" ٻڌايو ويو آهي.

هلندڙ

Marfat.com

ميسره هونئن تہ بيبي سائنڊ جو غلام هو، پر هن پنهنجي ايمانداريءَ ۽ اصول پرستيءَ سان بيبي سگوريءَ کي بيحد متاثر کيو هو، انڪري هن کيس پنهنجي سموري ڪاروبار جو جنرل مئنيجر مقرر ڪيو هو.

انهن ڏينهن ۾ ئي پاڻ سگورا ﷺ جن به تجارت جي ميدان ۾ نوان نوان لٽا هٿا ۽ پنهنجي ايمانداري توڙي امانتداريءَ جي لحاظ کان هن سلسلي ۾ سڀني شهرت حاصل ڪئي هئائون. "ميسره" جي وسيلي ئي اهڙا احوال بيبي خديجہ رضہ تائين به پهتا ۽ هوءَ ان کان بيحد متاثر ٿي. بيبي سائنڊ ان هستيءَ کي پنهنجي ڪاروباري اداري ۾ شامل ٿيڻ جي پيشڪش ڪئي ۽ پوءِ اها پيشڪش پاڻ ڪريم ﷺ جن قبول فرمائي ۽ بيبي سائنڊ جي هڪ تجارتي قافلي سان گڏ "شام" ڈانهن اسهيا. واپسيءَ تي جڏهن منافعي جي رقم بيبي خديجہ رضہ وٽ پهتي تہ سندس حيرانگيءَ جي حد نہ رهي، ڇو جو اهو منافعو سندس اندازي کان تمام گهٽو هو. انڪري بيبي سائنڊ خوشيءَ وچان پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ جيڪو معاوضو موڪليو اهو به مقرر ٿيل معاوضي کان گهٽو مٽي هو. جنهن ڪانپوءِ انڪل ٽي مهينا ڪن رکي بيبي خديجة الڪبريٰ رضہ پنهنجي طرفان شاديءَ جو پيغام پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ اماڻيو. بيبي سمائنڊ جيتوڻيڪ ان وقت پڪي عمر جي ٿي چڪي هئي پر ان جي باوجود به ڪيس هڪ طرف تہ پنهنجي نسبي توڙي مالي حيثيت سببان تہ ٻئي طرف وري پنهنجي پاڪيزه ڪردار ۽ صالح صفتن ڪري معاشري ۾ مٿانهون مقام ۽ مرتبو حاصل هو، جنهن جي اعتراف ۾ مائنهو کيس "طاهره" جي لقب سان ياد ڪندا هئا. اهڙو مان ۽ مرتبو مڪي جي معاشري ۾ ڪنهن ٻيءَ عورت کي حاصل نہ هو. انجي پيش نظر وقت جا وڏا وڏا سردار ۽ سرمائيدار پنهنجي دل ۾ هن بيبي صاحبہ جي رشتي ملڻ جي خواهش رکندا هئا، پر قدرت واري تہ سندس قسمت ۾ ام المؤمنين جو مقام لکي ڇڏيو هو، ۽ پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن اها پيشڪش قبول ڪئي. شادي جا انتظام شروع ٿي ويا. نبي اڪرم ﷺ جن جي بعثت کان انڪل پندرهن ورهيہ اڳ صفر مهيني جي پنجويهين تاريخ تي نڪاح جي هيءَ شاندار تقريب منعقد ٿي، جنهن ۾ بنواسد، بنوهاشم، مَضر توڙي ٻين قبيلن جي معزز هستين شرڪت ڪئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي ٻن چاچن حضرت ابوطالب ۽ حضرت حمزه ۽ قبيلي جي ٻين معززين سان گڏجي ڪنواريتن جي گهر آيا، بيبي سائنڊ جو پيءُ تہ هن نڪاح کان اڳ فوت ٿي چڪو هو، انڪري هن پنهنجو وارث پنهنجي چاچي عمرو بن اسد کي مقرر ڪيو، جڏهن تہ سندس سؤٽ ورقہ بن نوفل ۽ ٻيا عزيز پڻ هن تقريب ۾ شريڪ هئا. حق مهر ساڌا ٻارهن اوقيہ سون مقرر ڪيو ويو، جنهن جي قيمت پنج سؤ درهم هئي. ڪن راوين طرفان حق مهر ويهہ اُٺ به ٻڌايو ويو آهي پر ٻهرين روايت کي ئي وڌيڪ صحيح سمجهيو وڃي ٿو. نڪاح وقت سيده خديجة الڪبريٰ جي عمر چاليهہ ورهيہ ٻڌائي ويئي آهي، جنهن تي علماء جي اڪثريت کي اتفاق آهي. جڏهن تہ ڪي ٿوريون روايتون اهڙيون به ملن ٿيون جن ۾ نڪاح وقت بيبي سائنڊ جي عمر اٺاويهہ ورهيہ يا ڪجهہ گهٽ وڌ به ٻڌائي ويئي آهي.

انساب الاشراف ۾ بلاذريءَ، سيده خديجة الڪبريٰ جي ياڻٽي حڪيم بن حزام جي هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جيڪا هن ريت آهي تہ "منهنجي ڦٻي سائنڊ جي عمر شاديءَ وقت چاليهہ ورهيہ ۽ نبي اڪرم ﷺ جن جي عمر پنجويهہ ورهيہ هئي. منهنجي ڦٻي مونکان عمر ۾ ٻہ ورهيہ مٽي هئي. آءٌ هاڻين واري واقعي کان تيرهن ورهيہ اڳ ڄائو هوس ۽ حرب الفجار ۾ ٻہ مون ٻهرو ورتو هو، ان وقت ٽيٽيهن ورهين جو هوس." ان جو راوي موسيٰ بن عقبہ آهي.

هن موقعي تي نڪاح جو خطبو سيدنا ابوطالب جن پڙهيو. جنهن ۾ الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۽ نبي انور ﷺ جن جي عظمت جي واکاڻ نهايت فصيح انداز ۾ ڪئي ويئي آهي. هن خطبي کي يعقوبي، شامي، قسطلاني، ۽ علامہ عامري وغيره نقل ڪيو آهي.

الحمدلله الذي جعلنا من ذرية ابراهيم وزرع اسماعيل وضئضيء معد وعنصر مضر، وجعلنا حَضنة بيته وسواس حرمه وجعل لنا بيتاً محجوبا وحرما آمنا وجعلنا الحكام علي الناس ثم ان ابن اخي هذا محمد صلي الله عليه وسلم بن عبدالله لايوزن برجل

Marfat.com

بيبي سائنڻ جي اسلام آڻڻ کانپوءِ سندس چارئي نياڻيون به اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيون. جن جا نالا هي آهن. سيده زينب رضہ، سيده رُقَيَّہ رضہ، سيده اُمِ كُلثُوم رضہ ۽ سيده فاطمة الزهراء رضي الله عنهن. اها روايت زرقانيءَ "شرح علي المواهب" ۾ سيرت ابن اسحاق [1] ۽ سيرت شاميءَ جي حوالي سان نقل ڪئي آهي.

الارجح به فان كان في المال قلا فان المال ظل زائل و امر حائل و محمد ﷺ ممن قد عرفتم قرابته وقد خطب خديجة بنت خويلد وبذل لها من الصداق ما آجله و عاجله من مالي كذا و كذا وهو والله بعد هذا له نبا عظيم و خطر جليل فزوجها.

(سڀ ساراهون ان سائينءَ کي جڳائين جنهن اسانکي ابراهيم جي اولاد مان اسماعيل جي نسل مان، معد جي بنياد مان ۽ مضر جي بڻ مان پيدا ڪيو، بڻايائين اسانکي نگهبان پنهنجي گهرن جو ۽ سنپالينڊ پنهنجي حرم جو ۽ اسانجي حوالي اهڙو غلاف وارو گهر ڪيائين (جتي حج ڪيو وڃي ٿو) ۽ اهڙو حرم جتي امن ملي ٿو. اسانکي ماٺهن جو سردار بڻايائين. انکانپوءِ، هي منهنجو پائٽيو محمد ﷺ بن عبدالله جنهن جو ڪوبہ ماٺهو مٽ نہ ٿيندو ۽ پيٽ ۾ هي سڀ کان مٿانهون ٻيهندو پر مال ۾ نہ، مال تہ آهي هڪ پاڇي وانگر جيڪو لڙي ويندو آهي ۽ ڇڳاين ۾ رکاوٽ بڻبو آهي، ۽ محمد ﷺ هن خديجہ بنت خويلد جو سڳ ورتو آهي نيڪ نيتي سان ۽ خرچ ڪري ٿو هن لاءِ حق مهر مان ايندڙ وقت ۾ ۽ هاڻي خدا جو قسم تہ سند ن مستقبل ڀلو آهي.)

نڪاح کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان هڪ اٽ ذبح ڪرائي مهمانن جي دعوت ڪئي ويئي. بيبي خديجة الكبريٰ پنجويهہ ورهيہ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ گذاريا. پهرين وحيءَ جي نازل ٿيڻ کان شعب ابوطالب جي نظر بنديءَ تائين هر مشڪل مرحلي ۾ بيبي سائنڻ سرور ڪائنات ﷺ جن سان هانهن هيلي ٿي رهي ۽ سندن لاءِ ڪنهن بہ مالي يا جاني قرباني ڏيڻ کان ڪين ڪيهايائين. سندن حياتيءَ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ هي ڪا شادي ڪانہ ڪئي. سواءِ حضرت ابراهيم جي، سيد عالم ﷺ جن جي سموري اولاد هن بيبي سڳوريءَ مان هئي. جن مان سواءِ سيده فاطمة الزهراء جي باقي سموري اولاد پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هٿن ۾ گذاري ويئي.

سيرة ابن هشام ج۱ ص ۲۰۱ ـ ۲۰۲. تاريخ طبري ج ۲ ص ۲۵ ـ ۲۶. شرح علي المواهب اللدنيہ ج۱ ص ۱۹۷ ـ ۲۰۲ الروض الانف "سُهيلي" ج ۱ ص ۲۱۲. السيرة النبويہ. ابن فضل الله ص ۶۹. سيرة مغلطائي ص ۸۱ ـ ۸۴. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۲ ص ۱۶۴ ـ ۱۶۵. خلاصة السير "محب طبري" ص ۳۸. بهجة المحافل "عامري" ج۱ ص ۶۱ ـ ۶۰. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج۱ ص ۱۹۲. حدائق الانوار بحرق حضرمي ص ۱۱۷. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ۳۷۹ ـ ۳۸۶. انساب الاشراف "بلاذري" ج ۱ ص ۱۰۸.

(۱) ابو عبدالله محمد بن اسحاق (وفات سن ۱۵۱هـ) جو لکيل هي ڪتاب سيرة نبوي ﷺ جي سلسلي ۾ هڪ قديم ترين ماخذ آهي، جيڪو هي صدي هجريءَ جي شروعات ۾ لکيو ويو . جيتوڻيڪ هن موضوع تي هن کان اڳ بہ ڪجهہ ڪتاب موجود هئا پر سيرت ابن اسحاق نہ فقط انهن جي اهميت کي گهٽايو پر پنهنجي شهرت ۽ مقبوليت جو اهڙو ڏاکو ڇمايو جو چوٿين صدي هجريءَ تائين مؤرخن توڙي سيرت نگارن وٽ هي ڪتاب هڪ مستند ۽ معتبر ماخذ طور استعمال ٿيندو رهيو. بعد ۾ ڪجهہ سبب ڪري هي ڪتاب اڻ لڀ ٿي ويو ۽ ڪجهہ وقت کانپوءِ تہ دنيا جي ڪنهن بہ ڪتب خاني ۾ ڪو اهڙو نسخو باقي نہ بچيو، جنهن تائين ماٺهو آسانيءَ سان پهچي سگهن. جيئن وقت گذرندو رهيو تيئن هن ڪتاب جي اهميت جو احساس وڌندو رهيو. مؤرخ ۽ محقق هن ڪتاب کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهيا. نيٺ اٽڪل هڪ هزار ورهين جي ڊگهي عرصي کانپوءِ هندوستان جي مشهور عالم ۽ محقق ڊاڪٽر حميدالله هن ڪتاب جا ڪجهہ حصا ڳولي هٿ ڪيا ۽ انهن تي نهايت معلوماتي نوٽ هڻي ۱۹۸۱ع ڏاري هي ڪتاب پهريون ڀيرو شايع ڪرايو. مقدمہ سيرة "ابن اسحاق" ڊاڪٽر حميدالله.

Marfat.com

ان کانسواءِ هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سيده خَدِيجَةُ الْكُبْرٰي رضہ کانپوءِ مسلمان ٿيڻ واري پهرين عورت فاطِمہ بنت خطاب آهي. انجو مطلب اهو ٿيندو تہ سيده خَدِيجَةُ الْكُبْرٰي رضہ ءِ نبي ڪريم ﷺ جي چئن نياڻين سڳورين جي اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ پهرين عورت فاطمه بنت خطاب رضہ هئي، جنهن اسلام قبول ڪيو. (۱)

* سرورڪائنات ﷺ جن جي چئن ئي نياڻين جي وفات جو سن هيٺ ڏجي ٿو. سيده رُقَيَّہ رضہ سن ٻہ هجري. سيده زينب رضہ سن اٺ هجري. سيده اُم ڪلثوم رضہ سن نَوَ هجري ءِ سيده فَاطِمَةُ الزَّهْرَاء سن يارهن هجري.

* پاڻ ڪريم ﷺ جن کي مٿين چئن نياڻين کان علاوہ ٻي پٽ ٻہ ڄاوا، جن مان ٻہ اُمّ المؤمنين خَدِيجَةُ الْكُبْرٰي مان هئا. وڏي جو نالو "قَاسِم" ءِ ننديِ جو "عبدالله" هو. جنهن کي "طاهر" ءِ "طيِّبُ" ٻہ سڏيو ويندو هو. مذڪوره ٻنهي نينگرن جي ولادت ءِ وفات جي تاريخ مونکي معلوم نہ ٿي سگهي آهي. ان لاءِ ڪن جو خيال آهي تہ سندن ولادت توڙي وفات نبوت کان اڳ ٿي، تہ وري ڪن جو چوڻ آهي تہ نبوت کانپوءِ. پر ان ڳالهہ تي سڀ متفق آهن تہ ٻئي صاحبزادا مڪي ۾ ڄاوا، اتي وفات ڪيائون ءِ اتي ئي کين دفنايو ويو. باقي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ٽئين نمبر فرزند جو نالو "ابراهيم" آهي. جيڪو اٺين هجريءَ ڏاري سندن ٻانهي "مَارِيَہ (قِبْطِيَّہ)" رضہ مان ڄائو، ءِ سن نائين هجريءَ ۾ وفات ڪيائين. (۲) جيئن سن ۸ ءِ ۹ هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ڪيو ويندو. انشاءَالله تعاليٰ.

---

(۱) شرح علي المواهب اللدنيہ. زرقاني ج ۱ ص ۲۴۶.

(۲) نبي اڪرم ﷺ جن جي اولاد بابت جيڪي روايتون ملن ٿيون، انهن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي سموري اولاد (جنهن ۾ ڏيئر توڙي پٽ شامل آهن) سندن پهرين گهرواري ام المؤمنين سيده خديجة الكبريٰ مان ٿي، سواءِ آخري فرزند حضرت ابراهيم جي، جنهن جي امڙ جو نالو "ماريہ قبطيہ" هو. نبي آخر الزمان ﷺ جن جي نياڻين جو تعداد چار ٻڌايو ويو آهي، جن منجهان اڪثريت جي راءِ مطابق سڀ کان وڏي نياڻي سيده زينب، ٻيو نمبر سيده رقيہ، ٽيون نمبر سيده ام ڪلثوم ءِ آخري نياڻي سيده فاطمة الزهراء هئي. پاڻ سڳورن ﷺ جي نياڻين سڳورين جي عمر بابت مٿين ترتيب تي راوين جي اڪثريت کي اتفاق آهي، پر پوءِ ٻہ ڪي ٻوريون روايتون اهڙيون ملن ٿيون جن ۾ سيده ام ڪلثوم کي آخري نياڻي ٻڌايو ويو آهي. ساڳيءَ ريت ڪجهہ راوين طرفان وري سيده رقيہ کي آخري نياڻي شمار ڪيو ويو ٿو. پر اها ڳالهہ صحيح نظر نٿي اچي، ڇو تہ نبي اڪرم ﷺ جن عمر جي حساب سان ئي انهن نياڻين سڳورين جو نڪاح ڪرايو هو. ڇاڪاڻ تہ ان وقت عربن ۾ اهو رواج بالڪل نہ هيو تہ هرويرو وڏي نياڻي کي گهر ۾ ويهاري ننڍين کي اتاري ڇڏجي،هاڻي جيڪڏهن سيده ام ڪلثوم يا سيده رقيہ عمر جي حساب کان ننڍيون هجن ها تہ پوءِ بنا ڪنهن سبب جي سيده فاطمة الزهراء کان اڳ انهن جي شادي ڪرائڻ واري ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي. انهيءَ ڪري پهرين ترتيب تي ئي اڪثريت جو اتفاق آهي. والله اعلم بالصواب. انهن نياڻين سڳورين جي ايمان بابت جيڪي روايتون ملن ٿيون، انهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن نبي اقدس ﷺ جن جي بعثت ٿي تہ هن ڪائنات ۾ سڀ کان پهريان ان وقت ئي سيده خديجة الكبريٰ اسلام قبول ڪيو ءِ پوءِ پنهنجي گهر ۾ موجود سڀني هارڙن ڪي ساڳئي ڏينهن ٿي ڪلمو پڙهائي دين جي دائري ۾ داخل ڪيائين انهن هارن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جون چار ئي نياڻيون ءِ ننڍڙو علي رضہ پڻ شامل هو، جيڪو سندن ئي گهر جو هڪ فرد هو.

Marfat.com

سرور کائنات ﷺ جن جي چئن ئي نياڻين هجرت جي سعادت حاصل ڪئي. سمورين جو مديني شريف ۾ ئي انتقال ٿيو ۽ سڀني کي جنت البقيع ۾ دفنايو ويو. انهن نياڻين سڳورين منجهان ٽي نياڻيون ته پاڻ سڳورن ﷺ جي هٿن ۾ گذاري ويون. باقي سيده فاطمة الزهراء سيد عالم ﷺ جن جي وصال کان ڪجهه مهينا پوء هن دنيا مان لاڏاٽو ڪيو. هيٺ انهن نياڻين بابت مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو.

١. سيده زينب رضه:

ابن اسحاق، امام بخاري، ابوعبيده، ابن سعد، ابن قتيبه، ابن عبدالبر، حافظ ذهبي، ابن حجر ۽ ابن ڪثير وغيره جن جي قول مطابق پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نياڻين ۾ سڀ کان وڏي نياڻي سيده زينب هئي، جيڪا سن ٽيهه ميلادي ڪاري مڪي ۾ جائي ۽ سن ٨ هجري دوران مديني ۾ وفات ڪيائين. هن بيبي سڳوري جو نڪاح بعثت کان اڳ پنهنجي والده جي حياتي ۾ ئي سندس سڳي ماسات ابوالعاص بن ربيع قرشي سان ڪرايو ويو هو، جيڪو سيده خديجة الڪبريٰ جي پيٽ هند بنت خويلد جو پٽ هو ۽ ان جو اصلي نالو "لقيط" هو. جڏهن ته ڪجهه راوين طرفان وري سندس نالا "هَشَيم" ۽ "مُهشم" به ٻڌايا ويا آهن. پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مديني ڏانهن هجرت فرمائي تڏهن ابوالعاص پنهنجي گهر واري سميت طائف ۾ رهندو هو. پهريان ته هو ڪجهه وقت پنهنجي اباڻي دين تي قائم رهيو، انڪري "غزوه بدر" کانپوء پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي هن نياڻيء کي مديني گهرائي پاڻ وٽ رهايو ۽ پوء جڏهن ابوالعاص اسلام قبول ڪيو، تڏهن بيبي زينب کي سندس حوالي ڪيو ويو. جنهن کانپوء سيده زينب کي ٻه ٻار ٻ ڇاوا، جن مان پٽ جو نالو "علي" ۽ ڏيءَ جو "اُمامه" ٻڌايو ويو آهي. پوء علي بن ابوالعاص ته ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويو. باقي بيبي "اُمامه" وڏي ڇمار ماڻي. "اُمامه" سيد عالم ﷺ جن جي پهرين ڏهٽي هئي. انڪري ساڻس بيحد پيار ڪندا هئا. اهوئي سبب هو جو هڪ دفعي امام الانبياء ﷺ جن ننڍڙي "اُمامه" کي کلهي تي ويهاري نماز ادا ڪئي هئي. اهڙي روايت صحيحين ۾ ڏسي سگهجي ٿي، جنهن جو راوي ابوقتاده آهي. حضرت ابوالعاص سن ٻارهين هجريءَ ۾ گذاري ويو ۽ وفات کان اڳ پنهنجي پياري نياڻي اُمامه جي سار سنڀال جو بار پنهنجي ماروٽ حضرت زبير بن عوام تي رکي ويو، جنهن سيده فاطمة الزهراء جي وفات کانپوء "اُمامه" جو نڪاح سيدنا علي المرتضيٰ سان ڪرايو.

٢. بيبي رُقَيّه رضه:

عمر جي لحاظ کان مٿين ترتيب مطابق نبي اڪرم ﷺ جن جي ٻيو نمبر نياڻي سيده رقيه رضه هئي، جيڪا سن ٽيٽيهه ميلادي ڪاري جائي ۽ ان جو نڪاح نبوت جي ٽئين سال پاڻ ڪريم ﷺ جن سيدنا عثمان بن عفان رضه سان ڪرائي ڇڏيو. ان وقت سيده رقيه جي عمر ڏهه ورهيه هئي. رسول خدا ﷺ جن جي نياڻين سڳورين مان سيده رقيه کي ٻن هجرتن جي سعادت حاصل ٿي. نبوت جي پنجين سال رجب جي مهيني ۾ حضرت عثمان ۽ بيبي رقيه الله جي راه ۾ "حبش" ڏانهن هجرت ڪئي. حضرت لوط عليه السلام ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام کانپوء (هن امت ۾) حضرت عثمان پهريون شخص آهي، جنهن پنهنجي گهروارين سان گڏ هجرت فرمائي ۽ اتي اٽڪل ست سال قيام فرمايو. "حبش" جي قيام دوران سن يارهين نبويءَ ڪاري سيده رقيه کي اتي هڪ پٽ ٻ ڄائو، جنهن جو نالو عبدالله رکيو ويو. نبوت جي ٻارهين سال، بيبي رقيه پنهنجي مڙس سان گڏ مڪي ڏانهن موٽ ڪئي ۽ پوء اتان وري مديني ڏانهن ٻي هجرت ڪيائون. هجرت جي ٻئي سال رمضان شريف جي مهيني ۾ غزوه بدر جي موقعي تي سيده رقيه بيمار ٿي پئي ۽ اٽڪل ويهن ڏينهن کانپوء گذاري ويئي. انڪري هن بيبي سڳوريءَ جي خدمت لاءِ نبي انور ﷺ جن حضرت عثمان رضه ۽ اُسامه بن زيد کي مديني ۾ ڇڏي ويا. جنهنڪري اهي ٻئي صحابي سڳورا غزوه بدر ۾ ٻهرو وٺي نه سگهيا ۽ پوء جڏهن حضرت زيد بن حارث هن "غزوه" ۾ مسلمانن جي سوٻ حاصل ڪرڻ واري خبر ڪئي مديني پهتو ته ان وقت بيبي رقيه هلندڙ

Marfat.com

کي دفن ٿئي ڪيو ويو، ان وقت سندس عمر ايڪيهه ورهيه هئي. سيده رقيه جي وفات کان اڳ ۾ ورهيه پوء سندس پٽ عبدالله کي جنهن جي عمر ڇهه ورهيه مس هئي، هڪ ڪڪڙ اک ۾ لونگو هنيو، جنهن سبب هار جي اک ۾ منهن سڄي پيو ۽ انکري بخار ۾ ٿي پيو. آخرڪار سن ڇوٽين هجريء جي جمادي الاول واري مهيني ۾ ننڍڙو عبدالله گذاري ويو. جنهن جي نماز سيد عالم ﷺ جن پاڻ پڙهائي ۽ حضرت عثمان رضه ميت کي قبر ۾ لاٿو.

۳. حضرت ام ڪلثوم رضه:

نبي ڪريم ﷺ جن جي نياڻين سڳورين ۾ عمر جي لحاظ کان حضرت ام ڪلثوم ٽئين نمبر تي هئي. ڇو ته ابن هشام جي روايت مطابق هيءَ بيبي سڳوري سيده رقيه کانپوء ۽ سيده فاطمة الزهراء کان پهريان ڄائي هئي. والله اعلم بالصواب. نبي ڪريم ﷺ جن جي اهل بيت جيڪا مڪي کان مديني ڏانهن هجرت فرمائي ان ۾ ام المؤمنين سوده بنت زمعه ۽ سيده فاطمة الزهراء سان گڏ سيده ام ڪلثوم به شامل هئي.

سيده رقيه رضه جي وفات کان اڳ ۾ ست مهينا پوء ۽ ڪن روايتن مطابق ٽي ورهيه پوء پاڻ سڳورن ﷺ سيده ام ڪلثوم جو نڪاح حضرت عثمان بن عفان سان ڪرائي ڇڏيو ۽ رخصتي جمادي الآخر دوران ٿي. ان وقت هن بيبي سڳوريءَ جي عمر اڳ ۾ اٽويهه ورهيه هئي. ان نسبت جي ڪري ئي سيدنا عثمان کي "ذوالنورين" سڏيو ويندو هو. شاديءَ کانپوءِ حضرت ام ڪلثوم کي ڪابه اولاد ڪانه ٿي. حضرت عثمان سان بيبي ام ڪلثوم زندگيءَ جا اڳ ۾ ساڍا ڇهه ورهيه گڏ گذاريا، جنهن کانپوء سن نائين هجريءَ جي شعبان مهيني ۾ هن بيبي سڳوريءَ وفات فرمائي. سنديس جنازي نماز سيد عالم ﷺ جن پاڻ پڙهائي ۽ پوء ڪيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

۴. سَيدة نساء العَالمين فَاطِمَةُ الزَّهْرَاء رضي الله عنها:

امام المرسلين ﷺ جن جي سڀني کان ننڍي نياڻيءَ جو نالو سيده فاطمة الزهراء ۽ لقب بتول هو.

مشهور نساب ابن سراج طرفان هن بيبي سائنڍ جي ڄمڻ جو سال ايڪيتاليهه ميلادي (بعثت وارو سال) ٻڌايو ويو آهي. ان حساب موجب سيده فاطمه ڏهن سالن جي مس ٿي هوندي ته سندس ماءُ سيده خديجة الڪبريٰ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. انکري ننڍي عمر سبب والد سان سندس وابستگي وڌيڪ رهي. اهو ئي سبب هو جو سرور عالم ﷺ جن جڏهن ڪنهن سفر جو سانباهو ڪندا هئا ته بيبي سائنڍ کان موڪلائي پوء نڪرندا هئا ۽ وري جڏهن واپس ورندا هئا ته سڀ کان پهريان سيده فاطمة الزهراء وٽ پهچي ساٽس بيحد پيار ۽ پاڻپوه سان ملندا هئا. نه صرف ايترو پر جيڪڏهن بيبي سائنڍ کي پنهنجي گهر ايندي ڏسندا هئا ته پاڻ سڳورا ﷺ خوشيءَ وچان اٿي بيهي رهندا هئا ۽ سيده کي پنهنجي پاسي ۾ ويهاريندا هئا. بيبي فاطمة الزهراء جي عادات، اطوار، رفتار، توڙي گفتار جو انداز سيدالانبياء ﷺ جن سان مشابهت رکندڙ هو. جڏهن ته رنگ ۽ شڪل وري پنهنجي والده سيده خديجة الڪبريٰ سان ملندڙ جلندڙ هئي. بيبي سائنڍ جڏهن جوان ٿي تڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن سندس شادي پنهنجي سڳي سوٽ سيدنا علي ابن ابي طالب سان ڪرائي. ان وقت سيده فاطمه جي عمر پندرهن ورهيه ۽ ساڍا پنج مهينا ۽ سندس گهوٽ جي ڄمار وري ايڪيهه سال ۽ پنج مهينا ٻڌائي ويئي آهي.

شاديءَ جي هيءَ سڳوري تقريب غزوه بدر کانپوء مسجد نبوي ﷺ ۾ منعقد ٿي. نڪاح نبي انور ﷺ جن پاڻ پڙهايو. نڪاح ۾ موجود مهمانن کي ماکيءَ جو شربت پياريو ويو ۽ کارڪون ورهايون ويون. حق مهر پنج سؤ درهم مقرر ڪيو ويو ۽ رخصتي غزوه احد کانپوء عمل ۾ آئي.

هن بيبي سڳوري شاديءَ کانپوءِ نهايت اطمينان ۽ آرام سان پنهنجي گهر ۾ گذاريو. سيدنا علي ڪرم الله وجهه به سندن بيحد خيال رکندا هئا ۽ هن بيبي سائنڍ جي جيئري هي ڪا شادي نه ڪئي.

Marfat.com

اوائلي دور ۾ اسلام قبول ڪرڻ وارا مرد

* هن سال سيدنا اَبُوبَكْر صديق رضہ [1] اسلام قبول ڪيو. بالغ ۽ آزاد مردن ۾ سيدنا صديق رضہ سڀ کان اڳ اسلام قبول ڪيو هو. ان روايت تي سڀ متفق آهن ۽ اها روايت مشهور به آهي.

حضرت علي سائينءَ کي هن بيبي سڳوريءَ مان پنج هار جاوا، يعنيٰ ٽي پٽ ۽ ٻه نياڻيون. پٽن جا نالا هن ريت آهن: امام حسن، امام حسين ۽ امام محسن، جيڪو ننڍپڻ ۾ گذاري ويو. امام حسن رضہ ۽ امام حسين رضہ جن مان نبي ڪريم ﷺ جن جو نسل دنيا ۾ قائم رهيو. سيده فاطمة الزهراء پنهنجي بابي سائين ﷺ جن جي وصال کانپوءِ ستت ئي وفات ڪئي. سيده فاطمة الزهراء پردي جي سخت پابند هئي ۽ زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪنهن غير محرم جي منهن نہ چڙهي. اهوئي سبب هو جو هن حضرت اسماء بنت عميس کي وصيت ڪئي تہ وفات کانپوءِ منهنجي ميت کي رات جو ڪنيو وڃي تہ جيئن ان تي ڪنهن نامحرم جي نگاه نہ پوي. اهڙي ريت بيبي سائنڊ جي وصيت تي عمل ڪيو ويو هو. جنازي نماز سيدنا علي سائين پڙهائي. جڏهن تہ هڪ روايت ۾ حضرت عباس جو نالو به اچي ٿو. والله اعلم. ۽ پوءِ بيبي سڳوريءَ کي جنت البقيع ۾ دفنايو ويو. جتي سندس قبر جو نشان اڄ سوڌو موجود آهي.

(١) صدق و صداقت جو تاجدار، نبي اڪرم ﷺ جن جو يار غار اوائلي نالو عبدالڪعبہ، اسلامي نالو عبدالله لقب صديق ۽ عتيق پر تاريخ ۾ پنهنجي ڪنيت ابوبڪر جي نالي سان مشهور ٿيو.

"بڪر" عربي زبان ۾ جوان اٺ کي سڏيو ويندو آهي. چيو وڃي ٿو تہ عبدالله کي ننڍپڻ ڪان ونڊي ائن پالڻ جو بيحد شوق هوندو هو ۽ هو ائن بابت گهٽي ڇاڻ پڻ رکندو هو، انڪري سندس ڪنيت "ابوبڪر" مشهور ٿي ويئي. جنهن جي معنيٰ ٿيندي ائن جو پيءُ يا ائن سان رغبت رکڻ وارو. ان ڪانسواءِ علامہ زمخشريءَ جو هڪ قول آهي تہ نيڪ ڪمن ۾ "ابتڪار" (پيش پيش هجڻ) سبب ڪين ابوبڪر سڏيو ويندو هو.

بهرحال سندن اها ڪنيت ايتري تہ مشهور هئي جو شايد ڪڏهن ڪنهن کي اصلي نالي کڻڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿي ۽ سواءِ مسلمانن جي شايد ٻين کي سندن اصلي نالي جي خبر به نہ هجي. حضرت ابوبڪر رضہ جي بابي جو نالو عثمان ۽ ڪنيت ابوقحافہ هئي، جڏهن تہ سندن امڙ سائنڊ جو نالو سلميٰ ۽ ڪنيت ام الخير ٻڌائي ويئي آهي.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي پيدائش هاٿين واري واقعي کان اٽڪل اڍائي ورهيہ پوءِ ٿي، انڪري عمر ۾ هو سرور ڪائنات ﷺ جن کان اڍائي ورهيہ ننڍا هئا. سندن والد ابو قحافہ جو شمار مڪي جي معزز ماڻهن ۾ ٿيندو هو، جيڪو پيشي جي لحاظ کان واپاري هو، پر سندن گهراڻي "بنو تيم" جي حوالي سان سندن ذمي "اشناق" جو منصب هو، يعني ماڻهن جي خون بها ۽ تاوان جي رقم جو تعين هنن جي طرفان ئي ڪيو ويندو هو، ۽ اها رقم پڻ وٺن ئي جمع ڪرائي ويندي هئي. حضرت ابوبڪر رضہ کي ننڍپڻ کان ئي خدا تعالىٰ صالح صفتن سان نوازيو هو، اهوئي سبب هو تہ هن اسلام کان اڳ به نہ ڪڏهن شراب کي هٿ لاتو ۽ نہ ڪنهن غلط صحبت ۾ ڪاٽو. سرور ڪائنات ﷺ جن سان سندن دوستيءَ جو ناتو اسلام کان گهٽو اڳ قائم ٿي چڪو هو، جنهنڪري مڪي ۾ موجود هجڻ جي صورت ۾ ٻئي ڇٽا گهٽو ڪري روزانو هڪ يا ٻہ دفعا پاڻ ۾ ضرور ملندا هئا. اسلام کان اڳ مڪي شريف ۾ جيڪي پندرهن ويهہ ماڻهو لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا هئا، انهن مان حضرت ابوبڪر به هڪ هو. ان ڪانسواءِ "علم الانساب" ۾ به سندن ڪو ثاني نہ هو. قريش جي سمورن قبيلن جي نسب جا سمورا سلسلا ڪين زباني ياد هئا ۽ اهو علم هن پنهنجي نياڻي سيده عائشہ رضہ کي سيکاريو هو، جيڪا پڻ هن علم ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. ارڙهن ورهين جي ڇمار ۾ حضرت ابوبڪر

هلندڙ

Marfat.com

رضہ ڪپڑي جو ڪاروبار شروع ڪيو ۽ ٿوري ئي وقت اندر پنهنجي اصول پرستي ۽ ايمانداريءَ سبب ان ميدان ۾ ايترو تہ اڳتي وڌي ويو جو عرب کان ٻاهر عراق، شام ۽ يمن تائين ماڻهو مٿن اعتبار ۽ اعتماد ڪرڻ لڳا ۽ اهڙي ريت وقت گذرڻ سان گڏ سندن شمار مڪي جي مشهور ۽ معتبر تاجرن ۾ ٿيڻ لڳو.

نبي اڪرم ﷺ جن جي بعثت وقت حضرت ابوبڪر رضہ جي عمر اٽڪل اٽيهہ ورهيہ هئي پر پاڻ ان وقت ڪاروباري سلسلي ۾ يمن ڏانهن ويل هئا. واپسيءَ وقت مڪي جا مشهور سردار ابوجهل، عتبہ ۽ شيبہ ساڻس ملیا ۽ ڪيس ہڏايائون تہ ابوطالب جي يتيم پائٽي نبوت جو اعلان ڪيو آهي. اهو ہڏي حضرت ابوبڪر رضہ جن نبي سائين ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتا ۽ سندن زباني، وحيءَ جي نزول جو احوال ہڏي اتي جو اتي ڪلمو پڙهي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا ۽ اوڏيءَ مهل کان وٺي پنهنجو مال ۽ جان اسلام لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون.

اسلام جي ابتدائي دور ۾ حضرت ابوبڪر رضہ جي تبليغ سان نهايت اهم شخصيتن اسلام قبول ڪيو. جن ۾ حضرت عثمان بن عفان، عبدالرحمان بن عوف، زبير بن عوام، طلحہ بن عبيد، سعد بن ابي وقاص ۽ ابوعبيده بن جراح جا نالا ذڪر جوڳا آهن. انهن هستين اڳتي هلي مختلف ميدانن ۾ اسلام لاءِ جيڪي قربانيون ڏنيون، اهو اسان جي تاريخ جو قيمتي سرمايو آهي. ان ڪانسواءِ حضرت ابوبڪر رضہ پياري پيغمبر ﷺ جن جي حڪم سان انهن ٻانهن ۽ ٻانهين کي پنهنجي ذاتي رقم سان خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيو، جن ابتدائي دور ۾ اسلام قبول ڪيو. پر جيئن تہ انهن جا مالڪ غير مسلم هئا، انڪري هو انهن جي مٿان بيحد ظلم ۽ زيادتيون ڪندا هئا. انهن ٻانهن ۽ ٻانهين مان ڪجهہ نالا هن ريت آهن: حضرت بلال حبشي، ابوفڪيهہ، عامر بن فهيره، بيبي حمامہ، امِ عَبَس، نهديہ ۽ لبينہ وغيره.

هجرت ڪان هڪ سال اڳ سرور ڪائنات ﷺ جن جي معراج جو واقعو پيش آيو. اها خبر جڏهن ڪافرن جي ڪنن تي پيئي تہ هو ان واقعي بابت ڏوليون ۽ طرح طرح جا اعتراض ڪرڻ لڳا. حضرت ابوبڪر رضہ انهن ڏينهن ۾ ٻاهر ويل هو. واپسيءَ تي قريش جي ڪافرن جڏهن اها ڳالهہ ان نيت سان سندس آڏو پيش ڪئي تہ شايد ابوبڪر رضہ ٻہ ان تي ويساهہ نہ ڪندو، پر اهو ڏسي سندن حيرت جي حد نہ رهي تہ حضرت ابوبڪر بغير ڪنهن چون چران جي ان واقعي جي تصديق ڪئي، جنهن ڪانپوءِ سرور عالم ﷺ جن کيس "صديق" جو لقب عطا فرمايو.

مديني ڏانهن هجرت جو جڏهن موقعو آيو تڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن پاڻ جنهن ساٿيءَ سان گڏجي هن اٽانگي سفر تي هلڻ جو ارادو فرمايو، اهو حضرت ابوبڪر صديق رضہ ئي هو. مديني پهچڻ ڪانپوءِ ٻہ دين جي سربلنديءَ لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جيڪي منصوبا جوڙيندا هئا انهن ۾ حضرت ابوبڪر رضہ جي صلاح ضرور شامل هوندي هئي.

غزوات جي سلسلي ۾ بدر کان تبوڪ تائين هر موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ پاڻ سڳورن ﷺ سان هميشہ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي موجود رهيو.

سن نائين هجريءَ ڌاري جڏهن حج جي فرضيت وارو حڪم نازل ٿيو، تڏهن مٿي مرسل ﷺ جن مسلمانن جي جيڪا پهرين جماعت مڪي ڏانهن اماڻي ان جو اڳواڻ ٻہ سيدنا صديق اڪبر رضہ کي بڻايو ويو. اهڙيءَ ريت آخري بيماريءَ واري زماني ۾ ٻہ سيدالڪونين ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي ئي نماز پڙهائڻ لاءِ مسلمانن جو پيش امام مقرر ڪيو. جنهن فيصلي جي روشنيءَ ۾ ئي پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال ڪانپوءِ حضرت صديق کي "سقيفہ بني ساعده" ۾ مسلمانن جو خليفو منتخب ڪيو ويو. سندن نالو خلافت لاءِ حضرت عمر فاروق پيش ڪيو، جنهن جي تائيد حضرت ابوعبيده فرمائي ۽ بعد ۾ اتي موجود انصار ۽ ڪجهہ مهاجرن بيعت ڪئي. جڏهن تہ ہٿي ڏينهن تي مسجد نبوي ﷺ جي هلندڙ

Marfat.com

اندر عام بيعت (Voting) ٿي، جنهن ۾ مسلمانن جي وڏي اڪثريت حصو ورتو. اهڙيءَ ريت حضرت ابوبڪر صديق رضہ مسلمانن جو پهريون خليفو منتخب ٿيو.

خليفة الرسول ﷺ جي حيثيت ۾ حضرت صديق رضہ جو سڀ کان پهريون ڪم اهو هو تہ هن اُسامہ بن زيد جي قيادت ۾ مسلمانن جي ان لشڪر کي شام ڏانهن روانو ڪيو جنهن جو پروگرام پاڻ ڪريمن ﷺ جوڙيو هو، پر سندن وصال سبب ان جي روانگي رڪجي ويئي هئي. هن لشڪر پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ روم توڙي شام جي سرحدن کان مسلمانن لاءِ ڪوبہ خطرو باقي نہ رهيو.

نبي ڪريم ﷺ جن جي زندگيءَ ۾ ئي نبوت جا ڪجهہ ڪوڙا دعويدار پيدا ٿي چڪا هئا، جن مان مسيلمہ ڪذاب ۽ اسود عنسيءَ جا نالا تہ مشهور آهن پر سندن وصال کانپوءِ بہ اهو سلسلو جاري رهيو ۽ طليحہ بن خويلد، سجاح بنت حارث بہ ان ميدان ۾ ٽپي پيا، پر حضرت ابوبڪر صديق انهن کي اهڙو تہ سبق سيکاريو جو بعد ۾ وري ڪنهن ٻئي کي اهڙي دعويٰ ڪرڻ جي جرئت نہ ٿي سگهي.

ان ڪانسواءِ سرور ڪائنات ﷺ جن جي وصال کانپوءِ ڪجهہ قبيلا زڪوٰة ڏيڻ کان نابري واري بيٺا، جن ۾ بنو غطفان، ذبيان ۽ عبس وغيره قبيلن وارا ماڻهو شامل هئا. حضرت ابوبڪر صديق انهن جي خلاف باقاعده جهاد ڪيو، جنهن کانپوءِ انهن منڪرن کي اسلام جو اهو اهم اصول مڃڻو پيو. ساڳيءَ ريت "بحرين" ۽ "ڪنده" طرف ڪجهہ قبيلا وري دين کان باغي ۽ مرتد ٿي ويا، انهن پنهنجي آزاديءَ جو اعلان ڪيو، حضرت ابوبڪر صديق انهن کي بہ سڀ سبق سيکاريو.

مٿين مقابلن ۾ جيتوڻيڪ مسلمان سڀني ميدانن ۾ سرخرو ۽ سربلند رهيا پر پوءِ بہ ڪافي مسلمان شهيد ٿيا، جن ۾ ڪيترا قرآن ڪريم جا حافظ هئا. ان ڪري هاڻي ضرورت محسوس ٿي تہ قرآن پاڪ کي باقاعده ڪتابي صورت ۾ مرتب ڪيو وڃي تہ جيئن اهو سينن سان گڏ سفينن ۾ بہ موجود رهي سگهي. ان ڪانسواءِ ڏينهون ڏينهن اسلام جون سرحدون وسيع کان وسيع تر ٿيڻ شروع ٿي چڪيون هيون، انڪري بہ ان ڳالهہ جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي تہ ڪلام الاهي اهڙي صورت ۾ هجي جو اهو هڪ جاءِ کان ٻئي جاءِ تائين آسانيءَ سان پهچائي سگهجي. سڀ کان پهريان اهڙو خيال حضرت عمر فاروق رضہ جي ذهن ۾ آيو، جنهن، وقت جي خليفي کي ان ڪم لاءِ همٿايو. اها ڳالهہ بالڪل واضح آهي تہ قرآن پاڪ جي ترتيب ۽ تدوين تہ نبي انور ﷺ جن پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي مڪمل ڪري ڇڏي هئي ۽ اها ترتيب بہ الهامي آهي جيڪا اڄ تائين پئي هلي اچي. پر ان دور ۾ خدا جو ڪلام چمڙي ۽ ڪاهر جي ٽڪرن، ڪاٺي، ۽ پٿر جي تختين، ويڪرن هڏن وغيره تي لکيو ويندو هو ڇو تہ باقاعده ڪاغذ اڃان دستياب نہ هيو. باقي ڪهڙي آيت ڪهڙي سورة ۾ ۽ ڪهڙي جاءِ تي هجڻ کپي؟ ان ڪانسواءِ سورتن جا نالا، پارن جو تعداد ۽ ترتيب وغيره جو سمورو ڪم پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي زماني ۾ مڪمل ڪيو ۽ ان ترتيب سان ئي قرآن شريف ان دور جا حافظ سڳورا حفظ ڪندا هئا. انڪري اها ڳالهہ ياد رکڻ کپي تہ حضرت ابوبڪر صديق جو ڪم رڳو ڪلام الاهي کي ڪاغذ تي اتارڻ جو هو. ان ڪم لاءِ صحابي سڳورن جي هڪ ڪاميٽي قائم ڪئي ويئي، جنهن جي مٿان نگرانيءَ لاءِ جنهن صحابي سڳوري جو انتخاب عمل ۾ آيو اهو حضرت زيد بن ثابت هو، جيڪو پاڻ ڪريمن ﷺ جي دور ۾ ڪاتب وحي رهيو. انڪري هو ڪلام الاهيءَ جي ان الهامي ترتيب کان بخوبي آگاهہ هو. نہ صرف ايترو پر ان ساڳيءَ ترتيب سان ڪلام پاڪ نبي ڪريم ﷺ جن کان ٻڌي هن حفظ بہ ڪيو هو، ۽ پوءِ پنهنجي ساٿين جي مدد سان ڪاتبانِ وحي توڙي حفاظِ هلندڙ

Marfat.com

حضرت ابوبکر صدیق رضہ اسلام تہ هن سال قبول کیو پر هو نبي آخرالزمان ﷺ جن جي نبوت جي تصدیق ان وقت ئي کري چکو هو، جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ يارهن ورهين جي عمر ۾ پنهنجي چاچي حضرت ابوطالب سان گڏ واپار سانگي "شام" ڏانهن ويا هتا ۽ اتي "بَحِيرَا" [1] نالي هڪ عيسائي رَاهِب پاڻ کريم ﷺ جن جي نبوت جي تصدیق کئي هئي. حضرت صدیق رضہ جيڪو ان

قرآن صحابہ جي مفید مشوري سان ان کم کي نهایت احتیاط ۽ خبرداريءَ سان مکمل کیو، جنهن جي نتیجي ۾ قرآن پاڪ جو پهريون نسخو کتابي صورت ۾ تیار ٿیو، جنهن کانپوءِ اهو نسخو "هڪ سرکاري نسخي" جي حیثیت سان خلیفة الرسول ﷺ وٽ موجود رهیو ۽ پوءِ جڏهن بہ کنهن فرد کي قرآن پاڪ جي نقل حاصل کرڻ جي ضرورت محسوس ٿیندي هئي تہ اهو ان سرکاري نسخي تان ئي آسانيءَ سان نقل کري سگهندو هو.

حضرت ابوبکر صدیق رضہ جي وفات کانپوءِ اهو نسخو حضرت عمر رضہ وٽ پهتو، جنهن بعد ۾ ان کي اُمُ المؤمنین حضرت حفصہ جي حوالي کري ڇڏیو ۽ پوءِ اهو نسخو بیبي صاحبہ جي زندگيءَ تائین وٽن موجود رهیو.

حضرت ابوبکر صدیق نهایت استقامت، استقلال، عزیمت ۽ ایمانداريءَ سان خلافت جي ذمیوارین کي نپایو ۽ کنهن بہ موقعي تي کنهن مصلحت پرستيءَ کان کم نہ ورتو. آخري پندرهن ڏینهن سندن طبیعت خراب رهي پر ان هوندي بہ سلطنت جي سمورن معاملن ۽ مسئلن بابت معلومات حاصل کندا ۽ مشورا ڏیندا رهیا. آخرکار جمادي الآخر جي ٢٢ تاریخ سن ١٣ هجري بمطابق ٢٣ آگسٽ سن ٦٣٤ عیسويءَ ڏاري سومر جي شام جو هن جهان مان لاڏاٿو کیائون. اناالله وانا الیہ راجعون. حضرت عمر فاروق رضہ سندن جنازي نماز پڑهائي. جنهن کانپوءِ رات جو ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن جي پاسي ۾ کین دفنایو ویو.

اسد الغابہ "ابن الاثیر" ج ٦ ص ٤١. سبل الهدیٰ "شامي" ج ١١ ص ٦٢ ـ ٢٥١. صفة الصفوة ابن جوزي ج ١ ص ٢٣٥. عقد الثمین "فاسي" ج ٤ ص ٧٦ ـ ٧٥. سیر اعلام النبلاء "ذهبي" ج ٢ ص ٥٠٨ ـ ٤٧٨. التحفة اللطیفہ سخاوي ج ٢ ص ٦٠ ـ ٥٩. مرآة الجنان یافعي ج ١ ص ٥٧. تاریخ الخمیس دیاربکري ج ٢ ص ٢٠١. الاشاره "ذهبي" ص ١٣. ریاض النضره. محب طبري ج ١ ص ٧٣. الاستیعاب ابن عبدالبر ج ٤ ص ١٧٨ ـ ١٧٧.

(١) "بحیرا" بنیادي طور سرياني زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنیٰ اهائي ٿیندي جیکا عربي زبان ۾ "علامہ" جي ٻڌائي ویئي آهي. املا جي لحاظ کان مختلف عالمن هن لفظ جون عربي زبان ۾ مختلف پڙهٽیون ٻڌایون آهن. مشهور لغوي مَجد الدین فیروزآبادي ۽ کجهہ ٻین هن لفظ جي پٽیان الف مقصوره استعمال کندي "بَحِیریٰ" لکیو آهي. جڏهن تہ هڪ ٻیو طبقو وري هي لفظ لکڻ وقت الف ممدوده جي پٽیان نندو الف لڳائي "بَحِیراء" لکي ٿو. حضرت مخدوم محمد هاشم رحمة الله علیه بہ ان جو ئي قائل آهي. باقي علامہ عامري ۽ سندس کجهہ هم خیال هي لفظ تصغیر طور "بُحَیرا" کري لکن ٿا. بهرحال یهودین ۾ کیترائي اهڙا عالم ٿي گذریا آهن جن کي اُن اعليٰ لقب سان یاد کیو ویندو هو. هتي جنهن "بَحیرا" جو ذکر کیو ویو آهي، اهو پڻ پنهنجي دور ۾ تورات، انجیل سان گڏ سمورن موسوي توڙي عیسوي علوم جو سڀ کان وڏو عالم هو. پر پوءِ رهبانیت اختیار کري "بَصريٰ" جي مرکزي گرجا گهر ۾ اچي دیرو دمایائین، جیکو شام ۾ عیسائیت جي تعلیم ۽ تبلیغ جو سڀ کان وڏو ۽ اهم مرکز هو. سندس نالو زُهري شامي ۽ مغلطائي طرفان "جِرجِیس" ٻڌایو ویو آهي. جڏهن تہ "مسعودیءَ" پنهنجي مشهور تاریخ "مَروج الذهب" ۾ "سرجس" لکیو آهي، جنهن جو نسبي تعلق عیسائین جي مشهور قبیلي "عبدالقیس" سان ٻڌایو ویو آهي. حافظ "ابن

Marfat.com

سفر ۾ ساڻن گڏ هو، تنهن به ان وقت ئي دل سان سندن نبوت جي تصديق ڪئي پر جيئن ته اها تصديق نبوت جي عطا ٿيڻ کان اڳ ٿي هئي. انڪري ان کي اسلام آڻڻ نه پر تصديق ڪرڻ ئي چئبو، چو جو اسلام قبول ڪرڻ نبوت کانپوءِ ئي لازمي ٿئي ٿو. (۱)

رسول الله ﷺ کي نبوت سومر جي ڏينهن عطا ٿي ۽ سيدنا صديق اڪبر رضه ساڳئي ڏينهن شام تائين اسلام قبول ڪري چڪو هو.

* هن سال حضرت ابوبڪر رضه کانپوءِ سيدنا علي ڪرم الله وجهه (۲) اسلام قبول ڪيو. جڏهن ته ڪن جو چوڻ آهي ته سيدنا علي رضه، حضرت ابوبڪر صديق رضه کان اڳ اسلام آندو. انهن مان

ڪثير" پڻ "بَحِيرا" جي عيسائي هجڻ جي زوردار حمايت ڪري ٿو. جڏهن ته "زَهريءَ" جي راءِ مطابق "بَحِيرا" عيسائي نه پر انهن يهودين مان هو جيڪي "تيماء" جا رهاڪو هئا. "ابن قُتيبه" پنهنجي مشهور ڪتاب "المعارف" ۾ چاڻايو آهي: "اسلام کان اڳ زمين تي رهندڙ انسان ٽن بابرڪت هستين بابت چاڻ رکندا هئا. جن مان هڪ جو نالو رِئاب بن براءُ الشني ٻڌايو ويو آهي، جيڪو پاڻ ته ڪجهه وقت اڳ گذاري ويو هو پر سندس علم ۽ عرفان جون ڳالهيون ان وقت تائين ماڻهن ۾ هلندڙ هيون. "امام ابن تيميه" جو بيان آهي ته "ان دور ۾ به رِئاب ۽ سندس پٽ جي قبرن مٿان هر وقت هلڪي هلڪي بوند وسندي رهندي هئي."

ٻي هستي هن "بحيراء" جي هئي، جنهن مان ان وقت جا ماڻهو مستفيض ٿيندا پئي رهيا. باقي ٽين هستي ان نبي آخر الزمان ﷺ جن جي هئي، جنهن جي اچڻ جو ورهين کان ولي زمين وارن کي انتظار هو. خاص طور اهڙو انتظار اهل علم طبقي کي هيو جيڪي پنهنجي ڪتابن ۾ ان آخري نبي ﷺ بابت پيشنگويون ته پڙهي چڪا هئا ۽ پر ان هستيءَ جي زيارت لاءِ سندن اکيون آتيون هيون. "بحيراء" به اهڙن سڃاڻ شخصيتن منجهان هڪ هو.

سيرة ابن هشام ج ۱ ص ۱۸۰ ـ ۱۸۲. تاريخ ڪامل ابن الاثير ج ۲ ص ۳۷. الروض الانف "سَهيلي" ج ۱ ص ۲۰۵ ـ ۲۰۶. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۲ ص ۱۴۰ ـ ۱۴۲. الاصابه. ابن حجر ج ۱ ص ۳۷. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۱۸۷. حدائق الانوار، بحرق حضرمي ص ۱۱۵. عيون الاثر، ابن سيد الناس ج ۱ ص ۱۰۵ ـ ۱۰۷. بهجة المحافل "عامري" ج۱ ص ۵۸.

(۱) شرح علي المواهب زرقاني جلد ۱ ص ۲۴۵.

(۲) نبي اڪرم ﷺ جن جو سڀڪو سوٽ ۽ نياڻو سيدنا علي ڪرم الله وجهه بعثت نبوي ﷺ کان ڏهه ورهيه اڳ (۵۹۹ع ڌاري) رجب مهيني جي تيرهين تاريخ، جمعي جي مبارڪ ڏينهن مڪي ۾ ڄائو. سندس ٻيءُ جو نالو سيدنا ابوطالب هو. جيڪو قريش قبيلي جو سردار هو. حضرت ابوطالب جو نالو عبدمناف ۽ عمران يا وري هڪ روايت ۾ "شيبه" به ٻڌايو ويو آهي. جڏهن ته سندس گهرواريءَ جو نالو فاطمه بنت اسد بن هاشم بن عبدمناف هو، جيڪا حضرت ابوطالب جي سوٽ به هئي. اهڙي ريت حضرت علي ٻيءُ ۽ ماءُ ٻنهي جي طرفان هاشمي هو. حضرت ابوطالب جي گهر ۾ پنهنجي پهرين گهرواري فاطمه بنت اسد مان پنج ٻار اڳ ۾ ئي موجود هئا، جن جي ترتيب هن ريت ٻڌائي ويئي آهي:

۱. طالب ۲. فاخته (ام هاني) ۳. عقيل ۴. جعفر ۵. جمانه

ان دور جي عرب معاشري ۾ اهو رواج عام هو ته ڏيءَ جي ڄمڻ تي غم، پر پٽ جي ڄمڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويندو هو ۽ جنهن گهر ۾ وڏيڪ پٽ پيدا ٿيندا هئا ته اهو گهر ٻاڳ بخت وارو ليکيو ويندو هو، انڪري حضرت

هلندڙ

Marfat.com

ابوطالب جي گهر ۾ هن چوٽين پٽ جي جنڻ تي بيحد خوشيون ملهايون ويون. بابي سائين، طرفان پنهنجي هن ڇوڙي جو نالو "زيد" جڏهن ته امڙ سائڻ طرفان پهريان "اسد" ۽ پوء "حيدر" رکيو ويو. جڏهن ته سندن ڪنيت پهريان ابوالحسن ۽ پوء ابوتراب هئي.

حضرت عبدالمطلب جي وفات ڪانپوء "بنوهاشم" وارن حضرت ابوطالب کي پنهنجو سردار چونڊيو، جنهن ڪري سندس خرچ پکو عام ماڻهوء جي مقابلي ۾ وڌي ويو هو. ان ڪانسواء ان زماني ۾ مڪي ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ ڏڪار ۽ اچي منهن ڪڍيو، جنهن ڪري اهي ماڻهو جن جو عيال وڏو ۽ آمدنيء جا ذريعا گهٽ هئا پنهنجي گذر سفر جي سلسلي ۾ پريشان رهڻ لڳا. انهن منجهان سيدنا ابوطالب ۽ هڪ هو.

سرور ڪائنات ﷺ جن کي پنهنجي هن چاچي ۽ سندس گهرواريء سيده فاطمه بنت اسد سان گهڻو انس هو ۽ سندن گهڻو خيال رکندا هئا. ڇو جو سيد عالم ﷺ جن جي پرورش ۽ پالنا انن ورهين جي ڇمار ڪان وٺي هنن جي ٽي گهر ۾ ٽي هئي، انڪري پاڻ سڳورا ﷺ نهايت بي تڪلفيء سان وڏي ڇمار تائين ۽ هن گهر ۾ ايندا ويندا هئا ۽ سندن مسئلن ۾ ياڳي ياڻيوار رهندا هئا.

ڏڪار واري زماني ۾ حضرت ابوطالب جي مالي مشڪلاتن کي ڏسي پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ ڏينهن پنهنجي ننڍي چاچي حضرت عباس بن عبدالمطلب جن کي فرمايو: "اوهان جي ڀاءُ ابوطالب جي گهر ۾ ڪائڻ وارا گهڻا ۽ ڪمائڻ وارا گهٽ آهن، انڪري سندس بار گهٽائڻ لاء اسان ٻيئي سندس گهر ياتين مان هڪ هڪ ڇڻي جو بار پنهنجي مٿان ڪٽون ته بهتر ٿيندو." حضرت عباس ان تجويز سان اتفاق ڪيو ۽ پوء ٻئي ڇڻا ڪڍي حضرت ابوطالب جي گهر آيا ۽ کين پنهنجي ارادي کان آگاهه ڪيائون. جواب ۾ حضرت ابوطالب وراڻيو ته "طالب ۽ عقيل کجهه وڏ ٻرا آهن انڪري انهن کي مون وٽ ڇڏيو، باقي ۽ ننڍا اوهانجي حوالي آهن." اهو جواب ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ ننڍڙي "حيدر" کي کنيو. جڏهن ته حضرت عباس رضه وري حضرت جعفر کي پاڻ سان وٺي ويو. پياري پيغمبر ﷺ جن هن ٻار کي پنهنجي گهر ڪٽي اچي سيده خديجة الڪبريٰ جي حوالي ڪيائون، جنهن جو پهريون پٽ "حضرت قاسم" کجهه وقت اڳ گذاري ويو هو. انڪري بيبي سائڻ نهايت ئي پيار ۽ پاڻپوه سان هن ٻار جي پرورش خود پنهنجي سر تي ڪئي. سرور ڪائنات ﷺ جن سندس نالو بدلائي "علي" رکيو ۽ اڳتي هلي تاريخ ۾ هن هستيء "عليء" جي نالي سان ئي شهرت حاصل ڪئي. خدا جي آخري نبيء ﷺ جي گهر ۾ پرورش پالنا جو نتيجو اهو نڪتو جو ننڍپڻ ڪان "سيدنا علي" نه ڪنهن بت جي پوڄا ڪئي ۽ نه ڪڏهن ڪنهن ڪافرانه ۽ مشرڪانه ريت رسم جي ويجهو ويا.

حضرت علي ايجان ڏهن سالن جا مس ٿيا ته نبي ڪريم ﷺ جن جي بعثت ٿي ۽ حضرت عليء اسلام قبول ڪيو. "ابن شهاب" جي روايت مطابق "سيده خديجة الڪبريٰ ڪانپوء اسلام قبول ڪرڻ وارو پهريون شخص حضرت علي هو." ان روايت تي راوين جي اڪثريت جو اعتماد آهي.

مڪي زندگيء ۾ حضرت عليء جي ٻي ڪابه مصروفيت نه رهي، سواء ان جي جو سمورو وقت سرور ڪائنات ﷺ جن جي ساڻ ۽ صحبت ۾ گذاريندا هئا. گهر جي هڪ فرد هجڻ سبب نبي آخر الزمان ﷺ کان سئون سڏو تعليم ۽ تربيت جا جيترا موقعا حضرت عليء کي ميسر رهيا، اوترا ٻئي ڪنهن صحابي سڳوري کي نه ملي سگهيا. حضرت عليء جيڪا ديني، اخلاقي ۽ روحاني تعليم حاصل ڪئي، انڪري ڪيس "باب العلم" جو منصب ۽ مرتبو عطا ٿيو. دين جي تبليغ ۽ اشاعت لاء مسجد کان وٺي ميدان جنگ تائين حضرت عليء جيڪي ڪارناما سرانجام ڏنا، انهن جو مثال نه رڳو

Marfat.com

تاريخ اسلاميءَ ۾ بلڪ تاريخ انسانيءَ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

پهرين فيصلہ ڪَن "جنگ بدر" کان وٺي "حنين" تائين حضرت عليءَ ڪافرن جي لشڪر ۾ ٽاڪوڙا مچائي انهن جي هٺيلن ۽ مغرور سردارن توڙي اڳواڻن جون سسيون ڌڙ کان ڌار ڪري سندن هٺ ۽ غرور هميشہ لاءِ مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. بدر جي ميدان ۾ حضرت علي رضہ ڪافرن جي لشڪر مٿان خدائي قهر بڻجي ڪڙڪيو ۽ سندن اوڻويهن سردارن ۽ بهادرن جي رت سان پنهنجي تلوار کي ريٽو ڪري ڇڏيائين، جن ۾ عتبہ، شيبہ ۽ وليد وغيره شامل هئا.

غزوه خندق جي موقعي تي قريش جو مغرور ترين سردار عمرو بن عبدود جنهن کي هزار سوارن جي برابر سمجهيو ويندو هو، اهو هڪ موقعي تي "خندق" ٽپي اسلامي لشڪر ۾ ڪاهي آيو ۽ مقابلي لاءِ نهايت غرور ۽ تڪبر سان مسلمانن کي للڪارڻ لڳو. ان موقعي تي بہ حضرت علي سندس مقابلي لاءِ نڪري نروار ٿيو. ابن عبدَوَدّ کي پنهنجي قوت تي وڏو ماڻ هو، پر شايد هو سيدنا عليءَ جي جوش ۽ جذبي کان بي خبر ۽ اڻڄاڻ هو، تڏهن تہ شير خدا جي هڪ ئي وار سان دشمنِ خدا جو لاش پٽ تي تڙپندو پئي نظر آيو. ان واقعي ڪافرن جون وايون بتال ڪري ۽ مَتيون منجهائي ڇڏيون.

سن ڇهين هجريءَ ڌاري مسلمانن ۽ مشرڪن جي وچ ۾ جيڪو "حديبيہ" وارو ٺاهہ ٿيو، ان جو متن بہ حضرت عليءَ رضہ پنهنجي مبارڪ هٿن سان لکيو.

ستين هجريءَ ڌاري مسلمانن يهودين جي ڳڙهہ خيبر تي حملو ڪيو. هن موقعي تي بہ حضرت عليءَ ميدان ملهايو ۽ يهودين جي بي بدل بهادر مرحب سان جنگ جوٽيائين، جيڪو يهودين جو ناقابل شڪست بهادر سمجهيو ويندو هو، پر عليءَ جي هڪ ئي وار کيس اڌو اڌ ڪري جنگ جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو. اوڏيءَ مهل ئي قموص جي قلعي تي اسلامي جهندو ڦڙڪڻ لڳو. جنهن کانپوءِ يهودين مٿان اهڙو خوف ۽ هيبت طاري ٿي جو جان بچائي ڀڄڻ کانسواءِ کين ٻيو ڪوبہ دڳ نظر نہ آيو ۽ پوءِ خيبر جي سموري وادي مسلمانن جي قبضي ۾ اچي ويئي ۽ يهودين جو زور هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو.

مرحب جي موت ۽ قموص واري قلعي جي فتح کانپوءِ سيدنا علي "فاتح خيبر" جي لقب سان مشهور ٿيو. اهڙيءَ ريت ٻين سمورن غزوات ۾ حضرت عليءَ هٿان ڪافرن جا جيترا اڳواڻ ۽ سردار قتل ٿيا اوترا ٻئي ڪنهن جي بہ هٿان نہ ٿيا. حضرت علي جي بهادري ۽ دليري اسلام جي عسڪري تاريخ جو هڪ روشن باب بنجي ويو. "الاستيعاب" ۾ ابن عبدالبر هڪ روايت ابن عباس کان هن ريت نقل ڪئي آهي: "حضرت علي ۾ چار خصوصيتون اهڙيون هيون جيڪي صحابين جي سٽ ۾ کيس ٻين کان ممتاز ڪن ٿيون.

١. عربن ۽ عجمين ۾ هو پهريون مرد هو، جنهن سڀ کان اول نبي ڪريم ﷺ جن جي پويان نماز پڙهي.

٢. جن بہ غزوات ۾ حضرت عليءَ بهرو ورتو تہ هو اسلامي لشڪر جو علمبردار رهيو.

٣. ڪڏهن بہ (جهاد جي موقعي تي) هن پويان پير نہ ڪيا ۽ ثابت قدميءَ سان دشمن جو مقابلو ڪيائين.

۴. اهو حضرت علي ئي هو،جنهن سرور ڪائنات ﷺ جن جي وصال کانپوءِ کين غسل ڏياريو ۽ قبر مبارڪ ۾ لاٿو."

هجرت جي ٻئي سال (غزوه بدر کانپوءِ) سرور ڪائنات ﷺ جن پنهنجي پياري نياڻي سيده فاطمة الزهراء جو نڪاح حضرت عليءَ سان ڪرايو. هن موقعي تي پنهنجي نياڻي سڳوريءَ کي فرمايائون: "مون اوهانجي شادي خاندان جي سڀ کان بهترين شخص سان ڪرائي آهي." نڪاح سرور ڪائنات ﷺ جن پاڻ پڙهايو ۽ نڪاح جي موقعي تي مهمانن کي ماکيءَ جو شربت پياريو ويو ۽ کارڪون ورهايون ويون. جڏهن تہ وليمي جي دعوت ۾ جَون جي ماني، کارڪون، پنير هلندڙ

Marfat.com

پهريون قول وڌيڪ مشهور آهي ۽ صحيح به. هن ڳالهه جي تصديق ان روايت مان به ٿئي ٿي ته حضرت علي رضه اڳاري جي ڏينهن اسلام قبول ڪيو. جيڪو نبوت جو ٻيو ڏينهن هو.

ان کانسواءِ خَيْثَمَہ بن عبدالرحمان ۽ ٻين کان سيدنا علي رضه جو هي قول نقل ڪيو ويو آهي ته "ابوبڪر مون کان اسلام آڻڻ ۾ اڳ ڪئي ويو." اسلام قبول ڪرڻ وقت حضرت علي رضه اڃان ننڍو هو ۽ بُلُوغَت جي عمر کي نه رسيو هو. مختلف روايتن موجب ان وقت سندن عمر ڏهه سال يا اٺ سال

۽ ستن سان مهمانن جي تواضع ڪئي ويئي. سيده فاطمة الزهراء ۽ حضرت علیءَ پنهنجي ازدواجي زندگي نهايت سکون ۽ سادگيءَ سان گذاري. هر موقعي تي هڪ ٻئي جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا. حضرت علیءَ کي بيبي سائڻ مان پنج ٻار ڄاوا ۽ سندن جيئري حضرت علي سائينءَ کو ٻيو نڪاح نه ڪيو.

حضرت عثمان رضه جي شهادت ڪانپوءِ مهاجرن ۽ انصارن طرفان حضرت علیءَ کي مسلمانن جو چوٿون خليفو منتخب ڪيو ويو. ناموافق سياسي حالتن سبب حضرت علي پنهنجو رخ عراق ڏانهن ڪيو ۽ ڪوفي کي گاديءَ جو هنڌ بڻايائين: پوءِ به حالات ۾ تبديلي ته نه آئي پر حرمين جو تقدس پائمال ڪرڻ جو موقعو کنهن کي نه مليو. باقي مخالفن طرفان روز نوان نوان فتنا منهن ڪيندا رهيا. اختلاف ۽ اعتراض وڌندا رهيا، پر الله جي هن شير جنهن بهادري ۽ بردباري، شرافت ۽ شائستگيءَ سان انهن جو مقابلو ڪيو، اها سندن ئي همت هئي. انهن سيني فتنن مان سڀ کان وڏو فتنو خارجيت جو هو. آخرڪار انهن خارجين هٿان ئي سيدنا علیءَ مٿان فجر جي نماز ۾ ان وقت وار ڪيو ويو، جڏهن سندن سِر مبارڪ سجدي ۾ هو. حملي ڪرڻ واري بدبخت جو نالو عبدالرحمان ابن ملجم ٻڌايو ويو آهي ۽ جنهن تلوار سان هن حملو ڪيو اها زهر ۾ ٻڏل هئي، ان ڪري زهر جسم مبارڪ ۾ ڦهلبو ويو ۽ جمعي جي رات رمضان المبارڪ جي ٢١ تاريخ سن ۴۰ هـ ڏاري علم ۽ عرفان جو هي باب هميشہ لاءِ بند ٿي ويو ۽ ان سان گڏ خلافت راشده جو دور پڻ پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهتو. انا لله وانا اليہ راجعون.

شهادت ڪانپوءِ حضرت علیءَ کي سندس پٽن غسل ڏنو ۽ حضرت حسن سائين جنازي نماز پڙهائي، جنهن ڪانپوءِ سندن ميت کي ڪوفي جي مسجد لڳ دارالاماراةْ ۾ دفنايو ويو. شهادت وقت سندس عمر ٦٣ ورهيہ هئي. حضرت علي سائينءَ جي خلافت جو مدو چار سال، نو مهينا ۽ اٺ ڏينهن ٻڌايو ويو آهي. ابن سعد مطابق حضرت علي پنهنجي پويان چوڏهن پٽ ۽ ايڪيهہ نياڻيون ڇڏيون. جڏهن ته حافظ ابن حجر طرفان وري ايڪيهہ پٽ ۽ ١٨ نياڻيون ٻڌايون ويون آهن، جن مان سيدنا حسن، سيدنا حسين، سيدنا محمد بن حنفيہ ۽ سيدنا عباس بن علیءَ مان سندن اولاد جو سلسلو اڃان تائين دنيا ۾ هلي رهيو آهي.

بلاذريءَ طرفان حضرت علیءَ جي هڪ پٽ زيد بن علیءَ جي امڙ جو تعلق سنڌ جي سرزمين سان ٻڌايو ويو آهي.

(انساب الاشراف "بلاذري" ج ٢ ص ۴٢١. الاخبار الطوال "دينوري" ص ٢٢٩. مناقب امير المؤمنين علي بن ابي طالب "امام نسائي". سيرة ابن هشام ج ١ ص ٢٦۴ ـ ٢٦٢. الرياض النضره، محب طبري ج ٢. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ١٠۴ ـ ١٠٠. الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٥١٠ ـ ٥٠٧. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٣ ص ٢٢٥ ـ ١٩٧. سير اعلام النبلاء. ذهبي ج ٢ ص ٦٦٠ ـ ٦١٥. التحفة اللطيفہ "سخاوي" ج ٢ ص ٢٧٨ ـ ٢٧٧. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٣٠٧ ـ ٣٨٧. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ٢٨٢ ـ ٢٧٥. العقد الثمين "فاسي" ج ٥ ص ٢٧٩ ـ ٢٦٩. تاريخ ابن الوردي ج ١ ص ٩٩. تاريخ فهوم ابن جوزي ص ١١١ ـ ١١٠.)

Marfat.com

يا پنج سال هئي. انهن مان ڏهن سالن واري روايت اعتبار جوڳي آهي. ڇو جو تاريخ ۽ سيرت جي ڪتابن مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته حضرت علي رضہ جن نبي سڳوري ﷺ جن کان ٽيهہ ورهيہ پوء ڄاوا هئا. (۱)

* هن سال رسول رحمت ﷺ جي آزاد ڪيل غلام حضرت زَيْد بن حارثة بن شَراحِيْل كَلبِي بہ مسلمان ٿيڻ جي سعادت حاصل ڪئي. سندن اسلام آڻڻ حضرت علي رضہ کانپوءِ ثابت آهي. زَيْد رضہ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي ايترو ته پيارو هو جو ڪيس رسول خدا ﷺ جو "پُٽيلو" سڏيو ويندو آهي.

* هن سال ڪجهہ ٻين محترم ۽ مان واربن شخصيتن کي بہ اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيڻ جو موقعو مليو، انهن مان سيدنا عثمان بن عَفَّان، (۲) زُبَيْر بن عَوَّام، (۳) عبدالرحمان بن عَوْف، (۴) سَعْد

---

(۱) شرح علي المواهب زرقاني جلد ۱ ص ۲۴۵

(۲) اخلاص، استقامت، صبر، سخا، تواضع ۽ حياءَ جو مثالي نمونو سيدنا عثمان بن عفان رضہ هاڻين واري واقعي ڪان ڇهہ ورهيہ پوء يعني ۵۷۶ع ڏاري بنو اميہ جي هڪ مانائتي فرد عفان بن ابي العاص جي گهر ڄائو. سندس امڙ جو نالو اروىٰ بنت ڪريز هڏايو ويو آهي، جيڪا سرور عالم ﷺ جن جي سڳي ڦڦات هئي. ڇو ته سيده اروىٰ جي ماءُ ام حڪيم بيضاء بنت عبدالمطلب پاڻ ڪريم ﷺ جي بابي سائينءَ سيدنا عبدالله جي جاڙي ٿيڻ هئي.

سيدنا عثمان رضہ کي ننڍپڻ کان ئي خدا تعالىٰ صالح صفتن سان نوازيو هو. انڪري اسلام کان اڳ بہ سندس شمار انهن نوجوانن ۾ ٿيندو هو، جيڪي ان دور جي جاهلانہ عادات توڙي رسومات کان پري ٿي پنهنجي زندگي گذارينداهئا. ۽ لکڻ پڙهڻ پڻ ڄاڻندا هئا.

جواني ۾ اناج جو واپار شروع ڪيائون ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجي عقلمندي، ايمانداري ۽ خوش اخلاقي سبب هن ميدان ۾ پنهنجي هم پيشہ ساڻين کان گوءِ ڪٽي ويا. نسب جي لحاظ کان ته حضرت عثمان کي اڳ ۾ ئي اهم حيثيت حاصل هئي، ڇو ته قريش جو قومي جهنڊو "عقاب"، جنگ جي موقعي تي سندس گهراڻي جي حوالي هوندو هو، پر هاڻي مالي لحاظ کان بہ هن جو شمار معزز ۽ معتبر ماڻهن ۾ ٿيڻ لڳو. انڪري شهر جي جن اهم ماڻهن سان سندس دوستي ۽ تعلقات وڌڻ لڳا انهن ۾ سيدنا ابوبڪر صديق بہ شامل هو.

حضرت عثمان رضہ چوڏهين ورهين جي ڄمار کي پهتو ته نبيُ ڪريم ﷺ جن جي بعثت ٿي. مڪي جي مشرڪانہ ماحول ۾ توحيد ۽ حقانيت جي ان اعلان ٽرٿلو مچائي ڇڏيو ۽ پوءِ ستت ئي اها دعوت پنهنجي پياري دوست حضرت ابوبڪر صديق جي معرفت حضرت عثمان تائين بہ پهتي. قريش قبيلي جي هن شاخن بنو هاشم ۽ بنو اميہ ۾ پراڻي رقابت هلندڙ هئي، انڪري اهي ٻئي خاندان هڪ ٻئي جا حريف سمجهيا ويندا هئا. نبي اڪرم ﷺ جن جي دين کي قبول ڪرڻ گويا بنوهاشم جي قيادت ۽ برتريءَ کي مڃڻ هو. پر حضرت عثمان جي دل ۾ ايمان جي جيڪا چٽنگ موجود هئي تنهن انهن سڀني سوچن کي پاسيرو رکي دين جي دعوت کي هڪدم قبول ڪيو. ان ساڻئي ڏينهن تي حضرت زبير ۽ حضرت طلحہ بہ مسلمان ٿيا. ابن الاثير جي روايت مطابق اسلام قبول ڪرڻ وارن مردن ۾ حضرت عثمان جو چوٿون نمبر هو، جڏهن ته "بنو اميہ" وارن مان هو پهريون فرد هو، جنهن اسلام قبول ڪيو. مسلمان ٿيڻ کانپوءِ سيدنا عثمان هڪ طرف پنهنجي مٽن مائٽن جي ظلمن ۽ زيادتين جو نهايت صبر ۽ ثابت قدميءَ سان مقابلو ڪندو رهيو ته ٻئي طرف وري پنهنجي مال ملڪيت کي اسلام جي راهہ ۾ خرچ ڪندو رهيو.

سرور عالم ﷺ جن حضرت عثمان جي ايمان، اخلاص، تقويٰ توڙي اخلاق جو بيحد قدر ۽ مٿس اعتماد ڪندا هئا.

Marfat.com

اهوئي سبب هو جو پاڻ ڪريمن ﷺ جي پرائيويٽ سيڪريٽري جا فرائض سندن حوالي هئا. مسلمان ٿيڻ کان ڪجهه وقت پوءِ سرور عالم ﷺ جن پنهنجي ٻيو نمبر نياڻي سڳوري سيده رقيه جو نڪاح حضرت عثمان سان ڪرايو. ان بيبي سڳوريءَ جي وفات ڪانپوءِ وري پنهنجي ٽيون نمبر نياڻي سيده ام ڪلثوم پڻ حضرت عثمان کي نڪاح ۾ ڏنائون.

ڪنهن به نبي سڳوري جي هن نياڻين سان هڪ ٻئي جي ڪئي نڪاح ڪرڻ جو اعزاز دنيا جي تاريخ ۾ سيدنا عثمان کي ئي حاصل آهي ۽ ان نسبت سبب کين "ذوالنورين" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي.

حضرت عثمان ٻه دفعا هجرت ڪئي. پهريون ڀيرو پنهنجي گهرواري سيده رقيه سان گڏ "حبش" ڈانهن، ۽ ٻيو دفعو مدينيي ڈانهن. ڇيو ويندو آهي ته حضرت لوط ۽ حضرت ابراهيم ڪانپوءِ حضرت عثمان ٽيون شخص هو، جنهن پنهنجي گهرواريءَ سميت هجرت فرمائي. ان ڪانسواءِ ٻنهي قبلن ڈانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جو اعزاز به ڪيس حاصل رهيو.

مدينيي ڈانهن هجرت ڪانپوءِ نبي سائين ﷺ جن جنهن اسلامي سلطنت جو پايو وڌو ۽ ان کي مضبوط ۽ مستحڪم بنائڻ لاءِ صحابي سڳورن جيڪي قربانيون ڏنيون انهن ۾ به حضرت عثمان جو نالو نمايان آهي.

مسجد نبوي ﷺ جي توسيع لاءِ جڏهن پلاٽ خريد ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي، تڏهن حضرت عثمان ئي پنهنجي ڪيسي مان قيمت ادا ڪري اهو پلاٽ خريد ڪيو ۽ مسجد لاءِ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي حوالي ڪيائين.

ساڳيءَ ريت مدينيي ۾ مسلمانن لاءِ جڏهن پاڻيءَ جو مسئلو پيدا ٿيو، ته اتي بئر روما نالي جيڪو ڪوهه هو،ان جو مالڪ هڪ يهودي هو،جيڪو مسلمانن کان نهايت ڳري رقم وصول ڪري پوءِ کين ان ڪوهه مان پاڻي ڀرڻ ڏيندو هو. سرور عالم ﷺ جن جي حڪم تي حضرت عثمان پنهنجي ذاتي رقم مان ويهه هزار درهم ادا ڪري اهو ڪوهه خريد ڪيو ۽ پوءِ مسلمانن لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. انهن ڪمن جي بدلي رحمة للعالمين ﷺ جن طرفان کين جنت جي بشارت ڏني ويئي. مسلمانن جي دفاعي تيارين لاءِ به حضرت عثمان وقتاً فوقتاً رقم ادا ڪندو رهيو. خاص طور غزوه تبوڪ لاءِ حضرت عثمان جيڪو حصو ڏنو ان جي عيوض هن خدا ۽ رسول ﷺ جي خوشنودي حاصل ڪري ورتي.

نبي اڪرم ﷺ جن سان گڏ حضرت عثمان، سواءِ ٽن غزوات جي ٻين سڀني ۾ ٻهرو ورتو. غزوه بدر جي موقعي تي سندن گهرواري سيده رقيه جي بيماريءَ سبب نبي انور ﷺ جن کين پنهنجي گهر ۾ رهڻ جو حڪم ڏنو هو. جڏهن ته غزوه ذات الرقاع ۽ بنو غطفان جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن کين مديني شريف ۾ پنهنجو نائب بڻائي ويا هئا.

سن ڇهين هجريءَ ڌاري جڏهن ڇوڏهن سؤ مسلمان "عمره" جي خيال کان مڪي مڪرمه روانا ٿيا پر ڪافرن طرفان کين مڪي ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه ڏني ويئي ته ان موقعي تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن ڪافرن ڈانهن ڪيترائي سفير اماڻي کين صاف صاف ٻڌايو ته مسلمان جنگ جي نيت سان نه پر عمري ڪرڻ جي نيت سان بنا هٿيار جي هتي آيا آهن، انڪري کين بيت الله ۾ داخل ٿيڻ کان نه روڪيو وڃي. پر ڪافرن سندن هڪ به نه ٻڌي. پوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن ڪافرن ڈانهن پنهنجو آخري سفير اماڻيو ۽ هن موقعي تي به اهو اعزاز سيدنا عثمان بن عفان کي بخشيو ويو.

حضرت عثمان جڏهن مڪي پهتو ته ڪافرن کيس پوئتي موٽڻ نه ڏنو ۽ اهڙا افواهه پڻ پکيڙيا ويا ته عثمان سائينءَ

Marfat.com

جن کي شهيد ڪيو ويو آهي. هن موقعي تي حديبيہ ۾ ٻہر جي وڻ هيٺان بيهي پاڻ سڳورن ﷺ حضرت عثمان جي بدلي ورتي لاءِ چوڏهن سؤ مسلمانن کان بيعت ورتي. تاريخ ۾ هن کي "بيعت رضوان" جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي. هوڏانهن وري ڪافرن کي جڏهن مسلمانن جي انهيءَ جوش ۽ جذبي جو پتو پيو تہ هنن هڪدم حضرت عثمان کي آزاد ڪري ڇڏيو. جنهن ڪانپوءِ حديبيہ وارو ناهہ عمل ۾ آيو، جنهن کي قرآن مجيد ۾ "فتح مبين" سڏيو ويو آهي ۽ اهو ناهہ ئي مڪي جي فتح جو پيش خيمو ثابت ٿيو. حضرت عثمان جي قصاص لاءِ جن مؤمنن بيعت ڪئي انهن لاءِ الله تعالىٰ پنهنجي رضامنديءَ جو اظهار ڪيو.

چوويهين هجريءَ جي محرم مهيني ۾ حضرت عمر فاروق جي ناگهاني شهادت ڪانپوءِ سندس قائم ڪيل ڇهن ڇڻن واري انتخابي ڪائونسل، حضرت عثمان کي مسلمانن جو ٽيون خليفو نامزد ڪيو ۽ حضرت عمر جي دفن ڪان ٽي ڏينهن پوءِ عام مسلمانن طرفان کين اعتماد جو ووٽ ڏنو ويو. حضرت عثمان رضہ هڪ روايت مطابق ٻارهن ورهيہ ۽ ٻارهن ڏينهن خلافت جي منصب تي فائز رهيا يا وري هڪ ٻي روايت ۾ اهو عرصو يارهن ورهيہ يارهن مهينا ۽ چوڏهن ڏينهن بہ ٻڌايو ويو آهي.

ان دوران مسلمانن جنگي ميدان ۾ بي پناہ ڪاميابيون حاصل ڪيون ۽ اسلامي سلطنت دنيا جي وڏي ۾ وڏي سلطنت شمار ٿيڻ لڳي، جنهن جون سرحدون سنڌ کان ولي اندلس تائين (بري لحاظ کان) ۽ آبنائي باسفورس کان ولي گجرات تائين (بحري لحاظ کان) وڃي پهتيون. عوام ڏاڍو خوشحال هو، مختلف علوم و فنون سان گڏ مسلمانن صنعت ۽ تجارت ۾ بہ وڏي ترقي ڪئي. فلاحي ڪمن ڏانهن بہ حضرت عثمان رضہ گهٽي توجہ ڏني. آبادي ۾ اضافي سبب نيون مسجدون، مڪتب ۽ مدرسہ تعمير ڪيا ويا ۽ مسجد نبوي ﷺ جي بہ توسيع ۽ آرائش ڪئي ويئي. قبلي جي طرف مسجد کي وڌايو ويو ۽ اها حد اڄ تائين قائم آهي. ان کان علاوہ مسجد جي ڇت لاءِ ساڳ جي ڪاٺيءَ جو ڪم ڪرايو ويو اهو ڪم ربيع الاول ۲۹ هجريءَ کان شروع ٿيو ۽ محرم ۳۰ هجريءَ تائين پورا ڏهہ مهينا ساندهہ هلندو رهيو. مسلمانن جي اها ترقي اسلام دشمنن جي اکين ۾ ڪنڊي وانگر چڀڻ لڳي ۽ اهي هن عظيم الشان سلطنت خلاف سازشون سڻڻ لڳا. ان ڪم ۾ هونئن تہ مصر، ڪوفي ۽ بصري جا ڪيئي شخص شامل هئا پر ان فهرست ۾ سڀ کان نمايان نالو هڪ يهودي منافق ابن السوداء جو آهي، جنهن بظاهر اسلام قبول ڪري پاڻ کي عبدالله ابن سبا سڏايو. انهن سڀني سازشين هڪ رٿيل منصوبي تحت مديني ۾ اچي خليفي جي گهر جو گهيرو ڪيو، جيڪو واقديءَ جي چوڻ مطابق ۴۹ ڏينهن ۽ زبير جي قول مطابق ۲ مهينا ۽ ۲۰ ڏينهن تائين جاري رهيو. ان دوران خليفي ڪيترائي دفعا گهر جي ڇت تان بيهي انهن بي دين باغين کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر معاملو بجاءِ سلجهڻ جي الجهندو ويو. آخرڪار جمعي جي مبارڪ ڏينهن تي ڪجهہ باغي زبردستي گهر ۾ داخل ٿيا ۽ ان وقت ٽئين خليفہ راشد مڃان نهايت بيدرديءَ سان حملو ڪيائون، جڏهن هو تلاوت ڪلام پاڪ ۾ مشغول هو ۽ ان ڏينهن روزو بہ رکيو هئائون، ۽ پوءِ ٽڏي تي سيدنا عثمان رضہ کي شهادت نصيب ٿي. الله جو پاڪ ڪتاب بہ سندن رت سان رينٽو ٿي ويو انا لله وانا اليه راجعون. اها ذوالحج جي ارڙهين يا هڪ هي روايت مطابق ٻارهين تاريخ ۽ سن ۳۵ هجري بمطابق ۱۷ جون ۶۵۶ عيسوي هو. ان وقت سندن عمر ٻياسي ورهين کان بہ مٿيرو هئي. جڏهن تہ ڪن روايتن ۾ عمر نوي ورهيہ يا ان کان گهٽ وڌ بہ ٻڌائي ويئي آهي. حضرت عثمان رضہ جي جنازي نماز حضرت جبير بن مطعم پڙهائي. ڪن جو چوڻ آهي تہ جنازي نماز سندس پٽ عمرو بن عثمان پڙهائي يا وري ڪن روايتن ۾ حڪيم بن حزام، مسور بن مخرمہ جا نالا بہ ٻڌايا ويا آهن. جنهن ڪانپوءِ چند صحابين کين جنت البقيع جي لڳ ان باغ ۾ دفنايو. جيڪو ڪوڪب نالي هڪ انصاريءَ کان خريد ڪري حضرت عثمان رضہ جنت البقيع کي ڪشادو ڪرڻ لاءِ ان سان ملائي ڇڏيو هو. تنهن وقت ان کي "حَشِ

Marfat.com

ڪوڪب" سڏيو ويندو هو. پر هينئر ته اهو "البقيع" واري قبرستان ۾ شامل آهي ۽ اتي اڄ سوڏو سيدنا عثمان ابن عفان رضہ جي مرقد مبارڪ جو نشان موجود آهي. حضرت عثمان رضہ پاڻ ڪريم ﷺ کان ۱۴۶ حديثون نقل ڪيون آهن، جن مان ٻي متفق عليه ۽ اڪ صرف بخاريءَ ۾ ۽ پنج فقط مسلم شريف ۾ موجود آهن.

الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۳ ص ۵۸ ـ ۶۲، الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۴۶۳ ـ ۴۶۲، اسد الغابہ ابن الاثير ج ۳ ص ۶۱۸ ـ ۶۰۶، سير اعلام النبلاء ذهبي ج ۲ ص ۵۹۶ ـ ۵۶۶، الاشاره مغلطائي ص ۴۷۵ ـ ۴۷۴، "الاستيعاب" ابن عبدالبر ج ۳ ص ۱۶۵ ـ ۱۵۵، سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۲۸۰، التحفة اللطيفہ سخاوي ج ۲ ص ۲۴۹ ـ ۲۴۷، تاريخ ابي الفداء ج ۱ ص ۲۳۸ ـ ۲۳۳، معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ۲ ص ۲۶۲، الاڪتفاء "ڪلاعي" ج ۶ ص ۴۳۷ ـ ۴۳۲، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۷ ص ۱۹۷ ـ ۱۹۶، شذرات الذهب "ابن العماد" ج ۱ ص ۷۱ ـ ۷۰، تاريخ مڪة المشرفه ابن ضياء مڪي ج ۶ ص ۱۸۴ ـ ۱۸۳.

(۳) اسلام جي ابتدائي دور ۾ دين جي دعوت قبول ڪرڻ وارن صحابين جي سڳوري ست ۾ هڪ نمايان نالو حضرت زبير رضہ بن عوام بن خويلد بن اسد جو ٻہ آهي، جنهن جي ايمان، ايقان، ايثار، اخلاص، سچائي، سورهيائي، جرئت ۽ جوانمرديءَ جي واقعن سان اسلامي تاريخ جا باب ڀريا پيا آهن.

نسب جي لحاظ ڪان سندس تعلق قريش جي مشهور شاخ بنواسد وارن سان هو، جنهن جا واسطا بنوهاشم وارن سان تمام گهرا هئا، ڇو ته گهٽي عرصي ڪان هن ٻنهي خاندانن جون پاڻ ۾ مٽيون مائٽيون قائم هيون. انڪري حضرت زبير رضہ جا ٻہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن سان ڪيترائي رشتا هئا. حضرت زبير رضہ جي امڙ سيده صفيہ بنت عبدالمطلب سرور عالم ﷺ جن جي ڦڦي هئي. اهڙي ريت ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ رضہ وري حضرت زبير رضہ جي ڦڦي هئي. جڏهن ته هڪ ٻي ام المؤمنين سيده عائشہ رضہ وري سندس سالي هئي.

حضرت زبير رضہ جي پيءُ عوام جو شمار قريش قبيلي جي ڇڪن مڙسن ۽ سڪين ستابن ماڻهن ۾ ٿيندو هو. هن جي گهر ۾ جڏهن هي ڀهريون پٽ ڄائو ته هن ڏاڍو سرهائيءَ جو اظهار ڪيو، پر ٻوءِ ٿوري ئي عرصي ۾ هو گذاري ويو. جنهن ڪانپوءِ نندڙي زبير جي پرورش ۽ پالنا جو بار سندس ماءُ جي مٿان آيو. سيده صفيہ نهايت بهادر ۽ بردبار عورت هئي، تنهنڪري پنهنجي پٽ جي تربيت دوران نہ فقط ماءُ پر ٻيءُ جا فرائض ٻہ پورا ڪيائين. زبير جيتوٽيڪ سندس سڪيلڏو پٽ هو پر ان هوندي ٻہ هوءَ مٽس ڪرڻي نظر رکندي هئي، ايتريقدر جو نندپڻ ۾ زبير ڪان ڪا غلطي ٿي ويندي هئي ته ماءُ هٿان ڪيس ڇڪي ڀلي مار ٻہ ملندي هئي.

سيده صفيہ رضہ جڏهن پنهنجي پيڪي گهر گهمڻ ايندي هئي ته اوترو وقت وري زبير ڪي پنهنجي سڳي ڀاءُ حضرت حمزه رضہ جي حوالي ڪندي هئي ته جيئن هو ڪيس گهوڙيسواري، تيراندازي ۽ تلواربازيءَ ۽ ٻين جنگي فنون جي تربيت ڏئي اهڙو قابل بڻائي ته جيئن ڪوبہ شخص ائين نہ سوچي سگهي ته يتيميءَ سبب هو پنهنجي هڪ جيڏن مٽن مائٽن ڪان پٺتي رهجي ويو. اهوئي سبب هو ته نندي عمر ۾ ئي هن جي بهادري ۽ زورآوريءَ جون ڳالهيون مڪي ۾ مشهور ٿي ويون.

انهيءَ ئي دور جو واقعو آهي، جڏهن زبير رضہ ڪي ايجان مڃن جي ساول مس لٿي هئي ته هڪ جوان مرد ڪنهن ڳالهہ تي ساٿس اٽڪي پيو. زبير رضہ سندس ٻانهن مروڙي ڇڏي ۽ پوءِ ڪيس اهڙي ڪٽ ڪڍيائين جو اهو شخص منجهي ويو، جنهن ڪانپوءِ سندس ساٿي سيده صفيہ رضہ وٽ دانهن ڪٽي آيا. جنهن تي هوءَ پنهنجي پٽ مٿان ناراض ٿيڻ بجاءِ زبير جي بهادريءَ تي خوش ٿيندي نظر آئي. هاڻي هن ڪي پنهنجي پٽ جي طبيعت ۾ بنواسد واري همت ۽ بهادري سان گڏ بنوهاشم واري حق گوئي، بيباڪي ۽ خود اعتمادي وارا اهڃاڻ صاف نظر اچڻ لڳا. انڪري هوءَ پنهنجي محنت تي فخر پئي محسوس ڪرڻ لڳي.

Marfat.com

هشام بن عروه جي روايت مطابق ان وقت زبير رضہ جي عمر پندرهن ورهيہ مس هئي، جڏهن اسلام جو آفاقي اعلان سندس ڪنن تائين پهتو ۽ پوءِ اوڏيءَ مهل ئي هن اسلامي برادريءَ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو.

موسيٰ بن طلحہ جي روايت مطابق حضرت علي، زبير، طلحہ ۽ سعد بن ابي وقاص رضوان الله عليهم اجمعين ساڳئي سال ڄاوا هئا ۽ انهن سڀني اسلام بہ هڪ ئي سال قبول ڪيو هو ۽ سڀني جو شمار صحابين جي ان صف ۾ ٿيندو آهي جن کي سابقون الاولون سان گڏ انهن ڏهن خوش نصيبن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، جن لاءِ ڪائنات جي ڪارٽي ﷺ جن هن دنيا ۾ ئي جنت جي بشارت ڏني هئي.

حضرت زبير رضہ کي بہ پنهنجي ٻين ساٿين وانگر سرور ڪائنات ﷺ جن جي ذات سان بي پناهہ محبت ۽ عقيدت هئي.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن حضرت زبير رضہ ايمان نئون نئون دين ۾ داخل ٿيو هو تہ اوچتو اهو پڙلاءُ سندس ڪنن تي پيو تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن کي ڪافرن ڪا تڪليف پهچائي آهي، بس اها خبر ٻڌنديئي هو ترار هٿ ۾ ڪڻي اچي اتي پهتو تہ ڪيس معلوم ٿيو تہ اها خبر سچي نہ هئي. پاڻ سڳورن ﷺ جن سندس هٿ ۾ تلوار ڏسي ڪائنس حقيقت پڇي، جنهن تي هن سربستي ڳالهہ کين ٻڌائي.

حضرت زبير رضہ جي اهڙي احوال تي نبي انور ﷺ جن سرهائيءَ جو اظهار ڪيو ۽ ان سان گڏ نہ فقط زبير پر سندس تلوار لاءِ برڪت جي دعا گهريائون. اهڙيءَ ريت زبير رضہ پهريون شخص هو، جنهن جهاد جي حڪم نازل ٿيڻ کان اڳ الله جي راهہ ۾ تلوار کنئي.

نبوت جي ستين سال جڏهن مڪي جي مشرڪن طرفان "بنوهاشم" وارن جو سوشل بائيڪاٽ ڪيو ويو ۽ اهي سمورا شعب ابوطالب ۾ نظربند رهيا تہ ان موقعي تي بہ اهڙا صحابي بہ هئا، جن جو تعلق بنوهاشم سان نہ هو، انڪري مٿن اهو نظربنديءَ وارو شرط ڪنهن بہ لحاظ سان لاڳو نہ ٿئي ٿيو پر پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن جي ذات بابرڪات سان ڪين جيڪو لڳاءُ هو، ان ڪين الڳ رهڻ جي اجازت نہ ڏني ۽ هو پنهنجي رضا خوشيءَ سان وڃي اتي نظربند ٿيا. انهن مان هڪ حضرت زبير رضہ بن عوام ۽ ٻيو سعد رضہ بن ابي وقاص هو.

هجرت

حضرت زبير جو شمار انهن صحابين ۾ ٿيندو آهي، جن کي ٻن هجرتن ڪرڻ ۽ ٻن قبلن ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جو شرف حاصل رهيو. هن پهريون دفعو حبش ڏانهن ۽ ٻيو دفعو مديني ڏانهن هجرت جي سعادت حاصل ڪئي. نبي انور ﷺ جن جڏهن مديني ڏانهن هجرت فرمائي تہ حضرت زبير رضہ ان وقت مڪي ۾ موجود نہ هو پر پنهنجي ڪاروبار سانگي شام ڏانهن ويل هو. جنهن ڪانپوءِ هو جڏهن واپس اچي رهيو هو تہ رستي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن سان سندس ملاقات ٿي هئي. هن موقعي تي حضرت زبير رضہ سندس خدمت ۾ تحفي طور ڪجهہ ڪپڙا پيش ڪيا هئا.

هجرت جي ٻئي سال جڏهن جهاد جو اعلان ٿيو تہ حضرت زبير رضہ جهادي ڪارروائين ۾ نوان مثال قائم ڪيا. "بدر" جي موقعي تي مسلمانن جي لشڪر ۾ بہ شهسوار موجود هئا، جن مان هڪ زبير رضہ بن عوام ۽ ٻيو مقداد بن اسود، جيڪي ڪاهي ۽ ساڃي ڪان ٻئي محاذ سنڀالي بيٺا رهيا. هڪ موقعي تي مشرڪن جي مغرور سردار "عتبہ" جڏهن مسلمانن کي نهايت هٿ ۽ هوڏ سان للڪاريو تہ امت جي اڳواڻ ﷺ جن زبير کي اڳتي وڌڻ جو اذن ڏنو. عتبہ جي جسم تي اهڙي زرهہ پاتل هئي جو سواءِ اکين جي سندس جسم جو ڪوبہ حصو ظاهر نہ ٿئي ٿيو. حضرت زبير رضہ پنهنجو نيزو اهڙي تہ مهارت سان سندس اک ۾ هنيو جو ان جي نوڪ اک ۾ پيهي ويس، جنهن سان اهڙو تہ رت جو ڦوهارو نڪتو جو هو بدبخت گهوڙي تان اچي پٺ تي پيو ۽ اتي ئي دم ڏنائين. حضرت زبير رضہ سندس سيني مٿان لت رکي پنهنجي نيزي کي اهڙي تہ زور سان ڇڪي سندس اک مان ڪڍيو، جو ان نيزي جي ڇهنب ئي ڇڏي ٿي ويئي. اهو

Marfat.com

ساڳيو نيزو آهي، جنهن کي "عنزه" سڏيو ويندو هو.

روايت مطابق بدر واري ڏينهن تي حضرت زبير رضہ جي مٿي تي پيلو پٽکو هڏل هو ۽ ان موقعي تي آسمان مان جيکي فرشتا مومنن جي مدد لاءِ انساني شڪل ۾ آيا هئا تن جي مٿي تي به اهڙائي پٽکا هڏل ڏٺا ويا.

غزوه خندق واري ڏينهن تي ڪافرن جي فوج مديني جو گهيرو ڪيو، جنهن ۾ ڏهہ هزار فوجي شامل هئا. جن وٽ هٿيارن پنوهارن جا انبار هئا. نہ فقط ايترو پر مديني جا يهودي بہ مسلمانن سان ڪيل معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪري انهن ڪافرن جي مختلف طريقن سان مدد جو سوچي رهيا هئا، جن ۾ يهودين جي سڀ کان طاقتور قبيلي "بنوقريظہ" وارا سڀ کان اڳرا هئا. هن موقعي تي ٻنهي جهانن جي سردار سڳوري ﷺ جن کي انهن يهودين جا ارادا معلوم ڪرڻ لاءِ ڪنهن اهڙي بهادر ۽ بي خوف شخص جي ضرورت محسوس ٿي، جيکو اتي پهچي سندن سمورا ارادا معلوم ڪري موٽي اچي. اهو نهايت ڪٺن ڪر هو پر هن موقعي تي بہ حضرت زبير رضہ پاڻ ملهايو ۽ ڪاميابيءَ سان بنوقريظہ وارن جون سموريون خبرون چارون لهي موٽي اچي مسلمانن تائين پهچايائين. سندس ان خدمت تي سرور ڪائنات ﷺ جن ڏاڍا سرها ٿيا ۽ زبير رضہ جي لاءِ فرمايائون تہ "هر نبيءَ سان ڪي حواري هوندا آهن ۽ منهنجو حواري زبير بن عوام آهي."

اهڙي ريت پاڻ سڳورن ﷺ جن جي سڄي زندگيءَ ۾ زبير هر مشڪل مرحلي ۾ سندن پاڻهن ٻيلي ٿي رهيو. هڪ روايت آهي تہ هر مشڪل وقت تي هو پنهنجي آقا ﷺ جن جي اڳيان ۽ هر نماز ۾ سندن پٺيان نظر ايندو هو. خلفاءِ راشدين جي دور ۾ بہ مسلمانن جنگي ميدان ۾ جيکي بيمثال ڪاميابيون حاصل ڪيون، جن ۾ مرتدين سان مقابلي کان وٺي فلسطين ۽ مصر جي فتحن تائين تن سيني ۾ زبير رضہ جو نالو نمايان آهي.

ٽئين خليفي سيدنا عثمان رضہ جي شهادت کانپوءِ حضرت زبير رضہ جنگ جمل ۾ سيده عائشہ رضہ جو طرفدار رهيو پر ان جنگ دوران ئي هڪ موقعي تي حضرت علي رضہ ڪيس هٿ کان جهلي اهو واقعو ياد ڏياريو جنهن ۾ سرور ڪونين ﷺ جن فرمايو هو تہ "زبير تون هڪ ڏينهن عليءَ سان وڙهندين! جيتوٽيڪ ان وقت حق عليءَ جي پاسي هوندو،" اهو هڏي زبير رضہ جنگ تان هٿ ڪٽي ويو.

جنگ جي ميدان کي ڇڏي جڏهن حضرت زبير رضہ وادي ۽ ساعَ ۾ پهتو تہ اتي سندس ملاقات عمرو بن جرموز سان ٿي، جنهن ساڻس صلح ڪندي بظاهر دوستيءَ جو هٿ وڌايو ۽ پوءِ جڏهن ٻن پهرن جي نماز جو وقت ٿيو ۽ حضرت زبير رضہ نماز جي نيت ڪري ٻيٺو تہ عين ان وقت جڏهن سندس سر مبارڪ سجدي ۾ هو تہ ابن جرموز مٿس پنهنجي ترار جو ڀرپور وار ڪري سندس سر مبارڪ ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو. انالله وانا اليه راجعون. شهادت کانپوءِ "عطيہ" نالي سندس هڪ غلام "سباع" جي وادي ۾ ئي ڪيس دفن ڪري ڇڏيو. اهو واقعو جمادي الاول جي ڏهين تاريخ ڇٽيهہ هجريءَ ڌاري پيش آيو. هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت عليءَ رضہ کي جڏهن حضرت زبير رضہ جي شهادت جي خبر پهتي تہ ڪيس سخت صدمو رسيو ۽ پوءِ هو پنهنجي ڪجهہ ساٿين سان گڏ سندس قبر تي آيو ۽ اتي سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا. هن موقعي تي حضرت عليءَ رضہ فرمايو تہ "سيده صفيہ جي پٽ جو قاتل جهنمي آهي."

حضرت زبير رضہ هڪ بيمثال بهادر سان گڏ نهايت سخي مرد هو. سندس ملڪيت مان جيڪا بہ آمدني ٿيندي هئي، اها سموري الله جي راهہ ۾ خرچ ڪري ڇڏيندو هو، ايتريقدر جو وفات وقت مٿس قرض هو، جيکو سندس وارثن ڇڏيل ملڪيت وڪٽي ادا ڪيو.

شذرات الذهب "ابن العماد" ج ۱ ص ۷۳ ـ ۷۴. طبقات ابن سعد ج ۳ ص ۷۳ ـ ۸۴. تهذيب التهذيب "ابن حجر" ج ۳ ص ۲۸۳ ـ ۲۸۴. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۲۹۵ ـ ۲۹۸. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۳۱۲ ـ ۳۱۴. الرياض النضره محب طبري ج ۴ ص ۲۷۱ ـ ۲۹۹. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۲ ص ۸۹ ـ ۹۳.

Marfat.com

(۴) حضرت عبدالرحمان بن عوف جو شمار مڪي جي مشهور تاجرن ۾ ٿيندو هو ۽ تاجر برادريءَ ۾ سندس سٺي ساک قائم هئي. اهوئي سبب هو جو سيدنا صديق اڪبر سان سندس ويجها واسطا هوندا هئا، جنهن ڪري اسلام جي ابتدائي دور ۾ ئي دين جي دعوت وٽس پهچي ويئي ۽ امام الانبياء ﷺ جن جي "دار ارقم" ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي هن اسلام قبول ڪيو. نسبي لحاظ کان حضرت عبدالرحمان جو تعلق نبي انور ﷺ جن جي ناناڻي خاندان يعني قريش قبيلي جي شاخ "بنو زهره" وارن سان هو. سندس ولادت هاٿين واري واقعي کان ڏهاڪو ورهيه پوءِ عوف بن عبد عوف جي گهر ۾ ٿي، جيڪو پڻ هڪ مشهور تاجر هو ۽ ڄمڻ وقت هن پنهنجي پٽ جو نالو عبد عَمرو يا هڪ ٻئي قول مطابق عبدالڪعبه رکيو. بعد ۾ مسلمان ٿيڻ کانپوءِ سرور عالم ﷺ جن سندس نالو مٽائي عبدالرحمان رکيو. هن جي والده جو نالو شفاء بنت عوف ٻڌايو ويو آهي، جيڪا سندس پيءُ جي سؤٽ ۽ نبي اڪرم ﷺ جن جي امڙ سيده آمنه سائڻ جي وري سگ ۾ سؤٽيءَ سؤٽ هئي. حضرت آمنه جي ويم وقت دائپي جون خدمتون سيده شفاء بنت عوف سرانجام ڏنيون هيون، ۽ هيءَ دنيا جي اها خوش بخت خاتون هئي،جنهن ڄمڻ مهل هن زمين تي سڀ کان پهريان پيغمبر آخر الزمان ﷺ جن جي زيارت ڪئي. عبدالله ابن عباس جي روايت مطابق سيده شفا اسلام قبول ڪيو هو ۽ مديني ڏانهن هجرت پڻ ڪيائين. حضرت عبدالرحمن شروعاتي دؤر ۾ ئي اسلام قبول ڪيو، ان وقت سندس عمر ٽيهه ورهيه هئي. اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ حضرت عبدالرحمان بن عوف خدا جي آخري دين لاءِ وڏيون جاني توڙي مالي قربانيون ڏنيون، جنهن ڪري سندس شمار "عشره مبشره" يعني انهن ڏهن صحابين ۾ ٿيندو آهي، جن کي خدا جي آخري رسول ﷺ جن هن دنيا ۾ ئي جنت جي بشارت ڏيئي ڇڏي هئي.

ابن عوف حبش ڏانهن ٻه هجرتون ۽ ٽيون دفعو مديني ڏانهن هجرت ڪئي ۽ نبي انور ﷺ جن جي اڳواڻيءَ ۾ سڀني غزوات ۾ بهرو ورتو. "اُحد" جي موقعي تي جڏهن اها مشڪل مهل آئي، جو ڪافر پٺين پاسي کان اوچتو اچي مسلمانن مٿان ڪڙڪيا ۽ سرور عالم ﷺ جن جي مٿان وار ڪرڻ وارو سندن ناپاڪ ارادو پورو ٿيندو پئي نظر آيو، ته اوڏيءَ مهل مٺ جيترا مسلمان پنهنجي جان تان هٿ کڻي پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي بچاءِ لاءِ پنهنجا پير ڄمائي بيٺا ۽ دشمن جي ناپاڪ منصوبي کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيائون، انهن ۾ عبدالرحمان بن عوف به هڪ هو. هن موقعي تي کيس سڄي جسم تي تيرن ۽ تلوارن جا ايڪيهه گهاءَ لڳا. وات واري ڌڪ ۾ سندس ٻه ڏند ڀڄي پيا. جڏهن ته پير وارو زخم ايترو ته شديد هو جو ان جي اثر سبب سڄي ڄمار منڊڪائي گهمندا هئا.

هجرت جي ڇهين سال "دومة الجندل" ڏانهن نبي ڪريم ﷺ جن ست سؤ مجاهدن جو جيڪو "سريه" روانو ڪيو، ان جي اڳواڻي حضرت عبدالرحمان بن عوف جي سپرد هئي. هن موقعي تي روانگيءَ کان اڳ پاڻ ڪريمن ﷺ جي نگاهه جڏهن ابن عوف جي پڳ تي پئي ته اهو انداز کين نه آئڙيو ۽ حضرت عبدالرحمان کي پنهنجي ويجهو ويهاري ان پڳ کي لاهڻ لاءِ چيائون ۽ پوءِ ان جي جاءِ تي حضور پرنور ﷺ جن پنهنجي ڪاري رنگ واري پڳ پنهنجي مبارڪ هٿن سان ابن عوف جي مٿي تي ٻڌي ۽ ان جو طرو ٻنهي ڪلهن جي وچ تي ڇڏيائون. حضرت عبدالرحمان ابن عوف لاءِ اهو هڪ اهم اعزاز آهي. هن ان پڳ کي سڄي زندگي پاڻ وٽ محفوظ رکيو ۽ پوءِ ڪن خاص موقعن تي ٻڌي نڪرندا هئا. ان کانسواءِ نبي انور ﷺ پنهنجي گوڏ ٻڌڻ واري هڪ چادر به کين عطا ڪئي هئي، جيڪا هن پنهنجي ڪفن لاءِ سنڀالي رکي هئي ۽ وفات کانپوءِ سندن وصيت مطابق کين ان چادر جو ئي ڪفن ڏنو ويو هو.

هڪ روايت مطابق سرور ڪائنات ﷺ سفر ۾ هڪ دفعو حضرت ابن عوف جي امامت ۾ فجر جي نماز به ادا ڪئي،

هلندڙ

Marfat.com

جنهن جو تفصيل هن ئي كتاب ۾ اڳتي بيان كيو ويو آهي.

"دومة الجندل" واري واقعي ۾ اتان جي سردار اصبغ بن ثعلبہ بن ضَمضَم كلبيءَ جيكو نسبي لحاظ كان عرب ۽ مذهبي لحاظ كان عيسائي هو. تنهن شكست كاڏي ۽ اسلامي لشكر سويارو ٿيو. كين غنيمت ۾ كافي مال بہ مليو ۽ حضرت عبدالرحمان بن عوف هتان جي سردار جي نياڻي تماضر بن اصبغ سان نكاح كيو. جنهن مان كين ابوسلمہ بن عبدالرحمان نالي پٽ بہ ڄائو.

حضرت عبدالرحمان بن عوف جو شمار امير ترين صحابي سڳورن ۾ ٿيندو آهي. هو هر موقعي تي خدا تعالىٰ جي خوشنودي خاطر پنهنجي دولت خرچ كندو رهندو هو. هن جي كوشش هوندي هئي تہ كڏهن بہ كو سوالي سندس دروازي تان خالي نہ موڙي.

هڪ دفعي سرور كائنات ﷺ جن فرمايو تہ "مون كانپوءِ جيكو ماڻهو منهنجي گهروارين جي پرگهور لهندو ۽ انهن جي حفاظت كندو اهو نهايت سچار ۽ نيكوكار هوندو". پاڻ كريمن ﷺ جي وصال كانپوءِ ابن عوف پنهنجي آقا سائين ﷺ جن جي ان حكم جي پوري پوري پابندي كئي ۽ امهات المؤمنين جي هر ضرورت جي پورائي كرڻ ۾ پيش پيش رهيو. سندس پاران حج يا عمره جي موقعي تي امهات المؤمنين جي لاءِ نہ فقط رستي جي خرچ ۽ باپرده سواريءَ جو انتظام كيو ويندو هو پر جتي سندن قافلا منزل كندا هئا اتي پاڻ پهچي پهرو ڏيندو هو تہ جيئن كو ڏاريو شخص بي خبري ۾ ويجهو نہ وڃي سگهي. وقت بوقت جهجهي تعداد ۾ پئسا ڏوكڙ انهن جي خدمت ۾ اماڻيندو رهندو هو. غلامن كي آزاد كرڻ، مسكينن كي كاڏو كارائڻ ۽ ضرورت مندن جون جائز ضرورتون پوريون كرڻ سندن خاص خوبيون هيون.

حضرت عبدالرحمان هر وقت پاڻ كريمن ﷺ جي قريب رهڻ جي ۽ سندن هٿايل حكمن تي عمل كرڻ جي كوشش كندو هو. هڪ دفعي سرور عالم ﷺ جن سندس لاءِ فرمايو: "عبدالرحمان ابن عوف زمين وارن وٽ بہ امانتدار آهي تہ آسمان وارن وٽ بہ امانتدار."

پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال كانپوءِ حضرت ابوبكر صديق جن بہ پنهنجي دور خلافت ۾ اهم معاملن بابت ابن عوف سان صلاح مشورو كندا هئا. حضرت عمر فاروق بہ پنهنجي خلافت واري زماني ۾ حضرت عبدالرحمان كي پنهنجي مجلس شوريٰ جو ميمبر مقرر كيو. نہ صرف ايترو پر پاڻ كانپوءِ ٽين خليفي جي انتخاب لاءِ هن جيكا انتخابي كائونسل قائم كئي، حضرت عبدالرحمان ابن عوف ان جو بہ هڪ اهم ركن هو. حضرت عبدالرحمان ابن عوف سن ٣٢ هجريءَ ڌاري هن دنيا مان لاڏاڻو كيو. ان وقت سندن عمر پنجهتر ورهيہ هئي. جنازي نماز ٽين خليفي حضرت عثمان ابن عفان رضہ پڙهائي. جنهن كانپوءِ كين جنت البقيع ۾ حضرت عثمان بن مظعون ۽ سرور عالم ﷺ جن جي نندي نينگر ابراهيم جي پرسان دفن كيو ويو.

حضرت عبدالرحمان بن عوف پاڻ كريمن ﷺ جن كان پنجهٺ حديثون روايت كيون آهن.

(الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ١٧ ـ ٤١٦. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٥٠٠ ـ ٤٩٥. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ٢ ص ٣٩٠ ـ ٣٨٦. صفة الصفوة ابن جوزي ج ١ ص ٣٥٠ ـ ٣٤٩. سبل الهدىٰ والرشاد،شامي ج ١١ ص ٣٢١ ـ ٣١٨. الرياض النضرة محب طبري ج ٤ ص ٣٠١. التحفة اللطيفہ سخاوي ج٢ ص ٤٦ ـ ١٤٥. العقد الثمين "فاسي" ج ٥ ص ٥١ ـ ٥٠. سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ٣ ص ٥٨ ـ ٤٣.)

Marfat.com

بن اَبِيْ وَقَاص. (۱) ۽ طَلْحَہ بن عُبَيْدُ (۲) رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جا نالا ذڪر جوڳا آهن. انهن

(۱) نبي ڪريم ﷺ جن جو پيارو صحابي اسلام جو نامور سپہ سالار ۽ ايران جو آتش ڪده اجهائي اتي ايمان ۽ اسلام جي روشني پهچائڻ وارو صحابي ابو اسحاق سيدنا سعد بن ابي وقاص رضہ مڪي ۾ قريش قبيلي جي پاڙي بنو زَهره وارن جي هڪ معزز فرد ابي وقاص جي گهر ۾ جائو. هن گهراڻي جو تعلق قريش جي سيني گهراڻن سان نهايت ويجهو ۽ گهرو رهيو آهي.

ابي وقاص جو نالو مالڪ بن وَهيب (ڪن روايتن مطابق اُهيب) بن عبد مناف ٻڌايو ويو آهي، جيڪو هن ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ جي امڙ سائڻ بيبي آمنہ جو سڳو سوٽ هو. ان ڪانسواءِ مالڪ بن وَهيب جي ڏيءَ "هالة" وري سيدنا عبدالمطلب جي نڪاح ۾ ڏنل هئي، جنهن مان حضرت حمزه ڄائو هو. اهڙيءَ ريت حضرت حمزه سگ ۾ سيدنا سعد جو پڌات ٿيو.

سعد جي امڙ جو نالو "حمنہ" ٻڌايو ويو آهي، جيڪا سفيان بن اُميہ يا هڪ ٻئي قول موجب ابوسفيان بن اُميہ جي نياڻي هئي. اهڙيءَ ريت بنو اُميہ وارا وري سعد بن ابي وقاص جا ناناڻا ٿيا.

حضرت سعد جو پيءُ مالڪ، مالي لحاظ ڪان خوشحال هو. انڪري ننڍپڻ ڪان ئي هن پنهنجي پٽ جي تعليم ۽ تربيت تي پورو ڌيان ڏنو. سعد جو شمار قريش جي انهن نوجوانن ۾ ٿيندو هو، جيڪي لکڻ پڑهڻ بہ ڄاڻندا هئا تہ جنگي ميدان ۾ مقابلي جا ماهر بہ سمجهيا ويندا هئا. خاص طور تير اندازيءَ جي مقابلي ۾ تہ چگا ٻلا سندس آڏو اچڻ ڪان لهرائيندا هئا.

سعد رضہ ايمان سترهن ورهين جو مس هو تہ خدا جي آخري نبي ﷺ جن جي بعثت ٿي. دين جي دعوت ايمان عام نہ ٿي هئي پر سيدنا صديق اڪبر رضہ جي وسيلي سان اهو پيغام سعد رضہ تائين پهچي ويو. بس پيغام پهچڻ جي دير هئي، سعد رضہ پياري پيغمبر ﷺ جي خدمت ۾ اچي پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيو. اهو نبوت جو ستون ڏينهن هو جڏهن بنو زَهره وارن مان هن پهرين شخص اسلام قبول ڪيو.

ان واقعي ڪان اڳ سعد رضہ جو پيءُ مالڪ تہ گذاري ويو هو. باقي سندس امڙ حال حيات هئي ۽ ان ڪي جڏهن اهو اطلاع مليو تہ سندس فرمانبردار فرزند پنهنجي اباڻي دين تان هٽ ڪٽي اسلام قبول ڪري چڪو آهي تہ ڪيس ڏاڍو ڏڪ پهتو. هن پنهنجي پياري پٽ ڪي اباڻي دين تي واپس آڻڻ لاءِ وڏا حيلا هلايا پر سندس ڪابہ ڪوشش ڪامياب نہ ٿي سگهي، آخرڪار پٽ جي عزم ۽ استقلال آڏو هن پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا.

نبوت جي ستين سال جڏهن ڪافرن طرفان بنو "مطلب وارن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو ۽ اهي "شعب ابوطالب" ۾ نظر بند رهيا، تہ ان مشڪل ۽ مصيبت جي موقعي تي "سعد" پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جو ساٿ نہ ڇڏيو ۽ شعب ابوطالب ۾ نظر بند رهيو، جيتوڻيڪ سعد جو تعلق "بنو زَهره" وارن سان هو ۽ سواءِ بنو "مطلب وارن جي، ٻين مسلمانن مٿان اها پابندي لاڳو نہ هئي. مڪي دور ۾ مسلمانن مٿان جيڪي مشڪل مرحلا آيا، حضرت سعد رضہ هر موقعي تي نهايت همت ۽ جرئت سان انهن جو مقابلو ڪيو.

هجرت ڪانپوءِ مديني پهچي جڏهن جهاد جو سلسلو شروع ٿيو تہ ان ميدان ۾ سعد رضہ جون خدمات نمايان رهيون. غزوه بدر ۽ احد ڪان وٺي ويندي تبوڪ ۽ طائف تائين هر موقعي تي هن، دشمن جي لشڪر ۾ ٽاڪوڙو مچائي ڇڏيو ۽ ڪافرن جا ڪيترائي نامياراسردار سندس هٿان قتل ٿيا. ان ڪانسواءِ ڪيترن ئي سرايا ۾ هن اسلامي لشڪر جي قيادت بہ ڪئي. الله جي راهہ ۾ پهريون تير حضرت سعد طرفان ان سريہ ۾ اڇلايو ويو جيڪو سندس ئي اڳواڻيءَ ۾ "رابغ" ڏانهن روانو ڪيو ويو هو. اهڙي ريت مڪي ۾ جڏهن اسلام جو ابتدائي دور هو ۽ مسلمان ڪافرن جي

هلندڙ

Marfat.com

مقابلي ۾ ڪافي ڪمزور هئا ۽ هو الله تعالىٰ جي عبادت لڪي ڪندا هئا. اهڙي ئي هڪ موقعي تي جڏهن مسلمان ڪنهن جابلو لڪ ۾ نماز ادا ڪري رهيا هئا تہ ڪجهہ ڪافر اوچتو اچي اتي نڪتا. هو پهريان تہ مسلمانن تي ٺٺولیون ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ مٿن حملي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا. حضرت سعد جي اها قوهہ جوانيءَ واري عمر هئي انڪري ڪافرن جون اهي ڪريل حرڪتون ڏسي ڪيس سخت مٺيان لڳي ۽ اتي پيل هڪ اٺ جو هڏو ڪٽي جوانيءَ جي جوش مان هڪ مشرڪ جي مٿي ۾ هنيائين تہ سندس مٿو ڦاٽي پيو ۽ رت ريلا ڪري وهڻ لڳس. اهو حال ڏسي ڪافر اتان ڀڄي ويا. اهڙي ريت الله جي راهہ ۾ پهريون دفعو ڪافرن جي خون وهائڻ وارو صحابي ٻہ سعد بن ابي وقاص ئي هو. جيتوڻيڪ ان وقت تائين جهاد جو حڪم نازل نہ ٿيو هو.

حضرت سعد رضہ ڪي خدا تعالىٰ بي پناهہ عسڪري صلاحيتن سان نوازيو هو. انڪري بدر کان وٺي تبوڪ تائين هر موقعي تي هن جرئت ۽ بهادريءَ جا نوان ريڪارڊ قائم ڪيا، جن جو پڙلاءُ اسلامي تاريخ جي طالبن جي ڪنن تائين اڄ سوڌو پوندو رهي ٿو.

حضرت سعد رضہ جي عسڪري صلاحيتن جو هڪ اهم ڪارنامو ايران جي فتح ٻہ آهي. حضرت عمر فاروق رضہ جي دورِ خلافت ۾ سعد رضہ ڪي اسلامي فوج جو سپريم ڪمانڊر بڻائي ان سلطنت جي مقابلي لاءِ موڪليو ويو، جنهن ڪجهہ وقت اڳ پنهنجي حريف بازنطيني سلطنت ڪي ٻہ زير ڪري ڇڏيو هو ۽ هاڻي ڪيس ان ڳالهہ تي ماڻ هو تہ روءِ زمين تي اهڙو ڪوبہ حاڪم يا حڪومت موجود نہ آهي، جيڪو هنن جي مقابلي لاءِ سوچي ٻہ سگهي. ٻين لفظن ۾، ڪسريٰ جي سلطنت دنيا جي واحد عظيم قوت (Super power) شمار ٿيندي هئي. بهرحال سعد بن ابي وقاص رضہ ٽيهہ هزار مسلمانن جي لشڪر سان گڏ "قادسيہ" پهتو. هن فوج ۾ ستر بدري صحابي پڻ شامل هئا. هوڏانهن سلطان يزدگرد پنهنجي بي مثال جرنيل "رستم" جي اڳواڻيءَ هيٺ اٽڪل سوا لڪ تربيت يافتہ سپاهين جو لشڪر (جيڪو جديد هٿيارن سان ليس هو، ان کان علاوه بيشمار تربيت يافتہ گهوڙا ۽ هاٿي پڻ لشڪر ۾ شامل هئا.) ساڻ ڪري مقابلي لاءِ ميدان ۾ لٿو.

هن موقعي تي حضرت سعد رضہ پاڻ بيمار هو، انڪري ميدان جنگ جي ويجهو هڪ گهٽ جهلي ويهي رهيو، جتان جنگ جي ميدان تي سندس نگاهہ هئي ۽ هو حالتن پٽاندڙ هدايتون پئي موڪليندو رهيو، باقي ميدان جنگ ۾ هن خالد بن عرفطہ کي پنهنجو نائب مقرر ڪيو هو. "جندي سابور" جي ڪناري مخالف فوجن ۾ جنگ شروع ٿي، ٻنهي طرفن کان بهادرن هڪ ٻئي جي طاقت کي خوب آزمايو ۽ مخالف صفن ۾ ٽاڪوڙا مچائي ڇڏيا ۽ جنگ جو ميدان لاشن سان سٿي ڇڏيائون. آخر هڪ مجاهد بلال بن علقمہ پنهنجي ترار جي هڪ ڦهري وار سان رستم کي ڪيرائي وڌو. پنهنجي عظيم جرنيل کي هڪ معمولي سپاهيءَ هٿان هن ريت قتل ٿيندو ڏسي ايراني لشڪر ۾ اچي ڀاڄ پيئي، بس پوءِ تہ جنهن جي اڳيان جيڪو رستو آيو ان اوڏانهن رخ رکيو ۽ ٿوريءَ دير ۾ ئي لاشن کانسواءِ ميدان ۾ ٻيو ڪجهہ ٻہ نظر نہ پئي آيو. ساساني سلطنت جي سپاهين هڙي ذلت ڀري شڪست لاءِ تہ ڪڏهن سوچيو ٻہ نہ هو ۽ هن واقعي ڪانپوءِ سندن حوصلا پست ٿي ويا ۽ همتون جواب ڏيئي ٻيٺيون: بس پوءِ تہ مسلمان هڪ ٻئي پٺيان سندن باقي علائقا ٻہ قبضي ۾ ڪندا ويا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي بابل ـ بهره شير ۽ ڪوٽي وغيره تي مسلمانن جو قبضو ٿي ويو ۽ آخر ۾ حضرت سعد جيڪو هاڻي صحتياب ٿي چڪو هو، سندس قيادت ۾ اسلامي لشڪر مدائن تي حملو ڪيو ۽ ايرانين جو سياري جي گاديءَ وارو هي تاريخي شهر ٻہ آسانيءَ سان سندن قبضي ۾ اچي ويو. جنهن ڪانپوءِ آخري ڪسريٰ يزدگرد پنهنجي سموري ميراث تان هٿ ڪٽي جان بچائڻ جي چڪر ۾ هتان ڀڄي وڃي حلوان پهتو. اهڙي ريت هڪ هزار سال شان

Marfat.com

شوکت واري ساساني سلطنت جو وجود هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو. آتش کدہ اجهامي ويا ۽ هر طرف کان الله اکبر جا آواز گونجڻ لڳا. مدائن مان مسلمانن کي جيترو مال غنيمت هٿ آيو، ان جو کاٽو ڪرڻ بہ مشڪل آهي، سون، چاندي، هيرن جواهرن جا انبار ان کان علاوہ هئا.

ڪسريٰ جو سونو تخت، جواهردار تاج ۽ اهي قيمتي ڪنگڻ جيڪي نبي انور ﷺ جن "سراقہ" جي هٿن ۾ ڏسڻ جي بشارت ڏني هئي، سموريون شيون قصر سفيد جي ايوان ۾ پٽريون پيون هيون، جن جي مالڪي ڪرڻ وارو ڪوبہ ڪونہ هو.

هن محل جي ايوان کي حضرت سعد نماز لاءِ وقف ڪري ڇڏيو، يعني جتي غير الله جي پوڄا ۽ پرستش ٿيندي هئي ان جاءِ تي الله جا ٻانها پنهنجي حقيقي خالق جي آڏو سر بسجود نظر اچڻ لڳا ۽ اهو سعد بن ابي وقاص رضہ جو وڏو ڪارنامو شمار ٿئي ٿو تہ هن جي قيادت ۾ اسلامي لشڪر دنيا جي عظيم ۽ قديم سلطنت جي بنيادن کي لوڏي ڇڏيو. جيتوڻيڪ ساساني سلطنت ۽ سلطان يزدگرد جو مڪمل خاتمو سيدنا عثمان رضہ جي دور ۾ ٿيو، پر هن سلطنت جي تباهيءَ جو آغاز حضرت سعد جي هٿان ئي شروع ٿيو.

مدائن جي فتح ڪانپوءِ جڏهن اتان جي غنيمت جو خمس ۽ يزدگرد جون ڇڏيل يادگار شيون مديني موڪليون ويون تہ عرب انهن شين کي ڏسي حيران ٿي ويا. ڇو تہ ان قسم جا تاج، تلوارون، قيمتي پوشاڪون ۽ هٿيار پنوهار اڳ هن جي اکين ڪٿي بہ نہ ڏٺا هئا. هن موقعي تي ڪسريٰ جا ڪنگڻ سراقہ بن مالڪ بن جعشم جي هٿن ۾ پارايا ويا. جنهن جي پيشنگوئي سرور ڪائنات ﷺ جن سورهن سال اڳ ڪئي هئي.

مدائن جي فتح ڪانپوءِ حضرت سعد کي سپہ سالار بدران انهن علائقن جو گورنر مقرر ڪيو ويو جيڪي هن فتح ڪيا هئا. هن دور ۾ حضرت سعد فرات نديءَ جي ڪناري تي هڪ نئون شهر تعمير ڪرايو، جيڪو "ڪوفي" جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو. ڇو جو عربن کي مدائن جي گهميل هوا ٻانهءَ نہ پئي ۽ هو بيمار رهڻ لڳا هئا. ڪوفو اسلامي تاريخ ۾ اهو پهريون شهر هو جيڪو مسلمانن نئين سر تعمير ڪيو هو، جنهن ڪانپوءِ هتي هڪ مضبوط فوجي ڇانوڻي قائم ڪئي ويئي. پوءِ آهستي آهستي هي شهر سياسي توڙي فوجي لحاظ کان وڏي حيثيت حاصل ڪرڻ لڳو. جنهن ڪري علائقي جي مختلف قومن ۽ قبيلن جا نو مسلم هن شهر ۾ آباد ٿيندا ويا. جن ۾ عرب، ايراني، يهودي، عيسائي، گبر توڙي بت پرست شامل هئا. جن اڳتي هلي حضرت سعد رضہ جي خلاف سازش سڱي ۽ سندس شڪايتون مديني ۾ امير المؤمنين تائين پهچايون. پوءِ حالات جو رخ ڏسي حضرت عمر رضہ ڪيس گورنريءَ جي عهدي تان هٽائي ڇڏيو. اڳتي هلي حضرت عثمان رضہ پنهنجي دورِ خلافت ۾ حضرت سعد جو ساڳيو عهدو بحال ڪيو، پر ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ وري ڪيس هٽايو ويو. جنهن ڪانپوءِ هو سياست کان هميشہ لاءِ ڪناره ڪش ٿي ويو.

حضرت عثمان رضہ جي شهادت ڪانپوءِ ڪن ڏرين حضرت سعد رضہ کي خلافت جي اميدوار بنائڻ لاءِ زور ڀريو پر هن صاف انڪار ڪيو ۽ خوشيءَ سان حضرت عليءَ رضہ جي تائيد ڪندي سندس بيعت ڪيائين ۽ پوءِ مديني کان ستن ميلن جي مفاصلي تي "العقيق" نالي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو، جتي سندس زمينون ۽ ٻي ملڪيت هئي. آخري ڏينهن ۾ هو اکين کان ويهجي ويو هو، جنهن ڪري ڳوٺ کان ٻاهر نڪرڻ جو سلسلو بلڪل ختم ڪري ڇڏيو هئائين. آخرڪار اتي ئي سندس پساهہ پورا ٿيا. حضرت سعد رضہ جي وفات جي سن ۾ اختلاف آهي. واقديءَ طرفان وفات جو سن ۵۵ هجري، ابو نعيم طرفان ۵۸ هجري ۽ زبير بن بڪار طرفان ۵۴ هجري ٻڌايو ويو آهي، جنهن مان واقديءَ واري روايت تي اڪثريت جو اعتماد آهي، وفات ڪانپوءِ حضرت سعد کي سندس وصيت مطابق هڪ پراڻي جبي جو ڪفن ڏنو ويو.

Marfat.com

جنهن لاء ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ جڏهن "غزوہ بدر" جي موقعي تي سرور عالم ﷺ جن سان گڏجي دشمنن سان مقابلو ڪيو هو تہ ان وقت سندس جسر تي اهو اوني جبو پاتل هو. ان جبي کي حضرت سعد رضہ بعد ۾ سنيالي پنهنجي ڪفن لاء رکي ڇڏيو هو ۽ مرڻ وقت ۵۳ سالن جي رکيل ان پراڻي پر يادگار جبي کي ڪفن طور ڪيس ڏکايو ويو.

جنهن ڪانپوء هن جي ميت کي ڪلهن تي کڻي سندس دوستن ۽ عقيدتمندن مديني پهچايو ۽ مسجد نبوي ﷺ جي اڳڻ ۾ امهات المؤمنين جي هجرن آڏو ميت کي رکيو ويو، جتي جنازي نماز پڙهي ويئي. نماز جي امامت ان وقت مديني جي گورنر مروان بن حڪم ڪئي. جڏهن تہ جماعتين ۾ هين صحابي سڳورن ۽ تابعين سان گڏ ڪجهہ امهات المؤمنين بہ شامل هيون، جن پنهنجي حجرن جي اندران بيهي نماز ۾ شرڪت ڪئي. انهن بيبين سڳورين ۾ سيده عائشہ، سيده جُويريہ ۽ سيده ام سلمیٰ شامل آهن. بعد ۾ ميت کي جنت البقيع ۾ دفنايو ويو. ابن قتيبہ جي قول مطابق حضرت سعد بن ابي وقاص "عشره مبشره" جي سلسلي جو اهو صحابي هو، جنهن سڀ کان آخر ۾ وفات ڪئي. جڏهن تہ فضائلي جو قول آهي تہ "وفات جي لحاظ کان مردن ۾ هو آخري مهاجر هو، والله اعلم بالصواب. حضرت سعد رضہ پاڻ ڪريمن ﷺ جون ستر حديثون روايت ڪيون آهن. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۴۳۷ ـ ۴۳۹.
الاڪتفاء "ڪلاعي" ج ۶ ص ۱۵۶، مروج الذهب مسعودي ج ۱ ص ۵۲۷. تاريخ ابو الفداء ج ۱ ص ۲۲۵، فتوح البلدان "بلاذري" ص ۳۰۲. العبر "ذهبي" ج ۱ ص ۶۶ ـ ۶۳، تاريخ ابن الوردي ج۱ ص ۱۳۸. مرآة الجنان "يافعي" ج ۱ ص ۱۰۶ ـ ۱۰۳. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۲۵، التحفة اللطيفہ. سخاوي ج ۱ ص ۳۹۶ ـ ۳۹۳. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ س ۳۱۶ ـ ۳۱۵. سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ۳ ص ۷۸ ـ ۵۸.

(۲) جوانمردي ۽ جرئت، بهادري ۽ بيباڪي، صبر ۽ سخا جو مثالي نمونو حضرت طلحہ بن عبيدالله بن عثمان بن عمرو تيمي هاڻين واري واقعي ڪان اڻڪل هاويہ ورهيہ پوء "بنوتيم" وارن جي هڪ خوشحال شخص عبيدالله جي گهر ۾ ڄائو. سندس امڙ جو نالو صعبة بنت عبدالله حضرميہ ٻڌايو ويو آهي. جيڪا علاء بن حضرميء جي ڀيڻ هئي ۽ شروعات ۾ تہ هوءَ اسلام جي سخت مخالف رهي پر ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ڪيس اسلام قبول ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو.

حضرت طلحہ رضہ کي قدرت ننڍپڻ کان وٺي خصوصي خوبين سان نوازيو هو، انڪري سندس شمار قريش قبيلي جي انهن ڪجهہ نوجوانن ۾ ٿيندو هو، جيڪي لکڻ پڙهڻ بہ ڄاڻندا هئا تہ تير ۽ تلوار هلائڻ ۾ بہ پڙ هئا. ان ڪانسواءِ تقرير جي فن ۾ بہ سندس مثال ملڻ مشڪل هو.

طلحہ ايان جوانيءَ جي منزل تي مس پهتو تہ سندس پيءُ گذاري ويو، انڪري قريش جي هين سڌريل نوجوانن وانگر هن بہ واپار جو ڪم شروع ڪيو ۽ ان ڪم ۾ بہ چگو نالو ڪڍيائين. هين نوجوانن وانگر اجاين ڪمن ۾ وقت وڃائڻ يا بيڪار ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ واريون عادتون ڪيس بلڪل پسند نہ هيون انڪري پنهنجي قبيلي جي نوجوانن کي ڇڏي گهٽو وقت سيدنا ابوبڪر صديق رضہ سان گذاريندو هو.

نبي ڪريم ﷺ جن جي بعثت وقت طلحہ جي عمر اڻڪل ارڙهن ورهيہ هئي. جڏهن اسلام جو حقاني پيغام سندس ڪن تائين پهتو تہ هن بنا ڪنهن وقت وڃائڻ جي ان کي قبول ڪري ورتو.

مسلمان ٿيڻ ڪانپوء مڪ مائٽ مٽس سخت ڪاوڙيا، جن ۾ هين سان گڏ هن جي امڙ ۽ وڏو ڀاءُ عثمان بہ شامل هو. جيڪو طلحہ کي نماز پڙهڻ کان روڪيندو ۽ مٽس تشدد بہ ڪندو هو، پر هن جي عزم ۽ استقلال ۾ ڪا ڪمي نہ

Marfat.com

آئي. نبوت جي ٽيئن سال جڏهن مڪي وارن "بنوهاشم" جو بائيڪاٽ ڪيو هو تہ ان موقعي تي حضرت طلحہ جنهن جو نسبي تعلق جيتوٽيڪ بنوهاشم وارن سان نہ هو پر پاڻ ڪريمن ﷺ جي محبت ۾ هو بہ شعبِ ابوطالب ۾ نظربند رهيو. اهڙيءَ ريت اسلام جي ابتدائي دور ۾ هين قديم الاسلام صحابين سان گڏ هن بہ الله جي واٽ ۾ ڏاڍيون صعوبتون سٽيون. انڪري سرور ڪائنات ﷺ جن هر وقت سندس گهٽو خيال رکندا هٿا. هجرت ڪانپوءِ جڏهن مديني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن صحابين جي وچ ۾ ڀائيچارو قائم ڪيو، تڏهن طلحہ جو ڀاءُ پنهنجي ميزبان حضرت ابو ايوب انصاريءَ کي بٹايائون.

جهاد جي حڪم نازل ٿيڻ ڪانپوءِ حضرت طلحہ بدر کانسواءِ سيني غزوات ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏجي ڀهرو ورتو. اهڙي ريت ڪيترن ئي "سرايا" ۾ بہ سندس شرڪت ثابت آهي. "بدر" واري موقعي تي سرور ڪائنات ﷺ جن حضرت طلحہ ۽ سعيد بن زيد کي قريش جي هڪ قافلي پٹيان اماڻيو هو. ۽ جڏهن هو ٻئي ڇڻا ان مهم تان موٽيا تہ بدر واري لڑائي ختم ٿي چڪي هئي. رسول رحمت ﷺ جن جڏهن ڏٺو تہ اهي ٻئي صحابي سڳورا بدر واري ڏينهن تي هڪ ٻي جهاد ۾ رڌل رهيا انڪري "بدري" صحابين ۾ شمار ڪندي اتان جي غنيمت مان ڪين بہ حصو ڏنائون.

اُحد جي موقعي تي طلحہ جنهن بهادريءَ ۽ بي جگريءَ سان امت جي اڳواڻ ﷺ جن جو دفاع ڪيو، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. هن جنگ ۾ حضرت طلحہ تيرن توڙي تلوارن جا اٽڪل ستر گهاءَ پنهنجي جسم تي سٺا، جنهن ۾ سندس بہ آڱريون وڍجي ويون ۽ هڪ هٿ هميشہ لاءِ بي جان ٿي ويو ۽ ٻر ٻوءِ بہ جڏهن سرور عالم ﷺ جن پير ترڪڻ سبب هڪ ڪڍ ۾ هليا ويا تہ ان حالت ۾ طلحہ پنهنجي ٻڌيءَ تي کٹي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ کي ان ڪڍ مان ٻاهر ڪڍيو، جنهن ڪري ڪين هن موقعي تي "طلحة الخير" جي لقب سان نوازيو ويو. اهڙي ريت پاڻ ڪريمن ﷺ طرفان تبوڪ جي موقعي تي ڪين "طلحة الفياض" ۽ حنين جي موقعي تي "طلحة الجود" جي القاب سان نوازيو ويو.

نبي ڪريم ﷺ جن جي وصال ڪانپوءِ خلفاءِ راشدين بہ حضرت طلحہ جي نهايت گهٹي عزت ڪندا هٿا. حضرت عمر ٽيئن خليفي جي انتخاب لاءِ جيڪا ڪائونسل جوڙي، حضرت طلحہ کي بہ ان جو هڪ ميمبر مقرر ڪيو ويو هو. حضرت علیءَ جي دور خلافت ۾ جنگ جمل جي موقعي تي حضرت طلحہ پنهنجي پراڻي صحابي ساٿي حضرت زبير سان گڏ سيده عائشہ صديقہ رضہ جي لشڪر ۾ شامل هو پر پوءِ جڏهن حضرت علیءَ ڪين لشڪر مان ٻاهر سڏائي ساڻن ڪجهہ ڳالهايو تہ پوءِ ٻنهي صحابي سڳورن ميدان جنگ مان نڪري وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان موقعي تي جڏهن حضرت زبير پنهنجي گهوڙي تي ميدان مان نڪري ويو ۽ حضرت طلحہ نڪرڻ وارو هو تہ "مروان بن حڪم" پنهنجي ڪمان مان هڪ تير ڪشي نهايت زور سان ڏانهس اڇلايو، جيڪو سڌو سندس گوڏي ۾ لڳو ۽ تير لڳڻ شرط گوڏي مان رت جو ڦوهارو جاري ٿيو، جيڪو آخري وقت تائين بند نہ ٿيو. ۽ ان حالت ۾ هي برگزيده صحابي پنهنجي مالڪ سان مليو. هي واقعو ڏهين جمادي الاول، سن ڇٽيهہ هجريءَ ڏاري خميس جي ڏينهن تي پيش آيو.

هن موقعي تي ٻنهي پاسن کان جيڪي مسلمان شهيد ٿيا تن سيني جي گڏيل جنازي نماز سيدنا علي ڪرم الله وجهہ جن پڑهائي، جنهن ڪانپوءِ سندس لاش کي بصري ۾ "الڪلاء" بندر جي ٻرسان دفن ڪيو ويو.

ياقوت حمويءَ جي قول مطابق هر درياءَ جي اهڙي بندر کي "الڪلاء" سڏيو ويندو آهي، جتي ٻيڙيون لنگر انداز ٿيندیون آهن. يا وري هن اهو بہ نقل ڪيو آهي تہ ان نالي پٹيان بصري ۾ هڪ محلو بہ آباد هو، جتي هڪ مشهور بازار بہ هئي. والله اعلم. نبي ڪريم ﷺ کان حضرت طلحہ الٽيهہ حديثون روايت ڪيون آهن.

Marfat.com

پنجن ئي مڻير مردن کي حق جي اها وات ڏيکارڻ وارو سيدنا صديق اڪبر رضہ هو. جيڪو ڪين نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ اسلام جي دعوت ڏيئي وئي آيو. (۱)

* هن سال مؤذن رسول ﷺ حضرت بلال بن رُباح رضہ به اسلام قبول ڪيو، جنهن کي اسلام جي پهرين مؤذن هجڻ جو اعزاز حاصل آهي. سيدنا بلال رضہ بنوجُمَح قبيلي جي هڪ مشرڪ گهراڻي جو غلام هو، جتان سيدنا ابوبڪر صديق رضہ ۹ اوقيہ سون جي (۲) قيمت ڏيئي ڪيس خريد ڪيو ۽ پوءِ آزاد ڪيو. ان ڪري ڪيس "مولیٰ ابوبڪر" به سڏيو ويندو آهي. حضرت بلال رضہ جي ماءُ به اسلام قبول ڪيو هو، جنهن جو نالو "حمامہ" آهي ۽ ان نسبت سبب ئي ڪيس "بلال بن حمامہ" جي نالي سان به سڏيو ويندو آهي.

* هن ئي سال حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو هڪ ٻيو آزاد ڪيل غلام "عَامر بن فُهَيره" (۳) به مسلمان ٿيو.

---

(۱) السيرة النبويہ ﷺ "ابن ڪثير" جلد ۱ ص ۳۷۴، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۱ ص ۱۸۳، دلائل النبوه "بيهقي" ج ۲ ص ۱۶۵، السيرة النبويہ "ابن فضل الله" ص ۹۰ - ۹۳، جوامع السيرة "ابن حزم" ص ۴۶.

(۲) يعني ۳۶۰ درهم قيمت ادا ڪئي ويئي. ڇو جو هڪ "اوقيہ" چاليهہ درهمن جو ٿيندو آهي.

(۳) هن صحابي سڳوري جو نالو "عامر" ڪنيت "ابوعمرو" ۽ ٻيءُ جو نالو "فهيره" ٻڌايو ويو آهي. باقي ان کان وڌيڪ سندس وڏڻ جو سلسلو نٿو ملي. نسبي لحاظ کان هن جو تعلق "ازد" قبيلي سان هو.

نبي ڪريم ﷺ جن جي بعثت وقت هن جي عمر اٽڪل ٽيويهہ ورهيہ هئي، ۽ ان وقت هو طفيل بن عبدالله بن سخبرة جو غلام هو. جيڪو ام المؤمنين سيده عائشہ جو مائيتو ڀاءُ ٻڌايو وڃي ٿو.

اسلام جي شروعاتي ڏينهن ۾ ئي جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ اڃان "دار ارقم" ۾ به داخل نہ ٿيا هئا تہ "عامر" دين جي دعوت کي قبول ڪيو، پر اها ڳالهہ سندس مالڪن کي نہ آئڙي ۽ ٻين غلامن وانگر هن کي به طرحين طرحين جون سختيون ۽ صعوبتون سهڻيون پيون، پر پوءِ سيدنا صديق اڪبر رضہ "عامر" کي سندس مالڪ کان خريد ڪري آزاد ڪيو، ۽ پنهنجن ٻچن وانگر سندس پالنا ۽ پرورش ڪئي ۽ ڪيس لکڻ پڑهڻ پڻ سيکاريو.

عامر جيتوڻيڪ رنگ جو ڪارو هو پر پنهنجي خوبصورت خصلتن جي ڪري حضرت صديق رضہ ۽ سندن گهر وارن کي ڏاڍو پيارو هو ۽ سمورا ڀاتي مٽس مڪمل ويساه رکندا هئا.

هو ڏينهن جو پنهنجي مهربان مالڪ جون ٻڪريون چاريندو هو ۽ رات جو انهن جو ڪير ڏهي سندن گهر پهچائيندو هو. اهوئي سبب هو جو جڏهن مسلمانن کي مديني ڏانهن هجرت جو حڪم مليو تڏهن به عامر پنهنجي مالڪن سان گڏ مڪي ۾ ئي موجود رهيو ۽ پوءِ جڏهن حضرت ابوبڪر صديق، ڪائنات جي ڪارٽي ﷺ سان گڏجي هجرت جي سفر جو سانباهو ڪيو تہ "عامر" کي به ان راز کان آگاهہ ڪيو ويو، هن اهم سفر جي پهرين مرحلي ۾ جڏهن سرور عالم ﷺ ۽ سيدنا صديق اڪبر رضہ ٽي راتيون "غار ثور" اندر ترسيل هئا تہ سج لٿي ڪانپوءِ "عامر" به غير محسوس انداز ۾ ٻڪريون چاريندو اچي ان غار وٽ پهچندو هو، ۽ پوءِ اتي ئي انهن ٻڪرين جو ڪير پنهنجي هٿن سان ڏهي غار اندر مقيم انهن مانائتن مهمانن جي خدمت ۾ پيش ڪندو هو، جنهن ڪانپوءِ وري سومهٽيءَ مهل حضرت ابوبڪر جو پٽ عبدالله به اتي پهچي قريش جي ڪيل ڪارروائين ۽ ڪوششن جو احوال اورينڊو هو، ۽ ان جي

Marfat.com

واپس ورڻ کانپوءِ عامر بہ ہکرين سميت موٽ ڪائيندو ھو، جنھنڪري رستي تي پيل پيرا ڏھي ويندا ھئا. اھا سموري ذميواري "عامر" اھڙي تہ احتياط ۽ رازداريءَ سان نياڻي جو ڪنھن بہ بني بشر کي اَنَ سموري ڪارروائي بابت ڪابہ ڪل ڪانہ پڄي سگھي.

"غار ثور" کان ٻاھر نڪرڻ کانپوءِ جڏھن سرور ڪائنات ﷺ جن جو ڇٽن ماڻھن تي مشتمل ھي مختصر قافلو مديني ڏانھن روانو ٿيو تہ عامر بہ ان ۾ شامل ھو ۽ ثور کان "قبا" تائين ھن سفر ۾ ھو سندن ساڻي ھو.

"امام احمد ابن حنبل رحہ" پنھنجي مسند ۾ سراقہ بن مالڪ جي ياءُ عبدالمالڪ بن مالڪ مدلجيءَ کان ھڪ روايت ھن ريت نقل ڪئي آھي تہ:

"پاڻ سڳورن ﷺ غار ثور کان نڪري جڏھن مديني ڏانھن رخ رکيو تہ رستي ۾ ساڻن سراقہ بن مالڪ گڏيو، جيڪو ڪين گرفتار ڪرڻ جي ناپاڪ ارادي سان گھران نڪتو ھو، ۽ جو جو ڪافرن ھن گرفتاريءَ لاءِ وڏا انعام رکيا ھئا، پر پاڻ ڪريم ﷺ جن جي جلال کي ڏسندي سندس وايون ولڙيون ٿي ويون تہ گھوڙي جون ڇنگھون بہ گوڏن تائين زمين ۾ پيھي ويون. نبي ڪريم ﷺ جن جو اھو معجزو ڏسي "سراقہ" امانَ جي اپيل ڪئي تہ رحمة للعالمين ﷺ جي دربار مان بنا دير ڪيس امانَ عطا ڪئي ويئي. ان تي "سراقہ" عرض ڪيو تہ اھڙو امانَ وارو حڪم ڪيس لکت ۾ ڏنو وڃي. ھن موقعي تي امام الانبياء ﷺ جن "عامر" کي فرمايو تہ ھو ان امانَ واري حڪم کي لکي وٺي، جنھن ڪانپوءِ عامر بن فھيرہ ڇمڙي جي ھڪ ٽڪر تي حضور پرنور ﷺ جن جي ڏسيل عبارت پنھنجي ھٿن سان لکي "سراقہ" جي حوالي ڪئي. ان کان علاوہ "عامر" کي پاڻ ڪريمن ﷺ طرفان وحي لکڻ جو حڪم بہ ملندو ھو، انڪري علامہ مزي، حافظ ابن ڪثير، زين الدين عراقي ۽ ابن سيد الناس وغيرہ طرفان عامر بن فھيرہ جو نالو وحي لکڻ وارن صحابين (ڪاتبين وحي) جي فھرست ۾ شمار ڪيو آھي.

ھجرت ڪانپوءِ مديني شريف ۾ بہ "عامر" اسلام جي سربلنديءَ لاءِ مختلف خدمتون سرانجام ڏيندو رھيو. خصوصاً جھاد جي ميدان ۾. بدر توڙي احد جي معرڪن ۾ ھن مردانگيءَ سان منھن ڏنو. جنھن ڪانپوءِ سن ڇوٽين ھجريءَ جي صفر واري مھيني ۾ بنو عامر جي سردار عامر بن مالڪ جي چوڻ تي پاڻ سڳورن ﷺ مجاھدن جي جيڪا جماعت دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ "بئر معونہ" ڏانھن موڪلي، جنھن ۾ اڪثريت قرآن جي حافظن ۽ قارين جي ھئي ان ۾ عامر بن فھيرہ بہ شامل ھو. اھا جماعت جڏھن پنھنجي منزل مقصود تي پھتي تہ اتان جي رھاڪن اوچتو مٿن حملو ڪيو، جنھن ۾ حضرت ڪعب بن زيد ڪانسواءِ سموريا اصحابي سڳورا شھيد ٿي ويا، جن ۾ عامر بہ شامل ھو، ان وقت سندس عمر چاليھارو ڪن ورھيہ ھئي. "ابن حبيب" جي روايت مطابق ھي واقعو صفر جي ويھين تاريخ پيش آيو.

ھن واقعي کان ڪجھہ ڏينھن اڳ "رجيع" ۾ بہ اھڙي ئي نموني ڪجھہ بھترين قاري شھيد ٿي چڪا ھئا، انڪري پاڻ سڳورا ﷺ اتي ٻنھي واقعن ۾ ملوث منافقن لاءِ نماز فجر ۾ "قنوتِ نازلہ" پڙھندا ھئا، تانجو چاليھن ڏينھن ڪانپوءِ الله تعالىٰ طرفان ھن آيت ذريعي ڪين ان عمل کان روڪيو ويو. (لَيْسَ لَكَ مِنَ الْأَمْرِ شَيْءٌ ..... فَإِنَّهُمْ ظَالِمُونَ". (آل عمران ١٢٨)

عامر بن فھيرہ جي قاتل جو نالو عامر بن طفيل ٻڌايو ويو آھي.

("الاصابہ ابن حجر" ج ٩ ص ٧٥٦، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٣٤ ـ ١٣٣. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٢ ص ٤٥ ـ ٣٤٤. المحبر ابن حبيب ص ١٤٤. زاد المعاد ابن قيم ج ص ١١٨. تھذيب التھذيب "ابن حجر" ج ٥ ص ٧٢. "التحفة اللطيفہ" سخاوي ج ٢ ص ٩. سبل الھدىٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٣٨٥. صفة الصفوة ابن جوزي ج ١ ص ٣٣، ٤٣٢.)

Marfat.com

* هـــن سال حضرت اَبُوْذَرّ غِفَارِي رضہ (۱) بہ اسلام قبول کيو. جنهن جو نالو "جُنْدَب بن جُنَادَہ" آهي، ۽ ايمان آڻڻ وارن جي فهرست ۾ هن جو نمبر پنجون يا چوٿون بيهندو. کائنس کجهہ ڏينهن اڳ سندس وڏي ڀاءُ اُنيس بن جناده بہ اسلام قبول کيو هو. هن جو ڳوٺ مکي ۽ مديني جي

---

(۱) حضرت ابوذر غفاريءَ رضہ جو نالو قديم الاسلام ۽ جليل القدر صحابين جي صف ۾ شامل آهي. جيتوڻيڪ هن جي پنهنجي ۽ ٻيءُ جي اصلي نالي ۾ اختلاف آهي، ڇو تہ دنياءِ اسلام اندر هو پنهنجي کنيت سان ئي ڄاتو وڃي ٿو. ڀر پوءِ بہ اڪثريت جي راءِ مطابق سندس نالو "جندب بن جناده" ٻڌايو ويو آهي. جڏهن تہ کجهہ روايتن ۾ بربر، بريرة ۽ دَر وغيره نالا بہ ٻڌايا وڃن ٿا. اهڙيءَ ريت سندس والد جا بہ مختلف نالا ٻڌايا وڃن ٿا، جيئن تہ عبدالله، عشرقة ۽ سکن وغيره. البت سندس والده جو نالو رملہ بنت وَقيعة آهي، جنهن ۾ کو اختلاف نہ آهي. ۽ ان جو تعلق بہ بنوغفار قبيلي سان ئي هو. هونئن تہ حضرت ابوذر جي قبيلي جو نالو بنو حُزَيْمَہ بن مدركة آهي، ڀر جيئن تہ سندس ڏاڏڻ ۾ غِفَار بن ملَيْل نالي هـــڪ مشـــهور شخص ٿي گذريو هو، جنهن نسبت سبب هن قبيلي کي پوءِ "بنوغفار" سڏيو ويو. سندن ڳوٺ مـــديني کان (۸۰) اسي ميل پري "بدر" جي پسگردائيءَ ۾ هو، جتان مکي کان شام ڏانهن رستو ويندو هو.

مالي لحاظ کان "بنو غفار" وارا ڏاڍا ڏتڑيل هئا. جنهنکري پيٽ پالڻ بہ هن لاءِ وڏو مشڪل مسئلو هو، ڀر کجهہ وقت کانپوءِ هن قبيلي جي ماڻهن قافلا ڦرڻ شروع کيا، جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ کريمن ﷺ جي بعثت واري دور ۾ هن قبيلي اندر وڏا رهزن ۽ ڦورو موجود هئا. پر ابوذر جي طبيعت پنهنجي مٽن مائٽن کان گهڻي مختلف هئي، جنهنکري کيس اهڙي هادي ۽ رهبر جي تلاش هئي، جيکو هن کي حق جي واٽ ڏيکاري. آخر هڪ ڏينهن سندس ڀاءُ "اُنيس" کيس ان هستيءَ بابت ڏس ڏنو ۽ اها خبر ٻڌنديئي ابوذر مکي ڏانهن منهن کيو. سرور کائنات ﷺ جن سان پهرين ملاقات ئي سندس اندر کي اجاريو ۽ قلب کي قرار ڏيئي ڇڏيو. ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن جي سامهون هن اهڙو ايمان آندو جو جسم کان روح تائين "صبغة الله" واري احسن رنگ ۾ رنگجي ويو ۽ صحابين جي سڳوري سٽ ۾ اهڙو مقام ماڻيائين، جيکو پنهنجو مَٽ پاڻ هو. اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ هو کجهہ وقت تہ مکي ۾ رهيو، ۽ پوءِ پنهنجي ڳوٺ ويو ۽ اتان جي ماڻهن کي ان دين جي دعوت ڏيندو رهندو هو جيکو هن پاڻ قبول کيو هو. تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن، غزوه خندق کانپوءِ مديني ڏانهن هجرت ڪئي ۽ اتي گهٽو وقت اصحاب صفہ وارن سان گڏ گذاريائين. سندس توکل، تقويٰ، فقر ۽ فياضيءَ کي ڏسي سرور کائنات ﷺ جن هڪ موقعي تي فرمايو تہ ابوذر زهد ۾ منهنجي امت اندر عيسيٰ ابن مريم جي مثل آهي.

حضرت ابوذر کي سيد الانبياء ﷺ جن جي ذات سان جيترو لڳاءُ هو، پاڻ سڳورا ﷺ بہ کيس اوتروئي ٻائيندا هئا. ايتري قدر جو آخري وقت ۾ بہ حضرت ابوذر کي پاڻ وٽ گهرائي سندس هٿ کان جهلي اهو هٿ پنهنجي سيني مبارڪ تي رکيائون.

رحمـــت عـــالم ﷺ جن جي وصـــال ابوذر کي ويڳاٽو ڪري ڇڏيو. هاڻي هو ملول منهن ۽ اداس اکين سان اهي ماڳ مکان پڻـــي جاچيندو هـــو، جتـــي سچي سردار ﷺ جن سان سندس صحبتون ٿيندڙيون هيون. کيترن ئي محفلن ۽ مجلســـن کي هن ڏٺو پر هـــو ڪٽي بہ پنهنجي روح کي ريجهائي نہ سگهيو. ڪافي عرصو ان ڪيفيت ۾ گذارڻ کانپـــوءِ نيٺ درد مند دل ســـان هـــو مدينـــي کان موڪلائي "شام" ڏانهن هليو ويو. اهو دور حضرت عثمان رضہ

Marfat.com

وچ تي هو. ۽ مسلمان ٽيڻ ڪانپوءِ هو ٻئي ٻاڦر پنهنجي ڳوٺ واپس وريا ۽ وري غزوه خندق ڪانپوءِ هو هجرت ڪري ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي خدمت ۾ مديني پهتا ۽ پوءِ سندن وصال تائين اتي ئي رهيا. (۱)

* هن سال ابو فُكَيهه رضه به اسلام قبول ڪيو. جيڪو اُمَيَّہ بن خَلف جو غلام هو. ابو فُكَيهه ۽ بِلال هڪ ئي ڏينهن ايمان آندو.

* هن ئي سال حضرت عَمَّار بن يَاسِر رضه ۽ سندس ڪجهه گهر ياتين به اسلام قبول ڪيو. جن ۾ عمّار ڪانسواءِ هن جو پيءُ يَاسِر بن عَامِر رضه، ماءُ سُمَيَّہ بنت خُبَّاط رضه ۽ سندس ياءُ عبدالله بن ياسر رضه شامل آهن. هي سمورا فرد حُذَيْفَہ بن مُغِيْرَه جا ساٿاري (حليف) هئا.

جي خلافت جو هو.

حضرت عمر رضه ۽ حضرت عثمان رضه جي دور ۾ مسلمانن جيڪي فتوحات حاصل ڪيون، خاص طور ايران جي فتح مسلمانن کي خوشحال بٽائي ڇڏيو. پر اها خوشحالي ابوذر کي نه پئي آئڙي. هن سرور ڪائنات ﷺ جن جي زماني ۾ جيڪا مسلمانن جي سادي زندگي ڏٺي، سندس آڏو اهائي هڪ مؤمن لاءِ مثالي زندگي هئي. پر هتي ته ڏينهون ڏينهن ماحول پئي مٽبو ويو. نياز ۽ نوڙت، محنت ۽ مشقت بدران شان ۽ شوڪت، آرام ۽ آسائش مسلمانن جي مزاج ۽ ماحول ۾ داخل ٿي چڪا هئا ۽ اهو رنگ شام ۾ ته مديني کان به مٿي هو. انڪري ابوذر کي هتي مايوسيءَ ڪانسواءِ ڪجهه نه ملیو، پر پوءِ به هو مسلمانن تائين پنهنجو سادگي ۽ سخاوت وارو پيغام پهچائيندو رهيو. سندس ڪريون ۽ ڪهريون ڳالهيون حڪومت جي ڪارندن کي پسند نه پيون، انڪري شام ڇڏي وري هن مديني موٽ ڪاڏي ۽ هتي به هو پنهنجي نظرين جي تبليغ ۽ ترويج لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. الله تعالىٰ کيس جيڪو دين جو علم ۽ فهم عطا ڪيو هو، هن اها روشني ۾ين تائين هر قيمت تي پهچائڻ پئي چاهي. زهد ۽ تقويٰ سان گڏ هن معاشيات جي باري ۾ جيڪي نظريا پيش ڪيا، انهن ۾ دولت جي ورڇ ۽ ان جو استعمال اسلامي اصولن متعلق ٻڌايو اٿس. اڄ ڪلهه جا ڪجهه اسلامي مفڪر انهن نظرين بابت سوچي رهيا آهن پر ان دور ۾ سندس ڳالهين تي توجه نه ڏنو ويو ۽ الٽو ماٺهن مٿس ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو، جنهن ڪري هو مدينو ڇڏي هارن ڇڻ سوڏو وڃي "ربذه" نالي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ رهيو، جيڪو مديني کان اٽڪل ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي ۽ اڄ سوڏو موجود آهي.

پوءِ سن ۳۲ هجريءَ ڌاري اتي وفات ڪيائين ۽ اتي ئي کيس دفنايو ويو. سندس جنازي نماز به هڪ ٻئي جليل القدر صحابي حضرت عبدالله ابن مسعود رضه پڙهائي.

حضرت ابوذر پاڻ ڪريم ﷺ جن کان ۲۸۱ حديثون روايت ڪيون آهن.

الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٦ ص ۱۸ ـ ۲۱٦، "اسد الغابه" ابن الاثير" ج ٦ ص ۱۰۹ ـ ۱۰٦. مرآة الجنان يافعي ج ۱ ص ۹۵. صفة الصفوة ابن جوزي ج ۱ ص ٦۰۰ ـ ۵۸۴، الاصابه "ابن حجر" ج ٦ ص ٦۴ ـ ٦۲.

(۱) اسد الغابه ابن الاثير ج ۱ ص ۳۰۱ ،"الاصابه" ابن حجر ج۱ ص ۷٦.

Marfat.com

عَمَّار بن يَاسِر رضہ (۱) ۽ صُهَيْب رومي رضہ (۲) ساڻي ڏينهن اسلام قبول ڪيو، جڏهن ته سندس ڪٽنب جا ٻيا ڀاتي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مسلمان ٿيا.

صُهيَب رومي رضہ لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن ٽيهارو ڪن ماڻهن ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن آڏو حضرت اَرْقَم بن اَبِيْ اَرْقَم جي گهر ۾ اسلام قبول ڪيو، پر اها روايت ضعيف آهي.

---

(۱) اسلام جي اوائلي دور ۾ ايمان وارن کي عجيب آزمائشن سان منهن ڏيڻو پيو. اڪثر گهراڻن جي اها حالت هئي ته گهر جو هڪ فرد اسلام جو علمبردار هو ته ٻيو وري پنهنجي ڪفر تي قائم. اهڙي ريت ٻاءُ ٻاءُ جو مخالف ۽ ٻيءُ پٽ جو دشمن پئي نظر آيو، پر ان دور ۾ کي قليل ڪٽنب اهڙا بہ نظر اچن ٿا، جن جي سمورن ڀاتين هڪ ئي مهل دين جي دعوت قبول ڪئي. سيدنا عمار ابن ياسر جو با برڪت ڪٽنب بہ انهن منجهان هڪ آهي، جيڪو ڇئن ڀاتين تي مشتمل هو. ۱ ـ سيدنا عمار ۲ ـ سندس ٻيءُ ياسر ۳ ـ ٻاءُ عبدالله ۽ امڙ بيبي سُميّہ.

حضرت عمار جا وڏا اصل يمن جا رهاڪو هئا، جتي سندن خاندان پنهنجي مٽن مائٽن سان گڏ رهندو هو ۽ اتان اتفاق سان هڪ ٻيري عمار جو هڪ ڇاڇو گم ٿي ويو، جنهن کي سندس ٻائر ڳولهيندي ڳولهيندي مڪي تائين آيا پر ڪين سندن وڃايل ٻاءُ جو ڪوبہ پتو نہ پيو، آخرڪار ٻيا ٻائر ته پنهنجي وطن واپس وريا پر عمار جو ٻيءُ ياسر بن عامر بن مالڪ بن ڪنانہ بن قيس عنسي اتي ئي ترسي پيو ۽ اتي بنو مخزوم وارن جي هڪ معزز فرد ابوحذيفہ بن مغيره بن عبدالله سان ٻائيچارو قائم ڪيائين. جنهن ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ پنهنجي هڪ ٻانهي سُميہ بنت خباط سان سندس شادي بہ ڪرائي ڇڏي. شاديءَ ڪانپوءِ هن گهر مان ياسر کي ٻہ پٽڙا ڄاوا، جن جا نالا عمار ۽ عبدالله رکيا ويا. ابوحذيفہ جيستائين جيئرو رهيو تيستائين هن گهراڻي سان پنهنجي ٻائپي وارو ڪيل قول نباهيندو آيو. ابوحذيفہ جي وفات ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي بعثت ٿي ۽ پوءِ جڏهن سچي دين جي اها دعوت عمار جي ڪٽنب تائين پهتي ته هو سمورا دين جي دائري ۾ داخل ٿي ويا. جيئن ته مڪي ۾ هن جو ڪوبہ مٽ مائٽ موجود نہ هو ۽ سندن ساٿاري ابوحذيفہ بہ دنيا مان رخصت ٿي چڪو هو، انڪري قريش جي ڪافرن مٽن بي پناه ظلمن ۽ زيادتين جو سلسلو شروع ڪري ڏنو، جن ۾ ٻين سان گڏ سندن ساٿاري بنومخزوم وارا بہ پيش پيش هئا، جن جي اڳواڻي ابوجهل ڪري رهيو هو.

حضرت ياسر ۽ سندس مؤمن گهرواري حضرت سميہ جيتوڻيڪ ان وقت تائين پيرسيءَ کي پهچي چڪا هئا پر پوءِ بہ ڪين لوهہ جي زرهہ پهرائي اس ۾ بيهاريو ويندو هو يا وري گرم واريءَ مٽان ليٽايو ويندو هو پر هو پنهنجي اسلام تي اٽل ۽ اڏول رهيا ۽ ڏينهون ڏينهن سندن ايمان ۾ اضافو ٿيندو رهيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن کي سندن هيءَ حالت ڏسي ڏاڍو ترس ايندو هو ۽ هر وقت کين صبر جي تلقين ۽ جنت جي بشارت ڏيندا هئا. آخر اهي سختيون سهندي سهندي حضرت ياسر ته گذاري ويو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ وري هڪ ڏينهن شام جي مهل جيئن حضرت سميہ پنهنجي گهر ڏانهن اچي رهي هئي ته ابوجهل نيزو هٿي ڪيس شهيد ڪري ڇڏيو ۽ هڪ ٻي روايت مطابق هڪ تير سان سندس پٽ عبدالله کي بہ شهيد ڪري ڇڏيائين.

مجاهد جي قول مطابق اسلام خاطر پهرين شهادت حضرت سُميہ جي حصي ۾ آئي، جيڪو هن ڪٽنب لاءِ وڏو اعزاز آهي.

عمار دنيا ۾ هاڻي اڪيلو رهجي ويو ۽ نهايت صبر سان ڪافرن جون سختيون ۽ صعوبتون سهندو رهيو، تانجو مسلمانن کي مديني ڏانهن هجرت جو حڪم مليو. جنهن ڪانپوءِ مسلمانن مديني ڏانهن رخ رکيو. هجرت جي هن سفر

Marfat.com

لاءِ مسلمانن جو جيڪو پهريون قافلو مڪي کان مديني روانو ٿيو ان ۾ عمار پڻ شامل هو. هن قافلي جي پهرين منزل "قبا" هئي، تانجو پاڻ ڪريم ﷺ جن به اتي اچي آسهيا. قبا جي قيام دوران جڏهن هتي اسلام جي پهرين مسجد جي اڏاوت جو آغاز ٿيو ته عمار به هن ڪم ۾ نمايان حصو ورتو، جنهن ڪانپوءِ جڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن جو قافلو قبا کان مديني روانو ٿيو ته عمار به ساٿن گڏ هو. مديني پهچڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن عمار بن ياسر جو ديني ڀاءُ حضرت حذيفہ بن يمان کي بڻايو. مديني ۾ به جڏهن مسجد نبوي ﷺ جي تعمير جو ڪم شروع ڪيو ويو ته ان وقت به عمار هن ڪم ۾ وڏي جوش جذبي سان جنبي ويو ۽ بخاريءَ جي روايت مطابق ٻين صحابي سڳورن کان ٻيڻ تي ڪم ڪيائين، اهڙي ريت اسلام لاءِ ڪنهن به قرباني ۾ کان هن کڏهن نہ ڪيهايو.

سن هجريءَ ڏاري جڏهن جهاد جو آغاز ٿيو تڏهن عمار سر تريءَ تي رکي هن ميدان ۾ به لهي آيو. بدر کان تبوڪ تائين سمورن غزوات توڙي ڪجهہ سرايا ۾ هن نهايت بهادري ۽ بي خوفيءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

نبي انور ﷺ جن جي وصال ڪانپوءِ خلفاءِ راشدين جي دور ۾ سندس سپرد جيڪا خدمت ڪئي ويئي ان کي هن پوري ذميواريءَ سان نيايو.

سن ۲۰ هجريءَ ڏاري سيدنا عمر فاروق رضہ طرفان ڪيس ڪوفي جو گورنر بڻايو ويو ته هن نهايت غير جانبداريءَ سان پنهنجون ذميواريون پوريون ڪيون.

سيدنا علي ڪرم الله وجهه به جڏهن عمار کي حضرت حسن سان گڏ ڪوفي وارن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ اوڏانهن اماڻيو ته هن موقعي تي به هن سفارتي سرگرميون ڪاميابيءَ سان نيايون.

جنگ جمل ۽ صفين ۾ عمار حضرت عليءَ جو حامي رهيو. صفين جي موقعي تي سندس ڄمار نوي ورهين کان به مٿيرو هئي، پوءِ به هو نهايت جوش ۽ جذبي سان مخالفن جو مقابلو ڪندو رهيو. آخر هڪ موقعي تي هن شامي سپاهين مٿس حملو ڪري کيس شهيد ڪري ڇڏيو. اهو واقعو ربيع الآخر سن ۳۷ هجريءَ ڏاري پيش آيو. امير المؤمنين حضرت علي سندس جنازي نماز پڙهائي، جنهن ڪانپوءِ سندس لاش کي فرات جي ايرندي ڪناري "الرقہ" ۾ دفنايو ويو، جتي اڄ به سندس مزار مبارڪ موجود آهي.

الاصابہ ابن حجر ج ۲ ص ۱۳ ـ ۵۱۲، اسد الغابہ ابن الاثير ج ص، الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۳ ص ۲۳۱ ـ ۲۲۷، معجم البلدان ياقوت حموي ج ۳ ص ۵۹ ـ ۵۸، العقد الثمين امام فاسي ج ٦ ص ۳۲۳ ـ ۳۲۲، شذرات الذهب ابن العماد ج ۱ ص ۷۷.

(۲) سڄو نالو صهيب بن سنان بن نمر بن قاسط، ڪنيت ابو يحيٰ، جڏهن ته سندس امڙ جو نالو سلميٰ بنت قعيد ٻڌايو ويو آهي. مالي لحاظ کان سندس خاندان نهايت سکيو ستابو ۽ مان مرتبي وارو هو، ڇو ته هن جي پيءُ يا ٻي روايت مطابق چاچي کي ايراني حڪومت طرفان دجلہ جي ڪناري ابلة جي گورنري مليل هئي، جتي هو آرام ۽ اطمينان سان گذاريندا هئا. هڪ دفعي رومين سندن علائقي تي چڑهائي ڪئي ۽ مقامي ماڻهن کي شڪست ڏيئي سندن مال اسباب ۽ ڪجهہ ماڻهو به پاڻ سان ڪٽي ويا، جن ۾ ننڍڙو صهيب به شامل هو ۽ پوءِ هو ڪچ عرصي تائين رومين جي غلاميءَ ۾ رهيا، جنهنڪري کين رومي سڏيو ويندو آهي.

ابن سعد جي روايت مطابق هو جڏهن جوان ٿيو ته رومين وٽان ٻيڙي اچي مڪي پهتو ۽ اتي عبدالله بن جدعان جو ساٿاري ٿيو. هو نهايت نيڪ، شريف، محنتي ۽ ايماندار انسان هو، انڪري ٿوري ئي وقت ۾ هن پنهنجي محنت ۽

Marfat.com

جفاڪشيءَ سان ڪافي پئسو ڪمايو ۽ مالدار ماڻهن ۾ سندس شمار ٿيڻ لڳو. انهن ئي ڏينهن ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جي بعثت ٻه ٽي ۽ صهيب جي ڪنن تي ٻه جڏهن ان سچي پيغام جو پڙلاءُ پيو ته هو هڪدم ۾ دار ارقم ۾ داخل ٿي ايمان وارن جي صف ۾ اچي شامل ٿيو. واقديءَ جي قول مطابق صهيب ۽ عمار بن ياسر ساڳئي ڏينهن تي ايمان آندو هو. ڪافرن کي جڏهن صهيب جي مسلمان ٿيڻ جي خبر پئي ته هو ڪيس ستائڻ لاءِ سندرو هٿي ميدان ۾ لهي آيا. صهيب جيئن ته هڪ پرديسي ۽ لاوارث شخص هو، تنهنڪري هنن بنا ڪنهن ڊپ ۽ ڊاءَ جي ساٿس ڏاڍايون ۽ جٽيون ڪيون پر هن جي ايمان ۾ ڪو لوڏو نه آيو. ڪافرن جي ظلم کان نجات جي لاءِ ڪيس پاڻ ڪريم ﷺ جن هجرت جي بشارت ڏني هئي پر هو ان انتظار ۾ هو ته سرور ڪونين ﷺ جن سان گڏجي هجرت جي سفر ۾ شريڪ ٿئي، پوءِ جڏهن اوچتو ڪيس پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن جي هجرت جي خبر پئي ته سمورو مال ملڪيت مڪي ۾ ڇڏي مديني واري واٽ ورتائين ۽ "قبا" ۾ اچي ساٿن گڏيو. جتي ڪجهه وقت ته سعد بن خيثمه اوسيءَ وٽ گذاريائين، جنهن ڪانپوءِ مديني آيو.

مديني پهچڻ ڪانپوءِ جڏهن جهاد جو وقت آيو ته اتي به صهيب دل ڪولي دين جي دشمنن سان مقابلي لاءِ ميدان ۾ لٿو. تلوار بازي توڙي تيراندازي ۾ ڪيس بي مثال مهارت حاصل هئي، جنهن ڪري بدر کان ولي ويندي تبوڪ تائين هن هر موقعي تي بهادريءَ جا ڪيئي ڪارناما ڏيکاريا.

پاڻ ڪريم ﷺ جن صهيب سان بي پناهه محبت ڪندا هئا، جنهن ڪري حضرت عمر فاروق رضه به سندس بيحد عزت احترام ڪندو هو. اهوئي سبب آهي ته حضرت عمر رضه پنهنجي شهادت وقت وصيت ڪئي هئي ته نئين خليفي جي چونڊ تائين مسلمانن جي امامت صهيب رومي ڪري ۽ منهنجي جنازي نماز پڻ اهوئي پڙهائي. جنهن ڪانپوءِ انهن ٻنهي وصيتن تي عمل ڪيو ويو.

حضرت صهيب روميءَ شوال سن ۳۸ هجريءَ ڏاري مديني ۾ وفات ڪئي. سندس جنازي نماز حضرت سعد بن ابي وقاص رضه پڙهائي. جنهن ڪانپوءِ ڪيس جنت البقيع جي قبرستان ۾ دفنايو ويو. وفات وقت سندس عمر ۷۳ ورهيه ۽ ڪن روايتن ۾ ۹۰ ورهيه به ٻڌائي ويئي آهي.

اسد الغابه ابن الاثير ج ۳ ص ۴۱ ـ ۳۹. الاصابه ابن حجر ج ۲ ص ۱۹۶ ـ ۱۹۵. التحفة اللطيفه سخاوي ج ۱ ص ۴۵۹ ـ ۴۵۸. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۲ ص ۲۸۷ ـ ۲۸۲. شذرات الذهب، ابن العماد ج ۱ ص ۸۰. سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ۳ ص ٦٦ ـ ۳٦۰.

Marfat.com

* هن سال خَبَّاب رضہ (۱) بن أَرَتّ تَمِيْمِي يا خُزَاعي بہ اسلام قبول كيو. هي بنو زهره وارن جو ساٿاري هو، ۽ اسلام قبول كرڻ وارن ۾ سندس نمبر ڇهون ٻڌايو ويو آهي.

---

(۱) خباب بن أَرَت بن جندلہ بن سعد بن خزيمہ، تميمي كي، خزاعي يا زهري سڏيو ويندو هو، نسلي لحاظ كان تہ هُو تميمي هو پر خزاعي قبيلي وارن جي غلاميءَ سببان كيس "خزاعي" بہ سڏيو ويندو هو، جڏهن تہ سندس پيءُ بنو زهره وارن جو ساٿاري هو. ان كري كيس زُهري سڏيندا هئا. هو ايجان ننڍو هو تہ كن ماٺهن كيس ڪوٽان چورائي اڇي مكي ۾ وكٽي ڇڏيو، جتان اُمِ انمارخزاعيہ كيس خريد كيو ۽ پوء هو ان جو غلام ٿي رهيو. سندس كنيت عام طور ابو عبدالله ٻڌائي ويئي آهي، پر كجهہ روايتن ۾ ابويحيٰ يا ابو محمد جي كنيت سان بہ كيس ياد كيو ويو آهي. ننڍپڻ كان ئي هو نيك، ايماندار ۽ محنتي هو. جواني ۾ لوهارڪو ڪم سكيو، جنهن ۾ چڱو نالو ڪڍيائين. جنگ جي سامان جهڙوك تلوارون، نيزا، بڑڇيون ۽ ڍالا وغيره ٺاهڻ ۾ كيس خاص مهارت حاصل هئي.

هو پنهنجي قوهہ جواني وارو دور ۾ ئي هو تہ دين جي دعوت وٽس پهتي جنهن سندس اندر ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو ۽ هن اوڏيءَ مهل ئي پنهنجي اسلام جو اعلان كيو. سيده خديجة الكبريٰ رضہ، سيدنا علي، ابوبكر، زيد بن حارث ۽ ابوذر غفاري رضوان الله تعالىٰ عليهم اجمعين كانپوء كيس ڇهون مسلمان سڏيو ويندو آهي. ان دور ۾ كنهن بہ ماٺهوءَ جي مسلمان ٿيڻ كي مشرك پنهنجي خلاف اعلان جنگ سمجهندا هئا، خاص طور جڏهن ايمان آڻڻ وارو ڪو غلام يا غريب شخص هجي، پوء ان لاءِ تہ مشكلاتن ۽ مصيبتن جو محاذ كوليو ويندو هو. سيدنا خباب بہ هك اهڙو ئي انسان هو. ظالمن طرفان مٿس ظلمن جي انتها كئي ويئي پر هن جي عزيمت ۽ استقامت كي ڪو لوڏو نہ آيو ۽ هر ظلم ۽ زيادتيءَ سببان سندس ايمان ۾ اضافو ايندو ويو. هن پنهنجي دردن جو دارون خدا جي پاك كلام ۾ ڳولي لڌو هو، انكري پياري پيغمبر ﷺ جن مٿان جيكي آيتون نازل ٿيندیون هيون تہ هو انهن كي نهايت شوق ۽ اشتياق سان نہ صرف ياد كندو هو پر ٻين نون مسلمانن كي بہ قرآن سيكارينڊو هو.

حضرت عمر رضہ جي ڀيڻ فاطمہ ۽ ڀيٽيوو سعيد بن زيد بہ حضرت خباب كان ئي قرآن سكندا هئا. اسلام قبول كرڻ كان اڳ جڏهن عمر رضہ پنهنجي ڀيڻ جي دروازي تي پهتو تہ ان موقعي تي خباب ئي كين قرآن پڑهائي رهيو هو ۽ حضرت عمر جي اندر داخل ٿيڻ كان اڳ هن خباب كي ڪمري ۾ لكائي ڇڏيو هو.

هجرت جي حكم ملڻ كانپوءِ حضرت خباب مكي كان مديني منتقل ٿي ويو ۽ اتي بہ اسلام جي خدمت ۾ اڳ كان اڳرو رهيو. سرور عالم ﷺ جن سان گڏ سمورن غزوات ۾ بهرو ورتائين ۽ خلفاء راشدين جي دور ۾ بہ دين جي دشمنن سان مقابلا كندو رهيو.

آخري ڏينهن ۾ سياسي حالتن كان بد دل ٿي هو مديني كان ڪوفي منتقل ٿي ويو ۽ آخري ڏينهن گوشئہ گمنامیءَ ۾ اتي ئي گذاريائين، ڇو جو كيس جگر جي تكليف هئي ۽ كافي عرصي تائين هو بيمار رهيو. پوءِ سن ۳۷ هجريءَ ڌاري ڪوفي ۾ وفات كيائين. هك روايت مطابق سندس جنازي نماز امير المومنين حضرت علي كرم الله وجه پڑهائي ۽ پوءِ سندس وصيت مطابق كيس شهر جي ٻاهران دفنايو ويو. حضرت خباب كان پاڻ كريم ﷺ جن جون ۳۳ حديثون روايت كيون ويون آهن.

اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۱۴۴ ـ ۱۴۱، الاصابہ ابن حجر ج ۱ ص ۴۱۶، الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۲ ص ۲۲ ـ ۲۱، الدر الثمين فاسي ج ٦ ص ۳۵ ـ ۳۳، شذرات الذهب "ابن العماد" ج ۱ ص ۷۹.

Marfat.com

* هن سال قريش قبيلي جي شاخ بنو عبدالدار جو مشهور فرد مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ بن هاشم قُرَشِي عَبْدَرِي به اسلام قبول كيو. ان سان گڏ بَنُوْ مَخْزُوم وارن مان عَيَّاش بن رَبِيْعَہ، اَرْقَم رضہ بن اَبِي اَرْقَم [1]

(١) ابتدائي دور ۾ ايمان آڻڻ وارن صحابين جي ست ۾ هڪ نمايان نالو جنهن جي گهر کي اسلام جي پهرين تبليغي ۽ تعليمي مرڪز هجڻ جو شرف حاصل ٿيو (۽ جتي اسلام قبول ڪرڻ وارن جو تعداد چاليهن تائين پهتو ۽ چاليهون نمبر حضرت عمر رضہ سائين جن جو هو). اهو آهي ارقم. ڪنيت ابوعبدالله ۽ پيءُ جو نالو عبد مناف بن اسد بن عباد، پر تاريخ ۾ هن پنهنجي ڪنيت "ابوارقم" سان ئي شهرت حاصل ڪئي. نسبي لحاظ کان سندس تعلق قريش جي مشهور شاخ "بنو مخزوم" وارن سان هو. حضرت ارقم جي امڙ جي نالي بابت راوين ۾ اختلاف آهي. عام روايتن ۾ ته ان جو نالو اُميمہ بنت عبدالحارث ٻڌايو ويو آهي، جڏهن ته ڪن روايتن مطابق سندس نالو تماضر بنت جذيم يا صفيہ بنت حارث بن خالد خزاعي به نقل ڪيو ويو آهي.

حضرت ارقم اوائلي دور ۾ ئي اسلام قبول ڪيو ۽ ان وقت سندس ڄمار پندرهن سورهن ورهيہ هئي. ابن الاثير جي روايت مطابق هو ٻارهون نمبر مسلمان هو، جڏهن ته ڪن روايتن ۾ وري اسلام قبول ڪرڻ وارن جي ڳاڻيٽي ۾ سندس نمبر ستون ۽ يارهون به ٻڌايو ويو آهي. مسلمانن کي جڏهن مديني ڏانهن هجرت جو حڪم مليو ته ان وقت حضرت ارقم به بنا دير مديني پهچي ويو. اهڙيءَ ريت سندس شمار جيئن اوائلي مسلمانن ۾ ٿئي ٿو، ساڳيءَ ريت ابتدائي هجرت ڪرڻ وارن ۾ به سندس نالو نمايان نظر اچي ٿو.

هجرت ڪانپوءِ حضرت ارقم نبي انور ﷺ جن سان گڏ سيني غزوات ۾ به بهرو ورتو. غزوہ بدر جي غنيمت مان پاڻ سڳورن ﷺ کيس هڪ تلوار به عطا ڪئي هئي. ان ڪانسواءِ صدقات اوڳاڻڻ جو ڪم به پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان حضرت ارقم کي سونپيو ويو هو. سندس نالو ڪاتبين وحيءَ ۾ پڻ شامل آهي، جيئن ابن ڪثير، عراقي، ۽ ابن سيد الناس وغيرہ طرفان نقل ڪيو ويو آهي. هڪ دفعي حضرت ارقم مديني ڪان بيت المقدس وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ پوءِ جڏهن سفر جي تياري مڪمل ڪيائين ته سرور ڪائنات ﷺ جن ڪان موڪلائڻ لاءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو، هن موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪانئس پڇا ڪئي ته "اي ارقم ڪنهن ڪم سانگي سفر جو سانباهو ڪيو اٿوَ يا ڪنهن ڪاروبار جي سلسلي ۾؟" جواب ۾ ارقم وراڻيو: " نہ منهنجا سائين ﷺ اوهان تان منهنجو پيءُ ماءُ قربان ٿئي، منهنجو ارادو بيت المقدس ۾ نماز ادا ڪرڻ جو آهي." اهو ٻڌي خدا جي سچي رسول ﷺ جن فرمايو: "منهنجي هن مسجد (مسجد نبوي ﷺ) ۾ نماز پڙهڻ ٻين سمورين مسجدن کان هزار دفعا بهتر آهي، سواءِ مسجد حرام جي." اهو ٻڌندي ئي ارقم اتي ئي پنهنجو ارادو ملتوي ڪري ڏيو ۽ پوءِ سڄي عمر مديني ۾ ئي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. سندس وفات جي سن ۾ البتہ اختلاف آهي. ڪن روايتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هو سن ۵۳ هجري ۾ گذاري ويو پر ڪجهہ راوين جو وري خيال آهي ته هن جي وفات ۵۵ هجريءَ ڌاري ٿي. وفات وقت سندس عمر اسي ورهين کان ٻ مٿي هئي. جڏهن جنازي پڙهڻ لاءِ مديني جو گورنر مروان بن حڪم تيار ٿيو ته ڪيئن ٻڌايو ويو ته حضرت ارقم جي وصيت آهي ته سندس جنازي نماز حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ پڙهائي. جنهن ڪانپوءِ ان وصيت تي عمل ڪيو ويو ۽ نماز ادا ڪري ميت کي جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

ابونعيم جو قول آهي ته حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت ارقم هڪ ئي ڏينهن تي گذاري ويا. پر پهرين روايت تي اڪثريت جو اتفاق آهي.

Marfat.com

به اسلام قبول کيو. ان کانسواءِ عُثَمان رضہ بن مَظْعُوْن [1] به پنهنجي هن پائرن قُدَامَہ رضہ ۽ عَبْدُالله

الطبقات الکبريٰ "ابن سعد" ج ۳ ص ۱۸۴ ـ ۱۸۳، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۹۶ ـ ۹۴، التحفة اللطيفہ "سخاوي" ج ۱ ص ۱۶۵، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۳۷۷، الاصابہ "ابن حجر" ج ۱ ص ۲۹ ـ ۲۸ شذرات الذهب "ابن العماد" ج ۱ ص ۱۰۷، العقد الثمين "فاسي" ج ۳ ص ۱۷۷ ـ ۱۷۶.

(۱) حضرت عثمان بن مظعون بن حبيب بن وهب جو تعلق "بنو جمح" وارن سان هو. سندس امڙ جو نالو سخيلہ بنت عنبس بن اُهبان ٻڌايو ويو آهي، جنهن جو تعلق جمح قبيلي سان ٿي هو.

عـــثمان بن مظعون اسلام کان اڳ بہ هر قسم جي بي حيائيءَ ۽ بداخلاقيءَ کان نفرت کندو هو، خاص طور شـــراب جي تہ نالي کان بہ ونءَ ويندو هو. انکري اسلام جو حقاني آواز جڏهن سندس ڪنن تائين پهتو تہ هن بنا ديـــر جي ان کي قبول ڪري ورتو. ابن اسحاق جي روايت مطابق اسلام قبول ڪرڻ وارن مردن ۾ سندس چوڏهون نمبر هو.

اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ هن ڪافرن جون تڪليفون ۽ سختيون نهايت تحمل سان برداشت ڪيون. حبش ڏانهن مسلمانن ۾ دفعا هجرت ڪئي ۽ حضرت عثمان ٻنهي هجرتن ۾ شامل هو ۽ حبش ۾ ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مديني ڏانهن هجرت جو ٻڌي هو پهريان مڪي موٽيو، جنهن ڪانپوءِ سڄي ڪٽنب سان گڏجي مديني هجرت ڪيائين. سندس مديني پهچڻ جي خبر ٻڌي امام الانبياء ﷺ جن خوشيءَ جو اظهار فرمايو.

حضرت عثمان جو نالو صحابين جي ان صف ۾ شامل آهي، جيڪي هر وقت عبادت ۾ مشغول رهندا هئا. هو رات جو اڪثر حصو قيام ۾ ۽ سڄو ڏينهن روزي جي حالت ۾ گذارينڊو هو، جنهن ڪري هڪ دفعي سرور عالم ﷺ جن ڪيس فرمايو تہ مان رات جو ننڊ بہ ڪندو آهيان تہ قيام بہ ڪندو آهيان. (نفلي) روزا بہ رکندو آهيان تہ اهي ڇڏيندو بہ آهيان، ان ڪانسواءِ پنهنجي گهروارين جو حق بہ ادا ڪرڻو آهي تہ مهمانن سان بہ منهن ڏيڻو آهي، تنهنڪري اوهان کي بہ منهنجي ئي طريقي تي عمل ڪرڻ گهرجي."

سن هي هجريءَ ڏاري "غزوہ بدر" جو واقعو پيش آيو. هن موقعي تي بہ حضرت عثمان نهايت بهادريءَ ۽ جرئت سان ميدان ملهايو پر هن واقعي کان ستت ئي پوءِ سندس طبيعت خراب ٿي پيئي، دوا درمل بہ ڪيو ويو پر بيماري گهٽجڻ بدران ڏينهون ڏينهن وڌندي ويئي، آخرڪار سال جي آخر ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيائون. ڪن راوين طرفان سندن وفات جو سال ٽين هجري بہ ٻڌايو ويو آهي. وفات جي خبر ٻڌندي ئي نہ فقط مديني جا ماڻهو پر سرور ڪونين ﷺ جن پاڻ بہ سندس لاش تي پهچي ويا. هڪ راويت مطابق ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ جن ميت جي پيشانيءَ تي چمي ڏنـــي، جنهن ڪانپوءِ ميت کي جنت البقيع ڏانهن کڻي هلڻ جو حڪم ڏنائون. اتي پاڻ ڪريم ﷺ جن سندس جنازي نمـــاز پاڻ پڙهائي ۽ پوءِ ڪيس اتي ئي دفنايو ويو. دفن ڪانپوءِ نبي انور ﷺ جن فرمايو: هاڻي کان "جنت البقيع" مســـلمانن جو قبرستان آهي ۽ اڄ ڪانپوءِ جيڪو بہ مسلمان مديني ۾ مرندو تہ ڪيس هن ئي قبرستان ۾ دفنايو ويندو." ۽ ان ڪانپوءِ اڄ تائين اهو سلسلو جاري ۽ ساري آهي. حضرت عثمان بن مظعون پهريون مهاجر هو جنهن مديني ۾ وفات ڪئي.

التاريخ الکبير "امام بخاري" ج ۶ ص ۶۱۰. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۳ ص ۱۶۷ ـ ۱۶۵. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۶۲۲ ـ ۶۲۰. الاصابہ حافظ ابن حجر ج ۲. شذرات الذهب "ابن العماد ج ۱ ص ۱۶. العقد الثمين "فاسي" ج ۵ ص ۱۸۳ ـ ۱۸۲. سير اعلام النبلاء ذهبي ج ۳ ص ۱۰۳ ـ ۹۹.

Marfat.com

رضہ سميت اسلام قبول ڪيو. انهن مان پهريان چار شخص سيدنا ابوبڪر رضہ جي هٿ تي مسلمان ٿيا.

* هن سال اَبُوْعُبَيْدَه عَامِر رضہ بن عبدالله بن جَرَّاح قُرَشِي فِهْرِيّ (١) بہ اسلام قبول ڪيو ۽ دربار نبويءَ ﷺ طرفان کيس "اَمِيْنُ اَلْاُمَّة" (امت جو امين) جي لقب سان نوازيو ويو.

---

(١) ابوعبيده اوائلي دور ۾ ايمان آڻڻ وارن اصحابن جي صف ۾ هڪ اهم نالو آهي، جنهن جو شمار عشره مبشره ۾ بہ ٿيندو آهي.

تاريخ ۾ هن پنهنجي ڪنيت ابوعبيده سان ئي ايتري شهرت حاصل ڪئي، جو ڪڏهن سندس اصلي نالي ڄاڻڻ جي ڪا ضرورت ئي محسوس نہ ٿي، جڏهن تہ سندس اصلي نالو عامر بن عبدالله بن جراح بن هلال ٻڌايو ويو آهي، نسب جي لحاظ کان سندس تعلق قريش قبيلي جي شاخ "بنو فهر" سان هو.

حضرت ابوعبيده رضہ هاٿين واري واقعي کان اٽڪل يارهن ورهيہ پوءِ مڪي پاڪ ۾ ڄائو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي بعثت وقت سندس عمر جو اوڻٽيهون سال هو، تہ اسلام جو آفاقي پيغام سيدنا ابوبڪر صديق رضہ جي وسيلي وٽس پهتو، جنهن تي هن بنا ڪنهن وقت وڃائڻ جي ايمان آندو. حق جي واٽ تي هلندي جيڪي بہ آزمائشون ۽ امتحان سندس آڏو آيا، هن مڙس ٿي تن سان منهن ڏنو ۽ هر موقعي تي سرخرو ۽ سرفراز رهيو.

ڪافرن جي سختين ۽ صعوبتن کي ڏسي سرور ڪائنات ﷺ جن مڪي جي مسلمانن کي ٻہ دفعا "حبش" ڏانهن هجرت جي موڪل ڏني ۽ ٻي ڀيري ٽياسي (٨٣) مؤمنن جي جنهن جماعت حبش ڏانهن هجرت ڪئي، تن ۾ حضرت ابوعبيده رضہ بہ شامل هو. اهڙيءَ ريت بعد ۾ وري مديني ڏانهن هجرت جي سعادت حاصل ڪيائين ۽ سندس نالو صحابين جي ان سٽ ۾ شامل ٿيو جن کي ٻن هجرتن ۽ ٻن قبلن ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جو شرف حاصل رهيو.

سن ٻي هجري ڌاري جڏهن جهاد جو حڪم نازل ٿيو تہ حضرت ابوعبيده رضہ هن ميدان ۾ بہ اهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا جن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. بدر ۽ احد کان وٺي ويندي طائف ۽ تبوڪ تائين هر موقعي تي هو سرور ڪائنات ﷺ جن سان گڏ ميدان ڪارزار ۾ موجود رهيو.

غزوه بدر جي تاريخي موقعي تي مسلمانن ثابت ڪيو تہ ايمان ۽ اسلام آڏو رت جا رشتا سندن نظر ۾ ڪا اهميت نٿا رکن ۽ هنن مٽن مائٽن جي رت سان پنهنجي تلوارن کي ريٽو ڪري الله جي دين جي عظمت کي برقرار رکيو ۽ تاريخ ۾ نوان باب تحرير ڪيا. انهن ۾ حضرت ابوعبيده رضہ جو واقعو بہ وسرڻ جوڳو نہ آهي. بدر واري موقعي تي هن پنهنجي ئي تلوار سان پنهنجي سڳي پيءُ جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ثابت ڪيو تہ الله ۽ ان جي رسول ﷺ جو دشمن هر مسلمان جو دشمن آهي ۽ مؤمنن لاءِ ايمان جو رشتو رت جي رشتي کان وڌيڪ پيارو ۽ پائيدار هجڻ کپي. تڏهن تہ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ هن لاءِ فرمايو تہ "هر اُمت لاءِ هڪ امين هوندو آهي ۽ منهنجي امت جو امين ابوعبيده آهي."

غزوه اُحد جي موقعي تي جڏهن نبي انور ﷺ زخمي ٿي پيا ۽ سندن پاتل زرهہ جون ٻہ ڪڙيون جسم مبارڪ ۾ چڀي ويون تہ هن موقعي تي اهو ابوعبيده ئي هيو، جنهن پنهنجي ڏندن سان انهن ڪڙين کي ٻاهر ڪڍيو. ان سببان هن جا اڳيان ٻہ ڏند بہ ڀڄي پيا. اهڙي ريت مڪي جي فتح واري موقعي تي حضرت ابوعبيده زرهہ پوش لشڪر جو اڳواڻ رهيو.

خلفاءِ راشدين جي زماني ۾ بہ هن وڏا جنگي ڪارناما سرانجام ڏنا، هن دور ۾ رومي سلطنت جي خلاف جيڪي لڙايون لڳيون، انهن ۾ حضرت ابوعبيده رضہ جو ڪردار نمايان آهي. اهوئي سبب هو جو رومين جي آخري شڪست کانپوءِ حضرت عمر رضہ طرفان سموري شام جو والي حضرت ابوعبيده رضہ کي ئي بڻايو ويو، جنهن نہ صرف ان وسيع

هلندڙ

Marfat.com

* هن ئي سال رسول رحمت ﷺ جن جو پٽ اَبُوْسَلَمَہ عَبْدُالله رضہ [1] بن عَبْدُالْاَسَد قرشي

علائقي جو انتظام کامیابيءَ سان هلايو پر انهن قبيلن ۾ اسلام جي تبليغ ۽ تعليم جو ڪم ب زور شور سان شروع ڪيائين، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترا عيسائي قبيلا دين ۾ داخل ٿيا.

انهن ئي ڏينهن ۾ فلسطين جي شهر "عمواس" ۾ جتي اسلامي لشکر جي ڇانوڻي هئي، اتي هڪ وبا پيئي، جيڪا ٿوري ئي عرصي ۾ سڄي شام ۽ عراق ۾ ڦهلجي ويئي. سعيد بن عبدالرحمٰن جي هڪ قول مطابق هن بيماريءَ وڳهي اٽڪل پنجويهہ هزار مجاهد موت جو شڪار ٿيا، جنهن ڪانپوءِ حضرت عمر رضہ جي صلاح سان حضرت ابوعبيده رضہ اسلامي فوج جي ڇانوڻي "عمواس" کان "جابيہ" ڈانهن منتقل ڪئي. هيءُ ماڳ دمشق جي پسگردائيءَ ۾ "جولان" جي ويجهو هو ۽ هتان جي آبهوا نهايت خوشگوار ٻڌائي ويئي آهي.

ڇانوڻي "جابيہ" منتقل ڪرڻ ڪانپوءِ حضرت ابوعبيده رضہ، جنهن جي جسم ۾ ان بيماريءَ جا جيوڙا تہ عمواس جي قيام دوران ئي داخل ٿي چڪا هئا، هتي پهچي ان جا اثرات ظاهر ٿيڻ لڳا. انڪري هن آخري وقت ۾ معاذ بن جبل رضہ کي پنهنجو جاءِنشين بڻايو ۽ پوءِ ستٽ ئي وڃي پنهنجي مالڪ سان ملاقي ٿيو. سندس جنازي نماز معاذ بن جبل رضہ پڙهائي، جنهن ڪانپوءِ ڪيس اتي ئي دفن ڪيو ويو ۽ بعد ۾ سندس قبر جي لڳ هڪ خوبصورت مسجد ب تعمير ڪئي ويئي. هي واقعو سن ۱۸ هجريءَ ڏاري پيش آيو، ان وقت سندس عمر ۵۹ ورهيہ هئي.

سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ۳ ص ۱۵ ـ ۳. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۱۲۷ ـ ۱۲۴. تاريخ يعقوبي ج ۲ ص ۱۰۳ الرياض النضره "محب طبري" ج ۶ ص ۳۵۹ ـ ۳۴۵. مرآة الجنان يافعي ج ۱ ص ۶۳. "العبر" ذهبي ج ۱ ص ۱۶. معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ۶ ص ۱۵۸ ـ ۱۵۶. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۲۴ ـ ۳۲۲.

(۱) سڄو نالو عبدالله رضہ بن عبدالاسد بن هلال بن عبدالله بن عمر بن مخزوم قرشي ۽ ڪنيت ابوسلمہ. تاريخ ۾ ڪيس ۽ سندس گهرواريءَ ام سلمہ رضہ کي نالي کان وڌيڪ ڪنيت سان ڄاتو وڃي ٿو. ابوسلمہ رضہ جي امڙ جو نالو بره بنت عبدالمطلب بن هاشم ٻڌايو ويو آهي جيڪا پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ڦٽي سڳوري هئي. اهڙي ريت رشتي ۾ ابوسلمہ رضہ سندن پٽ ٿيو، ان ڪانسواءِ هو پنهنجي مامي حضرت حمزه رضہ ۽ سيد الانبياء ﷺ جن جو رضاعي ڀاءُ ب هو، ڇو تہ انهن ٻنهي هستين ابولهب جي ٻانهي ثوبيہ جي ٿڃ پيتي هئي. حضرت عبدالله رضہ جي شادي ننڍي عمر ۾ ئي پنهنجي ڏاڏاڻي خاندان جي هڪ ڇوڪري هند بنت اميہ بن مغيره سان ٿي ۽ سندن شاديءَ ڪانپوءِ ۽ جڏهن نبي آخر الزمان ﷺ جن جي بعثت ٿي تہ اسلام جي ابتدائي دور ۾ ئي جن صالح صفت انسانن بنا ڪنهن وقت وڃائڻ جي دين جي دعوت کي قبول ڪيو، انهن ۾ هي ٻئي زال مڙس پڻ شامل هئا. جيتوڻيڪ سندن ڪٽنب وارن ان ڳالهہ جي بيحد مخالفت ڪئي پر هن ڪنهن جي پرواه ڪانہ ڪئي ۽ اسلام جي خاطر ڪنهن ب قرباني ڏيڻ کان منهن نہ موڙيائون.

حضرت ابوسلمہ رضہ کي هن هجرتن ۽ هن قبلن ڈانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جو شرف ب حاصل آهي. زبير بن بڪار جو قول آهي تہ حبش ڈانهن سڀ کان پهريان هجرت ڪرڻ وارو حضرت ابوسلمہ رضہ ئي هو، ۽ اتي ئي ڪيس اهو پٽڙو ڇائو جنهن جو نالو سلمہ رکيو ويو. ان ڪانپوءِ ابوسلمہ مڪي موٽي آيو ۽ پوءِ وري مديني ڈانهن هجرت ڪيائين.

مديني اچڻ ڪانپوءِ جڏهن جهاد جو حڪم نازل ٿيو تہ حضرت ابوسلمہ رضہ پهرين ٻنهي غزوات يعني بدر توڙي احد ۾ بهرو ورتو ۽ احد جي موقعي تي ڪيس ٻانهن ۾ جيڪو تير لڳو اهو زهر ۾ ٻڏل هو، جنهن ڪيس گهرو گهاءُ رسايو. ڪافي دوا درمل ڪانپوءِ اهو زخم ڇڻي ويو پر ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ وري اٿلي پيو ۽ اهو زهر آهستي آهستي سڄي جسم ۾ پکڙجي ويو. جنهن سبب هن جمادي الاول جي ٽين تاريخ سن ٽين هجريءَ ڏاري هن جهان مان لاڏاڻو هلندڙ

Marfat.com

مخزومي به اسلام قبول ڪيو. سندس ماءُ "بَرَّه" حضرت عَبْدُالْمُطَّلِب جي نياڻي هئي. اسلام آڻڻ وارن جي ڳاڻيٽي ۾ سندس نمبر يارهون آهي. (۱)

* هن سال عَامِر رضہ بن اَبِيْ وَقَّاص قرشي زهري به مسلمان ٿيو. جيڪو حضرت سَعْد رضہ بن اَبِيْ وَقَّاص جو پاءُ هو. "اسدالغابہ" (۲) ۾ ابن الاثير لکيو آهي ته "عامر ڏهن مردن کانپوءِ اسلام قبول ڪيو."

* هن سال اسلام قبول ڪرڻ وارن ۾ عبدالله رضہ بن مَسْعُوْد هُذَلِي ۽ عُبَيْدَه رضہ بن حارث بن عبدالمطلب بن عبد مناف قرشي مطلبي جا نالا به شامل آهن.

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جي سؤٽ جَعْفَر رضہ بن اَبُو طَالِب (۳) به اسلام قبول ڪيو. جڏهن ته

ڪيو. سندس جنازي نماز سرور عالم ﷺ جن پڙهائي. جنهن کانپوءِ ڪيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

حضرت ابوسلمہ رضہ پنهنجي پويان هڪ ڪهرواري ۽ چار ٻار ڇڏيا.

الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۹۳، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۱۳۴ ـ ۱۳۳. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ۲۴۴. العقد الثمين فاسي ج ۴ ص ۳۷۵ ـ ۳۷۴. التحفة اللطيفہ سخاوي ج ۲ ص ۴۹. سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ۳ ص ۹۸ ـ ۹۷.

(۱) اسد الغابہ ابن الاثير جلد ۳ ص ۱۹۶، الاصابہ ج ۲ ص ۳۳۵.

(۲) "اسد الغابہ في معرفة الصحابہ" اسماء الرجال جو مشهور ڪتاب آهي، جنهن جو مصنف "ابن الاثير" آهي. "ابن الاثير" جي نسبت سان اسلامي تاريخ ۾ ٽي شخصيتون ٽي گذريون آهن، جيڪي ٽيئي پاڻ ۾ ڀائر هئا. سندن شمار وقت جي وڏن عالمن ۽ فاضلن ۾ ٿئي ٿو. هو عراق جي هڪ ٻيٽ "جزيره عمر" جا رهاڪو هئا. "اسد الغابہ" جي مصنف جو نالو عزالدين ابوالحسن علي بن اثير ابوالڪلام محمد بن محمد بن عبدالڪريم بن عبدالواحد شيباني جزري آهي. هو پنهنجي پيءُ جو وچون پٽ هو، جيڪو ۱۲ مئي ۱۱۶۰ع بمطابق جمادي الاول ۵۵۵هـ ڏاري پنهنجي ڳوٺ "جزيره عمر" ۾ جائو. وقت جي وڏن عالمن کان حديث، نحو، ۽ تاريخ ۾ تخصص حاصل ڪيائين. سڄي زندگي پڙهڻ، پڙهائڻ، تصنيف، تاليف ۽ سير و سفر ۾ گذاريائين. ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن مان سندس لکيل تاريخ "الڪامل" ڪي بي پناهہ شهرت حاصل ٿي ۽ اڄ تائين ان جو شمار تاريخ جي مستند ۽ معتبر ڪتابن ۾ ٿئي ٿو. صحابين سڳورن جي زندگين بابت لکيل سندس مذڪوره ڪتاب "اسدالغابہ" ڪي حديث ۽ اسماء الرجال جا ڄاڻو وڏي قدر جي نگاهہ سان ڏسندا آهن. هن ڪتاب ۾ "ابن الاثير" اٽڪل ساڍا ست هزار صحابين جي زندگيءَ جا حالات قلمبند ڪيا آهن. جيڪو پڻ سندس هڪ وڏو ڪارنامو آهي. سندس وفات رمضان شريف ۶۳۰هـ ڏاري موصل ۾ ٿي.

تذڪرة الحفاظ "ذهبي" ج ۴ ص ۱۴۹۳ کان ۱۴۹۴ ۽ وفيات الاعيان ابن خلڪان ج ۳ ص ۳۴۸ کان ۳۵۰.

(۳) سرور عالم ﷺ جن سان سيرت ۽ صورت ۾ مشابهت رکندڙ سندن سڳو سؤٽ حضرت جعفر رضہ، جنهن جو سخا ۽ سورهيائي، سچائي ۽ سرفروشيءَ ۾ مثال ملڻ مشڪل هو، هاڻين واري واقعي کان ويهارو ورهيہ ٻوءِ مڪي ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو حضرت ابوطالب بن عبدالمطلب ۽ امڙ جو نالو سيده فاطمہ بنت اسد ٻڌايو ويو آهي. هو حضرت علي‌ءَ رضہ جو سڳو ڀاءُ ۽ ڪائنس عمر ۾ ڏهہ ورهيہ وڏو هو. حضرت جعفر رضہ جي ڪنيت ابوعبدالله هئي، جڏهن ته ذوالجناحين، ذوالهجرتين، ابوالمساڪين ۽ طيار سندس لقب القاب آهن.

سيدنا جعفر رضہ جيئن ته منهن مهاندن ۾ توڙي اخلاق ۽ عادتن ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جهڙو لڳندو هو انڪري هڪ موقعي تي ڪائنات جي ڪارٽي ﷺ جن ڪيس فرمايو:

Marfat.com

"اشبهت خلقي وخلقي يا جعفر" اي جعفر، تون صورت توڙي سيرت ۾ مون جهڙو لڳين ٿو." براء بن عازب کان اها روايت احمد ابن حنبل، ترمذي ۽ ابن حبان طرفان نقل ڪئي وئي آهي. حضرت جعفر رضہ جي امڙ سيده فاطمہ بنت اسد ابتدائي دور ۾ ئي اسلام قبول ڪيو هو، پر جيئن ته حضرت جعفر رضہ جي پالنا ۽ پرورش پنهنجي چاچي حضرت عباس بن عبدالمطلب رضہ جي گهر ۾ ٿي هئي، جنهن جي گهرواري ام الفضل رضہ جو شمار پڻ شروعاتي مسلمانن ۾ ٿيندو آهي، انڪري هن ننڍي عمر کان وٺي اسلام جي آفاقي روايتن هيٺ پنهنجي زندگي گذاري ۽ پوءِ نبوت جي پنجين سال پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيائين. ان وقت سندس ڄمار پنجويهہ ورهيہ هئي ۽ ڪائنس اڳ ايڪتيهہ مرد ۽ عورتون دين جي دعوت قبول ڪري چڪا هئا.

اسلام جي ابتدائي دور ۾ ڪافرن طرفان مسلمانن سان جيڪي ڪلور ڪيا ويا، انهن کان بيزار ٿي مسلمانن مڪي کان حبش ڏانهن ہ پيرا هجرت ڪئي، انهن مان پهرين دفعي هجرت ڪرڻ واري قافلي جو سرواڻ حضرت جعفر رضہ هو، جنهن کانپوءِ سندس گهرواري "اسماء بنت عميس" ہ سندس پويان حبش پهتي.

مڪي جي مشرڪن کي جڏهن معلوم ٿيو ته مسلمان حبش ۾ آرام ۽ اطمينان سان زندگي گذاري رهيا آهن، ته اها ڳالهہ کين نہ آئڙي ۽ هنن پنهنجي طرفان حبش جي حاڪم ڏانهن هن ماڻهن تي مشتمل هڪ سفارتي وفد اماڻيو. جيڪو سوڪڙين پاڪڙين سميت اڇي اتي پهتو، ۽ نجاشيءَ سان ملي ڪائنس مطالبو ڪيو ته مسلمانن کي هو پنهنجي ملڪ مان ڪڍي.

مشرڪن جو اهو مطالبو ٻڌي نجاشيءَ مسلمانن کي صفائي پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجي دربار ۾ گهرايو. هن موقعي تي حبش ۾ مقيم مسلمانن طرفان حضرت جعفر رضہ کي پنهنجو اڳواڻ ٻڌائي اوڏانهن اماڻيو ويو. جتي حضرت جعفر خدا جي آخري نبي ﷺ جن جي امانت، صداقت، عدالت ۽ عصمت جي شاهدي ہ ڏني ته پنهنجي دردن جو داستان ہ نهايت فصيح ۽ بليغ انداز ۾ بيان ڪيائين ۽ آخر ۾ وري سوره مريم جون ڪجهہ آيتون ہ تلاوت ڪري ٻڌايائين. جن نجاشيءَ جي دل جي دنيا ۾ هڪ عجيب انقلاب آڻي ڇڏيو ۽ هن مسلمانن کي موڪلڻ کان ته مشرڪن کي ٽپ جواب ڏنو، پر هن پاڻ ہ ان سچي دين جي دعوت کي قبول ڪيو. انڪري سن نائين هجري بمطابق ٦٣١ع ڌاري جڏهن نجاشيءَ هن دنيا مان موڪلايو ته سرور عالم ﷺ پنهنجي صحابي سڳورن سان گڏجي شهر کان ٻاهر وڃي نجاشيءَ جي غائبانہ جنازيٰ نماز ہ پڙهائي ته سندس ڇوٽڪاري لاءِ دعا ہ ڪهري.

حضرت جعفر رضہ ۽ سندس ساٿي اٽڪل پندرهن ورهين تائين حبش ۾ ترسيا. جتي نجاشيءَ جي حڪم سان کين عام شهري حقوق ۽ ٻيون بنيادي سهوليتون حاصل هيون، جنهن ڪانپوءِ سن ستين هجري بمطابق ٦٢٨ع ڌاري جڏهن مسلمانن جي مديني ۾ پنهنجي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي ته حبش ۾ مقيم سمورن مسلمانن مديني ڏانهن هجرت ڪئي. هن موقعي تي ہ نجاشي نهايت پيار ۽ پاڻهہ سان مسلمانن کان موڪلايو ۽ واپسيءَ لاءِ سرڪاري خرچ تي کين ہ ٻيڙا پڻ مهيا ڪيا ويا، جن تي سوار ٿي هو پهريون شُعيبيہ ۽ پوءِ اتان مديني پهتا. اهو ان ڏينهن جو واقعو آهي، جنهن ڏينهن تي مسلمانن "خيبر" ۾ سوپ ماڻي. پاڻ سڳورا ﷺ هن موقعي تي مديني ۾ حضرت جعفر رضہ کي ڏسي ڏاڍا سرها ٿيا ۽ خوشي وچان کين سيني سان لائي منهن تي چمي ڏني ۽ فرمايائون ته "خبر نہ ٿي پوي ته مونکي خيبر جي فتح جي وڌيڪ خوشي حاصل ٿي آهي يا جعفر جي اچڻ جي؟"

حضرت جعفر رضہ جڏهن مديني پهتو تڏهن رسول عربي ﷺ جن جي هجرت کي ڇهہ ورهيہ گذري چڪا هئا ۽ سمورن مهاجرن کي مديني ۾ پنهنجي گهر جهڙيون سهوليتون حاصل ٿي چڪيون هيون پر سيدنا جعفر رضہ لاءِ اهو هلندڙ

Marfat.com

ماحول نئون هو. انڪري پاڻ ڪريمن ﷺ سيدنا جعفر جو ڀائيچارو مشهور صحابي حضرت معاذ بن جبل سان ڪرايو. سن اٺين هجريءَ ڌاري نبي اڪرم ﷺ جن آسپاس وارن غير مسلم حڪمرانن ڏانهن دين جي دعوت پهچائڻ جو فيصلو ڪيو. هن سلسلي ۾ حضرت حارث رضہ بن عمير هٿان اهڙي ئي دعوت جو هڪ خط "بُصْرٰي" جي حاڪم ڏانهن بہ اماڻيو ويو. پر رستي ۾ شُرْحَبِيْل غسانيءَ جيڪو بلقاء جو حاڪم هو تنهن گهٽو ڏيئي ان قاصد کي پورو ڪري ڇڏيو. اهڙو افسوسناڪ اطلاع جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن تائين پهتو تہ کين ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ اهڙي نالائق کي سبق سيکارڻ لاءِ ٽي هزار صحابين جي فوج تيار ڪري بلقاء ڏانهن اماڻي ويئي. هن لشڪر لاءِ پهريون ڀيرو هڪ ٻئي پٺيان ٽي سپهہ سالار نامزد ڪيا ويا جن مان ٻيو نمبر حضرت جعفر رضہ جو هو.

اسلامي لشڪر جڏهن اردن جي اوڀر ۾ "مؤثہ" جي ميدان تائين پهتو تہ اتي سندن مقابلي لاءِ اٽڪل هڪ لک عيسائين جي تازي تواني فوج موجود هئي، جنهن کي ڏسي مسلمان حيران ٿي ويا پر هنن همت نہ هاري. پهرين سپہ سالار حضرت زيد بن حارثہ رضہ جي شهادت کانپوءِ حضرت جعفر رضہ فوج جي ڪمان سنڀالي ۽ هو نهايت بهادريءَ سان ميدان ۾ لٿو ۽ دشمنن جي لشڪر ۾ ٿرٿلو مچائي ڇڏيائين، پر جيئن تہ مسلمان تعداد ۾ تمام گهٽ هئا انڪري عيسائين حضرت جعفر رضہ کي گهيري ۾ آڻي مٿس بي حساب تيرن ۽ تلوارن جو حملو ڪيو جنهن ۾ سندس ٻئي ٻانهون ڪپجي ويون ۽ هو شهيد ٿي ويو.

حضرت عبدالله ابن عمر رضہ جيڪو پاڻ بہ هن جنگ ۾ موجود هو، ان کان روايت آهي تہ "حضرت جعفر رضہ جي جسم تي شهادت کانپوءِ تيرن ۽ تلوارن جا نوي کان بہ مٿي گهاءَ موجود هئا پر سمورا سندس جسم جي اڳين حصي تي ئي هئا ۽ پٺيءَ تي ڪو نشان موجود نہ هو. بعد ۾ سندس لاش کي ميدان جنگ مان کڻي ان جاءِ تي دفن ڪيو ويو. جتي اسلامي لشڪر جي منزل هئي. اهڙيءَ ريت بعد ۾ ٻين شهيدن کي بہ اتي آڻي دفنايو ويو. ان ماڳ کي هاڻي "المزار" سڏيو ويندو آهي. هن جاءِ تي حضرت جعفر رضہ جي قبر مبارڪ موجود آهي، جنهن جي سيرانديءَ کان ڪوفي رسم الخط ۾ هڪ قديم ڪتبو بہ لڳل آهي، جيڪو گهڻي ڀاڱي جهري ويو آهي ۽ قبر جي ڀرسان هڪ مسجد بہ موجود آهي. زبير بن بڪار جي روايت مطابق شهادت وقت حضرت جعفر رضہ جي عمر ايڪيتاليهہ ورهيہ هئي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن کي حضرت جعفر رضہ سان بي حد محبت هئي ۽ جڏهن شهادت کان اڳ سيدنا جعفر رضہ جي ٻنهي ٻانهن جي ڪپجي وڃڻ جو احوال کين معلوم ٿيو تہ سندن اکين مان بي اختيار لڙڪ لڙي پيا پر پوءِ ستت ئي حضرت جبريل اچي پاڻ سڳورن ﷺ کي اها خوشخبري ٻڌائي تہ الله تعاليٰ حضرت جعفر رضہ کي سندس ٻن ٻانهن جي عيوض ۾ ٻہ خوبصورت ۽ چمڪندڙ پَرَ عطا ڪيا آهن جن جي وسيلي هو جنت ۾ ملائڪن سان گڏ اڏامندو وتي ٿو. ان کانپوءِ سيدنا جعفر رضہ کي "طيار" (اڏامڻ وارو) ۽ "ذوالجناحين" (ٻن پرن وارو) جي لقبن سان ياد ڪيو ويندو آهي، ۽ عبدالله ابن عمر رضہ تہ اڪثر سيدنا جعفر رضہ جي پٽ کي سلام ڪرڻ وقت هن ريت چوندو هو. "السلام عليڪ يا ابن ذي الجناحين" شعبيءَ کان اهڙي روايت ابن حجر طرفان نقل ڪئي ويئي آهي.

سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ٢ ص ١٣٨ ـ ١٣١. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ١ ص ٤٢٤ ـ ٤٢١. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ص ٣١٤ ـ ٣١٢. العقد الثمين "فاسي" ج ٣ ص ٢٧٧ ـ ٢٧٦. التحفة اللطيفہ "سخاوي" ج ١ ص ٢٤٠. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ١١١ ـ ١٠٦. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ١ ص ٢٢. مرآة الجنان "يافعي" ج ١ ص ١٧ ـ ١٦.

Marfat.com

هڪ ٻي روايت ۾ جَعْفَر رضہ جو مسلمان ٿيڻ سن پنجين هجريءَ ڏاري ٻڌايو ويو آهي. جيئن اڳتي بيان ٿيندو. ان کان علاوه خُنَيْس رضہ بن حُذَافَہ سَهْمِي ۽ سعيد رضہ بن زيد بہ اسلام قبول ڪيو. سعيد رضہ بن زيد [1] جو شمار "عشره مبشره" ۾ ٿئي ٿو.

---

(١) سعيد رضہ بن زيد بن عمرو بن نفيل انهن ڏهن صحابين منجهان هڪ آهي، جن لاءِ نبي آخرالزمان ﷺ جن هن دنيا ۾ ئي جنت جي بشارت ڏني هئي. نسبي لحاظ کان سندس تعلق قريش جي مشهور شاخ بنو عدي وارن سان هو. سندس پيءُ جو نالو زيد بن عمرو ٻڌايو ويو آهي، جيڪو حضرت عمر فاروق جو سڳو سوٽ هو ۽ پنهنجي زماني ۾ هو دين ابراهيميءَ جو پڪو پيروڪار ٿي گذريو آهي ۽ ڪڏهن بہ هن ڪنهن غير آڏو سر نہ نوايو. آخري نبي ﷺ جن جي آمد جو ڪيس انتظار رهيو. هن شام، عراق توڙي عرب ۾ ڪيترائي رهبان ۽ احبار پيٽيا پر ڪٿان بہ ڪيس ان بابت پورو پتو نہ پئجي سگهيو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي بعثت کان اٽڪل پنج ورهيہ پهريان ڪيس شهيد ڪيو ويو ۽ سندس لاش کي حرا جبل جي دامن ۾ دفنايو ويو. ابن سعد جي روايت موجب مرڻ کان اڳ هُن عامر بن ربيعہ کي ٻڌايو هو تہ "آل اسماعيل منجهان آخري پيغمبر ﷺ پيدا ٿيڻو آهي، پوءِ جيڪڏهن اهو مُنهنجي اکين آڏو آيو تہ آڻ ان تي ضرور ايمان آڻيندس پر جيڪڏهن مونکي موت مهلت نہ ڏني ۽ آڻ ان جي آمد کان اڳ آخرت جو سفر سڌاريو ۽ پوءِ تنهنجي زندگي ان جي زماني تائين باقي رهي تہ تون ان هستيءَ تائين منهنجا سلام پهچائجانءِ. پوءِ قادر جي قدرت سان ائين ئي ٿيو. بعثت نبوي ﷺ جو زمانو نہ فقط عامر پنهنجي اکين سان ڏٺو پر ڪيس مسلمان ٿيڻ جو شرف بہ حاصل ٿيو. پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي خدمت ۾ زيد بن عمرو جا سلام بہ پهچايائين، جنهن جو هنهي جهان جي سردار ﷺ جن جواب بہ ڏنو تہ زيد بن عمرو لاءِ دعا بہ فرمايائون ۽ ان جي مغفرت جي بشارت ڏنائون، جنهن ڪانپوءِ مسلمانن جي مجلس ۾ جڏهن بہ زيد بن عمرو جو ذڪر ٿيندو هو تہ اتي موجود ماڻهو سندس مغفرت لاءِ دعا گهرندا هئا. بظاهر اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ گذاري ويندڙن ۾ اهڙو انفرادي اعزاز صرف ابن عمرو کي ئي حاصل آهي.

اهڙي اعليٰ انسان جي گهر ۾ سعيد جهڙو سپاڳو سپوت بعثت نبوي ﷺ کان اٽڪل ست ورهيہ اڳ پيدا ٿيو. سندس امڙ جو نالو فاطمہ بنت بهجة بن مليح ٻڌايو ويو آهي، جنهن جو تعلق خزاعي قبيلي سان هو.

سعيد جي نسبت ننڍي هوندي ئي سندس پيءُ پنهنجي چاچي خطاب جي نياڻي سيده فاطمہ سان ڪرائي ڇڏي هئي جڏهن تہ پنهنجي نياڻي عاتڪہ وري پنهنجي چاچي جي پٽ عمر بن خطاب کي ڏني هئائين. اهڙي ريت حضرت سعيد بن زيد ۽ حضرت عمر بن خطاب پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا سالا بہ هئا تہ پيٽيوا بہ. سعيد جي ڪنيت ابوالاعور ٻڌائي ويئي آهي.

اهو سعيد جي قوه جوانيءَ وارو دور هو، جڏهن سندس پيءُ جي قبر کان مٿي حرا جبل جي چوٽيءَ واري غار ۾ نبوت جو اهو نور نڪري نروار ٿيو، جنهن سان عالم جون اونداهيون دفع ٿيٽيون هيون ۽ ان نور جي ڪرڻن موت جي هنج ۾ هڏ ڪيون ڏيندڙ انسانيت کي زندگيءَ جو نئون نياپو پهچايو. سچ واري شمع جي انهن شعاعن تي حق جا شيدائي پروانن وانگر بي خود ٿي سر ساه جو سانگو لاهي پنهنجي اندر کي آٿت ڏيڻ لاءِ اتي پهچي ويا. ان موقعي مهل بہ نبوت جي آخري نور تي اڻ ڏٺي ايمان آڻڻ واري پيءُ زيد بن عمرو جو صالح صفت سپوت ڪيئن ٿو پٺتي پئجي سگهي، انڪري اسلام جي ابتدائي دعوت تي ئي هن پنهنجي پياري زال حضرت فاطمہ بنت خطاب سميت لبيڪ چيو ۽

Marfat.com

* هن سال مُعَيْقِيبُ رضہ بن ابي فاطمہ دَوْسي بہ اسلام قبول کيو. هي سَعِيْد بن اَبِيْ الْعَاصِ جو آزاد کيل غلام هو.

* هڪ روايت موجب وَرَقَہ بن نَوْفَل بن اَسَد بن عَبْدُالْعُزّيٰ بن قُصَيّ بن کِلَاب بہ هن ئي سال اسلام قبول کيو. جيڪو ام المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْکُبْرِيٰ جو سؤٽ هو. بيبي سائنڻ، پاڻ سڳورن ﷺ جن کي پهرين وحيءَ جي نازل ٿيڻ کانپوءِ جڏهن وَرَقَہ وٽ وڃي آئي، تڏهن وحيءَ جي نزول متعلق احوال ٻڌي ورقہ پاڻ کريم ﷺ جن جي نبوت جي تصديق ڪئي. ان کري وَرَقَہ بن نَوْفَل کي مسلمان

پوءِ هو ٻئي مائٽن مٽن طرفان سموريون سختيون ۽ صعوبتون نهايت صبر سان سهندا رهيا ۽ خدا تعاليٰ هن ٻنهي زال مڙس جي ذريعي سيدنا عمر فاروق کي دين جو دڳ ڏيکاريو، جيڪو سندن لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي. اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ حضرت عمر فاروق سندن گهڻو خيال رکندو هو.

حضرت سعيد بن زيد جي طبيعت ۾ تمام گهڻي نماڻائي ۽ نهٺائي پريل هئي، انکري پنهنجي شخصيت کي نمايان ڪرڻ کان پرهيز ڪندا هئا.

هجرت کانپوءِ مديني ۾ بہ گهڻو وقت الله تعاليٰ جي عبادت ۾ گذارينداهئا. البت مٽن جيڪا ذميواري رکي ويندي هئي. انکي احسن طريقي سان پورو ڪندا هئا. بدر کانسواءِ سڀني غزوات ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏجي بهرو ورتائون. باقي بدر واري موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت طلحہ سان گڏ ڪين هڪ سريہ ۾ قريش جي هڪ قافلي جي پٺيان اماڻيو هو ۽ جڏهن هو ان مهم تان موٽيا تہ مسلمان بہ بدر جو ميدان ماري موٽي رهيا هئا، انکري سيد عالم ﷺ جن حضرت طلحہ ۽ حضرت سعيد کي بدر جي غنيمت ۾ حصيدار بڻايو هو.

خلفاءِ راشدين جي دور ۾ بہ حضرت سعيد بن زيد جهاد جي سلسلي ۾ سرگرم رهيو ۽ هو ٻين ذميوارين جي مقابلي ۾ جهاد ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو هو، اهوئي سبب آهي جو هو اجنادين جي جنگ ۾ اسلامي لشکر جو اڳواڻ هو. ان کان علاوه جنگ يرموڪ کان شام جي مڪمل فتح تائين هن هڪ مجاهد جي حيثيت سان ميدان ملهايو. آخري دور ۾ جڏهن مسلمان ڪافرن جي بدران هڪ ٻئي سان مقابلي لاءِ ميدان ۾ لٿا تہ ان ڳالهہ جو سعيد بن زيد کي سخت صدمو رسيو ۽ هو ڪناره ڪش ٿي وڃي ڪنڌ ۾ ويهي رهيو، يعني مديني کان ٻاهر وادي عقيق ۾ جتي عشره مبشره جي سلسلي جو هڪ ٻيو صحابي سڳورو حضرت سعد بن ابي وقاص بہ رهندو هو ۽ هي ٻئي جليل القدر صحابي اتي گهڻو وقت الله جي عبادت ۾ گذارينداهئا تہ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ ڪچهريون بہ ڪندا هئا ۽ پوءِ اتي ئي سن ۵۱ هجريءَ ڏاري جمع جي مبارڪ ڏينهن تي سعيد هن دنيا مان لاڏاٽو ڪيو. ان وقت سندن عمر ستر سالن کان مٿي هئي. سندن وفات جي خبر جڏهن مديني پهتي تہ حضرت عبدالله ابن عمر اوڏيءَ مهل ئي عقيق پهچي ويو.

پنهنجي جهوني ساڻيءَ حضرت سعد بن ابي وقاص کيس غسل ڏنو ۽ پوءِ ميت کي کلهن تي کڻي مديني پهچايو ويو، اتي حضرت عبدالله ابن عمر سندن جنازي نماز پڑهائي، جنهن کانپوءِ ميت کي جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

حضرت سعيد بن زيد کان سرور عالم ﷺ جن جون ۴۸ حديثون روايت ڪيون ويون آهن.

الطبقات الکبريٰ ابن سعد ج ۳ ص ۲۹۵ کان ۲۸۹، اسد الغابہ ابن الاثير ج ۲ ص ۴۵۸ ـ ۴۵۵، الاصابہ ابن حجر ج ۲ ص ۴۶، التحفة اللطيفہ سخاوي ج ۱ ص ۳۹۷، شذرات الذهب ابن العماد ج ۱ ص ۱۰۰، الاشاره الي وفيات الاعيان ذهبي ص ۲۸.

Marfat.com

سمجهيو وڃي ٿو.

"زَرقاني" "شرح عليٰ المواهب اللدنيہ" ۾ وَرَقَہ کي قطعي طور صحابي مڃيو آهي. (۱) سندس وفات جو ذڪر سن ۴ هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ڪيو ويندو. انشاء الله تعاليٰ.

* هن سال مشهور صحابي حضرت ارقم رضہ بن ابي اَرْقَم قُرَشِيّ مخزومي ۽ اسلام قبول ڪيو، جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي.

* هن سال خَالِد رضہ بن سَعِيْد بن اَبِيْ العَاص بن اُمَيَّہ قُرَشِيّ اموي ۽ اسلام قبول ڪيو. "اسدالغابہ" ۾ ابن الاثير ۽ "شرح المواهب اللدنيہ" ۾ "زَرقاني" اسلام قبول ڪرڻ وارن جي ڳاٽيٽي ۾ ابن سعيد جو نمبر چوٿون يا پنجون ڄاڻايو آهي. (۲)

خالد جي مسلمان ٿيڻ جي خبر جڏهن سندس پيءُ تائين پهتي، تڏهن هو مٽس ڏاڍو ڏمريو. ايتري قدر جو سندس ماني ٽڪي ۽ بند ڪري ڇڏيائين. ان سبب ڪري سعيد حبش ڏانهن پي هجرت ڪرڻ واري قافلي سان گڏ هجرت ڪئي. خيبر جي فتح تائين هو حبش ۾ ئي رهيو. جتان وري حضرت جَعْفَر رضہ بن اَبُوطَالِب ۽ ڪجهہ ٻين ساٿين سان گڏ ٻيڙين وسيلي ساموندي سفر طئي ڪري پاڻ ڪريم صلي‌الله‌عليه‌وسلم جي خدمت ۾ خيبر پهتا ۽ پوءِ ساڻن گڏ "عمرۃ القاضاءِ" فتح مڪ، حُنَيْن، طَائف توڙي تَبُوڪ جي غزوات ۾ بهرو ورتائون.

حبش ۾ خالد بن سعيد رضہ کي هڪ نياڻي ٻ ڄائي، جنهن جو نالو "اَمَہ" هو ۽ اڳتي هلي هوءَ اُم خالد بنت خالد جي نالي سان مشهور ٿي. (۳) ننڍڙي اَمَہ جڏهن حبش کان واپس آئي تڏهن سرور عالم صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن پنهنجي پاران ڪيس پيلي رنگ جي هڪ قميص عطا ڪئي، ۽ خوشيءَ وچان هن ننڍڙي نياڻيءَ کي حبشي زبان ۾ فرمايائون: "يا بنت خالد! سَنَہ سَنَہ" جنهن جي معني "ڏاڍي سهڻي ڏاڍي سهڻي" آهي. اهو واقعو بخاري وغيره ۾ موجود آهي. (۴)

---

(۱) شرح المواهب زرقاني ج ۱ ص ۲۴۳.

(۲) اسد الغابہ. ابن الاثير ج ۲ ص ۸۲. شرح عليٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ۲۷۴.

(۳) اَمَہ جي شادي مديني اچڻ کانپوءِ حضرت زبير بن عوام سان ٿي. ڪيس ۾ پٽ خالد ۽ عمر ڄاوا. ان نسبت ڪري ڪيس "ام خالد" سڏيو وڃي ٿو.

(۴) صحيح بخاري ج ۲ ص ۸۸۶ .

Marfat.com

* هن سال عُتْبَہ رضہ بن غَزْوَان مَازِني اسلام قبول کيو. سندس تعلق "قيس عيلان" قبيلي جي هڪ شاخ مَازِن سان هو، ۽ اسلام قبول ڪرڻ وارن ۾ سندس نمبر ڇهون ٻڌايو وڃي ٿو. (۱)

* هن ئي سال مِقْدَاد رضہ بن عُمر ڪِندي رضہ اسلام قبول کيو. ڪيس مِقْدَاد بن اَسْوَد بہ سڏيو وڃي ٿو. ڇو جو هو اَسْوَد بن عَبْدِ يَغُوث زُهْرِيءَ جو ساڻاري هيو. مِقْدَاد اڃا ننڍڙو ئي هو تہ سندس پيءُ "عمر ڪِندي" گذاري ويو. جنهن ڪانپوءِ "اَسْوَد زُهْرِيءَ" مِقْدَاد جي ماءُ سان نڪاح کيو. انڪري ننڍپڻ ۾ سندس سار سنڀال ۽ پالنا جو بار اَسْوَد زُهْرِيءَ ڪنيو. اسلام قبول ڪرڻ وارن ۾ مِقْدَاد جو نمبر اٺون ٻڌايو ويو آهي. (۲)

اوائلي دور ۾ اسلام قبول ڪرڻ واريون عورتون

* هن سال فَاطِمَہ بنت خَطَّاب رضہ اسلام قبول کيو. جيڪا سيدنا عمر بن خطاب رضہ جي ڀيڻ هئي. ام المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰي رضہ ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نياڻين ڪانپوءِ اسلام قبول ڪرڻ واري هيءَ ٻهريون عورت ٿيندي ۽ اهو قول بلڪل صحيح آهي تہ بالغ عورتن ۾ اسلام قبول ڪرڻ واري ٻيو نمبر عورت فاطمہ بنت خطاب رضہ آهي. (۳) سندس ڀاءُ حضرت عمر فاروق رضہ بہ سن ڇهين نبويءَ دوران سندس ئي هٿان مسلمان ٿيو، جنهن جو ذڪر سن ڇهين نبويءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

* ان ڪانپوءِ سُمَيَّہ رضہ بنت خُبَّاط بہ هن سال ئي اسلام قبول کيو، جيڪا عَمَّار بن يَاسِر رضہ جي ماءُ هئي. هن ڪان اڳ اهڙو ذڪر ٿي چڪو آهي.

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جي آيا "ام اَيْمَن" حَبَشِيَہ (۴) بہ اسلام قبول کيو. جيڪا اُسَامَہ بن زَيْدَ رضہ جي ماءُ هئي ۽ سندس نالو "بَرَكَة" آهي.

---

(۱) اسد الغابہ ابن الاثير ج ۳ ص ۳٦۴. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۳ ص ۱۴۷.

(۲) اسد الغابہ "ابن الاثير جلد ۴ ص ۴۱۰-۴۰۹

(۳) شرح مواهب زرقاني ج۱ ص ۲۴٦

(۴) نبي آخر الزمان ﷺ جن جي خاص خادمہ حضرت "ام ايمن" جيڪا پنهنجي وفا شعاري، خدمت گذاري ۽ فرمانبرداري سبب اسلامي تاريخ ۾ منفرد مقام رکي ٿي، ان جو اصلي نالو "برڪة" بنت ثعلبہ بن عمرو بن حصن بن مالڪ هو، جڏهن تہ ڪيس "ام الظباء" جي نالي سان بہ ياد ڪيو ويندو هو. پر تاريخ ۾ هوءَ پنهنجي ڪنيت "ام ايمن" سان ئي ڄاتي وڃي ٿي. سندس وڏا اصل "حبش" جا رهاڪو هئا، جتان هو مڪي ۾ آيا.

حضرت "ام ايمن" حقيقت ۾ سيدنا عبدالله بن عبدالمطلب جي ڀانهي هئي، جنهن کي شاديءَ ڪانپوءِ هن پنهنجي گهرواريءَ سيده آمنہ بنت وهب جي خدمت لاءِ مقرر ڪيو.

حضرت عبدالله جي وفات ڪانپوءِ بہ هن نهايت ايمانداريءَ سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون.

پاڻ سڳورا ﷺ اٺڪل ڇهن ورهين جي عمر ۾ بيبي حليمہ سعديہ وٽان پنهنجي اباڻي گهر واپس آيا تہ اتي سندن پرگهور "ام ايمن" جي ذمي هئي، ۽ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ جڏهن سيده آمنہ پنهنجي مڙس حضرت عبدالله جي قبر جي زيارت لاءِ پنهنجي پياري پٽ سان گڏ "يثرب" وڃڻ جو سانباهو ڪيو تہ هن سفر ۾ "اُمِّ اَيْمَن" بہ ساڻن گڏ هئي.

Marfat.com

يثرب ۾ اٺکل هڪ مهينو گذارڻ کانپوءِ جڏهن سيده آمنہ مکي واپس اچي رهي هئي تہ رستي ۾ "ابواء" نالي ڳوٺ وٽ اوچتو بيمار ٿي پيئي ۽ پوءِ اتي ئي گذاري ويئي. هن موقعي تي بہ حضرت "ام ايمن" نهايت عزم ۽ استقلال سان هر مشڪل جو مقابلو ڪيو. اٺانگا ۽ اڻ ڄاتل رستا، هڪ اڪيلي عورت، جنهن جو نہ ڪو غمخوار نہ مددگار، پر هن همت نہ هاري. هڪ طرف ام ايمن سيده آمنہ کي دفنائڻ جو بندوبست ڪيو تہ ٻئي طرف وري اهو سڄ جو سفر ٻئي ڪري سندس معصوم پٽ محمد ﷺ کي اچي وارثن وٽ مکي پهچايو.

حضرت عبدالله ۽ سيده آمنہ سائڻ جي وفات کانپوءِ ام ايمن جو وارث هاڻي سندن پيارو پٽ محمد ﷺ ٿيو، جنهن ڪجهہ وقت کانپوءِ ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو.

ام ايمن جو پهريون نڪاح بنو حارث جي هڪ فرد عبيد بن زيد سان ٿيو، ۽ ان کانپوءِ جڏهن پاڻ ڪريمن ﷺ جي بعثت ٿي تہ ام ايمن ۽ سندس مڙس ٻنهي اسلام قبول ڪيو. شاديءَ کان ڪجهہ وقت پوءِ عبيد گهرواريءَ کي وڃي پنهنجي اباڻي ڳوٺ يثرب وڃي رهيو، جتي کين "ايمن" نالي اهو پٽ ڄائو جنهن جي ڪنيت سان هوءَ مشهور ٿي. پر ٿوري ئي وقت گذرڻ کانپوءِ عبيد گذاري ويو ۽ هوءَ پنهنجي معصوم پٽ کي ڪٽي اچي پياري پيغمبر ﷺ جن جي خدمت ۾ مکي پهتي.

مکي ۾ نبي ڪريم ﷺ جن "ام ايمن" جو هيو نڪاح پنهنجي پياري غلام حضرت زيد بن حارثہ سان ڪرايو، جنهن مان ڪيس وري هيو پٽ ڄائو، جيڪو اسلامي تاريخ ۾ اُسامہ بن زيد جي نالي پٺيان ڄاتو وڃي ٿو.

ايمان آڻڻ کانپوءِ "ام ايمن رضہ بہ اهي سموريون صعوبتون سٺيون جيڪي ان دور ۾ ايمان آڻڻ وارا سَهندا هئا، تانجو مسلمانن کي حبش ڏانهن هجرت جي اجازت ملي ۽ اوڏانهن ويندڙ مهاجرن ۾ ام ايمن بہ شامل هئي ۽ ان کانپوءِ هيو دفعو وري هن مديني ڏانهن بہ هجرت ڪئي. اسلامي تاريخ اندر ام ايمن جو شمار انهن عورتن ۾ ٿيندو آهي، جيڪي جهاد ۾ عملي طور حصو ونڊيون هيون. يعنيٰ ميدان ڪارزار ۾ اهي مجاهدن کي پاڻي بہ پيئاريندیون هيون تہ زخمين جي خدمت بہ ڪنديون هيون. اُحد توڙي خيبر جي ميدانن ۾ حضرت "ام ايمن" جون اهي خدمتون يادگار آهن. اهڙيءَ ريت سندس مڙس بہ جهادي خدمتن ۾ پيش پيش رهيو. نيٺ سن ٨ هجريءَ ڏاري مؤتہ جي ميدان ۾ حضرت زيد بن حارثہ شهادت ماڻي. جنهن کانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ ام ايمن جو وڏيڪ خيال رکندا هئا، ڇو جو هاڻي هوءَ ڪافي ڪمزور ۽ پيرسن بہ ٿي چڪي هئي ۽ سواءِ هڪ پٽ جي ڪيس ٻيو ڪوبہ پنهنجو ڪونہ هو. اهوئي سبب هو جو هڪ موقعي تي سرور عالم ﷺ جن فرمايو، "پنهنجي ماءُ کانپوءِ منهنجي ماءُ ام ايمن آهي."

پاڻ سڳورن ﷺ جي اهڙي شفقت ام ايمن کي جيئڻ جو نئون حوصلو عطا ڪيو هو، پر پوءِ جڏهن سن يارهين هجريءَ ڏاري سرور ڪائنات ﷺ جن هن جهان مان موڪلايو تہ ان صدمي "ام ايمن" کي جهوري ڇڏيو ۽ سندس سرير کي ساڻو ڪري وڏو. هاڻي رات ڏينهن هن جي اکين مان بي اختيار پيا ڳوڙها ڳڙندا هئا، اهڙو احوال ٻڌي هڪ دفعي حضرت ابوبڪر صديق رضہ حضرت عمر رضہ کي ساڻ ڪري وٽس پهتا ۽ ڪيس چيائون تہ "نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي مالڪ وٽ پهتا ۽ اتي بہ انهن لاءِ ڇڳائي آهي پوءِ تون ڇالاءِ ٿي روئين؟.

ام ايمن رضہ وراڻيو: اها ڳالهہ تہ آءٌ بہ چڱي طرح ڄاڻان ٿي.

ڪانئس پڇيو ويو تہ پوءِ بہ روئين ڇو پئي؟

ام ايمن رضہ چيو: "آءٌ تہ ان لاءِ ٿي روئان تہ هاڻي قيامت تائين زمين تي وحي اچڻ جو سلسلو بند ٿي ويو."

"ام ايمن رضہ" جو اهڙو جواب ٻڌي حضرت ابوبڪر رضہ ۽ عمر رضہ جي اکين مان بہ آب جاري ٿي ويو.

Marfat.com

هن ئي سال "اُمِّ الفَضْل" رضہ [1] اسلام قبول كيو. سندس نالو "لُبَابَہ" آهي ۽ هوءَ عباس

ابن شهاب زهريءَ كان روايت آهي تہ "ام ايمن رضہ" پاڻ كريمن ﷺ جي وصال كان پنج مهينا پوءِ گذاري ويئي. جڏهن تہ "واقدي" ۽ كن ٻين جو قول آهي تہ "ام ايمن رضہ" حضرت عثمان رضہ جي خلافت ۾ گذاري ويئي. والله اعلم.

سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ٣ ص ٣٩٠ ـ ٣٨٨. الاصابہ "ابن حجر" ج ٦ ص ٤٣٤ ـ ٤٣٢. اسد الغابہ ابن الاثير ج ٧ ص ٣٢٦ ـ ٣٢٥. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ٤ ص ٣٥٧ ـ ٣٥٦. العقد الثمين "فاسي" ج ٦ ص ٣٧٢.

شذرات الذهب ابن العماد ج ١ ص ٢٧. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ١٦٨.

(١) لبابہ بنت حارث بن حزن بن بُجير هِلالي اسلام جي ابتدائي دور ۾ ايمان آڻڻ وارين عورتن جي صف ۾ هڪ نمايان نالو آهي. ابن عبدالبر ۽ ابن الاثير وغيره جي نقل كيل روايتن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ سيده خديجة الكبريٰ كانپوءِ ايمان آڻڻ واري هيءَ پهرين عورت هئي. سندس كنيت ام الفضل ۽ لقب "كبريٰ" هو، جنهنكري كيس "لبابة الكبريٰ" جي نالي سان ب ياد كيو ويندو آهي.

حضرت "لبابہ" جي امڙ جو نالو "هند بنت عوف كنانيہ" ٻڌايو ويو آهي، جنهن كي ڇار ڏيئر هيون ۽ انهن جي شادي دنياءِ اسلام جي عظيم هستين سان ٿي. يعنيٰ لبابہ جو نكاح حضرت عباس بن عبدالمطلب سان ٿيو. جڏهن تہ سندس ٻي ڏيءَ "اسماء" جو نكاح پهريان حضرت جعفر طيار سان ۽ ان جي شهادت كانپوءِ حضرت ابوبكر صديق رضہ ۽ ان كانپوءِ سيدنا علي كرم الله وجهہ سان ٿيو. ٽين ڏيءَ سلميٰ وري حضرت حمزه جي نكاح ۾ هئي ۽ سيده ميمونہ جو نكاح وري ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن سان ٿيو. ان كري هڪ شاعر چيو هو تہ "اهڙا نياڻا دنيا جي كنهن ب عورت جي نصيب ۾ نہ هوندا". هڪ موقعي تي وري نبي اكرم ﷺ جن فرمايو تہ آهي چارئي ڀينر ايمان واريون آهن." لبابہ جو نكاح ننڍي عمر ۾ ئي حضرت عباس بن عبدالمطلب سان ٿيو هو. هوءَ شروعات كان وٺي نيكيءَ جي كمن ڏانهن راغب رهندي هئي ۽ اهوئي سبب هو جو هن جي كنن تائين جڏهن اسلام جو آفاقي پيغام پهتو تہ ان كي قبول ڪرڻ ۾ هن كابہ دير كانہ كئي. جيتوڻيك سندس مڙس اڃان مسلمان نہ ٿيو هو پر هوءَ گهر ۾ ظاهر ظهور اسلامي احكام مطابق زندگي گذاريندي هئي ۽ گهر ۾ موجود كافرن كان نفرت كندي هئي. هڪ موقعي تي هن پنهنجي ڏير "ابولهب" كي اسلام جي خلاف حركتن تي سندس منهن تي زور سان لٽ وهائي ڪڍي جو سندس منهن ڦاڻي پيو.

حضرت عباس رضہ سن اٺين هجريءَ ڌاري پنهنجي اسلام جو اظهار كيو، جنهن كانپوءِ هنن مديني ڏانهن هجرت فرمائي. جنهن كري نبي سائين ﷺ جن پنهنجي هن چاچي كي "آخري مهاجر" قرار ڏنو هو.

حضرت "لبابہ" كي زندگيءَ ۾ ست هار ڇاوا، جن مان ڇهہ پٽ ۽ هڪ نياڻي، جنهن جو نالو امِ حبيبہ هو. جڏهن تہ پٽن جا نالا فضل، عبدالله، عبيدالله، معبد، قثم ۽ عبدالرحمان ٻڌايا ويا آهن، جيكي پڻ دين جي خدمت ۾ پيش پيش رهيا.

پاڻ سڳورا ﷺ بيبي لبابہ سان گهڻي انسيت ركندا هئا، ڇو تہ هوءَ سگ ۾ هڪ طرف سندن چاچي هئي تہ ٻي طرف وري سالي، انكري اكثر مديني ۾ سندس گهر ويندا رهندا هئا ۽ هيءَ بيبي صاحبہ اتي سندن خدمت ب كندي هئي تہ كائنڪ دين بابت مسئلا ب معلوم كندي هئي ۽ اهي وري بعد ۾ پنهنجي اولاد كي ٻڌائيندي هئي. حضرت "لبابہ" پاڻ كريم ﷺ جن كان ٻيهہ حديثون روايت كيون آهن.

بيبي "لبابہ" حضرت عثمان رضہ جي خلافت دوران پنهنجي مڙس حضرت عباس رضہ جي هٿن ۾ گذاري ويئي.

Marfat.com

رضہ بن عبدالمطلب جي گهرواري ۽ عبدالله بن عَبَّاس رضہ جي ماءُ هئي. سندس مڙس عَبَّاس رضہ بن عبدالمطلب بيبي صاحبہ کان گهٽو پوءِ مسلمان ٿيو. سندس اسلام آٿڻ جو سال هڪ روايت موجب سن ہ نبوي ۽ بي روايت موجب سن اٺ نبوي آهي. جنهن جو ذکر اڳتي ايندو.

اُم الفَضْل متعلق هڪ روايت اها ہ آهي تہ هوءَ ام المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرىٰ رضہ کانپوءِ اسلام آٿڻ واري پهرين عورت هئي، پر اها روايت صحيح نہ آهي. ڇو جو فَاطِمَہ بنت خَطَّاب رضہ کانسواءِ حضرت سُمَيَّہ رضہ ۽ ام اَيْمَن رضہ ہ اُم الفَضْل کان اڳ اسلام قبول ڪيو هو.

* هن سال اسلام قبول ڪرڻ وارين عورتن ۾ سيده اَسْمَاء [1] بنت اَبُوْبَكْر رضہ جو نالو ہ شامل

سندس جنازي نماز خليفة المسلمين حضرت عثمان رضہ پڙهائي، جنهن کانپوءِ کيس جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

طبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ٨ ص ٢٠٢. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٧ ص ٧٥ ٢٧٤. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۴ ص ٦٢ ـ ۴٦١. جمهرة انساب العرب ابن حزم ص ٢٧۴. "الاصابہ" "ابن حجر" ج ۴ ص ٣٩٨. العقد الثمين "فاسي" ج ٦ ص ۴۴١ ـ ۴۴٠.

(١) اسماء بنت ابوبکر صديق رضہ جو شمار انهن عورتن ۾ ٿيندو آهي، جن اسلام لاءِ بي مثال قربانيون ڏنيون. سنديس والده جو نالو قَيْلَہ يا قُتَيْلَہ بنت عبدالعزيٰ ٻڌايو ويو آهي، جيڪا حضرت ابوبکر رضہ جي پهرين گهرواري هئي پر جيئن تہ هن دين جي دعوت قبول نہ ڪئي ۽ آخر تائين پنهنجي ڪفر تي قائم رهي، جنهن ڪري حضرت صديق کيس طلاق ڏيئي ڇڏي. پوءِ هوءَ پنهنجا ٻئي ٻار يعني اسماء ۽ عبدالله کي سندن ٻيءُ جي حوالي ڪري پاڻ هلي ويئي. سيده عائشہ بيبي اسماء جي مائيلي ڀيڻ هئي، ۽ عمر ۾ ڪائنس ڏهہ ورهيہ ننڍي هئي. نبي ڪريم ﷺ جن جي بعثت وقت سيده اسماء جي عمر چوڏهن ڪن ورهيہ هئي تہ سندس والد جي وسيلي دين جي دعوت وٺس پنهنجي گهر ۾ ئي پهتي ۽ هن اسلام قبول ڪيو. پهرين ڏينهن ڪان وٺي ننڍي عمر جي باوجود اسلامي روايتن تي هوءَ سختيءَ سان ڪاربند رهي ۽ اهو سلسلو سندس وفات تائين قائم رهيو.

حضرت اسماء جي جرئت، بهادري، بي خوفي، حق گوئي، سخا توڙي تقويٰ جا ڪيترائي بي مثال واقعا اسلامي تاريخ جو حصو آهن.

حضرت ابوبکر صديق رضہ جي هيءَ نياڻي جيئن ئي جوان ٿي تہ هن سندس نڪاح قريش قبيلي جي هڪ معزز نوجوان ۽ اسلام جي بهادر ۽ بي خوف سپاهي حضرت زبير بن عوام سان ڪرائي ڇڏيو، جنهن جي خاندان نبوت سان گهري وابستگي هئي، ڇو تہ هڪ طرف هو نبي اڪرم ﷺ جن جو ڦٽات هو تہ بي طرف وري ام المؤمنين سيده خديجة الكبريٰ جو ڀائٽيو هو. اهڙي ريت هي ٻيئي زال مڙس سابقون الاولون ۾ شمار ٿين ٿا ۽ هنهي جي دل ۾ دين جي خدمت لاءِ وڏا جذبا موجود هئا. پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت ابوبکر رضہ سان گڏجي جڏهن هجرت جو پروگرام جوڙيو تہ رستي لاءِ سفر جو سامان ۽ کاڌو پيتو حضرت اسماء ۽ سندس ننڍي ڀيڻ عائشہ گڏجي تيار ڪيو هو. مديني پهچڻ کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ حضرت زيد بن حارث، ابورافع ۽ حضرت عبدالله بن ابوبکر رضہ کي مڪي اماڻيو تہ هو آتان سندن گهر ياتين کي مديني وٺي اچن. هن موقعي تي حضرت زبير رضہ پنهنجي ڪاروباري قافلي سان شام ڏانهن ويل هو جنهن ڪري حضرت اسماء هجرت جو سفر پنهنجي ياءُ عبدالله سان گڏجي ڪيو ۽ پوءِ جڏهن حضرت زبير شام کان موٽيو تہ پنهنجي امڙ سيده صفيہ کي ساڻ ڪري مديني ڏانهن هجرت ڪيائين ۽ جڏهن قُبا پهتو تہ اها جاءِ ڪيس ايتري

Marfat.com

تہ پسند آئي جو هن ڏيا ۾ ئي مستقل قيام جو فيصلو ڪيو، جنهن ڪانپوءِ هن پنهنجي گهرواري حضرت اسماء ڪي ۽ سندس اباڻي گهر کان ڏيا گهرائي ورتو. اهو زمانو هنن قبا ۾ ڏاڍي غربت ۽ مسڪينيءَ جي حالت ۾ گذاريو.

حضرت اسماء ڪي حضرت زبير مان اٺ ٻار يعني ٽي نياڻيون ۽ پنج پٽ ڄاوا. جن مان پٽن جا نالا عبدالله ـ عروه ـ منذر ـ مهاجر ـ ۽ عاصر هئا. جڏهن تہ نياڻين جا نالا خديجہ، ام الحسن ۽ عائشہ هٿايا ويون ٿا.

مسلمان جڏهن مڪي کان هجرت ڪري مديني پهتا تہ اتفاق سان ڪافي وقت تائين وٽن ڪوبہ ٻار نہ ڄائو. اهو ڏسي يهودين هُلايو تہ اسان مهاجرن تي جادو ڪري سندن نسل کي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. پر اهڙي حالت ۾ حضرت اسماء اها پهرين مهاجر عورت هئي جنهن کي پهريون پٽ عبدالله ڄائو، جنهن تي سمورن مسلمانن سرهائيءَ جو اظهار ڪيو. هن موقعي تي يهودي ڏاڍو ڇڄي ٿيا. حضرت اسماء پنهنجي هن نندڙي کي پهريان سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ ڪڍي ويئي، جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ڪارڪ ڇاڙي ٻار جي وات ۾ وڌائون ۽ سندس لاءِ دعا بہ ڪيائون. عبدالله ابن زبير اسلامي تاريخ جو هڪ روشن ستارو ليکيو ويندو آهي.

حضرت اسماء رضہ پنهنجي سڄي زندگي سادگي ۽ تقويٰ سان گذاري. ڪڏهن بہ ڪو اوچو لباس استعمال نہ ڪيائين. سادو کائڻ ۽ سادو پهرڻ ئي سندس زندگيءَ جا اصول هئا. هوءَ پنهنجي اولاد کي بہ نصيحت ڪندي هئي تہ مال جمع ڪرڻ لاءِ نہ پر الله تعالىٰ پنهنجي وات ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ ڏيندو آهي ۽ بخيل کي الله تعالىٰ پنهنجي رحمت کان محروم رکندو آهي. ان ڪري هوءَ پاڻ بہ بي پناه دولت الله تعالىٰ جي رستي ۾ خرچ ڪندي هئي. ان کان علاوه تمام گهٽا روزا بہ رکندي هئي تہ نوافل بہ پڙهندي هئي. هن ڪيترائي حج پڻ ڪيا.

الله تعالىٰ کيس تمام ڊگهي عمر عطا ڪئي، جيڪا هن نيڪيءَ ۾ خرچ ڪئي، ۽ هر مصيبت جي مقابلي ۾ ثابت قدم رهي. سندس مڙس پنهنجي شهادت کان ڪجهہ وقت اڳ ڪنهن گهريلو ڳالهہ تي ناراض ٿي کيس طلاق ڏني، ان سخت ۽ ڏکوئيندڙ فيصلي کي هن نهايت صبر ۽ تحمل سان قبول ڪيو. ان ڪانپوءِ هن باقي عمر پنهنجي وڏي پٽ عبدالله ابن زبير سان گذاري، جيڪو سندس بيحد خيال رکندو ۽ احترام ڪندو هو.

سن ٦٦ هجريءَ کان وٺي عراق ۽ حجاز جي ڪيترن علائقن لاءِ عوام طرفان عبدالله بن زبير کي خليفو چونڊيو ويو هو، ۽ اهي علائقا اموي سلطنت جي قبضي ۾ نہ هئا. پر سن ٻاهتر هجريءَ جي ذوالحج واري مهيني ۾ حجاج بن يوسف هڪ وڏي اٽالي سان مڪي تي چڙهائي ڪئي. اموي فوج طرفان اخلاق ۽ ادب جا سمورا اصول پامال ڪري الله جي گهر تي بہ گولا وسايا ويا. شهر جي اهڙي ريت ناڪہ بندي ڪئي ويئي تہ جيئن آن جو هڪ ڪڻو بہ شهرين تائين نہ پهچي سگهي. اهو ڏسي ابن زبير جا ڪيترا ساٿي سندس ساٿ ڇڏي ويا. ان حالت ۾ هو پنهنجي ماءُ حضرت اسماء سان مشورو ڪرڻ لاءِ سندس خدمت ۾ پهتو. طاقت جي لحاظ کان ڪمزور پر ايمان جي لحاظ کان طاقتور هن ماءُ کيس هر حالت ۾ حق جي حمايت ۽ ظالم اڳيان نہ جهڪڻ جو حڪم ڏنو، ۽ پوءِ عبدالله ابن زبير پير پختا ڪري ميدان ۾ پاڻ کان وڏيڪ طاقتور دشمن جو مقابلو ڪيو ۽ شهادت جو اعزاز ماڻيائين.

حجاج بن يوسف ابن زبير جي شهادت ڪانپوءِ لاش کي سوريءَ تي لڙڪائڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ ڪعبة الله جي پرسان سندس لاش کي ابتو ڪري لٽڪايو ويو ۽ حضرت اسماء جڏهن پٽ جي لاش جي گهر ڪئي تہ حجاج جواب ڏنو تہ "اهو لاش ائين ئي لٽڪيل رهندو تہ جيئن ماٺهو سندس انجام کان سبق حاصل ڪن." نہ صرف ايترو پر هڪ دفعي ان موقعي تي حجاج حضرت اسماء جي گهر آيو ۽ کيس ٺٽول طور چوڻ لڳو: "اي ذات النطاقين، تو خدا جي دشمن جو

هلندڙ

Marfat.com

آهي، جنهن ستن سالن جي نندڙي ڄمار ۾ اسلام قبول كيو. سندس لقب "ذات النِّطَاقَيْنِ" آهي. هن بيبي صاحبہ جي پيدائش سن ٣٤ ميلادي ڏاري ٿي هئي. جنهن كري هوءَ ام المؤمنين سيده عَائِشَہ صِدِّيْقَہ رضہ كان عمر ۾ ڏهہ ورهيہ وڏي هئي. ارڙهن مرد ۽ عورتون كائنس اڳ مسلمان ٿي چكا هئا.

* هن سال اُمِّ عَبْد رضہ (١) بنت عَبْدِوُدّ بہ اسلام قبول كيو. هيءَ بيبي صاحبہ عَبْدالله بن مَسْعُوْد رضہ جي ماءُ هئي.

انجام ڏنو؟" هن موقعي تي حضرت اسماء نهايت جرئت ۽ بهادريءَ سان كيس جواب ڏنو: "تو منهنجي پٽ جي دنيا خراب كئي پر هن تنهنجي آخرت برباد كئي."

سؤ سالن كان بہ مٿي عمر واري هڪ عورت جي اهڙي عزيمت ۽ استقامت ڏسي حجاج حيران ٿي اتان هليو ويو. ان كانپوءِ جڏهن خليفي عبدالملك تائين اها خبر پهتي تہ هن حجاج ڏي لكيو تہ هو حضرت عبدالله ابن زبير جي لاش كي سندس ماءُ جي حوالي كري. جنهن كانپوءِ نهايت تحمل ۽ بردباريءَ سان هن پنهنجي پٽ جي كفن دفن جو بندوبست كيو. حضرت اسماء پنهنجي زندگيءَ ۾ پوري هڪ صدي تائين جن امتحانن ۽ آزمائشن جو مقابلو كيو، يقيناً هيءَ انهن سيني كان وڏي آزمائش هئي پر هوءَ ان مشكل مرحلي مان بہ كاميابيءَ سان پار پئي. جيتوڻيك ان موقعي تي هن هاڻ بہ ٻاهر نہ كڍي، پر ان صدمي سندس اندر كي اڏ كري ڇڏيو ۽ پوءِ ٽورن ئي ڏينهن كانپوءِ هوءَ وڃي پنهنجي مالك سان ملي. سيده اسماء جي ڇڻن پيڙهين كي صحابيت جو شرف حاصل آهي، يعني سندس ڏاڏو، پيءُ، پاڻ ۽ سندس وڏو پٽ عبدالله ابن زبير سمورا صحابي هئا. حضرت اسماء امام المرسلين ﷺ جن جون ٨٥ حديثون روايت كيون آهن.

انساب الاشراف "بلاذري" ج ٧ ص ١٤١ ـ ١٢٣. سير اعلام النبلا "ذهبي" ج ٢ ص ٥٣٢ ـ ٥٢٦. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ٢٣٠ ـ ٢٢٩. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ٣۴٦ ـ ٣۴۴. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ١ ص ١٧٥ ـ ١٧۴. مرآة الجنان "يافعي" ج ١ ص ١٢١. العقد الثمين "فاسي" ج ٦ ص ٣٦٧ ـ ٣٦٦. تاريخ الخميس "دياربكري" ج ٢ ص ٣٠٦ ـ ٣٠۴.

(١) ابن الاثير طرفان هن بيبي صاحبہ جو نالو ام عبد بنت عبدود بن سَوَاءِ بن قُرَيم بن صاهلہ هذلي ڄاڻايو ويو آهي. جڏهن تہ ابن عبدالبر طرفان وري ام عبد بنت سود بن قويم نقل كيو ويو آهي.

تاريخ ۾ سندس نالو كٿي بہ نٿو ملي ۽ بقول ابو عمر جي تہ سواءِ الله تعالىٰ جي سندس اصلي نالي جي ڄاڻ كنهن كي بہ نہ آهي. هن جي شادي پنهنجي ئي خاندان جي هڪ فرد مسعود بن غافل بن حبيب هذليءَ سان ٿي هئي. جيكي بنو زهره وارن جا ساٿاري هئا. مسعود مان هن بيبي صاحبہ كي عبدالله نالي هڪ پٽ ڄائو جنهن عبدالله بن مسعود جي نالي سان شهرت حاصل كئي. سندس شمار جليل القدر صحابين ۾ ٿيندو آهي. ان حساب سان هيءَ محترمہ خاتون عبدالله ابن مسعود جي امڙ هئي، جنهنكري نبي انور ﷺ جن ابن مسعود بدران كين اكثر ابن ام عبد كري بہ سڏيندا هئا.

حضرت ام عبد جو پاڻ سڳورا ﷺ گهڻو خيال ركندا هئا. انكري هوءَ اكثر سندن گهر بہ ايندي ويندي هئي. پاڻ كريم ﷺ جن جو وتر ۾ ركوع كان اڳ "قنوت" پڙهڻ واري روايت هن بيبي سڳوريءَ كان ئي نقل كئي ويئي آهي.

حضرت عمر فاروق پنهنجي دور خلافت ۾ في مهاجر عورت لاءِ ٻہ هزار درهم جو وظيفو مقرر كيو تہ ان ۾ هن بيبي سڳوريءَ جو نالو بہ شامل هو.

اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٧ ص ٣٩٨ ـ ٣٩٧.

الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ٥٠٠.

Marfat.com

* هن سال شيطانن متان چئني طرفن کان "شِهَاب ثَاقِب" اچلائڻ جو سلسلو شروع ٿيو ته جينئن هو آسماني خبرون چارون لهڻ لاءِ مٿي تائين پهچي نه سگهن. (۱)

علامہ گازروُني (۲) پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته شيطانن کي شهاب سان پڇارڻ جو سلسلو بعثت نبوي ﷺ جي ويهن ڏينهن کانپوءِ شروع ٿيو.

پهرين وحيءَ (۳) جو نازل ٿيڻ

* هن سال رمضان شريف جي مهيني ۾ ليلة القدر واري رات حضرت جبرئيل عليه السلام نبي

---

(۱) سيرة ابن اسحاق ص ۱۰۹ ـ ۱۱۰، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۲ ص ۱۹۷، سيرة ابن هشام ج ۱ ص ۲۱۷ـ۲۱۸، سيرة حلبيه ج ۱ ص ۲۰۷.

(۲) نالو محمد بن مسعود بن محمد بن خواجه امام مسعود بن محمد بن علي. لقب سعد الدين، حديث، تاريخ ۽ سيرت جو هڪ متبحر عالم ۽ محدث ٿي گذريو آهي. سندس اباڻو ڳوٺ گازرون هو، انڪري تاريخ ۾ ڪيس ان نسبت سان ئي ياد ڪيو ويندو آهي.

گازرون ماضيءَ ۾ ايران جو مشهور شهر رهيو آهي، جيڪو شيراز کان ۵۵ ميلن جي مفاصلي تي هو. شهر جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي نهايت خوبصورت باغ ۽ عظيم الشان محلات ٺهيل هئا. ان ڪانسواءِ هن شهر ۾ وڏيون بازاريون به هيون، جتي ڪپڙي، اناج ۽ ميوي جو وڏو ڪاروبار هلندو هو. جنهن ڪري هتان جا رهاڪو نهايت خوشحال زندگي گذارينداهئا.

وڏن تاجرن ڪانسواءِ هي شهر وڏن عالمن جو به مرڪز رهيو آهي، جن مان، ابوالعباس، عبدالله بن علي مغربي، ابوالبرڪات اسماعيل بن احمد نيشاپوري، علي بن محمد، صوفي ابوالحسين ۽ "اسحاقيه" سلسلي جي باني ابو اسحاق ابراهيم بن شهريار جا نالا ذڪر جوڳا آهن. سعد الدين علي بن محمد گازروني ۽ هن ئي شهر جي هڪ خوشحال علمي خاندان ۾ جنم ورتو. جيتوڻيڪ سندس جنم جو صحيح سن معلوم نه آهي پر عالمن جو اندازو آهي ته هو ستين صديءَ جي آخري حصي ۾ جائو هوندو. باقي سندس وفات سن ۱۳۵۷ع بمطابق ۷۵۸ هجري جمادي الآخر جي پوين تاريخن ۾ ٿي. علامہ گازرُوني پنهنجي سموري زندگي پڙهڻ پڙهائڻ ۽ تصنيف تاليف ۾ گذاري. ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن مان سڀ کان وڌيڪ مقبوليت "سيرت" بابت لکيل سندس ڪتاب "المنتقي في مولد المصطفيٰ ﷺ" کي حاصل ٿي، جنهن کي عام حلقن ۾ "سيرت گازرُونيءَ" جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. هي ڪتاب علامہ گازرُونيءَ عربي زبان ۾ لکيو، جنهن جو بعد ۾ سندس پٽ عفيف الدين، فارسي زبان ۾ ترجمو ڪيو. هن ترجمي به اصلي ڪتاب وانگر وڏي مقبوليت ماڻي. عالمن آڏو ان جو استعمال سيرت بابت هڪ معتبر ماخذ جي حيثيت ۾ وڏي عرصي تائين ٿيندو رهيو، ايتريقدر جو اصل عربي ڪتاب ڏانهن ماڻهن ڏيان ئي نه ڏنو ۽ اهو ضائع ٿي ويو. هينئر اهو پارسي نسخو به ناپيد ٿي چڪو آهي. برصغير ۾ ان ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو جامع مسجد ممبئيءَ جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

الاعلام زرڪلي ج ۷ ص ۹۶. معجم البلدان ياقوت حموي ج ۴ ص ۴۳۰ ـ ۴۲۹. الدرر الڪامنه ابن حجر ج ۴ ص ۲۵۶ ـ ۲۵۵. دائرة المعارف (اردو) ج ۱۷ ص ۱۳. نقوش (رسول ﷺ نمبر) ج ۹ ص ۹۲.

(۳) "وحي" عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ ٿيندي "ڪنهن سان اهڙيءَ ڳجهيءَ ريت ڳالهه ڪرڻ جو ٻيو ڪوبه ٻڌي نه سگهي ۽ نه ئي وري ڳالهه ڪندڙ کي ٻيو ڪو ڏسي سگهي."

جڏهن ته عام طرح هن لفظ جي معنيٰ کي لطيف يا لڪل اشارو، پيغام پهچائڻ (رسالت)، ڪا ڳالهه دل ۾ وجهڻ (الهام)، لکڻ يا ڪا لکت پهچائڻ وغيره به ٻڌائي ويئي آهي. باقي اسلام جي شرعي اصطلاح ۾ وحي ان غيبي

Marfat.com

ذريعي کي سڏيو ويندو آهي، جنهن جي وسيلي الله تعالىٰ پنهنجي پيغمبرن کي اهڙن طريقن سان تعليم ڏيندو آهي جو معلم عوام جي اکين کان اوجهل رهندو آهي.

وحيءَ جو اهو سلسلو دنيا جي پهرين پيغمبر حضرت آدم عليه السلام کان شروع ٿيو ۽ نبي آخر الزمان ﷺ تائين جاري رهيو، انکري هر امت لاءِ "وحي" حجت مطلق آهي.

قسم: وحي جي نازل ٿيڻ جا کيترائي قسم ٻڌايا ويا آهن، جن مان گهٽا ۾ سيني نبين لاءِ عام هئا، جڏهن ته ڪجهه وري ڪن خاص نبين سان تعلق رکن ٿا. علامہ شاميءَ پنهنجي سيرة واري ڪتاب ۾ امام حليميءَ کان هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اسان جي نبي ﷺ مٿان وحي ڇائيتاليهه طريقن سان نازل ڪئي ويئي. جن مان ڪجهه قسمن جو بيان هيٺ ڪجي ٿو.

۱ ـ سچا خواب: الله تعالىٰ پنهنجي نبين کي سچن خوابن ذريعي ننڊ ۾ ۾ پنهنجا پيغام پهچائيندو آهي ۽ اهي اهڙا صاف ۽ واضح هوندا آهن، جڏ ته هو جاڳندي ڏسي ۽ ٻڌي رهيا هجن. جيئن امام بخاريءَ پنهنجي صحيح ۾ عبيد بن عامر کان هڪ روايت نقل ڪئي آهي ته "نبيءَ جو خواب وحي آهي." جيئن سيدنا ابراهيم عليه السلام کي ننڊ ۾ وحي ڪئي ويئي "اِنِّيْٓ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْٓ اَذْبَحُكَ ..... مَاتُؤْمَرُ" (الصافات ۱۰۲).

يا وري جيئن امام الانبياء ﷺ جن مٿان ("غار حراء ۾" حضرت جبرئيل جي نازل ٿيڻ کان ڇهه مهينا اول) سچن خوابن جو سلسلو شروع ٿيو، جنهن جو ذکر اڳ ٿي چڪو آهي.

۲ ـ دل ۾ ڳالهه وجهڻ (القاء ڪرڻ): نزول وحيءَ جو هي طريقو اهڙو آهي جنهن ۾ الله تعالىٰ کا ڳالهه پنهنجي نبين جي دل ۽ دماغ ۾ اهڙيءَ ريت داخل ڪري ڇڏيندو آهي، جو هو ان مخفي مام کان ذري پرزي واقف ٿي ويندا آهن. توڙي جو ان وقت هو ڪنهن به وحي آٿيندڙ کي نه ظاهري اکين سان ڏسندا آهن ۽ نه ئي وري پنهنجي ڪنن سان ان جو ڪو آواز ٻڌندا آهن. جيئن امام ابوعبدالله حليميءَ طرفان ٻڌايو ويو آهي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو قول آهي ته "ان روح القدس نفث في روعي ..... الابطاعته."

روح القدس منهنجي دل ۾ اها ڳالهه وڌي ته ڪوبه ساهوارو ان وقت تائين نه مرندو جيستائين هو پنهنجو رزق (ڪائي) پورو نه ڪري، ان لاءِ الله کان ڊڄندا رهو ۽ رزق حاصل ڪرڻ لاءِ صحيح ذريعو اختيار ڪريو ۽ رزق جي تنگي سبب اوهان ان کي غلط طريقن سان نه ڳولهيو ڇو جو (اوهان لاءِ) جيڪي ڪجهه الله تعالىٰ وٽ آهي ان کان وڌيڪ، نافرماني ڪندي اوهان کي حاصل ٿي نه سگهندو.

۳ ـ گهنٽين جهڙو آواز ۽ وحي: ـ هن طريقي مطابق وحي نازل ٿيڻ وقت پاڻ سڳورا ﷺ جن لڳاتار گهنٽين وڄڻ جهڙو آواز ٻڌندا هئا ۽ پوءِ ان حالت ۾ اهڙو پيغام ٻڌڻ ۾ ايندو هو، جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻڌندا به هئا ۽ سمجهندا به هئا ته ان کي ياد به ڪري ڇڏيندا هئا، مگر اهو آواز ڪنهن جو هوندو هو؟ اها هستي نظر نه ايندي هئي. وحيءَ جي ان قسم کي سيني کان ڏکيو ۽ سخت قسم ٻڌايو ويو آهي، ڇو جو سيده عائشه کان روايت آهي ته "جيڪڏهن سخت سرديءَ جي موسم ۾ به هن قسم جي وحيءَ جو نزول ٿيندو هو ته اوڏيءَ مهل مٿي مرسل ﷺ جن جي پيشاني مبارڪ پگهرجي ويندي هئي، پر جي اوڏيءَ مهل سرور عالم ﷺ جن ڪنهن سواريءَ تي ويٺل هوندا هئا ته بار سببان اهو جانور جهڪي پوندو هو ۽ زمين تي ويهي رهندو هو. جيئن سوره المائده جي نزول وقت ٿيو هو."

بخاري شريف ۾ حضرت زيد بن ثابت کان هڪ روايت ۾ نقل ڪيو ويو آهي ته هڪ دفعي آءٔ پاڻ سڳورن ﷺ جن

Marfat.com

سان ائين گڏ ويٺو هوس، جو انهن جي ستر مبارڪ منهنجي ستر متان رکيل آهي ۽ اوڏي مهل سرور ڪائنات ﷺ متان ان قسم جي وحيءَ جو نزول ٿيو ۽ مان ائين سمجهڻ لڳس ته شايد منهنجي جنگهه ان بار سببان ڇڄي پوندي.

۴ ـ فرشتي کانسواءِ الله تعالىٰ جو پردي ۾ مخاطب ٿيڻ: ڪن موقعن تي الله تعالىٰ ڪنهن فرشتي کي وچ ۾ آڻڻ کانسواءِ سڌو سنئون پنهنجي ڪن پيغمبرن سان ڳالهايو آهي، جيئن معراج واري رات امام الانبياء ﷺ سان، جڏهن کين پنج وقت نماز جي فرضيت ۽ ڪجهه ٻيا حڪم ٻڌايا ويا، جنهن جو ثبوت معراج واري حديث ۾ موجود آهي. جڏهن ته سيدنا موسىٰ عليه السلام سان ان طريقي مخاطب ٿيڻ جو ثبوت خود ڪلام الاهي آهي: "وَكَلَّمَ اللّٰهُ مُوْسٰى تَكْلِيْماً".

ان کان علاوه عالمن ۽ مفسرن جو هڪ طبقو اهڙو به آهي جن جي خيال مطابق الله تعالىٰ تمام پردن، واسطن ۽ حجابن کي هٽائي پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن کي پنهنجو ديدار ڪرايو ۽ روبرو ساڻن هم ڪلام ٿيا ۽ اهو منفرد مقام امام الانبياء ﷺ جن لاءِ ئي مخصوص آهي. جڏهن ته اهل علم جو هڪ ٻيو طبقو وري رؤيت بصري يعني هن ظاهري اکين سان الله تعالىٰ جي ديدار جو قائل نه آهي ۽ اهي پنهنجي نظريي جي تائيد ۾ سورة الانعام جي هيٺين آيت مبارڪ پيش ڪن ٿا.

"لَاتُدْرِكُهُ الْاَبْصَارُ". (دنيا ۾) اکيون ڪيس ڏسي نه ٿيون سگهن.

ان نظريي بابت پهرين طبقي واري عالمن جو جواب آهي ته ان آيت جو مطلب ٿيندو ته هن عالم ناسوت ۾ ظاهري اکين سان بيشڪ رؤيت باري تعالىٰ ممڪن نه آهي، پر پاڻ ڪريم ﷺ جن ته عالم لاهوت ۾ ذات باري تعالىٰ جو مشاهدو ڪيو ۽ ظاهر آهي ته سدرة المنتهىٰ ڪان مٿي واري منزل جي مشاهدي لاءِ ته هيءَ ظاهري نظر هونئن ٻه ناڪافي آهي. ڇو جو جتي جبريل جهڙي نوراني مخلوق کي ٻه اڇڻ جو اذن نه هجي، ان عالم جي مشاهدي لاءِ اڇڻ واري منفرد ۽ محترم مهمان کي انهن سيني نعمتن سان نوازيو ويو هوندو جيڪي اتان جي مشاهدي لاءِ مطلوب هوندیون.

ان نظريي جا قائل ائين به چون ٿا ته عام انساني سماعت به الله تعالىٰ جي آواز ٻڌڻ جي طاقت نٿي رکي.

جيئن سوره الشوريٰ آيت ۵۱ ۾ الله تعالىٰ فرمايو آهي: وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ ..... اِلَّا وَحْياً.

ترجمو: ڪنهن به بشر جي اها حيثيت نه آهي ته الله ساڻس روبرو ڳالهائي. ها باقي وحيءَ جي وسيلي.

پر جي الله تعالىٰ وري پنهنجي ڪنهن ٻانهي سان مخاطب ٿيڻ چاهي ٿو ته ان جي سماعت ۾ اهڙي استعداد پيدا ڪري ٿو، جو هن عالم ناسوت ۾ به اهو ان الهامي احڪامن کي بنا ڪنهن واسطي جي وصول ڪري سگهي ٿو. جيئن وڪلم الله موسىٰ تڪليما ۾ ٻڌايو ويو آهي. ته پوءِ عالم لاهوت اڇڻ واري ان عظيم المرتبت هستيءَ جي سماعت يا بصارت ۾ اهڙي استعداد پيدا ڪرڻ ڪيئن ممڪن نه آهي. بهرحال اهي ٻئي نظريا اسان جي عالمن جا آهن، جن تي حديث توڙي تفسير جي ڪتابن ۾ گهڻو بحث ڪيو ويو آهي، ڇو ته اسان جي عالمن ۾ ٻنهي نظرين جا قائل موجود آهن.

اسانجو بزرگ حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه پهرين نظريي جو قائل آهي. اهڙي خيال جو اظهار هن معراج واري واقعي کي بيان ڪندي سن يارهين نبوي ﷺ جي واقعات ۾ ڪيو آهي. باقي اصلي حقيقت ڇا هئي ته ان جو علم صرف الله تعالىٰ جي ذات بابرڪات وٽ آهي وما تشائون الا ان يشاءَ الله.

۵ ـ فرشتي جو انساني صورت ۾ اچڻ: اسانجي پياري پيغمبر ﷺ جن توڙي ٻين انبياء عليهم السلام جن جي خدمت ۾ حضرت جبرئيل گهڻا دفعا انساني صورت ۾ ئي ايندو رهيو آهي. نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ هو ڪڏهن مشهور صحابي "دحيه الڪلبيءَ" جي شڪل ۾ ته ڪڏهن ڪنهن اعرابيءَ جي شڪل ۾ جيئن حديث جبرئيل مان ثابت

Marfat.com

آخرالزمان ﷺ جن جي خدمت ۾ پهرين وحي کٹي نازل ٿيو، جنهن بابت خدا تعاليٰ پاڻ فرمايو آهي، "اِنَّا اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ"•

۽ وري هيءَ جاءِ تي فرمايو آهي: "شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْآنُ" (۱)

سڀ کان پهريان جبرئيل عـ "سورة علق" جون پهريون پنج آيتون پڙهيون. يعني اِقرَاْ باسمِ کان وٽي مَالَم يَعلمَ تائين ۽ ان کانپوءِ رسول خدا ﷺ انهن آيتن کي ورجايو.

اهائي سڀ کان پهرين وحي آهي. جنهن جو ذکر حديث جي صحيح ڪتابن بخاري وغيره ۾ موجود آهي. (۲) ۽ امام نوويءَ جي روايت موجب اڳين توڙي پوين مان اڪثريت جو ان ڳالهه تي اتفاق آهي. پوءِ جيڪي راوي سورة فاتحه يا سورة مدثر جي شروعاتي آيتن کي پهرين وحي سمجهن ٿا تہ انهن جي روايت ضعيف آهي. بلڪ امام نوويءَ جي بقول باطل آهي. باقي ان ڳالهه تي اختلاف آهي، تہ ان سال لَيْلَةُ الْقَدْرِ ڪهڙي تاريخ تي هئي. ان ڏس ۾ راوين طرفان جدا جدا تاريخون نقل ڪيون ويون آهن. جيئن سترهين، ارڙهين، چوويهين ۽ ستاويهين وغيره.

وحي نازل ٿيڻ مهل پهريائين جبرئيل عليه السلام نبي سڳوري ﷺ کي ٽي دفعا زور سان ڀاڪر پاتو. جنهن جو تفصيل حديث عائشہ رضہ ۾ موجود آهي. جيڪو بخاري وغيره ۾ ڏسي سگهجي ٿو. (۳)

جبرئيل جو باربار زور ڏيئي ڀاڪر پائڻ جو مقصد اهو هو تہ روحاني طريقي سان قلب نبوي ﷺ مان جملي بشري صفات کڍي ان ۾ مَلَڪِي صفات داخل ڪري تہ جيئن سندن قلب مبارڪ ايمان ۽ نبوت جي نور سان ٽمٽار ٿي وڃي. پهرين وحيءَ جي نازل ٿيڻ وقت جبرئيل عليه السلام "سورة عَلَق"

آهي يا وري ڪڏهن ڪنهن ٻئي جاتل يا اڻ ڄاتل انسان جي صورت ۾ بہ ايندو رهيو آهي.

ان ڪانسواءِ ڪڏهن جبريل پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ بہ نبي عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ بہ دفعا حاضر ٿيو. پهريون دفعو زمين آسمان جي وچ تي غارحراءَ ڪان اوپر طرف پاڻ ڪريم ﷺ جن جبرئيل کي هڪ ڪرسيءَ تي ويٺل ڏٺو. جڏهن تہ ٻيو دفعو معراج واري موقعي تي سدرة المنتهيٰ وٽ جيئن "سورة النجم" ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

علامہ عامري ۽ هين جو قول آهي تہ جبريل امين کي پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ ڏسڻ جو شرف بہ الله تعاليٰ اسان جي نبي پاڪ ﷺ جن کي بخشيو، باقي ٻئي ڪنهن بہ نبي سڳوري جبريل کي پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو.

بهرحال وحي الاهيءَ جا اهي ڪجهه خاص قسم آهن، جيڪي حديث، سيرت ۽ تاريخ جي ڪتابن ۾ بيان ڪيا ويا آهن. مٿي مرسل ﷺ جن متان وحيءَ جو اهو سلسلو اٽڪل ٽيويهن ورهين تائين جاري رهيو. جنهن جو آغاز چاليهن ورهين جي عمر ۾ سچن خوابن ذريعي مڪي ۾ ٿيو ۽ ان جي پڄاڻي بہ حجة الوداع جي موقعي تي ساڳئي ئي شهر ۾ ٿي.

صحيح مسلم جلد ۷ باب عرق النبي ﷺ ص ۸۱ ـ ۸۲، سيرت ابن اسحاق ص ۱۰۱ ـ ۱۰۲، الاکتفاء ڪلاعي جلد ۱ ص ۲۰۳، دلائل النبوة بيهقي جلد ۷ ص ۵۲ ـ ۵۷، الروض الانف سهيلي جلد ۱ ص ۲۶۸ ـ ۲۷۰.

(۱) سبل الهدیٰ والرشاد شامي ج ۲ ص ۱۹۸.

(۲) صحيح بخاري باب " کيف کان بدءُ الوحي" ج ۱ص ۷.

(۳) صحيح بخاري باب " کيف کان بدءُ الوحي" ج ۱ ص ۶.

Marfat.com

جون پنج آيتون نبي سڳوري ﷺ جن کي ياد ڪرايون، جنهن کانپوءِ هن غار کان ٻاهر نڪري هڪ جاءِ تي پنهنجي پير جي ڪڙيءَ کي گسايو ۽ اتان هڪ پاڻيءَ جو چشمو جاري ٿي پيو. ان کانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن کي وضوءَ ۽ نماز جو طريقو ٻڌائڻ لاءِ پهريائين جبرئيل عـ اتان پاڻ وضو ڪري ٻ رڪعتون نماز ادا ڪئي. (۱) ان دوران سرور ڪائنات ﷺ جن سندس ان عمل کي غور سان جاچيندا رهيا. پوءِ

---

(۱) نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حضرت جبرئيل عـ پهريون ڀيرو انساني شڪل ۾ غار حرا اندر نازل ٿيو ۽ چوڻ لڳو، "اي محمد ﷺ آءٌ جبرئيل آهيان ۽ مونکي اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي. اوهان کي هن زمين تي انسانن توڙي جنن لاءِ آخري نبيءَ جي حيثيت ۾ مبعوث ڪيو ويو آهي. ان کانپوءِ جبرئيل ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن گڏجي جبل تان هيٺ لهي زمين تي آيا، جتي هڪ نرم غاليچو وڇايل هو، جنهن تي نبي انور ﷺ جن ويٺا ۽ پوءِ جبرئيل پنهنجي پير جي ڪڙي زمين سان گسائي ۽ ان پٽريلي زمين منجهان هڪ قدرتي چشمو جاري ٿيو ۽ جبرئيل ان پاڻيءَ مان وضو ڪرڻ شروع ڪيو. هن ٽي دفعا پنهنجا هٿ ڌوتا، گرڙيون ڪيون، نڪ کي پاڻي ڏنو، ٽي دفعا منهن ڌوتو، ٻوڏين تائين ٻانهن کي ڌوئي مٿي تي آلو هٿ گهمايو ۽ پوءِ آخر ۾ پيرن کي ٽي دفعا ڌوئي پنهنجو وضو مڪمل ڪيو. اهڙيءَ ريت پاڻ ڪريم ﷺ جن کي وضوءَ جو طريقو ۽ ترتيب ٻڌائي ويئي. بلاذريءَ محمد بن قيس کان وضوءَ بابت جيڪا روايت نقل ڪئي آهي، ان ۾ وري پيرن ڌوئڻ کانپوءِ پنهنجي گوڏ تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هٽڻ بـ ٻڌايو ويو آهي. اهڙيءَ ريت وضو ساري، جبرئيل ٻ رڪعتون ادا ڪيون، جنهن کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن بـ ساڳئي نموني وضو ساري، ٻ رڪعتون ادا ڪيون ۽ ان عمل سان سندن طبيعت ۾ هڪ قدرتي سرور محسوس ٿيڻ لڳو. اها پهرين نماز هئي جنهن لاءِ جبرئيل فرمايو: "يامحمد ﷺ نماز ائين پڙهي ويندي". پوءِ جبرئيل واپس ويو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي گهر جي واٽ ورتي. گهر پهچڻ کانپوءِ پنهنجي گهرواري ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ سان اهو سمورو واقعو بيان ڪيائون ۽ پوءِ بيبي سانئڻ بـ ساڳيءَ ريت وضو ساري سرور ڪائنات ﷺ سان گڏجي نماز ادا ڪئي.

اها نماز ۽ وضوءَ جي پهرين تعليم هئي، جيڪا عملي طور جبرئيل پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهرين دفعي ٿي پيش ڪئي. ان ڏينهن کان ٿي معراج تائين نماز ايمان وارن لاءِ هڪ ڏينهن ۾ ٻ دفعا فرض هئي، يعنيٰ ٻ رڪعتون فجر جون ۽ ٻ رڪعتون عصر (ٻپهري) جي وقت. جيئن سوره طٰهٰ ۾ فرمايو ويو آهي "وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَقَبْلَ غُرُوْبِهَا" اهڙي روايت يحيٰ بن سلام ۽ حربيءَ کان سَهيليءَ طرفان نقل ڪئي ويئي آهي، جڏهن تہ ابن مبارڪ جو قول آهي تہ "اهي ٻ وقت فجر ۽ عشاء جا هئا. جيئن سوره مؤمن ۾ بيان ڪيو ويو آهي" وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ بِالْعَشِيِّ وَالْاِبْكَارِ." اهڙي روايت مقاتل بن سليمان کان ابن جوزيءَ نقل ڪئي آهي. باقي وضوء جي باري ۾ جمهور جي راءِ اهائي آهي تہ وضو پهرين ڏينهن کان ٿي فرض آهي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن زندگيءَ ۾ ڪڏهن بـ ڪا نماز وضوءَ کانسواءِ ادا نہ ڪئي.

زيد بن حارثہ جي روايت مطابق وضو عمل جي لحاظ کان مڪي ۾ ئي فرض ٿيو، باقي وضوء بابت آيت مديني ۾ نازل ٿي جيڪا سوره مائده ۾ موجود آهي ۽ اها سورة مدني آهي، جنهن ۾ وضوء ۽ تيمم بابت طريقو ۽ تفصيل موجود آهي. ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضہ ان آيت کي تيمم جي آيت سڏيو آهي. والله اعلم.

حافظ "سهيليءَ" جو قول آهي تہ وضو واري آيت حڪم جي لحاظ کان تہ مڪي ۾ تلاوت جي لحاظ کان مدني آهي.
سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۲ ص ۲۹۹ ـ ۲۹۶. المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ۱ ص ۲۱۱ ـ ۲۱۰. انساب الاشراف "بلاذري" ج ۱ ص ۱۲۶ ـ ۱۲۵. سيرة دمياطي ص ۷۵ ـ ۷۴. الاکتفاءُ ڪلاعي ج ۱ ص ۲۰۹ الوفا ابن الجوزي ج۱ ص ۱۶۷ ـ ۱۶۶.

Marfat.com

جبرئيل جڏهن ان کم کان واندو ٿيو تڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن ساڳيءَ ريت وضو ۽ نماز جي ان عمل کي ورجايو. ان وقت کان وٺي معراج تائين مسلمانن کي ٻہ وقت نماز ادا ڪرڻ جو ئي حڪم هو. ٻہ رکعتون صبح (فجر) جو ۽ ٻہ رکعتون ٽيپهري (عصر) جو.

جنهن کانپوءِ معراج واري رات پنج وقت نماز جو حڪم مليو، جنهن جو احوال سن پارهين نبوت جي واقعات ۾ بيان ڪيو ويندو. انشاء الله تعاليٰ.

پهرين وحيءَ جي نازل ٿيڻ مهل رسول رحمت ﷺ جن ڏانهن جبرئيل امين انساني صورت ۾ آيو هو جنهن ڪري پاڻ سڳورن ﷺ جي دل ۾ اهو گمان ٿيڻ لڳو تہ هي ڪو ملائڪ آهي يا جن؟ انڪري سندن دل ۾ اها تمنا هئي تہ جبرئيل پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ سندن آڏو اچي، تہ جيئن اهو گمان دور ٿي وڃي.

آخر هڪ دفعي مڪي کان حرا ڏانهن ويندي پاڻ ڪريم ﷺ جن کي جبرئيل پنهنجي اصلوڪي شڪل ۾ زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ڪرسيءَ تي ويٺل نظر آيو. اهو ڏسندي ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مٿان ايتري تہ هيبت طاري ٿي، جو سندن سمورو جسم مبارڪ ڏڪڻ لڳو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ ان حالت ۾ اُمُ المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرىٰ رضہ وٽ آيا ۽ بيبي سائنڻ کي فرمايائون: "زَمِّلُوْنِيْ زَمِّلُوْنِيْ!" (مونکي ڪپڑو ڏيکايو، مونکي ڪپڑو ڏيکايو) يا ٻي روايت آهي: "دَثِّرُوْنِيْ! دَثِّرُوْنِيْ!" (مونکي چادر ڏيکايو. مونکي چادر ڏيکايو) ان تي بيبي سائنڻ کين چادر ڏيکائي ۽ ان ڪانپوءِ جڏهن اها ڪيفيت ختم ٿي، تڏهن سورة مدثر جون پهريون پنج آيتون "يٰاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ كان وٺي وَالرُّجْزَ فَاهْجُرْ" تائين نازل ٿيون. (۱)

ام المؤمنين سيده خديجة الكبرىٰ رضہ جڏهن رسول خدا ﷺ جن کي هيبت ۽ خوف واري حالت ۾ ڏٺو، جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي، تڏهن کين دلجاءِ ڏيندي فرمايائين:

"هرگز نہ! شيطان کي اوهان تي غالب ٿيڻ جي وات نہ ملندي. خدا جو قسم! رب پاڪ اوهان کي ڪڏهن غمگين نہ ڪندو، اوهان مائٽن سان سٽو برتاءُ ڪندڙ، هميشہ حق ڳالهائيندڙ، مهمانن جي خدمت ڪندڙ، غريبن جي پرگهور لهندڙ ۽ ڏکئي وقت ۾ انهن جي مدد ڪندڙ آهيو."

ان ڪانپوءِ بيبي سائنڻ الله جي پياري رسول ﷺ جن کي پنهنجي سؤٽ وَرَقَہ بن نَوْفل وٽ وٺي آئي ۽ ڪيس چيائين: "اي منهنجي چاچي جا پٽ! پنهنجي ڀائٽي(نبي ڪريم ﷺ) کان احوال وٺو." وَرَقَہ جڏهن نبي ﷺ جن جو احوال ٻڌو تڏهن وراڻيو: "هي اهوئي ناموس (۲) آهي، جيڪو هن

---

(۱) صحيح بخاري باب " كيف كان بدءالوحي ج ۱ ص ۷".

(۲) "ناموس"، عربي ۾ هن لفظ جون ڪيتريون ئي معنائون ٻڌايون ويون آهن. جيئن ، علم جو ڀنڊار، بادشاهہ جو رازدان، خدائي قانون يا شرعي حڪم وغيره. علامہ ابن حجر عسقلاني ان لفظ جي معنيٰ "جبرئيل عليه السلام" لکي آهي. ڇو جو اهو ٻہ خدا تعالي جو پيغام، امانت ۽ رازداريءَ سان خدا جي رسولن ڏانهن پهچائيندو رهيو آهي. لسان العرب واري لکيو آهي تہ خير جي راز ڄاڻندڙ کي "ناموس" ۽ شر جي راز ڄاڻندڙ کي "جاسوس" سڏيو ويندو آهي. (لسان العرب ابن منظور جلد٦ ص ۲۴۴-۲۴۳ ، فتح الباري، حافظ ابن حجر عسقلاني ج ۱ ص ۲٦، الروض الانف"سهيلي" جلد ۱ ص ۲۷۳، بهجة المحافل "عامري" ج ۱ ص ۷۹).

Marfat.com

کان اگ موسيٰ عليہ السلام تي نازل ٿيو هو. شيطان اوهان تي کڏهن ب غالب ٿي نہ سگهندو". (۱)

ام المؤمنين سيده خديجة الکبريٰ رضہ جي انهن خدمتن جو اجورو کين رب پاڪ طرفان ان ريت مليو جو هڪ ڏينهن جبرئيل عليہ السلام نبي کريم ﷺ جن وٽ غار حرا ۾ آيو ۽ عرض کيائين تہ "بيبي سائنڻ لاءِ رب العالمين طرفان سلام کڻي آيو آهيان ۽ پنهنجي طرفان ب سندن خدمت ۾ سلام پيش کريان ٿو." ان کانپوءِ نبي کريم ﷺ جن بيبي سائنڻ جي خدمت ۾ رب تعاليٰ ۽ سندس فرشتي جبرئيل عليہ السلام جا سلام پهچايا. ان جي جواب ۾ جيکي کجهہ بيبي سائنڻ فرمايو اهو سندن ڏاهپ ۽ زبان دانيءَ جو بهترين مثال آهي. (۲)

بيبي صاحبہ فرمايو:

"اَللّٰهُ السَّلَامُ وَ مِنْهُ السَّلَامُ وَعَلَيْكَ السَّلَامُ وَعَلٰى جِبْرِيْلَ السَّلَامُ وَعَلٰى كُلِّ مَنْ سَمِعَ السَّلَامُ اِلَّا الشَّيْطَانَ."

الله سائين تہ پاڻ سلامتي وارو آهي ۽ سلامتي ان کان ئي ملي سگهي ٿي (اي نبي ﷺ) اوهان تي سلام، جبرئيل تي سلام ۽ هر ٻڌڻ واري تي سلام، سواءِ شيطان جي."

ان کانپوءِ هن سال کجهہ وقت تائين وحي نازل ٿيڻ جو سلسلو بند ٿي ويو، ان سبب کري نبي سڳورا ﷺ بيحد غمگين رهڻ لڳا. جنهن کانپوءِ وري وحيءَ جو سلسلو جاري ٿيو. جيکو سندن باقي ڄمار تائين جاري رهيو. اهڙو ذکر صحيح بخاريءَ ۾ موجود آهي. (۳)

---

(۱) صحيح بخاري باب " کيف کان بدءالوحي " ج ۱ ص ۷"

(۲) بيبي سائنڻ جي انهن خوبين جو ذکر حافظ ابن حجر، "سهيلي" ۽ ٻين مؤرخن پنهنجي کتابن ۾ تفصيل سان کيو آهي. اهي کتاب هي آهن: خلاصة السير محب طبري ص ۳۹، بهجة المحافل عامري، ج ۱ ص ٦۱، فتح الباري "ابن حجر" ج ۷، الروض الانف سهيلي ج ۱ ص ۲۸۰، الشجرة النبوة ابن المبرد ص ۴۴.

(۳) صحيح بخاري جلد ۱ ص ۷.

Marfat.com

فصل ٻيو

هن فصل ۾ سن ٢ نبوي يعني ۴٢ميلادي جي واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

حضرت عبدالله بن عمر رضہ بن خطاب قريشي عدوي جو ڄمڻ

* هن سال حضرت عمر بن خطاب رضہ جي گهر نينگر ڄائو. جنهن جو نالو عَبْدُالله (١) رکيو ويو. غَزْوَهْ اُحُد وقت سندس ڄمار چوڏهن ورهيہ هئي. ننڍي عمر هڻڻ سبب رسول الله ﷺ طرفان کيس "غزوه احد" ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت نہ ملي سگهي.

---

(١) ابوعبدالرحمان عبدالله بن عمر بن خطاب عَدوي، ننڍي عمر ۾ ايمان آڻڻ وارن صحابين جي ست ۾ شامل آهي، جيڪو هجرت کان ڏهاڪو ورهيہ اڳ مڪي ۾ ڄائو. سندس امڙ جو نالو زينب بنت مظعون بن حبيب جمحيہ هڏايو ويو آهي، جيڪا مشهور صحابي حضرت عثمان بن مظعون جي ڀيڻ هئي ۽ اهائي حضَرت حفصہ جي بہ ماءُ هئي. کيس صحابيت جو شرف بہ حاصل آهي. حضرت عبدالله پنهنجي پيءُ عمر بن خطاب سان گڏ مسلمان ٿيو ۽ اهو قول صحيح نہ آهي تہ هو پنهنجي پيءُ کان اڳ مسلمان ٿيو هو، البت "بيعت رضوان" ۾ شامل ٿيڻ جو اعزاز هن پنهنجي پيءُ کان اڳ حاصل ڪيو هو، ان وقت سندس عمر سورهن ڪن ورهيہ هڏائي ويئي آهي.

غزوه بدر جي موقعي تي هو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ جهاد ۾ شرڪت جو شوق ڏيکاريائين، پر ننڍي عمر سبب کيس اهڙي اجازت نہ ملي. ان ڪانسواءِ "غزوه احد" ۾ بہ سندس شرڪت تي اختلاف آهي، ڇو تہ موسيٰ بن عقبہ جي روايت مطابق ان وقت سندس ڄمار چوڏهن ورهيہ هئي. ان ڪري کيس غزوه احد ۾ شرڪت جي موڪل نہ ملي. باقي غزوه خندق جي موقعي تي هو پندرهن ورهين جي عمر ڪي پهچي چڪو هو. جنهن سبب سرور ڪائنات ﷺ جن طرفان هن غزوه ۾ شامل ٿيڻ جي کين اجازت عطا فرمائي ويئي. راوين جي اڪثريت جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ هن پهريون پيرو "غزوه خندق" ۾ ئي بهرو ورتو، جنهن کان پوءِ ٻين غزوات ۽ تاريخي معرڪن ۾ هو شامل رهيو. انهن ۾ غزوه خيبر، حنين، طائف، تبوڪ، غزوه مؤتہ، فتح مڪہ، مسيلمہ ۽ طليحہ جهڙن نبوت جي ڪوڙن دعويدارن خلاف جهاد، مصر جي مهم، جنگ يرموڪ، "قسطنطنيہ تي ڪاهہ" وڌيڪ مشهور آهن. ان موقعي تي عبدالله ابن عمر رضہ جنگ جي ميدانن ۾ هڪ بهترين شهسوار جي حيثيت ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريا ۽ خليفہ وقت طرفان جڏهن بہ وٽس جهاد جو سڏ پهتو تہ هن نهايت گرمجوشيءَ سان ان ۾ حصو ورتو. باقي پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن عهدي يا اقتدار جو طالب نہ رهيو. هن زندگيءَ جو وڏو حصو الله جي عبادت ۽ الله جي بانهن جي خدمت ۾ گذاريو. نيڪيءَ جي ڪمن ڏانهن هميشہ سندس رغبت رهي. هو نبي آخر الزمان ﷺ جن جي "اسوه حسنہ" تي سختيءَ سان عمل پيرا رهيو ۽ سندس ڪوشش هوندي هئي تہ هر ڪم پاڻ ڪريم ﷺ جن جي سنت مطابق ادا ڪيو ويي. سرور ڪائنات ﷺ جن سندس لاءِ فرمايو: "مون عبدالله کي هڪ اهڙي صالح بانهي جي حيثيت ۾ ڏٺو، جنهن الله تعاليٰ جا حق بہ ادا ڪيا تہ الله تعاليٰ جي بندن جا بہ." پاڻ ڪريم ﷺ جن جي زندگيءَ ۾ ابن عمر رضہ ڪوشش ڪري سندن هر مجلس ۾ شامل رهندو هو، پر جي اتفاق سان ڪڏهن ائين نہ ٿي سگهيو تہ پوءِ هو انهن ماڻهن وٽ وڃي پهچندو هو، جيڪي ان

Marfat.com

مجلس ۾ شريڪ هوندا هٿا ۽ انهن کان معلوم ڪندو هو ته پاڻ سڳورن ﷺ ان ڪچهريءَ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون بيان فرمايون. نه فقط ايترو پر جن ماڳن مڪانن تي ڪڏهن به سرور عالم ﷺ جن قيام ڪيو، هو اتي پهچي قيام ڪندو هو ۽ جتي پاڻ ڪريم ﷺ جن آرام فرمايو اتي آرام ڪندو هو ۽ جنهن جاءِ تي نفل ادا ڪيائون اتي نفل ادا ڪندو هو، ۽ جيڪڏهن ان جاءِ تي ڪو وڻ ٻوٽو موجود هوندو هو ته ان جي به خدمت ڪندو ۽ ان کي پاڻي ڏيندو رهندو هو ته جيئن ان جو وجود گهٽي وقت تائين برقرار رهي. سياست جي باري ۾ هو جمهوري اصولن جو قائل هو، يعني هن ميدان ۾ ابن عمر اڪثريت جي آزادانه راءِ کي اهميت ڏيندو هو. سندس زندگيءَ ۾ جڏهن به خليفي جو انتخاب ٿيو ته هن عوام جي اڪثريت جو ساٿ ڏنو، پر جڏهن امير معاويه پنهنجي پٽ يزيد کي پنهنجي جيئري جانشين مقرر ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ته ان وقت ابن عمر ان ڳالهه جي سخت مخالفت ڪئي، جو ته سندس خيال مطابق اهو عمل سلف صالحين واري طريقي جي موافق نه هو. پوءِ بعد ۾ جڏهن يزيد حڪمران ٿي ويو ۽ اڪثريت طرفان سندس بيعت ڪئي ويئي ته ان وقت ابن عمر به بيعت ڪري ڇڏي. باقي جڏهن مسلمان پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي خلاف ميدان ۾ لٽا ته پوءِ هو سياست کان پاسيرو ٿي ويو. البت هڪ ڳالهه جو ڏڪ ڪيس هميشه رهيو، جنهن جو هن مرڻ مهل به اظهار ڪيو، ته "دنيا ۾ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ ڇڏڻ جو ڏڪ آهي ته اهو هي آهي ته آءٌ جيڪر امير المؤمنين علي ابن ابوطالب سان گڏجي باغين سان وڙهان ها."

ابن عمر رضه جي علم، فضل، تقويٰ، توازن، عجز، انڪساري، عفو، درگذر، سخا ۽ سورهيائيءَ جي قصن سان تاريخ جا باب ڀريا پيا آهن. مال دولت سان ڪيس ڪابه دلچسپي نه هئي ۽ جڏهن به مال غنيمت مان يا ڪنهن ٻيءَ جاءِ تان ڪجهه وٺس ايندو هو ته ورهائي ڇڏيندو هو. سندس متعلق ابن الاثير هڪ روايت ۾ ٻڌايو آهي ته ابن عمر هڪ ٻيري هڪ ئي جاءِ تي ويٺي ويٺي ٽيهه هزار درهم ماٺهن ۾ ورهائي ڇڏيا. ان ڪانسواءِ جيڪو غلام ٻانهو يا ٻانهي ڪيس وڌيڪ پسند هوندا هٿا يا جيڪي گهٽي عبادت ۽ رياضت ڪندا هٿا ته هو انهن کي آزاد ڪري ڇڏيندو هو. اهڙيءَ ريت علمي ميدان ۾ به سندس خدمتون هميشه ياد رکيون ويندیون. خاص طور فقه ۽ حديث جي سلسلي ۾ سندس نالو سَنَد جي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي. امام مالڪ جي بقول "ابن عمر انڪل سٽ ورهين تائين "فقه" جي ميدان ۾ امت جي رهنمائي ڪندو رهيو."[۴۴] سندس علم جي گهرائي، فطري ذهانت، بي مثال تقويٰ ۽ بي حد احتياط عوام جي دلين تي اهڙو ته اثر ڇمايو جو معاشري جي مڙني ماٺهن کي سندس فتاويٰ تي بيحد اعتماد هو ۽ امام مالڪ جي قول مطابق هو ان ميدان ۾ امت جو امام هو. ابن عمر کي الله تعاليٰ قرآن فهميءَ جي به بي پناهه صلاحيت عطا فرمائي هئي. هو هڪ هڪ آيت تي ڏينهن جا ڏينهن گهرائيءَ سان سوچيندو ۽ ان مان معنيٰ جا موتي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. امام مالڪ سائينءَ مؤطا ۾ ڇاڻايو آهي ته سيدنا عبدالله ابن عمر "سوره بقره" جا مسائل سمجهڻ ۽ انهن بابت ويچار ڪرڻ ۾ چوڏهن ورهيه گذاري ڇڏيا.

قرآن ڪانپوءِ دين جو ٻيو وڏو ذريعو حديث رسول ﷺ آهي، جنهن ڪري ابن عمر رضه کي حديث سان به حد ڪان وڌيڪ دلچسپي هئي. سرور ڪائنات ﷺ جي خدمت ۾ رهي جيڪو ڪجهه هن پاڻ ڀرايو يا وري پنهنجي ٻيءُ سيدنا عمر، ٻيڙ ام المؤمنين حضرت حفصه، پنهنجي مامي عثمان بن مظعون، پنهنجي ڦٻي فاطمه بنت خطاب يا ٻين وڏي عمر وارن صحابي سڳورن جي صحبت ۾ ويهي جيڪي ڪجهه پرايائين ان کي پوري طرح سمجهي ياد ڪندو هو ۽ پوءِ بيان ڪندو هو. حديث بيان ڪرڻ ۾ بي حد احتياط کان ڪم وٺندو هو. سَنَد جي لحاظ کان به هن ميدان ۾ ابن عمر رضه نهايت

Marfat.com

مٽانهون مقام رکي ٿو. هن ڏس ۾ (ثلاثيات) ٽن راوين واري سلسلي کي "سلسلة الذهب" يعني سوني لڙهه" سڏيو ويو آهي، جنهن ۾ کابه کوٽ نظر نه اچي ۽ اهڙي سَنَدَ سراسر سون آهي. جنهن ۾ ابن عمر کان رافع ۽ رافع کان مالک روايت نقل کري ٿو. امام حاڪم وري اهڙي "سَنَدَ کي اصح الاسانيد کلها (سمورين روايتن کان صحيح ترين سَنَدَ) سڏيو آهي، بهرحال مختلف سَنَدن سان ابن عمر کان نبي ڪريم ﷺ جن جون ۽ هزار ڇهه سؤ ٽيهه (۲۶۳۰) حديثون روايت ڪيون ويون آهن. ابن عمر کي هونءَ ته سڀني ڇڪائيءَ جي ڪمن سان دلچسپي هوندي هئي پر خاص طور حج ۽ عمري جي ادائگيءَ ۾ سندس قلب کي وڌيڪ قرار ملندو هو. حجة الوداع کانپوءِ شايد ئي هن کان ڪو حج قضا ٿيو هجي. اهڙيءَ ريت مڪة المڪرمه ۾ قيام دوران بار بار عمري جي ادائگيءَ جو به اهتمام ڪندو هو.

امام تقي الدين فاسيءَ جي نقل ڪيل هڪ روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته "هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ست دفعا حج جي سعادت حاصل ڪئي ۽ هڪ هزار دفعا عمرو ادا ڪيائين." مناسڪ حج جو هي وڏي ۾ وڏو عالم اها ڪوشش ڪندو هو ته حج جو هر رڪن ائين ادا ڪيو وڃي جيئن پاڻ ﷺ جن ادا ڪيو. سندس وفات به حج بيت الله جي هڪ سفر دوران ٿي. اهو واقعو هن ريت پيش آيو ته سن ۷۴ هجريءَ ڌاري حج جي موقعي تي جڏهن حاجي سڳورا عرفات کان مزدلفه ڏانهن موٽي رهيا هئا ته هڪ سرڪاري سپاهي جو نيزو سندس پير ۾ اچي لڳو، جيئن ته اهو نيزو زهر ۾ ٻڏل هو ۽ وري سفر سبب ان جو مناسب علاج به نه ٿي سگهيو تنهنڪري ان ڦٽ پڪريز ڪيو ۽ پير سڄندو ويو ۽ نيٺ ان ڦٽ جو زهر سڄي جسم ۾ پکڙجي ويو. ابن عبدالبر مطابق سيدنا ابن عمر کي اهو نيزو حجاج جي حڪم سان هنيو ويو هو، ڇو ته هڪ دفعي حجاج خطبي ۾ گهٽي ڏيگهه ڪئي ايتري قدر جو عصر جي نماز جو وقت تنگ ٿيڻ لڳو. ان تي ابن عمر رضه کيس خطبو ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو جيڪا گالهه حجاج کي نه وڻي. پر هن ان وقت ته ڪجهه نه چيو باقي دل ۾ اها گالهه رکيائين ۽ موقعي ملڻ تي ان ريت کانئس حساب ورتائين.زخمي ٿيڻ کانپوءِ جڏهن هو ابن عمر جي عيادت لاءِ وٽس پهتو ۽ ان گالهه تي افسوس ظاهر ڪندي کانئس معلوم ڪيائين ته "آيا هاڻي اوهين ان سپاهيءَ کي سڃاڻي سگهندا ته اسين کيس ان حرڪت جي سزا ڏيون." پيرسني ۽ بيماريءَ جي باوجود خدا جي هن صالح بانهي، جيڪو سموري احوال کان آگاهه هو، نهايت جرئت سان کيس جواب ڏنو ته "ڏوهه سپاهيءَ جو نه پر اوهان جو آهي جو اوهان اهڙين مقدس جاين تي سپاهين کي اهڙا هٿيار ڪٽي هلڻ جي اجازت ڏني آهي." بهرحال پيرسنيءَ سبب ابن عمر جو اهو ڦٽ نه ڇڻي سگهيو ۽ پوءِ ان بيماريءَ سبب ئي هن مڪي شريف ۾ وفات فرمائي. جيتوڻيڪ سندس دلي خواهش هئي ته سندس پساهَ مديني ۾ پورا ٿين ۽ هو پياري پيغمبر ﷺ جن جي پاڙي ۾ دفن ٿئي. وفات کان ڪجهه وقت اڳ پنهنجي پٽ حضرت سالم کي وصيت ڪيائين ته جيڪڏهن هو رات جو گذاري وڃي ته کيس خاموشيءَ سان ان وقت حرم جي حدن کان ٻاهر دفنايو وڃي ته جيئن ڪو سرڪاري ڪارندو سندس ڪفن دفن ۾ شريڪ نه ٿي سگهي. پر حضرت ابن عمر جهڙيءَ هستيءَ جي وفات جي خبر يڪدم سڄي مڪي ۾ پکڙجي ويئي ۽ پوءِ حجاج بن يوسف به اوڏيءَ مهل پهچي ويو، جنهن جنازي جي نماز پڙهائي. جنهن کان پوءِ ان جي ئي حڪم موجب ميت کي "فخ" نالي ماڳ تي مهاجرن جي قبرستان ۾ دفنايو ويو جيڪو مڪي کان اٽڪل ٽي ميل ٻاهر آهي. هن مقدس ماڳ تي مڪي ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ پاڻ ڪريم ﷺ جن غسل فرمايو هو. جڏهن ته هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حضرت عبدالله ابن عمر کي "مُحصب" ۾ دفنايو ويو. هي ڳوٺ وري منيٰ جي ويجهڙائيءَ ۾ آهي.

وفات وقت عام روايتن مطابق ابن عمر جي همار اٽڪل چوراسي ورهيه هئي ۽ اهو واقعو سن ۶۴ هجريءَ ڌاري پيش آيو.

هلندڙ

Marfat.com

حضرت حمزه رضہ جو اسلام قبول کرڻ

* هن سال نبي سڳوري ﷺ جن جي چاچي حضرت حَمْزَه رضہ [1] بن عبدالمطلب اسلام قبول کيو. ان

الطبقات‌الكبري "ابن سعد" ج ٢ ص ١٨٥ ـ ٢٨١. الرياض المستطابہ "عامري" ١٩٨ ـ ١٩٦. العقد الثمين "فاسي" ج ۴ ص ٣٩٠ ـ ٣٨٩. "اسد الغابہ" "ابن الاثير" ج ٣ ص ٣٥٢ ـ ٣۴٧. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ۴۴٧ ـ ۴۴٦. مرآة الجنان "يافعي" ج ١ ص ١٢۴. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٣ ص ٨٣ ـ ٨٠. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ١ ص ١۴٩. التحفة اللطيفہ "سخاوي" ج ٢ ص ٦٥ ـ ٦۴. معجم ما استعجم "بكري" ج ٣ ص ٢٦٧. اخبار مكہ "فاكهي" ج ۴ ص ٢١٧.

(١) تاريخ اسلام جو نامور سپہ سالار، شهيدن جو سردار، بي مثال بهادر ۽ دلير، الله ۽ الله جي رسول ﷺ جو شير حضرت حمزه، هاڻين واري واقعي کان ٻہ ورهيہ کن اڳ يعني ۵٦۵ ع ڏاري قريش جي نامور سردار سيدنا عبدالمطلب جي گهر ۾ ڄائو. سندس امڙ جو نالو هالہ بنت وهيب زُهري ٻڌايو ويو آهي، جيڪا سرور کائنات ﷺ جن جي امڙ سائٹ سيده آمنہ جي سؤٽ هئي، جنهن مان حضرت حمزه ۽ سيده صفيہ ڄاوا، انڪري اهي ٻئي پاڻ ۾ سڳا ڀاءُ ڀينڙ هئا.

ننڍپڻ ۾ حضرت حمزه رضہ ٻہ ابولهب جي ٻانهي "ثوبيہ" جو کير پيتو هو، انڪري هو سيد عالم ﷺ جن جو نہ فقط چاچو پر سندن ڄاڃ شريڪ ڀاءُ ٻہ هو. ان کانسواءِ هو ٻئي پاڻ ۾ سنڊو ٻہ هئا. ڇو جو حضرت حمزه رضہ جي گهر واري سلمٰي بنت عميس ۽ ام المومنين سيده ميمونہ پاڻ ۾ (مائيٽيون) پينر هيون. حضرت حمزه جي ڪنيت ابوعماره ۽ ابو يعلٰي ٻڌائي ويئي آهي. سيدنا حمزه جي عمر اڃان ڏهاڪو ورهيہ مس ٿي ته سندس ٻيءُ سيدنا عبدالمطلب گذاري ويو. جنهن ڪانپوءِ هن جي ماءُ ڪجهہ وقت لاءِ پنهنجي پيڪن ۾ وڃي رهي. انڪري حضرت حمزه رضہ جي پرورش ۽ پالنا پنهنجي مامن جيٰ نگرانيءَ ۾ ٿي جن جو تعلق قريش جي مشهور شاخ بنو زُهره سان هو. حضرت حمزه ننڍپڻ کان وٺي نهايت بهادر ۽ طاقتور ۽ ڪنهن کان نہ ڊڄڻ وارو هو. انهن خوبين سان گڏ هن جي جسامت ۽ جرئت ڪي ڏسندي سندس مائٹ اهو اندازو لڳائي ويا ته هي نوجوان اڳتي هلي ميدان جنگ جو هيرو ثابت ٿيندو، تنهنڪري ان دور جي رواج مطابق هنن پنهنجي هن ڀاڻيجي ڪي جنگي تربيت ڏيارڻ جو اهتمام ڪيو. حضرت حمزه ٿوري وقت ۾ ئي ميدان جنگ جا سمورا فن نہ صرف سکي ورتا پر انهن ۾ مهارت ٻہ حاصل ڪئي. تير اندازي، تلوار بازي، گهوڙيسواري ۽ صحيح نشاني تي تير اڇلائڻ ۾ ته سندس ڪو ثاني نہ هو. حضرت حمزه جوانيءَ تائين پهچندي پهچندي سمورا فن سکي پورا ڪيا. ان ڪانپوءِ هو پنهنجي امڙ ۽ ڀينڙ سان گڏ ناناڻن کان اڃي پنهنجي اباڻي گهر ۾ رهيو. هتي اچڻ ڪانپوءِ هو پنهنجن هم عمر مائٹن سان گڏجي ڪڇريون ٻہ ڪندو هو ته نشاني بازيءَ جا مقابلا وغيره ٻہ.

پاڻ ڪريمن ﷺ ۽ حضرت حمزه رضہ جي عمر ۾ رڳو ٻن ورهين کن جو فرق هو. انڪري هي ٻئي هڪ ٻئي جي ويجهو ٻہ رهندا هئا ته هڪ ٻئي جو خيال ٻہ رکندا هئا. جيتوڻيڪ ٻنهي جون عادتون هڪ ٻئي کان گهڻو مختلف هيون. سرور کائنات ﷺ جن جي شادي جڏهن سيده خديجة الكبريٰ سان طئي ٿي ته ان سلسلي ۾ ٻہ حضرت حمزه اهم ڪردار ادا ڪيو، ڇو ته هڪ طرف گهوٽ سندس ڀائٹيو هو ته ٻئي طرف وري ڄاڃ شريڪ ڀاءُ ۽ ٻوءِ جڏهن شاديءَ جو موقعو آيو ته هو ۽ حضرت ابوطالب ٻئي چاچا پنهنجي ڀائٹي (ﷺ) کي ساڻ ڪري ڪنواريتن وٽ پهتا.

حضرت حمزه رضہ کي ننڍپڻ کان ئي شڪار ڪرڻ جو شوق هو ۽ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ سندس شوق ٻہ وڌندو رهيو، جنهن لاءِ هو اڪثر تير ڪمان کڻي پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿي انهن جاين تي ٻيو هلندو هو جتي ڪيس شڪار هلندڙ

Marfat.com

جي اميد هوندي هئي. باقي زماني جي حالتن کان هو بي خبر پنهنجو وقت پيو گذاريندو هو.

پاڻ ڪريمن ﷺ جي بعثت وقت هو پختي عمر کي پهچي چڪو هو. حق جي ان آواز جو پڙاڏو ۽ مختلف طريقن سان سندس ڪن تائين پهچندو رهندو هو، ۽ جو جو ان دعوت جو مرڪز ۽ محور ۽ سندس هاشمي گهراڻي ۾ ئي هو، جنهن جا ڪي پرزور حامي هئا ۽ ڪي مخالف، پر حضرت حمزہ رضہ طرفان ڪڏهن ب نہ ڪو موافقت جو احوال ملي ٿو ۽ نہ وري مخالفت جو، جنهن مان سمجهي سگهجي ٿو ۽ هن همراه کي پنهنجي شڪار جي شوق مان ايتري مهلت ئي نہ پئي ملي جو هو ان معاملي بابت سنجيدگيءَ سان ويهي ڪجهہ سوچي سگهي، تان جو ان ڳالهہ کي ڇهہ ورهيہ ڪن گذري ويا. جنهن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن جو واقعو آهي ۽ نبي انور ﷺ جن ڪجهہ ماڻهن سان دين جي متعلق ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ اوچتو ابوجهل ب اچي اتي نڪتو ۽ پوءِ هن گستاخ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي شان ۾ ب ڳٽا لفظ ڳالهايا ۽ سندن سچي دين کي ب گهٽ وڌ چيو، پر خدا جي سچي رسول ﷺ اهو سڀ ڪجهہ خاموشيءَ سان هڏو. ان موقعي تي عبدالله بن جدعان جي هڪ هانهي "ڪوهہ صفا" تي چڙهي بيٺي هئي، جنهن اهو سڄو واقعو پنهنجي اکين سان ڏٺو. اتفاق سان ڪجهہ دير مس گذري ۽ حضرت حمزہ رضہ ب اوڏي مهل شڪار تان موٽي پنهنجي گهر ڏانهن اچي رهيو هو پر جيئن ۽ سندس معمول هو ۽ جڏهن شڪار تان موٽندو هو ۽ پهريان حرم ۾ وڃي ڪعبي جو طواف ڪندو هو ۽ پوءِ گهر ڏانهن رخ رکندو هو. جيتوڻيڪ هو ان وقت تائين ايمان مسلمان نہ ٿيو هو. ان ڏينهن جيئن هو بيت الله ڏانهن وڃي رهيو هو ۽ رستي ۾ ابن جدعان جي اها هانهي ڪيس منهن پٽجي ويئي، جنهن اهو سڄو واقعو ذري پرزي ڪيس هڏايو. اهو هڏندي ئي حضرت حمزہ رضہ تپي باهہ ٿي ويو ۽ جيئن بيت الله ۾ داخل ٿيو ۽ سندس نگاهہ سڌو ابوجهل تي پيئي، جيڪو پنهنجي ساٿين سان گڏ اتي ويٺو هو. حضرت حمزہ رضہ سڌو وڃي سندس مٿان بيٺو ۽ هٿ ۾ جيڪا ڪمان هئس اها اهڙي ۽ زور سان ابوجهل جي مٿي ۾ وهائي ڪڍيائين جو همراه جو مغز رتو رت ٿي ويو. ان وقت ابوجهل جا مٽ مائٽ ب سندس ويجهو ويٺا هئا پر حضرت حمزہ جي دهشت کي ڏسي سندن همتون جواب ڏيئي بيٺيون. پوءِ ابوجهل چيو "اي ابوعمارہ! ڇا تون پنهنجي رستي تان ٿڙي ويو آهين؟"

اهو هڏي حضرت حمزہ رضہ وراڻيو، "مونکي ان ڳالهہ کان ڪير روڪي سگهي ٿو. مان شاهدي ٿو ڏيان ۽ محمد ﷺ الله جو رسول آهي، ۽ اهو حق جو پيغام هڏائي رهيو آهي."

جنهن ڪانپوءِ هن "دار ارقم" پهچي پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيو. حضرت حمزہ رضہ جي مسلمان ٿيڻ سان سڀئي ديندار خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپيا. ٿي ڏينهن رکي حضرت عمر رضہ ب دار ارقم جي در تي پهچي ويو ۽ اندر اچڻ لاءِ اجازت طلب ڪيائين. سندس هٿ ۾ تلوار هئي، جنهن کي ڏسي مسلمان ڪجهہ پريشان ٿي ويا پر حضرت حمزہ رضہ چوڻ لڳو ۽ عمر کي اندر اچڻ جي اجازت ڏني وڃي، پوءِ جيڪڏهن هو چڱيءَ نيت سان آيو آهي ۽ پلو، نہ ۽ سندس ئي تلوار سان ڪيس پورو ڪري ڇڏبو. پر ان وقت مسلمانن جي خوشيءَ جي انتها نہ رهي جڏهن عمر رضہ ب دار ارقم اندر داخل ٿي اسلام جي حقانيت جي گواهي ڏني. حضرت حمزہ رضہ ۽ حضرت عمر رضہ جي اسلام قبول ڪرڻ سان مسلمانن کي وڏي تقويت حاصل ٿي. هاڻي هو "دار ارقم" کان باهر نڪري ڪعبة الله ۾ نماز ب ادا ڪرڻ لڳا ۽ اسلام جي ظاهر ظهور تبليغ ب.

هجرت جي اعلان ڪانپوءِ حضرت حمزہ رضہ ب ٻين مسلمانن وانگر مديني ڏانهن هجرت ڪئي.

هجرت جي ٻئي سال جڏهن جهاد جو اعلان ٿيو ۽ حضرت حمزہ ڏاڍو سرهائي جو اظهار ڪيو ۽ هاڻي ڪيس پنهنجي جرئت ۽ جوانمردي جي مظاهري جو موقعو ملندو.

Marfat.com

مدائني جي قول مطابق پاڻ ڪريم ﷺ جن اسلام جي تاريخ جو جيڪو پهريون "سريه" ساموندي ڪناري سان گڏ "جُهينيه" طرف اماٽيو. ان جي اڳواڻيءَ جو شرف حضرت حمزه رضه کي حاصل رهيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ پهريون پيرو پنهنجي مبارڪ هٿن سان اڇي رنگ جو جهنڊو تيار ڪيو جيڪو حمزه رضه جي هٿن ۾ ڏنو ويو. انڪري هو اسلام جو پهريون علمبردار شمار ٿئي ٿو.

مسلمانن ۽ ڪافرن جي وچ ۾ پهرين فيصلہ ڪن معرڪي بدر ۾ هو جهاد جي جذبي سان سرشار ميدان ۾ موجود رهيو ۽ ڪافرن جي وڏن وڏن سردارن جون سسيون ڏڙ ڪان ڌار ڪري ڇڏيائين.

سن ٽين هجريءَ ڌاري "غزوه احد" ۾ بہ هن پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو ۽ ڪيترن ڪافرن سندس هٿان موت جو منهن ڏٺو. هن موقعي تي جبير بن مطعم وارن وحشي بن حرب نالي پنهنجي هڪ غلام کي اها لالچ ڏني هئي تہ جيڪڏهن هن حضرت حمزه رضه کي قتل ڪيو تہ ڪيس آزادي بہ ملندي تہ مختلف انعام اڪرام بہ ڏنا ويندا. ڇو تہ جنگ بدر ۾ حمزه رضه هٿان مطعم جو پاءُ طعيمہ قتل ٿيو هو. انڪري احد جي ميدان ۾ ان غلام جي نگاهہ حضرت حمزه رضه جي پٺيان لڳل هئي. هڪ موقعي تي جڏهن حضرت حمزه رضه ڪافرن مٿان تلوار جا وار ڪري رهيو هو تہ ان غلام لڪي لڪي مٿانئس هڪ تير اڇلايو ۽ ڪيس شهيد ڪري ڇڏيو. حضرت حمزه رضه هٿان بدر توڙي احد ۾ جيئن تہ ڪافرن جا نامياريا اڳواڻ قتل ٿيا هئا. انڪري سندن دل ۾ انتقام جي باهہ ٻڙڪي رهي هئي، جڏهن سيدنا حمزه رضه شهيد ٿيو تہ ابوسفيان جي زال هند جنهن جو پيءُ عتبہ بدر جي موقعي تي حضرت حمزه رضه هٿان قتل ٿيو هو، ان دور جي وحشيانہ رسمن مطابق حضرت حمزه رضه جا ڪن، چپ ۽ نڪ ڪپي انهن جو هار ٺاهي ڳلي ۾ پاتو. پر پوءِ بہ سندس دل نہ ٺري ۽ بعد ۾ حضرت حمزه رضه جو پيٽ چيريو ويو. جنهن مان جگر کي ڪٽي هند وات ۾ وجهي چٻاڙيو ۽ پوءِ ٿوڪي ڦٽي ڪيائين. اها حيوانيت ۽ جهالت جي انتها هئي. پنهنجي پياري چاچي جي اهڙي حالت سيد الانبياء ﷺ جي دل کي ڏاڍو ڏڪايو. هن موقعي تي الله تعالىٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

وَاِنْ عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوْا بِمِثْلِ مَا عُوْقِبْتُمْ بِهٖ وَلَئِنْ صَبَرْتُمْ لَهُوَ خَيْرٌ لِّلصّٰبِرِيْنَ، وَاصْبِرْ وَمَا صَبْرُكَ اِلَّا بِاللّٰهِ (سوره النحل ١٢٧ ـ ١٢٦)

هن موقعي تي ام زبير سيده صفيہ بنت عبدالمطلب جيڪا حضرت حمزه رضه جي سڳي ڀيڻ هئي، جڏهن پنهنجي شهيد پاءُ جو آخري ديدار ڪرڻ آئي تہ سرور ڪونين ﷺ جن پنهنجي هن ڀڻي سڳوريءَ کي روڪيو، ڇو تہ لاش جي وڍ ڪٽ ڪري جيڪا حالت بڻائي ويئي هئي ان کي ڏسڻ يقيناً هڪ ڀيڻ جي برداشت کان ٻاهر هو. جنهن ڪانپوءِ سيده صفيہ رضه پنهنجي پاءُ جي ڪفن لاءِ بہ اوني چادرون موڪليون، ڇو تہ سيدنا حمزه رضه قدآور ۽ بت ۾ ٻريل مڙس هو پر جيئن تہ ڪافي تعداد ۾ لاش موجود هئا ۽ مسلمانن جي مالي حالت بہ ايڏي ڪمزور هئي، ان ڪري هر ميت لاءِ ڪفن مهيا ڪرڻ بہ هڪ مسئلو هو، انهن حالتن جي پيش نظر پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ انهن ۾ منجهان هڪ چادر جو ڪفن حضرت حمزه رضه کي پهرايو وڃي ۽ ٻي چادر جو ان انصاريءَ جي ميت کي جيڪو سندس پر ۾ ٻيل آهي ۽ پوءِ ان حڪم جي تعميل ڪئي ويئي.

ڪفن واري چادر حضرت حمزه رضه جي قد ڪان ننڍي هئي، جيڪڏهن ان سان ميت جو منهن ٻيو ڍڪجي تہ پير ٻيا ظاهر ٿين ۽ جي پيرن ڏانهن ٻيو ڇڪجي تہ منهن ٻيو ظاهر ٿئي، انڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن حڪم ڏنو تہ چادر سان ميت جو منهن ڍڪيو وڃي، باقي پيرن تي پن ۽ گاهہ وجهي ڍڪيو وڃي. هن موقعي تي امام الانبياء ﷺ جن اهو بہ فرمايو تہ نہ انهن لاشن جو خون صاف ڪيو وڃي ۽ نہ وري انهن کي غسل ڏنو وڃي تہ جيئن قيامت ڏينهن حق جي راهہ ۾ شهادت ماڻيندڙ ان ئي حالت ۾ مالڪ الملڪ جي درٻار ۾ پيش ڪيا وڃن. جنهن ڪانپوءِ احد جي شهيدن جي هلندڙ

Marfat.com

روايت تي گهڻن کي اختلاف آهي. جڏهن ته حافظ ابن حجر [1] پنهنجي جگ مشهور ڪتاب "الاصابہ" ۾ ان ڳالهہ تي وڌيڪ زور ڏنو آهي.[2]

ابن حجر سان گڏ "الاستيعاب" جو مصنف بہ ان روايت کي مڃانهون سمجهي ٿو. [3]

"المَوَاهِبِ اللدنيہ" وارو بہ ان ڏس ۾ ساڳئي راءِ رکي ٿو، پر مشهور روايت اها آهي ته حضرت حَمْزَہ رضہ سن ڇهين نبوي دوران اسلام قبول ڪيو ۽ اڪثر سيرت نگار ان ڳالهہ جا قائل نظر اچن ٿا،

جنازي نماز پڙهي ويئي.

سڀ کان پهريان سيد الانبياء ﷺ جن سيد الشهداء حضرت حمزہ رضہ جي نماز پڙهائي ۽ ان کانپوءِ هر ميت جي جدا جدا نماز پڙهي ويئي.

هڪ ٻي روايت ۾ ائين بہ ٻڌايو ويو آهي ته حضرت حمزہ جي ميت جنازي نماز کانپوءِ ساڳي جاءِ تي موجود رهي، جنهن کانپوءِ هر ميت کي آڻي سندس پاسي ۾ رکي پوءِ ان جي نماز پڙهي پئي وئي ۽ نماز کانپوءِ ان کي هٽائي وري ان جي جاءِ تي ٻي ميت پئي آندي وئي، اهڙيءَ ريت ستر شهيدن مڃان ستر دفعا نماز پڙهي ويئي ۽ حضرت حمزہ رضہ جي ميت مڃان ستر دفعا نماز پڙهي ويئي.

حضرت جابر جو قول آهي ته احد جي شهيدن جي جنازي نماز نہ پڙهائي ويئي. جڏهن ته صحيحين جي روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن احد جي شهيدن جي نماز پڙهائي.

هن موقعي تي ٻہ ٻہ ميت هڪ قبر ۾ دفنايا ويا ۽ حضرت حمزہ رضہ کي سندس ڀاڻيجي عبدالله رضہ بن جحش سان گڏ ساڳئي قبر ۾ دفنايو ويو.

الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۳ ص ۱۲ ـ ۵. سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ۳ ص ۱۱۶ ـ ۱۱۰. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۱ ص ۴۲۷ ـ ۴۲۳. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۷۱ ـ ۶۶. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۹۲ ـ ۹۰. العقد الثمين "فاسي" ج ۳ ص ۴۴۲ ـ ۴۴۱. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ۱ ص ۱۷. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۱ ص ۱۹۶ ـ ۱۹۵.

(۱) ابن حجر جو سڄو نالو شهاب الدين، ابوالفضل احمد بن علي بن حجر عسقلاني مصري آهي. هو ۱۲ شعبان ۷۷۳هـ بمطابق ۱۸ فيبروري ۱۳۷۲ع ڏاري مصر جي قديم شهر "قاهره" ۾ ڄائو. ننڍپڻ کان ئي کيس علم حاصل ڪرڻ جو شوق هو، جنهن جي پورائي لاءِ هن مصر، شام، حجاز ۽ يمن جي وڏن عالمن وٽان حديث، فقہ، قرات، ۽ نحو ۾ دسترس حاصل ڪئي. سندس استادن ۾ زَين الدِين عراقي، مَحدّدالدين فيروزآبادي، ابن هَشام، بَلقيني، تنوخي ۽ ابن جماعة وغيره جا نالا ذڪر جوڳا آهن.

۷۹۳ هجريءَ کان پوءِ "ابن حجر" پاڻ کي حديث جي مطالعي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. وقت جا مڃيل عالم ۽ محقق سندس درس ۾ شريڪ ٿيندا هئا. ڏيڍ سؤ کان مٿي ڪتاب لکيائين، جن مان "بخاري شريف" تي لکيل سندس شَرح "فتح الباري" کي شاهڪار جي حيثيت حاصل ٿي. اها شرح مصنف جي حياتيءَ ۾ ئي ايتري تہ مقبول ٿي جو هڪ نسخي جي قيمت ڏهہ سؤ دينار هئي.

ان کان سواءِ سندس ٻين ڪتابن ۾ الاصابہ، لسان الميزان، ۽ بلوغ المرام وغيره بہ گهڻا مشهور آهن.

علم جو هي آفتاب ۱۸ ذوالحج ۸۵۲ هـ بمطابق ۱۳ فيبروري ۱۶۶۹ع ڏاري غروب ٿيو. ڪيس قاهره ۾ ئي دفنايو ويو.

حسن المحاضره "سيوطي" ج ص ۱۵۳، معجم المطبوعات. يوسف سرڪيس ج ۱ ص ۷۸-۷۷، دائرة المعارف الاسلامية ج ۱ ص ۸۰-۴۷۹.

(۲) الاصابہ ابن حجر ج ۱ ص ۳۵۴.

(۳) "الاستيعاب" ابن عبدالبر جلد ۱ ص ۲۷۱.

Marfat.com

جنهن جو وڏيڪ ذڪر سن ڇهين نبويءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

حضرت حمزه رضه کي ابوجهل ۽ ٻيا ڪافر سندس مسلمان ٿيڻ تي ميارون ڏيڻ لڳا، ڪانئس ۽ ٻين سمورن مسلمانن کان اها گهر ڪيائون ته خدا جي سچي رسول ﷺ کي سندن حوالي ڪيو وڃي ته جيئن هو کين ستائي سگهن. حضرت حمزه رضه کين جيڪو جواب ڏنو، اهو شعر جي صورت ۾ آهي، جنهن کي اڪثر مؤرخن نقل ڪيو آهي. (۱)

حَمِدْتُ اللهَ حِيْنَ هَدٰيْ فُؤَادِيْ اِلَي الْاِسْلَامِ وَالدِّيْنِ الْحَنِيْفِ

ساراهيان ان سچي سائينءَ کي جنهن منهنجي دل کي اسلام ۽ سڏي دين جو دڳ ڏيکاريو

لِدِيْنٍ جَآءَ مِنْ رَّبٍّ عَزِيْزٍ خَبِيْرٍ بِالْعِبَادِ بِهِمْ لَطِيْفِ

اهو دين جيڪو آيو اهڙي پياري پروردگار طرفان جيڪو پنهنجي بانهن تي باجهه ڪندڙ ۽ سندن سار لهندڙ آهي.

اِذَا تُلِيَتْ رَسَآئِلُهٗ عَلَيْنَا تَحَدَّرَ دَمْعُ ذِيْ لُبٍّ خَصِيْفِ

جڏهن ان جا موڪليل پيغام اسان جي آڏو پڙهيا وڃن ٿا، تڏهن سوچ ۽ سمجهه رکندڙ ماڻهن جون اکيون آليون ٿيو پون.

رَسَآئِلُ جَآءَ اَحْمَدَ مَنْ هَدٰيهَا بِاٰيَاتٍ مُبَيِّنَةِ الْحُرُوْفِ

اهي هدايت ڀريا پيغام جيڪي احمد (ﷺ) ڏانهن آيا آهن سي اهڙين آيتن تي مشتمل آهن، جن جا حرف صاف ۽ چٽا آهن.

وَاَحْمَدُ مُصْطَفًي فِيْنَا مُطَاعٌ فَلَا تَغْشَوْهُ بِالْقَوْلِ الْعَنِيْفِ

۽ احمد مصطفيٰ ﷺ جن جي پيروي اسان لاءِ لازم آهي. انڪري سندن شان ۾ ڪو ڳٽو لفظ چئي کين ڏڪ نه ڏنو وڃي.

فَلَا وَاللهِ لَا نُسَلِّمُ لِقَوْمٍ وَلَمَّا نَقْضِ فِيْهِمْ بِالسُّيُوْفِ

پوءِ خدا جو قسم! اسان اوهان کي ان قوم جي حوالي هرگز نه ڪنداسون، جيسين تلوارن سان ڪو فيصلو نه ڪريون.

وَنَتْرُكُ مِنْهُمْ قَتْلٰي بِقَاعٍ عَلَيْهَا الطَّيْرُ كَالْوِرْدِ الْعُكُوْفِ

اسان کين قتل ڪري سندن لاشن سان ميدان ۾ ڇڏيندا سون ۽ انهن مٿان هر وقت ڳڇهن جا ڪٽڪ ائين موجود رهندا جيئن گهاٽن تي ماڻهن ۽ جانورن جا هشام پاڻي پيئڻ لاءِ موجود هوندا آهن.

وَقَدْ خُبِّرْتُ مَا صَنَعَتْ ثَقِيْفٌ بِهٖ فَجَزَي الْقَبَآئِلَ مِنْ ثَقِيْفٍ

اِلٰهُ النَّاسِ شَرَّ جَزَآءَ قَوْمٍ وَلَّا اَسْقَاهُمْ صَوْبَ الْخَرِيْفِ

---

(۱) سيرة ابن اسحاق ص ۱۵۶، الروض الانف "سهيلي" ص ۴۹/۵۰، سبل الهدي والرشاد، شامي ج ۲ ص ۳۳۳.

Marfat.com

بنـــو ثـقـــيف وارن جيڪي اوهان سان ڪيو اسان کي ان جي ڇاڻ ملي چڪي آهي. الله تعاليٰ ثقيف قبيلي وارن کي سندن ڪئي جي بچڑي سزا ڏئي، ۽ شال خريف جي مند جو مينهن کين نصيب نہ ٿئي. (۱)

سيدنا عثمان بن عفان رضہ جو نڪاح

* هن سال سيّدنا عثمان بن عفان رضہ جو نڪاح پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نياڻي سيده رُقَيّہ رضہ سان ٿيو.

"سيرت شاميہ" ۽ "المَوَاهبُ اللّدُنيّہ" ان واقعي جو تفصيل هينيءَ ريت نقل ڪيو آهي.

خدا تعاليٰ طرفان جڏهن **"وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ،** (۲) واري آيت نازل ٿي، تڏهن خدا جي آخري رسول ﷺ جن پنهنجي ويجهن مائٽن کي دعوت ڏيئي پاڻ وٽ گهرايو ۽ جيئن کين اسلام جي حقانيت کان آگاهہ ڪري. (۳)

ان دعوت ۾ بين سان گڏ اَبُوْلَهَب بہ پنهنجي ٻن پٽن عُتْبَہَ ۽ عُتَيْبَہَ سميت شامل هو. ڇو جو اوائلي دور ۾ نبي ڪريم ﷺ جي ٻن نياڻين سڳورين جو نڪاح اَبُوْلَهَب جي انهن پنهي پٽن سان ٿي چڪو هو. سيده رُقَيّہَ رضہ عُتْبَہَ جي نڪاح ۾ ڏنل هئي ۽ سيده اُم ڪُلثوم رضہ جو نڪاح وري عُتَيْبَہَ سان ٿيل هو. (۴)

پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مهمانن آڏو اسلام جو پيغام پيش ڪيو، تڏهن ابولهب کي ڏاڍي منيان لڳي ۽ هن گستاخ وراٽيو تہ "توتي سدائين هلاکت هجي" ڇا تو اسان کي ان لاءِ هتي گڏ ڪيو؟ (۵) ان موقعي تي ابولهب پنهنجي ٻن پٽن کي حڪم ڏنو تہ هو پنهي بيبين کي طلاق ڏيَن. هن پيءُ جو حڪم مڃيندي شاديءَ کان اڳ ئي پنهي بيبين سڳورين کي آزاد ڪري ڇڏيو. ان واقعي کانپوءِ سنت ئي سيده رُقَيّہَ رضہ جو نڪاح سيدنا عُثمان رضہ سان ٿيو."

---

(۱) "بنو ثقيف" قبيلي جي ماڻهن پاڻ ڪريم ﷺ جن کي "طائف" ۾ تبليغ دوران ڏاڍو ستايو ۽ ايذايو هو. اهو واقعو سن ڏهہ نبويءَ جو آهي، جڏهن تہ حضرت حمزه رضہ سان منسوب هي شعر ان کان اڳ جا آهن. پوءِ هن بنو ثقيف وارن کي پاراتا ڪيئن ڏنا؟ اها ڳالهہ وضاحت طلب آهي.(مترجم)

(۲) سورة الشعراء ۲٦ پاره ۱۹ آيت ۲۱۴ کان ۲۱٦.

(۳) هن دعوت ۾ "بني هاشم" وارن مان اٽڪل چاليهارو ماڻهو شريک ٿيا، جن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جا چار چاچا يعني ابو طالب، حمزه، عباس ۽ ابولهب بہ شامل هئا. السيرة النبوية ﷺ "ابن ڪثير" جلد ۱ ص ۴۵۷.

(۴) پنهي بيبين جو نڪاح نندپڻ ۾ ٿيو هو. پر سندن رخصتي نہ ٿي هئي ۽ هُئي بيبيون اڃان پنهنجي اباڻي گهر ۾ ئي رهنديون هيون، پر پوءِ نئين دور جا محقق ان روايت کي غلط چون ٿا. سندن تحقيق مطابق ابو لهب جي پٽن سان پاڻ ڪريمن ﷺ جي نياڻين جو نڪاح نہ ٿيو هو. (مترجم)

(۵) ابن عباس جي روايت مطابق ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان ابولهب جي باري ۾ سورة "تبت يدا" نازل ڪئي وئي. صحيح بخاري جلد ۳ ص ۲۲۲، صحيح مسلم جلد ۱ ص ۱۳۳، دلائل النبوة بيهقي جلد ۲ ص ۸۲ ـ ۱۸۱.

Marfat.com

اهو سمورو واقعو آخر تائين "سيرت شاميہ" ۽ "المواهب اللدنيہ" ۾ موجود آهي. (۱) ان جو وڌيڪ ذڪر سن ۳ نبويءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

"وانذر عشيرتڪ الاقربين" واري آيت سن ۳ يا ۴ نبوي دوران نازل ٿي هئي ۽ ان وقت ئي رسول خدا ﷺ جن ان حڪم جي تعميل فرمائي. شادي ڪانپوءِ سن ۵ هجريءَ دوران سيدنا عثمان رضہ، بيبي رقيہ رضہ سانئن سان گڏ حبش ڏانهن هجرت فرمائي. جنهن جو ذڪر پنهنجي جاءِ تي ڪيو ويندو.

جهڙيءَ ريت سيده رُقَيہ رضہ سونهن ۽ سوڀيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي تہ ساڳئي نموني وري حضرت عثمان کي بہ خدا تعاليٰ ان نعمت سان نوازيو هو. اهوئي سبب آهي جو ماڻهو مثال ڏيندا هنا:

اَحْسَنُ زَوْجَيْنِ رَأَىٰ اِنْسَانٌ رُقَيَّةُ وَ زَوْجُهَا عُثْمَان (۲)

(سڀ کان سهڻو جوڙو جيڪو انساني اکين ڏٺو اهو رُقَيہ رضہ ۽ سندس مڙس عثمان رضہ جو آهي)

ان شادي جي موقعي تي مشهور صحابيہ سُعديٰ بنت ڪريز (۳) جيڪا سيدنا عثمان رضہ جي ماسي پڻ آهي، هڪ قصيدو چيو، جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

هَدَى اللهُ عُثْمَانَ الصَّفِيَّ بِقَوْلِهٖ فَاَرْشَدَهٗ وَاللهُ يَهْدِىْ اِلَى الْحَقّ

(الله تعاليٰ هدايت فرمائي پنهنجي پياري عثمان کي پنهنجي حڪم سان ۽ سندس رهنمائي پڻ ڪئي جو الله تعاليٰ ئي حق جي واٽ ڏيندڙ آهي.)

فَتَابَعَ بِالرَّأْىِ السَّدِيْدِ مُحَمَّدًا وَكَانَ ابْنُ اَرْوىٰ لَايَصُدُّ مِنَ الصِّدْقِ

(هن محمد ﷺ جي پيروي ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو، هوئين بہ "اروئ" جو ٻچڙو سچائيءَ کان منهن موڙڻ وارو نہ هو.)

وَاَنْكَحَهُ الْمَبْعُوْثُ اِحْدىٰ بَنَاتِهٖ فَكَانَ كَبَدْرٍ مَّازَجَ الشَّمْسَ بِلَا اُفُقِ

(پيغمبر ﷺ پنهنجي هڪ نياڻيءَ جو نڪاح ساٽس ڪرايو، ان جو مثال ائين آهي جيئن چند سج سان گڏجي وڃي بنا افق جي.)

فَدًى لَّكَ يَاابْنَ الْهَاشِمِيِّيْنِ مُهْجَتِىْ فَاَنْتَ اَمِيْنُ اللهِ اُرْسِلْتَ لِلْخَلْقِ

(اي هاشمي گهراڻي جا ڇايا، مان توتان قربان ٿيان، تون امانت وارو آهين ۽ الله تعاليٰ طرفان ماڻهن جي هدايت لاءِ موڪليو ويو آهين.)

---

(۱) سبل الهدىٰ والرشاد. شامي ج ۱۱ ص ۳۳، المواهب اللدنيہ ج ۲ ص ۵۱.

(۲) الروض الانف "سُهيلي" جلد ۲ ص ۷۹

(۳) سعديٰ بنت ڪريز بن ربيعہ بن عبد الشمس مشهور صحابيہ آهي. جنهن ڪي شعروشاعري سان وڏي دلچسپي هئي، اڪثر موقعن تي هن جيڪي شعر يا سهرا چيا آهن، انهن پنهنجي زماني ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. هن بيبي صاحبہ شروعاتي دور ۾ ئي اسلام قبول ڪيو هو، ۽ هڪ روايت مطابق حضرت عثمان رضہ ڪي سڀ کان پهريان اسلام ڏانهن مائل حضرت سعديٰ ئي ڪيو هو. سندس ڪجهہ شعر "الاصابہ" توڙي ٻين ڪتابن ۾ نقل ٿيل آهن. (الاصابہ. اُبن حجر جلد ۴ ص ۳۲۲ڪان ۳۲۷)

Marfat.com

مٿيون قصيدو "ابو سعيد" (١) پنهنجي كتاب "شرف النبوه" ۾ "محب طبري" (٢) "الرياض النضره" ۾ نقل كيو آهي.

"الرياض النضره" ۾ اهو به ڄاڻايل آهي ته حضرت عثمان رضه جي ماءُ جو نالو "اَرْوَيٰ" آهي ۽ هن اسلام قبول كيو هو. (٣)

---

(١) حافظ ابوسعيد عبدالملك نيشاپوري پنهنجي وقت جو هڪ مڃيل عالم ۽ مؤرخ ٿي گذريو آهي، جنهن جي وفات ۴٠٦ هجري ڏاري ٿي. "سيرت رسول" ﷺ جي موضوع تي لكيل سندس ضخيم كتاب "شرف مصطفيٰ" كي سيرت توڙي "رجال" جا ڄاڻو وڏي اهميت ڏين ٿا. هي كتاب ٽن جلدن تي مشتمل آهي. ان كان علاوه به كافي كتاب لكيا اٿس. الاعلام زركلي جلد ۴ ص ١٦٢، الرسالة المستطرفه. جعفر كتاني ص ١٠٩.

(٢) سڄو نالو احمد بن عبدالله بن محمد بن ابوبكر، كنيت ابوجعفر ۽ العباس، لقب محب الدين پر علمي دنيا ۾ "محب طبري" جي نالي پٽيان ڄاتو ويڃي ٿو. سندس وڏا ايران جي صوبي "طبرستان" جا رهاكو هئا. جتان سندس پڙ ڏاڏو ابوبكر بن محمد ابن ابراهيم سن ۵٧١ هجريءَ ڏاري هجرت كري مكي شريف ۾ آيو ۽ پوءِ هميشه لاءِ هتان جو ٿي رهيو.

محب طبري به سن ٦١۵ هجريءَ ڏاري مكي ۾ ڄائو ۽ اتي ئي وقت جي وڏن عالمن وٽان قرأت، تفسير، حديث، فقه، تاريخ ۽ ادب ۾ وڏي مهارت حاصل كيائين، جنهن كانپوءِ مصر ويو ۽ اتي مجدد الدين قشيري ۽ ٻين عالمن وٽ پنهنجي تعليم جي تكميل كيائين ۽ پوءِ استادن جي اجازت سان حرم پاك ۾ ويهي تدريس جو سلسلو شروع كيائين. جنهن ۾ هن وڏو نالو كمايو. پري پري كان علم جا پياسي سندس خدمت ۾ اچي پنهنجي علمي اڃ اجهائيندا هئا.

مكي كان علاوه يمن ۽ ان كانپوءِ مدينة المنوره ۾ روضه رسول ﷺ جي آڏو به تعليم ۽ تدريس جو كم ڪچ عرصي تائين كندو رهيو، جتي نه صرف مديني جا رهاكو پر دنيا جي كنڊ ڪڙ كان ايندڙ زائرين پڻ سندس علم مان استفادو كندا رهيا. نه صرف ايترو پر مديني مبارك جي عالمن كيس پنهنجي جماعت جو اڳواڻ بڻايو، جن ۾ امام ذهبي، ابن رشيد اندلسي، عبدالمؤمن دمياطي ۽ ابومحمد قاسم برزالي جهڙن عالمن جا نالا ذكر جوڳا آهن. معجم الشيوخ ۾ علامه ذهبيءَ شيخ محب طبريءَ كي حجاز توڙي يمن جي عالمن جو اڳواڻ سڏيو آهي.

تدريس كان علاوه تصنيف تاليف سان به كيس بيحد دلچسپي هئي. مختلف علوم ۽ فنون بابت پنجاه جي لڳ ڀڳ كتاب لكيائين، جن كي علمي دنيا ۾ وڏي قدر جي نگاه سان ڏٺو ويڃي ٿو. جن مان ڪجهه كتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

١. خلاصه سير سيد البشر (ﷺ) ٢. غريب جامع الاصول ٣. "القريٰ لساكن ام القريٰ" ۴. صفة حجة النبي ﷺ ۵. الرياض النتضره في مناقب العشره ٦. ذخائر العقبيٰ في مناقب ذوي القربيٰ ٧. السمط الثمين في مناقب امهات المؤمنين ٨. السيرة النبويه ﷺ وغيره.

هنن كتابن جي مطالعي كانپوءِ سندس علمي عظمت جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. اهوئي سبب آهي جو تاريخ ۾ كيس فقيه الحرم ۽ محدث الحجاز جي القاب سان به ياد كيو ويندو آهي.

علمي دنيا جو هي آفتاب سن ٦٩۴ هجريءَ ڏاري مكي شريف ۾ گذاري ويو ۽ جنة المعلاة ۾ كيس دفنايو ويو.

مقدمه خلاصه سيد البشر ﷺ طلال بن جميل رفاعي ص ١۴ ـ ٧. الرسالة المستطرفه. جعفر كتاني ص ١٠٨، الدرر الكامنة ج ٢ ص ١٩٠ معجم المطبوعات "يوسف اليان" ج ٢ ص ١٢٣٢.

(٣) حضرت "اَرويٰ" جي پيءُ جو نالو كريز بن ربيعه ۽ ماءُ جو نالو اُمّ حَكِيم بَيضَاءُ بنت عبدالمطلب هو. جيكا نبي كريم ﷺ جن جي سڳي پڦي هئي. ان نسبت سان حضرت عثمان بن عفان جي ماءُ "اَرويٰ" پاڻ كريم ﷺ جن جي پڦاٽ هئي الاصابه، حافظ حجر عسقلاني جلد ۴ ص ٣٢٨، اسد الغابه "ابن الاثير" جلد ۵ ص ٣٩١. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۴ ص ٣۴٢ ـ ٣۴٣.

Marfat.com

زَيْد بن ثَابِت رضہ جي ولادت

* هن سال زَيْد بن ثَابِت بن ضَحَّاک اَنْصَارِيّ خَزْرَجِيْ نَجَّارِيّ ۽ جائو. هو اڃان ڇهن ورهين جو مس ٿيو تہ "بعاث" جي جنگ لڳي. جنهن ۾ سندس پيءُ ثابت بن ضحاک مارجي ويو. رسول عربي صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن جڏهن هجرت ڪري مديني پهتا تہ ان وقت "زيد" جي ڇمار يارهن ورهيه هئي.

ڪچي عمر سبب ڪيس "جنگ بَدْر" ۾ شريڪ نہ ڪيو ويو هو. باقي "اُحُد" ۽ ان کانپوءِ ٻين غزوات ۾ هن بهرو ورتو. جڏهن تہ هڪ ٻئي قول موجب هو "غزوه اُحُد" ۾ ۽ شريڪ نہ هو، ۽ هن پهريون پيرو "خَنْدَق" جي جنگ ۾ شرڪت ڪئي، ۽ ان کانپوءِ ٻين سڀني لڙاين ۾ بهرو ورتائين. زيد بن ثابت رضہ کي ڪاتب وحي هجڻ جو شرف پڻ حاصل آهي. (۱)

---

(۱) "الاصابہ" حافظ ابن حجر جلد ۱ ص ۵۶۱/۶۲، اسد الغابہ، ابن الاثير جلد ۲ ص ۲۲۱/۲۲. "الاستيعاب" ابن عبدالبر ج۲ ص ۱۱۲ ـ ۱۱۱.

Marfat.com

فصل ٽيون

سن ٽين نبوي جا واقعا

اُسَامَہ بن زَيْد رضہ جي ولادت

* هن سال اُسَامَہ بن زَيْد بن حَارِثہ‌جي ولادت ٿي. (١) جڏهن ته هڪ ٻئي قول موجب سندس ولادت جو سن پنج نبوي ٻڌايو ويو آهي.

عبدالله بن يَزِيْد رضہ جي ولادت

* هن سال عبدالله بن يزيد (٢) بن زيد بن حِصْن اَنْصَارِي اوسي ثم خطمي ٻہ ڄائو. سندس ڪنيت "اَبُوْمُوْسيٰ" آهي. "تَذكرَة القَاري" ۽ "اسد الغابہ" ۾ ڄاڻايل آهي ته هن "صلح حُدَيْبِيَّہ" کان اڳ اسلام قبول ڪيو. جڏهن "حُدَيْبِيَّہ" ۾ شريڪ ٿيو تڏهن سندس عمر سترهن ورهيہ هئي. حديبيہ کانپوءِ سڀني غزوات ۾ سندس شرڪت ثابت آهي. اَبُوْمُوْسيٰ صحابين جي ست ۾ هڪ مانائتو نالو سمجهيو وڃي ٿو. سندس پيءُ يَزِيْد بن زَيْد کي ٻہ صحابي هجڻ جو شرف حاصل آهي.

---

(١) حافظ ابن حجر "الاصابہ" ۾ ڄاڻايو آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن جي وصال وقت اسامہ جي عمر ڏهہ ورهيہ هئي. "الاصابہ" ج ١ ص ٣١.

(٢) عبدالله بن يزيد هجرت کان ڏهاڪو ورهيہ اڳ مڪي ۾ ڄائو ۽ سن هي هجريءَ جي آخر يا ٽين هجريءَ جي شروعات ۾ هن پنهنجي پيءُ سان گڏ نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهچي اسلام قبول ڪيو. پوءِ ننڍي عمر سبب هو ابتدائي غزوات ۾ ته شريڪ ٿي نہ سگهيو باقي سندس پيءُ يزيد بن حصن احد کان وٺي خيبر تائين جيڪي غزوات ٿيا تن ۾ بهرو ورتو ۽ پوءِ سن اٺين هجريءَ ڌاري مڪي جي فتح کان اڳ گذاري ويو.

عبدالله پهريون پيرو سن ڇهين هجريءَ ڌاري پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ "بيعت رضوان" ۾ شريڪ ٿيو ۽ پوءِ ٻين غزوات ۾ ٻہ بهرو وٺندو رهيو. بيعت رضوان وقت سندس عمر سترهن سال هئي.

حضرت عبدالله کي حضرت عليءَ سان بيحد عقيدت ۽ محبت هئي، جنهنڪري هو مديني کان ڪوفي منتقل ٿيو ۽ اتي هن "جمل"، "صفين" ۽ نهروان جي موقعي تي سيدنا عليءَ جي لشڪر ۾ هڪ پرجوش سپاهيءَ جي حيثيت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

امويں جي دور حڪومت ۾ هو خاموش رهيو، پر يزيد بن معاويہ جي وفات کانپوءِ سن ٦٤ هجريءَ ڌاري جڏهن حجاز ۽ عراق وارن حضرت عبدالله بن زبير کي پنهنجو خليفو چونڊيو ته هن ڪوفي جي گورنريءَ لاءِ عبدالله بن يزيد کي منتخب ڪيو، جيتوڻيڪ ان وقت سندس عمر ٧٥ ورهين جي لڳ ڀڳ هئي پر پوءِ ٻہ هن پنهنجون ذميواريون نهايت خوش اسلوبيءَ سان نڀايون. ان زماني ۾ ڪوفي اندر توابين جي تحريڪ وڏي زور شور سان هلي رهي هئي، پر هن نهايت تدبر سان تجزيو ڪري اهو نتيجو ڪڍيو ته هيءَ تحريڪ ابن زبير جي نہ پر امويں جي مخالفت ۾ آهي، هلندڙ

Marfat.com

خدا تعاليٰ طرفان کليل دعوت جو حڪم

* هن ئي سال يا وري ڪن ٻين جي چوڻ موجب سن چوٽين نبويءَ جي شروعات ۾ خداتعاليٰ طرفان پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن کي هن آيت ذريعي حڪم ڏنو ويو ته هاڻي ماٺهن تائين دين جي دعوت ظاهر ظهور پهچائي وڃي.

فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَ اَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ. (۱)

("پوءِ کولي ٻڌايو، اوهان کي جيڪي حڪم ڏنو وڃي ٿو ۽ مشرڪن جي پرواهه نه ڪريو.")

ان کان اڳ پاڻ سڳورا ﷺ ماٺهن کي اسلام جي دعوت ڪافرن کان لڪائي ڏيندا هئا.

ويجهن عزيزن کي دعوت جو حڪم

* هن سال، ٻئي قول موجب سن چوٽين نبوي دوران، نبي ڪريم ﷺ جن کي پنهنجي پروردگار طرفان اهو به حڪم مليو ته پنهنجي ڪٽنب وارن آڏو اسلام جي دعوت پيش ڪن ۽ ان ڏس ۾ هيٺين آيت نازل ٿي. **وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ** (۽ خبردار ڪريو اوهان پنهنجن ويجهن مائٽن کي) جنهن کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن "جبل صفا" جي چوٽيءَ تي چڙهي قريش قبيلي وارن کي وڏي واڪي سڏيندي الله جو پيغام هن پر پهچايو:

"اي قريشيو! رب تعاليٰ (جي عذاب) کان پاڻ پنهنجو بچاءُ ڪريو نه ته پوءِ آءٌ اوهانکي ان کان بچائي نه سگهندس." ان کانپوءِ نالي وار هر قبيلي کي هڪ ٻئي پٺيان سڏيندا رهيا. اي بني فهر، اي بني لويَ، اي

تنهنکري هن انهن کي پنهنجي طرفان آزادي ڏيئي ڇڏي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪوفي وارا هن جا حامي ٿي پيا. هن دور جو ٻيو وڏو فتنو وري مختار ثقفيءَ جي تحريڪ هئي. جنهن ۾ هو سيدنا محمد بن حنفيه علويءَ کي مهدي ظاهر ڪري ان جي آڙ ۾ پاڻ اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ ماٺهن کي حڪومت خلاف بغاوت تي اڀاري رهيو هو. عبدالله بن يزيد انهيءَ چالبازيءَ کي سمجهي ويو ۽ هن مختار کي پڪڑي قيد ۾ وجهي ڇڏيو.

مختار ثقفي جيڪو انتهائي عيار شخص هو، سو سڳ ۾ وري انتهائي جليل القدر صحابي سيدنا عبدالله ابن عمر جو سالو هو، تنهن پنهنجي ڀيٽيوي ڏانهن خط لکيو ته هو گورنر کي سندس آزاديءَ جي سفارش ڪري ۽ خط ۾ هن يقين به ڏياريو ته هو ابن زبير خلاف ڪنهن به بغاوت جو ارادو نٿو رکي. سيدنا عبدالله نهايت متقي ۽ خدا جي خوف وارو انسان هو، سو هن جي ڳالهه تي ويساه رکندي ابن يزيد ڏانهن خط لکيائين. ابن عمر جو خط جڏهن عبدالله ابن يزيد وٽ پهتو ته هن هڪدم مختار کي آزاد ڪري ڇڏيو. آزاد ٿيندي ئي هن وري پنهنجين سرگرمين کي نئين سر شروع ڪيو، اها خبر جڏهن خليفي جي خدمت ۾ مڪي پهتي ته هن هڪدم عبدالله ابن يزيد کي سندس عهدي تان معطل ڪري ڇڏيو، جنهن کانپوءِ هن باقي وقت خاموشيءَ سان الله تعاليٰ جي عبادت ۾ گذاريو ۽ ٿوري ئي وقت کانپوءِ هن وفات ڪئي. سندس وفات جو صحيح سن معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

ابن الاثير مطابق سندس شمار فاضل صحابين ۾ ٿئي ٿو. ڪائنس نبي ڪريم ﷺ جن جون ڪجهه حديثون به روايت ڪيل آهن، جيڪي امام بخاريءَ ۽ ترمذيءَ طرفان نقل ڪيون ويون آهن.

اسد الغابه "ابن الاثير" ج ۳ ص ۴۹۲ ـ ۴۲۸. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۳ ص ۱۲۴ ـ ۱۲۳.

(۱) سورة "الحجر" پاره ۱۴ آيت ۹۴.

Marfat.com

بني كعب، اي بني عبدالمطلب ۽ سندن آڏو وري وري ساڳيو پيغام پيش ڪندا رهيا. تانجو پنهنجي چاچي حضرت عَبَّاس رضہ ۽ پنهنجي پياري نياڻي سيده فاطمہ رضہ کي بہ سڏي ساڳئي ڳالهہ پئي ورجايائون، (۱) جنهن تي اَبُوْلَهَب وراڻيو: "توتي هلاڪت هجي ڇا تو اسان کي ان لاءِ گڏ ڪيو؟" ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان "تَبَّتْ يَدَآ اَبِيْ لَهَبٍ" واري مڪمل سورة نازل ڪئي ويئي. (۲) جڏهن تہ هڪ ٻي روايت ۾ ان واقعي ۽ سورة "تَبَّتْ يَدَآ اَبِيْ لَهَبٍ" جي نازل ٿيڻ جو سال سن چوٿين هجري ٻڌايو ويو آهي.

---

(۱) صحيح بخاري ج ۱ ص ۴۰۰ ، صحيح مسلم ج ۱ ص ۱۳۴.

(۲) سبل الهدي والرشاد، شامي ج ۲ ص ۳۲۴، دلائل النبوه، بيهقي ج ۲ ص ۱۸۲، سيرة ابن حبان، ص ۷۰.

Marfat.com

فصل چوٿون

سن چوٿين نبوي جا واقعا

وَرَقَہ رضہ بن نَوْفَل جي وفات

* هن سال يا هڪ پي روايت موجب سن ٽين هجري دوران ام المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرىٰ رضہ جو سؤٽ وَرَقَہ بن نَوْفَل گذاري ويو. کيس مکي شريف ۾ دفنايو ويو. هن پنهنجي پٽيان کا اولاد نہ ڇڏي. اها روايت صحيح آهي نہ هو مسلمان هو، [1] ان جو ذکر هن کان اڳ سن پهرين نبويءَ جي واقعات ۾ ٿي چڪو آهي.

حضرت عَائِشَہ رضہ جو جم

* هن سال سيدنا ابوبکر صديق رضہ جي گهر نياڻي جائي. جنهن جو نالو عائشہ رضہ [2] رکيو ويو. اڳتي هلي کيس نبي اکرم ﷺ جن جي گهر واري ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو.

---

(١) طبري، بغوي، ابن قانع ۽ ابن سکن وغيره، ورقہ بن نوفل کي صحابي شمار کيو آهي. الاصابہ "ابن حجر" جلد ٣ ص ٦٣٣.

(٢) هن سال شوال جي مهيني ۾ بمطابق جولاءِ ٦١٤ع يعني هجرت کان نَوَ ورهيہ اڳ. حضرت ابوبکر صديق رضہ جي گهر سندس ٻي گهر واري ام رومان بنت عامر مان هڪ نياڻي جائي، جنهن جو نالو عائشہ لقب صديقہ ۽ حميرہ ٻڌايو ويو آهي، اڳتي هلي قدرت طرفان کيس "ام المؤمنين" جو مقام عطا کيو ويو. بيبي عائشہ، جي کنيت ام عبدالله آهي، جيڪا سندس پاٽيجي عبدالله بن زبير سان منسوب آهي، سيده عائشہ ننڍپڻ کان وٺي ذهين، سمجهدار ۽ سلجهي مند هوندي هئي. هر ڳالهہ کي غور سان سمجهڻ ۽ ان کي ياد رکڻ جي خصوصي صلاحيت سندس مزاج ۾ موجود هئي.

نبوت جي ڏهين سال حضرت عائشہ جو نڪاح مکي ۾ کائنات جي کارٽي ﷺ جن سان پڙهايو ويو ۽ حق مهر ٥٠٠ درهم مقرر کيو ويو، ان وقت سندس عمر ڇهہ ورهيہ هئي، جنهن کان پوءِ هجرت جي پهرين سال شوال مهيني ۾ يعني اپريل ٦٢٣ع ڏاري مديني ۾ سندس رخصتي نهايت سادگيءَ سان ڪئي ويئي. ان وقت سيده عائشہ جي عمر نَوَ ورهيہ هئي. جڏهن تہ جديد دور جي ڪجهہ مصري توڙي هندوستاني عالمن جي خيال مطابق سندس عمر پندرهن کان سترهن ورهيہ ٻڌائي ويڇي ٿي. شاديءَ کانپوءِ سندس قيام مسجد نبويءَ جي هڪ حجري ۾ رهيو، جتي هن پنهنجي سموري زندگي سکون ۽ سادگيءَ سان گذاري. پاڻ سڳورا ﷺ ٻين امهات المؤمنين جي مقابلي ۾ کيس وڏيڪ اهميت ڏيندا هئا، ۽ سيده عائشہ بہ هڪ زال جي حيثيت سان پاڻ ڪريمن ﷺ جو تمام گهڻو خيال رکندي هئي. خاص طور صفائيءَ جي معاملي ۾. پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪپڙن توڙي بستري کي صاف رکڻ، کين خوشبوءِ لڳائڻ، سندن ڏندڻ کي ڏوئڻ، مٿي ۾ تيل وجهڻ وغيره کان ڪڏهن بہ غافل نہ رهي.

Marfat.com

آخري وقت ۾ جڏهن امام الانبياء ﷺ جن بيمار ٿيا، تڏهن هين امهات المؤمنين کان موڪلائي اچي پويان اٽ ڏينهن سيده عائشہ رضہ جي حجري ۾ گذاريائون ۽ اتي ئي سندن وصال ٿيو. وصال وقت سندن مٿو مبارک بيبي سائڻ جي سيني تي رکيل هو ۽ پوءِ ان حجري ۾ ئي هميشہ لاءِ آرامي ٿيا.

پاڻ ڪريمن ﷺ جي وصال وقت سيده عائشہ جي عمر اڄان ارڙهن ورهيہ مس هئي. پر هن پنهنجي علم، حلم، فهم، فراست، تقويٰ، ۽ بردباريءَ سبب بزرگن وانگر ديني مسائل ۽ معاملات ۾ نهايت شفقت ۽ فراخ دليءَ سان امت جي رهنمائي فرمائي.

سرور عالم ﷺ جن جي صحبت ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جا جيڪي نوَ ڏهہ سال گذاريا ان عرصي ۾ هن پاڻ سڳورن ﷺ جي هر قول ۽ فعل کي ڏيان سان ٻڌو، ڏٺو، سمجهيو ۽ نهايت غور سان ان تي ويچار ڪيو. پوءِ اٽڪل اڌ صديءَ تائين انهن تعليمات کي امت جي مختلف طبقن تائين پهچايو. علم فضل جي لحاظ کان سندیس مقام تمام مٿانهون آهي. تفسير، حديث، تاريخ، علم الانساب، ڪانسواءِ طب توڙي ادب ۾ ب ڪيس وڏو ڪمال حاصل هو. فقهي مسائل ۾ جڏهن ب کو مشڪل مرحلو ايندو هو ت ڪبار صحابہ ب بيبي سائڻ ڏانهن رجوع ڪندا هئا ۽ وٽائين اطمينان جوڳو جواب ملندو هو، انهن مسائل ٻڌائڻ ۾ هن ڪڏهن ب ڪنهن قسم جي ناگواريءَ جو اظهار نہ ڪيو پر نهايت خوش دليءَ سان سائلن کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين.

سيده عائشہ، سرور عالم ﷺ جن کان ٢٢١٠ ب هزار ب سؤ ڏهہ حديثون روايت ڪيون آهن. تڏهن ت چيو ويندو آهي ت شرعي احڪام جو چوٿون حصو هن بيبي سڳوريءَ جي وسيلي ئي مسلمانن تائين پهتو آهي.

مختلف احڪام بابت احاديث کي سمجهي پنهنجي فهم، ادراک ۽ تعليمات نبوي ﷺ ذريعي انهن مان اجتهاد ۽ استنباط ڪري هن بيبي سائڻ هزارين ماڻهن جا مذهبي مسئلا حل ڪيا ۽ سوين ماڻهن ڪانئس علمي استفادو ڪيو. ان ڏس ۾ سيده عائشہ جو ٻيو ڪوب ثاني يا شريک نٿو ٿي سگهي. سندس شاگردن جو تعداد سَوَن ۾ آهي، جن ۾ عروه ابن زبير، عبدالله ابن زبير، عبدالله ابن عباس، عبدالله ابن عمر، قاسم بن محمد بن ابوبکر، عائشہ بنت طلحہ، وغيره جا نالا مشهور آهن.

پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال کانپوءِ هن بيبي سائڻ جو گهڻو وقت عبادت ۽ رياضت ۾ گذرندو هو. فرض نمازن سان گڏ نوافل، تهجد، نفلي روزا ب پابنديءَ سان ادا ڪندي هئي. ڪلام پاڪ جي تلاوت جو ب ڪيس گهڻو شوق هوندو هو. هوءَ گهڻو وقت تلاوت ۾ گذاريندي هئي. ان مقصد لاءِ قرآن پاڪ جو هڪ قلمي نسخو وٽس موجود رهندو هو، جيڪو هن پنهنجي غلام ابو يونس کان قلمبند ڪرايو هو. ان کان سواءِ قرائت جا ب ڪجهہ طريقا بيبي سائڻ ڏانهن منسوب آهن. ان ڪانسواءِ هر سال حج جو اهتمام ب ڪندي هئي. هن موقعي تي "جبل نور" جي ٻرسان سندس لاءِ خيمو لڳايو ويندو هو، جتي علم جا پانڌيئڙا پهچي ڪانئس مختلف مسائل بابت ڄاڻ حاصل ڪندا هئا. حج جي موقعي تي سيده عائشہ رضہ جو هي خيمو ڄڻ ت دين جي تبليغ ۽ اشاعت جو هڪ مرڪز بڻجي ويندو هو.

سيده عائشہ رضہ جي سخاوت جا واقعا ب سوانح ۽ تاريخ جي ڪتابن ۾ ملن ٿا، جن مان خبر پوي ٿي پاڻ ڪريمن ﷺ جي اسوه حسنہ جي روشنيءَ ۾ ئي هن پنهنجي زندگي گذارڻ جا اصول مرتب ڪيا هئا. انڪري ڪڏهن ب ڪين مال دولت سان ڪا دلچسپي نہ رهي ۽ جڏهن ب وٽن ڪا چيز پهتي ت هڪدم الله جي واٽ ۾ ڏيئي ڇڏيائون. ايتريقدر جو پنهنجي حجري مبارک اندر پاڻ ڪريمن ﷺ ۽ پنهنجي پيءُ سيدنا ابوبکر صديق رضہ جي ٻرسان هڪ جاءِ سيده

Marfat.com

ڪافرن طرفان ڪليل مخالفت جي شروعات

* هن سال مڪي جي ڪافرن خدا جي سچي رسول ﷺ جي ڪليل مخالفت شروع ڪري ڏني. سندن دلين ۾ جيڪا ڪيني ۽ ڪدورت جي باهه ڀڙڪي رهي هئي ان جي اثر هيٺ هنن پاڻ ۾ گڏجي هڪ محاذ قائم ڪيو ته جيئن رسول ڪريم ﷺ جن جي راهه ۾ رڪاوٽون پيدا ڪري سگهن.

پاڻ ڪريم ﷺ جن کي ان دور ۾ پنهنجي چاچي سيدنا اَبُوْطَالِب جي مڪمل تائيد ۽ حمايت حاصل هئي. انڪري ڪافرن جو هڪ وفد حضرت ابوطالب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، ۽ پنهنجي شڪايت هن ريت پيش ڪيائون: "اوهان جو ڀائٽيو اسان جي دين کي ڪوڙو دين سڏي ٿو، ان جي عيب جوئي ڪري ٿو ۽ ماڻهن کي اسان جي معبودن جي پوڄا کان روڪي ٿو. اوهان کيس سمجهايو ته ان ڳالهه کان پاسو ڪري ۽ اسان سان ٺهي هلي، پر جي هو اوهان جي اها ڳالهه نه مڃي ته پوءِ اوهان منجهانئس پنهنجا هٿ ڪڍو." اهو ٻڌي ابوطالب وراڻيو: "مان نه کيس ان ڪم کان روڪيندس ۽ نه وري سندس حمايت تان هٿ کڻندس."

اَبُوْطَالِب پاران اهو جواب ٻڌي سندن ٺَپ ٺري ويا ۽ هو موٽي ويا. (١)

عائشه پنهنجي دفن ٿيڻ لاءِ رکي هئي، پر آخري وقت ۾ سيدنا عبدالله بن عمر پنهنجي پيءُ جو پيغام کڻي بيبي سائڻ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته "حضرت عمر سائين ان جاءِ تي دفن ٿيڻ جي خواهش رکي ٿو" اهو ٻڌي حضرت عائشه هڪدم پنهنجي خواهش تان هٿ کڻي ويئي ۽ سيدنا عمر فاروق کي ان جاءِ تي دفن ٿيڻ جي اجازت عطا ڪيائين، بيبي سائڻ جو اهو نهايت عظيم ۽ پنهنجي نوعيت جو انوکو ايثار آهي.

اهڙيءَ ريت بيبي عائشه صديقه سن ٥٨ هجريءَ تائين پنهنجي زندگي ان نموني دين جي خدمت ۽ الله جي اطاعت ۽ عبادت ۾ گذاري. پوءِ رمضان جي شروعات ۾ سندس طبيعت خراب ٿي پيئي ۽ ڏينهون ڏينهن بيماريءَ ۾ اضافو ٿيندو رهيو. آخر هن ئي سال رمضان جي سترهين تاريخ مطابق ١٣ جولاءِ ٦٧٨ ع رات جي وقت هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيائين. انا لله وانا اليه راجعون! وفات کانپوءِ سندس لاش کي جنت البقيع ۾ دفنايو ويو. جنازي نماز حضرت ابوهريره رضه پڙهائي، جنهن ۾ ڪافي تعداد ۾ صحابي سڳورا ۽ تابعي شامل هئا.

ازواج النبي ﷺ واولاده "ابوعبيده" ٦٤ ـ ٦٢. الاصابه "ابن حجر" ج ۴. ص ٣٦١ ـ ٣٥٩. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣٩۴ ـ ٣٩٣. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ١ ص ١١٢ ـ ١١١. العقد الثمين "فاسي" ج ٦ ص ۴١٣ ـ ۴١١. ازواج النبي (ﷺ) "شامي" ص ١٣٦ ـ ٧٧. "الاستيعاب" "ابن عبدالبر" ج ۴ ص ۴٣٩ ـ ۴٣٥. اسد الغابه "ابن الاثير" ج ٧ ص ٢٠٨ ـ ٢٠٥.

(١) سيرت ابن هشام ج ١ ص ٢٦٥، سيرة ابن ڪثير ج١ ص ۴٧۴ ـ ۴٧٣. سبل الهدي والرشاد. شامي ج ٢ ص ٣٢٦. بهجة المحافل "عامري" ج ١ ص ٩٣. "الاڪتفاءُ ابوربيع ڪلاعي ج١ ص ٢١٦.

Marfat.com

فصل پنجون

هن فصل ۾ سن پنجين نبويءَ جي واقعات جو ذڪر ڪيل آهي.

حضرت جَعْفَر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال حضرت جَعْفَر بن اَبُوْطَالِب اسلام قبول ڪيو، جيڪو حضرت علي ڪرم الله وجهه جو ياءُ هو. هي واقعو حبش ڏانهن هجرت کان اڳ جو آهي. ان وقت تائين ايڪتيهه فرد اسلام قبول ڪري چڪا هئا. جيئن "تذڪرة القاري بحل رجال البخاري" جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو. ساڳيءَ ريت "اسد الغابہ" جي مصنف بہ حضرت جَعْفَر رضہ کي پٽيهون مسلمان شمار ڪيو آهي. (۱) ان ڪانسواءِ ڪجهہ راوين جو خيال آهي تہ حضرت جَعْفَر رضہ نبوت جي پهرين سال ئي اسلام قبول ڪيو هو. جنهن جو ذڪر اڳ ٿي چڪو آهي. حضرت جَعْفَر رضہ مني مرسل ﷺ جن جي بعثت کان ويهارو ورهيہ اڳ، ۽ پنهنجي ياءُ علي رضي الله عنہ جي پيدائش کان ڏهہ سال اڳ ڄائو هو. ان حساب سان حضرت علي رضہ نبي سونهاري ﷺ کان عمر ۾ ٽيهہ ورهيہ ۽ پنهنجي ياءُ حضرت جَعْفَر رضہ کان ڏهہ ورهيہ ننڍو هو.

حبش ڏانهن مسلمانن جي پهرين هجرت

* هن سال رجب جي مهيني ۾ مسلمانن، ڪافرن جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ کان تنگ ٿي، مڪي کان "حَبَشَ" (۲) ڏانهن هجرت ڪئي. مسلمانن کي حبش ڏانهن بہ دفعا هجرت ڪرڻ جو موقعو مليو. جن

---

(۱) "اسد الغابہ" ابن الاثير ج پهريون ص ۲۸۷.

(۲) عربستان جي ڏکڻ ۾ واقع هن ملڪ کي عرب "حبشہ"، يورپ وارا "ايبيسينيا" ۽ يوناني "ايٿوپيا" جي نالي سان سڏيندا آهن. هينئر دنيا جي موجوده نقشي تي هي ملڪ ايٿوپيا (Eathiopia) جي نالي سان ئي ڄاتو وڃي ٿو. جنهن جي پکيڙ ۴۷۲۴۰۰ چورس ميل ٿيندي. عربستان ڪانپوءِ اسلام سڀ کان پهريان هن ملڪ ۾ پهتو. ان دور ۾ هن ملڪ جون سرحدون اڄ کان وڌيڪ وسيع هيون. اوپر واري سرحد سمنڊ تائين هئي. جنهن ۾ موجوده "ايريٽيريا" ۽ "صوماليہ" جو اتريون علائقو بہ شامل هو. عربستان کان ساموندي سفر ذريعي ماڻهو حبشہ ويندا هئا. مسلمان بہ حجاز جي بندر "شعيبہ" تان هن ٻيڙين ۾ سوار ٿيا، ۽ پوءِ ڳاڙهو سمنڊ پار ڪري "اڪسوم" پهتا. جيڪو ان وقت "حبشہ" جو تخت گاه هو. اهو شهر هينئر بہ ملڪ جي اتر اوپر ۾ موجود آهي. پر ڪيس اهو اڳوڻو اوج حاصل نہ آهي. هينئر ملڪ جو گادي وارو شهر "عديس ابابا" کي بڻايو ويو آهي. مسلمان هن ملڪ ۾ ڪافي عرصي تائين ايندا رهيا ۽ مقامي ماڻهن بہ ڪافي تعداد ۾ اسلام قبول ڪيو. تيرهين صدي عيسويءَ تائين حبشہ ۾ مسلمانن جون ست آزاد رياستون قائم ٿي چڪيون هيون. پر پوءِ حالتون بگڙنديون ويون. هينئر بہ مسلمان اتي موجود آهن. پر اهي عيسائين جي ماتحت زندگي گذارين ٿا. موجوده دور ۾ هن ملڪ جي آبادي ۱۹۸۵ع جي آدم شماريءَ مطابق ۳ڪروڙ۳۵ لک ۵۱ هزار آهي.

هلندڙ

Marfat.com

مان هيءَ پهرين هجرت آهي، جنهن ۾ بارهن مرد ۽ پنج عورتون به ساڻن گڏ هيون. حبش ڏانهن ان هجرت جو ارادو سڀ کان پهريائين حضرت عُثمان بن عَفّان رضہ ۽ سندس گهرواري سيده رُقَيّہ رضہ بنت رسول الله ﷺ جن کيو. انکري کين رب جي راه ۾ پهريان مهاجر سڏيو ويو آهي. (۱)

جڏهن ته ان نندڙي قافلي جي پين مسافرن ۾ عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رضہ، زُبَيْر بن عَوّام رضہ، مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ، اَبُوْ سَلَمَہ عَبْدُالله بن عَبْدُالاَسَد مَخْزُوْمِيْ رضہ ۽ سندس گهرواري اُمِ سَلَمَہ رضہ وغيره شامل هئا. (۲)

کافرن جو مسلمانن سان گڏ سجدو ڪرڻ

* هن سال رمضان شريف جي مهيني ۾ حبش ڏانهن پهرين هجرت کان پوءِ ۽ پي هجرت کان اڳ خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ ڏانهن سُوْرَةُ "النَّجْم" نازل فرمائي.

هڪ ڀيري بيت الله شريف ۾ ڪافرن جو وڏو ميڙ موجود هو. ان موقعي تي پنهي جهانن جي سردار ﷺ ان سورت جي تلاوت شروع ڪئي، جنهن کي اتي موجود مسلمان، ڪافر، انسان ۽ جن، سڀ ٻڌندا رهيا. تلاوت ڪندي سورة جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن سجدي واري آيت آئي، تڏهن خدا جا پاڪ پيغمبر ﷺ ان موقعي تي سجدي ۾ هليا ويا ۽ ساڻن گڏ سمورا مسلمان به سجدي ۾ ڪري پيا. ايتريقدر جو اتي موجود مشرڪن ۽ پي سموري مخلوق به سندن سات ڏنو، سواءِ هڪ پوڙهي مشرڪ اميہ بن خلف جحميءَ جي، جنهن پنهنجي هٿ ۽ وڏائيءَ سبب سجدو ته نہ ڪيو، الٽو ٿنوليءَ طور متيءَ منجهان هڪ مٺ ڀري پنهنجي پيشانيءَ کي لڳائيندي چيائين. "منهنجي لاءِ ايترو ڪافي آهي". خدا تعاليٰ جي قدرت اهڙي ٿي جو جن به مشرڪن سجدو ڪيو، تن سڀني کي مولا سائينءَ پنهنجي مهرباني‌ءَ سان اسلام قبول ڪرڻ جي توفيق بخشي، سواءِ "اُمَيَّہ بن خَلَف" جي، جيڪو مرڻ گهڙيءَ تائين پنهنجي ڪفر تي قائم رهيو، ۽ ان حالت ۾ ئي بدر واريءَ لڙائيءَ دوران ڪيس قتل ڪيو ويو. (۳) خدا تعاليٰ هرهڪ کي ان حالت کان پنهنجي پناهہ ۾ رکي. صحيح بخاري وغيره ۾ اهو واقعو نقل ڪيو ويو آهي. (۴)

(The new Encyclopedia Britannica Volume 4 page 579/582)

(دائرة المعارف اردو ج ۷ ص ۸۷۱-۸٦٦) ۰

("ملت اسلاميہ ڪِي مختصر تاريخ" ثروت صولت ج ۲ ص ۱۲۵) ۰

(۱) "دلائل النبوة بيهقي جلد ۲ ص ۲۹۷ - زادالمعاد ابن قيم ج ۱ ص۹۷ ۰

(۲) سيرة ابن هشام ج ۱ ص ۳۴۴/۴۵، شرح مواهب زرقاني جلد ۱ ص ۲۷۰/۷۱ ۰

(۳) اميہ بن خلف کي بدر جي لڙائي ۾ حضرت خبيب رضہ يا حضرت بلال رضہ مان کنهن هڪ قتل ڪيو هو. (سيرت ابن هشام ج ۱ ص ۱۲۴) ۰

(۴) صحيح بخاري ج ۲ ص ۷۲۱ ۰

Marfat.com

حبش ڏانهن پي هجرت

* هن ئي سال جي پڄاڻي تي يا وري سن ڇهين نبويءَ جي شروعات ۾ مسلمانن حبش ڏانهن پيو پيرو هجرت ڪئي. مهاجرن جي هن قافلي ۾ ۸۳ مردن سان گڏ ۱۸ عورتون به شامل هيون. (۱) انهن عورتن مان يارهن جو تعلق قريش قبيلي سان هو، جڏهن ته باقي ست ڏاريون هيون. ڪن راوين اهو انگ وڌائي به ٻڌايو آهي. بهرحال هجرت ڪرڻ وارن جي قافلي مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

حضرت جَعْفَر بن اَبُوطَالِب رضہ ۽ سندس گهرواري اَسْمَاء بنت عُمَيْس رضہ، خُنَيْس بن حُذَافَہ سَهْمِيّ رضہ، مُصْعَب بن عُمَيْر قُرَشِي عَبْدَرِيّ رضہ، مُعَيْقِيب بن اَبُو فَاطِمَہ دَوْسِيّ رضہ، مِقْدَاد بن اَسْوَد كَنْدِي رضہ، اَبُوعُبَيْدَہ بن جَرَّاح رضہ، خَالِد بن حِزَام بن خُوَيْلِدَ رضہ ۽ امّ المؤمنين سَوْدَہ بنت زَمْعَہ رضہ وغيره.

مشهور سيرت نگار "شامي" پنهنجي ڪتاب ۾ حبش ڏانهن پهرين ۽ پي هجرت ۾ شامل مهاجرن جا نالا چٽيءَ ريت درج ڪيا آهن. (۲)

خالد بن حزام رضہ جي وفات

* هن ئي سال جڏهن مسلمانن جو قافلو مڪي کان حبش ڏانهن پي هجرت جو سفر ڪري رهيو هو ته رستي ۾ خَالِد بن حِزَام بن خُوَيْلِدَ گذاري ويو. (۳) هي حڪيم بن حزام جو ڀاءُ ۽ ام المؤمنين سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرىٰ رضہ جو ڀائٽيو هو. اوائلي دور ۾ اسلام قبول ڪيو هئائين. رب تعاليٰ طرفان سندس شان ۾ هيءَ آيت نازل ٿي هئي:

وَمَنْ يَّخْرُجْ مِنْۢ بَيْتِهٖ مُهَاجِرًا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ يُدْرِكْهُ الْمَوْتُ فَقَدْ وَقَعَ اَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ. (۴)

"جيڪو نڪري پنهنجي گهران، هجرت ڪري الله ۽ ان جي رسول ڏانهن ۽ پوءِ اڃي مٿس موت ته پوءِ مقرر ٿي چڪو آهي ان جو اجورو الله وٽ."

نماز دوران خدا جي رسول صلی اللہ علیہ وسلم ڪي ستائڻ جو واقعو

* هن ئي سال هڪ ڏينهن تي ڪافرن "مسجدالحرام" ۾ گڏجاڻي ڪئي. جنهن ۾ اَبُوجَهْل، شَيْبَہ، عُتْبَہ، وَلِيْد بن عُتْبَہ، عَمَّارَہ بن وَلِيْد، عُقْبَہ بن اَبِيْ مُعَيْط، اُمَيَّہ بن خلف وغيره شريڪ ٿيا.

رسول خدا صلی اللہ علیہ وسلم ان وقت ڪعبة الله ۾ نماز پڙهي رهيا هئا. اهائي مهل هئي ته مسجد جي ٻاهران ميدان ۾ قرباني‌ءَ لاءِ ڪو اٺ ڪُٽو ويو. اهو ڏسندي ئي مٿين ڪافرن مان ڪن اها سِٽ سِٽي ته ڪو به هڪ اُن اٺ جي اوجهري آڻي، ان وقت مٿي مرسل صلی اللہ علیہ وسلم جي پٺي مبارڪ تي رکي، جڏهن پاڻ صلی اللہ علیہ وسلم سجدي جي حالت ۾ هجن. اهو ٻڌندئي منجهائن سڀ کان وڏو ظالم عُقْبَہ بن اَبِيْ مُعَيْط اٿيو ۽ اوجهه سان

(۱) شرح المواهب اللدنيہ جلد ۱ ص ۲۸۷. زاد المعاد ابن قيم ج ۱ ص ۹۸.
(۲) سبل الهدىٰ و الرشاد شامي ج ۲ ص ۳۶۳ - ۳۹۷ - ۴۰۹.
(۳) اسد الغابہ ابن الاثير جلد ۲ ص ۷۸.
(۴) "سورة النساء" ۴ پاره ۵ آيت ۱۰۰.

Marfat.com

پريل اوجهري آڻي پاڻ ڪريمن ﷺ جي پٽي مبارڪ مٿان رکيائين. سيده فَاطِمَہ رضہ کي جڏهن ان واقعي جي پروڙ پيئي تڏهن هوءَ مسجد ۾ هلي آئي ۽ پنهنجي بابي سائين ﷺ جي پٽي مبارڪ تان ان غلاظت کي هٽايائين (۱) ايتري ۾ حضرت اَبُوبَكْر رضہ به اتي پهتو، ۽ انهن ڪافرن کي اهو ڪجهہ چيو جيڪو آل فرعون مان هڪ مؤمن پنهنجي قوم وارن کي چيو هو تہ:

اَتَقْتُلُوْنَ رَجُلًا اَنْ يَّقُوْلَ رَبِّيَ اللّٰهُ وَقَدْ جَآءَكُمْ بِالْبَيِّنَاتِ مِنْ رَّبِّكُمْ. (۲)

"ڇا توهان هڪ شخص کي ان لاءِ قتل ڪريو ٿا جو هو چوي ٿو تہ منهنجو پالڻهار الله جل جلاله آهي ۽ هو اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي ڇڏين نشانين سان اوهانجي رب طرفان."

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ انهن ڪافرن جا نالا ڪٽي کين پاراتو ڏنو ۽ بعد ۾ بدر واري لڙائيءَ ۾ اهي سمورا مسلمانن هٿان قتل ٿيا، ۽ منجهائن ڪو به باقي نہ بچيو.

حضرت عبدالله بن مَسْعُوْد رضہ کان روايت آهي تہ مان "بَدْر" واري موقعي تي سندن مڙهہ هڪ ڪڍ ۾ پيل ڏٺا.

حضرت سُمَيَّہ رضہ جي شهادت

* هن سال سُميہ بنت خُبّاط کي شهيد ڪيو ويو، جيڪا اَبُوْ حُذَيْفَہ بن مُغِيْرَہ جي ٻانهي ۽ عَمّار بن يَاسِر رضہ جي ماءُ هئي. نبوت جي پهرين سال ئي اسلام قبول ڪيو هئائين. جنهن جو ذڪر نبوت جي پهرين سال وارن واقعات ۾ ٿي گذريو آهي.

حق جي واٽ تان هٽائڻ لاءِ ڪيس طرحين جون تڪليفون پهچايون ويون، پر سندس مضبوط ايمان ۾ ڪو لوڏو نہ آيو. آخر هڪ ڏينهن ابوجهل ڪيس نيزو هڻي شهيد ڪري ڇڏيو. اهڙي ريت هن پيرسن عورت اسلام ۾ پهرين شهادت جو مرتبو ماڻيو. (۳)

---

(۱) سيده فاطمة الزهراء رضہ ان وقت ايجان ننڍي هئي ۽ سندس جمار اٽڪل ڏهاڪو ورهيہ هئي. جو جو بيبي سائڻ جي ولادت بعثت کان پنج ورهيہ اڳ ٿي هئي.

(۲) پاره ۲۴، سورة المؤمن ۴۰، آيت ۲۸

(۳) "الاصابہ" ابن حجر عسقلاني ج ۴ ص ۳۳۴/۳۳۵، اسد الغابہ. ابن اثير ج ۵ ص ۴۸۱، الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۴ ص ۴۱۹.

Marfat.com

فصل ڇهون

سن ڇهين نبويءَ جا واقعات

نبي ڪريم صلی الله علیه وسلم جو "دَارِ اَرْقَم" ۾ اچڻ

* هن سال رسول الله صلی الله علیه وسلم جن مشهور صحابي "اَرْقَم بن اَبي اَرْقَم" رضه جي گهر اچي ترسيا. (۱)
ان واقعي جو ذڪر "تذڪرة القاري بحل رجال البخاري" (۲) نالي ڪتاب ۾ موجود آهي. ان وقت مسلمان دار ارقم ۾ اندر نماز ادا ڪندا هئا ۽ اهو سلسلو تيسين جاري رهيو جيسين حضرت عمر بن خطاب رضه اسلام قبول ڪيو. ان ڪانپوءِ مسلمان اتان ٻاهر نڪري بيت الله ۾ جماعت سان نماز پڙهڻ لڳا.

---

(۱) حضرت ارقم بن ابي ارقم بن عبد مناف مخزوميءَ جو هي گهر "صفا جبل" جي ڪاپي پاسي ڪان اٽڪل چاليهن ميٽرن جي فاصلي تي هو. هن گهر کي اسلام جي پهرين مرڪز جي حيثيت حاصل هئي. جتي مسلمان نه رڳو ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ وٽان تعليم ۽ تربيت حاصل ڪندا هئا، پر پاڻ ۾ گڏجي نماز به ادا ڪندا هئا ۽ مستقبل جي منصوبن تي به غور ۽ ويچار ڪندا هئا. ڪيترين ئي محترم ۽ مانائتين هستين انهيءَ گهر ۾ اچي حق ۽ ايمان جي واٽ اختيار ڪرڻ جو اعلان ڪيو، جن مان "حضرت عمر فاروق رضه" ۽ "حضرت حمزه رضه" وغيره جا نالا ذڪر جوڳا آهن.
سن ۱۷۱ هجريءَ ۾ خليفي هارون رشيد جي ماءُ "خيزران" هن جاءِ کي خريد ڪري اتي هڪ ننڍڙي مسجد جوڙائي جنهن جي ڏيگهه اٽڪل ۲۴ فوٽ ۽ ويڪر ۲۱ فوٽ هئي ۽ ان جو دروازو اوپر طرف ڪان هو. ان ڪانپوءِ وقت بوقت ڪيترن ئي حاڪمن ۽ اميرن طرفان هن مسجد جي تعمير يا مرمت ٿيندي رهي، تانجو ۱۳۷۵هجريءَ دوران سعودي حڪومت طرفان حرم شريف کي ڪشادو ۽ خوبصورت ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو. ان وقت هن مسجد کي ڊاهي اتي هڪ مارڪيٽ لاءِ ٽن منزلن جي عمارت تيار ڪئي ويئي ۽ ان جي پرسان هڪ الڳ جڳهه جوڙي ان جي مٿان دروازي تي "دار ارقم" لکيو ويو ۽ اها جڳهه ۱۹۷۳ع تائين موجود هئي. ان ڪانپوءِ وري ٻيهر جڏهن روڊن کي ڪشادي ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو ته پوءِ ڪجهه به باقي نه بچيو. اڄ نه ان جاءِ تي "دار ارقم" آهي نه "دار خيزران". انا لله و انا اليه راجعون.
("تاريخ القويم" علامه محمد طاهر ڪردي مڪي جلد ۲ ص ۸۷-۸۵. سفر نامه ارض القرآن. محمد عاصم ص ۱۵۱)

(۲) "تذڪرة القاري بحل رجال البخاري"، "اسماء الرجال" جي فن تي هڪ مستند ۽ معتبر ماخذ رهيو آهي، جيڪو سند جي مشهور عالم، فقيه ۽ محدث حضرت علامه عبدالرحمن نصرپوريءَ يارهين صدي هجريءَ ڏاري مرتب ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ گهڻي عرصي تائين هي ڪتاب حديث جي عالمن ۽ محققن جي مطالعي هيٺ رهيو.
تاريخ ۽ رجال جي سلسلي ۾ ان وقت جا عالم هن ڪتاب جا حوالا ابن حجر جي "الاصابه" ۽ ابن اثير جي "اسدالغابه" سان گڏ نقل ڪن ٿا. ان مان هن ڪتاب جي اهميت جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. اڳتي هلي مقامي ماڻهن جي غفلت ۽ بي پرواهيءَ سبب هي ڪتاب ضايع ٿي ويو. هن وقت سند جي ڪنهن به مشهور ڪتبخاني ۾ هن ڪتاب جو نسخو موجود نه آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن غير معروف ماڳ تي ڪو نسخو باقي بچيل هجي، ان لاءِ سند واسين کي جستجو ۽ جاکوڙ ڪرڻ کپي ته جيئن موجوده دور جا محقق ۽ عالم به هن ڪتاب مان مستفيض ٿي سگهن.
ذبه الذبابات مخدوم عبداللطيف جلد ۲. "مقدمه" امعان النظر حضرت علامه غلام مصطفيٰ قاسمي.

Marfat.com

مکي ۾ حضرت ارقم رضہ جو اهو گهر مسجد حرام جي بلکل ويجهو "صفا" جبل وٽ اڄان سوڌو موجود آهي. اڇکلهہ ان کي "دارِ خَيْزُرَان" سڏيو وڃي ٿو. ڇو جو "خَيْزُرَان" هن جاءِ کي نئين سر جوڙائي، اتي تبرک طور هک مسجد قائم ڪئي. "خيزران" مشهور عباسي خليفي هارون الرشيد جي ماءُ هئي ۽ سندس تعلق حبشي نسل سان هو. مون (ڪتاب جو مصنف) جڏهن ۱۱۳۵هـ ڏاري حج بيت الله جي زيارت لاءِ اتي پهتس تڏهن "دار خَيْزُرَان" جي زيارت جو شرف حاصل ڪيم.

حضرت حَمْزَہ رضہ جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال حضرت حمزه بن عبدالمطلب اسلام قبول ڪيو. جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو چاچو هو. انهن ڏينهن ۾ رسول رحمت ﷺ جن حضرت اَرْقَم رضہ جي گهر ۾ ترسيل هئا. حضرت حَمْزَہ رضہ جي مسلمان ٿيڻ بابت هک پيو قول بہ آهي، جنهن جو ذڪر سن ۲ نبويءَ جي واقعات ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

حضرت عمر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ (۱)

* هن ئي سال حضرت حمزه رضہ جي مسلمان ٿيڻ کان ٿي ڏينهن پوءِ عمر بن خَطّاب رضہ بہ دار ارقم ۾ حاضر ٿي پاڻ ڪريم ﷺ جي آڏو اسلام قبول ڪيو.

---

(۱) سادگي، سچائي، جرئت، جانثاري، بهادري، بيباڪي، شجاعت ۽ شهامت جو پيڪر سيدنا عمر رضہ بن خطاب، اسلامي تاريخ جو هک اهڙو مثالي ۽ منفرد ڪردار آهي، جنهن جو جوڙ ۽ جيس سڃي انساني تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

نسبي لحاظ کان حضرت عمر رضي الله عنه جو ناناڻو ۽ ڏاڏاڻو تعلق قريش جي هن مشهور قبيلن بنوعدي ۽ بنومخزوم وارن سان هو. سندس ڏاڏڻگ جو سلسلو مؤرخن هن ريت نقل ڪيو آهي: عمر رضہ بن خطاب بن نُفيل بن عبدالعزيٰ بن رباح بن عبدالله بن قُرط بن رزاح بن عدي بن ڪعب بن لوي قرشي عدوي، جڏهن ته سندس امڙ جو نالو حنتمہ هو، جيڪا بنومخزوم وارن مان هئي. ڪن روايتن ۾ ڪيس ابوجهل بن هشام جي ڀيڻ ٻڌايو ويو آهي. جڏهن ته ڪجهہ نسّاب ان روايت کي رد ڪندي ٻڌائين ٿا ته هوءَ هاشم بن مغيره جي نياڻي هئي، جنهن مطابق هوءَ ابوجهل جي ڀيڻ نہ پر سوٽ شمار ٿيندي.

حضرت عمر رضہ جي ڪنيت ابوحفص مشهور آهي. جنهن جي نسبت سندس پياري نياڻي حضرت حفصہ رضہ ڏانهن آهي. جنهن کي اڳتي هلي الله تعاليٰ ام المؤمنين جو مرتبو عطا فرمايو. ان نسبت سبب حضرت عمر رضہ کي سيد ڪائنات ﷺ جن جو سهرو شمار ڪبو. جيڪو پڻ سندس لاءِ هک اعزاز آهي.

ولادت ۽ نندپڻ

هک مشهور روايت مطابق حضرت عمر رضہ سائين هاٿين واري واقعي کان تيرهن ورهيہ پوءِ يعني هجرت نبوي ﷺ کان چاليهہ ورهيہ اڳ مکي ۾ ڄائو، جڏهن ته اسامہ بن زيد رضہ جي روايت مطابق سندس ولادت حرب فُجار کان چار ورهيہ پوءِ ٿي. جڏهن هو ڪجهہ سمجهہ وارو ٿيو ته سندس بابي خطاب پنهنجي اٺن چارڻ جي ذميواري مٿس رکي. ڇو ته اهو ڪم ان دور ۾ وڏگهراٺن جا ٻيا ٻار بہ ڪندا هئا. پر قدرت واري نندڙي عمر جي طبيعت ۾ فطري طور اٺن چارڻ جو نہ پر گهوڙن پالڻ جو شوق وديعت فرمايو هو ته جيئن اڳتي هلي هو انهن گهوڙن کي هٿيارن سان سينگاري جنگ جي ميدان ۾ اچي ۽ الله توڙي اسلام جي دشمنن جو هٽ ۽ تڪبر مٽيءَ ۾ ملائي. حضرت عمر رضہ جڏهن نندپڻ

Marfat.com

کان جواني ۾ پير پاتو ته قد ڪاٺ، رنگ روپ توڙي شڪل شبيهه جي لحاظ کان سندس شخصيت سڀ کان نمايان ۽ پرڪشش نظر اچڻ لڳي. مضبوط ۽ پريل بُت، پورو رنگ، ڪاريون اکيون ۽ گھاٽن وارن سان گڏ ايترو ته قدآور ٿيو جو جڏهن هڪ جيڏن سان بيهندو هو ته اهي سندس ڪلهي تائين مس پهچندا هئا.

مڪي اندر ان دور ۾ خوشحال گھراٽن جا نوجوان گھوڙي سواريءَ ۽ تيراندازيءَ سان گڏ پاڻ ۾ چنبا وڙهائڻ، ڪشتي ڪيڏڻ ۽ ٻيا اهڙا زورآزمائڻ جا مقابلا ڪندا هئا، ان ڪري حضرت عمر رضہ به پنهنجي جوانيءَ ۾ انهن سڀني ڪمن ۾ اهڙي ته مهارت حاصل ڪئي جو ان دور جي نوجوانن منجهان ڪوبہ ساٽس برميچي نہ سگھندو هو. قدرت حضرت عمر رضہ جي جسم ۾ طاقت جو اهڙو ته توازن رکيو هو جو هُو اهي سمورا ڪم ساڃي توڙي ڪاڃي ٻنهي هٿن سان هڪ جهڙي مهارت سان ڪري سگھندو هو. گھوڙي سواريءَ ۾ ته هن کي اهڙي مهارت حاصل هئي جو ڪيترو ب ارڏو ۽ شوخ گھوڙو ڇونہ هجي، پوءِ ٻلي اهو هڪ هنڌ بيٺل هجي يا ڊوڙندو هجي پر عمر ٽپ ڏيئي ان جي پٺيءَ تي چڙهي مٿس اهڙو ته ڪنٽرول ڪندو هو، جو مخالف ب سندس تعريف ڪرڻ کان نہ رهي سگھندا هئا. اهڙيءَ ريت عُڪاظ توڙي اهڙي قسم جي ٻين ميلن ۽ ملاکڙن ۾ هو هميشہ وقت جي مڃيل پهلوانن کي دَسي ميدان ماري موٽندو هو.

مٿين ڪمن کانسواءِ هن لکڻ پڙهڻ ب سکيو هو، جنهن ڪري جاهليت واري دور ۾ سندس شمار مڪي ۾ موجود اهڙن سترهن شخصن ۾ ٿيندو هو، جيڪي لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا هئا. ان کانسواءِ بحث مباحثن توڙي تقرير جي فن ۾ ب هو پنهنجو مٽ پاڻ هو. علم الانساب جي ميدان ۾ ب سندس نالو نمايان هو ۽ اهو علم هن پنهنجي ٻيءُ خطاب کان حاصل ڪيو. انهن سڀني خوبين سبب ان دور ۾ جڏهن ب ڪنهن قبيلي سان جنگ يا امن بابت ڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻي هوندي هئي يا ڪنهن سان خانداني فخر ۽ فضيلت بابت ڪو بحث يا وري ڪنهن جي گھٽتائي يا ذلت ثابت ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي ته مڪي وارن اهڙن سڀني ڪمن واسطي هميشہ لاءِ عمر رضہ جو ئي انتخاب ڪري ڇڏيو هو.

اهو حضرت عمر رضہ جي ڦوهہ جوانيءَ وارو دور هو، جڏهن مڪي جي مشرڪ معاشري ۾ پهريون ڀيرو لاالـه الا الله جي ڪفر ٽوڙ صدا جا آواز بلند ٿيا. اسلام جو اهو آفاقي پيغام ٻڌي ڪافرن جا سردار ۽ چڱا مڙس مڃرجي ڀيا، ڇو ته انهن آوازن جي زور سان ڪين پنهنجي عزت ۽ اقتدار جا ايوان لڏندا ۽ ڏڏندا نظر پئي آيا. جنهن ڪري هو ان سچي دين جي پيروي ڪرڻ وارن مٿان طرحين طرحين جون جئيون ۽ عقوبتون ڪرڻ لڳا. حضرت عمر رضہ فطري طور ته هڪ آزاد طبع شخص هو، جنهن کي پنهنجي پهلوانيءَ وارن مشغلن کان علاوه ڪنهن ٻئي ڪم سان ڪا خاص دلچسپي نہ هوندي هئي، ايتريقدر جو ان دور جي مذهبي رسمن يا بت پرستي وغيره سان ب سندس گھٽو لڳاءُ نظر نہ ٿو اچي، پر ان هوندي ب جنهن معاشري ۾ سندس زندگي جا ڏينهن راتيون گذري رهيا هئا ان جا ٻُتا بنياد توحيد جي صدائن سان جهرندي هن ب محسوس ڪيا هئا. هوڏانهن وري يارن دوستن ۽ مٽن مائٽن ب ڪيس اها ڳالهہ ذهن ۾ پئي ويهاري ته اهو نئون دين سندس ذاتي توڙي خانداني حيثيت کي ب مٽائي ڇڏيندو، تنهنڪري انهن سان گڏجي عمر ب آهستي آهستي مظلوم مسلمانن کي آزارڻ شروع ڪيو. هن جي ڏاڏاين جو پهريون شڪار سندس ئي ڪٽنب جي هڪ ٻانهي "لبينہ" هئي، جنهن تي پهريون دفعو عمر رضہ هٿ کنيو ۽ پوءِ انهيءَ هٿ کي ڪوبہ روڪي نہ سگھيو، جنهن ڪري مسلمانن مٿان سندس ظلمن ۽ زيادتين جو سلسلو وڌندو رهيو، آخرڪار هڪ ڏينهن اهڙو ب آيو جو عمر رضہ ان دين جي بانيءَ کي ئي ختم ڪرڻ جو سوچيو ۽ پوءِ پنهنجي پروگرام جي پورائي لاءِ هو هٿ ۾ اگھاڙي تلوار ڪڍي گھران نڪتو. ان وقت سندس جوش ۽ جولان کي ڏسندي صاف ظاهر ٿي رهيو هو ته اڄ عمر رضہ کنهن اڻانگي ارادي سان نڪتل آهي. آخرڪار هڪ شخص همت ڪري کانئس پڇي ورتو: "اي عمر کهڙو ارادو اٿئي." جنهن تي عمر نهايت بي خوفيءَ سان ان شخص کي پنهنجي من جو مقصد کولي ٻڌايو. جنهن جي جواب ۾ ان شخص کيس ٽوڪيندي چيو ته "عمر ان

Marfat.com

ارادي پوري ڪرڻ کان پهريان پنهنجي پيڙ جو گهر ته گهمي اچ، جيڪا پڙ ان نئين دين کي قبول ڪري چڪي آهي."
ان ڳالهه عمر جون وايون بتال ڪري ڇڏيون. سندس جوش ۽ جنون اڃان وڌي ويو. هاڻي هو سڌو پنهنجي پيڙ فاطمه بنت خطاب جي گهر آيو، جتي پهريون پيرو الاهي آيتن جو آواز سندس ڪنن تي پيو.

حضرت عمر رضه عربي زبان ۽ ادب توڙي ان جي ٻين خوبين ۽ خصوصيتن کان ته پليءَ پت آگاه هو، ان ڪري پهريون پيرو انهن آيتن جي تلاوت هن جي اندر ۾ اهڙي ته آنڌ مانڌ مچائي ڇڏي جو هو مجبور ٿي پيو ته اهو لکيل پيغام هٿن وٽان حاصل ڪري پوءِ پاڻ پڙهي ۽ جڏهن هن ائين ڪيو ته سندس عقل ۽ شعور شاهدي ڏني ته اهڙي فصاحت، بلاغت ۽ علمي توڙي معنوي خوبيون ڪنهن انساني ڪلام ۾ ممڪن ئي نه آهن، ان ڪري اهو پڪ ئي پڪ الاهي ڪلام آهي، جنهن سندس من جا مونجهارا ۽ اندر جا انڌيرا دور ڪري ان جي جاءِ تي ايمان جي اهڙي ته روشني پيدا ڪئي جنهن ۾ حق ۽ باطل جو فرق ڪيس صاف نظر اچڻ لڳو. بس پوءِ هو پيڙ جي گهران نڪتو ته ڪيس فقط هڪڙوئي رستو نظر آيو جتان هلي هو سڌو "دار ارقم" پهتو ۽ ڪائنات جي ڪارٽي ﷺ آڏو پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيائين. اهو الله جي آفاقي ڪلام جو اثر هو جو هڪ گهڙيءَ اندر بنوعديءَ وارن جو هڪ هٿيلو ۽ جوشيلو جوان عمر مان ڦري فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنه بڻجي پيو.

الاهي آيتن جو اهو اثر سڄي زندگي متس غالب رهيو. هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حضرت عمر رضه متان ڪهڙي به ڪيفيت طاري هوندي هئي پر جڏهن سندس آڏو ڪلام الاهي جي تلاوت ٿيندي هئي ته هن جي طبيعت ۾ آرام ۽ قرار اچي ويندو هو.

جنهن دور ۾ حضرت عمر رضه ايمان قبول ڪيو ان دور ۾ مسلمانن جي مختصر جماعت ظاهري لحاظ کان گهڻي ڪمزور هئي ۽ منجهانئن ڪيترا ته ڪافرن جي ظلم ۽ زيادتين سبب پنهنجي دين جو اظهار به وڌي وات نه ڪري سگهندا هئا. پر عمر رضه جي طبيعت جو انداز ٻين کان نرالو هو. هن پنهنجي اسلام کي لڪائڻ بدران ظاهر ڪرڻ کي ترجيح ڏني. مسلمان ٿيڻ کانپوءِ هو سڀ کان پهريان ابوجهل جي در تي پهتو. عمر رضه جي سڏ تي هو جڏهن ٻاهر آيو ته عمر رضه ڪيس پنهنجي اسلام جو احوال ٻڌايو. جنهن کي ٻڌي هن جا ته ٽپ ئي ٽري ويا. اهڙيءَ ريت هر گهر ۽ گهٽيءَ تائين هن پنهنجي ايمان جو احوال پهچايو، جنهن کانپوءِ سندس ئي صلاح سان مسلمانن پهريون پيرو دار ارقم کان ٻاهر نڪري ڪعبة الله ۾ اچي نماز ادا ڪئي، جنهن کي ڪافر اکيون ڦاڙي ڏسندا رهيا پر عمر رضه جي هوندي هو ڪجهه ڪرڻ يا چوڻ جي سگهه ساري نه سگهيا، حضرت عمر رضه جي ايمان جو اثر اهو به ٿيو ته ان ڏينهن کانپوءِ سندس ڪٽنب جو ڪو ڪافر فرد به ڪڏهن مسلمانن سان مقابلي ۾ نه آيو.

حضرت عمر رضه ۽ قرآن

جيئن متي بيان ٿي چڪو آهي ته عمر رضه کي قرآن سان بي حد لڳاءُ هيو ۽ قرآن جي اثر سبب ئي هن دين جو دڳ ڏڻو هو، ان ڪري قرآن جي تلاوت ۽ ان جي آيتن تي غور و فڪر ۾ سندس گهڻو وقت گذرندو هو. حضرت ابوبڪر صديق رضه جي خلافت دوران جنگ يمامه توڙي ٻين لڙاين ۾ قرآن جا ڪيترائي قاري ۽ حافظ شهيد ٿيا، جنهن ڳالهه حضرت عمر رضه کي گهڻو صدمو رسايو، ان ڪري هن صديق اڪبر رضه کي مشورو ڏنو ته هاڻي الله جي ڪلام کي سيڻ سان گڏ سفين ۾ به محفوظ ڪيو وڃي ۽ پوءِ ان صلاح تي عمل ڪندي حضرت صديق رضه سائينءَ جن ڪاتب وحي حضرت زيد بن ثابت رضه جي اڳواڻيءَ هيٺ اها ڪاميٽي جوڙي جنهن جي نگرانيءَ ۾ ڪلام الاهيءَ جو پهريون نسخو تيار ٿيو، جنهن کي سرڪاري نسخو شمار ڪيو ويندو هو ۽ پوءِ جڏهن به جنهن ماڻهوءَ کي ڪلي يا جزوي طور قرآن نقل ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي ته هو انهيءَ نسخي تان ئي نقل ڪندو هو.

Marfat.com

هجرت

مشهور مؤرخ ۽ محدث علامہ ابن الاثير پنهنجي مشهور ڪتاب اسدالغابه ۾ حضرت علي رضہ بن ابوطالب جي هڪ روايت مڪمل سَندَ سان نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ، "مڪي جي سڀني مؤمنن پنهنجي هجرت جي احوال کي مخفي رکيو سواءِ حضرت عمر رضہ بن خطاب جي، ڇو تہ جڏهن هن مديني ڏانهن هجرت جي سفر جو سانباهو ڪيو تڏهن کيس ڳلي ۾ تلوار، ڪلهي ۾ ڪمان، هٿ ۾ ڪجهہ تير ۽ چيلهہ سان هڪ ڏنڊو ٻڌل هو. جنهن جي منهن ۾ تير وانگر نوڪ هئي ۽ پوءِ ان حالت ۾ هو ڪعبة الله ۾ آيو. جتي مشرڪن جي محفل متل هئي. عمر رضہ سائين نهايت اطمينان سان ڪعبة الله جي چوڌاري ست ڦيرا ڏنا. جنهن کانپوءِ "مقام ابراهيم" آڏو نهايت عاجزيءَ سان نفل ادا ڪيائين، ۽ پوءِ اتي ويٺل ڪافرن ڏانهن وڌيوءِ کين هن ريت مخاطب ٿيو: "الله تعاليٰ توهانکي خوار خراب ڪري ۽ اوهانکي شڪست ۽ ذلت نصيب ٿئي، اوهان منجهان جيڪو چاهي ٿو تہ سندس ماءُ مٿس ماتم ڪري، ٻار يتيم ٿين، گهرواري رن زال ٿئي تہ اهو هن واديءَ جي پٺيان مون ساڻ هٿ ڳنڍي ڏسي، ڇو تہ مان مديني وڃي رهيو آهيان."

هجرت کانپوءِ مديني ۾ بہ سيدنا عمر فاروق رضہ جون خدمتون اسلام لاءِ ايتريون ئي ڪارائتيون رهيون جيتريون مڪي ۾. سندس ايماني جرئت، حق گوئي، اصول پرستي ۽ انصاف ڀريل مشورن جو ڪائنات جا ڪارڻي ﷺ جن گهڻو قدر ڪندا هئا، نہ فقط ايترو پر ڪيترن ئي موقعن تي الله تعاليٰ طرفان وحيءَ ذريعي بہ حضرت عمر رضہ جي مفيد مشورن جي تائيد ۽ توثيق ڪئي ويئي، جنهن ڪري ئي پاڻ ڪريمن ﷺ جن هڪ موقعي تي فرمايو: "مون کانپوءِ جيڪڏهن ڪو نبي اچي ها تہ اهو عمر رضہ هجي ها." بهرحال مديني ۾ قيام دوران سمورو عرصو هو پاڻ سڳورن ﷺ جو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو. بدر کان تبوڪ تائين هر معرڪي ۾ سندس جاني توڙي مالي خدمتون وسرڻ جوڳيون نہ آهن. مٿين موقعن تي حضرت عمر رضہ دين جي وڏن مغرور ۽ هٺيلن دشمنن کي دوزخ جي در تائين پڄايو. ان سان گڏ بيعت رضوان، حديبيہ وارو ٺاه يا ٻين اهڙن ئي موقعن تي بہ هن پاڻ ملهايو.

خلافت

حضرت ابوبڪر رضہ جي وفات کانپوءِ عمر رضہ سائين کي مسلمانن جو ٻيو خليفو چونڊيو ويو، ڇو تہ سيدنا صديق رضہ پنهنجي زندگيءَ ۾ اهو نالو تجويز ڪري ڇڏيو هو، ان ڪري حضرت ابوبڪر رضہ جي وفات کانپوءِ مهاجر انصار جن ۾ اصحاب توڙي اهلبيت ٻئي شامل هئا، نهايت خوشدليءَ سان حضرت عمر رضہ جي بيعت ڪئي. اها خلافت ڏهن ورهين کان بہ وڌيڪ عرصي تائين قائم رهي. يعني ٢۴ جمادي الآخر ١٣ هجري کان ٢٦ ذوالحج ٢٣ هجري بمطابق ٢٣/٨/٦٣۴ کان نومبر ٦۴۴ ع تائين.ان سموري عرصي ۾ حضرت عمر رضہ رڳو اسلامي تاريخ ۾ نہ پر انساني تاريخ اندر حڪمرانيءَ جو اهڙو انداز متعارف ڪرايو، جنهن کي دوستن تہ ڇا پر سندس دشمنن بہ ساراهيو آهي، سيدنا فاروق رضہ جي خلافت جڏهن قائم ٿي تہ ان دور ۾ اسلام جي اڀرندڙ سلطنت جي ٻن پاسن کان دنيا جون ٻہ اهڙيون عظيم سلطنتون (سپر پاور) قائم هيون، جيڪي پنهنجي بي حساب قوت، وسائل جي ڪثرت، علمي ۽ فني مهارت سبب دنيا جي ٻين سلطنتن کي پنهنجي مقابلي ۾ هيچ ۽ نيچ سمجهنديون هيون. مسلمانن سان هنن جي هٿ چراند تہ حضرت ابوبڪر رضہ جي خلافت دوران ئي شروع ٿي چڪي هئي ۽ اجنادين جي جنگ ۾ مسلمانن رومين تي سوڀ حاصل ڪري مٿن پنهنجي سرسي بہ ثابت ڪئي هئي پر پوءِ خليفہ اول جي وفات سبب اهو سلسلو اتي ئي بيهجي ويو.

حضرت عمر رضہ بہ پنهنجي خلافت دوران الله جي دين جو پيغام انهن جابر ۽ ظالم حاڪمن ڏانهن پهچائڻ جو سلسلو وري شروع ڪيو. وسائل جي گهٽتائي باوجود پنهنجي ايماني قوت جي زور سان فاروقي خلافت جي ڏهن سالن اندر مسلمانن عظيم الشان رومي سلطنت ۽ قديم ترين ساساني سلطنت جا بنياد لوڏي ڇڏيا. ساسانين جا شهر

Marfat.com

طبرستان، اصفهان، خراسان، ڪرمان، سيستان، آذربائيجان، ري، قزوين بلڪ مڪران تائين، جڏهن ته رومي سلطنت مان شام، فلسطين، اردن، قاهره ۽ طرابلس تائين اتان جا ماڻهو توحيد جي تنوار ٻڌڻ لڳا. هاڻي قيصر ۽ ڪسريٰ جي جابرانہ شهنشاهيت جي جاءِ تي هڪڑي الله لاشريڪ جي حاڪميت قائم ٿي رهي هئي.

اها بہ فاروقي دور جي برڪت چئجي جو ايران جا آتش ڪده هميشہ لاءِ اجهامي ويا ۽ انهن جي جاءِ تي مسجدن جا بنياد رکيا ويا. جن جي مينارن تان پنج وقت روزانہ الله اڪبر جون صدائون ٻڌڻ ۾ پئي آيون، جيتوڻيڪ ان فتح جي تڪميل عثماني دور حڪومت ۾ ٿي پر ان جو آغاز فاروقي خلافت ۾ ئي ٿيو هو، ڇو ته ان دور ۾ اسلامي حڪومت ٢٢ لک چورس ميلن کان وڌيڪ علاقي تي قائم ٿي چڪي هئي، جتان جو انتظام مثالي هو. اها حڪومت هر شخص کي عدل انصاف، عزت امن ۽ روزگار مهيا ڪرڻ لاءِ پابند هئي، هر ذميءَ کي بہ مذهبي آزادي هئي ان کان علاوه مرڪزي بيت المال جو بنياد رکجي چڪو هو جتي سرڪاري ڊل، جزيہ، خيرات، زڪواة، صدقات ۽ غنيمت وغيره جو مال جمع ڪيو ويندو هو، جتان پوءِ انصاف ۽ ايمانداري سان هرهڪ مستحق تائين ان جو حق پهچايو ويندو هو. حضرت عمر رضہ سائين کي نبي ڪريم ﷺ جن جي اهلبيت سان بي پناه محبت ۽ عقيدت هوندي هئي. ان ڪري بيت المال قائم ٿيڻ کانپوءِ مردن ۾ سڀ کان وڌيڪ وظيفو حضرت عبدالله بن عباس رضہ جو مقرر ڪيو ويو، جڏهن ته عورتن ۾ وري امهات المؤمنين جو حصو ٻين سڀني کان وڌيڪ هو. مردن ۾ بدري صحابين جو وظيفو سڀ کان گهٽو مقرر ڪيو ويو ۽ اوتروئي وظيفو امام حسن رضہ سائين ۽ حسين رضہ سائين کي ملندو هو. جيتوڻيڪ ان وقت تائين هو ايڏان ننڍا هئا ۽ جهاد ۾ بہ ڪو حصو نہ ورتو هئائون. حضرت عمر رضہ غلامن ۽ غير مسلمن جي حقن جو خاص خيال رکندو هو. شام جو مشهور عيسائي پروفيسر شڪري قروابي پنهنجي هڪ مقالي ۾ ڇاڻايو آهي تہ ان دور ۾ جڏهن مسلمانن جي آبادي۽ اضافو ٿيو تہ انهن پنهنجي علاقي ۾ هڪ مسجد جوڙائڻ جو پروگرام رڪيو. ان مقصد لاءِ پنهنجي علاقي جي مرڪز ۾ هڻ جنهن پلاٽ جي چونڊ ڪئي ان جو مالڪ هڪ يهودي هو. مسلمانن ان کان زمين خريد ڪرڻ جي ڪئي پر يهودي زمين ڏيڻ کان نابري واري بيٺو. آخرڪار مسلمانن ان پلاٽ تي مسجد ٺاهي ڇڏي. يهودي ان ڏاڍائي۽ خلاف حضرت عمر رضہ جي درٻار ۾ دانهين ٿيو، جنهن جاچ ڪرائڻ ڪانپوءِ يهودي۽ جي حق ۾ فيصلو ڏنو ۽ سرڪاري حڪم سان ان مسجد کي ڪيرائي پٽ ڪري اهو پٽ سندس مالڪ کي واپس ڏنو ويو ۽ پوءِ يهودي۽ اتي هڪ جاءِ جوڙائي جنهن جي مٿان "بيت اليهود" لکرائي ڇڏيائين. سن ١٩٣٣ع دوران پروفيسر شڪري پنهنجي مقالي ۾ ڇاڻايو آهي تہ اهو "بيت اليهود" اڄ تائين قائم آهي.

حضرت عمر رضہ پنهنجي دور خلافت ۾ اهڙا محڪم قائم ڪيا، جن جو وجود ان کان اڳ ڪٿي بہ نظر نہ ٿو اچي ۽ اڳتي هلي سڄي دنيا جي حاڪمن پنهنجي علاقي ۾ سيدنا عمر رضہ جي پيروي ڪندي اهڙا ڪاتا ڪولايا.

ماڻهن جي ديني توڙي دنيوي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ آدمشماري۽ جو ڪاتو قائم ڪيو ويو، جانورن مٿان بي رحمي۽ کي روڪڻ لاءِ بہ هڪ ڪاتي جو بنياد رکيو ويو.

حضرت عمر رضہ پهريون پيرو فوجين لاءِ ڪگهار مقرر ڪئي. اهڙي۽ ريت سڪا جاري ڪرڻ، رستا ۽ پليون جوڙڻ، نوان شهر ۽ ڇاوڻيون قائم ڪرڻ، مسلمانن توڙي ذمين لاءِ عبادت گاهہ ٺهرائڻ سان گڏ مسلمانن جي آبادي وڌڻ سبب سندس دور ۾ حرمين شريفين جي بہ توسيع ڪئي ويئي.

حضرت عمر رضہ پنهنجي دور ۾ پهريون دفعو ڏوهين لاءِ جيل ٺهرايا. سڀ کان پهريون جيل مڪي شريف ۾ ٺهرايو ويو. ان مقصد لاءِ صفوان بن اميہ کان جاءِ خريد ڪئي ويئي. جڏهن ته هن کان اڳ عرب ۾ ڪو جيل خانو موجود نہ هو. ان کانسواءِ سرڪاري عملدارن جي مال ملڪيت ۽ فرائض جي ادائيگي۽ بابت ڇاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ احتساب جو

Marfat.com

کاتو قائم کیو ویو.

تعليم کي عام کرڻ لاءِ ہارن لاءِ مکتب ۽ مدرسا قائم کرڻ سان گڏ بالغن جي تعليم لاءِ وري الگ ادارا قائم کيا ويا، جنهن کري تعليم حاصل کرڻ لاءِ عوام ۾ چاهه پيدا ٿيو ۽ تعليم يافته ماڻهن جو انگ وڌيو.

مصر جي فتح کانپوءِ هزارين رومي، قبطي گرفتار ٿيا. هن موقعي تي سيدنا فاروق رضہ ڪتان جي گورنر عمرو بن العاص رضہ کي تاکيد ڪئي تہ انهن منجهان هرهڪ سان ظلم ۽ ڏاڍ وارو نہ پر عدل ۽ انصاف وارو برتاءُ ڪيو وڃي. نہ ڪنهن قيديءَ کي زوريءَ مسلمان ڪيو وڃي ۽ نہ ئي ڪنهن جي ڳلي ۾ غلاميءَ جو طوق وڌو وڃي. اوهان سندن آڏو دين جي دعوت پيش کريو پوءِ جيڪو اها قبول کري تہ کيس اهي سمورا حَقَ حاصل هجڻ کپن جيڪي قديم مسلمانن کي مليل آهن. باقي جيڪو پنهنجي اباڻي دين تي قائم رهي تہ ان کان جزيہ وصول ڪيو وڃي ۽ پوءِ ان جي جان ۽ مال جي حفاظت کرڻ اسلامي رياست مٿان ائين ئي لازم آهي جيئن عام مسلمانن جي. ان کانسواءِ خليفي اهو بہ حڪم ڏنو تہ ڪنهن بہ شخص کان ان جي زمين نہ کسي وڃي، ايتريقدر جو زبردستيءَ ڪنهن مقامي هاريءَ کان زوريءَ زمين خريد بہ نہ ڪئي وڃي. انهن ڳالهين عوام جي دل تي گهڻو اثر ڪيو ۽ ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان دين جي دائري ۾ داخل ٿيندا ويا.

شهادت

هجرت نبوي ﷺ جي ٽيويهين سال ذوالحج جي ڇوويهين تاريخ صبح ويل حضرت عمر سائين رضہ فجر جي امامت لاءِ مسجد نبوي ﷺ ۾ آيو ۽ جڏهن محراب ۾ بيٺو تہ اقامت جو آواز بلند ٿيو ۽ پوءِ ايان اقامت مڪمل ئي مس ٿي تہ مشهور صحابي حضرت مغيره بن شعبہ رضہ جو نوجوان ايراني غلام ابولؤلؤ فيروز صفن مان ڏوکيندو اچي مصلي تائين پهتو ۽ نماز جي نيت کرڻ وقت خليفي جي مٿان جنوني ڪيفيت ۾ هڪ ٻئي ٽنيان ڇهہ وار ڪيائين. جن مان هڪ وار دن جي هيٺان هو. جنهن سندس آندا ڪپي وڌا. حضرت عمر رضہ نهايت ذميواريءَ سان حضرت عبدالرحمان ابن عوف رضہ کي هٿ کان جهلي امامت لاءِ اڳتي وڌايو ۽ پاڻ مسجد جي فرش تي ڪري پيو.

قاتل وري ڪليل خنجر هٿ ۾ ڪٽي پويان پير کيا ۽ جنهن بہ کيس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان کي بہ خنجر وهائي ڏيائين. اهڙي ريت هن ملعون هٿان تيرهن مؤمن زخمي ٿيا. جن مان نَون شهادت ماڻي. پوءِ آخري صفن مان هڪ ماڻهوءِ پنهنجي چادر قاتل جي منهن تي وجهي کيس جهلي ورتو، جنهن تي هن خبيث پنهنجي ئي خنجر سان پنهنجو انت آڻي ڇڏيو.

هوش ۾ اچڻ کانپوءِ اميرالمؤمنين قاتل جو نالو پڇيو تہ کيس ٻڌايو ويو تہ اهو ابولؤلؤ فيروز هو. جنهن تي خليفي اطمينان جو اظهار ڪيو تہ سندس قتل جو بار ڪنهن مسلمان مٿان نہ پيو.

بعد ۾ معلوم ٿيو تہ هن سازش ۾ ابولؤلؤ اڪيلو نہ پر ساٺس گڏ سندس ٻيا ٻہ هموطن هرمزان ۽ جفينہ بہ گڏ هئا، جن وٽان کيس اهو خنجر مليو هو.

جديد دور جي مؤرخن ۽ محققن مان محمد حسين هيڪل ۽ عباس محمود العقاد وغيره جي تحقيق مطابق اها ڳالهہ سامهون آئي آهي تہ اميرالمؤمنين سيدنا عمر فاروق رضہ جي شهادت جو سبب فيروز جي ڪا ذاتي دشمني نہ هئي پر اها شهادت ايران جي انهن مشرڪن ۽ مجوسين جي مشترڪ سازش هئي، جن مسلمانن سان منهن ڏيڻ بدران اسلام جو ظاهري رنگ اختيار ڪيو هو تہ جيئن هو مسلمانن جي صفن ۾ شامل رهن ۽ پوءِ جڏهن بہ ڪين ڪو موقعو ملي وڃي تہ اسلام جي اپرندڙ قوت تي ڀرپور وار ڪن ۽ پوءِ هنن ائين ڪري ڏيکاريو.

جرير بن معاويہ جي روايت مطابق شهادت وقت اميرالمؤمنين رضہ جي عمر ٽيهٺ ورهيہ هئي. اهڙيءَ ريت ڪجهہ

Marfat.com

اهو واقعو ذوالحج جي مهيني جو آهي، ۽ هڪ ٻئي قول ۾ ان واقعي جو سن ۵ نبوي ۾ ٻڌايو ويو آهي. مسلمان ٿيڻ وقت "سيدنا عمر رضہ" جي ڄمار ۲۶ ورهيه هئي، ۽ ڪانئس اڳ ۳۹ هستين اسلام قبول ڪيو هو. (۱)

حضرت عمر رضہ جي مسلمان ٿيڻ وقت خدا تعاليٰ طرفان هي آيت نازل ڪئي ويئي:

يٰاَيُّهَاالنَّبِيُّ حَسْبُكَ اللّٰهُ وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ. (۲)

"اي نبي! (صلی اللہ علیہ وسلم) الله اوهان لاءِ ڪافي آهي ۽ مؤمنن مان اهي جيڪي اوهان جي پيروي ڪن ٿا."

حضرت عمر رضہ جو مسلمان ٿيڻ ۾ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جو هڪ معجزو آهي، ڇو جو ان واقعي ڪان هڪ ڏينهن اڳ اِمَامُ الْاَنْبِيَاء صلی اللہ علیہ وسلم پنهنجي پالٽهار ڪان هيءَ دعا ڪهري هئي.

"اي الله! عمرو بن هشام ۽ عمر بن خطاب مان جيڪو توکي وڌيڪ پيارو هجي، ان جي ذريعي اسلام کي سگهہ بخش." (۳)

خدا جي قدرت ان جڏي ٻئي ڏينهن تي حضرت عمر فاروق رضہ پنهنجي ڀيڻ فَاطِمَہ بنت خَطَّاب رضہ جي گهر پهتو، جيڪا سَعِيْد بن زَيْد رضہ جي گهرواري هئي. سَعِيْد بن زَيْد رضہ اسلامي برادريءَ جو هڪ مانائتو مرد آهي ۽ سندس شمار "عشره مبشره" ۾ ٿئي ٿو.

ٻين راوين طرفان سندن عمر ست ڪان وٺي پنجهٽ سالن تائين ۾ ٻڌائي ويئي آهي.

حضرت عمر سائين رضہ جن کي غلامن سان بيحد محبت هوندي هئي ۽ هو سندن حقن جو ۾ بيحد خيال رکندا هئا.

انڪري سندن جنازي نماز ۾ سندن ئي وصيت مطابق هڪ رومي غلام صهيب پڙهائي. اها ڪهڙي نہ عجيب ڳالهہ آهي تہ حضرت فاروق رضہ جي شهادت جو ذميوار ۾ هڪ بي دين غلام هو تہ ٻئي پاسي وري ڪيترن ئي جليل القدر قريشين جي موجودگيءَ ۾ سندن جنازي نماز پڙهائڻ وارو وري هڪ ديندار غلام هو!

جنازي نماز ڪانپوءِ سندن ميت کي ام المؤمنين سيده عائشہ رضہ جي اجازت سان ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ جن جي پر ۾ ان جاءِ تي دفنايو ويو، جيڪا بيبي سگوري پنهنجي دفن لاءِ منتخب ڪئي هئي.

"ابن الاثير" جي روايت مطابق سيدنا فاروق اعظم رضہ جي خلافت وارو دور ڏهہ سال ڇهہ مهينا ۽ پنج ڏينهن ٻڌايو ويو آهي.

حضرت عمر رضہ پنهنجي پويان نَوَ پٽ ۽ چار نياڻيون ڇڏيون.

اسدالغابہ ابن الاثير ج ۴ ص ۱۹۲ ـ ۱۵۶. الاصابہ ابن حجر ج ۲ ص ۵۱۹ ـ ۵۱۸. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۳ ص ۲۴۱ ـ ۲۳۵. سير اعلام النبلاء ذهبي ج ۲ ص ۵۶۵ ـ ۵۰۹. الرياض النضره محب طبري ج ۲ ص ۴۲۶ ـ ۲۷۱. سبل الهدیٰ والرشاد شامي ج ۱۱ ص ۲۶۳ ـ ۲۴۲. تهذيب التهذيب ابن حجر ج ۷ ص ۳۷۳ ـ ۳۷۱. الطبقات الڪبريٰ ابن سعد ج ۳ ص ۲۰۱. العواصم من القواصم ابن العربي ۱۳۹. الاڪتفاءڪلاعي ج ۳ ص ۳۱۲ ـ ۱۶۴. البدايہ والنهايہ ابن ڪثير ج ۴ ص ۳۰. التحفة اللطيفة سخاوي ج ۲ ص ۳۳۷ ـ ۳۳۶. المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ۱ ص ۲۴۵ ـ ۲۴۲.

(۱) اسد الغابہ ابن الاثير جلد ۴ ص ۵۳. سبل الهدیٰ والرشاد شامي ج ۲ ص ۳۷۰. الاڪتفاء ڪلاعي ج۱ ص ۲۵۰.

(۲) سورة الانفال ۸، پاره ۱۰، آيت ۶۴

(۳)"الاصابہ" ابن حجر ج۲ ص ۵۱۸.

Marfat.com

حضرت عمر رضہ جڏهن پيٽ جي گهر پهتو، تڏهن اهي ٻئي زال مڙس "سورة طٰهٰ" جي شروعاتي ڇهن آيتن جي تلاوت ڪري رهيا هئا. اهي آيتون انهن ئي ڏينهن ۾ خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر صلي الله عليه وسلم مٿان نازل ڪيون هيون.

وَاِنْ تَجْهَرْ بِالْقَوْلِ فَاِنَّهٗ يَعْلَمُ السِّرَّ وَاَخْفٰى ۝ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ لَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ۝ (١)

حضرت عمر رضہ جي ڪن تائين جڏهن انهن آيتن جو پڙلاءُ ٻُڌتو تہ سندس اندر ۾ اهڙو انقلاب برپا ٿي ويو جو هو اتان سڌو منهي مرسل صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو اعلان ڪيائين. (٢) هي قصو ڊگهو آهي، هتي ان جو هڪ حصو بيان ڪيو ويو آهي.

بهرحال ان واقعي مان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ هڪ طرف خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي دعا قبول فرمائي تہ ٻئي طرف اها ڳالهہ پڻ ثابت ٿي تہ رب تعاليٰ کي سيدنا عمر رضہ ئي وڌيڪ پيارو هو. (٣)

نبي سونهاري صلي الله عليه وسلم طرفان اها دعا اربع ڏينهن گهري ويئي ۽ حضرت عمر رضہ خميس ڏينهن اسلام قبول ڪيو. مسلمان ٿيڻ کانپوءِ حضرت عمر رضہ هيٺيان شعر چيا جيڪي هت نقل ڪجن ٿا. (٤)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ذِي الْمَنِّ الَّذِيْ وَجَبَتْ ۔۔۔ لَهٗ عَلَيْنَا اَيَادٍ مَّا لَهَا غِيَرُ

سڀ ساراهہ ان سائينءَ جي جنهن جا اسان تي اڻ ڳڻيا ٿورا آهن ۽ ان کانسواءِ ٻئي ڪنهن جا به ٿوارائتا نہ آهيون.

وَقَدْ بَدَأْنَا فَكَذَّبْنَا فَقَالَ لَنَا ۔۔۔ صِدْقَ الْحَدِيْثِ نَبِيٌّ عِنْدَهٗ الْخَبَرُ

هن اسان کي پيدا ڪيو پر اسان ان کي نہ مڃيوسين. پوءِ ان نبي صلي الله عليه وسلم جنهن وٽ آسماني خبرون پهچن ٿيون، اسان کي سچائيءَ جي تعليم ڏني.

وَقَدْ ظَلَمْتُ ابْنَةَ الْخَطَّابِ ثُمَّ هَدٰى ۔۔۔ رَبِّيْ عَشِيَّةً قَالُوْا قَدْ صَبَا عُمَرُ

مان خطاب جي ڄائيءَ مٿان ظلم ڪيو، پر پوءِ منهنجي مالڪ مونکي هدايت بخشي ڏينهن جي پوئين پهر جڏهن ماڻهن چيو تہ عمر دين تان ڦري ويو آهي.

وَقَدْ نَدِمْتُ عَلٰى مَا كَانَ مِنْ زُلَلٍ ۔۔۔ بِظُلْمِهَا حِيْنَ تُتْلٰى عِنْدَهَا السُّوَرُ

مان شرمسار آهيان ان ڏاڍائيءَ تي جيڪا مون پنهنجي پيٽ جي گهر جاري رکي، جڏهن تہ اتي ڪلام پاڪ جي تلاوت ٿي رهي هئي.

---

(١) سورة طٰهٰ "پاره ١٦" آيت ٧ کان ٨

(٢) سيرة ابن اسحاق ص ١٦٣- ١٦٠

(٣) "جامع ترمذي" "ابواب المناقب" ص ٢٠٩

(٤) سيرة ابن اسحاق ص ١٦٣، الروض الانف "سُهيلي" جلد ٢ ص ١٠٠

Marfat.com

لَمَّا دَعَتْ رَبَّهَا ذَا الْعَرْشِ جَاهِدَةً وَالدَّمْعُ مِنْ عَيْنِهَا عَجْلَانَ يَنْبَتِدِرُ

جڏهن هن پڪاريو پنهنجي آسمان واري رب کي ته سندس اکيون لڳاتار ڳوڙها ڳاڙي رهيون هيون.

اَيْقَنْتُ اَنَّ الَّذِيْ تَدْعُوْهُ خَالِقُهَا فَكَادَ يَسْبِقُنِيْ مِنْ عَبْرَةٍ دُرَرُ

کيس يقين هو ته هوءَ جنهن کي سڏي رهي آهي اهوئي سندس خالق آهي. پوءِ منهنجي اکين مان به ڳوڙهن جا موتي ڪرڻ لڳا.

فَقُلْتُ اَشْهَدُ اَنَّ اللهَ خَالِقُنَا وَاَنَّ اَحْمَدَ فِيْنَا الْيَوْمَ مُشْتَهَرُ

پوءِ مون چيو: "مان شاهدي ڏيان ٿو ته الله ئي اسانجو خالق آهي ۽ احمد ﷺ اڄ اسان ۾ ظاهر ٿيو آهي."

نَبِيٌّ صِدْقٍ اَتَىٰ بِالْحَقِّ مِنْ ثِقَةٍ وَافِي الْاَمَانَةِ مَافِيْ عَوْدِهٖ خَوَرُ

سچي نبيءَ جي حيثيت ۾ اوهان حق آندو آهي. (جبرائيل کان مليل) جيڪو امانتدار آهي ۽ ان جي باربار اچڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نه آهي.

حضرت عمر رضه جي مسلمان ٿيڻ سان اسلام کي نئون اوج نصيب ٿيو، مسلمان خوشيءَ وچان گد گد ٿيڻ لڳا ۽ هنن هاڻي ماٺهن کي اسلام جي ظاهر ظهور دعوت ڏيڻ شروع ڪئي.

حضرت عمر رضه جڏهن مڪي جي بازارين مان پئي لنگهيو ته سندس هٿ ۾ اگهاڙي تلوار ۽ زبان تي لااِلٰهَ الاالله محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جو ورد هو. هو ڪافرن کي وڏي واکي چئي رهيو هو: "اڄ جيڪو به پنهنجي جاءِ تان چرندو ته ان جو حساب منهنجي هن تلوار سان ٿيندو." (۱)

حضرت عَبْدُالله بن عُمَر رضه جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال عَبْدُالله بن عُمَر رضه به پنهنجي پيءُ سان گڏ اسلام قبول ڪيو. ان واقعي جو ذڪر علامه عامري (۲) پنهنجي ڪتاب "رياض المستطابه" ۾ ڪيو آهي. (۳) "تذڪرة القاري" جو مصنف به ان

---

(۱) حضرت عمر رضه جي اسلام قبول ڪرڻ جي سلسلي ۾ هن ڪتاب جي مصنف علامه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه ڪجهه ٻيا واقعا به بيان ڪيا آهن.

طوالت کان بچڻ لاءِ مون صرف ان هڪڙي واقعي جو ترجمو ڪيو آهي. (مترجم)

(۲) نائين صدي هجري جو مشهور عالم، محدث ۽ طبيب يحيٰى بن ابي بڪر بن محمد بن يحيٰ عامري حرضي ۸۱۶ هجري بمطابق ۱۴۱۳ع ڏاري يمن جي شهر "حَرَض" ۾ ڄائو. حديث جي فن ۾ ڪيس وقت جو امام مڃيو ويو آهي. سيرت، تاريخ ۽ طب ۾ ڪافي ڪتاب لکيائين، جن مان "الرياض المستطابه في معرفة من روي الصحيحين من الصحابه" ۽ "بهجة المحافل في تلخيص المعجزات والسير والشمائل" وڏيڪ مشهور آهن. ۸۹۳ هجري بمطابق ۱۴۸۸ع ڏاري حَرَض ۾ ئي وفات ڪيائين ۽ اتي ئي ڪيس دفنايو ويو.

"الاعلام" خيرالدين "زِرِڪلي" ج ۸ ص ۱۳۹. معجم المؤلفين عمر رضا ج ۱۳ ص ۱۸۷. بهجة المحافل "علامه عامري" مقدمه ج۱ ص ۵.

(۳) الرياض المستطابه "علامه عامري" ص ۱۹۶.

Marfat.com

ڏس ۾ ساڳي راءِ رکي ٿو، ته حضرت عبدالله بن عمر رضہ ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي بابي سائينءَ سان گڏ اسلام قبول کيو. هو حضرت عبدالله بن عمر رضہ جو پنهنجي پيءُ کان اڳ مسلمان ٿيڻ واري روايت کي صحيح نٿا سمجهن.

حضرت اُمُّ الخير رضہ جو اسلام قبول کرڻ

* هن سال اُمُّ الخير سَلْمٰي [1] بنت صَخْر قُرَشيہ، تيميہ رضہ بہ دار ارقم ۾ حاضر ٿي اسلام قبول کيو. هيءَ بيبي سڳوري حضرت ابوبکر صديق رضہ جي امڙ هئي.

---

(١) حضرت ام الخير جو شمار دنيا جي انهن خوش نصيب ۽ عظيم عورتن ۾ ٿيندو آهي، جن تاريخ ساز شخصيتن کي جنم ڏئي عالم انسانيت تي وڏا احسان کيا. عام روايتن موجب تہ سندس نالو سلمٰي ۽ کنيت ام الخير ٻڌائي ويئي آهي. جڏهن تہ ابن داب جي روايت مطابق هن بيبي سڳوريءَ جو نالو ئي "ام الخير" آهي، والله اعلم.

نسبي لحاظ کان هن جو تعلق بنو تيم وارن سان هو ۽ سندس پيءُ جو نالو صخر بن عامر بن کعب آهي. جنهن پنهنجي هن نياڻيءَ جي شادي پنهنجي سوٽ جي پٽ ابوقحافہ عثمان بن عامر بن عمرو بن کعب سان کرائي، جنهن مان کيس حضرت ابوبکر صديق رضہ جهڙو پٽ ڄائو، جنهن کي امت جي افضل ترين شخص هجڻ جو اعزاز حاصل آهي.

حضرت ابوبکر صديق رضہ اسلام قبول کرڻ کانپوءِ دين جي دعوت ۽ تبليغ جو ڪم نهايت جانفشانيءَ سان شروع کيو ۽ سندس ئي کوشش سان الله تعالٰي پنهنجي کيترن ئي ٻانهن کي دين جي دولت سان مالامال ڪري ڇڏيو. پر سيدنا صديق رضہ کي ان ڳالهہ جو ڏاڍو ملال رهيو تہ سندس ابو ۽ امڙ اڃان ان دين کان پاسيرا پئي رهيا.

سيده عائشہ رضہ جي هڪ روايت مطابق تہ دين جي دعوت قبول کرڻ کانپوءِ پهريون دفعو پياري پيغمبر ﷺ جن سان گڏ حضرت صديق رضہ ڪعبت الله ۾ ويو ۽ اتي بيهي ماٺهن کي الله ۽ الله جي سچي رسول ﷺ جي آندل دين ڏانهن سڏي رهيو هو، تہ اتي ويٺل مشرڪ ان ڳالهہ تي مڃرجي پيا ۽ هن حضرت ابوبکر رضہ مٿان حملو ڪري کيس رتورت ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري هو بيهوش ٿي ڪري پيو ۽ پوءِ ان حالت ۾ سندس مائٽ ڪٽي گهر پهچائي آيس، جتي هو شام تائين ان حالت ۾ رهيو، پوءِ جڏهن هوش ۾ آيو تہ پهريائين پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خيريت بابت پڇڙ لڳو، جنهن تي سندس والدين ۽ سڀني مائٽن کي مَٽيان لڳي تہ هو وري بہ ان ئي شخص جو فڪر ٿو ڪري، جنهن جي ڪري سندس هيءَ حالت ڪئي ويئي آهي. پر هو لڳاتار پاڻ سڳورن ﷺ جي باري ۾ پڇندو رهيو، پر سندس گهروارا تہ ان ڳالهہ کان بي خبر هئا سو هو ڪيس کابہ دلجاءِ نہ ڏيئي سگهيا، جنهن ڪانپوءِ هن خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ پنهنجي امڙ ام الخير کي فاطمہ بنت خطاب ڏانهن اماٽيو. جيتوڻيڪ ام الخير ان وقت تائين پنهنجي اباڻي دين تي ئي قائم هئي، پر پٽ جي حالت ڏسي هوءَ فاطمہ بنت خطاب جي گهر آئي. فاطمہ حضرت ابوبکر جو احوال ٻڌي ڪائنس پڇڙ لاءِ وٽس پهچي ويئي. ۽ ابوبکر کي دلجاءِ ڏنائين تہ سرور ڪائنات ﷺ جن ڏانهن خير آهي ۽ هو دار ارقم ۾ موجود آهن، جنهن تي ابوبکر صديق فرمايو تہ هو پاڻ اتي پهچي جيستائين پنهنجي اکين سان ڪين نہ ڏسندو تيستائين هو نہ ڪائيندو ۽ نہ پيئندو. پٽ جو اهڙو حال ڏسي ام الخير حضرت فاطمہ سان گڏجي حضرت ابوبکر صديق کي ارقم جي گهر تائين پهچايو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن سيدنا صديق کي هن حالت ۾ ڏسي اڳتي وڌيا ۽ پاڪر پائي سندن پيشانيءَ تي چمي ڏنائون ۽ هلندڙ

Marfat.com

اِيَاس رضہ بن بُكَيْر جو احوال

* هن سال اِيَاس بن بُكَيْر بن عَبْد يَالِيْل بن نَاشِب كناني لَيْثِي بہ دَارِ اَرْقم ۾ حاضر ٿي، نبي كريم ﷺ آڏو اسلام قبول كيو. جيكو بنو عدي بن كعب بن لُؤَيّ وارن جو حليف هو. بَدر، اُحُد، خَنْدق ۽ ٻين سڀني غَزَوات ۾ سچي سرور ﷺ سان گڏ بهرو ورتائين. بَدْر جي جنگ ۾ اِيَاس رضہ كانسواءِ سندس ٽي سڳا ڀائر عَامِر، عَاقِل، خَالِد ۽ سندس ٽي ماٽيلا ڀائر مُعَوّذ، مُعَاذ ۽ عَوْف پڻ شريك رهيا. هي ست ئي ڀائر مشهور صحابيہ عَفْرَاء بنت عُبَيْد بن ثَعْلَبَہ اَنْصَارِيَّہ نَجَّارِيَّہ جا پٽ هنا. عَفْرَاء رضہ جو پهريون نكاح حَارِث بن رِفاعَہ اَنْصَارِي خَزْرَجِيءَ سان ٿيو. جنهن مان كيس مُعَاذ، مُعَوّذ ۽ عَوْف نالي ٽي پٽ ڄاوا. حَارِث جي وفات كانپوءِ "عَفْرَاء" بُكَيْر بن عَبْد يَالِيْل لَيْثِي سان نكاح كيو. ان گهر مان كيس اِيَاس، خَالِد، عَاقِل، ۽ عَامِر نالي چار پٽ ٿيا، پوءِ اڳتي هلي اهي ست ئي ڀائر "بَنُـوْ عَفْرَاء" جي نالي سان سڏجڻ لڳا، ۽ سڀني كي "غزوہ بَدْر" ۾ شريك ٿيڻ جو اعزاز حاصل آهي.

"زرقاني" پنهنجي كتاب "شرح مَوَاهِبِ لدنيہ" ۾ حافظ ابن حجر جي حوالي سان لكيو آهي تہ اهو "بَنُو عَفْرَاء" مٿان قدرت جو خاص كرم هو. (١)

آلين اكين سان ڏانهس نهارڻ لڳا. هن موقعي تي حضرت ابوبكر صديق عرض كيو تہ "اي خدا جا رسول ﷺ ! هيءَ منهنجي مهربان ماءُ آهي، هن جي حق ۾ دعا كريو تہ هوءَ دين جي دعوت قبول كري ۽ الله تعاليٰ كيس باهہ جي عذاب كان بچائي." ابوبكر رضہ جو عرض ٻڌي الله جي سچي رسول ﷺ جن هٿ كنيا. ۽ پوءِ اوڏيءَ مهل ئي ام الخير پنهنجي اسلام جو اعلان كيو. يعني هن بيبي سڳوري نبوت جي ڇهين سال اسلام قبول كيو. جڏهن تہ سندس مڙس عثمان بن عامر مكي جي فتح واري موقعي تي مسلمان ٿيو.

هن ٻنهي زال مڙسن وڏي ڄمار ماڻي ۽ سن ١٢ هجريءَ ڌاري جڏهن سيدنا صديق اكبر رضہ هن جهان مان موكلايو تہ سندس ٻيءُ ۽ ماءُ ٻئي حال حيات هٿا ۽ ابونعيم جي روايت مطابق هنن ٻنهي پٽ جي ڇڏيل مال مان پنهنجو شرعي حصو حاصل كيو. جنهن كانپوءِ سن چوڏهين هجريءَ ڌاري حضرت عمر جي خلافت دوران هنن وفات كئي. پهريان ام الخير گذاري ويئي، جنهن كانپوءِ سندس مڙس ابوقحافہ فوت ٿيو.

الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۴۴۷. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۴ ص ۴۸۸. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۷ ص ۳۵۴ ـ ۵۴۳. شذرات الذهب ابن العماد ج ۱ ص ۳۹.

(١) الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۳۶۴. شرح المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ٦١٧ ـ ٦١٦.

Marfat.com

فصل ستون

سن ستين نبويءَ جا واقعا

شِعْبِ اَبُوطَالِب ۾ نظر بندي

* هڪ اعتبار جوڳي روايت مطابق هن سال [1] ۽ هڪ پي قولِ موجب اٺين نبويءَ ۾ محرم جي چند ڏسڻ سان ئي قريش وارن طرفان بَنُوَ هاشِم ۽ بَنُوعَبْدُالْمُطَّلِب بن عَبد مناف سان مڪمل بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ نبي اڪرم ﷺ جن کي قبيلي جي سڀني پاتين سان گڏ "شِعْبِ اَبُوطَالِب" [2] ۾ نظربند ٿيڻو پيو. اهو انڪري جو جڏهن ڪافرن ڏٺو ته سندن اباڻي مذهب تان ڏينهون ڏينهن ماڻهن جو ويساهه ڪجندو وڃي ٿو، ۽ هوڏانهن وري نبي ڪريم ﷺ جن جي دين جي سچائي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ طرف حَمْزَه رضه ۽ عمر رضه جهڙيون هستيون اهو دين اختيار ڪري ان جي تائيد ۽ تبليغ ۾ رڌل آهن، ته ٻئي طرف وري مسلمان مڪي مان هجرت ڪري وڃي حبش تائين پهتا آهن، جتان جو حاڪم "نَجاشي" [3] ساڻن نهايت سهڻو سلوڪ ڪري رهيو آهي. ان ڪانسواءِ ابوطالب ۽ سندس برادري بَنُوَ هاشِم ۽ بَنُوَ مطلب جا سمورا پاتي محمد ﷺ جي بچاء ۽ مدد لاءِ سندرو بڌي بيٺا آهن. اهو ڏسي هنن پاڻ ۾ گڏجي معاهدو ڪيو ته انهن ڪٽنبن سان نه صرف مڪمل طور قطع تعلق ڪيو وڃي پر ڪين شهر نيڪالي

---

(١) حافظ ابن حجر "فتح الباري" ۾ محرم ٧ نبويءَ واري روايت نقل ڪئي آهي. ج ٧ ص ١٤٧.

(٢) "شعب ابو طالب" جبل "ابو قبيس" جي وڃان هڪ جابلو لڪ هو، جيڪو بنو هاشم جي موروثي ملڪيت هو. اٺين ۾ين قبيلن جي نالن ٻڌيان به اهڙا شعب هئا. جيئن شعب بني اميه، شعب بني عامر، شعب بني عبدالله وغيره، بعد ۾ انهن ٽڪرن کي ٽڪي صاف ڪيو ويو آهي ۽ ان جاءِ تي هينئر گهر ۽ دڪان ٺهي ويا آهن.

(سفر نامه ارض القرآن (اردو) محمد عاصم ص ١٥٤) (نقوش لاهور رسول نمبر ص ٦٦٣)

(٣) حبشي زبان ۾ بادشاهه کي "نجوس" (Negus) چيو ويندو آهي، ۽ ان لفظ جو عربي اُچار "نجاشي" آهي. عرب ان لفظ کي "اسم عام" طور به استعمال ڪندا آهن ته خاص لقب طور به، جيئن روم جي حاڪم کي قيصر، ايران جي حاڪم کي "ڪسريٰ"، مصر جي حاڪم کي "مقوقس" ۽ يمن جي حاڪم کي "تبع" وغيره جي نالن سان ياد ڪيو ويندو آهي. نبي ڪريم ﷺ جي زماني ۾ جيڪو نجاشي موجود هو، ان جو نالو "اَصْحَمَه بن ابجر" چيو وڃي ٿو. هڪڙا راوي ڪيس صحابي شمار ڪن ٿا ۽ ٻين جي قول موجب سندس درجو "تابعي" جي برابر آهي، ڇو جو هن نبي اڪرم ﷺ جن جي زيارت نه ڪئي هئي باقي سندس اسلام قبول ڪرڻ ثابت آهي. هي پهريون خوش نصيب آهي، جنهن جي غائبانه جنازه نماز پاڻ ڪريم ﷺ صحابين سان گڏ ادا ڪئي.

(سيرة ابن اسحاق ص ٢٠١) (الاصابه. ابن حجر جلد اول ص ١٠٩) (سيرة اعلام النبلاء ذهبي ج ١ ص ٣٠٦ کان ٣٠٩) "دلائل النبوة" بيهقي جلد ٢ ص ٣١٠.

Marfat.com

ڏيئي مکي جي ٻاهران ان جابلو لڪ ۾ نظر بند ڪيو وڃي، جنهن کي "شِعْبِ اَبِيْ طالب"، خَيْف، خَيْف بَنِي ڪنانہ، اَبْطَح، بَطْحَا، مُحَصَّب ۽ مُعَرَّس وغيره جي مختلف نالن سان سڏيو ويندو آهي.

اها قهري کارروائي فقط زباني ڪلامي نہ هئي پر انکي هڪ دستاويز تي باضابطہ طور لکي بيت الله اندر لٽڪايو ويو.

ان دستاويز ۾ لکيل شرطن جو تفصيل هن ريت آهي تہ:

"نبي ڪريم ﷺ کي بَنُو هَاشِم ۽ بَنُو مطلب سان گڏ مکي مان شهر نيڪالي ڏني ويندي. ڪوبہ ماڻهو ساڻن مٽي مائٽي يا سڳابندي وغيره نہ ڪندو. کاڌي پيتي جي ڪابہ جنس وٽن پهچڻ نہ ڏني ويندي. ڪوبہ ماڻهو نہ کانئن ڪجهہ خريد ڪندو ۽ نہ وري کا شيءِ کين وڪرو ڪري سگهندو. مسلمانن سان ان وقت تائين کنهن بہ قسم جو ڪو ناهہ يا ساڻن ڪابہ نرمي نہ ڪئي ويندي، جيستائين هو مٽي مرسل ﷺ کي قريش وارن جي حوالي نہ ڪندا."

خدا جو سچو رسول ﷺ بَنُو هَاشِم ۽ بَنُو مُطَّلِب وارن مائٽن سان گڏ سچا سارا ٿي ورهيہ هن "شعب" ۾ نظربند رهيو. جنهن کي "بَطْحَا" بہ ڪوٿيو ويندو هو ۽ ان نسبت سبب ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن کي "اَبْطَحِيْ" بہ سڏيو ويندو آهي. ان ڪانپوءِ خدا جي قدرت اهڙي ٿي جو ان لکيل دستاويز کي (جيڪو بيت الله ۾ لٽڪايو ويو هو) اچي اُڏوهي لڳي ۽ سواءِ "الله" جل جلاله جي نالي جي سچو ڪاغذ ڪائي چٽ ڪري ڇڏيائين. خدا تعالىٰ پنهنجي پياري رسول ﷺ کي ان احوال کان آگاهہ فرمايو ۽ پوءِ پنهي جهانن جي سردار ﷺ اها ماجرا پنهنجي چاچي حضرت ابو طالب کي ٻڌائي. (۱)

اَبُو طَالِب قريش وٽ وڃي کين ان حقيقت حال کان واقف ڪيو. پر ڪافرن سندس ان ڳالهہ تي ويساهہ نہ ڪيو. آخرڪار ابوطالب جي گهٽي زور پرڻ تي جڏهن اهو ڪاغذ لاهي انکي کوليو ويو تہ سندن حيرت جي حد نہ رهي، خدا جي سچي پيغمبر ﷺ جيڪا ڳالهہ فرمائي هئي اها سچي ساري سچي نڪتي ۽ سموري لکت مان سواءِ "الله جہ" جي نالي جي ڪو لفظ بہ باقي نہ بچيو هو. ان تي قريش وارا ڏاڍو لڄي ٿيا ۽ پنهنجو پاڻ ان معاهدي تان کين هٽ ڪٽڻو پيو. جنهن ڪانپوءِ محسن انسانيت ﷺ پنهنجي ڪٽنب قبيلي وارن سان گڏجي سن ڏهہ نبويءَ ڏاري مکي ڏانهن واپس وريا ۽ اچي پنهنجن اباڻن گهرن ۾ آباد ٿيا. نبي سونهاري ﷺ طرفان دستاويز جي ڪاڇي وڃڻ جي خبر ٻڌائڻ سندن هڪ معجزو آهي، جنهن جو ذڪر "سيرت شاميہ" توڙي ٻين ڪتابن ۾ سربستو ٿيل آهي. هتي صرف ان جو اختصار بيان ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ مَنْصُور بن عِكْرَمَہ بن هاشم جنهن هن قهري کارروائي کي لکيو هو، خدا جي قدرت سان ان جو اهو سچو هٽ هميشہ لاءِ ساڻو ٿي ويو. (۲) اهو پڻ نبي اڪرم ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي.

---

(۱) سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۱۴ ـ الروض الانف سُهيلي ج ۲ ص ۱۲۸ـ ۱۲۷. دلائل النبوه "بيهقي" ج ۲ ص ۳۱۵/ ۳۱۱ الطبقات الكبريٰ، ابن سعد ج ۱ ص۱۳۱ . زادالمعاد، ابن قيم ج ۳ ص ۳۰، سبل الهديٰ والرشاد، شامي ج۲ ص ۳۷۹ ـ ۳۷۷.

(۲) سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۱۶. السيرة النبويہ ابن كثير ج ۲ ص ۴۸.

Marfat.com

فصل اٺون

(هن فصل ۾ سن اٽين نبويءَ دوران پيش آيل واقعن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.)

• هن سال يا هڪ پي روايت مطابق هن کان اڳ مڪي جي مشرڪن وٽ خبر پهتي، ته ايراني ڪافر جيڪي "نوشيروان" جي نسل مان آهن، تن انهن رومي ڪافرن تي سوپ حاصل ڪري ورتي آهي، جيڪي "قيصر" جا پوئلڳ هئا.

اها خبر ٻڌي مڪي جا ڪافر ڏاڍا سرها ٿيا ۽ هو مسلمانن کي چوڻ لڳا:

"اوهين ۽ رومي ٻئي آسماني ڪتابن جا مڃيندڙ آهيو، پر اسين ۽ ايراني کنهن به ڪتاب تي ويساه رکندڙ نه آهيون، پوءِ جيئن اسانجي ايراني ڀائرن اوهان جي رومي ڀائرن تي سوپ حاصل ڪئي آهي، ساڳيءَ ريت اسين به اوهان سان مقابلي ۾ سوپارا ٿيندا سون."

ان ڳالهه مسلمانن کي ويچار ۾ وڌهي ڇڏيو، پوءِ رب پاڪ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ ڏانهن ان ڏس ۾ هيٺيون آيتون نازل فرمايون: (۱)

الٓمّٓ ۔ غُلِبَتِ الرُّوْمُ فِيْٓ اَدْنَى الْاَرْضِ وَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ غَلَبِهِمْ سَيَغْلِبُوْنَ فِيْ بِضْعِ سِنِيْنَ. (۲)

ترجمو: آلم، شڪست کاڌي رومين، ويجهڙائيءَ واري سرزمين تي ۽ اهي شڪست کائڻ کانپوءِ سوپارا ٿيندا ايندڙ ڪجهه ورهين ۾.

ان مان اهو معلوم ٿيو ته ايندڙ ڏهاڪو سالن اندر رومي، ايرانين جي مقابلي ۾ سوپارا ٿي پنهنجي ماڳن تي موٽي ايندا. (۳)

---

(۱) سورة "الرّوم" ۳۰ پاره ۲۱ آيت۱کان ۳.

(۲) "بضع" عربي لفظ آهي، جيڪو ٽن کان نون يا هڪ روايت مطابق ٽن کان ڏهن جي وچ ۾ ڪنهن به عدد لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

"لسان العرب" ابن منظور ج ۱ ص ۴۲۶ "النهايه" ابن الاثير جلد ۱ص ۱۲۳. "المفردات في غريب القرآن" راغب اصفهاني ص ۵۰.

(۳) نبي اڪرم ﷺ واري دور ۾ "عربستان" جي ساڃي ۽ ڪاهي پاسي روم ۽ ايران جون ٻه عظيم ۽ طاقتور سلطنتون موجود هيون، جن کي ان زماني جا Super Powers سمجهيو ويندو هو ۽ ڪجهه وقت کان ٻنهي قوتن جي ٻاڻ ۾ ڇڪتاڻ هلي رهي هئي. مذهبي لحاظ کان ايران وارا مجوسي هئا، جيڪي سج ۽ باه کي پوڄيندا هئا. جڏهن ته روم وارا مسيحي هئا، جيڪي سيدنا عيسيٰ عليه السلام تي ايمان رکندڙ هئا. اهوئي سبب هو جو مسلمانن جي روحاني وابستگي رومين سان ۽ مشرڪن جي ايرانين سان هئي. انڪري ٻئي ڏريون اتان جون خبرون دلچسپيءَ سان ٻڌنديون ٻه هيون ته انهن تي تبصرا به ڪنديون هيون. ۶۱۰ع ڌاري جڏهن خدا تعالىٰ هن زمين تي پنهنجي آخري پيغمبر ﷺ کي مبعوث ڪيو تڏهن رومي ۽ ايراني فوجون هڪ ٻئي خلاف جنگي ڪارروائين ۾ رڌل هيون. جنهن ۾ هر محاذ تي ايراني پنهنجي سرسي ثابت ڪري رهيا هئا. سندن فوجون طوفاني رفتار سان قلعن ٻڌيان قلعا ۽ پرڳڻن ٻڌيان پرڳڻا فتح ڪنديون ٻڌي ويون.

Marfat.com

• هن ئي سال جڏهن حضرت اَبُوبَكْر صديق رضہ اهي آيتون مكي جي كافرن آڏو پڙهيون تہ كين اها ڳالهہ اعتبار ۾ ئي نہ آئي، منجهائن "اُبَيّ بن خَلَف" تہ سيدنا صديق رضہ كي چوڻ لڳو، "جيكڏهن تنهنجي چوڻ مطابق ايندڙ نون سالن اندر، رومين ايرانين تي سوپ حاصل كئي تہ آءٌ توكي هك سؤ اٺ انعام ڏيندس، پر جي ائين نہ ٿيو تہ سؤ اٺ توكان وٺندس" ان شرط جي پورائي لاءِ ڏربن طرفان ضامن ڏنا ويا.

پوءِ جنهن ڏينهن "بَدْر" ۾ مسلمانن كافرن تي سوپ حاصل كئي تہ ساڳئي ڏينهن تي وٽن اها خبر پڻ پهتي، تہ رومي بہ ايران ۾ سوپارا ٿيا آهن. اهو ٻڌي مسلمان ڏاڍو خوش ٿيا. جيئن خدا تعاليٰ فرمايو آهي:

وَيَوْمَئِذٍ يَّفْرَحُ الْمُؤْمِنُوْنَ. (١)

ءِ ان ڏينهن خوش ٿيندا ايمان وارا.

اهڙيءَ ريت رومين ستن سالن اندر ايرانين كان پنهنجو پلاند وٺي ڇڏيو، ءِ پوءِ حضرت ابوبكر رضہ ابي بن خلف جي ضامن كان سؤ اٺ پرائي ورتا.

اوپر كان رومين پهرين وڏي شكست "انطاكيہ" ۾ كاڌي. ان كانپوءِ دمشق بہ سندن هٿن مان نكري ويو. تانجو ٦١٤ع ڌاري ايراني فوجون اچي "بيت المقدس" تي كڙكيون. هنن هن پاك شهر جي هر گهر ءِ هر گهٽيءَ ۾ جنهن ڌاڍ ءِ ڏهكاءَ جو مظاهرو كيو، ان كي بيان كرڻ مشكل آهي. گهرن ءِ بازارين كي لٽيو ويو، كليسائن ءِ عمارتن كي باهيون ڏنيون ويون. انساني رت پاڻي وانگر شهر ۾ وهڻ لڳي، جنهن سان سڄي شهر جا رستا ريتا ٿي ويا. هن قهري كارروائي ۾ اٽكل نوي هزار ماڻهن كي قتل كيو ويو. هن حملي رومين كي نہ صرف جنگي لحاظ كان پر اخلاقي توڙي نفسياتي لحاظ كان بہ پست كري ڇڏيو. هاڻي منجهن حملو كرڻ تہ ڇا پر پنهنجي بچاءَ كرڻ جي همت بہ نہ رهي. پوءِ ايراني فوجون هك ورهيہ جي مختصر عرصي ۾ فلسطين، ءِ سينا جي علاقن كي فتح كندي وڃي مصر پهتيون.

هينئر رومي سلطنت رڳو "قسطنطنيہ" جي شهر كانسواءِ يونان، اٽلي ءِ افريقہ جي كجهہ حصن ۾ باقي بچي. هر طرف آتشكدہ تعمير ٿيڻ لڳا ءِ مسيحيت جي پوڄارين كي زبردستي باهہ ءِ سج آڏو جهكڻ تي مجبور ٿي كيو ويو.

ان حالت ۾ "قرآن مجيد" ايندڙ كجهہ سالن اندر رومين جي سوپاري ٿيڻ جي جيكا خوشخبري ٻڌائي، اها الله تي ايمان ركڻ وارن كان سواءِ ٻئي كنهن كي اعتبار ۾ نٿي آئي. مشهور مؤرخ گبن (GIBBON) جي چوڻ مطابق:

"ان وقت رومين جو سوپ حاصل كرڻ تہ ڇا، پر ائين ٿئي لڳو تہ ايندڙ كجهہ سالن اندر سندن وجود بہ برقرار رهي سگهندو الائي نہ؟"

پر دنيا ڏٺو تہ قرآن جي اها پيشنگوئي ذري ذري صحيح ثابت ٿي، ءِ ايندڙ ستن سالن اندر هنن ايرانين كان پنهنجو پلاند وٺي ڇڏيو. كيترن مشركن ان واقعي جي سچائي كي ڏسندي ايمان آندو. اهو قرآن شريف جو اعجاز ءِ ان جي آسماني كتاب هجڻ جو هك ثبوت هو.

The decline and fall of the Roman Empire. volume 11 page 788

ترمذي ج ٢ ص ٥١/ ١٥٠، دلائل النبوه بيهقي ج ٢ ص ٣٣- ٣٣٠.. البدايہ والنهايہ ابن كثير ج ٣ ص ١٠٨، "خاتم النبيين" ابوزهره مصري ج ١ ص ٦٢١/٦٢٢. وحي الاهي مولانا سعيد احمد اكبر آبادي. تفهيم القرآن. سيد ابوالاعليٰ مودودي جلد ٣ ص ٢٩- ٧٢٤. سيرة النبي شبلي- ندوي ج ٣ ص ١٠- ٣٠٩.

(١) سورة "الرّوم" پاره ٢١ آيت ٤.

Marfat.com

اهو هڪ ڏگهو قصو آهي، جنهن کي هتي گهٽائي بيان ڪيو ويو آهي. جيتوٽيڪ متين قسم جي شرط جو شمار جوئا ۾ ٿئي ٿو، پر جوئا جي حرام هجڻ وارو حڪم هن واقعي کانپوءِ نازل ٿيو هو.

"ڪشاف" [1] واري لکيو آهي تہ "امام ابو حنيفہ" هن واقعي مان اهو مسئلو ڪڍيو آهي تہ "دارالحرب" اندر مسلمانن ۽ ڪافرن جي وچ ۾ ان قسم جي شرط ڪي جوئا نہ ليکيو ويندو. [2]

• هن سال يا هڪ پي روايت موجب هن کان اڳ يهودين جي ٻن قبيلن "اَوْس" ۽ "خَزْرَج" جي وچ ۾ "بُعَاث" واري جنگ لڳي. [3]

• هن سال رسول ڪريم ﷺ جن کان ڪافرن اها گهر ڪئي تہ کين ڪا اهڙي نشاني ڏيکاري وڃي، جنهن جو واسطو آسمان سان هجي. ان تي چند جي چوڏهينءَ رات خدا جي سچي رسول ﷺ

---

(۱) "الڪشاف عن حقائق التنزيل"، قرآن مجيد جو هڪ مڪمل ۽ منفرد تفسير آهي، جنهن جو مصنف محمود بن عمر بن محمد زمخشري، ڪنيت ابوالقاسم ۽ لقب "جارالله" آهي. ڪيس تفسير، حديث، لغت، نحو، علم الڪلام، بديع ۽ بيان جو امام مڃيو ويو آهي.

هو ۴۶۷هجري بمطابق ۱۰۷۵ع ڌاري "خوارزم" جي ويجهو "زمخشر" نالي ڳوٺ ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪرڻ کانپوءِ هو بغداد پهتو، جيڪو ان دور ۾ اسلامي دنيا جو هڪ اهم علمي مرڪز هو. ان کانپوءِ هو لڏي اچي مڪي جي حرم پاڪ ۾ رهيو ۽ زندگيءَ جو ڪجھ حصو اتي گذاريائين. ان نسبت سبب کيس "جارالله" (الله جو پاڙيسري) سڏيو ويندو آهي. آخري عمر ۾ هو پنهنجي وطن واپس پهتو، جتي ذوالحج جي نائين تاريخ ۵۳۸هـ بمطابق ۱۱۴۴ع ڌاري "جرجانيہ" ۾ وفات ڪيائين. مشهور سيلاني ابن بطوطہ جڏهن ايران آيو هو، تڏهن اتي زمخشريءَ جي مقبري جي زيارت ڪئي هئائين.

عجمي هجڻ جي باوجود زمخشري عربي زبان ۾ جيڪا مهارت حاصل ڪئي، ان جو اعتراف اهل زبان بہ ڪيو آهي. مختلف ،موضوعات، تي ڪافي ڪتاب لکيائين، جن مان قرآن مجيد تي لکيل سندس تفسير "ڪشاف" ڪي جيڪا مڃتا ملي ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ابن عساڪر جي چوڻ مطابق "هن ڪان اڳ اهڙو تفسير نہ لکيو ويو آهي." هن تفسير کي ۵۲۸ هـ ڌاري لکي پورو ڪيو ويو.

زمخشري عقيدي جي لحاظ ڪان جيتوٽيڪ معتزلي هو ۽ تفسير جي مند ۾ ئي هن پنهنجي عقيدي مطابق قرآن پاڪ کي مخلوق ڄاڻايو آهي ۽ جتي بہ موقعو مليو اٿس، اتي هن معتزلي عقيدن جي اپٽار ڪئي آهي، پر ان هوندي بہ سندس تفسير راسخ العقيده مسلمانن ۾ بہ بيحد مقبول رهيو آهي. خالص نحوي تشريحن سان گڏگڏ، قرآن جي فصاحت ۽ بلاغت تي هن دل کولي بحث ڪيو آهي. سندس ٻين مشهور ڪتابن ۾ اساس البلاغه، ربيع الابرار، الفائق، المفصّل ۽ مقدمة الادب وغيره جا نالا شامل آهن.

(اردو دائرة المعارف جلد ۱۰ص ۴۹۲-۴۸۶ "وفيات الاعيان" ابن خلڪان جلد ۵ ص، ۱۷۴- ۱۶۸. "مفتاح السعادة" طاش ڪبريٰ زاده جلد ۲ ص ۸۸ - ۸۷. "الاعلام" زرڪلي جلد ۷ ۱۸۷. معجم المؤلفين عمر رضاڪحالة ج ۱۲ ص ۸۶. الفوائد البهيه محمد عبدالحي لڪنوي ص ۲۰۹).

(۲) "ڪشاف" زمخشري، جلد ۳ ص ۴۶۷.

(۳) اسلام ۾ ڪان اڳ يهودي قبيلن جو پاڻ ۾ گهرو لڙاين جو سلسلو گهڻي عرصي تائين جاري رهيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪين بي حساب جاني توڙي مالي نقصان رسيو. ان سلسلي جي پهرئين لڙائيءَ ڪي "سَمير" ۽ آخري لڙائي ڪي هلندڙ

Marfat.com

جن طرفان کين "شَقُّ الْقَمَر" وارو معجزو ڏيکاريو ويو.

پاڻ سڳورن ﷺ چند ڏانهن پنهنجي آڱر جو اشارو ڪيو ته چند ٻه اڌ ٿي پيو ۽ پوءِ انهن ٻنهي اڌن جو رخ زمين ڏانهن ٿيو. هڪ اڌ "حرا جبل" جي ساڄي پاسي ته ٻيو وري کاٻي پاسي ۽ "حرا جبل" ٻنهي جي وچ ۾ پئي نظر آيو. ان تي ڪافر چوڻ لڳا: "هي ته ڪو وڏو جادو آهي." هنن حق کي نه ڄاتو ۽ پنهنجي نفس جي تابعداري ڪيائون. هي رسول خدا ﷺ جن جو هڪ عظيم ترين معجزو آهي، جنهن جي شاهدي رب پاڪ سبحانه وتعاليٰ **"اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وانْشَقَّ الْقَمَرُ"** واري سورة ۾ ڏني آهي. (۱)

علامہ ابن حجر مکي "قصيده همزيہ" جي شرح ۾ ڄاڻايو آهي ته هي واقعو نبوت جي انين سال جو آهي. "شامي" پنهنجي سيرت واري ڪتاب ۾ هن معجزي متعلق لکيو آهي، ته اسانجي پياري پيغمبر ﷺ کانسواءِ دنيا جي ٻي ڪنهن ٻه نبيءَ هٿان اهڙو معجزو ظاهر نه ٿيو آهي. (۲)

"بعاث" جي نالن پٽيان ياد ڪيو ويندو آهي. هيءَ لڙائي "اوس" ۽ "خزرج" قبيلن جي وچ ۾ لڳي.

"بعاث" نالي ماڳ جتي هيءَ لڙائي لڳي، اهو مديني کان اٽڪل ٻه ميل ٻاهر ڏکڻ اوڀر واري ڪنڊ تي هو ۽ اها سموري جَوءِ بنو قريظہ وارن جي ملڪيت هئي ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته اتي هڪ قلعو ٻه هو.

هن لڙائيءَ ۾ اوس قبيلي جو اڳواڻ حضير بن سماڪ ۽ خزرج وارن جو عَمرو بن نعمان بياضي هو، جيڪي پئي هن جنگ ۾ قتل ٿي ويا. ٻنهي ڌرين جو بيحد نقصان ٿيو. خاص طرح "خزرج" وارن جي نقصان جو ته ڪاٿو ڪرڻ ئي مشڪل هو، پر پوءِ بہ هميشہ وانگر هن جنگ جو بہ ڪو نتيجو نڪري نہ سگهيو. باقي اها لڙائي ڌرين جي وچ ۾ آخري لڙائي ثابت ٿي. ڇو جو ان ڪانپوءِ ٿوري وقت اندر اهي سمورا قبيلا اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي ويا. ۽ ڪين صحبت نبوي ﷺ نصيب ٿي، جنهن سندن دلين کي جوڙي هڪ ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ هو پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ ٿي رهڻ لڳا ۽ پنهنجي دشمنين کي وساري دين جي دشمن سان وڙيون جنگيون جوٽيائون.

(سيرة ابن هشام . وفاء الوفاء علامہ سمهودي جلد ۴ ص ۵۰/ ۱۱۴۹ . معجم البلدان، ياقوت حموي ج ۱ ص ۴۵۱، بهجة المحافل، عامري ج۱ ص ۲۳۱ ـ ۸۲۱.

(۱) اسانجي پياري پيغمبر ﷺ جي معجزن مان هي هڪ اهڙو معجزو آهي، جنهن جو ثبوت خدا جي پاڪ ڪتاب مان بہ ملي ٿو، ته حديث جي مستند ۽ معتبر ڪتابن مان بہ.

حافظ ابن ڪثير ڄاڻايو آهي ته هن سلسلي ۾ جيڪي بہ روايتون اسان تائين پهتيون آهن، اهي متواتر آهن ۽ انهن جي سَنَد مضبوط ۽ صحيح آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو ضعف نہ آهي ۽ اهي راوي بلڪل ثقہ آهن. منجهانئن عبدالله ابن مسعود، حذيفہ بن يمان ۽ جبير بن مطعم رضہ هن واقعي جا اکين ڈٺا شاهد آهن. هن واقعي جا وڌيڪ تفصيل هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

مسند احمد. ابن حنبل ج ۱ ص ۳۷۷ .صحيح بخاري جلد ۳ ص ۱۹۵، صحيح مسلم جلد ۴ ص ۱۳۳-۱۳۲. البدايہ والنهايہ ابن ڪثير جلد ۳ ص ۱۱۹. .دلائل النبوة، بيهقي جلد ۲ ص ۲۶۲/۶۸، دلائل النبوه، ابونعيم ص ۲۳۴.

(۲) سبل الهدي والرشاد "شامي"، ج ۹ ص۴۳۰.

Marfat.com

فصل نائون

سن ۹ نبوي‌ءَ جا واقعا

عبدالله بن ثَعْلَبَہ جو ڇم

* هن سال ثَعْلَبَہ بن صُعَيْرُ عُذري رضہ جي گهر پٽڙو ڇائو. جنهن جو نالو عبدالله رکيو ويو. هي بنو زهره وارن جو ساٿاري هو. [1] عبدالله جي ڇمڻ جو سال ڪن راوين طرفان ستين نبوي ۾ ٻڌايو ويو آهي. جڏهن ته ڪن جو خيال آهي ته عبدالله بن ثَعْلَبَہ هجرت کانپوءِ ڇائو هو.

---

(۱) ان سلسلي ۾ "ابن الاثير" ۾ روايتون نقل ڪيون آهن. پهرين روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هو هجرت کان چار ورهيہ اڳ ڇائو، جڏهن ته ٻي روايت جيڪا "زهري" کان نقل ڪئي ويئي آهي، ان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حضرت عبدالله بن ثعلبہ "فتح مڪہ" واري سال ڇائو. والله اعلم.

(اسد الغابہ "ابن الاثير ج ۵ ص ۱۲۸، الاستيعاب. ابن عبدالبر ج ۳ ص ۱۳ ـ ۱۲).

Marfat.com

فصل ڏهون

هن فصل ۾ سن ڏهين نبويءَ جي واقعات جو ذکر ڪيو ويو آهي.

شِعْب اَبُوطَالِب مان آزادي

* هن سال بني هاشم وارن کي "شِعْب اَبُوطَالِب" مان آزادي ملي. ڪافرن طرفان ٿي ورهيه متن جيڪو ظلم ۽ ڏاڍ روا رکيو ويو هو، اهو نيٺ پنهنجي پڇاڙيءَ کي پهتو ۽ هو مڪي ۾ پنهنجن صلوکن ماڳن تي موٽي آيا. هي واقعو حضرت اَبُوطَالِب جي زندگيءَ ۾ پيش آيو. (۱) ان جو وڌيڪ ذکر ستين فصل ۾ ٿي چڪو آهي.

حضرت عَبْدُاللّٰه بن عَبَّاس رضہ جو جنم

هن سال حضرت عبدالله بن عباس رضہ (۲) ٻہ جائو. سندس ولادت شعب ابوطالب ۾ ٿي. ڇو جو

---

(۱) طبقات ابن سعد ج ۱ ص ۱۳۹

(۲) نالو عبدالله پيءُ جو نالو عباس بن عبدالمطلب بن هاشم، ڪنيت ابوالعباس، لقب حبر الامة (امت جو عالم) سندس امڙ جو نالو لبابة الكبريٰ بنت حارث هلالية آهي، جيڪا ام المؤمنين سيده ميمونہ جي سڳي ڀيڻ هئي. اهڙيءَ ريت ابن عباس سڳ ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جو سؤٽ، سيده ميمونہ جو ڀاڻيجو ۽ خالد بن وليد جو ماسات هو.

ابن عباس جي امڙ سيده ام الفضل ابتدائي دور ۾ ئي اسلام قبول ڪيو هو، ان ڪري ڪيس ٻہ ان دور جي بين مسلمانن وانگر هر طرح جا ظلم زيادتيون برداشت ڪرٽيون پيون. هجرت ڪان ٿي ورهيه اڳ جڏهن قريش وارن طرفان "بنو هاشم" جو سوشل بائيڪاٽ جاري هو ۽ اهي شعب ابي طالب ۾ نظربند هئا تہ اتي ئي بيبي ام الفضل کي پٽڙو ڇائو، جنهن جو نالو عبدالله رکيو ويو. ڇهڙ ڪانپوءِ ٻار کي سندس امڙ هنج ۾ ڪٽي نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ آئي، هن موقعي تي پاڻ ڪريمن ﷺ کارڪ چٻاڙي پنهنجي هن ننڍڙي سؤٽ جي وات ۾ وڌي ۽ الله تعالىٰ جي حضور ۾ سندس ڀلائي لاءِ دعائون ٻہ گهريائون. اهي دعائون ڪجهہ لفظي اختلافن سان حديث جي ڪتابن ۾ نقل ڪيون ويون آهن، جيئن تہ "الله تعالىٰ هن کي حڪمت ۽ قرآن جي تفسير جو علم عطا فرماءِ"، هڪ ٻي روايت مطابق "الله تعالىٰ هن کي دين جي سمجهہ ۽ تاويل جي قوت عطا ڪر." وري هڪ ٻي حديث مطابق تہ "الله تعالىٰ هن جي علم ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ ان کي عام ڪر ۽ سندس شمار پنهنجي صالح ٻانهن ۾ فرماءِ" يا وري "هن کي علم ۽ عقل بخش". اهي سموريون حديثون سَنَد جي لحاظ کان صحيح آهن.

هن آزمائش جي گهڙيءَ ۾ ڇاول هن ٻار لاءِ مالڪ الملڪ پنهنجيٰ پياري پيغمبر ﷺ طرفان گهربل هن دعائن جي حرف حرف کي قبوليت جو شرف بخشيو. عبدالله وڏو ٿي پنهنجي علم فضل جو اهڙو تہ ڏاڪو ڇمايو جو ننڍن توڙي وڏن کي سندس علمي عظمت جو اعتراف ڪرڻو پيو. مشهور تابعي ليث بن ابوسُلام هڪ ڀيري پاڻ کان وڏي عمر واري ساٿيءَ حضرت طائوس کان پڇيو تہ "تون هڪ ڇوڪري (ابن عباس) جي ڪيڏ ڇو لڳو پيو آهين، جڏهن تہ ان جي مقابلي ۾ نبي ڪريم ﷺ جا وڏا وڏا صحابي ايجان هتي موجود آهن. اهو ٻڌي طائوس وراڻيو: "آءٌ نبي سڳوري ﷺ جي

Marfat.com

اصحاب سڳورن منجهان ستر شخص اهڙا ڏٺا جن جو پاڻ ۾ جيڪڏهن ڪنهن مسئلي ۾ اختلاف پيدا ٿي پوندو هو تہ اهي ان ڳالهہ بابت ابن عباس ڏانهن ئي ايندا هئا." اها روايت تہ ابن عبدالبر طرفان نقل ڪئي ويئي آهي پر حديث ۽ رجال جي ڪتابن ۾ اهڙيون ڪيئي روايتون ڏسڻ ۾ ايندیون جن مان هن جي علمي قابليت جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. ابن عباس پنهنجي سڄي زندگي علم لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. ننڍي عمر ۾ ئي هن پنهنجو سمورو ڌيان الله تعالىٰ جي پاڪ ڪلام ۽ ان جي آخري نبي ﷺ جي حديث مبارڪ ڏانهن ڏنو.

اسلامي دنيا جون حدون جيئن جيئن وسيع ٿيڻ لڳيون ۽ دنيا جي مختلف قومن ۽ مذهبن جا ماڻهو دين جي دائري ۾ داخل ٿيندا ويا، مسلمانن جي مالي ۽ معاشي حيثيت سڌرڻ لڳي تہ اهي پنهنجي معاملن ۽ مسئلن جو حل قرآن ۽ حديث ۾ ڳولهڻ لڳا. معاشري جي ان ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ ان دور جي جن عالمن قرآن مجيد جي مضامين تي پنهنجي فهم ۽ ادراڪ، بي پناهہ صلاحيت ۽ قدرت طرفان ڏنل بصيرت ذريعي انهن جي معاني ۽ مطالب جي تفسير ۽ تشريح جي ڪوشش ڪئي، انهن ۾ ابن عباس جو نالو نمايان آهي. اهو ڪٽن ڪم هن پنهنجي نوجوانيءَ واري دور ۾ شروع ڪيو ۽ ڏسندي ڏسندي هن فن کي باقاعده طور هڪ صورت عطا ڪيائين.

قرآن مجيد جي لفظن، اصطلاحن توڙي محاورن جي معنيٰ کي عوام جي ذهني سطح مطابق بيان ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي ذاتي راءِ کي نہ، پر قديم دور واري عربي شاعرن جي ڪلام ۽ انهن جي لغت کي بنياد بڻايو. اهي شعر جيئن تہ ان زماني جي ڪيترن ئي ماڻهن کي زباني ياد هئا، تنهنڪري انهن لفظن جي معنيٰ هو سولائي سان سمجهي پئي سگهيا ۽ نوءِ اها روايت عام ٿي ويئي ۽ مسلمان عالم جاهلي دور جي شاعرن واري ڪلام جي اهميت کي ميڙڻ لڳا، ۽ ان جي بنياد تي ڪلام الاهيءَ جي تشريح ۽ تفسير عوام جي سمجهہ ۾ اچڻ لڳي. اتان تفسير جو فن وجود ۾ آيو ۽ حضرت عبدالله ابن عباس کي امام المفسرين قرار ڏنو ويو.

قرآن پاڪ جي ڪنهن مفسر لاءِ اهو بہ ضروري آهي، تہ هو قرآن سان گڏ قرآن جي "عملي تفسير" يعنيٰ نبي انور ﷺ جن جي اسوه حسنہ (قول ۽ فعل) کان بہ بخوبي آگاه هجي. ابن عباس پاڻ ننڍپڻ ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن کي ڏٺو ۽ سندن مجلسن ۾ بہ شريڪ رهيو، پر پاڻ ڪريمن ﷺ جي وصال ڪانپوءِ هو انهن وڏي عمر وارن صحابي سڳورن سان ملندو هو ۽ ڪائنئ سيد عالم ﷺ جن جي قول توڙي فعل بابت معلومات گڏ ڪندو وتندو هو، ۽ پوءِ هو انهن ڳالهين تي ويچاريندو بہ هو تہ ڪلام الاهيءَ سان انهن جي تطبيق ۽ پيٽ بہ ڪندو رهندو هو. اهي سموريون ڳالهيون صرف زباني ڪلامي نہ هونديون هيون پر ابن عباس اهي يادگيريون نقل بہ ڪندو هو. ان ڳالهہ جي تحقيق ۽ تصديق ٿي چڪي آهي تہ وٽس وڏي تعداد ۾ تحريري ذخيرو بہ موجود هو، جيڪو هن پنهنجي شاگردن تائين پهچايو. حديث جي سلسلي ۾ ڪائنس رحمت عالم ﷺ جن جون هڪ هزار ڇهہ سو ست حديثون روايت ڪيون ويون آهن.

حضرت ابن عباس، تفسير ۽ حديث ڪان علاوه فقہ، فتاويٰ، علم الانساب، تاريخ العرب، رياضي، مغازي ۽ شاعري ۾ بہ پنهنجي حيثيت مجرائي چڪو هو. اهوئي سبب آهي جو انهن سيني علمن بابت سوَن جي تعداد ۾ شاگرد وٽس اچي علمي استفادو ڪندا هئا، جنهن لاءِ هن هفتي جا ڏينهن ورهائي ڇڏيا هئا، ۽ هر علم جي طالبن لاءِ جدا ڏينهن ۽ وقت مقرر هو. پوءِ جيڪو بہ سائل سندس مجلس ۾ ايندو هو تہ اهو پنهنجي علمي اڄ اجهائي پوءِ اتان اٿندو هو. هڪ موقعي تي عمر بن دينار فرمايو تہ " مان ابن عباس جهڙي مجلس ڪنهن ۾ئ جاءِ تي نہ ڏٺي، جتي هڪ وقت ۾ ايترين خير جون ڳالهيون ٻڌي سگهجن. يعني حلال حرام جا مسئلا، عربي ادب ۽ شاعري، علم الانساب، حديث ۽ تاريخ وغيره. علمي سرگرمين سان گڏ ابن عباس جهادي توڙي سياسي سرگرمين کان بہ غافل نہ رهيو. سن ۱۸ هجريءَ

Marfat.com

كان وئي ٣٠ هجريءَ تائين مسلمانن جون مصر، افريقہ، طبرستان ۽ جرجان وغيره وارن سان جيڪي لڙايون لڳيون، ابن عباس انهن ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. ان کانسواءِ صفين، جمل ۽ نهروان جي جنگين ۾ هو حضرت عليءَ سان گڏ رهيو ۽ "صفين" ۾ تہ هو حضرت عليءَ جي فوج ۾ لشڪر جي هڪ حصي جو اڳواڻ پڻ هو ۽ پوءِ جڏهن ڏرين جي وچ ۾ فيصلي لاءِ ٻہ امين مقرر ڪرڻ جو معاهدو ٿيو تہ ان تي صحيح ڪرڻ وارن ۾ ابن عباس ٻہ شامل هو.

سياست جي لحاظ کان حضرت عمر رضہ ۽ حضرت عثمان رضہ جي دور خلافت ۾ ڪيس هڪ خاص مشير جي حيثيت حاصل هئي. ان کانسواءِ ٣٥ هجريءَ ڌاري جڏهن باغين طرفان حضرت عثمان رضہ جو گهيراءُ جاري هو، ان سال حضرت عثمان طرفان ابن عباس کي حج جو امير مقرر ڪيو ويو ۽ هن اها ذميواري ٻہ نهايت سهڻي نموني پوري ڪئي. انڪري جڏهن مديني ۾ حضرت عثمان رضہ جي شهادت جو دردناڪ واقعو پيش آيو تہ ان وقت حضرت ابن عباس رضہ اتي موجود نہ هو.

حضرت عليءَ رضہ جي دور خلافت ۾ جڏهن مسلمانن بصري تي قبضو ڪيو تہ مرڪز طرفان ڪيس بصري جو گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ هو ٻہ سال ڪن ان عهدي تي فائز رهيو، ۽ پوءِ سن ٣٨ هجريءَ ڌاري ان عهدي تان دستبردار ٿي مڪي موٽي آيو ۽ پوءِ اتي ئي رهڻ لڳو.

حضرت عليءَ جي شهادت کانپوءِ جيڪو دور آيو، ان ۾ بنو هاشم وارا ۽ سندن ساٿي ڏاڍو پريشان رهيا، پر ابن عباس رضہ نهايت خاموشيءَ سان پنهنجي علم ۽ عبادت ڏانهن متوجہ رهيو۔تانجو حجاز جي علائقي ۾ عبدالله ابن زبير رضہ کي خليفو چونڊيو ويو. اها ڳالهہ بنو هاشم وارن کي نہ آئڙي، جنهنڪري ابن عباس ۽ محمد بن حنفيہ علويءَ سندس بيعت کان ڪتو جواب ڏنو. جنهن جي نتيجي ۾ هنن ٻنهي کي مڪي مان شهر نيڪالي ملي.

حضرت عبدالله ابن عباس رضہ زندگيءَ جا آخري ڏينهن طائف ۾ گذاريا. آخري وقت ۾ سندس نظر ٻہ ختم ٿي ويئي. جنهن لاءِ هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ نوجوانيءَ واري زماني ۾ هن هڪ ڏينهن نبي انور ﷺ جن سان گڏ هڪ اڻ ڄاتل شخص ڏٺو ۽ ان بابت پاڻ ڪريمن ﷺ کان سوال پڇيائين تہ "اهو شخص ڪير آهي؟" سرور عالم ﷺ جن کيس فرمايو: "اهو جبرئيل هو جنهن کي تو ڏٺو، انڪري اڳتي هلي تنهنجي نظر ختم ٿي ويندي." هڪ قول مطابق انڪري آخري عمر ۾ سندس نظر موڪلائي ويئي. پوئين زماني ۾ هو جڏهن بيمار ٿي پيو ۽ سندس بيماري ڏينهون ڏينهن وڌندي ويئي تہ هڪ ڏينهن هن پاڻ وٽ موجود ماڻهن کي ٻڌايو تہ "منهنجو موت اهڙي جماعت جي موجودگيءَ ۾ ٿيندو جيڪا روءِ زمين تي (ان وقت) سڀ کان پلي هوندي ۽ الله تعالىٰ کي پياري هوندي، ويجهي هوندي ۽ شان واري هوندي ۽ پوءِ جيڪڏهن آءٌ اوهان جي وچ ۾ گذاري وڃان تہ پوءِ اهي اوهان ئي هوندا." ان ڳالهہ کي اٺ راتيون مس گذريون تہ هو اتي طائف ۾ ئي گذاري ويو. اهو واقعو سن ٦٨ هجريءَ ڌاري پيش آيو. حضرت ابن عباس رضہ جي نماز محمد بن حنفيہ علويءَ پڙهائي، جيڪو سندس سؤٽ جو پٽ ٻہ هو تہ ڏڪ سڪ جو ساٿي ٻہ. حضرت ابن عباس رضہ کي دفن ڪرڻ وقت جڏهن سندس مٿان ماڻهو مٿي وجهي رهيا هئا تہ ان موقعي تي ابن الحنفيہ علويءَ چيو: "خدا جو قسم! اڄ هن امت جو حبر (عالم) اسان کان موڪلائي ويو." سندس قبر طائف جي جامع مسجد جي حد ۾ موجود آهي. وفات وقت ابن عباس رضہ جي عمر ايڪهتر ورهيہ ٻڌائي ويئي آهي.

(الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٣٣٤ ـ ٣٣٠. أسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٢٩٩ ـ ٢٩٥. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٣ ص ٧١ ـ ٦٦. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ١ ص ١٣٨ ـ ١٣٧. الرياض المستطابہ "عامري" ص ٢٠٢ ـ ٢٠٠. التحفة اللطيفہ "سخاوي" ج ٢ ص ٤٦. مرآة الجنان "يافعي" ج ١ ص ١١٥.

Marfat.com

انهن ڏينهن ۾ بَنُو هَاشِم وارا اڃان اتي نظر بند هئا. (١) "عَلّامہ عَامري" پنهنجي ڪتاب "الرِيَاض المستطابہ" ۾ ڄاڻايو آهي تہ حضرت عبدالله هجرت کان ٽي ورهيہ اڳ ڄائو هو. (٢) جڏهن تہ "تذڪرة القاريءَ" وارو بہ لکي ٿو تہ سرور ڪائنات ﷺ جن جي وصال وقت ابن عَبَّاس جي ڄمار تيرهن ورهيہ هئي.

حضرت اَبُو طَالِب جي وفات

* هن سال رمضان شريف جي ستين تاريخ رسول عربي ﷺ جن جي چاچي سڳوري حضرت ابو طالب (٣) وفات ڪئي. هڪ ٻي روايت ۾ سندن وفات ذيقعده مهيني جي شروعات ۾ ٻڌائي ويئي آهي.

---

(١) اسد الغابہ "ابن اثير" ج ٣ ص ١٩٣).

(٢) الرياض المستطابہ، علامہ عامري ص ٢٢٠، الاستيعاب، ابن عبدالبر ج ٣ ص ٦٦.

(٣) بنو هاشم وارن جو سردار ۽ نبي اڪرم ﷺ جن جو پيارو ۽ مهربان چاچو حضرت ابوطالب بن عبدالمطلب سرور ڪائنات ﷺ جن جي ولادت کان اٽڪل پنجٽيهہ ورهيہ اڳ مڪي ۾ قريش جي سردار حضرت عبدالمطلب جي گهر ۾ ڄائو. سندس اصلي نالي ۾ راوين جو اختلاف آهي. هڪ قول مطابق هن جو اصلي نالو عبدمناف ۽ ڪن راوين طرفان وري "عمران" بہ ٻڌايو ويو آهي. جڏهن تہ امام حاڪم ۽ ٻين قديم مؤرخن طرفان چيو وڃي ٿو تہ ابوطالب ئي سندن نالو آهي. والله اعلم.

حضرت ابوطالب جي امڙ سائڻ جو نالو حضرت فاطمہ بنت عمرو بن عائذ آهي،جنهن جو نسبي تعلق بنو مخزوم وارن سان هو. ابن اسحاق جي روايت مطابق هن بيبي سڳوريءَ کي ٽي پٽ ڄاوا: ابوطالب، زبير ۽ حضرت عبدالله يعني پاڻ ڪريم ﷺ جن جو بابو سائين. ان لحاظ کان حضرت ابوطالب سرور عالم ﷺ جن جو سڳو چاچو هو.

حضرت ابوطالب جي پهرين شادي پنهنجي سؤٽ سيده فاطمہ بنت اسد سان ٿي جنهن مان کين ست ٻار (چار پٽ ٽي نياڻيون) ڄاوا ١. طالب ٢. فاختہ ام هاني ٣. عقيل ۴. جعفر ۵. جُمانہ ٦. علي ٧. ريطه ام طالب. جڏهن تہ ٻي گهرواريءَ مان کين هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو "طليق" ٻڌايو ويو آهي.

نبي اڪرم ﷺ جن پنهنجي عمر مبارڪ جا جڏهن اٺ ورهيہ پورا ڪيا تہ سندن شفيق ڏاڏي سائين حضرت عبدالمطلب (جنهن سان پاڻ سڳورا ﷺ گڏ رهندا هئا) هن جهان مان موڪلايو. پر وفات کان اڳ جيڪا وصيت ڪيائين ان مطابق هن پنهنجي پياري پوٽي جي پالنا ۽ پرورش جي ذميواري حضرت ابوطالب جي حوالي ڪئي. جيتوڻيڪ کين ٻيا بہ فرزند هئا پر شايد حضرت عبدالمطلب جي مردم شناس نگاهہ پنهنجي هن پٽ جي شخصيت ۾ ئي ان ذميواريءَ کي نڀائڻ جا جوهر پرکي پوءِ ئي اهو اهم فيصلو ڪيو هوندو. پنهنجي وڏن وانگر حضرت ابوطالب جو پيشو بہ تجارت ئي هو جنهن جي وسيلي سندن گذر سفر ٿيندو هو. شروعاتي دور ۾ سندن ڪاروبار بہ گهڻو وسيع هو ۽ پاڻ تجارتي قافلن سان شام تائين ويندا هئا پر پوءِ آهستي آهستي سندس ڪاروبار گهٽبو ويو ۽ آخر ۾ کين مڪي جي بازار ۾ هڪ دڪان بچيو، جتي ڪپڙو، عود، عنبر ۽ عطر وغيره وڪامندو هو. پيءُ جي وفات کانپوءِ حضرت ابوطالب کي بنوهاشم وارن جو سردار بڻايو ويو جنهنڪري بہ سندس مصروفيتون وڌي ويون. اهڙي ريت گهڻن ٻارن ڄمڻ سبب عيال ۾ بہ اضافو ٿيندو رهيو جنهن ڪري سندن مالي حيثيت ڪافي ڪمزور ٿيندي پئي ويئي ۽ پوءِ هن پاڻ بہ اوڏانهن توجہ گهٽائي ڇڏي، ڇوتہ قدرتي طرح سندن مزاج تاجرانہ نہ پر عالمانہ هو. فنِ خطابت، ادب ۽ شاعريءَ سان کين

Marfat.com

گهٹي دلچسپي هئي انکري عربي ادب ۾ ابوطالب کي هڪ خاص مقام حاصل آهي. سندن نالي سان هڪ ديوان ۽ چپيل آهي جنهن ۾ ۴۲۱ شعر ڏنل آهن. ان کانسواءِ "قصيده لاميه" ۽ ٻيا ۽ سندن کافي اشعار آهن جيکي سيرة ابن هشام، حماسه ابن شجري ۽ شرح نهج البلاغه ابن ابوالحديد وغيره ۾ ڏنل آهن. پاڻ ڪريم ﷺ جن جي پهرين نڪاح جو خطبو ۽ سندن ادبي فصاحت جو شاهڪار آهي جيکو مختلف تاريخن ۾ نقل ڪيو ويو آهي. حضرت عبدالمطلب جي وفات کانپوءِ جڏهن ننڍڙي محمد ﷺ جن جي زندگيءَ جو نائون سال شروع ٿيو تہ پنهنجي هن چاچي جي گهر ۾ آيا ۽ پهرين ڏينهن کان وٺي حضرت ابوطالب سندن خاص خيال رکندو هو. گهٽ آمدنيءَ سبب جيتوڻيڪ کين گذر سفر جي تنگي هوندي هئي پر هن بابرڪت مهمان جي اچڻ کانپوءِ گهر جي هر شيءِ ۾ برڪت ئي برڪت نظر اچڻ لڳي. هن کان اڳ گهر ۾ جيترو کاڌو تيار ٿيندو هو تہ اهو کڏهن گهروارن لاءِ پورو هوندو هو تہ کڏهن وري کنهن آئي وئي يا مهمانن سبب کٽي ۽ پوندو هو پر پاڻ ڪريم ﷺ جن جي گهر ۾ اچڻ کانپوءِ ائين کڏهن ۽ نہ ٿيو تہ کو کاڌو کٽو هجي توڙي جو کائڻ وارا کيترا ۽ چونہ اچي وڃن. اهڙا واقعا حضرت ابوطالب جي اڳيان اکثر ٿيندا هئا جن مان کيس اهو اندازو ٿي ويو هو تہ سندس هي پائٽيو کو معمولي هار نہ آهي. انکري ابوطالب ۽ سندس گهرواري سيده فاطمہ بنت اسد هن هار کي پنهنجي هارن کان ۽ وڌيڪ پائيندا هئا ۽ ساڻس اهڙي محبت رکندا هئا جيکا عقيدت جي درجي تي پهتل هئي. هڪ ڀيري مکي ۾ ڏڪار اچي منهن کڀيو ماڻهو ۽ مال بک وگهي مرڻ لڳا جنهن ڪري کي فرد حضرت ابوطالب جي خدمت ۾ آيا تہ کا مينهن وسڻ لاءِ دعا گهري وڃي هن موقعي تي حضرت ابوطالب پنهنجي هن معصوم پائٽي کي هٿ کان وٺي اچي الله جي گهر ۾ حاضر ٿيو ۽ اتي ان هار کي چيائين تہ هو ڪعبي کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهي ۽ پوءِ رب پاڪ کي ان هار جو واسطو ڏيئي مينهن جي دعا گهريائين بس اوڏيءَ مهل ئي آسمان تي ڪڪرن جا ڪوڙ ڪٺا ٿي ويا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي اچي اهڙو مينهن لٿو جو سڄي وادي پاڻي سان ٽپ ٿي ويئي. ان مينهن سبب سڄو علائقو گل و گلزار ٿي ويو ۽ ائين پئي لڳو تہ ڪجهہ دير اڳ جتي بيابان هو اتي بهار اچي ويئي هجي حضرت ابوطالب ان واقعي کي هن طرح شعر ۾ بہ بيان ڪيو آهي.

وَاَبْيَضُ يُسْتَسْقَي الْغَمَامُ بِوَجْهِهٖ ثِمَالُ الْيَتَامٰي عِصْمَةٌ لِّلْاَرَامِلِ

(اهو مُنهن ايترو تہ حسين آهي جو ان جي صدقي مينهن جي گهر ڪئي وڃي ٿي، (هو) يتيمن جو آجهو ۽ رن زالن جو نگهبان آهي.)

اهو ۽ اهڙا ڪيترائي غير معمولي واقعا پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ رهندي حضرت ابوطالب جي اکين ڏٺا. ٻيا هار جڏهن ننڍ مان اڀندا هئا تہ سندن منهن بي مزي نظر ايندا هئا پر هي هار جڏهن ننڍ مان جاڳيندو هو تہ ان وقت سندس منهن تي اها رونق نظر ايندي هئي جيکا ننڍ کان اڳ ۾ نظر ايندي آهي. سندن اهو ساٿ اٽڪل چاليهن ورهين تائين قائم رهيو ان دوران هر سک ۽ ڏک جي موقعي تي حضرت ابوطالب جيکو ڪردار ادا ڪيو ان کي هر دور جي مورخ ۽ سيرت نگار ساراهيو آهي.

خدا جي آخري رسول ﷺ جن جو ان دور ۾ ساٿ ڏيڻ خاص طور بعثت کانپوءِ، کو معمولي مسئلو نہ هو پر سڄي عرب جي مخالفت ۽ پنهنجن پراون جي دشمني خريد ڪرڻي هئي. مگر حضرت ابوطالب ڪڏهن بہ پنهنجي ذميواري نبهائڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي يا ڪمزوري نہ ڏيکاري ۽ هن پنهنجي دوستيءَ ۽ دشمنيءَ جو بنياد پنهنجي هن پائٽي جي ذات کي بڻايو قريش وارن ٽي دفعا پنهنجا وفد ڏانهس موڪليا تہ هو پنهنجي پائٽي کي دين جي تبليغ کان روڪي يا

هلندا

Marfat.com

جڏهن ته "صاعد"، اَبُوطَالِب جي وفات جي تاريخ ۱۵ شعبان بيان ڪئي آهي. "شامي" پنهنجي سيرت جي ڪتاب ۾ لکيو آهي: "اَبُوطَالِب جي وفات هجرت کان ٽي ورهيه اڳ ۽ "شِعْب اَبُوطَالِب" مان آزاد ٿيڻ کان ۲۸ ڏينهن پوءِ ٿي." ان وقت سندن عمر اسي سالن کان مٿيرو هئي. اهل سنت والجماعت وٽ حضرت ابوطالب جو ايمان آٽڻ ثابت نه آهي. جڏهن ته رافضي سندس ايمان جا قائل آهن. (۱) رسول خدا صلی‌الله علیه‌وسلم جن جڏهن ابوطالب جي بخشش لاءِ رب تعاليٰ کان دعا گهرڻ جو ارادو ڪيو ته هيءَ آيت نازل ٿي:

وري سندس حمايت تان هٿ کڻي نه ته هي حالت ۾ هو ٻئي مقابلي لاءِ تيار ٿين. پر ابوطالب هر دفعي کين ڪتو جواب ڏنو ۽ پنهنجي موقف تي اٽل ۽ اڏول رهيو بلڪ نبي انور ﷺ جن کي چيائين ته توهان پنهنجو ڪم ڪندا رهو آءٌ هميشہ اوهان سان گڏ هوندس." هن قريش جي وڏين وڏين شخصيتن سان اکيون اکين ۾ ملائي مهاڏو اٽڪايو ۽ ڪڏهن به ڪنهن قسم جي قرباني ڏيڻ کان کين ڪيڻايو. يعني هو هر موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جي ذات جي چوڌاري جڙ ته هڪ مضبوط قلعي جي مثال هو. آخرڪار ڪافر مجبور ٿي پيا ۽ هنن پاڻ ۾ گڏجي هڪ نئين سِٽ سِٽي ان لاءِ سيني چگّن مڙسن جو هڪ اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ فيصلو ڪيائون ته بنوهاشم وارن جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو وڃي آئنده انهن سان نه ڪو سگّا بندي ڪندو، نه ڪو ساڻن واپار ڪيو ويندو نه وري انهن سان ڪو اٺندو ويهندو يا ڳالهائيندو ٻولهائيندو. اهو سلسلو ان وقت تائين جاري رهندو جيستائين هو پاڻ ڪريم ﷺ جن کي (قتل ڪرڻ لاءِ) ڪافرن جي حوالي نه ڪندا ۽ ان کان گهٽ انهن جي طرفان ڪابہ صلح جي پيشڪش جيڪڏهن ٿي ته ان کي قبول نه ڪيو ويندو. جنهن ڪانپوءِ بنوهاشم مشهور جبل بوقبيس جي ان گهاٽيءَ ۾ قيد ٿيا جنهن کي "شعب ابوطالب" سڏيو ويندو هو. پاڻ سڳورن ﷺ ۽ سندن خاندان لاءِ هي نهايت سخت آزمائش جو دور هو، جنهن سان هو سڃا سارا ٽي سال منهن ڏيندا رهيا. کاڌي پيتي لاءِ ڪجهہ نه هوندو هو ته پن ۽ گاهہ کائي پنهنجو وقت گذارينداهئا. بکن سبب مائرن جي ٿڃ سڪي ويئي جنهن ڪري معصوم ٻار بک وگهي پيا رڙيون ڪندا هئا جن کي ٻڌي ڪي رحم دل ڪافر لڪ چوريءَ ڪجهہ کاڌي پيتي جو سامان کين پهچائيندا هئا. جڏهن ته ڪيترا ظالم اهي آواز ٻڌي خوش ٿيندا هئا. اهو حضرت ابوطالب جي پڇاڙيءَ جو زمانو هو، چوته ان وقت سندن عمر اسي ورهين کان مٿي هئي. مسلسل بکن ۽ ڏکن سبب شعب ابوطالب جي نظربندن جي صحت جواب ڏئي چڪي هئي خاص طور وڏي عمر وارا ته وڌيڪ متاثر ٿيا هئا. ٽن ورهين کانپوءِ ڪافرن پاڻ ان بائيڪاٽ تان هٿ کنيو ۽ پوءِ بنوهاشم وارا آزاد ٿيا. جنهن کانپوءِ ڪجهہ ڏينهن رکي حضرت ابوطالب گذاري ويو. اهو واقعو نبوت جي ڏهين سال پيش آيو. تاريخ الخميس جو بيان آهي ته جڏهن حضرت ابوطالب وفات ڪئي ته ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ جي ڄمار اٺونجاهہ سال اٺ مهينا ۽ ٻارهن ڏينهن هئي.

وفات کانپوءِ حضرت ابوطالب کي بنوهاشم جي اباڻي قبرستان "الحجون" ۾ دفنايو ويو، بعد ۾ سندن قبر مٿان هڪ خوبصورت مقبرو به تعمير ڪيو ويو هو جيڪو ۱۹۲۵ تائين موجود هو.

حضرت ابوطالب ۽ سيده خديجة الڪبريٰ هڪ ٻئي جي پٺيان گذاري ويا جنهن جو پاڻ ڪريمن ﷺ جن کي ڏاڍو ڏک رسيو ان ڪري هن سال کي "عام الحزن" يعنيٰ غم جو سال سڏيو ويندو آهي.

سيرة ابن هشام ج ۱ ص ۱۹۰ ـ ۱۸۹. الاصابہ "ابن حجر" ج ٦ ص ۱۱۵. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۲۹۹. الدرر "ابن عبدالبر" ص ۵۷. بهجة المحافل "عامري" ۱۳٦ ـ ۱۳۳. "الوفا" "ابن جوزي" ج ۱ ص ۱۳۱ - ۱۳۰. دائرة المعارف (اردو) ج۱ ص ۸۳۷ ـ ۸۳۴.

(۱) سيرة ابن اسحاق ص ۲۲۲. الروض الانف "سُهيلي" ج ۲ ص ۷۱ /۱۷۰. شرح علي المواهب اللدنيہ. زرقاني ج ۱ ص۲۹۱.

Marfat.com

"مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَالَّذِيْنَ آمَنُوْآ اَنْ يَسْتَغْفِرُوْا لِلْمُشْرِكِيْنَ وَلَوْ كَانُوْا اُولِىْ قُرْبٰى مِنْ بَعْدِ مَاتَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ. (١)

ترجمو: "نبي ۽ ٻين ايمان وارن کي نہ جڳائي تہ مشرکن لاءِ بخشش چاهين، توڙي جو اهي ويجها مائٽ ڇو نہ هجن، ان کانپوءِ جو سندن آڏو ظاهر ٿي چڪو آهي تہ هو جهنمي آهن."

ان کانسواءِ صحيح بخاري، صحيح مسلم ۽ حديث جي ٻين ڪتابن ۾ آيل آهي تہ ان موقعي تي هيءَ آيت پڻ نازل ٿي. (٢)

اِنَّکَ لَاتَهْدِىْ مَنْ اَحْبَبْتَ وَلٰكِنَّ اللهَ يَهْدِىْ مَنْ يَّشَآءُ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ. (٣)

ترجمو: "اوهان هدايت نہ ٿا ڏيئي سگهو جنهن کي چاهيو، پر الله جنهن کي چاهي تہ هدايت ڏيندو آهي ۽ هو انهن کي چاڻي ٿو، جيڪي هدايت قبول ڪندڙ آهن."

اُمّ المؤمنين خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰى رضہ جي وفات

* هن ئي سال حضرت ابوطالب جي وفات کان ٿي ڏينهن پوءِ يا بي روايت مطابق پنجاهہ ڏينهن رکي پاڻ ڪريم ﷺ جي گهر واري سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰى رضہ به هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. **اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ.**

صاعد جي قول موجب هي واقعو اَبُوطَالِب جي وفات کان ڏيڍ مهينو اڳ جو آهي. وفات وقت بيبي سائڻ جي عمر ٦٥ورهيہ هئي، ۽ رسول خدا ﷺ جن سان سندن سات ٢٥ سالن تائين رهيو. سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰى کي "حُجُون" لڳ معلاة (٤) واري قبرستان جي آخري ڇيڙي تي دفنايو ويو. جتي سندن

---

(١) سورة توبہ ٩ پاره ١١ آيت ١١٣.

(٢) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٣٢٦.

(٣) سورة القصص ٢٨، پاره ٢٠ آيت ٥٦.

(٤) "حجون" مکي ۾ هڪ ٽڪريءَ جو نالو آهي. اسلام کان اڳ مکي جي آبادي هن ٽڪريءَ تائين هئي. ان کانپوءِ اهو مشهور قبرستان شروع ٿئي ٿو جنهن کي المعلیٰ يا "المعلاة" جو قبرستان سڏيو ويندو آهي. جاهليت جي دور کان مکي جا رهاڪو پنهنجي مُردن کي اتي ئي دفن ڪندا هئا، ۽ اسلام کانپوءِ بہ اهو سلسلو جاري رهيو. نبي سائين ﷺ جا ڪيترائي ويجها عزيز هتي ئي دفن ٿيل آهن. جن ۾ سندن ڏاڏو سائين حضرت عبدالمطلب، چاچو سائين حضرت ابو طالب ۽ اُمّ المؤمنين سيده خديجة الكبريٰ ۽ سندن ننڍڙا نينگر وغيره شامل آهن. ان کانسواءِ ڪيترا صحابي سگورا ۽ تابعي وغيره بہ هتي دفن ٿيل آهن. جن جي مٿان پڪيون قبرون ٺهيل هيون ۽ ڪيترن جي مٿان تہ قبا بہ اڏايا ويا هئا. پر نجدي حڪومت اچڻ کانپوءِ انهن قبن ۽ پڪين قبرن کي ڊاهي انهن جا نشان باقي بچايا ويا. پر هاڻي اتي کابہ پڪي قبر يا قبو وغيره موجود نہ آهي. گذريل صديءَ جي آخر ۾ تہ بنو هاشم وارن جي قبرن جي چوڌاري هڪ پڪي ديوار ڏيئي ان ۾ لوهي دروازو لڳايو ويو هو. بعد ۾ ان لوهي دروازي کي بہ ويلڊنگ ذريعي بند ڪيو ويو آهي تہ جيئن ماڻهو انهن قبرن تائين پهچي نہ سگهن.

("جزيرة العرب" مولانا محمد رابع ندوي ص ٢٢٨ . "ارض القرآن" محمد عاصم ص ١٥٦)

Marfat.com

قبر اڃان تائين موجود آهي. ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن کين پاڻ قبر ۾ لاٿو، باقي جنازي نماز نه پڙهي ويئي ڇو جو ان وقت تائين جنازي نماز پڙهڻ جو حڪم نازل نه ٿيو هو. هڪ پي روايت ۾ هن بيبي سڳوريءَ جي وفات جي تاريخ ڏهين رمضان سن ڏهه نبوي ٻڌائي ويئي آهي. حضرت ابوطالب ۽ بيبي خَدِيْجَةُ الْكُبْرىٰ رضه جي هڪ ٻئي پٺيان وفات رسول الله ﷺ جي دل کي ڏاڍو ڏک رسايو. جنهن ڪري پاڻ بيحد غمگين ٿي پيا ۽ پوءِ ستت ئي پاڻ سڳورا ﷺ طائف ڏانهن اسهيا. جنهن جو تفصيل هن ئي فصل ۾ اڳتي ڏنو ويو آهي.

حضرت سَوْدَه رضه سان نڪاح

* هن سال شوال جي مهيني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو نڪاح "سَوْدَه بنت زَمَعَه" (١) سان ٿيو. سيده خَدِيْجَةُ الْكُبْرىٰ رضه جي وفات کانپوءِ حضرت سَوْدَه پهرين عورت آهي، جيڪا رسول الله ﷺ جن جي نڪاح ۾ آئي ۽ مديني ڏانهن هجرت ڪرڻ وقت فقط اهائي گهرواري ساڻن گڏ هئي. بيبي عائشه رضه

---

(١) ام المؤمنين سوده بنت زمعه بن قيس بن عبد شمس جو تعلق قريش قبيلي جي شاخ بنو عامر سان هو ۽ سندس امڙ جو نالو شموس بنت قيس بن عمرو بن زيد ٻڌايو ويو آهي، جنهن جو نسبي تعلق بنو نجار وارن سان هو. حضرت سوده رضه جي امڙ شموس وري سگ ۾ حضرت عبدالمطلب جي ماروٽ هئي. حضرت سوده رضه جي شادي اسلام کان اڳ پنهنجي سؤٽ سڪران بن عمرو بن عبد شمس سان ڪرائي ويئي. سوده رضه کي شروعات کان وٺي الله تعالىٰ سڀين خصلتن سان نوازيو هو. انڪري دين جي دعوت هن اوائلي دور ۾ ئي قبول ڪئي هئي، ۽ ان سان گڏ سندس گهر وارو سڪران به مسلمان ٿيو هو. ڪافرن جي ظلم ۽ زيادتين کان تنگ ٿي ٻين مسلمانن سان گڏ حضرت سوده ۽ سندس مڙس سڪران به حبش ڏانهن ٻي هجرت ڪرڻ واري قافلي ۾ شامل ٿيا، جتي ڪجهه عرصو گذاري هو جڏهن مڪي موٽي آيا ته اتي سڪران بن عَمرو بيمار ٿي پيو ۽ ابن اسحاق جي روايت مطابق گذاري ويو، جڏهن ته ابو عبيده ۽ ابن حزم جو خيال آهي نه هو حبش ۾ ئي گذاري ويو هو. بلاذري جي خيال مطابق پهريون قول صحيح آهي. بهرحال حضرت سوده رضه هاڻي بيوه ٿي پيئي.

ام المؤمنين سيده خديجة الكبريٰ جي وفات کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو گهر به اڪيلو ٿي پيو هو. ٻارن جي نظرداريءَ لاءِ گهر ۾ ڪا عورت موجود نه هئي، جيتوڻيڪ پاڙي اوڙي جون عورتون اڇي سندن پرگهور لهنديون هيون پر پوءِ به گهر ۾ ٻارن لاءِ هڪ مستقل عورت جي ضرورت محسوس پئي ٿي. اهو ڏسي مشهور صحابي حضرت عثمان بن مظعون جي گهرواري حضرت خولہ بنت حڪيم هڪ دفعي نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ ٻي شاديءَ لاءِ تجويز ڏني ۽ ان لاءِ حضرت ابوبڪر صديق جي نياڻي سيده عائشه ۽ حبش کان آيل مهاجرن مان بيبي سوده بنت زمعه جا نالا پيش ڪيائين. پاڻ سڳورن ﷺ اهڙي تجويز پسند فرمائي ۽ پوءِ حضرت خولہ پاڻ ئي اهو پيغام پهريان زمعه بن قيس ڏانهن حضرت سوده جي سگ لاءِ ڪٽي ويئي، ڇو ته هيءَ بيبي سڳوري پڪي عمر جي هئي ۽ ٻارن جي سار سنڀال لاءِ گهر ۾ اهڙي ئي عورت جي ضرورت هئي. حضرت سوده ۽ سندس پيءُ زمعه بن قيس ته اهو پيغام خوشيءَ سان قبول ڪيو پر سندس پٽ عبدالله بن زمعه کي اها ڳالهه اصل نه آئڙي، ڇو ته هو ان وقت تائين اڃان پنهنجي ڪفر تي قائم هو. بهرحال ڪجهه ئي ڏينهن ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جو ٻيو نڪاح حضرت سوده رضه سان ٿيو، جنهن جو خطبو زمعه بن قيس پاڻ

Marfat.com

پڑهيو ۽ پوءِ حضرت سوده سرور عالم ﷺ جن جي خدمت ۾ گهرڏياڻي ٿي آئي. ان وقت سندس عمر ٽيهن سالن کان مٿي هئي، اهو نڪاح هجرت کان ٻه ورهيه اڳ رمضان جي مهيني ۾ ٿيو. هن موقعي تي سندس ياءُ عبدالله مٿي ۾ مٽي وجهي پنهنجي ڏک ۽ غم جو اظهار ڪيو پر پوءِ هو جڏهن مسلمان ٿيو ته پنهنجي ان حرڪت تي هر وقت پشيمانيءَ ۽ شرمساريءَ جو اظهار ڪندو هو.

حضرت سوده رضه جڏهن سرور عالم ﷺ جن جي گهر ۾ آئي ته هوءَ باشعور هئي ۽ ڪيس ان ڳالهه جو پوريءَ طرح احساس هو ته هوءَ هاڻي ڪنهن عام ماڻهوءَ جي زال نه پر ام المؤمنين ٿي چڪي آهي، ۽ قدرت ڪيس نبي ﷺ جن جي گهر جو نگران بڻايو آهي. ان ڪري هوءَ هڪ طرف اها ڪوشش ڪندي هئي ته ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي خدمت ۾ ڪائنس ڪا ڪوتاهي نه ٿئي ته ٻئي طرف وري گهر ۾ موجود نياڻيون توڙي ننڍڙو علي هر لحاظ کان ڪائنس مطمئن رهن، جنهن لاءِ هوءَ سندن ڪاڏي پيتي، لٽي ڪپڙي توڙي تربيت طرف گهٽي توجه ڏيندي هئي، انهيءَ سببان پاڻ سڳورا ﷺ ڪائنس مطمئن رهندا هئا.

شروعات ۾ ته حضرت سوده رضه جو گهٽو وقت گهر جي ڪم ڪار ۽ هارن جي سنڀال ۾ گذرندو هو پر جڏهن هار وڌا ٿيا ويا ۽ گهر ۾ ٻيون بيبيون سڳوريون به آيون ته پوءِ هوءَ اڪثر وقت عبادت ۾ گذاريندي هئي، خير خيرات جو جذبو به سندس طبيعت ۾ موجود هو، انڪري جيڪي به وٽس ايندو هو دل کولي الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندي هئي.

نبي انور ﷺ جن جي صحبت ۾ حضرت سوده رضه کي هارهن ورهين کان به وڌيڪ وقت گذارڻ جي سعادت حاصل رهي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال کانپوءِ هن بيبي سڳوريءَ ڪڏهن به گهر کان ٻاهر پير نه پاتو، ايتري قدر جو ڪڏهن حج يا عمري تي هلڻ لاءِ ڪيس چيو ويو ته فرمايائين: "مون ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن جي رفاقت ۾ حج ۽ عمره ادا ڪيو آهي ۽ هاڻي انهن جي ئي حڪم مطابق گهر کان ٻاهر نه نڪرنديس."

حضرت سوده کي پاڻ ڪريمن ﷺ مان ڪوبه اولاد ڪونه ٿيو، البت پهرين مڙس سڪران مان ڪيس عبدالرحمان نالي هڪ پٽ ڄائو هو، جنهن حضرت عمر رضه جي دور ۾ "جلولاءِ" واري جنگ ۾ شهادت ماڻي.

بلاذريءَ جي روايت موجب حضرت سوده رضه به حضرت فاروق رضه جي خلافت جي آخري دور ۾ سن ٢٢ هجريءَ ڌاري مدينه ۾ گذاري ويئي. جڏهن ته ابن سعد جي روايت آهي ته هن سن ۵۴ هجريءَ جي شوال مهيني ۾ امير معاويه جي دور حڪومت ۾ وفات ڪئي. هڪ ٻي روايت ۾ وري ٻڌايو ويو آهي ته سيدنا عثمان جي دور خلافت ۾ هن ٨٠ ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. والله اعلم. حضرت سوده کان نبي ڪريم ﷺ جن جون پنج حديثون روايت ٿيل آهن.

(ازواج النبي ﷺ والولاده "ابوعبيده" ص ٦٢ ـ ٦١. اسد الغابه "ابن الاثير" ج ٧ ص ١٧۴ ـ ١٧٣. ازواج النبي ﷺ، شامي ص ١٨٠ ـ ١٧٣. الاصابه "ابن حجر" ج ۴ ص ٣٣٩ ـ ٣٣٨. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ۴٢٢ ـ ۴٢١. الاشاره "مغلطاي" ص ١٣٣ ـ ١٣٢. العقد الثمين "فاسي" ج ٦ ص ۴٠٠ . المحبر" ابن حبيب ص ٨٠ ـ ٧٩. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣٩٣. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ١ ص ۵۵. سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ٣ ص ۵١۵ ـ ۵١٣.)

Marfat.com

سان جيتوٽيڪ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو نڪاح ٿي چڪو هو پر رخصتي اڃان نه ٿي هئي. (١)

حضرت عَائِشَہ رضہ سان نڪاح

* هن ئي سال رسول رحمت ﷺ جن جو نڪاح ام المؤمنين عَائِشَہ بنت اَبُوبَکر صِدِيق رضہ سان ٿيو. ان وقت بيبي سائنڀ جي ڄمار ڇهه ورهيه هئي. هي نڪاح شوال سن ١٠ نبويءَ ڏاري ٿيو، ۽ رخصتي وري نڪاح کان ٿي ورهيه پوءِ شوال جي ئي مهيني ۾ هجرت جي پهرين سال مديني شريف ۾ ٿي. ان وقت سيده عَائِشَہ رضہ نون ورهين جي هئي، ۽ نبي اڪرم ﷺ سان سندن سات به نَوَ ورهيه قائم رهيو، جڏهن ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن هن جهان مان موڪلايو تڏهن بيبي سائنڀ رضہ جي عمر اڑڻهن ورهيه هئي. (٢) سندن ڄمڻ جو سن چوٽين نبوي آهي، جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي.

طائف ڏانهن روانگي

* هن سال شوال مهيني جي ٢٧ تاريخ رسول الله ﷺ جن طائف (٣) ڏانهن روانا ٿيا. پاڻ سڳورا ﷺ اتي پهچي سپ ڪان پهريان "ثَقِيف" قبيلي وارن سان مليا ۽ کين دين جي دعوت ڏيندي

---

(١) حضرت سوده رضہ ۽ حضرت عائشہ رضہ جي نڪاح بابت سيرت نگارن ۾ اختلاف آهي ته ڪهڙي بيبي صاحبہ جو نڪاح پهريان ٿيو. ان مان اڪثريت جي راءِ اها آهي ته سيده سوده رضہ جو نڪاح اڳ ٿيو ۽ چار سؤ درهم حق مهر مقرر ڪيو ويو. شرح مواهب. زرقاني ج ٣ ص ٢٩٧.

(٢) "سيرة ابن اسحاق" ص ٢٣٩.

(٣) مڪي جي ڏکڻ اوپر ۾ اٽڪل ڏيڍ ڪلاڪ جي فاصلي تي طائف جو تاريخي ۽ خوبصورت شهر "السراة" واري جابلو سلسلي جي هڪ پوئي تي آباد آهي، جنهن جي اوچائي ساموندي سطح کان اٽڪل پنج هزار فوٽ ٿيندي. انڪري اونهاري ۾ هتان جي موسم وٽندڙ هوندي آهي جڏهن ته سياري ۾ ايتري ٿڌ پوندي آهي جو پاڻي ڄمي وڃي ٿو.

مڪي کان طائف پهچڻ لاءِ هاڻي بهترين روڊ موجود آهي جيڪو ڪنهن حد تائين ور وڪڙ آهي انڪري گاڏي هلائڻ واري کي احتياط کان ڪم وٺڻو پوي ٿو. باقي ان روڊ کانپوءِ طائف جو مفاصلو مڪي کان پنجونجاهه ميل يا اٺانوي ڪلوميٽر بچيو آهي، جيڪو منيٰ ۽ عرفات کان ٿيندو نڪري ٿو.

محققن جو چوڻ آهي ته ان رستي کان ئي سيد الانبياء ﷺ جن نبوت جي ڏهين سال يا ٦١٩ ع ڏاري تبليغ لاءِ طائف جو سفر ڪيو هو، هن سفر ۾ سندن جانثار صحابي حضرت زيد بن حارثہ به ساڻن گڏ هو.

طائف ۽ مڪي جو ماضيءَ ڪان وٺي پاڻ ۾ گهرو ۽ گهاٽو تعلق رهيو آهي جنهن ڪري تاريخ ۾ هن ٻنهي شهرن کي جاڙا شهر به سڏيو ويندو هو ۽ خدا تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ هن ٻنهي شهرن کي "قريتين" سڏيو آهي.

وٽندڙ آبهوا، ٻلي زمين ۽ گهٽي پاڻيءَ سبب هتي هر قسم جا ميوا ، پاڇيون ۽ اناج ڪانسواءِ عمارتي ڪاٺ به جهجهي تعداد ۾ ٿيندو آهي. انڪري اسلام کان اڳ به هن شهر کي تجارتي، زرعي توڙي مذهبي حوالي سان وڏي حيثيت حاصل هئي. مذهبي انڪري جو هتي مشهور بت "لات" جو وڏو بت خانو به موجود هو، الهندي عرب جا اڪثر هلندڙ

Marfat.com

ماڻهو ڪعبي جي بدران عبادت لاءِ هتي حاضري پريندا هئا. مڪي جي خوش حال واپارين کي هن شهر ۾ پنهنجيون رهڻ جون جايون ۽ هوندیون هيون جتي هو اونهارو گذارڻ لاءِ پنهنجي هارن ڇڻ سميت اچي رهندا هئا. انڪري مڪي ۽ طائف وارن جو پاڻ ۾ نه فقط ڪاروباري تعلق هو پر هن جون پاڻ ۾ مٽيون مائٽيون ۽ هيون. خاص طور بنوهاشم ۽ بنو اميه وارن جون. اهوئي سبب هو جو اسلام جي ابتدائي دور ۾ سرور عالم ﷺ جن اسلام جي تبليغ لاءِ هتي آيا هئا ته جيئن هو بنو ثقيف ۽ بنو عبدياليل تائين دين جي دعوت پهچائين، جن سان سندن ناناڻو رشتو قائم هو پر هن پاڻ سڳورن ﷺ جن کي ڏاڍي ڏکي موٽ ڏني.

اسلام ڪانپوءِ ۽ جڏهن مڪي جي مشرڪن سان مديني جي مسلمانن جا دوبدو مقابلا ٿيا ته طائف وارن هميشه مڪي وارن جي ئي طرفداري ۽ تائيد ڪئي. احد، احزاب، توڙي حنين وغيره جي معرڪن ۾ طائف جا فوجي دستا مشرڪن سان گڏجي عملي طور مسلمانن سان مقابلا ڪندا رهيا.

مڪي جي فتح واري خبر طائف وارن کي روحاني تڪليف پهچائي ڇوته مڪي جو شهر، طائف وارن جي لاءِ وڏي ۾ وڏي تجارتي منڊي هئي، جتي حج جي موقعي تي خصوصاً ۽ عام موقعن تي عموماً وڏي تعداد ۾ سندن مال نيڪال ٿيندو هو جنهن ۾ زرعي پيداوار کانسواءِ ڪاٺ جو سامان، جانورن جون ڪلون ۽ انهن مان ٺهيل چادرون، انگور جو شراب وغيره شامل هو، جنهن سبب هنن سمجهيو ته اها منڊي هاڻي سندن هٿن مان نڪري ويندي انڪري هو مسلمانن کي هميشه پنهنجو دشمن سمجهندا هئا.

نالي پوڻ جو سبب: - تاريخ ۾ هن شهر جو ذڪر قديم دور کان ملي ٿو جيئن ته آڳاٽي زماني کان هتي "وج" نالي هڪ واهه وهندڙ هو انڪري هن جاءِ کي وج جي نالي پٺيان ئي ڄاتو ويندو هو پر جڏهن هن شهر جي چوڌاري هڪ عاليشان عالم پناهه ڏياري ويئي جنهن کي عربي زبان ۾ "طائف" سڏيو ويندو آهي ته ان کانپوءِ هن شهر تي اهو نالو پٺجي ويو.

ان عالم پناهه (فصيل) جي اها خصوصيت هئي ته جڏهن به ان جا سمورا دروازا بند ڪيا ويندا هئا ته ان کانپوءِ کوبه ٻاهريون ماڻهو هن شهر اندر داخل ٿي نه سگهندو هو. ان فصيل بابت مؤرخن جو قول آهي ته هڪ دفعي کو ايران جو حاڪم هڪ طائف جي واپاري کان ڏاڍو راضي ٿيو ۽ کيس چيائين ته هن موقعي تي هو جيڪي ڪجهه گهرندو اهو سندس حوالي ڪيو ويندو اهو ٻڌي ان واپاريءَ عرض ڪيو ته کو قابل انجنيئر ساڻس گڏ روانو ڪيو وڃي جيڪو اتي پهچي سندس اباڻي شهر جي چوڌاري هڪ مضبوط کوٽ تعمير ڪري ۽ پوءِ ان ايراني انجنيئر پنهنجي بي پناهه صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي هي کوٽ جوڙيو. جڏهن ته "علامه سهيلي" جو قول آهي ته هي فصيل يمني ڪاريگرن تعمير ڪئي هئي. والله اعلم.

سن ائين هجريءَ ڌاري جڏهن مسلمانن سرور ڪائنات ﷺ جن جي قيادت ۾ طائف تي چڑهائي ڪئي ته ان موقعي تي به طائف وارن ان کوٽ جا دروازا بند ڪري ڇڏيا جنهن سبب مسلمان شهر ۾ داخل ٿي نه سگهيا ۽ شهر جي ٻاهران گهيرو ڪري ويهي رهيا. هن سفر ۾ سيد عالم ﷺ جن سان به بيبيون سڳوريون سيده ام سلمٰي ۽ سيده زينب بنت جحش ساڻ هيون ۽ ان فصيل سان لڳ ٻنهي امهات المؤمنين، جا خيما ڌار ڌار لڳايا ويا هئا. نماز جي وقت پاڻ سڳورا ﷺ انهن ٻنهي خيمن جي وچ تي نماز ادا ڪندا هئا بعد ۾ ان جاءِ تي هڪ مسجد جوڙائي ويئي.

Marfat.com

فرمايائون تہ "اهي ڪافرن جي مقابلي ۾ مسلمانن جو ساٿ ڏين ۽ سندن دين (اسلام) جي تائيد ۽ حمايت ڪن." رسول رحمت ﷺ جن ان سلسلي ۾ سڄا سارا ٢٦ ڏينهن طائف ۾ ترسيا. پر اتان جي رهواسين سندن ڪا مدد يا حمايت تہ نہ ڪئي پر الٽو ڪين ستايو ۽ تڪليفون پهچايائون. اتان جا ٽي ڇڪا مڙس جن جا نالا عَبْد يَالِيْل، حَبِيْب ۽ مَسْعُوْد ٻڌايا ويا آهن. جيڪي ٽيئي پاڻ ۾ پائر ۽ اتان جي هڪ سردار عُمَر بن عُبَيْد جا پٽ هئا. انهن هن دعوت جي موٽ ۾ رسول خدا ﷺ جن کي جيڪو جواب ڏنو. ان کي الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي.

جنهن جو بنياد عمرو بن اُميہ بن وهب ثقفيءَ طرفان رکيو ويو. ان ڪانپوءِ وري ترڪن هن مسجد جي تعمير ۽ توسيع ڪرائي. شهر جي آبادي وڌڻ ڪانپوءِ اها مسجد هاڻي شهر جي وچ ۾ اچي ويئي آهي ۽ ان کي طائف جي مرڪزي جامع مسجد شمار ڪيو ويندو آهي. موجوده عمارت سعودي حڪمرانن طرفان تيار ڪرائي ويئي آهي.

سن ٦٨ الهٰ هجريءَ ڌاري پاڻ ڪريمن ﷺ جو صحابي ۽ سوٽ سيدنا عبدالله ابن عباس جڏهن طائف ۾ گذاري ويو تہ ڪيس ان مسجد جي ٻر ۾ ڪاهي پاسي ڪان دفن ڪيو ويو هاڻي ان قبر مبارڪ جي مٿان حجرو ٺهيل آهي جنهن جي سبب هن مسجد جو نالو بہ "مسجد ابن عباس" آهي. ترڪن جي دور ۾ هت هڪ عاليشان ڪتب خانو بہ تعمير ڪيو ويو هو، جنهن ۾ تمام نادر قلمي مسودا موجود هئا پر هاڻي صورت حال اها ساڳي نہ رهي آهي.

سن الونجاهہ هجريءَ ڌاري طائف جي ٻر ۾ امير معاويہ هڪ وڏو تلاءُ تعمير ڪرايو جنهن جي مٿان هڪ ڪتبو بہ لڳايو ويو، جيڪو عربي زبان جي قديم ڪتبن ۾ شمار ٿيندو آهي. شهر جي چوڌاري هاڻي جنهن فصيل جا نشان موجود آهن اها تہ ترڪن جي دور ۾ تعمير ڪئي ويئي هئي پر ڪن ماهرن جو قول آهي تہ اها فصيل ان قديم فصيل جي بنيادن تي ئي ٺاهي ويئي هوندي. ان فصيل جي ٻاهران قبرستان بہ آهي جتي اهي ٻارهن صحابي سڳورا دفن آهن جيڪي هن غزوه جي دوران ان وقت شهيد ٿيا هئا جڏهن ڪافرن طرفان فصيل جي اندران مسلمانن مٿان تيرن جو مينهن وسايو ويو. بعد ۾ مشهور صحابي ۽ ڪاتب وحي حضرت زيد بن ثابت رضہ کي بہ ان ساڳي قبرستان ۾ دفنايو ويو هو.

طائف وارا جڏهن مسلمان ٿيا تڏهن هنن چيو تہ هو اتان جو بت خانو پاڻ پنهنجي هٿن سان نہ ڊاهيندا، انڪري سيدالانبياء ﷺ جن حضرت مغيره بن شُعْبَہ ۽ حضرت ابوسفيان کي ان مهم لاءِ موڪليو، جن طائف جي ان قديم بت خاني کي بہ ڊاڙو تہ لات جي بت کي بہ ڀڃي ٽڪر ٽڪر ڪيائون. موجوده دور ۾ طائف اندر جيڪو عاليشان Guest House موجود آهي ان لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو ان بت خاني واري جاءِ تي ئي ٺهيل آهي.

هاڻي طائف جو شهر تمام وڏي ويو آهي ۽ ان جو شمار سعودي سلطنت جي ترقي يافتہ شهرن ۾ ٿئي ٿو، ڇوتہ اونهاري ۾ مڪي توڙي آسپاس وارن شهرن جا مالدار ماڻهو ۽ سرڪاري آفيسر وغيره طائف ۾ اچي رهن ٿا جنهنڪري هي شهر ڏينهون ڏينهن آبادي ۽ ترقيءَ جي لحاظ کان وڌندو رهي ٿو، جنهنڪري آبادي ان فصيل کان گهڻو ٻاهر تائين نڪري آئي آهي. هتي عاليشان بنگلا ۽ هوٽل، ڪشادا روڊ ۽ تمام جديد شاپنگ سينٽر ٺهي ويا آهن جتي هر قسم جو سامان آسانيءَ سان ملي سگهي ٿو.

گرميءَ جي موسم ۾ سعودي عرب جي سياحت کرڻ وارا غير ملڪي سياح بہ هتي نظر ايندا آهن.

دائرة المعارف (اردو) ج ١٢ ص ٣٩٧ ـ ٣٩٣. معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ۴ ص ١٢ ـ ٨. "المواهب اللدنيہ" "قسطلاني" ج ١ ص ٦١٠ ـ ٦٠٨. المعجم ماستعجم بكري ج ٣ ص ١٥٥. جزيرة العرب محمد رابع ندوي ص ٢٦١ ـ ٢٥٩. الدرر ابن عبدالبر ص ٢٢٩ ـ ٢٢٨.

Marfat.com

لَوْلَا نُزِّلَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ عَلٰى رَجُلٍ مِّنَ الْقَرْيَتَيْنِ عَظِيْمٍ. (١)

"ء هي قرآن هنن ٻن آبادين مان کنهن وڏي ماڻهوءَ مٿان ڇو نہ نازل ڪيو ويو."

انهن ٻن ماڻهن مان هنن جي مراد هئي، مڪي جو سردار وَلِيْد بن مُغِيْرَه مَخْزُوْمِي ۽ ٻيو طائف جو ڇڪو مڙس عُرْوَه بن مَسْعُوْد ثَقَفِيّ. خدا تعاليٰ سندن ان سوال کي رد ڪندي فرمايو: "اَهُمْ يَقْسِمُوْنَ رَحْمَتَ رَبِّكَ" (٢) ڇا اهي اوهان جي رب جي رحمت کي ورهائڻ گهرن ٿا."

رسول خدا صلی الله علیه وسلم جن طائف وارن هٿان ڏکويل ۽ ستايل حالت ۾ مڪي ڏانهن واپس اچي رهيا هئا، تہ رستي ۾ جبرئيل امين نازل ٿيو، جنهن سان جبلن جو فرشتو (ملك الجبال) بہ ساڻ هو. جنهن ان موقعي تي عرض ڪيو: "اي خدا جا رسول صلی الله علیه وسلم، جي اوهان موڪل ڏيو تہ هنن ٻن جبلن (٣) کي پاڻ ۾ ملائي انهن جي وچ ۾ سيني مشرڪن کي چيپاٽي ڇڏيان، تہ جيئن انهن منجهان ڪو بہ باقي نہ بچي." رحمت للعالمين صلی الله علیه وسلم وراڻيو: "نہ، مونکي اميد آهي تہ انهن منجهان نہ، تہ سندن پوين منجهان اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا، جيڪي خدا جي هيڪڙائيءَ ۾ ويساهہ رکندڙ هوندا ۽ ان سان گڏ ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪندا." (٤)

جنن جي وفد جو نبي ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جي خدمت ۾ اچڻ

هن سال رسول خدا صلی الله علیه وسلم طائف کان مڪي ڏانهن موٽندي رستي ۾ "نخله" نالي هڪ ڳوٺ ۾ منزل ڪئي. هي ڳوٺ مڪي کان هڪ ڏينهن جي مفاصلي تي آهي. ان وچ ۾ شام جي شهر "نَصِيْبِيْن" (٥) کان ستن جنن جو هڪ وفد اتي پهتو. ان کانپوءِ رسول رحمت صلی الله علیه وسلم جڏهن پنهنجي

---

(١) سورة الزخرف ٤٣، پاره ٢٥ آيت ٣١.

(٢) سورة الزخرف ٤٣، پاره ٢٥ آيت ٣٢.

(٣) قسطلاني شرح بخاري ۾ لکيو آهي تہ انهن ٻن جبلن مان مراد آهي "جبل ابوقيس" ۽ قعيقعان، المواهب اللدنيہ، قسطلاني ح ١ ص ٢٦٨.

(٤) صحيح بخاري ج ١ ص ٤٥٨، صحيح مسلم ج ١ ص ١٠٩، سيرة ابن هشام ج ٢ ص ٦٢/ ٦٠ الروض الانف "سُهيلي" ج ٢ ص ١٧٧/٧٨، عيون الاثر، ابن سيد الناس ج١ ص ٢٣٤.

(٥) نصيبين عراق جو هڪ قديم ۽ عظيم شهر جيڪو "هرماس" نديءَ جي ڪناري حيرة ۽ شام جي وچ تي آباد هو. هي شهر ايترو تہ آڳاٽو آهي جو آشوري دور ۾ بہ هن جو ذڪر ملي ٿو. ماضيءَ ۾ جيڪي بہ "سيّاحَ" هن علائقي ۾ آيا انهن سيني هن شهر جي عظمت ۽ اهميت جو اعتراف ڪيو آهي. هن شهر جي عاليشان عمارتن، خوبصورت باغن پُر رونق بازارن سان گڏ شهر جي پرڪشش جامع مسجد جو ذڪر بہ المقدسي، ابن جبير اندلسي توڙي ان بطوطہ جي سفرنامن ۾ موجود آهي. چيو وڃي ٿو تہ ساوڪ ۽ شادابيءَ جي لحاظ کان بہ هن شهر جو مثال ان دور ۾ ملڻ مشڪل هو، چوجو هتي اٽڪل چوڏهن هزار باغ ۽ باغيچا موجود هئا جن جي وسيلي هڪ طرف تہ هر موسم آهر قسمين قسمين جا گل ۽ ميوا بہ ملندا هئا تہ ٻئي طرف وري شهر جي زيب ۽ زينت ۾ بہ اضافو ٿيندو هو.

Marfat.com

صحابين سان گڏجي صبح جي نماز ادا ڪئي، ۽ نماز ۾ جيڪا قرآن مجيد جي تلاوت ڪيائون انهن جنن ان کي وڏي ڏيان سان ٻڌو. (۱) ان واقعي جو ذڪر خدا تعاليٰ قرآن مجيد جي هن آيت ۾ ڪيو آهي:

وَاِذْ صَرَفْنَآ اِلَيْكَ نَفَرًا مِّنَ الْجِنِّ يَسْتَمِعُوْنَ الْقُرْاٰنَ. (۲)

روايت آهي ته ان نماز جي پهرين رڪعت ۾ سورة الرحمان ۽ بي رڪعت ۾ "سورة الجن" يا "اقراء" مان ڪا هڪ سورة تلاوت ڪئي ويئي. نماز ڪانپوءِ "جن" خدا جي سچي رسول ﷺ سان ملياڻ ۽ سندن اڏو اسلام قبول ڪيائون. ان ڪانپوءِ هو پنهنجي قوم وارن تائين ان پيغام کي پهچائڻ جو رادو ڪري وطن واپس وريا. جيئن قرآن شريف ۾ ذڪر ٿيل آهي:

فَلَمَّا قُضِيَ وَلَّوْا اِلٰى قَوْمِهِمْ مُّنْذِرِيْنَ. (۳)

هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته معراج واري سفر ۾ نبي انور ﷺ جن جڏهن نصيبين جي شهر متان لنگهيا تڏهن هن شهر جو نظارو ڪندي جبرئيل کان پڇيائون ته "هي ڪهڙو شهر آهي؟"

جواب ۾ جبرئيل ٻڌايو "سائين ﷺ هي نصيبين جو شهر آهي."

اهو ٻڌي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن فرمايو "الله ڪندو ته جلدي مسلمان هن شهر کي فتح ڪندا ۽ هتان جون برڪتون کين حاصل ٿيندیون."

پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي اها دعا قبول فرمائي. ۽ جڏهن "عياض بن غنم" نصيبين تي ڪاهه ڪئي ته هتان جا ماڻهو صلح تي راضي ٿي ويا ۽ بغير ڪنهن نقصان جي هي شهر اسلامي سلطنت جو حصو بڻجي ويو.

نصيبين جي شهر کي خدا تعاليٰ جتي ايترين خوبين سان نوازيو هو اتي هن شهر سان هڪ وڏي ويڏن اها هئي جو هتي نهايت خطرناڪ قسم جا زهريلا وڇون تمام گهڻي تعداد ۾ موجود هوندا هئا. جيڪو هتان جي شهر واسين لاءِ هڪ مستقل آزار هو. اهي وڇون اڪثر رات جو نڪرندا هئا ۽ ماڻهن کي ڏنگيندا هئا.

اسلامي دور ۾ به ڪافي مسلمانن انهن وڇن جا ڏنگ ڪاڏا ايتري قدر جو ان دور جي گورنر وقت جي حاڪم امير معاويه ڏانهن اها شڪايت لکي موڪلي. جنهن جي جواب ۾ گورنر کي لکيو ويو ته "شهر جا ماڻهو هر رات ڪوشش وٹي ڪجهه وڇن کي ماري پوءِ ان جاءِ تي رکن جتان وڇون نڪرندا آهن پوءِ اهي جيئرا وڇون جڏهن ٻاهر نڪرندا ته انهن مٿل وڇن کي کائڻ شروع ڪندا ۽ پوءِ اهي پاڻ به مري ويندا. ان ترڪيب سان پوءِ اهو آزار ختم ٿيو ۽ شهرواسين سک جو ساه ڪنيو.

معجم البلدان "ياقوت حموي" جلد ۵ صفحو ۲۸۹-۲۸۸. المعجم مااستعجم "بڪري" ج ۴ ص ۱۳۱۰. "دائرة المعارف" اردو ج ۲۲ ص ۳۳۹ کان ۳۳۷.

(۱) صحيح مسلم ج ۲ ص ۳۶، صحيح بخاري ج ۱ ص ۴۵۸، سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۶۳

(۲) سورة الاحقاف ۴۶، پاره ۲۶ آيت ۲۹.

(۳) سورة الاحقاف ۴۶، پاره ۲۶ آيت ۲۹.

Marfat.com

يا وري پي هنڌ خدا تعاليٰ فرمايو آهي:

"اِنَّا سَمِعْنَا قُرْاٰنًا عَجَبًا • يَّهْدِیْٓ اِلَى الرُّشْدِ فَاٰمَنَّا بِهٖ وَلَنْ نُّشْرِكَ بِرَبِّنَآ اَحَدًا. (١)

"كتاب آكام المرجان" (٢) واري لكيو آهي تہ مكي ۽ مديني ۾ جنن جا مختلف وفد ڇهہ ڀيرا جدا جدا وقتن تي پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ٿيا. (٣)

"شامي" پنهنجي سيرت ۾ انهن وفدن ۾ شامل جنن جي تعداد بابت ٻڌائي ٿو تہ پهريون دفعي انهن جو تعداد ست يا نَوَ هو، ٻئي دفعي واري وفد ۾ وري ست جن هئا ۽ ان ڪانپوءِ ٣٠٠ جنن جي جماعت حاضر ٿي ۽ هڪ ڀيري تہ سندن جماعت ۾ ٻارهن هزار جن شامل هئا. (٤) "شرح علي مواهب" ۾ زرقاني لکيو آهي تہ سرور ڪائنات صلی الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ جنن جو پهريون وفد تہ نبوت عطا ٿيڻ ڪانپوءِ ستت ئي حاضر ٿيو. هي ان وقت جي ڳالهہ آهي، جڏهن انهن ڪي عرش تي وڃڻ کان روڪڻ لاءِ ڪين "شهاب ثاقب" ذريعي پڇائڻ جو سلسلو شروع ٿيو هو. (٥)

دعاءِ طائف

هن سال طائف کان واپسيءَ تي پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن اها دعا گهري جيڪا "دعاءِطائف" جي نالي سان مشهور آهي. پاڻ پهريان ٻہ رڪعتون نماز پڙهيائون ۽ پوءِ اها دعا گهريائون.

اَللّٰهُمَّ اِلَيْكَ اَشْكُوْ ضُعْفَ قُوَّتِیْ وَقِلَّةَ حِيْلَتِیْ وَهَوَانِیْ عَلَى النَّاسِ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ وَاَنْتَ رَبُّ الْمُسْتَضْعَفِيْنَ اِلٰى مَنْ تَكِلُنِی؟ اِلٰى عَدُوٍّ بَعِيْدٍ يَّتَجَهَّمُنِیْٓ اَمْ اِلٰى صَدِيْقٍ قَرِيْبٍ مَلَكْتَهٗ اَمْرِیْ؟ اِنْ لَّمْ تَكُنْ عَلَیَّ غَضْبَانًا فَلَا

---

(١) سورة الجن ٧٢ پاره ٢٩، آيت ١-٢.

(٢)"آكام المرجان في غرائب الاخبار واحكام الجان" نالي ڪتاب علامہ ابو عبدالله بدرالدين محمد بن عبدالله شبلي حنفي جو لکيل آهي، جنهن ۾ جنن جي باري ۾ تمام گهڻو احوال موجود آهي. هي ڪتاب اٽين صدي هجريءَ ڌاري لکيو ويو. هن ڪتاب جو مصنف محمد بن عبدالله شبلي سن ٧١٢ هـ بمطابق ١٣١٢ع ڌاري دمشق ۾ ڄائو . سندس وڏا اصل "ماوراءالنهر" جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "شبليہ" جا رهاڪو هئا، ان ڪري ڪين "شبلي" سڏيو ويندو آهي. علامہ محمد پنهنجي تعليم شام ۽ مصر جي وڏن وڏن عالمن وٽان مڪمل ڪئي. حديث ۽ فقہ ۾ هو پنهنجو مٿ پاڻ هو. ٧٥٥هـ ڌاري ڪيس طرابلس (شام) جو جج مقرر ڪيو ويو ۽ مرڻ گهڙي تائين هو ان عهدي تي ڪم ڪندو رهيو. سندس وفات جو سن ٧٦٩هـ آهي.

(الدررالكامنہ، ابن حجر عسقلاني جلد ٣ ص ٤٨٧، الاعلام زركلي جلد ٦ ص ٢٣٤)."الفوائد البهيئة في تراجم الحنفيه" عبدالحيّ لكنوي ص ١٧-١٦)

(٣) "آكام المرجان" ابوعبدالله شبلي ص ٤٦.

(٤) سبل الهدي والرشاد، شامي ج ٢ ص ٤٤٣ ـ ٤٤٥.

(٥) شرح المواهب اللدنيہ زرقاني ج١ ص ٣٠٣.

Marfat.com

اُبَالِىْ غَيْرَ اَنَّ عَافِيَتَكَ هِىَ اَوْسَعُ لِىْ، اَعُوْذُ بِنُوْرِ وَجْهِكَ الَّذِىْ اَضَآءَتْ لَهُ السَّمٰوَاتُ وَالْاَرْضُ وَاَشْرَقَتْ لَهُ الظُّلُمٰتُ وَصَلُحَ بِهٖٓ اَمْرُ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ اَنْ يُّنْزِلَ بِىْ غَضَبُكَ وَيَحِلَّ بِىْ سَخَطُكَ وَلَكَ الْعُقْبٰى حَتّٰى تَرْضٰى وَلَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِكَ. (١)

"اي الله! مان تنهنجي آڏو فرياد ڪريان ٿو، پنهنجي هيٺائيءَ جي، لاچاريءَ ۽ بيوسيءَ جي ۽ ماڻهن جي بيپرواهيءَ جي. اي ارحم الراحمين! تون هيٺن جو حامي آهين، پوءِ مونکي ڪنهن جي حوالي ڪندين؟ ان ڏاريءَ دشمن جي، جيڪو مون سان ڏاڍائي ڪري، يا اهڙي مهربان دوست جي، جنهن کي تون منهنجي معاملن جو مالڪ بڻائين، جيڪڏهن تون مون تي ڏمريل نه آهين ته پوءِ مونکي ڪنهن جي به ڪاڻ نه آهي. تنهنجي طرفان مليل سلامتي منهنجي لاءِ گهڻي آهي. مان پناهه گهران ٿو تنهنجي ذات جي ان نور جي وسيلي جنهن سان آسمان ۽ زمين جرڪي رهيا آهن، ۽ جنهن سان تون اونداهين کي روشن ڪرين ٿو. جنهن جي وسيلي، بنهي جهانن جون جوڙون جڙن ٿيون. مان ان کان به پناهه گهران ٿو، ته تنهنجو ڪو قهر يا ڏمر مون مٿان نه ڪڙڪي. توکي ريجهائڻو آهي، توکي پرچائڻو آهي، جيستائين تون پرچي پوين. بندي ۾ ڪا سگهه نه آهي پر جيتري تنهنجي طرفان مليل آهي."

---

(١) سيرة ابن هشام ج ٢ ص ٦٢-٦١، روض الانف "سُهيلي" ج ٢ ص ١٧٨، زاد المعاد "ابن قيم" جلد ٣ ص ٣٢-٣١. سبل الهدىٰ والرشاد، شامي ج ٢ ص ٤٣١. بهجة المحافل، عامري ج١ ص ١٤١.

Marfat.com

فصل يارهون

سن يارهين نبويءَ جا واقعا

عَقَبَہ جي پهرين بيعت (١)

• هن سال مدينو کان آيل حاجين "عَقَبَہ" جي ويجهو خدا جي آخري رسول ﷺ جن جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪئي. اها مدينو وارن طرفان اسلام قبول ڪرڻ جي شروعات هئي.

اهو واقعو هن ريت پيش آيو، جو مدينو کان آيل حاجي جڏهن مڪي پهتا، تڏهن "جَمَرَهْ عَقَبَہ" وٽ سندن ملاقات سرورڪائنات ﷺ جن سان ٿي. ان موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ سندن آڏو اسلام جي دعوت پهچائي. مدينو وارن ان دعوت کي قبول ڪيو ۽ اتي ئي رسول الله ﷺ جي هٿ تي ايمان جي بيعت ڪيائون. ان بيعت کي تاريخ ۾ "بيعت عقبہ" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ان بيعت ڪرڻ وارن جو تعداد هڪ قول موجب ٦ ۽ پي قول مطابق ٨ ٻڌايو ويو آهي. سندن نالا هن ريت آهن:

(١) اَبُو اُسَامَہ اَسْعَد بن زُرَارَہ خَزْرَجي رضہ، جنهن مدينو وارن مان سڀ کان پهريان اسلام قبول ڪيو ۽ عقبہ وٽ ٿيندڙ ٻنهي بيعتن ۾ بهرو ورتائين. ان کانسواءِ مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ جنهن کي مدينو ۾ پهرين جمعي نماز جي امامت جو شرف ٻہ حاصل آهي.

(٢) بَرَآء بن معرور بن صخر اَوْسِي اَشْهَلِي رضہ

(٣) مُعَاذ رضہ

(٤) مُعَوِّذ رضہ

---

(١) "بيعت" لفظ بَيعَ مان نڪتو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: "وڪرو ڪرڻ" يا "وڪٽي ڇڏڻ". عرب ۾ قديم دور کان وٺي اهو رواج عام هو تہ ٻن شخصن جي وچ ۾ ڪو معاهدو طئي ٿيندو هو تہ ٻئي ڇٽا هٿ هٿ تي رکي ان کي نيائڻ جو قول ڪندا هئا. انکي بيعت سڏيو ويندو هو، ڇو تہ ان معاهدي ذريعي هڪ ماڻهو ٻئي جي ڳالهہ کي مڃي، پاڻ کي ان جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو. ساڳيءَ ريت شرعي اعتبار کان هن لفظ جي معنيٰ آهي: "پنهنجي جان ۽ مال کي رضا رغبت سان جنت جي بدلي ۾ خدا تعالیٰ کي وڪٽي ڇڏڻ."

"عَقَبَہ" عام طرح ڪنهن ٻہ سوڙهي جابلو لڪ کي سڏيو ويندو آهي. مڪي جي جبلن ۾ ٻہ ڪيترائي اهڙا لڪ موجود هئا، جن مان سڀني کان وڌيڪ مشهور لڪ اهو آهي، جيڪو منيٰ کان مڪي ڏانهن ويندڙ رستي جي اولهندي پاسي کان آهي. هن ٽي ماڳ تي ذوالحج جي ڏهين تاريخ حاجي سڳورا شيطان کي پٿريون هڻندا آهن. جنهن کي "جمره عقبہ" ٻہ سڏيو ويندو آهي. نبي اڪرم ﷺ جن ان ماڳ تي مدينو وارن کان بيعت ورتي هئي، انڪري اها "بيعت عقبہ" جي نالي سان مشهور آهي.

"لسان العرب" ابن منظور ج ١ ص ٦٢١، الرحيق المختوم صفي الرحمن مبارڪپوري ص ٢٤٦

Marfat.com

(٥) عَوْف رضہ، هي ٽيئي حارث بن رِفَاعَہ جا پٽ هئا، ۽ سندن ماءُ جو نالو "عَفْرَاء" آهي، جنهن کري کين "بنو عفراء" جي نالي پٽيان ياد کيو وڃي ٿو.

(٦) اَبُوالْهَيْثَم بن تَيِّهَان رضہ (١)

اها بيعت، رسول خدا صلی‌الله‌علیه‌وسلم کائنئن ان ريت ورتي، جيئن عورتن کان بيعت وٺڻ جو حڪم آهي. اها بيعت هن شرطن تي ورتي ويئي: "مان اوهان کان بيعت ٿو وٺان تہ اوهان خدا سان گڏ کنهن کي بہ شريڪ نہ ڪندا، نہ چوري ڪندا، نہ زنا ۽ نہ پنهنجي ٻارن کي قتل ڪندا، ڄاڻي واڻي کنهن تي بہ بهتان نہ مڙهيندا ۽ کنهن بہ چڱي ڪم ۾ منهنجي حڪم جي ٻچڪڙي نہ ڪندا."

هاڻي جيڪڏهن انهن شرطن جي پوئواري ڪندي اوهان هن دنيا مان موڪلايو، تہ پوءِ اوهان جي لاءِ جنت آهي. پر جيڪڏهن اوهان انهن مان کنهن بہ حڪم جي پوئواري نہ ڪئي، تہ پوءِ اوهان جو فيصلو مالڪ جي مٿان ڇڏيل آهي. وٽيس تہ اوهانکي سزا ڏئي، جي وٽيس تہ اوهان کي بخشي ڇڏي. (٢)

ان موقعي تي جيئن بيعت ورتي ويئي، اڳتي هلي سن ڇهين هجري دوران "حُدَيْبِيَہ" جي موقعي تي ان ريت ئي عورتن کان بيعت وٺڻ جو حڪم نازل ٿيو. خدا جي رسول صلی‌الله‌علیه‌وسلم جن بيعت وٺڻ کانپوءِ ان موقعي تي "سورة ابراهيم" جي آخري آيتن جي **"وَاِذْ قَالَ اِبْرَاهِيْمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا الْبَلَدَ آمِنًا"** (٣) واري آيت کان وٺي سوره جي پڄاڻيءَ تائين تلاوت بہ فرمائي.

---

(١) ابوهيثم جو تعلق انصار جي مشهور قبيلي "مالڪ بن اوس" سان هو ۽ سندس نالو بہ "مالڪ" ٻڌايو ويو آهي، پر هو تاريخ ۾ پنهنجي ڪنيت "ابوهيثم" سان وڌيڪ مشهور آهي. سندس نسب جو سلسلو هن ريت آهي، مالڪ بن عتيڪ بن عمرو انصاري اوسي جيڪي بنو عبدالاشهل وارن جا ساٿاري هئا.

عقبہ واري سيني بيعتن ۾ هن بهرو ورتو ۽ ان موقعي تي جيڪي ١٢ نقيب چونڊيا ويا، انهن ۾ سندس نالو بہ شامل هو. اها روايت ابن اسحاق هن ريت بيان ڪئي آهي: "بنو عبدالاشهل" وارن مان جيڪي نقيب مقرر ڪيا ويا، انهن ۾ اُسيد بن حُضير ۽ ابوهيثم بن تيهان جا نالا شامل آهن."

هڪ دفعي ابوهيثم جي گهر دعوت جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت ابوبڪر رضہ ۽ عمر رضہ سان گڏجي ويا ۽ اتي سرور عالم ﷺ جن فرمايو تہ اڄ ڪيڏا نہ مانائتا مهمان تو وٽ آيا آهن."

ابوهيثم متعلق هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هن "غزوه بدر" ۾ بهرو ورتو ۽ ان کانپوءِ نبي اڪرم ﷺ جن جي هٿن ۾ ئي گذاري ويو. جڏهن تہ ٻي روايت ۾ وري ٻڌايو ويو آهي تہ هن غزوه بدر کانپوءِ بہ ٻين سڀني غزوات ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪافي عرصي تائين جيئرو رهيو ۽ ان کانپوءِ "جنگ صفين" جي موقعي تي هو امير المؤمنين سيدنا علي ڪرم الله وجهہ جي طرفان وڙهندي شهيد ٿي ويو. امام يافعي طرفان سندس وفات جو سال سن ويهين هجري ۽ ابن العماد حنبليءَ طرفان وري ايڪيهين هجري ٻڌايو ويو آهي. والله اعلم.

الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٣ ص ٤٥٥، الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ٢١٣، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٦ ص ٣٤٢ ـ ٣٤١. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٤ ص ٣٣٦. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ١ ص ٤٩. مرآة الجنان "يافعي" ج ١ ص ٦٦ ـ ٦٥.

(٢) سيرة ابن هشام ج ٢ ص ٧٥ الروض الانف "سُهيلي" ج ٢ ص ١٨٥، دلائل النبوة بيهقي ج ٢ ص ٤٣٦

(٣) سورة ابراهيم ١٤، پاره ١٣ آيت ٣٥

Marfat.com

فصل ٻارهون

سن ٻارهين نبويءَ جا واقعا

معراج جو واقعو

• هن سال حبيب خدا ﷺ جن کي معراج تي وڃڻ جي سعادت حاصل ٿي. هڪ صحيح قول موجب ي واقعو هجرت کان هڪ ورهيه اڳ پيش آيو. جيئن ابن سعد به نقل ڪيو آهي. (١) امام نووي ۽ ابن حزم به ان روايت جي صحيح هجڻ تي ئي زور ڏنو آهي. هڪ ضعيف روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هي اقعو هجرت کان ٽي ورهيه اڳ پيش آيو. ان کانسواءِ هڪ مشهور روايت موجب رجب جي ستاويهين اريخ جيڪا ڇنڇر يا سومر جي رات هئي، يا وري هڪ ٻي روايت مطابق رمضان شريف جي مهيني ۾ ڻ سڳورا ﷺ معراج تي ويا. (٢) هن سفر جي پهرين منزل "بيت المقدس" هئي ۽ اتان پوءِ وري سمانن ڏانهن، ايترو مٿي جيترو رب پاڪ چاهيو. يعني ان مٿانهين مقام تائين، جو الله تعاليٰ ۽ ان ي رسول ﷺ جي درميان ٻن ڪمانن جيترو فاصلو رهيو يا وري ان کان به گهٽ! ۽ پوءِ پنهنجي الٿهار طرفان کين وڏيون وڏيون نشانيون ڏيکاريون ويون. جيئن الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي.

• معراج واريءَ رات جبريل امين پاڻ سڳورن ﷺ جو سينو مبارڪ نڙگهٽ جي پاڙ کان وٺي دُن ئين چيريو ۽ پوءِ اتان سندن دل کي ڪڍي هڪ سوني ٿانوَ ۾ رکيو جيڪو زم زم جي پاڻيءَ سان ريل هو. پوءِ ان کي ڌوئي ان ۾ حڪمت، ايمان ۽ نبوت جو نُور ڀري وري ساڳيءَ جاءِ تي رکي سيني بارڪ کي سُئيءَ سان سبي ڇڏيو. (٣)

چيو وڃي ٿو ته نبي ڪريم ﷺ جن کي زندگيءَ ۾ "سيني چيرڻ" جو واقعو چار دفعا پيش آيو ۽ ي معراج واري رات چوٿون دفعو هو. ان کان اڳ پهريون ڀيرو ڄمڻ وقت، ٻيو دفعو جڏهن سندن عمر بارڪ ڏهه ورهيه هئي ۽ ٽيون ڀيرو پهرين وحيءَ جي نازل ٿيڻ وقت "غار حرا" ۾ به اهڙو واقعو پيش آيو. (۴)

---

(١) الطبقات الڪبريٰ ابن سعد ج ١ ص ٢١٣.

(٢) معراج وارو واقعو ڪهڙي سال پيش آيو؟ ان بابت روايتن ۾ اختلاف آهي. باقي سمورا راوي ان ڳالهه تي متفق ن ته هي واقعو هجرت کان اڳ مڪي شريف ۾ پيش آيو.

(٣) صحيح بخاري جلد اول ص ٥٠، صحيح مسلم جلد اول ص ٩١.
"دلائل النبوة" بيهقي جلد ٢ ص ٧.

(۴) "شامي" به پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي ته "سيني چيرڻ" جو واقعو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي زندگيءَ ۾ چار فعا پيش آيو. سندس راءِ مطابق پهريون ڀيرو هي واقعو ننڍپڻ ۾ پيش آيو، جڏهن نبي اڪرم ﷺ جن "بيبي حليمه" ٽ رهندا هئا. باقي ڀيرا اهي ساڳيا آهن، جيڪي هت ڄاڻايا ويا آهن. سيرة شامي جلد ٢ ص ٨٢-٨٦.

Marfat.com

• معراج واري رات رسول خدا ﷺ جن مڪي کان بيت المقدس تائين جنهن سواريءَ تي پهتا، اها خداتعاليٰ سندن لاءِ جنت مان موڪلي هئي ۽ ان جي رفتار ايتري تہ تيز هئي، جو جنهن حد تائين سندس نظر پئي رسي تہ اتي ئي سندس پير پئي پهتو. (۱) ان تيز رفتاريءَ سبب کيس "براق" چيو وڃي ٿو. جڏهن تہ سندس نالو "جارود" هو. (۲)

• هن رات بيت المقدس ۾ امام الانبياءَ ﷺ جن جي پويان سڀني نبين ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪئي. باقي ان ڳالهہ ۾ اختلاف آهي تہ ان موقعي تي نبين سڳورن جا ارواح اتي پهتا هئا، يا سندن جسم بہ موجود هئا.

نماز بابت بہ ٻہ روايتون آهن. هڪ روايت مطابق اهي ٻہ رڪعتون نفل هيون ۽ ٻي روايت موجب اها سومهڻيءَ (عشاء) جي نماز هئي، جيڪا سفر سببان پاڻ سڳورن ﷺ قصر ڪئي.

• نماز کانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن بيت المقدس کان ٻاهر نڪتا تہ اتي جنت مان هڪ ڏاڪڻ (معراج) آندي ويئي، جنهن تي چڙهي پاڻ ﷺ دنيا جي پهرين آسمان تي پهتا. ان کانپوءِ وري اها ڏاڪڻ پهرين آسمان تي آندي ويئي، ۽ اتان چڙهي پاڻ ﷺ ٻئي آسمان تي رسيا. اهڙي ريت درجي بدرجي پاڻ ﷺ ستن آسمانن کان مٿي تائين پهتا. مختلف آسمانن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ملاقات مختلف نبين سڳورن سان ٻيهر بہ ٿي، جن کي خدا تعاليٰ پنهنجي آخري نبي ﷺ جي آجيان لاءِ اڳ ۾ ئي اتي پهچائي ڇڏيو هو. (۳) دنيا جي پهرين آسمان تي حضرت آدم عليه السلام موجود هو. جڏهن تہ ٻئي آسمان تي حضرت يحييٰ ۽ حضرت عيسيٰ عليهما السلام، ٽئين آسمان تي يوسف عليه السلام، چوٿين آسمان تي ادريس عليه السلام، پنجين تي هارون عليه السلام، ڇهين تي موسيٰ عليه السلام ۽ ستين آسمان تي سيدنا ابراهيم عليه السلام موجود هئا. (۴) ان کانپوءِ اڳتي هلي پاڻ ڪريم ﷺ جن "سِدْرَة المنتهيٰ" جي زيارت ڪئي. هي ٻير جهڙو وڻ آهي، جنهن جا پر هاٿيءَ جي ڪنن جيڏا ۽ ميوو هَجَرَ (۵) جي مٽن جيڏو هو. ان وڻ جي پاڙ منجهان نڪرندڙ چار نديون ٻ ڏٺائون. انهن مان ٻہ نديون باطني آهن ۽ ٻہ ظاهري. باطني ندين جا نالا ڪوثر ۽ سلسبيل ٻڌايا وي آهن. جڏهن تہ ظاهري ندين کي وري نيل ۽ فرات سڏيو ويو آهي. (۶)

---

(۱) جامع ترمذي ج ۲ ص ۱۴۱.

(۲) صحيح بخاري جلد ۲ ص ۳۲۷.

(۳) شرح عليٰ المواهب اللدنيہ ج ٦ ص ۵۵، سبل الهديٰ والرشاد. شامي ج ۳ ص ۸۸ ـ ۸۹.

(۴) صحيح بخاري جلد ۲ ص ۳۲۷-۳۲۸ .صحيح مسلم جلد ۱ ص ۱۰۴.

(۵) "هَجَر" نالي هڪ مشهور شهر بحرين ۾ آهي، پر هتي جنهن "هَجَر" جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو مديني جي لڳ هڪ ننڍو ڳوٺ هو، جتان جا مَٽ تمام مشهور هوندا هئا ۽ اهي مَٽ مديني توڙي ٻين ڀرپاسي وارن شهرن ۾ وڪامڻ ايندا هئا. انهن مَٽن کي ماڻهو ايترو تہ پسند ڪندا هئا، جو بعد ۾ مديني جا ڪنڀر بہ ان نموني جا مٽ ٺاهڻ لڳا ۽ اهي بازار ۾ "قلال الهَجَر" (هجر جا مٽ) ڪري کپايا ويندا هئا. (وفاء الوفا سمهودي ج ۴ ص ۱۳۲۵) (معجم البلدان ياقوت حموي جلد ۵ ص ۳۹۳) ("النهايہ" ابن الاثير جلد ۵ ص ۲۴۷).

(٦) صحيح بخاري جلد ۲ ص ۳۲۸.

Marfat.com

• ان رات پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي رب جون ٻيون ٻه وڏيون نشانيون ڏٺيون. جيئن قرآن مجيد ۾ بيان ڪيو ويو آهي: "اِذ يغشي السدرة ما يغشيٰ" (۱) (چانئجي رهيا هٿا سدره جي مٿان، جيڪي چانئجي ويا.) اهي سون مان ٺهيل پروانہ هٿا ۽ ان سونهري رنگ سدره کي ڍڪي چڏيو هو.

• هن ئي رات نبي آخرالزمان ﷺ جن "بيت المعمور" جي زيارت ٻه ڪئي. هي عرش وارن لاءِ خدا جو گهر آهي. ستر هزار فرشتا روزانو جنهن جو طواف ڪندا آهن. اهو سلسلو قيامت تائين جاري رهندو ۽ ڪنهن ٻه ملائڪ کي هڪ دفعي کان وڌيڪ طواف ڪرڻ جو موقعو نہ ملي سگهندو. (۲)

هن رات پاڻ ڪريم ﷺ جن کي جنت ۽ ان ۾ موجود نعمتون ٻه ڏيکاريون ويون ۽ وري دوزخ ۽ ان جا عذاب ۽ اسباب ٻه سندن آڏو ظاهر ڪيا ويا. ان کانسواءِ جنت ۽ دوزخ ۾ مقرر ٿيل ملائڪ ٻه ڏٺائون.

• هن سڄوري رات ۾ سرڪار مدينہ ﷺ جي آڏو شراب، کير، ۽ ماکيءَ جا پريل ٿي مختلف پيالا پيش ڪيا ويا. جن مان پاڻ ﷺ کير جو پيالو کڻي پيتائون. جنهن تي جبريل عليه السلام کين ٻڌايو تہ "اوهانکي ان فطرت تي هلڻ جي هدايت ڪئي ويئي آهي، جيڪا اوهان لاءِ ۽ اوهان جي امت لاءِ خاص طور مقرر ڪئي ويئي آهي." (۳)

• هن برڪت واري رات ۾ نبي ڪريم ﷺ ۽ سندن امت جي مٿان خدا تعاليٰ طرفان روزانو پنج وقت نماز فرض ڪئي ويئي. سڀ کان پهريان هن حڪم ذريعي سڄي ڏينهن رات ۾ پنجاه نمازون فرض ٿيون، پر پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي رب جي دربار ۾ رعايت جي درخواست ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ اهو انگ گهٽجي وڃي پنجن تائين پهتو. ان لاءِ رحمة للعالمين ﷺ جن کي نَوَ دفعا رب جي دربار ۾ وڃڻو پيو ۽ هر دفعي پنجن نمازن جي رعايت ملي. جڏهن پنج نمازون باقي بچيون، تڏهن رب تعاليٰ فرمايو تہ هن پنجن نمازن کي ادا ڪرڻ وارا پنجاهہ نمازن جو ثواب حاصل ڪندا، ڇو جو منهنجا ڪيل فيصلا بدلجي نہ سگهندا آهن. (۴) رعايت جي باوجود ٻه ثواب ۾ ڪمي نہ ٿيندي آهي.

• هن سڄوريءَ رات ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن عرش ڪان مٿانهين مقام تائين پهتا، جتي کين پنهنجي رب پاڪ جي ويجهڙائي ٻه حاصل ٿي، تہ قديم ۽ ازلي ڪلام ٻڌڻ جو شرف ٻه مليو. جيئن رب تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ فرمايو آهي:

ثُمَّ دَنٰى فَتَدَلّٰى • فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى. (۵)

باقي ان ڳالهہ ۾ اختلاف آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي پالڻهار کي هن ظاهري اکين سان ڏٺو يا نہ؟ حق اهو آهي تہ پاڻ پنهنجي رب کي هن ظاهري اکين سان ڏٺائون.

---

(۱) سورة النجم ۵۳، پاره ۲۷ آيت ۱۶

(۲) صحيح بخاري جلد ۱، ص ۵۰، الروض الانف، "سُهيلي" ج ۲ ص ۵۸.

(۳) صحيح بخاري ج۲ ص ۳۲۸ شرح علي المواهب اللدنيہ، زرقاني ج ۶ ص۴۷

(۴) صحيح بخاري ج ۱ ص ۵۴۸/۵۵۰ .صحيح مسلم ج ۱ ص ۹۱

(۵) سورة النجم ۵۳، پاره ۲۷، آيت ۸ ۽ ۹.

Marfat.com

• هن رات نبي سونهاري ﷺ جن مٿان رب تعاليٰ طرفان هنن لفظن ذريعي سلام موڪلڻ جو طريقو به ٻڌايو ويو:

"اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوَاتُ وَالطَّيِّبَاتُ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ، اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِاللّٰهِ الصَّالِحِيْنَ • اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَ رَسُوْلُهٗ."

"سموريون زباني، بدني، توڙي مالي عبادتون الله سائين جي لاءِ آهن. سلام هجي اوهان جي مٿان اي نبي ﷺ ۽ الله جي رحمت ۽ ان جون برڪتون، سلام هجي اسان تي ۽ الله جي سڀني صالح بانهن تي، مان شاهدي ڏيان ٿو ته الله کانسواءِ ڪو به عبادت جو لائق نه آهي ۽ اها شاهدي ڏيان ٿو ته محمد ﷺ الله جو بانهو ۽ ان جو رسول آهي."

علامہ گازروني ۽ پنهنجي سيرت جي ڪتاب ۾ اهو احوال نقل ڪيو آهي.

ڪافرن جا سوال جواب

معراج واري واقعي جي صبح جو جڏهن ڪافرن کي خبر پئي ته خدا جو رسول ﷺ رات جي پيٽ ۾ مڪي کان بيت المقدس ۽ اتان آسمانن جو سير ڪري موٽي آيو آهي، ته کين ان ڳالهه تي ويساهه نه ٿي آيو ۽ هو پاڻ ڪريم ﷺ جن کان بيت المقدس بابت نشانيون پڇڻ لڳا. جنهن تي پاڻ ﷺ ويچار ۾ پئجي ويا، ڇو جو نبي سڳورا ﷺ هڪ ته ٿوري دير اتي ترسيا هئا ۽ ٻيو رات جو اونداهي به هئي ۽ وري کين اهو گمان به نه هو ته ڪائنڪ کي ان قسم جا سوال پڇيا ويندا. بهرحال خداتعاليٰ طرفان ان موقعي تي جبريل کي حڪم ڏنو ويو ۽ هن بيت المقدس کي آڻي مڪي ۾ "دارِعَقِيْل" وٽ رکيو. جنان خدا جا رسول ﷺ اکين آڏو بيت المقدس کي ڏسي هر سوال جو جواب ڏيندا رهيا. (١)

بيت المقدس کي مڪي ۾ گهرائڻ اسان جي نبي ﷺ جن جو اهڙو ئي هڪ معجزو آهي، جهڙو حضرت سليمان عليه السلام طرفان "بلقيس" جي تخت کي گهرائڻ وقت ڏيکاريو ويو هو. ان ڪانپوءِ به مڪي وارن کي اعتبار نه آيو ۽ هنن آزمائش خاطر رسول الله ﷺ جن کان ان قافلي بابت پڇا ڳاڇا ڪئي، جيڪو واپار سانگي اُتن رستي مڪي کان شام ڏانهن ويل هو.

نبي سڳوري ﷺ جن کين ان قافلي بابت سمورا پار پتا ڏسيا. قافلي کي جتي ڏنو هئائون، اها جاءِ به کين ڏسيائون ته قافلي سان گڏ ماڻهن توڙي اٺن جو تعداد به، ان کانسواءِ قافلي جي واپس موٽڻ جي تاريخ ۽ ڏينهن به ٻڌايائون، يعني ته اهو قافلو اربع ڏينهن مڪي پهچندو. سڀ کان اڳ هڪ ميرانجهڙي رنگ جو اُٺ هوندو، جنهن جي مٿان ڪاري رنگ جو ڪجائو ۽ ان تي به ڳوٽيون پٽ رکيل هونديون. پوءِ ائين ئي ٿيو، جيئن خدا جي سچي رسول ﷺ جن ٻڌايو هو. پر پوءِ به هنن بدنصيبن کي ايمان آڻڻ جي توفيق نصيب نه ٿي.

---

(١) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٣٢٦ - مسند احمد بن حنبل جلد ١ ص ٣٠٩ - دلائل النبوة بيهقي جلد ٢/٦٤-٣٦٣.

Marfat.com

عَبْدُالله بن جَعْفَر رضہ جو ڇمڙ

• هن سال حَبَشَ ۾ جَعْفَر بن اَبُو طَالِب جي گهر پٽ ڄائو. جنهن جو نالو عَبْدُالله رکيائون. هي پهريون مسلمان پار هو، جيکو حَبَشَ جي سرزمين تي ڄائو. حضرت جَعْفَر ۽ سندس زال اَسْماء بنت عُمَيْس هجرت ڪري حَبَشَ ويا هتا ۽ اتان وري خيبر فتح ٿيڻ واري ڏينهن مديني پهتا، جيئن ڪيترن ئي محدثن ۽ سيرت نگارن لکيو آهي. سخاوت جي لحاظ کان عَبْدُالله بن جَعْفَر جو پيو ڪو مَٽ نه هو. ڪجهه راوين جو قول آهي ته نبي ڪريم ﷺ کانپوءِ مسلمانن ۾ عبدالله بن جعفر کان وڌيڪ سخي پيو ڪونہ ٿيو. ڪيس "بَحْر الْجُود" يعني "سخاوت جو سمنڊ" سڏيو ويندو هو. سندس شمار ننڍي عمر وارن صحابين ۾ ٿيندو آهي. ڇو جو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وصال وقت عبدالله جي عمر ڏهه ورهيه هئي. اها روايت "اسد الغابہ" ۾ ابن الاثير نقل ڪئي آهي. (۱)

عقبہ جي بي بيعت

هن سال رجب جي مهيني ۾ "عَقَبَہ" وٽ ٻيو ٻيرو بيعت ڪئي ويئي، جنهن ۾ تيرهن ماڻهو شامل هئا. (۲) پاڻ سڳورا ﷺ حج جي موقعي تي اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ هتي پهتا ته سندن ملاقات مديني کان آيل حاجين سان ٿي. هنن اها دعوت قبول ڪئي ۽ اتي جو اتي نبي آخرالزمان ﷺ جي هٿ تي بيعت ڪيائون ۽ ڪلمو پڙهيائون. سندن نالا هن ريت آهن:

(۱) بَشِيْر بن سَعْد، جيکو نُعْمَان بن بَشِيْر جو پيءُ هو.
(۲) سَعد بن مَعاذ اَشْهَلِيْ اَوْسِي، اَوْس قبيلي جو سردار.
(۳) عَبْدُالله بن عَمْرو بن حَرَام.
(۴) ۽ سندس ننڍڙو پٽ جابر بن عبدالله.
(۵) اُسَيْد بن حُضَيْر.
(٦) اُبَيّ بن كَعْب.
(۷) عُبَادَه بن صَامِت.
(۸) اَبُو مَسْعُود عُقْبَہ بن عَمْرو اَنْصَارِيْ بَدْري.
(۹) ذَكْوَان بن عَبْد قَيْس زُرَقي.
(۱۰) رَافِع بن مَالِک زُرَقي.
(۱۱) قُطْبَہ بن عَامِر.
(۱۲) عُتْبَہ بن عَامِر.
(۱۳) عُوَيْم بن سَاعِدَه.

---

(۱) اسد الغابہ، ابن الاثير جلد ۳ ص ۱۲۴.
(۲) الطبقات الكبرىٰ ابن سعد ج ۱ ص ۲۲۱، البدايہ ـ والنهايہ. ابن كثير ج ۳ ص ۱۵۰، دلائل النبوه بيهقي ج ۲ ص ۴۴۲.

Marfat.com

مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ جي مديني ڏانهن روانگي

• هن سال مشهور صحابي مُصْعَب بن عُمَيْر قُرَشِي عَبْدَرِي کي نبي کريم ﷺ طرفان مديني اماڻيو ويو ته جيئن هو اتان جي مسلمانن کي قرآن پڙهائي، نماز جو طريقو سيکاري ۽ اسلامي شريعت جي حڪمن کان واقف ڪري سگهي. حضرت مُصْعَب ان سونهيل ذميواريءَ کي نهايت ايمانداريءَ ۽ اورچائيءَ سان پورو ڪيو. (۱) باقي ان ڳالهہ ۾ اختلاف آهي ته مُصْعَب رضہ کي مديني ڏانهن عَقَبہَ جي پهرين بيعت کانپوءِ اماڻيو ويو يا پيءَ بيعت کانپوءِ. اڪثريت جي راءِ مطابق اهو واقعو پي بيعت کانپوءِ جو آهي. حضرت مصعب بن عمير رضہ جي ڪوششن جي نتيجي ۾ ۷۳ ماڻهو ساڻس گڏ مديني کان مڪي آيا. جن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هٿ مبارڪ تي عقبہ وٽ ٽين بيعت ڪئي. جنهن جو تفصيل سن ۱۳ نبويءَ جي واقعات ۾ بيان ڪيو ويندو. رسول اڪرم ﷺ جن دين جي تبليغ ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ مصعب بن عمير رضہ کي ٻہ دفعا مديني ڏانهن اماڻيو. سندس خدمتن جو وڌيڪ ذڪر سن پهرين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ جي هٿ تي اسلام قبول ڪرڻ وارن جو ذڪر

• هن سال مديني ۾ محمد بن مُسْلِمَہ بن خَالِد مدني اَنْصَارِيْ حَارِثيءَ، حَضرت مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو. هي بني اَشْهَل وارن جو حليف هو، جنهنڪري ڪيس "اَشْهَلي" ٻہ سڏيندا آهن. (۲) هي واقعو هجرت نبوي ﷺ کان اڳ جو آهي. "محمد" نالي وارن صحابين ۾ هي عمر ۾ سڀني کان وڏو هو.

عَبَّاد بن بِشْر رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

• هن سال اَبُوبِشْر عَبَّاد بن بِشْر بن وَقْش اَنْصَارِيْ اَشْهَلي ٻہ مُصْعَب بن عُمَيْر رضہ جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ بَدْر، اُحُد، توڙي ان کانپوءِ ٻين سڀني غَزْوَات ۾ شريڪ رهيو. عَبَّاد بن بِشْر ۽ اُسَيْد بن حُضَيْر هڪ دفعي ڪافي دير سان نبي سونهاري ﷺ جن جي پويان سومهٽيءَ (عشاء) جي نماز پڙهي ۽ پوءِ اونداهي رات ۾ پنهنجن گهرن ڏانهن پنڌ پيا، جنهن وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن جي آڏو لنگهيا ته عَبَّاد جي هٿ ۾ جيڪا لٺ هئي، ان مان روشني ظاهر ٿيڻ لڳي ۽ هو ٻئي ڄڻا ان روشنيءَ جي زور تي هلندا رهيا، اڳتي هلي جڏهن پنهي جي واٽ جدا ٿي ته ٻئي جي لٺ مان ٻہ روشني نڪرڻ لڳي. پوءِ هو ٻئي ڄڻا ان ريت پنهنجي پنهنجي گهر پهتا. (۳) هي

---

(۱) "مصعب بن عمير" مديني ۾ حضرت اسعد بن زَراره جي گهر اچي رهيو ۽ پوءِ هو مديني جي ماڻهن کي دين جي دعوت ڏيندو رهيو. سندس ڪوششن وڏو رنگ لاتو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ ٻن ٽن گهرن کي ڇڏي مديني ۾ ڪو اهڙو گهر باقي نہ بچيو، جتي ڪو مسلمان موجود نہ هجي.

سيرة ابن هشام جلد ۲ ص ۸۰ - سيرة النبويہ "ابن كثير" ج ۲ ص ۱۸۴.

(۲) الاصابہ. ابن حجر ج۳ ص۸۵/ ۳۸٦، اسد الغابہ ابن اثير ج۴ ص ۳۳۱/۳۰.

(۳) الاصابہ. ابن حجر ج ۲ ص ۲٦۳، اسدالغابہ. ابن اثير ج ۳ ص ۱۰۱.

Marfat.com

نبي كريم ﷺ جن جو معجزو هو.

اَبُوسَلَمَہ رضہ جي هجرت

هن سال ابو سلمہ رضہ عَبْدُالله بن اَسَد مخزومي مكي كان مديني ڏانهن هجرت كئي. ابو سلمہ رضہ پهريان حبش ڏانهن هجرت كئي هئي ۽ ان كانپوءِ مكي واپس موٽي آيو. پوءِ مكي ۾ كيس كافرن وري تنگ كرڻ شروع كيو. هوڏانهن مديني ۾ اسلام جي وڌڻ ۽ ويجهڙ جون خبرون ٻڌجڻ ۾ آيون، انكري حضرت ابو سلمہ رضہ هن دفعي وري مديني ڏانهن هجرت كئي. (۱)

(۱) اسدالغابہ "ابن اثير" ج ۳ ص ۱۹٦.

Marfat.com

فصل تيرهون

هن فصل ۾ سن تيرهين نبويءَ جا واقعا بيان ڪيا ويا آهن.

عَقَبَہ جي ٽين بَيْعَت

• هن سال ذوالحج جي مهيني ۾ عَقَبَہ وٽ ٽين بَيْعَت ڪئي ويئي. گذريل سال "بيعت" ڪرڻ وقت مديني جا انصار نبي ڪريم ﷺ جن سان اهو انجام ڪري ويا هئا تہ هو ايندڙ سال وري انهيءَ ساڳئي ماڳ تي ساڻن ملاقات ڪندا.

پاڻ سڳورا ﷺ واعدي مطابق حج جي موقعي تي جڏهن اتي پهتا، تہ انصار جي جماعت پنهنجي ڪيل قول موجب ان ساڳئي جاءِ تي موجود هئي. ان جماعت ۾ ٽيهتر مردن سان گڏ ٻہ عورتون بہ شامل هيون.

پوءِ انهن سيني، "اَيَّامِ تَشْرِيْق" (۱) جي وچينءَ رات نبي اڪرم ﷺ جن جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪئي. بيعت ڪرڻ وارن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

(۱) اَوْس بن ثَابِت خَزْرَجِيّ نَجَارِي، جيڪو حَسَّان بن ثَابِت جو پاءُ هو.

(۲) بَرَاء بن مَعْرُوْر بن صَخْر خَزْرَجِيْ سَلَمِيّ، جنهن هن بيعت ڪرڻ جو شرف سڀ کان پهريان حاصل ڪيو.

(۳) بشر بن براء، هي بَرَاء بن معرور جو پٽ هو.

(۴) اَبُوْ اَيُّوْب خَالِد بن زَيْد خَزْرَجِيْ نَجاري.

(۵) خَلَّاد بن سُوَيْد بن ثَعْلَبَہ خَزْرَجِيْ.

(٦) اَبُوْ رَفَاعَہ رَافع بن مَالِك بن عَجْلَان خَزْرَجِيْ عَجْلَانِي.

(۷) رِفَاعَہ بن رافع بن مَالِك، هن کي ڪڏهن ڏاڏي جي نالي پٽيان ابن مالڪ بہ سڏيو ويندو آهي.

(۸) اَبُوْ لُبَابَہ رِفَاعَہ بن عَبْدُالْمُنْذِر اَوْسِي.

(۹) اَبُوْ طَلْحَہ زَيْد بن سَهْل خَزْرَجِيّ، هي اُمِ سُلَيْم جو گهر وارو هو.

(۱۰) اَبُو خَيْثَمَہ سَعْد بن خَيْثَمَہ اَوْسِي.

(۱۱) سَعْد بن رَبِيْع بن عَمْرو خَزْرَجِيّ.

---

(۱) "تَشْرِيْق" جي لغوي معني آهي: "ڪنهن شيءِ کي آس ۾ سُڪائڻ". اصطلاحي طور "تشريق جا ڏينهن" حج جي آخري ٽن ڏينهن کي يعني ۱۱ کان ۱۳ تائين سڏيو ويندو آهي، جو جو انهن ڏينهن تي حاجي ساڳورا جيڪا قرباني ڪندا هئا، ان گوشت کي آس ۾ سڪايو ويندو هو. انهن ڏينهن تي نبي ڪريم ﷺ جن روزي رکڻ جي منع فرمائي آهي ۽ انهن ڏينهن کي کائڻ پيئڻ ۽ ذڪر الاهي جا ڏينهن سڏيو ويو آهي.

(لسان العرب جلد ۱۰ ص ۱۷٦، دائرة المعارف (اردو) ج ٦ ص ۴۲۳).

Marfat.com

(١٢) اَبُو قَيْس سَعْد بن عُبَادَه ابن دُلَيْمُ خَزْرَجِيّ، هي پنهنجي قبيلي جو سردار هو.
(١٣) سَلَمَه بن سلامه بن وَقْش اَوْسي بَدْرِي.
(١٤) ظُهَيْرُ بن رَافِع بن عَدِيّ.
(١٥) عَبْدُالله بن اُنَيْس جُهْني، جيڪو انصارن جي قبيلي بنو سَلَمَه جو ساٿاري هو.
(١٦) عَبْدُالله بن جُبَير بن نُعْمان اَوْسِي، هي غَزْوَه اُحُد ۾ تير اندازن جي جٿي جو سرواڻ هو ۽ ان موقعي تي ئي شهيد ٿيو هو.
(١٧) عَبْدُالله بن رَوَاحَه بن ثَعْلَبَه خَزْرَجِي، جيڪو مشهور شاعر آهي.
(١٨) عَبْدُالله بن زَيْد بن عَبْدرَبِّه خَزْرَجِي حَارِثي، سندس كُنيت اَبُو محمد آهي. ڪيس خواب ۾ اذان جو طريقو ڏسيو ويو هو.
(١٩) عَمْرو بن جَمُوح بن زَيْد خَزْرَجي سَلَمِي.
(٢٠) سندس پٽ مُعَاذ بن عَمْرو بن جَمُوح.
(٢١) قَتَادَه بن نُعْمَان بن زَيْد اَوْسي ظفَري.
(٢٢) اَبُوالْيَسَر كَعْب بن عَمْرو بن عَبَّاد سَلَمِي خَزْرَجِي.
(٢٣) مشهور شاعر كعب بن مَالِك بن عَمْرو سَلَمِي خَزْرَجِي. هي انهن ٽن ڇڻن مان هڪ هو، جيڪي تَبُوڪ واري لڙائيءَ ۾ بهرو ونڊي نه سگهيا ۽ پوئتي رهجي ويا هنا.
(٢٤) مَالِك بن دُخْشُم بن مَالِك اَنْصَارِي جيڪو بَنو عَمْرو بن عَوْف وارن مان هو. (دُخْشُم کي دُخْشَن به چيو ويندو آهي)
(٢٥) مُعَاذ بن جَبَل بن عَمْرو خَزْرَجي جُشَمِي، جيڪو "حرام ۽ حلال" جي علم جو امام هو.
(٢٦) مَعْن بن عَدِيّ بن جَدّ بن عَجْلَان بَلَوِي. هي انصار جي قبيلي عمرو ابن عوف وارن جو ساٿاري هو.
(٢٧) مُنْذِر بن عَمْرو بن خُنَيْس خَزْرَجِي سَاعِدِي، هي ان جماعت جو اڳواڻ هو، جنهن کي "بئرمعونه" واري واقعي ۾ شهيد ڪيو ويو.
(٢٨) نُعْمَان بن عَمْرو بن رِفَاعَه اَنْصَارِي نَجَّارِي، ڪيس نُعَيْمانُ به سڏيو ويندو آهي.
(٢٩) اَبُوْ بُرْدَه هَانِي بن نِيَار بَلَوي، هي اَنْصَار جي قبيلي خَزْرَج جي هڪ شاخ بَنُو حَارِث جو حَليف هو ۽ بَرَاء بن عَازِب جو مامو هو، وغيره.

اهي بيعت عقبه ۾ شامل ڪجهه مردن جا نالا آهن. انهن کانسواءِ به عورتون به هن بيعت ۾ شامل هيون. جن جا نالا هي آهن. (١) اَسْمَاء بنت عَمْرو بن عَدِي سلميه خزرجيه (٢) اُمِّ عَمَارَه "نَسِيْبَه" بنت كعب بن عَمْرو اَنْصَارِيه مَازِنِيّه. (١)

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو نالن جي هڪجهڙائي سبب "نَسِيْبَه" کي اُمِّ عطِيَّه به سمجهندا آهن، جيڪا هڪ ٻئي غلطي آهي. "اُمِّ عَطِيَّه" جو نالو "نُسَيْبَه" (ن تي پيش) آهي. اهو پڻ ياد رکڻ ڪپي ته عَقَبَه جي ٽين بيعت ۾ "اُمِّ عَطِيَّه" نه پر "اُمِّ عُمَاره" شامل هئي.

(١) سبل الهدي و الرشاد. شامي ج٣ ص ٢٠٣.

Marfat.com

نماز ۾ تڪڙ ڪرڻ وارو صحابي

• رِفَاعہ بن رَافع بن مَالِک، جنهن عَقَبَہ جي ٽين بيعت ۾ حصو ورتو. ان کي "مُسِيءُ الصّلٰوة" (نماز صحيح طرح نہ ادا ڪرڻ وارو) ڪري سڏيو ويندو آهي. اهو ان ڪري جو هڪ ڀيري نبي ڪريم ﷺ جن مسجد ۾ موجود هئا، تہ اتي رِفَاعَہ بن رَافع بہ پهتو ۽ نماز پڙهڻ شروع ڪيائين. ٿڙ تڪڙ ۾ نماز پوري ڪري، جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ کي سلام ڪيائين تہ خدا جي سچي رسول ﷺ جن ڪيس فرمايو: "رِفَاعَہ تو ڇڙ نماز نہ پڙهي، ان ڪري هاڻ تون پنهنجي نماز کي ورائي پڙهہ." ان ڪانپوءِ رِفَاعَہ وري بہ ساڳيءَ طرح نماز ادا ڪئي. ان ريت دربار نبوي ﷺ مان ڪيس ٻہ ٽي دفعا نماز ورائي پڙهڻ جو حڪم مليو. اها هڪ ڏگهي حديث آهي ۽ بخاري شريف ۾ موجود آهي. (۱)

• هن سال عَقَبَہ واري ٽين بيعت جي موقعي تي رسول رحمت ﷺ مديني وارن مٿان سندن مرضيءَ موجب پارهن نقيب مقرر ڪيا، جن مان نَوَنِ جو تعلق "خزرج" قبيلي سان هو. باقي ٽي "اوس" قبيلي مان هئا. انهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو. (۲)

نقيبن جا نالا (خزرج قبيلي مان)	**انهن قبيلن جا نالا جن مٿان نقيب مقرر ڪيا ويا**
(۱) اَسْعَد بن زَرارَہ اَبُوْ اُمَامَہ	بَني نَجَّار
(۲) رَافِع بن مَالِک بن عَجْلَان	بَني زُرَيْق
(۳) سَعْد بن رَبِيْع بن عَمْرو	
(۴) عَبْدُالله بن رَوَاحہ	بَني حَارِث بن خَزْرَج
(۵) سَعْد بن عُبَادَہ	
(٦) مُنْذِر بن عَمْرو بن خُنَيْس	بَنُو سَلِم
(۷) عُبَادَہ بن صَامِت	
(اَوْس قبيلي مان)	
(۱) اُسَيد بن حُضَيْر	بَني عَبْدُالْاَشْهَل
(۲) رِفَاعَہ بن عَبْدُالمُنْذِر	
(۳) سَعْد بن خَيْثَمَہ	بَنُو عَمْرو بن عَوْف

---

(۱) صحيح بخاري جلد ۱ ص ۱۴۴ ،اسد الغابہ" ابن اثير ج ۲ ص ۱۷۹-۱۷۸

(۲) خزرج قبيلي مان جيڪي نوَ "نقيب" چونڊيا ويا، انهن منجهان هت فقط ست نالا درج ڪيا ويا آهن. باقي ٻہ نالا شايد ڪاتب جي ڀُل سبب رهجي ويا آهن، اهي آهن براء بن معرور بن صخر ۽ عبدالله بن عمرو بن حرام بن ثعلبہ، انهن ٻنهي کي بنو سلم وارن جي مٿان نقيب مقرر ڪيو ويو هو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: "اهي نقيب" پنهنجي قوم جي معاملن جي ائين سار سنڀال لهندا، جيئن حضرت موسيٰ عليہ السلام جا حواري پنهنجي قوم جا معاملا سنڀالينداهئا.

سيرة ابن هشام جلد ۲ ص ۸٦-۸۷، الطبقات الكبريٰ ابن سعد ج ۱ ص ۱۵۰، شرح مواهب لدنيہ "زرقاني" جلد ۱ ص ۳۱۷، دلائل النبوة، بيهقي جلد ۲ ص ۴۴۸، سيرة نبويہ، ابن كثير جلد ۲ ص ۱۹۸-۱۹۹. سبل الهدىٰ والرشاد شامي ج ۳ ص ۲۰۳.

Marfat.com

مُعَاذ بن جَبَل رضہ ۽ اَبُو اَيُّوب خَزْرَجيءَ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

• هن سال "عَقَبَہ" جي ٽين بيعت واري موقعي تي مُعَاذ بن جَبَل اَنْصَاري خَزْرَجِي اسلام قبول ڪيو. ان وقت سندس ڄمار ارڙهن ورهيہ هئي. (۱) ان ڪانسواءِ اَبُو اَيُّوب خَالِد بن زَيْد خَزْرَجِي بہ هن موقعي تي اسلام قبول ڪيو. (۲)

سَعِيْد رضہ بن عَاص جو ڄمڻ

• هن ئي سال يا هڪ پي روايت موجب هڪ سال پوءِ، سَعِيْد بن عَاص بن سَعِيْد بن عَاص بن اُميہ قرشي اموي ڄائو، ۽ اڳتي هلي هن اسلام قبول ڪيو. ڪيس صحابين جي ست ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. حضرت عُثْمَان بن عَفَّان رضہ، جيڪو قرآن شريف جو نسخو تيار ڪرايو، ان جي ڪاتبن ۾ سَعِيْد بن عَاص جو نالو بہ شامل آهي. (۳) سندس پيءُ "عَاصِ بن سَعِيْد" کي ڪفر جي حالت ۾ جنگ بدر واري ڏينهن حضرت عَلي رضہ بن اَبُوطَالِب قتل ڪيو هو. (۴)

عَقَبَہ جون ٽي بيعتون

مختلف روايتن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ "عَقَبَہ" وٽ ٽي دفعا بيعت ڪئي ويئي. پهريون پيرو رجب سن يارهين نبويءَ ۾، جنهن ۾ بيعت ڪرڻ وارن جو تعداد ڇهہ يا اٺ آهي.

پي بيعت رجب سن بارهين نبويءَ ڏاري ڪئي ويئي. جنهن ۾ بارهن ماڻهو شامل هئا.

جڏهن تہ ٽين بيعت سن تيرهين نبويءَ جي ذوالحج مهيني ۾ ٿي، جنهن ۾ شامل مردن جو تعداد ٽيهتر هو. انهن سان گڏ پنج يا ڇهہ عورتون بہ هيون.

مهينن ۾ نَسِيءَ ڪرڻ جو رواج

ان زماني ۾ حج رجب جي مهيني ۾ انڪري ٿيندو هو، جو ڪافرن ۾ جهالت سبب "نسيء" جو رواج هو. يعني هو مهينن ۾ پنهنجي مرضيءَ موجب ڦير ڦار ڪري انهن کي اڳي پوءِ ڪندا هئا.

پهرين پاڻي جو خاتمو

ان سان گڏ هن ڪتاب جو پهريون پاڻو پورو ٿيو، جنهن ۾ نبوت جي تيرهن سالن جا واقعا بيان ڪيا ويا. ان ڪانپوءِ پيغمبر آخرالزمان صلی اللہ علیہ وسلم جن جي نبوت جو چوڏهون سال شروع ٿيو، جنهن کي هجرت جو پهريون سال ڪري ليکيو ويندو آهي. ڇو جو هن ئي سال "عَقَبَہ" جي ٽين بيعت کان اڳتي

---

(۱) تذڪرة الحفاظ "ذهبي" جلد پهريون ص ۱۹.

(۲) هي اهو خوش نصيب صحابي آهي، جنهن وٽ نبي اڪرم ﷺ جن هجرت ڪانپوءِ مديني ۾ اچي مهمان ٿيا. اسد الغابہ "ابن اثير جلد ۲ ص ۸۰ ۰الاصابہ ابن حجرجلد ۱ ص ۴۰۵.

(۳) اسد الغابہ ابن اثير جلد ۲ ص ۳۱۰.

(۴) اسد الغابہ ابن اثير جلد ۲ ص ۳۱۰.

Marfat.com

ٿي مهينا پوءِ رسول الله ﷺ جن مڪي کان مديني ڏانهن هجرت فرمائي. ان هجرت جو احوال ۽ ان سال دوران پيش ايندڙ پين واقعات جو ذڪر انشاءَ الله تعاليٰ هجرت جي پهرين سال واري فصل ۾ ڪيو ويندو، جيڪو هن ڪتاب جو پيو پاڳو ۽ ٿيون باب هوندو.

علامہ گازروني پنهنجي سيرت جي ڪتاب ۾ لکيو آهي:

"نبي سونهاري ﷺ پاڻ پنهنجي سرِ مڪي کان مديني ڏانهن هجرت "نبوت" جي چوڏهين سال فرمائي."

ان مان اها پروڙ پوي ٿي تہ حافظ ابن ڪثير (۱) پنهنجي مشهور ڪتاب "البدايہ والنهايہ" ۾ جيڪو لکيو آهي تہ، "نبي سڳوري ﷺ جن مڪي کان مديني ڏانهن هجرت "عَقَبَہ" جي ٽنهي بيعتن کانپوءِ سن ۱۳ نبويءَ ڏاري ڪئي." (۲) تہ اها سندس پُل آهي يا وري هن نبوت جي پهرين سال کي ليکي ۾ نہ آندو آهي. اهو شايد ان ڪري جو اهو سال اٽپورو هو، ڇو جو نئون سال تہ محرم کان شروع ٿيو، جڏهن تہ پهرين وحي نازل ٿي ربيع الاول يا رمضان جي مهيني ۾، جيئن پهرئين فصل ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

---

(۱) عماد الدين ابو الفداء اسماعيل بن عمر بن ڪثير بن ضَو بن ڪثير قَيسي بَصروي پنهنجي وقت جو مڃيل عالم، محدث، مفسر، مؤرخ ۽ فقيه ٿي گذريو آهي.

جيڪو ۷۰۱ هجري بمطابق ۱۳۰۲ع ڏاري "بصري" جي پسگردائيءَ ۾ "جندل" نالي ڳوٺ ۾ ڄائو. هو ايا ڇهن ورهين جو مس ٿيو تہ سندس پيءُ گذاري ويو. ان ڪانپوءِ سندس وڏو ڀاءُ ڪيس دمشق وٽي آيو ۽ پوءِ اتي رهائش اختيار ڪيائون. هو اتي ئي جوان ٿيو. وقت جي مڃيل عالمن وٽان حديث، تفسير، تاريخ ۽ فقه جي تعليم حاصل ڪيائين، جن ۾ ابن عساڪر، اسحاق آمدي، امام مزي، ابن زراد، ابن رضي ۽ ابن تيميہ جا نالا ذڪر جوڳا آهن. ابن تيميہ سان ڪيس بي پناهہ عقيدت هئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس وقت جي سرڪار طرفان ڪافي صعوبتون بہ سهٹيون پيون. ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن مان قرآن جو تفسير، البدايہ والنهايہ، ۽ سيرة ابن ڪثير تمام گهٹا مشهور ۽ مقبول ٿيا. حديث جي راوين بابت هڪ ڪتاب "التڪميل" نالي ستن جلدن ۾ لکيائين. ان کان پوءِ صحيح بخاريءَ جي جامع شرح بہ لکڻ شروع ڪيائين، جيڪا مڪمل ٿي نہ سگهي. ان ڪانسواءِ حديث جي سلسلي ۾ سندس وڏي ۾ وڏي ڪاوش "جامع المسانيد" جي ترتيب آهي، جنهن ۾ حديث جي مڙني معتبر ڪتابن جون روايتون راوين جي ترتيب سان جمع ڪيون اٿس. هي ڪتاب تازو ۳۶ ضخيم جلدن ۾ نهايت آب و تاب سان بيروت مان شايع ٿيو آهي.

۷۷۴ هجري بمطابق ۱۳۷۳ عيسويءَ ڏاري دمشق ۾ وفات ڪيائين، جتي ڪيس "مقبره صوفيہ" اندر پنهنجي پياري استاد امام ابن تيميہ جي پر ۾ دفنايو ويو.

دائرة المعارف (اردو) جلد ۱ ص ۶۵۴، "الدرر الكامنة" ابن حجر ج ۱ ص ۳۷۴/۷۳. الاعلام "زركلي" جلد ۱ ص ۳۲۰، مفتاح السعاده "طاش كبريٰ زاده ج ۱ ص ۲۳۲/۳۱. معجم المؤلفين "عمرر رضا كحالہ" ج ۲ ص ۲۸۴.

(۲) البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۲ ص ۱۷۵.

Marfat.com

پاکو پیو

باب پھریون

غزوات

Marfat.com

Marfat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

پاڳو پيبو

هاڻي هن ڪتاب جو پيبو پاڳو شروع ٿئي ٿو، جنهن ۾ نبي سڳوري صلي الله عليہ وسلم جن جي مديني ڏانهن هجرت ڪان وٺي سندن وصال تائين پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

هي پاڳو ٽن بابن ۾ ورهايل آهي.

باب پهريون

هن باب ۾ انهن جهادي ڪارروائين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن ۾ سرورِ ڪائنات صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ پنهنجي سرِ بهرو ورتو.

• اسان کي اها ڄاڻ هئڻ کپي تہ اسان جي پياري رسول صلي الله عليہ وسلم جن، پاڻ جن جنگين ۽ مهمات ۾ شريڪ ٿيا تن کي محدثن جي اصطلاح ۾ "مَغَازِي" يا "غَزَوَات" سڏيو ويو آهي. باقي اهي لڙايون يا معرڪه جن ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي سر تہ شريڪ نہ ٿيا پر انهن جي اڳواڻي سندن طرفان موڪليل صحابي سڳورن ڪئي تن کي "سَرَايا" ۽ "بُعُوْث" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

• اسان کي اها ڄاڻ ہہ رکڻ کپي تہ اسلام جي اوائلي دور ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن کي ڪافرن سان جنگ ڪرڻ جي اجازت نہ هئي. (۱) اهڙو حڪم ڪين بعد ۾ سن پي هجري جي صفر مهيني دوران هن آيت ذريعي ڏنو ويو:

---

(۱) خدا تعالیٰ طرفان اسلام جا احڪام هڪ ئي وقت يا جلديءَ ۾ نہ پر آهستي آهستي نهايت موزون ۽ مناسب وقتن تي نازل ٿيندا رهيا. انهن وقتن جو تعين خدا تعالیٰ طرفان ڪيو ويو ان ڪري جيڪو حڪم جنهن وقت نازل ٿيو تہ ائين پيو محسوس ٿئي تہ ان حڪم جي نزول لاءِ اهوئي وقت سڀ کان وڌيڪ موزون هو، تڏهن تہ هر حڪمَ پنهنجي پويان هڪ تاريخ ڇڏي آهي، جنهن کي ڏسي معلوم ٿئي ٿو تہ مسلمانن لاءِ وقت جي مناسبت سبب انهن حڪمن جي پوئواري ڪرڻ جو عمل آسان ٿي پيو.

خدا تعالیٰ پنهنجي آخري پيغمبر ﷺ ۽ پنهنجي آخري ڪتاب ذريعي هڪ اهڙي امت تيار ڪرڻ پئي چاهي جيڪا پهريان پنهنجي سموري زندگيءَ جو نظام الله تعالیٰ جي هدايت مطابق قائم ڪري ۽ ان ڪانپوءِ وري اهائي قوم مالڪ الملڪ جي تائيد سان ان خدائي نظام جي علمبردار ٿي اٿي ۽ سموري دنيا تائين اهو پيغام پهچائي. اهو ڪم ان آخري امت جي فرائض منصبيءَ جو حصو آهي ۽ پوءِ ان رستي ۾ ان قوم کي جيڪي بہ تڪليفون سامهون اچن تہ خدا جي رضا لاءِ پنهنجا پير پختا ڪري انهن سان مهاڏو اٽڪائي. بيهن.ان سلسلي ۾ پهريون ڪم عقيدي جي اصلاح وارو

Marfat.com

هو جيڪو مڪي شريف ۾ شروع ٿيو ۽ درجي بدرجي اڳتي وڌندو رهيو نبي اڪرم ﷺ جن مٿان الله تعاليٰ طرفان پهرين وحي غار حرا ۾ نازل ٿي جنهن جي ذريعي کين حڪم ڏنو ويو ته "اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ" پڙهه پنهنجي الله جي نالي سان.

اهو نبوت جو آغاز هو ۽ پهريون حڪم سندن ذات با برڪات لاءِ ئي هو جنهن جي شروعات الله جي نالي سان ڪئي ويئي. ان جاءِ تي ڪنهن ٻئي تائين پيغام پهچائڻ جو ڪو ذڪر نه آهي.

ان کانپوءِ ٻيو حڪم نازل ٿيو: يٰٓاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ قُمْ فَاَنْذِرْ.

ان حڪم ذريعي کين ٻڌايو ويو ته هاڻي اٿو ماڻهن کي ڊيڄاريو (الله کان).

ان سلسلي ۾ اهو پهريون ڊيڄارڻ جو حڪم هو جنهن کانپوءِ مختلف آيتن وسيلي درجي بدرجي اهڙا احڪام نازل ٿيندا رهيا جن ۾ پهريان پنهنجي ڪٽنب وارن لاءِ. وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ. پوءِ پنهنجي قوم لاءِ، پوءِ پنهنجي آسپاس وارن لاءِ، پوءِ سموري عرب لاءِ ۽ پوءِ سڄي عالم لاءِ.

اهوئي سبب هو جو خدا جي آخري نبي ﷺ جن پنهنجي منصبي ذميواري نڀائڻ جي شروعات پنهنجي ڪٽنب وارن کان ڪئي. جنهن کانپوءِ پنهنجي قوم وارن ۽ پنهنجي آسپاس وارن تائين اها دين جي دعوت پهچائي. يعني مڪي جي اندر ۽ مڪي کان ٻاهر مختلف علائقن کان ايندڙ حاجين تائين ۽ طائف وارن تائين اهو پيغام پهچايائون ۽ ان جي موٽ ۾ سندن ذات توڙي ساٿين کي جيڪي ڪجهه مليو ان کي صبر ۽ سانت سان سهڻ جو حڪم هو.

ان عرصي ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جو طائف ۾ جسم مبارڪ رتو رت ڪيو ويو. مڪي ۾ بلال، خباب، سُمَيَّه، زنيره وغيره سان جيڪي ڪجهه ٿيو ان جو مثال انساني تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

جنهن کانپوءِ "شعب ابوطالب" ۾ لڳاتار ٽي ورهيه ايمان وارن سان جيڪي عقوبتون ڪيون ويون ان تي انساني تاريخ شرمسار آهي.

ظلم ۽ زيادتين جو اهو سلسلو لڳاتار تيرهن ورهين تائين هلندو رهيو تانجو مسلمانن کي هجرت جو حڪم مليو. جنهن جي تحت هو پنهنجا اباڻا ماڳ مڪان، مال ۽ ملڪيتون سڀ مڪي ۾ ڇڏي الله جي رضا لاءِ هجرت ڪري اچي يثرب پهتا. جنهنڪري ان شهر کي مدينة النبي ﷺ ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو ۽ اتي سندن زندگي مڪي جي مقابلي ۾ وڌيڪ آرم ۽ سڪون سان گذرڻ لڳي.

مديني جي شهر ۾ نماز لاءِ مسجد جي اڏاوت، انصار ۽ مهاجرن جي وچ ۾ ڀائيچارو قائم ڪرڻ، ۽ مديني شهر ۾ يا آسپاس رهندڙ مسلمانن توڙي يهودين جي وچ ۾ امن جو تحريري معاهدو (ميثاق مدينه) ڪرڻ کانپوءِ سرور ڪائنات ﷺ ۽ سندن صحابي سڳورن سک جو ساهه کنيو. پر مديني ۾ مسلمانن جي پرسڪون زندگي گذارڻ جون خبرون ٻڌي مڪي ۾ ڪافرن جو سڪون تباهه ٿي ويو. هاڻي هو سمورا پاڻ ۾ گڏجي هڪ طرف مسلمانن خلاف سازشون سِٽڻ لڳا ته ٻئي طرف وري نه فقط مهاجر پر انصار ڏانهن به ڊيڄارڻ ۽ ڌمڪائڻ وارا نياپا موڪلڻ لڳا. ڪافرن جي ان روش مسلمانن کي سجاڳ ڪري ورتو ۽ هاڻي هو پنهنجي دفاع کان به غافل نه رهيا ته دشمن جي ارادن کان باخبر رهڻ لاءِ به انتظام شروع ڪيائون حضرت ابي بن ڪعب جي روايت آهي ته انهن ڌمڪين کانپوءِ مديني وارا رات ڏينهن هٿيارن کانسواءِ نه رهندا هئا (پنهنجي بچاءِ جي حد تائين) يعني هتي پهريون ڀيرو مسلمانن ۾ مسلح دفاعي سوچ جو جذبو جاڳيو، تانجو اهڙي حالت ۾ الله تعاليٰ طرفان کين صفر ٻي هجريءَ ڌاري پهريون ڀيرو دفاعي جنگ جي اجازت سوره حج ۾ "اذن للذين" واري آيت ذريعي ملي. جنهن کانپوءِ ان ڏس ۾ ٻيون آيتون پڻ نازل ٿيون جن ۾ مسلمانن کي جهاد جو باقاعده حڪم ڏنو ويو ته هاڻي هو اڳتي وڌي الله جي زمين تي الله جو نظام قائم ڪن ۽ ان رستي ۾ ڪفر طرفان

Marfat.com

جيڪي ب رکاوٽون ۽ رندڪون وڌيون وجن انهن کي ناس ڪيو وڃي جيئن: قَاتِلُوْا فِیْ سَبِیْلِ اللهِ (البقره) قَاتِلُوْهُمْ حَتّٰی لَاتَكُوْنَ (الانفال) وارين آيتن ۾. ان مان اها پروڙ پوي ٿي ت اسلام ۾ جهاد صرف ۽ صرف ظلم زيادتي، ڏاڍ ڏهڪاء ۽ حيواني طاقتن کي روڪڻ يا انهن جي خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو نالو آهي ۽ ڪنهن ب پر امن شهري، ڪمزور ۽ ستايل خلاف ڪاروائيء کي جهاد نه سڏيو ويندو آهي.

اهڙي ريت ڪنهن ب ذاتي، نسلي گروهي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاء طاقت جي استعمال کي ب ڪڏهن جهاد نه سڏيو ويندو پر فتني فساد کي ختم ڪري ان جي جاء تي عدل ۽ انصاف، امن ۽ آشتي کي نافذ ڪرڻ جو نالو جهاد آهي.

نبي ڪريم ﷺ جن جي هٿ هيٺ مسلمانن جيڪا جهاد جي تعيلم ۽ تربيت حاصل ڪئي ان جي ذريعي ڏهن ورهين جي مختصر عرصي ۾ سڄي عرب اندر هر قسم جي طاغوتي طاقتن ۽ سندن ظلم توڙي ڏاڍ جو خاتمو ٿي ويو ۽ پهريون پيرو هن علائقي ۾ هڪ اهڙي مرڪزي حڪومت جو قيام عمل ۾ آيو جنهن کي هر فرد جي حمايت حاصل هئي ۽ اڳتي هلي دنيا جي ٻين وڏين حڪومتن کي مديني جي هن مرڪزي حڪومت جو تابع ٿيڻو پيو ايتريقدر جو ان دور جي ٻن عظيم سلطنتن (Super Powers) کي ب مدني خلافت جي حڪم هيٺ هلڻو پيو (قيصر ۽ ڪسريٰ جون سلطنتون). نبي ڪريم ﷺ جن هن ڏس ۾ جيڪا حڪمت عملي اختيار ڪئي ان تي دنيا جي وڏن وڏن جرنيلن کي حيراني آهي ت ايتري معمولي جاني ۽ مالي نقصان تي ايڏيون وڏيون ڪاميابيون انساني تاريخ ۾ ڪنهن ب فاتح کي حاصل نه ٿي سگهيون آهن، ڇوجو پاڻ سڳورن ﷺ جي زندگيء ۾ اسلامي انقلاب مڪمل ٿيڻ تائين دشمن سان جيترين ب لڙايون لڳيون انهن ۾ هنهي ڏرين جا اٽڪل هڪ هزار ۽ اٺ ماڻهو ماريا ويا.

هن ڪتاب اندر جهادي ڪارواين کي هن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. باب پهرين ۾ غزوات ۽ باب ٻئي ۾ وري سرايا ۽ بعوث وغيره جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

غزوات واري هن پهرين باب ۾ انهن غزوات جو ذڪر ٿيل آهي.

غزوات جي ڳاڻيٽي ۾ جيتوڻيڪ راوين جو اختلاف رهيو آهي پر پوءِ ب اهو اختلاف حقيقي نه پر خيالي آهي، ڇو جو ڪنهن ب "غزوه" جي حقيقت کان ت ڪنهن کي ب انڪار نه رهيو آهي، باقي ان جي واقعاتي نوعيت کي پنهنجي پنهنجي انداز ۾ تسليم ڪيو ويو آهي. مثال طور نبي ڪريم ﷺ جن ڪنهن موقعي تي ڪنهن مخصوص مهم لاءِ تيار ٿي مديني کان نڪتا ۽ ان مطلوب مقام تائين پهچي پنهنجو مقصد حاصل ڪيائون پر ان ساڳئي سفر ۾ اوچتو ئي ڪنهن ٻئي پاسي يا ويجهڙائيء ۾ جهاد جي ضرورت محسوس ٿي ۽ پوءِ گهر موٽڻ بدران پاڻ ڪريمن ﷺ پنهنجي لشڪر سميت ان طرف رخ ڪيو، جيئن غزوه خيبر جي خاتمي کانپوءِ ان ساڳئي سفر ۾ "غزوه وادي القريٰ" جو واقعو پيش آيو. هاڻي ڪن مؤرخن انهن هنهي غزوات کي هڪ غزوه شمار ڪيو آهي. جڏهن ت ڪن جي نگاه ۾ وري اهي ب غزوات آهن. ان ڪانسواءِ جن غزوات ۾ ڏريون هڪ ٻئي جي سامهون نه آيون اهڙن واقعات کي ب ڪجهه راوين طرفان نظرانداز ڪيو ويو آهي، ايتريقدر جو "حضرت بريده بن حصيب اسلمي" ت "فتح مڪ" جي مهم کي ب غزوات ۾ شمار نٿو ڪري. ان ڏس ۾ سندس قول آهي ت مڪي پاڪ جي فتح، جنگ نه پر امن جو عمل هو." اهڙي ريت "غزوه حديبيه" کي ب ڪن راوين طرفان "غزوه" شمار نه ڪيو ويو آهي ڇو جو سندن خيال آهي ت هن موقعي تي مسلمان ڪنهن جنگ يا جهاد جي نه پر "عمره" ادا ڪرڻ جي نيت سان مديني کان هليا هئا، اهڙي ريت ڪن راوين طرفان ٻين غزوات جي باري ۾ ب مختلف راين جو اظهار ڪيو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو ڳاڻيٽي جي لحاظ کان غزوات جو انگ مختلف جاين تي مختلف نظر اچي ٿو. مثلاً حضرت زيد بن ارقم غزوات جو تعداد اوڻيهه ٻڌايو آهي ت حضرت جابر بن عبدالله

Marfat.com

وري ايڪيهه غزوات جو بيان ڪري ٿو ۽ حضرت سعيد بن مسيب وٽ اهو انگ چوويهن تائين پهچي ٿو. ساڳيءَ ري
مختلف سيرت نگارن وٽ به ڳاڻيٽي جو اهو اختلاف موجود آهي پر پوءِ به اڪثريت وٽ جن ۾ موسيٰ بن عقبه، ا
اسحاق، واقدي، ابن سعد، قسطلاني، ابن جوزي ۽ دمياطي وغيره شامل آهن انهن وٽ غزوات جي سلسلي ۾ ستاوي
جي انگ تي اتفاق نظر اچي ٿو. جڏهن ته ڏهين صديءَ جي عظيم سيرت نگار علامه ابوعبدالله شاميءَ پنهنجي شهره آ
ڪتاب "سبل الهديٰ والرشاد" ۾ غزوات جو تعداد ااويهه ڄاڻايو آهي، جنهن جي پيروي ڪائنس پوءِ وارن سيرت نگا
مان گهڻن اختيار ڪئي آهي جن ۾ اسانجو محترم علامه مخدوم محمد هاشم ٽٺوي رحمة الله عليه به شامل آهي. جن
زير نظر ڪتاب ۾ غزوات جو تعداد ۽ ترتيب اها ساڳي اختيار ڪئي آهي جيڪا علامه شاميءَ وٽ نظر اچي ٿي.

مٿين سمورن غزوات تي جيڪڏهن غور ڪبو ته انهن منجهان اڪثر دفاعي نوعيت جا هئا جن ۾ پاڻ ڪريمن
جي پاليسي اها هئي ته ظلم کي ختم ڪري الله جي زمين تي الله تعاليٰ جو نظام نافذ ڪجي. ان ڪري اڪثر غزوات
نه ڏرين جو دوبدو مقابلو ٿيو ۽ نه وري ڪنهن کي ڪو جاني نقصان پهتو، انڪري اهڙن غزوات جو تعداد تمام گ
رهيو جن ۾ نوبت خونريزيءَ تائين پهتي. انهن غزوات جو تعداد نون کان مٿي نه آهي. جيئن ته (١) بدر (٢) احد (
خندق (٣) بنوقريظه (٥) بنومصطلق (٦) خيبر (٧) فتح مڪه (٨) حنين ۽ (٩) طائف.

نبي اڪرم ﷺ جن پاڻ پنهنجي سر اکل سايا ست ورهيه ساندهه جهاد ۾ حصو ورتو. ان ڏس ۾ پهريون پيرو
سڳورا ﷺ سن هي هجريءَ جي صفر مهيني ۾ "غزوه وَدان" لاءِ اسهيا، ۽ آخري پيرو وري سن نائين هجري جي ر
واري مهيني ۾ "غزوه تبوڪ" لاءِ اسلامي لشڪر جي قيادت ڪيائون. اهو ڪل عرصو ست سال ۽ پنج مهينا ٿئي
جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن اکل ااويهه پيرا اسلامي فوجن جي اڳواڻيءَ جا فرائض سرانجام ڏنا. انهن منجهان
غزوات کي اسلامي تاريخ ۾ فيصلہ ڪن حيثيت حاصل رهي جن جو ذڪر الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب قرآن مجيد
واضح طور ڪيو آهي جنهن جو تفصيل هن ريت آهي.

١. غزوه بدر	سوره الانفال پاره ٩
٢. غزوه احد	سور آل عمران پاره ٤
٣. غزوه خندق	سوره احزاب پاره ٢١
٤. غزوه بنوقريظه	سوره احزاب پاره ٢١
٥. غزوه بنونضير	سوره حشر پاره ٢٨
٦. غزوه حديبيه	سوره فتح پاره ٢٦
٧. غزوه خيبر	سوره فتح پاره ٢٦
٨. غزوه فتح مڪه	سوره نصر پاره ٣٠
٩. غزوه تبوڪ	سوره توبه پاره ١٠

هن باب ۾ جن ااويهن غزوات جو ذڪر ڪيو ويو آهي انهن جي تفصيلات کي سولائي سان ڏسڻ لاءِ هيٺ ه
چارٽ ڏنو ويو آهي، جنهن جا تفصيلات گهٽي ياڳي اهي ئي آهن جيڪي هن ڪتاب جي فاضل مؤلف حضرت عل
مخدوم محمد هاشم ٽٺويءَ طرفان ٻڌايا ويا آهن. هن چارٽ جو مقصد آهي ته سمورن غزوات تي سولائيءَ سان ه
طائراڻه نگاه وجهي سگهجي. (مترجم)

Marfat.com

جملي غزوات جو چارٽ

نمبر	غزوه جو نالو	مقصد	لڑائيءَ جو ماڳ	مسلمانن جو تعداد	تاريخ	مديني ۾ جانشين	نتيجو
١.	غَزْوَه اَبْوَاءَ	ڪافرن جي هڪ قافلي جو پيڇو ڪرڻ	ودان	٦٠ مهاجر	١١ صفر ٢ هجري	سعد بن عباده	ڪافرن جو قافلو ته هٿ نه آيو پر بنوضمره وارن سان هڪ ڪامياب معاهدو ٿيو
٢.	غزوه بُوَاط	ڪافرن جي هڪ قافلي جو پيڇو ڪرڻ	بُواط	٢٠٠ مهاجر	ربيع الاول ٢ هجري	سائب بن مظعون	قافلو مسلمانن جي پهچڻ کان اڳ اتان نڪري ويو
٣.	غزوه سَفَوَان	ڪرز بن جابر وارن جو پيڇو ڪرڻ جيڪو مسلمانن جو مال ڪامي ويو هو	بدر	٢٠٠ مهاجر	ربيع الاول ٢ هجري	زيد بن حارثه	دشمن پڄي ويڻ ۾ ڪامياب ٿيا
٤.	غزوه عُشَيْرَه	ڪافرن جي هڪ قافلي جو پيڇو ڪرڻ	عشيره	١٥٠ يا ٢٠٠ مهاجر	جمادي الاول ٢ هجري	ابوسلمه عبدالله بن عبدالاسد مخزومي	قافلو هٿ نه آيو پر بنو مدلج ۽ سندن ساٿارين سان هڪ معاهدو ٿيو
٥.	غزوه بَدْر	ابوسفيان جي قيادت ۾ ايندڙ هڪ قافلي سان مقابلو ڪرڻ	بدر	٨٤ مهاجر ٢٩٩ انصار	١٧ رمضان ٢ هجري	ابولبابه بن عبدالمنذر انصاري	مسلمانن کي بيمثال ڪاميابي حاصل ٿي ۽ ڪافرن جو بي حساب جاني ۽ مالي نقصان ٿيو
٦.	غزوه قَرْقَرَةُ الكُدْر	ڪافرن سان مقابلو	قرقرة الكدر	٢٠٠	شوال ٢ هجري	سباع بن عرفطه يا حافظ ابن ام مكتوم	دشمن مقابلي ڪرڻ ڪانسواءِ جان بچائي ۽ پنهنجو مال ڇڏي پڄي ويا جيڪو مسلمانن هٿ ڪيو
٧.	غزوه سَوِيْق	ابوسفيان ۽ سندن ساٿين جو پيڇو ڪرڻ جن ڪجين جا	عُرَيضُ	٢٠٠	٥ ذوالحج ٢ هجري	سباع بن عرفطه يا ابولبابه بن عبدالمنذر	ڪافر خوف کان پڄي ويا ۽ پنهنجون ستن جون هوريون رستي ۾ اچلائيندا ويا

Marfat.com

		باغ ساڙيا ۽ ۾ مسلمان شهيد ڪيا هئا						
٨.	غزوه ذِي اَمَرّ	بنوغَطفَان وارن سان مقابلو جيڪي مسلمانن تي حملي ڪرڻ جي سازش سڱي رهيا هئا	ذي امر (نجد)	۴۵۰	محرم ۳ هجري	عثمان بن عفان رضہ	دشمن جان بچائي ڀڳا ۽ جبلن جي چوٽين تي چڙهي ويا	
٩.	غزوه قُرعُ	بنو سليم وارن سان مقابلو ڪرڻ جيڪي مسلمانن مٿان حملي ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا	بُحران	٣٠٠	ربيع الاول ٣ هجري	حافظ ابن ام مڪتوم	دشمن ياڄ ڪاڏي ۽ ڇڙوڇڙ ٿي ويا	
١٠.	غزوه بنو قينقاع	هن قبيلي وارا پنهنجن معاهدن تان ڦري ويا هئا ان ڪري کين سيکت ڏيڻ لاءِ مٿن حملو ڪيو ويو	مدينہ منوره	.....	جمادي الاول ٢ هجري يا شوال ٢ هجري	ابولبابہ بن عبدالمنذر انصاري	دشمن هار ميڙي پوءِ سندن جان بخشي ٿي پر انهن جو مال ضبط ڪيو ويو	
١١.	غزوه اُحُد	ابوسفيان جي قيادت ۾ تيار ٿي آيل ڪافرن جي لشڪر سان مقابلو ڪرڻ	جبل احد	٧٠٠	شوال ٣ هجري	ابن ام مڪتوم	امام الانبياء ﷺ جن جي هڪ امر فرمان کي فراموش ڪرڻ سبب ڪٽيل جنگ جو نقشو تبديل ٿي ويو ۽ مسلمانن جو ڪافي جاني نقصان ٿيو	

Marfat.com

١٢.	غزوه حمراء الاسد	احد کانپوء وري ابوسفيان جي ٿي قيادت ۾ آيل کافرن جو مقابلو کرڻ	حمراء الاسد	٦٣٠	١٧ شوال ٣ هجري	ابن ام مکتوم	دشمن پڄي ويا
١٣.	غزوه بنو نضير	يهودين کي سندن سازشن ۽ بد عهدين جو سبق سيکارڻ	عاليه	٢٠٠	ربيع الاول ٤ هجري	ابن ام مکتوم	يهودين کي شهر نيکالي ڏني ويئي
١٤.	غزوه بدر الاخيره	بدر جي جنگ جو بدلو وٺڻ لاءِ ابوسفيان جي اڳواڻيءَ هيٺ ساڳي ماڳ تي آيل کافرن سان مقابلو کرڻ	بدر	١٥٠٠	شعبان ٤ هجري	عبدالله بن ابي رواحه	ابوسفيان جي قيادت ۾ مشرکن جو لشکر تيار ٿي نڪتو پر واعدي مطابق بدر جي ميدان ۾ نه پهتو ۽ هو رستي مان پڄي ويا
١٥.	غزوه دومة الجندل	رومي کافرن سان مقابلو کرڻ	دومة الجندل	١٠٠٠	ربيع الاول ٥ هجري	سباع بن عرفطه	کافر بنا مقابلي جي پنهنجو مال ڇڏي پڄي ويا
١٦.	غزوه بنو مصطلق	بنو مصطلق جي ان لشکر جو مقابلو کرڻ جيکو مسلمانن جي خلاف تيار کيو ويو هو	مريسيع	٧٠٠	شعبان ٥ هجري	زيد بن حارثه	مسلمانن بيمثال سوپ حاصل کئي
١٧.	غزوه خندق	مشرکن ۽ يهودين جي	مدينه	٣٠٠٠	شوال ٥ هجري	حافظ ابن ام مکتوم	مسلمان سويارا ٿيا

Marfat.com

		گڏيل لشکر جو مقابلو ڪرڻ						
١٨.	غزوهٔ بنُوقُرَيظَه	يهودين جي هن قبيلي به ڪيل معاهدا ٽوڙي ڇڏيا هٿ انڪري ڪين سيڪت ڏيڻ ضروري ٿي پيو هو	غران	٣٠٠٠	ذوالقعد ٥ هجري	حافظ ابن ام مڪتوم		يهودين کي ذلت آميز شڪست نصيب ٿي ۽ مسلمانن کي غنيمت ۾ ڪافي مال اسباب هٿ آيو
١٩.	غزوه بنولِحيان	بنولحيان وارن ڪان "بئر معونه" واري واقعي جو پلئه ڪرڻ	نجران	٢٠٠	رجب ٦ هجري	.....		دشمن مسلمانن جي خوف ڪان پڄي جان بچائي
٢٠.	غزوه حديبيه	مسلمان عمري ڪرڻ لاءِ مڪي ڏانهن روانا ٿيا	حديبيه	١٥٠٠	ذوالقعد ٦ هجري	حافظ ابن ام مڪتوم		مسلمانن کي ڪافرن عمره ادا ڪرڻ نه ڏنو ۽ اهي ڪافرن سان هڪ معاهدو ڪري موٽي آيا
٢١.	غزوهٔ ذِيْ قَرَد	عبيده بن حصن ۽ سندس ساٿين ڪان مال ڇڏائڻ جيڪي مال ڪامي وڃي رهيا هٿا	ذي قرد	٥٠٠ يا ٧٠٠	ذوالحج ٦ هجري	حافظ ابن ام مڪتوم		مسلمانن نه صرف ڪافرن ڪان پنهنجو مال ڇڏايو پر سندن مال ۽ سامان پڻ کسي ورتائون
٢٢.	غزوهٔ خَيْبَرَ	يهودين جي مسلسل سازشن کي روڪڻ	خيبر	١٦٠٠	محرم ٧ هجري	سباع بن عرفطه		مسلمان الله تعاليٰ جي فضل سان ڪامياب ٿيا
٢٢.	غزوهٔ وَادِيءِ الْقُرىٰ	غزوه خيبر ڪان موٽ تي جڏ من	واديءِ القريٰ	...	صفر ٧ هجري	سباع بن عرفطه		مسلمانن کي سوپ حاصل ٿي ۽ غنيمت ۾ ڪافي مال مليو

Marfat.com

		مسلمان هتان لانگهائو ٿيا تہ اتان جا ماڻهو سندن مٿان حملي لاءِ اڳواٽ ئي تيار هئا					
٢٤.	غزوه ذَاتِ الرِّقَاع	دشمن کي اڳرائيءَ کان روکڻ	نجد	۴۰۰ يا ۷۰۰	١٠ ربيع الاول ٧ هجري	عثمان بن عفان رضہ	دشمن ڀڄي ويا
٢٥.	غزوه فتح مکہ	الله تعالىٰ جي پاڪ گهر کي ڪافرن جي قبضي مان ڇڏائڻ	مکو شريف	١٠٠٠٠	١٠ رمضان ٨ هجري	ابن ام مکتوم ءِ ابو رهم انصاري	مسلمان پنهنجي مرڪز حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا
٢٦.	غزوه حُنَيْن	بنوهوازن ءِ بنوثقيف توڙي بين يهودي قبيلن جي پيش قدميءَ کي روکڻ	حنين	١٢٠٠٠	٦ شوال ٨ هجري	ابوذر غفاري	مسلمان سويارا ٿيا
٢٧.	غزوه طَائِف	بنوثقيف وارن جي طاقت کي ختم ڪرڻ	طائف	١٢٠٠٠	شوال ٨ هجري	عتاب بن اسيد (مڪي ۾ جانشين مقرر ڪيو ويو).	مسلمانن ڪاميابي حاصل ڪئي
٢٨.	غزوه تَبُوڪ	قيصر روم سرفان مسلمانن خلاف حملي جي تيارين کي روکڻ	تبوڪ	٣٠,٠٠٠	رجب ٩ هجري	محمد بن مسلمہ	هن آخري "غزوه" ۾ به مسلمانن سوپ حاصل ڪئي

Marfat.com

اُذِنَ لِلَّذِيْنَ يُقَاتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا وَاِنَّ اللّٰهَ عَلٰى نَصْرِهِمْ لَقَدِيْرُ. (۱)

اجازت ڏني ويئي انهن ماڻهن کي جن جي خلاف جنگ جوڻي پيئي وڃي، ڇو جو هو ظلم جو شڪار ٿيل آهن ۽ بلاشڪ الله سندن مدد ڪرڻ جي طاقت رکي ٿو.

اها ان ڏس ۾ نازل ٿيندڙ پهرين آيت آهي، جيئن اڳتي بيان ڪيو ويندو.

• اسان کي اها ڄاڻ پڻ هئڻ کپي ته نبي سونهاري صلي الله عليه وسلم جن پاڻ جن لڙاين يا مهمات ۾ بهرو ورتو. تن جو تعداد ستاويهه (۲۷) چيو وڃي ٿو. ان ڳاڻيٽي ۾ " غزوه احزاب" ۽ "غَزْوَه بني قُرَيْظَه" کي هڪ " غَزْوَه" ڪري شمار ڪيو ويو آهي، ۽ ساڳيءَ ريت "غَزْوَه خَيْبَر" ۽ "وَادِي القرىٰ" کي به هڪ "غزوه" ڪري ڳڻيو ويو آهي. باقي جيڪڏهن کو به انهن غَزْوَات مان ڪنهن به هڪ کي جدا جدا شمار ڪندو ته پوءِ اهو انگ وڌي اٺاويهه (۲۸) ٿي ويندو. (۲)

انهن اٺاويهه (28) غزوات جو ترتيب وار وچور هت هيٺ ڏجي ٿو. (۳)

(1) "غزوه الاَبْوَآء" جنهن کي "غزوه ودّان" به سڏيو ويندو آهي.

(2) "غزوه بُوَاطِ"

(3) "غزوه سَفَوَان" هن کي "بَدْر اولىٰ" به سڏيو ويندو آهي.

(4) "غزوه عُشَيْرَه"

(5) "غزوه بَدْر كُبْرىٰ"

(6) "غزوه بني سُلَيْم" هن کي "قَرْقَرَةُ الْكُدْر" به سڏيندا آهن.

(7) "غزوه سَوْيق"

(8) "غزوه غَطَفَان" يا "ذي امرّ"

(9) "غزوه فُرُع" (حجاز طرف بحران ۾)

(10) "غزوه بني قَيْنُقَاع"

---

(۱) سورة "الحج" آيت ۳۹ پاره ۱۷.

(۲) غزوات جي ڳاڻيٽي ۾ سيرت نگارن جو اختلاف رهيو آهي، پر پوءِ به انهن مان اڪثريت جي راءِ موجب غزوات جو تعداد ستاويهه آهي.

"مُوسىٰ بن عُقبه"، "ابن اِسحَاق"، "واقدي"، "ابن سعد"، "ابن جَوزِي" ۽ "دِمياطِي" وغيره ستاويهن جي انگ تي متفق آهن. جڏهن ته ٻئي پاسي وري سعيد بن مُسيّب جي خيال ۾ غزوات جو تعداد چوويهه ۲۴، جابر بن عبدالله وٽ ايڪيهه ۲۱ ۽ زيد بن ارقم وٽ اوڻيهه ۱۹ آهي. ان جا ڪيترائي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا، جنهن جي وضاحت مٿي ٿي چڪي آهي.

علامه سُهَيلي پنهنجي ڪتاب "رَوضُ الانفُ" ۾، علامه زرقاني پنهنجي ڪتاب شرح عَلَي المَوَاهب اللدنيه ۾ ۽ علامه اِبن حَجَر عَسقَلاَني "فتح الباري" ۾ ان موضوع تي تفصيلي بحث ڪيو آهي ـ"مترجم".

(۳) عام طور غزوات جي ترتيب اها ئي آهي. جنهن موجب پهريون غزوه "ابواء" ۽ آخري غزوه تبوڪ آهي. مشهور سيرت نگار ابن اسحاق، محدث امام بخاري ۽ علامه ابن حجر عسقلاني به پنهنجي ڪتابن ۾ اها ئي ترتيب اختيار ڪئي آهي. جڏهن ته ڪجهه عالمن جي خيال موجب پهريون غزوه "عُشيره" آهي.

Marfat.com

(11) "غزوه اُحُد"
(12) "غزوه حَمْرَاءِ الْاَسَد"
(13) "غزوه بَنيْ نَضيْر"
(14) "غَزْوَه بَدْرُ الْاَخِيرَه" يا "بَدْرُالْمَوْعد"
(15) "غزوه دُوْمَةُ الْجَنْدَل "
(16) "غزوه بَنِي مُصْطَلِقِ" يا "مُرَيْسِيْع"
(17) "غزوه خَنْدَق"
(18) "غزوه بَنِي قُرَيْظَة"
(19) "غزوه بَنِيْ لِحْيَان"
(20) "غزوه حُدَيْبِيَّه"
(21) "غزوه ذِي قَرَد"
(22) "غزوه خَيْبَر"
(23) "غزوه وَادِيُ الْقُرىٰ"
(24) "غزوه ذَاتِ الرِّقَاع" يا "مُحَارب و بني ثعلبه"
(25) "غزوه فَتح مَكه"
(26) "غزوه حُنَيْن"
(27) "غزوه طَائِف"
(28) "غزوه تَبُوك"

ڪجهہ محدثن وٽ اها ترتيب اڳي پوءِ بہ نظر اچي ٿي. اڳتي هلي هرهڪ جو تفصيل صحيح نالن سان بيان ڪيو ويندو. (انشاءَ الله تعاليٰ).

هن باب ڪي اٺن فصلن ۾ ورهايو ويو آهي.

Marfat.com

فصل پهريون

سن پي هجريءَ جا غزوات

هجرت جي پهرين سال "غَزَوات" يا "سَرَايَا" جو ڪو به ذڪر نه ڪيو ويو آهي. ڇو ته جهاد جو حڪم سن پي هجريءَ دوران نازل ٿيو. جيئن متي بيان ٿي چڪو آهي.

غزوه اَبْوَآءَ يا غزوه وَدَّان

• هن سال جڏهن صفر مهيني جون يارهن راتيون گذري چڪيون هيون، تڏهن نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن پاڻ سان گڏ ست مهاجرن جو جٿو ساڻ ڪري پهريون پيرو خدا جي راهه ۾ جهاد لاءِ مديني کان نڪتا. هن جماعت ۾ انصار مان ڪو به شخص شامل نه هو. مدينو ۾ "سَعد بن عُبَادَه" کي خليفو مقرر ڪيو ويو.

هن سفر ۾ مسلمانن ڪافرن جي ان قافلي جو پيڇو ڪرڻ ٿي چاهيو، جيڪو شام کان مدينو ڏانهن موٽي رهيو هو، پر مسلمانن جي پهچڻ کان اڳ قافلو اتان نڪري چڪو هو، انڪري ڏرين ۾ ڪو به جهيڙو جهڳڙو نه ٿيو. البت هن سفر ۾ مسلمانن ۽ "بني ضَمُرَة" وارن جي وچ ۾ هڪ ناهه ٿيو، جنهن جا شرط ڏرين طرفان لکت ۾ ڏنا ويا.

تاريخ ۾ هن غزوه کي "غزوه اَبواء" يا "غزوه وُدّان" جي نالن پٽيان ياد ڪيو وڃي ٿو.

"اَبواء" [1] مڪي کان مدينو ڏانهن ويندڙ رستي تي فُرُع جي پسگردائيءَ ۾ هڪ ڳوٺ آهي.

---

(۱) يثرب کان ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري سان گڏوگڏ جيڪا قديم شاهراه هئي ان جي مٿان اٽڪل پنجهتر ميلن جي مفاصلي تي "فُرع" نالي هڪ شهر آباد هو جنهن جي شهرت آڳاٽي دور کان تاريخ ۾ مختلف حوالن سان ملي ٿي. هڪ روايت مطابق حضرت اسماعيل عليه السلام ۽ سندس امڙ سيده هاجره سائٽڙ لاءِ پهريون دفعو هن شهر مان ڪارڪون موڪليون ويون هيون.

قديم تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻيءَ جي فراواني سبب هن شهر جي آسپاس ۾ سٽي آبادي ٿيندي هئي جنهن ڪري پسگردائيءَ ۾ هيا ۽ ڪيترائي ڳوٺ ۽ واهڙ آباد هئا جن مان "ودان" نالي هڪ وڏو واهڙ گهڻو مشهور هو. ان کان وري اٽڪل اٺن ميلن جي مفاصلي تي "ابواء" نالي هڪ ننڍو ڳوٺ به آباد هو.

تاريخي شهادتن مان خبر پوي ٿي ته جيتوڻيڪ ان دور ۾ "ودان" نالي واهڙ "ابواء" جي مقابلي ۾ وڌيڪ آباد ۽ هو ته وڌيڪ مشهور به، پر اڳتي هلي اسلامي تاريخ ۾ "ابواء" کي وڌيڪ شهرت حاصل ٿي ڇو جو هتي سيد الانبياء ﷺ جن جي امڙ سائٽڙ سيده آمنه وفات فرمائي ۽ اتي ئي کين دفنايو ويو ان واقعي جو پس منظر هن ريت بيان ڪيو ويو آهي ته نبي انور ﷺ جن جي بابي سائين سيدنا عبدالله جن شاديءَ کان ڪجهه عرصو پوءِ واپار سانگي هڪ قافلي سان گڏ "شام" ڏانهن ويا، ۽ اتان موٽ تي جڏهن يثرب پهتا تڏهن سموري قافلي سان گڏ پنهنجي ڏاڏي سائٽڙ سيده سلميٰ بنت "عمرو بن لبيد" جي اباڻي گهر اچي لڏو لاٿائون، جتي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ اوچتو سندن طبيعت خراب ٿي پيئي

Marfat.com

"اَبْوَاء" ۽ "جُحْفَہ" جي وچ ۾ مديني واري پاسي کان ٽيويھہ ميل فاصلو آھي. "وُدّان" نالي ڳوٺ ۽ "فرع" جي ويجھڑائي ۾ آھي.

ھن غزوه کي "غزوه اَبواء" ۽ سڏيو ويندو آھي ته "غزوه وُدّان" ۽، ان جو سبب "زرقاني" "شرح مواھب" ۾ اھو ڄاڻايو آھي ته "ابواء" ۽ "وَدّان" ھڪ ئي ڳوٺ جا ۽ نالا آھن. جڏھن ته "قَسطَلاني" ۽ "عَيْني" "صحيح بخاري" بابت لکيل پنھنجي شرحن ۾ ڄاڻايو آھي ته "ودّان" ھڪ وڏو واھڻ آھي. جيڪو "ابواء" ۽ "جُحْفَہ" جي وچ تي آھي ۽ "جُحْفَہ" کان ان جو فاصلو اٽڪل اٺ ميل ٽيندو. (۱)

جنھن تي قافلي وارن کين واپس مڪي موٽڻ لاءِ زور ڀريو پر سيدنا عبدالله جن بيماريءَ سبب واپسيءَ جي سگھہ نہ ساري سگھيا البت قافلي وارن کي پنھنجي ماڳن تي موٽڻ جي اجازت ڏنائون.

"يثرب" ۾ قيام دوران سندن طبيعت وڌيڪ بگڙندي ويئي تان جو اتي ئي وفات فرمايائون ان ڪري سيدنا عبدالله جا گھرياتي سندن کفن دفن ۾ ۽ شريڪ نہ ٿي سگھيا. اٽڪل ڇھن ورھين کانپوءِ سيده آمنہ پنھنجي گھرواري جي قبر مبارڪ جي زيارت خاطر يثرب آئي ۽ اچي ان ساڳئي گھر ۾ قيام فرمايائين جتي سيدنا عبدالله جن قيام فرمايو ھو. ھڪ ٻي روايت ۾ ائين ۽ ٻڌايو ويو آھي ته سيده آمنہ ھر سال سيدنا عبدالله جن جي قبر مبارڪ جي زيارت خاطر ھتي ايندي ھئي. والله اعلم.

بھرحال يثرب ۾ ھڪ مھينو گذرڻ کانپوءِ "سيده آمنہ" جڏھن اتان موڪلائي مڪي لاءِ رواني ٿي ته اوچتو ئي رستي ۾ سندن طبيعت خراب ٿي پيئي ۽ اتي ئي پساه پورا ڪيائون. وفات وقت بيبي سائڻ جي عمر ٽيھارو ڪن ورھيه ھئي.

ھن سفر ۾ سيده آمنہ سائڻ سان سندن ڇھن ورھين جو ڇڪڙو محمد ﷺ ۽ دائي اُمِ ايمن ۽ گڏ ھئا.

وفات کانپوءِ سيده آمنہ کي اتي ئي دفنايو ويو. ھاڻي ته اھي وسنديون ۽ واھڻ ويران ٿي چڪا آھن ۽ فقط انھن جا نالا وڃي باقي بچيا آھن. جتي ودان نالي واھڻ ھو اتي ھينئر سڀ کان مشھور ماڳ "مستورہ" آھي جيڪو آبادي جي لحاظ کان ته ھڪ ننڍڙو ڳوٺ آھي پر (Main Road) جي مٿان ھئڻ سبب ھتي ڪجھہ ننڍا ھوٽل ۽ مسجد وغيره موجود آھي ان ڪري اڪثر سواريون ڪجھہ کائڻ پيئڻ يا نماز پڙھڻ لاءِ ھتي بيھنديون آھن. ھتان اوپر طرف اٽڪل اٺن ميلن جي پنڌ تي ان ڳوٺ جا اھجاڻ نظر اچن ٿا جيڪو "ابواء" جي نالي سان مشھور ھو. جيتوڻيڪ ھن وقت ھتي ڪا ۽ آبادي وغيره نہ آھي باقي ھڪ مٿانھين ٽڪريءَ تي سيده آمنہ جي قبر مبارڪ جو نشان نظر اچي ٿو جنھن جي مٿان ڪجھہ ڪارا پٿر پيل آھن. چيو وڃي ٿو ته ماضيءَ ۾ ھن قبر مبارڪ جي چوڌاري ڪارن پٿرن جو احاطو ۽ نڪتل ھيو جيڪو ھاڻي جھري ويو آھي. باقي ھتي ٻي ڪا ۽ شيءِ نظر نٿي اچي، سواءِ ڪجھہ ڪانڊيرن جي ايتريقدر جو ھن جاءِ تي ڪا ٻي قبر ۽ موجود نہ آھي.

سيرت ابن ڪثير ج ۱ ص ۲۳۵، وفاء الوفا "سمھودي" ج ۴ ص ۱۱۱۹، معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ۱ ص ۸۰ ـ ۷۹ ـ المعجم مَا استعجم "بڪري" ج ۱ ص ۱۰۲، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۱ ص ۹۹، تاريخ القويم "شيخ طاھر ڪردي" ج ۱ ص ۱۲۸.

(۱) "معجم البلدان" ياقوت حَموي جلد ۱ ص ۸۹، "فتح الباري" "ابن حجر عسقلاني" جلد ۷ ص ۲۱۷.

Marfat.com

ان وضاحت کانپوءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ هن "غَزْوَہ" کي اَبْوَاء ۽ وَدّان جي نالن پٹيان انکري نہ ٿو سڏيو وڃي تہ اهي نالا هڪ ماڳ جا آهن پر انکري تہ اهي ٻئي ماڳ هڪ ٻئي جي بلکل ويجهو آهن.

"غزوہ بُوَاط"

هن سال ربيع الاول يا ربيع الآخر جي مهيني ۾ مسلمان "غزوہ بُواط" لاءِ تيار ٿي مديني کان نڪتا. "بُوَاط" کي "بَوَاط" بہ سڏيو ويندو آهي. هي "جُهَيْنَہ" واري جابلو سلسلي مان هڪ جبل جو نالو آهي، جيڪو مديني کان "رَضْويٰ" ڏانهن هارهن ميلن جي فاصلي تي "ينبع" جي ويجهڑائيءَ ۾ آهي. (۱)

هن سفر جو مقصد بہ ڪافرن جي هڪ تجارتي قافلي جو پيڇو ڪرڻ هو. لشڪر ۾ بہ سؤ مهاجر شامل هئا، جن جي اڳواڻي سيد عالم صلي الله عليه وسلم جن پاڻ ڪري رهيا هئا. جڏهن تہ مديني ۾ پنهنجو نائب سَائِب بن مَظْعُوْن کي مقرر ڪيو هئائون، جيڪو حضرت عثمان بن مظعون جحميءَ جو پاءُ هو. هن "غزوہ" ۾ مسلمان ان قافلي تائين نہ پهچي سگهيا ۽ بغير ڪنهن جنگ جهيڙي جي واپس ورريا.

"غزوہ سَفَوَان" (۲) يا "بَدْرِ اُولىٰ"

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن مديني ۾ زَيْد بن حَارثہ رضہ کي امير بڻائي، پاڻ "غزوہ سَفَوَان" لاءِ روانا ٿيا. هن "غزوہ" کي "غزوہ بَدْرِ اُولىٰ" بہ سڏيو ويندو آهي، ڇو جو هي ڳوٺ "بدر" جي ويجهڑائي ۾ آهي.

هن غزوہ جو سبب اهو هو جو مشرڪن جو هڪ سردار ڪرز بن جابر فهري مديني وارن جو مال ڪاهي ويو. مسلمانن "سَفَوَان" تائين سندس پيڇو ڪيو، پر هو اتان گهٽو اڳتي نڪري چڪو هو. انڪري مسلمانن کي واپس موٽڻو پيو.

ڪُرْز بن جَابِر مشرڪن جي ڇڳن مڙسن مان هو. اڳتي هلي هن اسلام قبول ڪيو ۽ ڪيس رحمت للعالمين صلي الله عليه وسلم جي صحبت نصيب ٿي. "سَرِيَّہ عُرَنِيِّين" ۾ هو اسلامي لشڪر جو اڳواڻ مقرر ٿيو ۽ "فتح مڪه" جي موقعي تي هن شهادت ماڻي. (۳) سندس وڌيڪ احوال سن اٺين هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ڪيو ويندو، انشاءَ الله تعاليٰ.

ڪجهہ راوين جو خيال آهي تہ "غزوہ سَفَوَان"، "غزوہ عَشِيْرَہ" ڪانپوءِ جو واقعو آهي. (۴) جنهن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

"غزوہ عُشَيْرَہ"

هن سال جمادي الاول ۾ يا هڪ ٻئي قول مطابق جمادي الآخر ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم

---

(۱) "معجم البلدان" ياقوت حموي جلد ۱ ص ۵۰۲، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۴۵.

(۲) سَفَوان، هڪ ننڍڙي ماڻري جو نالو آهي، جيڪا "بدر" جي پَر ۾ آهي. (معجم البلدان. ياقوت حموي جلد ۳ ص ۲۲۵).

(۳) "الاصابہ" ابن حجر عسقلاني جلد ۳ ص ۹۱ ـ ۲۹۰.

(۴) تاريخ الخميس" ديار بڪري ج ۱ ص ۴۰۱، جوامع السيرة "ابن حزم" ص ۱۰۳ المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ۱ ص ۲۴۰.

Marfat.com

ڏيڊ سؤ يا ٻي روايت مطابق ٻہ سؤ مهاجرن جي جماعت سان گڏ "عُشَيرَہ" ڏانهن روانا ٿيا. هن کي کي ماٺهو "عُسَيرَہ" ٻہ سڏيندا آهن. هي ماڳ "يَنْبُعُ" جي وچ تي "مدلج قبيلي" وارن جي ملکيت هو، جتي مصر کان ايندڙ حاجي سڳورا منزل کندا هئا.

هن "غزوه" ۾ ٻہ مسلمان کافرن جي هڪ قافلي جي ڳولا ۾ نڪتا هئا، جيڪو شام کان مکي ڏانهن وڃي رهيو هو. پر مسلمان قافلي کي رسي نہ سگهيا، انکري کو ٻہ واقعو پيش نہ آيو.

مسلمان جمادي الاول جا باقي ڏينهن ۽ جمادي الآخر جون شروعاتي تاريخون اتي ترسي پيا. پوءِ "بنو مدلج" ۽ سندن ساٿارين سان جن جو تعلق "بنوضَمُرَہ" سان هو، هڪ معاهدو کري پنهنجي ماڳن تي موٽي آيا. انهن ڏينهن ۾ نبي کريم صلي الله عليه وسلم جن مديني ۾ پنهنجي غيرحاضريءَ دوران اَبُو سَلْمَہ عَبْدُالله بن عَبْدُالْاَسَد مَخْزُوْميءَ کي اتان جو امير مقرر کيو هو.

"غزوه بَدْر" (۱)

هن سال رمضان شريف جي مهيني ۾ اهو عظيم واقعو پيش آيو، جنهن سبب الله تعاليٰ مسلمانن

---

(۱) "بدر" نالي هي مشهور ماڳ "وادي يليل" ۾ مديني کان اسي ميلن جي پنڌ تي آهي. جنهن جي چوڌاري جبل آهن ۽ وچ تي هڪ کشادو بيضوي شکل جو ميدان آهي. جنهن جي ڏيگهہ اٽکل سادا پنج ميل ۽ ويکر سادا چار ميل ٿيندي.

هن جاءِ کي پنهنجي بيهڪ ۽ پاڻيءَ جي موجودگيءَ سبب هر دور ۾ وڏي اهميت رهي آهي. مکي توڙي مديني کان شام ڏانهن ويندڙ قافلا هتي ئي منزل کندا هئا. ان کانسواءِ سالياتو ذوالقعد مهيني جي چنڊ ڏسڻ سان هتي وڏو ميلو لڳندو هو. جيڪو سڄو هفتو جاري رهندو هو، ۽ عرب جي کنڊ کڙڇ مان ماٺهو اچي گڏ ٿيندا هئا. قسمين قسمين شين جا دکان لڳندا هئا. جتي گيهہ، تيل، کلون، کارکون، اوني چوغا، چادرون ۽ ٻين گهريلو استعمال جي شين کانسواءِ اعليٰ قسم جو چوپايو مال ٻہ وکامڻ لاءِ ايندو هو.

جنهن جاءِ تي جنگ لڳي هئي اها هينئر آبادي‌ءَ کان اٽکل ٻہ کلو ميٽر اولهہ طرف آهي ۽ اتي هاڻي کو ٻہ آثار باقي نہ بچيو آهي، سواءِ هڪ پراڻي چوديواريءَ جي جنهن جي اندر هن جنگ جي شهيدن کي دفنايو ويو هو. ان جي پرسان شهر وارن جو عام قبرستان ٻہ آهي. ڏکڻ اولهہ واري کنڊ تي هڪ نخلستان آهي ۽ اتي کجهہ ٻي پوک ٻہ ٿيندي آهي، چو جو هتي زمين کجهہ نرم ۽ واريائي آهي. فصل کي پاڻي ڏيڻ لاءِ هڪ چشمو ۽ هڪ کاريز موجود آهي. هتان جون کارکون قديم زماني کان وٺي تمام مشهور آهن. جنهن جو ذکر مشهور جاگرافيدانن "البکري" ۽ "المقدسي" ٻہ پنهنجي کتابن ۾ کيو آهي. "مقدسي" لکي ٿو تہ "هتي کجهہ مسجدون اهڙيون ٻہ هيون جيکي مصر جي بادشاهن جوڙايون هيون. اڄ انهن جا آثار مٽجي چکا آهن. باقي هن غزوي دوران پاڻ کريم صلي الله عليه وسلم جن لاءِ جنهن گهاٽ تي شاميانو لڳايو ويو هو اتي بعد ۾ هڪ مسجد قائم کئي ويئي، جنهن کي "مسجد عريش" يا "مسجد غمامہ" سڏيو ويندو آهي.

"اردو دائرة المعارف" جلد ۴ ص ۱۵۶ ـ ۱۵۳، "معجم مااستعجم "بکري" ج ۱ ص ۲۱۳، وفاء الوفا سمهودي ج ۴ ص ۱۱۴۵، معجم البلدان ياقوت جلد ۱ ص ۳۵۸ ـ ۳۵۷، عهدنبوی کے ميدان جنگ ـ ڈاکٹر حميد الله ص ۲۸ ـ ۲۷.

Marfat.com

جو مانُ مٹانهون کيو، ۽ کفر توڙي کافرن جي بربادیءَ جي شروعات ٿي. تاريخ ۾ ان واقعي کي "غزوه بَدْرِ کُبْریٰ" جي نالي سان ياد کيو وڃي ٿو. ان کانسواءِ "بدر عظميٰ" "بَدْر ثَانِيه" "بَدْر القِتَال" ۽ "يَوْمُ الْفُرْقَان" به هن ئي "غَزْوَه" جا ٻيا نالا آهن.

"بَدْر" نالي اهو ماڳ جتي هيءَ لڙائي لڳي، مديني کان مکي ڏانهن ويندڙ وات تي آهي ۽ مديني کان اتي پهچڻ لاءِ ٽن ڏينهن جو پنڌ آهي.

بدر جي هيءَ جنگ جمعي جي مبارک ڏينهن تي رمضان جي سترهين تاريخ لڳي. جڏهن ته کن جو خيال اٺويهين ۽ ويهين تاريخ بابت به آهي. پر اکثريت جي راءِ موجب سترهين تاريخ واري روايت ئي وڌيڪ صحيح آهي. "ابن عساکر" ان تاريخ کي محفوظ سڏيو آهي.

هن غزوه لاءِ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن رمضان جي يارهين تاريخ چنچر جي ڏينهن ٽي سؤ پنجاهه ماڻهن جو لشکر ساڻ ڪري مديني کان نڪتا، جنهن ۾ مهاجر توڙي انصار ٻئي شامل هئا. هن جنگ ۾ حصي وٺڻ وارن مسلمانن جو تعداد عام طور ٽي سؤ تيرهن مشهور آهي. هن ڳاٽيٽي ۾ اهي اَٺ صحابي سڳورا شامل نه آهن، جن کي رسول رحمت صلي الله عليه وسلم جن کجهه ضروري انتظامن لاءِ مديني ۾ ئي ڇڏي آيا، ۽ اهي عملي طور جنگ ۾ شريک ٿي نه سگهيا، پر پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن طرفان انهن کي بدري صحابين ۾ شمار کيو ويو ۽ کين غنيمت مان حصو پڻ ڏنو ويو.

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن انهن اٽن شخصن لاءِ اهو به فرمايو آهي ته "خدا وٽ به هو اهوئي مرتبو ماڻيندا، جيڪو بدري صحابين لاءِ هوندو."

انهن بدري صحابين مان ۸۴ مهاجر هئا. جڏهن ته ۲۲۹ جو تعلق انصار جي مختلف قبيلن سان هو.

هن ڪتاب جي مصنف "اَلنُّوْرُ الْمُبِيْنُ فِیْ جَمْعِ اَسْمَآءِ الْبَدْرِيِّيْنَ" نالي پنهنجي هڪ رسالي ۾ "بدر" ۾ بهرو وٺڻ وارن جو وڃور پيش کيو آهي. انصار طرفان هن لڙائي ۾ پهريون پيرو شرکت ڪئي ويئي ۽ هن کان اڳ هو ڪنهن به "غزوه" ۾ شريک نه ٿيا هئا.

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن "بدر" ڏانهن ويندي، جڏهن "رَوْحَاءَ" نالي کوهه وٽ پهتا، تڏهن اَبُوْلُبَابَه بن عَبْدُالْمُنْذِر اَنْصاري اَوْسيءَ کي جنهن جو اصلي نالو "بَشِيْر" يا "رِفَاعه" آهي، پنهنجو نائب ٻڌائي مديني ڏانهن موڪليائون.

"رَوحَاءَ" مکي کان مديني ويندڙ وات تي هڪ مشهور کوهه آهي ۽ مديني کان ۳۶ ميل پري آهي. ۱۱۳۵ هه ڌاري جڏهن مون حج جي زيارت لاءِ اتي پهتس ته اهو کوهه موجود هو. مون پاڻ ان جي زيارت به ڪئي ۽ پاڻي به پيتو. (۱)

بدر جي جنگ ۾ ڪافرن جي فوج هڪ هزار ماڻهن تي مشتمل هئي، جن ۾ نهايت بهادر ۽ تجربيڪار جنگي جوڌا موجود هئا. ان کانسواءِ گهوڙن، تلوارن ۽ ٻئي جنگي ساز و سامان جي به وٽن گهٽائي هئي. جڏهن ته مسلمانن وٽ اهي شيون نالي ماتر هيون. سڄي لشکر ۾ کل ٻه گهوڙا ۽ اَٺ تلوارون هيون. الله تعاليٰ پنهنجي پياري رسول صلي الله عليه وسلم ۽ مڙني مؤمنن تي مِهر ڪئي. قريش

(۱) اهو قول هن ڪتاب جي مؤلف حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحم جو آهي. (مترجم)

Marfat.com

جا ستر نامیارا اڳواڻ مسلمانن هٿان قتل ٿي ويا ۽ ايترائي گرفتار بہ ٿيا. ڪافرن وٽان جهجهي تعداد ۾ ڪين غنيمت جو مال بہ مليو، جنهن جو تفصيل حديث ۽ سيرت جي وڏن ڪتابن ۾ موجود آهي. (۱)

هن سال بدر جي لڙائيءَ ۾ هن امت جو فرعون اَبُوجَهْل بن هَشَّام بہ قتل ٿي ويو. جنهن جو وڌيڪ احوال هن ڪتاب جي ٽئين باب ۾ بيان ڪيو ويندو. (انشاءَ الله تعاليٰ)

"غَزْوَه قُرْقُرَةُ الْكُدْر"

هن سال جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن "بدر" کان واندا ٿي، مديني واپس پهتا تہ اتي ست ڏينهن ترسڻ کانپوءِ شوال مهيني جي شروعاتي تاريخن ۾ اتان وري "غزوه بني سُليم" لاءِ تيار ٿي نڪتا ۽ "ڪُدر" نالي ماڳ تي پهتا. انڪري هن کي "غزوه قُرْقُرَةُ الكُدْر" بہ سڏيو ويندو آهي. ۽ ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ هي واقعو هجرت جي ٽئين سال محرم مهيني جي پوئين اڌ ۾ پيش آيو.

"قُرْقُرَة" جا ٻئي قاف عام طور "زبر" سان پڙهيا ويندا آهن. پر ڪي ماڻهو انهن تي "پيش" بہ ڏيندا آهن. هن مان مراد آهي "صاف ۽ ڪليل ميدان"، جڏهن تہ "ڪُدر" جي ڪاف تي پيش پڙهيو ويندو آهي. عربيءَ ۾ هي لفظ "ميرانجهڙي رنگ جي ننڍن پکين" لاءِ استعمال ٿيندو آهي. جيڪي ان ميدان ۾ عام طور موجود هوندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو هن ماڳ کي "قُرْقُرَةُ الكُدْر" جي نالي پٽيان ياد ڪيو وڃي ٿو.

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم هن "غَزْوَه" لاءِ بہ سؤ ماڻهن جي جماعت سان گڏ نڪتا ۽ مديني ۾ سباع بن عرفطه کي نائب مقرر ڪيائون. جڏهن تہ ڪن راوين جو قول آهي تہ حافظ ابن اُمِّ مَكْتُوْم کي نائب بڻايو ويو هو. سندس اصلي نالو عَمْرو يا عَبْدُالله چيو وڃي ٿو. پر "عَمْرو" واري روايت وڌيڪ اعتبار جوڳي آهي ۽ اڪثر راوين جو ان تي اتفاق آهي. باقي نائب بابت پنهي روايتن تي اعتبار ڪندي عالمن هي نتيجو ڪڍيو آهي تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي پٽيان بہ نائب مقرر ڪيا هوندا. سباع بن عُرْفُطَه ماڻهن جي فيصلن لاءِ ۽ حافظ ابن امِّ مڪتوم نماز جي امامت لاءِ. اسلامي لشڪر جڏهن اتي پهتو تہ "بنو سُليم" وارن جا سمورا ماڻهو پنهنجي جان بچائي وٽي پڳا. منجهائن ڪنهن بہ دوبدو ٽيڙ جي همت نہ ڪئي. مسلمانن کي سندن ڇڏيل مال مان پنج سؤ اُٺ غنيمت طور هٿ آيا، جيڪي هو پاڻ سان گڏ ڪاهي مديني روانا ٿيا. مدينو ڪان ٿي ميل اوري "صِرَار" (۲) نالي هڪ ماڳ تي ان غنيمت جي ورهاست ڪيائون. انهن اٽن سان "يَسَار" نالي هڪ اوٽي بہ ساڻ هو، جيڪو پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي حوالي ڪيو ويو. پوءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن ان کي آزاد ڪري ڇڏيو. اڳتي هلي هو نبي آخر الزمان صلي الله عليه وسلم جن جو خاص خادم ۽ غلام ٿي رهيو.

---

(۱) صحيح بخاري. جلد ٻيو، شرح علي مواهب جلد پهريون المغازي واقدي. جلد پهريون ۽ فتح الباري ابن حجر عسقلاني جلد ستون وغيره ۾ جنگ بدر بابت سمورا تفصيل موجود آهن. (مترجم)

(۲) "صِرار" هڪ جبل جو نالو آهي، جيڪو عراق ڏانهن ويندڙ واٽ تي آهي. اتي هڪ پراڻو ڪوهہ بہ موجود هو. هن جاءِ تي ويهي مسلمانن غنيمت جو مال ورهايو هو. "معجم البلدان" جلد ۳ ص ۳۹۸، معجم مااستعجم بكري ج ۳ ص ۱۰۶.

Marfat.com

"غَزْوَة السَّوِيْق"

هن سال جي آخري مهيني ذوالحج ۾ يا وري ٻئي قول موجب محرم سن ٣ هجري ۾ مسلمان "غَزْوَةُ السَّوِيْق" لاءِ روانا ٿيا. "سَوِيْق" جي معنيٰ آهي "سَتُّو". جيئن ته هن لڙائي لاءِ مشرڪن ڪاڏي جي سامان ۾ گهٽي ياڳي "سَتُّو" پاڻ سان گڏ ڪنيا هئا. پوءِ جڏهن هو ميدان ڇڏي ٻڪا ته سندن ڇڏيل "سَتُّو" مسلمانن کي هٿ آيا، انڪري هيءَ غزوه "غَزْوَةُ السَّوِيْق" جي نالي سان مشهور آهي. (١)

هيءَ لڙائي "قُرْقُرَةَ الْكُدر" جي ويجهڙائي ۾ ٿي، جنهن ۾ مسلمانن جو مقابلو ابوسفيان ۽ مڪي جي قريش سان هو.

بدر واري واقعي کانپوءِ ابوسفيان اهو قسم کنيو هو ته "هو ايستائين نه گيهه واپرائيندو ۽ نه تڙ لاهيندو، جيستائين هو مٿي مرسل صلي الله عليه وسلم ۽ سندن صحابي سڳورن کان پنهنجي قتل ٿيل ساٿين جو پلوُ نه ڪندو." ان وچن کي پوري ڪرڻ لاءِ هو ٻه سؤ سوارن جو لشڪر ساڻ ڪري مديني کان ٽن ميلن جي پنڌ تي "عُرَيْض" (٢) نالي ماڳ تي پهتو، رسول خدا صلي الله عليه و سلم جن کي جڏهن اها خبر پهتي ته پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ٻه ٻه سؤ سوارن سان گڏ آڇر ڏينهن ذوالحج جي پنجين تاريخ سندن مقابلي لاءِ مديني کان نڪتا. مديني ۾ نائب طور "سباع بن عرفطه"، "ابن اُمِّ مَكْتُوم" ۽ "اَبُولُبَابَہ بن عَبْدُالْمُنْذِر" مان ڪنهن هڪ کي مقرر ڪيائون. اَبُوسُفيَان ۽ سندس ساٿين کي جڏهن اسلامي لشڪر جو اطلاع مليو ته مٿن رب پاڪ جي قدرت سان اهڙو ته رعب طاري ٿي ويو جو هن وٽي پويان پير ڪيا. هو پنهنجو سامان جنهن ۾ سَتُّن جون ڳوٽيون ٻه شامل هيون رستي ۾ اڇلائيندا ويا، جيڪو سمورو مسلمانن جي هٿ لڳو. نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن بنا ڪنهن تڪليف جي هن "غزوه" ۾ سوپارا ٿي پنهنجي ساٿين سان گڏ مديني واپس وريا. (٣)

---

(١) شرح علي المواهب "زرقاني" جلد ١ ص ٤٥٨.

(٢) معجم البلدان ياقوت حموي جلد ٦ ص ١١٦. روض الانف "سُهَيلي" جلد ٣ ص ١٢٦. معجم مااستعجم "بكري" ج ٣ ص ٢٠١.

(٣) شرح علي مواهب زرقاني ج ١ ص ٥٥٣. وفاء الوفا علام سمهودي ج ١ ص ٢٧٨.

Marfat.com

فصل ٻيو

هن فصل ۾ سن ٽئين هجري جي غزوات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

"غَزْوَه غَطَفَان"

هن سال محرم جي مهيني ۾ مسلمان "غزوه غَطَفَان" لاءِ اسهيا. جڏهن نه هڪ ٻني قول موجب اهو واقعو ربيع الاول جي مهيني ۾ ٻيش آيو.

مشهور مؤرخ "حافظ ابن ڪثير" پنهنجي ڪتاب "اَلبِدايَه وَالنهَايَه" ۾ چاٽايو آهي ته "مسلمان خميس جي ڏينهن ربيع الأول جي ٻارهين تاريخ مديني کان "غزوه غَطَفان" لاءِ روانا ٿيا." (١)

"غطفان" هڪ قبيلي جو نالو آهي. جنهن جي رهائش "نجد" جي علائقي ۾ هئي. هن غزوه کي "غزوه اَنمَار" ۽ "غزوه ذي امرٍ" جي نالن سان به ياد ڪيو ويندو آهي. ان مان اها پروڙ پوي ٿي ته هن غزوه جا ٻي نالا آهن.

"ذُوْ اَمَرٍ" اتان جي هڪ چشمي جو نالو آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن چار سؤ پنجاهه ماڻهن جي لشڪر سان گڏ مديني کان روانا ٿيا ۽ اتي حضرت عُثْمَان بن عَفَّان کي پنهنجو نائب مقرر ڪيائون. ڪافرن کي جڏهن اسلامي لشڪر جي پهچڻ جي پروڙ پئي ته هنن جبلن جي چوٽين تي چڙهي پنهنجي جان بچائي. نبي ڪريم ﷺ جن بنا ڪنهن جنگ جهيڙي جي مديني واپس وريا.

"غزوه فُرْع" (٢)

هن سال مسلمان " غزوه فُرع" لاءِ ربيع الاول يا وري جمادي الاول ۾ روانا ٿيا. تاريخ ۾ هن غزوه کي "غزوه بُحَران" ۽ "غزوه بني سُليم" جي نالن پٽيان به سڏيو ويندو آهي. "بُحران" نالي ماڳ به "فرع" جي ويجهڙائي ۾ ئي آهي.

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم چند جي ڇهين تاريخ ٣ سؤ ماڻهن سان گڏ مديني کان روانا

---

(١) البدايه والنهايه "حافظ ابن ڪثير" جلد ۴ ص ٢.

(٢) "فُرَع" نالي هي ڳوٺ جنهن جي نسبت قوم عاد سان ٻڌائي ويئي آهي مديني شريف کان اسي ميلن جي پنڌ تي هو. هتي آبادي تمام سٺي ٿيندي هئي. هڪ روايت اها به آهي ته الله تعالي حضرت اسماعيل ۽ سندس ماءُ واسطي سڀ کان پهريان ڪارڪون هتي پيدا ڪيون. هن جاءِ تي به وڏا چشما هئا، جن جا نالا الربص ۽ النجف ٻڌايا ويا آهن، جن جي پاڻيءَ تي ڪجين جا باغ آباد ٿيندا هئا. هتي اهڙيون مسجدون به هيون جتي پاڻ سڳورن ﷺ جن هڪ کان وڌيڪ دفعا نماز ادا ڪئي. واقديءَ جي روايت مطابق مشهور تابعي ام المؤمنين سيده عائشه جو پاڻيجو ۽ شاگرد حضرت عروه ابن زبير سن اٺونجاهه هجريءَ ڌاري هتي گذاري ويو ۽ هتي ئي ڪيس دفنايو ويو.

ابن اسحاق جي روايت مطابق هتي هڪ ڪاٺ به هئي، جنهن کي "بحران" سڏيو ويندو هو ۽ سرور عالم ﷺ جن غزوه سويق کانپوءِ هتي آيا هئا. "جزيرة العرب" مولانا محمد رابع ندوي ص ٢٧۴، وفاء الوفا "سمهودي" ج ۴ ص ٨٢ ـ ١٢٨١، معجم ما استعجم "بڪري" ج ٣ ص ٢٧٢.

Marfat.com

ٿيا ۽ اتي پنهنجي پويان ابن ام مکتوم کي امير مقرر کيائون. اسلامي لشکر جڏهن "بُحران" وٽ پهتو تہ "بنو سُليم" وارن اتان پاڻ کاڏي ۽ هڪبئي کان وڇڙجي ويا، ۽ هو ان حالت ۾ ئي تباهہ ۽ برباد ٿي ويا. نبي اکرم صلي الله عليه وسلم جن ان کانپوءِ بنان کنهن جنگ جهيڙي جي واپس وريا.

خدا تعاليٰ طرفان "بني سُليم" وارن لاءِ هي آيت نازل کئي ويئي:

كَمَثَلِ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَرِيْبًا ذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ.(۱)

"سندن مثال انهن وانگر آهي جيکي کانئن کجهہ اڳ ٿي گذريا آهن. جيکي دنيا ۾ بہ پنهنجي ڪرتوتن جو مزو چکي چڪا آهن ۽ (آخرت ۾ بہ) سندن لاءِ دردناڪ عذاب آهي."

"غزوہ بَنُوْ قَيْنُقَاع"

هن سال جمادي الاول ۾ يا هڪ ٻئي صحيح قول مطابق شوال سن ۲ هجريءَ دوران "غزوہ بَنُوْ قَيْنُقَاع" واقع ٿيو. "بنو قَيْنُقَاع" يهودين جي هڪ قبيلي جو نالو آهي ۽ حضرت عبدالله بن سلام جو تعلق بہ هن ئي قبيلي سان هو. يهودين مان سڀ کان پهريان هن قبيلي وارا پنهنجي ڪيل واعدن تان ڦري ويا ۽ خيانت بہ ڪيائون. ان ڪري نبي سونهاري صلي الله عليه وسلم جن کين سيکٹ ڏيڻ لاءِ چنچر ڏينهن چند جي پندرهين تاريخ مديني مان نڪتا، ۽ پنهنجي جاءِ تي اَبُوْلُبَابَہ بن مُنْذِر رضہ کي جنهن جو نالو "بَشِيْر" يا "رِفَاعَہ" هو، مسلمانن جو امير مقرر ڪيائون.

اسلامي لشکر جڏهن اتي پهتو تہ يهودين پنهنجي قلعي ۾ پناهہ ورتي. مسلمانن طرفان ان قلعي جو گهيرو ڪيو ويو. جيڪو پندرهن ڏينهن تائين جاري هيو. پوءِ منافقن مان عبدالله بن اُبَي بن سَلُوْل ۽ مؤمن مان عُبَادَہ بن صَامِت رضہ سندن سفارش لاءِ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. جنهن جي نتيجي ۾ انهن جي جان بخشي ڪئي ويئي. باقي سندن مال ملڪيت ضبط ڪري کين شهر نيڪالي ڏني ويئي.

"غزوہ اُحُد" (۲)

هن سال شوال جي مهيني ۾ مسلمان "غزوہ اُحُد" لاءِ نڪتا. جيڪو مسلمانن لاءِ غزوات ۾ سڀ کان وڏيڪ ڏکيو ثابت ٿيو.

---

(۱) سورة "الحشر" آيت ۱۵ پاره ۲۸.

(۲) احد جبل مديني شريف جي اتر ۾ حرم نبوي ﷺ کان اٽڪل ساڍن ٽن ميلن جي فاصلي تي آهي هن جبل جي فضيلت بابت سيد الانبياء ﷺ جن فرمايو "هي اهو جبل آهي جيڪو اسان سان پيار ڪري ٿو ۽ اسان ان سان پيار ڪريون ٿا." يا هڪ ٻي حديث ۾ ٻڌايو ويو آهي "احد جنت جي رکنن مان هڪ رکن آهي." هي جبل اوڀر کان اولهہ ڏانهن اٽڪل ٽن ميلن ۾ پکڙيل آهي. اڳتي هلي سامهون کان پٺرن سان ڍڪيل ڪشادا ميدان آهن جن جي اڳيان وادي قناة آهي، جتان قناة نالي درياءَ وهي ٿو. هي اهوئي درياءَ آهي جنهن کي طائف ۾ "وج" سڏيندا آهن، جيڪو اڳتي هلي "عاقول" نالي ڍند کي ڀري احد جي ڏکڻ کان لنگهندو اڇي "ينبوع" جي ويجهو ڳاڙهي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو.

آسپاس جن علائقن ۾ جتان هي درياءَ لنگهي ٿو تہ اتي ڪجهہ ڪجين جا باغ ۽ نخلستان موجود آهن.

Marfat.com

اڪثريت جي راءِ مطابق هي واقعو هجرت جي ٽئين سال شوال مهيني ۾ پيش آيو. البت ان جي تاريخ بابت راوين جو اختلاف آهي. پر وڌيڪ صحيح ۽ مشهور قول اهو ئي آهي تہ اها شوال جي پندرهين تاريخ ۽ چنڇر جو ڏينهن هو. ڪجهہ راوين طرفان ساڻئي مهيني جي ستين، اٺين ۽ يارهين تاريخ بہ ٻڌائي ويئي آهي. باقي هڪ روايت اهڙي ملي آهي، جنهن ۾ "غزوه احد" کي سڀ کان پوئين هجري جو واقعو بيان ڪيو ويو آهي.

هن جبل کي "اُحد" انکري سڏيو ويندو آهي جو هي ٻين جابلو سلسلن جي مقابلي ۾ منفرد ۽ اردي انداز ۾ سيني جبلن کان اڪيلو نظر اچي ٿو. مديني جي شهر مان جيڪڏهن هن جبل کي ڏسبو تہ هن جو رنگ ڳاڙهو نظر ايندو، ڇو جو هن جبل تي ڪابہ ساوڪ وغيره نہ آهي باقي مينهن جو پاڻي ڪجهہ غارن ۽ قدرتي حوضن ۾ گڏ ٿي ويندو آهي جيڪو ڪيتري عرصي تائين ماڻهو استعمال ڪندا آهن.

"غزوه اُحد" جي موقعي تي جڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن زخمي ٿي پيا تہ سيدنا علي اهڙي ئي ڪنهن قدرتي حوض مان پاڻي پنهنجي ڍال ۾ ڪٽي ايندو هو ۽ ان سان سندن ڏڪن کي ڏوئيندو هو.

جبل جي اڳيان اڌ گول جي شڪل ۾ جيڪو ميدان آهي اتي پاڻيءَ جا ٻہ چشما هئا اتي پاڻ سڳورن ﷺ جا اهي ٻہ ڏند مبارڪ دفن ڪيا ويا جيڪي هن موقعي تي شهيد ٿي پيا هئا، ۽ ان جي ويجهو انهن شهيدن جون بہ قبرون آهن جيڪي غزوه احد دوران شهيد ٿيا.

سيدنا حمزه جي قبر مبارڪ بہ پهريان هتي ئي هئي پر پوءِ بار بار ٻوڏن سبب اٽڪل ٽي سؤ سالن کانپوءِ عباسين جي دور حڪومت ۾ سندس ميت کي اتان کڄي وادي ءِ "قناة" جي اتر ۾ ان جاءِ تي دفنايو ويو جتي هاڻي بہ سندس قبر جو نشان موجود آهي. ڪنهن زماني ۾ انهن ٻنهي جاين تي قبر مٿان قبا بہ موجود هئا جن کي ۱۹۲۵ کانپوءِ ڊاڪو ويو. هينئر سيدنا حمزه جي قبر جي ويجهو ٽي ٻين قبرن جا نشان بہ موجود آهن جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي قبرون حضرت مصعب بن عمير، عبدالله بن جحش ۽ شماس بن عثمان رضوان الله تعالىٰ عليهم اجمعين جون آهن.

حضرت جابر بن عتيڪ کان روايت آهي تہ هڪ دفعي حضرت موسىٰ پنهنجي ياءُ حضرت هارون عليہ السلام سان گڏ حج يا عمري لاءِ آيا ۽ جڏهن يثرب جي علائقي ۾ پهتا تہ حضرت هارون بيمار ٿي پيو ۽ هو يهودين جي خوف کان "احد جبل" جي ڪنهن غار ۾ وڃي ويٺا ۽ پوءِ اتي حضرت هارون عليہ السلام گذاري ويو. جنهن کانپوءِ حضرت موسىٰ اتي ئي قبر کوٽي کيس دفن ڪري ڇڏيو. انکري اها ڳالهہ مشهور آهي تہ حضرت هارون "احد جبل" تي دفن ٿيل هو.

مشهور محدث ۽ سيرت نگار سُهيلي جو قول آهي تہ سندس زماني يعنيٰ ٻارهين صدي هجريءَ تائين بہ اها ڳالهہ عوام ۾ مشهور هئي تہ حضرت هارون احد جبل تي دفن ٿيل آهي.

"احد" جي ايرندي پاسي کان ڪجهہ پٽر ٻاهر وڌيل نظر اچن ٿا جنهن جي ڪري ان جاءِ تي ڪجهہ ڇانورو هوندو آهي. چيو وڃي ٿو تہ جنگ واري زماني ۾ سيد ڪونين ﷺ جن ان ڇانوري ۾ آرام ڪيو هو. هن وقت جبل جي دامن ۾ ڪافي خيما نظر اچن ٿا جن جي ٻاهران ڏينهن جي وقت مرد توڙي عورتون ڪارڪون ۽ مختلف تبرڪات ڪپائيندا آهن، ان ڪانسواءِ ماڻي ڪجهہ ماڻهو هتي مستقل طور بہ رهن ٿا.

دائرة المعارف (اردو) ج ۲ ص ۳۷ ـ ۳۱، معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ۱ س ۱۱۰ ـ ۱۰۹، معجم ماستعجم، الدررة الثمينہ "ابن نجار" ص ۸۷ ـ ۸۶، زبدة لاعمال "اسفرائيني" ص ۲۱۳ ـ ۲۱۱.

Marfat.com

"اُحُد" نالي مشهور جبل مديني جي ويجهڙائي ۾ آهي.

ان جي شروعاتي ڇيڙي ۽ "بَابُ الْمَدِيْنَہ" (جنهن کي "بَابُ الْبَقِيْع" به سڏيندا آهن)، جي وچ ۾ فاصلو ۴/۷ ـ ۲ ميلن کان ڪجهه مٿيرو آهي. جيئن "علامہ سمهودي" لکيو آهي. (۱) جڏهن ته "قسطلاني" "المواهب اللدنيہ" ۾ اهو فاصلو ٽي ميل (هڪ فرسخ) ڄاڻايو آهي. اهو فرق انڪري ٿيو آهي ته "قسطلانيءَ"، ۾ ميلن کان جيڪو فاصلو وڌيڪ آهي ان کي به پورو ميل شمار ڪيو آهي. ٻئي طرف وري ڪجهه راوين اهو فاصلو به ميل ٻڌايو آهي. ان جو مطلب اهو ٿيندو ته ٻن ميلن کان جيڪو وڌيڪ فاصلو آهي، ان کي سندن طرفان نظر انداز ڪيو ويو آهي.

رسول خدا صلي الله عليه وسلم جن "غزوه اُحُد" لاءِ هڪ هزار ماڻهن جو لشڪر ساڻ ڪري مديني کان نڪتا. واٽ تي منافقن جو سرواڻ عَبْدُالله بن اُبَيّ بن سُلُوْل ٽي سؤ منافقن سان گڏ اسلامي لشڪر کان الڳ ٿي ويو. باقي ست سؤ ايمان وارا الله جي سچي نبي صلي الله عليہ وسلم سان وڃي ٻچيا. جن وٽ ٻن گهوڙن کانسواءِ ڪوبہ جنگي سامان ساڻ نہ هو. هڪ گهوڙي تي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن سوار هئا، ۽ ٻيو حضرت اَبُو بُرْدَہ رضہ جي حوالي هو. ان جي پيٺ ۾ مشرڪن جي لشڪر ۾ ٽي هزار ماڻهو هئا، جن ۾ ست سؤ زره پوش سپاهي هئا. وٽن ۾ سؤ گهوڙا ۽ ٽي هزار اٺ سواري لاءِ هئا. مديني ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي پويان ابن اُمِّ مَكْتُوْم رضہ کي خليفو ٻڌايو هو.

"غزوه حَمْرَاءَ الْاَسَد"

هن ئي سال شوال مهيني جي سورهين تاريخ آچر جي ڏينهن يعني "غَزْوَہ اُحُد" کان هڪ ڏينهن پوءِ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي خبر پئي ته "احد" کان موٽندي ابو سفيان ۽ سندس ساٿي مڪي جي بين مشرڪن سان گڏ "حَمْرَآءُ الْاَسَد" نالي ماڳ تي ڪنا ٽيا آهن. اها خبر ٻڌندئي پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم ڇهه سؤ ٽيهه صحابين سان گڏ اڇي اتي پهتا. اَبُوْ سُفْيَان ۽ سندس ساٿين جي دل تي رب پاڪ مسلمانن جو اهڙو ته رعب ويهاري ڇڏيو جو هن وڙهڻ بدران ٻچي جان بچائي ۽ وڃي مڪي پهتا. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ٽي راتيون اتي ٽڪي پيا ۽ پوءِ واپس مديني موٽيا. "حَمْرَآءُ الْاَسَد" نالي هي ماڳ مديني کان اٺ ميل پري آهي، جيڪو "ذوالحليفہ" ڏانهن ويندي کاٻي هٿ تي پوندو. (۲) هن غزوه جي تاريخ ڪجهه راوين نائين شوال يا ڪجهه ٻيون تاريخون به ٻڌايون آهن. ان اختلاف جو سبب اهو آهي جو خود غزوه احد جي تاريخ ۾ اختلاف آهي.

---

(۱) "وفاء الوفا" علامہ سمهودي جلد ۲ ص ۱۰۹.

(۲) شرح علي المواهب اللدنيہ" علامہ زرقاني جلد ۲ ص ۷۰، فتوح البلدان. ياقوت حموي جلد ۲ ص ۳۰۱. معجم ما استعجم "بكري" ج ۲ ص ۱۰۰، وفاء الوفا "سمهودي" ج ۴ ص ۱۱۹۴.

Marfat.com

فصل ٹيون

هن فصل ۾ سن چوٽين هجريءَ جي غزوات جو ذڪر ڪيو ويندو.

غَزْوَهَ بني نَضِيرْ

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن هن غزوه لاءِ روانا ٿيا، جيئن "شاميءَ" پنهنجي سيرت ۾ ڄاڻايو آهي ۽ اهوئي قول صحيح آهي. باقي ڪي راوي "غزوه بني نَضير" کي هجري ٽئين سال جو واقعو شمار ڪن ٿا. سندن چوڻ آهي ته هي "غزوه بَدْر" کان ڇهه مهينا پوءِ ٿيو هو. "بنو نُضَير" يهودين جو هڪ وڏو قبيلو هو، جيڪو "مسجد قُبا" جي پويان "عاليه" جي طرف اٽڪل ڇهن ميلن جي پنڌ تي آباد هو. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ڳواڻيءَ ۾ اسلامي لشڪر "بنو نضير" وارن جي چوڌاري گهيرو ڪيو. جيڪو ويهن ڏينهن کان وڌيڪ عرصو جاري رهيو. ان ڪانپوءِ هنن ان شرط تي راضي نامو ڪيو ته هو شهر ڇڏي ويندا. ان وقت مديني ۾ مسلمانن جو امير ابن ام مڪتوم رضه هو.

"غَزْوَه بَدْر صُغرىٰ"

هن ئي سال شعبان جي مهيني ۾ يا هڪ پي روايت موجب ذيقعده مهيني جي چنڊ ڏسڻ سان مسلمان هن غزوه لاءِ روانا ٿيا. تاريخ ۾ هن غَزْوَه کي "بدر مَوْعِد"، "بَدْر مِيْعَاد"، "بَدْر ثّالِثَه" ۽ "بَدْر اَخِيْرَه" جي نالن پٽيان به ياد ڪيو ويندو آهي.

"غَزْوَه بدر موعد" ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم هڪ پيرو وري ابوسفيان ۽ سندس ساٿين سان مقابلي لاءِ نڪتا هئا. ڇو جو "احد" کان واپس ٿيڻ وقت هو خدا جي سچي رسول صلي الله عليه وسلم سان واعدو ڪري ويا هئا، ته هو ايندڙ سال وري بدر ۽ صفراء وٽ سندن مقابلي لاءِ پهچندا. انڪري هن کي غزوه بدر موعد سڏيو ويندو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي: "اهو غزوه جنهن لاءِ واعدو ڪيو ويو هو." ابوسفيان جي ان واعدي کي ڏيان ۾ رکي سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم به پندرهن سؤ ايمان وارن سان گڏ، جن ۾ ڏهه گهوڙي سوار به شامل هئا، مديني کان روانا ٿيا ۽ "بدر" توڙي "صفراء" کان ٽپي "مجنّه" تائين پهتا. "مَجَنّه" يا "مِجَنّه" مڪي ۽ مديني جي وچ تي عرب جي هڪ بازار جو نالو آهي، جيڪا مڪي کان ٻن مر حلن جي پنڌ تي هئي. (۱) هوڏانهن وري مشرڪن جو لشڪر ابوسفيان سان گڏ "مَرُّالظَّهْرَان (۲)" تائين پهتو. اهو ماڳ مڪي کان هڪ مرحلي جي پنڌ تي

---

(۱) معجم البلدان. ياقوت حموي جلد ۵ ص ۵۸.

(۲) "مرالظهران" مڪي جي اتر ۾ اٽڪل چوٽيهه ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي. پراڻي زماني ۾ ماڻهو مڪي کان مديني ڏانهن هن واٽ تان ئي ويندا هئا.

هتان جون زمينون آباديءَ جي لحاظ کان تمام پليون آهن، جن ۾ عام طور موسمي ڀاڄيون پوکيون ويندیون آهن.

Marfat.com

مڪي ۾ "عَسَفَان" جي وچ تي هو. اتي پهچڻ شرط خدا تعاليٰ طرفان سندن دلين تي اهڙو تہ رعب طاري ٿيو، جو هو اڳتي وڌڻ بدران پٺتي موٽِي ويا. پوءِ مسلمان پنهنجي پياري پيغمبر صلي الله عليه وسلم سان گڏ مديني واپس وريا.

مڪي ۾ جيڪي تازيون پاڇيون ملنديون آهن، اهي گهٽي پاڳي هتان ئي موڪليون ويندیون آهن. شهري ماڻهو سير ۽ تفريح لاءِ مڪي کان ڪاڏين ۾ چڙهي هتي پهچندا آهن ۽ سڄو ڏينهن هتان جي هنين، باغن ۽ چشمن تي گذاري شام جو واپس ويندا آهن. ترڪن جي دور حڪومت ۾ "فاطمہ" نالي هڪ ترڪ عورت هتان جي ترقي لاءِ ڪجهہ رقم خرچ ڪئي هئي. انڪري هن علائقي کي هاڻي "وادیٔ فاطمہ" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

"جزيرة العرب" محمد رابع ندوي ص ٢٣٧.

Marfat.com

فصل چوٿون

هن فصل ۾ سن پنجين هجريءَ جي غزوات جو بيان ڪيو ويو آهي.

غَزْوَه دُوْمَةُ الْجَنْدَل

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن هن غزوه لاءِ اسهيا.

"دَومة الجندل" جنهن کي "دُوْمَةُ الْجَنْدَل" به پڌهيو ويندو آهي، شام جي ويجهڙائيءَ ۾ هي هڪ شهر آهي، جيڪو مديني کان پندرهن سورهن ڏينهن جي پنڌ تي ۽ دمشق کان پنجن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. (۱)

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ربيع الاول جي پنجويهين تاريخ هڪ هزار صحابين سان گڏ مديني کان روانا ٿيا. "سِبَاع بن عُرفُطَه" کي مديني جو عامل مقرر ڪيائون. جنهن جو ذڪر "غزوه قَرقَرة الكُدر" جي موقعي تي ٿي چڪو آهي.

هن دفعي به مشرڪ مقابلي ۾ بيهي نه سگهيا ۽ پنهنجو مال اسباب جنهن ۾ اُٺ ۽ ٻڪريون به شامل هئا، چڏي ميدان مان ڀڄي ويا. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن غنيمت جو مال مسلمانن ۾ ورهايو. پوءِ ربيع الآخر جي ويهين تاريخ خير سان مديني پهتا.

غَزْوَه بَنِي مُصْطَلِق

هن سال شعبان جي مهيني ۾ بنو مصطلق وارن سان مسلمانن جو مقابلو ٿيو. هڪ صحيح روايت موجب غزوه بني مصطلق، غزوه خندق کان اڳ جو واقعو آهي، جنهن کي "غزوه مُرَيْسِيْع" به چيو ويندو آهي.

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن چنڊ جي پي تاريخ تي جيڪو هجرت جو پنجون سال هو، ست سؤ صحابين سان گڏ مديني کان روانا ٿيا. هن سفر ۾ سيده عائِشَه صديقه ۽ سيده اُمِ سَلمه رضي الله عنهما به ساڻ گڏ هيون. مديني ۾ هڪ روايت مطابق حضرت زيد بن حارثه رضه کي ۽ بي روايت موجب حضرت ابوذَر غِفاريءَ رضه کي اتان جو عامل مقرر ڪيائون. هن لڙائي ۾ مسلمانن، مشرڪن جي لشڪر تي سوپ حاصل ڪئي. دشمن جي لشڪر مان ڏهه ماڻهو قتل ٿي ويا ۽ ست سؤ يا ان کان به مٿي گرفتار ٿيا، جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل هئا. ان کانسواءِ مسلمانن کي غنيمت ۾ چوپايو مال ۽ ٻيو سامان به هٿ آيو. قيد ٿيل عورتن ۾ حَارث بن ضِرار مُصْطَلِقيءَ جي نياڻي "بيبي جُوَيْرِيَهرضه" به شامل هئي. (۲) مسلمانن جي لشڪر مان رڳو هڪ صحابي سڳورو شهيد ٿيو. پاڻ ڪريم صلي الله

---

(۱) شرح علي "المواهب اللدنيه" زرقاني جلد ۲ ص ۹۵.

(۲) غزوه بنومصطلق جي موقعي تي هن قبيلي وارن جا ڏهه ماڻهو قتل ٿيا ۽ باقي سيني کي قيد ڪيو ويو. جن ۾ قبيلي جي سردار حارث بن ابو ضرار بن حارث بن مصطلق جي نياڻي سڳوري به شامل هئا، جنهن جو نالو "بره" ٻڌايو

Marfat.com

عليه وسلم جن اتان ۲۸ ڏينهن کانپوءِ رمضان جي چند رات مديني واپس پهتا. هڪ روايت ۾ ڇاڻايو ويو آهي تہ هي غزوه سن ڇهين هجريءَ دوران ٿيو. پر اهو قول ضعيف آهي ۽ صحيح بخاريءَ ۾ هيءُ واقعو ڇوٽين هجريءَ جو ٻڌايو ويو آهي. (۱) اها روايت پهرين روايت کان بہ وڌيڪ ضعيف آهي.

بَنُو مُصْطَلِق اصل "خَزَاعَہ" قبيلي جي هڪ شاخ هئي، جيڪي مڪي کان مديني ڏانهن ويندڙ رستي تي "فُرُع" واري طرف "قُدَيْد" جي ويجهڙائيءَ ۾ رهندا هئا، ۽ "فُرُع" کان سندن ڳوٺ هڪ ڏينهن جي پنڌ تي هو.

"مُرَيْسِيْع" وري هن قبيلي وارن جي کوهہ جو نالو هو. انڪري هن غزوه کي ڪڏهن قبيلي جي نالي پٽيان تہ ڪڏهن وري سندن کوهہ جي نالي پٽيان سڏيو ويندو آهي. "فُرُع" جو وڌيڪ احوال هن باب جي ٽئين فصل ۾ "غزوه فُرُع" جي موقعي تي ڪري آيا آهيون.

ويو آهي. سندس شادي مسافع بن صفوان مصطلقيءَ سان ٿيل هئي. ابن سعد طرفان وري اهو نالو صفوان بن مالک نقل ڪيو ويو آهي. بهرحال اهو شخص هن غزوه ۾ قتل ٿي ويو. ۽ "برہ" حضرت ثابت بن قيس ۽ سندس هڪ سوٽ جي حصي ۾ آئي.

سردار جي نياڻي هڻڻ سبب ڪنهن عام ماڻهو وٽ زندگي گذارڻ ڪيس پسند نہ آيو ۽ هن پنهنجي مالک سان آزاديءَ جو معاهدو ڪيو جنهن جي قيمت نوَ اوقيہ سون مقرر ڪئي ويئي. پوءِ بره هڪ ڏينهن سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ آئي ۽ ڪائنئن ان ڏس ۾ مالي مدد طلب ڪيائين.پاڻ ڪريمن ﷺ جن سندس مدد فرمائي جنهن ڪري هن پنهنجي جند آزاد ڪرائي ورتي.جنهن ڪانپوءِ بنومصطلق وارن جي سردار جي هن نياڻيءَ جو نڪاح امت جي سردار ﷺ جن سان ٿيو. هن موقعي تي سيد عالم ﷺ جن سندس نالو مٽائي "جَويريہ" رکيو، ڇو جو کين "بره" لفظ پسند نہ پئي آيو. هي نڪاح حضرت جويريہ ۽ سندس مائٽن لاءِ ٻنهي جهانن جي ڇوٽڪاري جو باعث ٻٹيو ڇوتہ هن شاديءَ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ۽ صحابي سڳورن بني مصطلق وارن جي سيني قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيو. ڇالاءِ تہ اهي هاڻي سرور ڪائنات ﷺ جن جا ساهرا ٿي پيا، جنهن ڪانپوءِ انهن سمورن اسلام قبول ڪيو.

جن ۾ حضرت جَويريہ جو بابو سائين حضرت حارث بن ابوضرار بہ شامل هو،جنهن پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي هٿ تي اسلام جي بيعت ڪئي.

حضرت جويريہ ام المؤمنين ٿيڻ ڪانپوءِ گهڻو وقت عبادت ۽ ذڪر اذڪار ۾ گذاريندي هئي. پاڻ ڪريمن ﷺ جي وصال ڪانپوءِ بہ هوءَ اٽڪل پنجيتاليهہ ۴۵ سال حيات رهي ۽ هن سن ڇاونجاهہ هجريءَ ڌاري هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. ان وقت سندن ڄمار ايڪهتر ورهيہ هئي ڇوتہ سن پنجين هجريءَ ڌاري جڏهن سرور عالم ﷺ جن سان سندس نڪاح ٿيو هو تہ ان وقت هن بيبي سڳوري جي عمر ويهارو ورهيہ هئي.

جنازي نماز مديني جي گورنر مروان بن حڪم پڙهائي. جنهن ڪانپوءِ ڪيس جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

ام المؤمنين سيده جويريہ ڪان نبي انور ﷺ جن جون ست حديثون روايت ڪيون ويون آهن.

دائرة المعارف (اردو) ج ص ۵۳۵ ـ ۵۳۴، اسدالغابہ ابن الاثير ج ص ۶۵ ـ ۶۳، ازواج النبي ﷺ و اولادة ابوعبيده ص ۷۲ ـ ۷۱، الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۲۶۶ ـ ۲۶۵، ازواج النبي ﷺ "شامي" ۲۱۱ ـ ۲۰۷.

(۱) سن ڇوٽين هجريءَ واري روايت "موسيٰ بن عقبہ" ڪان ڪئي ويئي آهي ۽ امام بخاريءَ ان روايت کي ئي اختيار ڪيو آهي. "صحيح بخاري" جلد ۲ ص ۵۸۸.

Marfat.com

"غَزْوَه خَنْدَق" (۱)

هن سال شوال جي مهيني ۾ يا هڪ روايت موجب ذوالقعد جي مهيني ۾ "خَنْدَق" وارو غزوه ٿيو، جنهن کي "غَزْوَه اَحْزَاب" به سڏيو ويندو آهي. ڪن راوين هن غزوه کي چوٿين هجريءَ جو واقعو به

---

(۱) "خندق" اهڙي کاهيءَ کي چيو ويندو آهي، جيڪا کنهن شهر يا وري کنهن لشکر جي بچاءَ خاطر ان جي چوڌاري کوٽي ويچي. هي بنيادي طور فارسي لفظ آهي، جنهن جو مصدر (Root) کنديدن (کوٽڻ) آهي. جنهن جو اسم مفعول ٿيندو کنديده (کوٽيل) ۽ ان مان ئي لفظ "کندک" ٺهي نڪتو. اڳتي هلي ان کي "خندک" به سڏيو ويو جنهن جي وري عربي صورت "خندق" ٿي ويئي.

هن جنگ واسطي کافرن ۽ يهودين طرفان زبردست تياري ڪئي ويئي. منجهانئن هر قبيلي پنهنجو جدا جٿو جنگ جوٽڻ لاءِ ميدان ۾ موڪليو هو، ان ڪري هن جنگ جو ٻيو نالو "غزوه احزاب" به آهي. "احزاب" لفظ حزب جو جمع آهي، جنهن جي معنيٰ جٿو يا ٽولو آهي. خدا تعاليٰ طرفان قرآن مجيد ۾ هن غزوي جو ذڪر ان نالي پٽيان ڪيو ويو آهي.

الله جي سچي رسول صلي الله عليه و سلم جن کي جڏهن کافرن جي ان ارادي جي پروڙ پيئي، تڏهن ٽي هزار مسلمانن جو لشڪر ساڻ ڪري "سَلَعَ" جبل جي آڏو اچي پنهنجي ڪيمپ قائم ڪيائون. ان جاءِ جي وڏي خوبي اها هئي جو جبلن سبب ان جو پٽيون پاسو دشمن جي حملي کان قدرتي طور محفوظ هو. باقي اتريون پاسو جيڪو لشڪر جي سامهون هو اتان بچاءَ جي تدبير ڪرڻي هئي، ڇو جو اتان شهر تي حملو ڪرڻ آسان هو.

مٿي مرسل ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن سان صلاح ڪرڻ بعد اهو فيصلو ڪيو ته اتر واري پاسي کان هڪ اهڙي کاهي کوٽي وچي جنهن کي پار ڪرڻ دشمن جي امکان کان ٻاهر هجي. اهو ڪم امت جي اڳواڻ ﷺ جن نه صرف پنهنجي نظرداريءَ هيٺ ڪرايو پر پاڻ پنهنجي ٽي هزار رضاڪارن سان گڏجي هن ڪٽڻ ڪم ۾ عملي حصو به ورتائون. ڪم جي ورڇ ان ريت ڪئي ويئي جو ڏهن ڏهن ماڻهن جو هڪ جٿو (Group) جوڙيو ويو ۽ اهڙي هر جٿي کي ويهه وار زمين کوٽڻ جو ڪم سونپيو ويو. اهڙي ريت ٽي سؤ گروپ پنهنجي پوري قوت ۽ ايماني جذبي سان ان ڪم ۾ جنبي ويا.

"ابن سعد" جي روايت مطابق ڇهن ڏينهن جي لڳاتار محنت کان پوءِ اها کاهي کوٽجي تيار ٿي. ان کاهيءَ جي ڏيگهه اٽڪل ساڌا ٽي ميل، ويڪر اٽڪل ڏهه وار ۽ اونهائي ايتري هئي جو زمين جي آلاڻ ظاهر پئي ٿي. يا طبريءَ مطابق ته هڪ دشمن جڏهن ان کي پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان ۾ اندر وچي ڪريو ۽ ٻاهر نه نڪري سگهيو تانجو ٽٽڪي ٽٽڪي اندر ئي مري ويو. اها خندق گولائي جي شڪل ۾ اتر اوير واري ڪنڊ "حرة الواقم" کان شروع ٿي وچي ڏکڻ اولهه طرف "حرة الويره" تي دنگ ڪيائين. هڪ عام روايت موجب رسول خدا ﷺ جن کي خندق کوٽڻ جي صلاح مشهور صحابي حضرت سَلمَان فارسي رضه ڏني هئي. ڇو جو "فارس" ۾ جنگ جي موقعن تي دشمن کان بچڻ لاءِ ان قسم جي کاهين کوٽڻ جو رواج عام هو، جنهن جي شروعات اتان جي حڪمران "منو چهرا ابيرج" ڪئي هئي. ان کان علاوه ڪن روايتن ۾ ائين به ٻڌايو ويو آهي ته اهو طريقو نبي انور ﷺ جن کي وحيءَ وسيلي ٻڌايو ويو هو والله اعلم.

"غزوه خندق" دوران نبي سڳوري ﷺ جن لاءِ جنهن جاءِ تي خيمو لڳايو ويو هو، اتي بعد ۾ هڪ مسجد جوڙائي وئي، جنهن کي مسجد "ذوباب" يا مسجد "ذُبَابْ" سڏيو ويندو آهي. اها مسجد اڄ تائين پنهنجي جاءِ تي قائم آهي، باقي ان خندق جو ڪو اهڃاڻ باقي نه بچيو آهي. اردو دائرة المعارف جلد ۹ ص ۱۰ ـ ٦، طبقات الڪبريٰ ابن سعد جلد ۲ ص ۴۷، شرح علي مواهب ـ زرقاني جلد ۲ ص ۱۰۴ ـ ۱۰۳، تاريخ طَبري جلد ۳ ص ۴۵، البدايه والنهايه ـ ابن ڪثير جلد ۴ ص ۹۵ ـ ۹۲، عهد نبوي کي ميدان جنگ (اردو) ڊاڪٽر حميدالله ص ٦٨ ـ ٦٧.

Marfat.com

چاڻايو آهي، پر "شاميءَ" جو چوڻ آهي تہ "پنجين هجريءَ وارو قول نہ صرف صحيح ۽ اعتبار جوڳو آهي پر قطعي بہ آهي." (۱)

سرور عالم صلي الله عليه وسلم جن چند جي انهين تاريخ ٿي هزار مسلمانن جي لشڪر سان گڏ غزوہ "خَنْدَق" لاءِ روانا ٿيا، ۽ مدينو ۾ ابن اُمِّ مَكْتُوم کي پنهنجو خليفو مقرر ڪيائون. دشمن جي لشڪر جو انگ تمام گهٽو هو، جيڪو ڪن روايتن ۾ ڏهہ هزار تہ ڪن ۾ پارهن ۽ پندرهن هزار بہ ٻڌايو ويو آهي. قريش کان سواءِ غطفان، قُرَيْظَہ، ۽ نَضِيْر قبيلن جا مشرڪ بہ ساڻن گڏ هئا. هن جنگ ۾ مسلمانن جا هيٺيان چهہ ماڻهو شهيد ٿيا (1) سَعْد بن مُعَاذ رضہ (2) اَوْس بن اَوْس رضہ (3) عَبْدُالله بن سَهْل رضہ، انهن ڏنهي جو تعلق اوس قبيلي سان هو. (4) طُفَيْل بن نُعْمَان رضہ (5) ثَعْلَبَہ بن عَنَمَہ رضہ، اهي ٻئي صحابي سلمي قبيلي جا هئا. (6) كَعْب بن زَيْد نجاري رضہ.

هن لڙائي ۾ مشرڪن جا چار ماڻهو مارجي ويا. (1) عَمْرو بن عَبْدُوْدٌ (2) سندس پٽ حِسْل بن عَمْرو (3) نَوْفَل بن عَبْدُالله مَخْزُوْمِي. (4) مُنَبِّہ بن عُثْمان بن سَبَّاق بن عَبْدُالدَّار.

"غَزْوَہ بَنِيْ قُرَيْظَہ

هن سال "غزوہ خَنْدَق" کان واپس ٿيندي ئي مسلمانن کي "غَزْوَہ بَنِي قُرَيْظَہ" لاءِ تياري ڪرڻي پيئي.

"بني قُرَيْظَہ" يهودين جي هڪ قبيلي جو نالو آهي، جيڪي مديني جي ويجهو رهندا هئا. هو واري سان پنهنجن قولن ۽ قسمن تان ڦري ويندا هئا.

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ذيقعده جي ۲۳ تاريخ اربع جي ڏينهن جيئن "خَنْدَق" کان واپس پهتا، تيئن هٿيار رکي سفر جي مَر ۽ ٽڪ لاهڻ لاءِ غسل ڪري ظهر جي نماز پڙهي پوري مس ڪيائون تہ حضرت جبرئيل عليه السلام نازل ٿيو ۽ رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ عرض ڪيائين:

"اوهان تہ هٿيار رکي ڇڏيا پر خدا جو قسم! اسان اڃان نہ رکيا آهن. (۲) ڇو جو اسان کي ۽ اوهان کي "بنو قُرَيْظَہ" وارن سان مقابلي جو حڪم مليو آهي."

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن اهو ٻڌندئي مديني ۾ اعلان ڪرايو تہ "اوهان مان ڪو بہ ٽپهريءَ جي نماز مديني ۾ نہ پڙهندو ۽ اها نماز "بَنُوْ قُرَيْظَہ" "پهچي اتي پڙهي ويندي."

ان ڪانپوءِ ابن اُمِّ مَكْتُوْم رضہ کي مديني ۾ عامل ٻڌائي، پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ٽي هزار صحابين جي لشڪر سان گڏ مديني کان روانا ٿيا. سواريءَ لاءِ وٽن 36 گهوڙا بہ هئا. مسلمانن اتي پهچي شهر جو گهيرو ڪيو. جيڪو اٽڪل پنجويهن ڏينهن تائين جاري رهيو. آخر ڪافر تنگ ٿي ڏيا ۽ مسلمانن مان سَعْد بن مُعَاذ رضہ کي "اَمِيْن" واريائون تہ هو سندن فيصلو ڪري. ڇو جو سَعْد بن مُعَاذ رضہ سان جاهليت واري دور ۾ سندن دوستي بہ هئي تہ هڪ فوجي معاهدو بہ ٿيل هو.

---

(۱) شرح علي مواهب ـ زرقاني جلد ۲ ص ۱۰۳.

(۲) البدايہ والنهايہ ـ حافظ ابن ڪثير جلد ۴ ص ۱۱۶، صحيح بخاري جلد ۲ ص ۵۹۰.

Marfat.com

حضرت سَعْد رضہ فيصلو ڪيو تہ سندن مردن مان جيڪي وڙهڻ جي لائق آهن تن کي قتل ڪيو وڃي. انهن جو تعداد اٺن کان نَون سَون تائين هو. باقي عورتن، ٻارن ۽ ٻين کي قيد ڪيو وڃي. جنهن کانپوءِ ان فيصلي تي عمل ڪيو ويو. (۱)

هن غزوه مان مسلمانن کي غنيمت ۾ ڪافي مال ۽ سامان هٿ آيو. جنهن ۾ پندرهن سؤ تلوارون، ٽي سؤ تير، پنج سؤ ڪمانون ۽ جهجهي تعداد ۾ چوپايو مال بہ شامل هو. مسلمانن ان مال مان خُمس ڪڍي باقي ٻيو لشڪر ۾ ورهائي ڇڏيو. ان کانپوءِ هو ذوالحج جي پنجين يا ستين تاريخ مديني واپس پهتا.

جيئن تہ "غَزْوَہ اَحْزَاب" ۽ "بَنِي قُرَيْظَہ" هڪٻئي سان لاڳاپيل آهن، انڪري ڪيترن مؤرخن ٻنهي کي هڪ ئي غزوه سمجهيو آهي. ٻنهي جا واقعات هڪٻئي سان گڏي بيان ڪيا آهن. ڪن راوين وري هن غزوه کي سن چوٽين هجريءَ ۽ ڪن وري ڇهين هجريءَ جو واقعو بيان ڪيو آهي. پر صحيح روايت اها ئي آهي تہ هي غزوه پنجين هجريءَ جو ئي واقعو آهي، جيئن شروع ۾ بيان ڪيو ويو آهي. (۲)

---

(۱) اهو فيصلو يهودين جي مقدس مذهبي ڪتاب "تورات" مطابق ڪيو ويو هو. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ "تون دشمن کي گهيري ۾ آڻ ۽ پوءِ جڏهن تنهنجو رب توکي انهن جي مٿان سوڀارو ڪري تہ پوءِ (سندن) مَردن کي قتل ڪرائي عورتن ۽ ٻارن کي قيد ڪر.

الله تعالىٰ بنو قريظہ وارن کي سندن بغض ۽ بد عهديءَ جي اها ڀڙي سزا ڏني.

(۲) واقدي، ابن اسحاق، ابن هشام، سُهَيلي ۽ زرقاني وغيره هن غزوه کي سن پنجين هجريءَ جو واقعو شمار ڪيو آهي. (مترجم)

Marfat.com

فصل پنجون

هن فصل ۾ ڇهين هجريءَ جي غزوات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

"غَزْوَهْ بَنُو لَحْيَان"

هن سال پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن هن "غَزْوَه" لاءِ روانا ٿيا. جيتوٽيڪ ڪجهه راوين طرفان هن غزوه کي سن چوٽين هجريءَ ۾ بين طرفان سن ڇهين هجريءَ جو واقعو ڄاڻايو ويو آهي، پر صحيح روايت اهائي آهي ته "غزوه بني لَحْيَان" هن سال يعني سن ڇهين هجريءَ ۾ ٿيو. هن غزوه بابت مهيني ۾ به اختلاف آهي. مختلف راوين طرفان ربيع الاول ، جمادي الاول ۽ رجب مهيني بابت روايتون ملن ٿيون. جن مان آخري روايت وڌيڪ صحيح لڳي ٿي.

بني لَحْيَان بن هُذَيْل بن مُدْرِكَه، مڪي کان مديني ويندڙ رستي تي "عسفان" جي ويجهو رهندا هئا ۽ اهو ماڳ مڪي کان ٻن مرحلن جي پنڌ تي هو.

بني لَحْيَان وارن مسلمانن جا ستر قاري "بِئْرِ مَعُوْنَه" واري واقعي ۾ شهيد ڪيا هئا. نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کانئن اهو پلاند ونڻ لاءِ به سؤ ماڻهن سان گڏ نڪتا، جن وٽ سواريءَ لاءِ ويهه گهوڙا هئا. بَنُو لحيان وارن کي جڏهن اهو پتو پيو ته هو خوف کان ڇڄي جبلن جي چوٽين تي چڙهي ويا. ان کانپوءِ مسلمان بغير جنگ ڪرڻ جي مديني موٽي ويا.

"غَزْوَه حُدَيْبِيَه"

هن سال ذوالقعده جي پهرين تاريخ سومر جي ڏينهن چوڏهن سؤ يا پندرهن سؤ ماڻهن جي جماعت سان سرور عالم صلي الله عليه وسلم جن مديني کان (عمري ڪرڻ جي نيت سان) روانا ٿيا. مديني ۾ ابن اُمِ مَكْتُوْم رضه يا بي روايت مطابق نُمَيْلَه بن عبدالله ليثي رضه کي خليفو مقرر ڪيائون.

"ذوالحليفه" وٽ پهچي عمري جو احرام ٻڌائون. پر پوءِ ڪافرن جي ضد ۽ ساڙ سبب هو هن سال ته عمرو ادا ڪري نه سگهيا، البت ايندڙ سال ان قضا جي ادائگي ڪيائون.

هن موقعي تي (رسول الله صلي الله عليه وسلم جي بردباريءَ ۽ فراست سبب) جنگ جو خطرو ٽري ويو ۽ ان جي جاءِ تي "امن" جو معاهدو ٿيو. "حُدَيْبِيَه" ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پاويهه راتيون رهيا ۽ پوءِ ذوالحج جي مهيني ۾ مديني واپس وريا.

"حُدَيْبِيَه" (۱) هڪ ننڍڙي ڳوٺ جو نالو آهي، جيڪو مڪي کان اٽڪل ٻارهن ميلن جي پنڌ تي

---

(۱) حديبيه وارو ماڳ مڪي کان اولهه طرف جده ڏانهن ويندڙ واٽ تي آهي جنهن جو فاصلو مڪي کان اٽڪل ٻاويهه ڪلوميٽر کن ٿيندو.

هڪ روايت مطابق سيدنا ابراهيم عليه السلام جن جي دور ۾ جڏهن ڪعبة الله جي اڏاوت جو ڪم پورو ٿيو ۽ هن جاءِ کي حرم مقرر ڪيو ويو ته چئني طرفن کان شهر جون حدون به مقرر ڪيون ويون. هر حد واريءَ جاءِ تي

Marfat.com

الهندي طرف "جدي" ڏانهن ويندڙ گس تي آهي. پهريان هتي هڪ کوهه هو، جنهن کي "حُدَيْبِيَہ" جي نالي پٽيان ياد ڪيو ويندو هو، پوءِ اهوئي نالو هن ڳوٺ تي پڻجي ويو. هينئر ان کوهه کي "بئر شُمَيْس" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

"غَزْوَه ذِي قَرَد"

هن سال ذوالحج جي مهيني ۾ "حُدَيْبِيَہ" کانپوءِ ۽ "خَيْبَر" کان اڳ هي غزوه ٿيو. جنهن کي "غزوة الغَابَہ" به سڏيو ويندو آهي.

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي خبر پيئي ته عُيَيْنَه بن حِصْن چاليهن سوارن جي دستي سان گڏ حملو ڪري سندن مال کاهي ويو آهي. اهو ٻڌندي ئي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ابن ام مڪتوم رضه کي مديني ۾ پنهنجو خليفو مقرر ڪيو ۽ ٽي سَوَ ماڻهو شهر جي پهري لاءِ ٻيهاريائون.

هڪ منارو تعمير ڪيو ويو. اهڙي ريت انهن حدن ۾ حديبيہ به شامل هو جتي مڪي شريف جي مغربي حد ختم پئي ٿي. پـــوءِ اتي به هڪ اهڙو منارو جوڙيو ويو انڪري هي ميقات به آهي ۽ ماڻهو هتان احرام ٻڌندا آهن. هي علائقو عام طـــور مـــيداني آهي ۽ هتي اهي جبل يا ٽڪر نظر نٿا اچن جيڪي مڪي جي چئني پاسن کان پکڙيل آهن. اسلام جي ابتدائي دور تائين هتي هڪ کوهه هو ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته دراصل "حديبيہ" ان کوهه جو ئي نالو آهي، جيڪو هن آباديءَ تي پڻجي ويو جڏهن ته ڪن راوين طرفان وري اهو هڪ وڻ جو نالو ٻڌايو ويو آهي. هتي جنهن کوهه جو ذڪر ڪيو ويو آهي ان جو پاڻي مٺو هوندو هو جنهن کي اتان لڳهندڙ حاجي توڙي ٻيا واٽهڙو استعمال ڪندا هئا. هونئن به هتي زمين ۾ آبي ذخيرا جام آهن جنهن ڪري هتي ٻير وغيره جا وڻ تمام وڏا آهن. سن ڇهين هجريءَ ڌاري سرور ڪائنات ﷺ جن ٻير جي هڪ اهڙي ئي وڻ هيٺان ويهي صحابي سڳورن کان بيعت ورتي جنهن جو ذڪر ڪلام پاڪ ۾ پڻ موجود آهي.

"اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ" (الفتح)

بعد ۾ ماڻهن ان وڻ سان بي پناه عقيدت رکڻ شروع ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي اها عقيدت غير اسلامي انداز اختيار ڪندي ويئي ۽ ماڻهو مختلف بيمارين ۽ ٻين تڪليفن جي دور ڪرڻ لاءِ ان وڻ هيٺان پئي ايندا رهيا. اهو ڏسي حضرت عمر فاروق ان وڻ کي پاڙون پٽرائي ڇڏيو ۽ ان وڻ واريءَ جاءِ تي هڪ مسجد جوڙائي ويئي.

ماضيءَ ڪان وٺي "حديبيہ" واري ماڳ تي جيتوڻيڪ ڪليل ميدان آهن ۽ اتي پاڻيءَ جي به ڪا اٽاٽ نه آهي پر ان جي باوجود به اسلامي دور ڪان اڳ هي علائقو آباد نه هو البت خلافت راشده ڪانپوءِ هن علائقي ۾ آبادي وڌي آهي. ۽ گذريل چار سؤ سالن ڪان هن علائقي جو نالو تبديل ٿي "شميسيہ" ٿي ويو آهي ۽ هاڻي هي ماڳ ان نالي پٽيان ئي ڄاتو وڃي ٿو. ڇو جو هتي "الشميسي" نالي هڪ جبل موجود آهي.

سيدنا عمر فاروق "بيعت رضوان" واري جاءِ تي جنهن مسجد جو بنياد رکيو هو، اتي هاڻي هڪ عاليشان مسجد قائم آهي جنهن جي ٻرسان رود به موجود آهي. انڪري نـماز جي وقت تي هتان لنگهندڙ گاڏيون نـماز لاءِ هتي بيهنديون آهن ۽ هيءَ بابرڪت جاءِ واري مسجد اڄ تائين آباد آهي.

معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ۲ ص ۲۳۰ ـ ۲۲۹، معجم ما استعجم "بكري" ج۱ ص ٦٨، دائرة المعارف (اردو) ج ۷ ص ۹۵۸ ـ ۹٦۲. جزيرة العرب ـ محمد رابع ندوي ص ۲۳۷ ـ ۲۳٦.

Marfat.com

ان کانپوءِ پنج سؤ يا هڪ ٻي روايت موجب ست سؤ صحابي ساڻ ڪري دشمن جو پيڇو ڪيائون.

مسلمانن جي لشکر مان حضرت سَلَمَيٰ بن اَکوَع رضہ پيرين پيادو سڄي لشکر کان (جوش ۾) اڳتي نڪري ويو. سندس نظر جڏهن دشمن تي پيئي تہ هن اڪيلي سر مٿانئن تير وسائڻ شروع ڪيا. جن سان ڪيترا ڪافر اجل جو شڪار ٿيا. آخرڪار هن دشمن کان سمورا اُٺ ڇڏائي ورتا، نہ صرف ايترو پر سندن سامان بہ کسي ورتائين، جنهن ۾ ٽيهہ چادرون، ٽيهہ تير ۽ ٽيهہ ڍالون شامل آهن. ان کانپوءِ هو ان سموري مال سان واپس اچي رهيو هو تہ رستي ۾ ڪيس نبي اڪرم ﷺ جن پنهنجي صحابين سميت مليا ۽ اتان پوءِ گڏجي مديني جو رُخ رکيائون.

"ذِي قَرَد" هڪ ڪوهہ جو نالو آهي. جيڪو مديني کان خيبر ڏانهن ويندڙ رستي تي هڪ برید (۱) جي فاصلي تي هو ۽ "غَطَفَان" جي بلڪل لڳ هو.

"غزوہ ذِي قَرَد" کان موٽي پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني ۾ ٽي ڏينهن مس ترسيا تہ کين "غزوہ خيبر" لاءِ وڃڻو پيو. ان مان اها پروڙ پوي ٿي تہ هي غزوہ "صُلح حُدَيبِيَہ" کانپوءِ ٿيو هو. جڏهن تہ ڪجهہ راوين جو خيال آهي تہ هي غزوہ "صلح حديبيہ" کان اڳ ٿيو هو، انهن راوين جو مهيني بابت بہ اختلاف آهي. مختلف روايتن ۾ "غزوہ ذِي قَرَد" کي ربيع الاول ، جمادي الاول يا شعبان سن ٦ هجريءَ جو واقعو چيو وڃي ٿو، انڪري بخاريءَ جي روايت وڌيڪ صحيح آهي. (۲) ڪجهہ ماڻهن طرفان پنهي قسمن جي روايتن کي صحيح ڪرڻ لاءِ اهو خيال بہ ڏيکاريو ويو آهي تہ "ذِي قَرَد" واري ماڳ تي ممڪن آهي تہ بہ دفعا غزوہ ٿيا هجن.

---

(۱) برید جو مطلب آهي هارهن ميل. (مترجم)

(۲) صحيح بخاري جلد ۲ ص ٦۰۳.

Marfat.com

فصل ڇهون

هن فصل ۾ سن ستين هجريءَ جي غزوات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

غَزْوَه خَيْبَرَ (۱)

هن سال مٿي مرسل صلی الله علیه وسلم جن محرم جي مهيني ۾ "غَزْوَه خَيْبَرَ" لاءِ اسهيا.

---

(۱) "خيبر" جو مشهور شهر مديني جي اتر ۾ ساموندي سطح کان 2800 فوٽن جي اوچائيءَ تي آباد آهي. هتان جي موسم مناسب ۽ زمينون تمام زرخيز آهن. اهو ئي سبب آهي جو هتي جاءِ بجاءِ ڪجين جا باغ ۽ ٻيا وڻ ٻوٽا ۽ جهجهي تعداد ۾ نظر ايندا. جيڪڏهن ڪنهن اوچائيءَ تان بيهي شهر جو جائزو وٺبو ته سواءِ وٽن جي ٻيو ڪجهه به نظر نه ايندو.

نبي سونهاري ﷺ جي زماني ۾ به هتي آبادي سڀ ٽيندي هئي ۽ تمام گهڻا باغ ۽ نخلستان موجود هئا.

"ابن ڪثير" پنهنجي تاريخ ۾ لکي ٿو ته "عهد نبوي ﷺ ۾ رڳو "ڪتيبه" محلي اندر چاليهه هزار ڪجيون موجود هيون."

ان آبادي سبب هتان جا ماڻهو تمام خوشحال هئا، جيڪي زراعت سان گڏ تجارت ۾ به وڏي مهارت رکندڙ هئا. شهر ۾ جيڪا بازار هئي، اتي سامان وڪامندو به هو ته مسواڙ تي به ملندو هو.

مڪي شريف کان شادين مرادين جي موقعي تي ماڻهو اڪثر خيبر مان ديڳيون، شاميانه ۽ زيور وغيره مسواڙ تي آڻي استعمال ڪندا هئا.

ابن سعد جو بيان آهي ته "هڪ ڀيري ڪنهن شاديءَ جي موقعي تي مڪي وارن ڪان اهي مسواڙ تي آندل زيور گم ٿي ويا، جنهن تي کين ڏهه هزار دينار ڇڻي پيئي."

ان مان هتان جي واپارين جي خوشحالي ۽ ڪاروبار جي وسعت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. انهن ماڻهن پنهنجي رهائش لاءِ نهايت مضبوط ۽ ڪشادا محل ٺهرايا هئا. جن جي چوڌاري ڪوٽ ڏنل هئا. ان ڪانسواءِ دفاعي لحاظ ڪان پنهنجي حفاظت لاءِ هنن ڪيترائي قلعا پڻ جوڙايا هئا. ان وقت خيبر ۾ اٺ وڏا قلعا موجود هئا. شهري آبادي ٻن حصن ۾ ورهايل هئي، پهرين حصي ۾ ٻه محلا "نضاة" ۽ "شق" نالي سان هئا، جتي پنج قلعا ٺهيل هئا. جڏهن ته ٻئي حصي ۾ هڪ محلو "ڪَتيبه" نالي سان هوندو هو، جنهن ۾ ٽي قلعا موجود هئا. ان ڪانسواءِ به ٻيا ڪيترا ننڍا قلعا ۽ ڪوٽ به هن شهر ۾ هئا. ڪن ماڻهن جو اهو به خيال آهي ته "خيبر" يهودي پنهنجي هوليءَ ۾ قلعي ڪي چوندا هئا. جيئن ته هتي گهڻا قلعا ٺهيل هئا. انڪري هن شهر تي اهوئي نالو پئجي ويو. والله اعلم.

هاڻي، وقت اهي اهجاڻ ۽ آثار مٽائي ڇڏيا آهن، جنهن ڪري نه بچيا آهن اهي "قلعا" ۽ نه وري ڪوٽ.

ايتريقدر جو انهن ماڳن جا نالا به مٽجي چڪا آهن. باقي ان دور جو سڀ کان مضبوط قلعو "ناعم" اڃان ڪنهن نه ڪنهن نموني موجود آهي. هي قلعو اتان جي سڀ کان جوڌي جوان "مرحب" جو جوڙايل هو. جنهن لاءِ مشهور آهي ته ڪيس هزار مردن جيتري طاقت هئي. پر حضرت علي رضه شير خدا پنهنجي تلوار جي هڪ وار سان ڪيس پورو ڪري ڇڏيو.

ان قلعي کي "حِصن مرحب" سڏيو ويندو هو. ترڪن جي زماني ۾ هتي فوجي ڇانوڻي قائم ڪئي ويئي. پر هينئر اتي خيبر جو گورنر رهندو آهي.

اردو دائرة المعارف جلد ۹ ص ۷۲ ـ ٦٦، البدايه والنهايه ـ ابن ڪثير جلد ۴ ص ۲۰۲، طبقات الڪبريٰ ـ ابن سعد جلد ۲ ص ۱۸۱، زاد المعاد ـ ابن قيم جلد ۲ ص ۳۲۴، الرحيق المختوم ـ صفي الرحمان مبارڪپوري ص ۳۹۸.

Marfat.com

"خَيْبَر" جو شهر مديني جي اتر ۾ "شام" ڏانهن ويندڙ واٽ تي اٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. هن شهر ۾ يهودي رهندا هئا ۽ اتي ڪافي تعداد ۾ "قلعا" به موجود هئا.

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪو لشڪر روانو ٿيو، ان ۾ چوڏهن سؤ پيادا ۽ به سؤ سوار هئا. اُمِّ المؤمنين اُمِّ سَلميٰ رضه به هن سفر ۾ ساڻن گڏ هئي. "سِبَاع بن عُرْفُطَه" کي مديني ۾ خليفي طور مقرر ڪيو ويو هو، جنهن جو ذڪر "غزوه قَرْقَرَةُ الكُدْر" ۾ ٿي چڪو آهي. مسلمانن، ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ شهر وارن کي گهيري ۾ رکيو. ان ڪانپوءِ صفر مهيني ۾ خدا تعالیٰ کين سوپ عطا ڪئي.

غَزْوَه وادِي الْقُرىٰ

هن سال صفر مهيني جي پوين تاريخن ۾ هي غزوه ٿيو. "وَادِي الْقُرىٰ" يهودين جي هڪ ڳوٺ جو نالو هو، جيڪو مديني جي ويجهڙائي ۾ "خَيْبَر" ڏانهن ويندڙ رستي تي هو. شام ملڪ کان ايندڙ حاجي سڳورا هتان لنگهندا هئا. مسلمان خَيْبَر جي فتح کانپوءِ جڏهن هتان لانگهائو ٿيا، ته اتان جا ماڻهو سندن مقابلي لاءِ اڳ ۾ ئي تيار ويٺا هئا. ڇئن ڏينهن جي گهيري کانپوءِ مسلمان سويارا ٿيا، ۽ کين جهجهي تعداد ۾ مال متاع به هٿ آيو.

غَزْوَه ذَاتِ الرِّقَاع (۱)

هن سال ربيع الاول جي ڏهين تاريخ چنڊ رات مسلمان "ذَاتِ الرِّقَاع" واري غزوه لاءِ روانا ٿيا. امام بخاري پنهنجي مشهور ڪتاب "صحيح بخاريءَ" ۾ ڄاڻايو آهي ته "هي غَزْوَه خَيْبَر جي فتح کانپوءِ جو واقعو آهي، ڇو جو "اَبُوْ مُوْسَيٰ اَشْعَرِي رضه" هن غزوه ۾ ڀهرو ورتو. جنهن خيبر جي موقعي تي حاضر ٿي اسلام قبول ڪيو."

---

(۱) ذات الرِقاع جي لغوي معنيٰ آهي. چتيون، ٽڪرا، پرزا وغيره. هن غزوه تي ان نالي پوڻ جا ٻه سبب ٻڌايا ويا آهن:

(الف) صحيحين ۾ حضرت ابوموسيٰ اشعري رضه کان هڪ روايت نقل ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ هو فرمائي ٿو: "اسان جڏهن هن غزوه لاءِ پنهنجي اڳواڻ عليه الصلواة والسلام سان گڏجي نڪتاسون ته سواريءَ لاءِ اسان ڇهن ماڻهن وٽ فقط هڪ اٺ هو، جنهن جي مٿان واري وٺيءَ تي هرهڪ ماڻهو سوار ٿيندو هو، باقي پنج ڇٽا پيرين پنڌ هلندا هئا. پنڌ به وري هو پهاڙن جو، جنهن هيڪاندا اسان جا پير ڇلي ڇڏيا هئا، انڪري اسان سيئي پنهنجي پيرن مٿان جيڪي ليڑون يا اڳڙيون ملنديون هيون اهي ويڑهي ڇڏيندا هئاسون، ته جيئن پنڌ ڪرڻ ۾ ڪجهه سولائي ٿي". ان ڪري هن غزوه تي اهو نالو پٽجي ويو.

(ب) ٻي روايت وري ابن سعد نقل ڪئي آهي. سندس خيال آهي ته غطفان قبيلي وارا جنهن ميدان ۾ رهندا هئا، ان جي چوڌاري ٽڪريون هيون، جن جا پٿر مختلف رنگن جا هئا ۽ پريان ائين نظر ايندو هو ته ڄڻ ڪنهن رنگ رنگ جا ٽڪر پٽاري ڇڏيا آهن. انڪري هن غزوي تي اهو نالو پيو. والله اعلم بالصواب.

صحيح بخاري جلد ۲، ص ۵۹۲، صحيح مسلم جلد ۲ ص ۱۱۸، طبقات ابن سعد جلد ۲ ص ۴۳.

Marfat.com

ان بيان مان ثابت ٿئي ٿو تہ هي غزوه سن ستين هجريءَ جو واقعو آهي. جڏهن تہ ڪجهہ راوين جو قول آهي تہ "غزوه ذات الرقاع" هجرت جي چوٿين سال "غزوه بَني نضير" کانپوءِ ۽ "بَدْر صُغريٰ" کان اڳ ٿيو هو. ڪن راوين طرفان هن غزوه جو سن پنڄين هجري بہ ٻڌايو ويو آهي. جڏهن تہ "رَوْضَة الْاَحْبَاب" واري، هن جو شمار ڇهين هجري جي غزوات ۾ ڪيو آهي. انهن سڀني روايتن مان بخاريءَ جي روايت وڌيڪ صحيح معلوم ٿئي ٿي.

هن غزوه ۾ مسلمانن جو مقابلو "نجد" جي سرزمين تي "بنو مُحَارِب" ۽ "بنو ثَعْلَبَہ" وارن سان هو، ان ڪري هن غزوه کي "غزوه بَنُوْ مُحَارِب" ۽ "غزوه بني ثَعْلَبَہ" جي نالن پٽيان بہ ياد ڪيو ويندو آهي. ان کانسواءِ هن غزوه جو هڪ نالو "غزوه صلوٰةُ الخوف" بہ آهي. ڇو جو "نماز خوف" پهربون پيرو هن غزوي دوران پڙهي ويئي. (١) جيئن تہ هن غزوي دوارن ڪيترائي عجيب و غريب واقعا پيش آيا، انڪري هن غزوه جو هڪ نالو "غَزْوَةُ الْاَعَاجِيْب" بہ آهي. ان مان پروڙ پوي ٿي تہ هن غزوه کي پنجن نالن سان ياد ڪيو ويندو آهي.

نبي ڪريم ﷺ جن پاڻ سان جيڪو لشڪر ڪنيو، ان جي ڳاڻيٽي ۾ راوين جو اختلاف آهي. جدا جدا راوين طرفان اهو انگ چار سؤ يا ست سؤ يا وري اٺ سؤ بہ ٻڌايو ويو آهي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي پويان مديني ۾ حضرت عُثْمَان بن عَفَّان ذُوالنورين رضي الله تعالىٰ عنه کي خليفو مقرر ڪيو هو. اها اڪثريت جي روايت آهي. جڏهن تہ هڪ ڪمزور روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت اَبُوذَرّ غِفاري رضي الله عنه کي خليفو بڻايو ويو هو.

مُحَارِب ۽ ثَعْلَبَہ قبيلي وارن کي جڏهن مسلمانن جي پهچڻ جي خبر پئي تہ هو وڙهڻ بدران جبلن جي چوٿين تي چڙهي ويا. ڪجهہ مسلمانن جو خيال هو تہ دشمن متان اوچتو حملو ڪري وجهي، انڪري نبي ڪريم ﷺ جن نماز خوف پڙهائي. ڪجهہ راوين جو قول آهي تہ اها پهربن نماز خوف هئي، جيڪا هن غزوه دوران ٽيپهريءَ جي وقت ادا ڪئي ويئي. جڏهن تہ ٻين جو خيال آهي تہ پهربن نماز خوف سن ڇهين هجريءَ دوران "عَسْفَان" جي ماڳ تي پڙهي ويئي، جنهن جو وڌيڪ ذڪر هن ڪتاب جي ٽئين باب ۾ ڪيو ويندو.

---

(١) شرح علي مواهب "زرقاني" جلد ٢ ص ١٥٣.

نوٽ:- هن غزوه جي سال توڙي تاريخ ۾ راوين جو اختلاف رهيو آهي. ابن اسحٰق جي خيال موجب هي واقعو چوٿين هجريءَ جو آهي، واقدي ۽ سندس شاگرد ابن سعد مطابق پنجين هجري ۽ امام بخاريءَ جي روايت موجب هي واقعو ستين هجريءَ ۾ غزوه خيبر کان پوءِ جو آهي. ڇو جو ابوموسيٰ اشعري ۽ ابو هريره هن "غزوه" ۾ شريڪ هئا. ابو موسيٰ اشعري خيبر جي فتح کانپوءِ حبش کان نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو، جڏهن تہ ابو هريره جنهن وقت مديني پهتو تڏهن رسول خدا ﷺ جن "خيبر" ڏانهن روانا ٿي چڪا هئا، ان ڪري ابوهريره خيبر وڃي ساڻن مليو. ان وقت مسلمان خيبر فتح ڪري چڪا هئا. (مترجم)

Marfat.com

فصل ستون

هن فصل ۾ سن اٺين هجريءَ جي غزوات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

"فَتحِ مڪه"

هن سال رمضان شريف جي مهيني ۾ نبي آخر الزمان ﷺ "غَزْوَه الْفَتْح" لاءِ روانا ٿيا. ان جو سبب اهو هو جو سن ڇهين هجريءَ ڌاري "حُدَيْبِيَّه" ۾ جيڪو مسلمانن ۽ مشرڪن جي وچ ۾ ٺاهه ٿيو هو، انهيءَ مطابق "بَنُو خُزَاعَه" وارن کي مسلمانن جو ساٿاري ظاهر ڪيو ويو هو. مشرڪن هن سال شعبان جي مهيني ۾ يا هڪ روايت موجب ان کان به اڳ "بنو خُزَاعَه" وارن تي چڙهائي ڪري هن ٺاهه جي ڀڃڪڙي ڪئي. جنهن کي اڃان ٻاويهه مهينا مس گذريا هئا. نبي ڪريم ﷺ جن کي جڏهن اها خبر پهتي تڏهن ڏهه هزار ايمان وارن جي لشڪر سان رمضان جي ڏهين تاريخ اربع جي ڏينهن ٽيپهريءَ جي نماز پڙهي مديني مان نڪتا. ڪن راوين رمضان جي ٻي تاريخ به ٻڌائي آهي. هيءَ "غزوه" جنهن ۾ مڪو فتح ٿيو تاريخ جي وڏي ۾ وڏي سوڀ هئي. جنهن جي وسيلي خدا تعاليٰ پنهنجي "دين" ۽ سچي رسول ﷺ جو مانُ مٿانهون ڪيو ۽ ان کانپوءِ "حجاز" جي ڌرتيءَ تي ڪو به ڪافر نه بچيو. ان ڳالهه تي سڀ مؤرخ متفق آهن ته هي غزوه هجرت جي اٺين سال رمضان مهيني جو واقعو آهي. باقي هن غزوه جي تاريخ توڙي ڏينهن بابت راوين ۾ اختلاف آهي. تاريخ جي باري ۾ ٽي روايتون ملن ٿيون، جن ۾ رمضان جي سترهين، اڻويهين ۽ ويهين تاريخ ٻڌائي ويئي آهي. ساڳيءَ ريت راوين طرفان ڏينهن به مختلف ڏسيا وڃن ٿا. جڏهن ته "زرقاني" "شرح عليٰ المواهب اللدنيه" ۾ لکي ٿو. "اهو جمعي جو ڏينهن هو." اها روايت وڌيڪ مشهور آهي.

نبي اڪرم ﷺ جن جڏهن هن غزوه لاءِ مديني کان اسهيا ته اتي اِبن اُمِّ مَڪْتُوْم رضه کي خليفو مقرر ڪيائون. جڏهن ته هڪ ٻي روايت ۾ اَبُوْ رُهْمْ ڪُلْثُوْم بن حُصَيْن جو نالو ٻڌايو ويو آهي. ڪيترن جي خيال ۾ پوئين روايت صحيح آهي. ٻنهي روايتن جي اختلاف کي مٽائيندي ڪن وري هن ريت تاويل ڪئي آهي ته اَبُوْ رُهْمْ رضه جي مٿان سرڪاري ڪمن ۽ ابن اُمِّ مَڪْتُوْم رضه مٿان وري نماز پڙهائڻ جي ذميواري هوندي.

"غَزْوَه حُنَيْن" (١)

هن سال شوال مهيني جي ڇهين تاريخ رسول خدا ﷺ جن مڪي کان "غزوه حُنَيْن" لاءِ اسهيا ۽ اتي

---

(١) "حُنين" هڪ غير معروف ۽ گمنام ماڳ جو نالو آهي، جيڪو مڪي کان طائف ڏانهن ويندڙ واٽ تي، اٽڪل ٽن ڏينهن جي پنڌ تي هو. سن اٺين هجريءَ دوران اسلامي تاريخ جي هن اهم غزوي لاءِ سيد الانبياء صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي ٻارهن هزار صحابين سان گڏ هتي پهتا ۽ ان واقعي "حنين" کي ايترو ته مشهور ۽ معروف بڻائي ڇڏيو جو تاريخ جي ڪتابن کان وٺي خدا تعاليٰ جي پاڪ ڪتاب تائين هر جاءِ تي اهو نالو محفوظ ٿي ويو. هن غزوه کان سواءِ

Marfat.com

عتّاب بن اَسِيد رضہ کي خليفو مقرر ڪيائون. هن غزوه ۾ مسلمانن جو مقابلو "هَوَازِن" قبيلي وارن سان هو. ان سبب ڪري هن کي "غَزْوَه هَوَازِن" ۾ سڏيو ويندو آهي.

نبي ڪريم ﷺ جن شوال جي ڏهين تاريخ اڱاري جي شام جو "حُنَيْن" پهچي ويا. ساڻن گڏ ٻارهن هزار مسلمانن جو لشڪر هو. جن مان ڏهہ هزار تہ اهي هٿا جيڪي "فتح مڪه" لاءِ مديني کان آيا هٿا، جڏهن تہ باقي ٻہ هزار اهي نوان مسلمان هٿا، جن مڪي جي فتح ڪانپوءِ اتي ئي ايمان آندو هو. تاريخ ۾ کين "طُلَقاء" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ڇو جو فتح واري ڏاڙي پاڻ ڪريم ﷺ جن کين فرمايو "اِذْهَبُوْا فَاَنْتُمُ الطُّلَقَاءُ" "وڃو هاڻي اوهان آزاد آهيو."

"حُنَيْن" جي وادي مڪي کان طائف ڏانهن ويندڙ رستي جي اوڀر پاسي آهي. مڪي کان ان جو مفاصلو ڏهن ميلن کان مٿيرو ٿيندو. هن غزوه ۾ مسلمانن جي لشڪر مان چار ماڻهو شهيد ٿيا ۽ ڪافرن جا ستر ماڻهو قتل ڪيا ويا. الله تعاليٰ هن جنگ ۾ مسلمانن کي سوپ ۾ عطا ڪئي ۽ کين غنيمت ۾ ڪافي مال ۾ مليو.

غَزْوَه طَائِف

هن سال شوال مهيني جي پوين تاريخن ۾ نبي اڪرم ﷺ جن کي "غزوه حُنَيْن" کان اڃان واندڪائي مس ملي، ايتريقدر جو اتان جيڪو غنيمت جو مال هٿ آيو، هُو ان کي ۾ مجاهدن ۾ ورهائي نہ سگهيا هٿا، تہ کين اهو سڀ ڪجهہ "جِعْرَانَہ" ۾ ڇڏي "غزوه طَائِف" لاءِ وڃڻو پيو.

"طَائِف" جو مشهور شهر مڪي جي اڀرندي پاسي ٻن يا ٽن مرحلن جي پنڌ تي آهي. انگور، ڪارڪون، توڙي ٻيا ميوا هتي جهجهي تعداد ۾ پيدا ٿين ٿا. ايتري قدر جو ڇهني فصلن يعني ربيع، خَريف، اونهاري توڙي سياري جون جنسون هڪ ئي وقت هتي نظر ايندیون. هن شهر ۾ ان وقت "ثَقِيْف" قبيلي وارا آباد هٿا.

اسلامي لشڪر هتي پهچي سندن چوڌاري گهيرو ڪيو، جيڪو ڏهن ڏينهن کان مٿي جاري رهيو. جڏهن تہ کجهہ روايتن ۾ اِهو مدو ٽيهہ ڏينهن ۽ چاليهہ ڏينهن ٻہ بيان ڪيو ويو آهي. پر پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي.

هن غزوه ۾ مسلمانن طرفان هڪ "منجنيق" ٻہ استعمال ڪئي ويئي، جنهن سان دشمن مٿان گولا اڇلايا ويا. اسلامي تاريخ ۾ پهرين ڀيرو "منجنيق" جو استعمال "غزوه طائف" ۾ ٿيو. ان کان

هن جاءِ جي ٻي کابہ خصوصيت نہ هئي. اهو ئي سبب آهي جو گذريل ڪيترين صدين کان تاريخ توڙي جاگرافيءَ جا ماهر هن جاءِ جو پورو پتو ٻڌائي نہ سگهيا آهن ۽ ان ڏس ۾ سندن رايا هڪ ٻئي کان ڪافي مختلف آهن.

ڪن ماهرن جو خيال آهي تہ حُنين واري جاءِ "ذوالمجاز" ماڻري ۾ هئي.

هينئر طائف ڏانهن ويندي رَبمہ ۽ "شرائع" جي وچ تي روڊ جي ساڄي پاسي جيڪو ميدان آهي. ڪجهہ ماهرن جي راءِ ۾ اهو ئي "حُنين" جو ميدان آهي. والله اعلم باالصواب.

اردو دائرة المعارف جلد ٨ ص ٩٨ ـ ٦٩٦، سفرنامہ ارض القرآن ـ محمد عاصم ص ٨٥ ـ ١٨٤.

Marfat.com

اڳ ڪڍهن به ان جو استعمال نه ڪيو ويو هو. مسلمانن کي الله تعاليٰ سوياروڪيو. هن قلعو فتح ڪري ورتو. اها هڪ وڏي سوڀ هئي، جيڪا الله تعاليٰ طرفان کين عطا ڪئي ويئي.

"غزوه طائف" ۾ مسلمانن جا ٻارهن ماڻهو شهيد ٿيا. جن مان ام المؤمنين امّ سلمه رضه جو ڀاءُ عَبْدُالله بِنْ اَبُوْ اُمَيَّه مَخْزُوْمِي رضه ،جيڪو مڪي جي فتح ٿيڻ مهل مسلمان ٿيو هو ۽ سَعِيْد بن العَاصِ اموي رضه وغيره جا نالا مشهور آهن. ڪافرن مان به ڪافي ماڻهو قتل ٿيا.

هن غزوه ۾ سيدنا اَبُوبَكَر رضه جو پٽ حضرت عَبْدُالله رضه دشمن هٿان ڦٽجي پيو. سندس اهو ڦٽ ان وقت ته ڇٽي ويو پر ڪجهه وقت گذرڻ ڪانپوءِ سيدنا صِديق اَكْبَر رضه جي دور خلافت ۾ سندس اهو ڦٽ وري اٽلي پيو ۽ اهوئي سندس موت جو ڪارڻ بڻيو.

غزوه طَائِف ۽ غزوه فتح مڪه جي موقعي تي پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن سان به بيبيون سڳوريون يعني حضرت اُمِّ سَلمه رضه ۽ زينب بنت جحش رضه به ساڻ هيون.

Marfat.com

فصل اٺون

هن فصل ۾ سن نائين هجريءَ جي غزوات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

غَزْوَه تَبُوڪ (۱)

هن سال رجب جي مهيني ۾ مسلمان "غزوه تَبُوڪ" لاءِ روانا ٿيا. هن غزوه کي "غَزْوَةُ العُسْرَة"، "سَاعِةُ العُسْرَة" ۽ "فَاضِحَه" جي نالن پٺيان به ياد ڪيو ويندو آهي. ڇو جو هن غزوه جي باري ۾ جيڪي آيتون نازل ٿيون، تن منافقن جا پول پڌرا ڪري ڇڏيا.

هي آخري غزوه آهي ۽ هن کانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن پاڻ پنهنجي سِر ڪنهن به لڙائي ۾ شريڪ نه ٿيا هئا.

---

(۱)"تبوڪ" جو هي تاريخي شهر عرب جي اترين ڇيڙي تي هو. جتان پوءِ بازنطيني سلطنت جون سرحدون شروع ٿيندیون هيون. ان ڏورانهين ڏيهه تي پهچڻ لاءِ اسلامي لشڪر کي سفر جون وڏيون صعوبتون سهڻيون پيون. هو ڏينهن جا ڏينهن جبل جهاڳي، بيابان لتاڙي اهو سڄ ۽ رڄ جو رستو لنگهي وڃي پار پيا.

اڄ حالتون بلڪل بدلجي چڪيون آهن، تبوڪ پهچڻ لاءِ سعودي حڪومت هڪ ڪشادو ۽ عاليشان روڊ ٺهرايو آهي.

هينئر مديني شريف کان تبوڪ جو فاصلو 465 ميل آهي. جتي ڇهن ڪلاڪن ۾ نهايت آرام سان پهچي سگهجي ٿو.

نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي اڳواڻيءَ ۾ جڏهن اسلامي لشڪر هتي پهتو، تڏهن پاڻيءَ جي ڏاڍي اٽاٽ هئي. سڄي جوءِ ۾ صرف هڪ چشمو هو، جتان ٿورو ٿورو پاڻي نڪرندو هو. مسلمانن طرفان امام الانبياء صلي الله عليه وسلم جن جي وضوءَ وارو پاڻي ان چشمي مٿان هاريو ويو. بس پوءِ رب جي حڪم سان ان چشمي اچي ڦاٽ ڪاڏو، ڏسندي ئي ڏسندي ان جي پاڻيءَ ۾ ايتري ته واڌ اچي ويئي جو سڄي لشڪر جون ضرورتون اتان ئي پوريون ٿيڻ لڳيون. ان موقعي تي ٻنهي جهانن جي سردار صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي پياري صحابي حضرت معاذ رضه کي مخاطب ٿي فرمايو: اي معاذ! جيڪڏهن تو وڏي ڄمار ماڻي ته هن سرزمين کي ساوڪ سان سينگاريل ڏسندين."

خدا پنهنجي سچي رسول ﷺ جي اها دعا اڳهائي. اڄ تبوڪ سائو ۽ سڪيو آهي. جيڏانهن به نظر ڦيرائبي ته ساوڪ ئي ساوڪ نظر ايندي. مديني ۽ خيبر ڪانسواءِ سڄي سعودي سلطنت ۾ ڪو به شهر اهڙو نه آهي، جيڪو پاڻي توڙي پوک ۾ تبوڪ جو مقابلو ڪري. انڪري هتان جا ماڻهو به ڏاڍا سڪيا ستابا نظر ايندا.

هن وقت تبوڪ تمام تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيو آهي. هر پاسي عاليشان عمارتون، جديد طرز جا شاپنگ سينٽر ۽ ڪشادا روڊ ٺهي رهيا آهن ۽ شهر جي آبادي به تيزيءَ سان وڌي رهي آهي.

سعودي حڪومت طرفان هتي هڪ وڏي فوجي ڇانوڻي قائم ڪئي وئي آهي. اسلامي لشڪر "غزوه تبوڪ" جي دوران جنهن جاءِ تي منزل ڪئي هئي اتي هڪ ڪاٺ جي مسجد ٺاهي ويئي. بعد ۾ وري ترڪن جي حڪومت دوران هڪ ترڪ فوجيءَ ان جاءِ تي خوبصورت جامع مسجد پنهنجي خرچ سان جوڙائي، جنهن تي قيمتي پٿر جو نهايت خوبصورت ڪم ڪرايو ويو. اها مسجد اڄ تائين قائم آهي. مسجد جي لڳ هڪ پراڻو قلعو به آهي، جنهن کان جيل جو ڪم ورتو پيو وڃي.

"اردو دائرة المعارف اسلامي" جلد ٦ ص ١٣٢ ـ ١٣١، "معجم البلدان" ياقوت حموي جلد ٢ ص ١٥ ـ ١٤، "سفرنامه ارض القرآن" محمد عاصم ص ٢٦١ ـ ٢٥٨.

Marfat.com

"تَبُوُک" نالي هي ڳوٺ مديني کان شام ڏانهن ويندڙ رستي تي آهي، جيڪو مديني کان چوڏهن مرحلن ۽ دمشق کان يارهن مرحلن جي پنڌ تي آهي.

هن ڳالهه تي سمورا راوي متفق آهن ته "غزوه تَبُوُک" سن نائين هجريءَ ۾ "حجةُ الوَدَاع" کان اڳ ٿيو هو. جڏهن ته بخاري شريف واري جو خيال "حجة الوداع" کانپوءِ جو آهي. باقي ابن عَبّاس رضه جي روايت آهي ته هي غزوه، "غزوه طَائِف" کان ڇهه مهينا پوءِ ٿيو آهي. شارحن جي راءِ مطابق اها روايت به غلط نه آهي، ڇو جو نبي ڪريم ﷺ جن طائف کان "ذوالحج" جي مهيني ۾ مديني پهتا هئا، انڪري جيڪڏهن ان روشنيءَ ۾ مهينن جي ڳڻپ ڪبي ته ذوالحج ۽ رجب جي وچ ۾ جيڪو عرصو آهي اهو ڇهه مهينا ٿيندو.

"غزوه تَبُوُک" جو هي سفر مسلمانن کي ڏاڍن ڏکين ڏينهن ۾ ڪرٽو پيو. ڇو جو گرمي به تمام چوٽ ڇڙهي چڪي هئي ۽ هوڏانهن وري کجين ۾ قر به تيار هو. ماڻهن جون دلڙيون ڇانورن ۾ وهي انهن کارکن کائڻ لاءِ آتيون هيون. ان موقعي تي ڪو به ماڻهو گهر ڇڏڻ لاءِ سوچي به نه ٿي سگهيو.

اهوئي وقت هو جو نبي ڪريم ﷺ طرفان جهاد جو سڏ پهتو. ان ويل مسلمانن وٽ نه هو سفر جو پورو سامان نه وري سواريءَ جو جوڳو بندوبست. اونهاري جون لوساٽيندڙ لکون ۽ وري تتل واري جو اٽانگو پنڌ، جيڪو چوڏهن مرحلن کان به مٿي هو. رستي ۾ جبل جهاڳي ۽ شام جو رڻ پٽ لتاڙي ان ماڳ تي پهچڻو هو. وات تي نه ڪو وڻ ۽ نه پاڇو. پاڻيءَ جو نشان به ڪٿي ڪو مشڪل ٿي ملي سگهيو. ٻئي پاسي وري هو مضبوط دشمن جنهن جي تعداد توڙي طاقت جو ڪاٽو ڪرڻ به ڪٺن هو. ان موقعي تي الله تعاليٰ ايمان وارن جي دلين ۾ پنهنجي سچي دين جو جذبو جاڳايو. جيڪو ماڻهو به ٿوري گهڻي سگهه ساري پئي سگهيو اهو پٺتي نه پيو. پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي حڪم تي سواءِ منافقن جي، پيا به ٽي اهڙا شخص هئا جيڪي هن سفر ۾ شريڪ نه ٿيا. انهن جو احوال هن ڪتاب جي ٽئين باب ۾ ڪيو ويندو. باقي اٽڪل ست ماڻهو اهڙا به هئا جن کي حالات مجبور ڪيو هو، نه ته انهن جي نيت صاف هئي. سندن لاءِ خدا تعاليٰ هيئن فرمايو:

تَوَلَّوْا وَّاَعْيُنُهُمْ تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ حَزَنًا اَلَّا يَجِدُوْا مَا يُنْفِقُوْنَ. (۱)

"اهي ان حال ۾ پوئتي موٽيا جو سندن اکيون ڳوڙها ڳاڙي رهيون هيون. ان غم ۾ ته وٽن ڪجهه به موجود نه آهي، جيڪو الله جي واٽ ۾ خرچ ڪري سگهن."

نبي ڪريم ﷺ جن سان هن غزوي ۾ ٽيهه هزار مسلمان ساڻ هئا. جڏهن ته هڪ ٻي روايت ۾ اهو تعداد ستر هزار به ٻڌايو ويو آهي. انهن ٻنهي روايتن کي گڏي ڪن شارحن اهو به مطلب ڪڍيو آهي ته ٽيهه هزار ماڻهن سڏيءَ طرح جنگ ۾ حصو ورتو هوندو، جڏهن ته ستر هزارن ۾ اهي سڀ به شامل هوندا، جن ڪنهن نه ڪنهن نموني پهرين جي مدد ڪئي هوندي. هن لشڪر ۾ شامل گهوڙن جو تعداد ڏهه هزار ٻڌايو ويو آهي. رسول خدا ﷺ جن هن سال شعبان يا وري رمضان جي مهيني ۾ تبوڪ کان واپس مديني پهتا.

---

(۱) سورة توبه آيت ۹۲ پاره ۱۰.

Marfat.com

پاگو پھریون

باب پیو

سرایا

Marfat.com

Marfat.com

باب ٻيو

اسان جي پياري رسول ڪريم ﷺ جن هٿان هجرت کانپوءِ جيڪي "سرايا" يا "بعوث" موڪليا ويا، هن باب ۾ انهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

"سَرَايا" ۽ "بُعُوْث" مان مراد اهي لشڪر آهن، جن سان سرور ڪائنات ﷺ جن پاڻ پنهنجي سِر تہ ساڻ نہ ويا، پر اهي سندن صحابي سڳورن مان ڪنهن جي اڳواڻيءَ هيٺ روانا ڪيا ويا.

"سرايا" جمع آهي "سريہ" جو. جڏهن تہ "بُعُوْث" جمع آهي "بعث" جو. هوڻئن تہ عام طور انهن ٻنهي لفظن جو مطلب ساڳيو سمجهيو ويندو آهي. پر لغوي توڙي فني لحاظ کان انهن ٻنهي ۾ فرق آهي.

"سريہ" عام طور ان لشڪر کي سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج ماڻهو يا هڪ ٻئي قول موجب هڪ سؤ ماڻهو ۽ وڌ ۾ وڌ چار سؤ يا وري ڪن جي چوڻ مطابق پنج سؤ ماڻهو هجن. جڏهن تہ "بَعْث" وري ان لشڪر جي اهڙي حصي کي چئبو آهي، جنهن کي "سَرِيَّہ" کان جدا ڪري (ڪنهن بہ جهادي، تعليمي يا اصلاحي خدمت لاءِ) روانو ڪيو وڃي.

فصل پهريون

هن فصل ۾ سن ٻي هجريءَ جي "سَرَايا" جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

هن باب جي شروعات بہ سن ٻي هجريءَ کان ڪئي وڃي ٿي. ڇو جو هجرت جي پهرين سال جهاد جي اجازت نہ هئي. انڪري پهرين سال ڪوبہ "سَرِيَّہ" يا "بَعْث" روانو نہ ڪيو ويو. جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي. هن باب ۾ ڏهہ فصل آهن، جن ۾ ستهتر "سَرَايا" جو ذڪر ڪيو ويو آهي. (۱)

---

(۱) هاڻي ڪتاب جي ٻئي حصي جو ٻيو باب شروع ٿئي ٿو جنهن ۾ ڏهہ فصل آهن.

هن باب ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان موڪليل انهن ننڍين وڏين جماعتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جن ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن جي ذات بابرڪات پاڻ پنهنجي سر بهرو نہ ورتو پر انهن جي اڳواڻي، ڪنهن نہ ڪنهن صحابي سڳوري جي ذمي ڪيائون.

تاريخ ۾ اهڙين جماعتن کي "سريہ" ۽ بعث جي نالن ٻڌيان ياد ڪيو ويو آهي.

لغوي لحاظ کان لفظ "سريہ" جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ ماهرن جو ڪجهہ اختلاف آهي. "لسان العرب" ۾ ابن منظور ڄاڻايو آهي: "جيئن تہ اهي جماعتون رات جي پيٽ ۾ دشمن جي خلاف مختلف ڪارروايون ڪرڻ لاءِ يا وري ڪين ڊيڄارڻ لاءِ خفيہ طريقي سان پنهنجي سونپيل مهم لاءِ روانيون ٿيندڙ هيون، ان ڪري انهن کي "سريہ" سڏيو ويندو هو، جنهن جو مادو سِر آهي، يعني راز، ڳجهہ يا لڪل. اهڙي ريت انهن جماعتن جي اڳواڻن کي "سري" ڪوٺيندا هئا. يعني راز جو ڄاڻندڙ.

ان ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي مسعودي چوي ٿو تہ "رات جي پيٽ ۾ نڪرندڙ جماعت کي سريہ ۽ ڏينهن ڏٺي جو

Marfat.com

روانيون کيل جماعتن کي وري "سوارب" سڏيو ويندو آهي، جيئن الله تعالىٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ فرمايو آهي: "ومن هو مستخف بالليل وسارب بالنهار". ان کانسواءِ اهڙين جماعتن ۾ اهو به ڏٺو ويندو ته انهن ۾ شامل ماڻهن جو تعداد ڪيترو آهي. ڇو جو عربي زبان ۾ ماڻهن جي تعداد واري لحاظ کان به ماهرن اهڙين جماعتن جا مختلف نالا ٻڌايا آهن. سندن خيال موجب لفظ "سريه" جو اطلاق اهڙي جماعت تي ٿيندو، جنهن ۾ ڪهٽ ۾ ڪهٽ پنج ۽ وڌ ۾ وڌ ٽي سؤ تائين ماڻهو هجن. اهو قول فيروز آبادي جو آهي، جڏهن ته ثعالبيءَ جو چوڻ آهي ته "پنجن کان وٺي چار سؤ تائين ماڻهو جنهن جماعت ۾ هوندا ان کي ئي "سريه" سڏيو ويندو. ابن حجر وٽ ڪهٽ ۾ ڪهٽ هڪ سؤ ۽ وڌ ۾ وڌ پنج سؤ ماڻهن واري جماعت ئي "سريه" شمار ٿيندي.

مسعودي وري ان ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي ٻڌائي ٿو ته جنهن جماعت ۾ پنج سؤ کان مٿي ۽ آٺ سؤ کان گهٽ ماڻهو هوندا ته ان کي "مناسر" سڏيو ويندو. جڏهن ته ابن حجر جي خيال مطابق ان کي "هيضله" سڏڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت آٺ سؤ کان وٺي هڪ هزار تائين ماڻهو جنهن جماعت ۾ هجن ته ان کي "خشخاش" سڏيو ويندو. باقي جتي ماڻهن جو انگ هڪ هزار کان مٿي ٿي ويندو ته ان کي "جيش"، ڇڻ هزارن تائين "جيش جحفل" ۽ ٻارهن هزارن واري لشڪر کي "جيش جرار" سڏيو ويندو آهي.

ان سلسلي ۾ ڪن خاص موقعن تي ڪا خفيه معلومات حاصل ڪرڻ، ڪو جهاد جي حوالي سان پيغام پهچائڻ، يا ڪنهن نديي جهادي ڪارروائيءَ لاءِ ٻه چار ماڻهو به روانا ڪيا ويندا هئا. پوءِ ڪڏهن ته اهي ڪنهن وڏي جماعت مان منتخب ڪري ان جماعت کان الڳ پنهنجي منهن موڪليا ويندا هئا ته ڪڏهن وري سندن صلاحيت مطابق صحابي سگورن جي ست مان ڪجهه ماڻهن کي منتخب ڪري موڪليو ويندو هو. اهڙين نندين جماعتن کي ان دور ۾ "بعث" سڏيو ويو آهي، جنهن جو جمع "بعوث" آهي. موجوده دور جي مؤرخن ۽ دفاعي ماهرن مٿين ڪارروائين لاءِ موڪليل بعوث بابت ڪجهه جديد اصطلاح به وضع ڪيا آهن. مثال طور ابو مايلة عُمريءَ طرفان اهڙا "بعوث" جن ۾ هڪ کان وٺي اٺکل ڇڻ پنجن تائين خاص تربيت يافته ماڻهو جڏهن ڪنهن ظالم کي قتل ڪرڻ، يا ڪنهن واقعي کي اڳتي وڏي Commando Action جي انداز ۾ روڪڻ لاءِ اماڻيا وڃن ته ان کي "مغاوير" سڏيو ويندو. جنهن جو جمع مغوار آهي. عمير بن عدي، جنهن عصماء کي قتل ڪيو، سالم بن عمير جنهن جي هٿان ابوعفڪ يهودي قتل ٿيو يا محمد بن مسلمه جيڪو ڪعب بن اشرف ڏانهن موڪليو ويو هو، اهڙين ڪارروائين کي "مغاوير" سڏيو ويندو.

اسان جي آڳاٽن سيرت نگارن وٽ مٿي ٻڌايل اصطلاحن (تعداد جي لحاظ کان) کان سواءِ "سريه" ۽ "بعث" بابت ٻيو ڪوبه لفظ استعمال نه ڪيو ويو آهي، اهو ان ڪري جو هيٺ بيان ڪيل "سرايا" ۾ ڪڏهن به مسلمانن جو تعداد پنج ڇهه سؤ کان مٿي نه رهيو، ان ڪري انهن لاءِ سريه جو استعمال بلڪل صحيح آهي، سواءِ "سريه مؤته" ۽ "سريه زيد بن حارثه" جي، جنهن ۾ مسلمان مجاهدن جو تعداد ٽن هزارن تائين هو، ان ڪري انهن ٻنهي کي "جيش" سڏي سگهجي ٿو.

سرور ڪائنات ﷺ جن پنهنجي زندگيءَ ۾ نَوَن سالن تائين مختلف مقاصد لاءِ "سرايا" موڪليندا رهيا. ان ڏس ۾ پهريون سريه اڪثريت جي راءِ مطابق سيدنا حمزه بن عبدالمطلب جي اڳواڻيءَ هيٺ ربيع الاول سن هي هجريءَ ڏاري "عِيص" ڏانهن اماڻيو ويو. جڏهن ته آخري سريه صفر يارهين هجريءَ ڏاري حضرت اُسامه بن زيد جي اڳواڻيءَ هيٺ مديني کان روم ڏانهن روانو ڪيو ويو، جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وصال سبب ان وقت ته نه نڪري سگهيو پر

Marfat.com

بعد ۾ خلافت صديقيءَ دوران ان "سريه" کي اماٿيو ويو. هاڻي انهن نَوَن ورهين جي عرصي ۾ جيڪي "سرايا" اماٿيا ويا. غزوات وانگر انهن جي ڳاڻيٽي ۾ به راوين جو اختلاف رهيو آهي. ان ڏس ۾ ابن اسحاق کان ٻي روايتون نقل کيون ويون آهن. انهن روايتن جي روشنيءَ ۾ طبريءَ ۽ مسعوديءَ طرفان سرايا جر تعداد پنجٽيهه ٻڌايو ويو آهي. علامه ابن عبدالبر به ان انگ تي ٻي ساڻ متفق نظر اچي ٿو. جڏهن ته ابن هشام جي نقل کيل روايت مطابق سمورا سرايا ۽ بعوث تعداد ۾ اوڻٽيهه آهن.

خليفه ابن خياط وٽ سرايا جو تعداد ايکٽيهه، واقديءَ آڏو اٽيتاليهه ۽ ابن جوزي وٽ ڇاونجاهه سرايا جو ذکر ملي ٿو. علامه شاميءَ وٽ اهو انگ ايکاسي تائين پهچي ٿو. جڏهن ته حافظ مغلطائيءَ جو خيال آهي ته مڙني سرايا توڙي غزوات جو تعداد هڪ سؤ آهي.

تعداد جي لحاظ کان ايڏي وڏي اختلاف جو کارڻ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟

اسان ان لاءِ ائين چئي سگهون ٿا ته سڀ کان پهريان اها ڳالهه ڏيان ۾ رکڻ کپي ته سرور عالم ﷺ جن هتان جيڪي به سرايا يا بعوث اماٿيا ويا، اهي سمورا جنگي مقاصد لاءِ نه هئا، پر انهن منجهان مختلف "سرايا" يا بعوث موڪلڻ جا مقاصد مختلف هئا. جيئن ته:

۱. دشمن جا راز معلوم ڪرڻ. (جاسوسي)

۲. امن امان جا معاهدا ڪرڻ. (سفارتي)

۳. ماڻهن کي دين جي دعوت ڏيڻ يا وري نون مسلمانن کي قرآن سيکارڻ يا اسلام جا اصول سمجهائڻ. (تعليمي ۽ تبليغي)

۴. رستن جي حفاظت ڪرڻ، ٽورن وغيره کان ماڻهن کي بچائڻ. (حفاظتي)

۵. بتن ۽ بت خانن کي ڊاهڻ (اصلاحي) وغيره.

هاڻي هن عنوان هيٺ ڪجهه مؤرخن ۽ عالمن صرف اهڙن "سرايا" جو ذکر ڪيو آهي، جيڪي جنگي نوعيت جا هئا يا وري کنهن جنگي حڪمت عمليءَ تحت اماٿيا ويا. پوءِ ظاهر آهي ته اهڙن "سرايا" جو تعداد گهٽ ٿيندو.

هن ڪتاب جي فاضل مؤلف حضرت علامه مخدوم صاحب هن باب ۾ انهن سڀني جماعتن جو ذکر ڪيو آهي جيڪي جنگي مقاصد کان علاوه جاسوسي، سفارتي، تعليمي يا اصلاحي وغيره ڪارروائين لاءِ اماٿيون ويون. ان ڪري هن ڪتاب ۾ اسان کي ستهتر "سرايا" ۽ بعوث جو ته باقاعده احوال ملي ٿو. باقي ان کانسواءِ سن پنجين هجريءَ دوران موڪليل انهن ٻن سرايا جو ذکر ضمناً ڪيو ويو آهي، جنهن تي اڪثريت جو اتفاق نه آهي اهڙيءَ ريت ڪل سرايا جو تعداد اٺياسي ٿئي ٿو.

هن هيٺ اهڙن سڀني سرايا ۽ بعوث بابت هڪ چارٽ ڏجي ٿو ته جيئن پڙهندڙ آسانيءَ سان انهن تي طائرانه نگاهه وجهي سگهن. هن چارٽ ۾ اهي تفصيل نقل ڪيا ويا آهن، جيڪي حضرت علامه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه طرفان ٻڌايا ويا آهن. (مترجم).

Marfat.com

سريہ نمبر	قائد	مقصد	دشمن جو اڳواڻ يا دشمن	اسلامي لشڪر جو تعداد	ماڳ	سن	نتيجو
١	حضرت حمزه بن عبدالمطلب	قريش جي هڪ قافلي جو پيڇو ڪرڻ	ابوجهل	٣٠ مهاجر	عِيص	ربيع الاول ٢ هجري	ڪافرن جو قافلو مسلمانن جي پهچڻ کان اڳ اتان نڪري چڪو هو.
٢	عبيده بن حارث بن عبدالمطلب	قريش جي هڪ قافلي کي روڪڻ	ابوسفيان بن حرب	٦٠ يا ٨٠ مهاجر	رابغ	شوال ٢ هجري	ڪافرن جو قافلو مسلمانن جي پهچڻ کان اڳ اتان نڪري ويو هو.
٣	سعد بن ابي وقاص	ڪافرن جي هڪ قافلي سان مقابلو ڪرڻ	نامعلوم	٢٠ مهاجر	خرار	ذوالقعد ٢ هجري	ڪافرن جو قافلو مسلمانن جي پهچڻ کان اڳ اتان نڪري چڪو هو.
۴	محمد بن مسلمه	مشهو يهودي شاعر ڪعب بن اشرف کي قتل ڪرڻ	ڪعب بن اشرف	۵ صحابي	مدينه	ربيع الاول ٢ هجري	ڪعب بن اشرف کي قتل ڪيو ويو.
۵	زيد بن حارثه	ڪافرن جي هڪ قافلي سان مقابلو ڪرڻ	صفوان بن اميه	١٠٠ صحابي	قرده	جمادي الآخر ٢ هجري	مسلمان ڪامياب ٿيا ۽ غنيمت جو مال ڪٿي مديني پهتا.
٦	عبدالله بن جحش	ڪافرن جي هڪ قافلي سان مقابلو ڪرڻ	عمرو بن حضرمي	١٢ يا ٨ صحابي	نخله	جمادي الآخر ٢ هجري	مسلمانن سوپ حاصل ڪئي ۽ پهريون پيرو ڪنهن ڪافر کي قتل ۽ ڪيائون ۽ قيدي ۽ بٽايائون.
٧	عمير بن عدي خطمي	گستاخ شاعره عصماء بنت مروان کي قتل ڪرڻ	عصماء بنت مروان	هڪ ڇٽو	مدينه	٢٥ رمضان ٢ هجري	عصماء بنت مروان کي قتل ڪيو ويو.
٨	سالم بن عمير بن ثابت	گستاخ رسول ﷺ شاعر ابوعفڪ يهودي، کي قتل ڪرڻ	ابوعفڪ	هڪ ڇٽو	مدينه	شوال ٢ هجري	ابوعفڪ کي قتل ڪيو ويو.
٩	ابوسلمه عبدالله بن عبدالاسد	بنو اسد وارن جي قافلي تي حملو ڪرڻ	نامعلوم	١٥٠	قَطَن	محرم ٣ هجري	مسلمان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيا.

Marfat.com

١٠	عبدالله بن أنيس اسلمي	سفيان بن خالد کي قتل کرڻ	سُفيان بن خالد هذلي	هڪ ماڻهو	عُرنہ	۵ محرم ۳ هجري	سُفيان بن خالد کي قتل کري حضرت عبدالله بن انيس سندس سسي ڏڙ کان ڏار کري مديني کڻي آيو.
١١	عاصم بن ثابت	مسلمانن کي کافر، دين جي تبليغ واسطي ڏوکو ڏيئي وٺي ويا هئا	نامعلوم	١٠ صحابي	رجيع	صفر ۳ هجري	کافرن مسلمانن کي ڏوکو ڏيئي نهايت بيدرديءَ سان قتل کيو.
١٢	منذر بن عمرو انصاري	هي صحابي کافرن کي دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ ويا هئا	سليم بن ملحان	٧٠ قرآن جا حافظ	بئر معونہ	صفر ۴ هجري	سواءِ حضرت "عمرو بن اميہ" جي، ڪافرن سمورن کي شهيد کري ڇڏيو.
١٣	زيد بن حارثہ	قريش جي هڪ قافلي سان مقابلو کرڻ	صفوان بن اميہ	١٠٠	نجد	۵ هجري	مسلمانن سوپ حاصل کئي.
١٤	بلال بن مالک مزني	بنو کنانہ وارن سان مقابلو کرڻ	نامعلوم	نامعلوم		۵ هجري	بنوکنانہ وارا اهڙي خبر ٻڌي پنهنجا گهر خالي کري اتان ڀڄي ويا.
١٥	حضرت محمد بن مسلمة	"قُرطاء" وارن سان مقابلو کرڻ	ثمامہ ابن اثال	٣٠ سوار	قُرطاء	٦ هجري	مسلمان کامياب ٿيا.
١٦	عڪاشہ بن محصن	بنو اسد وارن سان مقابلو کرڻ	قبيلي جو سردار	۴٠ سوار	غمر مرزوق	ربيع الاول ٦ هجري	دشمن مقابلي جي سگهہ نہ ساري سگهيا ۽ پنهنجو مال اسباب ڇڏي ڀڄي ويا.
١٧	محمد بن مسلمہ	بنو ثعلبہ ۽ بنو عُوال وارن سان مقابلو کرڻ	قبيلي جو اڳواڻ	١٠	ذوالقَصہ	ربيع الاول يا ربيع الآخر ٦ هجري	ڪافر کامياب ٿيا ۽ مسلمانن منجهان اڪثر شهيد ٿي ويا.
١٨	ابوعبيده بن جراح	ذوالقصہ ڏانهن ويل مسلمانن جي مدد کرڻ	قبيلي جو اڳواڻ	۴٠ سوار	ذُوالقَصہ	ربيع الآخر ٦ هجري	هن دفعي مسلمان کامياب ٿيا.
١٩	زيد بن حارثہ	بنو سُليم وارن سان مقابلو کرڻ	قبيلي جو اڳواڻ	۴٠ سوار	جموم	ربيع الآخر ٦ هجري	مسلمانن سوپ حاصل کئي.

Marfat.com

٢٠	زيد بن حارثہ	قريش جي هڪ قافلي سان مقابلو ڪرڻ	صفوان بن اميہ	١٧٠ سوار	عِيص	جمادي الاول ٦ هجري	مسلمان ڪامياب ٿيا ۽ قافلي وارن کي گرفتار ڪيائون.
٢١	زيد بن حارثہ	بنو ثعلبہ وارن سان مقابلو ڪرڻ	قبيلي جو اڳواڻ	١٥	طِرف	جمادي الآخر ٦ هجري	دشمن مقابلي ڪرڻ کانسواءِ ڀڄي ويا.
٢٢	زيد بن حارثہ	بنو جُذام وارن سان مقابلو ڪرڻ	هُنيد بن عارض	٥٠٠	حسميٰ	جمادي الآخر ٦ هجري	مسلمانن سوپ حاصل ڪئي ۽ غنيمت ۾ ڪين ڪافي مال مليو.
٢٣	ابوبڪر صديق رضہ	بنو فزاره وارن سان مقابلو ڪرڻ	قبيلي جو سردار	١٠٠	وادي القريٰ	جمادي الآخر يا رجب ٦ هجري	ڪافرن شسڪت ڪاڌي ۽ سندن ڪافي ماڻهو مقابلي ۾ مارجي ويا.
٢٤	زيد بن حارثہ	بنو فزاره ۽ سندن ساٿارين سان وري مقابلو ڪرڻ	قبيلي جو سردار	١٠٠	وادي القريٰ	رجب ٦ هجري	هن ڀيري جنگ جي نوبت نہ آئي.
٢٥	عبدالرحمان رضہ بن عوف	دومة الجندل جي رهاڪن کي دين جي دعوت پهچائڻ	اصبغ بن عمرو ڪلبي	٧٠٠	دومة الجندل	شعبان ٦ هجري	هن موقعي تي ڪافي ماڻهن اسلام قبول ڪيو باقي ڀيا "جزيہ" لاءِ تيار ٿي ويا.
٢٦	زيد بن حارثہ				مدين	٦ هجري	مسلمان ڪامياب ٿيا ۽ ڪجهہ ڪافرن کي قيد ڪيائون
٢٧	حضرت علي رضہ ابن ابي طالب	بنو سعيد بن بڪر وارن ڏانهن دين جي دعوت پهچائڻ ۽ نہ قبول ڪرڻ جي صورت ۾ جهاد ڪرڻ	قبيلي جو سردار	١٠٠	فدڪ	شعبان ٦ هجري	هتان ڪين جهجهي تعداد ۾ چوپايو مال هٿ آيو.
٢٨	زيد بن حارثہ	هڪ ڀيرو وري بنو فزاره وارن سان مقابلو ڪرڻ	قبيلي جو اڳواڻ	نامعلوم	وادي القريٰ	رمضان ٦ هجري	مسلمانن ڪافي ڪافرن کي قتل ڪيو ۽ ڪن کي گرفتار ڪري مديني وٺي آيا جن ۾ "ام قِرفہ" بہ شامل هئي.

Marfat.com

٢٩	عبدالله بن عتيڪ	ابورافع يهوديءَ کي قتل ڪرڻ	ابورافع	۵ يا ٦ ماڻهو	خيبر	رمضان ٦ هجري	ابورافع کي قتل ڪيو ويو.
٣٠	عبدالله بن رواحہ	اُسير بن رِزام کي مديني وٽي اچڻ	اُسير بن رِزام	٣٠	خيبر	شوال ٦ هجري	اُسير ۽ سندس ساٿي خيبر کان مديني هلڻ لاءِ مسلمانن سان ڪاڄ نڪتا پر رستي ۾ سندن نيت خراب ٿي پئي ۽ هو مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ ان مقابلي ۾ هو هڪ ڪانسواءِ سمورا مارجي ويا ۽ مسلمانن جو ڪوبہ جاني نقصان نہ ٿيو.
٣١	ڪُرز بن جابر	عرنيين" وارن وٽان مسلمانن جو مال موٽائڻ جيڪو هو چورائي ويا هٿا		٢٠	مديني واري واٽ تي	شوال ٦ هجري	ڪرز بن جابر ۽ سندس ساٿي چورن کي پڪڑي مديني وٽي آيا.
٣٢	عمرو بن اميہ ضمري	ابوسفيان کي قتل ڪرڻ	ابوسفيان بن حرب	اڪيلو ماڻهو	مڪہ	سال ڇهين هجريءَ جي پوئين اڌ ۾	عمرو بن اميہ قريش جي ٽن ماڻهن کي قتل ڪيو ۽ هڪ جاسوس کي ٻڌي مديني وٽي آيو.
٣٣	ابان ابن سعيد			ڪجهہ ماڻهو	نجد	محرم ٧ هجري	هو صحيح سلامت مديني موٽي آيا.
٣٤	حضرت عمر رضہ بن خطاب	هوازن قبيلي وارن تائين دين جو پيغام پهچائڻ		٣٠ سوار	تربہ	شعبان ٧ هجري	ڪافر اسلامي لشڪر جي اچڻ جو ٻڌي ڀڄي ويا.
٣٥	حضرت ابوبڪر صديق رضہ	وادي القريٰ جي مشرڪن سان مقابلو ڪرڻ جن جو تعلق بنو ڪلاب سان هو	بنوڪلاب جو اڳواڻ		وادي القريٰ	شعبان ٧ هجري	هن مقابلي ۾ ڪجهہ ڪافر قتل ٿيا ۽ ڪجهہ وري گرفتار ٿيا.
٣٦	بشير بن سعد	"بنومرہ" وارن سان مقابلو ڪرڻ		٣٠ سوار	فدڪ	شعبان ٧ هجري	مسلمان ڪامياب ٿيا ۽ غنيمت ۾ ڪافي چوپايو مال کين هٿ آيو.

Marfat.com

۳۷	غالب بن عبدالله ليثي	بنوعُوال ۽ بنوعبد وارن سان مقابلو ڪرڻ	قبيلي جو سردار	۱۳۰	ميفعم	رمضان ۷ هجري	ڪافرن کي شڪست نصيب ٿي ۽ سندن مڪ مرد مارجي ويا.
۳۸	بشير بن سعد	"بنوغطفان" وارن سان مقابلو ڪرڻ	عبيد بن حصن	۳۰۰	يمن ۽ جبار	شوال ۷ هجري	مسلمانن کي سوپ حاصل ٿي ۽ غنيمت ۾ ڪافي چوپايو مال هٿ آيو.
۳۹	اخرم بن ابوالعوجاء	بنوسُليم وارن سان مقابلو ڪرڻ	قبيلي جو سردار	۵۰	جموم	ذوالحج ۷ هجري	هن ٻيري ڪافر ڪامياب ٿيا ۽ "اخرم" ڪانسواءِ سمورا مسلمان شهيد ٿي ويا.
۴۰	غالب بن عبدالله ليثي	بنو مُلوح وارن سان مقابلو ڪرڻ		۱۴	ڪديد	صفر ۸ هجري	مسلمان ڪامياب ٿيا.
۴۱	غالب بن عبدالله ليثي	مصاب قبيلي وارن سان مقابلو ڪرڻ		۲۰۰	فدڪ	صفر ۸ هجري	مسلمانن کي ڪاميابي حاصل ٿي ۽ غنيمت ۾ ڪافي مال پڻ هٿ آيو.
۴۲	شجاع بن وهب	بنوعامر وارن سان مقابلو ڪرڻ	بنو عامر وارن جو سردار	نامعلوم	سِي	ربيع الاول ۸ هجري	مسلمانن سوپ حاصل ڪئي
۴۳	ڪعب بن عُمير	مشرڪن سان مقابلو ڪرڻ		۱۵	ذاتِ اطلاع	ربيع الاول ۸ هجري	هن ٻيري ڪافر ڪامياب ٿيا ۽ مسلمانن جا ۱۶ ماڻهو شهيد ٿيا.
۴۴	۱. زيد بن حارثه ۲. جعفر بن ابي طالب ۳. عبدالله بن رواحه	رومي شهنشاهه هرقل سان مقابلو ڪرڻ	شُرَحْبِيل غَسَّاني	۳۰۰۰	مُؤته	جمادي الاول ۸ هجري	اسلامي لشڪر بيمثال ڪاميابي حاصل ڪئي.
۴۵	عمرو بن العاص	قضاعه، عامله، لخم ۽ جذام قبيلن سان مقابلو ڪرڻ	بلي عُذره ۽ بلقين قبيلن جا سردار	۳۰۰	ذات السلاسل	جمادي الآخر ۸ هجري	هن معرڪي ۾ مسلمان ڪامياب ٿيا.
۴۶	ابوعبيده بن جراح	قريش جي هڪ قافلي ڪي روڪڻ ۽ بنوجُهينه وارن سان مقابلو ڪرڻ		۳۰۰	سِيف البحر	رجب ۸ هجري	

Marfat.com

۴۷	عمرو بن مره جُهني	ابوسفيان بن حارث سان مقابلو ڪرڻ	ابوسفيان بن حارث	ڪجهه ماڻهو			شعبان ۸ هجري	مسلمان ڪامياب ٿيا.
۴۸	ابوقتاده بن حارثه	بنوغطفان وارن سان مقابلو ڪرڻ	قبيلي جو سردار	۱۶	خَضره		شعبان ۸ هجري	مسلمان سويارا ٿيا ۽ غنيمت ۾ ڪافي مال ڪين هٿ آيو.
۴۹	ابوقتاده بن حارثه	اِضم جي رهاڪن سان مقابلو ڪرڻ	ابوسفيان بن حرب	۸	اِضَم		رمضان ۸ هجري	ڪوبه مقابلي ۾ نه آيو.
۵۰	أسامه بن زيد	"جُهينه وارن سان مقابلو ڪرڻ			حرقات جُهينه		رمضان ۸ هجري	مسلمان ڪامياب ٿيا.
۵۱	سعد بن زيد اشهلي	مشهور بت "منات" کي پوڄڻ		۲۰ سوار	مُشَلل		رمضان ۸ هجري	اسلامي لشڪر بت کي پوڄي پورا ڪيو.
۵۲	خالد بن وليد	مشهور بت "عزيٰ" کي پوڄڻ		۳۰ سوار	نخله		رمضان ۸ هجري	مسلمان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي موٽيا.
۵۳	عمرو بن العاص	بنوهذيل وارن جي بت "سواع" کي پوڄڻ	قبيلي جو سردار	نامعلوم	رهاط		رمضان ۸ هجري	مسلمان بت کي پوڄي واپس وريا.
۵۴	خالد بن وليد	"بنوجذيمه" وارن سان مقابلو ڪرڻ	قبيلي جو سردار	۳۵۰	يلملم		شوال ۸ هجري	مسلمان ڪامياب ٿيا.
۵۵	ابوعامر بن سليم	انهن ڪافرن سان مقابلو ڪرڻ جيڪي "حنين" ڪان پوڄي هتي اچي لڪيا هئا			اوطاس		۸ هجري	مسلمانن ڪاميابي حاصل ڪئي.
۵۶	طفيل بن عمرو	"اوس" قبيلي وارن جي بت "ذوالڪفين" کي پوڄڻ			طائف جي وجهو		شوال ۸ هجري	مسلمان بت پوڄڻ ۾ ڪامياب ٿيا.
۵۷	قيس بن اسد	"يمن جي طرف رهندڙ صداء قبيلي وارن کي دين جي دعوت ڏيڻ		۵			ذوالقعد ۸ هجري	"صداء" قبيلي وارا اهڙي دعوت قبول ڪندي مديني آيا ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي هٿ تي مسلمان ٿيا.

Marfat.com

۵۸	خالد بن وليد	"همدان" قبيلي وارن کي دين جي دعوت پهچائڻ			يمن	ذوالقعد ۸ هجري	خالد بن وليد ڇهه مهينا ترسيو پر اتان جي ماڻهن تي سندس دعوت جو ڪو اثر نه ٿيو ان ڪري نبي ڪريم ﷺ جن ڪيس واپس مديني گهرائي ورتو.
۵۹	حضرت علي بن ابي طالب رضه	"همدان" قبيلي وارن کي دين جي دعوت پهچائڻ			يمن	۸ هجري	حضرت علیؑ جي دعوت تي بنو همدان وارن اسلام قبول ڪيو.
٦٠	عيينه بن حصن	"بنوتميم" وارن سان مقابلو ڪرڻ	بنوتميم وارن جو سردار	۵۰ سوار	سُڪيا	محرم ۹ هجري	مقابلي ۾ مسلمان ڪافرن کي گرفتار ڪري مديني وٺي آيا.
٦١	عبدالله بن عوسجه	"بنوحارث" وارن کي دين جي دعوت پهچائڻ	قبيلي جو سردار			صفر ۹ هجري	هنن اها دعوت رد ڪري ڇڏي.
٦٢	قطبه بن عامر	بنوخثعم وارن کي دين جي دعوت پهچائڻ	بنوخثعم جو سردار	۲۰	بَيشه	صفر ۹ هجري	هنن اها دعوت قبول نه ڪئي ۽ هنهي ڏرين ۾ مقابلو ٿيو ۽ مسلمان سوڀارا ٿيا.
٦٣	ضَحاڪ بن سفيان	"ڪرطا" قبيلي وارن کي دين جي دعوت پهچائڻ	بنوڪلاب وارن جو سردار		ڪرطا	صفر يا ربيع الاول ۹ هجري	هنن به دعوت قبول نه ڪئي مقابلو ٿيو جنهن ۾ مسلمان ڪامياب ٿيا.
٦۴	عَلقمه بن مُجَزر	"جده" وٽ ڪجهه آيل حبشين کي دين جي دعوت ڏيڻ		۳۰۰	جده	ربيع الآخر ۹ هجري	مسلمانن جي اتي پڃڻ کان اڳ اهي حبشي اتان نڪري ويا.
٦۵	علي بن ابي طالب	"فلس" نالي بت کي پڃڻ	عدي بن حاتم	۱۵۰ يا ۲۰۰	محله آل حاتم	ربيع الاول ۹ هجري	مسلمان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيا.
٦٦	عڪاشه بن محصن	بنوعذره ۽ بنوبلي وارن کي دين جي دعوت ڏيڻ	قبيلي جو ڇڳو مڙس		جباب	ربيع الآخر ۹ هجري	نتيجي جو احوال نٿو ملي.

Marfat.com

٦٧	خالد بن وليد	اڪيدر بن عبدالملڪ ڏانهن دين جي دعوت پهچائڻ	اڪيدر بن عبدالملڪ	۴۲۵	دومة الجندل	رجب ۹ هجري	"اڪيدر" صلح ڪرڻ تي راضي ٿيو.
٦٨	ابوسفيان بن حرب	مشهور بت "لات" کي ٻارڻ			طائف	ذوالحج ۹ هجري	هي "سريه" پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو.
٦٩	ابوموسيٰ اشعري معاذ بن جبل	يمن جو انتظام هلائڻ ۽ ماڻهن کي دين سيکارڻ		۲ ڇٽا	يمن	۹ هجري يا ۱۰ هجري	هن پنهنجون ذميواريون نيايون.
٧٠	خالد بن وليد	بنوعبدالمدان وارن کي دين جي دعوت پهچائڻ	قبيلي جو سردار		نجران	۱۰ هجري	بنوعبدالمدان وارن اسلام قبول ڪيو ۽ ڪين امانَ ملي.
٧١	مقداد بن اسود	ڪجهه عرب قبيلي وارن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ	قبيلي جو سردار			۱۰ هجري	مسلمانن کي ڏسي اهي ماڻهو ٻچي ويا باقي هڪڙو ٻڌي بچيو جنهن کي حضرت مقداد غلطيءَ وچان قتل ڪري ڇڏيو.
٧٢	علي بن ابوطالب	يمن وارن کي دين جي دعوت پهچائڻ		۳۰۰ سوار	يمن	رمضان ۱۰ هجري	هتان جي ماڻهن پهريان مقابلو ڪيو ۽ پوءِ اسلام قبول ڪيائون جنهن ڪري ڪين امانَ ملي.
٧٣	بنوعبس	قريش جي هڪ قافلي جو پيڇو ڪرڻ		۹ ماڻهو		۱۰ هجري	
٧٤	نامعلوم	رعيه سحيمي کي اسلام جي دعوت ڏيڻ				۱۰ هجري	رعيه سحيميءَ مديني اچي پاڻ ڪريمن ﷺ جي هٿ تي بيعت ڪئي.
٧٥	ابوامامه باهلي	بنوباهله وارن کي دين جي دعوت ڏيڻ				۱۰ هجري	بنوباهله وارن اها دعوت قبول ڪئي ۽ مسلمان ٿيا.
٧٦	جرير بن عبدالله بجلي	"بنوبجليه وارن جي بت کي ٻاهڻ		۱۵۰		محرم ۱۱ هجري	مسلمان بت کي ٻاهي ڪاميابيءَ سان موٽيا.

Marfat.com

٧٧	حضرت علي بن ابي طالب ۽ خالد بن سعيد	يمن ۾ بچيل کجهه ڪافرن سان مقابلو ڪرڻ			يمن	١١ هجري	هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيا ۽ دشمن جا ڪجهه ماڻهو قيد ڪري مديني موڻي آيا.
٧٨	خالد بن وليد	بنوخثعم وارن کي دين جي دعوت پهچائڻ	قبيلي جو سردار		يمن	١١ هجري	بنو خثعم وارا سجدي ۾ ڪري پيا پر پوءِ حضرت خالد بن وليد کين قتل ڪري ڇڏيو.
٧٩	اسامہ بن زيد	رومين خلاف جهاد ڪرڻ	قضاعہ قبيلي جو سردار	٣٠٠٠	ابني	صفر ١١ هجري	اسامہ بن زيد اچان مدين جي حدن کان ٻاهر ٿي ن نڪتو تہ کين مٿي مرسل جن جي وصال جي خبر پهتي ۽ لشکر اتان ٿي مديني واپس موڻي آيو

Marfat.com

(١) سَرِيَّ حَمْزَه رضہ بن عبدالمُطَّلِبْ

هن سال نبي كريم ﷺ جن ربيع الاول يا ربيع الآخر يا وري هڪ قول موجب رَمَضَان جي مهيني ۾ [١] ٽيهن (٣٠) مهاجرن جي هڪ جماعت پنهنجي چاچي سائينءَ سيدنا حَمْزَه رضہ بن عبدالمطلب جي اڳواڻيءَ ۾ رواني ڪئي. جنهن کي اسلامي تاريخ جو سڀ کان پهريون "سَرِيَّہ" ۽ "حضرت حَمْزَه رضہ" کي سڀ کان پهريون فوجي اڳواڻ شمار ڪيو وڃي ٿو. نبي ڪريم ﷺ جن جي حڪم مطابق هيءَ جماعت مديني کان نڪتي ۽ ساموندي ڪناري لڳ "عِيص" نالي ماڳ ڏانهن رخ رکيائين. [٢] جتان اَبُوجَهْل لعين جي اڳواڻيءَ ۾ قريش جو هڪ قافلو "شام" کان مڪي ڏانهن موٽي رهيو هو.

مسلمان اتي پهتا، پر قافلي سان دوبدو ٽيڙ جو موقعو نہ مليو ۽ هو خير سلامتيءَ سان موٽي آيا. هن موقعي تي سيدنا حَمْزَه رضہ پاڻ سان گڏ هڪ جهنڊو بہ ڪنيو هو، اهو اسلامي تاريخ جو پهريون جهنڊو آهي، جنهن جو رنگ "سفيد" هو. [٣] باقي ان ڳالهہ ۾ راوين جو اختلاف آهي تہ هي "سَرِيَّہ" شروعاتي غَزَوَات "اَبْوَاء" ۽ "بُوَاط" مان ڪنهن بہ هڪ کان اڳ موڪليو ويو يا پوءِ؟

"عِيْص" وري "جُهَيْنہ" جي علائقي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو آهي. پنهي جهانن جي سردار ﷺ جن "غزوه بدر" کان اڳ انصار مان ڪنهن کي بہ ڪنهن فوجي ڪارروائيءَ لاءِ نہ اماڻيو هو. البت "غزوه بدر" ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن سندن جوش ۽ جذبات کان واقف ٿيا تہ پوءِ کين جهاد ۾ باقاعده موڪلڻ شروع ڪيائون.

(٢) سَرِيَّ عُبَيْدَه بن حَارِث بن عَبْدُالمُطَّلِب رضہ

هن سال ربيع الاول ۾ يا هڪ ٻئي قول موجب شوال جي مهيني [٤] ۾ "عُبَيْدَه بِنْ حَارِثْ بن عَبْدُالمُطَّلِب بن عَبْدِ مَنَاف قُرَشِي مُطَّلِبِي رضہ" جي اڳواڻيءَ ۾ مهاجرن مان ست يا هڪ روايت موجب اسي سوارن جي هڪ جماعت کي "رابغ" ڏانهن روانو ڪيو ويو. جتي قريشن جي هڪ ٻئي قافلي کي روڪڻو هو، جيڪو اَبُوْ سُفْيَان بن حَرْب جي اڳواڻيءَ ۾ اچي رهيو هو، ۽ ساڻن اَبُوْجَهْل جو پٽ عِكْرَمَہ ۽ ٻيا بہ گڏ هئا. هن ٻيري بہ ڏرين ۾ مقابلو نہ ٿي سگهيو. باقي حضرت سَعْد بن اَبِيْ وَقَّاص رضہ

---

(١) "واقديءَ" جي روايت مطابق هي سريہ رمضان شريف جي مهيني ۾ اماڻيو ويو.

(٢) المغازي "واقدي" جلد ١ ص ٩.

(٣) اسلامي لشڪر لاءِ اهو پهريون جهنڊو نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان تيار ڪيو هو جنهن کي مشهور صحابي ڪناز بن حصين بن يربوع بن خرشہ بن سعد بن ظريف بن جلان بن غنم پنهنجي مبارڪ هٿن ۾ ڪنيو هو. سندس ڪنيت ابو مرثد آهي ۽ هن صحابيءَ جنگ بدر ۾ بہ بهرو ورتو هو.

الاستيعاب ـ ابن عبدالبر علي هامش الاصابہ جلد ۴ ص ٣٢٠، اسد الغابہ ـ ابن لاثير ج ۴ ص ۵۵ ـ ٢۴۵.

(۴) واقديءَ جي قول مطابق هي سريہ شوال جي مهيني ۾ اماڻيو ويو، جنهن ۾ ست سوار شامل هئا.

المغازي واقدي جلد ١ ص ١٠.

Marfat.com

طرفان هڪ تير هنيو ويو، جيڪو اسلامي تاريخ ۾ تير هٽڻ جو پهريون واقعو آهي. "رَابِغ" جنهن کي "رَابِق" به سڏيو ويندو آهي، مڪي کان مديني ويندڙ واٽ تي "جُحْفَہ" جي ويجهڙائي ۾ هڪ ڳوٺ آهي، جيڪو مديني کان اٺڪل اٺ ميل پري ٿيندو . جڏهن ته "جُحْفَہ" مديني کان پنجن مرحلن جي پنڌ تي آهي. (۱)

(۳) سَرِيَّہ سَعْد بن اَبِيْ وَقَّاص رضہ

هن سال ذوالقعد جي مهيني ۾ "غَزْوَہ بَدْر" کانپوءِ، حضرت سَعْد بن اَبِي وَقَّاص رضہ کي ويهہ مهاجر سوارن جي هڪ جماعت سان گڏ "خَرَّار" نالي حجاز جي هڪ ماٿريءَ طرف موڪليو ويو، جيڪا "جُحْفَہ" جي ويجهڙائي ۾ هئي. (۲)

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هن "سَرِيَّہ" ۾ اٺ ماڻهو هئا. سندن مقصد به قريش جي هڪ قافلي سان دوبدو ٿيڻ هو، پر جيئن ته اهو قافلو مسلمانن جي پهچڻ کان اڳ اتان نڪري چڪو هو، انڪري کاٻ لڙائي نه ٿي، ۽ مسلمان واپس مديني موٽي آيا.

ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي ته اهي ٽيئي سرايا جن جو ذڪر ڪري چڪا آهيون، هجرت جي پهرين سال اماڻيا ويا هئا. انڪري اسان "سَرِيَّہ سَعْد بن اَبِيْ وَقَّاص" جو ذڪر "سريہ محمد بن مسلمہ" کان اڳ ڪيو آهي. جيتوڻيڪ مشهور ترتيب جيڪا رائج آهي ان ۾ "سَرِيَّہ سَعْد بن اَبِيْ وَقَّاص رضہ" جو ذڪر پوءِ ڪيو ويو آهي. باقي حقيقت اها آهي ته "سَرِيَّہ محمد بن مَسْلَمَہ" وانگر پهريان ٽي سرايا ۽ ان کانپوءِ باقي چار سرايا يعني جملي ست سرايا سن ٻي هجريءَ دوران روانا ڪيا ويا، ڇو جو هجرت جي پهرين سال جهاد جي اجازت نه هئي، جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

(۴) سَرِيَّہ مُحَمَّد بن مُسْلَمَہ رضہ

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ "غزوہ ابواء" کانپوءِ ۽ "عُشَيرَہ" کان اڳ "محمد بن مسلمہ رضہ" کي پنجن صحابين سان گڏ مشهور يهودي شاعر "کَعْب بن اَشْرَف" ڏانهن موڪليو ويو. جنهن جو تعلق "بني نَضِيْر" قبيلي سان هو. جڏهن ته هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سندس پيءُ جو تعلق "طيّ" قبيلي جي هڪ شاخ "بنو نبهان" سان هو. باقي سندس ماءُ "بَنُوْ نَضِيْر" وارن مان هئي.

کَعْب بن اَشْرَف جا شعر نبي رحمت ﷺ جن جي دل کي ڏکوئيندڙ هئا. ڇو ته هو پنهنجي ڪلام ۾ مٿي مرسل ﷺ ۽ سندن صحابي سڳورن جي باري ۾ گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو، ۽ سندن خلاف ڪافرن کي به اپاريندو هو. (۳) محمد بن مُسْلَمَہ رضہ جڏهن اتي پهتو، تڏهن هن پنهنجي ساٿين

---

(۱) رابغ نالي ڳوٺ مڪي کان مديني ڏانهن ويندڙ واٽ جي وچ تي آهي. هتان سمنڊ بلڪل ويجهو آهي ۽ ساموندي ڪنارو ڪاڏل به آهي. جنهن ڪري هتي آسانيءَ سان جهاز ٻيهي سگهن ٿا. مڪي کان رابغ جو فاصلو ۱۸۵ ڪلوميٽر آهي. (جزيرة العرب ـ مولانا محمد رابع ندوي ص ۲۶۴).

(۲) معجم البلدان ـ ياقوت جلد ۲ ص ۳۵۰.

(۳) المغازي "واقدي" جلد ۱ ص ۱۸۴.

Marfat.com

کي شهر ۾ کنهن جاءِ تي ڇڏيو ۽ پاڻ اڪيلي سر وڃي "کَعْب" جي قلعي ۾ داخل ٿيو. اها رَبِيعُ الْاَوَّل مهيني جي چوڏهين تاريخ هئي ۽ کعب جيئن ان چاندوکي رات ۾ نهايت گهري نند ۾ ستو پيو هو، تہ محمد بن مُسَلَمَہ رضہ اتي ئي مٿس حملو ڪري سندس ڪم پورو ڪري ڇڏيو. اها خبر جڏهن رسول الله ﷺ جن تائين پهتي تہ پاڻ خوش ٿيا ۽ پنهنجي پالٽهار جو شڪرانو ادا ڪيائون ۽ محمد بن مُسَلَمَہ جي ان ڪارنامي کي ساراهيائون.

(۵) سَرِيَّہ زَيْد بن حَارِثہ رضہ

هن سال جُمادي الآخر جي شروعاتي ڏينهن ۾ حضرت زَيْد بن حارثہ رضہ کي هڪ سؤ سوارن جي جماعت سان گڏ ڪافرن جي هڪ قافلي پٺيان "قَرْدَہ" نالي ماڳ ڏانهن موڪليو ويو. "قَرْدَہ" هڪ کوهہ جو نالو آهي، جيڪو نجد جي علائقي ۾ هو. (۱) زَيْد بن حارثہ رضہ ۽ سندن ساٿي هن مهم ۾ ڪامياب ٿيا. اتان غنيمت ۾ ڪين ڪافي مال هٿ آيو، جيڪو آڻي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائون. پاڻ ﷺ اهو مال مجاهدن کي ورهائي ڏنو. زَيْد بن حارثہ رضہ سڀ کان پهريان هن "سَرِيَّہ" ۾ بهرو ورتو. هي واقعو "غزوہ بَدْر اُوْليٰ" کانپوءِ ۽ "بَدْر کُبْريٰ" کان اڳ جو آهي.

(٦) سَرِيَّہ عَبدُاللّٰه بن جحش رضہ

هن سال جمادي الآخر جي پڄاڻيءَ تي يعني "غَزْوَہ بَدْر صُغْريٰ" ۽ "بَدْر کُبْريٰ" جي وچ واري زماني ۾ "حضرت عَبْدُالله بن جَحْش بن رئاب رضہ" کي اٺن يا بي روايت موجب ٻارهن مهاجرن سان گڏ "نَخْلَہ" ڏانهن اماڻيو ويو. عَبْدُالله رضہ، نبي ڪريم ﷺ جن جي ڦٽيءَ سائٽ "سيده اُمَيْمَہ" جو پٽ ۽ "ام المؤمنين سيده زَيْنَب بنت جحش" جو ڀاءُ هو.

"نَخْلَہ" نالي هي ڳوٺ مڪي کان هڪ رات جي پنڌ تي طائف ڏانهن ويندڙ وات تي آهي. (۲) اتي پهچي رات جو مسلمانن ڪافرن سان مقابلو ڪيو. باقي ان ڳالهہ ۾ اختلاف آهي تہ اها رات جمادي الاول جي پوئين رات هئي يا وري رجب جي پهرين؟

هڪ روايت ۾ ائين بہ چيو ويو آهي تہ اهو واقعو هجرت جي سترهين مهيني جي شروعات جو آهي. مسلمانن ڪافرن تي سوپ حاصل ڪئي. غنيمت ۾ ڪين جيڪو مال مليو، ان مان حضرت عبدالله رضہ سرور ڪائنات ﷺ جن لاءِ "خُمُس" الڳ ڪري، باقي ٻيو مال پنهنجي ساٿين ۾ ورهائي ڇڏيو. اسلامي تاريخ ۾ اهو پهريون "خُمُس" هو. خاص ڳالهہ اها آهي تہ ان وقت تائين اجان "خُمُس" جو

---

(۱) معجم البلدان ـ يا قوت ج ۴ ص ۳۲۲.

(۲) مڪي کان طائف ڏانهن ويندڙ وات تي "نخلہ" نالي بہ ڳوٺ هئا. جن مان هڪ کي "نخلہ يمانيہ" ۽ ٻئي کي "نخلہ شاميہ" سڏيو ويندو هو ۽ هنهي ڳوٺن کي گڏي "نخلتين" سڏيندا هئا. هتي جنهن ڳوٺ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ان مان مراد "نخلہ يمانيہ" آهي. هتي عربن جو مشهور بت "عزيٰ" رکيل هو. هينئر هن ماڳ کي "الزبيرہ" سڏيو ويندو آهي.

معجم البلدان "ياقوت" ج ۵ ص ۲۷۷. شرح مواهب. زرقاني ج ۱ ص ۲۹۷. جزيرة اَلعرب ـ محمد رابع ندوي ص ۲۷۴.

Marfat.com

حڪم نازل نہ ٿيو هو. حضرت عَبْدُاللہ بن جَحَش رضہ جي ان ڪم جي بارگاھ ربي مان تائيد ڪئي ويئي ۽ ان ڪانپوءِ "خُمُس" جي فرض ٿيڻ وارو حڪم نازل ٿيو.

هڪ روايت اها به آهي ته "نَخْلَہ" وارو غنيمت جو سمورو مال آڻي مديني ۾ محفوظ ڪيو ويو هو ۽ ان ڪانپوءِ جڏهن "غَزْوَہ بَدْر" مان هٿ آيل غنيمت جو مال به اتي پهتو ته پوءِ بنهي ڪي گڏي ورهايو ويو ۽ هر قبيلي کي ان مال مان سندن حصو ڏنو ويو.

(۷) بعث عُمَيْر بن عَدِيّ رضہ

هن سال غَزْوَہ بَدْر ڪانپوءِ رَمَضَان شَرِيف جي پنجويهين تاريخ عُمَيْر بن عَدِيّ خَطْمِي رضہ نالي هڪ صحابي جيڪو اڪين ڪان نابين هو، بَنُو اُمَيَّہ بن عدي وارن جي هڪ عورت عَصْمَاء بنت مَرْوَان جي قتل لاءِ روانو ٿيو، جيڪا يَزِيْد بن زَيْد بن حِصْن خَطْمِيءَ جي گهر واري هئي. هوءَ شاعره هئي ۽ پنهنجي شعر ذريعي رسول خدا صلی اللہ علیہ وسلم جن کي ڏکوئيندي هئي ۽ سندن صلی اللہ علیہ وسلم خلاف غلط ڳالهيون ڪري ڪافرن کي جنگ ڪرڻ لاءِ پڙڪائيندي هئي . حضرت عُمَيْر بن عَدِيّ جيتوڻيڪ نابين هو، پر ان هوندي به هن عُصَمَاء تي اوچتو حملو ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ وسلم حضرت عُمَيْر رضہ کي "بَصِيْر" (اڪين وارو) جو خطاب عطا ڪيو. (۱)

(۸) بعث سَالِم بن عُمَيْر رضہ

هن سال شَوَّال جي مهيني ۾ سَالِم بن عُمَيْر بن ثَابِت رضہ نالي صحابيءَ کي اَبُوْ عَفَک نالي هڪ پوڙهي يهودي شاعر ڏانهن موڪليو ويو. ابو عَفَک جو تعلق بنو عَمرو بن عوف وارن سان هو، ۽ سندس عمر هڪ سؤ ويهه ورهيه چئي وڃي ٿي. (۲) هو پنهنجي شعرن ۾ خدا جي سچي رسول صلی اللہ علیہ وسلم جي خلاف نهايت گندا ۽ اڻ وٽندڙ لفظ استعمال ڪندو هو ۽ ماڻهن کي سندن خلاف پڙڪائيندو هو. حضرت سَالِم رضہ مٿس اوچتو حملو ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ خير سان مديني موٽي آيو. (۳) ڪجهه راوين جو خيال آهي ته سالم بن عمير وارو "بعث" ان "بعث" کان اڳ جو واقعو آهي، جنهن ۾ حضرت عمير بن عدي رضہ "عَصْمَاء" کي قتل ڪيو هو. حضرت سالم بن عمير نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن سان گڏ بدر توڙي ٻين غزوات ۾ به بهرو ورتو هو.

---

(۱) شرح المواهب اللدنيہ جلد ۱ ص ۴۵۳.

(۲) المغازي "واقدي" جلد ۱ ص ۱۷۴.

(۳) شرح علي مواهب ـ زرقاني ج ۱ ص ۴۵۵ ـ ۴۵۴، طبقات الكبريٰ ـ ابن سعد ج ۲ ص ۱۹، المغازي ـ واقدي جلد ۱ ص ۱۷۵.

Marfat.com

فصل ٻيو

هن فصل ۾ سن ٽين هجريءَ دوران موڪليل "سرايا" جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

(٩) سَرِيَّہ اَبُوْ سَلَمَہ رضہ

هن سال محرم جي چنڊ ڏسڻ سان پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت اَبُوْ سَلَمَہ عَبْدُالله بن عَبْدُالْاَسَد مَخْزُوْمِيءَ کي ڏيڊ سؤ ماڻهن سان گڏ "قَطَن" ڏانهن روانو ڪيو. اهو واقعو "غَزْوَہ بَدْر" ۽ "غَزْوَہ فُرُع" جي وچ واري عرصي جو آهي. "قَطَن" نجد ۾ بَنُوْ اسد وارن جي ڪنهن ڪوهہ يا وري جبل جو نالو هو. (١)

واٽ ڏسڻ لاءِ هن قافلي ۾ "بَنُوْ طَيّ" وارن جو هڪ اهڙو شخص بہ ساڻ ڪنيو ويو، جيڪو رستي جو سونهون هو. هي لشڪر پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو. غنيمت ۾ ڪين جيڪو مال مليو، ان مان نبي سونهاري ﷺ جن جو حصو الگ ڪري، باقي حضرت اَبُوْ سَلَمَہ رضہ پنهنجي ساٿين ۾ ورهائي ڇڏيو. هرهڪ کي ست اٺ ۽ ڪجهہ ٻيو مال بہ حصي ۾ آيو.

(١٠) بَعْثِ عَبْدُالله بن اُنَيْس اَسْلَمِي (٢) رضہ

هن سال محرم مهيني جي پنجين تاريخ سومر جي ڏينهن حضرت عَبْدُالله بن اُنَيْس اَسْلَمِي رضہ اڪيلي سر سُفْيَان بن خَالِد بن نُسَيْح هذلي ۽ سندس ساٿين سان مقابلي لاءِ "عُرَنَہ" ڏانهن روانو ٿيو.

---

(١) طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" جلد ٢ ص ٣٥، معجم البلدان "ياقوت" جلد ۴ ص ٢٧٥.

(٢) حضرت عبدالله بن اُنيس بن اسعد بن حرام بن حبيب جو تعلق انهن صحابي سڳورن سان آهي جيڪي يثرب جي آسپاس ٻهراڙيءَ ۾ رهندا هئا. نبوت جي تيرهين سال هن پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي دين جي دعوت قبول ڪئي ۽ هو انهن چوهٽر صحابين منجهان هڪ هو جن مڪي ۾ حاضر ٿي پاڻ ڪريمن ﷺ جي مبارڪ هٿ تي عقبہ واري ٻي بيعت ۾ بهرو ورتو ۽ ان ڪانپوءِ وري ڳوٺ وڃڻ تي سندس دل نہ ڪڍيو ۽ هو مڪي ۾ ئي ترسي پيو، تانجو هجرت جو وقت اچي ويو ۽ پوءِ عبدالله مڪي وارن سان گڏ يثرب ڏانهن هجرت ڪئي ان ڪري ڪيس مهاجر انصاري سڏيو ويندو آهي. نسبي لحاظ ڪان سندس تعلق تہ بنو قُضاعہ سان هو پر جيئن تہ سندس وڏا بنو سلمہ وارن جا ساٿاري هئا انڪري ڪين "سلمي" سڏيو ويندو هو. ابن اُنيس جي ڪنيت "ابويحيٰ" ٻڌائي ويئي آهي.

حضرت عبدالله جي پالنا ۽ پرورش جيئن تہ خالص ٻهراڙيءَ جي ماحول ۾ ٿي هئي انڪري هو نهايت بهادر، بي باڪ ۽ بي خوف طبيعت جو مالڪ هو. هجرت جي ٻئي سال جڏهن جهاد جو حڪم نازل ٿيو تہ ابن اُنيس بہ دين جي دشمنن سان وڏا مقابلا ڪيا. هجرت ڪانپوءِ مديني ۾ هو پنهنجي ساٿارين بنوسلمہ وارن جي گهرن ۾ وڃي انهن جا بت ٻڌندو هو.

ابن اثير جي روايت مطابق هن سڀ ڪان پهريان غزوہ بدر ۾ بهرو ورتو پر اڪثريت جي راءِ مطابق تہ هو بدر جي موقعي تي موجود نہ هو ان ڪري سڀ ڪان پهريان هن غزوہ احد ۾ شرڪت ڪئي ۽ ان ڪانپوءِ ٻين غزوات ۾ هو شريڪ رهيو. هجرت جي ٽين سال سرور عالم ﷺ جن وٽ خبر پهتي تہ مڪي جي اوپر ۾ آباد "لحيان" قبيلي جو

Marfat.com

"عُرَنَہ" سندن ڳوٺ جو نالو آهي، جيڪو عَرَفَات جي ويجهڙائي ۾ هو، [1] حضرت عَبْدُالله بن اُنَيْس رضہ اتي پهچي "سُفْيان" جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو. پوءِ سندس سسي ڏڙ ڪان ڏار ڪري، نبي اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ آڻي پيش ڪيائين. سندس واپسي محرم جي ٽيويهين تاريخ ڇنڇر جي ڏينهن تي ٿي.

(۱۱) سَرِيّہ عاصِم بن ثَابِت يا رَجِيْع وارو حادثو

هن سال صفر جي مهيني ۾ مٿي مرسل ﷺ جن حضرت عَاصِم بن ثَابِت بن اَبُوالْاَفْلح انصاري رضہ کي ڏهن صحابين سان گڏ "عَضَل" ۽ "قاره" [2] قبيلن ڏانهن روانو ڪيو، جيڪي اِلْيَاس بن مضر جي اولاد مان هنا.

مسلمان جڏهن "رَجِيْع" نالي ڪوهہ وٽ پهتا تہ اتي ٻہ سؤ ڪافرن جو جٿو ڪين وڪوڙي ويو ۽ انن

سردار سفيان بن خالد مديني تي حملي ڪرڻ جي تيارين ۾ مصروف آهي. اهو ٻڌي پاڻ ڪريم ﷺ جن صحابين جي سٽ ۾ اعلان ڪيو تہ "سفيان سان ڪير منهن ڏيندو؟"

ابن اُنيس بنا دير جي اٿي بيٺو ۽ پاڻ کي ان خدمت لاءِ پيش ڪيائين. جنهن ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيس اجازت ڏني. پوءِ هن اڪيلي سر مديني ڪان مڪي ڏانهن رخ رکيو ۽ ارڙهن ڏينهن جي اندر دين جي دشمن جي سسي آڻي سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. ان ڪان علاوه نبي اڪرم ﷺ جن ابو رافع يهوديءَ جي قتل لاءِ جيڪو "بعث" اماڻيو هو ان ۾ ٻہ عبدالله بن اُنيس شامل هو. اهڙيءَ ريت سندس بهادريءَ جا ڪيترائي واقعات مغازيءَ جي ڪتابن ۾ ملن ٿا.

عبدالله بن اُنيس جڏهن سفيان جو ڪم پورو ڪري مديني پهتو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن سندس ان خدمت ڪان خوش ٿي ڪيس هڪ لٺ عطا فرمائي ۽ ان سان گڏ ائين ٻہ فرمايو تہ "هن لٺ سان گڏ جنت ۾ داخل ٿجانءِ. جنهن ڪانپوءِ هو جيڏانهن ٻہ ويندو هو تہ اها لٺ ساڻس گڏ هوندي هئي ۽ هن ڪڏهن ٻہ سفر ۾ يا حضر ۾ ان کي پاڻ ڪان پري نہ ڪيو ۽ وفات وقت ٻہ اها وصيت ڪيائين تہ ان لٺ کي ٻہ ساڻس گڏ ڪفن ۾ رکي دفن ڪيو وڃي. ۽ پوءِ سندس ان وصيت تي عمل ڪيو ويو.

پاڻ ڪريمن ﷺ جي وصال ڪانپوءِ ٻہ عبدالله بن اُنيس جهادي سرگرمين ۾ حصو ونڊندو رهيو ۽ ان سلسلي ۾ هو آفريڪا تائين پهتو. سندس وفات جو سال چوونجاهہ هجري ٻڌايو ويو آهي. حضرت عبدالله بن اُنيس ڪان سيدالانبياء ﷺ جن جون هڪ سؤ چوويهہ (۱۲۴) حديثون روايت ڪيل آهن.

اسد الغابہ ـ ابن الاثير" ج ۳ ص ۱۷۸ ـ ۱۸۰، الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۲۷۸ ـ ۲۷۹، شذرات الذهب "ابن لعماد" ج ۱ ص ۱۰۸، سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۳٦ ـ ۳۷، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج۱ ص ۴۱۵، "الاستيعاب" ابن عبدالبر ج ۳ ص ۷.

(۱) معجم البلدان "ياقوت" ج ۴ ص ۱۱۱.

(۲) ابن هشام چاڻايو آهي تہ عضل ۽ قاره نالي قبيلا هون بن خزيمہ بن مدرڪہ جون شاخون آهن ۽ منٽگمري واٽ جو خيال آهي تہ اهي اسد بن خزيمہ وارن مان آهن. "السيرة النبوية" ابن هشام جلد ۳ ص ۱۷۸، "Mohammad at Madina" منٽگمري واٽ ص ۸۱..

Marfat.com

مسلمانن کي اتي جو اتي شهيد ڪري ڇڏيائون. (۱) باقي جيڪي جيئرا بچيا تن کي پاڻ سان گڏ وٺي مڪي جو رخ ڪيائون. رستي ۾ جڏهن مڪي کان هڪ مرحلو اوري "مَرالظَّهْران" وٽ پهتا تہ حضرت عَبْدُالله بن طَارِق رضہ اڳتي هلڻ کان انڪار ڪيو. جنهن ڪري ڪيس اتي ئي شهيد ڪيو ويو، باقي زَيْد بن دَثِنَہ رضہ ۽ خُبَيْب بن عَدِيّ رضہ کي مڪي وڃي وڪٽي ڇڏيائون.

هو ٻئي ڇٽا ڳڇ وقت تائين اتي رهيا، تانجو هجري چوٽون سال شروع ٿيو. محرم گذرڻ کانپوءِ ساڳئي سال صفر مهيني ۾ ٻنهي صحابين کي ساڳئي ڏينهن شهيد ڪيو ويو. (۲)

"رَجِيْع"، "بَنُو هُذَيْل" وارن جو ڪوهہ هو، جيڪو حجاز جي سرزمين تي مڪي کان "عُسْفَان" واري رستي تي "عُسْفَان" کان اٺن ميلن جي پنڌ تي آهي. (۳) جيئن تہ هي حادثو ان جاءِ تي پيش آيو، انڪري هن کي تاريخ ۾ "رَجِيْع وارو حادثو" سڏيو ويندو آهي.

ڪن راوين جو خيال آهي تہ "رَجِيْع" ڏانهن هي "سَرِيَّہ" چوٿين هجريءَ جي صفر مهيني ۾ موڪليو ويو هو.

---

(۱) معجم البلدان "ياقوت" ج ۳ ص ۲۹.

(۲) حضرت خبيب کي عقبہ بن حارث ڦاسيءَ تي لٽڪايو چوتہ سندس ٻيءُ حارث کي حضرت خبيب جنگ بدر جي موقعي تي قتل ڪيو هو. ڦاسيءَ تي چڙهڻ کان اڳ خبيب دشمن کان اجازت وٺي ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪيون جڏهن تہ ان کان اڳ ٻئي ڪنهن صحابي سڳوري کان اهڙو عمل ثابت نہ آهي. ڦاسيءَ کانپوءِ ڪافرن جو پروگرام هو تہ لاش سڄي رات سوريءَ تي لڙڪندو رهي ۽ صبح جو ان جي بي حرمتي ڪئي وڃي ان لاءِ هنن لاش جي مٿان ڪجهہ پهريدار بہ مقرر ڪيا پر عمرو بن اميہ رات جي اونداهيءَ ۾ لاش کي اتان لاهي پاڻ سان گڏ ڪٽي ويو ۽ وڃي ان کي دفن ڪيائين.

(۳) طبقات الڪبريٰ ابن سعد ج ۲ ص ۴۲ ـ ۴۳، الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۲ ص ۲۳، معجم ما استعجم "بڪري" ج ۲ ص ۲۴ ـ ۲۳۹، عيون الاثر ابن سيد الناس ج ۲ ص ۶۲.

Marfat.com

فصل ٹيون

هن فصل ۾ سن چوٽين هجري جي دوران موڪليل "سرايا" جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

(١٢) سَرِيَّہ مُنذِر بن عَمْرو يا بِئْرِمَعُوْنَہ وارو حادثو

هن سال صفر مهيني ۾ "غَزْوَہ حَمْرَآءُالْاَسَد" کانپوءِ ۽ "غَزْوَہ بَنِي نَضِيْر" کان اڳ، نبي اڪرم ﷺ جن "اصحاب صفہ" مان ستر ماڻهن جي هڪ جماعت کي رِعْل، ذَکْوَان، عُصَيَّہ، ۽ بَنُو لحيان وارن ڏانهن دين جي دعوت پهچائڻ لاءِ بِئْرِمَعُوْنَہ اماڻيو. هن جماعت ۾ شامل سمورا ماڻهو قرآن ڪريم جا حافظ هئا، ۽ سندن سرواڻ حضرت مُنْذِر بن عَمْرو صَاعِدِي رضہ هو. (١) ڪافرن ان سڃي جماعت کي شهيد ڪري ڇڏيو. سواءِ هڪ شخص "عمرو بن اُمَيَّہ رضہ" جي جيڪو بچي ويو ۽ مديني موٽي اچي پنهنجي ساٿين جو سمورو احوال مني مرسل ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائين.

خدا تعاليٰ طرفان اهو احوال پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن کي حضرت جبرئيل عليہ السلام جي معرفت پهرين ڏينهن ئي پهچي چڪو هو ۽ پاڻ ﷺ جن پنهنجي صحابين سڳورن کي ب ان احوال کان آگاهہ ڪري ڇڏيو هئائون. اهو خدا جي سچي رسول ﷺ جن جو معجزو هو.

پيغمبر خدا ﷺ جن اها خبر ٻڌي انهن ڪافرن تي ڏاڍو ڏمريا ۽ سندن لاءِ فجر جي نماز ۾ "قنوت نازلہ" پڙهڻ شروع ڪيائون، ۽ اهو سلسلو هڪ مهيني تائين جاري رهيو، تانجو الله تعاليٰ طرفان هن آيت ذريعي کين ايئن ڪرڻ کان منع ڪئي وئي. (٢)

لَيْسَ لَكَ مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ اَوْيَتُوْبَ عَلَيْهِمْ. (٣)

ان کان پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ اهو عمل ڇڏي ڏنو. جيئن "صحيح بخاري" وغيره جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو. (٤)

"بِئْرمَعُوْنَہ" نالي کوه مڪي ۽ عَسْفَان جي وچ تي "هُذَيْل" قبيلي وارن جي جُوءِ ۾ هو. جيئن "فتح الباري" ۾ حافظ ابن حجر چاڻايو آهي، ۽ ان جي تائيد "شَامِي" ب پنهنجي سيرت ۾ ڪئي آهي. باقي "ابن اسحاق" پنهنجي سيرت واري ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ "هيءُ ماڳ "بَنُوعَامِر" جي زمين ۽ "حَرَّہ بَنِي سُلَيْم" جي وچ تي آهي، ۽ "حَرَّہ بَنِي سُلَيْم" وارن کي وڌيڪ ويجهو آهي. "زرقاني" وري "شرح علي المواهب اللدنيہ" ۾ پنهنجي استاد جي هڪ روايت نقل ڪندي لکي ٿو تہ "متين ٻنهي روايتن ۾ اختلاف نہ آهي، ڇو جو تي سگهي ٿو تہ اهو ماڳ جيڪو "بني هُذَيْل" وارن جي ملڪيت هيو، مڪي کان عسفان ڏانهن ويندڙ واٽ تي ب هجي ۽ وري ٻئي طرف اهو "بَنُوعَامِر" جي زمين ۽ "حَرَّہ بَنُوسُلَيْم" جي ب وچ تي هجي. (٥)

---

(١) "مغازي" واقدي ج ١ ص ٣٤٧. سيرة نبويہ ابن ڪثير ج ٣ ص ١٣٩.
(٢) تاريخ طبري جلد ٢ ص ٢٢٠.
(٣) سوره آل عمران پاره ٤ آيت ١٢٨.
(٤) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٨٨ ـ ٥٨٦.
(٥) شرح علي المواهب اللدنيہ" زرقاني جلد ٢ ص ٧٤.

Marfat.com

فصل چوٿون

سن پنجين هجريءَ جا سرايا

هن سال مسلمان مختلف غَزْوَات جهڙوڪ "غُزْوَه دُوْمَةُ الْجَنْدَل" ، "غَزْوَه بَنِي مُصْطَلِق" ، "غزوه خَنْدَق" ۽ "غَزْوَه بَنِي قُرَيْظَه" لاءِ اسهيا.

(۱۳) ان ڪري سيرت توڙي مَغَازِي بابت ڪتابن ۾ هن سال "سرايا" وغيره جو ڪو به ذڪر نه ٿو ملي. جڏهن ته زرقاني "شرح علىٰ المواهب اللدنيه" ۾ حافظ ابن حجر ڪان هيءَ روايت نقل ڪئي آهي: "هجرت جي پنجين سال جمادي الآخر جي مهيني ۾ حضرت زَيْد بن حَارثه رضه ڪي هڪ سؤ سوارن سان گڏ "نجد" طرف اماٽيو ويو."

زَيْد بن حَارثه رضه پين جيترن به "سرايا" ۾ بهرو ورتو آهي، انهن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ پنهنجي جاءِ تي انشاءالله تعالىٰ ڪيو ويندو. هُو پويون پيرو "سَرِيَّه مؤْتَه" ۾ شريڪ ٿيو ۽ ان ۾ ئي ڪيس شهادت نصيب ٿي.

(۱۴) "علامه ابن اثير" پنهنجي ڪتاب "اُسدالغَابه" ۾ هڪ "سَرِيَّه" جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو نبي اڪرم ﷺ جن بِلَال بن مَالِك مُزَنِيّ رضه جي اڳواٽيءَ ۾ "بَنُوْ كِنَانَه" وارن ڏانهن موڪليو.[1] "بَنُوْ كِنَانَه" وارن ڪي جڏهن اها خبر پئي ته هو مقابلي جي سگهه نه ساري سگهيا ۽ پنهنجا گهر خالي ڪري اتان ڀڄي ويا. باقي سندن مال مان هڪ گهوڙو پڻ رهجي ويو هو.

---

(۱) اسدالغابه ابن الاثير جلد ۱ ص ۲۰۹.

Marfat.com

فصل پنجون

سن ڇهين هجريءَ جا سرايا

(١٥) سريہ مُحمد بن مَسْلَمَہ رضہ

هن سال محرم جي مهيني ۾ مُحمد بن مَسْلَمہ رضہ کي ٽيهن سوارن سان گڏ "قُرْطَا" وارن ڏانهن موڪليو ويو. جتان هو غنيمت ۾ ڏيڍ سؤ اٺ ۽ ٽي هزار ٻڪريون ڪاهي آيا. سرور ڪائنات ﷺ جن اتان "خُمُس" ڪڍي باقي مال مجاهدن ۾ ورهائي ڇڏيو. ان ورهاست ۾ هڪ اٺ جو قدر ڏهن ٻڪرين جي برابر مقرر ڪيو ويو. هن سَرِيَّہ بابت مُحمد بن مَسْلَمہ رضہ فرمائي ٿو تہ "مان محرم جي ڏهين تاريخ گهران نڪتس، اوٽوبهہ ڏينهن پنڌ ۾ لڳا ۽ جڏهن مديني پهتس تہ محرم جي مهيني ۾ هڪ رات اڃان باقي هئي."

هن سَرِيَّہ ۾ صحابي سڳورا، "ثُمَامَہ بن اُثَّال" کي پاڻ سان گڏ مديني وٺي آيا. جيڪو "يَمامہ" وارن جو سردار هو. اڳتي هلي هن اسلام قبول ڪيو ۽ سچو مسلمان ٿي رهيو. سندس ذڪر انشاءَ الله اڳتي هن ڪتاب جي ٽئين باب ۾ ڪيو ويندو. "قُرْطَا" جنهن کي "زرقانيءَ" "قُرْطَآءَ" لکيو آهي، هڪ قبيلي جو نالو آهي، جيڪي پاڻ کي بنو عبد بن بڪر سڏائين ٿا. هُو "قَيْسَ عَيْلان" وارن مان آهن، ۽ ٻڪرات جي ويڇڻائي ۾ "ضَرِيَّہ" وٽ رهن ٿا. "ٻڪرات" انهن مٿانهن جبلن کي سڏيو ويندو آهي، جتي هي رهن ٿا. "ضَرِيَّہ" وري بَنُوْ كِلَاب وارن جو ڳوٺ آهي. جيڪو مڪي کان بصره ڏانهن ويندڙ واٽ تي مديني کان هڪ هفتي جي پنڌ تي آهي.

(١٦) سَرِيَّہ عُكَّاشَہ مِحْصَن رضہ

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ نبي سڳوري ﷺ جن "حضرت عُكَّاشَہ بن مِحْصَن رضہ" کي چاليهن سوارن سان گڏ "غَمْر مَرْزُوْق" طرف موڪليو. اتي کنهن بہ مقابلو نہ ڪيو. انڪري مسلمانن کي بنا کنهن نقصان جي غنيمت ۾ بہ سؤ اٺ هٿ آيا، ۽ هو خير سلامتيءَ سان مديني پهتا. (١) "غَمْر" جي نسبت مَرْزُوْق سان ڪئي ويندي آهي، ۽ اهو نالو "بَنُوْ آسَد" وارن جي هڪ ڪوهہ جو نالو آهي، جيڪو مڪي واريءَ واٽ تي آهي. (٢)

(١٧) سَرِيَّہ مُحمد بن مَسْلَمَہ رضہ

هن سال ربيع الاول يا وري بي روايت مطابق ربيع الآخر جي مهيني ۾ مُحمد بن مَسْلَمَہ رضہ کي

---

(١) طبقات الڪبريٰ ـ ابن سعد ج ٢ ص ٦١.

(٢) معجم البلدان "ياقوت" ج ۴ ص ٢١١.

Marfat.com

ڏهن ماڻهن سان گڏ "بَنُوْ مَعُوْيہ" ۽ "بَنُوْ عُوَال" وارن ڏانهن موڪليو ويو. هي قبيلا "رَبَذَه" واري رستي تي "ذُوالْقَصَہ" نالي ڳوٺ ۾ آباد هئا. هن مقابلي ۾ ڪافرن جي سرسي ٽي ۽ مسلمانن مان ڪيترائي شهيد ٽي ويا.

پاڻ ڪريم ﷺ جن کي جڏهن اهڙو اطلاع مليو تہ سندن پويان اَبُوْ عُبَيْدَه بن جَرَّاح رضہ کي روانو ڪيائون، جنهن اتي پهچي ڪافرن سان پلئہ ڪيو. جنهن جو احوال اڳتي بيان ٽي رهيو آهي. "ذوالقصہ" نالي هي ڳوٺ مديني کان چوويهن ميلن جي پنڌ تي آهي. جڏهن تہ "رَبَذَه" نالي ڳوٺ مديني جي ويجهو "ذات عِرق" جي پسگردائيءَ ۾ آهي، جيڪو عراق کان ايندڙ حاجين کي رستي ۾ پوندو آهي. (۱)

(۱۸) سَرِيَّہ اَبُوْ عُبَيْدَه بن جَرَّاح رضہ

هن سال ربيع الآخر جي پوين تاريخن ۾ نبي ڪريم ﷺ کي جڏهن خبر پيئي تہ محمد بن مَسْلَمَہ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪو دستو "ذُوالْقَصَّہ" ڏانهن ويل هو، انهن مان گهڻا ماڻهو ڪافرن هٿان شهيد ٽي ويا آهن، تہ پاڻ سڳورن ﷺ حضرت اَبُوْ عُبَيْدَه بن جَرَّاح رضہ کي چاليهن سوارن سان گڏ چنڇر رات اٺاويهين ربيع الآخر تي "ذُوالْقُصَّہ" ڏانهن موڪليو. مسلمان هن ڀيري ڪامياب ٿيا. اتان غنيمت ۾ ڪين جهجهي انداز ۾ چوپايو مال هٿ آيو، جيڪو هو پاڻ سان ڪاهي اڇي مديني پهتا. نبي اڪرم ﷺ جن ان مان "خُمُس" ڪڍي، باقي ڪين ورهائي ڏنو.

(۱۹) سَرِيَّہ زَيْد بن حارثہ رضہ

هن سال ربيع الآخر جي پوئين تاريخ يا هڪ ٻي روايت موجب ربيع الاول ۾ حضرت زَيْد بن حَارثہ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ "سَرِيَّہ" "بنو سُلَيْم" وارن لاءِ "جَمُوْم" ڏانهن موڪليو ويو. "جَمُوْم" نالي هي ڳوٺ "نَخْلَہ" جي وچ تي مديني کان ٻارهن ميلن جي پنڌ تي آهي. مسلمانن اتي پهچي "بني سُلَيْم" وارن جا ڪجهہ ماڻهو بہ گرفتار ڪيا ۽ سندن مال بہ ڪاهيائون. پوءِ مديني واپس پهتا. (۲)

(۲۰) سَرِيَّہ زَيْد بن حارثہ رضہ

هن سال جمادي الاول ۾ يا وري ٻي روايت مطابق جمادي الآخر ۾ حضرت زَيْد بن حارثہ رضہ کي هڪ سؤ ستر سوارن سان گڏ "عِيْص" طرف اماڻيو ويو، جتان شام کان موٽندڙ قريش جي هڪ قافلي کي لنگهڻو هو. "عِيْص" هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جيڪو "ذُوالْمروه" جي ويجهڙائيءَ ۾ مديني کان ڇهن ڏينهن جي پنڌ تي هو.

مسلمانن اتي پهچي قافلي وارن کي گرفتار ڪيو. غنيمت ۾ ڪين ڪافي مال هٿ آيو، جنهن ۾

---

(۱) "ياقوت" جي قول مطابق ربذه ۾ مشهور صحابي حضرت ابوذر غفاري رضہ جي قبر مبارڪ موجود آهي، جنهن سن ۳۲ هجريءَ ڌاري هتي ٽي وفات ڪئي هئي. معجم البلدان جلد ۳ ص ۲۴

(۲) طبقات الڪبريٰ - ابن سعد جلد ۲ ص ۶۳ - ۶۲، شرح علي المواهب اللدنيہ - زرقاني ج ۲ ص ۱۵۵.

Marfat.com

تمام جهجهي مقدار ۾ چاندي ٻُ هئي. مدينني پهچڻ تي نبي اڪرم ﷺ جن اتان "خُمُس" ڪڍي باقي مال مجاهدن ۾ ورهايو. "خمس" جي قيمت پنجويهه هزار درهم ٻڌائي وڃي ٿي. هن سَرِيَّہ کي "سَرِيَّہ قَرَدَہ" ٻ سڏيو ويندو آهي. ڇو جو اتي "قرده" نالي هڪ ڪوهه موجود هو.

(٢١) سَرِيَّہ زَيْد بن حارثہ رضہ

هن سال جمادي الآخر ۾ يا وري "اِبن ڪثير" جي روايت موجب جمادي الاول ۾ حضرت زَيْد بن حارثہ رضہ کي پندرهن ماڻهن سان گڏ "طَرَف" ڏانهن اماڻيو ويو.

"طَرَف" بني ثعلبہ بن سعد وارن جي ڪوهه جو نالو آهي، جيڪو عراق واري رستي تي مدينني کان چٽيهن يا هڪ پي روايت مطابق پنجويهن ميلن جي پنڌ تي آهي. (١)

"زرقاني" ان جو اُچار "طَرِف" لکيو آهي. مسلمان جڏهن اتي پهتا تہ مقابلو نہ ٿيو ۽ غنيمت ۾ ڪين ويهہ اٺ هٿ آيا.

(٢٢) سَرِيَّہ زَيْد بن حارثہ رضہ

هن سال جمادي الآخر ۾ هڪ پيرو وري حضرت زَيْد بن حَارِثہ رضہ کي پنج سؤ ماڻهن سان گڏ "بني جُذَام" وارن لاءِ "حِسْميٰ" ڏانهن اماڻيو ويو. اها جاءِ "وَادِي الْقُرىٰ" جي پويان آهي.

مسلمانن کي مقابلي کانپوءِ هتان غنيمت ۾ هڪ هزار اٺ ۽ پنج هزار پکريون هٿ آيون. ان کانسواءِ هڪ سؤ عورتون ۽ ٻار ٻ هو پاڻ سان وٺي مدينني آيا. قبيلي جو سرواڻ "رِفَاعَہ بن زَيْد جُذَامِي" پنهنجي قوم جي ڏهن ماڻهن سان گڏ دربار نبويءَ ﷺ ۾ حاضر ٿيو ۽ اسلام قبول ڪيائين. ان کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن سندن مال ۽ ماڻهو ڪين واپس ڪيا. (٢)

"حِسْميٰ" غير آباد زمين هئي، جنهن جي چوڌاري وڏا وڏا جبل هئا. (٣)

(٢٣) سَرِيَّہ سَيِّدِنَا اَبُوبَكْر صِدِّيْق رضہ

هن سال جمادي الآخر يا وري رجب جي مهيني ۾ "سَيِّدنَا اَبُوبَكر صِدِّيْق رضہ" کي هڪ سؤ مؤمنن جي جماعت سان "بنو فزاره" وارن جي مقابلي لاءِ "وَادِي الْقُرىٰ" ڏانهن اماڻيو ويو. "بنو فَزَارَہ" وارن ڏانهن "زَيْد بن حَارِثہ" رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ ٻ هڪ "سَرِيَّہ" موڪليو ويو هو، جنهن جو ذڪر هن ڪانپوءِ ڪيو ويو آهي.

هن مقابلي ۾ ڪافرن جا ڪافي ماڻهو قتل ٿيا ۽ ڪيترن کي قيد ٻ ڪيو ويو.

"وَادِي الْقُرىٰ" جي معنيٰ آهي، اها وادي جنهن ۾ ڪيترائي "قريہ" يا ڳوٺ هجن. هي ماڳ مدينني جي ويجهو ان رستي تي آهي، جتان شام کان ايندڙ حاجي لنگهندا آهن.

---

(١) معجم البلدان "ياقوت" ج ٣١۴.

(٢) شرح علي المواهب اللدنيہ زرقاني جلد ٢ ص ١٥٨.

(٣) "حِسمي" نالي هي ماڳ "وادي القريٰ" کان ٻن راتين ۽ مديني کان وري اٺن راتين جي پنڌ تي هو. "معجم البلدان" ياقوت ج ٢ ص ٢٥٨.

Marfat.com

(۲۴) سَرِيَّہ زَيْد بن حارثہ رضہ

هن سال رجب جي مهيني ۾ زَيْد بن حارِثہ رضہ جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ ٻيو "سَرِيَّہ" ٻہ "وَادِي الْقُرىٰ" طرف "بَنُوْ فَزَارَہ" وارن ڏانهن موڪليو ويو. ان موقعي تي "فَزَارَہ" وارن سان گڏ "مذحج" ۽ "قضاعہ" قبيلن جا ماڻهو ٻہ اتي موجود هئا، پر ڪا ٻہ لڙائي نہ لڳي.

(۲۵) سَرِيَّہ عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رضہ

هن سال شعبان جي مهيني ۾ نبي آخرالزمان ﷺ جن حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رضہ کي پاڻ وٽ سڏايو. پوءِ کيس پرسان ويهاريائون ۽ پنهنجي مبارڪ هٿن سان سندن متي تي پٽڪو ٻڌائون ۽ پوءِ کيس ست سؤ ماڻهو ساڻ ڏيئي، اسلام جي دعوت پهچائڻ لاءِ "دُوْمَةُ الْجَنْدَل" روانو فرمايائون. ان دعوت تي اتان جي ڪيترن ئي ماڻهن اسلام قبول ڪيو. (۱) باقي ٻيا "جِزْيَہ" ڏيڻ لاءِ آماده ٿي ويا.

(۲۶) سَرِيَّہ زَيْد بن حارثہ رضہ

هن سال حضرت زَيْد بن حَارِثہ رضہ کي "مَدْيَن" ڏانهن ٻہ موڪليو ويو. هن سفر ۾ حضرت علي ابن اَبُو طَالِب رضہ جو غلام حضرت "ضُمَيْرَہ" رضہ ٻہ ساڻن گڏ هو. اتي پهچي هن ڪجهہ ماڻهو قيد ڪيا.

"مَدْيَن" حضرت شعيب عليہ السلام جي قوم جو شهر آهي. جيڪو "بَحْرِ قُلْزُم" جي ڪناري تي تبوڪ جي سامهون ڇهن مرحلن جي پنڌ تي آهي. هي شهر تبوڪ کان گهٽو وڏو هو. (۲)

---

(۱) هن موقعي تي اتان جي هڪ عيسائي سردار "اصبغ بن عمر" ڀارن ڀڇن سميت اسلام قبول ڪيو، ۽ پنهنجي هڪ نياڻي "تَماضِر" جو نڪاح حضرت عبدالرحمن بن عوف سان ڪرايائين. ابن عوف رضہ پنهنجي گهر ورايءَ کي مديني وٺي آيو ۽ ان مان ڪيس "ابو سلمہ" رضہ نالي پٽ ٻہ ڄائو، جيڪو وڏو عالم ۽ حافظ هو. سندس شمار تابعين ۾ ٿيندو آهي.

شرح علي المواهب اللدنيہ ـ زرقاني جلد ۲ ص ۶۳.

(۲) "مدين" جي علائقي کي سمورين اهل ڪتاب قومن يعني مسلمان، يهودي ۽ عيسائين وٽ تاريخي توڙي مذهبي حوالي سان ڄاتو ويجي ٿو.

نالي پوڻ جو ڪارڻ: ـ مؤرخن جي خيال مطابق جئين تہ سيدنا ابراهيم عليه السلام کي ٽي گهرواريون هيون. ۱ ـ حضرت ساره، جيڪا حضرت اسحاق جي امڙ هئي ۲ ـ حضرت هاجره، جنهن مان سيدنا اسماعيل ڄائو ۳ ـ قطوراء، جنهن جي پٽ جو نالو مدين بن ابراهيم، هو جنهن ڪري ان جي قوم "مدين" جي نالي پٺيان مشهور ٿي، جيڪي حجاز جي اتر اولهہ ۾ ڳاڙهي سمنڊ ۽ عقبہ نار جي ڪنارن سان اچي آباد ٿيا ۽ پوءِ انهن جي آبادي نار جي ٻنهي ڪنارن طرف وڌندي رهي، جنهنڪري ان سڄي علائقي کي مدين سڏيو ويندو هو. جڏهن تہ بعد ۾ عقبہ نار جي اوپر طرف هڪ وڏو شهر ٻہ ان نالي سان آباد ٿيو جنهن جو ذڪر اڪثر جاگرافي دانن توڙي سياحن پنهنجي سفر نامن ۾ ڪيو آهي. ان مان خبر پوي ٿي تہ مدين نالي سان ماضيءَ ۾ هڪ قوم ٻہ هئي، هڪ شهر ٻہ آباد هو تہ هڪ علائقو ٻہ. آسماني ڪتابن

Marfat.com

زبور، توريت، انجيل، توڙي قرآن ۾ لفظ "مدين" جو ذڪر هڪ کان وڌيڪ دفعا ڪيو ويو آهي، پوءِ ڪٿي قوم جي حوالي سان ته ڪٿي وري شهر يا علائقي جي حوالي سان. تورات جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته اها پهرين قوم هئي جنهن باقاعده تجارت جو پيشو اختيار ڪيو ۽ ان کي ترقي ڏياري ۽ دنيا ۾ ان جي ذريعي هڪ بلند مقام حاصل ڪيو.

حضرت يوسف عليه السلام کي جنهن تجارتي قافلي، ڪنعان جي ڪوهه مان ڪڍي مصر پڄايو انهن جو تعلق به مدين وارن سان هو. ان ڪانسواءِ حضرت موسيٰ ۽ سندس قوم کي جڏهن پنهنجي سرزمين مان ڪڍيو ويو ته هنن مدين ۾ اچي لڏو لاٿو. اهڙيءَ ريت ماضيءَ ۾ يمن کان ڳاڙهي سمنڊ جو ڪنارو وٽي مڪي ۽ ينبوع کان ٿيندا جيڪي قافلا شام پهچندا هئا يا وري جيڪي قافلا مصر کان عراق ويندا هئا ته انهن ٻنهي بين الاقوامي شاهراهن جي پاسن کان مدين قوم ٺي آباد هئي ۽ سڄي مشرق وسطيٰ کان وٽي افريقہ تائين هرهڪ هن قوم جي مقام ۽ مرتبي کان واقف هو. وقت گذرڻ سان گڏ هن قوم پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان گهٽي دولت ڪمائي جنهن ڪري ٻين قومن جي مقابلي ۾ سندن معيار زندگي گهڻو بلند ٿي ويو ۽ پوءِ هو آهستي آهستي خدا جي رضا کي ڇڏي پنهنجي مرضيءَ سان زندگي گذارڻ ڏانهن راغب ٿيندا ويا. تانجو اٽڪل ڇهه سؤ سالن جي عرصي ۾ هن سيدنا ابراهيم عليه السلام جيٰ تعليمات کي بلڪل فراموش ڪري ڇڏيو. جنهنڪري ڪيترين ئي سماجي، سياسي توڙي اخلاقي برائين منجهن گهر ڪري ويون. خدا سان شرڪ ڪرڻ، ماپ تور توڙي ٻين تجارتي معاملن ۾ بي قاعدگي ۽ بي ايماني ڪرڻ سندن سڀ کان وڏا ڏوهه هئا جن جو ذڪر خدا تعاليٰ پنهنجي ڪتابن ۾ ٻه ڪيو آهي. بهرحال ان منزل تي الله تعاليٰ پنهنجي انهن ٻانهن جي اصلاح لاءِ وٽن پنهنجو هڪ پيغمبر مبعوث فرمايو جنهن کين حق جي واٽ ڏيکارڻ لاءِ پاڻ گهٽوئي پتوڙيو ۽ هن ماٺهن جا قلب اهڙا ته ڪارا ۽ ڪٻور بڻجي چڪا هئا جو هو پنهنجن ڪڏن ڪرتوتن کان ڪناره ڪش ٿي نه سگهيا ۽ ايستائين انهن گناهن کي ورجائيندا رهيا جيستائين قادر قهار جو عذاب اچي مٿن ڪڙڪيو. جنهن سندن سموري ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ سميت کين نيست و نابود ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ دنيا ۾ ڪٿي ٻه "مدين" نالي قوم جو ڪو نشان باقي نه ٻچيو سواءِ ان نالي واري هڪ شهر جي جنهن جو ذڪر تاريخ ۾ موجود آهي. باقي اهو شهر ڪڏهن ڪان آباد آهي يا ڪنهن آباد ڪيو ان ڏس ۾ مؤرخ ۽ جاگرافي دان خاموش آهن. اسلامي تاريخ ۾ هن شهر جو ذڪر ٻه هن سريہ جي حوالي سان قائم رهيو آهي جنهن کانپوءِ ئي مؤرخ، سياح ۽ جاگرافي دان هن شهر بابت ٻڌائيندا رهيا آهن. سيدنا علي ڪرم الله وجهه جو صاحبزادو حضرت محمد بن حنفيہ علوي جڏهن هن علائقي جي سير سفر لاءِ نڪتو ته هن مدين جو شهر آباد حالت ۾ ڏٺو.

ڇهين صدي هجريءَ جو مشهور مؤرخ يعقوبي لکي ٿو "مدين جو شهر اهڙي صوبي ۾ موجود آهي جتي چشمہ ٻه موجود آهن ته ندين ۽ نهرون ٻه، جنهن ڪري هتي بي شمار باغ ۽ نخلستان آهن. هتان جي رهاڪن ۾ مختلف قومن ۽ نسلن جا ماڻهو شامل آهن.

اصطخري ٻڌائي ٿو ته هي شهر (ان دور جي) تبوڪ کان وڏو آهي، ۽ هتي ئي اهو چشمو موجود هو جتي حضرت موسيٰ سيدنا شعيب عليه السلام جي ڌڪرين کي آڻي پاڻي پيارندو هو پر هاڻي ان ماڳ تي هڪ جاءِ جوڙائي ويئي آهي.

اهڙيءَ ريت جيئن وقت گذرندو رهيو ته هي شهر ٻه تباهيءَ ڏانهن وڌندو رهيو. سرور ڪائنات ﷺ جن جي دور تائين ٻه هي شهر آباد هو انڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن ڇهين هجريءَ ڏاري حضرت زيد بن حارثہ جي اڳواڻي هيٺ مدين ڏانهن ٻه سرايا موڪليا، جن مان پهرين سريہ کي هن سال جمادي الآخر ۾ مدين جي اترين پاسي "حِسمىٰ" ڏانهن اماڻيو ويو،جنهن ۾ پنج سؤ صحابي سڳورا موجود هئا.جڏهن ته ٻيو سريہ وري هن ئي سال جي آخر ۾ خاص مدين ڏانهن

Marfat.com

(٢٧) سَرِيَّ حضرت عَلي بن اَبُوطَالِب رضہ

هن سال شعبان جي مهيني ۾ سيدنا علي بن اَبُوطَالِب رضہ کي هڪ سؤ ماڻهن سان گڏ "فَدَک" ڏانهن اماڻيو ويو. جتي بَنُوْ سَعْد بن بکر وارا رهندا هئا. (١) هتان غنيمت ۾ کين ٻہ هزار ٻکريون ۽ پنج سؤ اٺ هٿ لڳا، جيکي هو پاڻ سان گڏ کاهي مديني پهتا.

"فَدَک" نالي هي ڳوٺ مديني کان ستن ڏينهن جي پنڌ تي خيبر جي ويجهڙائي ۾ هو. ڪن راوين طرفان اهو فاصلو ڳهٽ ٻہ ٻڌايو ويو آهي. (٢)

موڪليو ويو. جنهن ڪانپوءِ مدين جو هي شهر مديني واري مرڪزي حڪومت جي ماتحت ٿي ويو.

موجوده دور ۾ هي شهر "وادي البدع" جي ڏاڪڻي حصي ۾ آهي.جيتوڻيڪ اها وادي نهايت سرسبز ۽ شاداب آهي جتي پاڻي ٻہ جام آهي ان ڪري ساوڪ تمام گهڻي آهي، پر جنهن جاءِ کي مدين سڏيو ويي ٿو اتي سواءِ آثار قديمہ وارن جي دلچسپيءَ جي هيو ڪجهہ ٻہ نہ آهي.ڪي پراڻيون قبرون جيڪي اندر غارن ۾ موجود آهن.جنهنڪري مقامي عرب هن ماڳ کي مغائز شعيب جي نالي سان ٻہ ياد ڪندا آهن.هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي پاڻ ڪريم ﷺ جن غزوه طائف کان موٽندي هتان لنگهيا هئا. والله اعلم.

معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ۵ ص ۷۸ ـ ۷۷، دائرة المعارف (اردو) ج ۲۰ ص ۲۶۲ ـ ۲۶۱، "جزيرة العرب" محمد رابع ندوي ص ۱۲۷ ـ ۳۱، سبل الهدي والرشاد ـ شامي ج ۶ ص ۹۶، تاريخ يعقوبي ج ۱ ص ۲۷.

(١) مغازي "واقدي" جلد ٢ص ١٦٢.

(٢) حجاز جي اتر ۾ "فدک" نالي يهودين جو هي مشهور ڳوٺ آباد هو ۽ "ياقوت حمويءَ" جي روايت مطابق مديني کان هن يا ٽن ڏينهن جي پنڌ تي هو.

هتان جي زمين نهايت زرخيز ۽ آباد هئي، جنهن لاءِ پاڻي قدرتي چشمن مان حاصل ٿيندو هو. ربيع توڙي خريف جا فصل نهايت پلا ٿيندا هئا. ان کانسواءِ هتي کجين ۽ کجهہ ٻين ميون جا باغ ٻہ گهڻي تعداد ۾ موجود هئا. پوڪ کانسواءِ ماڻهو گهريلو دستڪارين ذريعي ٻہ پنهنجي روزي ڪمائيندا هئا. سندن تيار ڪيل اوني ڪمبل ۽ لويون تمام مشهور هئا.

هتان جي يهودين شروعات ۾ دينَ جي دعوت کي قبول نہ ڪيو هو، پر جڏهن مسلمانن "خيبر" کي فتح ڪيو، تڏهن "فدک" وارا ٻہ هيسجي ويا ۽ پوءِ هنن جلد ئي مسلمانن سان انهن ساڳين شرطن تي ٺاهہ ڪيو، جن تي خيبر وارن ڪيو هو. اهڙيءَ ريت هتان جي زمين ڪنهن ٻہ جنگ جهيڙي کانسواءِ پروردگار پنهنجي پياري پيغمبر عليه الصلواة والسلام کي (بطور فيء) ڏياري. هتان جي آمدني پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي گهر ياتين ۽ مسافرن متان خرچ ڪندا هئا.

فدک" ۾ يهودي حضرت عمر رضہ جي زماني تائين آباد هئا ۽ پوءِ انهيءَ دور ۾ ئي پنهنجون ملڪيتون وغيره وڪڻي "شام" ڏانهن لڏي ويا.

هن وقت عربستان جي سرزمين تي "فدک" نالي ڪو ٻہ ماڳ موجود نہ آهي، باقي "حافظ وهبہ" جو خيال آهي تہ "خيبر" جي آخري چيڑي تي "حُوَيط" نالي جيڪو ڳوٺ موجود آهي، ان ساڳيءَ جاءِ تي ئي "فدک" جو ڳوٺ آباد هو. والله اعلم

دائرة المعارف اسلامي اردو جلد ١٥ ص ٢١١- ٢١٠، شرح علي مواهب "زرقاني" جلد ٢ ص ٦٣،

السيرة النبويه، ﷺ ابن هشام جلد ٢ ص ٣٤٠-٣٣٧، فتوح البلدان "بلاذري" ص ٣٤، وفاء الوفا ـ سمهودي جلد ۴ ص ١٢٨٠، جزيرة العرب ـ مولانا محمد رابع ندوي ص ٢٧٥.

Marfat.com

(٢٨) سَرِيَّہ زَيْد بن حَارِثہ رضہ

هن سال رَمَضَان شَريف جي مهيني ۾ حضرت زَيْد بن حَارِثہ رضہ کي هڪ جٿي سان گڏ هڪ پيرو وري بَنُو فَزَارَہ وارن ڏانهن وَادِي الْقُرىٰ اماڻيو ويو. اتي پهچي مسلمانن کجهہ کافرن کي قتل کيو ۽ ڪن کي گرفتار ڪري پاڻ سان وٺي آيا. گرفتار ٿيلن ۾ "اُمِّ قِرْفَہ نالي هڪ عورت بہ هئي، جنهن جو نالو فَاطِمَہ بنت رَبِيْعَہ بن بَدْر بن حذيفہ هو. (١) پنهنجي قوم وارا ڪيس وڌي عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. ايتري قدر جو اتي اها چوٽي عام ٿي ويئي هئي: "هاءِ مان جيڪر اُمِّ قِرْفَہ کان وڌيڪ مانَ وارو هجان ها." اُمِّ قِرْفَہ جي گهر ۾ پنجاهہ تلوارون ٽنگيل هونديون هيون، جن جا مالڪ سندس ڪٽنب جا ڀاتي هئا، جن مان پارهن تہ سندس پٽ پڏايا ويا آهن.

(٢٩) بعث عَبْدالله بن عَتِيْك اَنْصَارِي رضہ

هن سال عبدالله بن عَتِيْك اَنْصَارِي رضہ کي پنجن يا ڇهن صحابي سڳورن سان گڏ اَبُورَافِع يهودي ڏانهن موڪليو ويو. جنهن جو صحيح نالو سَلَامُ بن ابوالحقيق هو. سندس رهائش حجاز جي سرزمين تي خيبر جي لڳ هڪ ڪوٽ ۾ هئي. هي خدا جي سچي رسول صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن جي شان ۾ گستاخي بہ ڪندو هو تہ سندن خلاف ڪافرن کي بہ ڀڙڪائيندو هو.

حضرت عَبْدالله بن عَتِيْك اَنْصَارِي رضہ رات جي اونداهيءَ ۾ وڃي سندس ڪم پورو ڪيو. اهو سمورو احوال صحيح بخاري ۽ حديث جي ٻين ڪتابن ۾ موجود آهي. (٢)

هن واقعي جي سن توڙي مهيني ۾ راوين جو اختلاف آهي. ابن سعد جي قول موجب هي واقعو رَمضان سن ڇهين هجريءَ جو آهي، جنهن جي تائيد عراقيءَ بہ "اَلفِيہ" ۾ ڪئي آهي. جڏهن تہ ڪن راوين وري هن کي ذوالحج ٽين يا چوٽين هجريءَ جو واقعو شمار ڪيو آهي. هڪ روايت ۾ ائين بہ آيو آهي تہ هي واقعو سن ٽين هجريءَ ۾ غَزْوَہ اُحد کان اڳ ٿي گذريو آهي.

(٣٠) سَرِيَّہ عَبْدالله بن رَوَاحَہ رضہ

هن سال يا وري پي روايت مطابق سن ستين هجريءَ جي شوال مهيني ۾ حضرت عَبْدُالله بن رَوَاحَہ رضہ کي ٽيهن ماڻهن سان گڏ جن ۾ عَبْدُالله بن عَتِيْك رضہ ۽ عَبْدُالله بن اُنَيْس رضہ بہ شامل هئا. اُسَير بن رِزَام (٣) يهوديءَ ڏانهن خيبر موڪليو ويو. مسلمانن اُسَير وٽ پهچي ڪيس پڏايو تہ اسان کي خدا

---

(١) "ام قِرفہ" پنهنجي قبيلي جي سرواڻ هئي ۽ نبي عليہ الصلواة والسلام جن کي قتل ڪرڻ جا منصوبا سِٿيندي رهندي هئي.

علامہ سهيليءَ سندس نالو هن ريت لکيو آهي: فاطمہ بنت حذيفہ بن بدر. سندس هڪ پٽ جو نالو "قرفہ" هو. جنهن ڪري هوءَ امِ قرفہ جي ڪنيت سان مشهور ٿي.

شرح علىٰ مواهب ـ زرقاني ج ٢ ص ١٦٥، روض الانف ـ سُهيلي ج ٤ ص٢٥٢

(٢) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٥٧٧/٧٨ ، شرح علىٰ مواهب ـ زرقاني ج ٢ ص١٦٥

(٣) ابن ڪثير پنهنجي ڪتاب ۾ اهو نالو يسير بن رزام لکيو آهي. (سيرة نبويہ، ابن ڪثير جلد ٣ ص ٤١٨)

Marfat.com

جي سچي رسول ﷺ طرفان توڏانهن موڪليو ويو آهي. تون اسان سان گڏجي سندن خدمت ۾ هل ته جيئن توکي خيبر جو حاڪم مقرر ڪري توسان ڀال ڀلايا وڃن. اهو ٻڌي هو ٽيهه يهودي ساڻ ڪري اتان هليو، پوءِ جڏهن هو اڌ رستي تي پهتا ته سندن دشمني ۽ بدنيتي ظاهر ٿي پيئي. اهو ڏسندئي حضرت عَبْدُالله بن اُنَيْس رضہ ڪيس اتي ئي قتل ڪري ڇڏيو. سندن ٻيا ساٿي مقابلي لاءِ اڳتي وڌيا، پر مسلمانن انهن سڀني کي به اتي ئي پورو ڪري ڇڏيو. سواءِ هڪ يهوديءَ جي جيڪو پاڻ بچائي ڀڄي ويو. مسلمانن جو هن مقابلي ۾ ڪوبہ جاني نقصان نہ ٿيو.

(٣١) سريہ ڪُرْز بن جَابِر رضہ

مختلف روايتن مطابق هن سال شوال يا جُمادي الآخر يا وري ذوالحج جي مهيني ۾ حضرت ڪُرْز بن جَابِرَ قُرشي فِهْرِيءَ کي ويهن سوارن جي جٿي سان گڏ "عُكْل" ۽ "عُرَيْنَہ" وارن جي پٺيان موڪليو ويو. انهن ٻنهي قبيلن کي گڏي "عُرَنِيِّيْن" سڏيو ويو آهي.

ان جو سبب اهو هو ته مٿين ٻن قبيلن مان اٺ شخص مديني پهتا، انهن نبي ڪريم ﷺ جن آڏو اسلام قبول ڪيو ۽ اتي ئي ترسي پيا. پوءِ ڪجهہ ڏينهن رکي سچي سرور ﷺ جن کان اجازت وٺي اچي ان ماڳ تي رهيا، جتي صدقي جا اٺ بينل هئا. (١) اتي اچي هنن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي اوٺيءَ کي قتل ڪيو، جنهن جو نالو "يَسَار" ٻڌايو ويو آهي، ۽ پوءِ اتان اهي اٺ پاڻ سان ڪاهي روانا ٿيا. نبي ڪريم ﷺ جن حضرت ڪرز بن جابر رضہ کي ويهن سوارن سان گڏ سندن پٺيان موڪليو، جيڪي کين پڪڙي مديني وٽي آيا.

انهن جي لاءِ الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي:

اِنَّمَا جَزٰٓؤُا الَّذِيْنَ يُحَارِبُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَسْعَوْنَ فِى الْاَرْضِ فَسَادًا اَنْ يُّقَتَّلُوْٓا اَوْ يُصَلَّبُوْٓا اَوْ تُقَطَّعَ اَيْدِيْهِمْ وَاَرْجُلُهُمْ مِّنْ خِلَافٍ اَوْ يُنْفَوْا مِنَ الْاَرْضِ. (٢)

(جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول سان جنگ جوٽين ٿا ۽ زمين ۾ فساد پکيڙيندا رهن ٿا، انهن کي يا ته قتل ڪيو وڃي يا سوريءَ تي چاڙهيو وڃي، يا انهن جا هٿ پير مخالف طرفن کان ڪاٽيا وڃن يا زمين مان کين نيڪالي ڏني وڃي.)

ان حڪم جي نازل ٿيڻ کانپوءِ نبي اڪرم ﷺ جن سندن هٿ پير مخالف طرفن کان ڪٽرائي ۽ اکيون ڪيرائي انهن کي "حره" اماڻيو، جتي هو مرڻ گهڙيءَ تائين قيد رهيا. (٣)

---

(١) ان جاء جو نالو "ذوالجدر" ٻڌايو ويو آهي، جيڪا مديني کان ڇهہ ميل پري "قُباءَ" جي ويجهڙائيءَ ۾ هئي. "وفاء الوفا" سمهودي ج ۴ ص ۷۵ ـ ۱۱۷۴: معجم البلدان ياقوت ج ۲ ص ۱۱۴.

(٢) پاره ٦ سورة المائده آيت ٣٣.

(٣) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٦٠٢.

Marfat.com

(٣٢) سَرِيَّہ عَمْرو بن اُمَيَّہ ضَمْرِيّ رضہ

هن سال ابوسفيان بن حرب نبي كريم ﷺ جن مٿان اوچتو حملو كرڻ لاءِ هڪ ماڻهوءَ کي مديني موكليو. سندس انهيءَ ڇڙائيءَ جي جواب ۾ نبي كريم ﷺ طرفان حضرت عَمْرو بن اُمَيَّہ ضَمْرِي کي مڪي اماڻيو ويو تہ هو اتي پهچي ابوسفيان کي قتل ڪري.

ابن اُمَيَّہ رضہ مڪي ۾ اَبُوسُفْيَان تائين نہ پهچي سگهيو، باقي شهر جي ٻاهران بن ڪافرن کي قتل ڪيائين. جن مان هڪ جو نالو عمرو بن عُبَيْدالله بن مالڪ قُرَشِي تيمي، جڏهن تہ پيو شخص "بَنُوْ دِيْل" وارن مان هو. اڳتي هلي ڪيس ۾ پيا ماڻهو بہ ور چڙهيا، جيڪي قريش طرفان مسلمانن جي جاسوسيءَ لاءِ مديني وڃي رهيا هئا. انهن مان بہ هن هڪڙي کي تہ اتي ئي قتل ڪري ڇڏيو، جڏهن تہ ٻئي کي ٻڌي ٻاڌ سان گڏ مديني وٺي آيو، علامہ شاميءَ پنهنجي سيرت جي ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي تہ حضرت "عَمْرو بن اُمَيَّہ" کي "سَرِيَّہ عُرَنِيِّيْن" کان پوءِ موكليو ويو هو. "المواهب اللدنيہ" وارو بہ ساڳيءَ ڳالهہ جو قائل آهي. پر هو ايترو وڌيڪ لکي ٿو تہ هي واقعو "غزوه حديبيہ" کان اڳ جو آهي. ان جو مطلب آهي تہ حضرت عَمْرو بن اُمَيَّہ ضَمْرِي کي سن ڇهين هجريءَ دوران جمادي الآخر ۽ ذوالقعد جي وچ ڌاري موكليو ويو هوندو. (١) والله اعلم.

---

(١) شرح علي المواهب "زرقاني" جلد ٢ ص ١٧٧.

Marfat.com

فصل ڇهون

هن فصل ۾ سن (۷) ستين هجريءَ دوران موڪليل سرايا جو ذڪر ڪيو ويندو.

(۳۳) سَرِيَّہ اَبَان بن سَعِيْد رضہ

هن سال محرم جي مهيني ۾ سرور عالم ﷺ جن حضرت اَبَان بن سَعِيْد بن عَاص بن اُمَيَّہ ڪي ڪجهہ ماڻهن سان گڏ نجد ڏانهن اماڻيو، ان ڪانپوءِ پاڻ ۽ غزوه خَيْبَر لاءِ مديني ڪان روانا ٿيا.

خَيْبَر جي لڙائي مان واندا ٿي نبي عليه السلام جن اڃان غنيمت جو مال مجاهدن ۾ ورهائي ئي رهيا هئا تہ ابان بن سعيد وارا ۽ اچي اتي سهڙيا. جيتوڻيڪ خَيْبَر جي غنيمت ۾ هن جو حق نہ پيو لڳي، پر ان هوندي ۽ مني مرسل ﷺ جن ڪين ان مال مان مهرباني طور ڪجهہ بخشش ڏني. اهوئي زمانو هو جو يمن ڪان حضرت اَبُوهُرَيره رضہ ۽ "دَوْس" قبيلي جي ڪجهہ ساٿين سميت اچي اتي نڪتو. اَبُوهُرَيره رضہ جي ان واقعي ڪي سندس ئي سَنَدَ سان "صحيح بخاري" واري هن ريت نقل ڪيو آهي. (۱) اَبُوهُرَيره رضہ چيو: "خَيْبَر جي فتح ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ اڃان اتي ئي ترسيل هئا تہ مون سندن خدمت ۾ عرض ڪيو: "اي الله جا رسول ﷺ مون ڪي ۽ ڪجهہ نوازيو". اهو ٻڌي بني سعيد وارن مان ابان چيو:

"نہ منهنجا سائين ﷺ، هن ڪي ڪجهہ نہ ڏيو". ان تي مون چيو: "هي تہ اِبْن قَوْقَل جو قاتل آهي".

اَبُو سَعِيْد وراڻيو: "عجب جهڙي ڳالهہ آهي، جو هڪ ٻلو جيڪو "ضَان" (۲) جبل جي چوٽيءَ تان هينئر هيٺ لٿو آهي، مونتي هڪ اهڙي مرد مومن جي قتل جو ڏوه ڏيئي رهيو آهي، جنهن ڪي الله تعاليٰ منهنجي هٿان مانُ بخشيو ۽ مونکي سندس هٿان ذليل ٿيڻ ڪان بچايو".

(۳۴) سَرِيَّہ اَمِيْرُالْمُؤمنين عُمَر بن خَطَّاب رضہ

• هن سال شعبان جي مهيني ۾ اميرالمؤمنين حضرت عُمَر بن خَطَّاب رضہ ڪي ٽيهن سوارن سان گڏ "تُرَبَہ" ڏانهن اماڻيو ويو. (۳) هي ماڳ مڪي ڪان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. (۴) هتي "هَوَازِن" قبيلي جا اهي فرد رهندا هئا، جيڪي اڃان تائين پنهنجي ڪفر تي قائم هئا. هن حضرت عمر رضہ جي اچڻ جو ٻڌي اتان وٽي پاڻ ڪاڏي. ڪوبہ مقابلو نہ ٿيو ۽ مسلمان خير سان مديني واپس وريا. (۵)

---

(۱) صحيح بخاري جلد ۲ ص ۶۰۸، "اسد الغابہ" ابن اثير ج ۱ ص۳۶.

(۲)"ضان" هڪ جبل جو نالو آهي، جيڪو ان علائقي ۾ آهي، جتي "دوس" قبيلي وارا رهندا هئا. معجم البلدان ياقوت جلد ۳ ص ۴۵۰، "سيرت نبويہ صہ" ابن ڪثير جلد ۳ ص ۳۹۲.

(۳) "مغازي" واقدي جلد ۲ ص ۷۲۲.

(۴) معجم البلدان ـ ياقوت ج ۲ ص ۲۱.

(۵) شرح علي مواهب "زرقاني" ج ۲ ص ۲۴۹

Marfat.com

(٣٥) سَرِيَّہ اميرالمؤمنين حضرت اَبُوبَکْر صِدِّيْق رضہ

• هن سال شعبان جي ئي مهيني ۾ حضرت اَبُوبَکْر صِدِّيْق رضہ کي هڪ "سَرِيَّہ" سان گڏ نَجْد جي علاقي ۾ وَادِي الْقُرىٰ طرف اماڻيو ويو، جتي بنو ڪِلَاب وارا رهندا هئا. (١)

هن مقابلي ۾ ڪجهہ مشرڪن کي قتل ڪيو ويو ۽ ڪن کي گرفتار ڪري مسلمان مديني موٽيا.

(٣٦) سَرِيَّہ بَشِيْر بن سَعْد رضہ

هن سال شعبان جي ئي مهيني ۾ حضرت بَشِيْر بن سَعْد رضہ کي "بَنُو مُرَّہ" وارن ڏانهن "فدڪ" اماڻيو ويو. ساڻس گڏ ٽيهن سوارن جو هڪ دستو هو، (٢) جنهن ۾ اُسَامَہ بن زَيْد، اَبُو مَسْعُوْد عَبْدَرِيّ ۽ کَعْب بن عُجْرَہ رضي الله عنهم بہ شامل هئا. هن ڀيري ڌرين جي وچ ۾ ڇتي ويڙهہ هلي، جنهن کانپوءِ مسلمان غنيمت ۾ ڪجهہ اٺ ۽ ٻڪريون ڪاهي اچي مديني پهتا. جيئن "شاميءَ" پنهنجي "سيرت" جي ڪتاب ۾ نقل ڪيو آهي. جڏهن تہ "روضة الاحباب" ۾ سيد جمال الدين جي روايت ان جي ابتڙ آهي. هو لکي ٿو: "سيدنا بَشِيْر رضہ جا سمورا ساٿي شهيد ٿي ويا ۽ پاڻ بہ ڌَڪجي پيو، ۽ پوءِ ان حالت ۾ ئي مديني پهتو. رسول خدا صلى الله عليه وسلم جن ان جي جواب ۾ سن اٺين هجريءَ ڌاري صحابين جي هڪ ٻي جماعت اوڏانهن اماڻي، جن اتي پهچي ڪافرن سان پلاند ڪيو. هن دفعي اهي ڪافر قتل ٿيا ۽ مسلمانن سندن مال، غنيمت طور حاصل ڪيو.

(٣٧) سَرِيَّہ غَالِب رضہ بن عَبْدُالله لَيْثِي

هن سال رمضان جي مهيني ۾ غالب رضہ بن عَبْدُالله ليثيءَ کي بنو عُوال ۽ بنو عبد بن ثَعْلبہ وارن ڏانهن مِيفَعَہ موڪليو ويو (٣) ساڻن گڏ هڪ سؤ ٽيهہ ماڻهن جي جماعت هئي، جنهن ۾ حضرت اُسَامَہ بن زَيْد رضہ بہ شامل هو.

"مِيفَعَہ" نَجْد جي علائقي ۾ "بطن نَخْل" جي پريان هڪ واديءَ جو نالو آهي، جيڪا "نَقرَة" جي ويجهڙائيءَ ۾ مديني کان ڇهانوي (٩٦) ميلن جي پنڌ تي آهي. (۴)

هن مقابلي ۾ ڪافرن جا مُک مرد مارجي ويا، باقي ڪنهن کي بہ گرفتار نہ ڪيو ويو. هتان مسلمانن کي غنيمت ۾ ڪافي اُٺ ۽ ٻڪريون هٿ آيا، جيڪي هو پاڻ سان گڏ ڪاهي اچي مديني پهتا.

(٣٨) سَرِيَّہ بَشِيْر بن سَعْد رضہ

• هن سال شوال جي مهيني ۾ حضرت بَشِيْر بن سَعْد رضہ کي ٽي سؤ ماڻهن سان گڏ "غطفان"

---

(١) شرح علي مواهب ـ زرقاني ج ٢ ص ٢۴٩

(٢) مغازي "واقدي" جلد ٢ ص ٧٢٣، شرح علي مواهب "زرقاني" ج ٢ ص ٢۵٠.

(٣) مغازي - "واقدي" جلد ٢ ص ٧٢٦، شرح علي مواهب زرقاني" ج٢ص ٣٠٠.

(۴) طبقات الكبرىٰ "ـ ابن سعد" جلد ٢ ص ٨٦.

Marfat.com

قبيلي وارن ڏانهن اماڻيو ويو، جيڪي خَيْبَرَ ۽ "وَادِي الْقُرىٰ" جي ويجهڙائيءَ ۾ ٻن ڳوٺن ۾ رهندا هنا. انهن ڳوٺن جا نالا يَمَن ۽ جَبَار ٻڌايا ويا آهن. ڪي ماڻهو يَمن ڪي يُمن ۽ چون ٿا. (۱)

هتان مسلمانن کي غنيمت طور وڏي تعداد ۾ چوپايو مال هٿ آيو، ان کانسواءِ ٻن ماڻهن کي قيد ڪيو ويو، جن پوءِ اسلام قبول ڪيو. سندن نالا معلوم ٿي نہ سگهيا آهن. مسلمان پوءِ مديني موٽيا.

(۳۹) سَرِيَّہ اَخْرَم بن ابوالعوجاء رضہ

• هن سال ذوالحج جي مهيني ۾ آخرم بن ابوالعوجاء سلمي رضہ کي پنجاه ماڻهن سان گڏ "بَنُوسُلَيْم" وارن ڏانهن موڪليو ويو. (۲) هن ٻيري ڪافرن سان سخت مقابلو ٿيو، جنهن ۾ سمورا مسلمان شهيد ٿي ويا ۽ رڳو حضرت اَخْرَم رضہ بچي ويو، (۳) جيڪو صفر جي ٻهرين تاريخ سن انين هجريءَ ڏاري مديني واپس پهتو.

---

(۱) "يَمن" غطفان قبيلي وارن جي ڪوهہ جو نالو آهي، جيڪو "تيماء" واري واٽ تي آهي. جڏهن تہ "جَبار" نالي ڳوٺ بہ ان جي ويجهڙائيءَ ۾ آهي. واقديءَ هن ڳوٺ جو نالو "جِنَاب" ڄاڻايو آهي. "معجم البلدان" ياقوت ج ۵ ص ۴۴۹ ۽ ج ۲ ص ۹۹ مغازي "واقدي" جلد ۲ ص ۷۲۷.

(۲) شرح مواهب زرقاني ج ۲ ص ۲۶۳.

(۳) حضرت "اخرم رضہ" جي اڳواڻيءَ ۾ هن ننڍڙي جماعت "بنو سُلَيم" وارن وٽ پهچي کين اسلام جي دعوت ڏني، هنن ان دعوت کي نہ صرف رد ڪيو پر مسلمانن جي مٿان تيرن جو مينهن وسائي ڇڏيو، پوءِ جڏهن کين يقين ٿي ويو تہ سمورا مسلمان شهيد ٿي چڪا آهن، تڏهن هو لاش ميدان ۾ ڇڏي پٺتي موٽيا. پر الله جي قدرت سان حضرت اخرم موت کان بچي ويو، هو صرف زخمن سبب بيهوش ٿي ويو هو، جنهنڪري دشمن کيس بہ مئل سمجهي ڇڏي ويا. "مغازي" واقدي جلد ۲ ص ۷۴۱، طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۸۹، سيرت "نبويہ" ابن ڪثير جلد ۳ ص ۴۴۴-۴۵.

Marfat.com

فصل ستون

هن فصل ۾ سن اٺين هجريءَ دوران موڪليل سرايا جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

(۴۰) سَرِيَّہ غَالِب بن عَبْدُاللّٰه لَيْثِي رضہ

هن سال صفر جي مهيني ۾ غَالِب بن عَبْدُالله لَيْثِي رضہ کي "بنو مُلَوّح" (۱) وارن ڏانهن اماڻيو ويو، جيڪي "كَدِيْد" نالي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. هي ڳوٺ مڪي کان مديني ڏانهن ويندڙ واٽ تي عُسفَان ۽ "قُدَيْد" جي وچ تي آهي. مڪو شريف هتان ۴۲ ميل پري ٿيندو. (۲) پاڻ ڪريم ﷺ جن جيڪا جماعت اماڻي ان ۾ چوڏهن يا هڪ ٻي روايت موجب ان کان ڪجهہ مٿي ماڻهو هئا. "غَالِب" ۽ سندس ساٿين کي دشمن جي مقابلي ۾ سوپ نصيب ٿي، ڪافرن مان (وڙهڻ لائق) مردن کي قتل ڪيو ويو. سندن زالون ۽ ٻار قيد ڪيا ويا ۽ ٻوءِ مسلمان مال ڪاهي مديني موٽيا.

(۴۱) سَرِيَّہ غَالِب بن عَبْدُاللّٰه لَيْثِي رضہ

هن سال صفر جي ئي مهيني ۾ غَالِب بن عَبْدُالله لَيْثِيءَ رضہ کي وري "مُصاب" قبيلي وارن ڏانهن اماڻيو ويو، جيڪي "فَدَك" ۾ رهندا هئا. رسول خدا ﷺ جن هن ٻيري غَالِب رضہ سان گڏ ٻہ سؤ ماڻهو موڪليا، جن مشرڪن سان مقابلو ڪيو. سندن عورتون ۽ ٻار قيد ڪيا ويا ۽ مال جنهن ۾ اٺ ۽ ڪريون شامل هيون غنيمت طور حاصل ڪيو ويو. جنهن مان هر ماڻهوءَ کي حصي ۾ ڏهہ اٺ يا ان جي برابر ڪريون مليون. هڪ اٺ ڏهن ڪرين جي برابر ليکيو ويو.

(۴۲) سَرِيَّہ شُجَاع بن وَهْب رضہ

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ شُجَاع بن وَهْب اَسَدِي رضہ کي "بَنُو عَامِر" وارن ڏانهن اماڻيو ويو. (۳) هي "هَوَازن" قبيلي جو هڪ پاڙو آهي ۽ اهي "سِيْء" نالي هڪ ڳوٺ ۾ رهندا هئا، جيڪو مديني کان پنجن ميلن جي پنڌ تي "ذَات عِرق" جي پٽيان آهي. (۴) مسلمانن کي "سِيَء" مان غنيمت ۾ ڪافي اٺ ۽ ڪريون هٿ آيا، جيڪي پاڻ سان گڏ ڪاهي هو مديني پهتا. هر ماڻهوءَ کي ورهاست ۾ پندرهن اٺ يا ان جي برابر ڪريون مليون. هڪ اٺ ويهن ڪرين جي برابر شمار ڪيو ويو.

---

(۱) هي "ليث" قبيلي جو پاڙو آهي، طبقات الڪبريٰ ـ ابن سعد ج ۲ ص ۹۰، "المغازي" "واقدي" ج ۲ ص ۷۵۰.

(۲) معجم البلدان ـ ياقوت حموي ج ۴ ص ۴۴۲، شرح علي مواهب "زرقاني" ج ۲ ص ۲۶۴.

(۳) هن "سريہ" ۾ شجاع بن وهب رضہ سان گڏ چوويهہ ماڻهو گڏ هئا. البدايہ والنهايہ ابن كثير ج ۴ ص ۲۴۰، "دلائل المنيرة" بيهقي جلد ۴ ص ۳۵۳، "المغازي، واقدي جلد ۲ ص ۷۵۳.

(۴) شرح مواهب "زرقاني" ج ۲ ص ۲۶۷.

Marfat.com

(۴۳) سَرِيَّ كَعْب بن عُمَيْر رضہ

هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ كَعْب بن عُمَيْر غِفاريءَ رضہ كي پندرهن ماڻهن سان گڏ "وَادِي الْقُرىٰ" جي پرين شام جي سرزمين تي "ذات اَطْلَاح" نالي ماڳ تي موكليو ويو [1] هن مقابلي ۾ كافر زور ٽي وڌا ۽ مسلمانن جا سمورا ماڻهو شهيد كري ڇڏيائون. سواءِ هڪڙي جي جيكو بچي ويو ۽ مديني موٽي اچي اها خبر رسول خدا ﷺ جن كي ٻڌايائين. [2]

(۴۴) سَرِيَّ مُؤْتَہ

هن سال جُمَادَي الاول جي مهيني ۾ نبي اكرم ﷺ هك وڏو لشكر حضرت زَيْد بن حَارثہ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ "مُوتَہ" ڏانهن موكليو، جيكو شام جو مشهور شهر آهي.

"مُوتَہ" كي كيترا ماڻهو "ميم" كانپوءِ "همزو" وڌائي "مُؤْتَہ" كري به اچاربندا آهن. "رَوضُ الأُنف" جي مصنف "علامہ سُهَيلِي" جي خيال ۾ اهو اچار وڌيك صحيح آهي. [3]

شام جي مشهور شهر "دمشق" جي پسگردائيءَ ۾ قبلي جي طرف هك ٻيو شهر آهي، جنهن كي "بَلقَاء" سڏيو ويندو آهي.

ان شهر ۾ كيترائي ڳوٺ ۽ واهڻ شامل آهن. انهن مان "مُوتَہ" به هك آهي. "مُوتَہ" مديني كان اٽاويهن مرحلن ۽ بيت المقدس كان ٻن مرحلن جي پنڌ تي آهي. [4]

---

(۱) السيرة النبويہ ابن كثير ج۳ ص ۴۵۴، تاريخ الخميس ديار بكري ج ۲ ص ۷۰.

(۲) "المغازي" واقدي ج ۲ ص ۷۵۲-۷۵۲، شرح علي مواهب "زرقاني" ج ۲ ص ۲۶۷.

(۳) روض الانف "عبدالرحمن سُهيلي" جلد ۴ ص ۷۸، البدايہ والنهايہ - ابن كثير ج ۴ ص ۲۴۱.

(۴) "بلقاء" ماضيءَ كان شام جو مشهور علائقو رهيو آهي جنهن جي آسپاس كيترائي ننڍا وڏا شهر توڙي ڳوٺ آباد هئا جن مان "مؤته" به هك هو، جيكو فولاد جي صنعت سبب سڄي رومي سلطنت ۾ خاص اهميت جو حامل هو. خاص طور هتان جون ٺهيل تلوارون تہ ملكان ملك مشهور هيون ۽ سڄي رومي سلطنت ۾ ماڻهو وڏي چاهہ مان اهي تلوارون خريد كندا هئا. ايتريقدر جو انهن تلوارن جي خوبين ۽ خصوصيتن كي ان دور جي شاعرن به پنهنجي شعرن ۾ ساراهيو آهي. مؤته يا كجهہ ٻيا ڳوٺ جيئن تہ هك مثانهين ۽ سرسبز پوئي تي آباد هئا انكري ان دور ۾ اهي "مشارف الشام" جي نالي پٽيان مشهور هئا. اهوئي سبب هو جو انهن تلوارن كي به "مشرفيه" سڏيو ويندو هو.

مؤته جو هي تاريخي ماڳ جيتوڻيك اڄ به پنهنجي اصلوكي جاءِ تي موجود آهي پر ملكن جي بدلجندڙ حدبندين سبب اڇكلهہ هي شهر اردن جي سلطنت ۾ شامل آهي، ۽ عمان كان عَقبہ ڏانهن ويندڙ جيكو اهم رستو (Highway) آهي اهو مؤته وٽان ئي لنگهي ٿو. مؤته جي لڳ اهو ڪشادو ميدان به موجود آهي جتي مسلمانن رومين سان مقابلو كيو هو اڇكلهہ هن جاءِ كي "مشهد" سڏيو ويڄي ٿو جنهن لاءِ اتان جي رهاكن جو چوڻ آهي تہ هن جاءِ تي كجهہ صحابي سڳورن جون قبرون هيون جيكي هن ئي جنگ ۾ شهيد ٿيا هئا. جيئن وهب بن سعد، عباد بن قيس، حارث بن نعمان ۽ سُرَاقہ بن عمرو وغيره.

هِتان ٻن ٽن ميلن جي مفاصلي تي اهو ماڳ موجود آهي جتي مسلمانن پنهنجي جنگي ڪئمپ قائم ڪئي هئي ماضيءَ ۾ هن ماڳ كي معان سڏيو ويندو هو جڏهن تہ هاڻي اها جاءِ "المزار" جي نالي سان مشهور آهي.

Marfat.com

هتي اسلامي لشڪر جي انهن ٽن اڳواڻن جون قبرون پڻ موجود آهن جن هن جنگ ۾ اسلامي لشڪر جي قيادت ڪندي شهادت ماڻي ۽ بعد ۾ مسلمانن سندن لاش جنگ جي ميدان مان آڻي هتي دفن ڪيا. حضرت جعفر بن ابي طالب جي مزار پرسان هڪ خوبصورت مسجد به تعمير ڪئي ويئي آهي ۽ ان جي پرسان ئي حضرت زيد بن حارثہ ۽ حضرت عبدالله بن رواحہ جون قبرون به موجود آهن.

سريہ موته جو ڪارڻ: ـ هجرت جي ڇهين سال ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ذيقعد مهيني ۾ "حديبيہ" وارو ناهہ ٿيوءِجنهن ڪانپوءِ مسلمانن کي ڪجهہ امن سڪون ميسر ٿيو ڇو تہ هاڻي قريش وارا ناهہ جي ڪري ميدان جنگ ڪان پاسيرا ٿي ويا جيڪي سندن وڏي ۾ وڏا جنگي حريف هئا ۽ باقي ميدان ۾ وڃي يهودي بچيا. سرور ڪائنات ﷺ جن پنهنجو سمورو ڌيان انهن يهودين ڏانهن ڏنو جن پنهنجي سازشن ۽ سرگرمين جو مرڪز وڃي "خيبر" کي بڻايو هو ۽ ان سان گڏوگڏ آسپاس وارن حڪمرانن ڏانهن دين جي دعوت موڪلڻ جو سلسلو به شروع ڪيو ويو. ڪن سيرت نگارن جو خيال آهي تہ دين جي دعوت وارو اهو سلسلو غزوه خيبر کان اڳ جو آهي. بهرحال انهن دعوت نامن کي لکڻ ۽ انهن کي حڪمرانن تائين پهچائڻ لاءِ نهايت سڃاڻ صحابين مان چونڊ ڪئي ويئي، جنهن ڪانپوءِ ايران، مصر، عمان، يمامہ، بحرين، يمن ۽ روم وغيره جي حڪمرانن ڏانهن اهڙا دعوت نامہ اماڻيا ويا جن مان ڪن حاڪمن ان دعوت کي قبول ڪيو تہ ڪن وري ان کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. اهڙيءَ ريت اسلام جو آفاقي پيغام هاڻي عرب جون سرحدون اورانگهي آسپاس وارن ملڪن تائين پهچڻ لڳو. اهڙيءَ ريت هجرت جي اٽين سالن سرور عالم ﷺ جن هڪ اهڙوئي دعوت نامو "بَصريٰ" جي حاڪم طرف اماڻڻ جو ارادو فرمايو. جنهن ڪانپوءِ مشهور صحابي ۽ ڪاتب وحي حضرت ابي بن ڪعب کان هڪ خط لکرائي حضرت حارث بن عمير ازديءَ جي حوالي ڪيو ويو، جيڪو ان خط کي ڪٽي مدينو کان بصريٰ روانو ٿيو ۽ جڏهن "بلقاء" جي علائقي ۾ پهتو تہ اتي قيصر روم جي گورنر شُرحبيل بن عمرو غسانيءَ ڪيس گرفتار ڪرائي ڪائنس پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ جڏهن معلوم ٿيو تہ هو نبي عربي ﷺ جن جو سفير آهي تہ بنا ڪنهن ڏوهہ جي نهايت بيدرديءَ سان سندس سسي ڏڙ کان ڌار ڪرائي ڇڏيائين. پاڻ ڪريمن ﷺ کي جڏهن اهڙو اطلاع مليو تہ ڪين سخت صدمو رسيو ڇوتہ ڪنهن به پرامن سفير جو قتل هر دور ۾ اٿوٽندڙ عمل ۽ ناقابل معافي ڏوهہ سمجهيو ويو آهي. ان لاءِ تہ جيڪڏهن سفيرن جي جان خطري ۾ هوندي تہ سفارتي سرگرميون ختم ٿي ويندیون، جنهن ڪري دنيا ۾ بين الاقوامي تعلقات ۽ خارجہ پاليسيون بي معنيٰ پئي لڳنديون. ان ڪري ڪائنات جي ڪارٽي ﷺ جن شرحبيل غسانيءَ کي سيڪٽ ڊيڻ جو منصوبو تيار ڪيو. ان مقصد لاءِ ٽي هزار مجاهدن کي ڪٺو ڪيو ويو. هن موقعي تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان اڇي رنگ جو هڪ جهنڊو تيار فرمايو جنهن ڪانپوءِ اهو جهنڊو پنهنجي پياري صحابي حضرت زيد بن حارثہ جي هٿن ۾ ڏيئي لشڪر جي قيادت سندس حوالي ڪيائون. هن موقعي تي لشڪر کي رخصت ڪرڻ لاءِ پاڻ سڳورا ﷺ "ثنية الوداع" تائين آيا.

هن ڪان اڳ ڪنهن به "سريہ" ۾ مسلمانن جو ايڏو وڏو تعداد شريڪ نہ ٿيو هو. پوءِ هن لشڪر "شام" ڏانهن ويندڙ واٽ ورتي ۽ ايڏو وڏو فاصلو طي ڪري پنهنجي منزل مؤته تائين پهتو.

الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۹۹ ـ ۹۷، "معجم البلدان" ياقوت حموي ج ۵ ص ۲۲۰ ـ ۲۱۹ ۽ ۱۵۳. دائرة المعارف (اردو) ج ۲۱ ص ۱۳۲ ـ ۱۳۱، سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۱۵۸ ـ ۱۵۷، الاشاره ـ مغلطائي ص ۲۹۹ ـ ۲۹۸، عيون الاثر ـ ابن سيد الناس ج ۲ ص ۲۱۲ ـ ۲۰۸، الدرر "ابن عبدالبر" ص ۲۱۰ ـ ۲۰۹، قادة النبي ﷺ محمود شيت ۳۱۸ ـ ۳۱۵، نضرة النعيم ـ صالح بن عبدالله وغيره ج ۱ ص ۳٦۰ ـ ۳۵۹، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۵۵۱ ـ ۵۴۹.

Marfat.com

خدا جي رسول ﷺ جيتوٽيڪ. هن سَرِيَّہ جو اڳواڻ حضرت زَيْد بن حَارِث رضہ کي بڻايو هو پر ان سان گڏ اهو بہ فرمايو هٿائون تہ "جيڪڏهن زيد رضہ شهيد ٿي وڃي تہ پوءِ اوهان جو اڳواڻ "حضرت جَعْفَر بن اَبُو طَالِب رضہ" هوندو ۽ جيڪڏهن جعفر رضہ شهيد ٿي وڃي تہ ان جي جاءِ تي عَبْدُالله بن رَوَاحَہ رضہ کي هجڻ کپي، باقي جيڪڏهن عَبْدُالله رضہ کي بہ شهادت نصيب ٿئي تہ پوءِ اوهان پنهنجي مرضيءَ سان اسلامي لشکر مان جنهن کي چاهيو پنهنجو اڳواڻ مقرر ڪجو." (۱)

هن "سَرِيَّہ" ۾ امام الانبياء ﷺ جن رومي بادشاهہ "هِرَقْل" سان مقابلي لاءِ ٽي هزار مسلمانن جو لشکر روانو ڪيو هو. جڏهن تہ ٻئي طرف کان "هِرَقْل" ادائي لک مشرکن جي لشکر سان گڏ روم کان هلي شام جي سرزمين تي پهتو هو، ۽ "بَلقَاء" وٽ مقابلي لاءِ منزل ڪئي هٿائين. (۲) اسلام ۽ ڪفر جي هن جنگ ۾ سڀ کان پهريان حضرت زَيْد بن حارثہ رضہ اسلامي جهنڊو کڻي ميدان ۾ لٿو. اسلامي لشکر سندس اڳواڻيءَ ۾ نهايت بهادريءَ سان ڪافرن جو مقابلو ڪيو، تانجو حضرت زيد شهيد ٿي ويو. ان ڪانپوءِ "حضرت جَعْفَر رضہ" اسلامي علم بلند ڪيو ۽ مڙسيءَ سان ميدان کي منهن ڏنائين. ڏاڍي ڇتي ويڙهہ هلي، آخر حضرت جَعْفَر رضہ بہ شهيد ٿي ويو. ان ڪانپوءِ اسلامي جهنڊو "عبدالله بن رواحہ رضہ" جي هٿن ۾ پهتو. هو بہ نهايت بي جگريءَ سان دشمن جي سامهون ٿيو ۽ رب جي رستي ۾ پنهنجي جان قربان ڪيائين. عَبْدُالله بن رَوَاحَہ رضہ جي شهادت ڪانپوءِ مسلمانن پنهنجو اڳواڻ حضرت خَالِد بن وَلِيْد رضہ کي چونڊيو.

هاڻي اسلامي علم خالد رضہ جي هٿن ۾ هو. سندس ميدان ۾ لهڻ سان دشمن جي لشکر ۾ شڪست جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا، ڇو جو فتح رب پاڪ خالد رضہ جي قسمت ۾ لکي هئي، ۽ ان جي ذريعي ئي اسلامي لشکر سوپ حاصل ڪئي، تڏهن تہ خدا جي پياري رسول ﷺ فرمايو: **"اِنَّ خَالِدًا سَيْفٌ مِنْ سُيُوْفِ اللهِ"** "بيشڪ خَالِد" الله جي تلوارن مان هڪ تلوار آهي" (۳)

هن جنگ ۾ مسلمانن جا فقط ٻارهن ماڻهو شهيد ٿيا. جڏهن تہ ڪافرن جا ايترا ماڻهو مارجي ويا، جن جو ڳاڻو ڪرڻ بہ مشڪل آهي. انهن ۾ ڪيترائي ناميارا اڳواڻ بہ شامل هئا. سندن سمورو سامان بہ مسلمانن کي غنيمت ۾ مليو. مسلمانن لاءِ هيءَ تمام وڏي سوپ هئي. جيڪا الله عزيز ۽ حڪيم جي مهرباني ڪانسواءِ ممڪن نہ هئي. **وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِاللهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ.** ڇو جو تعداد جي لحاظ کان مسلمان ڪافرن کان ۸۳ ڀيرا گهٽ هئا.

(۴۵) سَرِيَّہ عَمْرو بن العَاص رضہ

هن سال جُمَادَي الآخر ۾ رسول رحمت ﷺ جن "حضرت عَمْرو بن الْعَاص رضہ" جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ سريہ "ذَاتِ السَّلَاسِل" ڏانهن روانو ڪيو. جتي انهن کي "قضاعہ"، "عاملہ"، "لخم" ۽

(۱) صحيح بخاري جلد ۲ ص ٦١١.

(۲) طبقات الڪبريٰ - ابن سعد ج ۲ ص ۹۲، زادالمعاد - ابن قَيِم ج ۲ ص ۱۵۵، شرح علي مواهب - زرقاني ج ۲ ص ۲٦۸.

(۳) بخاري شريف ۾ خالد بن وليد جي پنهنجي روايت نقل ڪئي ويئي آهي، جيڪا هن ريت آهي: غزوه مُوتہ ۾ منهنجي هٿان نو تراريون ڀڄي پيون ۽ آخر ۾ هڪ يمني ترار باقي بچي." صحيح بخاري جلد ۲ ص ٦١١.

Marfat.com

"جُذَام" قبيلن سان مقابلو ڪرڻو هو. هن لشڪر ۾ مهاجرن توڙي انصار مان ٽي سؤ مُڪ ماڻهو شامل هئا، جن وٽ سواريءَ لاءِ ٽيهارو گهوڙا هئا. (۱)

"سَلاَسَل" وٽ ڏربن جو مقابلو ٿيو. ڪافي ماڻهو قتل ٿيا، ڪافرن جو مال مسلمانن کي غنيمت ۾ مليو ۽ پوءِ هو مديني موٽيا.

"سَلاَسَل" جذام قبيلي وارن جي سرزمين تي موجود هڪ ڪوهه جو نالو آهي، جيڪو "وَادِي الْقُرىٰ" جي پربان اٽڪل ڏهن ميلن جي پنڌ تي آهي. مقابلو جيئن ته هن ڪوهه وٽ ٿيو، ان نسبت ڪري هن "سَرِيَّہ" کي ان نالي پڻيان ياد ڪيو وڃي ٿو. (۲)

هڪ بي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جنهن ماڳ تي هي مقابلو ٿيو، اتي واريءَ جون تمام گهڻيون ٽڪريون سڄي علائقي ۾ پکڙيل آهن، ان ڪري اتي گهمڻ واري جو پير واريءَ ۾ پيهي وڃي ٿو ۽ اڳتي قدم وڌائڻ ۾ تمام گهڻي رندڪ ٿئي ٿي، ائين ٿو محسوس ٿئي ته جڻ پير ۾ ڪو زنجير (سلاسل) پيل هجي، ان سببان هن سَرِيَّہ تي اهو نالو پيو آهي.

حضرت عَمْرو بن العاص رضہ کي اسلام قبول ڪئي اڃا چار مهينا مس گذريا هئا ته ڪيس "سَرِيَّہ ذَات السَّلاَسَل" جو سرواڻ بڻائي موڪليو ويو هو. ڇو جو اڪثريت جي راءِ مطابق ابن العاص انهن هجريءَ جي صفر مهيني ۾ مسلمان ٿيو هو، جنهن جو ذڪر هن ڪتاب جي ٽئين باب ۾ ڪيو ويو آهي.

(۴۶) سَرِيَّہ اَبُوعُبَيْدَه بن جَرَّاح رضہ

هن سال رجب جي مهيني ۾ حضرت اَبُوعُبَيْدَه بن جَرَّاح رضہ کي ٽي سؤ ماڻهن جي جماعت سان گڏ موڪليو ويو (۳) هن پيري سندن مٿان ٻہ ڪم رکيل هئا.

(۱) قريش جي هڪ قافلي جو رستو روڪڻ.

(۲) "بَنُو جُهَينہ" وارن سان مقابلو ڪرڻ. جيڪي مديني کان پنجن راتين جي پنڌ تي رهندا هئا.

هن سريہ کي "سَرِيَّہ سِيْفُ الْبَحْر" ۽ "سَرِيَّة الخَبَط" جي نالن پڻيان ٻہ سڏيو ويندو آهي.

"سِيْفُ الْبَحْر" جي معني آهي: "ساموندي ڪنارو". جيئن ته هي سَرِيَّہ سمنڊ جي ويجهو وڃي پهتو، انڪري مٿس اهو نالو پيو. "سَرِيَّة الخَبَط" وري ان ڪري سڏيو ويو جو "خَبَط" وٽ جي اهڙن پن کي چئبو آهي، جن کي لئين سان ڪيرايو وڃي.

هن سفر دوران جيئن ته صحابي سڳورن وٽان کاڌي جو سامان ڪٽي ويو هو، انڪري هو بک سببان لئين سان وٽن جا پن چاٽي پنهنجي پيٽ جو پورائو ڪندا هئا. جنهن سبب سندن مُهارون ٻہ ڏنجي پيون هيون. انڪري هن تي "سَرِيَّة الخبط" جو نالو پئجي ويو. ان ڪانپوءِ خدا تعاليٰ مٿن

---

(۱) صحيح بخاري جلد ۲ ص ۶۲۵، شرح عليٰ مواهب ـ زرقاني ج ۲ ص ۲۷۸ـ ۲۷۷، "المغازي" واقدي جلد ۲ ص ۷۷۴ـ ۷۶۹، طبقات الڪبريٰ ـ ابن سعد ج ۲ ص ۱۳۱، زادالمعاد "ابن قَيِم" ج ۳ ص ۳۸۶.

(۲) معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ۳ ص ۲۳۳، "وفاء الوفا" علامہ سمهودي ج ۴ ص ۱۲۳۵.

(۳) المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۷۷۴، "زاد المعاد" "ابن قَيِم" جلد ۳ ص ۳۸۹.

Marfat.com

مهرباني ڪئي ۽ سامونڊي ڇوليين هڪ جبل جيڏي مڇي اڇي ڪناري تي اڇلائي، جنهن کي هن تي سؤ ماڻهن سڄو مهينو پئي کاڌو ۽ ان جي ڇربيءَ سان پنهنجي جسم تي مالش ۽ ڪيائون. جنهنڪري هو وري تازا توانا ٿي پيا. ڇيو وڃي ٿو تہ ان مڇيءَ جا ڪجهہ ٻچيل ٽڪرا هو پاڻ سان گڏ مديني ڪٽي آيا، ۽ انهن مان پاڻ ڪريم ﷺ جن ۽ ڪجهہ کاڌو. هن مڇيءَ جو نالو "عَنْبَر" ٻڌايو ويو آهي. (۱)

ڇيو وڃي ٿو تہ قيس بن سَعْد بن عِباده هڪ اُٺ تي چڙهي هن مڇيءَ جي پاسريءَ هيٺان لنگهي ويو.

هن سَرِيّہ بابت اعتراض ڪندي "حافظ ابن حجر" "فتح الباري" ۾ لکي ٿو تہ "سيرت نگارن هن سَرِيّہ جو ذڪر اٺين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو آهي، اها ڳالهہ صحيح نہ آهي. ڇو جو جڏهن "حُدَيْبِيّہ" ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن ۽ ڪافرن جي وچ ۾ جيڪو "معاهدو" ٿيو هو، ان ۾ ڏهہ سال ڏربن جو هڪ ٻئي خلاف جنگ نہ ڪرڻ جو شرط بہ شامل هو. پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ قريش جي ڪنهن قافلي کي روڪڻ لاءِ مسلمانن طرفان "سَرِيّہ" موڪليو وڃي.

"حافظ ابن حَجَر" جي ان اعتراض جو جواب "سيد جمال" (۲) پنهنجي ڪتاب "رَوْضَةُ الْاَحْبَاب" ۾ ۽ "ولي عراقي" (۳) "شرح تقريب" ۾ هن ريت ڏنو آهي:

---

(۱) البدايہ والنهايہ ـ حافظ ابن ڪثير جلد ۵ ص ۲۷۵، صحيح بخاري جلد ۲ ص ۶۲۵، سير النبويہ، ابن ڪثير ج ۳ ص ۵۲۲.

نوٽ:- هن مڇيءَ متعلق (طوالت ڪان بچڻ لاءِ) فقط ضروري ڳالهين جو ترجمو ڪيو ويو آهي. (مترجم)

(۲) امير جمال عطاءالله حسيني شيرازي ايران جو مشهور عالم ۽ مؤرخ ٿي گذريو آهي. عمر جو گهڻو حصو هرات ۾ گذاريائين، جتان جو حاڪم سلطان حسين تيموري مٿس ڏاڍو مهربان رهيو. ڪجهہ ڪتاب بہ لکيائين، جن مان "روضة الاحباب في سيرة البني والاصحاب" وڏيڪ مشهور ٿيو. هن ڪتاب ۾ مصنف نبي ڪريم ﷺ جن جي ذات، سندن ڪٽنب جي ياتين ۽ صحابين بابت واقعات ڏاڍي محبت ۽ عقيدت سان بيان ڪيا آهن.

مصنف هيءُ ڪتاب "مير علي شير نوائي" جي فرمائش تي لکڻ شروع ڪيو ۽ ۹۰۰ هجريءَ ڌاري لکي پورو ڪيائين هي ڪتاب قلمي صورت ۾ ڪافي عرصي تائين عالمن، سيرت نگارن ۽ مؤرخن جي مطالعي هيٺ رهيو. ان ڪانپوءِ ۱۲۹۷ هجريءَ دوران هن ڪتاب کي هندوستان جي شهر لکنؤ مان شايع ڪيو ويو.

سيد جمال سن ۹۲۶هجريءَ ڌاري وفات ڪئي. اردو دائرة المعارف اسلامي جلد ۷ ص ۷۱- ۳۷۰

(۳) اٺين صدي هجريءَ جو مشهور عالم، اصولي، اديب، فقيهہ، محدث، مفتي ۽ قاضي جنهن جو نالو احمد بن عبدالرحيم بن حسين ڪردي، ڪنيت ابوذرعه ۽ لقب ولي الدين آهي، سو ٽين ذوالحج ست سؤ ٻاهٺ هجري بمطابق ۱۳۶۱ع ڌاري قاهره ۾ ڄائو. نسبي لحاظ کان سندس تعلق عراق جي هڪ ڪرد قبيلي سان آهي جتان سندن ونڊا هجرت ڪري مصر ۾ اچي آباد ٿيا. ان نسبت سبب ڪين عراقي سڏيو ويندو آهي وليءَ جو پيءُ عبدالرحيم جنهن کي دنيا حافظ زين الدين عراقيءَ جي نالي سان ڄاڻندي آهي ان دور ۾ مصر جو وڏي ۾ وڏو عالم، حافظ الحديث ۽ شيخ الاسلام هو. انڪري هن ننڍپڻ کان ئي پنهنجي پٽ جي تعليم تربيت لاءِ خصوصي انتظام ڪيا. اهوئي سبب هو جو "ولي الدين" ننڍي عمر ۾ ئي سمورا علم ۽ فن پنهنجي عظيم المرتبت پيءُ ۽ وقت جي ٻين وڏن عالمن وٽان حاصل ڪيا جيڪي ان دور جي نصاب ۾ شامل هئا. سندس ٻين استادن ۾ جمال الدين اسنوي ابن النقيب ۽ علامہ جلال الدين بلقينيءَ جا نالا ذڪر جوڳا آهن.

جواني ۾ ڪجهہ وقت لاءِ هو پنهنجي پيءُ سان گڏ "شام" ڏانهن بہ ويو جتي دمشق جي ڪجهہ استادن وٽان بہ

Marfat.com

"قريش وارن جڏهن معاهدي جي پڇڙي ڪري ان کي ٽوڙي ڇڏيو تہ هي سَرِيَّہ ان کانپوءِ روانو ڪيو ويو." يعني فتح مڪہ کان اڳ. بهرحال هن پيري ۾ ڏرين جي وچ ۾ ڪو مقابلو نہ ٿيو.

(۴۷) سَرِيَّہ عَمرو بن مُرَّہ جُهَنِي رضہ

هن سال مڪي جي فتح کان اڳ حضرت "عَمرُو بن مُرَّہ جُهَنِي رضہ" کي پنهنجي قبيلي "جُهَيْنَہ" ۽ هڪ ٻئي قبيلي "مُزَيْنَہ" جي ڪجهہ ساٿين سان گڏ اَبُوسُفْيَان بن حَارِث بن عَبْدُالْمُطَّلِب ڏانهن موڪليو ويو. جيڪو پاڻ ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جو سؤٽ هو. پر اڃان ايمان تي نہ آيو هو. پنهي ڏرين جو مقابلو ٿيو. جنهن ۾ اَبُوسُفْيَان بن حَارِث ۽ سندن ساٿين شڪست کاڌي. سندن ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا. اَبُوسُفْيَان بن حَارِث رضہ مڪي فتح ٿيڻ واري موقعي تي مسلمان ٿيو.

(۴۸) سَرِيَّہ اَبُو قَتَادَہ حَارِث رضہ

هن سال شعبان جي مهيني ۾ اَبُوقَتَادَہ حارث رضہ جيڪي ربعي انصاري سلميءَ کي سورهن ماڻهن سان گڏ "غَطَفَان" قبيلي وارن ڏانهن روانو ڪيو ويو. جيڪي "نَجْد" ۾ "بَنُوْ مُحَارِب" وارن جي پرسان رهندا هئا. ان ڳوٺ جو نالو "خَضره" يا ڪن وري "خُضرَہ" ٻڌايو آهي. هن مقابلي ۾ دشمن جا ڪافي ماڻهو قيد ڪيا ويا، ۽ غنيمت ۾ مسلمانن کي ٻہ سؤ اٺ ۽ اٺڪل ٻہ هزار ٻڪريون ٻہ هٽ آيون. "خُمس" ڪڍڻ ڪانپوءِ غنيمت جي ورهاست ڪئي ويئي. هر ماڻهوءَ کي حصي ۾ اٺڪل تيرهن اٺ مليا.

علمي استفادو ڪيائين جنهن ڪانپوءِ هن حديث، فقہ، ادب، معاني ۽ بيان ۾ وڏيڪ مهارت حاصل ڪئي. هاڻي سندس سموري وقت درس تدريس ۽ تصنيف تاليف ۾ گذرندو رهيو. مختلف علوم ۽ فنون تي ڪيترائي قيمتي ڪتاب تصنيف ڪيائين. جن مان اخبار المدلسين، فضل الخيل، رواة المراسيل، مهمات الاسانيد، وغيره. ان کانسواءِ پنهنجي پيءُ، استادن توڙي ٻين وڏن عالمن جي ڪتابن جا شرح شروح ٻہ لکيائين جن مان، شرح تقريب، شرح سنن ابي دائود، حاشيہ علي ڪشاف، ذيل في الوفيات، شروح جمع الجوامع وڏيڪ مشهور آهن. ان ڪم لاءِ هن شاگردن جي خاص جماعت تيار ڪئي هئي جيڪي سندس ٻڌايل مضامين کي نقل ڪندا هئا. علامہ سيوطيءَ جي قول مطابق ڇهہ سَو کان ٻہ مٿي نشستن ۾ هن شاگردن جي ان جماعت کي املاء ڪرايو هو. مصر جي قاضي القضاة "علامہ بلقينيءَ" جي وفات کانپوءِ ان عهدي تي حافظ وليءَ جو تقرر ڪيو ويو جيڪو سندس علمي عظمت جو ڪليل اعتراف هو. قاضيءَ جي حيثيت ۾ ٻہ هن عوام توڙي خواص ۾ پاڻ مڃرايو. حافظ وليءَ جي ڏنل فيصلن ۽ فتاوائن کي ٻہ ڪتابي صورت ۾ مرتب ڪيو ويو آهي.

هر وقت حق جو آواز بلند ڪرڻ، عوام آڏو خوش اخلاقيءَ سان پيش اچڻ، محتاجن جي مدد ڪرڻ، سندس طبعي خصوصيتون هيون.

پنهنجي پيءُ جي وفات کانپوءِ هن پاڻ کي ان جو صحيح جانشين ثابت ڪيو. "جامعہ طولانيہ" توڙي ان جي ڇڏيل ڪتب خانن جي حفاظت ۽ نظرداريءَ جو پورو پورو حق ادا ڪيائين.

رمضان جي اٺتيهين تاريخ سن اٺ سؤ ڇهويهہ (۸۲۶) هجري بمطابق ۱۴۲۳ع ڏاري هن عظيم عالم دنيا مان لاڏاٿو ڪيو ۽ سندس لاش کي علامہ زين الدين عراقيءَ جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو. رحمهما الله تعالي.

شذرات الذهب ـ ابن العماد ج ۷ ص ۳۰۵ ـ ۳۰۴، اعلام زرکلي ج ۱ ص ۱۴۸، حسن المحاضره ـ سيوطي ج ۱ ص ۳۰۹، هدية العارفين ـ اسماعيل پاشا بغدادي ج ۱ص ۱۲۳، معجم المؤلفين ـ عمر رضا ڪحاله ج ۱ ص ۲۷۱ ـ ۲۷۰.

Marfat.com

(۴۹) سَرِيّہ اَبُو قَتَادَہ رضہ

هن سال رَمَضان شريف جي منڊ ۾ ئي نبي سڳوري ﷺ جن اَبُو قَتَادہ رضہ کي اٺن ماڻهن سان "اِضَم" نالي ماڳ ڏانهن روانو ڪيو. (۱) اهو ڪنهن جبل يا ماڻريءَ جو نالو آهي، جنهن جو فاصلو مديني کان نَوَ ميل ٻڌايو ويو آهي. (۲) مسلمان جڏهن اتي پهتا تہ ڪوبہ سندن سامهون نہ ٿيو، ۽ هو خير سان واپس موٽي آيا. باقي ابوقَتَادہ رضہ جي هڪ ساٿيءَ حضرت مَحْلَم بن جثامہ ليثي رضہ هٿان هڪ ماڻهو مارجي ويو، جنهن جو نالو عَامِر بن اَضْبَط هو ۽ سندس تعلق "اَشْجَع" قبيلي سان هو.

ان جو وڌيڪ احوال هن ڪتاب جي ٽئين باب ۾ ڪيو ويندو. هي سَرِيّہ فتح مڪہ کان اڳ موڪليو ويو.

(۵۰) سَرِيّہ اُسَامَہ بن زَيْد رضہ

هن سال رَمَضَان جي مهيني ۾ ئي حضرت اُسَامَہ بن زَيْد رضہ کي جُهَيْنَہ واري حُرقات ڏانهن موڪليو ويو. هي اهو "سريہ" آهي، جنهن ۾ حضرت اُسَامَہ بن زَيْد رضہ لڙائي دوران مشرڪن جي لشڪر مان هڪ ماڻهوءَ مٿان تلوار ڪڍي تہ هن ڪلمو شريف پڙهيو، پر حضرت اُسَامَہ رضہ ڪيس قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ جڏهن هو مديني موٽيا ۽ رسولن جي سردار ﷺ اها ڳالهہ ٻڌي تہ فرمايائون: "اُسَامہ تون ان ڪلمي جو حساب ڪيئن ڏيندين؟" (۳) ان تي اُسَامَہ رضہ جواب ڏنو: "مون جڏهن ان شخص مٿان تلوار سڏي ڪئي تہ هن پڻ ڪان ڪلمو پڙهيو." ان تي رسول رحمت ﷺ جن فرمايو.

"ڇا تون سندس دل کي چيري ڏٺو؟"

(۵۱) سَرِيّہ سَعْد بن زَيْد اَشْهَلِيّ رضہ

هن سال مڪي جي فتح ڪانپوءِ جڏهن رمضان شريف اڃا پورو نہ ٿيو هو، ۽ ڇهہ روزا باقي هئا تہ امام المرسلين ﷺ جن حضرت سَعْد بن زَيْد اَشْهَلِيّ رضہ کي ويهن سوارن سان گڏ هڪ بت ڀڃڻ لاءِ "مُشَلَّل" ڏانهن روانو ڪيو. (۴) ان بت جو نالو "مَنَات" هو. جنهن کي "اَوْس" ۽ "خزرج" قبيلي جا ماڻهو پوڄيندا هئا. "مُشَلَّل" هڪ جبل جو نالو آهي، جيڪو مڪي کان مديني ڏانهن ويندڙ واٽ تي قُدَيْد جي ويجهڙائيءَ ۾ هو، هي بت ان جبل تي موجود هو.

---

(۱) شرح علي مواهب " زرقاني جلد ۲ ص ۲۸۵.

(۲) "ياقوت جي خيال مطابق هي هڪ ڪوهہ جو نالو آهي، جيڪو مڪي کان "يمامہ" ڏانهن ويندڙ واٽ تي هو. جڏهن تہ علامہ سمهودي جي قول مطابق هي مديني جو ويجهو هڪ ماڻريءَ جو نالو آهي. "مجدالدين فيروزآبادي" لکيو آهي تہ "اَضَم" هڪ جبل جو نالو آهي. (وفاء الوفا جلد ۳ ص ۱۱۲۷، معجم البلدان ـ ياقوت ج ۱ ص ۲۱۱)

(۳) صحيح بخاري جلد ۲ص ۶۱۲، شرح علي مواهب ـ زرقاني ج ۲ ص ۲۸۶، اسد الغابہ "ابن الاثير" جلد ۱ ص ۶۵.

(۴) مڪي شريف جي فتح ڪانپوءِ خدا جي سچي رسول ﷺ پهريان خدا جي گهر کي بتن کان پاڪ ڪيو. ان ڪانپوءِ مسلمانن جون ننڍيون ننڍيون جماعتون چوطرف بتن کي ڀڃڻ لاءِ روانيون ڪندا رهيا ۽ رمضان جي ئي مهيني ۾ اڪثر مشهور بتن کي ڀڃي پورا ڪيو ويو. شرح علي مواهب "زرقاني" جلد ۲ ص ۳۴۷.

Marfat.com

(٥٢) سَرِيَّہ خَالِد بن وَلِيْد رضہ

هن ئي سال مكي جي فتح كانپوءِ رمضان جي مهيني جي پوري ٽيڻ كان پنج راتيون اڳ نبي كريم صلى الله عليه وسلم جن حضرت خَالِد بن وَلِيْد رضہ كي ٽيهن سوارن سان گڏ "عُزّيٰ" نالي هڪ بت كي ڊاهڻ لاءِ "نَخْلہ" ڏانهن اُماڻيو. اها جاءِ مكي جي اوپر ۾ هڪ ڏينهن جي پنڌ تي هئي. حضرت خَالِد رضہ ءِ سندس ساٿي اتي پهتا، ءِ ان بت كي پڄي پورا كيائون.

(٥٣) سَرِيَّہ عَمْرو بن العَاص رضہ

هن سال رمضان جي ئي مهيني ۾ مكي جي فتح كانپوءِ نبي كريم صلى الله عليه وسلم جن حضرت عَمْرو بن العَاص رضہ كي "سُوَاع" نالي هڪ بت كي پڄڻ لاءِ "رُهاط" ڏانهن روانو كيو. هي بت "هُذَيْل" قبيلي وارن جو هو.

"رُهاط" (١) هڪ وڏي واهڻ جو نالو آهي، جتي هي بت ركيل هو. هيءُ ڳوٺ ساموندي كناري لڳ هو ءِ انجو فاصلو مكي كان ٽي ميل چيو وڃي ٿو. باقي ان ڳالهہ جي پڪ نہ آهي تہ هي سَرِيَّہ كهڙي تاريخ تي روانو كيو ويو ءِ ان ۾ كيترا ماڻهو شامل هئا جن بت كي پورو كيو.

(٥٤) سَرِيَّہ خَالِد بن وَلِيْد رضہ

هن سال مكي جي فتح كانپوءِ ءِ "حُنَين" ڏانهن اسهڻ كان اڳ حضرت خالد بن وليد رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ سادا ٽي سؤ (٣٥٠) مهاجرن ءِ انصار جو هڪ لشكر "جَذِيْمَہ" قبيلي وارن ڏانهن موكليو ويو. هي قبيلو "بَنُو كِنَانہ" وارن جو پاڙو آهي، جيكي مكي كان هڪ ڏينهن جي پنڌ تي "يَلَمْلَم" (٢) طرف رهندا هئا. هن مقابلي ۾ "بنو جَذِيْمَہ" وارن مان كافي ماڻهو قتل ٿيا، ءِ ڪيترن كي قيدي بڻايو ويو.

هن موقعي تي حضرت خالد بن وليد رضہ جن ماڻهن تي حملو كيو انهن تنهن مهل ئي اسلام قبول كرڻ جو اعلان كيو، پر هنن "اَسْلَمْنَا" (اسان اسلام قبول كيو) چوڻ بدران "صَبَاْنَا صَبَاْنَا" چيو، جنهن جو مطلب آهي تہ اسان پنهنجي (اصلوكي) دين تان ڦري وياسون.

حضرت خالد بن وليد رضہ كين قتل كري ڇڏيو. نبي سونهاري صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ جڏهن اهو احوال پهتو، تڏهن ٽي دفعا چيائون، **اَللّٰهُمَّ إِنِّيْ اَبْرَءُ اِلَيْكَ مِمَّا صَنَعَ خَالِدٌ** (اي منهنجا الله خالد جيكي كجهہ كيو مان ان كان پاڻ پري ركان ٿو.)

---

(١) "رَهَاط" بنو هذيل وارن جي ڳوٺ جو نالو آهي جيكو مكي كان مديني ڏانهن ويندڙ واٽ تي هو. معجم البلدان "ياقوت" جلد ٣ ص ١٠٧.

(٢) مكي كان اٽكل ٤٥ كلوميٽرن جي پنڌ تي يمن ڏانهن ويندڙ واٽ تي "يَلَمْلَم" نالي هيءَ ٽكري آهي. يمن يا ان طرف كان ايندڙ حاجين لاءِ اهو "ميقات" بہ آهي، جتي هو احرام ٻڌندا آهن. هن ٽكريءَ جي لڳ هڪ وڏو ڳوٺ آهي جنهن كي "سعديہ" سڏيو ويندو آهي.

جزيرة العرب ـ مولانا محمد رابع ندوي ص ٢٣٨. معجم البلدان ـ ياقوت ج ٥ ص ٤٤١. صحيح بخاري جلد ٢ ص ٦٢٢.

Marfat.com

ان کانپوءِ سرور کائنات ﷺ جن هڪ شهيد جي مال، جان ۽ هڪ شيءِ جو معاوضو پري ڏنائون. (۱)

(۵۵) سَرِيَّہ اَبُو عَامِر بن سُلَيْم رضہ

هن سال "غزوَہ حُنَين" کانپوءِ "غزوَہ طَائِف" کان اڳ نبي ڪريم ﷺ حضرت ابو عَامِر عُبَيْد بن سُلَيْم بن حَضَّار اَشْعَرِيّ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ "سَرِيَّہ" "اَوْطَاس" ڏانهن انهن ڪافرن جي ڪڍ اماڻيو، جيڪي "حُنَين" مان پاڻ بچائي ويڳا هئا. "اَوْطَاس" هڪ ننڍي ماڻري جو نالو آهي، جيڪا "بَنُو هَوَازِن" وارن جي علائقي ۾ هئي، (۲) "اَوْطَاس" ۾ مقابلو ٿيو. جنهن ۾ ڪافرن کي ذلت نصيب ٿي ۽ سندن اڳواڻ دريد بن صُمَہ به مارجي ويو. ان ڪانپوءِ ڪافرن مان "جُشمي" قبيلي جي هڪ شخص تير اڇلايو، جيڪو ابو عامر جي گوڏي ۾ لڳو. جنهن جي نتيجي ۾ ابو عَامِر رضہ شهيد ٿي ويو.

ان تير اڇلائڻ واري جو نالو "سلمہ" هو. جيڪو دريد بن صُمَہ جو پٽ هو. پاڻ ڪريم ﷺ جن تائين جڏهن اها خبر پهتي ته پاڻ صہ حضرت ابو عامر رضہ لاءِ بخشش جي دعا گهرياڻون.

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِعُبَيْدٍ اَبِيْ عَامِرٍ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ فَوْقَ كَثِيْرٍ مِّنْ خَلْقِكَ مِنَ النَّاسِ.

"اي الله ابو عامر عبيد رضہ کي بخش، اي الله ان کي پنهنجي گهڻن ماڻهن کان مٿاهون درجو ڏي."

هن ئي موقعي تي ابوعامر رضہ جي قاتل کي مشهور صحابي حضرت ابومُوْسيٰ اَشْعَرِي رضہ قتل ڪري ڇڏيو. جيڪو ابو عامر عبيد رضہ جو پائيٽو هو.

(۵۶) سَرِيَّہ طُفَيْل بن عَمْرو رضہ

هن ئي سال شوال جي ئي مهيني ۾ "غزوَہ حُنين" ۽ "طَائِف" جي وچين عرصي ۾ حضرت طُفَيْل بن عَمرو دئلي رضہ جي اڳواڻي ۾ هڪ سَرِيَّہ "ذُوالْكَفَّيْن" نالي هڪ بت کي ڍاهڻ لاءِ موڪليو ويو. هي بت ڪائيءَ جو ٿهيل هو، ۽ "دَوْس قبيلي" وارا ان کي پوڄيندا هئا.

مسلمانن اتي پهچي اول ان بت کي ڀڳو ۽ پوءِ ساڙي ڇڏيائون. ان ڪانپوءِ هو نبي ڪريم ﷺ جي طائف اسهڻ جي چوٽين ڏينهن واپس آيا.

(۵۷) سَرِيَّہ قَيْس بن اَسَد رضہ

هن سال ذوالقعد جي مهيني ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن "جعرانہ" (۳) کان واپس پهتا، ته پوءِ

---

(۱) هن واقعي کانپوءِ نبي اڪرم ﷺ جن حضرت علي رضہ کي ڪافي ڏوڪڙ ساڻ ڏيئي، بنو "جذيمہ" وارن ڏانهن موڪليو. حضرت علي رضہ اتي پهچڻ سان جنهن جو جيترو نقصان ٿيو هو انهن کي ان جو عيوضو پري ڏنو ۽ ان ڪانپوءِ جيڪا رقم وڌس بچي پيئي، اها به انهن ۾ ورهائي ڇڏيائون. ان ڪانپوءِ واپس اچي اها رپورٽ نبي اڪرم ﷺ آڏو پيش ڪيائون. جنهن تي پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا. (شرح علي مواهب ـ زرقاني جلد ۳ ص ۳)

(۲) "اوطاس" نالي وادي مڪي کان طائف ڏانهن ويندڙ واٽ تي هئي. ان جي آسپاس هوازن قبيلي وارا رهندا هئا. "حنين" نالي مشهور ڳوٺ به هن وادي ۾ ئي هو. (جزيرة العرب ـ محمد رابع ص ۲۷۶)

(۳) "جعرانہ" نالي هي ماڳ مڪي جي اتر ۾ طائف ڏانهن ويندڙ واٽ تي آهي. هتان مڪي جو فاصلو ۲۷ ڪلوميٽر ٿيندو. هن علائقي ۾ زمين اندر مٺي پاڻيءَ جا ذخيره موجود آهن. انڪري ڪيترن جاين تي ڪوهہ کوٽايا ويا هئا جيڪي

Marfat.com

حضرت قَيْس بن اَسَد بن عباده رضہ کي چار سؤ سوارن جي هڪ جماعت سان "صُدَاء" وارن ڏانهن موڪليائون. هي عربن جي هڪ قبيلي جو نالو آهي، جيڪي يمن جي پاسي رهندا هئا. "صداء" قبيلي وارا ان دعوت تي مديني آيا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي آڏو اسلام قبول ڪيائون.

(۵۸ ـ ۵۹) سَرِيَّہ خَالِد بن وَلِيْد رضہ

هن سال ذوالقعد جي مهيني ۾ نبي ڪريم ﷺ "غَزْوَہ طَائِف" کان واندا ٿي "جِعْرانہ" ۾ غنيمت جو مال ورهائي واپس پهتا، تہ حضرت خالد بن وليد رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ جماعت "هَمْدَان" قبيلي وارن ڏانهن "يمن" رواني ڪيائون.

حضرت خالد بن وليد رضہ ڇهہ مهينا اتي ترسيو، ۽ "هَمْدَان" قبيلي وارن کي اسلام جي دعوت ڏنائين، پر هنن تي ڪو اثر نہ ٿيو. ان ڪانپوءِ خالد رضہ سندن ڪجهہ ماڻهن کي قيد ڪيو.

نبي ڪريم ﷺ جن کي جڏهن اها خبر پئي تڏهن حضرت خالد رضہ کي واپس گهرائي ۽ سندن جاءِ تي حضرت علي بن ابوطالب رضہ کي ڪجهہ صحابين سان گڏ روانو ڪيائون. حضرت علي رضہ جن جڏهن اتي پهتا تہ "هَمْدَان" قبيلي وارن آڻ مڃي ۽ سندن هٿ تي اسلام قبول ڪيائون. هن سَرِيَّہ دوران هڪ صحابي بُرَيْدَہ بن حُصَيْب رضہ اَسْلَمِيءَ جي دل ۾ حضرت علي رضہ خلاف ڪجهہ بغض پيدا ٿيو. جنهن جو سبب اهو هو جو حضرت علي رضہ پنهنجي حصي ۾ جيڪا بانهي چونڊي اها پين سيني کان وڌيڪ حسين هئي. ان ڪالهہ بُرَيْدَہ جي دل ۾ گمان پيدا ڪيو تہ حضرت علي رضہ غنيمت ۾ خيانت ڪئي آهي. ان ڪانپوءِ هو جڏهن مديني واپس پهتا تہ اهو ذڪر نبي اڪرم ﷺ جن سان ڪيو ويو. ان تي پاڻ ﷺ فرمايائون: "اي بريده! علي لاءِ ڪجهہ نہ چؤ، هو مون منجهان آهي، ۽ مان هن مان، جيڪڏهن توکي ان سان محبت آهي تہ ان محبت کي وڌاءِ."

بُرَيْدَہ رضہ جو چوڻ آهي تہ "ان ڪانپوءِ مون کي علي رضہ کان وڌيڪ پيارو ٻيو ڪوبہ ڪونہ لڳندو هو."

شامي پنهنجي سيرت ۾ "ابن اسحاق" جي هيءَ روايت نقل ڪئي آهي. "يمن ۾ حضرت علي رضہ کي بہ پانهيون مليون". جن مان هڪ جو ذڪر هينئر ڪيو ويو. جڏهن تہ پيءَ جو ذڪر وري ڏهين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

گهٽا اونها بہ نہ هئا ۽ انهن منجهان ماڻهو آسانيءَ سان پاڻي ڪڍي سگهندا هئا. ان سهولت ڪري اڪثر قافلا هتي منزل ڪندا هئا. حضور انور ﷺ جن بہ طائف کان موٽ تي جعرانہ ۾ منزل ڪئي. بعد ۾ ان جاءِ تي هڪ مسجد جوڙائي ويئي. نبي اڪرم ﷺ انڪل ڏهاڪو ڏينهن هتي ترسيا. ان دوران "حنين" مان هٿ آيل غنيمت جو مال مجاهدن ۾ ورهايائون. پوءِ ان ڪم کان واندا ٿي هتان ئي "احرام" ٻڌي "عُمري" لاءِ روانا ٿيا. عمري ادا ڪرڻ کانپوءِ عُتَاب بن اسيد کي مڪي جو گورنر مقرر ڪيائون، ۽ ساٿس گڏ حضرت معاذ بن جبل کي مذهبي معاملن جو شعبو سپرد ڪيائون ۽ پوءِ پاڻ ﷺ جن مديني روانا ٿيا. ۽ ذوالقعد مهيني جي ڇوويهين تاريخ پنهنجي ماڳ تي موٽي آيا.

"دلائل النبوة" بيهقي ج ۵ ص ۲۰۲ـ ۲۰۱، معجم البلدان "ياقوت حموي" جلد ۲ ص ۱۴۲، "البدايہ والنهايہ" ابن ڪثير ج ۴ ص ۶۵ـ ۳۶۴، "الرحيق المختوم" مولانا صفي الرحمٰن مبارڪپوري ص ۶۶۹، جزيرة العرب" محمد رابع ندوي" ص ۲۷۴.

Marfat.com

فصل اٺون

هن فصل ۾ سن نائين هجري دوران موڪليل "سرايا" جو ذڪر موجود آهي.

(٦٠) سَرِيَّہ عُيَيْنَہ بن حِصْن رضہ

هن سال محرم جي مهيني ۾ عُيَيْنہ بن حِصْن فَزَارِيءَ رضہ جي اڳواٽيءَ ۾ هڪ سَرِيَّہ "بنو تَمِيمْ" وارن ڏانهن اماٽيو ويو، جيڪي مڪي ۽ مديني جي وچ تي "سُقْيَا" نالي ڳوٺ ۾ رهندا هنا.
"سُقْيَا" هڪ وڏو واهڻ هو، جيڪو فُرع جي پسگردائيءَ ۾ "جُحْفَہ" ڏانهن ويندڙ واٽ تي سترهن ميلن جي پنڌ تي هو. (١)

حضرت عُيَيْنَہ رضہ سان گڏ نبي اڪرم ﷺ طرفان پنجاه عرب سوارن جو هڪ جٿو موڪليو ويو، جنهن ۾ مهاجرن توڙي انصار مان ڪوبہ شامل نہ هو.

هن مقابلي ۾ ڪافرن جا يارهن مرد، ايڪيهہ زالون ۽ ٽيهہ ٻار گرفتار ڪيا ويا. (٢)

(٦١) سَرِيَّہ عَبْدُالله بن عَوْسَجَہ رضہ

• هن سال صفر جي چند ڏسڻ سان ئي حضرت عَبْدُالله بن عَوْسَجَہ رضہ جي اڳواٽيءَ ۾ هڪ جماعت کي دين جي دعوت پهچائڻ لاءِ "بَنُو حَارِث بن عَمْرو" وارن ڏانهن اماٽيو ويو، پر هنن اها دعوت رد ڪري ڇڏي. نبي انور ﷺ سندن حق ۾ پاراتو ڏنو، جنهن جي نتيجي ۾ هو پنهنجا هوش، حواس وڃائي ويٺا ۽ سندن جسم ڏڪڻ لڳا. روايت مطابق اڄ سوڏو ان علائقي ۾ آباد ماڻهو جيڪي ڳالهائين ٿا تہ ان جو مطلب ڪو مشڪل سان سمجهي سگهندو آهي. (٣)

(٦٢) سَرِيَّہ قُطْبَہ بن عَامِر اَنْصَارِي رضہ

هن سال صفر جي ئي مهيني ۾ حضرت قُطْبَہ بن عَامِر اَنْصَارِي خزرجي بَدْري رضہ جي اڳواٽيءَ ۾ ويهن ماڻهن جي هڪ جماعت کي "بنو خَثْعَم" وارن ڏانهن "يمن" اماٽيو ويو. هو "بِيْشَہ" نالي ڳوٺ ۾ رهندا هنا، جيڪو "تَبَالَہ" شهر جي ويجهڙائي ۾ هو، جنهن جي ٻاهران هڪ مضبوط ڪوٽ بہ نڪتل هو.
هن مقابلي ۾ مسلمان سويارا ٽيا ۽ غنيمت ۾ ڪين اُٺ، ٻکريون ۽ ڪجهہ عورتون بہ هٿ آيون.

---

(١) هي سرسبز ۽ آباد علائقو آهي، جتي ڪيترائي باغ بہ آهن. اڄ ڪلهہ هن ماڳ کي "ام البرک" سڏيو وڃي ٿو. وفاء الوفا علامہ سمهودي ج ٣ ص ١٢٣٤، جزيرة العرب ص ٢٧٠.

(٢) عُيَيْنَہ بن حصن سان گڏ جيڪي پنجاه ماڻهو هئا، اهي سمورا خالص اعرابي هئا. هو جڏهن مديني پهتا تہ سندن پويان "بنو تميم" طرفان ڏهن ماڻهن جو وفد بہ اچي پهتو. هنن نبي اڪرم ﷺ آڏو اسلام قبول ڪيو. ان ڪانپوءِ سندن قيدي بہ آزاد ڪيا ويا ۽ ڪين انعام اڪرام ڏيئي موڪليو ويو.
شرح مواهب ـ زرقاني ج ٣ ص ٤٣، طبقات ـ ابن سعد جلد ١ ص ٤٩٩.

(٣) شرح علي مواهب ـ زرقاني ج ٣ ص ٤٨.

Marfat.com

خُمسُ کڍڻ کان پوءِ غنيمت جو مال ورهايو ويو، هرهڪ کي حصي ۾ چار اُٺ يا اوتريون ڪريون ملیون. هڪ اُٺ ڏهن ڪرين جي برابر ليکيو ويو. (۱)

(٦٣) سَرِيّہ ضَحّاک بن سُفيان رضہ

• هن ئي سال صفر يا ربيع الاول جي مهيني ۾ يا هڪ ٻئي قول مطابق اٺين هجريءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ضَحّاک بن سُفيان کِلَابِيّ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ "سَرِيّہ" کي "قُرَطَآء" قبيلي وارن ڏانهن اماڻيو ويو. "قُرَطَآء" بَنُو عُبَيْد بن کِلَاب جو پاڙو آهي، جنهن جو تعلق بنُو بَکُر سان آهي. (۲)

مسلمانن اتي پهچي قُرَطَآء وارن کي دين جي دعوت ڏني، جيڪا هنن رد ڪري ڇڏي. ان ڪانپو مقابلو ٿيو، جنهن ۾ مسلمان سويارا ٿيا ۽ غنيمت سان گڏ مديني موٽيا.

(٦٤) سَرِيّہ عَلْقَمَہ بن مُجَزِّز مُدْلَجِيّ رضہ

• هن سال ربيع الآخر جي مهيني ۾ حضرت عَلْقَمَہ بن مُجَزِّز جي اڳواڻيءَ ۾ ٽي سؤ ماڻهن کي مڪي جي طرف اماڻيو ويو، ڇو جو جُدّہ جي ساموندي ڪناري وٽ حبش کان ڪجهہ ماڻهو اچي لٿا هئا. مسلمان جڏهن اتي پهتا تہ اهي حبشي بنا ڪنهن مقابلي جي اتان پڇي ويا. (۳)

(٦٥) سَرِيّہ اميرالمؤمنين عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ

هن سال ربيع الآخر جي مهيني ۾ اميرالمؤمنين سيدنا عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ کي ڏيڍ سؤ يا هڪ بي روايت مطابق ٻہ سؤ ماڻهن جو سرواڻ بڻائي "فُلس" نالي هڪ بُت کي پڄڻ لاءِ اماڻيو ويو. هي بہ "بَنُوطَئ" وارن جو هو. حضرت عَلي رضہ ۽ سندس ساٿين اتي پهچي بُت کي پڄي پورا ڪري ڇڏيو اتان غنيمت ۾ ڪين اٺ، ڪريون ۽ ٻيو قيمتي سامان بہ هٿ آيو. ڪافي ماڻهو بہ گرفتار ڪيا ويا. ا مال ۾ بہ قيمتي تلوارون بہ ڪين هٿ آيون، جن جا نالا "مِخْذَم" ۽ "رَسُوْب" ٻڌايا ويا آهن. سيدن علي رضہ اهي ٻئي تلوارون چوندي پاڻ سڳورن ﷺ جن واسطي رکيون ۽ پوءِ اهي ٻئي تلوارون جنگ جي موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن وٽ موجود هوندیون هيون.

هتان جيڪي ماڻهو قيد ڪيا ويا، انهن ۾ مشهور سخي مرد حَاتِم بن عَبْدُالله طَائي جَي نياڻ "سَفَّانَہ" بہ شامل هئي، جڏهن تہ سندس پاءُ عدي بن حاتم جان بچائي "شام" ڏانهن پڄي ويو هو "سَفَّانَہ" اسلام قبول ڪيو ۽ نبي ڪريم ﷺ سندس چوڻ تي نَو سؤ جنگي قيدين کي بنا ڪنهن معاوضي جي معافي ڏيئي ڇڏي. "سَفَّانہ" جڏهن پنهنجي ڪٽنب وارن وٽ واپس پهتي تڏهن پنهنجي پاءُ عَدِيّ ڏانهن اهڙو اطلاع موڪليائين. (۴)

---

(۱) مغازي "واقدي" جلد ۲ ص ۷۵۵.

(۲) شرح علي مواهب زرقاني ج ۳ ص ۵۷.

(۳) شرح علي مواهب "زرقاني" جلد ۳ ص ۵۸، مغازي واقدي جلد ۳ ص ۹۸۳.

(۴) شرح علي مواهب "زرقاني" جلد ۳ ص ۵۳، المغازي واقدي جلد ۳ ص ۸۹- ۹۸۴.

Marfat.com

عَدِيّ بن حَاتِم ڏهين هجريءَ ڏاري پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو ۽ اسلام قبول ڪيائين، جنهن جو وڌيڪ احوال هن ڪتاب جي ٽئين باب ۾ سن ڏهين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

(٦٦) سَرِيّہ عُكّاشَہ بن مِحْصَن رضہ

هن سال ربيع الآخر جي مهيني ۾ عُكّاشَہ بن مِحْصَن رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ "سَرِيّہ" "جِبَاب" طرف اماڻيو ويو [١] بَنُو عُذْرَہ ۽ بَنُو بِلِيّ وارا هن سرزمين جا مالڪ هئا، اهي ٻئي قُضَاعَہ قبيلي جا پاڙا آهن.

(٦٧) سَرِيّہ خَالِد بن وَلِيْد رضہ

هن ئي سال رجب جي مهيني ۾ جڏهن نبي اڪرم ﷺ اڃان تَبُوْك ۾ ترسيل هئا، تڏهن اتان حضرت خَالِد بن وَلِيْد جي اڳواڻيءَ ۾ اٽڪل سوا چار سؤ سوارن جي هڪ جماعت کي اُكَيْدَر بن عبدالملڪ نصرانيءَ ڏانهن اماڻيائون. اُكَيْدَر پنهنجي وقت جو ناميارو حاڪم هو، ۽ هِرَقْل طرفان "دُوْمَۃُ الْجَنْدَل" جي حڪومت سندس حوالي ڪئي ويئي هئي. اُكَيْدَر پنهنجي طرفان ٻه هزار اُٺ، اٺ سؤ گهوڙا، چار سؤ زرهون ۽ چار سؤ نيزا مسلمانن جي خدمت ۾ پيش ڪري ساڻن صلح نامو ڪيو. ان ڪانپوءِ هو پنهنجي ٻاڻ "مُصَاد" [٢] سان گڏ نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ سڳورن ﷺ طرفان کين جان ۽ مال جي حفاظت جو پروانو ڏنو ويو. "اُكَيْدَر" جي اسلام قبول ڪرڻ ۾ اختلاف آهي. صحيح ڳالهہ اها آهي تہ هو ڪفر جي حالت ۾ قتل ٿيو ۽ ان روايت تي اڪثريت جو اتفاق آهي. والله اعلم. [٣]

(٦٨) سَرِيّہ اَبُوسُفْيان بن حَرْب

هن سال جي پڇاڻيءَ تي اَبُوسُفْيَان بن حَرْب ۽ مُغِيْرَہ بن شُعْبَہ رضي الله عنهما کي "لَات" نالي مشهور بُت کي پڄڻ واسطي طائف طرف اماڻيو ويو. هو پنهنجي ساٿين سميت اتي پهتا ۽ ان بُت کي پڄي پرزا پرزا ڪري واپس آيا. [٤] هتان غنيمت ۾ ڪين سون، چاندي، زيور، ڪپڙا، خوشبوءِ ۽ ٻيو ٻہ

---

(١) هن سريہ ۾ چاليهہ ماڻهو شامل هئا (المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٥٥٠)

(٢) "اُكيدر" جي ٻاڻ جو نالو عام سيرت نگارن "مَصاد" ٿي لکيو آهي. جڏهن تہ واقدي ۽ زرقانيءَ طرفان انکي "مَضاد" لکيو ويو آهي. "المغازي" واقدي جلد ٣ ص ١٠٢٧، شرح علي مواهب ـ زرقاني جلد ٣ ص ٩٢.

(٣) عام روايتن مان پروڙ پوي ٿي تہ "اُكيدر" نبي اڪرم ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿي مسلمان نہ ٿيو هو پر هن "جزيہ" ڏيڻ قبول ڪيو هو. ابو نعيم ۽ ابن منده جو خيال آهي تہ "اُكيدر" کي مسلمان چوڻ وڏي ٻُل آهي. ٻئي طرف "بلاذري" جي روايت آهي تہ "اُكيدر" پهريان اسلام قبول ڪيو هو، پر نبي انور ﷺ جي وصال بعد هو وري مرتد ٿي ويو ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت واري زماني ۾ هو ڪفر جي حالت ۾ قتل ٿيو. ان بيان مان ٻہ معلوم ٿئي ٿو تہ سندس موت ڪفر جي حالت ۾ ئي ٿيو آهي. اسدالغابہ "ابن اثير" جلد ١ ص١١٤-١١٣، فتوح البلدان "بلاذري" ص ٧٣.

(٤) روض الانف ـ "سُهيلي" جلد ٤ ص ١٩٩

Marfat.com

کافي سامان هٿ آيو، جيکو هن آڻي نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ اوڏيءَ مهل ئي اهو سڀ، مال آڻڻ وارن ۾ ورهائي ڇڏيو.

(٦٩) بَعْثِ اَبُوْ مُوْسيٰ ءِ مُعَاذ بن جَبَل رضہ

• هن ئي سال يا هڪ ٻي روايت مطابق ڏهين هجريءَ جي ربيع الآخر مهيني ۾ بن صحابين ابو مُوْسيٰ اَشْعَرِيّ رضہ ءِ مُعَاذ بن جَبَل رضي الله عنهما کي يمن جو والي مقرر ڪيو ويو. يمن جو علائقو جيئن ته بن حصن ۾ ورهايل هو، هڪ مٿانهون حصو ءِ ٻيو هيٺانهون. ان ڪري نبي اڪرم ﷺ جن مٿانهون حصو حضرت مُعَاذ رضہ کي سونپيو ءِ هيٺاهين حصي جو انتظام حضرت اَبُوْ مُوْسيٰ اَشْعَرِيءَ رضہ جي حوالي ڪيو ويو. وڃڻ وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن کين فرمايو:

يَسِّرَا وَلَا تُعَسِّرَا وَبَشِّرَا وَلَا تُنَفِّرَا. (١)

(سولائي ڪجو، ڏکيائي نہ ڪجو، خوشخبري ٻڌائجو. نفرت نہ ڏيارجو.)

هڪ ڏينهن يمن ۾ فجر جي نماز پڙهائيندي، حضرت مُعَاذ "سورة نساء" جي تلاوت ڪري رهيو هو، ٻوءِ جڏهن هو هن آيت تي پهتو:

وَاتَّخَذَ اللّٰهُ اِبْرَاهِيْمَ خَلِيْلًا. (٢)

(ءِ ٻڌايو الله ابراهيم کي دوست).

ان تي پٺيان ٻيٺل جماعت مان هڪ شخص چوڻ لڳو:

"ابراهيم جي امڙ جون اکيون ٺري پيون"

---

(١) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٦٢٢، شرح علي مواهب ـ زرقاني ج ٣ ص ٩٩.

(٢) سورة النساء ٤ آيت ١٢٥.

Marfat.com

فصل نائون

هن فصل ۾ سن ڏهين هجريءَ جي سرايا جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

(۷۰) سَرِيَّہ خَالِد بن وَلِيْد رضہ

هن سال ربيع الاول يا ربيع الآخر، يا وري هڪ ٻي روايت موجب جمادي الاول جي مهيني ۾ حضرت خَالِد بن وَلِيْد رضہ جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ "سَرِيَّہ" دين جي دعوت پهچائڻ لاءِ قبيلي حارث بن ڪعب جي هڪ شاخ بنو عَبد المدان وارن ڏانهن "نَجْرَان" (۱) اماڻيو ويو. هي شهر "يمن" ۾ آهي.

پاڻ ڪريم ﷺ طرفان حضرت خالد رضہ کي فرمايو ويو تہ هو اتي پهچي قبيلي وارن کي اسلام جي دعوت ڏين. پوءِ جي هو ان دعوت کي قبول ڪن تہ کين امان ڏني وڃي نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ انهن

---

(۱) "نجران" ماضي، جو هڪ اهڙو مشهور شهر آهي، جنهن جو ذڪر يهودي يوناني، عيسائي، آرامي توڙي اسلامي تاريخن ۾ موجود آهي. پر پوءِ بہ اتان جيڪا معلومات ملي ٿي اها ايتري گهٽي نہ آهي جو هن شهر جي ڪا حقيقي تاريخ مرتب ڪري سگهجي. عام ماڻهن طرفان ڪيتريون ڳالهيون تہ اهڙيون ٻڌايون ويون آهن، جن جي حيثيت افسانوي آهي. باقي آثار قديمہ جي ماهرن ۽ مشهور سيّاحن جيڪا تحقيق ڪئي آهي، ان منجهان اها پروڙ پوي ٿي تہ اسلام جي ابتدائي دور ۾ هي شهر پنهنجي پوري اوج تي هو ۽ سندس ساک ۽ شهرت پري پري تائين پهتل هئي. ڇيو وڃي ٿو تہ هي شهر يمن جي اتر ۾ "صنعاء" کان اٽڪل ڇهن ستن ڏينهن جي پنڌ تي آباد هو ۽ هتان جا ماڻهو ڏاڍي خوشحال ۽ پُر امن زندگي گذارينداهئا.

زراعت، صنعت، تجارت توڙي معدني وسائل جي لحاظ کان شايد ڪو اهڙو شهر هوندو جيڪو "نجران" جو مقابلو ڪري سگهي. خاص طور ڪپڙي، چمڙي ۽ هٿيارن ٺاهڻ جون صنعتون تہ ملڪان ملڪ مشهور هيون.

يمني چادرون ۽ چوغا جن جي شهرت سموري عرب دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکڙ ۾ ايندي هئي، اهي بہ هتي ئي تيار ٿيندا هئا.

بيهڪ جي لحاظ کان بہ "نجران" ان بين الاقوامي شاهراه تي آباد هو، جتان سڄي دنيا ڏانهن قافلن جي اچ وڃ هر وقت جاري هوندي هئي. هڪ طرف حضر موت کان حجاز تائين تہ ٻئي طرف وري ."يمن" کان "يمامہ" ۽ اتان وري عراق ۽ بحرين تائين ويندڙ قافلا "نجران" مان ئي لنگهندا هئا. شهر جي چوڌاري ڪاري پٿر جو هڪ مضبوط ڪوٽ نڪتل هو.

يورپ جو مشهور سيلاني Joseph Halvey جنهن ۱۸۱۰ ڌاري هن شهر بابت کوجنا ڪئي، ان جي راءِ آهي تہ "نجران جو شهر" "مدينة الاخدود" جي ويجهڙائيءَ ۾ ئي آباد هو. جتي ڪاري پٿر واري ڪوٽ جي پت ۽ اسلامي دور جي هڪ قٽل مسجد جا آثار اڃان سوڌو موجود آهن. باقي هن وقت ان نالي سان کوبہ شهر سموري عرب دنيا ۾ ڪٿي بہ موجود نہ آهي.

دائـــرة المـــعارف اسلامي جلد ۲۲ ص ۱۲۷- ۱۳۳، "معجم البلدان" ياقوت حموي جلد ۵ ص ۲۷۱- ۲۶۶.
"فتوح البلدان" بلاذري ص ۶۸- ۶۴.

Marfat.com

سان جنگ جوڻي وڃي. حضرت خالد رضہ طرفان جڏهن انهن کي دين جي دعوت ڏني ويئي تہ هنن اها قبول ڪئي ۽ خالد رضہ طرفان موڻ ۾ کين امانَ بخشي ويئي. (۱)

(۷۱) سَرِيّہ مِقْداد بن اَسْوَد رضہ

هن سال حضرت مِقْداد بن اَسْوَد رضہ کي ڪجهہ عربن ڏانهن موڪليو ويو. مِقْداد رضہ جڏهن کين ويجهو ٿيو تہ منجهانئن هر هڪ پنهنجي مُنهن وٽي ڀڳو ۽ باقي سندن هڪڙو ماڻهو پٺتي رهجي ويو جنهن وٽ ڪافي مال موجود هو، پوءِ ان ماڻهوءَ مسلمانن کي سلام ڪيو ۽ "لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰہ" بہ پڙهيائين. ان تي حضرت مِقْداد سوچيو تہ هيءَ ماڻهو پاڻ کي مجبوريءَ سبب مسلمان ظاهر ڪري رهيو آهي، جيڪو صحيح نہ آهي، انڪري هن ڪيس قتل ڪري ڇڏيو.

موڻ تي جڏهن اهو احوال پاڻ ﷺ جن تائين پهتو، تڏهن حضرت مقداد کي پاڻ وٽ گهرائي سختي سان پڇيائون: "اي مِقْداد! تو لَا اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰہُ چوڻ واري هڪ ماڻهو کي قتل ڪيو، ان کان ڪيئن جان ڇڏائيندين"؟

ڇيو وڃي ٿو تہ ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْٓا اِذَا ضَرَبْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَتَبَيَّنُوْا (۲)

(اي ايمان وارؤ، جڏهن اوهان رب جي رستي ۾ نڪرو تہ پوءِ پوري ڄاڻ رکو.)

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اها آيت مُحَلَّم بن جَثَّامَہ جي باري ۾ نازل ٿي هئي (۳) جنهن جو ذڪر اڳتي هن ڪتاب جي ٽئين ڀاڳي جي اٺين باب ۾ اچي رهيو آهي.

(۷۲) سَرِيّہ حضرت عَلِي بن اَبُو طَالِب رضہ

هن سال رمضان شريف جي مهيني ۾ حضرت عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ کي ٽي سؤ سوارن سان گڏ هڪ دفعو ٻيهر يمن ڏانهن اماڻيو ويو. (۴) مسلمانن اتي پهچي ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏني، جنهن تي هو مقابلي لاءِ تيار ٿيا. هن موقعي تي دشمن جا ويهہ ماڻهو مارجي ويا. باقي ٻيا جان بچائي وٽي ڀڳا ۽ پنهنجي پنڌيان ڪافي مال ڇڏي ويا. هاڻي حضرت علي سائينءَ کين ٻيهر دين جي دعوت ڏني جيڪا هنن قبول ڪئي، ان ڪانپوءِ کين امان ڏني ويئي.

حضرت علي رضہ جن ڪجهہ وقت اتي ترسي ٻيا ۽ اتان جي رهواسين کي قرآن پڙهائيندا ۽ دين جا حڪم سيکاريندا رهيا، تانجو "حَجَّةُ الْوَدَاعَ" جي موقعي تي اچي منيٰ مرسل ﷺ جن سان گڏيا. (۵)

---

(۱) البدايہ والنهايہ ـ ابن ڪثير جلد ۵ ص ۸۸، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۰۴ـ ۲۰۲، دلائل النبوه "بيهقي" جلد ۵ ص ۴۱۲ـ ـ۴۱۱، شرح علىٰ مواهب "زرقاني" جلد ۳ ص ۱۰۲.

(۲) پاره ۵ سورة النسا ۴ آيت ۹۴.

(۳) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۳۵، البدايہ والنهايہ ـ ابن ڪثير ج ۴ ص ۲۶ـ ۲۲۴.

(۴) "مغازي" "واقدي" جلد ۳ ص ۱۰۷۹، طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۵۰۷.

(۵) شرح علىٰ مواهب للدنيہ ـ زرقاني جلد ۳ ص ۱۰۳

Marfat.com

(٧٣) سَرِيَّہ بَنُو عَبس

هن سال رسول خدا ﷺ جن قريش جي قافلي پٹيان هڪ "سريہ" روانو ڪيو، جنهن ۾ "بنو عبس" وارن جا نَوَ ماڻهو شامل هئا. (١)

(٧٤) سَرِيَّہ رِعْيَہ سُحَيمِي

هن سال رسول ڪريم ﷺ جن هڪ "سَرِيَّہ" ڪي رعيه سُحَيْمِي ڏانهن اماڻيو، ڇو جو ان وقت تائين هن اسلام قبول نہ ڪيو هو. مسلمانن اتي پهچي سندس سموري مال ملڪيت تي قبضو ڪيو ۽ پارن پچن کي بہ قيد ڪيائون، پوءِ اهو سڀ ڪجهہ پاڻ سان گڏ آڻي اچي مديني پهتا. ان ڪانپوءِ رِعيَہ بہ سندن پٹيان اچي مديني پهتو، پر ان کان اڳ سندس سمورو مال مجاهدن ۾ ورهائجي چڪو هو.

رِعيَہ پاڻ ڪريم ﷺ جن آڏو اسلام قبول ڪيو ۽ سندن هٿ مبارڪ تي بيعت ڪئي. ان ڪانپوءِ سندس سمورو مال متاع ۽ پار پچا ڪيس موٽي مليا. (٢)

رِعيَہ جو اچار "طبري" رُعَية سُحَيمي لکيو آهي.

(٧٥) سَرِيَّہ اَبُو اُمَامَہ بَاهِلِيؓ

هن سال حضرت اَبُو اُمَامَہ بَاهِلِي رضہ کي هڪ جماعت سان گڏ دين جي دعوت پهچائڻ لاءِ سندس ٹي قوم بنو باهلہ وارن ڏانهن موڪليو ويو، جن اها دعوت قبول ڪئي ۽ مسلمان ٹيا. ابو اُمَامَہ جو نالو صُدَيّ بن عَجْلَان ٻڌايو ويو آهي. (٣)

---

(١) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٧٩ ،

(٢) "اسد الغابہ" ابن اثير جلد ٢ ص ٧٧-١٧٦

(٣) اسد الغابہ - ابن اثير جلد ٣ ص ١٧

Marfat.com

فصل ڏهون

هن فصل ۾ سن يارهين هجريءَ دوران موڪليل سرايا جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

هن فصل ۾ نبي سڳوري ﷺ جن هٿان موڪليل سرايا جي ذڪر سان گڏ ٿورو ذڪر حضرت ابوبڪر صديق رضہ هٿان موڪليل "سَرِيّہ" جو بہ ڪيو ويو آهي.

(٧٦) سَرِيّہ جَرِيْر بن عَبْدُالله رضہ

• هن سال جرير بن عَبْدُالله بَجَلِيّءَ رضہ کي يمن ڏانهن "ذُوالخَلَصَہ" نالي هڪ مڙهيءَ کي ڊاهڻ لاءِ موڪليو ويو، جتي بنو خثعم ۽ بنو بَجليہ وارن جو بت رکيل هو. حضرت جَرِيْر جو تعلق بہ ان قبيلي سان هو. ڪافرن هيءَ مڙهي ڪعبت الله جي ضد ۾ جوڙي هئي تہ جيئن ماڻهن جو ڌيان خدا جي گهر ڪان ڦيرائي "ذُوالخلصہ" ڏانهن ڪجي. هو ان مڙهيءَ کي "ڪعبہ يمانيہ" نالي پڻيان سڏيندا هئا، ۽ اصلي مڪي واري ڪعبي کي "كَعْبَہ شَامِيَّہ" چوندا هئا. (١)

زرقاني "شرح علي الـمواهب اللدنيہ" ۾ ڄاڻايو آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن حجة الوداع ڪان مديني موٽي اچڻ کانپوءِ حضرت جَرِيْر رضہ کي هن ڪم لاءِ اماڻيو هو، ان ڪري هي واقعو پاڻ سڳورن ﷺ جن جي وِصال کان اٽڪل بہ مهينا اڳ جو آهي، ان مان اها پروڙ پوي ٿي تہ حضرت جَرِيْر رضہ جي روانگي يارهين هجريءَ جي محرم مهيني ۾ ٿي هوندي. (٢)

هن سريہ لاءِ نبي سونهاري ﷺ جن حضرت جَرِيْر رضہ سان گڏ "اَحْمَس" قبيلي وارن مان هڪ سؤ پنجاه سوار بہ موڪليا هئا، جن ۾ اَبُوْاَرْطَاه رضہ بہ شامل هو. هنن ان مڙهيءَ کي ڊاهي پوءِ باهہ ڏني ۽ اتي جيڪي پوڄاري موجود هئا، تن کي قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ "اَبُوْاَرْطَاه" کي اها خوشخبري پڌائڻ لاءِ نبي سڳوري ﷺ جن جي خدمت ۾ اڳواڻ مـديـني اماڻيو، جنهن اچي پڌايو: "اي الله جا رسول ﷺ! اسان دشمن کي گري اٿ وانگر ڪري ڇڏيوسون."

خدا جي سچي رسول ﷺ جن اها ڳالهہ پڌي ايترو تہ خوش ٿيا جو "اَحْمَس" قبيلي وارن لاءِ پنج دفعا برڪت جي دعا گهرياٿون. (٣)

هن سوپ کان پوءِ حضرت جَرِيْر رضہ پنهنجي ساٿين سان گڏ مديني ڏانهن موٽي رهيو هو تہ ڪيس رستي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وِصال جي خبر پيئي (٤).

---

(١) صحيح بخاري شريف جلد ٢ ص ٦٢٤، سيرة نبويہ ـ ابن ڪثير جلد ۴ ص ١٥٢.

(٢) شرح علي مواهب ـ زرقاني ج ٣ ص ١٠٧.

(٣) صحيح بخاري جلد ٢ ص ٦٢٤.

(۴) شرح علي مواهب ـ "زرقاني" ج ٣ ص ١٠٧.

Marfat.com

(٧٧) سَرِيَّہ عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ ۽ خَالِد بن سَعِيدْ رضہ

هن سال حضرت عَلي بن اَبُوطَالِب ۽ حضرت خَالِد بن سَعِيد بن عَاص رضي الله تعاليٰ عنهما کي هڪ "سَرِيَّہ" سان گڏ "يمن" ڏانهن اماڻيو ويو. کين ٻڌايو ويو تہ جيڪڏهن هو لشڪر سان گڏ رهيا تہ سندن اڳواڻ حضرت علي رضہ هوندو، پر جيڪڏهن کين الڳ ٽيٽو پيو تہ پنهي صحابين مان هرهڪ پنهنجي جاءِ تي اڳواڻ هوندو.

ان کان پوءِ هو يمن پهتا ۽ دشمن جا ڪجهہ ماڻهو قيد ڪري موڪي آيا. (١)

(٧٨) سَرِيَّہ خَالِد رضہ بن وَلِيدْ

• هن سال خَالِد رضہ بن وَلِيدْ کي هڪ سَرِيَّہ سان "بَنُو خَثْعَمَ" وارن ڏانهن "يمن" موڪليو ويو. خَالِد رضہ جڏهن اتي پهتو تہ "بَنُو خَثْعَمَ" وارا ڪانئس پناهہ ونڻ لاءِ سندس آڏو سجدي ۾ ڪري پيا پر حضرت خالد کين قتل ڪري ڇڏيو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن تائين جڏهن اها خبر پهتي، تڏهن انهن جي اڏ ديت پري ڏنائون.

(٧٩) سَرِيَّہ اُسَامَہ بن زَيدْ رضہ

• هن سال صفر مهيني جي پڇاڙيءَ ڌاري حضرت اُسَامَہ بن زَيدْ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ سَرِيَّہ "اُبْنيٰ" طرف اماڻيو ويو. هي ماڳ "بَلْقَاء" جي پسگردائيءَ ۾ "شَرَاة" جي سرزمين تي شامي سرحدن اندر هو (٢) نبي سڳوري ﷺ جن هٿان موڪليل هي آخري "سَرِيَّہ" آهي. (٣)

صفر مهيني جي ٢٦ تاريخ چنڊ جي ڏينهن پنهي جهانن جي سردار ﷺ جن انهن رومين خلاف جهاد جو حڪم ڏنو، جن جي هٿ شام جي حڪومت هئي ۽ ان جي ٻئي ڏينهن يعني آچر جي صبح جو صفر جي ستاويهين تاريخ حضرت "اُسَامَہ رضہ" کي ان لشڪر جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو. اربع رات صفر جي ٽيهين تاريخ رسول خدا ﷺ جن بيمار ٿي پيا، يعني کين مٿي جي سور ۽ بخار جي شڪايت ٿي پيئي، پر ان هوندي بہ خميس جي ڏينهن ربيع الاول جي پهرين تاريخ سرڪار مدينہ ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان حضرت اُسَامَہ رضہ لاءِ جهنڊو تيار ڪيو.

حضرت اُسَامَہ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪو لشڪر تيار ڪيو ويو، ان ۾ مهاجرن مان سيدنا اَبُوبَكْر صِدِيْق رضہ، عُمر بن خَطَّاب رضہ، عُثْمَان بن عَفَّان رضہ، اَبُو عُبَيْدَہ بن جَرَّاح رضہ، سَعْد بن اَبي وَقَّاص رضہ، سَعِيْد بن زَيْد رضي الله تعاليٰ عنهم، ۽ انصارن مان قَتَاده بن نُعْمَان رضہ، سلمہ ابن اَسْلَمَ بن حريش رضہ، وغيره جهڙا مٿير مرد شامل هئا. (٤)

ان کان پوءِ پنهي جهانن جي سردار ﷺ فرمايو: "اُسَامَہ رضہ جي لشڪر کي موڪليو."

---

(١) شرح علي مواهب ـ زرقاني ج٣ ص ١٣٠.

(٢) معجم البلدان "ياقوت" جلد ١ ص ٧٩، شرح علي مواهب ـ "زرقاني" ج ٣ ص ١٠٧.

(٣) روض الانف "سُهيلي" ج ٤ ص ٢٤٦، شرح علي مواهب ـ زرقاني جلد ٣ ص ١٠٧.

(٤) مغازي "واقدي" ج ٣ ص ١١١٨.

Marfat.com

حضرت "اُسَامَہ رضہ" مٿي مرسل ﷺ کان موڪلائي مديني کان ٽي ميل ٻاهر، "غَابَہ" جي پريان يعني "اُحُد" جبل جي پٺين پاسي جُرُف" (١) نالي ماڳ تي اچي پنهنجي ڪيمپ قائم ڪئي تہ جيئن سمورو لشڪر سولائيءَ سان اتي ڪٺو ڪري سگهجي. مسلمان اڃان اتي ئي ترسيل هئا تہ کين پاڻ ڪريم ﷺ جن جي بيماري وڌي وڃڻ جي خبر پهتي. اهو ٻڌندي ئي حضرت ابوبڪر رضہ، عمر رضہ، عثمان رضہ، ابوعبيده رضہ ۽ ساڻن گڏ ڪجهہ ٻين صحابين بہ مديني موٽ کاڌي.

سومر جي ڏينهن ربيع الاول جي ٻارهين تاريخ "اُسَامَہ رضہ" اتان جهاد لاءِ اُسهڻ جو ارادو ڪيو تہ کين اوچتو سچي سرور ﷺ جن جي وصال جي خبر پهتي. اهو ٻڌندي ئي هو پنهنجي ساٿين سميت مديني موٽي آيو.

ان کانپوءِ جڏهن سيدنا صديق اڪبر رضہ کي خليفو چونڊيو ويو تہ هن پنهنجي خلافت وارن ڪمن ۾ سڀ کان پهريان " حضرت اُسَامَہ" جي لشڪر کي رواني ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جنهن لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي زندگيءَ ۾ وڏو اهتمام ڪيو هو.

حضرت اُسَامَہ رضہ ربيع الآخر جو چنڊ ڏسي ٽي هزار ماڻهن جي لشڪر سان "جُرُف" کان نڪتو، جنهن ۾ قريش قبيلن جا ست سؤ ماڻهو بہ شامل هئا. جڏهن تہ لشڪر ۾ سواريءَ لاءِ گهوڙن جو تعداد هڪ هزار هو. آخرڪار هي لشڪر پنهنجي منزل تي "اُبْنيٰ" پهچي ويو، جتي مشرڪن سان دوبدو مقابلو ٿيو. مشرڪن جا ڪيترائي ناميارا ماڻهو قتل ٿيا. سندن عورتن ۽ ٻارن کي قيد ڪيو ويو، جڏهن تہ سندن مال ملڪيت کي غنيمت طور حاصل ڪيو ويو ۽ جاين، زمينن ۽ باغن کي ساڙيو ويو. مسلمانن جي لشڪر مان ڪنهن جو بہ وار ونگو نہ ٿيو. ان کانپوءِ اُسامہ پنهنجي ساٿين ۽ غنيمت سميت صحيح سلامت مديني واپس وريو. ان وقت سندس ڄمار ارڙهن ورهيہ هئي. (٢)

---

(١) "جَرَف" نالي ماڳ مديني جي اتر ۾ اٽڪل ٽن ميلن جي پنڌ تي آهي. هتي حضرت عمر رضہ جي ڪجهہ ملڪيت بہ هئي. معجم البلدان ـ ياقوت ج ٢ ص ١٢٨، وفاء الوفا ـ سمهودي ج ٣ ص ١١٧٥.

(٢) حضرت اُسامہ رضہ جي واپسيءَ تي اميرالمؤمنين سيدنا ابوبڪر صديق رضہ مديني جي ٻاهران اچي حضرت اُسامہ بن زيد رضہ جو استقبال ڪيو. شرح علي مواهب ـ زرقاني جلد ٣ ص ١١٢-١١١، طبقات الڪبريٰ ـ ابن سعد جلد ٢ ص ١٣٦.

Marfat.com

پاڳو ٿيون

مدني دور

Marfat.com

Marfat.com

باب ٹيون

هن باب ۾ غزوات ۽ سرايا كانسواءِ اهڙا ٻيا واقعات بيان كيا ويا آهن، جيڪي هجرت كانپوءِ پيش آيا. هن باب ۾ كل يارهن فصل آهن.

فصل پهريون

هن فصل ۾ اهڙن واقعات جو ذكر كيو ويو آهي، جيكي هجرت جي پهرين سال ڏاري پيش آيا.

حضرت مُصْعَب بن عُمَيْر رضه جي مديني روانگي

هن سال سرور كائنات ﷺ جن اڃان مديني ڏانهن هجرت نه كئي هئي ته ان كان اڳ حضرت مُصْعَب بن عُمَيْر قُرَشِي عَبْدَرِيءَ رضه كي هك دفعو وري مديني موكليائون ته جيئن هو اتان جي ماڻهن كي وڃي قرآن ۽ سيكاري ته دين جي ٻين حكمن بابت ڄاڻ ۽ ڏئي. مُصْعَب بن عُمَيْر رضه اتي پهچي ماڻهن كي جيكا تعليم ۽ تربيت ڏني، ان جي نتيجي ۾ اتان جي آباديءَ جو وڏو انگ سندس ئي هٿ تي مسلمان ٿيو. "عَبْدُالْاَشْهَل" قبيلي جي سمورن ماڻهن ته هكڙي ئي ڏينهن سندس دعوت تي اسلام قبول كيو ۽ انهن ۾ كاب عورت يا مرد اهڙو نه بچيو جيكو دين جي دائري ۾ داخل نه ٿيو هجي. (١) اهڙو احوال هن ئي كتاب ۾ پهرين پاڳي جي بارهين باب ۾ بيان ٿي چكو آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ جي مديني ڏانهن هجرت

* هن سال رسول انور ﷺ جن مكي پاك كان مديني منوره ڏانهن هجرت كئي. هن سَعِيْد سفر ۾ سندن گهٽگهرو دوست ۽ سڀ كان پهريان تصديق كندڙ (مردن منجهان) حضرت ابوبكر صديق رضه، انجو غلام عَامِر بن فُهَيْرَه ۽ هك ٽيون شخص به ساٿن گڏ هئا. اهو آخري شخص جيئن ته رستن جو وڏو ڄاڻو هو، انكري كيس هن سفر ۾ ساڻ كنيو ويو. سندس نالو عَبْدُالله بن اُرَيْقَط ديلي ٻڌايو ويو آهي. (٢)

---

(١) "الدرر" ابن عبدالبر ص ٦٩. "جوامع السيرة" ابن حزم ص ٧٣. المواهب اللدنيه" "قسطلاني" ج ١ ص ٢٨١ / ٢٨٠. دلائل النبوه "ابو نعيم اصفهاني" ج ١ ص ٣٠٨.

(٢) اكثر راوين اهو نالو "عبدالله بن اريقط" ئي ٻڌايو آهي، جڏهن ته ابن هشام طرفان سندس ولديت "ارقط"، ابن اسحاق طرفان "اريقد" ۽ كن ٻين طرفان "ارقم" ۽ "رقيط" به ٻڌائي ويئي آهي.

"السيرة النبويه" ابن هشام ج ٢ ص ١٢٩. البدايه والنهايه، ابن كثير ج ٣ ص ١٧٦. "وفاءالوفا" علامه سمهودي ج ١ ص ٢٣٨. "المعارف" ابن قتيبه" ص ٨٩. "زاد المعاد" "ابن قيم" ص ٨٩. "تاريخ الخميس" "ديار بكري" ج١ ص ٣٢٤.

Marfat.com

اهو شخص ان وقت تائين تہ مسلمان نہ ٿيو هو ۽ نہ وري ان کانپوءِ سندس اسلام آٽڻ جي کا صحيح سَنَد واري روايت اسان تائين پهتي آهي. (۱) باقي "واقدي" سندس اسلام آٽڻ جو ذکر ڪري ٿو، جنهن کي حافظ "ذهبيءَ" پنهنجي ڪتاب "تجريد" ۾ نقل ڪيو آهي. پر جيئن تہ واقدي هڪ ضعيف راوي آهي، انڪري محدثن کي سندس ان روايت کي قبول ڪرڻ ۾ عار آهي. والله اعلم.

هجرت جي وقت دعا

* هن سال پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جڏهن هجرت جي ارادي سان مڪي کان نڪتا، تڏهن هن ريت دعا گهريائون: (۲)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَنِيْ وَلَمْ اَكُ شَيْئًا.

(سڀ ساراهون ان سائين جون جنهن مونکي پيدا ڪيو، جڏهن مان ڪجهہ بہ نہ هيس.)

اَللّٰهُمَّ اَعِنِّيْ عَلٰى هَوْلِ الدُّنْيَا وَعَوَآئِقِ الدَّهْرِ وَمَصَآئِبِ اللَّيَالِيْ وَالْاَيَّامِ.

(اي منهنجا مالڪ، منهنجي مدد فرماءِ، دنيا جي مصيبتن کان، زماني جي رڪاوٽن کان ۽ رات ڏينهن جي گردش کان.)

اَللّٰهُمَّ اَصْحِبْنِيْ فِيْ سَفَرِيْ وَاخْلُفْنِيْ فِيْ اَهْلِيْ وَبَارِكْ لِيْ فِيْمَا رَزَقْتَنِيْ، وَ عَلٰى صَالِحِ خُلُقِيْ فَقَوِّمْنِيْ، وَاِلَيْكَ رَبِّ فَحَبِّبْنِيْ، وَاِلَى النَّاسِ فَلَا تَكِلْنِيْ، اَنْتَ رَبُّ الْمُسْتَضْعَفِيْنَ وَاَنْتَ رَبِّيْ، اَعُوْذُ بِوَجْهِكَ الْكَرِيْمِ الَّذِيْ اَشْرَقَتْ.

---

(۱) عبدالله بن اريقط جو تعلق دئل بن بڪر قبيلي سان هو. جڏهن تہ سندس ماءُ بني سهم بن عمرو قبيلي مان هئي. هي شخص جابلو توڙي ميداني رستن جي وڏي ڄاڻ رکندو هو ۽ اهوئي سندس پيشو هو. ان ڪري ۾ سندس ساک سٹي هئي. انڪري ماڻهو مٹس ويساه بہ رکندا هئا. توڙي جو هو سچي دين کان دور رهيو.

هجرت جي سفر تي اُسهڻ کان اڳ ئي حضرت ابوبڪر صديق رضہ بہ ابن اريقط سان ئي رستي ڏيکارڻ لاءِ پول ڪري چڏي هئي ۽ پنهنجي طرفان بہ ڏاڇيون سندس حوالي ڪيون هيون ۽ ڪيس چيو ويو هو تہ هو اهي ڏاڇيون ڪاهي ٽن ڏينهن کانپوءِ "غار ثور" وٽ پهچي وڃي. عبدالله بن اريقط پنهنجي ڪيل قول موجب ان ڏسيل ڏينهن تي اتي پهتو ۽ پوءِ هي نندڙو قافلو مديني روانو ٿيو. ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري سان گڏ هي قافلو اهڙي دڳ سان هلندو رهيو، جتان تمام گهٽ ماڻهن جو گذر ٿيندو هو.

صحيح بخاري ج ۲ ص ۳۳۲. "سيرة ابن هشام" جلد ۲ ص ۱۲۹. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۲ ص ۸۰ ـ ۴۷۹. "روض الانف" سهيلي ج ۲ ص ۲۲۴. "البدايہ والنهايہ" ابن ڪثير جلد ۳ ص ۱۷۶. "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ۱ ص ۳۰۰. زاد المعاد "ابن قيم" جلد ۳ ص ۵۳ ـ ۵۲. سبل الهدیٰ "شامي" ج ۳ ص ۲۳۹.

(۲) اها روايت محمد بن اسحاق جي آهي، جنهن کان ابراهيم بن سعد ۽ ان کان حافظ ابونعيم نقل ڪئي آهي. "سبل الهدیٰ والرشاد" "شامي" ج ۳ ص ۲۴۳.

Marfat.com

بِهِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ وَكُشِفَتْ بِهِ الظُّلُمَاتُ وَصَلُحَ عَلَيْهِ اَمْرُ الْاَوَّلِيْنَ وَالْآخِرِيْنَ، اَنْ يَّحِلَّ عَلَيَّ غَضَبُكَ اَوْ يَنْزِلَ بِيْ سَخَطُكَ. اَعُوْذُ بِكَ مِنْ زَوَالِ نِعْمَتِكَ وَتَحَوُّلِ عَافِيَتِكَ وَفُجَاءَةَ نِقَمِكَ وَ جَمِيْعِ سُخْطِكَ لَكَ الْعُقْبٰى عِنْدِيْ مَا اسْتَطَعْتُ وَمَا تَوْفِيْقِيْ اِلَّا بِكَ وَلَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِكَ.

اي منهنجا سائين، منهنجي هن سفر ۾ مون سان ساڻ هج، منهنجي گهر بار جي نگهباني فرماءِ ۽ برڪت عطا فرماءِ مونکي ڏنل رزق ۾، مونکي نيڪ اخلاق سان هلاءِ، مونکي پنهنجي بلي ڪر ۽ مونکي پين ماڻهن جي بلي نه ڪجانءِ. تون هيڏن جو همراهه آهين ۽ تون ئي منهنجو مالڪ آهين. پناه گهران ٿو تنهنجي مهربان ذات جي، جنهن جي نور سان چمڪي رهيا آهن آسمان ۽ زمين، جنهن سان اونداهين جا پردا کلي پون ٿا ۽ جنهن سان ڏهن ٿا ڪم اڳين ۽ پوين جا. اسان تي نه پوي تنهنجو غضب ۽ نه نازل ٿئي ڪا تنهنجي طرفان سختي، مان پناهه گهران ٿو تنهنجي نعمت ۽ ڏنل عافيت جي کسجڻ کان، اوچتي عذاب نازل ٿيڻ کان ۽ تنهنجي هر ڏمر کان. انجام تنهنجي حوالي آهي، مون وٽ ايتري ئي طاقت آهي، جيڪا تو ڏني آهي. برائيءَ کي ڇڏڻ ۽ نيڪي ڪرڻ جي طاقت تنهنجي ئي مدد سان ملي ٿي.

اها دعا حافظ ابونعيم ان ربت پنهنجي سَنَدَ سان روايت ڪئي آهي، (۱) جنهن کي "حافظ ابن ڪثير" پنهنجي ڪتاب "البدايه والنهايه" ۾ آندو آهي." (۲)

غار ثور (۳) ڏانهن روانگي

* هن سال خميس واري رات ربيع الاول جو چند ڏسي نبي اڪرم ﷺ جن مڪي کان "غار ثور"

---

(۱) "ڪنز العمال" ۾ سيده عائشه رضه کان هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن به ڪنهن سفر جو سانباهو ڪندا هئا، تڏهن وضو ساري ٻه رڪعتون نفل ادا ڪري ڪعبي طرف منهن ڪري ٻوءِ اها دعا پڙهندا هئا. اها دعا لفظن جي معمولي اختلاف سان هيٺين ڪتابن ۾ به نقل ڪئي ويئي آهي.
"ڪنز العمال" علي متقي هندي ج ٦ ص ٧٣٢. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٣ ص ٢٤٣. "المصنف" عبدالرزاق ج ٥ ص ١٥٦.

(۲) "البدايه والنهايه" حافظ ابن ڪثير ج ٣ ص ١٧٧ ـ ١٧٦.

(۳) "جبل ثور" مڪي کان اٽڪل چار پنج ميل پريرو ٿيندو، جنهن جي چوڌاري ٻيا به ڪيترائي جبل آهن. اهي سمورا جبل جيتوٽيڪ بيهڪ ۽ بناوٽ ۾ هڪ جهڙا لڳن ٿا، پر پوءِ به "ثور" سيني کان مٿانهون آهي. هڪ عام راءِ مطابق هن جبل جي اوچائي هڪ ميل کن ٿيندي.
"غار ثور" جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن سيدنا ابوبڪر صديق رضه سان گڏ ٽي راتيون ترسيا. اها هن جبل جي چوٽيءَ تي آهي، جتي چڙهڻ لاءِ رستو تمام اٽانگو ۽ ٽڪائيندڙ آهي. ٽن چئن ڪلاڪن جي لڳاتار پنڌ کانپوءِ ماڻهو مس مٿي پهچي سگهي ٿو. هن سفر ۾ خاص طور گرميءَ جي موسم ۾ پاڻي پيئڻ جي سخت ضرورت محسوس ٿئي ٿي، ان ڪري زائرين هن غار ڏانهن ويندي ڪجهه ڪاڌي پيتي جو سامان به ساڻ ڪٽندا آهن.

Marfat.com

ڏانهن روانا ٿيا. هن غار ۾ اندر پاڻ ڪريم ﷺ جن جمعي، ڇنڇر ۽ آچر واريون ٽي راتيون ترسيا [1] ۽ پوءِ سومر واري رات چنڊ جي پنجين تاريخ ان غار مان نڪري وري پنڌ پيا، تانجو ربيع الاول جي بارهين تاريخ سومر ڏينهن ڪچڙي منجهند مهل مديني شريف ۾ داخل ٿيا. اهڙو ذڪر "شاميءَ" پنهنجي "سيرت" جي ڪتاب ۾ ڪيو آهي. مديني ۾ داخل ٿيڻ مان مراد اتي "قُبا" ۾ داخل ٿيڻ ورتي ويندي، ڇو جو شهر جي ڪنهن به ڇيڙي تائين پهچڻ کي ان شهر ۾ پهچڻ ئي سمجهيو ويندو آهي. شيخ عبدالحق محدث دهلوي پنهنجي ڪتاب "جَذْبُ الْقُلُوب" ۾ ان ڳالهه تي ئي زور ڏنو آهي. [2]

اسان کي اها ڳالهه انڪري ڪولي بيان ڪرڻي پيئي جو صحيح حديثن ۾ جاڻايو ويو آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن پهريان "قُباءَ" پهتا، جتي ڏهن راتين کان مٿي ترسيا ۽ اتي مسجد قُباءجوڙايائون ۽ ان کانپوءِ جمعي جي ڏينهن قباءکان مديني پهتا.

هونئن ته عربي زبان ۾ "بِضْع" لفظ جي معنيٰ آهي، ڪجهه وڌيڪ يا مٿي، پر مختلف لغوين اها حد هڪ کان نون تائين ٻڌائي آهي، جنهن لاءِ "النهايه"، "اللوامع" ۽ "ڪشف اللغات" جهڙن لغت جي ڪتابن کي ڏسي سگهجي ٿو. [3] انڪري هتي "ڏهن کان مٿي راتين" واري حوالي جو مطلب يارهن راتيون ورتو ويندو ۽ ان کانپوءِ ئي چئي سگهبو ته پاڻ سڳورا ﷺ ربيع الاول جي بارهين تاريخ [4] سومر جي ڏينهن "قُبا" ۾ پهتا، جتي يارهن راتيون گذارڻ کانپوءِ "قُبا" کان هلي مديني پهتا، اهو

رسول خدا ﷺ جن هجرت جي هن سفر لاءِ جيڪا حڪمت عملي جوڙي هئي، ان جي تحت ئي پهرين منزل طور هن غار جو انتخاب عمل ۾ آيو. ڇو جو "جبل ثور" مڪي شريف جي ڏاکڻي پاسي ان واٽ تي آهي، جتان ان دور جا ماڻهو "يمن" ڏانهن ويندا هئا. جڏهن ته ان جي مقابلي ۾ مديني وڃڻ واري واٽ مڪي جي اتر ۾ آهي. هي اهو رستو آهي جتان قديم دور ۾ ماڻهو "شام" ڏانهن ويندا هئا، انڪري ڪافر جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ڳولا ۾ نڪتا، تڏهن پهريان هنن مديني واري واٽ ورتي، پر پوءِ جڏهن اتان نا اميد ٿيا تڏهن پٺتي موٽ ڪاڏائون، ان ڪري پاڻ سڳورن ﷺ کي ايترو وقت آسانيءَ سان ملي ويو، جو هو غار ۾ اندر داخل ٿي چڪا هئا. ان ڪانپوءِ قدرت اهڙو انتظام ڪري ڇڏيو جو دشمن ان غار تائين پهچڻ کانپوءِ به پنهنجي مقصد ۾ ناڪام رهيا.

"معجم البلدان" ياقوت حموي جلد ۲ ص ۸۷ ـ ۸۶. "سفرنامه ارض القرآن" محمد عاصم ص ۱۴۵ ـ ۱۶۴. الرحيق المختوم مولانا صفي الرحمن مباركپوري ص ۱۶۴.

(۱) "فتح الباري" "حافظ ابن حجر عسقلاني" ج ۷ ص ۱۶۸. شرح علي المواهب اللدنيه" زرقاني ج ۱ ص ۳۲۵.

(۲) جذب القلوب، الي ديار المحبوب شيخ عبدالحق دهلوي ص ۷۰، سبل الهدي والرشاد شامي ج ۳ ص ۲۵۳.

(۳) النهايه ابن الاثير ج ۱ ص ۱۳۴ / ۱۳۳.

(۴) "عربستان" جي سرزمين تي "قباءَ" نالي ۾ ڳوٺ آهن، جن مان هڪ مڪي کان بصري ڏانهن ويندڙ واٽ تي آهي، جڏهن ته ٻيو ڳوٺ وري مديني جي ويجهڙائيءَ ۾ آهي ۽ اهو وڌيڪ مشهور به آهي. هتي انهيءَ ڳوٺ جو ئي ذڪر ڪيو ويو آهي.

هن ڳوٺ ۾ قديم دور کان "اوس" قبيلي جي هڪ شخص "بني عمرو بن عوف" وارا رهندا هئا. هتي سندن هڪ کوه به هو، جنهن جو پاڻي هن سڄي علائقي جا ماڻهو استعمال ڪندا هئا ۽ ان کوه کي ئي "قبا" سڏيو ويندو هو. پر پوءِ اڳتي هلي ان نالي پٺيان هي سڄو علائقو سڏجڻ لڳو. موجوده دور ۾ به هتي پاڻي جي ڪا ڪمي نه آهي ۽ وري زمين به زرخيز آهي، انڪري چوڌاري ڪجين ۽ ٻين ميون جا باغ پري کان ئي نظر ايندا آهن.

Marfat.com

رسول انور ﷺ جن هجرت واري سفر جي آخري منزل هن جاء تي ٿي ڪئي ۽ ان کانپوء مديني پهتا. "قبا" ۾ قيام ڪندي پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان هڪ مسجد جو بنياد رکيو. جنهن کي "اسلام جي پهرين مسجد" سڏيو ويندو آهي. هن مسجد متعلق الله تعالىٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ فرمايو:

لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَي التَّقْوٰي مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ

"هيءَ اها مسجد آهي جنهن جو پايو پهرين ڏينهن کان پرهيزگاريءَ تي رکيو ويو."

ان کانسواءِ حديث جي ڪتابن ۾ به هن مسجد جي فضيلت بابت ڪافي روايتون موجود آهن.

مشهور محدث سليمان بن احمد طبراني پنهنجي ڪتاب "المعجم الكبير" ۾ سهل بن حنيف رضہ کان هڪ روايت هن ريت نقل ڪئي آهي:

جيڪو شخص به پنهنجي گهران وضو ساري نڪري ۽ مسجد قبا ۾ اچي نماز ادا ڪري ته ان لاءِ "عمري" جو ثواب آهي."

اهڙيءَ ريت "منتخب كنز العمال" ۾ جيڪا روايت نقل ڪئي ويئي آهي، ان جو مفهوم هيٺينءَ ريت آهي: "جنهن به "مسجد قبا" ۾ سومر ۽ خميس وارن ڏينهن تي نماز ادا ڪئي ته ان کي "عمري" جو ثواب ملندو." اهڙيءَ ريت ڪجهہ روايتن ۾ ٻين ڏينهن جو ذڪر به موجود آهي.

پاڻ ڪريم ﷺ جن کي هن مسجد توڙي هتان جي رهاڪن سان بي پناهہ پيار هو. هڪ روايت مان اها به پروڙ پوي ٿي ته نبي انور ﷺ جن گهٽو ڪري اربع واري ڏينهن تي پيرين پنڌ مديني کان هلي هتي پهچندا هئا ۽ پوءِ "مسجد قبا" ۾ نماز ادا ڪندا هئا ۽ هتان جي ماڻهن سان ڪچهري به ڪندا هئا. اهو سلسلو ڪائنڪ پوءِ به مديني جي ماڻهن جاري رکيو ۽ ان اڄ تائين جاري آهي. اڄ به مديني کان ڪيترا ماڻهو خاص طور "مسجد قبا" ۾ نماز ادا ڪرڻ لاءِ مختلف ڏينهن تي هتي پهچندا آهن.

هيءَ متبرڪ مسجد اڄ سوڌو ان ساڳيءَ جاءِ تي قائم آهي، جتي سرور ڪائنات ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان هن جو بنياد رکيو هو. باقي مختلف موقعن تي مسجد جي تعمير ۽ توسيع ٿيندي رهي آهي. هن مسجد جي نهايت خوبصورت تعمير عثماني سلطنت جي دور ۾ سلطان عبدالحميد جي پٽ سلطان محمود ثانيءَ جي طرفان ۱۲۴۵ع ڌاري ٿي ۽ اهو سن مسجد جي دروازي مٿان هڪ پٿر تي به اکريل هو.

۱۳۸۸ هجريءَ ڌاري سعودي حڪمران شاه فيصل بن عبدالعزيز، "مسجد قباءَ" جي نئين سر اڏاوت جو حڪم ڏنو. جنهن لاءِ هڪ نهايت نفيس ۽ خوبصورت نقشو تيار ڪيو ويو ۽ اتر طرف مسجد کي وڌايو ويو. ان جي نتيجي ۾ هڪ نهايت عاليشان ۽ وٺندڙ عمارت تيار ٿي ويئي. ان کانپوءِ وري موجوده حڪمران شاه فهد بن عبدالعزيز به هن مسجد جي ڪم کي گهٽو اڳتي وڌايو ۽ بي حساب رقم ۽ محنت سان هن مسجد جي خوبصورتيءَ ۾ گهڻا اضافا ڪيا. ۱۴۰۵هـ تائين اهو ڪم جاري رهيو. هينئر هيءَ مسجد مڪمل آهي ۽ هن جو شمار ملڪ جي خوبصورت ترين مسجدن ۾ ٿيندو آهي. جنهن ۾ ويهہ هزار ماڻهو هڪ ئي مهل نماز ادا ڪري سگهن ٿا.

هن مسجد جي اندر جيڪو ڪائيءَ جو منبر آهي، ان تي به نهايت نفيس ۽ خوبصورت ڪم ٿيل آهي. اهو تيونس جي حڪومت تيار ڪرائي موڪليو هو. مسجد کي ٽي دروازا آهن، جن مان ٻہ اولهہ طرف ۽ هڪ اتر پاسي جيڪو عورتن جي لاءِ آهي. اولهہ پاسي کان هڪ باغ به رکيو ويو آهي، جنهن ۾ "اريس" نالي اهو مشهور کوه به آهي، جنهن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي مندي مبارڪ حضرت عثمان رضہ کان ڪري پيئي ۽ پوءِ وري هٿ نہ آئي. ان کوه جو پاڻي گهڻي عرصي تائين ماڻهو استعمال به ڪندا رهيا ته پنهنجي باغن کي به ڏيندا رهيا. ان کوه جي مٿان پڪو ڇپرو به ٺهيل آهي، پر هاڻي گهڻي ڳاڻي ماڻهو ٽيوب ويل جو پاڻي استعمال ڪن ٿا، جيڪو اتي لڳايو ويو آهي. مسجد جي چوڌاري ڪجين جا وڻ ۽ ان جي آسپاس ڪافي جايون به ٺهي ويون آهن، جو جو مديني جي آبادي هاڻي "قبا" تائين پهچي ويئي آهي.

Marfat.com

جمعي جو ڏينهن ۽ ربيع الاول مهيني جي ٽيويهين تاريخ هئي. ان حساب تي سموريون روايتون صحيح بيهنديون ۽ کوبہ مونجهارو باقي نہ بچندو.

هڪ بي روايت ۾ وري نبي سونهاري ﷺ جن جو "قُباءَ" ۾ چار راتيون ترسڻ ۽ سورهين ربيع الاول جمعي جي ڏينهن مديني پهچڻ بڌايو ويو آهي، پر جيئن تہ "شامي" ۽ ڪن ٻين طرفان پاڻ ڪريم ﷺ جن جو مديني پهچڻ ٻارهين ربيع الاول سومر جي ڏينهن بڌايو ويو آهي (۱) تہ پوءِ ان مونجهاري کي دور ڪرڻ لاءِ اهو ضروري ٿو ٿئي تہ ان جو مطلب قُبا ۾ پهچڻ ئي سمجهيو وڃي.

حضرت اَسماء رضہ لاءِ "ذَاتُ النِّطَاقَيْن" جو لقب

* هن سال هجرت واري رات جو واقعو آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن مڪي کان "غار ثور" ڏانهن اسهڻ کان اڳ سيدنا ابوبڪر صديق رضہ جن جي جاءِ تي آيا ۽ پوءِ اتان گڏجي نڪرڻ جي سِٽ سِٽيائون. ان موقعي تي سيدنا صديق رضہ جي گهر وارن هن سفر لاءِ سامان تيار ڪيو. کاڌي پيتي جون شيون هڪ ڪوٿريءَ ۾ وڌيون ويون ۽ پيئڻ لاءِ پاڻي هڪ ڪليءَ ۾ رکيو ويو. رات جي اويلي مهل ڪليءَ ۽ ڪوٿريءَ جي منهن ٻڌڻ لاءِ جڏهن کابہ اهڙي شيءِ هٿ نہ آئي، تڏهن حضرت ابوبڪر رضہ جي نياڻي حضرت اسماء رضہ پنهنجو هڪ "نطاق" (۲) يعني پٽو ڪٽي آئي، جنهن کي ڪاڑي ۽ اڌ ڪيائين، پوءِ انهن مان هڪ اڌ سان ڪوٿريءَ جو ۽ ٻئي اڌ سان ان کلي جو منهن ٻڌي بند ڪيائين. ان ڪري نبي اڪرم ﷺ جن کيس "ذَاتُ النِّطَاقَيْن" يعني ٻن پَٽَن واريءَ جو لقب عطا فرمايو. (۳)

غَارِ ثَور ۾ داخل ٿيڻ

* هن سال نبي سائين ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضہ سان گڏ "غار ثور" ۾ اندر داخل

مسجد جي اڳڻ ۾ ساڄي پاسي کان ان جاءِ جي بہ نشاندهي ڪئي ويئي آهي، جتي "لمسجد اسس علي التقويٰ" واري آيت نازل ٿي ۽ ان جي ٻرسان اها جاءِ آهي، جتي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ڏاڇي ويئي هئي.

فضيلت جي لحاظ کان مسجد الحرام، مسجد نبوي ﷺ ۽ مسجد اقصيٰ کانپوءِ هن مسجد جو مقام بڌايو ويو آهي.

تاريخ المدينہ "ابن شبہ" ج ۱ ص ۴۴ ـ ۴۰. "معجم مااستعجم" عبدالله بکري ج ۳ ص ۴۶ / ۱۰۴۵. "وفاء الوفا" علامہ سمهودي ج ۴ ص ۸۵ ـ ۱۲۸۴. سبل الهدیٰ والرشاد شامي ج ۳ ص ۲۶۷. تاريخ معالم المدينة المنوره "سيد احمد ياسين" ص ۱۲۱ / ۱۱۷. سفر نامہ ارض القرآن محمد عاصم ص ۲۴ / ۲۲۳. الدرالثمين "محمد غالي شنقيطي" ص ۱۲۳ / ۱۲۰. جزيرة العرب محمد رابع ندوي، ص ۵۵ / ۲۵۴.

(۱) "سبل الهدیٰ والرشاد في سيرة خير العباد" ابو عبدالله شامي ج ۳ ص ۲۵۳.

(۲) عرب ۾ نطاق يا منطق اهڙي ڪپڑي جي پٽي کي سڏيو ويندو آهي، جنهن سان عورتون پنهنجي لباس کي چيلهہ وٽ ڏيڊ ڪنڊ ڏيئي ٻڌنديون آهن. اهو پٽو ايترو ڊگهو ٿيندو آهي، جو ڪنڊ ڏيڻ کانپوءِ بہ ان جو هڪ حصو گوڏن تائين ۽ ٻيو پيرن تائين هيٺ لڙڪندو آهي. رات جي اويلي مهل حضرت اسماء رضہ پنهنجي اهڙي قسم جي هڪ "نطاق" کي بہ اڌ ڪري استعمال ڪيو، جنهن ڪري رسول انور ﷺ طرفان کيس اهو خطاب مليو. "النهايہ" ابن الاثير ج ۵ ص ۷۵.

(۳) "صحيح بخاري ج ۲ ص ۳۳۲، سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۱۳۱، الطبقات "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۲۹، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۲ ص ۴۷۴. سبل الهدیٰ والرشاد شامي ج ۳ ص ۲۳۹. "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ۱ ص ۳۰۰.

Marfat.com

ٽيا ۽ کين اتي ٽي راتيون ترسٽو پيو، جيئن متي بيان ٽي چکو آهي.

* هن رات ان غار جي مٿان هڪ کوريٽڙي تاجي اُٽي ڇڏي، اهو رسول خدا ﷺ جن جو معجزو آهي. (۱)

کبوتريءَ جا آنا لاهڻ

اهو به پاڻ کريم ﷺ جن جو معجزو آهي، جو هن رات کبوترن جي هڪ جوڙي ان غار جي منهن وٽ پنهنجو آکيرو ٺاهيو ۽ ان ۾ کبوتريءَ آنا لاٿا. (۲) کوريٽڙن ۽ کبوترن جا اهي کارناما ڏسي کافر اهو سوچي به نه سگهيا ته هتي کو ماڻهو موجود ٽي سگهي ٿو. (۳) جيئن "قصيده برده" ۾ شرف الدين بوصيريءَ فرمايو آهي:

ظَنُّوا الْحَمَامَ، وَظَنُّوا الْعَنْكَبُوْتَ عَلٰى،
خَيْرِ الْبَرِيَّةِ لَمْ تَنْسُجْ وَلَمْ تَحُمِ.

"کافرن کي گمان ٿيو ته جيڪڏهن نبي کريم ﷺ جن غار ۾ موجود هجن ها ته ان جي در تي کوريٽڙو تاجي نه کڏي ها ۽ نه وري اتي کا کبوتري آنا لاهي ها."

غار ۾ نانگ جو واقعو

* هن رات مني مرسل ﷺ جن هٿان هڪ پيو معجزو به ظاهر ٿيو. جيئن پاڻ سڳورن ﷺ حضرت ابوبکر صديق رضه سان گڏ غار ۾ گهڙڻ جو ارادو کيو ته حضرت ابوبکر رضه فرمايو:

"اي الله جا رسول ﷺ، خدا جو قسم ههڙي اونداهي رات ۾ اوهان مون کان اڳ هن غار ۾ نه وجو. پهريان آءٌ ٿو اندر وڃان ته جي اتي کو نانگ بلا يا کو پيو موذي موجود هجي ته اهو اوهان

---

(۱) المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۲۹۸. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۳ ص ۲۴۱. تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ۱ ص ۳۲۷.

(۲) هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته کبوترن جي جنهن جوڙي "غار ثور" جي منهن وٽ آکيرو ٺاهي ان ۾ آنا لاٿا. خدا تعالي انهن جي نسل کي قائم رکيو ۽ هن وقت "حرم شريف" ۾ جيڪي کبوتر نظر ايندا آهن، اهي انهي جوڙي جي نسل مان آهن. "المواهب اللدنيه" "قسطلاني،" ج ۱ ص ۲۹۳. "البدايه والنهايه" ابن کثير ج ۳ ص ۱۸۰. "روض الانف" "سهيلي" ج ۲ ص ۲۲۳. تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ۱ ص ۳۲۷.

(۳) ان ڏس ۾ بلاذري پنهنجي تاريخ ۾ ۽ ابوسعيد "شرف النبوة" ۾ هڪ روايت نقل کئي آهي ته، "مکي جي مشرکن نبي کريم ﷺ جن کي تلاش کرڻ لاءِ هڪ مشهور پاڳي به پاڻ سان گڏ کنيو، جنهن کي ان کم لاءِ چگڻي رقم به ادا کيائون. ان پاڳيءَ جو نالو علقمه بن کَرز بن هلال خزاعي ٻڌايو ويو آهي. هي شخص پيرا کٽندي غار ثور تائين پهتو. پر اتي اچي منجهي پيو ۽ چوڻ لڳو ته، "مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته هتي پهچڻ وارا پوءِ ساڃي ويا يا کاهي يا وري جبل جي مٿان؟" آخر جڏهن غار جي منهن وٽ پهتا، تڏهن اميه بن خلف چوڻ لڳو: "هن غار ۾ ڇا پيا ڏسو؟ جنهن ۾ کوريٽڙي جو ڄار ٻڌائي ٿو ته اهو محمد کريم ﷺ جن جي جم کان به اڳ جو آهي." اهو پاڳي علقمه بن کَرز فتح مکه جي موقعي تي مسلمان ٿيو هو. بحوالہ سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۳ ص ۲۴۱.

Marfat.com

کي نہ پر ٻلي مونکي چڪ پائي."

ان کانپوءِ حضرت ابوبکر رضہ اندر ويو ۽ جڏهن ڏٺائين تہ غار جي اندر ڪيترائي سوراخ هئا، پوءِ هن هڪ ڪپڙو ڦاڙي ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ۽ ان ڪپڙي جي ٽڪرن سان اهي سوراخ بند ڪرڻ لڳو، تانجو هڪ سوراخ باقي بچيو، پر اهي ڪپڙي جا ٽڪرا پورا ٿي ويا. ان وقت سيدنا ابوبکر صديق رضہ پنهنجي پير جي ڪڙي مٿان رکي ان سوراخ کي بہ بند ڪيو ۽ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کي اندر اچڻ لاءِ چيائين. تڏهن پاڻ سڳورا ﷺ اندر آيا، ان کانپوءِ ان سوراخ مان هڪڙي نانگ حضرت ابوبکر رضہ جي پير ۾ ڏنگ هنيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ان ڏنگ واري جاءِ تي پنهنجو هٿ گهمايو ۽ صحت جي دعا گهري تہ ان گهڙيءَ ئي سڀ درد دور ٿي ويا. (۱) ان کانپوءِ سرور عالم ﷺ جن هٿ کڻي فرمايو:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ اَبَابَكْرٍ مَّعِيَ فِيْ دَرَجَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ.

"اي الله! ابوبکر کي قيامت ڏينهن مون سان گڏ مون واري درجي تي رکجانءِ."

پوءِ رب تعاليٰ وحي ذريعي ان دعا جي قبول ٿيڻ جي خبر ڏني. (۲)

اُمِّ مَعْبَد رضہ ۽ سندس مڙس جو اِيمَان آڻڻ

* هن سال هجرت واري رستي ۾ پاڻ سونهارا ﷺ جن جڏهن اُمِّ مَعْبَد بِنت خَالِد خُزَاعِيءَ جي خيمن وٽان لنگهيا تہ اتي ڪجهہ دير ترسيا، ام معبد بيعت ڪري اسلام قبول ڪيو، ساڻئي وقت سندس مڙس اَبُوْمَعْبَد رضہ خُزَاعِي بہ مسلمان ٿيو. ام معبد جو نالو "عَاتِكہ" پڌايو ويو آهي، (۳) ۽ سندس گهر "قُدَيْد" ۾ هو.

ام معبد رضہ جي بکري (۴)

* هن سفر جي موقعي تي هي بہ نبي اڪرم ﷺ جن جو معجزو ظاهر ٿيو، جو اُمِّ مَعْبَد جي گهر ۾ هڪ بکري هئي، جيڪا بيحد ڏٻري هئي ۽ ڪڏهن نَرَ جي ويجهو بہ نہ وئي هئي، انڪري ان بکريءَ ۾ ڪير جو ڪوبہ امڪان ڪونہ هو.

---

(۱) دلائل النبوة ـ بيهقي ج ۲ ص ۴۷۷. "المواهب اللدنيہ" "قسطلاني" ج ۱ ص ۲۹۵.

(۲) حلية الاولياء "ابونعيم" ج ۱ ص ۳۲. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۳ ص ۲۴۰. "تاريخ الخميس" ج ۱ ص ۳۲۷.

(۳) "اسد الغابہ" ابن الاثير ج ۵ ص ۶۲۰. "البدايہ والنهايہ" "حافظ ابن كثير" ج ۳ ص ۱۸۸. "سبل الهدي والرشاد في سيرة خير العباد" ابوعبدالله شامي جلد ۳ ص ۳۴۶/۴۷.

(۴) عاتكہ بنت خالد بن منقذ بن ربيعہ بن اصرم، خزاعي قبيلي جي هڪ نامور، نيڪدل، سخي ۽ مهمان نواز عورت ٿي گذري آهي. جنهن جو واقعو اڪثر سيرت نگارن نقل ڪيو آهي. سندس گهر مڪي کان مديني ڏانهن ويندڙ واٽ تي "قديد" نالي مشهور ڳوٺ ۾ هو، جتي ام معبد پاڻ، سندس مڙس تميم بن عبدالعزيٰ ۽ پٽ "معبد" رهندا هئا. سندن گذر سفر جو مدار بکرين جي هڪ وڏي ڏڻ تي هو، جنهن کي چارڻ لاءِ صبح جو سندس مڙس کاهي ويندو هو ۽ وري شام جو گهر واپس ورندو هو. ان وچ ۾ "ام معبد" پاڻ پنهنجي خيمن جي ٻاهران ويٺي هوندي هئي ۽ مڪي ۽ مديني جي وچ ۾ ايندڙ ويندڙ مسافرن جي پنهنجي حال آهر خدمت ڪندي رهندي هئي. ڪجهہ پاڻي، تازو ڪير، ڪارکون يا ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ گوشت بہ ان مهمان نوازيءَ لاءِ وٽس موجود هوندو هو.

Marfat.com

رسول خدا ﷺ جن هجرت جي سفر ۾ مديني ڈانهن ويندي پنهنجي ٽن ساٿين سان گڏ جڏهن "ام معبد" جي خيمن وٽان لنگهيا، تڏهن اتفاق سان اهو ڏکار جو زمانو هو. ماڻهن وٽ کاڌي پيتي جي شين جي اٽاٽ هئي. انکري هن مائيءَ وٽ به مهمانن لاءِ پاڻيءَ کانسواءِ پيو کجهه به موجود نه هو. جنهن سان هوءَ پري کان ايندڙ هنن معزز مهمانن جي تواضع کري سگهي. هڪ خيمي جي کنڊ ۾ اها ڏهري ٻکري بيٺل هئي. جيکا پنهنجي کمزوريءَ سبب ڏڻ سان وڃڻ جي لائق به نه هئي. ڇو ته اهو سوکهڙي جو زمانو هو. آسپاس ته کو گاهه پٽو کونه هو ۽ ٻکرين جي چاري لاءِ پري پري تائين وڃڻو پوندو هو ۽ هيءَ ٻکري ان پنڌ جي قابل نه هئي. ام معبد جي اجازت سان سرور کائنات ﷺ جن ان ٻکريءَ جي پٺيءَ تي پنهنجو مبارک هٿ گهمايو ۽ پنهنجي پالٹهار کان دعا گهري. بس پوءِ ته اوڏيءَ مهل ئي ٻکريءَ جو اوهه کير سان ڇلکڻ لڳو.

کائنات جي کارٽي ﷺ جن پنهنجي مبارک هٿن سان کير ڏهي پهريان ام معبد کي، پوءِ پنهنجي ساٿين کي پياريو ۽ آخر ۾ پاڻ به پيتائون ۽ هک ٻيو ڀاڻءُ ڀري ام معبد جي حوالي کري وري پنهنجي منزل ڈانهن منهن کيائون.

شام جي مهل جڏهن ام معبد جو مڙس ٻکرين جي ڏڻ سميت گهر پهتو ته سندس نگاهه کير جي ان ڀريل ڀانوَ تي پيئي. حيران ٿي معبد جي ماءُ کان پڇيائين: "هي کير کٿان آيو جڏهن ته هن دور ۾ کير جي اٽاٽ آهي، پيو ته گهر ۾ کا کير ڏيندڙ ٻکري به موجود نه هئي؟"

جواب ۾ ام معبد ان مبارک هستيءَ جو سربستو احوال مڙس کي ٻڌايو ۽ ان سان گڏوگڏ پنهي جهانن جي سردار ﷺ جي سموري سراپا اهڙي ته انوکي انداز ۾ بيان کيائين، جنهن شاعرن کي شهه ۽ مصورن کي مات ڏيئي ڇڏي آهي.

زبان ۽ بيان جا ماهر هک اعرابي عرب عورت جي زبان داني توڙي اندازِ بيان تي حيران آهن. هک اڻ ڄاتل مهمان جنهن کجهه وقت ئي وٽس گذاريو، ان جي صورت ۽ سيرت جي هر نقش کي هن کيئن پنهنجي دل جي کانويس Convas تي منتقل کيو ۽ پوءِ ان کي لفظن جو وڳو ڏکائي پنهنجي مڙس آڏو پيش کيائين.

ايتري مختصر عرصي ۾ اهڙو پورٽريٽ نه کنهن مصور کان ٿهي سگهندو ۽ نه اهڙو پروفائل کنهن سوانح نگار کان.

ام معبد جي پيش کيل ان مختصر مگر مائيدار سراپا کي اکثر مؤرخن، محدثن ۽ سيرت نگارن لفظن جي معمولي اختلاف سان نقل کيو آهي، جنهن جو سنڌي ترجمو هيٺ ڏجي ٿو. عربي زبان جا صحيح مترادف نه ملڻ سبب کن جاين تي هک جي بجاءِ ٻه لفظ به استعمال کيا ويا آهن.

ترجمو:

اڄ منهنجي اکين ظاهر ظهور هک سونهن ۽ سوڀيا وارو شخص ڏٺو.

جنهن جو منهن مٽيادار
وٽندڙ عادتون ۽ اطوار

نه وڏي پيٽ جو عيب، نه ننڍي مغز جي خامي
سهڻو من موهڻو، دلين جو قرار اکين جو ٺار

سندس اکيون روشن، کجليون ۽ کاريون
پنبڻيون ڏگهيون گهاٽيون، پرون سنهيون ۽ شان واريون

آواز سريلو ۽ وڃندڙ، ڳچي ڏگهي ۽ چمکدار
ڏاڙهي سهڻي ۽ گهاٽا وار

Marfat.com

ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن مالڪياڻي جي موڪل سان جڏهن اُن ٻڪريءَ کي ڏُهڻ شروع ڪيو تہ سندس ڪير مان هڪ وڏو ٽانءُ پرجي ويو ۽ پوءِ هن سفر جي سڀني ساٿين ان ٽانوَ مان ڪير پيتو، تہ ام معبد کي بہ اهو ڪير پياريو ويو ۽ آخر ۾ رسول رحمت ﷺ جن پاڻ بہ ڪير پيتو ۽ پوءِ وري ان ٻڪريءَ کي ڏُهي ان مان ڪير جو هڪ ٻيو وڏو ٽانءُ پري ام معبد جي حوالي ڪري، اتان پنهنجي

سندس خاموشي پروقار، گفتار جڻ ماکيءَ جي لار
پريان ڏسڻ ۾ سپ کان نمايان ۽ سونهارو
ويجهو هجي تہ وڌيڪ حسين ۽ پيارو
ڳالهيون مٺيون جيڪي ٻڌندڙ جي دل ۾ گهر ڪن
نہ اجايون نہ اڻ وٽندڙ ۽ بي وزن
لفظ اهڙا جڻ مالها مان پيا موتي ڇٽن
قد جو سهڻو ۽ سيبتو
نہ ايڏو ڊگهو جو بي ڊولو لڳي
نہ ايترو ڪوتاهہ جو اک ئي نہ ٻڌي
ٻن ٽارين جي وچ ۾ هڪ اهڙي ٽاري
جيڪا وڌيڪ شاداب، سائي ۽ سونهن واري
سندس ساڻي مٽائيس ٻلهار پيا وجن
۽ انجا ٻول پوري ڏيان سان پيا ٻڌن
سڀن جو سائين ۽ مخدوم
سڀن کان وڌيڪ معزز ۽ محترم
نہ ڪنهن کي رنجائي يا ڏکائي، نہ ڪنهن سان ٻاڙو ڳالهائي.

مڪي ڇڏڻ کانپوءِ هجرت جي هن سعيد سفر ۾ ام معبد اها پهرين هستي آهي، جنهن کي سرور عالم ﷺ جن جي ميزبانيءَ جو شرف بہ حاصل رهيو آهي تہ ثناخوانيءَ جو بہ. انڪري الله تعاليٰ سندس انهن خدمتن کي اهڙي تہ قبوليت بخشي آهي، جو هن جو نالو هميشہ لاءِ يادگار ٻڌجي ويو.

جيتوڻيڪ هن بابرڪت عورت جو مٿين ٻن واقعن کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڪارنامو موجود نہ آهي، پر پوءِ بہ تاريخ، حديث، سيرت ۽ اسماء الرجال جو شايد ئي ڪو اهڙو ڪتاب هجي، جنهن ۾ "حديث ام معبد" جو احوال نہ هجي.

هن واقعي کي تفصيل سان "طبراني" پنهنجي "معجم" ۾ ۽ حاڪم پنهنجي مستدرڪ ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن جي سَنَد صحيح آهي ۽ ذهبيءَ جي بقول تہ "هيءَ روايت شرطِ شيخين" مطابق آهي. ان کان علاوه هن واقعي جا تفصيل هيٺين ڪتابن ۾ بہ ڏسي سگهجن ٿا.

"دلائل النبوة" بيهقي ج ۱ ص ۲۸۰ ـ ۲۷٦. "البدايہ والنهايہ" "ابن ڪثير ج ۳ ص ۱۸۹. "المستدرک علي الصحيحين" حاڪم ج ۳ ص ۱۰. "تاريخ اسلام" حافظ ذهبي ج ۲ ص ۲۲۷. "الاصابہ" ابن حجر عسقلاني ج ٦ ص ۴۹۷/۴۹۸. "سبل الهدىٰ والرشاد" شامي ج ۳ ص ۲۴۴/۲۴۷. "زاد المعاد" "ابن قيم" ج ۳ ص ۵۵/۵٦. "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ۱ ص ۳۰۹، ۳۰۸. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۱ ص ۳۳۳. الرياض النضره "محب طبري" ج ۱ ص ۱۱۷.

Marfat.com

واٽ ورتائون. (١)

ان ڏينهن کان وٺي اها ٻکري صبح ۽ شام اوترو ئي کير ڏيندي رهي ۽ اهو سلسلو ارڙهين هجري يعني حضرت عمر رضہ جي خلافت تائين جاري رهيو. (٢) جنهن کي "عَامُ الرَّمَادَه" سڏيو ويندو آهي. (٣)

اهو ٻہ سيد المرسلين ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي.

سُرَاقَہ بن مالک جو واقعو

* هن سال مديني ڏانهن هجرت واري سفر ۾ نبي انور ﷺ جن هٿان هڪ ٻيو معجزو ٻہ ان وقت ظاهر ٿيو، جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن "غار ثور" کان نڪري مديني جو رخ ڪيو، تڏهن ڪيترائي کافر سندن تلاش ۾ هيڏي هوڏي ڦري رهيا هئا، ڇو جو ابوجهل ۽ ٻين کافرن خذلهم الله طرفان نبي ڪريم ﷺ ۽ حضرت ابوبکر صديق رضہ جن جي سر جي قيمت هڪ سؤ اُٺَ مقرر ڪئي ويئي هئي، يعني انهن ٻنهي منجهان ڪنهن ٻہ هڪ کي يا ٻنهي کي ماري يا گرفتار ڪري جيڪو ٻہ آڻيندو تہ ان کي مٿيون انعام ڏنو ويندو.

انعام جي لالچ ۾ سُرَاقَہ بن مالک بن جُعْشُمْ مُدْلِجِيْ نالي هڪ نوجوان نڪتو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جنهن وقت "اُمِّ مَعْبَدَ" جي خيمي مان روانا ٿيا، تڏهن "سُرَاقَہ" جي نظر مٿن پيئي. اهو ڏسي هن پنهنجو گهوڙو سندن پويان ڊوڙايو. پوءِ جڏهن ٻن يا ٽن نيزن جيتري وڇوٽي ٻچي، تڏهن حضرت ابوبکر صديق رضہ چوڻ لڳو:

"اي الله جا رسول ﷺ ! هي دشمن اسان تائين پهچي ويو".

ان موقعي تي خدا جي پياري رسول ﷺ جن هيءَ دعا گهري:

اَللّٰهُمَّ اكْفِنَا بِمَا شِئْتَ

پوءِ سراقہ جي گهوڙي جون ٽنگون گوڏن تائين، يا هڪ ٻي روايت مطابق پيٽ تائين ان پٿريلي زمين ۾ پيهي ويون.

ان دعا کانپوءِ

اهو ڏسي "سراقہ" رڙ ڪندي چيو، "اي محمد ﷺ، مون مجيو تہ هي حالت اوهان جي سبب ٿي آهي، الله جل شانہ کان اوهان دعا گهرو تہ مونکي ڇوٽڪارو ملي. مان نہ وري ڪڏهن اهڙو ڪم ڪندس ۽ نہ ٻوين کي اوهان جو ڏس پتو ڏيندس."

---

(١) مسند احمد ابن حنبل ج ٦ ص ٤٥٤، "دلائل النبوة" ابونعيم ج ٢ ص ٣٣٨، سنن دارمي ج ٢ ص ١٢٢. "سنن ڪبريٰ" بيهقي ج ٧ ص ٢٨. "دلائل النبوة" "بيهقي" ج ١ ص ٢٨٧. "الروض الانف" "سَهيلي" ج ٢ ص ٢٣٥. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٢ ص ٥٦.

(٢) "المواهب اللدنيہ" "قسطلاني" ج ١ ص ٢٠٣/٢٠٤. "سبل الهدىٰ والرشاد" "شامي" ج ٢ ص ٢٤٥.

(٣) عربي زبان ۾ "رماده" رک کي سڏيو ويندو آهي، هن سال کي "عام الرماده" انکري سڏيو ويو ڇو جو هن سال ملک ۾ سخت ڏڪار پيو هو ۽ اناج جي اٽاڪ سبب ماڻهو بکون ڪاٽڻ لڳا. جنهن سبب سندن رنگ رک جهڙا ٿي ويا هئا. النهايہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٢٦٢. انساب الاشراف "بلاذري" ج ١٠ ص ٢٩٢.

Marfat.com

ان موقعي تي رحمت للعالمين ﷺ جن "سُرَاقَہ" لاءِ دعا گهري، جنهن کانپوءِ سراقہ جي جان چڏي ۽ هن اتان ئي پوبان پير کيا. (۱)

"سُرَاقَہ" ان موقعي تي تہ مسلمان نہ ٿيو هو. هن اسلام مکي جي فتح کانپوءِ ان وقت قبول کيو، جڏهن پاڻ کريم ﷺ جن غزوه حنين کان موٽي مديني پهتا هئا.

بُرَيْدَہ بن حُصَيْب جو اسلام قبول کرڻ

* هجرت جي هن سفر ۾ جڏهن پاڻ کريم ﷺ جن مديني جي ويجهو پهتا تہ رستي ۾ "بُرَيْدَہ بن حُصَيْب اَسْلَمِيّ" پنهنجي قوم جي اٽڪل اسي ماڻهن سان گڏ ساڻن مليو. هي مکي ۽ مديني جي وچ تي رهندا هئا. ابوجهل ۽ مکي جي ٻين کافرن "بُرَيْدَہ" وارن ڏانهن نياپو کيو هو تہ جيکڏهن هو نبي انور ﷺ جن کي قتل کندا تہ کين انعام ۾ هک سؤ اُٺَ ڏنا ويندا. پر هو جڏهن خدا جي پياري رسول ﷺ جن سان مليا ۽ سندن منهن مبارک ۾ نبوت جو نور ڏٺائون ۽ سندن برکت پربون ڳالهيون ٻڌائون، جنهن جي ذريعي هو ماڻهن کي خدا جي توحيد ۽ سچي دين جي دعوت ڏيئي رهيا هئا تہ بُرَيْدَہ رضہ پنهنجي سموري ساٿين سميت اتي ئي سندن هٿ تي اسلام قبول کيو.

اسلام قبول کرڻ کانپوءِ حضرت بُرَيْدَہ رضہ ۽ سندس ساٿي رسول انور ﷺ جن کي مديني تائين ڇڏڻ ساڻن گڏ آيا ۽ مانائتن مهمانن کي سندن منزل تائين پهچائي وري پنهنجي وٽاڻن تي واپس وريا.

حضرت بُرَيْدَہ رضہ غَزْوَہ اُحُد کانپوءِ مديني ڏانهن هجرت کئي هئي. (۲)

مديني ۾ پهرين مسجد جي اڏاوت

* هن سال پاڻ سڳورا ﷺ جن مديني پهچڻ کان اڳ اچي قبا ۾ لٿا ۽ اتي ڏهن راتين کان مٿي ترسيا (۳)

---

(۱) "سراقہ" بابت تفصيلي روايت سندس پائٽي عبدالرحمن بن حارث بن مالک مدلجي کان "ابن شهاب زهري" نقل کئي آهي، جنهن کي "حافظ ابن کثير" ۽ ٻين پنهنجي کتابن ۾ نقل کيو آهي، جن مان کجهہ نالا هيٺ ڏجن ٿا.

"المعجم الکبير" "طبراني" ج ۷ ص ۱۵۸. "البدايہ والنهايہ" "ابن کثير" ج ۳ ص ۱۸۳۔ ۱۸۲. "سبل الهدي والرشاد" "شامي" ج ۳ ص ۲۵۲ ۔ ۲۴۸. "دلائل النبوة "بيهقي" ج ۲ ص ۴۲۹ ۔ ۴۸۳. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۵۵. "عيون الاثير" "ابن سيد الناس" ج ۱ ص ۳۰۱.

(۲)"اسد الغابہ" "ابن الاثير" ج ۱ ص ۱۷۶/۱۷۵. شرح "علي المواهب اللدنيہ" "زرقاني" ج ۱ ص ۳۵۰ ۔ ۳۴۹. "سبل الهدي والرشاد" "شامي" ج ۳ ص ۲۵۲.

(۳) نبي کريم ﷺ جن جي "قبا" ۾ قيام بابت روايتن ۾ اختلاف آهي، هن ڏس ۾ ٽن راتين کان ولي ارڙهن راتين تائين قيام جون روايتون اسان تائين پهتيون آهن. "موسيٰ بن عقبہ" ۽ ابن عباس جي روايتن ۾ ٽي راتيون ٻڌايون ويون آهن، جڏهن تہ ابن اسحاق ۽ ابن حبان جي روايتن ۾ وري سومر ۔ اڱاري ۔ اربع ۔ خميس ۽ جمعي جون راتيون قبا ۾ ترسڻ ۽ اتان روانو ٿيڻ ٻڌايو ويو آهي. بهرحال اکثريت جي راءِ ڏهن راتين کان مٿي وارين روايتن تي آهي. "امام بخاري" پنهنجي "صحيح" ۾ بہ ابن شهاب زهري کان عروه بن زبير جي جيکا روايت نقل کئي آهي، ان ۾ ڏهن راتين کان کجهہ مٿي ۽ حضرت انس رضہ جي روايت ۾ وري چوڏهن راتيون ترسڻ ٻڌايو ويو آهي.

"السيرة النبويہ" حافظ ابن کثير ج ۲ ص ۲۹۲، صحيح بخاري ج ۲ ص ۳۳۳، سبل الهدي والرشاد شامي ج ۳ ص ۲۶۹. سيرة ابن حبان ص ۱۴۱.

Marfat.com

انهيءَ وچ ۾ اتي هڪ مسجد جوڙائي راس ڪيائون، جنهن جي اڏاوت جو سمورو ڪم پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي صحابين سان گڏجي ڪيو. اسلامي تاريخ ۾ سڀ کان پهريان هيءَ مسجد جوڙي وئي، جيئن خدا تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ فرمايو آهي:

لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ. (۱)

(جا مسجد پهرين ڏينهن پرهيزگاريءَ تي اڏائي وئي آهي، تنهن ۾ توکي بيهڻ (يعني نماز پڙهڻ ۽ پڙهائڻ) وڌيڪ لائق آهي.

معلوم ٿيو ته مسجد جي اڏاوت سبب ئي نبي ڪريم ﷺ جن کي قبا ۾ ڏهن ڏينهن کان مٿي ترسڻو پيو هو.

جمعي جي پهرين نماز

* هن سال نبي انور ﷺ جن پهريون دفعو بنو سَالِم بن عَوْف وارن سان گڏ سندن ڳوٺ ۾ جمعي جي نماز ادا ڪئي ۽ خطبو ڏنو، انڪري هن جاءِ تي بعد ۾ مسجد جوڙائي وئي، جنهن کي "مسجد جمع" سڏيو وڃي ٿو. هن موقعي تي جيڪو خطبو پڙهيو ويو، انکي سيرت گازروني ۽ سيرت جي ٻين ڪتابن ۾ نقل ڪيو ويو آهي. هي مسجد "قُبا ۽ مديني" جي وچ تي اڄان سوڏو پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. ۱۱۳۶ هجريءَ ڌاري اسان کي هن مسجد جي زيارت جو موقعو مليو، هينئر هن مسجد کي نئين سر اڏايو ويو آهي. (۲)

---

(۱) سورة "توبہ" پاره ۱۱ آيت ۱۰۸.

(۲) بنو سالم بن عوف وارن جي هن ڳوٺ جو نالو "قبيب" ٻڌايو ويو آهي، جيڪو مديني شريف ۽ قبا جي وچ تي وادي "صلب" ۾ آباد هو. هن واديءَ کي "وادي رانوناء" ۾ سڏيو ويندو آهي. جنهن جو فاصلو قبا کان هڪ ڪلو ميٽر کن ٿيندو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن "قبا" ۾ ترسڻ ڪانپوءِ مديني جو رخ رکيو ته اهو جمعي جو ڏينهن هو ۽ جڏهن سندن سواري هن جاءِ تان لنگهي، تڏهن مقامي ماڻهن ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن کي هتي ڪجهه دير ترسڻ لاءِ چيو. ان دوران جمعي نماز جو وقت ٿي ويو. پوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن پهريون پيرو "قبيب" ۾ جمعي جي نماز پڙهائي، جنهن ڪانپوءِ هن جاءِ تي بنو سالم وارن هڪ مسجد جوڙائي جنهن تي "مسجد جمعہ" جو نالو پئجي ويو. هن پهرين جمعي نماز ۾ هڪ سؤ کن صحابي سڳورا شريڪ ٿيا.

اها مسجد هينئر به "قبا" کان اٽڪل ۵۰۰ ميٽر اتر طرف مديني ڏانهن ويندڙ رستي تي روڊ جي ساڄي پاسي کان پنهنجي اصلوڪي ماڳ تي موجود آهي، جنهن جي مرمت ۽ اڏاوت جو ڪم مختلف موقعن تي مختلف ماڻهن هٿان ٿيندو رهيو آهي.

هن مسجد جي موجوده عمارت عربستان جي مشهور نيڪدل ۽ سخي مرد سيد حسن شربتلي طرفان اڏائي ويئي هئي، جنهن جو شمار هن وقت مديني جي ننڍين مسجدن ۾ ٿئي ٿو. بعد ۾ شاهه فهد طرفان مسجد جي مٿان هڪ سهڻو ۽ مضبوط گنبذ ۽ مينار جوڙايو ويو آهي، جنهن جي اوچائي پنجويهه ميٽر ٿيندي، جيڪو پري کان ئي نظر اچي ٿو ۽ ٻاهرين دروازي تي وري "مسجد جمعہ" به لکيل آهي. هن مسجد ۾ ڇهه سو پنجاهه ماڻهن جي نماز پڙهڻ جي

Marfat.com

"قبا" ۾ نبي سائين ﷺ جن ڏهن کان مٿي راتيون ترسڻ کانپوءِ اتان جمعي جي ڏينهن مديني وڃڻ لاءِ نڪتا ۽ رستي ۾ جڏهن هو بنو سالم بن عوف وارن جي ڳوٺ مان لنگهيا تہ انهن پاڻ ڪريم ﷺ جن کي برڪت خاطر ڪجهہ ديرا تي ترسڻ لاءِ چيو. پوءِ ان موقعي تي ئي خدا تعاليٰ طرفان جمعي نماز بابت هي آيت نازل ٿي.

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَّوْمِ الْجُمُعَةِ فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللهِ. (١)

ان کانپوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن اتي جمعي جو خطبو ۽ نماز ادا ڪري، پنهنجي وهٽ تي سوار ٿي ان ڏينهن ئي مديني پهتا. ان روايت مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ پاڻ سڳورا ﷺ جمعي ڏينهن مديني پهتا. پر مٿي وري سومر ڏينهن پهچڻ واري روايت نقل ڪئي ويئي آهي. انهن ٻنهي روايتن ۾ جوڙ تڏهن پيدا ٿيندو، جڏهن "بِضْعَ عَشَرَة" جو مطلب يارهن سمجهيو ويندو، جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي. وڌيڪ خدا ڄاڻي!

مديني پهچڻ جي تاريخ

* هن سال نبي سائين ﷺ جن قبا کان مديني وڃڻ لاءِ جمعي جي ڏينهن روانا ٿيا. باقي تاريخ ۾ اختلاف آهي، تہ اها ربيع الاول جي ٢٣ تاريخ هئي يا وري سورهين! پر رستي ۾ سالم بن عوف وارن جي ڳوٺ ۾ جمعي جي نماز پڙهي پوءِ مديني پهتا.

مديني پاڪ ۾ آڇيان

* هن ئي سال جو واقعو آهي تہ سرور عالم ﷺ جن جڏهن مديني جي شهر ۾ پير پاتو تہ اتان جا مرد، عورتون، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سندن آڇيان لاءِ خوشيءَ وچان ٻاهر نڪري آيا، جڏهن تہ پردي واريون عورتون گهرن جي ڇتين تي چڙهي ويٺيون.

ان موقعي تي "نجار" قبيلي وارن جون ننڍڙيون نياڻيون هيٺيان بيت پڙهي رهيون هيون:

نَحْنُ جَوَارٍ مِّنَ النَّجَارِ ـ فَيَا حَبَّذَا مُحَمَّدٌ ﷺ مِّنْ جَارٍ.

اسين "نجار" قبيلي وارن جون نياڻيون آهيون، پوءِ محمد مصطفيٰ ﷺ ڪيڏو نہ پيارو پاڙيسري آهي.

گنجائش موجود آهي.

هينئر هتي ڪو ڳوٺ وغيره موجود نہ آهي، ڇو تہ هاڻي هي علائقو شهر جو حصو بڻجي چڪو آهي، باقي مسجد جي ٻر ۾ اوقاف ڪاتي طرفان قائم ڪيل ڇوڪرين جي ثانوي تعليم لاءِ هڪ مدرسو موجود آهي.

"سيرة ابن هشام" ج ٢ ص ١٣٩، الروض الانف "سهيلي" ج ٢ ص ٢٣٧. "وفاء الوفاء" "علامہ سمهودي" ج ٣ ص ٨١٩/٨٢٠. تاريخ معالم مدينة المنوره "سيد احمد ياسين" ص ١١٥/١١٦. جذب القلوب "شيخ عبدالحق دهلوي ص ٧١. تاريخ مدينہ "ابن شبہ" ج ١ ص ٦٨، الدر الثمين "غالي شنقيطي" ص ٢٩/٣٠. تاريخ المدينة المنوره الياس عبدالغني ص ٢٤.

(١) سورة جمعہ پاره ٢٨ آيت ٩.

Marfat.com

طَلَعَ الْبَدْرُ عَلَيْنَا ـ مِنْ ثَنِيَّاتِ الْوَدَاعِ. (١)

ايريو اسان لاءِ چوڏهين جو چنڊ، "وداع" جي ٽڪرين منجهان.

وَجَبَ الشُّكْرُ عَلَيْنَا، مَا دَعَىٰ لِلّٰهِ دَاعِ. (٢)

---

(١) عربي زبان ۾ "ثنيہ" لفظ جي معنيٰ آهي ڪوہ گهاٽ، ڏرو، پولو، پٽ يا مٿانهون ماڳ وغيره ۽ ان جو جمع آهي "ثنيات." جڏهن ته لفظ "وداع" جي معنيٰ آهي موڪلاڻي. ڪجهہ ماهرن جو اهو ہ خيال آهي ته "ثنيات" جمع نہ پر مفرد لفظ آهي ۽ عربي زبان ۾ ٻيا ہ ان قسم جا لفظ موجود آهن، جيئن "اذرعات" ۽ عرفات وغيره. پر اها راءِ اڪثريت جي موافق نہ آهي.

نالي پوڻ جو سبب

قديم دور کان مديني جا ماڻهو پنهنجي خوش اخلاقيءَ ۽ مهمان نوازيءَ سبب سڄي عرب ۾ مشهور هئا. هو پنهنجي مهمانن جي دل کولي خدمت ڪندا هئا ۽ پوءِ جڏهن مهمانن جي موڪلائڻ جو وقت ايندو هو، ته هو شهر جي آخري ڇيڙي تائين ساڻن گڏيا ايندا هئا ۽ پوءِ اتي آخري موڪلاڻي ڪئي ويندي هئي. جنهن ڪانپوءِ مهمان پنهنجي گهر جي واٽ ونڊندا هئا ۽ ميزبان وري پنهنجي ماڳن ڏانهن موٽ ڪندا هئا. انڪري ان موڪلاڻي واري جاءِ تي اهو نالو پئجي ويو. ڪجهہ روايتن مان ائين ہ معلوم ٿئي ٿو ته مديني جا رهاڪو پنهنجي حاجين کان موڪلائڻ لاءِ ان ماڳ تائين ايندا هئا يا وري ڪن جو خيال آهي ته نبي اڪرم ﷺ جن ڪيترا سرايا ۽ بعوث جيڪي روانا ڪيا ته انهن کان موڪلائڻ لاءِ هن جاءِ تائين ايندا هئا. انڪري مٿس اهو نالو پيو. پر اها روايت صحيح نہ ٿي لڳي. ڇوته پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي مديني اچڻ کان اڳ ئي اهو لفظ موجود هو. جيئن مٿين شعر مان معلوم ٿئي ٿو.

بيهڪ

ان ڳالهہ ۾ راوين جو گهٽو اختلاف آهي ته اهو ماڳ شهر جي ڪهڙي پاسي کان هو؟

ان ڏس ۾ ڪجهہ راوين جي راءِ آهي ته مديني شهر جي ڏاکڻي طرف جيڪو رستو "قبا" ڏانهن وڃي ٿو، اهو ماڳ ان جي ڇيڙي تي "قبا" جي ويجهڙائي ۾ هو، ۽ ان دڳ کان ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني شريف ۾ داخل ٿيا، جنهن سبب ڪري مٿيان شعر پڙهيا ويا. ٻئي طرف وري اهو خيال عام آهي ته "ثنية الوداع" نالي ماڳ شهر جي اترين پاسي "سلع جبل" جي پٺيان هو ۽ اهو رستو شام ڏانهن ويندو آهي، جنهنڪري مديني ڏانهن ايندڙ يا ويندڙ ماڻهن جي هتان لنگهڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. اهو ماڳ گهٽي عرصي تائين مديني جي ماڻهن وٽ مشهور ہ رهيو آهي، "جيئن ابن قيم" ۽ ٻين پنهنجي ڪتابن ۾ ڄاڻايو آهي. جديد تحقيق ڪانپوءِ هاڻي اها ڳالهہ سامهون آئي آهي ته ان قسم جا ہ "ثنيہ" شهر جي اتر ۽ ڏکڻ ۾ موجود هئا، جنهنڪري انهن ٻنهي کي گڏ "ثنيات الوداع" چيو ويو. جنهن جاءِ تي ڏکڻ وارو "ثنيہ" هو اتي بعد ۾ ترڪن طرفان هڪ قلعو جوڙايو ويو، جنهن جا آثار اڄان تائين موجود آهن. هن جاءِ تان پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيترائي سرايا روانا فرمايا.

اتر وارو "ثنيہ" وري ان جاءِ وٽ هو، جتي سيدالشهداء رودِ ۽ سلطانہ رودِ پاڻ ۾ ملن ٿا. عثماني دور ۾ ان ماڳ تي ترڪن طرفان هڪ مسجد جوڙائي ويئي هئي ۽ پوءِ وري اڄڪلهہ سعودي حڪومت طرفان ان جاءِ تي هڪ جديد قسم جي خوبصورت مسجد تيار ڪئي ويئي، پر ١٤٠٣ هـ ڌاري رستن کي ڪشادي ڪرڻ جو پروگرام بڻايو ويو، تڏهن اها مسجد شريف ہ شهيد ڪئي ويئي "انا لله وانا اليہ راجعون." غزوه غابہ، خيبر ۽ تبوڪ وغيره لاءِ ايندي ويندي پاڻ سڳورا ﷺ هن "ثنيہ" وٽان ئي لنگهيا هئا. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٣ ص ٢٧٧. معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ٢ ص ٨٦. الدر الثمين "محمد غالي شنقيطي" ص ١٢٨/١٢٣.

(٢) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج١ ص ٣١٢. سيرة ابن كثير ج ٢ ص ٢٧٠/٢٦٩. دلائل النبوة "بيهقي" ج٢ ص ٥٠٧.

Marfat.com

اسان تي الله جو شڪر واجب آهي، جيسين الله کي ڪو سڏڻ وارو باقي آهي.
رزين رضہ جي روايت ۾ هيٺيون شعر پڻ موجود آهي. (۱)

اَيُّهَا الْمَبْعُوْثُ فِيْنَا جِئْتَ بِالْاَمْرِ الْمُطَاعِ.

اي اسان ڏانهن نبي (صلی الله علیه وسلم) بڻائي موڪليل، اوهان جيڪي حڪم آندا آهن انهن کي ضروري مڃڻو آهي.

ڪجهہ راوين جو خيال آهي تہ اهي بيت نبي اڪرم صلی الله علیه وسلم جن جي غزوہ تبوڪ کان موٽ تي عورتن ۽ ڇوڪرين طرفان پڙهيا ويا. (۲)
مٿين ٻنهي روايتن کي صحيح سمجهڻ لاءِ ڇئي سگهجي ٿو تہ اهي بيت ٻنهي موقعن تي پڙهيا ويا هوندا.

مديني شهر ۾ مڻي مرسل صلی الله علیه وسلم جن جو داخل ٿيڻ

* هن سال نبي انور صلی الله علیه وسلم جن جڏهن مديني پهتا تہ هڪ ڏاچي تي سوار هئا. مديني ۾ هر قبيلي جا ماڻهو ڏاچيءَ کي مهار کان جهلي عرض ڪري رهيا هئا تہ مڻو مرسل صلی الله علیه وسلم سندن ئي قبيلي جو مهمان ٿئي.
ان تي پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن کين فرمايو: "توهان ڏاچيءَ کي ڇڏيو! هوءَ الله جي امر سان ئي ويهندي." (۳)
پوءِ ڏاچيءَ کي ڇڏيو ويو تہ هوءَ حضرت اَبُوْ اَيُّوْب اَنْصَاري رضہ جي گهر آڏو پهچي اتي ويهي رهي. ڏاچيءَ جي ويهڻ واري اها جاءِ مديني ۾ اڄان موجود آهي. ماڻهو برڪت خاطر ان جاءِ جي زيارت ۽ ڪندا آهن ۽ اتي نفل ۽ پڙهندا آهن.

مسجد نبوي صلی الله علیه وسلم جو بنياد

* هن سال نبي اڪرم صلی الله علیه وسلم جن جڏهن مديني ۾ اڄان حضرت اَبُو اَيُّوْب اَنْصَارِيءَ جي گهر ۾

---

(۱) سبل الهدي والرشاد. شامي ج ۳ ص ۲۷۱.
(۲) "بيهقي" "دلائل النبوة" ۾، ابن مقري "كتاب الشمائل" ۾، محب طبري "رياض النضره" ۾ ۽ قاضي عياض "الشفا" ۾ جيڪي روايتون نقل ڪيون آهن، تن مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ اهي شعر پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مديني ۾ داخل ٿيڻ جي موقعي تي ئي پڙهيا ويا. علامہ حلواني جو خيال آهي تہ مٿيون سموريون روايتون "شرط شيخين" مطابق صحيح آهن، پر شيخ الاسلام ولي عراقي سمورين روايتن کي سختيءَ سان رد ڪري ٿو ۽ ان جي مقابلي ۾ هو صحيح بخاري، سنن ابوداؤد ۽ "ترمذيءَ" ۾ حضرت سائب بن يزيد جي روايت کي اهميت ڏئي ٿو، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ اهي شعر سرور ڪائنات ﷺ جن جي تبوڪ کان واپسيءَ جي موقعي تي پڙهيا ويا. ۽ هو ان راءِ جو حامي آهي تہ "ثنية الوداع" شام ڏانهن ويندڙ واٽ تي ئي واقع هو. "علامہ شامي" ۽ "قسطلاني" پنهنجي ڪتابن ۾ ان بحث کي تفصيل سان نقل ڪيو آهي.
المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۱۲. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۳ ص ۲۷۸. الرياض النضره "محب طبري" ج ۱ ص ۱۲۲.
(۳) سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۱۴۱. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۳ ص ۲۷۵. سيرة "ابن كثير" ج ۲ ص ۲۷۲.

Marfat.com

ترسيل هنا، تڏهن مسجد نبوي ﷺ جو بنياد رکيو هنائون. (١)

حُجرن جي اڏاوت

* هن سال جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ اڃان حضرت اَبُو اَيُوْب اَنْصَارِيءَ رضہ جا مهمان ئي هنا، تڏهن حجرن ۽ کمرن جي اڏاوت جو کم بہ شروع کرائي ڇڏيو هنائون، پوءِ جيئن ئي اهو کم پورو ٿيو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت ابو ايوب رضہ جي گهران لڏي اچي انهن حجرن ۾ رهيا. (٢)

واقديءَ جو قول آهي تہ نبي اڪرم ﷺ جن، حضرت ابو ايوب رضہ جي گهر ست مهينا ترسيا، جڏهن تہ هڪ ٻئي قول ۾ اهو مدو مهيني کان بہ گهٽ ٻڌايو ويو آهي. (٣)

حضرت عليءَ رضہ جي هجرت

* هن سال حضرت علي بن اَبُوْ طَالِب رضہ هجرت ڪئي. رسول ڪريم ﷺ جن ڪين پنهنجي پويان مڪي ۾ ڇڏي آيا هئا. ان ڪانپوءِ حضرت علي رضہ جن اتي ٽي راتيون ڪن رهي، پوءِ مديني ڏانهن پنڌ پيا ۽ "قُبا" ۾ اچي پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏيا. (٤)

حضرت علي رضہ کي تڪليف

* هن سال حضرت علي ڪرم الله وجهہ جن هجرت ڪري جڏهن "قُبا" ۾ پهتا، تڏهن تڪڙي هلڻ ۽ گهٽي پنڌ ڪرڻ سبب سندن ڇنگهن ۾ سخت سور محسوس ٿيڻ لڳو. پاڻ ڪريم ﷺ جن سور واري جاءِ تي پنهنجو هٿ مبارڪ گهمايو ۽ دعا گهري، تہ سندن سور لحظي ۾ لهي ويو، (٥) ۽ ان ڪان پوءِ ڪين وري سور نہ ٿيو. اهو نبي سونهاري ﷺ جن جو معجزو آهي.

هجري سن جي شروعات

* هن سال جڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن قبا ۾ ترسيل هئا، تڏهن حڪم ڏنائون تہ هجرت واري ڏينهن کان (اسلامي) تاريخ جي شروعات ڪئي وڃي ۽ سال جو پهريون مهينو محرم مقرر ڪيو وڃي، ڇو جو عربن وٽ بہ اهوئي رواج هو ۽ ان ئي مهيني ۾ حاجي سڳورا حج ڪري پنهنجي گهرن ۾ موٽي ايندا هئا. (٦) هڪ روايت ۾ ائين بہ ٻڌايو ويو آهي تہ هجري سن جي شروعات حضرت عمر بن خطاب رضہ جي خلافت دوران هجرت جي سترهين سال کان ٿي ۽ محرم کي سال جو پهريون مهينو شمار ڪيو ويو پر پهريون قول وڌيڪ صحيح آهي.

---

(١) "البدايہ والنهايہ" ابن ڪثير ج ٣ ص ٢١٣.

(٢) الروض الانف "سَهيلي" ج ٢ ص ٢٣٠، سبل الهدي والرشاد شامي ج ٣ ص ٣٤٨/٣٤٩، زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٦١، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ١ ص ٣٦٦.

(٣) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٣١٥.

(٤) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٢٠٧، الروض الانف "سَهيلي" ج ٢ ص ٢٣٧. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ٣ ص ٢٠٦.

(٥) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ١٩.

(٦) السيرة النبويہ "ابن كثير" ج ٢ ص ٢٨٨، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٣٠٧/٣٠٨.

Marfat.com

اهل بيت جي هجرت

* هن سال مديني هجرت ڪرڻ کان ڪجهه وقت پوءِ نبي آخر الزمان ﷺ جن پنهنجي ٻن آزاد ڪيل ٻانهن ابو رافع ۽ حضرت زَيْد بن حارثہ کي حضرت عَبْدُالله بن اَبُوبَکَر سان گڏ مکي اماڻيو، تہ هو پاڻ ڪريم ﷺ ۽ حضرت اَبُوبَکَر صِدِّيق رضہ جي ٻارن ٻچن کي پاڻ سان گڏ مديني وٺي اچن. کين سواريءَ لاءِ ٻہ اُٺَ ۽ خرچ لاءِ پنج سؤ درهم روک ٻہ ڏنا ويا. ان کانپوءِ هو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ٻن نياڻين سيده فَاطِمَةُ الزَّهْرا ۽ سيده ام ڪلثوم، گهر واري حضرت سوده رضہ، دائي ام ايمن، ام المؤمنين سيده عَائِشَہ صديقہ رضہ، سندس پيٽ حضرت اَسماء ۽ ماءُ اُمّ رومان رضي الله عنهن کي مديني وٺي آيا. ان وقت هجرت کي ست مهينا گذري چڪا هئا، جنهن جو ثبوت ان ڳالهہ مان ٻہ ملي ٿو تہ جڏهن هي ننڍڙو قافلو "قُباءَ" وٽ پهتو، تڏهن حضرت اَسماء رضہ پورن مهينن سان هئي ۽ اتي ئي ڪيس عبدالله بن زبير ڄائو. (۱) هڪ صحيح روايت مطابق ابن زُبَيْر شوال مهيني ۾ ڄائو. اها ڳالهہ حافظ ابن ڪثير پنهنجي ڪتاب "البدايہ والنهايہ" ۾ ڄاڻائي آهي. (۲)

مسجد ۽ حجرن جي اڏاوت

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني ۾ مسجد ۽ رهڻ لاءِ حجرن جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪرايو. جنهن لاءِ پلاٽ رافع بن عمرو جي پٽن سَهل ۽ سُهيل کان خريد ڪيو ويو. ان جاءِ تي سنڊن "پڙُ" هو، جتي هو کارکون سکائيندا هئا. هن مسجد جي باري ۾ تفصيل وڌن ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. (۳)

صُفي جي اڏاوت

* هن سال مسجد جي پاسي کان هڪ ڇپرو ٻہ جوڙيو ويو تہ جيئن اتي غريب غُرباء رهي سگهن. هن جاءِ کي "صُفَّہ" جو نالو ڏنو ويو ۽ هتي رهڻ وارا "اَهْل صُفَّہ" سڏجڻ لڳا. (۴)

اذان ۽ اقامت جي شروعات

* هن سال اذان ۽ اقامت جي شروعات ٿي، جنهن جو طريقو سڀ کان پهريان حضرت عَبْدُالله بن زَيْد بن عَبْدِرَبّہ اَنْصَاري خَزْرَجِيْ رضہ کي خواب ۾ ڏسيو ويو، ان کانپوءِ ان باري ۾ وحي نازل ٿي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن ان طريقي کي ئي برقرار رکيو. (۵)

---

(۱) صحيح بخاري جلد ۲ ص ۳۳۴.

(۲) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۱۹.

(۳) صحيح بخاري جلد ۲ ص ۳۳۳، سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۱۴۱، السيرة النبويہ "ابن ڪثير" ج ۲ ص ۳۰۴ - ۳۰۳، روض الانف "سَهيلي" ج ۲ ص ۲۴۷.

(۴) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۱۸.

(۵) سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۱۵۵/۱۵۴، الروض الانف "سهيلي" ج ۲ ص ۲۵۳، المواهب اللدنيہ ـ قسطلاني ج ۱ ص ۳۲۳/۳۲۲. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۳۱/۲۳۰، "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ۱ ص ۲۲۷.

Marfat.com

كجهہ روايتن ۾ اچي ٿو تہ اذان ۽ اقامت جي شروعات هجرت جي ٻئي سال ڪئي ويئي، پر پهرين روايت کي ئي وڌيڪ صحيح سمجهيو وڃي ٿو. حافظ ابن حجر عسقلاني "فتح الباري" ۾ پهرين روايت کي ئي اوليت ڏني آهي، ۽ "ارشاد الساريء" ۾ "قسطلاني" به ان روايت کي ئي صحيح سڏيو آهي.

حديثن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ اسلام ۾ پهريون پيرو "اذان" حضرت بلال بن رباح رضہ ڏنو هو، ۽ عَبْدُالله بن زيد رضہ کي جيڪي "لفظ" "جبرئيل" خواب ۾ ڏسيا، تن کي ادا ڪرڻ جو شرف "بِلَال رضہ" کي ئي حاصل ٿيو. (۱)

"سنن ابن ماجہ" جي روايت آهي تہ عَبْدُالله بن زَيْد رضہ "اَذان" جي باري ۾ جيئن رات جو خواب لڏو تہ ان مهل ئي هو نبي ڪريم ﷺ جن وٽ پهتو ۽ کين پنهنجي خواب جو احوال ڏنائين، جنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ حڪم فرمايو تہ اهو بلال کي ٻڌايو وڃي تہ جيئن هو وڏي واڪي اهي لفظ ورجائي.

ان حديث مان اها به ڄاڻ ملي ٿي تہ حضرت بِلَال رضہ طرفان سڀ کان پهريان صبح جو اذان ڏنو ويو هو، ڇو جو خواب ڪانپوءِ جڏهن حضرت عَبْدُالله بن زَيْد رضہ نبي سائين ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو ۽ اتان کيس بنا دير "بلال" ڏانهن وڃڻ جو حڪم مليو. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ "بِلال" اهو "اذان" ضرور "صبح" ويل ئي ڏنو هوندو." (۲)

بگھڙ جي ڳالهائڻ وارو معجزو

* هن سال هڪ بڪرار آڏو بگھڙ ڳالهايو ۽ نبي سائين ﷺ جي نبوت جي شاهدي ڏنائين. ان بڪرار جو نالو اُهْبان بن اَوس اسلمي ۽ ڪنيت ابو عقبہ ٻڌائي وئي آهي. اهبان جڏهن بگھڙ جي ڳالهہ ٻڌي تہ ان کي چيائين: "جيڪڏهن ڪو منهنجون بڪريون سنيالي ها تہ مان ان نبي سڳوري ﷺ جن جي خدمت ۾ پهچي سندن آڏو اسلام قبول ڪريان ها." ان تي ڪيس بگھڙ جواب ڏنو، "جيڪڏهن تون اوڏانهن ٿي جلدي موٽي اچين تہ اڃ اوتري دير تنهنجو ڏڻ سنيالينداس." ان ڪانپوءِ "اهبان پنهنجي ڏڻ کي ان بگھڙ جي حوالي ڪري پاڻ نبي سردار ﷺ جن وٽ پهتو ۽ پنهنجي ڪفر تان هٿ کڻي اسلام بہ قبول ڪيائين تہ نبي اڪرم ﷺ جن کي ان بگھڙ جو قصو بہ ٻڌايائين، جنهن تي پاڻ سڳورا ﷺ خوش ٿيا. پوءِ "اهبان اتان موڪلائي جڏهن واپس وريو تہ سندس حيرت جي حد نہ رهي جو سڄو ڏڻ صحيح سلامت هو، جنهن کي اهو بگھڙ چاري رهيو هو. نبي ڪريم ﷺ جن جي معجزن مان هي هڪ عظيم معجزو آهي. (۳)

هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ بگھڙ جي ڳالهائڻ ۽ "اُهبان" جي اسلام قبول ڪرڻ وارو هي واقعو سن ڇهين هجريءَ جو آهي.

---

(۱) أسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۲۰۷، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۲ ص ۳۵۲/۳۵۱.

(۲) "البدايہ والنهايہ" ابن كثير ج ۳ ص ۲۲۲، سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۱۵٦، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۳۵۹. سنن ابن ماجہ "كتاب الاذان" ج ۱ ص ۲۳۹.

(۳) سيرة ابن اسحاق ص ۲٦۰، "مسند احمد ابن حنبل" ج ۳ ص ۸۸، دلائل النبوه "بيهقي" ج ٦ ص ۴۴/۴۱. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۵۵۲/۵۵۱. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۱۲۷، خصائص الكبريٰ "سيوطي" ج ۲ ص ٦۱. "سبل الهدي ""شامي" ج ۹ ص ۵۱۷، الرياض المستطابہ "علامہ عامري" ص ۳۹.

Marfat.com

پهرين روايت شيخ عبدالحق محدث دهلوي پنهنجي كتاب "جَذْبُ الْقُلُوْب" ۾ ۽ جهين هجريءَ واري روايت وري "تذكرة القاري بحل رجال البخاريءَ" واري نقل كئي آهي. اُهبان جو ذكر بين وڏن كتابن ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

حضرت عُثْمَان رضہ بن مَظْعُوْن جي وفات

* هن سال حضرت عُثْمَان رضہ بن مَظْعُوْن وفات كئي. هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سندن وفات غزوه بدر كانپوءِ سن بي هجريءَ ڏاري ٿي. هيءُ پهريون مهاجر آهي، جنهن كي جَنَّتُ الْبَقِيْع ۾ دفنايو ويو. (١) سندس قبر نبي كريم صلى الله عليه وسلم جن جي نينگر حضرت اِبْرَاهِيْم جي پر ۾ جوڙي ويئي.

بَرَاء بن مَعْرُوْر رضہ جي وفات

* هن سال صفر جي مهيني ۾ حضرت بَرَاء بن مَعْرُوْر اَنْصَارِي سلميءَ به هن جهان مان لاڏاڻو كيو. (٢) اهو واقعو سرور كائنات صلى الله عليه وسلم جن جي مديني ڏانهن هجرت كان هڪ مهينو اڳ پيش آيو.
رسول كريم صلى الله عليه وسلم طرفان مديني ۾ جيكي مهندار (نقيب) مقرر كيا ويا، انهن مان سڀ كان پهريان بَرَاء بن مَعْرُوْر رضہ وفات كئي.

ٽن مشركن جو موت

هن سال مشركن جا ٽي ماڻهو مري ويا، جن مان وَلِيْد بن مُغِيْرَه ۽ عَاص بن وَائِل جو موت مكي ۾ ٿيو، جڏهن ته اَبُو اُصَيْحَة "طَائِف" ۾ مئو. اهي ٽيئي شخص مرڻ گهڙيءَ تائين مشرك ئي رهيا. (٣)

نُعْمَان بِن بَشِيْر رضہ جو جنم

* هن سال جمادي الاول جي مهيني ۾ نُعْمَان بن بَشِيْر اَنْصَاري خَزْرِجي جائو. هي پهريون ٻار هو جيكو، هجرت كانپوءِ مديني ۾ كنهن انصاريءَ جي گهر جائو هو. هي ٻار سڳ ۾ حضرت عَبْدُالله بن رَوَاحَہ رضہ جو ڀاڻيجو هو ۽ عَبْدُالله بن زُبَيْر وري هن كان ڇهہ مهينا پوءِ جائو. (٤)

عَبْدُالله بن زُبَيْر رضہ جو جنم

* هن سال جي شوال مهيني ۾ يعني هجرت كان ڇهہ مهينا پوءِ "عَبْدُالله بن زُبَيْر" قُباء ۾ جائو. هتي مهينن جي ڳاڻيٽي ۾، هجرت وارو مهينو ربيع الاول ۽ هن ٻار جي جنم وارو مهينو، ٻئي نہ ڳڻيا

---

(١) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٣٨٦. "الاصابہ" حافظ ابن حجر ج ٢ ص ٤٦٤. وفاء الوفاء "علامہ سمهودي" ج ٣ ص ٨٩١/٨٩٢. "تاريخ المدينة المنوره" ابن شبہ نميري ج ١ ص ١٠٠.
(٢) سير اعلام النبلاء "ذهبي" ج ١ ص ٢٦٧. "اسد الغابہ ـ ابن الاثير" ج ١ ص ١٧٤. "الاصابہ" "ابن حجر" ج ١ ص ١٤٤/١٤٥.
(٣) البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ٣ ص ٢٢٤. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ١ ص ٣٥٣. تاريخ طبري ج ٢ ص ١١٧.
(٤) "الاصابہ" ابن حجر ج ٣ ص ٥٥٩. تاريخ الخميس ـ ديار بكري ج ١ ص ٣٥٤.

Marfat.com

ويا آهن. هي پهريون پار هو، جيڪو هجرت ڪانپوءِ ڪنهن مهاجر جي گهر ڄائو. (۱)

روايت موجب پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني پهچڻ کان ڪجهه وقت پوءِ حضرت زَيْد بن حارثہ ۽ اَبُورَافِع رضي الله عنهما کي مڪي موڪليو ته هو پاڻ ڪريم ﷺ ۽ حضرت اَبُوبَڪَر رضه جي گهر ياتين کي پاڻ سان مديني وٺي اچن. موٽ تي جڏهن هو "قُبا" وٽ پهتا ته حضرت اَسْمَآء بنت ابوبڪر رضه جيڪا پرين مهينن سان هئي، تنهن کي عبدالله بن زبير ڄائو، جنهن تي مسلمانن کي ڏاڍي خوشي ٿي، ڇو جو يهودين طرفان اها ڳالهه هُلائي ويئي هئي ته هن نبي اڪرم ﷺ جن جي ساڻين تي اهڙو جادو ڪري ڇڏيو آهي، جو هاڻي هن وٽ هجرت ڪانپوءِ مديني ۾ پٽ جو اولاد نه ڄمندو. پر پوءِ جڏهن انصار وارن وٽ پهريون پٽ نعمان بن بشير ڄائو، تڏهن مسلمان ڏاڍو خوش ٿيا. ان تي يهودي چوڻ لڳا، "اسان جادو انصارن تي نه پر مهاجرن تي ڪيو آهي." جنهن ڪانپوءِ وري ستت ئي مهاجرن ۾ عَبْدُالله بن زُبَيْر ڄائو، بس پوءِ ته مسلمان خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيا. ٻار ڄمڻ سان ئي حضرت اسماء ننڍڙي عَبْدُالله کي آڻي پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪي هنج ۾ ڏنو. پاڻ ڪريم ﷺ جن کارڪ چٻاڙي هن ننڍڙي ٻار جي وات ۾ وڌي. اهڙي ريت جيڪا پهرين شيءِ حضرت عَبْدُالله رضه جي پيٽ ۾ داخل ٿي اها سرور ڪائنات ﷺ جن جي لِبَ مبارڪ هئي ۽ پوءِ هن ٻار لاءِ برڪت جي دعا ٻه گهريائون. (۲)

هوڏانهن وري "اَسْوَد" جي راءِ آهي ته "نُعْمَان" ۽ ابن زُبَيْر ٻئي ڇٽا هجرت جي ٻئي سال ڄاوا، يعني "نُعْمَان" هجرت جي چوڏهن مهينن ڪانپوءِ ۽ ابن زبير ويهن مهينن ڪانپوءِ ڄائو. پر صحيح حديثن جي روشنيءَ ۾ "اَسْوَد" جو اهو قول صحيح ثابت نٿو ٿئي.

اُمّ سُليم رضه جي سوڪڙي

هن سال حضرت اُم سُليم رضه پنهنجي ننڍڙي پٽ "اَنَس" رضه کي سرور عالم ﷺ جن جي خدمت لاءِ وٽن وٺي آئي، ڇو جو مديني جا مرد توڙي زالون پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ مختلف سوڪڙيون پيش ڪندا رهندا هئا. اهڙي آس "اُمّ سُليم" جي دل ۾ به هئي، پر جيئن ته وٽس ڪا اهڙي ٻي شيءِ ڪا نه هئي، انڪري هوءَ پنهنجي ننڍڙي "اَنَس" کي وٺي آئي ۽ عرض ڪيائين: "اي خدا جو رسول ﷺ، هي اوهان جو ٻانهڙو آهي." (۳) يعني اوهان جي خدمت لاءِ ڪيس اوهان وٽ آندو اٿم.

زڪوات جو فرض ٿيڻ

* هن سال اهڙي ملڪيت تي "زَڪواة" فرض ڪئي ويئي، جيڪا مقرر ڪيل نصاب تائين پهچي.

---

(۱) "البدايہ والنهايہ" ابن ڪثير ج ۳ ص ۲۲۳. اسد الغابہ ـ ابن الاثير ج ۳ ص ۱۶۲. تاريخ الخميس ج ۲ ص ۲۵۴.

(۲) السيرة النبويہ "ابن ڪثير" ج ۲ ص ۳۳۲/۳۳۱. "الاصابہ" ابن حجر ج ۲ ص ۳۰۹. "تاريخ الخميس" ديار بڪري ج ۱ ص ۲۵۴.

(۳) اسد الغابہ ـ ابن الاثير ج ۵ ص ۵۹۱. "الاصابہ" ابن حجر ج ۴ ص ۴۶۲/۴۶۱. "سبل الهدي والرشاد" شامي ج ۱۰ ص ۲۰۵.

Marfat.com

اهــو قــول وڌيڪ صحيح آهي، جڏهن ته هــڪ روايــت ۾ ٻڌايو ويــو آهي ته هجرت جي ٻئي سال پهريان (رمضان جي روزن کانپوءِ) "فطره" ادا ڪرڻ جو حڪم نازل ٿيو ۽ ان کانپوءِ زڪواة کي فرض ڪيو ويو. (۱)

---

(۱) لفظ "زڪواة" جي لغوي معنيٰ آهي وڌڻ ويجهڻ ۽ گهٽو ٿيڻ وغيره. ان کان علاوه زڪواة جي معنيٰ پاڪيزگي ۽ برڪت وغيره به ٻڌائي ويئي آهي. زڪواة جو ذڪر قرآن شريف ۾ نماز سان گڏ ويهه دفعا پر ان کان علاوه به ڪجهه جاين تي آيو آهي. ان مان خبر پوي ٿي ته زڪواة به نماز وانگر دين جو هڪ اهم ترين رڪن آهي ۽ اهي ٻئي اهڙا رڪن آهن، جيڪي اڳين امتن مٿان به فرض هئا.

اسان جي دين ۾ به نماز ۽ زڪواة جي ادائگي واريون روايتون اسلام جي ابتدائي دور کان وٺي موجود آهن. انڪري ان ڳالهه ۾ راوين جو اختلاف آهي ته زڪواة جي فرضيت وارو حڪم ڪڏهن نازل ٿيو؟ فقيهن توڙي مؤرخن ان ڏس ۾ وڏا بحث ڪيا آهن. هتي جيڪا روايت نقل ڪئي ويئي آهي ان ۾ زڪواة جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهو حڪم سن هي هجريءَ ڌاري نازل ٿيو، ان جو راوي "قيس بن سعد بن عباده" آهي، جنهن کان اها روايت امام احمد بن حنبل، نسائي، ابن ماجه، امام حاڪم ۽ امام نووي وغيره نقل ڪئي آهي.

ابن حزم اندلسيءَ جو خيال آهي ته هجرت ڪانپوءِ جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان مهاجرن ۽ انصارن ۾ پائيچارو قائم ڪرايو ويو ته ان کان پوءِ ستت ئي اهو حڪم نازل ٿيو.

هڪ ٻي روايت جيڪا ام المومنين سيده ام سلمیٰ کان صحيح ابن خزيمه ۾ نقل ڪئي ويئي آهي، ان مان ڄاڻ ملي ٿي ته اهڙو حڪم هجرت کان اڳ مڪي مبارڪ ۾ ئي نازل ٿيو هو، انڪري حبش واري هجرت جي موقعي تي حضرت اصحمه نجاشيءَ رضه آڏو حضرت جعفر طيار بن ابوطالب رضه تقرير ڪندي فرمايو هو ته:

"اسانجي نبي ڪريم ﷺ جن اسانکي نماز پڙهڻ، روزا رکڻ ۽ زڪواة ڏيڻ جو حڪم ڏنو آهي."

ان روايت بابت مختلف محدثن ۽ محققن پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي. "علامه قسطلاني" پنهنجي ڪتاب "المواهب اللدنيه" ۾ ان ڏس ۾ لکي ٿو: "حضرت جعفر طيار جي قول ۾ جيڪي ڄاڻايو ويو آهي ان ۾ نه نماز مان مراد هيءَ پنج وقتي نماز آهي، نه روزن مان مراد رمضان شريف جا روزا آهن ۽ نه وري زڪواة مان مراد هيءَ خاص زڪواة آهي، جيڪا اڄ سوڏو مسلمان ادا ڪندا رهن ٿا."

اهوئي سبب آهي جو ان ڳالهه تي سمورا راوي متفق آهن ته زڪواة هجرت ڪانپوءِ مؤمنن مٿان فرض ڪئي ويئي. باقي مڪي شريف ۾ جنهن زڪواة جو ذڪر مٿين روايت ۾ ملي ٿو، ان جو مطلب اهو آهي ته ان دور ۾ عام خيرات ۽ صدقات کي به زڪواة سڏيو ويندو هو، ڇو جو اهڙيون روايتون اسان کي هجرت کان اڳ، توڙي پوءِ واري زماني ۾ ملن ٿيون، جن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن طرفان مختلف موقعن تي مسلمانن جو ڏيان زڪواة ادا ڪرڻ ڏانهن ڇڪايو ويو آهي. ان جو هڪ سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته ان دور ۾ اڪثر نون مسلمانن جي مالي حالت تمام ڪمزور هئي. ٻئي طرف وري ماڻهن کي ان نيڪ ۽ ڏکئي ڪم ڏانهن راغب ڪرڻ به ضروري هو، ته جيئن اڳتي هلي جڏهن اهڙو حڪم نازل ٿئي ته ماڻهو ذهني طور ان جي ادائيگيءَ لاءِ تيار هجن. تڏهن ته ان دور جي واقعات ۾ زڪواة جي باقاعده نظام جو ڪوبه ثبوت نٿو ملي.

جديد دور جي محققن سمورين روايتن کي پيٺيندي اها راءِ قائم ڪئي آهي ته زڪواة جي فرضيت وارو حڪم مڪي جي فتح ڪانپوءِ الين هجريءَ ۾ نازل ٿيو ۽ هجرت جي نائين سال باقاعده طور هن نظام کي نافذ ڪرڻ جا ثبوت تاريخ جي ڪتابن ۾ ملن ٿا. مشهور مؤرخ ابن الاثير، "تاريخ ڪامل" ۾ ان روايت کي وڌيڪ صحيح ڄاڻايو آهي، ڇو جو

Marfat.com

سيده عَائِشَہ رضہ جي رخصتي

* هن سال هجرت جي ستين مهيني يعني شوال ۾ سيده عَائِشَہ رضہ پنهنجي اباڻي گهران، جيڪو "سُنح" (۱) ۾ واقع هو، پرڻجي مڻي مرسل ﷺ جن جي گهر ۾ آئي. ان وقت بيبي سائنڍ جي عمر نَوَ ورهيہ هئي.

ان باري ۾ "امام نووي"، "صحيح مسلم" جي شرح ۾ ڄاڻايو آهي تہ، "شوال ۾ شادي ڪرڻ هر مومن لاءِ سنت يا مستحب جو درجو رکي ٿي، ڇو جو اهڙو عمل پاڻ ڪريم ﷺ جن کان ثابت آهي. ان مان اهڙن رافضين جي پرزور تردید ٿئي ٿي، جيڪي ٻن عيدن جي وچالي نڪاح توڙي شاديءَ کي مڪروه سمجهن ٿا."

هڪ ٻئي روايت مطابق سيده عَائِشَہ رضہ جي رخصتي هجرت جي ٻئي سال ٻہ ڏڻائي ويئي آهي، پر پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي. حضرت عَائِشَہ رضہ جو نڪاح پاڻ ڪريمن ﷺ سان هجرت کان ٿي ورهيہ اڳ مڪي ۾ ٿي چڪو هو، اهو "نبوت" جو ڏهون سال ۽ شوال جو مهينو هو. ان وقت بيبي سائنڍ جي ڄمار ڇهہ ورهيہ هئي. (۲)

عَبْدُالله بن سَلَام رضہ جو اسلام آڻڻ

* هن سال عَبْدُالله بن سَلَام رضہ ٻہ پنهنجي گهر ڀاتين سميت اسلام قبول ڪيو، جن ۾ سندس هڪ ڀڻي خَالِدَہْ بنت حَارِث ٻہ شامل هئي. (۳)

نبي اڪرم ﷺ جن جنهن ڏينهن ٿي هجرت ڪري اڇي حضرت اَبُو اَيُوب اَنْصَاريءَ رضہ جي گهر لٿا تہ ان ساڻئي ڏينهن ئي عبدالله بن سلام ٻہ مسلمان ٿيو. جيئن شيخ دهلويءَ پنهنجي ڪتاب "جَذْبُ اَلْقُلُوْب" ۾ ڄاڻايو آهي. (۴) ان موقعي تي يا ان ڪانپوءِ الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

سن نائين هجريءَ جي شروع ٿيڻ سان محرم مهيني ۾ ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن زڪواة اڳاڙڻ لاءِ ناظم مقرر ڪيا. هر قبيلي مٿان زڪوٰة جي وصوليءَ لاءِ هڪ الڳ ناظم مقرر ٿيو. گهٽي ڀاڱي قبيلن جي ڇڪن مڙسن مٿان ئي اها ذميواري عائد ڪئي ويئي ۽ پوءِ اڳتي هلي اهو سلسلو اسلام جي معاشي نظام جو هڪ اهم حصو بڻجي ويو.

لسان العرب "ابن منظور" ج ٦ ص ٦٤/٦٥. صحيح ابن خزيمہ ج ۴ ص ١٢/١٢. النهايہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٣٠٧. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۴ ص ٣١١/٣١٧. شرح زرقاني علىٰ مؤطا، امام مالڪ ج ٢ ص ٩٣/٩۴. فتح الباري "ابن حجر" ج ٣ ص ٢٠٢. جوامع السيرة "ابن حزم اندلسي" ص ٩٧، الدرر "ابن عبدالبر" ص ٩٣. "دائرة المعارف اسلاميہ" (اردو) ج ١٠ ص ۴٦٣/۴٦٩.

(۱) "سنح" مديني جو هڪ محلو هو، جتي حارث بن خزرج وارا رهندا هئا. هجرت ڪانپوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جن ٻہ هتي اڇي رهيا هئا ۽ سيده عائشہ رضہ جي شادي ٻہ هتي ئي ٿي هئي. نبي ڪريم ﷺ جن جي رهائش هتان اٽڪل هڪ ميل پري هئي. "معجم البلدان" ياقوت ج ٣ ص ٢٦٥.

(٢) طبقات الڪبريٰ ـ ابن سعد ج ٨ ص ۴٠، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٢٢٩.

(٣) "الروض الانف" "سهيلي" ج ٢ ص ٢٩١، سيرة ابن هشام ج ٢ ص ١٦٣/١٦۴..

(۴) جذب القلوب "شيخ عبدالحق دهلوي" ص ٧٧ ـ ٧٦.

Marfat.com

"وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْ بَنِيٓ اِسْرَائِيْلَ عَلٰى مِثْلِهٖ فَاٰمَنَ وَاسْتَكْبَرْتُمْ ـ الاية (١)

"ء شاهدي ڏني هڪ شاهد بني اسرائيل مان تہ هن ايمان آندو ء توهان وڏائي ڪئي."

ان ڪانسواءِ ابن سلام جي حق ۾ هيءَ آيت پڻ نازل ٿي:

قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ وَمَنْ عِنْدَهٗ عِلْمُ الْكِتَابِ. (٢)

"اوهان چئو الله ڪافي آهي شاهد، منهنجي ء اوهان جي وچ ۾ ء اهو جنهن وٽ ڪتاب جو علم آهي."

عَمْرو بن عَبَسَہ جو ايمان آڻڻ

* هن سال عَمْرو بن عَبَسَہ اَسْلَمِيّ، بت پرستيءَ کان بيزار ٿي، نبي سڳوري ﷺ جن وٽ آيو ء سندن ئي هٿ تي اسلام قبول ڪيائين. ان ڪانپوءِ هو سچو مسلمان ٿي رهيو. جيئن "شامي" پنهنجي سيرت ۾ بيان ڪيو آهي. هوڏانهن وري علامہ عامري پنهنجي ڪتاب "رياض المستطابہ" ۾ لکيو آهي تہ، "عَمْرو بن عَبَسَہ اسلام جي ابتدائي دور ۾ ئي مڪي ۾ نبوت جي پهرين سال اسلام قبول ڪيو ء هو پهرين ڇهن مسلمانن منجهان هڪ هو. (٣)

قَيْس بن صِرْمَہ جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال سرور عالم ﷺ جن جي مديني اچڻ ڪانپوءِ قَيْس بن صِرْمَہ اَنْصَاري (٤) بہ دين جي دائري ۾ داخل ٿيو.

هڪ دفعي هن رمضان شريف جو روزو رکيو، پوءِ جڏهن روزي کولڻ جو وقت آيو تہ سندس گهر ۾ کاڌي پيتي جي ڪابہ شيءِ موجود نہ هئي ء پوءِ ڪيس ائين ئي ننڊ اچي ويئي. ان دور ۾ رات جي سمهڻ ڪانپوءِ روزيدار لاءِ کائڻ پيئڻ حرام هو. انڪري هن بنا کائڻ پيئڻ جي ٻئي روزي جي نيت بہ ڪري ڇڏي، پوءِ ان روزي ڪيس تڪليف ڏني. ان موقعي تي حضرت قيس بن صرمہ جي حق ۾ خدا تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي."

"وَكُلُوْا وَاشْرَبُوْا حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ."

"ء کائو پيئو ايستائين جو پڌري ٿئي اوهان لاءِ سفيد ڌوري ڪاري ڌوريءَ کان (باڪ ڦٽيءَ جو)."

---

(١) سورة "احقاف" پاره ٢٦ آيت ١٠.

(٢) سورة "رعد" پاره ١٣ آيت ٤٣.

(٣) الرياض المستطابہ "علامہ عامري" ص ٢٣٨/٢٣٩.

(٤) قيس بن صرمہ جي نالي ۾ اختلاف آهي. ڪن راوين طرفان اهو نالو صرمہ بن قيس يا وري ڪن طرفان قيس بن مالڪ بن اوس بن صرمہ مازني بہ ٻڌايو ويو آهي.

"اسد الغابہ" ابن الاثير ج ٤ ص ٢١٧، "الاصابہ" "ابن حجر" ج ٣ ص ٢٥١.

Marfat.com

سَلْمَان فَارِسِيّءَ رضہ جو اسلام قبول کرڻ (۱)

* هن سال اَبُو عَبْدُالله سَلْمَان بن عَبْدُالله فَارِسِيّ رضہ ۾ اسلام قبول کيو. کيس سَلْمَان ابن اسلام ۽ سلمان الخير جي نالن سان ۾ ياد کيو ويندو آهي.

---

(۱) اسلامي تاريخ ۾ عجمين مان صحابيت جو شرف حاصل ڪندڙ پهريون صحابي حضرت "سلمان فارسي" ايران جي هڪ آتش پرست گهراڻي ۾ جنم ورتو. سندس ڪوٽ جو نالو "جيءَ" آهي، جيڪو رام هرمز يا اصبهان جي پسگردائيءَ ۾ هو. سندس اصلي نالو "مابہ" يا "مايہ" ۽ پيءُ جو نالو بوذخشان بن مورسلان ٻڌايو ويو آهي، جنهن جو شمار علائقي جي مشهور ۽ خوشحال ماڻهن ۾ ٿيندو هو، جو تہ هو پنهنجي ڪوٽ جو مشهور زميندار ۽ اتان جي آتشڪدي جو مهتمم ۽ متولي هو.

هن قبيلي جا ماڻهو عام طور باهہ جي پرستش ۾ ڪندا هئا تہ اڏامندڙ گهوڙي جي تصوير کي ۾ پوڄيندا هئا. پر سلمان جي دل ڪڏهن ۾ اهڙن جڙتو ۽ غير حقيقي معبودن ڏانهن راغب نہ ٿي ۽ ان جي ابتڙ هو هميشہ حقيقي خالق جي تلاش ۾ سرگردان رهندو هو.

هڪ ڏينهن سندس گذر ويجهڙائيءَ واري هڪ گرجا وٽان ٿيو، جتي عيسائي عبادت ۾ مصروف هئا. جن ڪان نندڙو سلمان بيحد متاثر ٿيو ۽ انهن کان سندن مذهب بابت ڪجهہ پڇا ڳاڇا ۾ ڪيائين، پر هو انهن سوالن جا تسلي بخش جواب نہ ڏيئي سگهيا ۽ ڪيس ٻڌايائون تہ هتن جا وڏا پادري ئي سندس سوالن جا جواب ڏيئي سگهندا، جيڪي ان مرڪزي گرجا گهر ۾ موجود آهن، جيڪو شام ۾ آهي، جنهن ڪانپوءِ سلمان لڪ چوريءَ گهران ڀڳو ۽ هڪ قافلي سان گڏجي وڃي شام پهتو. جتي مختلف راهبن جي خدمت ۾ رهي هن عيسائيت بابت ڪافي ڄاڻ حاصل ڪئي. ان سلسلي ۾ هو موصل، نصيبين، عموريہ جي وڏن وڏن پادرين جي صحبت ۾ رهيو، جتان ڪيس اها ڄاڻ ملي تہ نبي آخر الزمان ﷺ جن جي ظاهر ٿيڻ جو وقت اچي ويو آهي، جيڪو عرب جي ريگستان ۾ پيدا ٿيندو ۽ ڪجين واري سرزمين ڏانهن هجرت ڪندو. سندس پٺيءَ تي نبوت جي مهر هوندي. هو هديو قبول ڪندو پر صدقي کي ڀاڪ لاءِ حرام سمجهندو.

عموريہ جي راهب جو اهڙو احوال ٻڌي سلمان عرب ڏانهن وڃڻ جو قصد ڪيو. انهن ئي ڏينهن ۾ بنو ڪلب وارن جو هڪ قافلو عرب وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. سلمان ۾ ساڻن پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ گڏجي نڪتو. هن قافلي جو اڳواڻ هڪ رهزن شخص هو، جنهن عربستان پهچي سلمان جهڙي عابد ۽ زاهد شخص کي هڪ يهوديءَ هٿ وڪڻي ڇڏيو. ان يهوديءَ وري ڪيس "بنوقريظہ" جي هڪ شخص عثمان بن اشهل قرظيءَ هٿ وڪيو ۽ پوءِ اهو شخص سلمان کي مديني وٺي آيو ۽ پنهنجي ڪجين جي باغ ۾ ڪيس نوڪر ڪري رکيائين. هڪ ڏينهن سلمان باغ ۾ ڪجيءَ تي چڙهي ڪارڪون لاهي رهيو هو تہ سندس مالڪ وٽ هڪ مهمان آيو، جنهن "نبي انور ﷺ" جن جي "ڦبا" ۾ پهڃڻ جي خبر عثمان کي ٻڌائي. ان خبر سلمان کي بي چين ڪري ڇڏيو. آخر هڪ ڏينهن هو مالڪ کان موڪلائي "قبا" آيو. ان وقت ڀاڪ سڳورا ﷺ جن پنهنجي صحابين جي سٿ ۾ وچ تي ويٺا هئا. سلمان غور سان ڏٺو تہ ان هستيءَ جي وجود ۾ ڪيس اهي سموريون نشانيون نظر آيون، جيڪي راهبن کيس ٻڌايون هيون. سلمان جي دل کي اڄ اطمينان حاصل ٿيو، جو تہ اها منزل سندس اکين جي آڏو هئي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن سالن تائين سون ميلن جو سفر طي ڪيو هو. ملڪ ملڪ جي خاڪ ڇاڻي هئي ۽ در در تي وڪاڻو هو. سلمان ڪلمو پڙهي پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيو. هن موقعي تي ئي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن سندس نالو "مابہ" مان قيرائي سلمان رکيو هو.

ڀاڪ سڳورن ﷺ هڪ موقعي تي فرمايو: "عربن منجهان آءٌ، رومين منجهان صهيب، حبشين منجهان بلال ۽ فارسين منجهان سلمان جنت ۾ اول داخل ٿيندا."

Marfat.com

حق جي ڳولا ۾ سلمان جيڪي سختيون سٺيون، سرور ڪائنات ﷺ جن انهن جو بيحد قدر ڪندا هئا. هڪ موقعي تي پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو: "سلمان اسانجي اهل بيت منجهان آهي." حضرت سلمان جي سادگي، خلوص، نيڪ نيتي، زهد ۽ تقويٰ سرور ڪائنات ﷺ جن کي بيحد پسند هئي، انڪري سندن خواهش هئي ته سلمان کي جلد ان يهوديءَ جي غلاميءَ مان آزاد ڪرايو وڃي.

حضرت سلمان رضہ جي يهودي مالڪ کي جڏهن اها خبر پئي ته هن چاليهه اوقيہ چانديءَ سان گڏ اهو ڏڪيو شرط به رکيو ته ڪائنات جا ڪارٽي ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان ٽي سوَ جهتون به ويهارين. جنهن ڪانپوءِ يهوديءَ جا اهي ٻئي شرط پورا ڪيا ويا. پوءِ سومر جي مبارڪ ڏينهن تي سلمان کي آزادي ملي. اهو جمادي الاول جو مهينو ۽ نبوت جو پهريون سال هو، جنهن ڪانپوءِ سلمان اصحاب صفہ سان گڏجي رهڻ لڳو. سندس پائيچارو حضرت ابودرداء سان ڪرايو ويو.

امام المرسلين ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان جيڪي ڪجيون ويهاريون، اهو باغ سن ستين هجريءَ ڌاري "بنوقريظہ" کي مديني مان جلاوطن ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي قبضي ۾ آيو، جنهن کي پاڻ مسلمانن لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون.

رحمت للعالمين ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان جيڪي ڪجيون ويهاريون، ان نسل کي الله تعالىٰ هميشہ لاءِ دنيا ۾ قائم رکيو آهي ۽ اهي قيمتي ڪارڪون اڄ تائين سڄي دنيا ۾ پنهنجي خوبين ۽ خصوصيتن جي ڪري مشهور آهن، جن جو نالو "عجوه" آهي.

نبي انور ﷺ جن فرمايو ته "جيڪو شخص عجوه کارڪن جا ست داڻا کائيندو اهو ان ڏينهن تي هر قسم جي زهر ۽ سحر جي اثر کان محفوظ رهندو."

اها حديث صحيحين ۾ موجود آهي، جنهن جو راوي سعد بن ابي وقاص آهي. پاڻ سڳورا ﷺ جن حضرت سلمان رضہ کي سلمان الخير سڏيندا هئا.

هڪ دفعي سلمان کان ڪنهن سندس پيءُ جو نالو پڇيو. جواب ۾ هن ٻڌايو ته سلمان بن اسلام ۽ خاندان بني آدم.

هر قسم جي فخر ۽ وڏائيءَ کان ڪيس نفرت هوندي هئي. سڄي زندگي نهايت سادگيءَ سان گذاريائين. هٿ جو پورهيو ڪري پنهنجو پيٽ پاليندو هو ۽ شاديءَ ڪانپوءِ به خيمي ۾ زندگي گذاريائين. ڪوبہ اعليٰ قسم جو سامان يا ٻٽسو پائي جمع نہ ڪيائين. غنيمت مان جيڪي ڪيس ملندو هو ته اهو اتي جو اتي خيرات ڪري ڇڏيندو هو. گهڻو وقت عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريائين.

حضرت ابوهريره رضہ کان روايت آهي ته سلمان هن ڪتابن تي ايمان آڻڻ وارن مان هو، يعنيٰ پهريان انجيل ۽ پوءِ قرآن مجيد تي.

حضرت عمر رضہ پنهنجي دور خلافت ۾ سلمان کي مدائن جو گورنر مقرر ڪيو، تڏهن به نهايت سادگيءَ سان زندگي گذاريندو هو. گذر سفر لاءِ پنهنجي هٿن سان تڏا ٺاهيندو هو ۽ اهڙو رزق ڪيس پسند هو، جنهن ۾ پگهر نڪري. هميشہ جَوَنِ جي ماني کائيندو هو.

سلمان الخير جي ولادت توڙي وفات جي تاريخ ۾ گهڻو اختلاف آهي. انڪري سندس عمر جي باري ۾ به راوين مبالغي کان ڪم ورتو آهي. بهرحال ابن حجر جي تحقيق مطابق سندس عمر اسي ورهين کان مٿيرو هئي. سندس وفات ۳۵ يا ۳۶ هجريءَ ڌاري مدائن ۾ ٿي ۽ اتي ئي "طاق ڪسريٰ" کان ميل ڪن پري ڪيس دفنايو ويو. ان جاءِ کي هاڻ سلمان پاڪ سڏيو ويندو آهي، سندس پير ۾ حضرت حذيفہ رضہ جي قبر به آهي.

صحيح بخاري جلد ۲ ص ۳۴۱. الطبقات الڪبريٰ ـ ابن سعد ج ۴ ص ۷۰ ـ ۵۶. الاصابہ ابن حجر ج ۲ ص ۶۳ ـ ۶۲. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۲ ص ۱۹۸ ـ ۱۹۴. تهذيب التهذيب ابن حجر ج ۴ ص ۱۲۵ ـ ۱۲۴. شذرات الذهب ابن المعاد ج ۱ ص ۱۷۵. بهجة النفوس والاسرار "مرجاني" ج ۱ ص ۷۶. اخبار مدينة الرسول ابن نجار ص ۲۹.

Marfat.com

مسلمان ٿيڻ کان اڳ هو مجوسي هو ۽ عُثْمَان بِنْ اَشْهَل قرظيءَ نالي هڪ يهوديءَ جو غلام هو. هو ان کان اڳ ڪنهن ٻئي جو ۽ ان کان اڳ وري ڪنهن ٻئي جو غلام رهي چڪو هو. ايتري قدر جو سندس مالڪن جو تعداد ڏهن کان مٿي ٻڌايو ويو آهي. اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ رسول خدا ﷺ جن حضرت سلمان فارسي رضہ کي سندس يهودي مالڪ کان چاليهہ اوقيہ قيمت ادا ڪري خريد ڪيو. ان سان گڏ ان يهوديءَ اهو شرط بہ رکيو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن سندس باغ ۾ پنهنجي مبارڪ هٿن سان ڪجيون بہ ويهاري ڏيـن، ڇو جو سندس ان باغ ۾ ڪجيون ڦر نہ جهليندڙيون هيون. خدا جي، پياري رسول ﷺ جن ان يهوديءَ جو اهو شرط مڃيندي سندس باغ ۾ ٽي سؤ ڪجيون پنهنجي مبارڪ هٿن سان ويهاريون، [1] پوءِ سال اندر ئي انهن سڀني ڪجين ڦر ڏنو. اهو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي معجزن مان هڪ معجزو آهي، ان کان سواءِ ان يهوديءَ کي چاليهہ اوقيہ پڻ ادا ڪيا ويا، تنهن کانپوءِ حضرت سلمان رضہ ان يهوديءَ جي غلاميءَ مان آزاد ٿيو.

حضرت سَلْمَان رضہ پاڻ سڳورن ﷺ جي مديني پهچڻ کان پنج ڏينهن پوءِ اسلام قبول ڪيو. ڪن روايتن ۾ ان کان وڌيڪ ڏينهن بہ ٻڌايا ويا آهن.

حضرت سَلْمَان فارسي رضہ جيئن تہ هڪ يهوديءَ جو غلام هو ۽ ان غلاميءَ سببان هو بدر توڙي احد جي جنگين ۾ ڀرو ونڊي نہ سگهيو هو، پر پوءِ جڏهن سندس مالڪ کيس وڪٽي ڇڏيو، تڏهن هو آزاد ٿيڻ کانپوءِ رسول ڪريم ﷺ جن سان "خندق" جي موقعي تي گڏ رهيو. "خَنْدَق" ۾ پهريون پيرو [2] حضرت سلمان رضہ جهاد ۾ ڀرو ورتو ۽ ان کانپوءِ هو هر "غَزْوَه" ۾ حصو وٺندو رهيو. سندس وفات حضرت عُمر فَارُوْق رضہ جي خلافت واري زماني ۾ ٿي. ان وقت سندس عمر ۳۵ ورهيہ يا هڪ پي روايت موجب ۲۵۰ ورهيہ هئي.

حضرت سَلْمَان فَارِسِيّ رضہ جي مسلمان ٿيڻ جو قصو تمام دڳهو آهي، جنهن کي علامہ گازروني‌ءَ توڙي ٻين سيرت نگارن پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيو آهي. [3]

اَنَس بن مَالِک رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جي غلام حضرت اَنَس بن مَالِک اَنْصَارِي خَزْرِجِيءَ اسلام قبول ڪيو. ان وقت سندس ڄمار ڏهہ ورهيہ هئي، ان کانپوءِ وري هن ڏهہ ورهيہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ڪندي گذاريا. سندس عمر سرور ڪائنات ﷺ جن جي وصال وقت ويهہ ورهيہ ٿي چڪي هئي. ان کانپوءِ بہ هن وڌي ڄمار ماڻي، جنهن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

---

(۱) اسد الغابہ "ابن اثير" ج ۲ ص ۳۳۰، "سبل الهدىٰ" شامي ج ۱۰ ص ۲۴۹.

(۲) سبل الهدىٰ. شامي ج ۱۰ ص ۲۴۹.

(۳) سيرت ابن هشام ج ۱ ص ۲۲۸/۲۳۶ حلية الاولياء ـ ابونعيم اصفهاني ج ۱ ص ۱۸۵/۲۰۸. الطبقات الكبرىٰ ـ ابن سعد ج ۴ ص ۵۲. عيون الاثر ـ ابن سيد الناس ج ۱ ص ۱۴۵ ـ ۱۳۴. دلائل النبوة ـ ابونعيم اصفهاني ج ۱ ص ۶۴ ـ ۲۵۸، سبل الهدىٰ ـ شامي ج ۱۰ ص ۴۹ ـ ۲۴۷. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۲۲۸/۲۳۱.

Marfat.com

حضرت اَنَس رضہ لاءِ پاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم جي دعا

* هن سال جڏهن اَنَس بن مَالِک رضہ اسلام قبول کيو، تڏهن پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن سندس لاءِ دعا گهري. اهو واقعو هن ريت آهي تہ ننڍڙي اَنَس رضہ کي جڏهن سندس ماءُ اُمّ سُلَيْم، نبي سڳوري صلی الله علیه وسلم جن وٽ کڻي آئي، تڏهن عرض ڪيائين: "اي خدا جا رسول صلی الله علیه وسلم ! هي اوهان جو پانهڙو انس آهي، هن لاءِ پنهنجي رب کان دعا گهرو." پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن ان موقعي تي هن ريت دعا گهري:

"اَللّٰهُمَّ بَارِکْ لَهٗ فِيْ مَالِهٖ وَ وَلَدِهٖ وَ عُمُرِهٖ."

"اي منهنجا الله برڪت فرماءِ، هن جي مال ۾، اولاد ۾ ۽ عمر ۾."

رب پاڪ پنهنجي پياري پيغمبر صلی الله علیه وسلم جن جي اها دعا قبول فرمائي ۽ ان جو اثر هن ريت ظاهر ٿيو، جو الله تعاليٰ حضرت اَنَس رضہ جي مال ۾ اهڙي تہ برڪت وڌي جو ماڻهن جون ڪجيون سال ۾ هڪ دفعو ڦر ڏيندیون هيون پر اَنَس رضہ جون ڪجيون سال ۾ ٻہ دفعا ڦرنديون هيون. سندس اولاد کي رب پاڪ اهڙو وڌايو جو پنهنجي نسل مان هن هڪ سؤ ويهہ ڄاتي پنهنجي اکين سان ڏٺا. سندس ڄمار ۾ ايترو واڌارو ٿيو جو سن ۹۳ هجريءَ ۾ جڏهن وفات ڪيائين تڏهن سندس عمر هڪ سؤ ٿي ورهيہ هئي. هڪ ٻي روايت ۾ سندس وفات جو سال ۱۰۳ هجري ٻڌايو ويو آهي، ان روايت مطابق هن هڪ سؤ تيرهن ورهيہ ڄمار ماڻي. (۱)

مدينی ۾ وبا ۽ بخار کان بچاءَ جی دعا

* هن سال رسول خدا صلی الله علیه وسلم جن هٿان اهو معجزو ظاهر ٿيو جو سندن دعا سان مديني مان وبا ۽ بخار جي بيماري ٽري ويئي ۽ پوءِ اها وبا وڃي "جُحْفَہ" ۾ پيئي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ مديني جو شهر جنهن جاءِ تي آباد آهي، اتي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ وبائي بيماريون ظاهر ٿيندیون رهيون آهن.

مهاجر پهريون پيرو جڏهن مديني پهتا تہ هو ٻہ تپجي پيا، جنهن سببان سندن رنگ پيلا ٿي وبا ۽ هو جان ۾ ٻہ لهي ويا، جنهنڪري سندن دليون مڪي لاءِ تانگهڙ لڳيون. ان موقعي تي پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن دعا گهري:

اَللّٰهُمَّ حَبِّبْ اِلَيْنَا الْمَدِيْنَةَ كَحُبِّنَا مَكَّةَ اَوْ اَشَدَّ وَ صَحِّحْهَا لَنَا وَ بَارِکْ لَنَا فِيْ صَاعِهَا وَمُدِّهَا وَنَقِّلْ حُمّٰي اِلَي الْجُحْفَةِ.

"اي منهنجا الله اسان لاءِ مديني کي ٻہ اهڙو پيارو ڪر، جهڙو اسان کي مڪي سان پيار آهي يا ان کان ٻہ وڌيڪ، ان کي اسان لاءِ صحت بخش بڻاءِ، ان جي "صاعَ ۽ مد" (۲) ۾ برڪت ڏي ۽ هتان

---

(۱) "صحيح مسلم" ج ۴ ص ۱۶۰/۶۱، سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ۱۰ ص ۲۰۵. اسد الغابہ ـ ابن الاثير ج ۱ ص ۱۲۷/۱۲۹، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۶ ص ۱۹۴/۹۶.

(۲) صاع ۽ مد "ماپن ۽ ماڻن" جا نالا آهن.

Marfat.com

بخار کي ٽار جُحْفَہ ڏانهن." (١)

الله تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي اها دعا قبول فرمائي. جنهن جي نتيجي ۾ بخار ۽ وبا مديني کان ٽري وڃي "جُحْفَہ" ۾ پيا. "جُحْفَہ" ۾ ان رستي تي يهودي رهندا هئا، جتان مسلمان هجرت ڪري مکي،کان مديني ويندا هئا، اهي يهودي انهن مهاجرن کي ستائيندا هئا. خدا تعاليٰ انهن يهودين کي ان بخار ذريعي تباه ڪري ڇڏيو ۽ سندن ڳوٺ اهڙو ته اُجڙي ويو، جو وري اڄ سوڏو آباد ٿي نه سگهيو. ڇيو وڃي ٽو ته اڄ به جيڪو ماڻهو "جُحْفَہ" ۾ داخل ٿئي ٿو، پوءِ اهو مسلمان ئي ڇو نه هجي پر کيس بخار ٿي پوندو. اهو خدا جي رسول ﷺ جن جي ان دعا جو ئي اثر آهي.

عَبْدُالرَّحْمٰن بن حَارِث جو ڄمڻ

* هن سال عَبْدُالرَّحمٰن بن حَارِث بن هَشَّام قُرَشِيْ مَخْزُوْمِي صحابي ڄائو.

"اُسد الغابہ" ۾ "ابن الاثير" ڄاڻايو آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وصال وقت ابن حارث رضہ جي عمر ڏهہ ورهيہ هئي. هي صحابي حضرت عُثْمَان بن عَفَّان جو نياڻو هو، جو سندس شادي مريم بنت عثمان سان ٿي هئي.

حضرت عُثْمَان رضہ جي خلافت واري زماني ۾ "قرآن مجيد" نقل ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪاميٽي جوڙي ويئي هئي، ان ۾ عَبْدُالرَّحمٰن بن حَارِث رضہ پڻ شامل هو، جڏهن ته ان ڪاميٽيءَ جي ٻين ميمبرن ۾ زَيْد بن ثَابِت، سَعِيْد بن عَاصِ ۽ عَبْدُالله بن زُبَيْر رضہ جا نالا ٻڌايا ويا آهن. (٢)

نماز جي رڪعتن ۾ واڌارو

* هن سال هڪ صحيح قول مطابق پاڻ سڳورن ﷺ جي مديني پهچڻ کان هڪ مهينو پوءِ يا ٻين روايتن مطابق ٻہ مهينا يا هڪ ورهيہ پوءِ، نماز جي رڪعتن ۾ واڌارو آڻي ٻن جي بجاءِ چار رڪعتون مقرر ڪيون ويون. (سواءِ نماز فجر جي) (٣) ان کان اڳ معراج واري رات سواءِ مغرب جي هر نماز ۾ ٻہ ٻہ رڪعتون مقرر ڪيون ويون هيون. (٤) مغرب جي نماز ۾ شروع کان ئي ٽي رڪعتون مقرر ٿيل هيون. ان کانپوءِ وري هجرت جي چوٿين سال سفر واري نماز ۾ رڪعتن کي گهٽايو ويو ۽ هر نماز ۾ ڇئن جي جاءِ تي ٻن رڪعتن ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو، جنهن جو ذڪر اڳتي اچي رهيو آهي.

ٻن رڪعتن ۾ واڌارو آڻي چار ڪري پڙهڻ وارو حڪم اڳاري ڏينهن نازل ٿيو هو. (٥) ان روايت

---

(١) صحيح بخاري كتاب الدعوات جلد ٤ ص ١٠٨/١٠٩، صحيح مسلم ج ٢ ص ١١٩. "البدايہ والنهايہ" ابن كثير ج ٣ ص ٢١٩/٢٢٢، دلائل النبوة "بيهقي" ج ٢ ص ٥٦٥/٥٧٠. "المواهب اللدنيہ" "قسطلاني" ج ١ ص ٣١٤. سبل الهدىٰ-"شامي" ج ٣ ص ٢٩٨.

(٢) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٣٨٢/٣٨٤.

(٣) روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ١٣٨.

(٤) صحيح بخاري جلد ١ ص ٧٤.

(٥) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٢٣٠.

Marfat.com

جي روشنيءَ ۾ پهريون قول جنهن کي وڌيڪ صحيح سمجهيو وڃي ٿو، ان موجب رکعتن جي واڌاري وارو حڪم ربيع الاول جي ٻارهن راتين گذرڻ کانپوءِ نازل ٿيو هو، جنهن جي وضاحت حافظ ابن ڪثير پنهنجي ڪتاب "البدايہ والنهايہ" ۾ ڪئي آهي، ۽ پوئين قول ۾ ان حڪم جو نازل ٿيڻ ربيع الآخر ۾ ٻڌايو ويو آهي. (۱) انڪري حافظ سُهيلي پنهنجي ڪتاب "الروض الانف" ۾ ڇاڻايو آهي تہ مٿيون حڪم هن سال ربيع الآخر ۾ نہ پر هڪ سال پوءِ ساڳئي مهيني ۾ نازل ٿيو هو. (۲)

زياد بن ابوسفيان جو جنم

* هن سال "ابومغيره زياد بن ابوسفيان" ڄائو، جنهن جو شمار عرب جي ستن مشهور ڏاهن ۾ ٿئي ٿو، جن جا نالا هي ٻڌايا ويا آهن:

۱. مُعَاوِيہ بن اَبُوسُفْيَان
۲. عَمْرو بن عَاص
۳. مُغِيْرَه بن شعبہ
۴. عُرْوَه بن مَسْعُود
۵. زياد ابن اَبُوسُفْيَان
٦. قَيْس بن سَعْد بن عباده
۷. عبدالله بن بديل بن ورقاء.

انهيءَ زياد کي زياد بن ابيہ ۽ زياد بن سُميہ جي نالي سان بہ ڄاتو وڃي ٿو. "سُميہ" سندس ماءُ جو نالو آهي، جيڪا حارث بن ڪلده جي ٻانهي هئي. ڪيس بہ پٽ ڇاوا. جن جا نالا "ابوبڪره" ۽ "زياد" آهن، ان نسبت ڪري اهي ٻئي مائيتا ٻائر ليکيا ويندا آهن. بعد ۾ زياد کي معاويہ بن ابوسفيان پنهنجي پيءُ جو پٽ ڪري ڇاڻايو، جنهن ڪانپوءِ هو زياد بن ابوسفيان جي نالي پٽيان مشهور ٿيو. جڏهن تہ هن کان اڳ ڪيس زياد بن عبيد ثقفي بہ سڏيو ويندو هو. (۳)

اهـوئي زياد ان شخص جو پيءُ آهي، جنهن کي عبيدالله بن زياد سڏيو وڃي ٿو ۽ جنهن رسول الله ﷺ جن جي ڏوهٽي سيدنا حسين بن علي رضہ سان جنگ جوٽي هئي. علامہ ابن الاثير پنهنجي ڪتاب "اسد الغابہ" ۾ لکي ٿو، "انهيءَ زياد کي نہ نبي ڪريم ﷺ جي صحبت نصيب ٿي ۽ نہ وري ڪيس روايت جو شرف ئي حاصل آهي. (۴)

مختار ثقفيءَ جو جنم

* هن سال مختار بن ابي عبيد ثقفي ڄائو، جيڪو "صفيہ بنت ابي عبيد" جو پٽ هو. اها بيبي حضرت عبدالله بن عمر بن خطاب رضہ جي گهرواري هئي. (۵)

---

(۱) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۳۰، سيرة النبويہ "ابن ڪثير" ج ۲ ص ۳۳۳/۳۳۴.
(۲) الروض الانف سُهيلي ج۱ ص ۲۸۳.
(۳) "الاستيعاب" ابن عبدالبر علي هامش "الاصابہ" جلد ۱ ص ۵٦۷، تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۲۰.
(۴) اسد الغابہ "ابن الاثير" جلد ۲۱۵.
(۵) ايضاً ج ۴ ص ۳۳٦.

Marfat.com

فصل ٻيو

هن فصل ۾ سن ٻي هجريءَ دوران پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

حضرت رُقَيَّہ رضہ جي وفات

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جي نياڻي سيده رُقَيَّہ رضہ هن جهان مان لاڏاٽو ڪيو، هيءَ ٻيبي سائنڍ حضرت عُثْمَان بن عَفَّان رضہ جي گهر واري هئي. سندس وفات رمضان جي مهيني ۾ يا هڪ ٻي روايت مطابق ذوالحج ۾ ٿي. انهن ٻنهي روايتن مان ٻهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي، ڇو جو بدر جي فتح کان ٻه ڏينهن پوءِ جڏهن زَيْد بن حارثہ رضہ ان "غَزْوَہ" ۾ مسلمانن جي سوپ حاصل ڪرڻ ۽ ڪافرن جي شڪست کائڻ جي خوشخبري حضرت عثمان رضہ کي ٻڌائڻ لاءِ مديني پهتو تہ ان وقت هو سيده رُقَيَّہ رضہ کي دفنائڻ ۾ رڌل هو. (۱) اهو آڇر جو ڏينهن ۽ رمضان جي اوٽوٻهين تاريخ هئي. جڏهن تہ بدر جي ميدان ۾ مقابلو جمعي جي ڏينهن رمضان مهيني جي سترهين تاريخ تي ٿيو هو. وفات وقت ٻيبي رُقَيَّہ سائنڍ جي ڇمار ويهہ يا ايڪيهہ ورهيہ هئي.

"حافظ سُهيلي" ٻہ ان روايت کي صحيح سمجهي ٿو تہ ٻيبي رُقَيَّہ رضہ جي وفات هن سال رمضان جي مهيني ۾ ٿي. "المواهب اللدنيہ" ۾ ڇاڻايو ويو آهي تہ حضرت رُقَيَّہ رضہ جي ڄمڻ وقت نبي سونهاري ﷺ جن جي عمر مبارڪ ٽيٽيهہ (۳۳) ورهيہ هئي. اهو قول صحيح آهي. (۲) ان حساب سان جيڪڏهن جم ۽ موت واري سال کي ليکي ۾ نہ آڻبو تہ سيده رُقَيَّہ رضہ جي ڇمار ايڪيهہ ورهيہ ٻيهندي.

اللّٰہ جي راهہ ۾ ٻهريون تير

* هن سال مسلمانن طرفان حضرت سَعْد بن اَبِيْ وَقَاص رضہ، الله جي راه ۾ ٻهريون ٻيرو تير اڇلايو. هي واقعو "بَطْنِ رَابِغ" ۾ پيش آيو، جتي حضرت عُبَيْدَہ بن حَارِث بن عَبْدُالْمُطَّلِب قُرشِيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ "سَرِيَّہ" اماڻيو ويو هو. (۳)

---

(۱) الاصابہ "ابن حجر ج ۴ ص ۳۰۴، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۴۵۶. روض الانف "سُهيلي" ج ۲ ص ۱۲۷/۲۸، تاريخ مدينة المنوره "ابن شبہ" ج ۱ ص ۱۰۴.

(۲) المواهب اللدنيہ ـ قسطلاني ج ۲ ص ۶۱.

(۳) سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۲۴۱، المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۱۰. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۹، الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۴. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۲۹۰، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۱ ص ۳۵۵. الدرر "ابن عبدالبر" ص ۹۶.

Marfat.com

قبلي جي تبديلي

* هن سال رب پاڪ طرفان نازل ڪيل هڪ حڪم ذريعي بيت المقدس جي بدران ڪعبة الله ڪي مسلمانن جو قبلو مقرر ڪيو ويو. اهو واقعو سرور عالم ﷺ جي مديني شريف ۾ اچڻ کان سترهن مهينا پوءِ جو آهي.(۱) اهو اڳاري جو ڏينهن هو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ "بَنُو سَلِمہ" وارن جي مسجد ۾ بنيپهرن جي نماز پڙهائي رهيا هئا ۽ پوءِ جڏهن ان نماز جون پهريون ٻه رڪعتون پوريون ڪيائون تہ ان وچ ۾ اهو حڪم نازل ٿيو. (۲) پوءِ ان حڪم جي پوئواري ڪندي خدا جا سچا رسول ﷺ جن اتي جو اتي نماز دوران پنهنجو رخ ڦيرائي ڪعبي طرف ڪري بيٺا ۽ پوءِ مقتدين ٻہ ان عمل کي ورجايو، جنهن ڪري هن نماز جون پويون ٻہ رڪعتون ڪعبة الله طرف منهن ڪري پڙهيون ويون، اهڙيءَ ريت هڪ نماز جون چار رڪعتون ٻن قبلن ڏانهن منهن ڪري پڙهيون ويون. (۳) اهوئي سبب آهي جو جنهن مسجد ۾ اها نماز ادا ڪئي ويئي ان تي مسجد قبلتين (۴) نالو پئجي ويو.

---

(۱) قبلي جي تبديليءَ وارو حڪم هجرت کان سورهن يا سترهن مهينا پوءِ نازل ٿيو. اتي مهينن جي ڳاڻيٽي ۾ راوين جو اختلاف آهي. "بزار ۽ طبراني" جو قول اهوئي آهي، جيڪو مٿي نقل ڪيو ويو آهي. "نسائي" جي روايت ۾ سورهن مهينا ۽ ابن ماجہ جي نقل ڪيل روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو حڪم هجرت کان ارڙهن مهينا پوءِ نازل ٿيو. جڏهن تہ امام بخاري ۽ امام مسلم پنهنجي صحيحين ۾ براء بن عازب رضہ کان جيڪا روايت نقل ڪئي آهي، ان ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ مسلمانن مديني ۾ سورهن يا سترهن مهينا بيت المقدس ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهي، ان کانپوءِ مٿيون حڪم نازل ٿيو.

"ابن سعد" ٻہ سورهن مهينن واري روايت کي قبول ڪيو آهي. والله اعلم باالصواب.

صحيح بخاري ج ۱ ص ۸۲ باب "استقبال قبلہ"، صحيح مسلم ج ۲ ص ٦٦، الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۴۱. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۳ ص ۲۵۱/۵۴، عيون الاثر ابن سيد الناس ج ۱ ص ۲٦۴. جوامع السيرة "ابن حزم" ص ۱۰٦، زاد المعاد "ابن قيم" ج ۲ ص ۱٦٦/۱٦۷.

(۲) ابن جرير طبريءَ پنهنجي تاريخ ۾ "ابن سعد" کان جيڪا روايت نقل ڪئي آهي، ان ۾ ڄاڻايو اٽس تہ اهو حڪم شعبان مهيني جي وچ ڌاري، اڳاري جي ڏينهن ٻيهريءَ جي نماز ۾ نازل ٿيو، جڏهن تہ ڪجهہ راوين طرفان ان حڪم جو نزول رجب جي وچ ڌاري سومر ڏينهن ٻہ ٻڌايو ويو آهي.

تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۲۸، المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ۱ ص ۳۴۳. "عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۱ ص ۳٦۴/٦۵. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۳ ص ۳۷۰. سيرة ابن كثير ج۲ ص ۳۷۳. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۳٦۷.

(۳) وفاء الوفاء "علامہ سمهودي" ج ۳ ص ۸۴۱/۴۲. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ۴۰۳.

(۴) "مسجد قبلتين" نالي مسجد مديني جي اتر اولهہ ۾ شهر کان اٽڪل ٽن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي اڄ تائين موجود آهي. ان ماڳ کي هاڻي "العقاب" سڏيو ويندو آهي. مسجد جي سامهون مديني جي سپ کان مشهور وادي موجود آهي، جنهن کي "واديءِ عقيق" جي نالي پٽيان ڄاتو وڃي ٿو. صدين کان ملڪ جا نامور ۽ مالدار ماڻهو هن علائقي ۾ رهڻ پسند ڪندا آهن. اڄ ٻہ هن جاءِ تي سعودي حڪمرانن جو هڪ شاندار محل موجود آهي. مختلف روايتن مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ هن ئي مسجد ۾ نماز پڙهندي قبلي جي مَتجہ وارو حڪم نازل ٿيو. تڏهن کان هن مسجد تي مسجد قبلتين

Marfat.com

حافظ ابن ڪثير پنهنجي تاريخ "البدايہ والنهايہ" ۾ لکيو آهي تہ: "قبلي مَٿانئڙ جو حڪم اسلام ۾ پهريون "نسخ" جو حڪم آهي." (۱) پر منهنجي خيال موجب ان مان سندس مراد اهڙو حڪم آهي، جيڪو عمل ۾ اچڻ کانپوءِ منسوخ ٿيو، نہ تہ هن کان اڳ ٻي ورهيہ اڳ معراج وار رات پنجاهہ نمازن واري حڪم کي منسوخ ڪري ان جي جاءِ تي پنج نمازون مقرر ڪيون ويون. پر ا
ڪنهن حڪم تي عمل کان اڳ جو واقعو آهي.

عاشُورَنِ جي روزي جو حڪم

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن عاشوري جي ڏينهن پاڻ بہ روزو رکيو ۽ ماڻهن کي بہ حڪم فرمايائون تہ اهو روزو سندن لاءِ واجب آهي.

هونئن تہ عاشوري جي ڏينهن روزو پاڻ سڳورا ﷺ جن مڪي ۾ اسلام کان اڳ ۽ اسلام کانپوءِ بہ رکندا هئا ۽ اهو روزو مستحب هوندو هو، پر واجب نہ. بعد ۾ هن ئي سال جڏهن رمضان جا روزا فرض ڪيا ويا، تڏهن عاشوري واري روزي جي واجب هجڻ جو حڪم منسوخ ٿي ويو ۽ پوءِ ان روزي کي سنت يا مستحب جو درجو ڏنو ويو. (۲)

اسان جي پياري پيغمبر ﷺ جن پنهنجي عمر مبارڪ جي پوئين سال فرمايو هو: "جيڪڏهن ايندڙ سال حياتي هوندي تہ محرم جي ڏهين سان گڏ نائين تاريخ بہ روزو رکندس." انڪري نائين ۽ ڏهين محرم جي روزي کي مستحب سمجهيو ويندو آهي، ڇو جو خدا جي آخري رسول ﷺ جن ائين

نالو ڏيو. نہ تہ هن کان اڳ هن مسجد کي مسجد حزب سڏيو ويندو هو. هن مسجد جي موجوده عمارت نهايت دلکش ۽ عاليشان آهي، جنهن جي مٿان بہ خوبصورت ۽ نفيس گنبذ اڏايا ويا آهن ۽ ساڄي پاسي کان هڪ نهايت مضبوط ۽ بلند مينار ٺاهيو ويو آهي. پٽين توڙي فرش تي اعليٰ قسم جي سنگ مرمر جو ڪم ٿيل آهي. هيءَ عمارت سعودي حڪومت طرفان ۱۹۸۰ع ڌاري تيار ڪرائي ويئي آهي. جڏهن تہ هن کان اڳ جيڪا مسجد جي عمارت هئي اها ۹۵۰ هجريءَ ڌاري سلطان سليمان طرفان اڏائي ويئي هئي. ان وقت هن مسجد ۾ بہ محراب هئا. جن مان هڪ جو رخ بيت الله جي طرف تہ ٻي جو وري بيت المقدس طرف هو، پر موجوده مسجد ۾ فقط هڪڙو ئي محراب آهي. جنهن جو رخ بيت الله طرف آهي. باقي ان جي بلڪل سامهون واري دروازي مٿان ڇت جي ويجهو هڪ ننڍڙو محراب جو نشان موجود آهي، جنهن جي ذريعي ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي تہ پهريون قبلو هن طرف هو. مسجد جي ٻاهران هڪ اسڪول پڻ موجود آهي، جنهن ۾ هن محلي کانسواءِ پسگردائيءَ جي ڳوٺن مان بہ ٻارڙا پڙهڻ لاءِ اچن ٿا. مسجد قبلتين ۾ هن وقت بہ هزار ماڻهن جي نماز پڙهڻ جي گنجائش آهي.

تاريخ المدينة المنوره ابن شبہ ج ۱ ص ٦٨. تاريخ معالم المدينة المنوره سيد احمد ياسين ص ۱۴۱. الدرالثمين "محمد غالي شنقيطي" ص ٢٣٥/٣٦.

(۱) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۵۱.

(۲) حديث مطابق پوءِ ماڻهن کي اختيار ڏنو ويو تہ هو اهو روزو رکن يا نہ رکن.
صحيح بخاري ج ۱ ص ۲۳۴، صحيح مسلم ج ۲ ص ۱۴۷، سنن الدارمي ج ۲ ص ۲۲. تاريخ الخميس ديار بڪري ج ۱ ص ۳٦۰، شرح زرقاني علي مؤطا امام مالڪ ج ۲ ص ۱۷۸.

Marfat.com

ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو پر کين ان تي عمل ڪرڻ جو موقعو نہ ملي سگهيو.

محرم جي روزي بابت هڪ خاص واقعو

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن هڪ صحابي کي حڪم ڏنو تہ هو شهر ۾ اعلان ڪري تہ "جنهن شخص بہ (صبح صادق کانپوءِ) ڪجهہ کاڌو پيتو آهي، اهو سج لهڻ تائين ڪجهہ بہ نہ کائي پيئي، باقي جنهن ڪجهہ بہ نہ کاڌو آهي اهو روزي جي نيت ڪري ڇڏي."

اهو انڪري ڪرڻو پيو جو ذوالحج جي ٽيهين تاريخ محرم جو چنڊ نظر نہ آيو هو. ان کانپوءِ محرم مهيني جي نائين تاريخ هڪ جماعت پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ان ڳالهہ جي شاهدي ڏني تہ هنن ذوالحج جي ٽيهين تاريخ چنڊ پنهنجي اکين سان ڏٺو هو، انڪري اڄ محرم مهيني جي ڏهين تاريخ آهي. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ اهڙي اعلان ڪرڻ جو حڪم ڏنو. (۱) ان اعلان ڪرڻ واري جو نالو هند بن اسماء بن حارث اسلمي هو. جيئن قسطلاني "ارشاد الساري شرح بخاري" ۾ نقل ڪيو آهي. (۲)

رمضان ۾ روزن جي فرضيت وارو حڪم

* هن سال رمضان مهيني ۾ روزا رکڻ فرض ڪيو ويو. هي حڪم قبلي مٽائڻ جي حڪم کان هڪ مهينو پوءِ، يعني شعبان مهيني جي وچ ڌاري نازل ٿيو. ان وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن کي مديني ۾ آئي ارڙهن مهينا گذري چڪا هئا. (۳)

صلوٰت پڙهڻ جو حڪم (۴)

* هن سال خدا تعاليٰ طرفان سندس پياري پيغمبر ﷺ جن مٿان صلواة شريف پڙهڻ جو حڪم

---

(۱) اها حديث بخاري شريف ۾ موجود آهي ۽ ان جو راوي سلمہ بن اڪوع آهي. صحيح بخاري ج ۱ ص ۳۳۹.

(۲) ارشاد الساري "قسطلاني" ج ۳ ص ۴۲۲.

(۳) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۴۶. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۶۴. تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۲۹.

(۴) هن آيت ذريعي الله تعاليٰ ايمان وارن کي حڪم عطا فرمايو تہ هو ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ جن تي صلوات ۽ سلام پڙهندا رهن.

مفسرن ۽ محدثن هن آيت جي تشريح ۾ ڄاڻايو آهي تہ جيئن عالم عُلويءَ ۾ الله تعاليٰ ۽ ان جا مقرب ملائڪ رسول الثقلين تي صلوات و سلام پڙهندا رهن ٿا. انڪري هاڻي اهڙو شرف الله تعاليٰ عالم سفليءَ وارن کي بہ هن حڪم ذريعي عطا ڪيو تہ جيئن عرش کان فرش تائين ان عظيم هستيءَ جي ثنا ۽ صفت سان سموري ڪائنات گونجندي رهي.

لغت جي لحاظ کان "يصلون" مضارع جو صيغو آهي، جنهن ۾ دوام ۽ هميشگيءَ جو مفهوم پوشيده آهي، اتان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ الله تعاليٰ ۽ انجا ملائڪ هميشہ صلوات ۽ سلام پڙهندا رهن ٿا.

جمهور فقهاء جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ جڏهن ڪو ايمان وارو پاڻ سڳورن ﷺ جن جو نالو مبارڪ کڻي يا ٻڌي تہ مٿس واجب ٿئي ٿو تہ هو صلوات شريف پڙهي. ترمذي شريف ۾ حضرت علي رضہ بن ابوطالب کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو تہ "اهو شخص بخيل آهي، جنهن جي آڏو منهنجو نالو کڄي ۽ پوءِ اهو صلوات سڳوري نہ پڙهي". اهڙيءَ ريت فقهاء اسلام ان مان اهو مسئلو بہ ڪڍيو آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جو نالو مبارڪ جڏهن بہ لکيو وڃي تہ ان

Marfat.com

هن آيت ذريعي نازل كيو ويو. (١)

إِنَّ اللهَ وَ مَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا. (٢)

ترجمو: بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ صلواة پڙهن ٿا نبيءَ ﷺ تي، اي ايمان وارؤ! اوهان به متن صلواة پڙهو ۽ سلام موڪليو.

"حافظ شامي" پنهنجي سيرت جي ڪتاب ۾ جيڪو صلواة و سلام جو باب قائم ڪيو آهي، ان ۾ هڪ جاءِ تي ڇاڻايو اٿس ته اهو حڪم شعبان جي پندرهين رات هن ئي سال نازل ٿيو.

سان گڏ به صلي الله عليه وسلم ضرور لکجي.

صلوات جي معنيٰ

صلوات بنيادي طور عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جون ڪيتريون ئي معنائون ٻڌايون ويون آهن. مثلاً ثنا ۽ ساراهه. دعا، رحمت، مغفرت، محبت جي نظر وغيره.

بخاري شريف ۾ حضرت ابوالعاليه جو قول آهي ته "الله تعالىٰ جي طرفان صلوات پڙهڻ مان مطلب ٿيندو ته هو فرشتن آڏو سرور ڪونين ﷺ جي ثنا ۽ ساراهه ڪندو آهي، جڏهن ته ملائڪن جي صلوات وري اها آهي ته هو پياري پيغمبر ﷺ جن جي لاءِ برڪت جي دعا ڪن ٿا. صلوات بابت ماورديءَ جو قول آهي ته الله تعالىٰ طرفان صلوات نبي ڪريم ﷺ جن لاءِ رحمت، ملائڪن طرفان صلوات استغفار ۽ مؤمنن طرفان صلوات دعا آهي. حضرت عبدالله ابن عباس رضه جو قول آهي ته يصلون جو مطلب آهي برڪت جي دعا ڪرڻ.

امام سخاوي ۽ ٻين جو قول آهي ته اها انسان جي نبي انور ﷺ جن جي خصوصيت آهي ته الله تعالىٰ ۽ ان جا ملائڪ متن صلوات و سلام پڙهندا رهن ٿا ۽ اهو وري هن امت لاءِ اعزاز آهي ته ان متبرڪ ڪم ۾ الله لاشريڪ کين به شريڪ ڪيو آهي ۽ ان جي بدلي ۾ سندن لاءِ وڏا انعام مقرر ڪيا آهن. امام ترمذي پنهنجي سنن ۾ ۽ امام حاڪم پنهنجي مستدرڪ ۾ انس بن مالڪ ۽ براء بن عازب کان اهڙيون روايتون نقل ڪيون آهن، جن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سرور عالم ﷺ جن فرمايو: "جيڪو منهنجي مٿان هڪ دفعو درود پڙهندو الله تعالىٰ ان بندي تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو، سندن ڏهه گناهه معاف فرمائيندو ۽ ڏهه درجات بلندو ڪندو.

ان ڳالهه تي اهلِ علم جو اتفاق آهي ته پاڻ ڪريمن ﷺ مٿان صلوات ۽ سلام پڙهڻ هڪ عظيم نيڪي آهي. سندن نالو مبارڪ ٻڌي صلوات پڙهڻ مستحب، نماز ۾ پڙهڻ سنت ۽ عمر ۾ هڪ دفعو پڙهڻ فرض آهي. باقي ان کان پوءِ ٻين مسئلن ۾ عالمن جو اختلاف آهي.

صحابين جي ست مان عبدالله ابن عباس، عبدالله ابن مسعود، جابر بن عبدالله ۽ ابو مسعود انصاريءَ رضوان الله عليهم اجمعين جو مسلڪ آهي ته نماز جي آخري تشهد ۾ صلوات شريف پڙهڻ فرض آهي، پوءِ جيڪو اهو فرض ادا نه ڪندو ته سندس نماز نه ٿيندي. اسان جي فقيهن منجهان امام شافعي ۽ احمد ابن حنبل جو اهوئي مسلڪ آهي.

ڪتاب الشفا "قاضي عياض" ج ٢ ص ٧٠ ـ ٥٠، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ١٢ ص ٤٢٣ ـ ٤٠٩. المواهب اللدنيه قسطلاني ج ٣ ص ٣٤٠ ـ ٣١٩، القول البديع سخاوي ص ٦٥-١٤

(١) هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهو حڪم معراج واريءَ رات نازل ٿيو ۽ حضرت ابوذر رضه جي روايت مطابق اهو حڪم هن سال نازل ٿيو. فتح الباري "ابن حجر" ج ٨ ص ٤١، "سبل الهدىٰ" شامي ج ١٢ ص ٤١٤.

(٢) سوره احزاب پاره ٢٢ آيت ٥٦.

Marfat.com

نماز ۾ سلام ۽ ڪلام تي بندش

* هن سال غزوه بدر کان اڳ هڪ حڪم ذريعي نماز ۾ ڪلام ۽ سلام کان روڪيو ويو، ان کان اڳ نماز دوران ماڻهن کي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ يا سلام ڪرڻ جي اجازت هئي.

اهو حڪم خدا تعاليٰ هن آيت ذريعي نازل فرمايو: (۱)

"وَقُوْمُوْا لِلّٰهِ قَانِتِيْنَ" (۲)

۽ ٻيهو الله جي آڏو ادب سان.

ان کانپوءِ ماڻهن نماز دوران سلام ڪلام ڇڏي ڏنو. ان بابت عبدالله بن مسعود رضہ جي هڪ روايت صحيح بخاريءَ ۾ موجود آهي. (۳)

فطره جو حڪم

* هن سال عيد کان ٻه ڏينهن اڳ روزن جي فطره ادا ڪرڻ جو حڪم نازل ٿيو. (۴) اهو حڪم زڪواة ڏيڻ جي حڪم کان اڳ جو ٻه چيو ويو آهي، پر صحيح ڳالهه اها آهي ته مال تي زڪواة ڏيڻ جو حڪم پهرين سال ئي نازل ٿيو هو، (۵) جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

ٻنهي عيدن جي موقعي تي نماز جو حڪم

* هن سال ٻنهي عيدن تي نماز پڙهڻ جو حڪم ٻه نازل ٿيو. اهڙو حڪم نبي ڪريم ﷺ جن عيدالفطر کان هڪ يا ٻه ڏينهن اڳ ماڻهن کي خطاب ڪندي ٻڌايو ته هو عيد جي ڏينهن نماز ٻه پڙهن ۽ فطره ٻه ادا ڪن.

عيدالفطر جي پهرين نماز

* هن سال شوال جي پهرين ڏينهن تي نبي ڪريم ﷺ عيدالفطر جي نماز لاءِ نڪتا ۽ ماڻهن کي عيد جي نماز پڙهايائون، اها مسلمانن جي پهرين عيد هئي. نبي سائين ﷺ آڏو هڪ لٺ زمين ۾ کوڙي ويئي، جنهن جي اوٽ نماز پڙهايائون. ان لٺ جو نالو "عنزه" ٻڌايو ويو آهي، جيڪا حبش جي حاڪم نَجاشيءَ طرفان حضرت زُبَيْر بن عَوام کي ملي هئي ۽ هن اها لٺ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي حوالي ڪئي، تنهن کانپوءِ ان لٺ کي عيد وغيره جي موقعن تي سندن آڏو زمين ۾ کوڙي، پوءِ ان جي اوٽ ۾ نماز ادا ڪئي ويندي هئي. (۶)

---

(۱) صحيح مسلم ج ۲ ص ۷۱.

(۲) سورة البقره آيت ۲۳۸ پاره ۲.

(۳) صحيح بخاري ج ۱ ص ۲۰۷.

(۴) ابن جرير جي روايت مطابق اهو حڪم "عيدالفطر" کان هڪ يا ٻه ڏينهن اڳ نازل ٿيو. بحواله "البدايه والنهايه" ابن ڪثير ج ۳ ص ۲۵۵. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۴۶. "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ۱ ص ۳۷۳. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج۱ ص ۴۰۷.

(۵) المواهب اللدنيه ـ قسطلاني ج ۱ ص ۳۴۷.

(۶) البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۵۵. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۷۸. تاريخ المدينة المنوره "ابن شبه" ج ۱ ص ۱۴۰.

Marfat.com

پهرين عيد الاضحيٰ جي نماز

* هن سال سيد الانبياء صلى الله عليه وسلم جن ذوالحج جي مهيني ۾ عيد الاضحيٰ جي نماز عيدگاه ۾ پڑهائي. اها مسلمانن جي پهرين عيد الاضحيٰ هئي. (١)

قرباني ءَ جو حڪم

* هن ئي سال مسلمانن لاءِ قرباني ءَ جو حڪم نازل ٿيو. (٢)

نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي قرباني

* هن سال پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم عيد الاضحيٰ جي نماز پڑهائي ۽ ان کانپوءِ جڏهن سڄ چگو مٿي چڙهي آيو، تڏهن پنهنجي مبارڪ هٿن سان پن دنبن کي سير وڏائون، جيڪي ٻئي ڪارن سنگن سان خصي دنبا هئا. (٣) انهن مان هڪ قرباني پنهنجي ذات ۽ آل طرفان هئي، جڏهن ته پي قرباني پنهنجي امت طرفان هئي، پوءِ هر سال ساڳيءَ ريت پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم جن قرباني ڪندا رهيا. (٤)

مُطْعِم بن عَدِيّءَ جو موت

* هن سال جي شروعات ۾ غزوه بدر کان اڳ ست مهينا اڳ قريش وارن جو هڪ چگو مڙس مطعم بن عدي ڪفر جي حالت ۾ مري ويو، جيڪو مشهور صحابي جبير بن مطعم جو پيءُ هو. (٥)

اَبُوْ رَافِع جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال نبي آخر الزمان صلى الله عليه وسلم جن جي آزاد ڪيل غلام "اَبُوْ رَافِع قِبْطِيْ" اسلام قبول ڪيو. هو حضرت عَبَّاس بن عَبْدُالْمُطَّلِب جي گهرواري حضرت "اُمُّ الْفَضْل" سان گڏ مسلمان ٿيو.

اَبُوْ رَافِع شروعات ۾ حضرت عَبَّاس رضه جوئي غلام هو، جنهن کي بعد ۾ هن پنهي جهانن جي سردار صلى الله عليه وسلم جن جي حوالي ڪري ڇڏيو. "غزوه بَدْر" ۾ سندس شريڪ ٿيڻ تي راوين جو اختلاف آهي، ڇو جو هو ان وقت تائين اجان مڪي ۾ ئي هو. باقي "اُحد" ۽ ان کانپوءِ پين غزوات ۾ هن بهرو ورتو. سندس گهرواري "سَلميٰ" دائپو ڪندي هئي ۽ حضرت مَارِيَہ قِبْطِيَّہ رضه کي جڏهن حضرت اِبْرَاهِيْم رضه ڄائو، تڏهن سندس دائي سَلميٰ ئي هئي. ان کانسواءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جن جي پياري نياڻي سيده فَاطِمَہ رضه جي سپني ٻارن جي دائي پڻ سلميٰ ئي هئي.

---

(١) هن سال عيد الفطر ۽ عيد الاضحيٰ جون ٻئي نمازون حڪيم بن غداء جي گهر جي ٻٽيان ميدان ۾ پڙهيون ويون، انڪري اهو اسلامي تاريخ جو پهريون عيدگاه ليکيو ويندو آهي.
"تاريخ المدينة المنوره" ابن شبه ج ١ ص ١٣٤.
(٢) المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ١ ص ٢٨٣.
(٣) صحيح بخاريء ۾ اها روايت انس بن مالڪ رضه کان نقل ڪئي ويئي آهي.
"ڪتاب الاضاحي" ج ٣ ص ٢١٧.
(٤) "الطبقات الڪبريٰ" "ابن سعد" ج ١ ص ١٩١/١٩٢.
(٥) اسد الغابه "ابن الاثير" ج ١ ص ٢٧١. شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ١ ص ٤٤٦.

Marfat.com

"اَبُوْ رَافِع" جي نالي ۾ اختلاف آهي. ڪجهہ راوين سندس نالو "اسلام" ٻڌايو آهي، جيڪو مشهور آهي. ان ڪانسواءِ ابراهيم يا ڪي ٻيا نالا ٻہ ٻڌايا وڃن ٿا. (۱)

اُمَيَّہ بن ابي الصَلْت جو موت

* هن سال مشهور شاعر "اُمَيَّہ بن اَبي الْصَلْت" گذاري ويو. سندس شاعري حڪمت ۽ نصيحت واري هوندي هئي. تڏهن ٿہ سندس باري ۾ نبي سائين ﷺ جن فرمايو: "امڪان هو ٿہ اُمَيَّہ بن ابي الصَلْت مسلمان ٿئي ها. پر هو مسلمان نہ ٿي سگهيو." يا هڪ ٻيءَ جاءِ تي فرمايائون: "سندس شعر ۾ ايمان پر دل ۾ ڪفر هو." (۲)

اسلام ڪان اڳ ئي هو بت پرستيءَ ڪان بيزار ٿي مطالعي ۾ مشغول ٿي ويو. ڪافي ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ هن عيسائي انداز جي رهبانيت اختيار ڪئي هئي، پر جڏهن اسلام جو دور آيو، تڏهن حق ڪان منهن موڙي بغض ۽ بغاوت واري وات ورتائين ۽ دين جي دولت ڪان محروم رهجي ويو. خدا تعاليٰ هر انسان کي اهڙي حالت ڪان پنهنجي پناه ۾ رکي.

عَبْدُالله بن مَسْعُوْد رضہ جي حبش ڪان موت

* هن سال حضرت عَبْدُالله ابن مَسْعُوْد حبش ڪان موٽي مديني آيو. سرور ڪائنات ﷺ جن ان وقت نماز ۾ مشغول هئا. عَبْدُالله ابن مَسْعُوْد ڪين سلام ڪيو پر پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪيس سلام جو جواب نہ ڏنو. (۳)

جنگ جي اجازت

* هن سال صفر مهيني جي ٻارهين تاريخ خدا تعاليٰ طرفان مسلمانن کي مشرڪن سان جنگ جي اجازت هيٺين آيت ذريعي ڏني ويئي. (۴)

---

(۱) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۱۹۱. "الاصابہ" ابن حجر ج ۴ ص ٦٧. روض الانف "سُهيلي" ج ۳ ص ٦٦. "الاستيعاب" ابن عبدالبر علي هامش "اصابہ" ج ۳ ص ٦٨.

(۲) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۱ ص ۴۱۲.

(۳) هن ڪان اڳ پاڻ ڪريم ﷺ جن نماز دوران سلام جو جواب ڏيندا هئا. پر هجرت جي ٻئي سال جڏهن مسلمان "نجاشي" وٽان واپس وريا. تڏهن خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ کي حڪم ڏنو تہ "نماز ۾ صرف ڪلام پاڪ جي تلاوت ۽ الله جو ذڪر ڪيو ويي." انڪري پاڻ سڳورن ﷺ سلام جو جواب نہ ڏنو. اها روايت صحيحين ۾ موجود آهي. صحيح بخاري ج ۱ ص ۲۰۷. صحيح مسلم ج۲ ص ۷۱.

(۴) ان ڳالهہ تي اڪثر روين جو اتفاق آهي ۽ اهڙي حديث سيده عائشہ رضہ ڪان ابن عباس جي روايت سان ترمذي، نسائي، ابن سعد، حاڪم ۽ امام احمد بن حنبل طرفان نقل ڪئي ويئي آهي. امام احمد ۽ امام ترمذي ان روايت کي حسن سڏيو آهي. جڏهن تہ "حاڪم" پنهنجي "مستدرڪ" ۾ ڄاڻايو آهي تہ اها روايت شرط شيخين مطابق صحيح آهي. شرح علي المواهب اللدنيہ زرقاني ج ۱ ص ۳۸۷. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۲ ص ۵۷۹. مستدرڪ "علي الصحيحين" امام حاڪم ج ۲ ص ٦٦. زاد المعاد ابن قيم ج ۳ ص ۷۱. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي ج ۴ ص ۴.

Marfat.com

أُذِنَ لِلَّذِيْنَ يُقَاتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا. (١)

ترجمو: "اجازت ڏني ويئي انهن کي (جهاد جي) وڙهن ٿا جن سان (کافر) انکري جو اهي ستايل آهن."

اها جنگ جي متعلق نازل ٿيندڙ پهرين آيت آهي، (٢) جنهن کانپوءِ اهي ٻاهتر آيتون منسوخ ٿي ويون، جن ۾ جنگ کي حرام کيو ويو هو. اهڙيءَ ريت جڏهن سورة براءة جي آيت سيف نازل ٿي، جنهن ۾ خدا تعاليٰ طرفان هي حڪم ڏنو ويو:

فَاقْتُلُوْا الْمُشْرِكِيْنَ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ وَخُذُوْهُمْ وَاحْصُرُوْهُمْ وَاقْعُدُوْا لَهُمْ كُلَّ مَرْصَدٍ. (٣)

ترجمو: پوءِ انهن مشرکن کي پورو کيو جتي کين ڏسو، کين پکڙيو، ٻڌو، ۽ نظر ۾ رکو هر جاءِ تي.

ان آيت وري هن کان اڳ نازل ٿيل هڪ سؤ ويهه آيتن کي منسوخ ڪري ڇڏيو. ڇو جو هاڻي "قتال" فرض کيو ويو. جڏهن ته هن کان اڳ وارين آيتن ۾ اها ڳالهه يا ته حرام هئي يا وري ان حالت ۾ جوابي ڪارروائيءَ جي اجازت هئي، جڏهن شروعات ڪافرن طرفان ڪئي وڃي، يا وري جنگ جي اجازت ته هئي پر ائين ڪرڻ فرض نه هو.

اسلام ۾ پهرين غنيمت

* هن سال عَبْدُالله بن جَحْش رضه جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪو "سَرِيَّه" نخله ڏانهن اماڻيو ويو، ان کي غنيمت ۾ ڪجهه مال متاع هٿ آيو. اها اسلام ۾ پهرين غنيمت ليکي ويندي. (٤) جيئن "سرايا" واري باب ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي.

حرمت وارن مهينن ۾ قتال بابت حڪم

* هن سال عَبْدُالله بن جَحْش رضه واري "سَرِيَّه" جو رجب جي پهرين تاريخ ڪافرن سان مقابلو ٿيو، جنهن ۾ ڳالهه وڃي خونريزيءَ تائين پهتي. رجب جيئن ته حرمت وارو مهينو هو، پر حضرت عبدالله ۽ سندس ساٿين کي شڪ هو ته متان رجب جو چند نه ڏٺو هجي ۽ اها جمادي الثانيءَ جي ٽيهين تاريخ هجي. ان ڳالهه تي ڪافرن مسلمانن کي ٽونڪ ڪندي چيو ته "هو حرمت واري مهيني جو به خيال نٿا ڪن." (٥)

---

(١) سورة الحج آيت ٣٩ پاره ١٧.

(٢) عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ١ ص ٣٥٢. تفسير قرطبيٰ ج ١٢ ص ٦٨. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٥.

(٣) سورة توبه پاره ١٠ آيت ٥.

(٤) المواهب اللدنيه ج١ ص ٣٤١. اسد الغابه "ابن الاثير" ج ٣ ص ١٣١، الدرر "ابن عبدالبر" ص ١٠٠.

(٥) مٿي جيڪو حرمت وارن مهينن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهي ڪل چار مهينا آهن، جن جو عرب احترام ڪندا هٿا ۽ اسلام کان اڳ به هو انهن مهينن ۾ ڪنهن جنگ جهيڑي يا خونريزيءَ کي حرام سمجهندا هئا. انهن مهينن منجهان ٽي مهينا ته لاڳيتا هڪ ٻئي جي ڪڍ اڇن ٿا. يعنيٰ ذوالقعد، ذوالحج ۽ محرم. جڏهن ته چوٿون مهينو

Marfat.com

ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي:(١)

يَسْئَلُوْنَکَ عَنِ الشَّهْرِ الْحَرَامِ قِتَالٍ فِيْهِ. (٢)

پهرين کافر جو قتل

* عَبْدُالله بن جَحْش رضہ واري سَرِيَّہ ۾ مشرکن مان عَمْرو بن العلاء حضرمي نالي هڪ شخص مسلمانن هٿان مارجي ويو ۽ اهوئي پهريون مشرڪ آهي، جيڪو مسلمانن هٿان ماريو ويو. (٣)

جدا آهي، جيڪو "رجب" جو آهي. مٿين مهينن جي اها حرمت حضرت ابراهيم ع ۽ حضرت اسماعيل ع جي زماني کان ولي قائم هئي. اهو انڪري جو "ذوالحج" جي مهيني ۾ ماڻهو حج تي ايندا هئا. اهڙيءَ طرح هڪ مهينو ان کان اڳ ۽ مهينو ان ڪانپوءِ مقرر ڪيو ويو هو تہ جيئن اوري پري کان ماڻهو آرام ۽ اطمينان سان ڪعبة الله پهچي اتي حج ڪري وري پنهنجي اصلوڪن ماڳن تي موٽي وڃن. جڏهن تہ رجب جي مهيني ۾ وري ويجهڑائي وارا ماڻهو عام طور "عمرہ" ادا ڪرڻ مڪي شريف ايندا هئا، ڪين ڏهہ هارنهن ڏينهن اڳ ۾ ۽ اوترائي ڏينهن موٽڻ ۾ بہ لڳندا هئا، انڪري انهن جي سهوليت لاءِ رجب جي مهيني کي بہ حرمت وارو مهينو مقرر ڪيو ويو هو.

حضرت ابراهيم ع بيت الله ۾ جڏهن پنهنجو گهر گهاٽ بڻايو، تڏهن ان سر زمين تي پوک ۽ پاڻيءَ جو ڪوبہ انتظام ڪونہ هو. انڪري سيدنا ابراهيم پنهنجي پالڻهار کان ان علائقي جي آبادي ۽ لاءِ دعا گهري، جنهن کي رب پاڪ قبول ڪندي فرمايو: "جَعَلَ اللهُ الْكَعْبَةَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ .قِيَامًا لِّلنَّاسِ وَالشَّهْرَ الْحَرَامَ."

ان ڪانپوءِ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان قافلا ڪاڏي پيتي جو سامان ڪٽي مڪي پهچندا هئا ۽ جيئن تہ حرمت وارن مهينن ۾ ڪو ڦرمار جو انديشو بہ نہ هو ۽ حج سبب ملڪ جي مختلف علائقن جا ماڻهو هتي پهچندا هئا، جنهن ڪري واپارين کي مال کپائڻ لاءِ چڱي منڊي بہ هن موقعي تي ملندي هئي. اهوئي سبب آهي جو اهي قافلا بہ پنهنجو سفر هنن مهينن ۾ ئي ڪندا هئا. انڪري نبي ڪريم ﷺ جن جي اڳ تائين مٿين مهينن جي حرمت قائم رهي. جيتوڻيڪ آيات سيف جي نازل ٿيڻ ڪانپوءِ مٿين مهينن ۾ جهاد جي اجازت ڏني ويئي، پر پوءِ بہ انهن مهينن جي عزت ۽ احترام اڄ سوڌو ڪيو وڃي ٿو. جيئن خدا تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ فرمايو آهي:

"مِنْهَا اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ذَالِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ"

مٿين آيت جي روشنيءَ ۾ عطاء رضہ فرمائي ٿو تہ مٿين مهينن جي حرمت وارو حڪم رد نہ ٿيو آهي، پر اهو پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. انڪري هن سريہ ۾ جيڪي بہ شخص عثمان بن عبدالله ۽ حڪم بن ڪيسان قيد ٿيا هئا، انهن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن آزاد ڪري ڇڏيو.

جڏهن تہ عَمْرو بن حضرمي جنهن کي قتل ڪيو ويو هو، ان جي وارثن کي خون بها ڀري ڏني ويئي.

سيرة ابن هشام ج ٢ ص ٢٥٤/٢٥٥، الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ٧، الروض الانف "سَهيلي" ج ٢ ص ٢٩، زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ١٦٨/١٧٠، "عيون الاثر" "ابن سيد الناس" ج ١ ص ٣٥٩/٣٦٢.

(١) تاريخ طبري ج ٢ ص ١٢٦. "شرح علي المواهب اللدنيہ" زرقاني ج ١ ص ٣٩٧/٩٨، السيرة النبويہ "ابن ڪثير" ج ٢ ص ٣٦٨.

(٢) سورة بقرة آيت ٢١٧ پاره ٢.

(٣) "شرح علي المواهب اللدنيہ" زرقاني ج ١ ص ٣٩٧/٩٨، الدرر "ابن عبدالبر" ص ١٠٠، "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ١ ص ٣٦١.

Marfat.com

پهريون كافر قيدي

* هن سال عبدالله بن جحش واري "سَرِيَّه" ۾ ئي ۾ن مشرڪن کي قيد ڪيو ويو. سندن نالا حڪم بن ڪَيْسَان ۽ عُثْمَان بن عَبْدُالله ٻڌايا ويا آهن. اهي پهريان مشرڪ هئا، جن کي مسلمانن هٿان قيد ڪيو ويو. انهن مان حڪم بن ڪَيْسَان اسلام قبول ڪيو ۽ پڪو مسلمان ٿي رهيو، جڏهن ته عثمان مڪي موٽي ويو ۽ اتي ڪفر جي حالت ۾ ئي مري ويو. (۱)

اسلام جو پهريون سپهه سالار

* هن سال عَبْدُالله بن جَحْش رضه کي پهريون پيرو هڪ سريه جو سپه سالار بڻائي موڪليو ويو، اهڙي روايت به ملي ٿي، پر وڌيڪ صحيح ڳالهه اها آهي ته اسلامي تاريخ ۾ پهرين سپه سالار جو شرف حضرت حَمْزَه بن عَبْدُالْمُطَّلِب رضه کي حاصل آهي، جيئن سرايا واري باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي. (۲)

عبدالله بن جحش رضه ۽ سندس ساٿين متعلق آيت جو نزول

* هن سال عَبْدُالله بن جَحْش جي اڳواڻيءَ هيٺ جيڪو "سَرِيَّه" موڪليو ويو، ان جي باري ۾ مشرڪ چوڻ لڳا: "عَبْدُالله بن جَحْش ۽ سندس ساٿين حرمت واري مهيني ۾ جيڪا خونريزي ڪئي آهي، ان جو وبال انهن تي آهي، پر جي ائين نه ٿيو تڏهن به هو ثواب کان ته محروم ئي رهندا."

ان تي عَبْدُالله بن جَحْش رضه ۽ سندن ساٿي غمگين ٿيا ۽ عرض ڪيائون، "اي الله جا رسول صلي الله عليه وسلم! ڇا اسين پنهنجي ايمان، هجرت ۽ جهاد لاءِ رب سائينءَ جي رحمت ۾ اميد رکي سگهون ٿا" ؟ ان تي رب تعاليٰ جي طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي. (۳)

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَجَاهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللهِ اُولٰئِكَ يَرْجُوْنَ رَحْمَةَ اللهِ وَاللهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ. (۴)

"بيشڪ جن ايمان آندو ۽ اهي جن هجرت ڪئي ۽ الله جي راه ۾ جهاد ڪيائون، اهي اميدوار آهن الله جي رحمت ۾، ۽ الله تعاليٰ غفور ۽ رحيم آهي."

"غزوه بَدْر"

* هن سال رمضان ۾ "غزوه بَدْر ڪُبريٰ" واقع ٿيو، جنهن جا تفصيل هن کان اڳ "غزوات" واري

---

(۱) البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۴۹، "المواهب اللدنيه" قسطلاني ج ۱ ص ۳۴۲.

(۲) "واقدي" ۽ ڪيترن ٻين مؤرخن جو خيال آهي ته حضرت حمزه رضه جي اڳواڻيءَ ۾ هي "سريه" رمضان شريف ۾ اماڻيو ويو، جڏهن ته "سريه عبيده بن حارث" شوال مهيني ۾ روانو ٿيو. انڪري پهرين اڳواڻ جو شرف حضرت حمزه بن عبدالمطلب رضه کي ئي حاصل آهي.

"السيرة النبويه" ابن هشام ج ۲ ص ۲۴۵، "سيرة ابن ڪثير" ج ۲ ص ۳۳۸. المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۹. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۱۱.

(۳) شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ۱ ص ۳۷۸، "البدايه والنهايه" "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۴۹.

(۴) سوره بقره آيت ۲۱۸ پاره ۲.

Marfat.com

باب ۾ بيان ٿي چڪا آهن.

"ذَاتُ الْفُضُوْل" جو ذڪر

* هن سال جڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن غزوه بَدْر لاءِ اسهڻ جو ارادو ڪيو، تڏهن حضرت "سَعْد بن عِبَاده رضه" هڪ زره سندن حوالي ڪئي. ان زره جو نالو "ذَاتُ الْفُضُوْل" ٻڌايو ويو آهي. (۱) اها زِرهُ سڄي جمار نبي سڳوري ﷺ جن وٽ رهي ۽ آخري زماني ۾ ان زره کي ٽيهه سير جَوَن جي بدلي "اَبُوشَحْم" نالي يهودي ءَ وٽ گروي رکيائون. جنهن کي سندن وصال کانپوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضه اهو قرض ادا ڪري ڇڏايو. (۲)

صحابين سان مشورو ۽ انهن جو جواب

* هن سال "غزوه بَدْر" لاءِ ويندي مسلمان جڏهن "روحا" کان ٽپي "صفراء" جي ويجهو پهتا، تڏهن کين خبر پئي ته ڪافر مڪي مان هن مقابلي لاءِ وڏي تياري ڪري نڪتا آهن. اهو ٻڌي خدا جي پياري رسول ﷺ جن پنهنجي مهاجر ساٿين کان صلاح پڇي، ته "ڇا هن حالت ۾ مشرڪن سان مقابلو ڪرڻ مناسب ٿيندو؟" ان تي حضرت مِقْدَاد بن اَسْوَد كَنْدِي رضه ڏاڍو سهڻو ۽ وٺندڙ جواب ڏنو، هن چيو: "اي خدا جا رسول ﷺ! خدا جو قسم! اسان اوهان کي اهو جواب نه ڏينداسون، جيڪو حضرت مُوسيٰ عليه السلام کي سندس قوم ڏنو هو ته، "اوهان ۽ اوهان جو رب وڃي وڙهن، اسين ته هتي وينا هونداسين." پر اسان چئون ٿا: "اوهان ۽ اوهان جو رب هلي وڙهو، اسان به اوهان سان گڏ وڙهنداسون. اوهان جي ساڄي، کابي، اڳيان ۽ پويان ٿي وڙهنداسون." (۳)

اهو ٻڌي نبي اڪرم ﷺ جن ڏاڍو خوش ٿيا ۽ سندن منهن مبارڪ ٻهڪڻ لڳو. لڳ ڀڳ اهڙوئي جواب حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما به ڏنو. تنهن ڪانپوءِ نبي انور ﷺ جن انصار ساٿين جي مرضي معلوم ڪئي. انصار مان حضرت سعد بن معاذ اشهليءَ رضه هن ريت جواب ڏنو: "اسان اوهان تي ايمان آندو، اوهان جي تصديق ڪئي، ۽ ان ڳالهه جي شاهدي ڏني ته اوهان جيڪي ڪجهه آندو اهوئي حق آهي، هاڻي اوهان کان جو ٻڌنداسون ان جي پوئواري ڪرڻ جو قول ڪيو آهي.

اي خدا جا رسول ﷺ ! اوهان جي جيڪا مرضي هجي، اوهان ائين ئي ڪريو، اسان اوهان سان گڏ هونداسون.

قسم ان هستيءَ جو جنهن اوهان کي حق سان موڪليو آهي، جيڪڏهن اوهان ڪنهن سمنڊ ۾ ٽپڻ جو ارادو ڪندا، ته به اسان اوهان سان گڏ هونداسون ۽ اسان مان ڪوبه پويان پير نه ڪندو، اسان

---

(۱) المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۱۰۲.

(۲) الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۳۷۹. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۲ ص ۱٦٥، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۸۹.

(۳) صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ۲ ص ۳. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۵۱. البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۳ ص ۲٦۳ ـ ۲٦۲، "سيرة ابن هشام" ج ۲ ص ۲٦٦/٦۷. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۲٦، تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۴۰.

Marfat.com

جنگ ۾ صابر ۽ مقابلي ۾ سچار ٿي منهن ڏيندا سون. بيشڪ الله تعاليٰ اوهان کي اسان جي هٿان اهو ڪجهه ڏيکاريندو جو اوهان جون اکيون ٺري پونديون، هاڻي اسان کي الله جي آسري پاڻ سان گڏ وٺي هلو." (۱)

حضرت سَعْد رضه جڏهن اهو جملو ادا ڪيو تڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن ڏاڍا سرها ٿيا ۽ پوءِ مقابلي لاءِ "بدر" ڏانهن رخ رکيائون. هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حضرت مِقْدَاد رضه اهو جواب ان وقت ڏنو هو، جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن "غَزْوَه حُدَيْبِيَّه" لاءِ وڃي رهيا هئا. انهن ٻنهي روايتن کي ملائي چئي سگهجي ٿو ته حضرت مِقْدَاد رضه شايد ٻنهي موقعن تي اهڙي ڳالهه ڪئي هجي.

حضرت عاتڪ رضه جو خواب

* هن سال غزوه بدر کان ٽي چار راتيون اڳ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ڦٻي سيده عَاتِكَ بنت عَبْدُالْمُطَّلِب رضه هڪ خواب لڏو ته مڪي جا ڪافر ذلت ۾ آهن، سندن گهر تباه ۽ لاش ميدان ۾ رلي رهيا آهن، الله تعاليٰ تن چئن ڏينهن اندر بدر جي ميدان ۾ ان خواب کي سچو ڪري ڏيکاريو.

اهو نبي ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي. حافظ ابن ڪثير پنهنجي ڪتاب "البدايه والنهايه" ۾ ان خواب جا تفصيل ڏنا آهن (۲) هتي ان جو اختصار بيان ڪيو ويو آهي.

نبي ڪريم ﷺ جي دعا

* هن سال غزوه بدر واري ڏينهن جو واقعو آهي ته ان موقعي تي نبي انور ﷺ جن جي لشڪر ۾ ٽي سؤ کان مٿي ماڻهو هئا، جڏهن ته ڪافرن جي فوج جو تعداد هڪ هزار هو، انڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي پالڻهار کان هيءَ دعا گهرندا رهيا:

اَللّٰهُمَّ اَنْجِزْ لِيْ مَا وَعَدتَّنِيْ

اَللّٰهُمَّ اِن تُهْلِكْ هٰذِه العِصَابَةَ لَمْ تُعْبَدْ اَبَدًا

اي منهنجا مالڪ، تون ان وعدي کي پورو ڪري ڏيکار جيڪو تو مون سان ڪيو آهي.

اي منهنجا سائين، جيڪڏهن هيءَ جماعت ختم ٿي وئي ته پوءِ هتي ڪڏهن به تنهنجي عبادت نه ٿيندي.

نبي اڪرم ﷺ جن اها دعا گهرندا رهيا ۽ پنهنجي رب کي ٻاڏائيندا رهيا، ايتري قدر جو سندن چادر به ڪلهن تان ڪري پيئي. ان تي حضرت ابوبڪر صديق رضه عرض ڪيو: "سائين ! اهو ڪافي

---

(۱) "المواهب اللدنيه" قسطلاني ج ۱ ص ۳۵۲. البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۶۳. "الدرر" "ابن عبدالبر" ص ۱۰۳. "سبل الهدي والرشاد" شامي ج ۴ ص ۲۶.

(۲) خواب جا تفصيل هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ۱ ص ۳۸۰.
"سبل الهدي والرشاد" شامي ج ۴ ص ۱۹/۲۲. البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج۳ ص ۲۵۶. سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۲۵۹/۶۰. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۲۱۸/۲۱۳.

Marfat.com

آهي، جيڪو اوهان پنهنجي مالڪ کان گهريو. هوند هو اوهان سان ڪيل قول پاڙيندو." (١)
پوءِ رب پاڪ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي: (٢)

سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ وَ يُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ،

ترجمو: هيءَ جماعت جلد شڪست کائيندي، ۽ پٺي ڏيئي ڀڄندا.
ان کانپوءِ پاڻ سڳورا صلی الله علیه وسلم خوشيءَ وچان ان آيت کي پڙهندا پنهنجي ساٿين ڏانهن وڌيا.

نبي اڪرم صلی الله علیه وسلم جو هڪ ٻيو معجزو

* هن سال غزوه بدر واري موقعي تي نبي اڪرم صلی الله علیه وسلم پٽربن جي هڪ مُٺ پري ان تي شاهت الوجوه (هتن جون شڪليون بگڙي وڃن) تي ٻيرا پڙهي، پوءِ انکي ڪافرن ڏانهن اڇلايو، جنهن ڪانپوءِ انهن جي لشڪر ۾ اچي ڀاڄ پيئي ۽ رب پاڪ پنهنجي قوت ۽ طاقت سان مسلمانن کي سوپ بخشي، (٣) ۽ ان ڏس ۾ هيٺين آيت نازل ٿي:

فَلَمْ تَقْتُلُوْهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ قَتَلَهُمْ وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى (٤)

"پوءِ اوهان کين قتل نه ڪيو پر الله تعاليٰ کين قتل ڪيو، ۽ اها مٽيءَ جي مُٺ اوهان نه اڇلائي پر الله تعاليٰ اڇلائي."

شيطان جو لشڪر

* هن سال "غزوه بدر" جي موقعي تي "ابليس لعين" سراقه بن مالڪ مدلجي جي شڪل ۾ شيطانن جي هڪ لشڪر سان جيڪي انساني روپ ۾ هتا، مشرڪن جي مدد لاءِ آيو ۽ کين چيائين:
"لَاغَالِبَ لَكُمُ الْيَوْمَ مِنَ النَّاسِ وَاِنِّيْ جَارٌ لَّكُمْ"

"اڄ اوهان تي ڪوبه سوپارو نه ٿي سگهندو، انسانن منجهان مان اوهان جو ساٿي آهيان."
پوءِ جڏهن پنهي لشڪرن روبرو ٿي هڪ ٻئي سان هٿ ڳنديا ۽ نبي اڪرم صلی الله علیه وسلم جي مدد لاءِ فرشتن جي وڏي انگ کي شيطان نازل ٿيندي ڏٺو، تڏهن هن پنهنجي ساٿين سميت وڏي پوبان پير ڪيا. ان تي هڪ مشرڪ کيس چيو، "اي سراقه! تو ته چيو هو ته تون اسان جو مددگار آهين، پوءِ هيئڙ اسانکي ڇڏي ڪيڏانهن ٻيو وڃين؟ ان تي ابليس وراڻيو: "مان جيڪي ڏسي رهيو آهيان، اوهان اهو نٿا ڏسو. يعني مان ملائڪن کي آسمان تان هيٺ لهندي ڏسي رهيو آهيان، مونکي الله تعاليٰ کان ڊپ ٿئي ٿو، بيشڪ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي." (٥)

---

(١) دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٥٠. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٢٧. شرح علي الـمواهب اللدنيه "زرقاني" ج ١ ص ١٢١/٢٢.
(٢) سورة القمر" آيت ٤٥ پاره ٢٧.
(٣) الـمواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ١ ص ٣٦٤. سبل الهدي "شامي" ج ٤ ص ٤٧ ـ ٤٨.
(٤) سورة "الانفال" آيت ١٧ پاره ٩.
(٥) الـمواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ١ ص ٣٦٠. الروض الانف "سهيلي" ج ٣ ص ٧٨.

Marfat.com

آسمان تان ملائكن جو لهڻ

* هن سال "غزوه بدر" جي موقعي تي نبي اكرم ﷺ جي مدد لاءِ آسمان تان ملائك زمين تي نازل ٿيا [1] پهريان هك هزار ملائك آيا، جيئن رب تعاليٰ فرمايو:

اَنِّیْ مُمِدُّكُمْ بِاَلْفٍ مِّنَ الْمَلٰئِكَةِ مُرْدِفِيْنَ [2]

ترجمو: مان اوهان جي مدد كندس هزار ملائكن سان جيكي قطار ۾ هوندا.

ان كانپوءِ ٻه هزار آيا، هاڻي كل ٽي هزار ملائك ٿي ويا، جيئن رب پاك فرمايو:

"اَنْ يُّمِدَّكُمْ رَبُّكُمْ بِثَلٰثَةِ اٰلَافٍ مِنَ الْمَلٰئِكَةِ مُنْزَلِيْنَ [3]

ترجمو: "(خدا) اوهان جي مدد كندو ٽن هزار ملائكن كي آسمان مان لاهي."

ان كانپوءِ ٻه هزار ٻيا آيا، هاڻي كل ملائك پنج هزار ٿيا. ان لاءِ خدا تعاليٰ فرمايو:

"يُمْدِدْكُمْ رَبُّكُمْ بِخَمْسَةِ اٰلَافٍ مِّنَ الْمَلٰئِكَةِ مُسَوِّمِيْنَ. [4]

ترجمو: "الله اوهان جي مدد لاءِ پنج هزار ملائك موكليندو جن تي نشان لڳل هوندا."

عكاشه بن محصن جي ترار

* هن سال "غزوهَ بَدْر" ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جو هي معجزو نظر آيو، جو عُكَاشَه بن مِحْصِنْ اَسَدِيّ جي ترار ڀڄي پيئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن كي جڏهن اها خبر پيئي تڏهن حضرت عُكَاشَه رضه كي كجيءَ جي هك ڳاني هٿ ۾ ڏيئي فرمايائون: "هاڻي مقابلي ۾ هيءُ هٿيار استعمال ڪر." حضرت عُكَاشَه نبي انور ﷺ جن جي هٿ مبارك مان جڏهن اها ڳاني ورتي تہ ان مان ترار بٽجي وئي، پوءِ هو ان ساڳيءَ ترار سان آخر تائين بدر جي ميدان ۾ دشمنن جو مقابلو كندو رهيو. [5] عُكَاشَه ان كانپوءِ ٻه ڪيترن ئي غزوات ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏجي دشمنن سان سخت مقابلو كيو، پر اها ترار هر موقعي تي سندس هٿن ۾ هوندي هئي ۽ مرڻ ڳهڙيءَ تائين اها ترار وٽس موجود رهي. [6]

---

(١) المواهب اللدنيه ج ١ ص ٣٦٠. الروض الانف "سُهيلي ج ٣ ص ٨١. زاد المعاد ابن قيم ج ٣ ص ١٧٧.

(٢) سورة "الانفال" آيت ٩ پاره ٩.

(٣) سورة "آل عمران" آيت ١٢٤ پاره ٤.

(٤) سورة "آل غمران" آيت ١٢٥ پاره ٤.

(٥) ابن اسحاق جي روايت سان حافظ ابن كثير ۽ ٻين لكيو آهي تہ ان ڳاني مان هك ڏڳهي ۽ مضبوط ترار بٽجي ويئي، جنهن جو رنگ اڇو ۽ بناوٽ لوهہ جهڙي هئي، ان ترار كي "عَون" سڏيو ويندو هو.

"البدايه والنهايه" ابن كثير ج ٣ ص ٢٩٠. سبل الهدىٰ "شامي" ج ٤ ص ٥٣ ـ ٥٢. شرح علىٰ المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ١ ص ٤٣٠. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ١ ص ٣٨٠.

(٦) المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ١ ص ٣٦٥. المغازي "واقدي" ج ١ ص ٩٣. جوامع السيرة "ابن حزم" ص ١١٣. "الدرر" ابن عبدالبر ص ١٠٦. اسد الغابه ابن الاثير" ج ٤ ص ٢/٣.

Marfat.com

سَلَمَہ بن حريس رضہ (۱) جي ترار

* هن سال "غَزْوَہ بَدْر" جي موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن جي هٿان اهڙي ئي قسم جو هڪ پيو معجزو ٻه ڏسڻ ۾ آيو، جو هن ئي ڏينهن تي جڏهن سَلَمَہ بن حريس رضہ اسلام قبول ڪيو تہ هو هٿين خالي هو ۽ وٽس وڙهڻ لاءِ ڪوبہ هٿيار موجود نہ هو. اهو ڏسي پنهي جهانن جي سردار ﷺ جن ڪيس هڪ ڳاني هٿ ۾ ڏيندي فرمايو: "تون هن سان دشمن جو مقابلو ڪر." سَلَمَہ رضہ جيئن ان ڳاني ۽ هٿ وڌو تہ سندس هٿ ۾ اها هڪ عمدي تلوار بڻجي پيئي. جنهن کي هو سڀني غزوات ۾ استعمال ڪندو رهيو (۲) تانجو چوڏهين هجري ڏاري حضرت سَلَمَہ رضہ "جَسْر" (۳) واري جنگ

---

(۱) حضرت سلمہ رضہ جي پيءُ جو نالو اسلم ۽ ڏاڏي جو نالو حريس يا "حريش" آهي. اڪثر مؤرخن سندس سڄو نالو هن ريت لکيو آهي: سلمہ بن اسلم بن حريش بن عدي بن مخدعہ بن حارثہ بن حارث بن خزرج انصاري اوسي. المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۹۳/۹۴. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۲۳۲/۳۳. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ۴۳۱. الخصائص الڪبريٰ "سيوطي" ج ۱ ص ۳۳۸.

(۲) السيرة النبويہ "ابن ڪثير" ج ۲ ص ۴۴۷. المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۹۳/۹۴. دلائل النبوه "بيهقي" ج ۳ ص ۹۸/۹۹. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۵۳. شرح علي المواهب اللدنيہ زرقاني ج ۱ ص ۴۳۱.

(۳) تاريخ ۾ جنگ "جسر" ان جنگ کي سڏيو ويندو آهي، جيڪا حضرت عمر فاروق رضہ جي خلافت دوران مسلمانن ۽ ايرانين جي وچ ۾ لڳي. جنهن لاءِ پنهي ڌرين طرفان زبردست تياري ڪئي ويئي هئي. ايرانين طرفان هن جنگ ۾ لشڪر جو اڳواڻ مشهور جوڏو "بهماس حادويہ" کي مقرر ڪيو ويو هو. جڏهن تہ اسلامي فوج جو سپہ سالار "ابوعبيده بن مسعود ثقفي رضہ" هو.

رمضان چوڏهين هجري بمطابق آڪٽوبر ۶۳۴ عيسويءَ ڏاري ٻئي لشڪر "حيره" وٽ اچي هڪ ٻئي جي سامهون ٻيٺا. ان جاءِ تي فرات نديءَ مٿان هڪ پراڻي پل ٻه ٽهيل هئي، جنهن کي مقامي ماڻهو پنهنجي اڇ وچ لاءِ استعمال ڪندا هٿا. ايراني اڳواڻ حضرت ابوعبيده رضہ ڏانهن چوائي موڪليو: "مقابلي لاءِ يا تہ اوهان درياءَ ٽپي اسان ڏانهن اچو يا وري اسان توهان ڏانهن اچون." "ابوعبيده رضہ، جوش ۾ دشمن کي جواب ڏنو تہ "اسان ڏا ايڏانهن اچون." پوءِ اسلامي لشڪر دشمن ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. مسلمان ايڏا درياءَ پار ڪري هن ۾ پهتا ئي مس تہ دشمن پوري زور سان مٿن حملو ڪيو. ان موقعي تي مسلمان وڏي مشڪل ۾ پئجي ويا، جو لشڪر جو ڪجهہ حصو تہ درياءَ ٽپي آيو، ڪجهہ پل تان ٽپڻ ۾ مشغول هو تہ ڪجهہ ايڏا پرينءَ ۾ ٻيڙو هو. ان حالت ۾ ابوعبيده رضہ پنهنجي لشڪر کي صحيح نموني قطارن ۾ بہ نہ ٻيهاري سگهيو. هوڏانهن وري دشمن جي لشڪر ۾ تربيت يافتہ هاٿين جو بہ وڏو انگ موجود هو، جنهن جي اڳواڻي هڪ اڇو هاٿي ڪري رهيو هو. ڏاڍي ڇتي ويڙهہ هلي. اسلامي لشڪر جا گهوڙا هاٿين کي ڏسي ٽهڻ لڳا! مسلمانن گهوڙن تان هيٺ لهي ايرانين تي حملو ڪيو. ڪيترن کي هاٿين تان هيٺ ڪيرائي چڏيائون. ڪيترا هاٿي بہ قبضي ۾ آيا. اسلامي لشڪر جي اڳواڻ ابوعبيده رضہ پنهنجي ترار سان ان اڇي هاٿي جي سونڈ ڪپي چڏي، جنهن تي اهو هاٿي اڇي ڇتو ٿيو. نيٺ ابوعبيده رضہ کي پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙي چڏيائين. هڪ طرف تہ تربيت يافتہ هاٿين مسلمانن جي لشڪر ۾ تباهي مچائي، هوڏانهن وري مسلمانن پنهنجي اڳواڻ جي شهادت بہ پنهنجي اکين سان ڏٺي، انکري سندن همت ٽٽي پيئي. هاڻي هن پٺتي هٽڻ جي ڪوشش ڪئي، ان موقعي تي ڪنهن مسلمان وري پٺتي هٽڻ واري عمل کي روڪڻ لاءِ "فرات" مٿان جيڪا پل هئي ان کي ڌاهي چڏيو. انکري دريا ٽپڻ جي ڪوشش ۾ بہ ڪيترا

Marfat.com

۾ شهادت ماڻي.

اها ڳاڻي حقيقت ۾ ان مشهور ڪجيءَ جي ڳاڻي هئي، جنهن کي "ابن طاب" [1] جي نالي پٽيان ياد ڪيو ويندو هو.

قَتَادَهْ رضہ جي اک ۾ ڏک

* هن سال غزوه بدر ۾ حضرت قَتَادَه بن نُعْمَان رضہ کي اک ۾ ڏک لڳو. مٿي مرسل صلی‌الله علیه‌وسلم جن پنهنجو هٿ مبارڪ سندس اک تي گهمايو تہ ان گهڙيءَ ئي سندس اک ٺيڪ ٿي ويئي. اهو سرور ڪائنات صلی‌الله علیه‌وسلم جن جو هڪ معجزو آهي. [2]

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو واقعو "غزوه اُحُد" ۾ پيش آيو، جنهن جو احوال اڳتي اچي رهيو آهي.

حضرت مُعَوِّذ رضہ جو هٿ ڪپجڻ

* هن سال "غَزْوَه بَدْر" ۾ سرور ڪائنات صلی‌الله علیه‌وسلم جن جو هڪ ٻيو معجزو ان وقت ڏسڻ ۾ آيو، جڏهن بنو عَفْرَآء وارن مان حضرت مُعَوِّذ رضہ جو هٿ ڪپجي ڪل ۾ لڙڪي رهيو هو، تڏهن هو ان هٿ کي ٻئي هٿ سان جهلي رسول رحمت صلی‌الله علیه‌وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ڪن راوين ان موقعي تي معاذ بن عفراء جو نالو بہ لکيو آهي، پر مُعَوِّذ بن عَفْرَآء واري روايت وڌيڪ اعتبار جوڳي آهي. [3]

پاڻ ڪريم صلی‌الله علیه‌وسلم جن مُعَوِّذ جي هٿ کي سندس اصلوڪي جاءِ تي رکي ان جي مٿان پنهنجي لب مبارڪ لڳائي چڏي، جنهن ڪانپوءِ اهو هٿ ايئن لڳي ويو جڻ ڪڏهن ڪجهہ ٿيوئي نہ هو.

مسلمان ٻڌي ويا. ڏهن هزارن جي لشڪر مان اٺکل ٽي هزار باقي بچيا.

ان جنگ کي تاريخ ۾ "جنگ جسر" جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. عربي زبان ۾ "جسر" جي معنيٰ آهي پل. جيئن تہ هن جنگ ۾ هڪ پل کي ٽوڙيو ويو، جنهن ڪري تمام گهٽو نقصان پهتو. انڪري هن جنگ تي اهو نالو پئجي ويو.

"البدايہ والنهايہ" ابن ڪثير ج ۷ ص ۲۷/۲۸. "معجم البلدان" "ياقوت حموي" ج ۲ ص ۱۴۰.

(۱) "ابن طاب" مديني شريف جي ڪجين مان هڪ مشهور قسم آهي، جنهن جون ڪارڪون تمام گهٽي رس ۽ لذت واريون ٽين ٽيون. ابن اثير جي راءِ مطابق جنهن شخص مديني ۾ هن ڪجيءَ کي روشناس ڪرايو، ان جو نالو "ابن طاب" هو. اهڙيءَ ريت ڪجين جو هڪ ٻيو قسم "ابن زيد" نالي سان بہ سڏيو ويندو آهي. انهن ڪجين جون ڪارڪون بہ انهن نالن سان مشهور آهن. ڪجين جي گوشن ڪپڙ ڪانپوءِ جيڪي ڳانيون (سپيون) وڻ ۾ باقي چڏيون وڃن ٽيون، اهي بعد ۾ ڏنگيون ٽي ترار وانگر ٽي ويندیون آهن، عربيءَ ۾ انهن کي "عرجون" سڏيو ويندو آهي، جنهن جو جمع عراجين آهي. لسان العرب "ابن منظور" ج ۸ ص ۲۳۶، "النهايہ ابن الاثير" ج ۳ ص ۱۴۹.

(۲) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۹۱، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۹۶ ـ ۱۹۵، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۹۹/۱۰۰، "الشفاء قاضي عياض ج ۱ ص ۲۱۲.

(۳) "المواهب اللدنيہ" ۾ "علامہ قسطلاني" عبدالله ابن وهب فهريءَ جي هڪ روايت "قاضي عياض" جي حوالي سان نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ هن جاءِ تي "معاذ بن عمرو" جو نالو آندو آهي. اها شايد ڪاتب جي ڀل آهي، ڇو جو "الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ" ۾ قاضي عياض جي نقل ڪيل روايت ۾ هن جاءِ تي "معوذ بن عفراء" جو نالو ئي ڄاڻايو ويو آهي. باقي "ابن الاثير" جي راءِ آهي تہ هن موقعي تي معاذ بن عمرو بن جموح انصاري خزرجي جو هٿ

Marfat.com

مسلمانن لاءِ پيٽي خوشي

* هن سال جنهن ڏينهن مسلمانن "غزوه بدر" ۾ سوپ حاصل ڪئي، ان ساڳئي ڏينهن تي ڪين اها خبر پڻ پهتي ته رومين به ايرانين تي سوپ حاصل ڪئي آهي. انڪري مسلمانن کي پيٽي خوشي حاصل ٿي. پهرين پنهنجي سوپ جي ۽ پي رومين جي، جنهن جو وعدو رب تعاليٰ مسلمانن سان گهٽو اڳ ڪيو هو.

الٓمٓ • غُلِبَتِ الرُّوْمُ • فِيْٓ اَدْنَى الْاَرْضِ وَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ غَلَبِهِمْ سَيَغْلِبُوْنَ • فِيْ بِضْعِ سِنِيْنَ • (١)

ترجمو: شڪست کاڌي رومين پرواري سرزمين تي، جنهن ڪانپوءِ وري هو سوپ حاصل ڪندا ڪجهه سالن اندر.

اها ڳالهه پهرين پاڳي جي انهن فصل ۾ بيان ٿي چڪي آهي.

عَبْدُالله بن سُهَيْل رضہ جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال "غزوه بدر" واري ڏينهن عَبْدُالله بن سُهَيْل بن عَمْرو قُرَشِي عَامِري جيڪو اَبُوْ جَنْدَل بن سُهَيْل جو پاءُ هو، ڪافرن جي لشڪر کي ڇڏي اچي مسلمانن جي فوج ۾ شامل ٿيو ۽ اسلام قبول ڪيائين. هو "بَدْر" ۽ ان ڪانپوءِ ٻين غزوات ۾ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سان گڏ رهيو. (٢) سندس پاءُ اَبُوجَنْدَل جي اسلام جو ذڪر انشاءَ الله انهن هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

يَزِيْد بن اَخْنَس رضہ جون ٽي پيڙهيون ساڳئي غزوه ۾

* هن سال "غَزْوَه بَدْر" ۾ مسلمانن طرفان يَزِيْد بن اَخْنَس سَلمي سندس پٽ مَعْن بن يَزِيْد ۽ سندس پيءُ اَخْنَس بن حباب بن حبيب ٽنهي ڇڻن شرڪت ڪئي. انهن ڪانسواءِ صحابين ۾ اهڙو ٻيو ڪو مثال نٿو ملي، جن جون ساڳئي وقت ٽي پيڙهيون هڪ جنگ ۾ شريڪ ٿيون هجن. جيئن بدر ۾ حضرت اَخْنَس جن جون ٽي پيڙهيون شريڪ هيون. (٣)

غزوه بدر ۾ قتل ٿيندڙ ڪجهه ڪافرن جا نالا

* هن سال غزوه بدر ۾ ڪافرن مان عَاص بن سَعِيْد بن عَاص قُرَشِي امويءَ کي قتل ڪيو ويو. ان کان سواءِ ڪافرن منجهان ئي اَبُوسَائِب به قتل ٿي ويو. سندس نالو صيفي بن عائذ بن عبدالله قرشي مَخْزُوْمِي ٻڌايو ويو آهي. جڏهن ته سندس پٽ سائب بن ابو سَائِب اِسْلام قبول ڪيو ۽ پوءِ هو سچو

"عڪرمہ بن ابوجهل" جي حملي سان ڪچي پيو هو، نه ڪي معوذ بن عفراء جو. والله اعلم.
المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٣٦٥. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ٣٨١. "الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ" قاضي عياض ج ١ ص ٢١٣.

(١) سورة "الروم" آيت ٢ کان ۴ پاره ٢١.
(٢) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ١٨٠. البدايہ والنهايہ - ابن ڪثير ج ٣ ص ٣٢٢.
(٣) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٣ ص ٣٢٦.

Marfat.com

مسلمان ٿي رهيو.

هن "غزوه" ۾ مشرڪن مان مَالِڪ بِنْ عُبَيْدالله بِنْ عُثْمَان قُرَشِي تيمي به مارجي ويو، جيڪو طلحه بن عبيدالله رضه جو پاءُ هوَ. طلحه رضه جو شمار "عَشَرَه مُبَشَّرَهْ" ۾ ٿيندو آهي.

ان ڪانسواءِ مشرڪن مان عمرو بن عبدالله بن جدعان تيمي ۽ حذيفه بن ابوحذيفه بن مغيره مخزومي پڻ قتل ٿي ويا. (۱)

حضرت خُبَيْب بن عَدِيّ رضه جي اک ۾ تير لڳڻ

* هن سال "غزوه بدر" ۾ نبي سونهاري ﷺ جن جو اهو معجزو به ڏسڻ ۾ آيو ته جڏهن خُبَيْبُ بن عَدِيّ رضه کي اک ۾ تير لڳو، تڏهن سندس تارو ٽڙکي ٻاهر نڪري آيو، جنهن ڪري حضرت خبيب پريشان ٿي ويو. نبي اڪرم ﷺ جن پنهنجي لب مبارڪ ان اک تي لڳائي ته سندس اک اڳين جهڙي ٿي پيئي. ايتري قدر جو اها خبر به نه پئي پوي ته سندس ڪهڙي اک ۾ تير لڳو هو. (۲)

(۱) الروض الانف "سُهيلي" ج ۳ ص ۱۲۴/۱۲۷، جوامع السيرة "ابن حزم" ۱۴۷/۱۵۰. "الدرر" "ابن عبدالبر" ص ۱۱۰/۱۱۱.

(۲) حضرت خبيب بن عديءَ رضه کي ڏڪ لڳڻ بابت راوين جو اختلاف رهيو آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته هن صحابي سڳوري کي اک ۾ ڏڪ لڳو هو جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڪن راوين طرفان ڪيس پاسي ۾ (ڪلهي جو) ڏڪ لڳڻ ٻڌايو ويو آهي. ٻئي طرف وري ڪجهه راوين جو بيان آهي ته هن موقعي تي ڪلهي جو ڏڪ خبيب بن عديءَ کي نه پر خبيب بن اساف کي لڳو هو، جنهن جو ذڪر اڳتي هن ئي باب جي صفحي ۳۲۷ تي ڪيو ويو آهي.

ان اختلاف جو ڪارڻ اهو به ٿي سگهي ٿو ته ٻنهي صحابي سڳورن غزوه بدر ۾ بهرو ورتو ۽ پوءِ نالن جي هڪ جهڙائيءَ سبب ڪنهن راويءَ يا ڪاتب ڪان هڪ جي بجاءِ ٻي جو نالو لکجي ويو آهي. (والله اعلم باالصواب)

هوڏانهن وري اسدالغابه ۾ ابن الاثير اهو واقعو وڌيڪ وضاحت سان هن ريت نقل ڪيو آهي جنهن جو راوي حضرت خبيب بن عبدالرحمٰان آهي، جيڪو خبيب بن اساف جو پوٽو هو. سندس چوڻ آهي ته خبيب بن اساف بن عتبه بن عمرو بن خديج بن عامر بن جشم بن حارث بن خزرج بن ثعلبه انصاري خزرجي پنهنجي هڪ مائٽ سان گڏ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو. ان وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪنهن غزوه لاءِ اسهي رهيا هئا. حضرت خبيب رضه جيتوڻيڪ ان وقت تائين ايمان نه آندو هو، پر ان هوندي به عرض ڪيائون:

"اسان اوهان سان گڏجي جنگ ۾ بهرو وٺي سگهون ٿا؟" نبي انور ﷺ جن پڇيو، "ڇا اوهان اسلام آڻي چڪا آهيو؟"

اسان ناڪار ۾ جواب ڏنوسون.

ان تي پاڻ سڳورا ﷺ جن فرمائڻ لڳا: "اسان ڪافرن سان منهن ڏيڻ لاءِ ڪافرن ڪان مدد نه وٺندا آهيون."

اهو ٻڌي اسان ايمان آندوسون ۽ پوءِ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن سان گڏجي روانا ٿياسون.

ميدان ۾ مشرڪن مان هڪ شخص "حضرت خبيب" رضه جي ڪلهي تي ترار جو وار ڪيو، جنهن ڪانپوءِ سندس ٻانهن ڪلهي وٽان ڪپجي لڙڪڻ لڳي، پاڻ ڪريم ﷺ جن ان جاءِ تي پنهنجي لب مبارڪ لڳائي ته سندس ٻانهن ٺيڪ ٿي ويئي. ان ڪانپوءِ خبيب رضه ان دشمن تي جوابي وار ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو ۽ احمد بن منيع جي روايت آهي ته ان ڪانپوءِ خبيب رضه ان دشمن جي ڏيءَ سان نڪاح به ڪيو، ان روايت کي علامه ابن حجر به نقل ڪيو آهي. والله اعلم باالصواب.

دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۹۷/۹۸. الخصائص الڪبريٰ "سيوطي" ج ۱ ص ۳۲۷. "سبل الهدىٰ والرشاد" شامي ج ۴ ص ۵۲. دلائل النبوه "ابونعيم" ج ۲ ص ۴۸۴. اسد الغابه "ابن الاثير" ج ۲ ص ۱۰۱/۱۰۲. الاصابه "ابن حجر" ج ۱ ص ۴۱۸. حلية الاولياء "ابونعيم" ج ۱ ص ۳۶۴/۳۶۵.

Marfat.com

رِفاعَہ بن مالک رضہ کي اک ڇر تير لڳڻ

* هن سال غزوه بدر ۾ حضرت رفاعہ بن مالک رضہ کي به اک ڇر تير لڳو، جنهن سبب سندس تارو ٻڏڪي پيو. نبي اڪرم ﷺ جن ان تاري مٿان پنهنجي لب مبارک لڳائي ۽ دعا ٻه ڪئي، پوءِ سندس اها اک نيڪ ٿي وئي ۽ ان ۾ تڪليف جو ڪو نشان باقي نه بچيو. (۱)

غنيمت حلال ٿيڻ بابت حڪم

* هن سال "غزوه بدر" دوران يا ان کان اڳ هيءَ آيت نازل ٿي، جنهن جي ذريعي غنيمت جي مال کي حلال ڪيو ويو. (۲)

فَكُلُوْا مِمَّا غَنِمْتُمْ حَلَالًا طَيِّبًا وَّاتَّقُوااللهَ. (۳)

ترجمو: پوءِ کائو، جيڪي ڪجهہ اوهان کي غنيمت ۾ مليو، حلال ۽ پاڪ سمجهي ۽ ڈجو الله کان.

"ذُوالْفَقَار" جو هٿ اچڻ

* هن سال "غزوه بدر" ۾ نبي سڳوري ﷺ جن کي اها تراڙ هٿ آئي، جنهن کي "ذوالفقار" سڏيو ويندو آهي. ان اچار ۾ "ف" تي زبر يا زبر ٻئي صحيح آهن.

* اها تراڙ کافرن مان عاص بن منبہ يا هڪ ٻي روايت مطابق نبيہ بن حجاج جي ملکيت هئي، جيڪي ٻئي ڇٽا هن "غزوه" ۾ مارجي ويا. (۴) اها تراڙ پنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پنهنجي لاءِ پسند ڪئي ۽ پوءِ هر مقابلي ۾ اها تراڙ ساڻن گڏ هوندي هئي ۽ وصال کانپوءِ سندن ڇڏيل مال ۾ به اها موجود هئي. جيئن صحيح بخاريءَ ۾ ڇاڻايو ويو آهي. هڪ روايت ۾ اچي ٿو تہ پاڻ ڪريم ﷺ

---

(۱) "حافظ بيهقي" پنهنجي ڪتاب "دلائل النبوة" ۾ رفاعہ بن رافع بن مالک جي هڪ روايت نقل ڪئي آهي تہ "غزوه بدر" واري ڏينهن تي ڪيترائي مائهو "اميہ بن خلف" مٿان (حملي لاءِ) سنيريا ٻيڻا هئا، پوءِ آءٌ به جڏهن اتي پهتس تہ منهنجي نظر سندس بغل وٽ ان جاءِ تي وڃي پئي، جتان سندس زرهہ ٽٽي پيئي هئي. اهو ڏسي مون پنهنجي تلوار سان ان جاءِ تي ڪيس رڳهو هنيو تہ اوڏيءَ مهل ڪو تير اچي منهنجي اک ۾ لڳو. پوءِ نبي انور ﷺ جن منهنجي اک تي پنهنجي لب مبارک به لڳائي ۽ دعا ٻه ڪئي، جنهن سان منهنجو درد دفع ٿي ويو."

حافظ ابن ڪثير پنهنجي "سيرة" ۾ ساڳي روايت وري حضرت رفاعہ جي پٽ معاذ بن رفاعہ رضہ کان نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ اميہ بن خلف جي جاءِ تي وري "اُبي بن خلف" جو نالو ڇاڻايو ويو آهي. اڳتي هلي هو اهو به لکي ٿو تہ اها روايت غريب آهي. جيتوڻيڪ سندس "سَنَد" "جيد" آهي، جنهنکري هن روايت کي نقل ڪيو ويو آهي، طبراني وري اها روايت ابراهيم بن منذر کان نقل ڪئي آهي.

دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۱۰۰. سيرة ابن ڪثير ج ۲ ص ۲۳۴۸. مجمع الزوائد "هيثمي" ج ٦ ص ۸۵.

(۲) "الروض الانف" سُهيلي ج ۳ ص ۸۳. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۹۹.

(۳) سورة "الانفال" آيت ٦۹ پاره ۱۰.

(۴) المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۱۰۳. الروض الانف "سُهيلي" ج ۳ ص ۸۴. الوفا "ابن جوزي" ج ۱ ص ٦٦٧. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۱۸۸.

Marfat.com

جن اها ترار پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي حضرت علي بن ابوطالب رضہ کي عطا ڪئي هئي پر اها روايت صحيح بخاريءَ جي خلاف آهي.

سائب بن عبيد رضہ جو اسلام آڻڻ

* هن سال "غزوه بدر" وارن ڏينهن ۾ ئي سائب بن عبيد بن عبد يزيد بن هاشم بن مطلب بن عبدمناف قرشي مُطلبي اسلام قبول ڪيو. اڳتي هلي سندس نسل مان امام شافعي پيدا ٿيو. (۱) سندس پٽ شافع بن سائب به ڏوهہ جوانيءَ ۾ مسلمان ٿيو ۽ نبي سائين ﷺ جن جي زيارت جو شرف به حاصل ڪيائين. "سائب" رضہ امام شافعيءَ جي پڙڏاڏي جو ڏاڏو هو ۽ امام شافعي کي ان "شافع" جي نسبت پٽيان سڏيو ويندو آهي. جڏهن ته سندس نالو محمد بن ادريس بن عباس بن عثمان بن شافع بن سائب آهي، جيئن مٿي بڌايو ويو آهي. اهڙو ذڪر "تقريب" ۽ "تذڪرة القاريءَ" نالي ڪتابن ۾ موجود آهي.

خُبَيْب بن اِسَاف رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال مسلمان جڏهن "بدر" ڏانهن وڃي رهيا هئا ته وات تي ئي حضرت خبيب رضہ بن اساف بن عتبہ، انصاري خزرجي اسلام قبول ڪيو، ان ڪانپوءِ هن بدر، اُحد ۽ خندق جي غزوات ۾ بهرو ورتو. (۲) بدر واري موقعي تي ڏڪ لڳڻ سبب سندس ڪلهو نڪري پيو. نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن ان جاءِ تي پنهنجي لب مبارڪ لڳائي ته هن جو ڪلهو اتي جو اتي ٺيڪ ٿي ويو، جنهن ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي برڪت سان هو مشرڪن مٿان اڇي ٽٽو ۽ هڪ روايت مطابق اميہ بن خلف کي پورو ڪيائين. خبيب اهو ساڳيو شخص آهي، جنهن حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي وفات ڪانپوءِ سندس بيوه حبيبہ بنت خارجہ سان نڪاح ڪيو هو.

چئن پائرن جي شرڪت

* هن سال "غزوه بدر" ۾ اهڙا چار صحابي سڳورا به شريڪ ٿيا، جيڪي پاڻ ۾ سڳا پائر هئا. سندن نالا اياس، عاقل، خالد ۽ عامر رضہ آهن. اهي چارئي بنوبڪير بن عبدياليل ليثي بن عدي بن ڪعب بن لوي وارن مان هئا. منجهانئن "اياس رضہ" انهن شروعاتي مسلمانن مان هو، جن دار ارقم ۾ پاڻ ڪريم ﷺ آڏو حاضر ٿي اسلام قبول ڪيو، ان ڪانپوءِ سندس پيا ٿي پائر به "غزوه بدر" ڪان اڳ اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا ۽ هي چارئي پائر "غزوه بدر" ۾ شريڪ به ٿيا. جن ۾ "عاقل رضہ" شهادت ماڻي، جيئن ابن الاثير "اسد الغابہ" ۾ ڄاڻايو آهي. (۳) "تذڪرة القاري" جي مصنف جو خيال آهي ته سندن پاءُ عامر رضہ به "دار ارقم" ۾ ئي اسلام قبول ڪيو هو. انهن بنهي روايتن

---

(۱) شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ۴۴۶. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۲۵۵. الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۱۱. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۷۹.

(۲) "اسد الغابہ" ابن الاثير ج ۲ ص ۱۰۱/۱۰۲. "الاصابہ" ابن حجر ج ۱ ص ۴۱۸. "المغازي" واقدي ج ۱ ص ۴۷.

(۳) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۷۶/۷۷.

Marfat.com

بابت "زرقاني" پنهنجي لکيل "مؤطا مالک" جي شرح ۾ ڇاڻايو آهي تہ مٿين ڇئن پائرن سان گڏوگڏ سندن ٽي مائيتا پائر بہ "بدر" جي غزوه ۾ شريک هئا، جن جا نالا مُعَوِّذْ رضہ، مُعَاذ رضہ ۽ عَوْف رضہ آهن. انهن سيني جي ماءُ عقراء ڏيءَ عبيد، انصاريہ نجاريہ رضہ هئي، جنهن جي پهرين شادي بکير بن عبديالليل سان ٿي ۽ ان جي وفات کانپوءِ هن ٻيو نکاح حارث بن رفاعہ انصاريءَ سان کيو.

پهربن گهر مان کيس اياس، عاقل، خالد ۽ عامر نالي چار پٽ ڇاوا. جڏهن تہ پوئين گهر مان کيس ٽي پٽ معوذ، معاذ ۽ عوف ٽيا. گويا سندس ستن ئي پٽن هن غزوه ۾ بهرو ورتو. اها کيڏي نہ عجيب گالهہ آهي تہ ست ئي پائر هک غزوه ۾ شريک هجن ! ان قسم جو ٻيو مثال تاريخ ۾ نہ ٿو ملي. (۱)

خُزَيْمَہ رضہ بن ثابت جو ذکر

* هن سال غزوه بدر ۾ خُزَيْمَہ رضہ بن ثابت بن فاکه، انصاري اوسي نالي هک صحابي شريک ٿيو، جنهن جي باري ۾ نبي اکرم صلی اللہ علیہ وسلم جن فرمايو هو تہ، هن صحابي جي شهادت ٻن ماڻهن جي شهادت جي برابر آهي. ان نسبت کري هو "ذُوالشَّهَادَتَيْن" جي لقب سان مشهور ٿيو. ابن الاثير پنهنجي کتاب "اسد الغابہ" ۾ ان جو سبب هک ڏگهي قصي ۾ ڇاڻايو آهي. (۲)

"خُزَيْمَہ" پهربون پيرو غزوه بدر ۾ شريک ٿيو ۽ ان کانپوءِ سيني غزوات ۾ شرکت کيائين، اهو قول وڌيک صحيح آهي. جڏهن تہ هک روايت ۾ ڇاڻايو ويو آهي تہ هن "اُحد" کانسواءِ ٻين سيني غزوات ۾ بهرو ورتو. سندس کنيت ابوعماره ٻڌائي ويئي آهي.

هن سال غزوه بدر جي موقعي تي مؤمنن منجهان حارثہ بن رُبَيِّعْ شهيد ٿيو. (۳) رُبَيِّعْ سندس امڙ جو نالو آهي، جيڪا حضرت انس بن مالک رضہ جي ڦڦي هئي، جڏهن تہ حارثہ جي ٻيءُ جو نالو

---

(۱) الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۳۶۴. "شرح علي المواهب اللدنيہ" "زرقاني" ج ۱ ص ۴۱۶/۴۱۷.

(۲) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۱۱۴/۱۱۵. دلائل النبوة "ابونعيم" ج ۲ ص ۴۸۶.

(۳) حضرت حارثہ بن سراقہ جو تعلق خزرج قبيلي جي مشهور شاخ بنو نجار سان هو. هي اهو خوش نصيب گهرائو آهي، جنهن جي اکثر فردن کي صحابيت جو شرف حاصل ٿيو.

حضرت حارثہ جو ٻيءُ "سراقہ" جيتوڻيڪ هجرت کان اڳ گذاري ويو ۽ کيس ايمان آڻڻ جي سعادت حاصل نہ ٿي سگهي هئي، پر سندس ماءُ جي دين ڏانهن جيڪا رغبت هئي، ان حارثہ رضہ جي زندگيءَ تي تمام گهڻو اثر کيو ۽ هو ننڍي عمر کان ئي پنهنجي زندگي دين لاءِ وقف کري چڪو هو. اهوئي سبب هو جو ان دور ۾ ئي حارثہ رضہ هک ڏينهن سرور کائنات ﷺ جن کي روبرو عرض کيو، "اي خدا جا رسول ﷺ، منهنجي واسطي شهادت جي دعا گهرو. خدا جي سچي رسول ﷺ جن سندس لاءِ شهادت جي دعا گهري." ۽ ٻوءِ اها دعا ان ريت قبول ٿي جو "غزوه بدر" ۾ حضرت حارثہ رضہ جڏهن حوض مٿان پاڻي پيئڻ لاءِ پهتو تہ دشمن جو تير اچي کيس ڳلي ۾ لڳو ۽ هن موقعي تي رب جي راه ۾ پهرين شهادت سندس حصي ۾ آئي.

جنگ جي ڇاڻيءَ کانپوءِ جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني واپس وريا تہ حارثہ جي ماءُ سندن خدمت ۾ پهچي پنهنجي پٽ بابت سوال پڇيو تہ خدا وٽ کيس ڪهڙو مقام مليو؟ جواب ۾ سرور کائنات ﷺ جن فرمايو تہ، "حارثہ رضہ نہ صرف جنت ۾، پر جنتن ۾ سڀ کان اعليٰ مقام واري جنت الفردوس ۾ آهي." اهو جواب ٻڌي سندس ماءُ ڏاڍو

Marfat.com

سراقہ بن حارث بن عدي انصاري نجاري ٻڌايو ويو آهي. هي اهوئي شخص آهي، جنهن جي باري ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن جنت الفردوس جي بشارت ڏني هئي، جيڪا سڀ کان اعليٰ جنت آهي. ڇيو وڃي ٿو ته حضرت حارثہ بدر جي ميدان ۾ جنگ جو نظارو ڏسڻ آيو هو، پر انصار منجهان سڀ کان پهريان شهادت جو اعزاز سندس حصي ۾ آيو. بدر جي شهيدن ۾ سندس ذڪر اڳتي وري به ڪيو ويو آهي.

ڪافرن جي موت بابت پيشنگوئي

* هن سال غزوه بدر کان ٻه چار ڏينهن اڳ نبي آخر الزمان ﷺ جن پنهنجي صحابين کي ڪافرن جي قتل ٿيڻ جي خبر ڏني ۽ زمين تي اهي ماڳ به ڏسي ڇڏيا ته ڪهڙو ڪافر ڪٿي قتل ٿيندو. پوءِ ڏٺو ويو ته هر ڪافر ان جاءِ تي ئي قتل ٿيو ۽ ڪو هڪ به هيڏي هوڏي نه ٿيو. (۱) اهو نبي اڪرم ﷺ جن جو هڪ وڏو معجزو آهي.

غزوه بدر ۾ شهيد ٿيندڙ مسلمانن جا نالا

* هن سال غزوه بدر ۾ چوڏهن صحابي شهيد ٿيا، جن مان ڇهہ مهاجر ۽ اٺ انصار هئا. (۲)
مهاجرن مان قريش به هئا ته سندن ساڻاري به، قريش قبيلن مان ٽي ڇڻا شهيد ٿيا:
۱. عمير رضہ بن ابي وقاص قرشي زهري رضہ. هي حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ جو ڀاءُ هو.
۲. صفوان رضہ بن وهب قرشي فهري جيڪو "ابن بيضا" جي نالي سان مشهور هو.
۳. عبيده رضہ بن حارث بن عبدالمطلب بن عبدمناف قرشي مطلبي، ابتدائي مسلمانن مان هڪ

خوش ٿي. حارثہ رضہ جي باري ۾ ڪجهہ مؤرخن ۽ سيرت نگارن جو خيال آهي ته سندس شهادت اتفاقي عمل نہ هو. پر هو ڇائي وائي جهاد جو ارادو ڪري گهران نڪتو هو ۽ غزوه بدر ۾ بهرو ونڊي شهادت ماڻيائين. جڏهن ته ٻئي گروه جو خيال آهي ته "غزوه بدر" جي موقعي تي ننڍي ڇمار سبب مٿس جهاد فرض نہ هو، پر هو جنگ جو نظارو ڏسڻ خاطر ميدان ۾ پهتو ۽ اتفاق سان دشمن جي تير جو شڪار ٿيو.

امام بخاريءَ، حافظ ابن ڪثير، ابن عبدالبر، زرقاني جهڙن معتبر محدثن ۽ مؤرخن جي راءِ آهي ته هو جنگ جو نظارو ڏسڻ آيو هو توڙي جو هو جنگ ۾ عملي طور شريڪ نہ رهيو. تڏهن به ڪيس پنهنجي پالڻهار طرفان جنت الفردوس ۾ جاءِ ملي، ته پوءِ جيڪي شخص عملي طور هن "غزوه" ۾ شريڪ رهيا ۽ طاقت توڙي تعداد ۾ ٻاڻ کان ٽيئي دشمن جو مقابلو ڪيائون، انهن جو مقام ۽ مرتبو مالڪ الملڪ وٽ ڇا هوندو؟

صحيح بخاري باب "فصل من شهداءِ بدر" ج ۳ ص ۷. تاريخ الخميس "ديار بكري" ۱ ص ۳۸۰. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۳۴/۳۵. "البدايہ والنهايہ" "حافظ ابن كثير" ج ۳ ص ۳۲۹. تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۵۰. الاستيعاب "ابن عبدالبر" علىٰ هامش اصابہ ج ۱ ص ۲۸۵. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ۴۴۴.

(۱) صحيح مسلم "باب غزوه بدر" ج ٦ ص ۱۷۰.

(۲) المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۱۴۵. سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۳٦۴/۳٦۵. "دلائل النبوة" بيهقي ج ۳ ص ۱۲۲. السيرة النبويہ "ابن كثير" ج ۲ ص ۴٦۳/۴٦۴. المعارف "ابن قتيبہ" ص ۹۲. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ٦۵. "الدرر" "ابن عبدالبر" ص ۱۰۹.

Marfat.com

هو. "بدر" ۾ سندس هڪ پير وڌجي پيو، پر پاڻ بچي ويو. پوءِ بدر کان جڏهن مسلمان مديني موٽي رهيا هئا، تڏهن واٽ تي "صفراء" وٽ سندس پساه پورا ٿيا ۽ کيس اتي ئي دفنايو ويو [1] سندس قبر ان جاءِ تي موجود آهي، جتي اڄان سوڏو ماڻهو زيارت لاءِ ايندا رهن ٿا. جاهل ماڻهو وري ان کي ابو ذر غفاريءَ رضہ جي قبر سمجهندا آهن، جيڪا سندن غلطي آهي. حضرت ابو ذر رضہ جي قبر "ربذه" ۾ آهي. قريش جي ساڻارين مان هينيان ٽي صحابي شهيد ٿيا.

۴. عاقل رضہ بن بڪير ليثي

۵. مهجع رضہ يمني جيڪو حضرت عمر بن خطاب رضہ جو آزاد ڪيل غلام هو.

عاقل رضہ ۽ مهجع رضہ ٻئي بنوعدي وارن جا ساڻاري هئا.

٦. عمير رضہ بن عبد عمرو بن نضلہ خزرجي، هي بنوزهره وارن جو ساڻاري هو، سندس لقب "ذوالشمالين" آهي. هن کي "ذواليدين" نہ سمجهيو وڃي، اهو هڪ ٻيو صحابي آهي، جنهن نماز قصر ڪرڻ جي موقعي تي نماز ۾ ڳالهايو ۽ نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم کان پڇيو: "آيا نماز ۾ قصر ٿي آهي يا اوهان پلي ويا آهيو؟" [2]

انصار مان جيڪي اٺ صحابي سڳورا شهيد ٿيا، تن مان ڇهن جو تعلق خزرج قبيلي سان هو، جڏهن تہ ٻہ ڇٽا "اوس" قبيلي جا هئا.

۱. عمير رضہ بن حمام، سندن تعلق "بنوسلمہ" وارن سان هو. هن کي هٿ ۾ ڪجهہ ڪارڪون هيون، جيڪي کائي رهيو هو تہ اتي ئي نبي سائين صلی الله عليه وسلم جن جي واتان اها بشارت ٻڌائين: "جيڪو الله جي واٽ ۾ بدر ۾ شهيد ٿيو ان لاءِ جنت آهي." بس پوءِ اهي ڪارڪون اتي ئي اڇلائي ترار ڪڍي اڇي دشمن تي ٽُٽو، تان جو ڪيس شهادت نصيب ٿي. [3]

۲. يزيد رضہ بن حارث جنهن جو تعلق بنو حارث بن خزرج سان هو ۽ ابن فسحم جي نالي سان مشهور هو.

۳. رافع بن معليٰ

۴. حارثہ بن سراقہ بن حارث بن عدي انصاري نجاري جيڪو (ننڍي عمر سبب) جنگ جو نظارو ڏسڻ لاءِ ميدان بدر ۾ آيو هو.

۵. عوف رضہ

٦. معوذ رضہ، اهي ٻئي پاڻ ۾ ڀائر ۽ "عفراء" جا پٽ هئا. سندن ٿيون ڀاءُ معاذ رضہ بن عفراء ميدان بدر ۾ شهيد نہ ٿيو هو پر ڏکجي ڪيو هو ۽ موٽ تي مديني ۾ وفات ڪيائين، هڪ روايت ۾

---

(۱) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۳۵۷.

(۲) الدرر "ابن عبدالبر" ص ۱۰۹، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۷۵، روض الانف "سهيلي" ج ۳ ص ۱۰۱.

(۳) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۱۴۳، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۴۵، "تاريخ طبري" ج ۲ ص ۱۵۰، تاريخ الخميس "دياري بڪري" ج ۱ ص ۳۸۰. "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ۱ ص ۲۹۷.

Marfat.com

اچي ٿو تہ هو حضرت عثمان رضہ جي خلافت تائين ۽ پي روايت مطابق حضرت علي رضہ جي خلافت تائين حيات هو.

باقي آخري ٻن صحابين جو تعلق اوس قبيلي جي هڪ شاخ بني عوف سان هو.

۷. سعد بن خيثم

۸. مبشر بن عبدالمنذر بن زنبر رضي الله تعاليٰ عنهما.

غزوه بدر جي شهيدن جي شان ۾ آيت

* هن سال غزوه بدر جي ڏينهن تي عمير بن حمام ۽ سندن ساٿين (جن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي) جي حق ۾ جيڪي بدر ۾ شهيد ٿيا، خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي.

وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِىْ سَبِيْلِ اللهِ اَمْوَاتٌ بَلْ اَحْيَآءٌ. (۱)

"۽ نہ چئو انهن کي مئل جيڪي رب جي راه ۾ قتل ٿيا، پر اهي جيئرا آهن."

طالب جو گم ٿي وڃڻ

* هن سال "غزوه بدر" جي موقعي تي طالب ابن ابي طالب کي جنن غائب ڪري ڇڏيو، جيڪو حضرت علي بن ابي طالب رضہ جو ڀاءُ هو. طالب پنهنجي ڀائرن ۾ سڀني کان وڏو هو، پر ڪيس اسلام قبول ڪرڻ جي توفيق نصيب نہ ٿي. حضرت ابوطالب جي اولاد ۾ طالب کانسواءِ ٻيو ڪوبہ اهڙو نہ هو، جيڪو دين کان دور رهيو هجي. (۲) سندس ٽيئي ڀائر سيدنا علي، سيدنا عقيل ۽ سيدنا جعفر رضي الله تعاليٰ عنهم دين جي دولت سان مالامال رهيا.

حضرت عباس رضہ جي اسلام بابت روايت

* هن سال "غزوه بدر" کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي چاچي حضرت عباس بن عبدالمطلب اسلام قبول ڪيو هو، پر هن پنهنجي اسلام کي ماٺهن کان ڳجهو رکيو. اهوئي سبب هو جو هن مديني ڏانهن هجرت نہ ڪئي ۽ مکي ۾ ئي رهيو، تانجو انين هجريءَ ڌاري مکي جي فتح کان اڳ هو

(۱) سورة بقره پاره ۲ آيت ۱۵۴.

(۲) اها حقيقت آهي تہ "طالب" جي اسلام بابت ڪا شهادت موجود نہ آهي. ان هوندي بہ نبي ڪريم ﷺ سان ڪيس بي پناه محبت ۽ مسلمانن سان بي حد انسيت هئي. هن مسلمانن خلاف ڪنهن بہ ڪارروائيءَ ۾ قريش جو ساٿ نہ ڏنو، پر ان جي برعڪس قريش آڏو مختلف موقعن تي نبي انور ﷺ ۽ سندن سچي دين جي ساراه ڪئي.

"طالب" کي شعر شاعريءَ سان بہ وڏي دلچسپي هئي. بهترين مدحيہ (واکاڻ وارا) ۽ رزميہ شعر چيا اٿس. ابن هشام پنهنجي "سيرة" جي ڪتاب ۾ "طالب" جو اهڙو ڪلام نقل ڪيو آهي. جيڪو هن "جنگ بدر" ۾ مسلمانن جي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ چيو ۽ جنهن ۾ هن سرور ڪائنات ﷺ جن جي دل ڪولي ساراه ڪئي آهي. اهو ڪلام حافظ ابن ڪثير ۽ ٻين سيرت نگارن پڻ پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيو آهي.

سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۲۷/۲۸. سيرة النبويہ "ابن ڪثير" ج ۲ ص ۵۲۳/۵۲۴. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۱ ص ۳۷۵.

Marfat.com

پنهنجي پارن پچن سوڏو مديني روانو ٿيو، (۱) پر صحيح روايت اها آهي تہ هن اسلام ئي انين هجريءَ ڏاري قبول ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ هو پنهنجي پارن پچن سان گڏ هجرت جي ارادي سان مڪي کان مديني وڃي رهيو هو تہ واٽ تي "ابواء" وٽ ڪيس رسول الله ﷺ جن گڏيا، جيڪي مڪي جي فتح لاءِ وڃي رهيا هئا. پوءِ حضرت عباس رضہ رستي ۾ ئي ان قافلي سان گڏجي پنتي موٽيو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان پهريان فتح مڪ ۽ ان ڪانپوءِ حنين، طائف ۽ تبوڪ جي غزوات ۾ بهرو ورتائين، جنهن جو ذڪر انين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

حضرت ابو درداء رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال "غزوه بدر" ڪانپوءِ ابو درداء رضي الله تعاليٰ عنہ اسلام قبول ڪيو. هن جو نالو "عويمر" ٻڌايو ويو آهي، جڏهن تہ سندس پيءُ جي نالي ۾ اختلاف آهي، ڪن راوين عامر تہ ڪن طرفان وري "مالڪ" ۽ "ثعلبہ" بہ ٻڌايو ويو آهي. (۲)

حضرت علي رضہ سائينءَ جي ڪنيت

* هن سال ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن طرفان حضرت علي رضہ جي ڪنيت "ابو تراب" تجويز ڪئي ويئي.

سيد جمال الدين بخاري پنهنجي ڪتاب روضة الاحباب ۾ ڄاڻايو آهي تہ حضرت علي رضہ کي اها ڪنيت سڀ کان وڌيڪ پياري هئي.

"البدايہ والنهايہ" ۾ حافظ ابن ڪثير ڄاڻايو آهي تہ حضرت علي رضہ لاءِ اها ڪنيت سرور ڪائنات ﷺ جن طرفان "غزوۂ عشيره" واري زماني ۾ تجويز ڪئي ويئي (۳) ۽ هيءُ "غزوه" هن ئي سال جي جمادي الاول يا جمادي الآخر ۾ واقع ٿيو، جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي.

وليد رضہ بن وليد جو اسلام

* هن سال "غزوه بدر" کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ وليد بن وليد بن مغيره مخزوميءَ رضہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو خالد بن وليد رضہ جو ڀاءُ هو. "جنگ بدر" ۾ جن ڪافرن کي قيد ڪيو ويو، تن ۾ وليد بن وليد رضہ بہ شامل هو، جنهن کي سندس ڀاءُ خالد فديو ادا ڪري آزاد ڪرايو، جنهن ڪانپوءِ هن آزاد ٿيندي ئي اسلام قبول ڪيو. (۴) سندس ڀاءُ خالد بن وليد رضہ هن ڪان گهٽو پوءِ سن انين هجريءَ جي صفر مهيني ۾ مسلمان ٿيو. جيتوڻيڪ ان روايت ۾ اختلاف بہ آهي. ان جو وڌيڪ ذڪر

---

(۱) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۱۰۹/۱۱۰. "المواهب اللدنيہ" "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۷۴. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۹۸، تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۵۹.

(۲) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۱۵۹/۱۶۰.

(۳) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۴۶. روضة الاحباب ـ سيد جمال الدين ج۱ ص ۱۴۸/۱۴۹.

(۴) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۹۲، المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۴۶.

Marfat.com

اڳتي سن انين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

ان ساڳئي شخص وليد بن وليد رضہ لاءِ نبي ڪريم ﷺ جن دعا قنوت ۾ پين مظلومن سان گڏ دعا گهرندا هئا، جيئن صحيح بخاري وغيره ۾ ڇاڻايو ويو آهي. (۱)

خُنَيْس رضہ بن حُذَافَہ جي وفات

* هن سال "غزوه بَدْر" جي پڇاڻيءَ کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مديني واپس وريا، تڏهن اتي حضرت خُنَيْس رضہ بن حُذَافَہ بِن قَيْس قُرَشِي سَهمِيّ گذاري ويو، جيڪو حضرت حَفْصَہ رضہ جو پهريون گهر وارو هو ۽ ان جي وفات کانپوءِ ئي پاڻ ڪريمن ﷺ جو نڪاح ام المؤمنين حضرت حفصہ رضہ سان ٿيو. (۲)

حضرت خُنيس رضہ "جَنْگِ بَدْر" ۾ ڦٽجي پيو، سندس اهي ڦٽ ڇٽي نہ سگهيا ۽ موت جو ڪارڻ بڻيا. ڪن روايتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو واقعو "جنگ احد" کانپوءِ پيش آيو، پر پهرين روايت وڌيڪ مشهور آهي.

شڪراني جون ٻہ رڪعتون ادا ڪرڻ

* هن سال "غزوه بدر" جي پڇاڻيءَ کانپوءِ ايمان وارن سوپاري ۽ سرخرو ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ پنهنجي پالڻهار جي ساراه ڪئي ۽ سندس شڪراني ادا ڪرڻ لاءِ ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪئي.

ڪافر قيدين بابت مشورو

* هن سال "غزوه بدر" جي پڇاڻيءَ تي ڪافرن جي قيدين بابت، پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي صحابين سان مشورو ڪيو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو خيال هو تہ انهن قيدين کان فديو وني ڪين ڇڏيو وڃي. جڏهن تہ عمر بن خطاب رضہ ائين ڪرڻ کان روڪيو ۽ فرمايائين، "هنن کان ڪو فديو نہ

---

(۱) غزوه بدر ۾ وليد بن وليد ڪافرن طرفان وڙهندي حضرت عبدالله بن جحش رضہ هٿان گرفتار ٿيو. پوءِ سندس ڀائرن خالد ۽ هشام فديو ڏيئي ڪيس ڇڏايو. ان کانپوءِ هن ستت ئي اسلام قبول ڪيو. مسلمان ٿيڻ کانپوءِ رسول اڪرم ﷺ جن وليد کان سوال پڇيو تہ هو فديو ڏيڻ کان اڳ مسلمان ڇو نہ ٿيو؟ ان تي وليد وراڻيو: "اي خدا جا رسول ﷺ، مون ان وقت انڪري اسلام قبول نہ ڪيو جو قريش سمجهن ها تہ مان فديي ڏيڻ جي ٻوَ کان مسلمان ٿيو آهيان، جڏهن تہ مون خدا ۽ خدا جي رسول ﷺ جي رضا لاءِ ايمان آڻڻ ٿي چاهيو."

مسلمان ٿيڻ کانپوءِ وليد جڏهن مکي واپس پهتو تہ مسلمان ٿيڻ جي ڏوهہ ۾ سندس ڀائرن کيس قيد ڪيو.

خدا جي سچي رسول ﷺ جن وٽ جڏهن اها خبر پهتي، تڏهن کين ڏاڍو ڏک رسيو. انڪري پاڻ سڳورا ﷺ فجر جي نماز ۾ روزانہ قنوت نازلہ پڙهي، وليد ۽ اهڙن ٻين مظلومن جي حق ۾ دعا گهرندا هئا، جن کي ڪافرن طرفان مکي ۾ ناحق قيد ڪيو ويو هو.

صحيح بخاري ڪتاب الجهاد والسير ج ۲ ص ۱۵۸. الاصابہ "ابن حجر" ج ۳ ص ۶۳۹، شرح علي المواهب اللدنيہ زرقاني" ج ۱ ص ۴۴۶.

(۲) صحيح بخاري ڪتاب الجهاد ج ۲ ص ۱۲. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۱۲۴.

Marfat.com

ورتو وجي ۽ ڪين قتل ڪري رب جي ڏرتيءَ کي رب جي دشمنن کان پاڪ ڪيو وجي." (۱) رسول خدا صلی الله علیه وسلم جن جڏهن انهن کان فديو وٺڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهن رب پاڪ طرفان هيءَ وحي نازل ٿي، جيڪا حضرت عمر رضه جي راءِ مطابق هئي. ان موقعي تي هيٺين آيت نازل ڪئي ويئي:

لَوْلَا كِتَابٌ مِّنَ اللهِ سَبَقَ لَمَسَّكُمْ فِيْمَآ اَخَذْتُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ. (۲)

ثابت بن ضحاڪ جو ڇمڻ

* هن سال ثابت بن ضَحَّاک بن خَلِيْفَه اَنْصَارِي اَشْهَلِي به ڇائو. نبي سونهاري صلی الله علیه وسلم جن جي وصال وقت سندس ڇمار اٺ ورهيه هئي، جيئن ابن الاثير "اسد الغابه" ۾ ڇاڻايو آهي. (۳)

غزوه بدر ۾ دوبدو مقابلو

* هن سال "غزوه بدر" جي موقعي تي مسلمانن منجهان ٽي ڇڻا يعني حضرت حمزه بن عبدالمطلب، حضرت علي بن اَبُوطَالِب، عُبَيْده بن حَارِث رضه ميدان ۾ لڻا، جن سان دوبدو مقابلي لاءِ ڪافرن جي لشڪر منجهان ٽي ڇڻا اڳواٽ ئي تيار بيٺا هئا، عُتْبَه بِن رَبِيْعَه، سندس ڀاءُ شَيْبَه بِن رَبِيْعَه، ۽ پٽ وليد بن عُتْبَه. هن دوبدو مقابلي ۾ حضرت حمزه رضه هٿان شيبه ۽ حضرت عليءَ هٿان وليد قتل ٿي ويا، جنهن ڪانپوءِ ٻئي ڇڻا حضرت عُبَيْدَه رضه وٽ آيا ۽ ٽنهي ڇڻن عُتْبَه کي قتل ڪيو. ان موقعي تي هنن شخصن جي شان ۾ هي آيت نازل ٿي: (۴)

هٰذَانِ خَصْمَانِ اخْتَصَمُوْا فِيْ رَبِّهِمْ فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا قُطِّعَتْ لَهُمْ ثِيَابٌ مِّنْ نَّارٍ. (۵)

"هي ٻه ڌريون آهن، جن پنهنجي رب بابت اختلاف ڪيو، پوءِ جيڪي ڪافر ٿيا انهن لاءِ پوشاڪ تيار ڪئي ويندي باهه منجهان."

اَبُوْجَهْل جو قتل

* هن سال "غزوه بدر" ۾ هن امت جي فرعون اَبُوْجَهْل بن هِشَام خذله الله کي قتل ڪيو ويو. مٿس عَفْرَاء رضه جي ٻن پٽن مُعَاذ رضه ۽ مُعَوَّذ رضه پنهنجي ٽئين ساٿيءَ معاذ بن عمرو بن جَمُوْح رضه جي مدد سان حملو ڪيو.

هن موقعي تي سرور ڪائنات صلی الله علیه وسلم جن فرمايو: "ابوجهل جي جاچ لهو ته ڪهڙي حال ۾ آهي." پوءِ اها جاچ لهڻ لاءِ حضرت عَبْدُالله ابن مَسْعُوْد رضه روانو ٿيو، ٻاهر اچي ڏٺائين ته هو پوين پساهن ۾

---

(۱) شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ۱ ص ۴۴۱.
(۲) سوره الانفال پاره ۱۰ آيت ٦٨.
(۳) اسد الغابه "ابن الاثير" ج ۱ ص ۲۲٦.
(۴) صحيح بخاري ج ۳ ص ۵، سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۲۷۷. شرح المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ۱ ص ۴۱۸، ۴۱۷، جوامع السيرة "ابن حزم" ص ۱۱۲. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۱ ص ۳۹۴، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۳۵/۳٦.
(۵) سوره الحج پاره ۱۷ آيت ۱۹.

Marfat.com

هو. ابن مَسْعُوْد رضہ سندس سيني تي چڑهي پنهنجي تلوار ڪڍي سسي ڏڙ کان ڌار ڪيائينس ۽ پوءِ ان کي آڻي سرور ڪائنات ﷺ جن جي حوالي ڪيائين. پاڻ سڳورن ﷺ جن ان تي پنهنجي پروردگار جي ثنا ڪئي ۽ سندس دربار ۾ شڪراني جو سجدو ڪيو. (۱)

بدر ۾ قتل ٿيل ڪافرن منجهان ڪجهہ نالا

* هن سال "غَزْوَهْ بَدْر" ۾ ڪافرن جا ستر سردار قتل ٿي ويا، جن مان ڪيترا ته وڏي نالي وارا هئا. جيئن ته اُمَيَّہ بن خَلَف، عُتْبَہ بن رَبِيْعَہ، شَيْبَہ بن رَبِيْعَہ، وَلِيْد بن عُتْبَہ، طُعَيْمَہ بن عَدِيّ، جيڪو مُطْعِم بن عَدِيءَ رضہ جو پاءُ هو. زَمْعَہ بن اَسْوَد ۽ سندس ٻہ پائر حَارِث ۽ عَقِيْل جيڪي پٽ اَسْوَد جا پٽ هئا، اَبُوالْبُخْتَرِي، نُبَيْہ ۽ مُنَبَّہ جيڪي ٻئي وري حَجَّاج جا پٽ هئا ۽ اَسْوَد بن عَبْدُالاَسد مَخْزُوْمِي جيڪو مشرڪن جي لشڪر مان سڀ کان پهريان قتل ٿيو. وغيره.

قيدي ڪافرن مان ڪجهہ نالا

* هن سال "غَزْوَهْ بَدْر" ۾ ستر ڪافرن کي قيد ڪيو ويو، جن مان ڪجهہ نالا هيٺ ڏجن ٿا:
(۱) سُهَيْل بن عَمْرو قُرَشِي عَامِري، (۲) اَبُوْ وَدَاعَة بن صُبَرَه سهمي، جيڪو مطلب بن ابي وداعہ رضہ نالي صحابيءَ جو پيءُ هو. (۳) حَنْظَلَہ ۽ عَمْرو جيڪي ٻيئي وري اَبُوسُفْيَان صَخْر بن حَرْب جا پٽ هئا، (۵) اَبُوالْعَاص بن رَبِيْع بن عَبْدالْعُزّيٰ بن عَبْد شَمْس بن عَبْد مَنَاف قُرَشِيْ عَبْشَمِيْ جيڪو اُم الْمُؤْمِنِيْن سَيِّدَه خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰي رضہ جو ڀاڻيجو هو، (٦) عُقْبَہ بن اَبِي مُعَيْط قُرَشِي عَجْلَانِي ۽ (۷) نضر بن حارث جنهن کي ڪافرن جي لشڪر مان سڀ کان پهريان پڪڙيو ويو.
مشرڪن منجهان جيترا ٻہ شخص مارجي ويا ۽ جن کي ٻہ قبد ڪيو ويو، تن سڀني جو ذڪر "سِيرت شاميہ" ۽ "شرح عليٰ الـمواهب اللدنيہ" ۾ تفصيل سان ڪيو ويو آهي. (۲)

بن ڪافرن جي قتل جو حڪم

* هن سال "غزوه بدر" ڪان موٽ تي نبي اڪرم ﷺ جن جڏهن "صَفْرَآء" وٽ پهتا تڏهن حضرت علي بن ابوطالب رضہ کي نضر بن حارث جي قتل جو حڪم ڏنائون. پوءِ ان کي قتل ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ جڏهن "عِرْق الظَّبْيَہ" وٽ پهتا تڏهن حضرت عَامِر بن ثَابِت بن اَبُوْ اَفْلَح کي حڪم ڏنائون تہ هو عقبہ بن اَبُومُعَيْط کي قتل ڪري، پوءِ عامر بن ثابت ان حڪم جي تعميل ڪئي. (۳)

---

(۱) صحيح بخاري ج ۲ ص ۴، سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۲۸۸/۲۸۹. شرح عليٰ الـمواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ۴۲۸/۴۲۹. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۸۷/۲۸۸. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۱۸۵، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۵۰/۵۱. تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۵۵، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ۳۸۴/۳۸۵.
(۲) اهي تفصيل هيٺين ڪتابن ۾ ٻہ ڏسي سگهجن ٿا: سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۷۵/۷۹. المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۱۳۸. سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۳٦۵، ج ۳ ص ۳. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۱ ص ۴۰۵.
(۳) البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۳۰٦، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۷٦. جوامع السيرة "ابن حزم" ص ۱۱۴، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۱ ص ۴۰۸.

Marfat.com

نضر بن حارث جيڪو حضرت عليءَ رضہ هٿان قتل ٿيو، ان جو ڪم اهو هو جو هو عجم جي ملڪن مان ڪوڙا ۽ هٿرادو قصن جا ڪتاب خريد ڪري مڪي ۾ آڻيندو هو ۽ رسول خدا ﷺ جي مقابلي ۾ اهي قصا ماڻهن کي ٻڌائي انهن جو ڏيان سرور ڪائنات ﷺ جي ٻڌايل ڳالهين تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

ان شخص جي باري ۾ خدا تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي:

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللهِ.

"۽ ماڻهن منجهان (ڪو اهڙو به آهي) جيڪو اهڙيون ڳالهيون خريد ڪري ٿو، جيڪي رب جي رستي کان گمراه ڪنڍڻ آهن."

ان شخص جو عقيدو اهو هو ته:

اَللّٰهُمَّ اِنْ كَانَ هٰذَا هُوَالْحَقَّ مِنْ عِنْدِكَ فَاَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ.

" يااللہ هي جيڪي ڪجهہ (محمد ﷺ) پيش ڪري ٿو اهو جي تنهنجي طرفان سچ آهي ته پوءِ اسان تي آسمان مان پٿر وساءِ."

نَضْر ڪفر جي حالت ۾ قتل ٿيو، ان ڳالهہ تي سمورا سيرت نگار متفق آهن، باقي "ابن منده" جو اهو وهم آهي ته نَضْر، اسلام قبول ڪيو هو. ابن الاثير ۽ ٻين محدثن ان ڳالهہ کي غلط چيو آهي.

ابولهب جو موت

* هن سال "غزوه بدر" کانپوءِ ست ڏينهن رکي پاڻ ڪريم ﷺ جن جو چاچو ابولهب بن عَبْدُالْمُطّلِب مري ويو. سندس موت ڪفر جي حالت ۾ ٿيو. ڪيس چمڙيءَ جي بيماري ٿي، جنهن کي عرب "عدسہ" چوندا آهن ۽ انهن جي خيال موجب اها نهايت موذي ۽ وڇڙندڙ بيماري آهي. هن بيماريءَ ۾ سڄي جسم تي "مَهْريءَ" جيڏا داڻا نڪرندا آهن، جنهن جي آخري منزل موت آهي. (۱)

عُمَر بن عبدالله جو ڇمڻ

* هن سال حبش جي سرزمين تي اَبُوسَلَمَہ عَبْدُالله بن عَبْدُالْاَسَد مَخْزُوْمِيءَ جي گهر نينگر ڄائو، جنهن جو نالو "عمر" رکيو ويو. سندس ماءُ جو نالو "اُمِّ سَلَميٰ" آهي، جنهن سان پوءِ نبي ڪريم ﷺ جن نڪاح ڪيو هو، انڪري عمر بن عبدالله کي سندن اڳ ڄائو پٽ ليکيو ويندو. وصال نبي ﷺ وقت هن نينگر جي عمر نوَ ورهيہ هئي. (۲)

ڪافرن جي لاش مٿان نبي اڪرم ﷺ جو اڇڻ

* هن سال "غزوه بدر" جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ به پاڻ ڪريم ﷺ جن ٿي ڏينهن اتي ترسي پيا ۽

---

(۱) سبل الهدىٰ والرشاد" "شامي" ج ص ٦٧. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۳۰۹. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ۴۵۲. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۱ ص ۴۱۰.

(۲) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۷۹. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۳ ص ۲۴۵/۲۴۶.

Marfat.com

ٽئين ڏينهن تي ان کوهه مٿان اچي بيٺا، جنهن ۾ ڪافرن جا لاش اڇلايا ويا هئا.

پاڻ سڳورن ﷺ ان کوهه جي ڪناري تي بيهي هن ريت فرمايو: "اسان جي رب اسان سان جيڪو وعدو ڪيو هو اهو سچو ٿيو، ڇا اوهان جي رب اوهان سان جيڪو وعدو ڪيو هو، اهو به سچو ٿيو؟" پوءِ اتي موجود ماڻهن کي فرمايائون: "اوهان جيڪي ٻڌو ٿا اهو هن کان وڌيڪ نه آهي." معنيٰ هي لاش منهنجي ڳالهه اوهان وانگر ئي ٻڌي رهيا آهن. اها حديث بخاري ۽ مسلم وغيره ۾ موجود آهي. (۱)

حضرت عباس رضہ جي مسلمان ٿيڻ جو سبب

* هن سال "غزوه بدر" ۾ حضرت عَبَّاس بن عَبْدُالْمُطَّلِب کي به قيد ڪيو ويو. ان کانپوءِ جڏهن قيدين کان "فِدِيو" وٺي ڪين ڇڏڻ جو فيصلو ٿيو، تڏهن ان موقعي تي حضرت عَبَّاس رضہ چوڻ لڳو ته هن وٽ ڪوبه مال ملڪيت موجود نه آهي، جنهن مان هو فديو ادا ڪري سگهي. اهو ٻڌي خدا جي رسول ﷺ فرمايو: "اوهان فديو ان سون مان ادا ڪريو، جيڪو بدر ڏانهن اڇڻ کان اڳ اوهان ۽ اوهان جي گهر واري اُمِّ فَضْل پنهنجي گهر ۾ پوريو هو ۽ گهر واريءَ کي اها وصيت به ڪئي هيو ته جيڪڏهن اوهان کي هن سفر ۾ ڪجهه ٿي پوي ته پوءِ اها ملڪيت اوهان جي ٽن پٽن فَضْل، عَبْدُالله ۽ قُثَم ۾ ورهائي وڃي."

---

(۱) هن واقعي بابت امام بخاري پنهنجي "صحيح" ۾ حضرت اَبُوطَلَحَہ رضہ کان هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته "بدر" واري واقعي ۾ ڪافرن جا ستر ماڻهو مارجي ويا، جن منجهان چوويهن سردارن جا لاش نبي اڪرم ﷺ جن جي حڪم سان هڪ گندي ۽ ناپاڪ کوه ۾ اڇلايا ويا. لڙائي جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ به پاڻ ڪريم ﷺ جن ٽي راتيون بدر جي ميدان ۾ ترسيا ۽ ٽئين ڏينهن تي اتان واپس ورڻ جو حڪم ڏنائون، سڀ صحابي سڳورا سنبري تيار ٿي بيٺا. سرور ڪائنات ﷺ جن هڪ پاسي هلڻ شروع ڪيو ته سمورا صحابي به سندن ڪيڏ لڳي پيا. هنن سمجهيو ٿي ته رسول خدا ﷺ جن ڪنهن ڪم سانگي ان طرف هلي رهيا آهن، تانجو ان قتل کوه جي ڪناري تي اچي بيهي رهيا، جنهن ۾ ڪافرن جا لاش قتا ڪيا ويا هئا.

رسول انور ﷺ جن هرهڪ سردار جو نالو وٺي ڪين سڏيندا رهيا. تنهن ڪانپوءِ پاڻ ﷺ فرمايائون: "اسان جي رب اسان سان جيڪو وعدو ڪيو هو، اهو ته سچو ثابت ٿيو پر اوهان جي رب جيڪو اوهان سان وعدو ڪيو ڇا اهو به سچو ثابت ٿيو؟"

اهو ٻڌي حضرت عمر رضہ چوڻ لڳو: "اي الله جا رسول ﷺ، اوهان هـن بي روح جسمن سان ڳالهائي رهيا آهيو؟"

خدا جي سچي رسول ﷺ جن وراڻيو: "قسم آهي ان هستيءَ جو جنهن جي هٿ ۾ محمد ﷺ جي جان آهي، ته هي به اوهان وانگر ئي ٻڌي رهيا آهن، پر ڪين ڳالهائڻ جي قوت نه آهي." اها حديث صحيح آهي، جنهن کي سيني مؤرخن ۽ سيرت نگارن پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيو آهي.

صحيح بخاري ڪتاب المغازي جلد ۳ ص ۷، سيرت ابن هشام ج ۲ ص ۲۹۲/۲۹۱. الروض الانف "سهيلي" ج ۳ ص ٦۲، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۹۲. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۱ ص ۳۳/۴۳۱، زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۱۷۸، سنن نسائي ج ۴ ص ۱۱۱، تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۵۵.

Marfat.com

اهو پڌي حضرت عَبَّاس رضہ چوڻ لڳو، مان تصديق ٿو ڪريان تہ اوهان خدا جا سچا رسول آهيو، جو اوهان اها ڳالهہ پڌائي جنهن جي ڄاڻ مون کان ۽ ام فضل کانسواءِ ڪنهن بہ پئي کي نہ هئي. (۱) پوءِ اهوئي واقعو حضرت عَبَّاس رضہ جي مسلمان ٿيڻ جو سبب بڻيو. اهو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي.

عُمَيْر بن وَهْب جي مسلمان ٿيڻ جو واقعو

* هن سال غزوه بدر کان واندا ٿي رسول رحمت ﷺ جن جڏهن مديني پهتا، تڏهن عُمَيْر بِن وَهْب جمحي اسلام قبول ڪيو، ان کان اڳ ڪفر واري زماني ۾ ڪيس قريش جي شيطانن مان هڪ شيطان ڪري ليکيو ويندو هو.

هو هر وقت خدا جي پياري رسول ﷺ ۽ سندن صحابي سڳورن کي ايذائيندو رهندو هو. ان کانپوءِ هن مديني ۾ اچي پاڻ ڪريم ﷺ جن آڏو اسلام قبول ڪيو ۽ سچو مسلمان ٿي رهيو. (۲)

اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ هو مڪي موٽي ويو ۽ اتي وڃي ڪافرن کي ايئن ستائڻ شروع ڪيائين، جيئن اسلام کان اڳ مسلمانن کي ستائيندو هو.

سندس مسلمان ٿيڻ جو سبب اهو ٿيو، جو مديني ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن ڪيس هڪ اهڙي ڳالهہ پڌائي، جيڪا هن مڪي ۾ "حطيمِ ڪعبہ" وٽ صَفْوَان بن اُمَيَّہ جمحيءَ سان ڪئي هئي ۽ انهن ٻنهي کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي ان ڳالهہ جي خبر نہ هئي (۳) اهو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي، جنهن جي تصديق عمير بن وهب کي بہ ڪرڻي پيئي.

سَيِّدہ فَاطِمَةُ الزَّهْراء رضہ جو نڪاح

* هن سال صفر مهيني جي پويين تاريخن ۾ سيده فَاطِمَةُ الزَّهْراء رضہ جو نڪاح سيدنا علي المرتضيٰ رضہ سان ٿيو. اهو واقعو اُمّ الْمُؤْمِنِيْن عَائِشَہ رضہ جي شاديءَ کان ساڌا چار مهينا پوءِ جو آهي. (۴) نڪاح وقت سيده فَاطِمَہ رضہ جي عمر اٺويهہ ورهين کان ڏيڍ مهينو مٿي هئي. ڇو جو سيده فَاطِمَہ نبوت کان پنج ورهيہ اڳ انهن ڏينهن ۾ ڄائي هئي، جڏهن كَعْبَةُ الله جي تعمير جو ڪم هلي رهيو هو. ان وقت نبي اڪرم ﷺ جن جي ڄمار پنجٽيهہ ورهيہ هئي. (۵) اها روايت صحيح آهي، جنهن جي تصديق علامہ ابن علان "اذڪار نووي" جي شرح ۾ بہ ڪئي آهي.

---

(۱) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۷۵، دلائل النبوة "ابونعيم" ج ۲ ص ۴۷۶.

(۲) سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۳۱۶، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۱۴۹. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۳۱/۳۲، تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۶۷، سيرة ابن كثير" ج ۲ ص ۴۸۷.

(۳) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۱۴۹، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۱ ص ۴۱۴. سيرة ابن كثير ج ۲ ص ۴۸۷، دلائل النبوة ابونعيم ج ۲ ص ۴۷۹/۴۸۰.

(۴) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۸۳، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۴۱۱.

(۵) الاصابہ "ابن حجر" ج ۴. ص ۳۸۹.

Marfat.com

نڪاح وقت سيدنا علي رضہ جي عمر چوويهہ ورهين کان ڏيڍ مهينو مٿي هئي. ڇو جو حضرت علي رضہ نبي سائين ﷺ جن کان ٽيهہ ورهيہ پوءِ ڇاوا هئا.

سَيِّدَه فَاطِمَہ رضہ جي رخصتي

* هن سال غزوه بدر کان پوءِ "ذُوالحج" جي مهيني ۾ سيده فَاطِمَہ رضہ پرٽجي حضرت عَلِي رضہ جي گهر آئي. ان وقت سرور ڪائنات ﷺ جن کي مديني ۾ آئي باويهہ مهينا گذري چڪا هئا. (۱)

هڪ پي روايت مطابق اهو واقعو هجرت جي ٽئين سال غَزْوَهْ اُحُد کانپوءِ جو آهي، پر پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي.

مِسْوَر بن مَخْرَمَہ جو ڄمڻ

* هن سال مڪي ۾ مِسْوَر بن مَخْرَمَہ ڄائو، جيڪو حضرت عَبْدُالرَّحمٰن بن عَوْف رضہ جو پاٽيجو هو. (۲) نبي اڪرم ﷺ جن جي وصال وقت "مِسْوَر" جي ڄمار اٺ ورهيہ هئي. ان ليکي ۾ سندس ڄم وارو سال شامل نہ آهي.

مَرْوَان بن حڪم جو ڄمڻ

* هن سال مَرْوَان بن حَڪَم بن اَبُوالْعَاص بن اُمَيَّہَ قُرَشِي اُمَوِيّ ٻہ ڄائو. (۳) نبي سائين ﷺ جن جي وصال وقت سندس عمر ٻہ اٺ ورهيہ هئي.

"شُقْرَان" جو خدمت نبوي ﷺ ۾ اچڻ

* هن سال "غَزْوَهْ بَدْر" کانپوءِ هڪ حبشي غلام کي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي حوالي ڪيو ويو، جيڪو "شُقْرَان" جي لقب سان ڄاتو وڃي ٿو. سندس اصلي نالو صَالح عَلي رضہ ٻڌايو ويو آهي.

"شُقْرَان" لاءِ هڪ روايت اها ٻہ آهي تہ هو پهربان حضرت عَبْدُالرَّحمٰن بن عَوْف رضہ جو ٻانهو هو. جڏهن تہ ڪيس بدر جي جنگ کانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي خدمت ۾ سوڪڙيءَ طور پيش ڪيو ويو. وري هڪ پي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ رسول اڪرم ﷺ جن ڪيس خريد ڪرڻ کانپوءِ آزاد ڪري ڇڏيو. (۴)

---

(۱) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۲، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۴۱۱.

(۲) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۳۶۵.

(۳) "ابن الاثير" مروان جي ڄمڻ متعلق گهٽيون روايتون نقل ڪيون آهن. مالڪ رضہ جي روايت مطابق هو "غزوه احد" واري ڏينهن ڄائو. جڏهن تہ هڪ پي روايت مطابق هو "غزوه خندق" جي موقعي تي ڄائو. سندس ڄمڻ جو هنڌ مڪوءِ طائف ٻہ ٻڌايا ويا آهن. هو ڄمڻ کان پوءِ ستت ئي پنهنجي پيءُ حڪم سان گڏ طائف هليو ويو. جتان وري حضرت عثمان بن عفان رضہ جي خلافت واري زماني ۾ مديني آيو. ڪيس نبي اڪرم ﷺ جن جي زيارت جو شرف حاصل نہ ٿي سگهيو. انڪري سندس شمار صحابين ۾ نہ ٿيندو آهي. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۳۴۸.

(۴) الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۱۵۳، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۲. ڪتاب المحبر ابن حبيب ص ۱۲۸، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۷۸.

Marfat.com

نبي انور ﷺ جن جي وصال کانپوءِ کين غسل ڏيارڻ وارن ۾ شقران رضہ به شامل آهي.

سَائِب بن يَزِيْد جو ڄمڻ

* هن سال سَائِب بِن يَزِيْد کندي به ڄائو، جنهن کي "نمر" جو پاٽيجو سڏيو ويندو آهي. (۱) هن پنهنجي پيءُ سان گڏجي حجة الوداع به ادا کيو. ان وقت سندس عمر ست ورهيه هئي. ان ڪاٽيتي ۾ سندس ڄمڻ ۽ حج ادا ڪرڻ وارا سال نہ ليکيا ويا آهن. هڪ روايت ۾ بڌايو ويو آهي تہ هو هجرت جي ٽئين سال ڄائو هو.

---

(۱) الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۱۲، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۲۵۷. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۲ ص ۱۴۴.

Marfat.com

فصل ٹيون

هن فصل ۾ سن ٽين هجريءَ جي واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

نبي ڪريم صلی الله علیه وسلم جو حضرت حَفْصَه رضه (١) سان نڪاح

* هن سال شعبان جي مهيني ۾ نبي ڪريم صلی الله علیه وسلم جو نڪاح حضرت حَفْصَه بِنت عُمر رضه سان

---

(١) ام المؤمنين حضرت حفصه بعثت نبوي ﷺ کان اٺکل پنج ورهيه اڳ مڪي جي معزز شخص عمر بن خطاب بن نفيل جي گهر ۾ ڄائي. سندس امڙ جو نالو زينب بنت مظعون هڏايو ويو آهي، جيڪا مشهور صحابي حضرت عثمان بن مظعون جي ڀيڻ هئي، انڪري حضرت حفصه رضه کي اها سعادت حاصل آهي ته سندس پيءُ، ماءُ، ماما ۽ سڳو ڀاءُ حضرت عبدالله ابن عمر سمورا برگزيده صحابي هئا.

حفصه جو نڪاح ننڍي عمر ۾ ئي سهم قبيلي جي هڪ فرد خنيس بن حذافه بن قيس سان ٿيو هو، جنهن جو شمار "سابقون الاولون" ۾ ٿيندو آهي، جو ته ڪيس ۾ هن هجرتن ۽ هن قبلن ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جو شرف حاصل رهيو هو.

حضرت خنيس هڪ نهايت بهادر ۽ بي خوف انسان هو. مديني ڏانهن هجرت ڪانپوءِ جڏهن جهاد جو حڪم نازل ٿيو ته هو ان ميدان ۾ به پٺتي نه رهيو ۽ "غزوه" بدر ۾ نهايت بهادريءَ سان دشمن جو مقابلو ڪندي ڦٽجي پيو. بدر جي ميدان ۾ سوپ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ مسلمان ڪيس مديني ڪٽي آيا پر سندس ڦٽ ڇٽي نه سگهيا ۽ هو هي هجريءَ ڏاري ئي گذاري ويو، جڏهن ته ڪن راوين جو قول آهي ته هو بدر ڪانپوءِ "غزوه احد" ۾ شريڪ ٿيو ۽ ان موقعي تي ئي شهادت ماڻيائين، جنهن ڪانپوءِ ئي حضرت حفصه رضه پاڻ ڪريمن ﷺ جي نڪاح ۾ آئي. بلاذري ۽ ابن عبدالبر طرفان اها روايت نقل ڪئي ويئي آهي، جنهن جي تائيد ذهبيءَ طرفان به ڪئي ويئي آهي پر اڪثر راوين پهرين قول کي ئي ترجيح ڏني آهي. سندس نڪاح وقت حضرت حفصه رضه جي عمر اٺکل ارڙهن ورهيه هئي ۽ مهر پنج سو درهم مقرر ڪيو ويو.

ابوداؤد، نسائي ۽ ابن ماجه وغيره ۾ ابن عمر رضه کان هڪ روايت نقل ڪئي ويئي آهي ته نبي انور ﷺ جن هڪ دفعي حضرت حفصه کي هڪ طلاق (رجعي) ڏني هئي.

طبراني جي قول مطابق جڏهن سيده حفصه جا ۽ ماما حضرت عثمان ۽ قدامه هڪ ڏينهن ونس پهتا ته هوءَ روئي رهي هئي، مامن جڏهن ڪائنس روئڻ جو سبب پڇيو ته جواب ۾ هن طلاق جو ذڪر ڪيو.

عقبه بن عامر کان هڪ روايت ۾ هڏايو ويو آهي ته هن ئي موقعي تي سندس پيءُ سيدنا عمر فاروق رضه ونس پهتو ته هوءَ مٿي ۾ مٽي وجهي ويٺي هئي.

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن جڏهن ڪيس ۾ طلاق ڏيڻ جو ارادو فرمايو ته الله تعالىٰ طرفان صبح جو سوير جبريل نازل ٿيو ۽ ڪين هڏايو ته "حفصه کي طلاق نه ڏيو جو هوءَ گهڻا روزا رکندڙ ۽ قيام ڪرڻ وارن مان آهي ۽ جنت ۾ به هوءَ اوهانجي گهرواري هوندي." اها روايت حضرت انس کان ابن ابوخيثمه نقل ڪئي آهي، جنهن کي حاڪم پنهنجي مستدرڪ ۾، طبراني معجم اوسط ۾ ۽ هيثميءَ مجمع الزوائد ۾ نقل ڪيو آهي. جنهن ڪانپوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن رجوع فرمايو ۽ پوءِ ڪڏهن وري سندن زندگيءَ ۾ اهڙو ڪو ناخوشگوار واقعو پيش نه آيو.

دارقطني جي روايت مطابق جنگ بدر ۾ حضرت حفصه رضه جي ستن عزيزن ڀهرو ورتو، جن ۾ سندس والد سيدنا

Marfat.com

ٿيو جيئن "سيرت شاميہ" ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ اها روايت صحيح ٻ آهي. (۱)

اَبُوعَبْدُالله شامي پنهنجي متين ڪتاب ۾ هجرت ڪانپوءِ پيش آيل واقعات جي باب ۾ لکي ٿو ته، "حضرت حفصہ رضہ جو پهريون گهر وارو "خُنَيْس بن حُذَافَہ سَهْمِي" غَزْوَہ بَدْر ۾ زخمي ٿي پيو هو ۽ کجهہ ڏينهن رکي هو مديني ۾ گذاري ويو. اهو واقعو غزوہ بدر ۽ غزوہ اُحُد جي وچ واري دور ۾ پيش آيو.

حافظ ابن حجر "الاصابہ" ۾ هڪ ٻي روايت ٻ نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هي نڪاح هجرت جي ٽئين سال "غزوہ اُحُد" ڪانپوءِ ٿيو، ڇو جو ان روايت مطابق حضرت خُنَيْس رضہ کي غزوہ احد ۾ شهيد ڪيو ويو، اهو واقعو سن ٽين هجريءَ ۾ شوال مهيني جي وچ ڌاري پيش آيو يا وري هڪ ٻي روايت موجب هي نڪاح هن ئي سال ذوالقعد جي پڇاڙيءَ ڌاري يا ذوالحج جي مهيني ۾ ٿيو هو، پر پوءِ ٻ پهرين روايت کي وڌيڪ صحيح ڄاتو وڃي ٿو ۽ اهڙي راءِ "الاصابہ" ۾ حافظ ابن حجر ٻ ڏيکاري آهي. (۲)

حضرت زَيْنَب رضہ (۳) سان نڪاح

* هن ئي سال سرور عالم ﷺ جن جو نڪاح حضرت زَيْنَب بِنت خُزَيْمَہ هِلَالِيّہ سان ٻ ٿيو. هيءَ

عمر ڇاڇو زيد، گهروارو خنيس، ٻي ماما عثمان، عبدالله، قدامہ ۽ ماروٽ سائب بن عثمان رضوان الله تعالىٰ عليهم اجمعين جا نالا شامل آهن. هڪ عام روايت مطابق حضرت حفصہ شعبان سن ۴۵ پنجيتاليهہ هجريءَ ڌاري وفات ڪئي. ان وقت سندس عمر ٽيهٽ ورهيہ هئي. وفات ڪان اڳ هن ٻيي سڳوري پنهنجي نندي ڀاءُ حضرت عبدالله بن عمر رضہ کي وصيت ڪئي هئي ته سندس "غابہ" واري ملڪيت الله جي واٽ ۾ خيرات لاءِ وقف ڪئي وڃي. هي ملڪيت ڪيس پنهنجي پيءُ ڪان ورثي ۾ ملي هئي. "غابہ" نالي ديهہ مديني جي اتر ۾ ان رستي تي هئي، جتان ماڻهو "شام" ڏانهن ويندا هٿا ۽ پوءِ سندس ڀاءُ ان وصيت تي عمل ڪيو.

حضرت حفصہ جي جنازي نماز مديني جي گورنر مروان بن حڪم پڙهائي، جنهن ڪانپوءِ دفن لاءِ سندس ميت کي جنت البقيع آندو ويو، جتي سندس ڀائرن عبدالله، عاصم ۽ ڀائيٽن سالم، عبدالرحمان ۽ حمزہ ميت کي قبر ۾ لاٿو.

سيده حفصہ رضہ کان پاڻ ڪريمن ﷺ جن جون سٺ حديثون روايت ڪيون ويون آهن.

سيرت ابن اسحاق ص ۲۴۰، ازواج النبي ﷺ واولاده "ابوعبيده" ص ۶۸ ـ ۶۷، عيون الاثر ابن سيدالناس ج ۲ ص ۳۹۶ ـ ۳۹۵، ازواج النبي ﷺ شامي ص ۱۴۵ ـ ۱۳۷، شذرات الذهب ابن العماد ج۱ ص ۸۷، الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ۳۷۳ ـ ۳۷۲، الاشاره مغلطائي ص ۲۲۹ ـ ۲۲۷، الاصابہ ابن حجر ج ۴ ص ۲۷۴ ـ ۲۷۳، امتاع الاسماع مقريزي ج ۱ ص ۱۳۰، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۱۵۸، كتاب المحبر ابن حبيب ص ۸۳، تاريخ فهوم الاثر ابن جوزي ص ۲۱ ـ ۲۰.

(۱) سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۱۸۴.

(۲) الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۲۷۳، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۹۵. "اسد الغابہ" ج ۲ ص ۴۱۴، شرح علىٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۳ ص ۲۳۶.

(۳) قريش قبيلي جي مشهور شاخ بنوهلال سان تعلق رکندڙ حضرت زينب بنت خزيمہ بن حارث بن عبدالله بن عمرو بن عبدمناف بن هلال، هجرت نبوي ﷺ کان اٽڪل چوڏهن يا پندرهن ورهيہ اڳ مڪي ۾ ڄائي، ابن شهاب زهريءَ جي روايت مطابق سندس پهريون نڪاح پاڻ سڳورن ﷺ جن جي پٽ حضرت عبدالله بن جحش سان ٿيو جنهن

Marfat.com

بيبي صاحبہ تمام گھٽو خير خيرات ڪندي هئي، انڪري ڪيس "اُمّ الْمَسَاكِيْن" يعنيٰ مسڪين جي ماءُ ڪري سڏيو ويندو هو. (١)

حضرت زَيْنَب رضہ جو پهريون گهروارو عَبْدُالله بن جحش رضہ هو، جنهن "غَزْوَه اُحُد" ۾ شهادت ماڻي، اهو واقعو هن سال شوال مهيني ۾ پيش آيو، جنهن ڪانپوءِ عدت گذاري، بِيْبِي صاحِبہ پاڻ ڪريم ﷺ سان نڪاح ڪيو ۽ وري ايندڙ سال ربيع الاول يا ربيع الآخر جي مهيني ۾ هن بيبي سڳوريءَ دنيا مان لاڏاٽو ڪيو. ان مان ربيع الاول واري روايت وڌيڪ صحيح آهي. حضرت زَيْنَب رضہ ڪي سرور ڪائنات ﷺ جن جي صحبت ۾ گهارڻ لاءِ ٻہ ئي مهينا مس مليا. ان ڪٽنب ۾ نڪاح ۽ وفات وارو مهينو شامل نہ آهي. (٢)

ان ڏس ۾ هڪ روايت اهڙي بہ ملي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هي نڪاح هجرت جي ٽئين سال رمضان جي مهيني ۾ ٿيو ۽ نڪاح جي اٽين مهيني بيبي صاحبہ گذاري ويئي. اهو چوٽين هجريءَ جي ربيع الاول يا ربيع الآخر جو مهينو هو. (٣)

ڪانپوءِ هن بيبي سڳوريءَ مڙس سان گڏجي مديني ڏانهن هجرت ڪئي، ۽ سن ٽين هجريءَ ڏاري غزوه احد جي موقعي تي حضرت عبدالله شهادت ماڻي ۽ عدت پوري ڪري هن بيبي سڳوريءَ جو نڪاح سيد الانبياء ﷺ جن سان ٿيو. هي پاڻ ڪريمن ﷺ جو پنجون نڪاح هو ۽ حق مهر پنج سو درهم مقرر ڪيو ويو. قتاده بن دعامہ ڪان هڪ روايت ۾ وري ٻڌايو ويو آهي تہ هن بيبي سڳوريءَ جو پهريون نڪاح پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي سؤٽ حضرت طفيل بن حارث سان ٿيل هو، ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ان ڪيس طلاق ڏني، جنهن ڪانپوءِ وري حضرت زينب جو ٻيو نڪاح طفيل جي ٻاءُ عبيده بن حارث سان ٿيو هو. ابن اسحاق وري هن جاءِ تي حصين بن حارث جو نالو ٻڌايو آهي پر قسطلانيءَ جو خيال آهي تہ پهرين روايت ئي وڌيڪ صحيح آهي.

حضرت زينب شروعات ڪان وٺي ئي تمام گهٽو خير خيرات ڪندي هئي، خاص طور بڪايلن ڪي مانيءَ ڪارائڻ ۾ تہ هوءَ پيش پيش هوندي هئي. انڪري ڪيس "ام المساڪين" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو. ابن ابي خيثمہ جو قول آهي تہ اهو لقب ڪيس اسلام ڪان اڳ ئي مليل هو. نبي انور ﷺ جن سان نڪاح ڪانپوءِ هوءَ ٻہ ئي مهينا ئي زنده رهي. وفات ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ سندس جنازي نماز پڙهائي ۽ ڪيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو. وفات وقت هن بيبي سڳوريءَ جي عمر ٽيهارو ڪن ورهيہ مس هئي.

امهات المؤمنين منجهان اهو اعزاز صرف سيده زينب بنت خزيمہ ڪي حاصل آهي، جنهن جي جنازي نماز سرور ڪائنات ﷺ جن پاڻ پڙهائي.

علي بن عبدالعزيز مرجانيءَ جو قول آهي تہ سيده زينب ام المؤمنين سيده ميمونہ جي مائٽي ٻيڙ هئي.

سيرة ابن اسحاق ص ٢٤١، ازواج النبي ﷺ واولاده ابوعبيده ص ٧٧، اسد الغابہ ابن الاثير ج ٧ ص ١٤٣ ـ ١٤٢، "الاصابہ" ابن حجر ج٤ ص ٣١٦ ـ ٣١٥، المواهب اللدنيہ قسطلاني ج٢ ص ٨٩، كتاب المحبر ابن حبيب ص ٨٣، عيون الاثر ابن سيد الناس ج ٢ ص ٣٩٧ ـ ٣٩٦، ازواج النبي ﷺ شامي ص ١٩٦ ـ ١٨١، الاشاره مغلطائي ص ٢٢٩ ـ ٢٢٨.

(١) سيرة ابن اسحاق ص ٢٤١، "سيرة النبويہ ابن كثير" ج ٤ ص ٥٨٤. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٤٦٦، "تاريخ الخميس" "ديار بكري" ج ١ ص ٤١٧. المعارف "ابن قتيبہ" ص ٨١، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢٠٥.

(٢) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ٨٩. "عيون الاثر" "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣٩٦، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ١ ص ٤٦٣.

(٣) الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ٣١٦.

Marfat.com

پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هٿن ۾ به بيبيون سڳوريون گذاري ويون، انهن مان هڪ سيده خَدِيجَةُ الْكُبْرىٰ رضہ ۽ بي سَيِّدَه زَيْنَب بِنت خُزَيْمَہ رضہ هئي. باقي "رَيْحَانَہ" رضہ جو نالو ان سلسلي ۾ شامل نہ آهي، ڇو جو ان سان پاڻ ڪريم ﷺ جن جو نڪاح ثابت نہ آهي، انڪري سندس شمار بانهين ۾ ٿيندو. (۱)

حضرت عَبْدُالله بن عُثْمَان رضہ جي وفات

* هن سال جمادي الاول جي مهيني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نياڻي سَيِّدَه رُقَيَّہ رضہ جو نينگر عَبْدُالله بن عُثْمَان بن عَفَّان ڇهن ورهين جي ڇمار ۾ گذاري ويو. ڪن راوين مطابق هي واقعو سن ڇوٽين هجريءَ دوران پيش آيو. سندس موت جو ڪارڻ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ هڪ ڪڪڙ هن ننڍڙي نينگر جي اک ۾ ٽونگو هنيو، جنهن سبب هو بيمار ٿي پيو ۽ ڪجهہ ڏينهن رکي گذاري ويو (۲) جنازي نماز سرور ڪائنات ﷺ جن پڙهائي ۽ سندس پيءُ حضرت عُثْمَان بِن عَفَّان رضہ کيس قبر ۾ لاٿو.

حضرت عُثْمَان رضہ جو نڪاح

* هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ سيدنا عُثْمَان رضہ جو نڪاح پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نياڻي سيده اُمّ كُلْثُوم سان ٿيو ۽ هن ئي سال جمادي الآخر ۾ رخصتي ڪئي ويئي. (۳)

سيده اُمّ كُلْثُوم رضہ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي بعثت کان اڳ واري زماني ۾ جائي هئي. "تذكرة القاري" ۾ ڇاڻايو ويو آهي تہ سَيِّدَه اُمّ كُلْثُوم پنهنجي ٻيڻ سيده رُقَيَّہ رضہ کانپوءِ ۽ سيده فَاطِمَہ رضہ کان اڳ جائي، ان وقت رسول خدا ﷺ جن جي ڇمار چوٽيهہ ورهيہ ٻڌائي ويئي آهي.

حضرت حَسَن رضہ (۴) جو ڇمڻ ۽ بيبي سائنڊ جي بي اميد واري

* هن سال رمضان جي وچ ڌاري حضرت عَلي رضہ جي گهر حضرت حَسَن رضہ

---

(۱) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۴۶۰. "كتاب المحبر" ابن حبيب ص ۸۳.

(۲) سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۲۲۰.

(۳) الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۳۰۴. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۴۵۶. "سبل الهدىٰ والرشاد" شامي ج ۱۱ ص ۳۵. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۴۶۴.

(۴) سيدنا حسن بن علي بن ابوطالب بن عبدالمطلب قرشي هاشمي رضہ هن سال رمضان جي پندرهين تاريخ بمطابق پهرين اپريل ۶۲۵ عيسوي ڌاري مدينہ منوره ۾ ڄائو.

سير اعلام النبلاء ۾ حافظ ذهبيءَ سيدنا حسن رضہ جي ڇمڻ جو مهينو شعبان ٻڌايو آهي، پر اڪثريت جي راءِ مطابق پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي.

سيده فاطمة الزهراء ۽ سيدنا عليءَ رضہ جي گهر ۾ هي پهريون ٻار هو، جنهن جي ڇمڻ تي گهر جا ڌاتي ڏاڍا خوش ٿيا.

حضرت عبدالله ابن عباس رضہ جي هڪ روايت مطابق جيڪا ابوداؤد نقل ڪئي آهي تہ سيدنا حسن رضہ ۽ سندس ٻاءُ حسين رضہ جي ڇمڻ تي نبي ڪريم ﷺ جن ستين ڏينهن تي هڪ دنبو قربان ڪيو هو، جڏهن تہ نسائيءَ جي روايت ۾ ٻنهي موقعن تي ٻن دنبن جي قربانيءَ جو ذڪر موجود آهي، جنهن کانپوءِ ٻار جو طهر بہ ڪرايو ويو ۽ جهنڊ

Marfat.com

بہ لهرائي ويئي. پاڻ ڪريمن ﷺ جن حڪم ڏنو تہ جهنڊ وارا وار چانديءَ ۾ توري اها چاندي غريبن کي ڏني وڃي ۽ پوءِ وارن کي زمين ۾ پوريو وڃي. سيدنا علي رضہ جي هڪ روايت جيڪا "الاستيعاب" ۾ موجود آهي تہ "جڏهن هي ٻار ڄائو تہ سرور عالم ﷺ جن اسان جي گهر آيا ۽ حڪم ڏنائون تہ کين ٻار ڏيکاريو وڃي، جنهن کانپوءِ اسان ٻار سندن هنج ۾ ڏنوسون، پڇيائون: ٻار جو نالو ڇا رکيو اٿوَ؟ اسان چيو: "حرب". پاڻ ﷺ فرمايائون: "هن جو نالو حسن آهي." اهڙي ريت جڏهن ٻيو پٽ ڄائو تہ ان جو نالو حسين ۽ ٽئين پٽ جو محسن بہ سرور ڪائنات ﷺ جن پاڻ رکيو. اهڙا نالا جاهلي دور ۾ ٻين ماڻهن جا نہ هئا. سيدنا حسن رضہ جي ڪنيت ابو محمد بہ نبي سائينءَ ﷺ جن تجويز فرمائي. ڇو تہ کين ان نالي سان ڪو پٽ ڪونہ هو. هڪ روايت ۾ ائين بہ ٻڌايو ويو آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو: حضرت هارون عليه السلام جي ٻارن جا نالا هئا شبر، شبير ۽ مشبر جيئن تہ اهي عبراني لفظ هئا ۽ عربيءَ ۾ انهن جا مترادف حسن، حسين ۽ محسن آهن، انڪري اهي نالا کين پسند هئا. محسن تہ ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويو، باقي سيدنا حسن رضہ ۽ حسين رضہ جو ننڍپڻ نبي انور ﷺ جن جي هٿن ۾ گذريو ۽ ٻئي شاهزادا کين بيحد عزيز هئا.

امام طبراني معجم الڪبير ۾ اسامہ بن زيد کان روايت نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: حسن ۽ حسين جنت جي نوجوانن جا سردار آهن.

اهڙي ئي هڪ ٻي روايت جيڪا حضرت ابوهريره رضہ کان مسند احمد، ابن ماجه، ابويعليٰ، بيهقي، طبراني ۽ حاڪم نقل ڪئي آهي تہ نبي انور ﷺ جن فرمايو: "اي الله! حسن ۽ حسين مونکي پيارا آهن، تون بہ انهن کي پيارو رک ۽ جيڪي انهن سان پيار ڪن ٿا تون بہ انهن سان پيار ڪر". حضرت حسن رضہ توڙي حضرت حسين رضہ جي ننڍپڻ جو زمانو پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ امهات المؤمنين جي حجرن ۾ گذريو. ڇو تہ نبي سائين ﷺ جن هنن ٻنهي شهزادن سان بي پناهہ محبت رکندا هئا، انڪري ڪيتري دير تائين کين پنهنجي هنج ۾ جهلي ويهندا هئا تہ ڪڏهن وري ڪلهن تي چاڙهي گهمائيندا هئا. جڏهن نماز تي ويندا هئا تہ اتي بہ اهي ٻئي ٻچڙا اڪثر ساڻن گڏ هوندا هئا. اهڙيءَ ريت سندن زندگي ننڍپڻ کان وٺي اسلامي اصولن جي مطابق گذري ۽ اسلامي روايتن کي هنن بالڪل ويجهو ڏٺو.

هڪ روايت مطابق نبي سائين ﷺ جن تي جڏهن مديني ۾ قيام دوران وحي نازل ٿيندي هئي تہ اهي آيتون مسجد شريف ۾ ۽ اصحاب صفہ وارن جي سامهون ٻڌائيندا هئا. پوءِ جيڪڏهن ننڍڙو حسن ان موقعي تي موجود هوندو هو تہ اهي آيتون ٻين صحابين سان گڏ ياد ڪري ڇڏيندو هو ۽ پوءِ گهر ۾ اچي پنهنجي امڙ سانئڻ جن کي ٻڌائيندو هو.

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ انبياء عليهم السلام سندن اولاد ۽ اصحاب جي زندگي عموماً ابتلاء ۽ آزمائش ۾ گذري آهي، اهائي حالت امام الانبياء ﷺ جن جي هنن ٻن ٻچڙن جي بہ رهي. هو اڃان ستن اٺن سالن جا مس ٿيا تہ سندن مشفق ۽ مربي ناني سائينءَ ﷺ جن جو وصال ٿيو، جنهن جي اٽڪل ڇهن مهينن کانپوءِ سندن امڙ، جنت جي عورتن جي اڳواڻ سيده فاطمة الزهراء رضہ هن دنيا مان موڪلايو، جنهن کانپوءِ سندن سنڀال بابي سائين جي ذمي رهي.

خلفاءِ راشدين جي دور ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ حضرت عمر رضہ بہ هنن شهزادن جو گهڻو خيال رکندا هئا ۽ ساڻن محبت بہ ڪندا هئا.

صحيح بخاري جي روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جي وصال کانپوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه هڪ ڏينهن ٽيپهريءَ جي نماز پڙهي مسجد کان ٻاهر نڪتا تہ ننڍڙو حسن رضہ ڪجهہ ٻارن سان گڏ کيڏي رهيو هو. حضرت صديق رضہ جي نگاهہ جڏهن مٿس پيئي تہ اڳتي وڌي سيدنا حسن رضہ کي کڻي ڪلهي تي ويهاريائون ۽ حضرت عليءَ رضہ ڏانهن نهاري چوڻ لڳا: "مونکي پنهنجي پيءُ جو قسم! هن ٻچڙي جا مهانڊا منهنجي نبي ﷺ جهڙا آهن نہ عليءَ جهڙا." جنهن تي حضرت علي سائينءَ رضہ جن مشڪڻ لڳا.

Marfat.com

حضرت انس بن مالڪ رضہ جي هڪ روايت ۾ ٻہ ٻڌايو ويو آهي تہ "حسن بن عليءَ رضہ جو منهن مبارڪ نبي انور ﷺ جن جهڙو هو" جڏهن تہ ابن اسحاق جي روايت آهي تہ "مٿي کان وٺي سيني تائين سيدنا حسين نبي ڪريم ﷺ جن جهڙا هئا، جنهن جو مطلب ٿيو تہ حضرت حسن رضہ جو منهن مهاندو ۽ حضرت حسين رضہ جو قد بت صفا سيد الابرار ﷺ جن جهڙا هئا.

هڪ روايت مطابق جيڪا مختلف راوين کان لفظن جي ٿوري فرق سان اڪثر محدثن نقل ڪئي آهي. جيئن تہ امام بخاري، نسائي، ترمذي، احمد بن حنبل، ابن عساڪر، طبراني، بيهقي ۽ خطيب بغدادي وغيره تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن حضرت حسن رضہ ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو: "منهنجو هي ٻچڙو سردار آهي، ۽ خدا هن جي وسيلي مسلمانن جي ٻن وڏين ڏرين ۾ صلح ڪرائيندو." حضرت عمر رضہ جي دور ۾ ٻہ جڏهن "بيت المال قائم ٿيو ۽ مختلف صحابي سڳورن جا وظيفا سندن مرتبي مطابق مقرر ٿيا تہ ان وقت سڀ کان وڌيڪ وظيفو پنج هزار درهم ساليانو هو جيڪو بدري صحابين کي ڏنو ويو ۽ ايترو ئي وظيفو سيدنا حسن رضہ ۽ حسين رضہ لاءِ ٻہ الڳ الڳ مقرر ڪيو ويو، جيتوڻيڪ هو ان وقت تائين اڃان ننڍا هئا."

حضرت عثمان رضہ جو دور امام حسن رضہ جي جواني جو زمانو هو ۽ هن دور ۾ باقاعده حسن رضہ سائين جهاد ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. "ابن الاثير" جي روايت مطابق هن دور ۾ مسلمانن جيڪا طبرستان تي چڙهائي ڪئي تہ ان ۾ حضرت حسن رضہ ٻہ شامل هو. اڳتي هلي باغين جڏهن سيدنا عثمان غنيءَ رضہ جي گهر جو گهيرو ڪيو تہ هڪ مورچو سيدنا حسن رضہ جي ٻہ حوالي هو ۽ ان جاءِ تي هن نهايت جرئت ۽ بهادريءَ سان باغين کي روڪيو ۽ اڳتي وڌڻ نہ ڏنائين. آخر باغي پٺين پاسي کان ٽپي گهر ۾ داخل ٿيا. مگر حضرت حسن رضہ کي پٺتي هٽائي نہ سگهيا.

حضرت عليءَ رضہ جي خلافت دوران حضرت حسن رضہ سڄو عرصو پنهنجي پيءُ جو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو ۽ سمورن معاملن ۽ مسئلن ۾ پنهنجي پيءُ جو صلاحڪار ٿي رهيو.

امير المؤمنين سيدنا عليءَ رضہ جي زخمي ٿيڻ کانپوءِ ٻہ هن نهايت صبر ۽ تحمل سان حالتن کي منهن ڏنو. شهادت عليءَ رضہ کانپوءِ هن پنهنجي پيءُ جي جنازي نماز ٻہ پڙهائي تہ سامهون ايندڙ حالتن کي ٻہ نظر ۾ رکيائين.

مسعوديءَ جي قول مطابق امير المؤمنين جي شهادت کانپوءِ ٻہ ڏينهن رکي ڪوفي جي جامع مسجد ۾ سيدنا حسن رضہ جي بيعت عام ٿي، جنهن ۾ اٽڪل ويهارو هزار ماڻهو شريڪ ٿيا. پر اڳتي هلي حالتون وڌيڪ بگڙنديون ويون. ڇٽن مهينن کانپوءِ امير معاويہ رضہ لشڪر وٺي شام کان جڏهن "مسڪن" پهتو ۽ سيدنا حسن رضہ کي اها خبر پئي تہ هو ٻہ ڪوفي کان نڪتو.

ٻئي لشڪر هڪ ٻئي جي آمهون سامهون اچي بيٺا. سيدنا حسن رضہ جڏهن ٻنهي فوجن جو جائزو ورتو تڏهن ڪيس اندازو ٿي ويو تہ اقتدار جي حصول لاءِ امت جي هيڏي وڏي تعداد کي تباهہ ڪرڻ ڇگو ڪم نہ آهي. انڪري هو امير معاويہ سان صلح تي راضي ٿيو ۽ خدا تعالىٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي هڪ ٻي پيشنگوئيءَ کي ٻہ پورو ڪري ڏيکاريو تہ سندس هڪ پياري ٻچڙي هٿان امت جي ٻن ڏرين ۾ صلح قائم ٿيو.

صلح کانپوءِ حضرت حسن رضہ پنهنجي اهلبيت سميت ڪوفي کان مديني موٽي آيو جتي سندس اڪثر وقت حرم اندر عبادت ۾ گذرندو هو. ان کان علاوه ماڻهن جا ديني توڙي دنيوي مسئلا آخري عمر تائين حل ڪندو رهيو.

سندن وفات ربيع الاول سن پنجاهہ هجري ڏاري مدينہ منوره ۾ ٿي. ڪن راوين وفات جو سن اوٺونجاهہ هجري ٻہ ٻڌايو آهي. پاڻ آخري ڪجهہ ڏينهن سخت بيمار رهيا.

بيماريءَ جو سبب ڪجهہ روايتن ۾ زهر ڏيڻ ٻڌايو ويو آهي. ڇيو وڃي ٿو تہ ڪين ڪيترائي دفعا زهر ڏنو ويو پر هن

Marfat.com

جائو [1] ۽ وري هن ئي سال حضرت حسن جي ڄمڻ کان پنجاهه ڏينهن پوءِ ذوالقعد جي مهيني ۾ سيده فاطمة الزهراء رضه کي وري اميد واري ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي حضرت حُسَيْن رضه ڄائو. [2]

شراب جي حرمت جو حڪم

* هن سال هڪ حڪم ذريعي شراب کي حرام ڪيو ويو. هڪ بي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهو حڪم سن چوٽين هجريءَ ڏاري نازل ٿيو. [3] جنهن جو ذڪر اڳتي اچي رهيو آهي.

زَيْد بن ثَابِت رضه کي حڪم

* هن سال سرور ڪائنات ﷺ جن حضرت زَيْد بِن ثَابِت رضه کي حڪم ڏنو ته هو يهودين جي زبان لکڻ سکي، ڇاڪاڻ جو پاڻ ڪريم ﷺ جن کي يهودين کان خطن لکرائڻ ۾ اندیشو هو ته متان هو انهن خطن ۾ کا ڦيرڦار ڪن. [4] هڪ ٻئي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهو حڪم به چوٽين هجريءَ ڏاري ڏنو ويو، جيئن اڳتي بيان ڪيو ويو آهي.

صلوٰة الخوف [5]

* هن سال "قطب" جي روايت موجب غزوه "ذَاتُ الرِّقَاع" جي موقعي تي پهربون ڀيرو "صلوٰة الخوف" ادا ڪئي ويئي. جڏهن ته "شامي" پنهنجي سيرت ۾ ڄاڻايو آهي ته اهو واقعو چوٽين هجريءَ

دفعي ان جو اثر وڌيڪ شديد هو. اهو زهر ڪنهن ڏنو؟ ان بابت کا مستند روايت موجود نه آهي، البت هڪ ڪمزور روايت ۾ جعده بنت اشعث جو نالو ٻڌايو ويو آهي. سيدنا حسن رضه جي وفات جو ٻڌي هزارين ماڻهو حرم ۾ پهچي ويا. جنهن ڪانپوءِ سيدنا حسين رضه کي جنازي نماز لاءِ چيو ويو ۽ هن پنهنجي رضا سان مديني جي گورنر سعيد بن العاص رضه کي اڳتي ڪيو ۽ فرمايائون ته "اها سنت آهي ته شهر جو امير نماز پڙهائي."

جنهن ڪانپوءِ سيدنا حسن رضه کي امڙ سائٹ سيده فاطمة الزهراء رضه جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو.

سنن ابن ماجه ج ۱ ص ۷۱. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۱ ص ۴۴۲ ـ ۴۳۶. سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۵۵ ـ ۷۰. الاخبار الطوال "ابوحنيفه دينوري" ص ۳۱۸ ـ ۳۱۹. مرآة الجنان "يافعي" ج ۱ ص ۱۰۰ ـ ۹۹. التحفة اللطيفه "سخاوي" ج۱ ص ۳۸۲ ـ ۲۸۱. اردو دائرة المعارف ص ۲۸۳ ـ ۲۸۵. تاريخ الخميس ديار بكري ج ۲ ص ۲۹۲ ـ ۲۹۳.

(۱) "اسد الغابه" ج ۵ ص ۶۱۲، المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۲ ص ۶۳، سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۳۶، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۴۱۴.

(۲) اسد الغابه "ابن الاثير" ج ۲ ص ۱۰، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۴۱۷.

(۳) "الاستيعاب" "ابن عبدالبر" علیٰ هامش، "الاصابه" ج ۱ ص ۳۸۷، "تاريخ طبري" ج ۲ ص ۲۱۳.

(۴) شرح علیٰ المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ۲ ص ۶۱.

(۵) "صحيح بخاريءَ" ۾ "سهل بن ابي حثمه" کان هڪ روايت نقل ڪندي هن نماز جو طريقو بيان ڪيو ويو آهي، جنهن مطابق سڀ کان پهريان نبي ڪريم ﷺ جن قبلي ڏانهن منهن ڪري بيٺا، جنهن ڪانپوءِ اسلامي لشکر جا اڌ ماڻهو سندن پٺيان صفون ٻڌي بيٺا، جڏهن ته باقي اڌ لشکر دشمن جي سامهون محاذ تي موجود رهيو، اقامت

Marfat.com

جو آهي. ان کانسواءِ ٻين روايتن ۾ هن واقعي جو سال پنجين، ڇهين ۽ ستين هجري ٻڌايو ويو آهي. ان اختلاف جو سبب اهو آهي جو خود "غَزْوَهْ ذَاتُ الرِّقَاع" جي سال ۾ اختلاف آهي، پر پوءِ ٻه ستين هجريءَ واري روايت وڌيڪ صحيح آهي ۽ "امام بخاريءَ" ٻه پنهنجي "صحيح" جي "مغازي" واري باب ۾ ڄاڻايو آهي تہ اهو واقعو ستين هجريءَ ۾ غزوه خيبر کان پوءِ جو آهي، انڪري اڪثريت جي راءِ اها آهي تہ "صَلواةُ الْخَوْفِ" پهريون پيرو "غَزْوَهْ ذَاتُ الرِّقَاع" جي موقعي تي ادا ڪئي ويئي. (۱)

هاڻي جيترا سال متي هن "غَزْوَهْ" بابت ٻڌايا ويا آهن تہ اهي ساڳيا سال "صَلٰوة الْخَوْفِ" سان ٻه لاڳو ڪيا وڃن ٿا. ان کانسواءِ جيڪي ٻيون روايتون ملن ٿيون، جن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ "صَلٰوة

کانپوءِ رسول خدا ﷺ جن نماز شروع ڪئي، جنهن جي ترتيب عام نماز وانگر هئي. هر رکعت ۾ "قيام"، ان کانپوءِ رکوع ۽ پوءِ ٻه سجده، اهڙي ريت ٻه رکعتون ادا ڪيون ويون، جنهن کانپوءِ جماعت، سلام ورائي پٺتي هلي ويئي پر امام ﷺ سلام نہ ورايو. هاڻي جيڪو لشکر نماز کان فارغ ٿيو، ان وڃي محاذ سنياليو ۽ باقي بچيل اڌ لشکر جيڪو محاذ تي موجود هو، اهو نيت ٻڌي اڳي امام ﷺ جي پٺيان بيٺو. پوءِ انهن ٻه پهرين وانگر ٻه رکعتون امام ﷺ جي اقتدا۾ ادا ڪيون، جنهن کانپوءِ امام ﷺ ۽ جماعت سلام ڦيرائي نماز پوري ڪئي. اهڙي ريت هر مقتديءَ ٻه رکعتون ۽ امام ﷺ جن چار رکعتون نماز ادا ڪئي. ان کانسواءِ هن نماز ادا ڪرڻ جا ڪجهہ ٻيا طريقا ٻه ٻڌايا ويا آهن، ان ڏس ۾ سورهن مختلف روايتون اسانکي ملن ٿيون، جيڪي مختلف مؤرخن ۽ محدثن طرفان نقل ڪيون ويون آهن. ابو دائود پنهنجي "سنن" ۾ انهن سمورين روايتن جي تخريج ڪئي آهي. باقي نماز جي طريقي تي فقيهن جو اختلاف آهي، انڪري اها روايت وڌيڪ صحيح ڄاتي ويندي جنهن جي سَنَد وڌيڪ اعليٰ هجي.

ڪن فقيهن جي راءِ آهي تہ "صلٰوة الخوف" ادا ڪرڻ جا جيڪي ٻه طريقا مختلف راوين طرفان ٻڌايا ويا آهن، اهي سمورا صحيح آهن، باقي ڪنهن موقعي تي ڪهڙو طريقو اختيار ڪيو وڃي؟ ان جو مدار وري حالتن تي آهي. جيڪڏهن خوف وڌيڪ آهي تہ نماز جو وڌيڪ سولو طريقو اختيار ڪبو، پر جي لڙائي ايجان وڌيڪ شديد آهي تہ پوءِ هر فرد پنهنجي سهوليت جي حساب سان نماز ادا ڪري سگهي ٿو. اهڙي حالت ۾ جماعت جي ۽ قبلي جي پابندي ٻه ضروري نہ آهي ۽ دار قطني جي روايت مطابق "صلٰوة الخوف" ادا ڪندي جيڪڏهن ڪا سهو ٿي پوي تہ "سجده سهو" ٻه معاف آهي.

صحيح بخاري باب "غزوه ذات الرقاع" ج ۱ ص ۳۵/۳۶، المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۳۹۶، طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۶۱/۶۲، زاد المعاد ـ ابن قيم ج ۳ ص ۲۵۰/۲۵۳، الدرر ابن عبدالبر ص ۱۶۷، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۸۴/۸۵، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۳۶.

(۱) "غزوه ذات الرقاع" جو سال مختلف مؤرخن طرفان هي هجري ڪان وٺي ستين هجري تائين ٻڌايو ويو آهي، جن مان "شامي" ۽ ٻين ڪيترن جو خيال آهي تہ هي غزوه هجرت جي چوٿين سال واقع ٿيو، جڏهن تہ "امام بخاري" جي راءِ آهي تہ هي واقعو ستين هجريءَ دوران پيش آيو، ان جو سبب امام بخاري اهو ڄاڻايو آهي تہ غزوه ذات الرقاع ۾ حضرت ابوهريره ۽ حضرت ابوموسيٰ اشعريءَ بهرو ورتو هو ۽ اهي ٻئي ڄڻا خيبر جي فتح ڪانپوءِ ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ مديني پهتا هئا، جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ "غزوه ذات الرقاع" جو واقعو سن ستين هجريءَ ۾ "غزوه خيبر" کانپوءِ پيش آيو.

اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۲۲۲، الاصابہ "ابن حجر" ج ۱ ص ۵۶۱، تاريخ الخميس ج ۱ ص ۴۶۴/۴۶۵.

Marfat.com

الْخَوْفِ" وارو حڪم "غزوه عَسْفَان" يا وري "غَزْوَهْ ذِي قُرد" جي موقعي تي نازل ٿيو (١) انهن ٻنهي غزوات جو سال ڇهين هجري آهي، جيئن "غزوات" واري باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

غزوه اُحُد جا واقعات

* هن سال شوال ۾ "غزوه اُحُد" وارو واقعو پيش آيو، جنهن جا تفصيل غزوات واري باب ۾ بيان ٿي چڪا آهن.

* هن غزوه ۾ ستر اصحاب سڳورا شهيد ٿيا. (٢)

---

(١) "صلوٰة الخوف" بابت اڪثريت جي راءِ اها آهي ته اهو حڪم پهريون ڀيرو "غزوه ذات الرقاع" جي موقعي تي نازل ٿيو هو ۽ اتي ئي پهريون ڀيرو نماز ادا ڪئي ويئي، باقي جن راوين جو خيال آهي ته اهو حڪم "غزوه عسفان" يا "غزوه ذي قرد" يا ڪن ٻين غزوات جي موقعي تي نازل ٿيو ته سندن اهو خيال صحيح نه آهي. باقي اهو صحيح آهي ته مٿين غزوات ۾ ٻه "صلوٰة الخوف" ادا ڪئي ويئي هئي. جنهن جي شهادت معتبر ڪتابن مان ملي ٿي. ڪجهه فقيهن جو اهو ٻه خيال آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن اها نماز ڏهن موقعن تي پڙهائي. جڏهن ته محدثن ۽ سيرت نگارن جي نقل ڪيل روايتن مان پروڙ پوي ٿي ته اها نماز هيٺين ڇهن موقعن تي ادا ڪئي ويئي. ١. ذات الرقاع ٢. بطن نخله ٣. عسفان ۴. ذي قرد.

- "ذات الرقاع" واري روايت بخاري ۽ مسلم ۾ موجود آهي، جنهن جو راوي سهل بن ابي حثمه آهي.

بطن نخله ۽ ذي قرد واريون روايتون "نسائي" ۾ موجود آهن، جن جا راوي بالترتيب جابر بن عبدالله ۽ عبدالله ابن عباس آهن. جڏهن ته "عسفان" واري روايت نسائي ۽ ابودائود ۾ موجود آهي، جنهن جو راوي زيد بن صامت آهي.

"واقديءَ" پنهنجي "مغازي" ۾ ٻه جابر بن عبدالله جي هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته، "نبي ڪريم ﷺ جي پويان سڀ کان پهريان "صلوٰة الخوف" "غزوه ذي قرد" جي موقعي تي ادا ڪئي ويئي ۽ ان ڪانپوءِ "عسفان" ۾. "واقديءَ" جي خيال ۾ اها روايت ٻين کان وڌيڪ صحيح آهي.

هڪ روايت ابن عربي مالڪي جي اهڙي ٻه ملي ٿي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته "نماز چوويهه دفعا پڙهائي ويئي." والله اعلم.

دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٣٦٥، المغازي "واقدي" ج ١ ص ٣٩٦. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٨ ص ٢٤٢. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ١ ص ۴۶۴.

(٢) صحيح بخاري ۾ حضرت انس بن مالڪ جي هڪ روايت نقل ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته احد، بئر معونه ۽ يمامه جي لڙاين مان هرهڪ ۾ ستر مسلمان شهيد ٿيا، "بئر معونه" وارو واقعو ٻه نبي ڪريم ﷺ جي ئي زماني ۾ پيش آيو. جڏهن ته "جنگ يمامه" حضرت ابوبڪر صديق رضه جي خلافت واري دور ۾ "مسيلمه ڪذاب" خلاف لڙي ويئي. ڪن روايتن ۾ وري مٿين ٽنهي لڙاين ڪانسواءِ "غزوه مؤته" ۾ ٻه ستر مسلمانن جي شهادت ٻڌائي ويئي آهي. ان جو راوي حضرت "ثابت" آهي. ان ڪانسواءِ "دلائل" ۾ بيهقيءَ سعيد بن مسيب ڪان هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس ته هيٺين ٽن موقعن تي ستر مسلمان شهيد ٿيا (١) "احد" (٢) "يمامه" ۽ (٣) "جنگ جسر."

صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ٣ ص ٢٦. فتح الباري "ابن حجر" ج ٧ ص ٣٧۴. دلائل النبوة بيهقي ج ٣ ص ٢٧٧. البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۴ ص ۴٧. المواهب اللدنيه قسطلاني ج ١ ص ۴٠٩. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ١ ص ۴۴۶.

Marfat.com

* هن غزوه ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو چاچو يعني شهيدن جو سروار حضرت حَمْزَه بن عَبْدالْمُطَّلِب به شهيد ٿيو. سندن شهادت هن سال شوال جي وچ ڌاري ڇنڇر جي ڏهاڙي ٿي. (۱) اهو قول وڌيڪ مشهور آهي، جيئن هن ڪتاب جي ٻئي باب ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

* حضرت حَمْزَه رضه جي شهادت ڪانپوءِ خدا جي سچي رسول ﷺ جن سندس شان ۾ فرمايو: "آسمان تي ملائڪن طرفان حضرت حَمْزَه رضه کي "الله جو شينهن" ۽ "الله جي رسول ﷺ" جو شينهن جي لقب سان سڏيو وڃي ٿو. (۲)

* حضرت حَمْزَه رضه ۽ غَزْوَهْ اُحُد جي سمورن شهيدن جي نماز جنازه جو ذڪر انشاءَ الله تعاليٰ هن فصل ڪانپوءِ ڪيو ويندو.

* غَزْوَه اُحُد ۾ اسلامي لشڪر مان مُصْعَب بِن عُمَيْر ۽ عَبْدُالله بن جَحْش رضي الله تعاليٰ عنهما پڻ شهيد ٿيا. عبدالله نالي هي صحابي اُمِّ الْمُؤْمِنِين زَيْنَب بنت جَحْش جو ڀاءُ ۽ رسول ڪريم ﷺ جن جو پڦاٽ هو، جنهن کي سندس مامي حضرت حَمْزَه رضه سان گڏ هڪ ئي قبر ۾ دفن ڪيو ويو. (۳)

* "غَزْوَه اُحُد" جي شهيدن ۾ ذڪوان بن عَبْد قَيْس بن خَلْدَه اَنْصَارِي خَزْرِجيءَ جو نالو به شامل آهي. (۴)

* هن سال جڏهن "غزوه احد" ڪان پوءِ مشرڪ جنگ تان موٽيا، تڏهن رسول الله ﷺ جن مسلمانن کي حڪم ڏنو ته "اوهان سڀ سڏا ٿي ٻيهو! ته اسين پنهنجي رب تعاليٰ آڏو سندس ثناء ۽ ساراهه ڪريون."

ان ڪانپوءِ مسلمان سندن پويان صفون ٻڌي ٻينا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو:

اَللّٰهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ كُلُّهُ، اَللّٰهُمَّ لَا قَابِضَ لِمَا بَسَطْتَّ وَلَا بَاسِطَ لِمَا قَبَضْتَ.

اي منهنجا الله! سڀ ساراهون توکي ئي سونهن. اي الله! ان کي کو بند ڪرڻ وارو ڪونهي، جنهن کي تون کولين ۽ ان کي کو کولڻ وارو نه آهي جنهن کي تون بند ڪرين.

وَلَا هَادِيَ لِمَا اَضْلَلْتَ وَلَا مُضِلَّ لِمَا هَدَيْتَ.

ان کي کو هدايت ڏيڻ وارو نه آهي، جنهن کي تون گمراه ڪرين ۽ ان کي کو گمراه ڪرڻ وارو ڪونهي جنهن کي تون هدايت بخشين.

---

(۱) اسد الغابه "ابن الاثير" ج ۲ ص ۴۶/۴۷.

(۲) البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۴ ص ۴۱ الروض الانف "سَهيلي" ج ۳ ص ۱۷۱. المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۲۹۰.

(۳) اسد الغابه "ابن الاثير" ج ۳ ص ۱۳۲. الاصابه "ابن حجر" ج ۲ ص ۲۸۷. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۰۷. روض الانف "سَهيلي" ج ۳ ص ۱۷۲.

(۴) "مغازي رسول الله ﷺ عروه بن زبير". الاصابه "ابن حجر" ج ۱ ص ۴۸۲. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۴۴۶.

Marfat.com

وَلَا مُعْطِيَ لِمَا مَنَعْتَ وَلَا مَانِعَ لِمَآ اَعْطَيْتَ.

انكي كو عطا كرڻ وارو نہ آهي، جنهن لاءِ تنهنجي طرفان منع كئي وجي ۽ ان لاءِ كو منع كرڻ وارو نہ آهي، جنهن كي تنهنجي طرفان عطا كيو وجي.

وَلَا مُقَرِّبَ لِمَا بَاعَدْتَّ وَلَا مُبَاعِدَ لِمَا قَرَّبْتَ.

انكي كو ملائڻ وارو نہ آهي، جنهن كي تون پري كرين ۽ ان كي كو پري كرڻ وارو نہ آهي جنهن كي تون ملائين.

اَللّٰهُمَّ ابْسُطْ عَلَيْنَا مِنْ بَرَكَاتِكَ وَرَحْمَتِكَ وَفَضْلِكَ وَرِزْقِكَ اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ النَّعِيْمَ الْمُقِيْمَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَالْاَمْنَ يَوْمَ الْخَوْفِ.

اي منهنجا الله! كشادو كر اسان لاءِ پنهنجي بركت كي، پنهنجي رحمت كي، پنهنجي فضل ۽ پنهنجي رزق كي. اي منهنجا الله! مان توكان گهران ٿو سكون قيامت جي ڏينهن ۽ امنُ خوف واري ڏينهن تي.

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ عَآئِذٌ بِكَ مِنْ شَرِّمَا اَعْطَيْتَنَا وَشَرِّمَا مَنَعْتَنَا.

اي منهنجا الله! مان توكان پناه گهران ٿو، جيكي تو ڏنو آهي ان جي شر كان ۽ جيكي تو نہ ڏنو آهي ان جي بہ شر كان.

اَللّٰهُمَّ حَبِّبْ اِلَيْنَا الْاِيْمَانَ وَ زَيِّنْهُ فِيْ قُلُوْبِنَا وَكَرِّهْ اِلَيْنَا الْكُفْرَ وَالْفُسُوْقَ وَالْعِصْيَانَ وَاجْعَلْنَا مِنَ الرَّاشِدِيْنَ.

اي منهنجا الله! اسانكي پيار ڏي ايمان سان ۽ ان سان سينگار اسانجي دلين كي ۽ اسانكي نفرت ڏيار كفر، نافرماني ۽ گناهن كان ۽ اسانكي بٹاءِ فرمانبردارن منجهان.

اَللّٰهُمَّ تَوَفَّنَا مُسْلِمِيْنَ وَاَلْحِقْنَا بِالصَّالِحِيْنَ غَيْرَ خَزَايَا وَلَا مَفْتُوْنِيْنَ.

اي منهنجا الله! اسانكي مسلمان كري مار ۽ اسانجو ڳانڍاپو كر صالحن سان تہ جيئن اسان خواري ۽ پڇتاءَ كان پري رهون.

اَللّٰهُمَّ قَاتِلِ الْكَفَرَةَ الَّذِيْنَ يُكَذِّبُوْنَ رُسُلَكَ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِكَ وَاجْعَلْ عَلَيْهِمْ دَآئِرَةَ السَّوْءِ وَاجْعَلْ عَلَيْهِمْ رِجْزَكَ وَعَذَابَكَ قَاتِلِ الْكَفَرَةَ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتَابَ.

اي منهنجا الله! انهن كافرن كي پورو كري ڇڏ، جيكي تنهنجي رسول (ﷺ) كي كوڙو كن ٿا ۽ تنهنجي رستي تي هلڻ كان روكين ٿا، آڻ انهن مٿان كا مصيبت، كيراءِ مٿن كو قهر ۽ عذاب ۽ موت ڏي انهن كافرن كي جيكي اهل كتاب مان آهن.

Marfat.com

ميت لاءِ اوسارن کرڻ کان منع

* هن سال "غزوه احد" جي پڄاڻيءَ کانپوءِ هڪ حڪم ذريعي ميت مٿان اوسارا کرڻ (پار ڪڍي روئڻ)، منهن پٽڻ، گريبان ڦاڙڻ وغيره کان منع ڪئي ويئي ۽ انهن ڪمن کي حرام ڪيو ويو. جڏهن ته ان کان اڳ توڙي "غزوه اُحُد" جي موقعي تي اهڙو حڪم مليل نه هو. اهوئي سبب آهي جو هن "غزوه" جي شهيدن تي عورتن طرفان روج پٽڪو ڪيو ويو، پوءِ جڏهن نبي سونهاري ﷺ جن اهي آواز ٻڌا تڏهن فرمايائون، "ڇا حضرت حَمْزَه رضه لاءِ اوسارڻ وارو کو ڪونهي؟" اهو ٻڌي عورتن حضرت حَمْزَه رضه لاءِ ائين ئي روج پٽڪو ڪيو جيئن پنهنجن لاءِ ڪيو هئائون، پوءِ جڏهن هو واندیون ٿيون، تڏهن اوڏيءَ مهل ئي مٿيون حڪم نازل ٿيو. ان ڏينهن کان وٺي اڄ سوڏو اهو حڪم پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. ان جي وڌيڪ وضاحت حافظ ابن ڪثير "البدايه والنهايه" ۾ ۽ علامه شامي پنهنجي لکيل سيرة جي ڪتاب ۾ ڪئي آهي. (۱)

حَمْزَه رضه جي لاش جي بي حرمتي

* هن سال "غزوه احد" کان وڃڻ ٿي مشرڪن حضرت حَمْزَه رضه جي لاش جي وَيْڪُتَ ڪئي. نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن اها حالت ڏٺي تڏهن فرمايائون: "اسين حضرت حَمْزَه رضه (۲) جي پلاند ۾ سندن ستر ماڻهن سان ساڳئي جُٽ ڪنداسين." ان موقعي تي رب پاڪ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي:

وَاِنْ عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوْا بِمِثْلِ مَاعُوْقِبْتُمْ بِهٖ. (۳)

(جيڪڏهن بدلو وٺو ته جيئن ايذايا ويا هجو اوتروئي انهن کي ايذايو.)

* هن سال "غزوه احد" جي موقعي تي "هند بنت عتبه" ۽ ٻيون مشرڪ عورتون دف ۽ ڍهل

---

(۱) "البدايه والنهايه" ابن ڪثير ج ۴ ص ۴۹ ـ ۴۸، طبقات الڪبريٰ ابن سعد ج ۲ ص ۴۴.

(۲) حضرت حمزه رضه جو لاش جڏهن سيد الڪونين ﷺ جن جي سامهون آيو، تڏهن ڪين بيحد صدمو پهتو. ڇو جو ڪافرن طرفان لاش جي نهايت بيدرديءَ سان چيرڦاڙ ڪئي ويئي هئي. نڪ، چپ ۽ ڪن وغيره ڪٽڻ ڪانپوءِ لاش جو پيٽ پڙ چيريو ويو هو ۽ جگر کي ٻاهر ڪڍي هند بنت عتبه طرفان چٻاڙيو ويو هو، انڪري رسول انور ﷺ جن جڏهن پنهنجي ڇاڇي سائينءَ جي لاش کي ان حالت ۾ ڏٺو، تڏهن فرمايائون ته جيڪڏهن قدرت طرفان اسان کي کو موقعو مليو ته اسين انهن ڪافرن جي ستر لاشن سان اهڙي جٽ ڪنداسون. پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي اهڙي پريشان حالت ڏسي سندن صحابي سڳورن چيو ته، جيڪڏهن اسانکي ڪافرن تي سرسي حاصل ٿي ته سندن لاشن جي اهڙي حالت ڪنداسون جنهن جو مثال عرب جي تاريخ ۾ نه ملندو. ڪن روايتن ۾ ٽيهن لاشن سان اهڙي حالت ڪرڻ جو ذڪر به موجود آهي.

"المستدرڪ حاڪم" ج۳ ص ۲۰۱. سيرة ابن اسحاق ص ۳۱۴، سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۱۰۱، دلائل النبوة بيهقي ج ۳ ص ۲۸۸، سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۲۲۳، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۰، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۴۴۱. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۰۷، "تاريخ طبري" ج ۲ ص ۲۰۷، البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۴۱.

(۳) سورة "النحل" آيت ۱۲۶ پاره ۱۴.

Marfat.com

وڃائي پنهنجي مردن کي ڀڙڪائڻ لاءِ هن قسم جا ڪلام ڳائي رهيون هيون. (١)

نَحْنُ بَنَاتُ الطَارِقِ

اسان ستارن جون ڌيئر آهيون

نَمْشِيْ عَلَيَ النَّمَارِقِ

جيڪي غاليچن تي هلنديون آهن.

مَشْيَ الْقَطَا (٢) الْعَوَانِقِ

"قطا" پکيءَ وانگر ناز سان

---

(١) "غزوه احد" لاءِ قريش طرفان جيڪو لشڪر اماڻيو ويو، ان ۾ پندرهن عورتون به ساڻن گڏ هيون، جن جي اڳواڻي ابوسفيان جي زال هند بنت عتبه ڪري رهي هئي. جيستوڻيڪ اهي سموريون عورتون وڏن گهراڻن جون هيون، پر ان هوندي به هو پنهنجي سپاهين کي همٿائڻ لاءِ ميدان ۾ آيون ۽ پوءِ جنهن وقت به هنن پنهنجي لشڪر کي پٺتي پوندي ڏٺو، تڏهن دهلن دمامن سان صفن ۾ اچي سندن آڏو جوشيلا ۽ جذباتي ڪلام پيش ڪري منجهن نوان نوان جوش ۽ جذبا پئي جاڳايا ته جيئن هو پوري همت ۽ قوت سان ميدان ۾ منهن ڏيئي بيهن ۽ پٺتي هٽڻ جو خيال سندن دل ۾ نه اچي سگهي. انهن عورتن طرفان جيڪي شعر چيا ويا، انهن مان مٿيون شعر ته تقريباً سڀني مؤرخن نقل ڪيو آهي. البت ايترو فرق ضرور آهي ته ڪجهه شعر گهٽ وڌ يا اڳتي پوئتي نقل ڪيا ويا آهن.

ابن اسحاق پنهنجي "سيرة" واري ڪتاب ۾ صالح بن ڪيسان کان هڪ روايت نقل ڪندي لکي ٿو ته، رسول انور ﷺ جي صحابين منجهان جيڪي خاص ماڻهو "غزوه احد" ۾ شهيد ٿيندا رهيا ته ميدان ۾ موجود اهي عورتون نهايت بي رحمي سان انهن لاشن جي وڍ ڪٽ ڪري سندس نڪ، چپ ۽ ڪن ڪٽي رهيون هيون، جبير بن مطعم جي وحشي نالي غلام جنهن سيدنا حمزه بن عبدالمطلب کي شهيد ڪيو، هند بنت عتبه پنهنجا زيور لاهي ان کي انعام طور ڏنا ۽ پاڻ انهن شهيدن جا جيڪي نڪ ۽ ڪن وغيره ڪٽيائون انهن کي ڌاڳي ۾ پوئي زيورن جي جاءِ تي انهن جا هار ڳچيءَ ۾ ۽ پازيب، پيرن ۾ پاتائون. هند بنت عتبه سيدنا حمزه رضه جي لاش کي چيري ان جو جيرو ڪڍي ان کي کائڻ لڳي، پر اڳري نه سگهي ۽ چٻاڙي ڦٽو ڪيائين. هڪ مٿانهين ٽڪريءَ تي چڙهي وڏي آواز ۾ ڪجهه ٻيا به شعر پڙهڻ لڳي. انهن مان هڪ شعر هن ريت آهي:

نحن جزينٰكم بيوم بدر

"اڄ اسان اوهان کان بدر واري جنگ جو پلاند وٺي ڇڏيو". ان شعر جي جواب ۾ اسلامي لشڪر مان حضرت هند بنت عباد بن عبدالمطلب رضه هيٺيون شعر پڙهيو.

خزيت في بدر و بعد بدر

توکي "بدر" ۾ ذلت ملي ۽ بدر کانپوءِ به!"

سيرة ابن اسحاق ص ٣٠٦، سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٧٢، الطبقات الڪبريٰ ابن سعد ج ٢ ص ٤٠، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٤٠، "دلائل النبوه" بيهقي ٣ ص ٢٣٣، الروض الانف "سهيلي" ج ٣ ص ١٦١، الوفا "ابن جوزي" ج ١ ص ٦٨٥، البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ٤ ص ١٧، "تاريخ طبري" ج ٢ ص ١٩٥، سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ١٩١.

(٢) "قَطا" نالي عرب ۾ هڪ ڳيري جهڙو پکي ٿئي ٿو، جيڪو گهڻو ڪري ريگستاني علائقن ۾ رهندو آهي. اهو پکي پنهنجو آکيرو زمين کوٽي ان ۾ ٺاهيندو آهي. سندس چال تمام سهڻي ٿئي ٿي.

"المعجم الوسيط" ڊاڪٽر ابراهيم انيس ۽ ڊاڪٽر عبدالعليم وغيره ج ص ٧٤٨.

Marfat.com

وَالدُّرُرُ فِي الْمَخَارِقِ

قيريون پائيندي پنهنجي آكيرن جي چوڌاري

وَالْمِسْكُ فِي الْمَفَارِقِ

اسان جي وارن ۾ مشڪ جو واس آهي

اِنْ تَقْبَلُوْا نُعَانِقِ

جيڪڏهن اوهان اڳتي وڌندا ته اسان اوهان کي سيني سان لڳائيندیون سين.

وَنَفْرُشُ النَّمَارِقِ

۽ اوهان لاءِ غاليچا وڇائيندیون سين.

اَوْ تُدْبِرُوْا نُفَارِقِ

پر جي اوهان جا پير پٺتي هٽيا ته اسان اوهان کان رُسي ويندیون سين.

فِرَاقَ غَيْرَ وَامِقِ

۽ اوهان کي ڇڏي ويندیون سين.

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" جي موقعي تي پيغمبر پاڪ ﷺ جن پنهنجي پالٹهار کان نهايت عاجزي ۽ نيزاريءَ سان هن جنگ ۾ سويهاري ٿيڻ جي دعا گهري، جيڪا هن ريت هئي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَنْشُدُکَ عَهْدَکَ وَ وَعْدَکَ

اي منهنجا الله! مان توکي تنهنجي عهد جو ۽ تنهنجي وعدي جو واسطو ڏيان ٿو.

اَللّٰهُمَّ اِنْ تَشَأْ تَهْلِکْ هٰذِهِ الْعَصَابَةُ لَاتُعْبَدْ فِي الْاَرْضِ بَعْدَ هٰذَا الْيَوْمِ.

اي منهنجا الله! جيڪڏهن تنهنجي مرضي آهي ته هيءَ جماعت باقي نه هجي ته اڄ کانپوءِ ڌرتيءَ تي تنهنجي عبادت نه ٿيندي.

مٿين دعا بابت هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هيءَ دعا "غزوه بدر" جي موقعي تي يا وري هڪ ٻي روايت موجب "غزوه خَنْدَق" جي موقعي تي گهري ويئي.

انهن مان پهرين روايت "حضرت اَنَس رضہ" جي آهي، جنهن کي اِمام اَحْمَد ۽ مُسْلِم نقل ڪيو آهي، جڏهن ته ٻي روايت وري ابن عَبَّاس جي آهي، جنهن کي ابن جرير ۽ بيهقي نقل ڪيو آهي. باقي آخري روايت مرسل آهي، جنهن کي سَعِيْد بن مُسَيِّب کان ابن سَعْد نقل ڪيو آهي.

روايتن جي ان اختلاف کي مٽائڻ لاءِ ائين سمجهيو وڃي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن مٿين ٽنهي موقعن تي اها دعا گهري هوندي. (۱)

---

(۱) مٿين دعا بابت "امام بخاريءَ" پنهنجي صحيح ۾ "ابن عباس" کان جيڪا روايت نقل ڪئي آهي، ان ۾ ڇاڻايو

Marfat.com

اَبُوْعَزَّه جي قتل جو حڪم

* هن سال "غَزْوَهْ حَمْرَاء الْاَسَد" جي موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جن مشهور شاعر "ابي عَزَّه عَمْرو بن عَبْدُالله جُحَمِيءَ" جي باري ۾ فرمايو ته، **لَا يُلْدَغُ الْمُؤْمِنُ مِنْ جُحْرٍ مَّرَّتَيْنِ.**

ترجمو: "مؤمن ساڳئي ٻر مان ٻه دفعا نه ڏنگبو آهي."

اهو واقعو هن ريت پيش آيو، جو مٿيون شاعر ابوعزه پهريون ڀيرو "غزوه بدر" جي موقعي تي قيد ٿي آيو، تڏهن هن سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته، "مان مسڪين ۽ محتاج آهيان. گهر ۾ گهڻا ڀاتي ۽ ننڍڙيون نياڻيون به آهن، مون تي مهرباني ڪئي وڃي." رحمت للعالمين ﷺ جن مٿس مِهر فرمائي کيس آزاد ڪري ڇڏيو ۽ کانئس اهو وچن ورتو ويو ته هو وري ڪڏهن ڪنهن مشرڪ جي مدد نه ڪندو. آزاد ٿيڻ کانپوءِ هو جڏهن مڪي پهتو، تڏهن پنهنجي ڪيل قول تان ڦري ويو ۽ "غزوه احد" ۾ ٻيهر وڃي مشرڪن جي لشڪر ۾ شامل ٿيو ۽ هن ڀيري به پڪڙجي پيو. پوءِ جڏهن کيس پاڻ ڪريم ﷺ آڏو پيش ڪيو ويو، تڏهن وري عرض ڪيائين ته هن ڀيري به ساڻس ساڳيو ئي سلوڪ ڪيو وڃي. جنهن تي رسول الله ﷺ جن فرمايو: "هاڻي آءٌ ائين نه ڪندس، ته جيئن تون مڪي موٽي ماڻهن کي ٻڌائين ته مان ٻيهر به محمد ﷺ کي ڏٽو ڏيئي آيو آهيان." پوءِ ان موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ سندس قتل جو حڪم ڏيندي فرمايو ته: "مؤمن هڪ ٻر مان ٻه دفعا نه ڏنگبو آهي. (۱) اهي اهڙا جامع لفظ آهن، جيڪي پاڻ سڳورن ﷺ کان اڳ ڪڏهن ٻئي ڪنهن کان نه ٻڌا ويا.

سمجهاڻي: هتي جيڪو اسان "اَبُوعَزَّه" جي ٻيهر قيد ٿيڻ جو ذڪر "غزوه اُحُد" ۾ ٻڌايو آهي، اها روايت به ڪجهه ڪتابن ۾ ملي ٿي پر ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته هو ٻيهر غزوه "حَمْرَاء الْاَسَد" جي موقعي تي قيد ٿيو، جيڪو "غزوه اُحُد" سان لاڳيتو ئي ٿيو آهي، جنهن جو ذڪر هن ئي فصل ۾ اڳتي ڪيو ويو آهي.

حقيقت ۾ "اَبُوعَزَّه" کي "غَزْوَه حَمْرَاء الْاَسَد" دوران ئي ٻيهر قيد ڪيو ويو هو، باقي ان ڏس ۾ جيڪو "غَزْوَه اُحُد" وارو قول اچي ٿو ته ان جو سبب اهو آهي جو ٻئي غزوات لاڳيتا ٿيا آهن، انڪري هڪ غزوه جو واقعو ٻئي ۾ اچي ويو آهي، وڌيڪ الله تعاليٰ پاڻ ٿو ڄاڻي.

* هن سال "غزوه احد" جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي جسم مبارڪ تي ٻه زرهون

اٿس ته اها دعا "جنگ بدر" واري موقعي تي گهري ويئي ۽ اڪثر سيرت نگارن ان روايت کي ئي وڌيڪ صحيح قرار ڏنو آهي.

"صحيح بخاري" ج ۳ ص ۴، زاد المعاد ابن قيم ج ۳ ص ۱۷۶. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۵۰، تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۴۹، سبل الهدي والرشاد شامي ج ۴ ص ۳۶/۳۷، المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۳۵۷.

(۱) البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۵۲، سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۱۱۰/۱۱۱، الطبقات الڪبري "ابن سعد" ج ۲ ص ۴۳، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۳۱۲، تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۸۷.

Marfat.com

هڪ ٻئي مٿان پهريل هيون." (١)

* هن ئي سال "غزوه احد" جي موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جن حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ کي فرمايو:

"اِرْمِ فِـدَاکَ اَبِـيْ وَ اُمِّيْ". (٢)

"تير اڇلاءِ! منهنجو ابو امڙ توتان قربان."

ڇيو وڃي ٿو ته، "منهنجو ابو امڙ توتان قربان وارو جملو پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ دفعو حضرت زبير رضہ بن عوام کي بہ چيو هو. اهو واقعو "غزوه خندق" جو آهي. باقي انهن بن کانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي واتان اهي لفظ ڪڏهن ٻڌڻ ۾ نہ آيا.

---

(١) "غزوه احد" ۽ "غزوه حنين" جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي جسم مبارڪ تي هڪ ٻئي مٿان ٻہ زرهون پهريون هيون. احد جي موقعي تي نبي انور ﷺ جن جيڪي ٻہ زرهون پهريون انهن جا نالا آهن: ذات الفضول ۽ فضہ.

(سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٧٠، الدرر ابن عبدالبر ص ١٤٧، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ٢٣/٢٤، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٤ ص ١٩١، سيرة ابن اسحاق ص ٣٠٥.)

(٢) حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ اسلامي لشڪر جو سپ ڪان بهترين تير انداز ۽ هڪ دلير مجاهد هو. اڪثر موقعن تي هن دشمن جي لشڪر جا حوصلا پست ڪري ڇڏيا. امام حاڪم پنهنجي مستدرڪ ۾ حضرت سعد بن ابي وقاص رضہ جي نياڻي سيده عائشہ بنت سعد ڪان هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ ڇاڻايو اٿس تہ "غزوه احد" جي موقعي تي هڪ وقت اهڙو بہ آيو، جڏهن سڄي سرور ﷺ مٿان مشرڪن گڏجي هڪ زوردار حملو ڪيو، جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو سمورو جسم مبارڪ زخمي ٿي پيو. ان موقعي تي حضرت سعد رضہ دشمن مٿان تيرن جو مينهن وسائي ڇڏيو ۽ هر تير هٽڻ سان سندس وات مان هي جملو نڪري رهيو هو:

اللهم سهمک فارم بهٖ عدوک

اي منهنجا الله! هي تنهنجو تير آهي، جنهن کي تون پنهنجي دشمن جي سيني ۾ لڳاءِ.

ان جي جواب ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن هينئن ٻئي فرمايو:

اللهم استجب السعد، اللهم سدد لسعد رميتهٖ ايها سعد، فداک ابي و امي.

اي منهنجا مولا! تون سعد جو سوال قبول ڪر، سعد جو تير نشاني تي لڳاءِ. اي سعد توتان منهنجو ابو امڙ قربان.

حضرت سعد رضہ جو چوڻ آهي تہ هر تير جي جواب، ۾ بارگاه رسالت ﷺ طرفان مون کي موٽ ۾ اها دعا ٻئي ملي. سبحان الله! ان ڪانپوءِ جڏهن منهنجي ترڪش جا سمورا تير کپي ويا تڏهن مدني سرڪار ﷺ جن پنهنجا تير ڪڍي منهنجي آڏو رکيا ۽ پوءِ انهن کي بہ استعمال ڪري ڇڏيم."

امام ذهبيؒ جو چوڻ آهي تہ ان ڏينهن تي حضرت سعد رضہ طرفان دشمن مٿان هڪ هزار تير اڇلايا ويا. اهوئي سبب آهي جو احد جي موقعي، تي حضرت سعد رضہ هتان ڪافرن جا ڪيترائي نامياراڳوڻ مڙا يا زخمي ٿيا. سعد رضہ جو چوڻ آهي تہ، "آخر ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن مونکي هڪ اهڙو تير بہ ڏنو، جنهن جي نوڪ ڦڪل هئي ۽ فرمايائون تہ اهو بہ دشمن مٿان اڇلاءِ."

المستدرڪ حاڪم ج ٣ ص ٤٩٩، صحيح بخاري ج ٣ ص ٢٢. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٢٠٠/٢٠١. سيرة ابن اسحاق ص ٣٠٧، سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٨٧. دلائل النبوة بيهقي ج ٣ ص ٢٣٩، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٤ ص ٢٨. "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ٢ ص ٢٢/٢٣.

Marfat.com

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جا ڪجهم معجزا

* هن سال هڪ صحيح روايت مطابق "غَزْوَه اُحُد" جي موقعي تي يا وري هڪ ٻي روايت موجب سن ٻي هجريءَ دوران "بدر" جي موقعي تي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن هٿان هڪ معجزو ظاهر ٿيو. اهو هن ريت جو جڏهن هڪ صحابي حضرت قَتَادَه بن نُعْمَان اوسيءَ کي اک جو اهڙو ڏک لڳو، جو سندس اک جو تارو ٽڙڪي ٻاهر نڪري آيو، تڏهن ان موقعي تي نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن سندس اک کي اصلوڪي جاءِ تي رکي ان مٿان پنهنجي "لب مبارڪ" لڳائي ڇڏي. ٻوءِ هڪ گهڙيءَ ۾ سندس اها اک اڪين جهڙي ٿي پيئي. ايتري قدر جو ڪنهن به شخص لاءِ اهو ٻڌائڻ مشڪل ٿي پيو ته حضرت قَتَادَه رضه کي ڪهڙيءَ اک ۾ ڏک لڳو هو. (۱) مٿين معجزي جو ذڪر هن ڪان اڳ ٻي هجريءَ جي واقعات ۾ به ٿي چڪو آهي، ڇو جو ڪجهه راوين جو خيال آهي ته هي معجزو "غَزْوَه بَدْر" ۾ پيش آيو ته ڪن جي خيال موجب "اُحُد" ۾، انڪري ٻنهي جاين تي اهڙو ذڪر ڪيو ويو آهي.

* هن سال "غزوه اُحُد" جي ئي موقعي تي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن هٿان هڪ ٻيو معجزو ان وقت ظاهر ٿيو، جڏهن حضرت عَبْدُالله بن جَحْش رضه جي تلوار جنگ ۾ ڀڃي پيئي ته رسول خدا صلي الله عليه وسلم جن کيس هڪ ڪجيءَ جو سنيو ڏنو، جيڪو هٿ ۾ ڪنيائين ته ان مان تلوار بڻجي پيئي. (۲) ان تلوار کي "عرجون" ڪري سڏيو ويندو هو. اها تلوار هڪ ٻئي پٽيان ڪيترن ئي هٿن ۾ ڦهتي. ايستائين جو اڳتي هلي ترڪن ان تلوار کي ٻه سؤ دينار ڏيئي خريد ڪيو. (۳)

* هن سال هن ئي "غَزْوَه" دوران نبي آخر الزمان صلي الله عليه وسلم جن هٿان هڪ ٻيو معجزو به ڏسڻ ۾ آيو. جو پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي ڪمان جي زه (ڏور) ڇڄي پيئي ۽ ڇڇڙ ڪانپوءِ ايتري ڪٽي پيئي جو ڪمان جي هڪ منڊي ڪان ٻئي منڊي تائين نه پئي ڦهتي. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي دعا گهرڻ سان ان ڏور ۾ ايترو ته واڌارو آيو جو ڪمان ۾ ٻڌل ڪانپوءِ ٻه ڪجهه ڏور بچي پيئي، جنهن کي ڪمان جي هڪ پاسي ڪان ويڙهي ڇڏيائون.

---

(۱) سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۸۸ ـ ۸۷، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۲۵۲/۲۵۱. دلائل النبوة "ابونعيم" ج ۲ ص ۴۸۴/۴۸۳، سيرة ابن كثير ج ۳ ص ٦٦. الروض الانف "سَهيلي" ج ۳ ص ۱۷٦، المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۰۳.

(۲) اهڙوئي هڪ واقعو "جنگ بدر" واري باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ حضرت "عڪاشه بن محصن اسدي" جي تلوار ٽٽي پوڻ جو ذڪر ڪيو ويو هو، ان موقعي تي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن طرفان کيس ڪجيءَ جي ڳاني (عرجون) عطا ڪئي ويئي، جنهن مان تلوار بڻجي پيئي. ان تلوار کي "عَون" سڏيو ويندو هو.
هتي عبدالله بن جحش جي تلوار ٽٽڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن کي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن ڪجي جو سنيو (عسيب) هٿ ۾ ڏنو، جنهن مان به تلوار بڻجي ويئي. هن تلوار جو نالو "عرجون" ٻڌايو ويو آهي.
الروض الانف "سَهيلي" ج ۳ ص ۱۸۷، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۲۵۰، "المواهب اللدنيه" "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۰۳. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۴۳۳، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۲.

(۳) اها تلوار عباسي خليفي "معتصم بالله" طرفان مقرر ڪيل هڪ ترڪ امير خريد ڪئي هئي. "المواهب اللدنيه" "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۰۴، عيون الاثر ابن سيد الناس ج ۲ ص ۳۲۰.

Marfat.com

پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جو ڏند مبارڪ شهيد ٿيڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ هڪ ظالم ڪافر عُتْبَه بن اَبِيْ وَقّاص خذله الله پٿر هٽي پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جو هڪ ڏند مبارڪ شهيد ڪري ڇڏيو. "عتبه" مشهور صحابي حضرت سَعْد بن اَبِيْ وَقّاص رضه جو پاءُ هو. (۱) جيڪو ڏند مبارڪ شهيد ٿيو اهو اڳين ڏندن مان ساڄي پاسي وارو هيٺيون ڏند مبارڪ هو.

پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جو منهن مبارڪ زخمي ٿيڻ

* هن ئي سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ عَبْدُالله بن قُمِئَه خذله الله نالي هڪ ڪافر حضور پرنور صلی الله عليه وسلم جن مٿان پٿر وسايا، جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي ڳل مبارڪ ۾ لوهي ٽوپ جون به ڪڙيون پيهي ويون ۽ سندن منهن مبارڪ زخمي ٿي پيو. (۲)

ان موقعي تي صحابي سڳورن عرض ڪيو، "اي خدا جا رسول صلی الله عليه وسلم، اوهان هنن ڪافرن کي پاراتو ڏيو جن اوهان کي ڏڪ هنيا ۽ ايذاءَ پهچايا."

اهو ٻڌي، پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن دعا گهري:

اَللّٰهُمَّ اهْدِ قَوْمِيْ فَاِنَّهُمْ لَايَعْلَمُوْنَ.

"اي منهنجا الله! منهنجي قوم کي هدايت ڏي جو هو حق کي نٿا سڃاڻن". (۳)

هڪ ٻي روايت ۾ هي لفظ به اچن ٿا ته، "اي منهنجا الله! منهنجي قوم کي بخش". (۴)

ان مان معلوم ٿيو ته رسول رحمت صلی الله عليه وسلم جن ڪافرن لاءِ به هدايت ۽ خير جي دعا گهري، سواءِ عتبه ۽ ابن قُمِئَه جي، جن جو ذڪر هن ڪانپوءِ ڪيو ويو آهي.

نبي سائين صلی الله عليه وسلم جن جو هڪ معجزو .... دعا قبول ٿيڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" واري زماني ۾ پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن عُتْبَه بن اَبِيْ وَقّاص لاءِ، جنهن پٿر هٽي سندن ڏند مبارڪ شهيد ڪيو هو، هن ريت "بد دعا" فرمائي:

---

(۱) عتبه جيتوڻيڪ حضرت سعد بن ابي وقاص رضه جو پاءُ هو، ان هوندي به عتبه لاءِ ان واقعي ڪانپوءِ حضرت سعد رضه جي دل ۾ بيحد نفرت پيدا ٿي، ايتري قدر جو هو ٻين سڀني دشمنن ڪان وڌيڪ پنهنجي پاءُ کي قتل ڪرڻ جو خواهشمند رهيو.

سيرة ابن اسحاق ص ۳۱۱، سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۹۱. المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۲۴۵، البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۳۱.

(۲) المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۲۴۵، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۲۱، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۱ ص ۴۳۰.

(۳) الشفا بتعريف حقوق المصطفيٰ "قاضي عياض" ص ۸۱.

(۴) اها روايت عبدالله ڪان امام مسلم نقل ڪئي آهي. صحيح مسلم "باب غزوه احد" ج ۵ ص ۱۷۹.

Marfat.com

"اي الله! هن ئي سال اهو شخص كافر ٿي مري." خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن جو اهو عرض اگهائيو، جو عُتْبَہ هن ئي سال كفر جي حالت [1] ۾ مري جهنم پهتو. اهو خدا جي رسول ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي.

نبي سائين ﷺ جو هڪ ٻيو معجزو

ساڳيءَ ريت پاڻ سڳورن ﷺ عبدالله بن قُمِئَة نالي كافر كي ٻه پاراتو ڏيندي فرمايو ته "خدا توكي شل ڳيا ڳيا كري."

هن شخص ٻه "غزوه اُحُد" ۾ رسول خدا ﷺ جن مٿان پٿر وسايا هئا. رب پاڪ سندن دعا قبول فرمائي ۽ ٽورن ئي ڏينهن ۾ هڪ ٽاكرو ٻكر مٿس حملو كري كيس ڳيا ڳيا كري ڇڏيو ۽ كفر جي حالت ۾ خدا تعاليٰ كيس خوار كري ماريو. [2]

ملائكن جو مدد لاءِ لهڻ

* هن سال "غزوه اُحُد" ۾ نبي اكرم ﷺ جن كان اهو معجزو ٻه ظاهر ٿيو جو سندن مدد لاءِ آسمان تان ملائك نازل ٿيا ۽ كافرن سان سخت جنگ جوٽيائون. انهن ملائكن مان حضرت جبرئيل ع هڪ گهوڙي تي سوار هو، جنهن جو نالو "حيزوم" ٻڌايو ويو آهي. ان كانسواءِ ميكائيل ۽ ٻيا ملائك پڻ موجود هئا. ايتريقدر جو كن صحابي سڳورن كجهه ملائكن كي كافرن سان ڇتي ويڙهه وڙهندي ڏٺو ۽ انهن كافرن جون سسيون ڏڙ كان ڌار ٿيندي ڏٺيون، جڏهن ته انهن آڏو مقابلي ۾ كوبه ماڻهو نظر نه پئي آيو. اهڙي هڪ روايت حضرت سَعْد بِن اَبِيْ وَقّاص رضه كان اِمام مُسْلم پنهنجي "صحيح" ۾ نقل كئي آهي، جنهن ۾ هو فرمائي ٿو:

"مون رسول خدا ﷺ جن جي ساڃي پاسي "اُحُد" واري ڏينهن تي ٻه ملائك ڏٺا، جيكي ڇتي ويڙهه وڙهي رهيا هئا، كين اڇا كپڙا پهريل هئا. مون انهن كي نه كڏهن اڳ ڏٺو هو ۽ نه وڙهڻ كانپوءِ." اهي جبرئيل ۽ ميكائيل هئا. [3]

حضرت ثَابِت، حضرت عَمْرو، حضرت اَوْس ۽ حضرت عَبْدُالله رض جي شهادت

* هن سال "غزوه احد" دوران مسلمانن مان جن شهادت ماڻي تن ۾ اَبُوالدَّحْدَاح رضه، ثَابِت بن الدَّحْدَاح رضه، عَمْرو بن جَمُوح رضه، اَوْس بِن ثَابِت رضه ۽ عَبْدُالله بن عَمْرو بن حَرَام اَنْصَاريءَ رضه جا نالا ٻه شامل آهن. انهن مان "اَوْس" حَسَّان بن ثَابِت جو ڀاءُ ۽ عَبْدُالله حضرت جَابِر بن عَبْدُالله جو ٻيءُ

(١) ابن عباس رضه كان اها روايت شاميءَ پنهنجي سيرت ۾ نقل كئي آهي.
سبل الهدي والرشاد في سيرة خير العباد شامي ج ۴ ص ۱۹۸، البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۴ ص ۳۱.
(٢) سبل الهدي والرشاد شامي ج ۴ ص ۱۹۹، فتح الباري ابن حجر عسقلاني ج ۷ ص ۴۷۳، السنن الكَبريٰ "بيهقي" ج ٦ ص ۸ ۳۰، دلائل النبوة ابونعيم ج ۲ ص ۴۸۹.
(٣) حضرت سعد بن ابي وقاص رضه جي اها روايت امام مسلم "كتاب الفضائل" ۾ ۽ امام بخاري "كتاب المغازيء" ۾ نقل كئي آهي. صحيح مسلم ج ۷ ص ۸۲، صحيح بخاري ج ۳ ص ۲۲.

Marfat.com

هو، جيڪو انهن بارهن نقيبن مان هڪ آهي، جن کي مديني لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. ڪيس "غزوه احد" جو پهريون شهيد شمار ڪيو وڃي ٿو. عَبْدُالله بن عَمْرو ۽ عُمر بن جَمُوْح کي ساڳي قبر ۾ دفنايو ويو هو. (۱)

حضرت اَنَس بن نَضَر رضہ جي شهادت

* هن سال "غزوه احد" ۾ مسلمانن مان اَنَس بن نَضَر اَنْصَارِيءَ رضہ کي به شهيد ڪيو ويو، جيڪو حضرت اَنَس بن مَالِک رضہ جو چاچو هو. شهادت کانپوءِ مشرکن سندس لاش جي اهڙي حالت ڪري ڇڏي جو سڃاڻڻ ڏکيو ٿي پيو، پر پوءِ سندس ڀيڻ رُبَيِّعْ بنت نَضَر آڱرين جي نشانيءَ تي ڪيس سڃاڻي ورتو. حضرت اَنَس بن نَضَر ۽ "اُحُد" جي اهڙن ٻين شهيدن جي حق ۾ خدا تعاليٰ طرفان هي آيت نازل ڪئي ويئي. (۲)

رِجَالٌ صَدَقُوْا مَا عَاهَدُوا اللهَ عَلَيْهِ. (۳)

"منجهانئن کي ماڻهو سچا نڪتا عهد ۾ جيڪي الله سان ڪيائون."

ڪافرن جو جهنم واصل ٿيڻ

* هن سال "غزوه احد" جي موقعي تي ڪيترن ئي ڪافرن کي قتل ڪيو ويو، جن جو تعداد ۲۳ يا ان کان به مٿيرو ٻڌايو ويو آهي. (۴) انهن مان ڪن جو ذڪر هتي ڪيو ويندو.

"زرقاني" پنهنجي ڪتاب "شرح علي المواهب اللدنيہ" ۾ بيان ڪيو آهي تہ، "احد" ۾ حضرت حمزه رضہ پنهنجي هٿن سان ٽيهن مشرکن کي موت ڏنو ۽ پوءِ پاڻ به شهادت ماڻيائين. (۵)

اُبَيّ بن خَلَف جو جهنم واصل ٿيڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ جن ڪافرن کي قتل ڪيو ويو، انهن مان ڪجهہ نالا هن ريت آهن:

الله جو دشمن ابي بن خلف خذله الله، هي اُمَيَّہ بن خَلف جو ڀاءُ هو، جنهن کي هن ڪان اڳ "غَزْوَه بَدْر" ۾ قتل ڪيو ويو هو. ابي بن خلف "غَزْوَه اُحُد" ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن کي قتل ڪرڻ جي ارادي سان (نَعُوْذُ بِاللهِ) مٿن تلوار سان حملو ڪرڻ لاءِ جيئن سندن ويجهو پهتو، تہ ان وقت رسول

---

(۱) "الاصابہ" ابن حجر ج ۳ ص ۳۵۰، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۲۳۲، زاد المعاد ابن قيم ج ۳ ص ۲۱۵. سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۱۰۴.

(۲) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۱۳۲، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۲۱۵/۲۱۶.

(۳) سوره احزاب پاره ۲۱ آيت ۲۳.

(۴) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۱۰.

(۵) اها روايت ضعيف آهي، جنهن کي شرح علي المواهب ۾ زرقاني نقل ڪيو آهي ۽ اهڙي روايت "ابن سائب" کان شاميءَ به نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ چاڻايو ائس تہ حضرت حمزه رضہ "احد" جي ميدان ۾ ايڪٽيهہ ڪافرن کي قتل ڪيو هو. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۲۱۶.

Marfat.com

خدا ﷺ جن جي هٿ ۾ هڪ ننڍڙو نيزو هو، جيڪو ان ڪافر ڪي هنيائون، جنهن سبب سندس پاسريون ۽ هسليءَ واري هڏي ۾ڄي پيئي ۽ هو خوار ٿي رسول الله ﷺ جن هٿان قتل ٿيو. ان ڏس ۾ نبي سائين ﷺ جن جو فرمان آهي، "ان مٿان خدا جو غضب نازل ٿيو جيڪو خدا جي رسول ﷺ هٿان قتل ٿيو." (۱) جيتوٽيڪ اُبَيّ بن خَلَف ڏڪ لڳڻ سان ٽڏي ٿي ته نه مئو هو، پر منجهس ڪجهه ساهه باقي هو، انڪري مشرڪن ڪيس اتان ڪٽائي پوبان پير ڪيا، پر رستي ۾ جڏهن "مرالظهران" نالي ڳوٺ وٽ پهتا، تڏهن اتي هن دم ڏنو. هي ڳوٺ مڪي کان هڪ ڏينهن جي پنڌ تي آهي، اڄ ڪلهه هن کي "وادي ءِ فَاطِمَہ" سڏيو وڃي ٿو.

اَبُوعَامِر رَاهِب ۽ طَلْحَہ بن اَبِيْ طَلْحَہ جو جهنم داخل ٿيڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ ڪافرن منجهان هيٺيان ماٺهو پڻ قتل ٿيا. (۲)

اَبُوعَامِر رَاهِب، طَلْحَہ، عُثْمَان ۽ سَعِيْد اهي ٽيئي اَبِيْ طَلْحَہ بن عَبْدُالْعُزيٰ قُرَشِي عَبْدَرِي جا پٽ هئا. مٿي جنهن "عُثْمَان" جو ذڪر ڪيو ويو، ان جو پٽ "شَيْبَہ بن عُثْمَان" "فتح مڪه" جي موقعي تي مسلمان ٿيو هو، باقي سندس پيءُ ڪفر جي حالت ۾ ئي حضرت علي رضه هٿان قتل ٿيو. "شيبه" جو هڪ سؤٽ جيڪو طَلْحَہ بن اَبِيْ طَلْحَہ جو پٽ هو ۽ جنهن جو نالو پڻ "عُثْمَان" آهي، ان به مڪي جي فتح کان اٽڪل ست مهينا پوءِ اسلام قبول ڪيو، اهڙو ذڪر سن اٺين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

ڇهن مشرڪ پائرن جو قتل ٿيڻ

* اهڙيءَ ريت "غَزْوَه اُحُد" ۾ مشرڪن منجهان مسافع بن طلحه قرشي عبدري ۽ سندس ٽي پائر به قتل ٿيا، جن جا نالا حارث بن طَلْحَہ، جُلَاس بن طَلْحَہ ۽ ڪِلَاب بن طَلْحَہ ٻڌايا ويا آهن. ان ڪانسواءِ مشرڪن جي لشڪر مان شريح بن قارظة، سِباع بن عبدالعزيٰ خزاعي غساني، اَرْطَاه بن شُرَحْبِيْل بن هَشَّام بن عَبْدمَنَاف کي قتل ڪيو ويو. منجهانئن سِبَاع، اَرْطَاه ۽ عُثْمَان بن اَبِيْ طَلْحَہ جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي، اهي ٽيئي ڄڻا حضرت حَمْزَه رضه بن عَبْدُالْمُطَّلِب رضه هٿان قتل ٿيا هئا. هن موقعي تي سِبَاع بن عَبْدُالْعُزيٰ کي للڪاريندي حضرت حَمْزَه رضه بن عَبْدُالْمُطَّلِب فرمايو هو، "اي ام انمار جا ڇايا، اي عورتن جي طهر (۳) ڪرڻ واري جا پٽ، تون الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي سامهون ٿو ٿئين؟"

---

(۱) صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ۳ ص ۲۵/۲۶.

(۲) "غزوه احد" ۾ ڪافرن منجهان جيڪي ماٺهو قتل ڪيا ويا، انهن جو تعداد مختلف راوين طرفان مختلف ٻڌايو ويو آهي. "ابن هشام" طرفان اهو تعداد ٻاويهه ٻڌايو ويو آهي ۽ اهائي روايت بيهقي ۽ ابن عبدالبر به نقل ڪئي آهي. جڏهن ته، "ابن سعد" ۽ "ابن سيد الناس" طرفان اهو انگ ٽيويهه ٻڌايو ويو آهي. الطبقات الكبريٰ ابن سعد ج ۲ ص ۳۳، سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۱۳۵، عيون الاثر ابن سيد الناس ج ۲ ص ۴۸، الدرر ابن عبدالبر ص ۱۵۶.

(۳) صحيح بخاري ج ۳ ص ۲۵، سيرة ابن اسحاق ص ۳۰۸، دلائل النبوه "بيهقي" ج ۳ ص ۲۴۲، السيرة النبويه ابن كثير ج ۳ ص ۳۴.

Marfat.com

حضرت عَبْدُاللّٰه بن جُبَيْر رضہ جي شهادت

* هن سال "غزوه اُحُد" ۾ مسلمانن مان حضرت عَبْدُالله بن جُبَيْر بن نُعْمَان اَنْصَارِي اَوْسِيءَ کي به شهيد ڪيو ويو، جيڪو خوات بن جبير جو پاءُ هو.

نبي سڳوري صلی الله علیه وسلم طرفان حضرت عَبْدُالله بن جُبَيْر رضہ کي تير اندازن جي ٽڪي جو سرواڻ بڻايو ويو هو، ساٺس گڏ پنجاه کن ماڻهو پيا به هئا.

رسول خدا صلی الله علیه وسلم جن پن جبلن جي وچان هڪ گهاٽ تي کين بيهاري حڪم ڪيو ته "هو هر حالت ۾ هتان پير پنتي نه هٽائين، توڙي جو کين سوپ حاصل ٿئي يا نه ٿئي."

پوءِ جڏهن مشرکن مات کائي پوبان پير کيا ۽ پنهنجي پٺيان غنيمت جو مال ڇڏيائون، تڏهن عَبْدُالله بن جُبَيْر رضہ ۽ سندس ڪجهه ساٿي ته رسول عربي صلی الله علیه وسلم جن جي تاڪيد مطابق پنهنجا پير پختا ڪري بينا ۽ پنهنجي شهادت تائين اها جاءِ نه ڇڏيائون [1] جڏهن ته منجهانئن پيا ڪيترا اهو ماڳ ڇڏي غنيمت جي مال ميڙڻ ۾ لڳي ويا ۽ خدا جي پياري پيغمبر صلی الله علیه وسلم جن طرفان مليل حڪم جي پڇڙي ڪيائون، جنهن جي نتيجي ۾ مسلمان مصيبت ۾ ڦاٿا ۽ ڪافرن جي سرسي ٿي ويئي. ان موقعي تي رب پاڪ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

مِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الدُّنْيَا وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ثُمَّ صَرَفَكُمْ عَنْهُمْ لِيَبْتَلِيَكُمْ. [2]

"ڇو جو توهان مان ڪي ماڻهو دنيا جا طالبو هئا ته ڪي آخرت جا طلبيندڙ به هئا. ته پوءِ الله توهان کي ڪافرن جي مقابلي ۾ پٺي ڏيندڙ ڪيو ته جيئن توهان جي پرک لهي."

حضرت اَبُو زَيْد اَنْصَارِي رضہ جي شهادت

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ مشهور صحابي اَبُوزَيْد رضہ اَنْصَارِي به شهيد ٿيو، جيڪو انهن ڇهن صحابي سڳورن مان هڪ هو، جن نبي ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جي دور ۾ قرآن شريف گڏ ڪيو هو. سندس اصلي نالي ۾ گهٽو اختلاف آهي. ڪجهه راوين طرفان سندس نالو قيس بن سڪن ٻڌايو ويو آهي ۽ ڪن طرفان وري ڪي ٻيا نالا به ٻڌايا وڃن ٿا. [3]

اِمام زُهْرِي رضہ جي ڏاڏي جي غَزْوَه اُحُد ۾ شرڪت

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" دوران ڪافرن جي لشڪر مان عَبْدُالله بِن شِهَاب، پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن

---

(١) دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٢٢٩، اسد الغابه "ابن الاثير" ج ٣ ص ١٣٠/١٣١. الاصابه "ابن حجر" ج ٢ ص ٢٨٦، السيره النبويه "ابن كثير" ج ٣ ص ٤٩.

(٢) سوره آل عمران آيت ١٥٢ پاره ٤.

(٣) اسد الغابه "ابن الاثير" ج٤ ص ٢١٦.

Marfat.com

ڏانهن تير اڇلائي ڪين زخمي ڪيو. هي شخص "اِمام زُهْرِي" جو ڏاڏو هو ۽ ان وقت تائين ڪافر هو. ان ڪانپوءِ اسلام قبول ڪيائين. ڪيس عَبْدُالله اَصْغَر جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو. (۱) امام زهريءَ جي ڏاڏنگ جو سلسلو هن ريت آهي: مُحَمَّد بِن مُسْلِم بِن عَبْدُالله بن شهاب. ان ڪانسواءِ امام زهريءَ جي ناناڻي نسل ۾ به هڪ نالو اچي ٿو، جيڪو عَبْدالله اڪبر جي نالي پٺيان مشهور آهي. هن اوائلي دور ۾ اسلام قبول ڪيو ۽ حَبْش ڏانهن هجرت به ڪيائين، پر مديني ڏانهن هجرت ڪان اڳ ئي مڪي ۾ گذاري ويو، جيئن "حَافِظ سُهَيْلِي" "روض الانف" ۾ بيان ڪيو آهي. (۲)

حضرت مُخَيْرِيق رضہ جي شهادت

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ مسلمانن طرفان "مُخَيْرِيق رضہ" به شهيد ٿي ويو، سندس تعلق يهودين جي قبيلي "بَنِي نَضِيْر" سان آهي ۽ هن ئي سال "غَزْوَه اُحُد" ڪان اڳ اسلام قبول ڪيو هئائين. پوءِ "غزوه اُحُد" ۾ بهرو ورتائين ۽ اتي ئي شهيد ٿي ويو. ڪيس ڪافي ملڪيت هئي، جنهن ۾ ست باغ به شامل هئا. "اُحُد" ڏانهن روانگيءَ ڪان اڳ وصيت ڪيائين ته، "جيڪڏهن هن "غزوه" دوران خدا جي راه ۾ منهنجي جان قربان ٿي وڃي ته منهنجي سموري ملڪيت جا مالڪ محمد مصطفيٰ ﷺ جن آهن، پوءِ کين جيئن وٺي تيئن ان ملڪيت کي استعمال ڪن." (۳)

اُحُد ڪان موٽ تي رسولِ خدا ﷺ جن سندس سموري ملڪيت ۽ باغ وقف ڪري ڇڏيا. اهڙيءَ ريت اهو اسلام ۾ وقف ڪرڻ جو پهريون مثال آهي. (۴) ڇيو وڃي ٿو ته يهودي عالمن مان رڳو به ماڻهو مسلمان ٿيا، جن مان هڪ "عَبْدُالله بن سَلام" ۽ ٻيو "حَضْرت مُخَيْرِيق" رضي الله تعالىٰ عنهما آهي. (۵)

حضرت اَبُو حَبَّہ رضہ جي شهادت

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ اسلامي لشڪر مان اَبُو حَبَّہ بن ثَابِت بن نُعْمَان بن اُمَيَّہ اَنْصَارِي بَدْرِي رضہ به شهادت ماڻي. اَبُوحَبَّہ ڪان ابن حَزْم جي هڪ روايت جنهن ۾ معراج جو ڪجهه بيان آهي، امام بخاريءَ ۽ ڪجهه ٻين به نقل ڪئي آهي. (۶) سندس نالي ۾ اختلاف آهي. ڪجهه راوين طرفان عَمرو ۽ ٻين طرفان وري ڪجهه ٻيا نالا به ٻڌايا ويا آهن. (۷)

---

(۱) سيرة ابن اسحاق ص ۳۰۵. السيرة النبوه "ابن كثير" ج ۲ ص ۵۹. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۱۹۹.

(۲) الروض الانف "سهيلي" ج ۳ ص ۱۶۵. شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ۲ ص ۳۸۰.

(۳) سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۹۴. الاصابه "ابن حجر" ج ۲ ص ۳۹۳. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۲۱۲.

(۴) الروض الانف "سَهيلي" ج ۲ ص ۱۸۰. البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۴ ص ۸.

(۵) "الاصابه" ابن حجر ج ۴ ص ۴۱.

(۶) الروض الانف "سَهيلي" ج ۲ ص ۱۹۷. اسد الغابه "ابن الاثير" ج ۵ ص ۱۶۷.

(۷) ابن هشام جي روايت مطابق ان شخص جي ڪنيت "ابو حبه" ٻڌائي ويئي آهي ۽ ان جي تائيد واقدي ۽ "موسيٰ بن عقبه" وغيره به ڪئي آهي. سندن خيال مطابق "ابو حَبه" نالي شخص ئي "غزوه بدر" ۾ بهرو ورتو هو ۽ هو غزوه هن

Marfat.com

حضرت عُبَيْد رضہ بن تَيَّهَان جي شهادت

* "هن سال "غزوه اُحُد" ۾ مسلمانن منجهان عُبَيْد بِن تَيَّهَان رضہ به شهادت ماڻي." (۱)

حضرت سَعْد بن رَبِيْع رضہ جي شهادت

* هن ئي سال "غَزْوَه اُحُد" ۾ سَعْد بِن رَبِيْع بن عَمْرو بِن اَبِيْ زُهير اَنْصَارِي خزرجي کي به شهيد کيو ويو، جنهن "عَقَبَہ" واري ٽين بيعت ۾ بهرو ورتو هو ۽ مديني تي مقرر کيل ٻارهن نقيبن مان هڪ هو. (۲) ۽ رسول رحمت صلی الله علیه وسلم جن حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بِن عَوْف سان سندس ٻائيچارو ڪرايو هو.

حضرت خَارِجَہ بن زَيْد رضہ جي شهادت

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" جي موقعي تي اسلامي لشکر مان خَارِجَہ بن زَيْد بن اَبِي زُهير رضہ انصاري خَزْرِجي به شهيد ٿي ويو، جنهن کي سَعْد بن رَبِيْع رضہ سان گڏ ساڳيءَ قبر ۾ دفن ڪيو ويو، جيئن "اُحُد" جي سمورن شهيدن مان ٻن ٻن يا ٽن ٽن کي گڏي هڪ ئي قبر ۾ رکيو ويو هو. خارجہ بن زَيْد رضہ ۽ سَعْد بن رَبِيْع رضہ ٻاڻ ۾ سؤٽ هئا ۽ اَبِي زُهير سندن ڏاڏو هو.

خَارِجَہ بِن زَيْد رضہ "بيعت عقبہ" ۽ "غَزْوه بَدْر" ۾ به بهرو ورتو. هو حضرت ابوبکر صديق رضہ جو سهرو به هو، ڇو جو سندس نياڻي حَبِيْبَہ بِنت خَارِجہ رضہ، حضرت اَبُوبَكْر صِدِيْق جي نڪاح ۾ ڏنل هئي. (۳) حضرت صِدِيْق رضہ پنهنجي وفات وقت جڏهن سيده عَائِشَہ رضہ کي سندس ٻن ٻائرن ۽ ٻن ٻينرن جي باري ۾ وصيت فرمائي، تڏهن حضرت عَائِشَہ رضہ چيڻ لڳي، "مونکي ته فقط هڪ ٻيڻ "اسماء" آهي پوءِ ٻن جي لاءِ ڇو ٿا چئو؟"

حضرت اَبُوبَكْر رضہ وراڻيو، "حَبِيْبَہ بنت خَارِجہ کي اميدواري آهي ۽ منهنجو خيال آهي ته کيس نياڻي ڄمندي." پوءِ حضرت صِدِيْق رضہ جي وصال کانپوءِ کيس نياڻي ئي ڄائي، جنهن جو نالو ام کُلْثُوْم بِنت اَبُوبَكْر رضہ رکيو ويو (۴) ان واقعي کي حضرت اَبُوبَكْر رضہ جي ڪرامت سمجهيو ويندو آهي.

احد ۾ شهيد ٿيو هو، سندس "تعلق" "اوس" قبيلي سان هو. هن صحابي سڳوري جي نالي ۾ ٻڌ اختلاف آهي، مختلف راوين طرفان سندس مختلف نالا ٻڌايا ويا آهن، جيئن ته ثابت، عمرو، مالک ۽ عامر وغيره.

باقي "ابوحبہ" جي ڪنيت واري هڪ ٻئي صحابيءَ جو تعلق خزرج جي قبيلي سان ٻڌايو ويو آهي. سندس نالو زيد بن غزيہ بن عمرو هو ۽ هن صحابي سڳوري جنگ "يمامہ" ۾ شهادت ماڻي. والله اعلم.

(۱) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۳۴۷، الروض الانف "سَهيلي" ج ۳ ص ۱۹۷.

(۲) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۲۷۷، الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۲۷.

(۳) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۷۲، "الاصابہ" ابن حجر ج ۱ ص ۴۰۰.

(۴) هن بيبي صاحبہ جو نالو ڪن راوين حبيبہ بنت خارجہ بن زيد ڄاڻايو آهي، ته ڪن وري حبيبہ بنت زيد بن خارجہ خزرجيہ به ڄاڻايو آهي. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۴۲۲، الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۲۶۹.

Marfat.com

حضرت خَارِجَہ رضہ جو پٽ زَيْد بن خَارِجہ رضہ بہ پنهنجي پيءُ وانگر صحابي هو، جنهن لاءِ مشهور آهي تہ هن مرڻ کانپوءِ بہ ڳالهايو هو. هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ مرڻ کانپوءِ ڳالهائڻ وارو اَبُو خَارِجہ بن زَيْد رضہ هو، پر پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي. جنهن جي وضاحت ابن الاثير پنهنجي ڪتاب "اسد الغابہ" ۾ ڪئي آهي. (۱)

حضرت حَنْظَلَہ رضہ جي شهادت

* هن سال "غَزْوَہ اُحُد" ۾ مشهور صحابي حضرت حَنْظَلَہ بِن اَبِيْ عَامِر رضہ بہ شهيد ٿي ويو، جنهن کي "غَسِيْلُ الْمَلَائِكَة" يعني "فرشتن جو وهنجاريل" جي لقب سان ڇاتو وڃي ٿو. اهو انڪري جو جڏهن "غَزْوَہ اُحُد" لاءِ هلڻ جو وقت آيو، تڏهن حضرت حَنْظَلَہ رضہ پنهنجي گهرواريءَ سان ملاقات ڪري واندو مس ٿيو هو تہ رسول خدا ﷺ جن طرفان جهاد جو اعلان ٻڌندينئي ڪانئس تڙ لاهڻ بہ وسري ويو ۽ هو ميري مٽي سان ئي "غَزْوَہ اُحُد" لاءِ روانو ٿيو. پوءِ اتي ئي شهادت ماڻيائين. (۲) پر جيئن تہ شهيد کي غسل نہ ڏبو آهي، انڪري کيس غسل ڏيڻ لاءِ فرشتا نازل ٿيا ۽ انهن کيس غسل ڏنو.

---

(۱) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۲۲۷.

(۲) حضرت حنظلہ بن ابوعامر انصاري رضہ دشمن سان مقابلو ڪندي "احد" جي ميدان ۾ جڏهن اسود بن شداد هٿان شهيد ٿيو، تڏهن پياري نبي ﷺ جن فرمايو تہ، "حنظلہ کي ملائڪ وهنجاري رهيا آهن."

ابواُسيد ساعديءَ ڪان روايت آهي تہ، "اهو ٻڌي اسان حنظلہ رضہ جي لاش وٽ وياسون تہ سندس مٽي مان پاڻيءَ جا قَڙا ڳڙي رهيا هئا." اسان رسول انور ﷺ جن ڪان پڇا ڪئي تہ شهيدن کي تہ غسل نہ ڏبو آهي، پوءِ حضرت حنظلہ رضہ کي غسل ڇو ڏنو ويو؟ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: "اها حقيقت سندس گهر وارن وٽان معلوم ڪريو."

پوءِ اسان سندس گهر واري جميلہ بنت ابي سلول سان ملياسون، جيڪا منافقن جي مهندار عبدالله بن اُبي جي ڀيڻ هئي، پوءِ ان ٻڌايو تہ "اها سندن شاديءَ جي پهرين رات هئي ۽ جڏهن هو پنهنجو حق ادا ڪري ليئيو تہ سندس اک لڳي ويئي ۽ جڏهن سندس اک کلي تہ جهاد جو اعلان ڪيس ڪنن تي پيو ۽ پوءِ هو بي اختيار لبيڪ لبيڪ چوندو ميري مٽي سان وڃي اسلامي لشڪر ۾ شامل ٿيو."

سندس گهرواري اهو بہ ٻڌايو تہ هن پنهنجي ڪٽنب جي چئن ماڻهن کي اڳ ۾ ئي اها حقيقت ٻڌائي ڇڏي هئي. جنهن تي اسان ڪانئس پڇيو تہ اوهان ائين ڇو ڪيو؟ تڏهن ان بيبي صاحبہ وراڻيو تہ "اهو ان ڪري ڪرٽو پيو جو رات جو مون خواب لڏو تہ، آسمان مان هڪ دروازو کليو ۽ حضرت حنظلہ رضہ ان ۾ داخل ٿيو، پوءِ اهو دروازو بند ٿي ويو. منهنجي دل ۾ ان وقت ئي اهو خيال اچي ويڻو تہ هاڻي شايد منهنجو وَرَ واپس نہ ورندو. پر جي مون کي حمل ٿي پوي تہ منهنجي ڪٽنب وارا ان کان آگاهہ هجن." اڳتي رب پاڪ حضرت حنظلہ رضہ جي بيوه کي ٻچڙو عطا ڪيو، جيڪو عبدالله بن حنظلہ جي نالي سان مشهور ٿيو.

مٿئين واقعي مان اهو فقهي مسئلو پيدا ٿئي ٿو تہ آيا تڙ جي حالت ۾ شهادت ماڻيندڙ کي غسل ڏنو وڃي يا نہ؟

حضرت حنظلہ بن عامر رضہ بابت ان روايت کي حجت بڻائيندي ڪجهہ فقيهن اهڙي شهيد کي غسل ڏيڻ لازمي ٺهرايو آهي، جنهن کي تڙ جي حالت ۾ شهيد ڪيو وڃي.

امام ابوحنيفہ رحہ ۽ امام احمد بن حنبل رحہ جو قول آهي تہ جيئن ملائڪن حضرت حنظلہ رضہ کي غسل ڏنو هو، انڪري انهن ملائڪن جي پوئواري ڪندي اهڙي شهيد کي غسل ڏيڻ لازمي آهي، جڏهن تہ امام مالڪ، امام شافعي،

Marfat.com

* هن سال "غزوه احد" جي باري ۾ قرآن شريف جون ست آيتون نازل ٿيون. انهن آيتن ۾ "اُحد" واري ڏينهن مسلمانن سان پيش آيل واقعات جو ذڪر ۽ مشرڪن متان ڏمر جو اظهار آهي.

انهن آيتن جي شروعات وَاِذْ غَدَوْتَ مِنْ اَهْلِكَ تُبَوِّئُ الْمُؤْمِنِيْنَ مَقَاعِدَ لِلْقِتَالِ [1] کان ٿئي ٿي ۽ ست آيتن تي ان سلسلي جي پڄاڻي ٿئي ٿي. [2]

عَبْدُاللّٰه بن حَنْظَلَه رضہ جو ڄمڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" کان ڪجهه وقت پوءِ مديني شريف ۾ عَبْدُالله بن حَنْظَلَه بن اَبِي عَامِر اَنْصَارِي اَوْسي ڄائو. سندس پيءُ حضرت "حَنْظَلہ رضہ" "غَسِيْلُ الْمَلَائِكَة" هو. جيڪڏهن ڄمڻ واري سال کي ڇڏي ليکو ڪبو ته نبي آخر الزمان ﷺ جن جي وصال وقت حنظلہ رضہ جي پٽ عبدالله جي ڄمار ست سال ٿيندي. [3]

حضرت اُمِّ سَلِيْط رضہ جو اسلام آڻڻ

* هن ئي سال ام سَلِيْط بنتِ عُبَيْد بن زِيَاد اَنْصَارِيَہ مَازِنِيَّہ اسلام آندو ۽ بيعت ڪيائين. جنهن جي باري ۾ حضرت عُمر بن خَطَّاب رضہ فرمايو ته، "اُحُد واري ڏهاڙي هوءَ اسان کي پاڻيءَ جون مشڪون پري پهچائيندي هئي." [4]

بَنُوْ قَيْنُقَاع جي باري ۾ آيت

* هن سال "بنو قَيْنُقَاع" وارن جڏهن وعدي جي ڀڃڪڙي ڪئي ۽ نبي ڪريم ﷺ جن انهن جي خلاف جهاد جو ارادو ڪيو، تڏهن ان موقعي تي خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن متان هيءَ آيت نازل ڪئي. [5]

امام ابويوسف ۽ امام محمد ان دليل کي حجت تسليم نه ٿا ڪن. سندن خيال آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شخص متان غسل واجب آهي ته اهو فرشتن جي غسل ڏيارڻ سان ساقط نه ٿيندو. انڪري سندن خيال مطابق ڪنهن به شهيد کي غسل ڏيڻ واجب نه آهي. والله اعلم.

سيرة ابن اسحاق ص ۳۱۲. سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۷۹. حلية الاولياء "ابونَعيم" ج ۱ ص ۳۵۷، الروض الانف "سُهيلي" ج ۳ ص ۱۶۳/۱۶۴. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۲۱۳. "زاد المعاد" "ابن قيم" ج ۳ ص ۲۰۰. شرح علىٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۲ ص ۳۰.

(۱) سوره آل عمران آيت ۱۲۱ پاره ۴.

(۲) المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۳۲۹/۳۱۹. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۲۱۸. "سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۲۳۱. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۲۷۵/۲۷۴.

(۳) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۱۴۷. الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۳۰۰/۲۹۹. تاريخ طبري ج ۲ ص ۲۱۳.

(۴) صحيح بخاري ج ۳ ص ۲۵. اسد الغابہ ابن الاثير ج ۵ ص ۵۹۱/۵۹۰. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۴۶۰.

(۵) "المغازي" "واقدي" ج ۱ ص ۱۷۷. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۱۷۹. تاريخ طبري ج ۲ ص ۱۷۳، الطبقات الكبرىٰ ابن سعد ج ۲ ص ۲۹.

Marfat.com

وَاِمَّا تَخَافَنَّ مِنْ قَوْمٍ خِيَانَةً فَانْبِذْ اِلَيْهِمْ عَلٰى سَوَاءٍ اِنَّ اللهَ لَا يُحِبُّ الْخَآئِنِيْنَ. (١)

"جيڪڏهن اوهان کي ڪنهن قوم مان دغا جو انديشو هجي تہ اوهان سندن عهد انهن ڏانهن موٽايو تہ جيئن اوهان ۽ اهي برابر ٿيو، بيشڪ الله تعاليٰ دغابازن کي پسند نہ ڪندو آهي."

عُبَادَه بن صَامِت رضہ طرفان سفارش

* هن سال جڏهن عُبَادَه بن صَامِت يهودين جي قبيلي "بَنُوْ قَيْنُقَاع" جي باري ۾ سفارش ڪئي، تڏهن خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي. (٢)

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَاتَتَّخِذُوْا الْيَهُوْدَ وَالنَّصَارٰى اَوْلِيَآءَ .....
فَاِنَّ حِزْبَ اللهِ هُمُ الْغَالِبُوْنَ. (٣)

"اي ايمان وارو! يهودين ۽ نصارن کي دوست نہ بڻايو، اهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دوست آهن ..... بيشڪ الله جو ٽولو ئي غالب آهي."

بَنُوْ قَيْنُقَاع متعلق بي آيت جو نزول

* هن ئي سال يهوهي قبيلي "بَنُوْ قَيْنُقَاع" جي باري ۾ هڪ بي آيت بہ نازل ٿي، جنهن جو سبب اهو هو جو هي قبيلو مسلمانن سان ڪنهن بہ جنگ ڪرڻ کان اڳ پاڻ کي وڏو بهادر ۽ جنگي هنر جو ڄاڻو سمجهندو هو، انڪري هن قبيلي وارا چوندا هئا تہ "محمد ﷺ جن قريش تي انڪري سوپ حاصل ڪئي آهي، جو انهن کي جنگ بابت ڄاڻ نہ هئي، پر جيڪڏهن هو اسان سان منهن مقابل ٿي ڏسن تہ ڪڏهن بہ سويارا ٿي نہ سگهندا ۽ کين پتو پئجي ويندو تہ اسان ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهيون." انهن جي باري ۾ خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي. (٤)

قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَتُغْلَبُوْنَ وَتُحْشَرُوْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ وَ بِئْسَ الْمِهَادُ. (٥)

"چئو انهن ڪافرن کي تہ سگهو هيٺا ٿيندؤ ۽ گڏ ڪري دوزخ ڏانهن نيا ويندؤ، جو بيڙو ماڳ آهي."

---

(١) سوره الانفال آيت ٥٨ پاره ١٠.

(٢) سيرة ابن اسحاق ص ٢٩٥/٢٩٦، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ١٨٠. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ٤ ص ٥، دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ١٧٥.

(٣) سورة مائدة آيت ٥١ ـ ٥٦ پاره ٦.

(٤) سيرة ابن اسحاق ص ٢٩٤، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ١٧٩. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ٤ ص ٤.

(٥) سورة آل عمران آيت ١٢ پاره ٣.

Marfat.com

عَمْرو بن اُمَيَّہ رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" جي پوري ٿيڻ کانپوءِ عَمْرو بن اُمَيَّہ بن خُوَيلَد اَبُو اُمَيَّہ ضمري به اسلام قبول ڪيو. ان کان اڳ هو ڪافر هو ۽ ڪافرن جي لشڪر سان گڏ "اُحُد" ۾ مسلمانن جو مقابلو ڪيو هئائين. پر الله تعاليٰ کيس هدايت نصيب ڪئي ۽ هو مسلمان ٿيو. اسلامي لشڪر ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ هن پهربون پيرو "سَرِيَّہ بِئْرِ مَعُوْنَہ" ۾ بهرو ورتو، جتي الله تعاليٰ کيس دشمن هٿان بچائي ورتو. (۱)

اُصَيْرَم رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" وارن ڏينهن ۾ عمرو بن وقش انصاريءَ به اسلام قبول ڪيو، جنهن کي "اصيرم" جي نالي پڻيان ڄاتو وڃي ٿو.

مسلمان ٿيندي ئي هن "غزوه اُحُد" ۾ اسلامي لشڪر سان گڏ بهرو ورتو ۽ اتي ئي شهادت ماڻيائين. خدا تعاليٰ آڏو سجدي ڪرڻ جو ڪيس موقعو ئي نه ملي سگهيو، پوءِ به رسول خدا ﷺ جن طرفان ٻڌايو ويو ته "هو جنتي آهي." (۲)

هڪ منافق جو ذڪر

هن سال غزوه احد جي موقعي تي منافق به مسلمانن سان گڏجي هليا ۽ لڙائيءَ وقت منجهانئن هڪ منافق جنهن جو نالو مُعَتَّبْ بن قُشَيْر ٻڌايو ويو آهي چوڻ لڳو ته "جيڪڏهن اهڙي خبر هجي ها ته اسين هن هنڌ پهچي مفت نه مرون ها."

هن موقعي تي خدا تعاليٰ سندس باري ۾ هي آيت نازل فرمائي:

يَقُوْلُوْنَ لَوْ كَانَ لَنَا مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ مَّا قُتِلْنَا هٰهُنَا. (۳)

(چوندا آهن ته جي اسان جي وس ۾ ڪجهه هجي ها ته هت نه قتل ٿيون ها.)

حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رضہ جو زخمي ٿيڻ

* هن سال "غزوه اُحُد" ۾ حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رضہ کي ايڪيهه زخم رسيا. سندس پير ۾ اهڙو ته ڏڪ لڳو، جو هو منڊڪائي پئي هليو ۽ سندس اڳيان ڏند پڻ شهيد ٿي ويا. (۴)

عَبْدُالله بن زَيْد رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال "غَزْوَه اُحُد" کان اڳ عَبْدُالله بن زَيْد بن عَاصِم اَنْصَاري خَزْرجي مازني به اسلام قبول

(۱) الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۵۲۴، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۳۶۵.

(۲) سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۹۵، سيرة ابن ڪثير ج ۳ ص ۱۲، زاد المعاد ابن قيم ج ۳ ص ۲۰۱، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱۰۰۱، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص۲۱۲

(۳) سوره آل عمران آيت ۱۵۴ پاره ۴.

(۴) سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۸۸، زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۱۸۸، الدرر "ابن عبدالبر" ص ۱۵۰.

Marfat.com

کيو ۽ ان کانپوءِ "اُحد" ۽ ٻين غزوات ۾ بهرو ورتائين.

هن صحابي سڳوري کان نبي آخر الزمان ﷺ جن جي وضو ڪرڻ جو طريقو روايت ٿيل آهي. (۱)

هن کان اڳ سن يارهين نبويءَ جي واقعات ۾ اهڙي ئي نالي واري هڪ ٻئي صحابيءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن کي خواب ۾ اذان جو طريقو ٻڌايو ويو هو، ان جو نالو هن ريت آهي، عبدالله بن زَيْد بن عَبْد ربہ اَنْصَارِي، خزرجي حارثي. ان صحابيءَ عَقَبَہ جي ٽين بيعت وقت اسلام قبول ڪيو هو.

سهل بن ابي حثمہ رضہ جو ڄمڻ

* هن سال سهل بن ابي حثمہ انصاري اوسي ڄائو.

نبي سونهاري ﷺ جن جي وصال وقت هن جي عمر اٺ ورهيہ هئي. (۲)

عَامِر بن وَاثِلَہ رضہ جو ڄمڻ

* هن سال اَبُوطُفَيْل عَامِر بن وَاثِلَہ بن عَبْدُالله ڪِنَاني لَيْثِي ڄائو. "علامہ ابن الاثير" پنهنجي ڪتاب "اسد الغابہ" ۾ ڄاڻايو آهي تہ، "اَبُوطُفَيْل پاڻ سڳورن ﷺ جن جي وصال تائين اٺن ورهين جو ٿي چڪو هو." ان ڳالهہ تي سيني محدثن جو اتفاق آهي تہ هن زمين تي موجود صحابي سڳورن مان ابوطفيل جو وصال سڀ کانپوءِ مڪي شريف ۾ ٿيو آهي. ان وقت سندس ڄمار هڪ سؤ ڏهہ ورهيہ هئي. (۳) ڇيو وڃي ٿو تہ حضرت امام اَبُوحَنِيْفَہ كُوْفِيْ رضہ حج جي موقعي تي مڪي ۾ هن صحابيءَ سان ملاقات ڪئي هئي.

مڪي جي ڪافرن جي گڏجاڻي

* هن سال "غزوہ احد" کان اڳ مڪي ۾ قريش قبيلي جي ڪافرن "دارالندوہ" ۾ گڏجاڻي ڪئي، جتي "غزوہ احد" ۾ مقابلي ڪرڻ جو گڏيل فيصلو ڪيائون ۽ ان ڪم لاءِ نهايت گهٽو مال بہ ڪنو ڪيائون. خدا تعاليٰ طرفان سندن باري ۾ هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي. (۴)

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ لِيَصُدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللهِ فَسَيُنْفِقُوْنَهَا ثُمَّ تَكُوْنُ عَلَيْهِمْ حَسْرَةً ثُمَّ يُغْلَبُوْنَ. (۵)

---

(۱) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۱۶۷/۱۶۸، الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۳۱۲/۳۱۳.

(۲) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۳۶۳، الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۸۶.

(۳) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۹۶/۹۷، الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۱۱۳.

(۴) سيرة ابن اسحاق ص ۳۰۱، سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۶۴/۶۵. المغازي واقدي ج ۱ ص ۲۰۰. طبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۳۷، البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۴ ص ۱۱. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۱۸۲، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۲ ص ۲۱.

(۵) سورہ "الانفال" آيت ۳۶ پارہ ۱۰.

Marfat.com

بيشڪ جيڪي ڪافر آهن، اهي پنهنجو مال خرچ ڪن ٿا ان لاءِ ته ماڻهن کي الله جي رستي کان روڪن، پوءِ اهي خرچ ڪندا رهندا بعد ۾ ان تي ارمان ڪندا."

حضرت يَمَان رضہ جي شهادت جو واقعو

* هن سال "غزوه احد" ۾ صحابي سڳورن مان هڪ شخص حضرت يَمَان رضہ جيڪو "حُذَيْفَہ" رضہ جو پيءُ هو، پُل ۾ مسلمانن هٿان مارجي ويو. ڇو جو ان وقت پنهي ڌرين جي وچ ۾ ڇتي ويڙهه هلي رهي هئي، مسلمانن حضرت يَمَان رضہ کي دشمن جي لشکر جو ماڻهو سمجهي مٿس وارو ڪيو. حضرت حذيفہ رضہ منهنجو پيءُ، منهنجو پيءُ چوندو رهيو پر مٿس وار ٿي ڇڪو هو. حضرت حذيفہ رضہ جنهن پنهنجي اکين اڏو پنهنجي پيءُ کي شهيد ٿيندي ڏٺو تڏهن حملي ڪندڙ کي هن ريت چيائين:

يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ وَهُوَ اَرْحَمُ الرَّاحِمِيْنَ.

(الله تنهنجي بخشش ڪري جيڪو سڀ کان وڌ رحم وارو آهي.) ان ڪانپوءِ هو پنهنجي پيءُ جي ڪفن دفن ۾ لڳي ويو. (۱)

اُحُد جي شهيدن جي نماز

* هن سال رسول رحمت ﷺ جن "اُحد" جي شهيدن مان پهريان حضرت حمزه رضہ جي جنازي نماز پڙهائي. ان ڪانپوءِ بين سڀني شهيدن جي. هر شهيد کي آڻي حضرت حَمْزَہ رضہ جي پاسي ۾ پئي رکيائون. ان ڪانپوءِ ان جي نماز پئي پڙهي ويئي. اهڙيءَ ريت حضرت حَمْزَہ رضہ مٿان ستر دفعا نماز پڙهي ويئي (۲) ان جو مطلب اهو نہ آهي ته حضرت حمزه رضہ جي نماز ستر دفعا پڙهي ويئي. هر شهيد جي نماز هوندي ته هڪ دفعو ئي پڙهي ويئي پر جيئن ته حضرت حَمْزَہ رضہ جو جنازو ساڳيءَ جاءِ تي رهيو جنهن جي پر ۾ ٻيا جنازا، نماز لاءِ پئي آندا ويا انڪري هر نماز ۾ حضرت حمزه رضہ جو لاش موجود هو. ان روايت جي بنياد تي حنفين وٽ شهيد جي نماز پڙهي ويندي آهي. (۳)

---

(۱) حضرت يمان جو نالو حسيل بن جبير ٻڌايو ويو آهي. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۱۳۱. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۲۱۸، سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۹۲/۹۳. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۲۱۱.

(۲) سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۱۰۲، المغازي واقدي ج ۱ ص ۳۰۹/۳۱۰.الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۴۴.

(۳)الروض الانف ۾ "علامہ سُهيلي" بيان ڪيو آهي ته "مٿين روايت امام اوزاعي توڙي حجاز جي ٻين فقيهن وٽ قابل قبول نہ آهي، جنهن جا ٻہ سبب آهن، پهريون ته هن روايت جي سَنَد ضعيف آهي ٻيو عمل جي لحاظ کان ٻہ اها ڳالهہ صحيح نظر نٿي اچي، ڇو جو سواءِ هن روايت جي ڪنهن ٻہ لڙائيءَ جي شهيدن جي نماز پڙهائڻ وارو عمل پاڻ ڪريم ﷺ جن کان ثابت نہ آهي."

صحيح بخاريءَ ۾ حضرت جابر بن عبدالله رضہ کان جيڪا روايت نقل ڪئي ويئي آهي، ان ۾ صاف ٻڌايو ويو آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو، "شهيدن جو رت ٻہ صفا نہ ڪيو وڃي ۽ کين ان حالت ۾ ئي دفن ڪيو وڃي. انهن لاءِ نہ غسل جي ضرورت آهي ۽ نہ نماز جي." محدثن وٽ ان روايت جي سَنَد کي صحيح شمار ڪيو وڃي ٿو. "حافظ ابن ڪثير" ٻہ نماز نہ پڙهڻ واري روايت جي تائيد ڪئي آهي.

ٻئي طرف وري حنفي توڙي ڪيترن غير حجازي فقيهن وٽ شهيد جي نماز کي جائز سڏيو وڃي ٿو. سندن خيال

Marfat.com

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن "غزوه احد" جي شهيدن جي جنازي نماز نه پڙهائي هئي.

ان روايت جي بنياد تي شافعين وٽ شهيد جي جنازي نماز نه پڙهي ويندي آهي.

مَالِک بن سِنَان رضہ جي شهادت ۽ دفن جو واقعو

* هن سال "غزوه اُحُد" ۾ مَالِک بن سِنَان رضہ به شهيد ٿي ويو، جيڪو حضرت اَبُوسَعِيْد خُدري رضہ جو پيءُ هو. (۱)

شهادت کانپوءِ سندس ساٿي لاش کي "جنت البقيع" ۾ دفنائڻ لاءِ اتان کٽي مديني روانا ٿيا، پر اڃان مديني ۾ داخل ئي مس ٿيا ته کين خبر پهتي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن حڪم ڏنو آهي ته جيڪو ماڻهو جتي شهيد ٿئي انکي اتي ئي دفن ڪجي ۽ لاش ٻئي هنڌ نه نيو وڃي.

پوءِ جنهن جاءِ تي اها خبر پهتي، صحابين اتي ئي جنازي نماز پڙهي لاش کي دفنائي ڇڏيو. اڄ سوڏو ان جاءِ تي سندس قبر موجود آهي، جنهن جي مٿان بعد ۾ قبو جوڙايو ويو، جتي ماڻهو زيارت ۽ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا آهن. الحمدلله مون به ۱۱۳۶ هجريءَ ڏاري ان جي زيارت ڪئي.

اَبُوسُفْيَان سان سوال جواب

* هن سال "غزوه اُحُد" ۾ اَبُوْسُفْيَان بن حَرْب نبي اڪرم ﷺ جن ڏانهن منهن ڪري سوال پڇيو: ڇا اوهان ۾ محمد (ﷺ) موجود آهي؟

اهو ٻڌي پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته، "ڪيس جواب نه ڏنو وڃي." ان تي ڪنهن نه ڪڇيو.

ان کانپوءِ وري حضرت ابوبڪر (رضہ) لاءِ پڇا ڪيائين، "ڇا اوهان ۾ اَبُوْقُحَافَہ جو پٽ موجود آهي؟" تڏهن به سڀ مان رهيا.

وري حضرت عُمر رضہ جي باري ۾ پڇا ڪيائين، "ڇا اوهان ۾ عُمر بن خَطَّاب (رضہ) موجود آهي؟" ان تي به سڀ مان رهيا.

ان کانپوءِ هو چوڻ لڳو، "اهي ڪل قتل ٿي چڪا آهن، جيڪڏهن منجهانئن ڪوبه جيئرو هجي ها ته جواب ملي ها."

اهو ٻڌي حضرت عُمر رضہ کان صبر ٿي نه سگهيو ۽ ڪيس جواب ڏنائين: "اي الله جا دشمن! تون

مطابق نبي ڪريم ﷺ جن طرفان "احد" جي شهيدن جي نماز پڙهائي ويئي هئي. حافظ علاؤالدين مغلطائي پنهنجي سيرت جي ڪتاب ۾ ان ڳالهہ جي نه صرف تائيد ڪئي آهي پر ان تي امت جو اجماع به ثابت ڪيو آهي.

صحيح بخاري ـ ڪتاب الجنائز ج ۱ ص ۲۳۲. "البدايہ والنهايہ" ـ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۴۱. روض الانف ـ "سُهيلي" ج ۳ ص ۱۷۸/۱۷۹. دلائل النبوه ـ "بيهقي" ج ۳ ص ۲۸۷/۲۸۸. سيرة مغلطائي ص ۵۰. سبل الهدىٰ والرشاد ـ "شامي" ج ۴ ص ۲۲۵/۲۲۶.

(۱) ابن هشام جي روايت مطابق ابوسعيد خُدريءَ جي پيءُ جو نالو "سنان" يا وري "سعد" هو. جنهن کي غراب بن سفيان پَل ۾ شهيد ڪيو.

سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۱۳۲، المغازي واقدي ج ۱ ص ۳۰۲.

Marfat.com

ڪوڙ ٿو چئين! تحقيق الله عز و جل اسانکي صحيح سلامت رکيو آهي تنهنجي مارڻ لاءِ."

اهو ٻڌي اَبُوسُفْيَان پنهنجي بُت (جنهن تي سندس ايمان هو) جي ساراه ۾ نعرو هنيو، "هبل زنده باد"، "هبل زنده باد."

سرور ڪائنات ﷺ جن فرمايو، "ڪيس جواب ڏيو." ان تي (صحابين) پڇيو: "ڪهڙو جواب ڏيون؟"

فرمايائون: ڪيس چئو، "الله سڀ کان مٿانهون ۽ سڀ کان وڏو آهي." اهو ٻڌي ابوسفيان چوڻ لڳو، "اسان وٽ عزيٰ به آهي ۽ اوهان وٽ ڪو عزيٰ ڪونهي."

رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو، "ڪيس جواب ڏيو." صحابين پڇيو: "سائين ڪهڙو جواب ڏيون."؟ نبي سائين ﷺ جن فرمايو، ڪيس چئو: "الله اسان جو مولا ۽ مالڪ آهي، جڏهن ته تنهنجو ڪوبه مولىٰ ڪونهي." (۱)

مختلف آيتن جو نزول

* هن سال "غزوه احد" کان رسول خدا ﷺ جن جڏهن واندڪائي حاصل ڪئي، تڏهن الله تعاليٰ طرفان "اُحد" جي شهيدن جي شان ۾ هيءَ آيت نازل ٿي:

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ رِجَالٌ صَدَقُوْا مَا عَاهَدُوْا اللهَ عَلَيْهِ فَمِنْهُمْ مَّنْ قَضٰى نَحْبَهٗ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْتَظِرُ. (۲)

"ايمان وارن مان ڪجهه مردن سچو ڪري ڏيکاريو جيڪو الله سان عهد ڪيائون. منجهانئن ڪي ته اهڙا آهن، جن پنهنجو ذمو پورو ڪيو ۽ ڪي انتظار ۾ آهن."

* هن ئي سال "غزوه احد" ڪانپوءِ الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت پڻ نازل ڪئي ويئي.

وَلَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللهِ اَمْوَاتًا بَلْ اَحْيَآءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ، فَرِحِيْنَ بِمَآ اٰتَاهُمُ اللهُ مِنْ فَضْلِهٖ. (۳)

"۽ نه سمجهو انهن کي مئل جن کي رب جي راهه ۾ ماريو ويو، پر اهي جيئرا آهن، پنهنجي رب وٽ کين رزق به ملي ٿو ۽ خوش آهن ان تي جيڪو الله کين ڏنو آهي پنهنجي فضل سان."

* هن سال "غزوه احد" جي پڇاڻي ڪانپوءِ رسول الله ﷺ جن جا صحابي سڳورا ان ڳالهه تي

---

(۱) ڪجهه راوين جو خيال آهي ته هي واقعو غزوه بدر جي موقعي تي پيش آيو. پر "اُحد" واري روايت وڌيڪ صحيح آهي.

صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ۳ ص ۲۰. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۲۲۹/۲۳۰، البدايه والنهايه - ابن ڪثير ج ۴ ص ۲۷، الطبقات الڪبريٰ - "ابن سعد" ج ۲ ص ۴۷/۴۸، شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ۲ ص ۴۸.

(۲) سوره احزاب آيت ۲۳ پاره ۲۱.

(۳) سورة آل عمران آيت ۱۶۹، ۱۷۰ پاره ۴.

Marfat.com

ڏاڍو غمگين رهيا تہ هن "غزوه" ۾ سندن ستر ساٿي ۽ شهيد ٿي ويا ۽ هو پاڻ ۽ پنتي پنجي ويا. هو اهو سوال پاڻ کان پڇندا رهيا تہ ائين ڇو ٿيو ۽ ڇا لاءِ ٿيو؟ ڇو اسان جا ماڻهو ۽ مارجي ويا ۽ پاڻ ۽ مات کاڌي سون. ان موقعي تي رب پاڪ طرفان کين آڇت ڏيڻ لاءِ هيءَ خوشخبري ٻڌائي وينِي:

اَوَلَمَّآ اَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةٌ قَدْ اَصَبْتُمْ مِّثْلَيْهَا قُلْتُمْ اَنّٰى هٰذَا. (۱)

"ڇا جڏهن اوهان کي کا مصيبت پهچي، جو ان کان ٻيٽي اوهان پهچائي چڪا آهيو تہ پوءِ چوڻ لڳو ٿا تہ هيءَ ڪٿان آئي؟"

* هن سال جڏهن سرورِ عالم ﷺ جن غزوه احد جي ٻئي ڏينهن تي وري "غَزْوَه حَمْرَآءُ الْاَسَد" لاءِ تيار ٿيا، تڏهن ڪافرن کي اهو گمان ٿيو تہ "اُحُد" جي ميدان ۾ جيئن تہ مسلمان وڏي آزمائش مان لنگهيا آهن، جنهن ۾ سندن ڪافي ماڻهو ۽ قتل ٿيا آهن، انڪري هن دفعي هو رسول خدا ﷺ جن سان گڏ جنگ لاءِ مشڪل تيار ٿيندا.

هوڏانهن وري نبي اڪرم ﷺ جن جڏهن "غزوه حمراء الاسد" لاءِ تيار ٿي، صحابين کي هلڻ جو سڏ ڏنو، تڏهن هو سڏ ٻڌندي ئي جنگ لاءِ نڪري پيا. رب تعاليٰ انهن جي شان ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي، جنهن ۾ سندن ساراه ڪئي وينِي آهي. (۲)

اَلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ مِنْ بَعْدِ مَآ اَصَابَهُمُ الْقَرْحُ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا مِنْهُمْ وَاتَّقَوْا اَجْرٌ عَظِيْمٌ. (۳)

"جن زخم سهڻ کانپوءِ ۽ الله ۽ رسول جي سڏ تي لبيڪ چيو، انهن مان جيڪي ماڻهو نيڪ عمل ڪندڙ آهن ۽ متقي آهن انهن لاءِ تہ تمام وڏو اجر آهي."

* هن سال جڏهن رسول ڪريم ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن سان "غزوه حمراء الاسد" لاءِ وڃڻ جا سانباها ڪري رهيا هئا، تڏهن ڪافرن، نعيم بن مسعود اشجعي نالي هڪ شخص کي صحابين ڏانهن اماڻيو تہ هو وڃي کين وري جنگ لاءِ نڪرڻ کان ڊيڄاري ۽ کين ٻڌائي تہ ڪافرن اوهان جي مقابلي ۾ وڏي تياري ڪئي آهي، انڪري ائين نہ ٿئي تہ وري اوهان جو حال اهڙو ئي ٿئي جهڙو هن کان اڳ "اُحد" ۾ ٿيو هو.

ان ڪانپوءِ جڏهن "نعيم" وٽن پهتو ۽ کين ڊيڄارڻ شروع ڪيائين، تڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن جي ساٿين ڪيس جواب ۾ چيو، "حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ" (۴) يعني الله اسان لاءِ ڪافي آهي ۽ اهوئي بهترين ڪارساز آهي.

---

(۱) سورة آل عمران آيت ۱۶۵ پاره ۴.

(۲) دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۳۱۲؛ الطبقات الڪبريٰ ابن سعد ج ۲ ص ۴۸. سبل الهدىٰ والرشاد في سيرة خير العباد ج ۴ ص ۴۳۸.

(۳) آل عمران آيت ۱۷۲ پاره ۴.

(۴) آل عمران آيت ۱۷۳ سوره ۳ پاره ۴.

Marfat.com

الله تعاليٰ صحابين جي جذبي کي ساراهيندي سندن شان ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي:

اَلَّذِيْنَ قَالَ لَهُمُ النَّاسُ، اِنَّ النَّاسَ قَدْ جَمَعُوْا لَكُمْ فَاخْشَوْهُمْ فَزَادَهُمْ اِيْمَانًا وَّقَالُوْا حَسْبُنَا اللهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ، فَانْقَلَبُوْا بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللهِ وَفَضْلٍ لَّمْ يَمْسَسْهُمْ سُوْءٌ. (١)

"اهي جن کي ماڻهن ٻڌايو ته، اهي ماڻهو گڏ ٿيا آهن اوهان جي (مقابلي) لاءِ، پوءِ اوهان کانئن ڀؤ کيو. پوءِ وڌايو (ان ڳالهه) سندن ايمان کي ۽ چيائون الله اسان لاءِ کافي آهي ۽ اهوئي بهترين کارساز آهي ۽ پوءِ هو واپس ٿيا الله جي طرف ڏنل نعمت ۽ فضل سان ۽ کين کابه برائي نه رسي."

هڪ بي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مٿيون آيتون "غَزْوَه بَدْر مَوْعِد" کان اڳواٽ نازل ٿيون. اهو قصو هن ريت آهي ته نعيم بن مسعود اشجعي کي "اَبُوسُفْيَان بن حرب" رسول خدا ﷺ جن ۽ سندن صحابي سڳورن ڏانهن اماڻيو ته جيئن هو اتي وڃي کافرن جي لشکر جي گهٽائيءَ بابت احوال ٻڌائي مسلمانن کي ڊيڄاري سگهي، پوءِ نعيم جڏهن ائين کيو، تڏهن هن موقعي تي کيس مٿيون جواب مليو ۽ پوءِ هي آيتون نازل ٿيون. (٢)

بن کافرن جو قتل

* هن سال "غَزْوَه حَمْرَاءُ الْاَسَد" دوران صحابي سڳورن بن کافرن کي قيد کيو، انهن مان هڪڙو معاويه بن مغيره بن اميه (٣) ۽ پيو ابوعزه نالي هڪ شاعر هو. ان کانپوءِ خدا جي رسول ﷺ جن ٻنهي جي قتل جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ انهن ٻنهي کي قتل کيو ويو. (٤) "ابوعزه" غزوه بدر جي موقعي تي قيد ٿي آيو هو ۽ رسول خدا ﷺ جن ان موقعي تي کيس ان شرط تي آزاد کيو هو ته هو ٻيهر وري کافرن جي مدد نه کندو. پر هو پنهنجي کيل قول تان ڦري ويو، جنهن ڪري کيس قتل کيو ويو. ان جو تفصيل اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

---

(١) سوره آل عمران آيت ١٧٣/١٧٤ پاره ٤.

(٢) "المغازي" واقدي ج ١ ص ٣٨٥.

(٣) هي عبدالملک بن مروان جو ڏاڏو هو ۽ سندس ماءُ جو نالو عائشه بنت معاويه هو.

سيرة ابن هشام ج ٣ ص ١١٠. سيرة ابن کثير ج ٣ ص ١٠٢. تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ١ ص ٤٤٩.

Marfat.com

فصل چوٿون

هن فصل ۾ اهي واقعات بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي هجرت جي چوٿين سال پيش آيا.

"سوره حشر" جي ڪجهه آيتن جو نزول

* هن سال جڏهن "غزوه بني نَضِيْر" جو واقعو پيش آيو، تہ انهن ئي ڏينهن ۾ رب تعاليٰ طرفان ان باري ۾ سوره "حشر" جون ڪيتريون آيتون نازل ڪيون ويون. (۱) اهي آيتون هن سورة جي شروعات کان وٺي ويندي، اَنَّهُمَا فِى النَّارِ خَالِدَيْنِ فِيْهَا وَذَالِكَ جَزَاءُ الظّٰلِمِيْنَ" تائين پڌاريون ويون آهن.

* هن ئي سال ساڳئي غزوه جي موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن طرفان مسلمانن کي جڏهن "بَنُو نَضِيْر" وارن جي ڪجين کي ساڻن جو حڪم ڏنو ويو، (۲) تڏهن خدا تعاليٰ طرفان هيٺين آيت نازل ڪئي ويئي:

---

(۱) "سوره حشر" جي ڪل آيتن جو تعداد چوويهه آهي، جن مان مٿين روايت مطابق پهريون سترهن آيتون هن موقعي تي نازل ٿيون، جڏهن تہ ڪن روايتن ۾ اهو به پڌايو ويو آهي تہ هيءَ سموري سورة هن ئي موقعي تي نازل ٿي.

صحيحين ۾ حضرت عبدالله ابن عباس رضہ جي هڪ روايت نقل ڪئي ويئي آهي، جنهن مان پروڙ پوي ٿي تہ هيءَ سورة "غزوه بني نضير" جي موقعي تي ئي نازل ٿي. نہ صرف ايترو پر حضرت ابن عباس رضہ هڪ ٻي روايت ۾ پڌايو تہ "سورة حشر" کي "سورة نضير" جي نالي سان به سڏيو ويندو هو هن روايت جو راوي به سعيد بن جبير آهي.

صحيح بخاري ج ۳ ص ۱۵، صحيح مسلم ج ۸ ص ۲۴۵. سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۲۰۲، البدايہ والنهايہ ـ ابن ڪثير ج ۴ ص ۷۸.

(۲) بنو نضير يهودين جو هڪ معزز، معروف ۽ خوشحال قبيلو شمار ٿيندو هو ۽ هو پاڻ کي حضرت هارون عليه السلام جي اولاد مان سڏائيندا هئا. هن خاندان ۾ تورات جا وڏا وڏا عالم ٿي گذريا آهن، جن کي پنهنجي آسماني ڪتاب ۾ ان آخري نبي عليه الصلوٰة والسلام جن بابت سموريون خبرون ملي چڪيون هيون. جهڙوڪ سندن بعثت، هجرت، سڪونت وغيره.

ان ڪري هو سندس اچڻ جو ورهين کان انتظار ڪندا پئي آيا. هڪ روايت مطابق تہ بنو نضير وارا شام کان لڏي ان ڪري ئي يثرب پهتا هئا تہ جيئن کين ان هستيءَ جي قربت جو شرف حاصل ٿي سگهي، پر جڏهن اهو سچو نبي ﷺ مديني ۾ پهتو تہ هو بجاءِ حقيقت کي تسليم ڪرڻ جي ان جي مخالفت ڪرڻ لڳا، ڇو تہ اها ڳالهہ سندن ننڍ کي نہ آئڙي تہ اهو نبي ﷺ سندن نسل بنو اسحاق جي بدران بنو اسماعيل ۾ پيدا ٿيو هو.

بنو نضير وارا پيشي جي لحاظ کان تاجر بہ هئا تہ زميندار بہ. هو شام کان اناج آڻي عرب ۾ وڪڻندا هئا ۽ هتان وري پنهنجي علاقي جون کارڪون ۽ ڇوهارا ڪٽي وڃي انهن ملڪن ۾ ڪپائيندا هئا. هتن جون زمينون ۽ باغ جنهن ڳوٺ ۾ هئا ان جو نالو "بويره" پڌايو ويو آهي. "ياقوت" جي بقول "بويره" لفظ "بئر" جي تصغير آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي ننڍڙو کوه ۽ اهو کوه اتي موجود هو جنهن جو پاڻي هن وسنديءَ جا رهاڪو واپرائيندا هئا.

هجرت کانپوءِ يثرب ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن جيڪي اهم ڪم سرانجام ڏنا انهن ۾ اهم ترين ڪم "ميثاق

Marfat.com

مدينہ" هو. جيڪو بيشڪ دنيا جو پهريون تحريري دستور آهي. اهو دستور برطانيہ جي مشهور دستور Magna Carta کان اڻڪل ڇهہ صديون اڳ وجود ۾ آيو هو ۽ ان جي تياريءَ ۾ مفڪرن، قانوندانن ۽ سياستدانن جي جماعتن هڪ ڏکهي عرصي تائين مغز ماري نہ ڪئي هئي پر ان جو تيار ڪندڙ هڪ اهڙو امي نبي ﷺ هو، جنهن جي پالنا ۽ پرورش عرب جي ريگستانن ۾ ٿي هئي. اهو دستور اڄ بہ پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ موجود آهي. جنهن ۾ مهاجر، انصار ۽ يهودين جي حقن بابت تحفظ جي ضمانت ڏني ويئي هئي. هن دستور پهريون ڀيرو انسان ذات کي اخوت، مساوات، امن ۽ مذهبي رواداريءَ کان و ڪيو. اهڙيءَ ريت "مدينة النبي" ﷺ اندر سمورا طبقا پنهنجي پنهنجي انداز ۾ آزاديءَ سان زندگي گذارينڊا رهيا.

وقت گذرڻ سان گڏ جيئن مسلمانن جي برتري قائم ٿيندي ويئي تيئن يهودين جي دل ۾ انهن لاءِ حسد ۽ ڪينو وڌندو رهيو، جيتوڻيڪ بظاهر هنن "ميثاق مدينہ" کان الڳ ٿيڻ جو ڪو باقاعده اعلان تہ نہ ڪيو پر هو اندر ئي اندر مديني جي منافقن ۽ مڪي جي مشرڪن سان گڏجي اهڙيون سازشون پئي سڏيندا رهيا، جيڪي مسلمانن جي مفاد جي خلاف هيون پر رحمت للعالمين ﷺ جن سندن اهڙين حرڪتن کي درگذر ڪندا رهيا.

ابن اسحاق جي روايت مطابق سن چوٽين هجريءَ دوران حضرت عمرو بن اميہ ضمريءَ هٿان پل ۾ بنو عامر وارن جا ٻہ ماڻهو مري پيا. پاڻ ڪريمن ﷺ مسلمانن جي ڏوهہ کي تسليم ڪندي بنو عامر وارن کي چٽي پري ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. معاهدي جي تحت بنو نضير وارن کي بہ ان چٽيءَ ۾ حصو ڏيڻو هو. چنڇر جي ڏينهن تي ان ڪم لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪجهہ صحابي سڳورن سان گڏجي گهر کان نڪتا ۽ مسجد قبا ۾ نماز ادا ڪري پوءِ بنو نضير وارن جي ڳوٺ پهتا ۽ انهن کي احوال کان آگاهہ ڪيائون. بظاهر هنن پنهنجي حصي ادا ڪرڻ تي راضپو ڏيکاريو ۽ پوءِ اتان اٿي ويا.

سرور عالم ﷺ جن سندن انتظار ۾ پٺ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيا. يهودين اندر وڃي اها سازش سٽي تہ ڇو نہ نبي انور ﷺ جن مٿان ان پٿ تان هڪ ڇپ ڦٽي ڪجي تہ جيئن (معاذ الله) هميشہ لاءِ اهو قصو ختم ٿي وڃي. ان ڪم لاءِ هنن عمرو بن جحاش نالي هڪ يهودیءَ کي تيار ڪيو. ان موقعي تي يهودين کي سندن هڪ اڪابر سلام بن مشڪم ائين ڪرڻ کان روڪيو، ڇو جو هو ڄاڻي ٻيو تہ هي خدا جو سچو نبي ﷺ آهي، انڪري الله ڪيس دشمن جي ان بڇڙي ارادي کان ضرور آگاهہ ڪندو ۽ ٻيو اها "ميثاق مدينہ" جي بہ ڪليل ڀڃڪڙي آهي. پر هنن ابن مشڪم جي هڪ بہ نہ ٻڌي. آخرڪار اوڏي مهل ئي پاڻ سڳورا ﷺ جن بنا ڪجهہ ٻڌائڻ جي اتان ائين اٿيا جيئن ڪنهن کي ڪو وسريل ڪم ياد اچي ۽ پوءِ ٻاهر نڪري گهر جو دڳ ورتائون. ڪجهہ دير ڪانپوءِ ٻيا صحابي بہ اٿي سندن ڪيڏ لڳا. هاڻي رسول خدا ﷺ جن بنو نضير وارن جي نيت کان آگاهہ ٿي ويا تہ پوءِ هميشہ لاءِ ڪائنڪ جان ڇڏائڻ جو ارادو ڪيائون. ان ڏس ۾ محمد بن مسلمہ هٿان انهن ڏانهن پيغام موڪليائون تہ "هو ڏهن ڏينهن جي اندر مدينو خالي ڪري وڃن نہ تہ ان ڪانپوءِ انهن منجهان جيڪو جتي مليو ان جو ڪم اتي پورو ڪبو."

ابن مسلمہ جي واتان اهڙو احوال ٻڌي قبيلي جي سرواڻ حُيَيّ بن اخطب جا تہ ٽپ ئي ٽري ويا. ان وچ ۾ منافقن جي مهندار عبدالله بن ابي بن سلول پنهنجا ٻہ نمائنده حي بن اخطب ڏانهن موڪليا. جن اچي ٻڌايو تہ "اوهان مدينو نہ ڇڏيو ۽ آءٌ ٻن هزار ماڻهن سان گڏ اوهان جو مددگار هوندس. ان سان گڏ بنو قريظہ ۽ بنو غطفان وارا بہ اوهان جو ساٿ ڏيندا." اڳتي هلي ثابت ٿيو تہ اهي سڀ زباني ڳالهيون هيون عملي مدد لاءِ ڪوبہ اڳتي نہ آيو.

ابن هشام مطابق جڏهن ڏهہ ڏينهن پورا ٿيا تہ سرور عالم ﷺ جن حافظ ابن ام مڪتوم کي مديني ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪيو، ۽ پوءِ پاڻ مسلمانن جو لشڪر ساڻ ڪري مديني کان روانا ٿيا. حضرت علي رضہ بن ابي طالب اسلامي لشڪر جو علمبردار هو. مسلمان جڏهن بنو نضير وارن جي علائقي ۾ پهتا تہ سندن سمورا فرد قلعن ۾ داخل

Marfat.com

ٿي ويا ۽ قلعن جا دروازا بند ڪري مورچن تان بيهي مسلمانن مٿان تير ۽ پٿر وسائيندا رهيا. بهرحال مسلمان انهن قلعن جي چوڌاري پنهنجا پير پختا ڪري بيٺا رهيا.

ابن اسحاق جي روايت مطابق اهڙي ريت ڇهه راتيون گذري ويون. سليمان تيميء جي روايت ۾ ڏهن راتين ۽ ابن الڪلاع جي روايت ۾ تيرهن راتين جو ذڪر موجود آهي.

جڏهن ته واقدي، ابن سعد، بلاذري، ابو معشر سنڌي ۽ ابن حبان جي راء آهي ته اهو گهيرو پندرهن ڏينهن جاري رهيو، والله اعلم.

اڪثر مؤرخن جي راء آهي ته بنو نضير وارن وٽ انهن قلعن جي اندر، اَنَ پاڻي توڙي اسلحه جا ايترا ذخيرا موجود هئا جو هو ڪيترن ڏينهن تائين اندر رهي پنهنجو دفاع ڪاميابيء سان ڪري پئي سگهيا. پر خدا تعالي سندن دلين ۾ مسلمانن جو اهڙو ته رعب ويهاري ڇڏيو جو سڀ سهولتون هجڻ جي باوجود به هو مسلمانن سان مقابلي جي سگهه ساري نه سگهيا ۽ رسول خدا ﷺ جن جي خدمت ۾ پيغام موڪليائون ته ڪين سردان ڏنو وڃي ته هو سڀ ڪجهه اتي ڇڏي مديني مان هليا ويندا.

پاڻ سڳورن ﷺ جن سندن اها پيشڪش قبول فرمائي ۽ ڪين اها رعايت ڏني ته هو هٿيارن ڪانسواء باقي سمورو مال ۽ پنهنجا هار ٻچا ساڻ کڻي وڃن. جنهن ڪانپوء يهودين پنهنجو سمورو سامان ايتريقدر جو پنهنجا گهر ڀاهي انهن جا در دريون، ڪٺون، بسترا، ڪپڑا ۽ سون وغيره کڻي ڇهه سؤ اٺن جي قافلي سان مديني مان نڪتا. جن مان اڪثر ماڻهو شام ڏانهن ويا. باقي سندن سردارن جن ۾ حي بن اخطب ۽ ابن ابوالحقيق وغيره شامل هئا تن خيبر ڏانهن رخ رکيو. هن سڄي قبيلي مان هن ڇڻن کي الله تعالي اسلام قبول ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي جن جا نالا يامين بن عمرو ۽ ابوسعيد بن وهب ٻڌايا ويا آهن.

ڪجين ساڙڻ جو واقعو

هن غزوه جي موقعي تي "بويره" ۾ جڏهن مسلمانن بنو نضير وارن جي قلعن جو گهيرو ڪيو ته انهن قلعن جي چوڌاري ڪجين جا باغ هئا، جيڪي جنگي نقطه نگاهه کان رڪاوٽ پئي ٻڌيا، انڪري صحابي سڳورن جن ڪجين کي رڪاوٽ سمجهيو انهن کي ڪيرايو يا باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيائون. جڏهن ته جيڪي ڪجيون رڪاوٽ نه پئي ٻڌيون، اهي پنهنجن جاين تي بيٺيون رهيون. هاڻي ان ڳالهه ۾ راوين جو اختلاف آهي ته ڪجين کي ڪٽڻ توڙي ساڙڻ جو حڪم سرور ڪونين ﷺ جن پاڻ ڏنو هو يا وري صحابي سڳورن جنگي حڪمت عملي تحت اهو ڪم پنهنجي مرضيء سان ڪيو.

صحيحين ۽ مسند احمد بن حنبل جي روايتن مان خبر پوي ٿي ته اهو حڪم هاديء عالم ﷺ جن طرفان ڏنو ويو. اها روايت ابن عمر جي آهي. جڏهن ته مجاهد ۽ قتاده جو قول آهي ته اهو فعل صحابين جي طرفان هو، والله اعلم.

علامه شامي ڄاڻايو آهي ته نبي انور ﷺ جن ان ڪم جو نه صرف حڪم ڏنو پر ابو ليلي مازني ۽ عبدالله بن سلام کي ان ڪم لاءِ مقرر به ڪيو. اڳتي هلي هو لکي ٿو ته جڏهن ابو ليلي "عجوه" جا وڻ ڪٽيا ته بنو نضير وارن جون عورتون پنهنجا گريبان ڦاڙي منهن مٿا پٽي رهيون هيون.

ابن اسحاق جي روايت مطابق پنهنجي اکين آڏو پنهنجي مال ملڪيت جي تباهيء جو اهڙو منظر ڏسي يهودين پاڻ ڪريمن ﷺ جن ڏانهن چوائي موڪليو ته اوهان جي ڪتاب ۽ دين ۾ ته وٽن کي ڪٽڻ ۽ فصلن کي تباهه ڪرڻ جو حڪم نه آهي پوءِ توهان اهو عمل ڪئين پيا ڪريو؟"

جيئن ته ڪن صحابي سڳورن ڪجين کي ڪٽيو ۽ ساڙيو هو ته ڪن وري ائين نه ڪيو، هاڻي اهي سوچڻ لڳا ته حق تي ڪير هئا. هن موقعي تي الله تعالي پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ ڏانهن وحي موڪلي.

مَا قَطَعْتُمْ مِّنْ لِّيْنَةٍ ..... وَلِيُخْزِيَ الْفَاسِقِيْنَ.

Marfat.com

"مَا قَطَعْتُمْ مِّنْ لِّيْنَةٍ اَوْ تَرَكْتُمُوْهَا قَآئِمَةً". (١)

"بني نضير" وارن کي تڙي ڪيڻ جو حڪم

* هن سال "غزوه بني نضير" جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ هتان جي رهاڪن کي سندن گهرن گهاٽن مان تڙي ڪڍيو ويو. (٢) جيئن رب پاڪ پنهنجي ڪتاب ۾ فرمايو آهي:

"وَلَوْلَآ اَنْ كَتَبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمُ الْجَلَآءَ. (٣)

فيءَ جو حڪم

* هن سال ساڳئي غزوه جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ "بَنُوْنَضِيْر" وارن جو مال ملڪيت خدا تعاليٰ طرفان "فيءَ" (٤) جي طور پنهنجي پياري پيغمبر صلي الله عليه وسلم جن جي حوالي ڪيو ويو ۽ پوءِ ان ملڪيت ۾ ٻئي ڪنهن

اوهان جيڪي ڪجيون ڪٽيون يا اهي پنهنجي پاڙن تي بيٺل ڇڏي ڏنيون، الله جي حڪم سان ۽ جيئن اهو خوار ڪري نافرمانن کي.

ان آيت جي نزول ڪانپوءِ صحابي سڳورن کي اطمينان حاصل ٿيو. مفسرن جي راءِ آهي ته عام حالتن ۾ جنگ جي دوران ۾ خوامخواه وٽن وڍڻ يا فصل ساڙڻ جو حڪم نه آهي، پر جنگي حڪمت عمليءَ تحت جيڪڏهن ائين ضروري سمجهيو وڃي ته پوءِ ان ۾ قباحت نه آهي. باقي هروڀرو دشمن جو فصل سمجهي ان کي تباهه ڪرڻ جائز نه آهي.

مٿين آيت ۾ جن ڪجين کي ڪٽيو يا جن نه ڪٽيو هنهي جي عمل کي صحيح سڏيو ويو آهي. ان باري ۾ مفسرن جو قول آهي ته جڏهن بنو نضير وارن جي اکين آڏو سندن باغن مان ڪجين کي ڪٽيو ويو يا ساڙيو ويو ته اهو انهن لاءِ وڏو صدمو هو، جو هو سڀ ڪجهه ڏسندي به ان کي روڪي نه پئي سگهيا. پر جيڪي وڻ يا ڪجيون صحيح سلامت بچيا ته جلا وطن ٿيڻ مهل هو نهايت حسرت سان انهن کي ڏسندا پئي ويا ته هاڻي انهن جا مالڪ سندن دشمن ٿيندا ۽ اهي ئي انهن جو ميوو کائيندا. انڪري ٻئي ڳالهيون الله جي دشمنن لاءِ ستائيندڙ هيون.

صحيح بخاري ڪتاب المغازي "باب حديث بني النضير ج ٣ ص ١٦ ـ ١٥، صحيح مسلم ڪتاب الجهاد والسير ج ٥ ص ١٦٠ ـ ١٥٩، دلائل النبوة بيهقي ج ٣ ص ٣٦٠ ـ ٣٥٤، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٣٣١ ـ ٣١٧، المواهب اللدنيه قسطلاني ج ١ ص ٤٣٢ ـ ٤٢٨، الاشاره "مغلطائي" ص ٢٤٣ ـ ٢٤٢، الدرر ابن عبدالبر ص ١٦٦ ـ ١٦٤، سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٢٠٢ ۽ ٢٠٠. المغازي "واقدي" ج ١ ص ٣٧٣، الروض الانف "سهيلي" ج ٣ ص ٢٥٠. سيرة النبويه ابن كثير ج ٣ ص ١٤٩.

(١) سوره حشر آيت ٥ پاره ٢٨.

(٢) المغازي "واقدي" ج ١ ص ٣٧٤، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٣٢٤. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٣٥٩، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ١ ص ٤٦٠.

(٣) سوره حشر آيت ٣ پاره ٢٨.

(٤) لفظ "فئي" جي لغوي معنيٰ آهي پلٽي موڙڻ يا واپس ٿيڻ. اصطلاحي طور اهڙي مال ملڪيت کي "فئي" شمار ڪيو ويندو آهي، جيڪو دشمن سان مقابلي ڪرڻ کانسواءِ هٿ اچي. جيئن ته الله تعاليٰ هن سموري ڪائنات جو مالڪ آهي، انڪري اهو جڏهن پنهنجي ڪا شيءِ بنا ڪنهن تڪليف جي پنهنجي دشمنن کان ڪنهن پنهنجي دوستن جي حوالي ڪري ٿو ته اهڙي مال ملڪيت کي "فيءَ" سڏيو وڃي ٿو.

Marfat.com

بہ صحابي سگوري جو کوبہ حصو نہ رهيو. اهڙو حڪم خدا تعاليٰ طرفان هن آيت ذريعي نازل ڪيو ويو:

وَمَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْهُمْ فَمَآ اَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَّلَا رِكَابٍ. " (١)

* هن ئي سال "غزوه بني نَضِيْر" جي موقعي تي منافقن جي مهندار عَبْدُاللهِ بن اُبَيّ بن سَلُوْل ۽ سندس ساٿين "بني نَضِيْر" وارن سان وعدو ڪيو تہ "جيڪڏهن اوهان کي پنهنجي گهرن مان نڪبو ويو تہ اسان بہ اوهان سان گڏ هونداسون ۽ اوهان بابت ڪنهن جي بہ ڪا ڳالهہ نہ مجيندا سون. پر جيڪڏهن اوهان سان ڪو وڙهڻ آيو تہ پوءِ بہ اسان اوهان جي پر ڪٽنداسون. " (٢)

خدا تعاليٰ منافقن جي مٿين دعويٰ کي پنهنجي هن آيت ذريعي رد ڪيو.

وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ لَئِنْ اُخْرِجُوْا لَا يَخْرُجُوْنَ مَعَهُمْ. (٣)

"الله شاهد آهي تہ اهي ڪوڙا آهن، جيڪڏهن هنن کي نڪبو ويو تہ اُهي ساڻن گڏ نہ نڪرندا."

شراب جي حرمت

* هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ شراب جي حرام ٿيڻ وارو حڪم نازل ٿيو. (هن حڪم جي نازل ٿيڻ واري زماني ۾ اختلاف آهي.)

"فيءَ" جي تعريف ۾ مسلمان عالمن ۽ فقيهن جو اختلاف رهيو آهي. ڪن جو خيال آهي تہ "فيءَ" دشمن کان هٿ آيل غير منقولہ ملڪيت کي سڏيو ويندو آهي، جيئن تہ زمينون، باغ ۽ جايون وغيره. پوءِ جو اهي ڪٽي مقابلي کانسواءِ هٿ اچن يا مقابلي کانپوءِ، پر ان قسم جون شيون مجاهدن ۾ ورهائڻ بدران سرڪاري خزاني ۾ داخل ٿيندیون. يحيٰ بن آدم، امام ابو يوسف ۽ ماوردیءَ وغيره پنهنجي ڪتابن ۾ "فيءَ" بابت تفصيل سان بحث ڪيو آهي.

هتي جنهن "فيءَ" جو ذڪر ڪيو ويو آهي ان مان مراد اهو مال ۽ ملڪيت آهي، جيڪو بنو نضير وارا ڇڏي ويا. هن مال ۾ زمينون، باغ، جايون ۽ هٿيار پنوهار بہ شامل هئا.

خدا تعاليٰ مٿين حڪم ذريعي اهو مال بطور "فيءَ" پنهنجي پيغمبر ﷺ جن لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو، پر پاڻ سڳورن ﷺ ان سموري مال مان هڪ زمين جو ٽڪر پنهنجي ذات لاءِ ڇڏي باقي ٻيو سڀ مسڪين مهاجرن ۾ ورهائي ڇڏيو. انصارن مان حضرت ابودجانہ ۽ سهيل بن حَنيف کي بہ غربت سببان ان ورهاست مان ڪجهہ ڏنو ويو. رسول انور ﷺ جن پنهنجي لاءِ جيڪو ٻنيءَ جو ٽڪر ڇڏيو هو ان جي اپت منجهان پنهنجي گهروارين کي سال جو خرچ ڏيندا هئا ۽ باقي جيڪو ڪجهہ بچي پوندو هو تہ ان کي وري جهاد جي تياريءَ ۾ خرچ ڪندا هئا. هن موقعي تي هٿ آيل اسلحي ۾ پنجاهہ زرهون، پنجاهہ لوهي ٽوپ ۽ ٽي سؤ چاليهہ تلوارون شامل هيون، جن ۾ يهودين جي سردار ابن ابوالحقيق جي مشهور قيمتي تلوار بہ شامل هئي، جيڪا پاڻ ڪريمن ﷺ حضرت سعد بن معاذ کي عطا فرمائي. باقي ٻيو اسلحو بيت المال ۾ جمع ڪرايو ويو، جيڪو مجاهد ضرورت جي وقت استعمال ڪندا هئا.

سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٢٠٢ ـ ٢٠١، شرح علي المواهب "زرقاني" ج ٢ ص ٨٦. فتح الباري "ابن حجر" ج ٧ ص ٢٥٤، ٢٥٥، ڪتاب الخراج امام ابويوسف ص ٢٣. دائرة المعارف اردو ج ١٥ ص ١٠٦٢.

(١) سوره حشر آيت ٦ پاره ٢٨.

(٢) سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ٤ ص ٣٢٠. جوامع السيرة "ابن حزم ص ١٨٢ ـ ١٨١.

(٣) سوره حشر آيت ١١ ۽ ١٢ پاره ٢٨.

Marfat.com

"المواهب اللدنيہ" ۾ "قسطلاني" ٻڌائي ٿو تہ اهو حڪم "غزوه حُدَيْبِيَّہ" کانپوءِ "غزوه بني نَضِيْر" جي پڄاڻي واري موقعي تي نازل ٿيو. (۱)

منهنجي خيال ۾ اهو حڪم هجرت جي ڇهين سال "غزوه احد" کانپوءِ انهن ڏينهن ۾ نازل ٿيو، جڏهن "غزوه بنو نَضِيْر" وارو واقعو پيش آيو.

---

(۱) شراب جي حرمت وارو حڪم ڪڏهن نازل ٿيو؟ ان باري ۾ مختلف روايتون موجود آهن. جن مان ڪجهہ مٿي بہ نقل ڪيون ويون آهن، ان اختلاف جو ڪارڻ اهو آهي جو هي حڪم مختلف مرحلن ۾ نازل ٿيو آهي.

حضرت ابوهريره رضہ کان نقل ڪيل هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ "اهڙو حڪم ڪٿي پيرا نازل ٿيو هو. سڀ کان پهريان جڏهن سرور عالم ﷺ جن مڪي کان هجرت ڪري مدينہ آيا، تہ هتان جا ماڻهو شراب بہ واپرائيندا هئا، تہ جوئا بہ ڪندا هئا. جنهن ڪري هنن امام الانبياء ﷺ جن کان انهن ڪمن بابت سوال ڪيو. پوءِ ان وقت خدا تعالىٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

يَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ قُلْ فِيْهِمَا اِثْمٌ كَبِيْرٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ وَاِثْمُهُمَآ اَكْبَرُ مِنْ نَّفْعِهِمَا.

"اوهان کان سوال ڪن ٿا شراب ۽ جوئا بابت (ڪين) چئو: انهن شين ۾ وڏو گناهہ آهي توڙي جو انهن ۾ ماڻهن لاءِ ڪجهہ فائدو بہ آهي پر انهن جو گناهہ انهن جي فائدي کان وڌيڪ آهي." سورة البقره آيت ۲۱۹ پاره ۲.

ان ڏس ۾ اهو پهريون حڪم آهي جنهن ۾ شراب کي انسانن لاءِ هڪ اهڙي شيءِ ڏسيو ويو آهي، جنهن جو نقصان ان جي فائدي کان وڌيڪ آهي. انڪري اها شيءِ رب تعالىٰ وٽ بہ اٽوٽندڙ آهي. ان حڪم ڪانپوءِ ڪيترا ماڻهو شراب جي استعمال کان پاسو ڪري ويا. پر پوءِ بہ ڪيترن وٽ اڃان شراب جو استعمال ۽ ان جو ڪاروبار جاري رهيو، ايتري قدر جو ڪڏهن ڪڏهن تہ ماڻهو ان نشي جي حالت ۾ ئي مسجد ۾ پهچندا هئا ۽ نماز پڙهڻ شروع ڪري ڏيندا هئا. هڪ دفعي هڪ مهاجر صحابي ان حالت ۾ جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ سانجهيءَ جي نماز جي نيت ڪري بيٺو، تڏهن نشي جي حالت ۾ غلط نموني سان قرآن پڙهڻ لڳو. ان موقعي تي خدا تعالىٰ طرفان هيٺين آيت نازل ڪئي ويئي:

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْرَبُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْتُمْ سُكٰرٰى.

"اي ايمان وارو! نماز جي ويجها نہ ويو، جڏهن توهان نشي جي حالت ۾ هجو."

سوره النساء آيت ۴۳ پاره ۵.

ان حڪم ڪانپوءِ بہ ڪيترا ماڻهو شراب واپرائيندا رهيا، باقي ايترو فرق ضرور آيو جو هاڻي انهن شراب جي پيئڻ جا وقت مٿائي ڇڏيا ۽ انهن وقتن تي شراب نہ پيئندا هئا جيڪي نماز کي ويجها هئا.

اڳتي هلي سن چوٽين هجريءَ ڌاري اهو آخري حڪم نازل ٿيو، جنهن جي ذريعي شراب کي قطعي طور حرام ڪيو ويو.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَالْمَيْسِرُ وَالْاَنْصَابُ وَالْاَزْلَامُ رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ.

ترجمو: اي ايمان وارو! هي شراب ۽ جوا ۽ بت ۽ ڌارا ڪندن شيطاني ڪمن مان آهن، انهن کان پاسو ڪريو تہ جيئن اوهان کي فلاح نصيب ٿئي.

ان حڪم ڪانپوءِ نبي انور ﷺ طرفان اعلان ڪرايو ويو تہ جن ماڻهن وٽ بہ هن وقت شراب موجود آهي، نہ هاڻي ان کي پي سگهن ٿا ۽ نہ ئي وري وڪرو ڪري سگهن ٿا. تنهنڪري انهن کي جڳائي تہ هو ان شراب کي هاري ڇڏين. ان ڪانپوءِ ساقين شراب جي مٽن جا منهن کولي ڇڏيا ۽ پياسن پنهنجي هٿن ۾ موجود پيالا پٽ تي اڇلائي پرزا پرزا ڪري ڇڏيا. جنهن جي نتيجي ۾ شراب مديني جي گهٽين ۾ پاڻي وانگر وهڻ لڳو ۽ ان ڪانپوءِ شراب جي استعمال جو ڪوبہ جواز ايمان وارن لاءِ باقي نہ بچيو.

حضرت عبدالله بن عمر رضہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن هيٺين ڏهن تي لعنت فرمائي آهي.

Marfat.com

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو حڪم "حُدَيْبِيَّہ" واري سال سن ڇهين هجريءَ ڏاري نازل ٿيو، جڏهن تہ هڪ روايت ۾ وري ٻڌايو ويو آهي تہ اهو حڪم سن اٺين هجري دوران فتح مڪي کان اڳ نازل ٿيو. (۱) انهن مان پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي.

علامہ "زرقاني" پنهنجي ڪتاب "شرح علىٰ المواهب اللدنيہ" ۾ مٿين روايت تي اعتراض ڪندي ٻڌائي ٿو تہ، "جڏهن شراب جي حرمت وارو حڪم نازل ٿيو، تڏهن حضرت اَنَس رضہ پنهنجي مائٽن کي شراب پياري رهيو هو. پوءِ جڏهن مٿيون حڪم نازل ٿيو، تڏهن شراب جا مٽ ڀجي پورا ڪري ڇڏيائين."

هاڻي اهو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ان وقت حضرت انس رضہ، جڏهن ڇڪ ورهين جو هڪ معصوم ٻار هو تہ پوءِ هو اهي مٽ ڪيئن ڀجي سگهيو هوندو؟

اهو اعتراض ان لحاظ کان صحيح نہ آهي جو پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مديني پهتا، تڏهن حضرت انس رضہ جي ڄمار ڏهہ ورهيہ هئي. ان لحاظ کان سن چوٽين هجريءَ دوران هو چوڏهن ورهين جو ٿي چڪو هو ۽ اها عمر ايتري ننڍي نہ آهي جو هو مٽ بہ نہ ڀجي سگهي.

شراب جي حرام هجڻ جا ٻارهن سبب

* هن سال جڏهن شراب جي حرام ٿيڻ جو حڪم نازل ٿيو، تڏهن ان موقعي تي خدا تعالىٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي وئي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَالْمَيْسِرُ وَ الْاَنْصَابُ وَ الْاَزْلَامُ. رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ. (۳)

---

(۱) شراب تي (۲) شراب پيئڻ واري تي (۳) پيئارڻ واري تي (۴) شراب وڪڻڻ واري تي (۵) خريد ڪرڻ واري تي (٦) شراب تيار ڪرڻ واري تي (۷) تيار ڪرائڻ وارن تي (۸) شراب ڏوئڻ واري تي (۹) جنهن وٽ شراب رکيو وڃي (۱۰) جيڪو شراب جي قيمت مان ڪجهہ کائي پيئي. نہ صرف ايترو پر پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو، جنهن دسترخوان تي شراب واپرايو وڃي اتي ماني کائڻ بہ جائز نہ آهي.

بهرحال مٿين بحث مان اها خبر پوي تي تہ مختلف موقعن تي شراب جي حرمت بابت جيڪي حڪم نازل ٿيندا رهيا آهن، انهن مان هر حڪم ۾ شراب کي ناپسنديده شيءِ قرار ڏنو ويو آهي. جيتوڻيڪ ان جي قطعي حرمت وارو حڪم چوٽين هجريءَ ڏاري ئي نازل ٿيو آهي، پر پهرين ۽ ٻئي حڪم ڪانپوءِ بہ ڪيترن ماڻهن شراب جو استعمال ختم ڪري ڇڏيو هو، جنهن ڪري ڪن راوين انهن حڪمن کي بہ شراب جي حرمت جو حڪم سڏيو آهي. ان سبب ڪري ان حڪم جي نزول بابت راوين ۾ اختلاف رهيو آهي. (والله اعلم بالصواب).

صحيح بخاري ج ۲ "ڪتاب الاشربہ" ص ۴۹۵ ـ ۴۹۸. صحيح مسلم ج ٦ ص ۸۵/۱۰۱. تفسير ابن ڪثير ج ۲ ص ۸٦ ـ ۸۲. تفسير سمرقندي ج ۱ ص ۴۵۷ ۽ ۲۰۳. احڪام القرآن ـ ابوبڪر جصاص ج ۲ ص ۱۰ ـ ۳. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۱۴ ـ ۴۱۳. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۰۰.

(۱) اها روايت حافظ مغلطائي ۽ علامہ دمياطيءَ پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪئي، جنهن جو حوالو "قسطلاني" بہ ڏنو آهي. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۵۱۱.

(۳) سورة المائده آيت ۹۰ پاره ۷.

Marfat.com

"اي ايمان وارؤ! اهو شراب ۽ جوئا ۽ اهي آستان ۽ ڏارا سيئي گندا شيطاني ڪم آهن. انهن کان پاسو ڪريو. اميد ته توهان ڪاميابي ماڻيندؤ."

چيو وڃي ٿو ته هن آيت ۾ شراب حرام هجڻ جا ٻارهن يا ان کان مٿي سبب ڄاڻايا ويا، جنهن جا تفصيل مفسرن طرفان ٻڌايا ويا آهن.

ڪجهه صحابي سڳورن جي باري ۾ سوال

* هن سال جڏهن شراب جي حرام هجڻ وارو حڪم نازل ٿيو تڏهن ڪجهه صحابي سڳورا پنهنجي انهن ساٿين بابت ويچار ۾ پئجي ويا، جيڪي هن حڪم کان اڳ "غزوه احد" جي موقعي تي شهيد ٿيا هنا يعني هو پڇڻ لڳا ته، "اهي ماڻهو جن "احد" واري ڏاڙي شراب واپرايو ۽ ان حالت ۾ ئي شهيد ٿيا، پوءِ ڇا هو ان ڏس ۾ ڏوهي شمار ٿيندا؟" [1] ان موقعي تي الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي:

لَيْسَ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جُنَاحٌ فِيْمَا طَعِمُوْٓا اِذَا مَا اتَّقَوْا وَّ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ. [2]

"اهي، جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا انهن تي ڪو گناهه نه آهي، جيڪي اڳ انهن واپرايو. پر انهيءَ شرط سان ته اڳتي هو انهن ڳالهين کان پاڻ بچائيندا ۽ ايمان تي پختا ٿي ٻيهندا ۽ نيڪ ڪم ڪندا."

صَلٰوة الخوف جو حڪم

* هن سال هڪ روايت مطابق "صلٰوة الخوف" وارو حڪم نازل ٿيو. جڏهن ته پي روايت مطابق اهو حڪم سن ستين هجريءَ دوران نازل ٿيو، جنهن جا تفصيل سن پي هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ٿي چڪا آهن.

سنگسار جو واقعو

* هن سال نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي حڪم سان هڪ يهودي مرد ۽ عورت کي سنگسار ڪيو ويو. [3]

---

(١) المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ١ ص ٥١٢.

(٢) سورة المائده آيت ٩٣ پاره ٧.

(٣) اها روايت حضرت عبدالله بن عمر رضه کان "صحيح بخاري" ۾ هن ريت نقل ڪئي ويئي آهي ته، "هڪ يهودي ۽ يهودياڻيءَ کان جڏهن زنا جو ڏوهه سرزد ٿيو، ته کين پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ فيصلي لاءِ آندو ويو. ان موقعي تي هنهي جهانن جي سردار ﷺ کانئن سوال پڇيو ته، "ان ڏوهه بابت اوهانجي ڪتاب ڪهڙي سزا تجويز ڪئي آهي؟" ان تي اهي يهودي چوڻ لڳا ته، "اسان جا عالم ان جي سزا ۾ منهن ڪارو ڪري پوءِ ڪوڙا هڻائيندا آهن."

اهو جواب ٻڌي حضرت عبدالله بن سلام چيو، "اي خدا جا رسول ﷺ !ڪين چئو ته تورات ڪٽي اڇن."

جنهن ڪانپوءِ هو تورات ڪٽي آيا ۽ انهن منجهان هڪ ڇٽي سنگسار واري آيت مٿان هٿ رکي ان جو اڳيون حصو ۽ پڙهي ويو ته پويون حصو ٻه. اهو ڏسي عبدالله ابن سلام چوڻ لڳو ته "اي يهودي پنهنجو هٿ پاسي ڪر."

جنهن ڪانپوءِ ڏٺو ويو ته سندس هٿ هيٺان جيڪي اکر لکل هئا، انهن ۾ زناڪاريءَ لاءِ سنگسار جو حڪم ڏنو ويو هو.

جنهن ڪانپوءِ رسول انور ﷺ جن جي حڪم سان ڪين ان ميدان ۾ سنگسار ڪيو ويو، جتي پٽرن کي گهڙي سرون

Marfat.com

سيدنا حُسَيْن (١) ابن عَلي رضہ جو جنمُ

* هن سال حضرت عَلي رضہ جن جي گهر سيدنا حُسَيْن ابن عَلي رضہ جن ڄاوا. سندن جنمُ جي تاريخ شَعْبَان مهيني جي پنجين ٻڌائي ويئي آهي. جڏهن ته ڪن روايتن ۾ وري شعبان جي ٽين تاريخ ٻہ بيان ڪئي ويئي آهي.

تيار ڪيون ويندیون هيون. اها جاءِ مديني شريف ۾ مسجد نبوي ﷺ ۽ بازار جي وچ ۾ هئي.

"ديار بكريءَ" پنهنجي تاريخ ۾ ڄاڻايو آهي تہ هي واقعو هن سال ذوالقعد جي مهيني ۾ پيش آيو هو.

صحيح بخاري ج ٦ ص ١٧٧، تاريخ الخميس ديار بكري ج ١ ص ٣٦٧. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ١٩٩.

(١) ابوعبدالله امام حسين ابن علي بن ابوطالب بن عبدالمطلب بن هاشم رضہ ٽين شعبان سن ڇوٽين هجريءَ بمطابق جنوري ٦٢٦ع ڏاري مديني منوره ۾ ڄائو. ڪن راوين پنجين شعبان جي تاريخ ٻہ نقل ڪئي آهي.

سيدنا حسين رضہ جڏهن ڄائو تہ سندن نانيءَ سائين ﷺ جن سڄي ڪن ۾ اذان ۽ ڪهي ڪن ۾ اقامت چئي. ستين ڏينهن تي هن ٻار جو طهر ٻہ ٽيو، نالو ٻہ رکيو ويو تہ عقيقو ٻہ ڪيو ويو، جنهن ۾ ٻہ دنبا ذبح ٽيا ۽ ان سان گڏ ٻارڙي جي جهنڊ لهرائي اهي وار چانديءَ ۾ توري پوءِ چاندي خيرات ڪئي ويئي ۽ وار زمين ۾ پوريا ويا.

سيدنا حسين رضہ جا ابتدائي حالات ۽ واقعات اهي ساڳيا ئي آهن، جيڪي سيدنا حسن رضہ جي باب ۾ بيان ٿي چڪا آهن، جن جي ورجاءَ جي ضرورت نہ آهي، باقي امام حسين رضہ جي ذاتي زندگي جا اهم واقعا امام حسن رضہ جي شهادت ڪانپوءِ شروع ٽين ٿا. امام حسن رضہ جي خلافت تان هٿ ڪڍڻ ڪانپوءِ سمورا اهل بيت مديني موٽي آيا. حضرت علي رضہ جي خلافت، شهادت، ان ڪانپوءِ حضرت حسن رضہ جي خلافت تان دستبرداري اهي سمورا واقعا امام حسين رضہ جي شعوري زندگيءَ ۾ پيش آيا پر ان وقت وڏي ٻاڻ جي موجودگيءَ ۾ هن ڪڏهن ٻہ ٻاڻ جي راءِ ڪي پوئتي نہ رکيو، پر ٻاڻ جي شهادت ڪانپوءِ هو نہ فقط خود مختار هو پر پنهنجي ڪٽنب جو وڏو ٻہ هو، جنهن ڪي ٻئي جي راءِ جي پابندي قبول ڪرڻ جي ضرورت نہ هئي پر ٻيا سندس پويان هلڻ جا پابند هئا.

بهرحال جڏهن يزيد ڪي ولي عهد نامزد ڪيو ويو تہ اها ڳالهہ سيدنا حسين رضہ ڪي نہ آئڙي، آخر اڳتي جڏهن امير معاويہ رضہ جي وفات ڪانپوءِ يزيد مسلمانن جو حاڪم بڻيو ۽ مديني جي گورنر وليد بن عتبہ ڏانهن پيغام موڪليائين تہ هو سيدنا حسين رضہ حضرت عبدالله ابن عمر رضہ ۽ حضرت عبدالله ابن زبير رضہ کان سندس حق ۾ بيعت وٺي تہ انهن سيني بيعت ڪرڻ کان انڪار ڪيو. اهڙي ريت خود ڪوفي وارن ٻہ دل سان يزيد جي حڪومت ڪي تسليم نہ ڪيو ۽ ان جي نتيجي ۾ هنن سيدنا حسين رضہ ڪي خطن جي ذريعي آماده ڪيو تہ هو سندن قيادت ڪرڻ ۽ موجوده حڪومت ڪي هٽائڻ خاطر ڪوفي اچي. جنهن ڪري امام حسين پهريان مسلم بن عقيل ڪي سفير طور عراق اماڻيو تہ اتي بيشمار ماڻهن امام حسين رضہ جي طرفان ابن عقيل جي هٿ تي بيعت ڪئي.

ابن زياد کي جڏهن اها خبر پئي تہ هن مسلح دستا موڪلي هن بيعت ڪرڻ وارن کي نہ فقط ڊيڄاريو ۽ هيسايو پر انهن مان ڪيترن کي گرفتار ٻہ ڪيائين مگر ان ڳالهہ جو ماڻهن مٿان ڪو خاص اثر نہ ٿيو ۽ سيدنا حسين رضہ جي حمايت ڪرڻ وارن جي تعداد ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو پئي ٿيو. ابن زياد ۽ سندس ساٿين جڏهن حالتن کي ڪنٽرول کان ٻاهر ٿيندي ڏٺو تہ مسلم بن عقيل کي شهيد ڪرائي ڇڏيائون. هوڏانهن ڪوفي وارن جو اصرار جاري رهيو تہ سيدنا حسين رضہ ڪوفي اچي. آخر حسين سائين رضہ ويهن ڏينهن جو سفر طئي ڪري ڪربلا پهتو. جتي يزيد جي فوجين ڪيس اڳتي وڌڻ نہ ڏنو ۽ سندس لشڪر جو گهيرو ڪيو ويو. ان وقت تائين عمر بن سعد جي اها ڪوشش

Marfat.com

سيده زَيْنَب رضہ جي وفات

* هن سال ام المؤمنين سيده زَيْنَب بنت خُزَيْمَہ رضہ هن جهان مان لاڏاٽو ڪيو. صحيح روايت مطابق هي واقعو ربيع الاول ۽ هڪ ٻي روايت موجب ربيع الآخر جي مهيني ۾ پيش آيو [1] جنهن جي تفصيل هن باب جي ٽئين فصل ۾ بيان ڪئي ويئي آهي.

حضرت اَبُو سَلْمَہ رضہ جي وفات

* هن سال "جمادي الاول" جي مهيني ۾ اَبُوسَلْمَہ عَبْدُالله رضہ بن عَبْدُالْاَسَد قُريشي مَخْزُوْمِي وفات ڪري ويو، جيڪو ام المؤمنين اُمِّ سَلْمَہ رضہ جو پهريون گهروارو هو.

سندس موت جو ڪارڻ اهو ٿيو جو سن ٽين هجريءَ دوران "غزوه احد" ۾ ڪيس هڪ زخم رسيو هو، جيڪو هن سال وري اٿلي پيو. جنهن ڪري جمادي الاول جي پڇاڙيءَ ڪان هڪ رات اڳ يا ٻي روايت مطابق جمادي الآخر جي اڻين تاريخ تي سندس وفات ٿي، اها روايت وڌيڪ صحيح آهي. [2] جڏهن ته هڪ روايت ۾ سندس وفات سن ٽين هجريءَ ۾ ٻڌائي ويئي آهي. بهرحال سندس وفات

رهي ته لڙائيءَ بدران ڳالهين ذريعي مسئلن جو حل ڳولهجي. ان لاءِ سيدنا حسين رضہ ۽ ابن سعد جي وچ ۾ ڪافي ملاقاتون ٿيون مگر مسئلي جو ڪوبہ حل نہ نڪتو. ڇو ته هن طرف ابن زياد هڪڙي ئي شرط تي زور ڀريو ٻيٺو هو ته سيدنا حسين رضہ سندس هٿ تي يزيد جي بيعت ڪري. امام حسين رضہ ان بيعت جي مقابلي ۾ شهادت کي ترجيح ڏني ۽ پوءِ باقاعده لڙائي شروع ٿي. هڪ طرف سلطنت جو لشڪر ٻئي طرف سيدنا حسين رضہ ۽ سندس چند جانثار ساٿي! بهرحال ايمان ۽ اصول جي زور تي سيدنا حسين رضہ نهايت جرئت ۽ بهادريءَ سان وڙهندي جام شهادت نوش ڪيو. اهو واقعو ڏهين محرم سن ايڪهٺ هجريءَ واري ڏينهن پيش آيو. حسين رضہ جو اهو ايثار تاريخ اسلاميءَ ۾ اڄ تائين يادگار آهي. جنهن جو مثال ڪنهن ٻئي هنڌ ملڻ مشڪل آهي.

حضرت امام حسين رضہ جا فضائل ۽ مناقب تاريخ، رجال ۽ حديث جي ڪتابن ۾ موجود آهن. هو سڄي زندگي ديني احڪام جي سختيءَ سان پابندي ڪندو رهيو.

مديني جا ماڻهو ديني مسئلا قرآني آيات جي تشريح ۽ احاديث رسول ﷺ سمجهڻ لاءِ سندن خدمت ۾ ايندا هئا. هو اڪثر وقت عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريندا هئا. ڪثرت سان روزا رکڻ ۽ نفل پڙهڻ سندن خاص عادت هئي. رات جو تهجد جي نماز بہ پابنديءَ سان ادا ڪندا هئا.

ڪربلا جي ميدان ۾ ايتريون سختيون سهندي بہ ڪڏهن ڪا نماز قضا نہ ڪيائون. الله جي ذات تي ڪين ڪامل يقين هوندو هو، انڪري ڪڏهن بہ ڪنهن باطل قوت آڏو نہ جهڪيا. برائي کي اڇتي وڌي هٿ سان روڪڻ سندن زندگيءَ جو اصول ۽ سندن ايمان جي علامت هئي.

الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۱ ص ۴۴۲ ـ ۴۴۷. الاخبار الطوال دينوري ص ۲۲۹ ـ ۲۸۳. مرآة الجنان يافعي ج۱ ص ۱۰۸ ـ ۱۱۱. تاريخ الخميس ديار بكري ج ۲ ص ۲۹۷ ـ ۳۰۰. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۱۷۱ ـ ۱۸۱.

(۱) "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ۲ ص ۳۹۶. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۴۶۳. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۸۹.

(۲) سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۱۸۷.

Marfat.com

کانپوءِ حضرت اُمّ سَلَمہ رضہ چار مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن عدت ۾ ويهي پوءِ سرور عالم ﷺ جن سان نڪاح ڪيو ۽ هن ئي سال اوٽيهين شوال تي لاٿون لڏائين. (۱) جيئن حافظ ابن ڪثير پنهنجي تاريخ

---

(۱) ام سلمہ اصلي نالو هند بنت ابو اميہ بن مغيره بن عبدالله جو تعلق قريش قبيلي جي مشهور شاخ "بنو مخزوم" وارن سان هو جڏهن ته سندس امڙ جو نالو عاتڪہ بنت عامر بن ربيعہ ٻڌايو ويو آهي.

هند جو پهريون نڪاح پنهنجي ئي خاندان جي هڪ نيڪ نوجوان عبدالله بن عبدالاسد سان ٿيو، جيڪو نبي انور ﷺ جو پڦاٽ يعني حضرت عاتڪہ بنت عبدالمطلب جو پٽ هو، هن گهر مان هند کي چار ٻار يعني ٻہ نياڻيون ۽ ٻہ پٽ ڄاوا، جن جا نالا دره، زينب، سلمہ ۽ عمر ٻڌايا ويا آهن.

بعثت نبوي ﷺ جي شروعاتي دور ۾ ئي اسلام جو آفاقي پيغام جڏهن هند ۽ عبدالله جي ڪنن تائين پهتو ته هنن ٻنهي بنا ڪنهن دير جي ان کي قبول ڪيو. سندن شمار سابقون الاولون ۾ ٿيندو آهي. ڪين ٻن هجرتن ۽ ٻن قبلن ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جو شرف ٻہ حاصل آهي.

صحيح مسلم ۾ ابن ابي خيثمہ کان روايت آهي ته عورتن ۾ حضرت ام سلمہ کي پهرين مهاجر عورت جو اعزاز حاصل آهي.

حبش ۾ قيام دوران ئي ڪيس اهو پٽ ڄائو جنهن جو نالو "سلمہ" رکيو ويو ۽ پوءِ هنن زال مڙس جي ڪنيت ام سلمہ ۽ ابو سلمہ مشهور ٿي. حبش ۾ ڪجهہ وقت گذارڻ ڪانپوءِ هي ٻئي زال مڙس مڪي موٽي آيا ۽ پوءِ اتان وري مديني ڏانهن هجرت ڪيائون.

جهاد جي حڪم ملڻ ڪانپوءِ حضرت ابو سلمہ رضہ ٻہ ٻين مجاهدن وانگر جهاد ۾ شامل رهيو. بدر توڙي احد جي موقعن تي هن نهايت جرئت ۽ بهادري سان دشمن جو مقابلو ڪيو ۽ احد جي ميدان ۾ سندس ٻانهن ۾ هڪ زهريلو تير لڳو، جنهن ڪيس زخمي ڪري ڇڏيو پر علاج ڪانپوءِ سندس اهو ڦٽ وقتي طور ڇڪي ويو.

سرور عالم ﷺ جن چوٿين هجريءَ جي محرم جو چنڊ ڏسي ابو سلمہ رضہ کي هڪ "سريہ" جو سرواڻ بنائي "قطن" ڏانهن اماڻيو. هن سفر ۾ اوٽيهہ راتيون هو مديني کان ٻاهر رهيو ۽ پوءِ جڏهن گهر واپس وريو ته سندس اهو "احد" وارو ڦٽ وري اڻلي پيو ۽ پوءِ اهو زهر سڄي جسم ۾ ڦهلجي ويو ۽ ابن جوزيءَ جي روايت مطابق هن ئي سال جمادي الآخر جي ائين تاريخ هن مجاهد دنيا مان موڪلايو. انا لله وانا اليه راجعون. ان وقت سندس گهر واري "ام سلمہ" پيٽ سان هئي. "ابوسلمہ" جي وفات جي دکدائڪ خبر جڏهن سيد الانبياء ﷺ جن تائين پهتي تڏهن سندن جاءِ تي پهچي ام سلمہ ۽ سندس ٻارن سان همدردي ڪيائون ۽ پوءِ جنازي نماز پڙهايائون. هڪ روايت مطابق هن نماز ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن نَوَ تڪبيرون هنيون، نماز ڪانپوءِ جڏهن صحابي سڳورن وڏيڪ تڪبيرن جو سبب پڇيو ته پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو ته "ابوسلمہ" هزار تڪبيرن جو حقدار هو.

مڙس جي وفات ڪانپوءِ "ام سلمہ رضہ" جو ٻيو ڪوبہ مدد ڪرڻ وارو ڪونہ هو. اسلام لاءِ هنن زال مڙس جي قربانين کي ياد ڪندي پاڻ سڳورن ﷺ حضرت عمر رضہ جي معرفت "ام سلمہ رضہ" ڏانهن نڪاح جو پيغام موڪليو جيڪو هن قبول ڪيو ۽ شوال مهيني جي اٺاويهين تاريخ هن ام المؤمنين جو اعزاز حاصل ڪيو.

نڪاح ڪانپوءِ حضرت زينب بنت خزيمہ رضہ جو حجرو سندس حوالي ڪيو ويو، جيڪا ڪجهہ وقت اڳ گذاري ويئي هئي. نڪاح ڪانپوءِ پهرين ڏينهن ڪان ئي هي بيبي سڳوري پنهنجي گهر جو ڪم ڪار پاڻ ڪندي هئي. گهڻو وقت عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريندي هئي. گهڻا نفل ٻہ پڙهندي هئي ته هر مهيني ۾ ٽي نفلي روزا پڻ رکندي هئي. جيڪو سوالي سندس دروازي تي ايندو هو ته ڪوشش ڪري ان کي خالي نہ موٽائيندي هئي.

پاڻ ڪريمن ﷺ جن جون ڳالهيون نهايت غور سان ٻڌي انهن مان فقهي مسائل ٻہ حل ڪندي هئي ته فتاويٰ ٻہ

Marfat.com

"البدايہ والنهايہ" ۾ بيان ڪيو آهي ۽ اهائي روايت وڌيڪ صحيح آهي. (۱) جڏهن ته هڪ ٻي روايت ۾ ان شاديءَ جو سال ٽين هجري ٻڌايو ويو آهي.

امهات المؤمنين مان حضرت اُمّ سَلَمَہ رضہ سڀني کان وڏي ڄمار ماڻي. هڪ صحيح روايت مطابق سندن وفات سن ٦٢ هجريءَ ڌاري يزيد بن مُعَاوِيَہ جي حڪومت ۾ سيدنا حُسَيْن ابن علي رضہ جي شهادت کان ٻہ تيرهن مهينا پوءِ ٿي هئي (۲) جڏهن ته ٻئي پاسي وري پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي وصال کانپوءِ اُمّهَاتُ الـمُؤْمِنِيْن مان سڀ کان پهريان زينب بنت جحش رضہ وفات ڪئي هئي. اهو واقعو سيدنا عمر بن خطاب رضہ جي خلافت دوران پيش آيو. (۳)

عَبْدُالله رضہ بن هِشَام جو ڄمڻ

* هن سال عَبْدُالله رضہ بن هِشَام بن عُثْمَان قُرشي تَيْمِيّ ڄائو، جيڪو زُهْرَہ بن مَعْبَد جو وڏو ڏاڏو هو. هي اهو شخص آهي جنهن کي ننڍپڻ ۾ سندس ماءُ زَيْنَب رضہ بنت حُمَيْد نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ ڪٽي آئي ۽ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم هن ٻار جي متي تي هٿ گهمايو ۽ سندس حق ۾ دعا ٻہ فرمائي. (۴)

حضرت عليءَ رضہ جي امڙ جي وفات

* هن سال حضرت فَاطِمَہ رضہ بنت اَسد بن هَاشِم بن عَبْد مَنَاف جيڪا حضرت علي سائينءَ رضہ جن جي امڙ هئي، هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. (۵)

ڏيندي هئي. قرآن مجيد جي تلاوت جو ٻہ ڪيس بيحد شوق هو. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي انداز ۾ قراءت ڪندي هئي.

امهات المؤمنين ۾ سيده عائشہ صديقہ رضہ کانپوءِ علم ۽ فضل جو ڪمال هن بيبيءَ سڳوري کي ئي حاصل هو. سيده ام سلمہ کان نبي انور صلي الله عليه وسلم جن جون ٻيو سؤ اٺهتر حديثون روايت ڪيون ويون آهن.

پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن جي وصال کانپوءِ هي بيبي سڳوري اٽڪل اڏ صديءَ تائين حيات رهي ۽ مختلف ديني معاملات ۾ امت جي رهنمائي ڪندي رهي. امهات المؤمنين ۾ سڀ کان آخر ۾ حضرت ام سلمہ رضہ وفات فرمائي.

ابن حبيب ۽ ابن العماد حنبلي سندس وفات جو سال ايڪهٺ يا اٺهٺ هجري ٻڌايو آهي. وفات وقت سيده ام سلمہ جي عمر اٽڪل چوراسي ورهيہ هئي. سندس جنازي نماز حضرت ابوهريره رضہ پڙهائي، جنهن کانپوءِ ميت کي جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

كتاب المحبر ابن حبيب ص ۸۵ ـ ۴۳. تلقيح ابن جوزي ص ۲۱. شذرات الذهب ابن العماد ج ۱ ص ۱۲۴. عيون الاثر ابن سيد الناس ج ۲ ص ۳۹۸ ـ ۳۹۸. اسد الغابہ ابن الاثير ج ۷ ص ۳۷۳ ـ ۳۷۱. الاصابہ ابن حجر ج ۴ ص ۴٦۰ ـ ۴۵۱. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ۴۹۳.

(۱) البدايہ والنهايہ حافظ ابن كثير ج ۴ ص ۹۳ ـ ۹۲، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۸۵.

(۲) الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۴٦۰، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۴٦۷.

(۳) تاريخ الخميس ديار بكري ج ۱ ص ۴٦۷.

(۴) اسد الغابہ ابن الاثير ج ۳ ص ۴۲۱، الاصابہ ابن حجر ج ۲ ص ۷۸ ـ ۳۷۷.

(۵) الاستيعاب ج ۴ ص ۴٦ ـ ۴۴۵، اسد الغابہ ابن الاثير ج ۷ ص ۳٦ ـ ۲۳۵.

Marfat.com

هڪ منافق جو قتل

* هن سال طعيمة بن اُبيرق نالي هڪ شخص حضرت قَتَادَه بن نُعْمَان اَنْصَارِيءَ جي گهران هڪ ڍال چورائي. پاڻ ڪريم ﷺ جن جي عدالت مان ان شخص جي هٿ ڪپڻ جو حڪم ڏنو ويو، جنهن تي هو هتان ڀڄي وڃي مڪي ۾ لڪيو ۽ اتي به وري چوري ڪيائين. جنهن تي مڪي وارن ڪيس مورڳو قتل ڪري ڇڏيو. (۱) نبي ڪريم ﷺ جن ان ڳالهه تي مڪي جي مشرڪن سان مقابلي ڪرڻ جو ارادو ڪيو، ڇو جو هن هٿ ڪپڻ بدران هڪ شخص کي قتل ڪيو هو، ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

وَلَا تُجَادِلْ عَنِ الَّذِيْنَ يَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَهُمْ. (۲)

"۽ اوهان جهڳڑو نه ڪيو انهن جي طرفان جن خيانت ڪئي، پنهنجو پاڻ سان."

سَرِيَّہ بِئْرمَعُوْنَہ جا ڪجهه واقعات

* هن سال ستر قارين (قرآن جي قراءت ڪرڻ وارن) جي هڪ جماعت "بِئْرِمَعُوْنَہ" ڏانهن روانو ٿي. هن سَرِيَّہ کي تاريخ ۾ "سَرِيَةُ الْقُرَّآء" جي نالي پڻيان به ياد ڪيو ويندو آهي.

هن "سَرِيَّہ" ۾ شامل سمورا مؤمن شهيد ٿي ويا، سواءِ هڪ شخص عمرو رضه بن اميه ضمري جي جيڪو بچي ويو ۽ پنڌتي موٽي اچي ان دل ڏارينڌڙ واقعي جو احوال سرور عالم ﷺ جن کي ٻڌايائين. (۳)

* هن سال "سَرِيَّہ بِئْر مَعُوْنَہ" ۾ حضرت عَامِر بِن فُهَيْرَه رضه به شهيد ٿي ويو، جيڪو حضرت اَبُوبَكْر صِدِّيق رضه جو آزاد ڪيل غلام هو. (۴) ساٺس گڏ به ٻيا اهڙا صحابي به شهيد ٿيا، جيڪي حضرت اَنَس بن مَالِك رضه جا ماما هئا. سندن نالا حَرَام بن مِلْحَان ۽ سليم بن مِلْحَان ٻڌايا ويا آهن. (۵)

* هن سال "بِئْر مَعُوْنَہ" واري واقعي کانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن فجر جي نماز ۾ "قُنُوتِ نَازِلَہ" پڙهڻ جي شروعات ڪئي ۽ اهو سلسلو سڄو مهينو جاري رهيو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن رعل، ذَكْوَان، عَقَبَہ، لحيان قبيلن جي انهن ظالمن لاءِ بد دعا ڪندا رهيا. (جن هي ظلم ڪيو هو).

ان ڪانپوءِ جڏهن خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي:

---

(۱) روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۱۹۹/۲۰۰.

(۲) سورة النساء آيت ۱۰۷ پاره ۵.

(۳) مغازي رسول الله ﷺ عروه ابن زبير ۱۷۹، سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۱۹۴. البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۴ ص ۷۵، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۶۸.

(۴) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۴۵۲، عيون الاثر "ابن سيد الناس ج ۲ ص ۶۹.

(۵) سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۶۲،

Marfat.com

"لَيْسَ لَكَ مِنَ ٱلْاَمْرِ شَيْءٌ اَوْ يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ اَوْ يُعَذِّبَهُمْ" (١)

"اوهان کي ان معاملي ۾ ڪو اختيار نه آهي، اهوئي کين معاف ڪري يا سزا ڏئي."
تڏهن اهو سلسلو بند ڪيائون، جيئن صحيح بخاري وغيره ۾ روايتون موجود آهن. (٢)

حضرت خُبَيْب رضہ ۽ زَيْد رضہ جي شهادت جا ڪجهہ واقعا

* هن سال صفر جي مهيني ۾ خُبَيْب بن عَدِيّ رضہ ۽ زَيْد بن دَثِنَہ رضہ کي مکي ۾ شهيد ڪيو ويو، جنهن جو احوال "سَرَايَا" واري باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

* هن سال حضرت خُبَيْب بن عَدِيّ رضہ کي جڏهن مشرڪن قتل ڪرڻ چاهيو تہ هن ان کان اڳ ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪئي، ان ڪانپوءِ اهي ٻہ رڪعتون هر اهڙي مؤمن لاءِ سنت جو درجو رکن ٿيون، جنهن کي زوريءَ قتل ڪيو وڃي. اهو انڪري تہ اهڙو عمل نبي اڪرم ﷺ جن جي زندگي ۾ ڪيو ويو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ ان عمل کي پسند فرمايو. (٣)

* هن سال مشرڪ جيئري جاڳندي حضرت خُبَيْب رضہ کي "تَنْعِيْم" نالي ماڳ تي وٺي ويا ۽ اتي وڃي ڪبس سوريءَ تي چاڙهيائون.

"اسلام" ۾ هي پهريون شخص هو جنهن سوريءَ تي سر ڏنو.

حضرت خُبَيْب رضہ کي جڏهن سوريءَ تي چاڙهيو ويو تڏهن سندس منهن مبارڪ کي ڪافرن قبلي کان ڦيرائي ٻئي طرف ڪيو هو، پر پوءِ اها سوريءَ واري کانئي ڦري ويئي ۽ سندن منهن پنهنجو پاڻ قبلي ڏانهن ٿي ويو. ان واقعي کي سندن ڪرامت سمجهيو ويندو آهي. (٤)

حضرت خُبَيْب رضہ جي قاتل جو نالو عُقْبَہ بن حَارِث ۽ ڪُنيت اَبُو سَرْوَعَہ آهي، جنهن اڳتي هلي ائين هجري دوران اسلام قبول ڪيو جنهن جو ذڪر ائين فصل ۾ ڪيو ويندو.

* هن ئي سال جو واقعو آهي تہ جڏهن رسول خدا ﷺ وٽ اها خبر پهتي تہ حضرت خبيب رضہ کي سوريءَ تي چاڙهي شهيد ڪيو ويو آهي، تڏهن پاڻ صحابي سڳورن کان سوال ڪيائون: "اوهان منجهان اهو ڪير آهي، جيڪو خبيب جي لاش کي سوريءَ تان لاهي هتي پهچائي."

اهو ٻڌي حضرت زُبَيْر بن عَوام رضہ ۽ مِقْدَاد بن اَسْوَد رضہ وراٽيو، "اهو ڪم اسان ڪنداسون."

ان ڪانپوءِ هنن سفر جو سانباهو ڪيو، تانجو شهادت جي چاليهي گذرڻ ڪانپوءِ هڪ رات هو وڃي "تَنْعِيْم" پهتا. چا ڏسن تہ لاش ائين ئي تازو لڳو پيو آهي، جيئن پهرين ڏينهن تي هجڻ ڪپي ۽ ان ۾ ڪابہ تبديلي نہ آئي آهي. سندس هٿ ۾ هڪ ڏڪ آيل هو جتان رت ڳڙي رهيو هو، جنهن جو رنگ ريٽو ۽ خوشبوءِ مشڪ جي مثل هئي. لاش جي چوڌاري ستر مشرڪ ستا پيا هئا. هنن لاش کي

---

(١) سوره آل عمران آيت ١٢٨ پاره ٤.
(٢) صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ٢ ص ٣٠ ـ ٢٧.
(٣) الروض الانف "سُهيلي" ج ٢ ص ٢٣٥، تاريخ طبري ج ٢ ص ٢١٥. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٤٣، المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ١ ص ٤٢٢.
(٤) سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٢ ص ٤٥.

Marfat.com

اتان لاٿو، جنهن کي حضرت زبير رضہ پنهنجي گهوڙي تي رکيو. پوءِ هو اتان روانا ٿيا ۽ اچي مديني پهتا. (۱)

ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان حضرت زُبَيْر رضہ ۽ مقداد رضہ جي حق ۾ هيءَ آيت نازل ٿي:

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْرِيْ نَفْسَهُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللهِ. (۲)

"۽ انسانن مان کو اهڙو به آهي جيکو الله جي رضا ماڻڻ خاطر پنهنجي جان به قربان ٿو ڪري ڇڏي."

عَبْدُالرَّحْمٰن بن زيد رضہ جو ڇمڻ

* هن سال عَبْدُالرَّحْمٰن بِن زَيْد رضہ بن خَطَّاب رضہ قُرَشِي عَدَوِيّ رضہ ڄائو، جيکو امير المؤمنين عمر بن خطاب رضہ جو ڀائٽيو هو. نبي ڪريم ﷺ جن جي وصال وقت عَبْدُالرَّحمٰن بن زَيْد رضہ جي ڄمار ڇهہ ورهيہ هئي. اڳتي هلي حضرت عُمر رضہ پنهنجي نياڻي فاطمہ رضہ جو نڪاح پنهنجي هن ڀائٽي سان ڪيو، جنهن مان عبدالله بن عبدالرحمٰن ڄائو. (۳)

نماز ۾ قصر جو حڪم (۴)

* هن سال سفر دوران نماز ۾ قصر ڪرڻ جو حڪم هن آيت ذريعي نازل ڪيو ويو:

---

(۱) سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۴۴.

(۲) سوره بقره آيت ۲۰۷ پاره ۲.

(۳) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۲۹۵.

(۴) ابن الاثير جي روايت مطابق ته اهو حڪم هن سال نازل ٿيو. جڏهن ته دولابيءَ جو قول آهي ته اهو حڪم ٻي هجريءَ جي ربيع الآخر واري مهيني ۾ نازل ٿيو، جنهن جي ذريعي مسلمانن کي حڪم ڏنو ويو ته امن جي حالت ۾ جڏهن اوهان سفر ڪريو ته پوءِ ظهر، عصر ۽ عشاء جي نمازن ۾ ڇڻن جي بجاءِ ۾ رڪعتون فرض ادا ڪريو. باقي جنگ جي حالت بابت وضاحت هن کان اڳ "صلوة الخوف" واري جاءِ تي ٿي چڪي آهي.

مٿين آيت ۾ "فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ" مان ڪن عالمن اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته سفر ۾ نماز قصر ڪرڻ جو حڪم نہ پر اجازت آهي، هاڻي جيکو ان تي عمل ڪري يا نہ اهو هر ڪنهن جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي. البت امام ابوحنيفہ وٽ قصر ڪرڻ واجب آهي ۽ امام مالڪ ۽ ان راءِ جو قائل نظر اچي ٿو.

سفر جو مقدار: - هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڪيتري سفر دوران نماز ۾ قصر ڪرڻ ڪپي؟

ان ڏس ۾ اڪثر فقيهن وٽ هڪ ڏينهن رات (پيدل يا اٺ تي) سفر ڪرڻ جيتري پنڌ تي قصر ڪري سگهجي ٿو، جيئن حضرت عبدالله ابن عباس کان منقول آهي ۽ امام شافعي ۽ ان جي تائيد ڪري ٿو. ان جو اندازو وٽن اٽيتاليہ ميل يا اٽڪل ستر ڪلو ميٽر ٿيندو.

المواهب اللدنيہ ۾ قسطلاني ۽ اٽيتاليہ هاشمي ميلن تي قصر سمجهي ٿو. "امام ابوحنيفہ" چوونجاهہ ميلن جي سفر دوران قصر جو قائل آهي.

ان ڪانپوءِ اهو سوال ۽ اٿي ٿو ته قصر نماز ڪيترن ڏينهن تائين پڙهي سگهجي ٿي؟

ان ڏس ۾ امام مالڪ، امام شافعي ۽ امام احمد بن حنبل جو مسلڪ آهي ته سفر جي شرعي حد ٽن ڏينهن تائين آهي. هاڻي جيکو جنهن جاءِ تي ڇڻن ڏينهن جي ترسڻ جو ارادو ڪري ته ان کي پوري نماز پڙهڻ گهرجي. جڏهن ته

Marfat.com

"وَاِذَا ضَرَبْتُمْ فِی الْاَرْضِ فَلَیْسَ عَلَیْکُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَقْصُرُوا مِنَ الصَّلٰوةِ. (۱)

"ءِ جڏهن اوهان سفر لاءِ نڪرو پوءِ اوهان تي ڪو ڏوه ناهي جي اوهان (فرض) نماز جي رڪعتن کي گهٽائي پڙهو."

زَيْد بن ثَابِت رضہ کي حڪم

* هن سال رسول رحمت صلی الله علیه وسلم جن حضرت زَيْد بِن ثَابِت رضہ کي حڪم ڏنو تہ هو يهودين جي زبان لکڻ سکي. هڪ روايت مطابق هي واقعو ٽين هجريءَ جو آهي، جيئن ٽين فصل ۾ بيان ٿي چڪو آهي. (۲)

حضرت زَيْنَب رضہ بنت جَحْش (۳) جو نڪاح

* هن سال ذوالقعد مهيني جي چند رات پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جو نڪاح حضرت زَيْنَب بِنت

امام ابوحنيفہ جي راءِ آهي تہ پندرهن ڏينهن تائين سفر جي حد آهي، پوءِ جيڪو پندرهن ڏينهن يا ان کان مٿي رهڻ جو ارادو رکي تہ اهو قصر نماز نہ پڙهي باقي، جيڪڏهن کو ماڻهو ڪٿي ڪنهن مجبوريءَ تحت ترسيل آهي پر سندس نيت آهي تہ مجبوري ختم ٿيندي ئي هو پنهنجن ماڳن تي موٽي ويندو تہ پوءِ ان لاءِ وقت جي پابندي نہ آهي ۽ هو سالن تائين قصر نماز پڙهي سگهي ٿو.

سفر دوران جيڪڏهن کو ماڻهو اطمينان سان رهيل آهي ۽ مسجد ۾ وڃي هو مقامي پيش امام جي اقتداء ۾ نماز ادا ڪري ٿو تہ پوءِ ان شخص کي پوري نماز ادا ڪرڻي پوندي.

سنتون ۽ نفل: ـ سفر دوران سنتون ۽ نفل ادا ڪرڻ بابت کو خاص حڪم نہ آهي، اهو مسافر جي سهوليت تي ڇڏيل آهي. باقي نبي ڪريم ﷺ جن جي عمل مان خبر پوي ٿي تہ پاڻ فجر جون ٻہ سنتون ۽ عشاء جو وتر سفر ۾ بہ ادا ڪندا هئا.

ان ڏس ۾ امام ابوحنيفہ جي اها راءِ وزندار آهي تہ سفر جي دوران رستي ۾ نوافل ۽ سنتن جي پابندي لازمي نہ آهي باقي جڏهن مسافر پنهنجي منزل تي پهچي ۽ ڪيس اطمينان حاصل هجي تہ پوءِ سنتون ۽ نوافل ادا ڪرڻ بهتر آهي.

ان موضوع تي سبل الهدي والرشاد ۾ شامي ج ۸، المواهب اللدنيہ ۾ قسطلاني ج ۴، شرح علي المواهب ۾ زرقاني ۽ الجامع الاحڪام القرآن ۾ قرطبي تفصيل سان بحث ڪيو آهي.

(۱) سورة النساء آيت ۱۰۱ پاره ۵.

(۲) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۱ ص ۴۶۴/۶۵. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۹۳. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۱۹۹.

(۳) زينب رضہ بنت جحش بن رئاب بن يعمر جو نسبي تعلق قريش قبيلي جي شاخ اسد بن خزيمہ وارن سان هو. جڏهن تہ سندس امڙ جو نالو سيده اميمه بنت عبدالمطلب هو، جيڪا پاڻ ڪريمن ﷺ جي ڦئي هئي. اهڙيءَ ريت هيءَ بيبي سڳوري نبي اڪرم ﷺ جن جي ڦئات هئي.

بعثت نبوي ﷺ ڪان اڳ جحش بن رئاب تہ گذاري ويو هو، باقي سندس ٻارن ٻچن کي الله تعالي اسلام جي نعمت سان نوازيو ۽ هو سمورا شروعاتي دور ۾ ئي دين جي دائري ۾ داخل ٿي چڪا هئا. سندن شمار "سابقون الاولون" ۾ ٿيندو آهي ۽ هجرت جي پهرين سال ئي هي خاندان مديني پهتو هو.

Marfat.com

مديني ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن سيده زينب جو نڪاح پنهنجي پٽيلي ۽ خاص خادم حضرت زيد بن حارث سان ڪرايو. پر هيءَ شادي ڪن سببن ڪري ڪامياب نه ٿي سگهي. ان ڪري سال جي اندر ئي زيد بن حارث هن بيبي سڳوريءَ کي طلاق ڏيئي ڇڏي. ان وقت سندس عمر چونيهه ورهيه هئي. هيءَ شادي جيئن ته پاڻ سڳورن ﷺ جن جي مرضي مطابق ٿي هئي، انڪري ڪين هن شاديءَ جي ناڪام ٿيڻ جو وڏو افسوس هو ۽ ان جي ازالي لاءِ دل ۾ سوچي رهيا هئا ته الله تعالىٰ طرفان وحي نازل ٿي.

فَلَمَّا قَضٰى زَيْدٌ مِّنْهَا وَطَرًا زَوَّجْنٰكَهَا.

جنهن جي ذريعي ڪين حضرت زينب رضه سان نڪاح ڪرڻ جي اجازت ڏني ويئي. هن نڪاح جو هڪ مقصد جاهلانه دور جي ان رسم کي بہ مٽائڻ هو، جنهن جي ڪري ماڻهو پنهنجي پٽيلن جي ڇڏيل زالن سان نڪاح نه ڪندا هئا، ڇو ته هو انهن کي پنهنجي سڳي پٽن جي برابر سمجهندا هئا. الله تعالىٰ هن موقعي تي صاف طور ٻڌايو ته اوهان فقط پنهنجي حقيقي پٽن جي ڇڏيل زالن سان نڪاح نٿا ڪري سگهو. باقي زيد جيئن ته نبي ڪريم ﷺ جن جو اصلي پٽ نه آهي انڪري اهو نڪاح جائز آهي. عدت پوري ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جو نڪاح حضرت زينب سان ٿيو. هن موقعي تي ڪافرن توڙي منافقن طرفان وڏا اعتراض اٿاريا ويا، پر الله تعالىٰ هن آيت ذريعي ان معاملي کي صاف ڪري ڇڏيو.

مَا كَانَ مُحَمَّدٌ ..... خَاتَمَ النَّبِيّٖنَ.

ترجمو: محمد ﷺ اوهان جي مردن منجهان ڪنهن جو بہ بيءُ نه آهي پر هو الله جو رسول (ﷺ) ۽ آخري نبي ﷺ آهي.

حضرت زينب رضه جو حق مهر چار سؤ درهم مقرر ڪيو ويو. هڪ روايت ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي ته هن موقعي تي ئي پاڻ سڳورن ﷺ طرفان سندس نالو "زينب" رکيو ويو. نه ته هن بيبيءَ جو اصلي نالو "برہ" ٻڌايو ويو آهي.

شاديءَ جي ٻئي ڏينهن تي بهترين وليمي جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ مهمانن کي گوشت ۽ ڪڪ جا نان کارايا ويا.

حضرت زينب رضه نهايت عابده، زاهده، صادقه عورت هئي ۽ سندس اهي عادتون پاڻ ڪريمن ﷺ کي بہ بيحد پسند هيون ۽ سندس انهن عادتن جي پاڻ سڳورن ﷺ جن اڪثر موقعن تي تعريف ڪندا هئا.

حضرت زينب رضه وٽ جيڪو ڪجهه هوندو هو اهو الله جي راه ۾ خرچ ڪندي هئي. ڪيترن ئي يتيمن ۽ محتاجن جي پرگهور لهندي هئي، انڪري هر وقت مسڪين جو ميڙ سندس در تي موجود رهندو هو.

حضرت عمر رضه پنهنجي دور خلافت ۾ سڀني امهات المؤمنين لاءِ وظيفو مقرر ڪيو، جنهن مان انهن جو سالياڻو خرچ پکو هلندو هو. پر بيبي زينب رضه وٽ جڏهن بہ اها رقم پهچندي هئي ته هوءَ غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندي هئي. ان ڪانسواءِ واندي وقت ۾ موتين جا هار پوئڻ ۽ چمڙي رڱڻ جو ڪم بہ ڪندي هئي، جنهن ۾ ڪيس گهٽي مهارت حاصل هئي ۽ ان ڪم مان بہ جيڪا رقم ملندي هئس اها بہ خيرات ڪندي هئي.

امام الانبياء ﷺ جن فرمايو ته "منهنجي وصال ڪانپوءِ اها گهر واري سڀ کان پهريان مون سان ملندي جنهن جا هٿ ڊگها هوندا." ان اصطلاح جو مطلب هو ته جيڪا سڀ کان وڌيڪ سخاوت ڪندڙ هوندي ۽ پوءِ ڏاڍو ويو ته وصال نبوي ﷺ کان اٽڪل ست ورهيه رکي امهات المؤمنين مان سڀ کان اول حضرت زينب وفات فرمائي. اهو واقعو ويهين هجريءَ ڌاري حضرت عمر رضه جي خلافت واري زماني ۾ پيش آيو، جنهن سال مصر فتح ڪئي ويئي. وفات وقت حضرت زينب رضه جي عمر ٽيونجاهه ورهيه هئي ۽ جنازي نماز بہ عمر فاروق رضه پاڻ پڙهائي، جنهن ڪانپوءِ ميت کي جنت البقيع ۾ دفن لاءِ آندو ويو، سندس پائٽين زيد، محمد، عبدالله وغيره ميت کي قبر ۾ لاٿو. جيئن ته بيبي زينب

Marfat.com

جَحْش رضہ سان ٿيو. هڪ ٻي روايت مطابق هي نڪاح سن پنجين هجريءَ دوران پڙهيو ويو. (۱) پر پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي. اُم المؤمنين زَيْنَب رضہ جي عمر ان وقت ۳۵ ورهيہ هئي، نبي اڪرم ﷺ جن جي وصال ڪانپوءِ امهات المؤمنين مان سڀ کان پهريان حضرت زَيْنَب رضہ وفات ڪئي.

پردي جو حڪم (۲)

* هن سال جنهن ڏينهن حضرت زَيْنَب بن جَحْش رضہ لائون لڌيون، ان ساڳئي ڏينهن تي عورتن لاءِ پردي ڪرڻ جو حڪم نازل ٿيو. هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو حڪم سن ٽين هجريءَ دوران نازل ٿيو. ان ڏس ۾ پهرين روايت وڌيڪ صحيح آهي. جنهن جي وضاحت "سيرت شاميءَ" ۾ ڪئي

رضہ جي ڪري پردي جو حڪم نازل ٿيو هو، ان ڪري مرڻ ڪانپوءِ بہ پردي جو اهتمام ڪيو ويو. ابن الاثير جي روايت مطابق سندس لاش کي هڪ ڊوليءَ ۾ رکي ان جي مٿان چادر وجهي ڏيکيو ويو تہ جيئن ڪنهن نامحرم جي نظر سندس ميت مٿان نہ پئي. ابن حزم جي بقول ام المؤمنين زينب بنت جحش رضہ کان پاڻ ڪريمن ﷺ جون يارهن حديثون روايت ڪيون ويون آهن.

الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ۴۰۸ ـ ۴۰۶. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۷ ص ۱۴۰ ـ ۱۳۸. ازواج النبي ﷺ و اولاده "ابوعبيده" ۷۰ ـ ۶۹. المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ۲ ص ۸۸ ـ ۸۷. ازواج النبي ﷺ "شامي" ص ۱۹۲ ـ ۱۸۱. تاريخ فهوم الاثر ابن جوزي ص ۲۲. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ۱ ص ۴۹ ـ ۴۸. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۳۱۴ ـ ۳۱۳. عيون الاثر "ابن سيدالناس" ج ۲ ص ۳۹۸.

(۱) مختلف راوين طرفان هن نڪاح جا مختلف سال ٻڌايا ويا آهن. حضرت ابوعبيده رضہ جي روايت مطابق هي نڪاح هجرت جي ٽئين سال پڙهيو ويو، جڏهن تہ حضرت قتاده جو قول آهي تہ هي نڪاح سن پنجين هجريءَ ڌاري ٿيو هو. "ابن اسحاق" جي روايت آهي تہ حضرت زينب بن جحش رضہ جو نڪاح نبي انور ﷺ جن سان حضرت ام سلمیٰ جي نڪاح ڪانپوءِ ٿيو. (والله اعلم).

سيرة ابن اسحاق ص ۲۴۴. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۴۶۶/۴۶۵. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۳۱۳. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۵۰۱/۵۰۰. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۴۶۵. المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ۲ ص ۸۸.

(۱) پردي جي حڪم جو پس منظر اهو ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت زينب بنت جحش رضہ سان شاديءَ جي موقعي تي سرور عالم ﷺ جن بهترين وليمي جو اهتمام ڪيو هو. ۽ جيئن تہ ان وقت تائين پردي جو حڪم نازل نہ ٿيو هو جنهن ڪري ساڳئي ڪمري ۾ ئي مهمانن کي ماني کائڻ لاءِ سڏيو پئي ويو. جيڪو شاديءَ وقت حضرت زينب کي مليو هو.

ڏهہ ڏهہ ماڻهو ٽولو ٽاهي اچن پيا ۽ اهي جڏهن ماني کائي روانا پئي ٿيا تہ وري ٻين کي سڏيو پئي ويو. اهڙي ريت نهايت آرام سان اهو سلسلو جاري پئي رهيو. اتفاق سان انهن مهمانن منجهان هڪ اهڙو ٽولو بہ آيو، جيڪي ماني کائي اتي ئي ڪچهريءَ ۾ مشغول ٿي ويا ۽ کين ان ڳالهہ جو ڪوبہ احساس نہ رهيو تہ ٻيا مهمان بہ اچڻا آهن. ڪنوار ويچاري پت ڏي منهن ڪري جهنڊ هٽي ويئي آهي تہ رسول خدا ﷺ جن انتظار ۾ ڪڏهن اندر ڪڏهن ٻاهر پئي آيا ويا. ٻاهر بيٺل ٻيا مهمان پنهنجي واري جي انتظار ۾ پڻ بيچين پئي ٿيا. ان موقعي تي الله تعالیٰ طرفان سوره احزاب جي آيت نازل ڪئي ويئي.

Marfat.com

ويئي آهي. (١)

مٿين ٻنهي روايتن جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو ته اهو پردي وارو حڪم غَزْوَه بَني مُصْطَلَقِ ۽ غَزْوَه اَحْزَاب کان اڳ نازل ٿيو هو. انهن مان غَزْوَه بَني مُصْطَلَقِ سن پنجين هجريءَ جي شعبان مهيني ۾ ۽ غَزْوَه اَحْزَاب ساڳئي سال جي شوال مهيني ۾ واقع ٿيو هو.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا ..... عِنْدَاللهِ عَظِيْماً.

جنهن کانپوءِ نبي انور ﷺ جن امهات المؤمنين جي دروازن تي پردا هڻي ڇڏيا، جنهن جي پوئواري صحابه ڪرام به ڪئي. اهڙي ريت مسلم معاشري ۾ اهو حڪم جاري ٿيو ته ڪوبه غير مرد ڪنهن جي گهر ۾ بنا اجازت جي نه اچي. اهو حڪم مسلمانن لاءِ قيامت تائين جاري رهندو.

(١) سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢٠١/٢٠٢.

Marfat.com

فصل پنجون

هن فصل ۾ سن پنجين هجريءَ دوران پيش آيل واقعن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

حضرت رَيْحَانَہ رضہ جو ذڪر

* هن سال محرم جي مهيني ۾ منجي مرسل صلی اللہ علیہ وسلم جن جو نڪاح رَيْحَانَہ رضہ بِنت شَمْعُوْن سان ٿيو. ڪن جو چوڻ آهي تہ سندس پيءُ جو نالو "شَمْعُوْن" نہ پر زيد بن عمرو هو.

نسب جي لحاظ ڪان "ريحانہ رضہ" جو تعلق يهودين جي بن مشهور قبيلن "بَنُوْ قُرَيْظَہ" يا بَنُوْنَضِيْر مان ڪنهن هڪ سان هو، جنهن مان بَنُوْقُرَيْظَہ واري روايت مشهور آهي. جڏهن تہ ڪن جو چوڻ وري هن ريت آهي تہ هوءَ جائي تہ بَنُوْنَضِيْر وارن ۾ هئي، پر سندس شادي بَنُوْقُرَيْظَہ وارن ۾ ٿي هئي.

غزوہ بَنُوْقُرَيْظَہ جي موقعي تي "رَيْحَانَہ رضہ" اتان جي هٿ آيل قيدين ۾ شامل هئي. جيڪا پاڻ ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن جي حصي ۾ آئي، پوءِ هن اسلام قبول ڪيو ۽ نبي انور صلی اللہ علیہ وسلم جن ڪيس آزاد ڪري ساڻن نڪاح ڪيو.

ڪن راوين جو چوڻ آهي تہ "رَيْحَانَہ رضہ" آخر تائين ائين ئي بانهي رهي، جيئن دربار نبوي صلی اللہ علیہ وسلم ۾ آئي هئي. اها روايت وڌيڪ مشهور ۽ صحيح آهي. (۱)

---

(۱) ريحانہ بابت اڪثريت جي راء اها آهي تہ هوءَ آخر تائين نبي ڪريم ﷺ جن جي گهر ۾ بانهيءَ جي حيثيت ۾ ئي رهي.

سندس اصلي نالو "ربيعہ" بنت شمعون بن زيد بن عمرو ٻڌايو ويو آهي. الاصابہ ۾ "ابن حجر" سندس تعلق يهودين جي مشهور قبيلي "بني قريظہ" سان ڄاڻايو آهي، جڏهن تہ ابن اسحاق جي راءِ آهي تہ سندس نسبي تعلق "بني نضير" وارن سان هو.

ابن سعد جي قول مطابق "ريحانہ" جي شادي "حڪم" نالي هڪ شخص سان ٿي هئي، جنهن جو تعلق "بني قريظہ" وارن سان هو ۽ اهو هن غزوہ ۾ مارجي ويو. جنهن ڪانپوءِ حضرت ريحانہ غزوہ بني قريظہ جي موقعي تي قيد ٿي آئي ۽ ورهاست وقت هوءَ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ٻڪي پيئي، جنهن ڪانپوءِ هن اسلام قبول ڪيو.

محمد بن ڪعب جي هڪ روايت مطابق جيڪا واقديءَ ڪان ابن سعد نقل ڪئي آهي، ان ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن حضرت سلمىٰ بنت قيس رضہ جي گهر ۾ ساڻس نڪاح ڪيو ۽ نڪاح ڪانپوءِ جڏهن ڪيس پردي جو حڪم ڏنائون تہ اها ڳالهہ حضرت ريحانہ رضہ کي ڏاڍي ڏکي لڳي، جنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن طرفان ڪيس طلاق (رجعي) ڏني وئي، جنهن جو ريحانہ رضہ کي ڏاڍو ڏک پهتو، جنهن ڪري هوءَ هر وقت هنجون هاريندي رهي. سندس اهو حال ڏسي سرور ڪائنات ﷺ جن ڏانهس وري رجوع ڪيو، جنهن ڪانپوءِ هوءَ مرڻ گهڙيءَ تائين پردي جي پابند رهي، تانجو سن ڏهين هجريءَ ڌاري جڏهن نبي انور ﷺ جن حج تان واپس موٽيا، تڏهن ان موقعي تي حضرت ريحانہ رضہ وفات فرمائي ۽ ڪيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

ابن الاثير، ابن ڪثير، شامي وغيره حضرت ريحانہ رضہ جو شمار امهات المؤمنين ۾ نہ پر بانهين ۾ ئي ڪيو آهي ۽

Marfat.com

نبي ڪريم ﷺ جن جو حَضْرَت جُوَيْرِيَہ رضہ [1] سان نڪاح

* هن سال نبي انور ﷺ جن جو نڪاح حضرت جُوَيْرِيَہ رضہ بِنت حَارِث بن اَبُوضِرَار مُصْطَلِقِيَہ سان ٿيو. اهو واقعو هن سال "غَزْوَہ بَنُو مُصْطَلِق" جي پڇاڙيءَ ڪانپوءِ پيش آيو. جڏهن ته ڪن جو چوڻ آهي ته هي واقعو سن ڇهين هجريءَ ڏاري پيش آيو.

سندن ان راء کي ئي اڪثريت جي پٺيرائي حاصل آهي. (والله اعلم)

المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٥٢١/٥٢٠. سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٢٥٦. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ٣٠٩. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٤٦١/٤٦٠. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٢٦٦/٢٦٥. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٣ ص ٢٧٤/٢٧٣. "سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢٢٠.

(١) حضرت ابن عباس کان ابن ابي خيثم جي هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حضرت جويريہ جو اصلي نالو برہ بنت حارث بن ابو ضرار بن حبيب بن عائذ بن مالڪ بن جذيمہ هو. نسبي لحاظ کان سندس تعلق بنو خزاعہ جي پاڙي مصطلق سان هو.

برہ جو پيءُ حارث پنهنجي خاندان جو چڱو مڙس هو، جنهن پنهنجي هن نياڻيءَ جي شادي جوان ٿيڻ سان ئي پنهنجي خاندان جي هڪ نوجوان مسافع بن صفوان سان ڪرائي ڇڏي هئي.

حارث جو شمار به انهن سردارن ۾ ٿيندو هو، جيڪي اسلام ۽ مسلمانن خلاف پنهنجي دل ۾ ڪينو ۽ ڪدورت رکندا هئا ۽ قريش سردارن سان گڏجي سازشون به ڪندا رهندا هئا. هڪ اهڙي ئي موقعي تي قريشہ وارن حارث کي صلاح ڏني ته هو مديني تي چڙهائي ڪري، جنهن تي هن تياريون شروع ڪري ڇڏيون.

سرور ڪائنات ﷺ جن وٽ جڏهن اهڙي خبر پهتي ته هڪ هزار سوار ۽ پيادا ساڻ ڪري بنو مصطلق وارن ڏانهن روانا ٿيا. امهات المؤمنين مان حضرت عائشہ صديقہ ۽ حضرت ام سلمہ پڻ ساڻن گڏ هيون.

ابن سعد جي مطابق هن موقعي تي مديني ۾ حضرت زيد بن حارثہ کي خليفو مقرر ڪيو ويو، جڏهن ته ابن هشام وري هن جاءِ تي حضرت ابوذر غفاريءَ جو نالو ڄاڻايو آهي. اهڙي ريت هڪ ٻي روايت ۾ وري نميلہ بن عبدالله ليثيءَ جو نالو به اچي ٿو. بهرحال اسلامي لشڪر مديني ڪان هليو ۽ اچي "مريسيع" نالي ڳوٺ ۾ لڏو لاتائون.

"مريسيع" بنو خزاعہ وارن جي ڪوهہ جو نالو آهي، جيڪو فرع ڪان ۾ ڏينهن جي پنڌ تي آهي. هن جاءِ تي اسلامي لشڪر پنهنجي ڪئمپ قائم ڪئي. بنو مصطلق وارن به هتي پهچي اسلامي لشڪر سان مقابلو ڪيو. سڀ ڪان ڀهريان مسلمانن طرفان حضرت عمر رضہ کين دين جي دعوت ڏني، جنهن کي هنن رد ڪري ڇڏيو. جنهن ڪانپوءِ رسول خدا ﷺ جن اسلامي لشڪر کي حڪم ڏنو ته هو ڪافرن تي ڀرپور حملو ڪن. هن مقابلي ۾ ڪافرن جا ڏهاڪو ڪن ماڻهو مارجي ويا، جن ۾ جويريہ جو مڙس به شامل هو. جنهن ڪانپوءِ سندن سردار پڄي ويو ۽ باقي لشڪر هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ انهن سڀني کي گرفتار ڪيو ويو، جن ۾ سردار جي ڌيءَ برہ به شامل هئي، باقي سندن مال ملڪيت بطور غنيمت مسلمانن کي مليو.

جڏهن جنگي قيدين کي ورهايو ويو ته هوءَ مشهور صحابي حضرت ثابت بن قيس ۽ سندس سوٽ جي حصي ۾ آئي پر جيئن ته سردار جي ڌيءَ هئي، انڪري هن انهن سان رهڻ پسند نہ ڪيو ۽ نوَ اوقيہ سون جي قيمت تي هنن سان آزاديءَ جو معاهدو ڪيو. پنهنجي آزاديءَ جي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ هوءَ سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ آئي ۽ کين مدد جي درخواست ڪيائين. دربار نبوي ﷺ ۾ سندس عرض قبول ڪيو ويو ۽ پوءِ هن ثابت بن قيس کي اها رقم ادا ڪري آزادي حاصل ڪئي، جنهن ڪانپوءِ هن اسلام قبول ڪيو. هڪ قبيلي جي سردار جي ڌيءَ جنهن ڪنهن عام ماڻهوءَ جي غلاميءَ ۾ رهڻ پسند نہ ڪئي ڪيو، ان کي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پنهنجي حرم ۾ داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته جيئن هن قبيلي وارن جي دلجوئي به ٿئي ته خاندان نبوت ﷺ جو ڪين قرب به حاصل ٿئي. اهڙي ريت هن

Marfat.com

اڪثريت آڏو پهرين روايت کي ترجيح ڏني وڃي ٿي. روايتن جي ان اختلاف جو ڪارڻ اهو آهي جو خود "غَزْوَه بَنُو مُصْطَلِق" جي سال ۾ اختلاف آهي.

حضرت جُوَيْرِيَہ رضہ غَزْوَه بَنُو مُصْطَلِق جي موقعي تي هٿ آيل قيدين ۾ شامل هئي. جنهن ڪانپوءِ رسول خدا صلي الله عليه وسلم جن ڪيس آزاد ڪري ساڻس نڪاح ڪيو، جنهن جو حق مهر چار سو درهم مقرر ڪيو ويو. نڪاح وقت هن بيبي سڳوريءَ جي عمر ويهہ ورهيہ هئي. (۱)

حضرت جُوَيْرِيَہ رضہ جو خواب

* هن سال غَزْوَه بَنُو مُصْطَلِق ڪان ٿي راتيون اڳ حضرت جُوَيْرِيَہ رضہ خواب لڏو تہ چند مديني مان هلي اچي سندس جهوليءَ ۾ جُهلي پيو آهي. الله تعاليٰ ان خواب کي سچو ڪري ڏيکاريو جو سندس نڪاح پنهي جهانن جي سردار سڳوري صلي الله عليه وسلم جن سان ٿيو. (۲)

حضرت حَارِث بن اَبُوْ ضِرَار جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال اُم المؤمنين حضرت جُوَيْرِيَہ رضہ جي پيءُ به اسلام قبول ڪيو. سندس نالو حَارِث رضہ بن اَبُوضِرَار مُصْطَلِقِي هو، جيڪو هن ئي "غزوه" ۾ قيد ٿي آيو هو. (۳)

سال پاڻ ڪريمن ﷺ جو نڪاح بره سان ٿيو ۽ نڪاح ڪانپوءِ سرور عالم ﷺ جن سندس نالو بدلائي "جَويريہ" رکيو ۽ ان سان گڏ صحابين طرفان به قبيلي جي سمورن قيدين کي آزاد ڪيو ويو، چو تہ هاڻي ابوعبيده جي روايت مطابق ان خاندان جو شمار سرور عالم ﷺ جن جي ساهرن ۾ ٿيڻ لڳو هو. ان واقعي بابت ام المؤمنين سيده عائشہ جو قول آهي تہ "مان جَويريہ ڪانسواءِ ڪا اهڙي عورت نہ ڏٺي جيڪا پنهنجي قبيلي لاءِ اهڙي ريت برڪت جو باعث بڻي هجي"، چو تہ هڪ ئي مهل هڪ سؤ ڪٽنب آزاديءَ جي نعمت سان فيضياب ٿيا.

اڳتي هلي جويريہ جو پيءُ به مديني اچي سرور ڪائنات ﷺ جن آڏو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو. حضرت جويريہ اڪثر وقت عبادت ۾ الله جي ذڪر ۾ گذاريندي هئي.

ابن عبدالبر جو قول آهي تہ هن بيبي سڳوريءَ سن ڇاونجاه هجريءَ جي ربيع الاول ۾ وفات فرمائي. ابن العماد به ان جي تائيد ڪئي آهي. جنازي نماز مديني جي گورنر مروان بن حڪم پڙهائي. جنهن ڪانپوءِ سندس ميت کي جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

حضرت جويريہ پاڻ ڪريم ﷺ جن کان ست حديثون روايت ڪيون آهن.

ازواج النبي واولاده ابوعبيده ص ۷۲ ـ ۷۱. طبقات الڪبريٰ ابن سعد ج ۸ ص ۸۴. "اسد الغابہ" "ابن الاثير" ج ۷ ص ٦٥ ـ ٦٣. عيون الاثر ابن سيد الناس ج ۲ ص ۳۹۹ ـ ۳۹۸. ڪتاب المحبر ابن حبيب ص ۹۰ ـ ۸۹. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ۳٦۷ ـ ۳٦٦. شذرات الذهب ابن العماد ج ۱ ص ۱۱۰.

(۱) سيرة ابن اسحاق ص ۲۴۵، سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۳۰۷/۳۰۸. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۱٦۱/ ۱٦۰. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۹۰/۹۱، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۴۱۷/۴۱۹. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۹۸/۳۹۹، ڪتاب المحبر ابن حبيب ص ۸۹/۹۰. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۲۵۸.

(۲) دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۵۰، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۳۴۷. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۳ ص ۲۵۴. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۱٦۱.

(۳) الاصابہ "ابن حجر" ج ۱ ص ۲۸۱. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۳۵۴.

Marfat.com

غزوه خَنْدَق جا واقعا (۲)

* هن سال "غَزْوَه خَنْدَق" کان کجهه ڏينهن اڳ سرور عالم ﷺ جن مديني جي چوڌاري هڪ کاهي (خندق) کوٽڻ جو حڪم ڏنو.

* هن سال "غَزْوَه خَنْدَق" جي موقعي تي نبي کريم ﷺ جن هٿان کجهه معجزا ٻ ظاهر ٿيا.

هن موقعي تي اها کاهي کوٽيندي هڪ اهڙي ڇپ اچي ظاهر ٿي، جنهن تي کنهن ٻ ٽيڪم، بيلچي يا کوڏر جو ڪو ڏڪ اثر نه پيو ڪري. آخر جڏهن سمورا صحابي سڳورا هڏي هڏي ساڻا ٿي پيا، تڏهن امام الانبياء ﷺ جن هڪ کوڏر کڻي پاڻ پنهنجي سر کاهيءَ ۾ لٺا ۽ پنهنجي مبارڪ هٿن سان اهڙو ٽ ڪوڏر جو ڏڪ هنيائون، جو اها ڇپ ڇيتيون ڇيتيون ٿي ويئي، يعني واريءَ وانگر پُري پيئي.

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن ان ڇپ تي پاڻ ڪوڏر وهائي رهيا هٿا، تڏهن سندن زبان مبارڪ تي هيٺيان شعر جاري هٿا:

بِسْمِ اللّٰهِ وَبِهٖ بَدِيْنَا

شروع خدا جي نالي سان ۽ اسان جي شروعات ان سان ئي ٿئي ٿي.

وَلَوْ عَبَدْنَا غَيْرَهٗ شَقِيْنَا

۽ جيڪڏهن اسان عبادت ڪريون ها، کنهن بئي جي ٽ اسان نياڳا هجون ها.

يَا حَبَّذَا رَبًّا وَّحَبَّ دِيْنَا

کيڏو نه پيارو رب آهي ۽ کيڏو پيارو دين آهي.

مٿين شعر جي پهرين مصرع ۾ جيڪو آخري لفظ "بدينا" آهي، اهو حقيقت ۾ "بدانا" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "اسان شروع ڪريون ٿا."

* هن ئي موقعي تي جڏهن صحابي سڳورا کاهي کوٽي رهيا هٿا، ٽ سرور ڪائنات ﷺ جن کين ڏسي موقعي جي مناسبت سان عبدالله بن رواحه رضه جو هي شعر پڙهي رهيا هٿا.

اَللّٰهُمَّ لَا عَيْشَ اِلَّا عَيْشَ الْاٰخِرَةِ
فَاغْفِرِ الْاَنْصَارَ وَالْمُهَاجِرَةَ

---

(۱) مٿي "غزوه خندق" جا جيڪي واقعات نقل ڪيا ويا آهن انهن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.
صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ۳ ص ۳۰. فتح الباري "ابن حجر" ج ۷ ص ۳۱۴. صحيح مسلم "ڪتاب الجهاد والسير" ج ۳ ص ۱۸۷. المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۴۴۰. "سيرة ابن هشام" ج ۳ ص ۲۲۴. "تاريخ طبري" ج ۲ ص ۲۳۳.الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۵۰. انساب الاشراف "بلاذري" ج ۱ ص ۱۶۵. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۳ ص ۳۹۲. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۲۳۶۹.البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۹۴. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۴۶. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۸۴. "الدرر" "ابن عبدالبر" ص ۱۶۹. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۳۶۳. جوامع السيرة "ابن حزم" ص ۱۸۵. "شرح علي المواهب اللدنيه" "زرقاني" ج ۲ ص ۱۰۲. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۱۲."السيرة الحلبيه" ج ۲ ص ۱۰۲.

Marfat.com

اي الله ناهي کا زندگي آخرت جي زندگي کانسواءِ، پوءِ بخش انصارن ۽ مهاجرن کي.

صحابي سڳورا وري ان جو جواب هيٺين شعر ۾ ڏيئي رهيا هئا.

نَحْنُ الَّذِيْنَ بَايَعُوْا مُحَمَّدًا

اسان اهي آهيون جن محمد صلی الله علیه وسلم جن جي بيعت ڪئي آهي.

عَلَيَ الْجِهَادِ مَا بَقِيْنَا اَبَدًا

اسان جهاد ڪندا رهنداسون، جيسين جيئرا آهيون.

* هن سال ساڳئي موقعي تي جڏهن کاهي کوٽجي رهي هئي، تڏهن پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن حضرت عَبْدُالله بن رَوَاحَه جا هيٺيان شعر ٻ پڙهي رهيا هئا.

اَللّٰهُمَّ لَوْلَآ اَنْتَ مَا اهْتَدَيْنَا

اي الله جي تون نه هجين ها ته اسان کي هدايت نه ملي ها.

وَلَاتَصَدَّقْنَا وَلَا صَلَّيْنَا

اسان نه خيرات ڪريون ها ۽ نه نماز پڙهون ها.

فَانْزَلَنْ سَكِيْنَةً عَلَيْنَا

پوءِ اسان جي مٿان سڪون نازل ڪر.

وَثَبِّتِ الْاَقْدَامَ اِنْ لَّاقَيْنَا

۽ اسان جا پير پختا رک جي مقابلو ٿئي.

اِنَّ الْاُولٰيٰ قَدْ بَغَوْا عَلَيْنَا

هُنن، ماڻهن کي پڙکايو آهي اسان جي خلاف.

اِذَا اَرَادُوْ فِتْنَةً اَبَيْنَا

جيڪڏهن سندن نيت ۾ فساد آهي ته اسين ٻه نه جهكنداسون.

هن موقعي تي پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن مٿين شعر جي آخري لفظ "اَبَيْنَا" تي پهچي ان لفظ کي وڏي آواز ۾ پئي ورجايو.

* هن سال غزوه خندق جي موقعي تي سرور عالم صلی الله علیه وسلم جن هٿان هڪ معجزو ان وقت ظاهر ٿيو، جڏهن حضرت جَابِر بن عَبْدُالله رضه سندن لاءِ هڪ ننڍڙي دعوت جهلي، ۽ عرض ڪيائين ته، "اسان وٽ هڪ "صاع" جَوَن جو اٽو موجود آهي ۽ هڪ چيلو ٻه ذبح ڪيو آهي، ان ڪري اوهان ڪجهه صحابي سڳورن سان گڏ ان دعوت ۾ شريڪ ٿيو." هن موقعي تي رسول رحمت صلی الله علیه وسلم جن هڪ هزار ماڻهن جي اٽالي سان گڏ هن دعوت تي آيا ۽ ماڻهو ٻه سڀ اهي جن کي ٽن ڏينهن کان وٽي کاڌي پيتي لاءِ ڪجهه ٻه نه مليو هو.

Marfat.com

پاڻ ڪريم ﷺ جن اوڏيءَ مهل ان ماني ۽ گوشت ۾ برڪت جي دعا گهري ۽ پنهنجي لب مبارڪ به ان ۾ ملائي. بس پوءِ ته سيني پيٽ ڀري کاڌو، پر پوءِ به ڪجهه ماني بچي پيئي، جنهن مان حضرت جابر رضه جي گهر ياتين پاڻ به کاڌو ته وري پاڙي اوڙي وارن ڏي به ماني رواني ڪيائون، جيئن صحيح بخاري وغيره ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

* هن سال کاهي کوٽڻ واري موقعي تي ام عامر اَسْلَمِيَّہ رضه، "حَيْس" (۱) نالي مٺائي تيار ڪري هڪ وڏي ڊونگي ۾ ڪٽي آئي، اهو ڏسي رسول خدا ﷺ جن سمورن کاهي کوٽڻ وارن کي گڏ ڪيو، جن جو تعداد ٽي هزار هو، پوءِ اها مٺائي سيني کاڌي، تڏهن به اوتري ئي بچي پيئي جيتري هئي.

* هن سال غزوه خندق جي ئي موقعي تي نبي انور ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ان وقت به ظاهر ٿيو جڏهن حضرت عمره بنت رواحه رضه پنهنجي گهرواري "بشير" ۽ پاءُ عبدالله بن رواحه رضه کي کارائڻ لاءِ ڪجهه کارڪون پوتيءَ جي پلوَ ۾ ڪٽي آئي، جيڪي کاهي کوٽڻ ۾ رُڌل هئا.

نبي ڪريم ﷺ جن هن عورت کي ڏسي فرمايو: "اهي مونکي ڏي". جنهن تي هن اهي کارڪون ڪٽي مٽي مرسل ﷺ جن جي ٻُڪ ۾ وڌيون. جن سان سندن ٻڪ مبارڪ به پرجي نه سگهيو، ان کانپوءِ سرور عالم ﷺ جن انهن کارڪن کي ڪپڙي تي پٽارڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ هڪ شخص کي چيائون ته هو کاهي کوٽڻ وارن ۾ اعلان ڪري ته، "صبح جي نيرن لاءِ گڏ ٿيو." جنهن تي اهي سمورا اچي پهتا ۽ انهن کارڪن منجهان سيني ڏئ ڪري کاڌو، پر پوءِ به ڪجهه بچي پيون.

* هن سال غزوه خندق جي موقعي تي هڪ يهودي پنهنجن ڏهن ساٿين سان گڏ لڪ چوريءَ مديني ۾ هڪ اهڙي قلعي تائين اچي پهتو، جنهن ۾ نبي اڪرم ﷺ ۽ ٻين مؤمنن جي گهر ياتين کي ترسايو ويو هو، جن ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي ڦٽي سائٽ سيده صَفِيَّہ بنت عَبْدُالْمُطَّلِب رضه به شامل هئي. ان وقت نبي اڪرم ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن سان گڏ جنگ ۾ رڌل هئا، انڪري کين اها خبر نه پئجي سگهي. موقعي جو فائدو ونندي هڪ يهودي ان قلعي جي پٺ تي چڙهي ويو، اهو ڏسي سيده صفيه رضه خيمي مان هڪ ڏنڊو ڪڍي اهڙي ته زور سان ان يهوديءَ کي مٿي ۾ هنيو جو سندس مٿو ڦاٽي پيو ۽ ڪرڻ سان ئي سندس پساهه پورا ٿي ويا، جنهن کانپوءِ هن بيبي سڳوريءَ ان يهوديءَ جي سسيءَ کي ڏڙ کان ڌار ڪيو ۽ پوءِ ڦيرائي قلعي جي باهران ڦٽي ڪيائين، جتي بينل يهودي اهو حال ڏسي وڃي پڳا.

اها خبر جڏهن پنهي جهانن جي سردار ﷺ جن تائين پهتي، تڏهن بنو قريظه جي غنيمت مان سيده صفيه رضه کي مردن جيترو حصو ڏنائون.

* هن سال "غزوه خندق" جي موقعي تي نبي انور ﷺ جن حضرت زبير بن عوام رضه کي فرمايو: **"اِرْمِ فِدَاکَ اَبِيْ وَ اُمِّيْ."**

"تير اڇلاءِ منهنجو ابو امڙ توتان قربان."

پاڻ ڪريم ﷺ جن اهڙا لفظ "غَزْوَه اُحُد" جي موقعي تي حضرت سعد بن ابي وقاص رضه لاءِ به فرمايا هئا.

---

(۱) "حَيْس" اهڙي مٺائي کي چئبو آهي، جيڪا ستن ۾ کارڪون ۽ گيهه ملائي تيار ڪئي ويندي آهي.

Marfat.com

* هن سال غزوه خَنْدَق جي موقعي تي نبي كريم صلى الله عليه وسلم جن جڏهن مومنن كي اها خوشخبري ٻڌائي تہ هو "قيصر ۽ كسريٰ" جا خزانا حاصل كندا، تڏهن عبدالله بن اُبي ۽ معتب بن قشير جهڙا كجهہ منافق ۽ سندن ساٿي چوڻ لڳا، "محمد (صلى الله عليه وسلم) قيصر ۽ كسريٰ جي خزانن جا احوال ٻڌائي رهيا آهن، جڏهن تہ هتي كو يَوَ كان جهنگ ڏانهن بہ نٿو وڃي." ان كانپوءِ كجهہ منافق چوڻ لڳا، "اي يثرب جا رهڻ وارؤ! توهان هن مقابلي ۾ پير جمائي نہ سگهندا، انكري پڄي پاڻ بچايو." جنهن تي منجهانئن كيترا منافق پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم كان موكلائي مديني ڏانهن موٽڻ لڳا. سندن چوڻ هو تہ هنن جي گهرن جو بچاءُ دشمن كان كير كندو؟ انكري اسان كي مديني واپس ورڻ جي اجازت ڏني وڃي، الله تعالىٰ هن موقعي تي انهن منافقن لاءِ هيءَ آيت نازل فرمائي:

"وَاِذْ يَقُوْلُ الْمُنَافِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ مَّا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ اِلَّا غُرُوْرًا. (١)

"۽ ان مهل چون پيا منافق ۽ جن جي دلين ۾ كوٽ هئي، تہ الله ۽ ان جي رسول صلى الله عليه وسلم جيكي اسان سان وعدا كيا سي تہ رڳو دوكو هئا."

* هن سال غزوه خندق جي موقعي تي حضرت ثَعْلَبَہ بِن عَنَمَہ بِن عَدِيّ بن ناتِي اَنْصَارِيءَ رضہ بہ شهادت ماڻي جيكو بدري صحابي هو.

* هن سال غزوه خندق جي موقعي تي حِبَّان بن قَيْس بن عَرِقَہ نالي كافر جو اچلايل هك تير حضرت سعد بن معاذ رضہ كي قٽيءَ ۾ لڳو، جنهن كان پوءِ كجهہ ڏينهن ركي يعني غزوه خندق ۽ غزوه بَني قُرَيْظَہ جي پڄاڻيءَ كانپوءِ هو گذاري ويو.

* هن سال پاڻ كريم صلى الله عليه وسلم جن "غزوه خندق" جي پويان ڏينهن ۾ سومر، اڱاري ۽ اربع جون ٽي راتيون سانده مسجد فتح ۾ ويهي كافرن جي لشكر لاءِ هيٺين دعا گهرندا رهيا.

اَللّٰهُمَّ مُنْزِلَ الْكِتَابِ مُجْرِيَ السَّحَابِ

اي الله، كتاب نازل كرڻ وارا ۽ ككرن كي هلائڻ وارا.

سَرِيْعَ الْحِسَابِ، هَازِمَ الْاَحْزَابِ

جلدي حساب وٺڻ وارا، لشكرن كي شكست ڏيڻ وار.

اَللّٰهُمَّ اهْزِمْهُمْ وَزَلْزِلْهُمْ

اي الله انهن كي شكست ڏي، ۽ سندن پير كڍ.

جنهن كانپوءِ وري فرمايائون:

اَللّٰهُمَّ اسْتُرْ عَوْرَاتِنَا

اي الله اسانجا عيب ڍڪ.

---

(١) سورة الاحزاب آيت ١٢ پاره ٢١.

Marfat.com

اَللّٰهُمَّ اٰمِنْ رَوْعَاتِنَا

اي الله امن ۾ بدلاءِ اسان جو خوف.

يَا صَرِيْخَ الْمَكْرُوْبِيْنَ يَا مُجِيْبَ الْمُضْطَرِّيْنَ

اي ستايلن جي دانهن ٻڌڻ وارا، اي بيقرارن جي دعا قبول ڪرڻ وارا.

اِكْشِفْ هَمِّيْ وَغَمِّيْ وَكَرْبِيْ فَاِنَّكَ

ختم ڪر اسان جو فڪر، غم ۽ بي قراري پوءِ اهو سڀ توکي

تَرَيٰ مَانَزَلَ بِيْ وَ بِاَصْحَابِيْ

نيڪ روشن آهي، جيڪا مصيبت منهنجي ۽ منهنجي ساٿين مٿان آئي آهي.

نيٺ اربع واري ڏينهن ٻيڀهريءَ ۽ ٽيڀهريءَ واربن نمازن جي وچ تي خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي دعا قبول فرمائي، جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڏاڍي سرهائيءَ جو اظهار ڪيو.

* هن سال غزوه خندق جي موقعي تي سعد بن حَبْتَة بن ملة اَنْصَاري رضہ نالي هڪ صحابي سڳوري مشرڪن سان نهايت مردانگيءَ سان منهن ڏنو، جنهن تي پنهي جهانن جي سردار ﷺ جن هن جي مٿي تي ٻہ هٿ گهمايو، تہ سندس اولاد ۽ نسل ۾ برڪت لاءِ ٻہ دعا گهري. جنهن جي نتيجي ۾ هو ويهن ٻارن جو پيءُ، چاليهن جو چاچو ۽ چاليهن جو مامو ٿيو.

فقہ جي مشهور اِمام اَبُو يُوسف جو تعلق ٻہ هن ئي خاندان سان آهي، جنهن جو شجرو هن ريت ٻڌايو ويو آهي.

اَبُو يُوسِف قاضي يَعْقُوب ولد اِبْرَاهِيْم ولد حَبِيْبُ ولد حُبَيْش ولد سَعْد ولد حَبْتَة.

حبتة حضرت سعد رضہ جي امڙ جو نالو آهي، جنهن جي نسبت سان هو مشهور آهي، جڏهن تہ سعد رضہ جي پيءُ جو نالو بُجَيْر بن معاويہ بجيله آهي.

* هن سال غزوه خندق جي دوران هڪ موقعي تي لڙائيءَ ايترو تہ زور ورتو، جو پاڻ ڪريم ﷺ جن ۽ سندن صحابي سڳورن کي ٽيڀهريءَ جي نماز ادا ڪرڻ جو موقعو ٻہ نہ ملي سگهيو، تانجو سج لهي ويو. ان وقت تائين "نماز خوف" ادا ڪرڻ وارو حڪم ٻہ نازل نہ ٿيو هو.

ان موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن انهن ڪافرن کي پاراتو ڏيندي فرمايو: "الله تعاليٰ هنن جي گهرن کي ۽ سندن قبرن کي باه سان ڀري ڇڏ، جن اسان کي وچين يعني ٽيڀهريءَ واري نماز ٻہ پڙهڻ نہ ڏني."

ان ڪانپوءِ جڏهن سج لهي ويو، تڏهن ان فوت ٿيل نماز کي قضا ڪري سانجهيءَ واري نماز وقت پڙهيو ويو، هن موقعي تي اذان تہ هڪ ئي ڀيرو ڏنو ويو، جڏهن تہ هر نماز لاءِ اقامت الڳ الڳ ٿي.

ڪن جو چوڻ آهي تہ هن موقعي تي ٿي نمازون يعني ٻيڀهري، ٽيڀهري ۽ سانجهي قضا ٿيون هيون، جن کي "عشاءِ" جي وقت ادا ڪيو ويو.

Marfat.com

* هن سال "غزوه خَنْدَق" جي موقعي تي كافرن سڄو مهينو مديني شريف جو گهيرو جاري رکيو، جنهن کانپوءِ الله تعاليٰ طوفان ۽ ان سان گڏ فرشتن جا اهڙا لشکر موکليا، جيکي کين ڏسڻ ۾ ته نه پئي آيا، پر اهي ئي سندن شکست جو سبب بڻيا.

* هن سال "غزوه خندق" جي پڄاڻي وقت پاڻ کريم صلي الله عليه وسلم جن هڪ معجزو ظاهر ٿيو. جڏهن خدا تعاليٰ کافرن جي باري ۾ سندن دعا قبول فرمائي، جنهن جي نتيجي ۾ اهڙي ته تيز ۽ ٺڏي هوا اچي لٿي، جو سندن خيما پٽجي ويا، انهن جون طنابون ٽٽي پيون، کُنا چلهين تان کري پيا، پيا ٿانوَ، سامان ۽ کجاوا منيءَ ۾ پورجي ويا. ان سان گڏ ملائکن جا اهڙا لشکر به لٿا، جيکي اکين کي ته ڏسڻ ۾ نه پئي آيا پر اهي نهايت وڏي آواز ۾ اهڙا ته تکبير جا نعرا هڻي رهيا هئا، جن سان دشمن جون دليون دهلجي ٽي ويون، جنهن کري هنن ان خوف ۾ وڙهڻ جي بجاءِ وٺي پويان پير کيا. اها به پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي دعا جي برکت هئي، جنهن لاءِ خدا تعاليٰ فرمايو:

فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا وَّجُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا. (۱)

"ٻوءِ موکليا سون مٿن هوا ۽ (ملائکن جا) اهڙا لشکر جن کي اوهان نه ٿي ڏٺو."

۽ اڳتي هلي فرمايو ويو:

وَرَدَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِغَيْظِهِمْ لَمْ يَنَالُوْا خَيْرًا ۭ وَكَفَى اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ الْقِتَالَ. (۲)

"۽ موٽايو الله تعاليٰ انهن کافرن کي سندن کاوڙ سميت ۽ کا چڳائي نه لڏائون ۽ کافي ٿيو الله ايمان وارن لاءِ لڙائيءَ ۾."

غزوه بني قريظه جا واقعات

حضرت خَلَّاد رضه بن سُوَيْد جي شهادت

* هن سال "غَزْوَه بَنِي قُرَيْظَه" جي موقعي تي مسلمانن منجهان حضرت خَلَّاد رضه بن سُوَيْد بن ثَعْلَبَهَ اَنْصَارِي خَزْرَجِيءَ رضه جي مٽان هڪ عورت جنڊ جو پڙ کيرائي کيس شهيد کري چڏيو، جنهن لاءِ پاڻ کريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته، "هن کي بن شهيدن جو ثواب مليو."

هن عورت جو نالو "بَنَانَه" ٻڌايو ويو آهي ۽ سندس تعلق به بَنُوْ قُرَيْظَه وارن سان ئي هو. بعد ۾ حضرت خَلَّاد رضه جي قصاص ۾ هن عورت کي قتل کيو ويو.

"بنانه" کانسواءِ بي کنهن عورت کي قتل کرڻ جو مثال کنهن به غزوه ۾ نٿو ملي. (۳)

---

(۱) سورة الاحزاب آيت ۹ پاره ۲۱.

(۲) سورة الاحزاب آيت ۲۵ پاره ۲۱.

(۳) سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۲۵۳. البدايه والنهايه "ابن کثير" ج ۴ ص ۱۲۸. الاصابه "ابن حجر" ج ۱ ص ۴۵۴. اسد الغابه "ابن الاثير" ج ۲ ص ۱۲۲ ـ ۱۲۱. الدرر "ابن عبدالبر" ص ۱۸۳.

Marfat.com

حُيَيّ بن اَخْطَب جو قتل

* هن سال "غَزْوَه بَنِي قُرَيْظَه" ۾ مشرڪن منجهان يهودين جو سردار حُيَيّ بن اَخْطَب به مارجي ويو، جيڪو ام المؤمنين سيده صفيه رضه جو پيءُ هو. هو پاڻ ڪريم ﷺ جن سان ڏاڍو ساڙ رکندو هو. خدا تعاليٰ ڪفر جي حالت ۾ ڪيس قتل ڪرايو. (۱)

حضرت اَبُولُبَابه رضه جي توبه

* هن سال "غَزْوَه بني قريظه" واري زماني ۾ خدا تعاليٰ حضرت اَبُولُبابه رضه بن عَبْدُالْمُنْذر انصاري اوسيءَ جي خطا معاف ڪندي سندس توبه قبول فرمائي.

اهو واقعو هن ريت پيش آيو جو جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن بَنُو قُرَيْظَه وارن مٿان ان جنگ ۾ سرسي حاصل ڪئي ۽ پوءِ دشمن کي جڏهن ڪا چوٽڪاري جي صورت نظر نه آئي تڏهن هنن سرور ڪائنات ﷺ جن کي چَوَرائي موڪليو ته هو حضرت اَبُولُبَابَه رضه سان ڪجهه ڳالهائڻ ۽ صلاح ڪرڻ گهرن ٿا، ان لاءِ حضرت اَبُولُبَابَه رضه کي انهن ڏانهن موڪليو وڃي، ڇو جو هن کان اڳ اَبُولُبَابَه رضه ۽ يهودين جي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڄاڻ سڃاڻ هئي.

ابولبابه رضه جڏهن وٽن پهتو ته هنن کانئس پڇيو، "جيڪڏهن هو نبي سڳوري ﷺ جي حڪم مطابق باهر اچن ته ساڻن ڪهڙو برتاءُ ڪيو ويندو؟"

حضرت اَبُولُبَابَه رضه جواب ۾ پنهنجي ڳلي ڏانهن آڱر سان اشارو ڪيو جنهن جو مطلب هو ته کين قتل ڪيو ويندو. ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَخُوْنُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ وَتَخُوْنُوْٓا اَمٰنٰتِكُمْ.

"اي ايمان وارو! نه خيانت ڪريو الله ۽ (۲) رسول ﷺ سان ۽ نه خيانت ڪريو پنهنجي امانتن جي."

ان اشاري مان "ابولبابه" رضه کي خبر پئي ته کانئس خدا ۽ سندس رسول ﷺ جي باري ۾ خيانت ٿي آهي. ان کانپوءِ هو مديني موٽيو ۽ اتي مسجد نبوي ﷺ ۾ هڪ ٿنبي سان پاڻ کي ٻڌي ڇڏيائين ۽ قسم کنيائين ته اتان ان وقت تائين کيس ڪوبه نه کوليندو جيستائين الله تعاليٰ طرفان سندس توبه قبول نه ڪئي ويندي. ان حالت ۾ پندرهن ڏينهن گذارڻ کانپوءِ خدا تعاليٰ سندس باري ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي.

وَاٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّاٰخَرَ سَيِّئًا.

"۽ ٻيا ماڻهو اهي جن پنهنجا ڏوهه باسيا آهن (۳) سندن عمل گڏ سڏ آهن، ڪجهه چڱا ڪجهه برا."

ان کانپوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ جن پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان کيس کوليو. اهو ٿنب اڄ سوڌو

---

(۱) سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۲۵۲، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۲۰. سيرة النبويه (ﷺ) "ابن ڪثير" ج ۳ ص ۲۳۹.

(۲) سورة الانفال آيت ۲۷ پاره ۹.

(۳) سورة التوبه آيت ۱۰۲ پاره ۱۱.

Marfat.com

مديني ۾ مشهور آهي، جنهن جي مٿان "اسطوانہ ابي لبابہ" لکيل آهي. (۱)

* هن سال الله تعاليٰ طرفان بني قريظہ وارن جي باري ۾ هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

وَاَنْزَلَ الَّذِيْنَ ظَاهَرُوْهُمْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ صَيَاصِيْهِمْ وَقَذَفَ فِىْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ فَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ وَ تَاْسِرُوْنَ فَرِيْقًا وَّ اَوْرَثَكُمْ اَرْضَهُمْ وَدِيَارَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ. (۲)

"۽ اهل ڪتاب مان جن انهن (مشرڪن) جي مدد ڪئي هئي تن ڪي سندن ڪوٽن تان هيٺ لاٿو ۽ سندن دلين ۾ اوهان جو اهڙو رعب وجهي ڇڏيو جو اڄ اوهان هڪ ٽولي ڪي قتل پيا ڪريو ته ٻئي ڪي قيدي پيا بڻايو ۽ هن ئي اوهان ڪي انهن جي زمينن جو، سندن گهرن جو ۽ سندن مال مڏين جو وارث بڻايو."

بنو مُزَيْنَہ وارن جي وفد جو اچڻ

* هن سال رجب جي مهيني ۾ حضرت بلال بن حارث مزني رضہ پنهنجي قبيلي "بنو مزينہ" جي چار سؤ ماڻهن جي هڪ جماعت سان گڏ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پوءِ انهن سيني پاڻ سڳورن ﷺ جي مبارڪ هٿن تي ايمان آندو.

ايمان آڻڻ ڪانپوءِ دربار نبوي ﷺ مان ڪين اهڙي اجازت عطا ٿي تہ هو پنهنجي ماڳن تي موٽي وڃن ۽ ڪين اهو ٻڌايو ويو تہ، "هو جتي ٻہ رهندا ڪين مهاجر ليکيو ويندو."

اهڙي اجازت ملڻ ڪانپوءِ هو پنهنجي اصلوڪن ماڳن تي موٽي آيا.

حضرت بلال بن حارث رضہ ڪي پنهنجي قبيلي "مُزَيْنَہ" مان سڀ ڪان پهريائين مسلمان ٿيڻ جو مرتبو حاصل ٿيو، جنهن ڪري مڪي شريف جي فتح واري موقعي تي مزينہ قبيلي جو جهنڊو سندس ئي هٿن ۾ هو.

سرور عالم ﷺ جن طرفان ڪيس "وادي۽ عقيق" ٻہ جاگير طور عطا ڪئي ويئي.

ان ڪانپوءِ بلال بن حارث رضہ وري ان وقت حاضر ٿيو، جڏهن "ضمام بن ثعلبہ رضہ" خدمت نبوي ﷺ ۾ پهتو، جنهن جو تفصيل هيٺ بيان ڪيو ويو آهي. (۳)

ضمام بن ثعلبہ رضہ جو حاضر ٿيڻ

* هن سال حضرت ضمام بن ثعلبہ رضہ پنهنجي قبيلي سعد بن بڪر طرفان مڃي مرسل ﷺ

---

(۱) سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۲۴۷. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۱۲۱. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۱۰۶. الاصابہ "ابن حجر" ۴۶۴. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۶۴. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۸/۹.

(۲) سورة الاحزاب آيت ۲۶/۲۷ پاره ۲۱.

(۳) الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۲۲. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۴۱۱.

Marfat.com

جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ کانئن نماز، زکوات، روزي، حج ۽ ٻين سمورن شرعي مسئلن بابت ڄاڻ حاصل کيائين. جنهن جو ذکر صحيح بخاري توڙي ٻين حديث جي ڪتابن ۾ موجود آهي. ان کانپوءِ واپس وڃي هن اهو احوال پنهنجي قوم وارن کي ٻڌايو ۽ پوءِ هنن سڀني به ايمان آندو. (۱)

سيرت نگارن مان ڪيترن جو خيال آهي ته ضمام بن ثَعْلَبَہ رضہ سن پنجين هجريءَ ڌاري حاضر ٿيو هو، پر حافظ ابن حجر "فتح الباريءَ" ۾ ان ڳالهہ کي صحيح ڄاڻايو آهي ته، حضرت ضَمام رضہ سن نائين هجريءَ ڌاري حاضر ٿيو هو ۽ ان روايت تي "شرح علي المواهب اللدنيہ" ۾ زرقاني به زور ڏئي ٿو ۽ اهو صحيح به آهي.

هوڏانهن وري "جذب القلوب" ۾ شيخ عبدالحق دهلوي ڄاڻايو آهي ته "ضمام بن ثعلبہ رضہ" ڏهين هجريءَ ڌاري حاضر ٿيو هو.

وفد عبدالقيس جي حاضري

* ڇيو وڃي ٿو ته هن ئي سال رجب جي مهيني ۾ "عَبْدُالْقَيْس" وارن جو وفد به آيو. هي هڪ وڏو قبيلو هو. اهي "بَحْرَيْن" جي ويجهو "جُوَاثا" نالي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. هو رَبِيْعَہ بن مُضر بن نَزَار بن معد بن عَدْنان جي اولاد مان هئا. هن وفد ۾ چوڏهن سوار شامل هئا، جن ۾ مُنْذِر رضہ بن عَائِذ عَبْدِي عَصَرِيّ جنهن جو لقب "اَشَجّ" هو ۽ جَابِر رضہ بن مُعلِيٰ عَبْدِي به شامل هئا. هي ڏهہ ڏينهن سانده مديني ۾ ترسيا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن کان اسلامي شريعت بابت مختلف سوال پڇندا رهيا.

پاڻ سڳورن ﷺ کين فرمايو: "مان اوهان کي ڇئن ڳالهين جي ڪرڻ جو حڪم ڏيان ٿو ۽ ڇئن کان منع ڪريان ٿو، جن ڳالهين جي ڪرڻ جو حڪم ڏيان ٿو اهي هي آهن: ۱. الله تي ايمان آڻڻ ۲. نماز قائم ڪرڻ ۳. زڪواة ادا ڪرڻ ۽ ۴. رَمَضَان جي مهيني ۾ روزا رکڻ ۽ جن شين کان منع ڪريان ٿو اهي هي آهن: ۱. دُباء ۲. حَنْتَم ۳. نَقِيْر ۴. مُزَفَّت (۲). جيئن صحيح بخاري وغيره ۾ ڄاڻايو ويو آهي. (۳)

امام بخاريءَ پنهنجي "صحيح" ۾ اهو به ڄاڻايو آهي ته، "پهرين جمعي نماز مديني ۾ مسجد نبوي ﷺ کانپوءِ "بحرين" جي ڳوٺ "جُوَاثا" ۾ ئي ادا ڪئي ويئي. (۴)

---

(۱) صحيح بخاري "ڪتاب الايمان" ج ۱ ص ۱۷/۱۸. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۱۳/۳۱۴. البدايہ النهايہ "ابن ڪثير" ۵۵/۵۶. دلائل النبوه "بيهقي" ج ۵ ص ۳۷۴/۳۷۷. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۴۲/۴۳. الدرر "ابن عبدالبر" ص ۲۵۵. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۳۵۳/۳۵۵.

(۲) اهي چار نالا اهڙن ٽانون جا آهن جن ۾ ماٺهو شراب ناهيندا به هئا ته واپرائيندا به هئا ۽ محفوظ به ڪندا هئا. تفصيل لاءِ ڏسو هن ڪتاب جو باب ۹ صفحہ ۵۶۹.
النهايہ ابن الاثير ج ۲ ص ۹۶.

(۳) وفد "عبدالقيس" بابت واقعات جا تفصيل هن باب جي نائين فصل ۾ نقل ڪيا ويا آهن. (مترجم)

(۴) هتي "جواثا" نالي جنهن ڳوٺ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو "بحرين" ۾ هو، جتي "عبدالقيس" وارا رهندا هئا. هتي هنن هڪ قلعو به تعمير ڪرايو هو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي زماني ۾ سن ۱۲ هجريءَ ڌاري حضرت

Marfat.com

اسان هتي جيڪو عَبُدُالْقَيْس وارن جي وفد جو ذڪر هن سال جي واقعات ۾ ڪيو آهي، اهڙو اشارو "حافظ ابن حجر" جي طرفان ملي ٿو. جڏهن ته اڪثر سيرت نگارن جي راءِ اها آهي ته هي وفد سن اٺين هجريءَ ڏاري حاضر ٿيو. ان ڏس ۾ هڪ ڏر نائين هجريءَ جو ذڪر ٻه ڪيو آهي.

مٿين سيني روايتن کي ڳڏي انشاءَ الله تعاليٰ سن نائين هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ڪيو ويندو.

مديني ۾ پهريون وفد

* هن سال رجب جي مهيني ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ "مُزَيْنَه" قبيلي وارن طرفان جيڪو چار سؤ ماڻهن جو وفد پهتو هو ۽ جنهن ۾ نعمان رضه بن مُقَرِّن بن عَائِذ مُزَنِي، بِلَال رضه بن حَارِث مُزَنِي، خُزَاعِيّ رضه بن عَبْدِ نُهْمِ بن عَفِيف مُزِّنِيّ ٻه شامل هئا ۽ اهي سڀ مسلمان ٿي پنهنجي ماڳن تي موٽيا، جڏهن ته هن کان اڳ اهي "حاجب" نالي بت جي پوڄا ڪندا هئا.

هي پهريون وفد هو جيڪو مديني شريف ۾ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جنهن جو ڪجهه ذڪر هن کان اڳ مٿي ٻه ٿي چڪو آهي. (۱)

پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جو گهوڙي تان ڪرڻ

* هن سال ذوالحج جي مهيني ۾ رسول خدا صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿي جڏهن "غَابَه" ڏانهن وڃي رهيا هئا، تڏهن گهوڙي تان ڪري پيا، جنهن ڪري سندن پير ٻه مُڙي پيو ۽ پاسي ۾ رهڻا ٻه آيا ۽ ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم ڪيترا ڏينهن پنهنجي گهر کان ٻاهر نه نڪتا، ايتري قدر جو نماز لاءِ مسجد ۾ ٻه نه وڃي سگهندا هئا ۽ نماز پنهنجي گهر ۾ ويٺي ادا ڪيائون. (۲)

ڪن جو چوڻ آهي ته اهو واقعو سن نائين هجريءَ ڏاري پيش آيو، جنهن جو ذڪر انشاءَ الله ان سال جي واقعات ۾ ٻه اڳي رهيو آهي.

رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي اڳڪٿي وارو معجزو

* هن سال مٿي مرسل صلي الله عليه وسلم جن هڪڙو هڪ معجزو ظاهر ٿيو. اهو هن ريت جو وفد "عَبُدُالْقَيْس" جي اڇڻ کان اڳ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي صحابي سڳورن جي سٽ ۾ ويٺي ڪين ان ڳالهه کان

علاء بن حضرميءَ هن علائقي کي فتح ڪيو هو.

"ياقوت" جي بيان مطابق "جواثا" کي ڪي "جَواثاء" ٻه اچارينداآهن، يعني ان جي پويان ننڍو الف ڏنو ويندو آهي، جڏهن ته امام بخاريءَ وري هن ڳوٺ کي "جَواثي" لکيو آهي ۽ چاٽايو اٿس ته مسجد نبوي ﷺ ڪانپوءِ جمعي جي نماز هڪڙي مسجد ۾ ئي پهريون پيرو ادا ڪئي ويئي. ان جو راوي حضرت عبدالله ابن عباس آهي.

صحيح بخاري "ڪتاب الجمعه" ج ۱ ص ۱۶۰. معجم البلدان ياقوت حموي ج ۲ ص ۱۷۴/۱۷۵. معجم ماستعجم عبدالله بڪري ج ۲ ص ۴۰۱/۴۰۲. البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ۵ ص ۴۴. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۳۷۰.

(۱) هن جو حوالو مٿي نقل ڪيو ويو آهي. (مترجم)

(۲) شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ۳ ص ۹۷.

Marfat.com

آگاھ ڪيو تہ، "اوھان جي آڏو سوارن جي ھڪ اھڙي جماعت ظاھر ٿيڻ واري آھي، جيڪا مشرق ۾ سڀ کان بھتر ھوندي." جنھن ڪانپوءِ جلد ئي "عَبْدُالْقَيْس" وارن جو وفد پھتو. (۱)

گھوڙن جي گوءِ جو واقعو

* چيو وڃي ٿو تہ ھن سال نبي انور ﷺ جن گھوڙن جي گوءِ ڪرائي. جڏھن تہ ڪن جو چوڻ آھي تہ اھو واقعو سن ڇھين ھجريءَ دوران ٿيو، جنھن جو ذڪر اڳتي اچي رھيو آھي. (۲)

مديني ۾ زلزلو اچڻ

* ھن سال مديني شريف ۾ زلزلو آيو، ھن موقعي تي خدا جي پياري رسول ﷺ جن فرمايو، "الله تعاليٰ چاھي ٿو تہ اوھان ڪانئس معافي گھرو، انڪري اوھان کي ڪانئس معافي گھرڻ ڪپي." (۳)

حضرت سَعْد بن مُعَاذ رضہ جي وفات

* ھن سال ذوالحج جي مھيني ۾ حضرت سَعْد بن مُعَاذ رضہ گذاري ويو. ابن ڪثير جو قول آھي تہ رسول خدا ﷺ جن جڏھن "غَزْوَہ اَحْزَاب" ڪان واپس موٽيا، تڏھن پنجويھن ڏينھن ڪانپوءِ ھو گذاري ويو. ۽ اَحْزَاب وارو واقعو سن پنجين ھجريءَ جي شوال مھيني ۾ پيش آيو.

بُخَارِيْ ۽ مُسْلِم شَرِيْف ۾ حضرت جَابِر رضہ کان نقل ڪيل ھڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آھي تہ، "جڏھن حضرت سعد بن معاذ رضہ وفات فرمائي تڏھن خدا جو عرش لڏي ويو."

ابن عَائِذ ۽ سُھَيْلي ھڪ روايت ۾ ٻڌايو آھي تہ، "حضرت سعد بن معاذ رضہ جي جنازي نماز ۾ ستر ھزار اھڙا ملائڪ بہ شريڪ ٿيا، جيڪي ھن کان اڳ ڪڈھن بہ زمين تي نہ لٿا ھئا.

ان ڏس ۾ "ترمذي" ھڪ صحيح روايت نقل ڪئي آھي تہ، "ملائڪ سندس جنازي کي ڪلھو بہ ڏيئي رھيا ھئا."

حضرت سعد رضہ جي موت جو ڪارڻ اھو تير ھو جيڪو خَنْدَق واري ڏينھن تي ابن حبان بن عرقہ طرفان سندس ڪٽيءَ ۾ لڳو ھو. (۴)

حضرت سَعْد بن مُعَاذ رضہ جي امڙ جي وفات

* ھن سال حضرت سَعْد بن مُعَاذ رضہ جي وفات کانپوءِ سندس امڙ ام سعد رضہ بہ وفات ڪري

---

(۱) البدايہ والنھايہ "ابن ڪثير" ج ۵ ص ۴۴، سبل الھدىٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۲۷۰. المواھب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۱۸۱.

(۲) سبل الھدىٰ والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۳۵۲، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۲۳.

(۳) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۲۲.

(۴) صحيح بخاري "باب مناقب الانصار" ج ۲ ص ۳۱۳، صحيح مسلم باب فضائل الصحابہ ج ۷ ص ۱۵۰. المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۵۲۵/۵۳۱. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۲۹۶/۲۹۹. الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۳۷/۳۸. البدايہ والنھايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۱۲۹/۱۳۲. سيرة ابن ھشام ج ۳ ص ۲۶۲/۲۶۴. المواھب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۶۸/۴۷۱.

Marfat.com

ويئي. سندس نالو كبشہ رضہ بنت رافع هو. كيس صحابيت جو شرف حاصل آهي. (١)

سَعْد بن عُبَاده رضہ جي والده جي وفات جو واقعو

* هن سال جڏهن حضرت سَعْد بن عُبَاده رضہ نبي سڳوري ﷺ جن سان گڏ غَزْوَه دُوْمَةُ الْجَنْدِل لاءِ ويل هئا تہ پويان سندس والده وفات كري ويئي. جنهن جو نالو عمره بنت سعد بن عمرو انصاريہ پڌايو ويو آهي. (٢) حضرت سعد رضہ هن موقعي تي پنهنجي امڙ جي نماز ۽ كفن دفن ۾ شريك ٿي نہ سگهيو. انكري گهر موٽڻ كانپوءِ هن سرور عالم ﷺ جن كان پڇيو، "اي الله جا رسول ﷺ! جيئن تہ منهنجي امڙ منهنجي پرپٽ گذاري ويئي انكري مان نہ ساڻس كجهہ ڳالهائي سگهيس ۽ نہ ئي سندس لاءِ كو خير خيرات كري سگهيس. هاڻي آءٌ جيكڏهن سندس لاءِ كو خير خيرات كريان تہ كيس ان جو ثواب پهچندو؟ رسول خدا ﷺ جن فرمايو، "هائو".

حضرت سَعْد رضہ پڇيو، "كهڙي قسم جو خير بهتر ٿيندو."

پياري پيغمبر ﷺ جن وراڻيو، "پاڻي پيئارڻ جو."

ان كانپوءِ سَعْد رضہ هك كوه كوٽايو ۽ ان كي خدا واسطي وقف كيائين، پنهنجي ماءُ جي ثواب لاءِ.

چند گرهڻ جو واقعو

* هن سال جُمادي الآخرة ۾ چند گرهڻ ٿي، ان موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ "نماز خُسُوف" ادا فرمائي، تانجو چند وري چمكڻ لڳو. يهودي هن موقعي تي دهل دمام وڄائيندا رهيا ۽ چيائون تہ چند تي كنهن جادو كيو آهي.

"اُسد الغابہ" ۾ "ابن الاثير" ڄاڻايو آهي تہ، "هن موقعي تي پهريون پيرو پاڻ كريمن ﷺ طرفان "نماز خُسُوف" پڙهي ويئي. جڏهن تہ شامي پنهنجي سيرت ۾ بہ بيان كيو آهي تہ، "پهريون پيرو نِماز خُسُوف سن پنجين هجريءَ ڏاري پڙهي ويئي." (٣)

حضرت حذيفہ رضہ كي قريش وارن ڏانهن موكلڻ

* هن سال قريش وارن كي كا تكليف پيش آئي تہ پاڻ سڳورن ﷺ سندن دلجوئيءَ لاءِ حضرت حذيفہ رضہ كي ڏانهن اماڻيو. (٤)

خالد بن وليد رضہ ۽ عمرو بن العاص رضہ جو اسلام قبول كرڻ (٥)

* چيو وڃي ٿو تہ هن سال حضرت خالد رضہ بن وليد ۽ عمرو رضہ بن العاص اسلام قبول كيو،

---

(١) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٥٣٧. الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ٣٩٥.

(٢) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٥١٠.

(٣) "سبل الهدىٰ والرشاد" شامي ج ٨ ص ٣٣٥. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٢٢٦.

(٤) دلائل النبوة "بيهقي" ج ٣ ص ٤٤٩. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٢٢١.

(٥) سيرة ابن هشام "ج ٣ ص ٢٨٩/٢٩٠. المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٧٤١/٧٥٠. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٤ ص ٣٥٤ ـ ٣٤٣. روض الانف "سَهيلي" ج ٣ ص ٣٠٤. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ٤ ص ٢٣٦/٢٤٠. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ١٢٢/١٢٣.

Marfat.com

جڏهن ته کن جو چوڻ آهي ته هن سن اٺين هجريءَ ڏاري اسلام قبول کيو ۽ اها روايت وڌيڪ صحيح آهي، جنهن جو احوال سن اٺين هجريءَ جي واقعات ۾ ٻه کيو ويندو.

غزوه بَنِيْ مُصْطَلِق جو واقعو

* هن سال شعبان جي مهيني ۾ "غَزْوَه بَنِي مُصْطَلِق" واقع ٿيو، جنهن کي "غَزْوَه مُرَيْسِيْع" جي نالي پڻيان به ياد کيو ويندو آهي. کن جو چوڻ آهي ته هي غزوه سن ڇهين هجريءَ جي شعبان مهيني ۾ واقع ٿيو، جيئن غزوات واري باب ۾ بيان کيو ويو آهي. پر پهرين روايت ئي ترجيح جوڳي آهي. (۱)

"اِفک" واري حادثي جا ڪجهه واقعا (۲)

* هن سال "غَزْوَه بَنِي مُصْطَلِق" جي موقعي تي ئي سَيِّدَه عَائِشَه رضه جو هار گم ٿي ويو.
* هن سال "افک" وارو حادثو پيش آيو (۳) (جنهن ۾ سَيِّده عَائِشَه رضه متان بهتان مڙهيو ويو) خدا تعاليٰ (اهڙي حرڪت ڪندڙن کان) پنهنجي پناه ۾ رکي.

---

(۱) "واقدي" طرفان "غزوه بني مصطلق" جو سن پنجين هجري ٻڌايو ويو آهي، جڏهن ته ابن اسحاق ۽ ابن هشام طرفان هن غزوه کي ڇهين هجري ۽ موسيٰ بن عقبه طرفان وري چوٿين هجريءَ جو واقعو ٻڌايو ويو آهي.
المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۴۰۴، سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۳۰۲. طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۴۸، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۱۳۴. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۲۵۶، المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۴۱.

(۲) لفظ "افک" جي معنيٰ آهي اهڙي ڳالهه ڪرڻ جيڪا حقيقت جي ابتڙ هجي. سيده عائشه رضه جي متان منافقن طرفان جيڪو بهتان مڙهيو ويو ۽ جنهن جي پڻيرائي سادگيءَ سببان ڪن مومنن به ڪئي، ان واقعي کي خدا تعاليٰ پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ "افک" جو نالو ڏئي گويا ان جي تردید ڪئي آهي، پر ان ڪانپوءِ به خدا تعاليٰ طرفان اهڙيون آيتون نازل ڪيون ويون، جن ۾ سيده عائشه رضه جي پاڪدامنيءَ جي گواهي ڏني ويئي آهي. هن واقعي جا ڪجهه تفصيل هن ريت آهن، جيڪي هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.
صحيح بخاري "ڪتاب الشهادات" ج ۲ ص ۱۰۳. فتح الباري "ابن حجر" تفسير "سوره نور" ص ۳۶۹. صحيح مسلم "ڪتاب التوبه" ج ۸ ص ۱۱۲. سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۳۰۹، "المغازي" "واقدي" ج ۲ ص ۴۲۶، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴، ص ۶۳. البدايه والنهايه ابن ڪثير ج ۴ ص ۶۱، زاد المعاد ـ "ابن قيم" ج س ص ۲۵۹. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۰۶. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۱۳۹.

(۳) غزوه بني مصطلق ڪان موڪندي اسلامي لشڪر شام جي وقت هڪ ماڳ تي منزل ڪئي. رات جي ماني ڪائي نماز ادا ڪري سيني آرام ڪيو، جو ته صبح جو باڪ ڦٽيءَ مهل قافلي کي اتان ڪوچ ڪرڻو هو.
سيده عائشه صديقه رضه به هن سفر ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ سان گڏ هئي. فجر جو سوير هوءَ آتي جهنگ جي خيال سان پنهنجي خيمي ڪان گهٽو اڳتي نڪري ويئي. فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ هوءَ جڏهن واپس اچي رهي هئي ته اوچتو سندس نظر ان هار تي پيئي جيڪو سندس ڳچيءَ ۾ پاتل هو، پر هار ان وقت ڪيس نظر نه آيو. خيال ٿيو ته اهو هار پڪ اتي ڪري پيو هوندو جتان هوءَ واپس اچي رهي هئي، تنهنڪري هوءَ اتان وري پٺتي موٽي. حقيقت ۾ اهو هار بيبي سائنڊ جو پنهنجو به نه هو، پر هوءَ پنهنجي وڏي ڀيڻ حضرت اسماء رضه ڪان اڌارو ولي پائي آئي هئي.
بهرحال بيبي عائشه رضه جڏهن اتي پهتي ته ڪيس هار ته ملي ويو پر جڏهن واپس پنهنجي منزل تي پهتي ته قافلو اتان نڪري چڪو هو. اڪيلي عورت هاڻي ڪيڏانهن وڃي. ان ڪري فجر جي نماز پڙهي هوءَ انتظار ۾ چادر پائي اتي

Marfat.com

ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو حادثو سن ڇهين هجريءَ ڏاري پيش آيو، جڏهن تہ "ذهبي" هن سال واري روايت کي صحيح قرار ڏنو آهي.

* هن سال ام المؤمنين سيده عائشہ رضہ کي رب تعاليٰ ان بهتان کان آجو قرار ڏنو، جيڪو بيبي سائنڊ متان مڙهيو ويو هو.

هن ڏس ۾ "سورة النور" جون سورهن آيتون نازل ٿيون.

الله تعاليٰ اهو حڪم جن آيتن ۾ ڏنو اهي

"اِنَّ الَّذِيْنَ جَآءُوْ بِالْاِفْكِ عُصْبَةٌ مِّنْكُمْ ڪان وٺي اُولٰٓئِكَ مُبَرَّءُوْنَ مِمَّا يَقُوْلُوْنَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِيْمٌ (١) تائين آهن، انهن مان ڪي آيتون پهريان تہ ڪي وري انهن ڪانپوءِ نازل ٿيندڙ رهيون. مٿين آيتن جي نازل ٿيڻ ڪانپوءِ، اهي منافق ذليل ۽ خوار ٿيا جن اهو بهتان گهڙيو هو.

تيمم جو حڪم (٢)

* هن سال نبي انور ﷺ جن جڏهن "غزوه بني مصطلق" ڪان واپس وريا ۽ ان وقت "اِفڪ"

ئي وڻ جي پرسان ويهي رهي. سنديس خيال هو تہ قافلي وارا جڏهن ڪيس نہ ڏسندا تہ ان جاءِ تي موٽي ايندا.

ڪافي دير ويهڻ ڪانپوءِ هوءَ اتي ليٽي پئي ۽ سندس اک لڳي ويئي. پاڻ ڪريمن ﷺ جو دستور هو تہ قافلي جي پويان ڪاهو (ڪو ماڻهو) ڇڏيندا هئا تہ جيئن ڪا چيز رستي ۾ رهجي وڃي يا ڪري پئي تہ اهو ان کي هٿ ڪري سگهي. هن دفعي اها ذميواري حضرت صفوان رضہ بن معطل جي متان هئي. اهو جڏهن هن جاءِ تي پهتو تہ سندس نگاهہ وڃي حضرت عائشہ رضہ تي پيئي، جيئن تہ حضرت صفوان پردي جي حڪم ڪان اڳ بيبي سگوريءَ کي ڏسي چڪو هو ان ڪري سمجهي ويو ۽ اوڏي مهل وڏي آواز ۾ انا لله وانا اليه راجعون پڙهيائين. اهو آواز ٻڌي حضرت عائشہ رضہ جي اک کلي ويئي. حضرت صفوان رضہ پنهنجي اٺ کي ويهاريو، جنهن تي بيبي سائنڊ سوار ٿي، جنهن ڪانپوءِ هو اٺ جي مهار پڪڑي هلندو رهيو ۽ ڪچڑيءَ منجهد جو اچي قافلي سان مليو. سيده عائشہ رضہ جي اچڻ وارو اهو منظر منافقن جي مهندار عبدالله بن ابي بہ پنهنجي اکين سان ڏٺو، پوءِ هڪ طوفان برپا ڪري ڇڏيائين. ام المؤمنين جي خلاف اهڑي ڪريل پروپئگنڈا شروع ڪيائين جو سجو مهينو سرور ڪائنات ﷺ ۽ سندس صحابي سگورا هڪ اهڑيءَ عجيب پريشانيءَ ۾ رهيا، جنهن جو اندازو لڳائڻ بہ مشڪل آهي. اهو عرصو سيده عائشہ رضہ پنهنجي پيءُ ماءُ جي گهر گذاريو، هوءَ ۽ سندس والدين پڻ بي حال هئا. الائي ڪين چا چا ٻڌڻو پئي پيو. آخر هڪ مهيني گذرڻ ڪانپوءِ الله تعاليٰ طرفان حضرت عائشہ رضہ جي پاڪدامنيءَ جي شهادت ڏني ويئي.

منافقن جو خدا تعاليٰ بچڑو حشر ڪيو ۽ سورة نور جون هي آيتون نازل ڪيون ويون:

ان الذين جاءُوا ..... الي آمنه.

اهي آيتون قيامت تائين سيده عائشہ رضہ جي عزت ۽ عصمت جي گواهي ڏيندڙ ۽ مؤمن انهن جي تلاوت ڪندا رهندا.

(١) سورة النور آيت نمبر ١١ ڪان وٺي آيت نمبر ٢٦ تائين پاره ١٨.

(٢) لفظ تيمم جي لغوي معنيٰ آهي "قصد ڪرڻ" يا ارادو ڪرڻ. جڏهن تہ اصطلاحي لحاظ ڪان نماز لاءِ پاڻي بدران پاڪ مٽيءَ ذريعي پاڪائي حاصل ڪرڻ واري عمل کي تيمم سڏيو ويندو آهي.

اهو حڪم "سورة المائده" ۾ وضاحت سان ۽ "سورة النساء" ۾ اختصار سان بيان ڪيو ويو آهي. جنهن جي ذريعي مسلمانن کي اجازت ڏني ويئي آهي تہ جيڪڏهن هو سفر ۾ هجن ۽ ڪين پاڻي نہ ملي سگهي تہ پوءِ اهي پاڪ صاف مٽيءَ

Marfat.com

واري واقعي جي شروعات هئي، تہ هن موقعي تي "تيمم" واري آيت نازل ٿي.

هاڻي ان ڳالهہ ۾ اختلاف آهي تہ اها آيت "سورة المائده" جي آهي يا "سورة النساء" جي.

ان مان صحيح قول اهو آهي تہ اها آيت "سورة المائده" جي آهي، جيئن صحيح بخاري وغيره ۾ نقل ڪيو ويو آهي.

ان کان اڳ "تيمم" هن امت ۾ جائز نہ هو، پر گذريل امتن مان بہ ڪنهن امت ۾ جائز نہ هو.

تيمم بہ هن ئي امت جي خصوصيتن مان هڪ آهي.

سان تيمم ڪري نماز پڙهي سگهن ٿا پر هاڻي جيڪڏهن وضو نہ آهي تہ ان لاءِ بہ تيمم ڪبوءِ جيڪڏهن غسل واجب آهي تہ ان لاءِ بہ تيمم ذريعي پاڪائي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

تيمم جو طريقو

امام مالڪ، شافعيءِ ابوحنيفہ جو مسلڪ آهي تہ پهريان تيمم جي نيت ڪجي، جنهن ڪانپوءِ پاڪ صاف مٽيءَ تي ٻئي هٿ هڻي پوءِ اهي سڄي منهن تي گهمائي ڇڏجن ءِ ٻيو دفعو هٿ هڻي هٿن ڪان ٽوڙين تائين ٻنهي ٻانهن تي ڦيرائجن تہ تيمم مڪمل ٿي ويندو.

جڏهن تہ امام احمد ابن حنبلءِ اوزاعي وغيره جي خيال مطابق تہ ٻيو دفعو مٽيءَ تي هٿ هڻڻ ضروري نہ آهنءِ پهرين دفعي واري هٿن سان ئي منهن توڙي ٻانهن جو تيمم ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن جاءِ تي جيڪڏهن صاف پاڪ مٽي نہ ٿي ملي سگهي تہ پوءِ ڪنهن اهڙيءَ شيءِ تي بہ هٿ هڻي تيمم ڪري سگهجي ٿو، جنهن تي دز يا گس وغيره لڳل هجي، پوءِ ڀل اهو ڪو پٿر يا ٻي اهڙي شيءِ هجي جنهن جو مٽيءَ سان تعلق هجي.

تيمم جتي پاڻي نہ هجي اتي بہ جائز آهي پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو بيمار آهيءِ پاڻيءَ جي استعمال سان سندس بيماري وڌي ويڻ جو انديشو آهي تہ پوءِ اهو ماڻهو بہ پاڻي دستياب هجڻ جي باوجود تيمم ڪري سگهي ٿو. وضو ڪرڻ توڙي غسل لاهڻ لاءِ تيمم جو طريقو هڪ ئي آهي.

تيمم جو مدو

تيمم جيترو عرصو بہ پاڻي نہ ملي يا ماڻهو پاڻي استعمال ڪرڻ ڪان شرعي طور معذور هجي تہ پوءِ امام احمد جي بقول سالن تائين ڪيس تيمم ڪرڻ جي شرعي اجازت آهي. البت هر نماز لاءِ نئين سر تيمم ڪرڻ بهتر آهي.

تيمم جو حڪم غزوه بنو مصطلق جي موقعي تي نازل ٿيو، جو هن سفر ۾ حضرت عائشہ رضہ جي ڳلي مان هڪ دفعو وري هار ڪري پيو، جنهن لاءِ هن سيد عالم ﷺ جن کي اطلاع ڏنو. پاڻ سڳورن ﷺ جن قافلي کي اتي منزل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اهو اهڙو ماڳ هو جتي پاڻي بلڪل دستياب نہ هو. مسلمان طهارت ءِ وضوءَ لاءِ هيڏي هوڏي ڦري رهيا هئا. ڪجهہ صحابين حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي شڪايت ڪئي تہ تنهنجي نياڻيءَ جي ڪري ئي هي مسئلو پيدا ٿيو آهي. حضرت صديق رضہ بہ ڏاڍو پشيمان ٿيو. آخر فجر جي نماز کان اڳ اها آيت نازل ٿي جنهن ۾ مسلمانن کي تيمم جي اجازت ڏني ويئي. بس پوءِ تہ قافلي وارا ڏاڍو خوش ٿيا تہ سندن مسئلو هميشہ لاءِ حل ٿي ويو. حضرت اسيد بن حضير رضہ ءِ ٻيا سيدنا صديق اڪبر رضہ جي ڪٽنب جا ٿورا ميڙ لڳا.

صحيح بخاري "كتاب التيمم" ج ۱ ص ٦٩، صحيح مسلم "باب التيمم" ج ۱ ص ۱۹۱. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۴۳، زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۲۵۸. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۱۱.

Marfat.com

حضرت ابوبکر رضہ جو قسم کٹڻ

* هن سال جڏهن خدا تعاليٰ حضرت عائشہ رضہ کي بهتان مان آجي ٿيڻ جو حڪم نازل ڪيو، تڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضہ قسم کنيو تہ هو آئينده پنهنجي ماسات "مسطح بن اثاثہ" جي ڪابہ مالي مدد نہ ڪندو، چو تہ هو بہ ان بهتان مڙهڻ وارن ۾ شامل هو. مسطح پاڻ هڪ مسڪين ماڻهو هو، جنهن ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضہ سندس مالي مدد ڪندو رهندو هو. ان موقعي تي الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

وَلَا يَأْتَلِ أُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَالسَّعَةِ أَنْ يُؤْتُوا أُولِي الْقُرْبَىٰ وَالْمَسَاكِينَ وَالْمُهَاجِرِينَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ. (۱)

(ءِ اوهان منجهان جن تي فضل ٿيل آهي ءِ اهي آسودا آهن، اهي قسم نہ ڪٽن تہ هو پنهنجي مائٽن، مسڪينن، ءِ الله جي راه ۾ هجرت ڪيل ماڻهن جي مدد نہ ڪندا.)

ان ڪانپوءِ حضرت ابوبڪر رضہ چوڻ لڳو، "خدا جو قسم! آءٌ ان ڳالهہ کي پسند ٿو ڪريان تہ خدا تعاليٰ منهنجي بخشش فرمائي." ءِ پوءِ "مسطح" جي مدد ڪرڻ ائين ئي شروع ڪيائين جيئن هن ڪان اڳ ڪندو هو.

ءِ اهو بہ چيائين تہ، "خدا جو قسم! آئينده ڪڏهن بہ سندس مالي مدد بند نہ ڪندس." (۲)

بهتان مڙهڻ وارن لاءِ حد جاري ٿيڻ

* هن سال جڏهن حضرت عَائِشَہ رضہ کي الله تعاليٰ طرفان متس مڙهيل بهتان ڪان آجي ٿيڻ وارو حڪم نازل ٿيو تہ پوءِ نبي ڪريم ﷺ جن طرفان انهن ڇئن شخصن خلاف حد قذف جاري ڪئي ويئي جن ان ڪم ۾ حصو ورتو هو. انهن جا نالا هن ربت ٻڌايا ويا آهن:

۱. عَبْدُالله بن اُبَيّ بن سَلُوْل ۲. حَسَّان بن ثَابِت ۳. مِسْطح بن اُثَاثَہ ۴. حَمْنَہ بِنت جَحْش، جيڪا حضرت زينب بنت جحش جي ڀيڻ هئي.

جڏهن تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ هن معاملي ۾ ڪنهن تي بہ ڪا حد جاري نہ ٿي هئي. (۳)

---

(۱) سورة النور آيت ۲۲ پاره ۱۸.

(۲) "سيرة ابن هشام" ج ۳ ص ۳۱٦، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۷۱.

(۳) "افڪ" واري واقعي ۾ حد جاري ٿيڻ يا نہ ٿيڻ بابت مختلف روايتون نقل ڪيون ويون آهن، جن مان اڪثريت جي راء اها آهي تہ هن موقعي تي حد جاري نہ ڪئي ويئي، جڏهن تہ "ابن قيم" طرفان نقل ڪيل هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهڙي معاملي ۾ حد ان وقت جاري ڪئي ويندي آهي، جڏهن اهو شخص ان جو مطالبو ڪري، جنهن متان بهتان مڙهيو ويو هجي، پر جيئن تہ "سيده عائشہ رضہ" ان ڳالهہ جو مطالبو نہ ڪيو هو، انڪري حد جاري نہ ٿي هئي. هڪ ٻي روايت مطابق تہ هن معاملي ۾ منافقن جي مهندار عبدالله بن ابي بن سلول کي ڪنهن مصلحت تحت معاف ڪيو ويو، چو تہ هو پنهنجي قوم جو سردار هو، انڪري هو پاڻ بچائڻ لاءِ ڪوبہ فتنو ڪڙو ڪري ٿي سگهيو. ان سبب دين

Marfat.com

"عَزْل" بابت سوال

* هن سال "غزوه بَنِي مُصْطَلِق" ۾ صحابي سڳورن کي جڏهن قيدي عورتون مليون تڏهن منجهن نفساني خواهش زور پريو پر کين دل ۾ اهو خوف جاڳيو ته جيڪڏهن انهن عورتن کي ڪو ٻار ٻچو ٿي پيو ته پوءِ اهي سندن ٻارن جون مائرون ليکيون ويندیون، جنهن ڪري انهن جي خريد و فروخت حرام ٿي ويندي، ان ڪري هنن "عَزْل" ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ان لاءِ هو پاڻ ڪريم ﷺ جن کان "عزل" بابت پڇڻ لڳا، جواب ۾ خدا جي رسول ﷺ جن فرمايو، "نه، اوهان کي نٿو جڳائي ته ائين ڪريو، جنهن روح کي دنيا ۾ قيامت تائين اچڻو آهي اهو اچي رهندو." (۱)

عَبْدُاللّٰه بن اُبَيّ جي منافقت جو هڪ واقعو

* هن سال غزوه بني مصطلق واري زماني ۾ هڪ واقعو پيش آيو. اهو هن ريت ته مهاجرن مان جَهْجَاه بن قَيْس غِفَارِيءَ نالي هڪ شخص سنان بن فَرْوَه جُهْنِي نالي هڪ انصاريءَ کي ڏڪو ڏنو.

انهن نالن ۾ راوين جو اختلاف به آهي، جنهن ڪري ڪن راوين طرفان مهاجر صحابيءَ جو نالو جهجاه بن مسعود بن سعد غِفَارِي ۽ اَنْصَاري صحابيءَ جو نالو سِنَان بن تَيْم بن اَوْس به ٻڌايا ويا آهن.

بهرحال هن موقعي تي مدد لاءِ مهاجرن پنهنجي مهاجرن کي ۽ انصارن طرفان وري انصارن کي پڪاريو ويو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ڪن تائين جڏهن اها ڳالهه پهتي تڏهن فرمايائون: "هي جاهليت جون ڳالهيون ڇا لاءِ؟ انهن گندين ڳالهين کان پاسو ڪريو."

اها ڳالهه جڏهن منافقن جي مهندار عَبْدُاللّٰه بن اُبَيّ بن سَلُوْل ٻڌي تڏهن چوڻ لڳو، "هي آهن هنن جا ڪم" ۽ پوءِ چيائين: "اوهان انهن جو خرچ پکو بند ڪري ڇڏيو، جيڪي نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ آهن، تان جو هو چڙوچڙ ٿي وڃن." ان ڪانپوءِ وري هيئن به چوڻ لڳو ته، "اسان کي مديني موٽڻ ڏيو، پوءِ جيڪو وڏيڪ معزز هوندو اهو وڏيڪ ذليل کي اتان کڏي باهر ڪندو." اتي وڏيڪ معزز مان مراد سندس پنهنجي خسيس شخصيت هئي ۽ ٻئي قسم مان سندس اشارو سرور ڪائنات ﷺ جن جي ذات بابرڪات ڏانهن هو. (معاذ الله ثم معاذ الله) (۲)

اها ڳالهه جڏهن ڪنهن هڪ مشهور صحابي حضرت زَيْد بن اَرْقَم اَنْصَارِي رضه ٻڌي تڏهن اهو احوال هن پاڻ ڪريم ﷺ جن تائين پهچايو.

اندر ڪنهن به انتشار پيدا ڪرڻ کان بهتر هو ته کيس بخشيو وڃي، باقي حسان بن ثابت، مسطح بن اثاثه، ۽ حمنه بنت جحش پکا ۽ سچا مسلمان هئا ان ڪري کين پاڪ ڪرڻ لاءِ ۽ سندن ڏوه جي ڪفاري ادا ڪرڻ خاطر کين سزا ڏني ويئي. (والله اعلم)

سيرة ابن هشام ج ۲ ص ۳۱۵. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۲ ص ۲۶۳/۲۶۴. البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۴ ص ۱۶۱.

(۱) صحيح بخاري "كتاب البيوع" ج ۲ ص ۲۸. صحيح مسلم "كتاب النكاح" ج ۴ ص ۱۵۷/۱۵۸.

(۲) صحيح بخاري "كتاب التفسير" ج ۳ ص ۲۰۲/۲۰۴.

Marfat.com

ان تي عَبْدُالله بن اُبَيّ پنهنجي ڳالهه تان ڦري ويو ۽ الٽو قسم کڻڻ لڳو ته هن ائين نه چيو آهي. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ حضرت زَيْد رضه کان پڇيو ته، "متان توکان ٻڌڻ ۾ غلطي ٿي هجي." ان ڳالهه تي زيد رضه کي ڏاڍو ڏک ٿيو.

هن موقعي تي الله تعاليٰ طرفان سورة "اِذا جَاءَکَ الْمُنَافِقُوْنَ" نازل کئي ويئي، جنهن زيد رضه جي سچائيءَ ۽ منافقن جي کوڙ کي پڌرو کري ڇڏيو.

الله تعاليٰ منافق جي پهرين ڳالهه کي هن آيت ذريعي رد کيو: **"وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ.** (۽ الله جا آهن، آسمانن ۽ زمين جا خزانا) **وَلٰكِنَّ الْمُنَافِقِيْنَ لَا يَفْقَهُوْنَ** (۱) (پر منافق نٿا سمجهن.)

۽ منافق جي بي ڳالهه کي هن آيت ذريعي کوڙو کيو ويو.

وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَلٰكِنَّ الْمُنَافِقِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ (۲)

"۽ عزت ته الله لاءِ، ان جي رسول ﷺ لاءِ ۽ ايمان وارن لاءِ آهي، پر منافق اهو نٿا ڄاڻن."

ان کانپوءِ نبي کريم ﷺ جن حضرت زيد رضه کي ٻڌايو ته، "اي زيد! الله تعاليٰ طرفان تنهنجي تصديق کئي ويئي آهي."

ان تي زيد ڏاڍو خوش ٿيو. (۳)

---

(۱) سورة المنافقون آيت ۷ پاره ۲۸.

(۲) سورة المنافقون آيت ۸ پاره ۲۸.

(۳) فتح الباري "ابن حجر" ج ۸ ص ۵۲۵، تفسير "ابن كثير" ج ۴ ص ۳۲۴. تفسير "بحر العلوم" ابوالليث سمر قندي" ج ۳ ص ۳٦٦. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۵۲/۵۸. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴ ص ۳۴۸/۳۴۹.

Marfat.com

فصل چهون

هن باب ۾ سن ڇهين هجريءَ جا واقعات بيان ڪيا ويا آهن.

نمازِ اِسْتِسْقَاءَ جو واقعو

* هن سال رَمَضَانَ جي مهيني ۾ ڏڪار پيو، جنهن ڪري ماڻهو اهو عرض ڪٽي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتا ته مينهن وسڻ لاءِ دعا گهري وڃي. خدا جي سچي رسول ﷺ جن ماڻهن کي رب جي آڏو ٻاڏائڻ، عاجزي ڪرڻ ۽ خيرات ڏيڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان ڪانپوءِ ماڻهن سان گڏجي عيدگاه ڏانهن رخ رکيائون، اتي پهچي ٻه رڪعتون نماز ادا ڪئي ويئي. پهرين رڪعت ۾ "سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلٰى" ۽ بي رڪعت ۾ "سورة الغاشيه" جي تلاوت ڪئي ويئي. پهرين رڪعت ۾ ست تڪبيرون ۽ بيءَ رڪعت ۾ پنج تڪبيرون هنيون ويون، ۽ ان ڪانپوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ نهايت اثرائتو خطبو پڙ ڏنو، ان وقت ماڻهو پنهنجي جاين تان اٿيا ئي مس ته مينهن اچي منهن ڪڍيو. بس پوءِ ته ڪيترا ڏينهن راتيون سانده بادل برسندا رهيا. (۱)

نبي انور ﷺ جن جي هڪ حديث

* هن سال مٽي بيان ڪيل وسڪاري وقت رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو: "رب تعالىٰ ٻڌائي ٿو ته، اڄ جڏهن رات مان ڏينهن ايريو ان وقت ڏٺو ويو ته ڪن ماڻهن جو مونتي ايمان آهي ۽ اهي ستارن جا انڪاري آهن، ۽ ڪي وري منهنجا انڪاري آهن پر ستارن تي ايمان اٿن." (الحديث) (۲)

جنهن ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "جن (ماڻهن) چيو "اسان تي مينهن الله تعالىٰ جي فضل ۽ رحمهر سان پيو انهن جو الله تعالىٰ تي ايمان آهي ۽ اهي ستارن جا انڪاري آهن پر جن ان جي ابتڙ ڳالهه ڪئي انهن جو الله تعالىٰ جي ذات تي نه پر ستارن تي ايمان آهي. (حديث)

هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مٽيان لفظ پاڻ ڪريم ﷺ جن "غزوه حديبيه" واري زماني ۾ فرمايا. جيئن "زَرقاني" "شرح علىٰ المواهب" ۾ ڄاڻايو آهي (۳) "غَزْوَه حُدَيْبِيَّه" جو واقعو به هن ئي سال ذوالقعد مهيني ۾ پيش آيو، جنهن جو ذڪر غزوات واري باب ۾ ٿي چڪو آهي، جڏهن ته ڪن جو چوڻ آهي ته اهو واقعو سن ستين هجريءَ ڏاري پيش آيو، جنهن جو ذڪر اڳتي به ڪيو ويندو.

اَبُوالْعَاص رضہ بن ربيع جي گرفتاري ۽ آزادي

* هن سال جُمَادَي الاول يا بي روايت مطابق جُمَادَي الآخر ۾ زَيْد بن حَارِثہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ

---

(۱) فتح الباري "ابن حجر" كتاب الاستسقاء ج ۲ ص ۵۰۰، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۳۸. ارشاد الساري قسطلاني ج ۱ ص ۲۳۹، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۴.

(۲) صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ۳ ص ۴۲.

(۳) شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ۲ ص ۲۱۲/۲۱۳.

Marfat.com

"سَرِيَّہ" کي عِيْص طرف اماڻيو ويو. مسلمانن اتي پهچي قريش جي هڪ جماعت کي قيد ڪيو ۽ انهن قيدين ۾ اَبُوالْعَاص بن رَبِيْع بہ شامل هو، جنهن سان پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي نياڻيءَ سيده زَيْنَب رضہ جو نڪاح ٿيل هو. مديني پهچڻ کانپوءِ اَبُوالْعَاص اچي سَيِّدَه زَيْنَب جي سام پيو، بيبي سانئڻ ان موقعي تي سندس سام کنئين. اهڙو احوال جڏهن سيد الانبياء صلی الله عليه وسلم جن کي ٻڌايائين، تڏهن پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن وراڻيو، "اي زَيْنَب! جنهن جي تو سام کنئين اهو اسان جي بہ سام ۾ آهي." ان کانپوءِ ابوالعاص کان جيڪو مال متاع ورتو ويو هو، اهو بہ کيس موٽي مليو.

هن سريہ کانپوءِ ابوالعاص بن ربيع اسلام قبول ڪيو ۽ سندس مسلمان ٿيڻ کانپوءِ پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن سيده زينب رضہ کي ابوالعاص سان پرڻائي ڇڏيو، ڇو جو اسلام کان اڳ سندن نڪاح ٿي چڪو هو، جڏهن تہ هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هن موقعي تي سندن نڪاح نئين سر پڙهيو ويو. جنهن کانپوءِ ئي سيده زينب رضہ کي رخصت ڪيو ويو، ۽ اها روايت وڌيڪ صحيح آهي. (۱) هڪ ٻي روايت ۾ وري ٻڌايو ويو آهي تہ اهو واقعو سن ستين هجريءَ ۾ پيش آيو، جيئن اڳتي بيان ڪيو ويو آهي.

ابورافع يهوديءَ جو قتل ۽ نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جو هڪ معجزو

* هن سال رمضان ۾ يا ٻي روايت مطابق ڪنهن ٻئي مهيني ۾ پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن هٿان هڪ معجزو ظاهر ٿيو. اهو واقعو هن ريت آهي تہ عبدالله بن عتيڪ انصاريءَ رضہ کي ابورافع سلام بن ابوالحقيق نالي يهوديءَ جي قتل لاءِ اماڻيو ويو، ابن عتيڪ جڏهن ابورافع کي قتل ڪري ڏاڪڻ تان هيٺ لهي رهيو هو، جيتوڻيڪ اها چانڊوڪي رات هئي پر تڏهن بہ سندس پير ترڪي پيو. جنهن جي نتيجي ۾ سندس پير بہ نڪري پيو ۽ پني بہ ڀڄي پيئي. هن ڌڪ واري جاءِ تي ڪپڙو ٻڌو ۽ ان حالت ۾ پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو.

ان موقعي تي رسول خدا صلی الله عليه وسلم جن سندس پير جي پٽي کولائي ان جاءِ تي پنهنجو هٿ مبارڪ گهمايو، جنهن جي برڪت سان اوڏيءَ مهل ئي سندس پير پيرن جهڙو ٿي ويو ۽ ائين ٿي لڳو تہ ڄڻ کيس ڪجهہ ٿيو ئي نہ هو. (۲)

اُسَيْرَ ڏانهن هڪ "سريہ"

* هن سال شوال جي مهيني ۾ عبدالله بن رواحہ رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ سريہ اسير بن رزام نالي هڪ يهوديءَ ڏانهن اماڻيو ويو. ان موقعي تي هن يهوديءَ حضرت عبدالله بن انيس رضہ نالي هڪ صحابي سڳوري کي اهڙو تہ مٿي تي ڌڪ هنيو جو ميڄالي تائين کيس ڦاڙ ٿي پيو. واپسيءَ تي نبي انور صلی الله عليه وسلم جن ان ڌڪ تي پنهنجي لٻ مبارڪ لڳائي ۽ پوءِ دعا بہ گهري. ان کانپوءِ وري ڪڏهن بہ ان جاءِ تي حضرت

(۱) المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۵۵۳/۵۵۴، طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۶۶/۶۷. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۱۸۰، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۲ ص ۱۵۵/۱۵۸. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۸۴، تاريخ الخميس ج ۲ ص ۹.

(۲) المغازي "واقدي" ج ۱ ص ۳۹۱/۳۹۵، سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۲۸۶/۲۸۸. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۳۳/۳۹، الخصائص الڪبريٰ "سيوطي" ج ۲ ص ۳۹۰. شرح عليٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۲ ص ۱۶۴/۱۷۰، تاريخ الخميس ديار بڪري ج ۲ ص ۱۳

Marfat.com

عبدالله بن انيس کي ڪا تڪليف محسوس نہ ٿي. اهو ہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي. (١)

غزوہ حديبيہ جا ڪجهہ واقعات (٢)

* هن سال "حُدَيْبِيَّہ" وارو واقعو ہ پيش آيو، جنهن جي نتيجي ۾ صلح جو معاهدو ٿيو. اهڙو ذڪر مٿي "غزوات" واري باب ۾ ہ ٿي چڪو آهي.

* هن سال سومر ڏينهن ذيقعد جو چنڊ ڏسي نبي اڪرم ﷺ جن احرام ٻڌو ۽ عمره جي نيت سان "حُدَيْبِيَّہ" ڏانهن روانا ٿيا. هن مبارڪ سفر ۾ ساٺن ڪڏ تيرهن سؤ مسلمان هنا. ڪن راوين طرفان اهو انگ چوڏهن سؤ يا وري پندرهن سؤ ہ ٻڌايو ويو آهي، پر هتي وچون انگ وڌيڪ وزنائتو سمجهجي ٿو.

هن موقعي تي مديني شريف ۾ ابن اُمِّ مَكْتُوْم رضہ، نُمَيْلَہ بن عَبْدُالله لَيْثِي رضہ يا وري اَبُو رُهْم كُلْثُوم بن حُصَيْن غِفارِي رضہ مان ڪنهن هڪ کي خليفو مقرر ڪيو ويو. پاڻ ڪريم ﷺ جن قرباني لاءِ ستر اٺ ہ پاڻ سان ڪڏ ڪنيا، جن کي ناجيہ بن جُنْدَب اَسْلَمِي قافلي جي اڳيان چاريندو پئي هليو. مسلمان جڏهن "حُدَيْبِيَّہ" وٽ پهتا، تڏهن مڪي جا ڪافر سندن ڏڳ جهلي بيٺا ۽ ڪين اڳتي وڌڻ نہ ڏنائون.

سرور عالم ﷺ جن اتي ئي پنهنجي مٿي مبارڪ کي پاڪي ڏياري، انن کي سير وڏي ۽ احرام کولي ڇڏيائون. جنهن ڪانپوءِ ٻين مسلمانن ہ ان عمل جي ئي پوئواري ڪئي، جيتوڻيڪ هن سال هو "عمره" ادا ڪري نہ سگهيا پر ايندڙ سال ستين هجريءَ دوران ان قضا جي ادائگي ڪيائون، جنهن جو ذڪر اڳتي ڪيو ويندو.

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن "غَزْوَہ حُدَيْبِيَّہ" واري واقعي کان اڳان واندا مس ٿيا تہ اتي ئي زنجيرن ۾ جڪڙيل حالت ۾ "اَبُوجَنْدَل رضہ" سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو، هن ڳچ وقت اڳ مڪي جي ويجهو اسلام قبول ڪيو هو، جنهن تي سندس پيءُ ساٽس اها جٽ ڪئي هئي، پر پوءِ اڳتي هلي "فتح مڪي" واري موقعي تي سندس پيءُ ہ اسلام قبول ڪيو، جنهن جو ذڪر سن اٺين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

* هن سال "غَزْوَہ حُدَيْبِيَّہ" جي پڄاڻي ڪانپوءِ اڃان پاڻ ڪريم ﷺ جن مديني نہ موٽيا هئا ۽ اتي ئي ترسيل هنا تہ "اَبُوبُصَيْر رضہ" نالي هڪ مسلمان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. سندس نالو عتبہ رضہ بن اُسَيْد بن جاريہ ثَقَفِي ٻڌايو ويو آهي، جيڪو بنو زهره وارن جو ساٿاري هو ۽ هن گهٽو وقت اڳ اسلام قبول ڪيو هو.

اَبُوبُصَيْر رضہ ۽ ابوجندل رضہ ڪافرن جي ظلم ڪان تنگ ٿي مڪي ڪان مديني آيا، پر پوءِ پاڻ

(١) المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٥٦٨/٥٦٦. طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ٧١/٧٠. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٥. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٤ ص ٢٩٤/٢٩٣.

(٢) غزوہ حديبيہ جا واقعات جيڪي هتي نقل ڪيا ويا آهن، تن جا تفصيل هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا:
صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٤١، صحيح مسلم ڪتاب الجهاد والسير ج ٣ ص ١١٣. المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٥٧١، سيرة ابن هشام ج ٣ ص ٣٢١. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٤ ص ١٦٦، دلائل النبوة "بيهقي" ج ٤ ص ٩٠. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٢ ص ١٧٩، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٦. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٥ ص ٣٣، روضة الاحباب سيد جمال الدين ص ٢٣٤.

Marfat.com

سڳورن ﷺ کين مکي ڏانهن موڪلائي ڇڏيو، ڇو جو ڪافرن "صُلح حُدَيْبِيَّہ" ۾ اهو شرط رکيو هو تہ "جيڪڏهن مکي مان ڪو شخص مسلمان ٿي مديني آيو تہ ان کي مکي موڪليو ويندو." پر اڳتي هلي اَبُوبُصَيْر رضہ ۽ اَبُوجَنْدَل ڪافرن جي چنبي مان پاڻ ڇڏائي اچي مديني ۽ شام جي وچ تي هڪ گهٽ جهلي ويهي رهيا ۽ پوءِ هو اتان لنگهندڙ ڪافرن کي قتل ۽ ڪندا هئا تہ ڪائنس مال ۽ کسيندا هئا. اهڙو ذڪر حديث ۽ سيرة جي ڪتابن ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

* هن سال "غَزْوَہ حُدَيْبِيَّہ" کان اڳ زيد بن خالد رضہ جُهني اسلام قبول ڪيو ۽ مديني ۾ رهڻ لڳو. "حديبيہ" ۾ هو پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ هو، جڏهن تہ "فتح مکي" جي موقعي تي "جُهَيْنَہ" قبيلي وارن جو جهنڊو سندس ئي هٿن ۾ هو.

* هن سال "غَزْوَہ حُدَيْبِيَّہ" کان اڳ رسول انور ﷺ جن جي خدمت ۾ شريد بن سُويد رضہ ثقفي حاضر ٿيو ۽ سندن هٿ مبارڪ تي اسلام قبول ڪيائين، جنهن ڪانپوءِ هو "حديبيہ" جي موقعي تي ۽ ساٿن گڏ رهيو ۽ "بيعت رضوان" ۾ ۽ بهرو ورتائين.

* هن ئي سال غزوہ حديبيہ کان اڳ عَبْدُالله بن اَبِي اَوْفٰي ۽ اسلام قبول ڪيو، جنهن ڪانپوءِ هن ۽ "غزوہ حُدَيْبِيَّہ" ۽ بَيْعَت رِضْوَان ۾ بهرو ورتو، پوءِ "حنين" ۽ ٻين غزوات ۾ ۽ شريڪ ٿيندو رهيو. هو سرور عالم ﷺ جن سان ڇهن غزوات ۾ گڏ رهيو. سندس پيءُ ابي اوفي جو نالو عَلْقَمَہ بن خَالِد رضہ اَسْلَمِيّ ٻڌايو ويو آهي، جنهن کي پڻ صحابيت جو شرف حاصل آهي.

* هن سال "غَزْوَہ حُدَيْبِيَّہ" کان اڳ خِرَاش رضہ بن اُمَيَّہ بن رَبِيْعَہ بن فَضْل اَبُو نَضْلہ کَعْبي خُزَاعِيّ ۽ اسلام قبول ڪيو، جيڪو بنو مخزوم وارن جو ساٿاري هو. مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ هن ۽ "غَزْوَہ حُدَيْبِيَّہ" ۽ "بَيْعَتِ رِضْوَان" ۾ بهرو ورتو.

هي اهو صحابي سڳورو آهي، جنهن "حُدَيْبِيَّہ" واري موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مٿي مبارڪ کي پاڪي ڏني هئي.

* هن سال "غَزْوَہ حُدَيْبِيَّہ" کان اڳ حَارِثہ رضہ بن سَعِيْد اَسْلَمِيّ جي اٽن پٽن اسلام قبول ڪيو، جن مان ستن جا نالا هن ريت آهن.

١. اَسْمَاء رضہ ٢. هِنْدَ رضہ ٣. خِرَاش رضہ ۴. ذُؤَيْب رضہ ۵. حُمْرَان رضہ ٦. فَضَالہ رضہ ٧. مَالِک رضہ. جڏهن تہ سندن اٽين ياءُ جو نالو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. اهي سمورا صحابي آهن ۽ سيني نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ حُدَيْبِيَّہ ۽ بَيْعَتِ رِضْوَان ۾ بهرو ورتو. منجهانئن ٻہ پائر يعني اَسْمَاء رضہ ۽ هِنْدَ رضہ جو شمار "اصحابِ صُفہ" ۾ ٿئي ٿو، جيڪي پاڻ ڪريم ﷺ جن جا خدمت گذار هئا. انهن مان اَسْمَاء رضہ بنت حارثہ جي هڪ پٽ جو نالو ٻہ "هِنْد" هو، جنهن کي نبي انور ﷺ جن عَاشُوراء واري ڏينهن تي اماٽيو هو تہ هو بَنُوْ اَسْلَم وارن ۾ وڃي اعلان ڪري تہ، "جنهن ڪجهہ کاڌو آهي اهو سڄو ڏينهن ڪجهہ ٻہ نہ کائي ۽ جنهن ڪجهہ نہ کاڌو آهي اهو روزي جي نيت ڪري."

* هن سال "غزوہ حُدَيْبِيَّہ" کان اڳ خُفَاف رضہ بن اِيْمَاء بن رَحَضَہ غِفَارِيءَ ۽ اسلام قبول ڪيو، جيڪو پنهنجي قوم جو امام ۽ خطيب هو. هن غَزْوَہ حُدَيْبِيَّہ ۽ بَيْعَتِ رِضْوَان ۾ ۽ بهرو ورتو. خُفَاف سان گڏ سندس پيءُ اِيْمَاء بن رَحَضَہ غِفَارِي ۽ هن ئي موقعي تي مسلمان ٿيو. خفاف سندس پيءُ اِيْمَاء

Marfat.com

۽ سندس ڏاڏو رَحَضَہ ٿنهي کي صحابيت جو شرف حاصل آهي.

* هن سال "غَزْوَہ حُدَيْبِيَّہ" کان اڳ عقيل بن ابوطالب رضہ به اسلام قبول کيو، جيڪو پاڻ کريم صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن جو سوٽ ۽ حضرت علي بن ابي طالب رضہ جو وڏو ڀاءُ هو. هو عمر ۾ حضرت علي‌ءَ رضہ کان ويهہ ورهيہ وڏو هو.

رِفَاعَہ بن زَيْد رضہ جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال غَزْوَہ حُدَيْبِيَّہ کان پوءِ ۽ خَيْبَر کان اڳ رِفَاعَہ رضہ بن زَيْد بن وَهْب جُذَامي ضُبَيْبِي به اسلام قبول کيو. هو پنهنجي قوم جي هڪ جماعت سان گڏ سرور کائنات صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سندن صلي‌الله‌عليه‌وسلم آڏو هو سيبئي مسلمان ٿيا. جنهن کانپوءِ پاڻ کريم صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن ان قوم جي باقي پنتي رهيل ماڻهن ڏانهن به هڪ پيغام لکي روانو کيو، جنهن کي ڏسي اهي سمورا به مسلمان ٿيا. (۱)

حضرت رِفَاعَہ رضہ اهو ساڳيو صحابي آهي، جنهن نبي انور صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن جي خدمت ۾ "مِدْعَم" نالي هڪ حبشي غلام نذراني طور پيش کيو، جنهن کي خيبر جي موقعي تي قتل کيو ويو.

غَزْوَہ ذِيْ قَرَد جا کجهم واقعات

* هن سال "غَزْوَہ ذِي قَرَد" جي موقعي تي نبي انور صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن ماڻهن کي "نِمازِ خَوْفِ" پڙهائي ۽ هن ماڳ تي هڪ ڏينهن ۽ رات به گذاريائون. جيئن "المواهب اللدنيہ" ۾ بيان کيو ويو آهي. (۲)

نبي کريم صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن "نِمازِ خَوْفِ" پهريون پيرو "غَزْوَہ بن لِحْيَان" جي موقعي تي "عُسْفَان" نالي ماڳ تي سن ڇهين هجريءَ ۾ پڙهائي، ان کانسواءِ ٻيو پيرو غَزْوَہ "ذَاتُ الرِّقَاع" جي موقعي تي به "نماز خوف" ادا کئي ويئي. جنهن جو ذکر ان موقعي تي کيو ويو آهي، انکري ائين چئبو ته "ذِي قَرَد" ۾ "نِمازِ خَوْفِ" ٽيون دفعو پڙهي ويئي.

* هن سال "غَزْوَہ ذِي قَرَد" جي ئي موقعي تي "سَلَمَہ بن اَکْوَع رضہ" انهن مشرکن مٿان تير وسايا، جيکي پاڻ کريم صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن جا اُٺ کاهي ويا هئا. حضرت سَلَمَہ رضہ کانئن اهي ان ڇڏايا ۽ تيرن هڻڻ وقت هو هيٺيون شعر پڙهي رهيو هو:

خُذْهَا وَ اَنا ابْنُ الْاَکْوَع،

۽ وٺو (هي تير) آءٌ به اکوع جو پٽ آهيان.

وَالْيَوْمُ يَوْمُ الرُّضَّع،

۽ اڄوڪو ڏينهن (دشمن جي) خاتمي جو ڏينهن آهي.

اهڙو ذکر امام بخاريءَ پنهنجي صحيح ۾ کيو آهي. (۳)

---

(۱) الاصابہ "ابن حجر" ج ۱ ص ۵۱۸، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۱۸۱.
(۲) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۷۶.
(۳) صحيح بخاري "کتاب المغازي" ج ۳ ص ۴۸.

Marfat.com

* هن سال "غزوه ذي قرد" جي موقعي تي حضرت سَلَمَہ بن اَکْوَع رضہ کي رسول خدا ﷺ جن فرمايو: "جڏهن اهي تنهنجي وَرِ چڙهي وڃن تہ پوءِ مٿن نرمي ڪجانءِ." اهو ٻڌي سَلَمَہ رضہ وراڻيو: اي الله جا رسول ﷺ، انهن کي (اسان ائين ڀڄاريو آهي) جو هو پاڻي بہ نہ پي سگهيا آهن. جيڪڏهن مون کي سؤ ماڻهن سان گڏ سندن پٺيان موڪليو ويو تہ ڪائنہ سمورو مال بہ واپس وٺندس ۽ ڪين گردن کان گهلي بہ ايندس. (۱)

* هن سال رسول اڪرم ﷺ جن "غزوه ذِيْ قَرَد" کان موٽ تي پنهنجي گهوڙيءَ تان ڪري پيا، جنهن سببان سندن ساڄو پاسو ڏکجي پيو، انڪري پاڻ سگهورا ﷺ مسجد تائين بہ نہ پئي اچي سگهيا ۽ نماز بہ پنهنجي جڳهہ تي ئي ادا ڪندا هئا. اهو سلسلو اٽڪل مهينو ڪن جاري رهيو. (۲)

ڪن راوين جو چوڻ آهي تہ هي واقعو سن پنجين هجريءَ جو آهي تہ ڪن وري هن واقعي جو سال نائين هجري ٻڌايو آهي. جنهن جو تفصيل سن نائين هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ڪيو ويندو.

۾ پاسي وارن عجمي حاڪمن ڏانهن دين جي دعوت اماڻڻ بابت ڪجهہ واقعات

* هن سال جي پڄاڻيءَ تي ذوالحج واري مهيني ۾ يا وري بي روايت مطابق سن ستين هجريءَ دوران پاڻ ڪريم ﷺ جن ارادو ڏيکاريو تہ ۾ پاسي وارن حاڪمن کي خطن ذريعي دين جي دعوت پهچائي وڃي. (۳) جنهن تي صحابي سگورن جواب ۾ چيو تہ، "عجم جا حاڪم بنا مهر واري خط کي اهميت نہ ڏيندا." اهو ٻڌي سرور ڪائنات ﷺ جن طرفان هڪ اهڙي مندي تيار ڪرڻ جو حڪم

---

(۱) ايضاً.

(۲) شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۳ ص ۹۷/۹۸.

(۳) نبي اڪرم ﷺ جن کي خدا تعالي هن ڌرتيءَ تي آخري نبيءَ جي حيثيت ۾ مبعوث فرمايو، جنهن ڪانپوءِ ڪوبہ نبي يا رسول دنيا ۾ قيامت تائين نہ ايندو.

اهو آخري نبي امي ﷺ عرب جي ريگستان ۾ پيدا ٿيو ۽ ان جي نبوت هن سڄي ڪائنات لاءِ هئي، انڪري سندن پنهنجي علائقي عرب ۾ جڏهن ان نئين دين جون پاڙون پختيون ٿيڻ لڳيون تہ هاڻي ان ڳالهہ جي ضرورت محسوس پئي تي تہ الله تعالي جي ان آخري دين کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ جي ڪوشش شروع ڪجي، تہ جيئن رشد ۽ هدايت کان محروم سمورا انسان الله جي واٽ تي هلن ۽ ان جي رضا حاصل ڪري پنهنجا ٻئي جهان سنواري سگهن.

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڇهين صدي عيسويءَ ڌاري اها دنيا پوري طرح تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي چڪي هئي. ڪٿي بہ ڪو انسانيت جو پاڇو نظر نہ پيو اچي. شعوري، اخلاقي، اقتصادي، سياسي توڙي سماجي حالتون ايتريون تہ بگڙي چڪيون هيون جو سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ اصلاح جو سبق ڪٿان شروع ڪجي ۽ ڪيئن شروع ڪجي؟

ان نساد ۽ فسطائيت جي دور ۾ ريگزار عرب جي هڪ اُمِي پيغمبر ﷺ پهريون دفعو سفارتي ذريعن سان ان بگڙيل انسان جي سڌاري جو پروگرام ٺاهيو ۽ پنهنجي سفيرن کي ان سچي دين جا دعوت ناما ڏيئي آسپاس وارن حاڪمن ڏانهن اماڻيو.

حقيقت ۾ دنيا لاءِ اهوئي جديد سفارتي سرگرمين جو آغاز آهي، جنهن ۾ نہ ڪنهن سان ڪو زور يا زبردستي

Marfat.com

کرڻي آهي، نہ کنهن جي مٿان کو اوچتو حملو کرڻو آهي، سواءِ ان باطل قوت جي جيڪا دين جي راهہ ۾ رکاوٽون پيدا کندڙ هجي. "لَآ اِكْرَاهَ فِى الدِّيْنِ" جي حڪم تحت نہ کنهن کي زوريءَ مسلمان کرڻو آهي، نہ کنهن جي مال ملکيت کي تباهہ برباد کرڻو آهي. بس جيکڏهن کجهہ کرڻو آهي تہ،

اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ ..... هِيَ اَحْسَنُ.

ترجمو: "دعوت ڏيو رب جي رستي ڏانهن نهايت حڪمت ۽ وٺندڙ هدايت واري نموني سان ۽ ساڻن مذاکرو به نهايت سهڻي طريقي سان ٿيڻ کپي."

الله جي ان حڪم جي روشنيءَ ۾ سرور عالم ﷺ دنيا جي جن وڏن وڏن سرڪش جابر ۽ قاهر حڪمرانن ڏانهن سفارتي ۽ دعوتي خط اماڻيا تن ۾ وادعوک بد عاية السلام ضرور لکيل آهي.

امير المؤمنين سيدنا علي ڪرم الله وجهہ جو قول آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ مونکي جڏهن دين جي دعوت پهچائڻ لاءِ يمن ڏانهن اماڻيو تہ هن ريت فرمايائون: "اي علي! توهان الله جي دين جي دعوت ڏيڻ کان اڳ کنهن کي به قتل نہ کجو."

انهن پيغامن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ نہ اهو کنهن جي سرزمين تي قبضي جو کو پروگرام آهي، نہ کنهن کي ڊيڄارڻو يا هيسائڻو آهي نہ کنهن کان پنهنجي ذات لاءِ کجهہ طلب کرڻو آهي، نہ پنهنجي قابليت يا عظمت جو کٿي کو اظهار آهي.

بس دنيا جي سمورن انسانن لاءِ هڪڙو ئي پيغام آهي تہ اسان سمورا انسان هڪڙي خالق جي مخلوق آهيون. هڪڙي ئي مالڪ جا بندا آهيون، انڪري سڀ هڪ جهڙا آهيون. ان ڪانسواءِ ٻيو کوبہ مالڪ ۽ خالق نہ آهي، سموري عظمت وڏائي ان ذات کي ئي سونهي ٿي، انڪري سندس در ڪانسواءِ کنهن در تي ڪنڌ جهڪائڻو نہ آهي ۽ ذات توڙي صفات ۾ ان جو کوبہ ثاني ۽ شريڪ نہ آهي ۽ آءٌ ان مالڪ جي طرفان موڪليل هن زمين تي ان جو آخري رسول (ﷺ) آهيان.

دنيا جي مغرور ۽ متڪبر، بي دين ۽ بگڙيل حاڪمن شاهن، اميرن ۽ اڳواڻن جڏهن هڪ مسڪين مدني مهاجر ﷺ جو اهڙو پيغام ٻڌو تہ سندن دل ۽ دماغ جي ڪيفيت مٽجي ويئي. جن جي اندر ۾ انسانيت جو کو قطرو باقي بچيل هو تہ انهن جي دل جي دنيا ۾ يقيناً هڪ انقلاب برپا ٿي ويو، پر جن جي اندر جي دنيا ۾ باقي کجهہ بہ نہ بچيو هو اهي اهڙي ڳالهہ ٻڌي مڇرجي پيا ۽ ايران جي خسروءَ تہ خط مبارڪ کي ئي جوش ۾ اچي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. ڇو تہ پاڻ کي خدا سمجهڻ وارا ٻئي جي خدائي جو اقرار ڪرڻ لاءِ ڪيئن تيار ٿيندا؟ آخر ان تڪبر هڪ ڏينهن سندس جان ۽ آن کي بہ پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. جنهن تي ڪيس وڏو ماڻ هو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي سامهون جن حڪمرانن ڏانهن خط موڪليا يا جيڪي بہ تحريري معاهدا ڪيا انهن جو ڪل تعداد ڪي سؤ جي لڳ ڀڳ ٻڌايو ويو آهي. جن مان ڪيترين تحريرون پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ اڄ بہ دنيا ۾ موجود آهن.

هن وقت کنهن بہ نبيءَ جي لکيل يا لکرايل ڪابہ تحرير دنيا ۾ موجود نہ آهي، پر اهو نبي انور ﷺ جن جو اعجاز آهي تہ سندن لکرايل خط جن تي سندن هٿ مبارڪ سان مهر لڳل هجي اڄ بہ دنيا ۾ موجود آهن. انهن خطن جي ذريعي الله تعالىٰ لکين انسانن کي هدايت جو دڳ ڏيکاريو. ڪيترا امن جا معاهدا ٿيا، دوستيون وڌيون، رنگ نسل جا ويڇا وسري ويا، ۽ دنيا کي ڀهريون دفعو اخوت ۽ ڀائيچاري جو پيغام مليو. حبش جي حاڪم نجاشي آڏو جڏهن اهو خط پڙهيو ويو تہ هو تخت کان هيٺ لهي آيو. خط کي چمي مٿي تي رکيائين. جنهن ڪانپوءِ اهو خط عاج جي دٻليءَ ۾

Marfat.com

ڏنو ويو، جنهن تي سندن نالو مبارڪ "مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ ﷺ" ٽن سٽن ۾ اکريل هجي. يعني مٿين سٽ ۾ "اَللهُ" وچين سٽ ۾ "رَسُوْل ﷺ" ۽ هيٺين سٽ ۾ "مُحَمَّد ﷺ" هجي. ان کانپوءِ اها مندي جڏهن تيار ڪئي ويئي تڏهن عجمي حڪمرانن ڏانهن جيڪي خط اماڻيا ويا، انهن تي اها مهر لڳائي ويئي.

اها مندي جنهن صحابي سڳوري تيار ڪئي ان کي يَعْلَي رضہ بن اُمَيَّہ يا وري يَعْلَي رضہ بن مُنْيَہ جي نالن پٽيان ياد ڪيو وڃي ٿو. اُمَيَّہ سندس پيءُ جو نالو هو، جڏهن ته منيہ وري سندس ماءُ جو نالو ٻڌايو ويو آهي. حضرت يَعْلَي رضہ سونارکو ڪم ڪندو هو.

* هن سال جڏهن خدا جي سچي رسول ﷺ جن اها مندي تيار ڪرائي، تڏهن ذوالحج جي مهيني ۾ هڪڙي ئي ڏينهن تي ڇهن قاصدن کي خط ڏيئي هيٺين حاڪمن طرفان دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ اماڻيو ويو.

عمرو رضہ بن اُمَيَّہ ضمريءَ کي حَبْشَ جي حَاڪِم نَجَّاشِيءَ ڏانهن اماڻيو ويو.

دِحْيَة رضہ بن خَلِيْفَہ کَلْبيءَ کي روم جي قَيْصر هرقل ڏانهن. عَبْدُالله رضہ بن حُذَافَہ سَهْمِيءَ کي ايران جي ڪِسْرَيٰ ڏانهن، جنهن جو نالو پَرْوَيْز بن هرمز بن نوشيروان هو.

حاطب رضہ بن اَبِيْ بَلْتَعَہ لخميءَ کي مِصر ۽ اِسْڪَنْدريہ جي حاڪم "مَقَوْقِس" ڏانهن، جنهن ايمان ته نہ آندو پر صلح جو هٿ وڌايائين ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن لاءِ ڪجهہ سوڪڙيون پاڪڙيون ۽ روانيون ڪيائين، جنهن جو ذڪر سن ستين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو.

ان کان علاوه شُجَاع رضہ بن وَهْب اَسَدِيءَ کي حَارِث بن ابو شمر غسانيءَ ڏانهن اماڻيو ويو، جيڪو "دمشق" جي هڪ ماڳ "غُوْطَہ" جو والي هو. هن ۽ دين جي دعوت قبول نہ ڪئي ۽ ڪافر ٿي مئو، جيئن سن اٺين هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ڪيو ويندو.

سَلِيْط رضہ بن عَمْرو عَامِريءَ کي وري هُوْذَہ بن عَلِي حَنَفِيءَ ڏانهن "يَمَامَہ" اماڻيو ويو. هُوْذَہ ۽ دين جي دعوت قبول نہ ڪئي ۽ ڪفر جي حالت ۾ مئو. ان جو ذڪر ۽ سن اٺين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويندو، هُوْذَہ کي ڪن وري هُوْذَہ ۽ سڏيو آهي. (۱)

بند ڪري رکيائين ۽ ان سان گڏ اهو ۽ اعلان ڪيائين ته هي خط جيستائين اسان وٽ موجود رهندو ته الله تعاليٰ هتان جي ماڻهن کي هر مصيبت کان محفوظ رکندو.

پاڻ ڪريمن ﷺ جن جيترا ۽ خط لکيا جيتوڻيڪ ان وقت ۽ انهن جي پڙهڻ سان ڪجهہ حاڪمن ايمان آندو ته ڪن نہ ۽ آندو پر اڪثر هلي اهي سمورا ملڪ اسلامي دنيا جو حصو بڻيا ۽ اڄ تائين اهي ملڪ مسلمانن جي هٿ ۾ آهن، جتي پاڻ ڪريمن ﷺ جن جا موڪليل خط ۽ سفير پهتا.

(۱) غيرمسلم حڪمرانن ڏانهن دين جي دعوت موڪلڻ وارا واقعات هيٺين ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن: دلائل النبوه "بيهقي" ج ۴ ص ۳۹۵/۳۷۶، "الوفا" ابن جوزي ج ۲ ص ۷۴۲/۷۱۷. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۱۸۳/۱۸۲، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۵۵/۳۴۴. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ۲۹/۳، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۳۷۴/۳۴۴. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۱۲۹/۱۲۸، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۴۵.

Marfat.com

* هن سال جي پڄاڻيءَ تي حَبْشَ جي حاڪم نَجاشِيءَ به اسلام قبول ڪيو. هن وٽ جيئن نبي ڪريم ﷺ جن جو خط پهتو، تيئن ان کي چميو ۽ اکين تي به رکيائين ۽ ان ۾ جيڪي ڪجهه لکيو ويو هو ان کي قبول به ڪيائين. هن نَجَاشِيءَ جو نالو "اَصْحَمَ" رضه ٻڌايو ويو آهي، جيڪو "اَرْبَعَ" جي وزن تي پڙهيو ويندو، ڇو جو اهو غير منصرف آهي، جنهن ۾ علم ۽ تانيث جون ٻه علامتون موجود آهن، جيئن لفظ طَلْحَہ ۾.

* هن ئي سال جي آخر ۾ يا وري سن ستين هجريءَ جي شروعات ۾ "نَجَاشِيءَ" پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پنهنجي پاران هڪ خط اماڻيو، جنهن ۾ هن پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو ۽ نبي ڪريم ﷺ جن طرفان ڏنل حڪمن جي مڃڻ جو اقرار ڪيو ۽ ان خط سان گڏ پاڻ ڪريم ﷺ جن لاءِ جهجهي تعداد ۾ سوڪڙيون پاڪڙيون به روانيون ڪيائين. ان موقعي تي هن پنهنجي پٽ جي اڳواڻيءَ ۾ ٻاهتر ماڻهن جي هڪ جماعت به موڪلي، جيڪي ٻن ٻيڙين ۾ سوار ٿي مديني پهتا ۽ رسول خدا ﷺ جي خدمت ۾ ان "عذر" جو اظهار به ڪيائون، جنهن سبب "نجاشي" پاڻ حاضر ٿي نه سگهيو.

ذُوْمِخْبَر رضه جو مدينو ۾ ترسڻ

* هن سال ذُوْمِخْبَر حَبَشِيءَ به اسلام قبول ڪيو، جيڪو "نَجَاشِيءَ" جو پائٽيو هو ۽ انهن ٻاهتر ماڻهن جي جماعت مان هڪ هو، جيڪي ٻيڙين رستي مديني شريف پهتا هئا.

مسلمان ٿيڻ کانپوءِ حضرت ذُوْمِخْبَر رضه پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت لاءِ وٽن رهي پيو ۽ وري حبش ڏانهن نه موٽيو، جڏهن ته سندس ٻيا ساٿي واپس موٽي ويا. (۱)

* هن سال يا وري سن ستين هجريءَ جي شروعات ۾ روم جي هِرَقِل، اَبُوسُفْيَان بن حَرْب کي سڏائي ڪانئس اهڙا ڏهه سوال پڇيا، جن جا سمورا جواب سرور ڪائنات ﷺ جن جي رسالت بابت سچا دليل آهن. جن جو ذڪر صحيح بخاريءَ جي شروعات ۾ ۽ ٻين جاين تي به موجود آهي. (۲)

* هن سال "حُدَيْبِيَہ" کان موٽ تي يا وري ٻي روايت مطابق سن انين هجريءَ ذاري ذوالقعد مهيني جي ٻارهين تاريخ "جعرانہ" مان موٽڻ کان اڳ پاڻ ڪريم ﷺ جن عَلَاء بن حَضْرَمِي رضه هٿان هڪ خط بَحْرَيْن جي بادشاهه مُنْذِر بن سَاوَيٰ تَمِيْمِي، دَارِمِي عَبْدِيءَ ڏانهن اماڻيو. مُنْذِر جي اها نسبت سندس ڏاڏي عبدالله بن دارم تَمِيْمِيءَ طرف آهي، نڪي "عَبْدُالْقَيْس" ڏانهن جيئن ڪجهه ماڻهن کي گمان آهي. مُنْذِر ان مبارڪ خط کي پڙهي اسلام قبول ڪيو.

* هن سال جيئن "روضة الاحباب" ۾ سيد جمال الدين ڄاڻايو آهي ته ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن عَبْدُالله رضه بن عَمْرو بن عَاص هٿان هڪ خط "عُمَان" جي ٻن سردارن ڏانهن اماڻيو،

---

(۱) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۱۴۴/۱۴۵، الاصابہ "ابن حجر" ج ۱ ص ۴۸۸.

(۲) صحيح بخاري "باب كيف كان بدء الوحي" ج ۱ ص ۸.

(۳) البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۴ ص ۳۷۴، الوفا "ابن جوزي" ج ۲ ص ۷۴۱/۷۴۲. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۱۶، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۵۲/۳۵۵.

Marfat.com

جن جا نالا جَيْفَر ۽ عَبْدُ ٻڌايا ويا آهن. اهي ٻئي پاڻ ۾ ڀائر هئا ۽ سندن پيءُ جو نالو "جُلَنْدىٰ" هو. جيفر جو اُچار جَعْفَر جي ئي وزن تي آهي، پر هن ۾ "ع" جي جاءِ تي "ي" ڏني ويئي آهي.

اهو خط پڙهي ٻنهي ڀائرن آڻ مڃي ۽ دين جي دعوت کي قبول ڪيو، پر هو نبي سونهاري صلى الله عليه وسلم جن جي زيارت جو شرف حاصل ڪري نه سگهيا. "عُمان" يمن جي ان سرحدي شهر جو نالو آهي، جيڪو عرب جي حدن ۾ داخل هو. هن واقعي بابت ڪن جو خيال آهي ته سن ستين هجريءَ ۾ غزوه خيبر کان پوءِ يا وري سن اٺين هجريءَ جي ذُوالْقَعْد جي مهيني ۾ غَزْوَه حُنَيْن کانپوءِ پيش آيو، جنهن جو اظهار مواهب اللدنيه ۾ قسطلانيءَ ۽ ان ڪتاب جي شرح ۾ زرقانيءَ طرفان ڪيو ويو آهي.

سوره فتح جو نزول

* هن سال سورة الفتح به نازل ٿي، جنهن جو ذڪر اڳتي اچي رهيو آهي. (۱)

حج جي فرضيت وارو حڪم

* هن سال مسلمانن مٿان حج فرض ڪيو ويو. اها روايت صحيح آهي، جڏهن ته ڪجهه راوين طرفان ٻڌايو ويو آهي ته اهو حڪم سن نائين يا وري ڏهين هجريءَ دوران نازل ٿيو. (۲)

حج ۽ عمري بابت آيت جو نزول

* هن سال خدا تعالىٰ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي "وَاَتِمُّوا الْحَجَّ وَالْعُمْرَةَ لِلّٰهِ. (۳) پر ڪافرن جي دشمنيءَ سببان هن سال پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ان حڪم جي پوئواري ڪري نه سگهيا. باقي "ذوالقعد" جي مهيني ۾ عمري جي نيت سان نڪتا، پر "حُدَيْبِيَّه" وٽ مشرڪ سندن رستو روڪي بيهي رهيا، اهڙو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي.

سج گرهڻ جو واقعو

* هن سال "حُدَيْبِيَّه" ۾ سج گرهڻ جو واقعو پيش آيو. سج گرهڻ جو هڪ ٻيو واقعو ان ڏينهن ته ٻه پيش آيو، جنهن ڏينهن نبي انور صلى الله عليه وسلم جن جي ننڍڙي حضرت اِبْرَاهِيم رضه وفات فرمائي هئي ۽ اهو واقعو مٿين واقعي کان الڳ آهي، جيڪو سن ڏهين هجريءَ ڏاري پيش آيو هو، انڪري ان جو ذڪر اڳتي ڪيو ويندو. (۴)

---

(۱) سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۵۹، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ص ۲۴۲.

(۲) قسطلانيءَ جي راءِ مطابق سن ڇهين هجريءَ واري روايت تي اڪثريت کي اتفاق آهي. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۷۱.

(۳) السيرة النبويه "ابن ڪثير" ج ۲ ص ۳۴۲.

(۴) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۳، وفاء الوفا "سمهودي" ج ۱ ص ۲۱۰، شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ۲ ص ۲۱۱.

Marfat.com

اَوْس بن صَامت رضہ جو ظهار

* هن سال اوس بن صامت رضہ پنهنجي گهرواري خولہ بنت ثعلبہ انصاريہ سان "ظِهَار" ڪيو. اسلام جي تاريخ ۾ اهو "ظِهَار" جو پهريون واقعو آهي. جاهليت واري دور ۾ ظهار کي طلاق ڪري ليکيو ويندو هو. حضرت اوس رضہ مشهور صحابي عباده رضہ بن صامت جو پاءُ هو. (۱)

* هن سال ظهار جي مٿين واقعي بابت هيءَ آيت نازل ٿي: "قَدْ سَمِعَ اللهُ قَوْلَ الَّتِیْ تُجَادِلُكَ فِیْ زَوْجِهَا" (۲) هن آيت ذريعي الله تعاليٰ ۽ جاهليت جي ان رسم کي رد ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ ظهار کي طلاق جي برابر سمجهيو ويندو هو. (۳)

حضرت عمر رضہ جو نڪاح

* هن سال حضرت عُمر رضہ بن خَطَّاب جو نڪاح جَمِيْلَہ بنت عَاصِمِ بن ثَابِت بن اَبُوافْلَحْ سان ٿيو. اها اڪثريت جي راءِ آهي. جڏهن ته ڪجهہ راوين جو خيال آهي ته جَمِيْلَہ رضہ نالي هيءَ عورت عَاصِم جي ڏيءَ نہ پر پيٽ هئي.

حضرت عُمر رضہ کي هن گهرواريءَ مان "عَاصِمِ" نالي نينگر ۽ ڄائو، پر پوءِ حضرت عمر رضہ کيس طلاق ڏئي ڇڏي. جنهن کان بعد حضرت زَيْد بن حَارِثہ رضہ ساڻس شادي ڪئي. هن گهر مان جَمِيْلَہ رضہ کي عَبْدُالرَّحْمَان بن زَيْد ڄائو، انڪري عَاصِمِ بن عُمر ءِ عَبْدُالرَّحْمَان بن زَيْد پاڻ ۾ مائيٽا ياٿر ٿيا. (۴) عَاصِمِ بن عُمر وري حضرت عمر بن عَبْدُالْعَزِيْز رحہ جو ۽ نانو هو.

---

(۱) تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ۲ ص ۲۵/۲۶، أسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۴۴۳. شرح علي المواهب اللدنيہ زرقاني ج ۲ ص ۲۱۲.

(۲) سورة المجادلة آيت ۱ پاره ۲۸.

(۳) "ظِهارِ" عربي زبان جو لفظ آهي، جيڪو "ظهر" مان نڪتل آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "پٺي". اهوئي سبب آهي جو عرب ان جانور کي اصطلاحي طور "ظهر" سڏيندا آهن، جنهن جي پٺيءَ تي سواري ڪئي ويندي آهي. جاهليت واري دور ۾ مرد ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي گهرواريءَ کي چوندا هئا. "اَنْتِ عَلَیَّ كَظَهْرِ اُمِّیْ" تون منهنجي لاءِ هاڻي ائين آهين، جيئن منهنجي ماءُ جي پٺي. انڪري اهڙي فعل کي "ظهار" سڏيو ويندو هو. اهڙيءَ ريت کي ماڻهو پنهنجي زالن کي ماءُ کان سواءِ ڏيءَ ۽ پيٽ وغيره جي پٺيءَ سان تشبيہ ڏيئي کين پنهنجي لاءِ حرام ڪري ڇڏيندا هئا ۽ "ظهار" انهن لاءِ طلاق کان بہ سخت اصطلاح هو، ڇو جو طلاق رجعيءَ ۾ رجوع ڪرڻ جي گنجائش هوندي آهي پر "ظهار" ۾ اهڙي کابہ گنجائش موجود نہ هوندي هئي.

اسلامي تاريخ ۾ پهريون پيرو حضرت اوس بن صامت پنهنجي گهرواريءَ "خولہ بنت ثعلبہ" سان ظهار ڪيو. جنهن ڪانپوءِ هيءَ بيبي سڳوري اهڙي دانهن ڪٽي سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ آئي، ۽ ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي، جنهن جي ذريعي الله تعاليٰ پنهنجي مهرباني سان جاهليت واري دور جي ان قبيح رسم کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو.

تفسير بحر العلوم ابوالليث سمرقندي ج ۳ ص ۳۳۲. تفسير "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۲۷۹. تفسير احڪام القرآن "ابوبڪر جصاص" ج ۵ ص ۳۰۲/۳۰۳.

(۴) الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۳۶۲، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۴۱۷.

Marfat.com

حضرت عُمَر رضہ جو ملکيت وقف ڪرڻ

* هن سال حضرت عمر رضہ پنهنجي شمخ واري ملکيت وقف ڪري ڇڏي.

مهاجر عورتن بابت حڪم

* هن سال ڪجهہ مسلمان عورتون مکي کان هجرت ڪري پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ پهتيون، جن ۾ اُمِّ كُلْثُوْم رضہ بنت عُقْبَہ بن اَبِيْ مُعَيْط وغيره جا نالا شامل آهن. ان تي مکي جي ڪافرن گهر ڪئي تہ "حديبيہ" واري معاهدي مطابق انهن عورتن کي موٽايو وڃي، پر پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن خاموش رهيا، تان جو رب تعاليٰ طرفان انهن عورتن کي پوئتي موٽائڻ کان روڪيو ويو. (۱) ۽ ان ڏس ۾ هينئن آيت نازل ٿي:

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اِذَا جَآءَكُمُ الْمُؤْمِنَاتُ مُهَاجِرَاتٍ فَامْتَحِنُوْهُنَّ. (۲)

"اي ايمان وارؤ، جڏهن مومن عورتون اوهان وٽ اچن هجرت ڪري تہ کين پرکيو (ايمان ۾)."

انهن آيتن ۾ مؤمن لاءِ امتحان هو، جنهن ڪانپوءِ جن صحابي سڳورن جون گهرواريون اڃان پنهنجي ڪفر تي قائم هيون، انهن کي طلاق ڏني ويئي. سيدنا عمر بن خطاب رضہ جون به گهرواريون ان ڏينهن تائين ڪافر هيون، انڪري حضرت عمر رضہ پنهي کي طلاق ڏيئي ڇڏي. (۳)

سورة الفتح جي نزول جا واقعا

* هن سال سرور ڪائنات صلی الله عليه وسلم جن جڏهن حديبيہ ڪان ڏاڇيءَ تي سوار ٿي، مديني موٽي رهيا هئا، تڏهن ان موقعي تي "سورة الفتح" نازل ٿي، ۽ ان سورة جي نازل ٿيڻ تي نبي اڪرم صلی الله عليه وسلم ۽ سندن صحابي سڳورن ڏاڍي خوشي محسوس ڪئي. (۱)

* هن ئي سال جڏهن اِمَامُ الْاَنْبِيَاء صلی الله عليه وسلم جن "حُدَيْبِيَّہ" ڪان مديني موٽي رهيا هئا، اهو رات جو وقت هو ۽ پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن پنهنجي ڏاڇيءَ تي سوار هئا، تڏهن "سورة الفتح" جو نزول شروع ٿيو. وحيءَ جو اهو سلسلو جاري ئي هو تہ حضرت عمر بن خطاب رضہ، سرور ڪائنات صلی الله عليه وسلم جن ڪان ڪجهہ پڇڻ پئي چاهيو پر ٻي دفعا پڇا ڪرڻ ڪانپوءِ به ڪيس سوال جو ڪو جواب نہ مليو تہ ان ڳالهہ

---

(۱) صحيح بخاري ڪتاب المغازي ج ۳ ص ۴۶. المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۶۳۱. سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۳۴۱. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۱۷۱.

(۲) سورة الممتحنہ" پاره ۲۸ آيت ۱۰.

(۳) حضرت عمر رضہ، جن گهروارين کي طلاق ڏني انهن مان پهرين جو نالو قريبہ بنت ابو اميہ هو، جنهن سان پوءِ معاويہ بن ابوسفيان شادي ڪئي ۽ ٻيءَ جو نالو ام ڪلثوم بنت جرول هو، جنهن سان پوءِ ابوجهم يا وري صفوان بن اميہ مان ڪنهن هڪ شادي ڪئي هئي.

سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۳۴۱. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۲۹۶. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۱۷۸.

(۴) المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۶۱۸. الروض الانف "سَهيلي" ج ۴ ص ۲۹.

Marfat.com

حضرت عمر رضہ کي ڏاڍو ڏک رسايو. هاڻي هو ان خوف ۾ مبتلا ٿي ويو تہ پک کانئس کو ڏوه يا گناه ٿيو آهي. تنهن کانپوءِ حضور انور ﷺ جن مٿان جڏهن وحيءَ جو نزول پورو ٿيو، تڏهن کيس فرمايائون: "اي عمر! مون تي وحيءَ جو نزول ٿي رهيو هو، انکري مون توکي جواب نہ پئي ڏنو. مون تي سورة الفتح نازل ٿي آهي، جيکا مونکي هن کائنات جي سيني شين کان وڌيک پياري آهي. (۱)

گهوڙن جي گوءِ جو واقعو

* هن سال نبي اکرم ﷺ جن طرفان گهوڙن جي گوءِ جو انتظام کيو ويو. ان ڏس ۾ گهوڙن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو. سنهي چيلهہ وارن گهوڙن لاءِ وڌيک فاصلو ۽ ٻين گهوڙن جي ڊوڙ لاءِ وري گهٽ فاصلو مقرر کيو ويو. ان باري ۾ حضرت ابن عمر رضہ جي روايت صحيح بخاريءَ ۾ موجود آهي تہ هن گوءِ ۾ سنهي چيلهہ وارن گهوڙن لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن حَيْفَا کان ثَنِيَّةُ الْوَدَاع تائين حد مقرر کئي. اهو پنڌ پنج ڇهہ ميل ٿيندو، جڏهن تہ ٻئي قسم جي گهوڙن لاءِ وري ثَنِيَّةُ الْوَدَاع کان وٹي مسجد بني زُرَيْق تائين حد مقرر کئي ويئي ۽ اهو مفاصلو هڪ ميل کن ٿيندو، جيئن "سفيان" جي روايت مان معلوم ٿئي ٿو. (۲) هن گوءِ ۾ جن ماڻهن پنهنجا گهوڙا ڊوڙايا هئا انهن ۾ حضرت ابن عمر رضہ پاڻ بہ شامل هو.

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو واقعو سن پنجين هجريءَ دوران پيش آيو، جيئن اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي.

اٺن جي گوءِ

* هن ئي سال پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان اٺن جي گوءِ جو اهتمام بہ ڪيو ويو، جنهن ۾ هڪ اعرابيءَ جو توڙو پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏاڇيءَ "قَصْوَاء" کان گوءِ کٽي ويو. اها ڳالهہ مسلمانن کي نہ آئڙي، ڇو جو هن کان اڳ ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو. ان موقعي تي رسول انور ﷺ جن فرمايو:

حَقٌّ عَلَي اللهِ تَعَالَيٰ اَنْ لَّا يَرْفَعَ شَيْئًا مِّنَ الدُّنْيَا اِلَّا وَضَعَهٗ

"الله تعاليٰ جو اهو دستور آهي (۳) تہ جنهن بہ شيءِ کي دنيا ۾ مٿانهون ڪري تہ ان کي گهٽ بہ ڪري."

گهوڙن جي گوءِ جو هڪ ٻيو واقعو

* هن سال ٻيهر بہ گهوڙن جي گوءِ ٿي، جنهن ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو گهوڙو گوءِ کٽي ويو.

گوءِ جا مٿيان ٻئي واقعا اسلام ۾ پنهنجي قسم جا پهريان واقعا آهن، جيئن "اسد الغابہ" ۾

---

(۱) صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ۳ ص ۴۵، صحيح مسلم "كتاب الجهاد" ج ۵ ص ۱۷۶.
(۲) صحيح بخاري "كتاب الجهاد" ج ۲ ص ۱۴۸/۱۴۹.
(۳) ايضاً.

Marfat.com

چاڻايو ويو آهي. (١)

حضرت اُمِّ رُوْمَان رضہ جي وفات

* هن ئي سال حضرت ابوبکر صديق رضہ جي گهر واري اُمِ رُوْمَان رضہ بنت عَامِرِ بن عُوَيْمَر فراسيہ ۾ گذاري ويئي، جيڪا ام المؤمنين سيده عَائِشَہ رضہ جي ماءُ هئي. ام رُوْمَان رضہ جنهن کي ام رَوْمَان ۾ سڏيو ويندو آهي، ان جو اصلي نالو زَيْنَب يا "دَعْد" ۾ ٻڌايو ويو آهي. هن بيبيءَ اوائلي دور ۾ ئي مکي ۾ اسلام قبول کيو ۽ پوءِ مديني ڏانهن هجرت ۾ کيائين. دفنائڻ وقت نبي کريم صلی الله عليه وسلم جن موجود هئا، ميت کي قبر ۾ لاڻائون ۽ ام رُوْمَان رضہ جي شان ۾ فرمايائون: "جيڪو حسين حورن منجهان کا حور ڏسڻ چاهي اهو هن بيبيءَ کي ڏسي." (٢)

"تذکرة القاريءَ" ۾ ڇاڻايو ويو آهي تہ اُمِ رُومان رضہ حضرت عمر رضہ جي خلافت ۾ وفات ڪئي پر پهريون قول وڌيڪ صحيح آهي.

پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن مٿان جادو ڪرڻ وارو واقعو

* هن سال سرور ڪائنات صلی الله عليه وسلم جن مٿان لَبِيْد بن اَعْصَم نالي هڪ يهوديءَ جادو ڪيو، جيڪو بنو زُريق وارن جو ساٿاري هو، خذله الله تعاليٰ. ان ڪم جي اجوري ۾ عاصم کي ٽي ڀَرُ دينار انهن يهودين طرفان ڏنا ويا، جن جي چرچ تي هن اهو ڪڏو ڪم ڪيو هو ۽ ان ڪانپوءِ "ذي اروان" (٣) نالي ڪوه ۾ هن اهي ڏاڳا وغيره اڇلائي ڇڏيا، جن تي جادو ڪيو ويو هو. جادوءَ جو اهو قصو حديث توڙي سيرت جي وڏن ڪتابن ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. (٤) اهو واقعو پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي "حُدَيْبِيَہ" کان موٽ تي ذوالحج جي مهيني ۾ پيش آيو. جيئن شرح علي المواهب اللدنيہ ۾ "زرقاني" بيان ڪيو آهي. جڏهن تہ "شاميءَ" جو خيال آهي تہ اهو واقعو سن ستين هجريءَ جي محرم مهيني ۾ پيش آيو. انڪري ايندڙ باب ۾ ۽ ان جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

مَعُوْذَتَيْن جو نزول

* هن سال "قرآن شريف" جون اهي ٻہ سورتون نازل ٿيون، جن کي مَعُوْذَتَيْن جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اهو نزول جو واقعو ان وقت پيش آيو، جڏهن کوهہ مان اهو ڏاڳو ڪڍيو ويو، جنهن جي ذريعي نبي کريم صلی الله عليه وسلم جن تي جادو ڪيو ويو هو. اهو هن ريت هو جو ان ڏاڳي تي يارهن ڳنڍيون ڏنيون ويون هيون. پوءِ جڏهن مٿيون سورتون نازل ٿيون تڏهن هڪ آيت پڙهي هڪ ڳنڍ کولي ويئي.

---

(١) "اسد الغابہ" ابن الاثير ج ١ ص ٢٣.

(٢) تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ٢ ص ٢٦، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٥٨٣. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٢٥٥.

(٣) صحيح بخاري "کتاب الطب" ج ٤ ص ٢٠/٢١. تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ٢ ص ٤٠/٤١ المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٣ ص ٤٥٣.

(٤) ذي اروان نالي اهو کوهہ مديني ۾ بنو زريق وارن جي باغ ۾ هو. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٣ ص ٤٥٣.

Marfat.com

اهڙي ريت ٻنهي سورتن جون سموريون آيتون پڙهيون ويون، جن جو انگ ٻ يارهن آهي، تڏهن اهي سموريون ڳنڊيون ڪلي ويون. (۱) ڪن راوين جو خيال آهي تہ مٿيون سورتون سن ستين هجريءَ ڏاري نازل ٿيون، ان اختلاف جو سبب اهو آهي تہ خود جادوءَ واري واقعي جي سن ۾ اختلاف آهي، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي.

ثُمَامَہ رضہ بن اُثَال رضہ جو اسلام قبول ڪرڻ (۲)

* هن سال محرم يا صفر جي مهيني ۾ "يمامہ" جي سردار ثُمَامَہ بن اُثَال حَنَفِي اسلام قبول ڪيو. اهو واقعو هن ريت پيش آيو جو محمد رضہ بن مسلمہ جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪو سَرِيَّہ "قرطا" ڏانهن اماڻيو ويو، اهي "ثُمَامَہ" کي قيد ڪري پاڻ سان گڏ مديني وٽي آيا ۽ مسجد نبوي ﷺ جي هڪ ٿل سان ڪيس ٻڌي ڇڏيائون، پوءِ نبي ڪريم ﷺ جن جي حڪم سان ڪيس آزاد ڪيو ويو، جنهن ڪانپوءِ هن غسل ڪيو ۽ سرور ڪائنات ﷺ جي هٿ تي اسلام قبول ڪيائين. اهو هڪ دڳهو قصو آهي، جيڪو حضرت اَبُوهُرَيْرَہ رضہ ۽ ٻين جي روايتن سان صحيحين ۾ نقل ڪيو ويو آهي.

* هن ئي سال ثُمَامَہ بن اُثال رضہ مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ نبي اڪرم ﷺ جن ڪان موڪلائي مڪي پهتو ۽ اتي عمره ادا ڪيائين.

* هن سال جڏهن حضرت ثُمَامَہ رضہ مڪي ڪان "يَمَامَہ" پهتو، تڏهن خبر پيس تہ مڪي جي قريشن مان ڪجهہ ماڻهو نبي انور ﷺ جن سان ڪيل معاهدي تان ڦري ويا آهن. جنهن ڪانپوءِ "يَمَامَہ" ڪان جيڪا ڪڻڪ ۽ ٻيون ڪاڏي پيتي جون شيون مڪي وارن ڏانهن موڪليون ويندڙيون هيون، "ثُمَامَہ" طرفان اهو سلسلو بند ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ مڪي ۾ ڪاڏ خوراڪ جي ايتري تہ اٽاڻ ٿي جو ماڻهو مئل جانور ۽ ٻيون حرام شيون کائڻ لڳا. ان ڪانپوءِ قريش جا اهي ماڻهو مديني اچي نبي ڪريم ﷺ جن وٽ دانهين ٿيا. سندن اها حالت ڏسي پاڻ سڳورن ﷺ "ثُمَامَہ" ڏانهن حڪم موڪليو تہ مڪي وارن ڏانهن اناج ۽ ٻيو ڪاڏي پيتي جو سامان روانو ڪيو وڃي. "ثُمَامَہ" طرفان ان حڪم جي پوئواري ڪئي ويئي، جنهن تي مڪي وارا ڏاڍا سرها ٿيا.

مڪي ۾ ڏڪار

* هن سال جڏهن مڪي ۾ ڏڪار پيو، جيئن مٿين واقعي ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان هيٺين آيت نازل ڪئي ويئي.

وَلَقَدْ اَخَذْنٰهُمْ بِالْعَذَابِ فَمَا اسْتَكَانُوْا لِرَبِّهِم. (۳)

---

(۱) طبقات الكبريٰ ـ "ابن سعد" ج ۲ ص ۱۵۲، تفسير جامع البيان "طبري" ج ۱ ص ۳٦٦.

(۲) ثمامہ بن اثال جا واقعات هيٺين ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن. "صحيح بخاري" ـ "صحيح مسلم". دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۷۸/۸۱. الاصابہ ـ "ابن حجر" ج ۱ ص ۲۰۳. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۲۴٦/۲۴۷. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۱۱۸/۱۱۹. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۲/۳. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۲ ص ۱۴۲/۱۴٦.

(۳) سورة المومنون آيت ۷٦ پاره ۱۸.

Marfat.com

"اسان جڏهن کين تکليف ۾ وڌو تڏهن به رب آڏو نه جهڪيا."

بگهڙ جي ڳالهائڻ وارو واقعو

* هڪ روايت مطابق هن سال هڪ بگهڙ "اُهْبَان بِن اَوْس" جي آڏو ڳالهايو ۽ رسول انور صلی الله علیه وسلم جن جي رسالت جي شاهدي ڏني، جنهن جي سبب اُهبان اسلام قبول ڪيو. (۱) هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هي واقعو هجرت جي ٻهرين سال پيش آيو، جنهن جو تفصيل هن باب جي ٻهرين فصل ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

جُبَيْر بن مُطْعِم رضہ جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال جُبَيْر بِن مُطْعِم رضہ قُرَشِي نَوْفَلي اسلام قبول ڪيو. هڪ ٻي روايت مطابق هن "حُدَيْبِيَّہ" ۽ فتح مڪہ جي وچ واري عرصي ۾ اسلام قبول ڪيو هو. اها روايت مٿي بيان ڪيل روايت جي مطابق آهي، جڏهن ته ڪن جو چوڻ آهي ته حضرت جُبَيْر بن مُطْعِم رضہ "فتح مڪي" جي موقعي تي مسلمان ٿيو هو. (۲)

كَعْب بن عُجْرَه جو واقعو

* هن سال "جڏهن امام الانبياء صلی الله علیه وسلم جن "حُدَيْبِيَّہ" ۾ ترسيل هئا، تڏهن هڪ ڏينهن سندن نظر كَعْب رضہ بن عُجْره نالي صحابيءَ تي پيئي، جيڪو ڪُنيءَ هينان باهه ڏکائي رهيو هو پر سندس منهن تي جوئان گهمي رهيون هيون، جنهن تي پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن ڪانئس پڇيو، "اهي جوئان ته توکي تنگ ڪندیون هوندیون؟" ڪعب رضہ هاڪار ۾ جواب ڏنو. ان موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ٿي:

فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْبِهٖ اَذًى مِّنْ رَّاْسِهٖ فَفِدْيَةٌ مِّنْ صِيَامٍ اَوْصَدَقَةٍ اَوْنُسُكٍ. (۳)

"جيڪڏهن ڪو ماڻهو بيمار هجي يا ڪيس مٿي ۾ ڪا تڪليف هجي ته اهو فديہ ۾ روزا رکي، خيرات ڪري، يا قرباني ڪري."

ان ڪانپوءِ رسول خدا صلی الله علیه وسلم جن ڪيس موڪل ڏني ته هو پنهنجو مٿو ڪُوڙائي ۽ ٻڌايل ٽن ڪمن منجهان ڪنهن به هڪ تي عمل ڪري. جن جي تفسير هن ريت ٻڌائي ويئي ته جيڪڏهن روزا رکڻ گهري ته ٽي ڏينهن روزا رکي، صدقو ڪري ته ڇهن مسڪين کي ڪارائي ۽ قرباني ڇاهي ته هڪ

---

(۱) دلائل النبوة "بيهقي" ج ٦ ص ۴۱، دلائل النبوة "ابونعيم" ج ۲ ص ۳۷۳/۳۷۴. سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ۹ ص ۵۱۷، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۵ ص ۱۴۴.

(۲) الاصابہ "ابن حجر" ج ۱ ص ۲۲۷/۲۲۸، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۲۷۱.

(۳) سورة بقره آيت ۱۹٦ پاره ۲.

Marfat.com

پکريءَ جي قرباني ڏي. (۱)

نبي ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جي والدين جو ايمان

* هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ خاتم الانبياء صلی الله علیه وسلم جن "غزوه بني لحيان" کان موٽ تي "اَبْوَاء" ۾ پنهنجي امڙ سائٽ سيده آمنہ جي تربت جي زيارت ڪئي ۽ سندن لاءِ بخشش جي دعا گهري، پر کين (الله تعاليٰ طرفان) ائين ڪرڻ کان روڪيو ويو. جنهن جو پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن کي سخت ڏک پهتو. (۲) ان کانپوءِ رب تعاليٰ سيده آمنہ کي زنده ڪيو ۽ هن ايمان آندو ۽ پوءِ وري وفات فرمايائين. اهڙو واقعو سندن بابي سائينءَ حضرت عبدالله رضہ بابت بہ راوين طرفان نقل ڪيو ويو آهي.

نبي انور صلی الله علیه وسلم جن جي والدين سڳورن بابت مٿين روايت تي محدثن پنهنجا مختلف رايا ظاهر ڪيا آهن، پر پوءِ بہ ڪن جو خيال آهي تہ مٿين روايت جي سَنَد حسن آهي. باقي وڌيڪ حقيقت الله تعاليٰ پاڻ ٿو ڄاڻي.

نماز خَوْفِ بابت حڪم

* هن سال عمري جي نيت سان حُديبيہ ڏانهن ويندي رستي ۾ پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جڏهن "عسفان" وٽ پهتا، تڏهن کين مشرڪ مُنهِن ڀڃي ويا. ان وقت ٻيڀهريءَ ۽ ٽيڀهريءَ جي وچ تي "نماز خوف" وارو حڪم نازل ٿيو. جنهن کانپوءِ ٽيڀهريءَ وقت پهريون پيرو نماز خوف ادا ڪئي ويئي. زَرقانيءَ وري شرح عليٰ المواهب اللدنيہ ۾ "غزوه ذَاتُ الرِّقَاع" جي موقعي تي اهڙو ذڪر ڪيو آهي ۽ اڳتي هلي ائين بہ چيو اٿس تہ، "امام احمد ابن حنبل" ۽ "سنن" جي ڇنن مشهور ڪتابن جي مرتب ڪرڻ وارن طرفان بہ اها روايت نقل ڪئي ويئي آهي." هاڻي ائين سمجهيو ويندو تہ جيڪا "نماز خوف" "غزوه ذَاتُ الرِّقَاع" جي موقعي تي ادا ڪئي ويئي، اها پهريون پيرو نہ پر ڪنهن ٻئي موقعي تي پڙهي ويئي هوندي، جيئن هن کان اڳ ذڪر ڪيو ويو آهي.

حُديبيہ جي سفر جا ڪجهہ ٻيا واقعا (۳)

* هن سال حُدَيْبِيَّہ ڏانهن ويندي رستي ۾ حضرت ابوقتاده رضہ هڪ

---

(۱) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۲۴۳/۲۴۴، "الاصابہ" ابن حجر ج ۳ ص ۲۹۷/۲۹۸. سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۳۶.

(۲) تاريخ الخميس "ديار بکري" ج ۲ ص ۴.

(۳) سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۳۸.

هتي "غزوه حديبيہ" جا ڪجهہ ٻيا واقعات بيان ڪيا ويا آهن، جن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ۳ ص ۴۱. "صحيح مسلم" ڪتاب الجهاد والسير ج ۵ ص ۱۷۳. المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۵۷۱،الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج۲ ص ۷۲. سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۳۲۱. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۹۰. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير ج ۴ ص ۱۶۶، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۱۶۰.

Marfat.com

"گورخر" (۱) (جهنگلي گڏهه) جو شڪار ڪيو، ڇو جو ان وقت اَبُوقَتَادہ رضہ کي احرام ٻڌل نہ هو. ان ڪانپوءِ نبي سائين ﷺ انهن صحابين کي به ان گوشت کائڻ جي اجازت ڏني، جيڪي احرام جي حالت ۾ هئا.

هڪ روايت ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ اهو واقعو "عمرة القضا" لاءِ ويندي رستي ۾ پيش آيو هو، پر پهرين روايت صحيح ۽ اعتماد جوڳي آهي، جنهن جو ذڪر صحيح بخاريءَ ۾ به موجود آهي.

* هن ئي سال جو واقعو آهي، پاڻ ڪريم ﷺ جن به ان گورخر جي گوشت مان ڪجهه کاڌو، جنهن جو اَبُوقَتَادَہُ رضہ شڪار ڪيو هو.

* هن ئي سال "حديبيہ" ڏانهن ويندي پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن رستي ۾ "اَبْوَاء" يا "وَدَّان" وٽ پهتا، تڏهن صَعْب رضہ بن جَثَّامَہ لَيْثِي هڪ جيئرو "گورخر" سوکڙيءَ طور ڪٽي آيو، جنهن کي رحمةللعالمين ﷺ جن قبول نہ ڪندي ڪيس واپس ڪيو، پر پوءِ ان ڳالهہ سببان جڏهن "ابن جَثَّامَہ" جو منهن ملول ڏٺائون، تڏهن پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو، "اسان اوهان جي سوکڙي انڪري واپس ڪئي جو اسان احرام جي حالت ۾ آهيون ۽ جيئري گورخر کي ذبح ڪري نٿا سگهون، جڏهن تہ هن کان اڳ اَبُوقَتَادَہ رضہ جو شڪار ٿيل گورخر ان ڪري قبول ڪيو هو جو ان کي سير پيل هئي." حضرت صَعْب رضہ مشهور صحابي مُحَلِّم رضہ بن جُثَّامَہ جو ياءُ ۽ اَبُوسُفْيَان بن حَرْب جو ياٽيجو هو. "شاميءَ" پنهنجي سيرة جي ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي تہ هي واقعو "حديبيہ" ڏانهن ويندي پيش آيو، پر ڪن ٻين جو خيال آهي تہ اهو واقعو "حجة الوداع" لاءِ ويندي رستي ۾ پيش آيو. جنهن بابت وري "ارشاد الساريءَ" ۾ قسطلاني مشهور محقق "ابن همام" جو هڪ حوالو سندس ڪتاب "فتح القدير" مان نقل ڪيو آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ ان واقعي جو حجة الوداع جي سفر ۾ ثبوت نٿو ملي ۽ سواءِ "طبري" ۽ هڪ اڌ ٻئي جي ڪنهن به ان جو ذڪر نہ ڪيو آهي، انڪري اسان ان کي صحيح نٿا سمجهون.

بَيْعَتِ رِضْوَان جو واقعو

* هن سال ذوالقعد جي مهيني ۾ "غزوہ حديبيہ" وارن ڏينهن جو هڪ اهم واقعو "بيعت رضوان" آهي، جنهن بابت خدا تعاليٰ فرمايو آهي:

لَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ. (۲)

"الله مؤمنن کان راضي ٿي ويو جڏهن هو وٽ هيٺان توسان بيعت ڪري رهيا هئا."

---

(۱) عربي زبان ۾ حمار گڏهہ کي سڏيو ويندو آهي. پالتو گڏهہ کي "حمار اهلي" ۽ جهنگلي گڏهہ کي "حمار وحشي" سڏيو ويندو آهي. اسلام کان اڳ يهودي گڏهہ جو گوشت کائيندا هئا، انڪري مسلمانن به سمجهيو تہ جيڪڏهن اهل ڪتاب وٽ اهو گوشت حلال آهي تہ پوءِ اسان به کائي سگهون ٿا، پر اڳتي هلي پاڻ ڪريم ﷺ جن ان کي حرام قرار ڏنو. (مترجم)

(۲) سورة الفتح آيت: ۱۸.

Marfat.com

هن موقعي تي صحابي سڳورن هڪ ٻيڙ جي وڻ هيٺان ويهي نبي اڪرم ﷺ جن جي هٿ تي هٿ رکي اهو قول ڪيو ته، "جي موت به آيو ته پٺتي نه هٽنداسون." ان لاءِ سڀ کان پهريان جيڪو صحابي اڳتي آيو، ان جو نالو "ابوسنان رضہ وهب بن محصن اسدي" آهي ۽ اهو حضرت عُكّاشَہ رضہ بن مُحْصَن جو وڏو ڀاءُ ۽ ڪاڪاڻ عمر ۾ ويهہ ورهيہ وڏو هو. حضرت وَهْب رضہ ۽ سندس پٽ "سنان رضہ" ٻنهي جڻن "غزوه بدر" ۽ ان کانپوءِ ٻين غزوات ۾ به ڀرو ورتو. وهب رضہ پاڻ "غزوه بني قريظہ" جي موقعي تي وفات ڪئي، جڏهن ته سندس پٽ سَنان سن ٽيٽيهہ هجريءَ ڏاري حضرت عثمان بن عفان رضہ جي خلافت واري دور ۾ گذاري ويو. (۱)

* هن سال رسول خدا ﷺ جن هٿان هڪ معجزي وسيلي حديبيہ واري کوهہ جو پاڻي وَڌي ويو. اهو واقعو هن ريت پيش آيو، جو صحابين جڏهن ان کوهہ مان ڪجهہ پاڻي ڪڍيو ته ان کوهہ جو پاڻي سُڪي ويو، ايتري قدر جو صحابي سڳورن کي پيئڻ لاءِ به پاڻي نه ٻئي مليو. هن پاڻيءَ جي اٽاڻ جي شڪايت پاڻ ڪريم ﷺ جن آڏو پيش ڪئي، جنهن ڪانپوءِ نبي اڪرم ﷺ جن پنهنجي ترڪش مان هڪ تير ۽ پنهنجي وضوءَ جو بچيل پاڻي ڪين عطا ڪيو. پوءِ ان تير کي کوهہ ۾ ڪوڙي مٽان اهو وضوءَ وارو پاڻي هاريو ويو. بس پوءِ ته پاڻيءَ اڇي ڦاٽ کاڌو ۽ ڪُني وانگر ابرڻ شروع ڪيائين ۽ ايترو ته پاڻي ڪنو ٿي ويو جو سڀني جون ضرورتون پوريون ٿي ويون.

* هن سال "غَزْوَه حُدَيْبِيَّہ" جي موقعي تي ٻيهر به ساڳئي قسم جو واقعو پيش آيو ۽ وري کوهہ جو پاڻي گهٽجي ويو. صحابي سڳورا اها دانهن ڪٽي رحمةللعالمين ﷺ جن وٽ پيش ٿيا. ان وقت سندن آڏو هڪ ڪَلي ۾ ڪجهہ پاڻي بچيل هو ۽ ان پاڻيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪٽي به ڪو پاڻي جو قڙو موجود نه هو. پوءِ ان بچيل پاڻي کي هڪ پيالي ۾ لاٿو ويو ۽ نبي انور ﷺ جن پنهنجون آڱريون ان پيالي ۾ وڌيون، جنهن بعد انهن مبارڪ آڱرين منجهان چشمي وانگر پاڻي ابري نڪرڻ لڳو. بس پوءِ ته سڄي لشڪر ان پاڻيءَ منجهان پنهنجي اڃ به اجهائي ته وضو به ساريو. مٿين حديث جو راوي حضرت جَابِر بن عَبْدُالله رضہ آهي. ڪانئس جڏهن پڇيو ويو ته: "مٿين موقعي تي اوهان جو انگ ڪيترو هو؟" تڏهن هن وراڻيو، "اسان ته پاڻ ۾ پندرهن سؤ هئاسون پر جيڪڏهن هڪ لک به هجون ها ته اهو پاڻي اسان لاءِ پورو پئجي وڃي ها." اها روايت بخاري وغيره طرفان نقل ڪئي ويئي آهي.

اهو پاڻي جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مبارڪ آڱرين منجهان ڦٽي نڪتو. ان جو مرتبو سڀني پاڻين کان مٿانهون آهي.

* هن سال "صلح حُدَيْبِيَّہ" وارو واقعو پيش آيو. هن موقعي تي ڏرين جي وچ ۾ ايندڙ ڏهن ورهين تائين جنگ نه ڪرڻ جو معاهدو ڪيو ويو ۽ اهي شرط لکت ۾ ڏنا ويا. اهو "صلح نامو" سيدنا علي بن ابوطالب رضہ جي هٿ اکرن ۾ تيار ڪيو ويو.

* هن سال خاتم الانبياء ﷺ جن جڏهن "حديبيہ" کان مديني موٽي رهيا هئا ته رستي ۾ "سورة الفتح" نازل ٿي، جنهن ۾ مومنن لاءِ وڏيون بشارتون ڏنيون ويون. جهڙوڪ مڪي مبارڪ جي

(۱) زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۲۸۷/۲۸۸. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۴۹/۵۰. الخصائص الكبريٰ "سيوطي" ج ۱ ص ۳۹۸. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۸۴.

Marfat.com

فتح، اڳين پوين گناهن جي معافي، خيبر جي فتح. اهڙو اشارو هينين آيت ۾ موجود آهي:

وَعَدَكُمُ اللّٰهُ مَغَانِمَ كَثِيْرَةً تَاْخُذُوْنَهَا فَعَجَّلَ لَكُمْ هٰذِهٖ. (۱)

"وعدو ڪري ٿو الله اوهان سان غنيمت جي جهجهي مال جو جيڪو اوهان حاصل ڪندا، في الحال هن اوهان کي هيءَ فتح ڏني."

سريه عُرَنِيِّيْن جا واقعا

* هن سال ڪرز بن عبدالله رضه جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ سَرِيَّه "عُرَنِيِّيْن" ڏانهن اماڻيو ويو، جنهن جو ذڪر "سرايا" واري باب ۾ ٿي چڪو آهي. هن "سَرِيَّه" جي روانگيءَ جو مختلف روايتن ۾ شوال، جمادي الآخر يا ذوالحج ٻڌايو ويو آهي.

* هن سال "عُرَنِيِّيْن" ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو آزاد ڪيل غلام يسار نوبي کي شهيد ڪيو ويو ۽ پوءِ ڪافرن طرفان سندس لاش جي وڍڪٽ ڪئي ويئي ۽ سندس اکيون به ڪڍيون ويون. (۲)

هن موقعي تي خدا تعاليٰ طرفان هينين آيت نازل ٿي:

اِنَّمَا جَزٰٓؤُا الَّذِيْنَ يُحَارِبُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَسْعَوْنَ فِي الْاَرْضِ فَسَادًا. (۳)

"اهائي سزا آهي انهن جي، جيڪي لڙائي ڪن ٿا الله سان ۽ ان جي رسول سان ۽ ڌرتيءَ تي فساد ڪرڻ لاءِ ڊڪن ٿا".

* هن سال مٿين آيت جي نازل ٿيڻ کانپوءِ رسول عربي ﷺ جن به "عُرَنِيِّيْن" وارن کان يَسَار نوبي جي پلاند ۾ مختلف طرفن کان سندن هٿ ۽ پير به ڪٽرايا ۽ سندن اکين ۾ گرم لوهي سرايون به ڦيرايون ويون ۽ پوءِ کين "حر الشمس" نالي ماڳ تي قيد ۾ رکيو، جتي هو مرڻ گهڙيءَ تائين قيد ۾ رهيا. (۴) اهڙو ذڪر "سَرَايَا" واري باب ۾ گذري چڪو آهي.

حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بن عَوْف رضه جي اڳواڻيءَ ۾ "سَرِيَّه" جي روانگي

* هن سال شعبان جي مهيني ۾ حضرت عَبْدُالرَّحْمَان بِن عَوْفِ رضه جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ سَرِيَّه "دُوْمَةُ الْجَنْدَل" طرف اماڻيو ويو. هن موقعي تي هٿ آيل قيدين ۾ اتان جي حاڪم اَصْبَغ بن ثَعْلَبَه بن ضمضم ڪَلْبِيءَ جي نياڻيءَ "تُمَاضِر" به شامل هئي، جنهن اسلام قبول ڪيو ۽ مديني ڏانهن

---

(۱) سورة الفتح پاره ۲۶ آيت ۲۰.

(۲) صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ۳ ص ۴۷/۴۸.

(۳) سورة المائده پاره ۶ آيت ۳۳.

(۴) المغازي ـ "واقدي" ج ۲ ص ۵۷۱ ـ ۵۶۸، طبقات الكبريٰ، "ابن سعد" ج ۲ ص ۷۱. شرح علي المواهب اللدنيه، "زرقاني" ج ۲ ص ۱۷۱/۱۷۷، تاريخ الخميس ـ "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۰.

Marfat.com

روانگيءَ کان اڳ عبدالرحمٰن بن عوف رضہ ساٽس نڪاح ڪيو. شاديءَ کانپوءِ هن گهرواريءَ مان حضرت عبدالرحمٰن رضہ کي "اَبُوسَلْمَہ" نالي هڪڙو نينگر ٻہ ڄائو. جنهن جو شمار جليل القدر تابعين ۽ اڪابر محدثين ۾ ٿيندو آهي. اَبُوسَلْمَہ کانسواءِ هن بيبيءَ کي ٻي کا اولاد کانہ ٿي. حضرت "تماضر" جي مسلمان ٿيڻ وقت سندس ٻاءُ اِمْرَاءُ الْقَيْس بن اَصْبَغ ٻہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو حضرت اَبُوسَلْمَہ رضہ جو مامو هو ۽ سندس شمار ٻہ صحابين ۾ ٿئي ٿو. (۱)

---

(۱) المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۵۶۲/۵۶۱. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۸۰. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۱۵۵، البدايہ والنهايہ ابن کثير ج ۴ ص ۱۸۱ الطبقات الکبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۶۸، السيرة الحليبہ ج ۳ ص ۱۸۲/۱۸۱.

Marfat.com

فصل ستون

هن فصل ۾ سن ستين هجريءَ دوران پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

هن سال جا غزوات

* هن سال نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن "غَزْوَه خَيْبَر" لاءِ اسهيا. (۱)
* هن ئي سال "غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع" جو واقعو ٻه پيش آيو. (۲)

غزوه خَيْبَر جا واقعات

* هن سال "غَزْوَه خَيْبَر" جي موقعي تي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ڪي هڪ دعوت ۾ زهريلو گوشت ڪارايو ويو، اها دعوت زَيْنَب بِنت حَارِث نالي هڪ يهودي عورت طرفان جهلي ويئي، جيڪا خيبر جي هڪ امير سلام بن مشڪم جي زال هئي. (۳) ءِ هن پاڪري گوشت ۾ اهو زهر ملايو هو، پر رسول رحمت صلي الله عليه وسلم جن هن عورت کي معاف ڪري ڇڏيو.

هڪ بي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هن عورت اسلام قبول ڪيو، جنهن ڪانپوءِ ڪيس معافي ملي "اَلْاِصَابَه" ۾ "حافظ ابن حَجَر" زَيْنَب بنت حَارِث جي صحابيه هجڻ جو ذڪر ڪيو آهي. (۴)

---

(۱) واقديءَ جي راءِ مطابق سن ڇهين هجريءَ جي ذوالحج مهيني ڏاري نبي ڪريم ﷺ جن "حديبيه" کان مديني موٽيا ۽ پوءِ ذوالحج جا ڪجهه ڏينهن ۽ نئين سال جو محرم وارو مهينو مديني ۾ ترسيا، جتان پوءِ سن ستين هجري جي صفر واري مهيني ۾ "خيبر" لاءِ اُسهيا. جڏهن ته هڪ ٻئي قول ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هن سال ربيع الاول جو چند ڏسي پاڻ سڳورن ﷺ "خيبر" ڏانهن رخ ڪيو، اهو قول "ابن سعد" ۾ نقل ڪيو آهي. "المغازي" واقدي ج ۲ ص ٦۳۴.
"طبقات الڪبريٰ" ابن سعد ج ۲ ص ۸۱.

(۲) غزوه "ذات الرقاع" جي سن ۾ راوين جو گهڻو اختلاف آهي. "ابنِ اسحاق" جي روايت آهي ته هي "غزوه" سن چوٽين هجري دوران غزوه "بني نضير" ڪانپوءِ ربيع الآخر يا جمادي الاول يا آخرَ جي مهيني ۾ واقع ٿيو.
ابن سعد ۽ ابن حبان جي روايت مطابق هي "غزوه" سن پنجين هجري جي محرم مهيني ۾ واقع ٿيو.
"ابومعشر" وري ان روايت تي زور ڏنو آهي ته هي غزوه سن پنجين هجريءَ جي ذوالقعد مهيني ڏاري "غزوه بني قريظه" ڪانپوءِ واقع ٿيو. جڏهن ته "علامه ابن حجر" فتح الباريءَ ۾ ڄاڻايو آهي ته هي غزوه، "غزوه خيبر" ڪانپوءِ واقع ٿيو هو.
ڪجهه سيرت نگارن جو خيال آهي ته "اها ڳالهه به ممڪن آهي ته ان نالي پٺيان به غزوه مختلف موقعن تي واقع ٿيا هجن، جن منجهان هڪ غزوه خيبر ڪان اڳ ۽ ٻيو پيرو وري "غزوه خيبر" ڪانپوءِ ٿيو هجي." والله اعلم.
المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۴۳۳. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۴٦۳. "الدرر" ابن عبدالبر ص ۱٦٦.

(۳) زينب بنت حارث نالي هيءَ عورت "خيبر" جي سردار "مرحب" جي ڀائٽي به هئي. جيڪو اتان جي سيني ڪان مضبوط قلعي قموص جو مالڪ ۽ وڏو بهادر ليکيو ويندو هو.
سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۱۲۴. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۵۲.

(۴) الاصابه "ابن حجر" ج ۴ ص ۳۱۴.

Marfat.com

هن عورت بابت هڪ ٻي روايت ۾ ڇاڻايو ويو آهي تہ پهريان پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيس معافي ڏني، ڇو جو پاڻ سڳورا ﷺ ڪنهن کان بہ پنهنجي ذات جو بلاند نہ ڪندا هئا، پر جڏهن اهو گوشت کائڻ سبب حضرت بشر رضہ بن براء فوت ٿي ويو تہ پوءِ ان جي قصاص ۾ هن عورت کي قتل ڪيو ويو. (۱) ان بابت وڌيڪ تفصيل هيٺ ڇاڻائجي ٿو.

بِشْر رضہ بن بَرَاءَ جي شهادت

* هن سال "غَزْوَه خَيْبَر" وارن ڏينهن ۾ حضرت بِشْر بن بَرَاء بن مَعْرُوْر اَنْصَارِي خَزْرَجِي رضہ اهو زهريلو گوشت کائڻ سببان شهيد ٿي ويو، جيڪو زَيْنَب نالي يهوديائيءَ طرفان موڪليو ويو، جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي. ان گوشت کائڻ لاءِ جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ ۽ بِشْر رضہ بن بَرَاء وينا، تڏهن رسول خدا ﷺ جن کي وحيءَ ذريعي يا فراست نبوي سبب سموري ڪيفيت معلوم ٿي ويئي، جنهن ڪري پاڻ فرمايائون: "هيءُ ٻکري جو گوشت ڪو بہ نہ کائي، ڇو تہ ان ۾ زهر پيل آهي." انڪري بي ڪنهن بہ ان کي هٿ نہ لاٿو، اهڙيءَ ريت الله تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن کي ان وقت بہ هر مصيبت کان محفوظ رکيو. باقي بِشْر بن بَرَاءؓ جيڪو ان اعلان کان اڳ ڪو گرهہ کائي چڪو هو، اهو بچي نہ سگهيو. پوءِ ان جي قصاص ۾ نبي انور ﷺ جن زينب کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي. (۲)

حضرت بِشْر رضہ ان صحابي سڳوري حضرت بَرَاء رضہ بن مَعْرُوْر جو پٽ آهي، جيڪو انصار مٿان مقرر ڪيل ٻارهن نقيبن مان هڪ هو ۽ سندس وفات هجرت جي پهرين سال ئي ٿي هئي، جيئن مٿي پهرين هجريءَ جي واقعات ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

عَامِر رضہ جي لولي

* هن سال "غَزْوَه خَيْبَر" لاءِ جڏهن اسلامي لشڪر روانو ٿيو تڏهن رستي ۾ عَامر بن اَكْوَع رضہ جيڪو حضرت سلمہ بن عمرو بن اڪوع رضہ جو چاچو هو، قافلي جي پويان حضرت عبدالله بن رواحہ رضہ جي چيل هڪ لولي جهونگاريندو پئي هليو. (۳)

اَللّٰهُمَّ لَوْلَا اَنْتَ مَا اهْتَدَيْنَا

اي منهنجا مالڪ، جي تنهنجي ذات نہ هجي ها تہ اسان نہ هدايت حاصل ڪريون ها.

وَلَا تَصَدَّقْنَا وَلَا صَلَّيْنَا

نہ خيرات ڏيون ها ۽ نہ نماز پڙهون ها.

---

(۱) البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۴ ص ۲۱۰. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۶۶.
(۲) سيرة ابن هشام ج ۳ ص ۲۹۳، المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۶۷۸ ـ ۶۷۷. شرح علي المواهب اللدنيہ زرقاني" ج ۲ ص ۲۴۰ ـ ۲۴۲، "سيرة" ابن كثير ج ۳ ص ۳۹۴.
(۳) صحيح بخاري "كتاب المغازي ج ۳ ص ۴۸. "صحيح مسلم" كتاب الجهاد و السير" ج ۵ ص ۱۸۶ ـ ۱۸۷.

Marfat.com

فَاغْفِرْ فِدًا لَكَ مَا اقْتَنَيْنَا

قربان تنهنجي نالي تي، اسان جون مڙئي مدايون معاف ڪر.

وَاَلْقِيْنْ سَكِيْنَةً عَلَيْنَا

۽ اسان تي قرار نازل ڪر

وَثَبِّتِ الْاَقْدَامَ اِنْ لَاقَيْنَا

اسان جا پير پختا رک جڏهن مقابلو ڪريون

اِنَّا اِذَا صِيْحَ بِنَا اَتَيْنَا

اسان کي جڏهن به سڏيو ويو (جهاد لاءِ) ته جلدي پهچندا آهيون

وَبِالصِّيَاحِ عَوَّلُوْا اِلَيْنَا

۽ ان سڏڻ سبب ماڻهن اسان تي ويساه ڪيو

اِنَّ الَّذِيْنَ قَدْ بَغَوْا عَلَيْنَا

بيشڪ جن اسان تي ڏاڍ ڪيو

اِذَا اَرَادُوْ فِتْنَةً اَبَيْنَا

۽ اهي جڏهن ڪنهن فتني جو ارادو ڪن ٿا ته اسان ان کان منهن موڙي وڃون ٿا

وَنَحْنُ عَنْ فَضْلِكَ مَا اسْتَغْنَيْنَا.

۽ اسان تنهنجي فضل کان بي نياز نه آهيون.

عامر جي "لولي۽" اٽن جي رفتار کي تيز ڪري چڏيو، اهو ڏسي خدا جي سچي رسول ﷺ جن پڇيو ته هي لولي ڪير جهونگاري رهيو آهي؟

صحابين وراڻيو: "عامِر رضہ"

پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: خدا مٿس رحمت ڪري ۽ سندس بخشش فرمائي.

ان کانپوءِ جڏهن "خيبر" جي لڙائي لڳي ته "عامر" شهادت ماڻي. رسول عربي ﷺ جن جو اهو مشهور معجزو هو ته ڪنهن به غزوه جي موقعي تي صحابين جي ست مان جڏهن به ڪنهن لاءِ رحمت ۽ بخشش جي دعا گهرندا هئا ته اهو صحابي سڳورو ان غزوه ۾ ئي شهيد ٿيندو هو. هن موقعي تي به هميشہ وانگر ائين ٿيو. ان واقعي جو ذڪر "صحيح بخاري" وغيره ۾ تفصيل سان موجود آهي.

حَجَّاج رضہ بن عِلَاط جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال غزوه خيبر کان اڳ حضرت حَجَّاج رضہ بن عِلَاط السَّلْمِي البهزي اسلام قبول ڪيو ۽

Marfat.com

پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ "خَيْبَر" جي فتح ۾ بهرو ورتائين. (۱)

حَجَّاج بن عِلَاط رضه وڏي مال ملڪيت وارو ماڻهو هو، پر سندس سمورو مال دولت مڪي ۾ هو، جنهن لاءِ هو رسول خدا ﷺ جن کان موڪلائي مڪي پهتو تہ جيئن اهو مال دولت پاڻ سان گڏ مديني آڻي سگهي. مڪي ۾ هن پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو احوال ڪنهن سان بہ نہ ڪيو ۽ پنهنجي سموري مال ملڪيت سوڏو جڏهن مديني واپس وريو، تڏهن مڪي وارن کي سندس مسلمان ٿيڻ جو پتو پيو، جنهن تي کين ڏاڍو ڏک پهتو ۽ هو پڇتائڻ لڳا.

جُهَيم رضه بن صَلَت جو ذڪر

* هن ئي سال "غزوه خَيْبَر" کان اڳ جُهَيم رضه بن صَلَت بن مَخْرَمَہ بن مطلب بن عَبْد مَنَاف قُرَشِي مُطَّلِبي بہ مسلمان ٿيو، جنهن کي رسول خدا ﷺ جن خيبر جي (کارکن) مان ٽيهہ وسق عطا ڪيا. (۲)

سَلَمَہ بن اَكْوَع رضه جو واقعو

* هن سال "غَزْوَه خَيْبَر" ۾ حضرت سَلَمَہ بن اَكْوَع رضه کي پنيءَ ۾ ڏک لڳو، جنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ ٽي ڀيرا دم ڪيو، جنهن ڪانپوءِ اتي جو اتي سندس درد دور ٿي ويو ۽ وري ڪڏهن ڪيس ان جاءِ تي ڪابہ تڪليف محسوس ڪانہ ٿي. (۳)

حضرت جَعْفَر رضه ۽ اَبُومُوسيٰ رضه جي موٽ

* هن سال "غزوه خيبر" جي پڄاڻي ڪانپوءِ حضرت جَعْفَر بن اَبُوطَالِب رضه ۽ حضرت اَبُومُوسيٰ اَشْعَري رضه پنهنجي ٻارن ڇڻ سان گڏ "حَبْش" کان هليا ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان اچي خيبر ۾ گڏيا. اهو واقعو هن ئي سال يعني سن ستين هجري جو آهي. هن قافلي ۾ سورهن مردن سان گڏ ڪجهہ عورتون ۽ ٻار بہ هئا. (۴)

حضرت اُمِّ حَبِيبَہ رضه (۵) جو نڪاح

* هن ئي سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جو نڪاح اَبُوسُفْيَان جي ڌيءَ حضرت اُمِّ حَبِيبَہ رضه سان ٿيو.

---

(۱) دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۲۶۵. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۱۳۹ ـ ۱۴۰. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۵۴. السيرة النبويہ ﷺ "ابن كثير" ج ۳ ص ۴۰۷.

(۲) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۳۱۱.

(۳) صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ۳ ص ۵۱.

(۴) اها روايت "ابن اسحاق" کان "حافظ ابن كثير" نقل ڪئي آهي. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۴ ص ۲۰۷.

(۵) قريش قبيلي جي مشهور شاخ "بنو اميہ" سان تعلق رکندڙ حضرت "امِ حبيبہ" جو اصلي نالو رملہ بنت ابوسفيان بن حرب بن اميہ هو، جڏهن تہ سندس امڙ جو نالو صفيہ بنت ابوالعاص بن اميہ ٻڌايو ويو آهي، جيڪا سگ ۾ ابوسفيان جي سوٽ ۽ حضرت عثمان ابن عفان جي ڦڦي هئي. اهڙيءَ ريت "رملہ" حضرت عثمان جي ڦڦات ۽ امير

Marfat.com

معاويہ جي مائيلي پيڻ ۽ يزيد بن ابوسفيان جي سڳي پيڻ هئي، جيڪا بعثت کان سترهن ورهيہ اڳ مڪي ۾ ڄائي. "رملہ" جي پهرين شادي سندس پيءُ ابوسفيان پنهنجي ساڻاري قريش قبيلي "بنو خزيمہ" جي هڪ نوجوان عبيدالله بن جحش سان ڪرائي هئي ۽ هي ٻئي زال مڙس ابتدائي دور ۾ ئي دين جي دعوت قبول ڪري چڪا هئا.

هن بيبي سڳوريءَ جو پيءُ ابوسفيان ان زماني ۾ دين جو بدترين دشمن هو. انڪري دين جي دائري ۾ داخل ٿيڻ وارو ڪوبہ دوست يا دشمن سندس زيادتين کان محفوظ نہ هو. جن ۾ سندس نياڻي رملہ ۽ نياڻو عبيدالله بہ شامل هئا. آخرڪار ڪافرن جا ڪلور سهي سهي جڏهن مسلمان ڳهٽو تنگ ٿيا، تڏهن ڪائنات جي ڪارٽي ﷺ جن مسلمانن کي حبش ڏانهن هجرت جي اجازت عطا فرمائي. جنهن ڪانپوءِ حبش ڏانهن ٻي هجرت ڪرڻ وارن جي قافلي ۾ هي نوجوان جوڙو بہ شامل هو.

حبش ۾ قيام جي دوران "رملہ" کي هڪ نياڻي ڄائي، جنهن جو نالو "حبيبہ" رکيو ويو ۽ ان ڪانپوءِ هيءَ بيبي سڳوري "ام حبيبہ" جي ڪنيت سان سڏجڻ لڳي.

حبش ۾ ڪجهہ وقت تہ ام حبيبہ سڪون سان گذاريو پر خدا جي قدرت اهڙي ٿي جو سندس دیندار مڙس عبيدالله بن جحش جيڪو اسلام قبول ڪري چڪو هو ۽ دين خاطر پنهنجو گهر ڳهاڻ، مٽ مائٽ ڇڏي حبش پهتو اتي سندس دوستي ڪجهہ بگڙيل عيسائي نوجوانن سان ٿي ويئي، جن هن کي بچڙين عادتن تي هيرايو، خاص طور هو شراب نوشيءَ جو عادي ٿي پيو ۽ پوءِ خدا جي سچي دين تان ڦري ويو ۽ عيسائيت اختيار ڪيائين.

حضرت ام حبيبہ رضہ جيڪا پاڻ اسلام جي جذبي سان سرشار هئي، تنهن مڙس کي ڳهٽو ئي سمجهايو پر هن سندس هڪ بہ نہ ٻڌي، جنهن ڪري هن نيڪوڪار ۽ پرهيزگار عورت اهڙي مرتد مڙس کان طلاق وٺي پاڻ کي آجو ڪيو. اها روايت ابن سعد جي آهي.

هجرت ڪانپوءِ مسلمان مديني ۾ هئا تہ اتي ڪين حضرت ام حبيبہ جي حالتن جو پتو پيو تہ ڪيئن هڪ ايمان واري عورت حبش ۾ اڪيلي سر زندگي گذاري رهي آهي. سرور ڪائنات ﷺ هر مسلمان جو بيحد خيال رکندا هئا ۽ خاص طور ابتدائي دور وارن مسلمانن جيڪي دين لاءِ قربانيون ڏنيون انهن جو وڻن وڏو قدر هو. انڪري جڏهن حضرت ام حبيبہ جي احوال کان آگاهہ ٿيا تہ ڪين بيحد افسوس ٿيو ۽ حضرت عمرو بن اميہ کي حبش جي حاڪم ڏانهن روانو ڪيائون تہ هو پاڻ ڪريمن ﷺ سان ام حبيبہ جي نڪاح جو بندوبست ڪري.

نجاشيءَ "ابرهة" نالي پنهنجي هڪ ٻانهي هٿ اهڙو پيغام ام حبيبہ ڏانهن اماڻيو. ابن سعد جي روايت مطابق ام حبيبہ کي خواب ۾ اهڙو اشارو ملي چڪو هو. جنهن ڪري هن هڪدم اهو اعزاز قبول ڪيو ۽ خوشيءَ وچان پنهنجا چانديءَ جا زيور لاهي انعام طور ان ٻانهيءَ کي ڏنائين ۽ پوءِ پنهنجي طرفان هڪ ويجهي عزيز خالد بن سعيد کي پنهنجو وڪيل بڻائي نجاشيءَ ڏانهن موڪليائين، جيڪو سندس ٻيءُ ابوسفيان جو سؤٽ ۽ ام حبيبہ جو ماروٽ بہ هو.

خالد بن سعيد سان ملڻ ڪانپوءِ نجاشيءَ طرفان حضرت جعفر بن ابوطالب ۽ ٻين مسلمانن کي بہ درٻار ۾ گهرايو ويو ۽ پوءِ ابن عبدالبر جي روايت مطابق نڪاح جو خطبو نجاشيءَ پاڻ پڙهيو ۽ نبي ڪريم ﷺ طرفان حق مهر بہ پاڻ ادا ڪيائين. حق مهر چاليهہ اوقيہ جي قيمت برابر هو. اها روايت امام زهريءَ جي آهي، جڏهن تہ مستدرڪ حاڪم جي روايت آهي تہ حق مهر چار سؤ دينار ادا ڪيو ويو.

نڪاح ڪانپوءِ جڏهن مهمان وڃڻ لڳا تہ نجاشيءَ چيو: اها نبين جي سنت رهي آهي تہ انهن جي نڪاح ڪانپوءِ مانيءَ جو بندوبست بہ ڪيو ويندو آهي. انڪري اوهان بہ ماني ڪائي پوءِ روانا ٿيو. جنهن ڪانپوءِ سيني مهمانن کي ماني ڪارائي ويئي. نڪاح وقت هن بيبي سڳوريءَ جي عمر اٺڪل ڇٽيهہ ورهيہ هئي. ابوعبيده جي روايت مطابق اهو نڪاح

Marfat.com

* هن سال جي صفر مهيني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو نڪاح صَفِيَّہ رضہ بنت حُيَيّ سان ٿيو. (۱)

سن ڇهين هجريءَ ڏاري ٿيو. جنهن ڪانپوءِ سيده ام حبيبہ کي مديني اماڻيو ويو ۽ هوءَ حضرت جعفر کان اڳ مديني پهچي ويئي. ڇو تہ خيبر جي موقعي تي حضرت "ام حبيبہ" پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ هئي.

حضرت ام حبيبہ جي سڄي زندگي ديني احڪامن جي پيروءِ ۾ گذري. مڪي ۽ حبش ۾ هن تمام گهٽيون صعوبتون سٺيون پر سندس ايمان ۾ ڪو لوڏو نہ آيو ۽ هين عام مائٽن ساڻس تعلقات بلڪل ختم ڪري ڇڏيا هئا. فتح مڪي ڪان اڳ هڪ دفعي سندس پيءُ ابوسفيان وٽس ڪنهن ڪم لاءِ آيو تہ هن پنهنجي پيءُ کي نبي ڪريم ﷺ جن جي بستري تي ويهڻ جي اجازت نہ ڏني ۽ ڪيس ڪولي ٻڌايو تہ مشرڪ نِجس ٿيندو آهي، پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ اهو نبي پاڪ ﷺ جن جي بستري تي ويهي؟

حضرت ام حبيبہ نبي عليه الصلوٰة والسلام جن جي هر حڪم تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. مُسند احمد ابن حنبل جي روايت آهي تہ هڪ دفعي سيد عالم ﷺ جن فرمايو: "جيڪو شخص ٻارهن رڪعتون نفل روزانو ادا ڪندو ان جي لاءِ جنت ۾ جاءِ جوڙي ويندي." اهو ٻڌڻ ڪانپوءِ هوءَ مرڻ تائين روزانو ٻارنهن رڪعتون پابندي سان پڙهندي هئي.

هن بيبي سڳوريءَ پنهنجي نياڻي حضرت حبيبہ جي تربيت بہ اسلامي اصولن مطابق ڪئي ۽ ان کي بہ صحابيت جو شرف حاصل آهي.

ابن عبدالبر ۽ ابن جوزيءَ جي روايت مطابق حضرت ام حبيبہ سن ڇوئيتاليهہ هجريءَ ڏاري امير معاويہ جي دور حڪومت ۾ هن دنيا مان موڪلايو. ان وقت سندس عمر اٽڪل ٽيهتر (۷۳) ورهيہ هئي. ڪيس مديني شريف ۾ ئي دفنايو ويو. حضرت ام حبيبہ نبي ڪريم ﷺ جن جون پنجهٽ حديثون روايت ڪيون آهن. يزيد بن سائب پنهنجي ڏاڏي کان هڪ روايت نقل ڪئي آهي تہ حضرت عقيل بن ابوطالب هڪ دفعي پنهنجي گهر ۾ ڪوهہ پٽي ڪوٽايو. ان کوٽائي دوران هڪ قبر جو نشان نظر آيو، جنهن تي هڪ خوبصورت ڪتبو لڳل هو. جنهن تي لکيل هو: "قبر ام حبيبہ بنت صخر بن حرب"، جنهن ڪانپوءِ عقيل اهو ڪوهہ پورائي ڇڏيو ۽ جتي قبر جو نشان هو ان جي مٿان هڪ حجرو جوڙائي ڇڏيائين. يزيد بن سائب جو قول آهي تہ هو ان حجري ۾ ويو هو ۽ اتي اها قبر موجود هئي. اها روايت ابن شبہ پنهنجي تاريخ ۾ نقل ڪئي آهي.

تاريخ مدينة المنوره ابن شبہ ج۱ ص ۱۲۰. سيرة ابن اسحاق ص ۲۴۲ ـ ۲۴۱. المستدرک امام حاڪم ج ۴ ص ۲۰. ازواج النبي ﷺ واولاده ۷۴ ـ ۷۲. دلائل النبوة بيهقي ج ۳ ص ۴۶۲ ـ ۴۵۹. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۷ ص ۳۴۲ ـ ۳۴۰. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ۴۸۴ ـ ۴۸۳. ڪتاب المحبر ابن حبيب ص ۸۹ ـ ۹۸. المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ۲ ص ۸۷ ـ ۸۵. المعرفة والتاريخ "فسوي" ج ۳ ص ۳۲۷. شذرات الذهب "ابن العماد" ج ۱ ص ۹۲. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۳۰۷ ـ ۳۰۵. تلقيح ابن جوزي ص ۲۳ ـ ۲۲. ازواج النبي ﷺ "شامي" ص ۱۶۱. "الفصول" "ابن ڪثير" ص ۲۴۹ـ۲۴۷.

(۱) صفيہ بنت حُيي بن اخطب بن سعية بن ثعلبہ بن عبيد جو تعلق بنو اسرائيل جي مشهور شاخ "بنو نضير" سان هو، جيڪي حضرت هارون بن عمران جي اولاد مان هئا. سندس پيءُ حيي بن اخطب پنهنجي قوم جو لٽ سردار هو. جڏهن تہ سندس امڙ جو نالو عام روايتن ۾ "برہ" پر قسطلاني ۽ ڪن هين وري "ضَرَّہ" ٻڌايو آهي، جيڪا "بنو قريظہ" جي ڇڪي مڙس شموأل جي ڏيءَ ۽ رفاعہ قرظيءَ جي ڀيڻ هئي.

شرح علي المواهب ۾ "زرقانيءَ" لکيو آهي تہ سيده صفيہ جو اصلي نالو زينب هو، پر جيئن تہ ان دور ۾ رواج هو

Marfat.com

تہ غنيمت جي مال مان جيڪو حصو سردار يا حاڪم کي ملندو هو تہ ان کي صفيہ سڏيو ويندو هو، اهڙي ريت جيئن هوءَ نبي ڪريم ﷺ جن جي حصي ۾ آئي تڏهن مٿس اهو نالو پڄجي ويو. بهرحال اها زرقانيءَ جي انفرادي راءِ آهي، باقي اڪثريت جو خيال اهوئي آهي تہ سندس اصلي نالو صفيہ ئي هو. والله اعلم.

صفيہ جي پهرين شادي ننڍي عمر ۾ ئي سندس ناناڻي خاندان جي هڪ اميرِ نوجوان سلام بن مشڪم سان ڪرائي ويئي، جيڪو سخت طبيعت جو مالڪ هو. صفيہ بہ هڪ سردار جي ڏيءَ هئي، جنهن کي پيءُ ماءُ وڏي لاڏ ڪوڏ سان پاليو هو. انڪري هن جي طبيعت ۾ سختي سهڻ جي عادت نہ هئي. پوءِ جلد ئي ٻئي ڇٽا هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا.

صفيہ جيئن تہ هڪ اميرِ گهر جي چوڪري هئي، ٻيو تہ حسن و جمال ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئي، انڪري هن لاءِ سٽن رشتن جي ڪمي نہ هئي. جلد ئي سندس ٻي شادي بنو قريظہ جي هڪ مشهور شخص ڪنانہ بن ربيع سان ٿي، جيڪو حجاز جي مشهور تاجر ۽ شاعر ابورافع سلام بن ابوالحقيق جو پائٽيو هو. اهڙيءَ ريت صفيہ پنهنجي هن گهر ۾ نهايت چين ۽ سڪون سان زندگي گذاري رهي هئي.

بني نضير وارن کي جڏهن مديني مان تڙيو ويو تڏهن صفيہ جو پيءُ حيي بن اخطب پنهنجي ساٿاري بنو قريظہ جي سردار ابورافع سان گڏجي خيبر ۾ آيو، جتي ابن اخطب کي يهودين پنهنجو چڪو مڙس بڻايو هو.

خيبر ۾ يهودين جا ڇهہ مشهور قلعا هئا، جن ۾ سڀني کان مضبوط قلعو قموص هو، جنهن جي سنڀال هتان جا بہ مشهور جوڌا مرحب ۽ حارث ڪندا هئا، جن جو تعلق صفيہ جي ساهري خاندان سان هو. مسلمانن جڏهن خيبر تي حملو ڪيو تہ هن موقعي تي يهودين جا وڏا وڏا سردار مارجي ويا. جن ۾ صفيہ جو پيءُ، مڙس ۽ سندس چاچو وغيرہ شامل هئا، جنهن کانپوءِ باقي يهودين کي جنگي قيدي بڻايو ويو، جن ۾ صفيہ پڻ شامل هئي.

هڪ روايت مطابق پهريان هوءَ حضرت دِحيہؓ ڪلبيءَ جي حصي ۾ آئي پر پوءِ صحابي سگورن فيصلو ڪيو تہ هوءَ هڪ قبيلي جي سردار جي نياڻي ۽ ٻي قبيلي جي سردار جي ننهن آهي، انڪري ڪيس هتي مسلمانن جي سردار ﷺ جن وٽ هجڻ کپي، جنهن کانپوءِ ڪيس نبي ڪريم ﷺ جي حوالي ڪيو ويو.

حافظ ابن حجر جي روايت مطابق حضرت صفيہ جي خاندان ۾ هڪ سؤ نبي ۽ هڪ سؤ حاڪم ٿي گذريا هئا، پر اڄ خدا تعالي ڪيس نبين جي امام ﷺ جي گهراڻي ۾ شامل ڪري ٻنهي جهانن ۾ معتبر ۽ محترم ڪري ڇڏيو.

نبي سائينءَ ﷺ جن سڀ کان پهريان حضرت صفيہ کي دين جي دعوت ڏني، جيڪا هن خوشيءَ سان قبول ڪئي تنهن کانپوءِ ساٺس نڪاح ڪيائون. اهو نڪاح خيبر جي ويجهڙائيءَ ۾ سد الصهبا نالي ڳوٺ ۾ ٿيو. ابن سعد جي روايت مطابق سيده صفيہ کي حق مهر ۾ آزادي ملي. باقي پاڻ ڪريمن ﷺ جن طرفان وليمي جي دعوت ماٺهن کي ٿن ڏينهن تائين ڪارائي ويئي. حضرت انس جي روايت مطابق اهڙو وليمو نبي انور ﷺ جن ٻي ڪنهن بہ نڪاح جي موقعي تي نہ ڪيو.

ٽن ڏينهن کانپوءِ حضرت صفيہ رضہ مديني پهتي. هن سفر ۾ سرور عالم ﷺ جن سيده صفيہ کي سواريءَ لاءِ پنهنجو اٺ عطا فرمايو ۽ پنهنجي چادر پردي لاءِ سندس مٿان وڌي. هن شاديءَ وقت صفيہ جي عمر سترهن ورهيہ هئي. مديني پهچڻ سان سندس حسن جي هاڪ هر هنڌ هڏڻ ۾ پئي آئي. مديني ۾ ڪيتريون عورتون ڪيس ڏسڻ لاءِ سندس گهر ۾ ڪيترن ڏينهن تائين ايندیون رهيون.

ترمذي ۽ حاڪم جي روايت مطابق پاڻ ڪريمن ﷺ جن سندس بيحد خيال رکندا هئا. هڪ دفعي پاڻ سگورا ﷺ جيئن گهر ۾ داخل ٿيا تہ سيده صفيہ کي رئندي ڏٺائون. حيران ٿي ڪائنس ان جو سبب پڇيائون. جنهن تي سيده صفيہ

Marfat.com

هيءَ بيبي صاحبہ "غزوہ خيبر" جي موقعي تي هٿ آيل قيدين ۾ شامل هئي ۽ ورهاست وقت پاڻ سڳورن ﷺ جي پُکي پٽجي وئي. پوءِ جيئن ئي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي، تيئن سرور ڪائنات ﷺ جن کيس آزاد ڪري ساڻس نڪاح ڪيو ۽ ان آزاديءَ کي ئي سندس مهر مقرر ڪيو ويو. نڪاح جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن ماهواري سبب بيبي صاحبہ جي ويجهو نہ ويا، تانجو خيبر کان موٽ تي مديني کان ١٢ ميل اوري جڏهن "سَدُّ الصَّهْبَاء" نالي ماڳ تي ٿي ڏينهن منزل ڪيائون تہ ان جاءِ تي بيبي سانئڻ جي ماهواريءَ جو مدو بہ پورو ٿيو. پوءِ اتي رسول خدا ﷺ جن پنهنجي گهرواري سان حق ادائگي بہ ڪئي ۽ اهي ٽيئي ڏينهن اتان جي ماڻهن کي وليمي جي دعوت بہ کارايائون. پوءِ اتان مديني ڏانهن رخ رکيائون. (١)

ست سؤ قيدين جي آزادي

* هن سال امام الانبياء ﷺ جن جڏهن حضرت صَفِيَّہ رضہ سان شادي ڪئي، تڏهن هن بيبي سانئڻ جا سمورا مٽ مائٽ جيڪي قيد ٿي مسلمانن جي قبضي ۾ آيا هئا، تن سمورن کي بنا ڪنهن معاوضي جي آزاد ڪيو ويو. اهي ڪل هڪ سؤ گهرن جا ياتي هئا، جن جو تعداد ست سؤ ڪان بہ مٿي ٻڌايو ويو آهي.

وراڻيو: "حضرت حفصہ ۽ عائشہ مونکي چون پيون اسان توکان پليون آهيون جو اسانجو تعلق نبي ﷺ جن جي خاندان قريش سان آهي، جڏهن تہ تون يهودياڻي آهين.

پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو: توهان ڪائنہ پڇيو تہ اوهان مون کان ڪيئن بهتر آهيو؟ ڇو تہ منهنجو پيءُ هارون عليہ السلام، چاچو موسيٰ عليہ السلام ۽ گهروارو نبي آخر الزمان ﷺ آهي. اهڙي روايت ترمذي ۽ مستدرڪ حاڪم ۾ موجود آهي.

ابن عبدالبر جي قول مطابق سيده صفيہ نهايت حليمہ، عاقلہ ۽ فاضلہ عورت هئي، جيتوڻيڪ سندس تعلق هڪ سردار گهراڻي سان هو ۽ سندس پالنا ۽ پرورش نهايت ناز نعم سان ٿي هئي پر پوءِ بہ سندس طبيعت ۾ سهپ تمام گهڻي هئي. هن پاڻ کي اسلام جي سادگيءَ واري ماحول تي ائين هيرائي ڇڏيو هو جو ڪڏهن بہ پنهنجي ماضيءَ جو ذڪر نہ ڪيائين. ان کان علاوه گهر جو ڪم ڪار بہ خوشيءَ سان ڪندي هئي. لذيذ ڪاڌا پچائڻ ۾ هن بيبي سڳوريءَ کي وڏي مهارت حاصل هئي، انڪري هڪ دفعي حضرت عائشہ رضہ فرمايو تہ صفيہ کان وڌيڪ لذيذ ڪاڌو پچائڻ واري مون ٻي ڪا عورت نہ ڏٺي آهي.

سيده صفيہ سن پنجاهہ هجريءَ ۾ رمضان شريف ۾ وفات فرمائي ۽ کيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

سيرة ابن اسحاق ص ٢٤٦. ازواج النبي ﷺ واولاده ابوعبيده ص ٧٤ ـ ٧٥. ازواج النبي ﷺ شامي ص ٢١٣ ـ ٢٢٧. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ٤ ص ٤٢٦ ـ ٤٢٧. شذرات الذهب ابن العماد ج ١ ص ٩٩. المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ٢ ص ٩٣ ـ ٩٢. اسد الغابہ ابن الاثير ج ٧ ص ١٨٤ ـ ١٨٦. وفاء الوفا "سمهودي" ج ١ ص ٣١٥. السيرة النبويه ابن كثير ج ٣ ص ٣٧١ ـ ٣٧٣. المحبر ابن حبيب تاريخ الخميس ديار بكري ج ٢ ص ٥٦. عيون الاثر ابن سيد الناس ج٢ ص ٤٠١ ـ ٤٠٢.

(١) صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ٣ ص ٥٢. سيرت ابن اسحاق ص ٢٤٦ ـ ٢٤٧، البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ٤ ص ١٩٧ ـ ١٩٨. الدرر "ابن عبدالبر" ص ١٩٦. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٥٢٥ ـ ٥٢٦. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ٥٦ ـ ٥٧، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢١٢ ـ ٢١٦.

Marfat.com

دَوْس قبيلي جو وفد

* هن سال غزوه خيبر واري زماني ۾ محرم مهيني جي پڇاڙي ۽ صفر جي شروعات واري ڏينهن تي يمن کان "دوس قبيلي" جو هڪ وفد نبي اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو. حضرت اَبُوهُرَيْرَه رضہ جو تعلق به هن ئي قبيلي سان هو، جيڪو هن وفد ۾ پاڻ به شامل هو ۽ ساٺس گڏ طفيل رضہ بن عَمْرو دَوْسِي ۽ اٽڪل ستر، اسي ڪٽنب جا ماڻهو موجود هئا، جن جو تعداد چار سؤ ڪن ٽيندو. انهن سمورن ان موقعي تي اسلام قبول ڪيو، سواءِ طُفَيْلِ رضہ بن عَمْرو دَوْسِي جي، جيڪو هجرت کان اڳ مڪي ۾ ئي مسلمان ٿي چڪو هو. ان کانپوءِ رحمت للعالمين ﷺ خيبر جي غنيمت ۾ هن کي به حصيدار بڻايو. (۱)

حضرت ميمونہ رضہ جو نڪاح

* هن سال ذوالقعد مهيني جي چند رات پاڻ ڪريم ﷺ جن "عُمْرَة الْقَضاءِ" لاءِ اسهيا ۽ ذوالحج جي چوٿين تاريخ صبح جو مڪي شريف پهتا. اتي پهچڻ کانپوءِ عمري جو طواف ڪري پوءِ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي ڪيائون ۽ ڪل ٽي راتيون مڪي ۾ ترسي پوءِ مديني ڏانهن موٽ ڪيائون. هن سفر ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت مَيْمُوْنَہ رضہ سان نڪاح به ڪيو. (۲)

---

(۱) "سبل الهدي والرشاد" "شامي" ج ۵ ص ۱۳۶، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۲۴۷.

(۲) سيده ميمونه بنت حارث بن حزن بن بجير هلاليہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي آخري گهرواري هئي، جنهن کانپوءِ نبي سائين ﷺ جن کو ٻيو نڪاح نہ ڪيو.

ابوهريره، مجاهد، ۽ عبدالله ابن عباس جي روايت مطابق هن بيبي سڳوريءَ جو اصلي نالو "برہ" هو، پر پوءِ سرور عالم ﷺ جن سندس نالو مٽائي ميمونه رکيو، جنهن کانپوءِ هوءَ هن نالي پٽيان ئي ڄاتي وڃي ٿي.

حضرت ميمونہ جي امڙ جو نالو هند بنت عوف بن زُهير بن حارث ٻڌايو ويو آهي، جنهن جو تعلق حمير قبيلي سان هو. هند بنت عوف کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ سندس سمورين نيائين اسلام قبول ڪيو ۽ نهايت معتبر ۽ مانائتن مسلمانن سان سندن شاديون ٿيون.

۱. سيده ميمونہ: کي ام المؤمنين جو شرف حاصل ٿيو.

۲. لبابة الڪبريٰ: حضرت عباس بن عبدالمطلب جي گهرواري ٿي.

۳. لبابة الصغريٰ: جو نڪاح وري وليد بن مغيره مخزوميءَ سان ٿيو، جنهن ڪري عبدالله ابن عباس ۽ خالد بن وليد حضرت ميمونہ جا سڳا ڀاڻيجا هئا. سندس مائيتن ڀينرن مان اسماء بنت عميس، حضرت جعفر طيار جي گهرواري هئي، جنهن مان ڪيس محمد، عبدالله ۽ عون ڄاوا هئا ۽ جعفر جي شهادت کانپوءِ سندس نڪاح ابوبڪر صديق رضہ سان ٿيو. جنهن مان محمد ڄائو ۽ صديق اڪبر رضہ جي وفات کانپوءِ سندس ٿيون نڪاح حضرت عليءَ سان ٿيو، جنهن مان يحيٰ ڄائو. جڏهن تہ سلميٰ بنت عميس وري حضرت حمزه بن عبدالمطلب جي گهرواري هئي تہ سلامہ بنت عميس وري عبدالله بن ڪعب جي نڪاح ۾ هئي. انڪري ان دور جا ماڻهو ڀهاڪو ڏيندا هئا تہ هند بنت عوف جهڙي پيرسن پر بختاور عورت روءِ زمين تي ٻي ڪابہ نہ آهي، جنهن جا نياڻا رسول اڪرم ﷺ، ابوبڪر صديق، علي المرتضيٰ، حمزه، عباس، جعفر، شداد بن هاد جهڙا هجن.

امام زهريءَ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ کان اڳ سيده ميمونه جو نڪاح ابورُهم بن عبدالعزيٰ عامريءَ سان

Marfat.com

Marfat.com

امهات المؤ

نبي ڪريم ﷺ جي گهروارين جو تعداد اڪثريت جي راءِ مطابق
ڪانسواءِ حضرت ريحانہ ءِ ماريہ قبطيہ جو شمار بانهين ۾ ٿيندو، جڏه
زندگيءَ گذارڻ کان اڳ ئي کين طلاق ملي، انڪري پاڻ سڳورن ﷺ جو
شامل آهن. (مترجم)

نمبر	نالو	قبيلو	پيءُ جو نالو	ماءُ جو نالو	خطاب يا اسلامي نالو	ط
١.	سيده خديجة الكبريٰ رضہ	بنواسد	خويلد بن اسد	فاطمہ بنت زائده	سيده قريش، طاهره	ا
٢.	سيده سوده رضہ	بنوعامر بن لوي	زمعہ بن قيس	شموس بنت قيس نجاري	ـــــ	ام ع
٣.	سيده عائشہ رضہ	بنوتيم	ابوبكر صديق	ام رومان بنت عامر	صديقہ ـ حميراء	ام
٤.	سيده حفصہ رضہ	بنوعدي	عمر بن خطاب	زينب بنت مظعون	ـــــ	
٥.	سيده زينب رضہ	بنوهلال بن عامر	خزيمہ بن عبدالله	هند	ام المساكين	
٦.	سيده هند رضہ	بنو مخزوم	ابوامیہ سهيل بن مغيره	عاتكہ بنت عامر	ـــــ	ام
٧.	سيده زينب رضہ	بنواسد بن خزيمہ	جحش بن رئاب	اميمہ بنت عبدالمطلب	ـــــ	ام
٨.	سيده بره رضہ	بنومصطلق	حارث بن ابوضرار	ـــــ	جويريہ	
٩.	سيده رملہ رضہ	بنواميہ	ابوسفيان صخر بن حرب	صفيہ بنت ابوالعاص	ـــــ	ام
١٠.	سيده صفيہ رضہ	بنو اسرائيل	حي بن اخطب	بره بنت سموئيل	ـــــ	
١١.	سيده بره رضہ	بنوهلال بن عامر	حارث بن حزن	هند بنت عوف	ميمونه	

Marfat.com

نين رضي الله عنهن بابت مڪمل چاڻ جو چارٽ

هن آهي ۽ اهائي راءِ هن ڪتاب جي مؤلف حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه جي به آهي. ان
ته هن ڪتاب ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي ڪجهه اهڙن نڪاحن جو ذڪر به ڪيو ويو آهي، جن سان ازدواجي
جي اهڙين گهروارين جي زندگيءَ بابت هي چارٽ ڏنو ويو آهي، جيڪي بالاتفاق امهات المؤمنين جي صف ۾

بت	نڪاح جو سال ۽ ماڳ	نڪاح وقت عمر	نڪاح جو خطبو پڙهڻ وارو	حق مهر	وفات جو سال	وفات وقت عمر	جنازي نماز پڙهڻ وارو	مدفن	نبي ﷺ سان سات
ند	سن ۲۵ ميلادي مڪو شريف	۴۰ سال	حضرت ابوطالب	ساڌا ٻارهن اوقيه سون	۱۱ رمضان ۱۰ نبوي	۶۵ سال	جنازي نماز جو حڪم نه هو	حجون، مڪو شريف	۲۵ سال
رحمان	۱۰ نبوي مڪو شريف	۳۲ سال	زمعه بن قيس	۴۰۰ درهم	۲۳ هجري	۵۷ سال	---	جنت البقيع مدينو شريف	۱۴ سال
دالله	شوال ۱۰ نبوي مڪو شريف	۶ سال	حضرت ابوبڪر صديق رضه	۵۰۰ درهم	۱۷ رمضان ۵۸ هه	۶۵ سال	ابوهريره	جنت البقيع	۹ سال
—	۳ هجري مدينو شريف	۲۱ سال	ـــــ	۴۰۰ درهم	شعبان ۴۵ هجري	۶۳ سال	مروان بن حڪم	جنت البقيع	۷ سال
—	رمضان ۳ هجري مدينو شريف	۳۰ سال	ـــــ	۵۰۰ درهم	ربيع الآخر ۴ هجري	۳۱ سال	نبي ڪريم ﷺ	جنت البقيع	۸ مهينا
لم	شوال ۴ هجري مدينو شريف	۲۶ سال	ـــــ	ڪجهه گهريلو سامان	۶۲ هجري	۸۴ سال	سعيد بن زيد	جنت البقيع	۷ سال
ڪم	۴ هجري مدينو شريف	۳۵ سال	ـــــ	۴۰۰ درهم	۲۰ هجري	۵۳ سال	عمر بن خطاب	جنت البقيع	۶ سال
—	۵ هجري مدينو شريف	۲۰ سال	ـــــ	۴۰۰ درهم	۵۰ هجري	۶۵ سال	مروان بن حڪم	جنت البقيع	۵ سال
ٻيبه	۷ هجري حبشه	۳۷ سال	اصحمه نجاشي	۴۰۰۰ درهم	۴۴ هجري	۷۴ سال	—	جنت البقيع	۵ سال
—	۷ هجري صهبا	۱۷ سال	ـــــ	آزادي	رمضان ۵۰ هجري	۶ سال	—	جنت البقيع	۲ ۳/۴ سال
—	۷ هجري سرف	۳۶ سال	عباس بن عبدالمطلب	۵۰۰ درهم	۵۱ هجري	۸۰ سال	عبدالله ابن عباس	سرف	۳ سال

Marfat.com

۽ مڪمل چاڻ جو چارٽ

ب جي مؤلف حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه جي ٻ آهي. ان
جن جي ڪجهه اهڙن نڪاحن جو ذڪر ٻ ڪيو ويو آهي، جن سان ازدواجي
بابت هي چارٽ ڏنو ويو آهي، جيڪي بالاتفاق امهات المؤمنين جي صف ۾

ت	نڪاح جو خطبو پڙهڻ وارو	حق مهر	وفات جو سال	وفات وقت عمر	جنازي نماز پڙهڻ وارو	مدفن	نبي ﷺ سان سات	روايتن جو تعداد
	حضرت ابوطالب	ساڍا ٻارهن اوقيه سون	١١ رمضان ١٠ نبوي	٦٥ سال	جنازي نماز جو حڪم نه هو	حجون، مڪو شريف	٢٥ سال	—
	زمعه بن قيس	٤٠٠ درهم	٢٣ هجري	٥٧ سال	— —	جنت البقيع مدينو شريف	١٤ سال	٥
	حضرت ابوبڪر صديق رضه	٥٠٠ درهم	١٧ رمضان ٥٨ هه	٦٥ سال	ابوهريره	جنت البقيع	٩ سال	٢٢١٠
	—	٤٠٠ درهم	سعبان ٤٥ هجري	٦٣ سال	مروان بن حڪم	جنت البقيع	٧ سال	٦٠
	—	٥٠٠ درهم	ربيع الآخر ٤ هجري	٣١ سال	نبي ڪريم ﷺ	جنت البقيع	٨ مهينا	—
	—	ڪجهه گهريلو سامان	٦٢ هجري	٨٤ سال	سعيد بن زيد	جنت البقيع	٧ سال	٣٧٨
	—	٤٠٠ درهم	٢٠ هجري	٥٣ سال	عمر بن خطاب	جنت البقيع	٦ سال	١١
	—	٤٠٠ درهم	٥٠ هجري	٦٥ سال	مروان بن حڪم	جنت البقيع	٥ سال	٧
	جاسي	٤٠٠٠ درهم	٤٤ هجري	٧٤ سال	—	جنت البقيع	٥ سال	٦٥
		آزادي	رمضان ٥٠ هجري	٦ سال	—	جنت البقيع	٣ $\frac{٣}{٤}$ سال	١٠
	مطلب	٥٠٠ درهم	٥١ هجري	٨٠ سال	عبدالله ابن عباس	سرف	٣ سال	٧٦

Marfat.com

امهات المؤمنين ۾ حضرت مَيْمُوْنَہ رضہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي آخري گهرواري آهي. باقي ان ڏس ۾ راوين جو اختلاف آهي تہ هن بيبي سڳوريءَ سان نڪاح ڪرڻ وقت پاڻ سڳورن ﷺ کي احرام پڌل هو يا احرام کولي چڪا هئا؟

ٽيل هو، جيڪو سن ستين هجريءَ جي شروعات ۾ گذاري ويو ۽ هوءَ بيوه ٿي پيئي. جنهن ڪانپوءِ هن پاڻ کي نبي ڪريم ﷺ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. امام زهري ۽ قتاده کان روايت آهي تہ سوره احزاب جي هيءَ آيت سندس ئي شان ۾ نازل ٿي هئي:

وَامْرَاَةً مُّؤْمِنَةً اِنْ وَّهَبَتْ نَفْسَهَا ..... دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ. (آيت ۵۰)

سن ستين هجريءَ جي آخر ۾ "غزوه خيبر" جي فتح ڪانپوءِ سرور عالم ﷺ جن عمري لاءِ اسهيا، ان موقعي تي حضرت جعفر بن ابوطالب ۽ حبش کان مديني موٽيو هو ۽ عمره جي هن سفر ۾ هو ۽ مؤمنن جي جماعت سان گڏ هو. ابوعبيده جي روايت مطابق هن موقعي تي حضرت جعفر رضہ ئي پنهنجي هن سالي‌ءَ جو رشتو پاڻ ڪريمن ﷺ کي آڇيو هو. جڏهن تہ هيءَ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو معاملو حضرت عباس بنت عبدالمطلب جي صلاح سان طئي ٿيو، جيڪو پڻ حضرت ميمونہ جو پيٽيوو هو. اها روايت امام احمد ۽ نسائيءَ جي آهي. جنهن ڪانپوءِ اهو نڪاح ٿيو. ٻين امهات المؤمنين وانگر هن بيبي سڳوريءَ جو حق مهر ۽ پنج سؤ درهم مقرر ڪيو ويو.

امام احمد ابن حنبل ۽ ٻين محدثن جي راءِ آهي تہ نڪاح وقت پاڻ سڳورا ﷺ جن احرام جي حالت ۾ هئا، ۽ عمره ادا ڪرڻ ڪانپوءِ موٽ تي "سرف" نالي ڳوٺ ۾ هن بيبي سڳوريءَ سان ملاقات ڪئي هئائون. ان روايت تي اڪثريت جو اتفاق آهي. ان ڪانپوءِ حضرت ميمونہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن سان گڏجي مديني آئي.

طبيعت جي لحاظ کان حضرت ميمونہ ڏاڍي مائيٽي، خدا ترس ۽ متقي عورت هئي. هر وقت الله جو خوف متس طاري هوندو هو. سندس آڏو ڪوبہ فرد ڪو غلط ڪم ڪندو هو تہ ان کي نهايت محبت ۽ شفقت سان سمجهائيندي هئي. غريبن جي تمام گهڻي مدد ڪندي هئي. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي غلام آزاد ڪيا.

حضرت عمر رضہ جي دور ۾ ٻين امهات المؤمنين وانگر کيس بہ ڏهہ هزار درهم ساليانو وظيفو ملندو هو. جيڪو هوءَ خير خيرات ۾ خرچ ڪندي هئي. سندس باري ۾ نسائي، طبراني، حاڪم، ابن عساڪر ۽ ابن سعد طرفان حضرت عبدالله ابن عباس جي هيءَ روايت نقل ڪئي ويئي آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ طرفان سندن ايمان جي گواهي هن ريت ڏني ويئي آهي تہ ميمونہ سندس ٻينر ام الفضل، اسماء بنت عميس ۽ سلميٰ ايمان واريون آهن.

سيده ميمونہ وڏي ڄمار ماڻي. سندس وفات جي سال ۾ اختلاف آهي.

اڪثر محققن جو خيال آهي تہ هن بيبي سڳوري ايڪونجاه هجريءَ ڌاري پنهنجي ڳوٺ "سرف" ۾ وفات فرمائي. ابن العماد طرفان بہ اهو سن نقل ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ ڪن راوين وري سندس وفات جو سال ٽيهٽ هجري ٻڌايو آهي، جڏهن تہ فسويءَ طرفان اٺهٽ هجري بہ ٻڌايو ويو آهي.

ام المؤمنين حضرت ميمونہ جي جنازي نماز سندس پاٽيجي عبدالله ابن عباس پڙهائي جنهن ڪانپوءِ ٻين پاٽيجن يزيد بن اُصم ۽ عبدالله بن شداد وغيره کيس قبر ۾ لاٿو.

سيرة ابن اسحاق ص ۲۴۷ ـ ۲۴۸. الاستيعاب ابن عبدالبر ج ۴ ص ۴۶۷ ـ ۴۷۰. ازواج النبي واولاده ابوعبيده ص ۷۵ ـ ۷۶. المواهب اللدنيہ قسطلاني ج ۲ ص ۸۹ ـ ۹۰. شذرات الذهب ابن العماد ج ۱ ص ۱۰۱. اسد الغابہ ابن الاثير ج ۷ ص ۲۹۴ ـ ۲۹۵. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۶۴. دلائل النبوه بيهقي ج ۴ ص ۳۳۰ ـ ۳۳۶. عيون الاثير ابن سيد الناس ج ۲ ص ۴۰۲ ـ ۴۰۳. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۴۱۱ ـ ۴۱۳. ازواج النبي ﷺ شامي ص ۱۹۷ ـ ۲۰۵. المعرفة والتاريخ "فسوي" ج ۳ ص ۳۲۸.

Marfat.com

احرام جي حالت ۾ نڪاح ڪرڻ جو مسئلو

امام مالڪ پنهنجي ڪتاب "مؤطا" ۾ توڙي "صحاح ستہ" جي ٻين محدثن ٻہ پنهنجي حديث جي ڪتابن ۾ حضرت ابن عَبَّاس رضہ جي هڪ روايت نقل ڪندي ڄاڻايو آهي تہ هن نڪاح وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن احرام جي حالت ۾ هئا. باقي "صحيح مسلم" ۾ حضرت مَيْمُوْنَہ رضہ کان هڪ روايت نقل ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ نڪاح وقت پاڻ ﷺ احرام کولي چڪا هئا.

حنفين وٽ ٻهرئين روايت کي ترجيح حاصل آهي، جنهن موجب احرام ۾ نڪاح تہ ڪري سگهجي ٿو، باقي گهرواري جي ويجهو وڃڻ جي اجازت نہ آهي. جڏهن تہ شافعين وٽ پوئين روايت کي ترجيح ڏني ويئي آهي، جنهن موجب احرام جي حالت ۾ انهن وٽ نڪاح جي اجازت نہ آهي.

مٿين واقعي بابت سمورا تفصيل حديث جي ڪتابن ۾ ڏنا ويا آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اختلاف جو ڪارڻ اهو آهي تہ آيا هي نڪاح "عمره" لاءِ مڪي ڏانهن ويندي ٿيو يا اتان موٽندي؟ هاڻي جيڪڏهن ويندي وقت ٿيو تہ بيشڪ پاڻ ڪريم ﷺ جن احرام جي حالت ۾ هوندا، پر جيڪڏهن موٽ تي ٿيو تہ پوءِ يقيناً احرام کولي چڪا هوندا.

هاڻي آءٌ اها ڳالهہ چوندس جيڪا "سيرة شاميہ" ۽ "تذڪرة القاري" وغيره جي مؤلفن بيان ڪئي آهي، تہ "نبي اڪرم ﷺ جن جو نڪاح حضرت مَيْمُوْنَہ رضي الله عنها سان سنڌس ڳوٺ "سرف" ۾ "ذوالقعد" جي مهيني ۾ ان وقت ٿيو، جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ "عمره" ادا ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا هئا ۽ ان وقت احرام جي حالت ۾ هئا، ڇو جو ذوالقعد جو سڄو مهينو احرام نہ کوليو هئائون، باقي گهرواريءَ سان صحبت عمره کان موٽ تي ڪيائون، جڏهن احرام کولي چڪا هئا. ان مان حنفين جي ان قول جي تائيد ٿئي ٿي تہ احرام جي حالت ۾ نڪاح ڪرڻ جائز آهي، وڌيڪ حقيقت رب تعالىٰ پاڻ ٿو ڄاڻي. (۱)

حضرت "مَيْمُوْنَہ" رضہ جي اباڻي ڳوٺ جو نالو "سرف" آهي، جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي. اتي ئي سنڌس گهر هو، اتي ئي نبي اڪرم ﷺ جن سان سنڌس شادي ٿي ۽ گهڻي عرصي کانپوءِ اتي ئي وفات ڪيائين، پوءِ هن بيبي صاحبہ کي پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ ئي دفنايو ويو.

سِرف نالي اهو ڳوٺ مڪي کان مديني ڏانهن ويندڙ واٽ تي اٽڪل ڏهن ميلن جي پنڌ تي اڄ سوڏو موجود آهي، پر هينئر ڪٿي ڇڪو آهي ۽ سواءِ "مَيْمُوْنَہ رضہ" جي قبر جي بي ڪابہ چيز موجود

---

(۱) نبي ڪريم ﷺ جن جو نڪاح جنهن وقت حضرت ميمونہ رضہ سان پڙهيو ويو، ان وقت پاڻ ﷺ احرام جي حالت ۾ هئا يا احرام کولي چڪا هئا؟ ان موضوع تي فقيهن ۽ محدثن وڏا بحث نقل ڪيا آهن. امام بخاري ۽ احمد بن حنبل جيڪي روايتون نقل ڪيون آهن، تن مان ڄاڻ ملي ٿي تہ هن نڪاح وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن احرام جي حالت ۾ هئا، جڏهن تہ صحيح مسلم ۽ ترمذي جي نقل ٿيل روايتن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ هن نڪاح وقت سرور عالم ﷺ جن احرام کولي چڪا هئا. ان بحث جا تفصيل هيئين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

فتح الباري "ابن حجر" ج ۵ ص ۵۱. صحيح مسلم ج ۴ ص ۱۳۷ ـ ۱۳۸. نصب الرايہ "زيلعي" ج ۳ ص ۱۷۳. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۲۰۸. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۳۳۳. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۲ ص ۶۴. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۶۴.

Marfat.com

نہ آهي، ان قبر مٹان قبو بہ جوڙايو ويو آهي. (١)

الحمدلله ان جي زيارت جو موقعو مونکي يارهن سؤ ڇٽيهہ هجريءَ ڏاري ميسر ٿيو.

عُمْرَة الْقَضَاءجي ادائيگي

* هن سال سرور عالم صلى الله عليه وسلم جن طرفان عمره ادا ڪيو ويو، جنهن کي عام طور تي "عمرة القضاء" سڏيو ويندو آهي، باقي "عمرة القصاص"، "عمرة الصلح" ۽ "عمرة القضيہ" بہ هن ئي عمره جا ٻيا نالا آهن.

پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم هن عمره جي ادائيگيءَ لاءِ "ذوالقعدہ" جو چنڊ ڏسي مديني کان روانا ٿيا، "ذوالحليفہ" نالي ڳوٺ وٽ پهچي عمره جو احرام ٻڌائون ۽ پوءِ بيت الله ڏانهن رخ رکيائون. هن سفر ۾ يارهن سؤ سوارن کانسواءِ ڪجهہ عورتون ۽ ٻار بہ ساڻن گڏ هئا. (٢) مديني ۾ ابو رهم ڪلثوم رضہ بن حُصَيْن غِفارِيءَ کي خليفو مقرر ڪيو ويو. ڪن روايتن ۾ هن جاءِ تي عُوَيْف بن اَضْبَط، ۽ اَبُوذَرّ رضہ جا نالا بہ ٻڌايا ويا آهن. بهرحال چنڊ جي چوٽين تاريخ صبح ويل هي قافلو مڪي ۾ داخل ٿيو. جنهن کانپوءِ پهريان بيت الله جو طواف ۽ ان کانپوءِ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي ڪئي ويئي. پاڻ سڳورا صلى الله عليه وسلم ٽي راتيون اتي ترسيا، ان کانپوءِ وري مديني جي واٽ ورتائون.

هن سال عمره جي موقعي تي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن قرباني‌ءَ لاءِ ستر اٺ بہ پاڻ سان گڏ ڪنيا هئا، جن جي نگهباني حضرت ناجيہ بن جندب اسلمي رضہ ڪري رهيو هو. گذريل سال "غزوه حديبيہ" جي موقعي تي بہ اهو ڪم حضرت ناجيہ جي ئي حوالي هو. (٣)

نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو مڪي ۾ اچڻ

* هن سال نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جڏهن "عُمْرَة الْقَضَاء" لاءِ مڪي ۾ داخل ٿيا، تڏهن هڪ ڏاڇيءَ تي سوار هئا، جنهن جي مهار حضرت عبدالله بن رَوَاحَہ رضہ جي هٿ ۾ هئي ۽ اهو هن موقعي تي هيٺيان شعر جهونگاري رهيو هو. (٤)

خَلُّوا بَنِى الْكُفَّارِ عَنْ سَبِيْلِهِ

---

(١) مخدوم علام محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه اها زيارت سن ١١٣٦ هجريءَ ڏاري فرمائي، پر موجوده دور ۾ ان قبي جو ڪوبہ نشان اتي موجود نہ آهي. "مترجم".

(٢) صحيح بخاري ج ٣ ص ٥٦ ـ ٥٧، سيرة ابن هشام ج ٤ ص ٢، طبقات الكبريٰ ـ "ابن سعد" ج ٢ ص ٩٢ ـ ٩٤. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ٤ ص ٢٢٦، فتح الباري "ابن حجر" ج ٧ ص ٥٠٠، شرح علي الـمواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ٢ ص ٢٥٣.

(٣) واقدي ۽ ابن سعد جي روايت مطابق مديني ۾ ابو رهم کي خليفو مقرر ڪيو ويو، جڏهن تہ عويف بن اضبط کي خليفي مقرر ڪرڻ واري روايت ابن اسحاق ۽ ابن هشام نقل ڪئي آهي ۽ ابوذر غفاريءَ واري روايت "بلاذري" طرفان نقل ڪئي ويئي آهي. "سبل الهدىٰ والرشاد" "شامي" ج ٥ ص ٨٩.

(٤) سيرة ابن هشام ج ٤ ص ١٣، الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ٩٣، زاد الـمعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٣٧١، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٥ ص ١٩١.

Marfat.com

هڪي وجو ڪافرن جي اولاد هن جي رستي ڪان، (۱)

خَلُّوْا وَ كُلُّ الْخَيْرِ فِىْ رَسُوْلِهٖ

سموري پلائي سندن پيغمبر صلى الله عليه وسلم ۾ ئي آهي،

يَارَبِّ اِنِّىْ مُؤْمِنٌ بِقِيْلِهٖ

اي رب آءُ ان جي چئي تي ايمان رکان ٿو

اَعْرِفُ حَقَّ اللّٰهِ فِىْ قَبُوْلِهٖ

ءِ اهو قبول ڪرڻ الله جو حق ڄاڻان ٿو

اَلْيَوْمَ نَضْرِبُكُمْ عَلٰى تَنْزِيْلِهٖ

اجوڪي ڏينهن ان تنزيل مطابق اسان اوهان کي ائين ڪٽيندا سون

ضَرْبًا يُّزِيْلُ الْهَامَ عَنْ مَّقِيْلِهٖ

جو اوهان جا ڪنڈ ڪلهن تان ڪوري ڇڏيندا سون

وَيُذْهِلُ الْخَلِيْلَ عَنْ خَلِيْلِهٖ.

ءِ ڪو پنهنجو پنهنجن کي به نه سڃاڻي سگهندو.

* هن ئي سال عمره جي موقعي تي جڏهن رسول خدا صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي صحابي سڳورن سان گڏ بيت الله جي طواف لاءِ مسجد الحرام ۾ داخل ٿيا، تڏهن اتي ڪجهه ڪافر به هڪ ڪنڌ ۾ وينا هئا. سندن نظر جڏهن مسلمانن تي پيئي تڏهن چوڻ لڳا: "يثرب جي بخار ته هن کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي." اهو ٻڌي سرور ڪائنات صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي صحابي سڳورن کي حڪم ڏنو ته هو طواف جا پهريان ٽي ڦيرا تڪڙ ۾ زور سان ٻانهون لوڏيندي ڏين ته جيئن ڪافرن جي راءِ کي رد ڪري سگهجي، جڏهن ته باقي پويان چار ڦيرا نهنائي ءِ نماڻائي سان ڏين ته جيئن کين ٿڪ به محسوس نه ٿئي. (۲)

حضرت بِلاَل رضہ جو اذان ڏيڻ

* هن سال "عمرة القضاء" جي موقعي تي پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جيئن مسجد حرام ۾ داخل ٿيا، تيئن ئي حضرت بلال رضہ کي حڪم ڏنائون ته هو ڪعبي جي چت تي بيهي اذان چوي. (۳)

ڪعبة الله ۾ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وسلم جو داخل نه ٿيڻ

* هن سال "عُمْرَة الْقَضَاء" جي موقعي تي پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جڏهن مڪي پهتا، تڏهن ڪعبة

---

(۱) صحيح بخاري "باب عمرة القضا" ج ۳ ص ۵۷.

(۲) المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۷۳۷. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۳۲۸.

(۳) البدايہ والنهايہ ج ۱ ص ۲۳۲. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۶۳. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۱۹۳.

Marfat.com

الله ۾ اندر داخل نہ ٿيا هئا (۱) ڇو جو اتي مشرڪن طرفان بت رکيا ويا هئا، انڪري پاڻ سڳورن ﷺ سن اٺين هجري دوران "فتح مڪہ" جي موقعي تي ڪعبي ۾ اندر داخل ٿيا هئا، ڇو نہ ان کان اڳ اتي رکيل سمورن بتن کي ڀڃي پورا ڪيو ويو هو.

حضرت امام رضہ جو واقعو

* هن سال "عُمْرَة الْقَضَاء" جي ادائيگيءَ کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مڪي کان مديني روانا ٿيا، تڏهن سندن چاچي حضرت حَمْزَه رضہ جي ننڍڙي نياڻي، "اي چاچا" "اي چاچا" سڏيندي سندن ڪڍ لڳي. ان موقعي تي رسول رحمت ﷺ جن حضرت عَلِي بِن اَبُوطَالِب رضہ کي حڪم ڏنو تہ هو هن ننڍڙي نياڻيءَ کي کٹي سَيِّدَه فَاطِمَةُ الزَّهْراء رضہ جي حوالي ڪري ۽ پوءِ مديني پهچڻ تائين اها ننڍڙي سيده فَاطِمَہ رضہ سان گڏ رهي. تاريخ ۾ ان نينگري جو نالو "اُمَامَہ" مشهور آهي، جڏهن تہ ڪن راوين طرفان "عُمَارَه" يا ڪي ٻيا نالا ب ٻڌايا ويا آهن.

مديني پهچڻ کانپوءِ ننڍڙي "اُمَامَہ" جي پالنا بابت حضرت علي، حضرت جَعْفَر ۽ حضرت زَيْد بن حَارِث رضي الله عنهما جي وچ ۾ تڪرار هليو، جنهن جي نبيري لاءِ ڳالهہ اچي پاڻ ڪريم ﷺ جن وٽ پهتي. حضرت علي رضہ جي دعويٰ هئي تہ "هيءَ نينگري سگَ ۾ منهنجي سؤٽ ب آهي ۽ مديني کان ب آءٌ ڪيس کٹي آيو آهيان."

حضرت زَيْد رضہ چوڻ لڳو: "هيءَ منهنجي ڀاءُ حضرت حَمْزَه رضہ جي نياڻي آهي، جنهن سان اوهان منهنجو پائيچارو ڪرايو هو."

هوڏانهن وري حضرت جَعْفَر رضہ پنهنجي حق ۾ هي دليل پيش ڪيو تہ "هي نينگري هڪ تہ منهنجي سؤٽ آهي، ۽ ٻيو وري سندس ماسي منهنجي گهرواري آهي." (۲)

اهو ٻڌي سرور عالم ﷺ جن هن نياڻيءَ کي حضرت جعفر رضہ جي حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان سان گڏ اهو ب فرمايائون تہ "ماسي ماءُ جي جاءِ تي آهي." (۳)

غسان جي حاڪم ڏانهن دين جي دعوت

* هن سال يا وري ڪن راوين مطابق سن اٺين يا ڏهين هجري ڏاري پاڻ ڪريم ﷺ جن "غسان" جي حاڪم جَبَلَہ بن اَيْهَم ڏانهن هڪ خط اماڻيو، جنهن ۾ ڪيس دين جي دعوت ڏني ويئي. جنهن جي جواب ۾ "جَبَلَہ" ان دعوت کي قبول ڪندي مسلمان ٿيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ ڏانهن ان خط جو جواب ب روانو ڪيائين، پر بعد ۾ هو مرتد ٿي ويو. جڏهن تہ ڪجهہ راوين جو خيال آهي تہ هو آخري

---

(۱) المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۷۳۸. شرح علي المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۲۵۷ ـ ۲۵۸.

(۲) حضرت جعفر رضہ جي گهرواري حضرت اسماء بنت عميس ۽ حضرت حمزه رضہ جي گهرواري حضرت سلمي بنت عميس پاڻ ۾ پينر هيون. (مترجم)

(۳) مٿين روايت امام بخاري توڙي ٻين محدثن تفصيل سان پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪئي آهي.
صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ۳ ص ۵۷. فتح الباري "ابن حجر" ج ۷ ص ۴۹۹. سنن الڪبريٰ "بيهقي" ج ۱ ص ۵ ـ ۶.

Marfat.com

وقت تائين اسلام تي قائم رهيو. (١)

مُقَوْقَسْ جون سوکڙيون

* هن سال مصر ۾ اسڪندريہ جي حاڪم مُقَوْقَسْ قبطيءَ طرفان سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ ڪجهہ سوکڙيون اماڻيون ويون، جن جو وڇور هيٺ ڏجي ٿو.

(١) ۾ پانهيون مَارِيَہ قبطيہ ۽ سندس ڀيڻ سِيْرِيْن (٢) يَعْفُوْر نالي هڪ گڏهہ (٣) دُلْدُل نالي هڪ خچر (۴) ويهہ عدد نفيس مصري ململ جا ٿانَ (٥) هزار مِثْقَال سون (٦) اعليٰ قسم جي ماکي. (٧) هڪ ڪاٺيءَ جي ٺهيل شامي سرمي داڻي (٨) آئينو (٩) ڦٽي. اهي سموريون سوکڙيون حضرت حَاطِب بن اَبِي بَلْتَعَہ هٿ اماڻيون ويون، ان ڪانسواءِ هڪ سؤ دينار ۽ پنج ڪپڙا حضرت حَاطِب رضہ کي ۾ مُقَوْقَسْ طرفان ڏنا ويا. (٢)

حضرت مِدْعَم رض جي شهادت

* هن سال "غَزْوَہ خَيْبَر" ۾ نبي اڪرم ﷺ جو هڪ غلام شهيد ٿي ويو، جنهن جو نالو "مِدْعَم" ٻڌايو ويو آهي. (٣)

---

(١) جبلہ بن ايهم بابت ٻڌايو ويو آهي تہ هو "غسان" جو آخري حاڪم هو. هن نبي ڪريم ﷺ جن جو خط پڙهي اسلام قبول ڪيو. حضرت عمر رضہ جي خلافت واري دور ۾ هو حج جي لاءِ مڪي آيو. هو الله جي گهر جو طواف ڪري رهيو هو تہ بني فزاره جي هڪ فرد جو پير سندس چادر تي اچي ويو، جنهن تي جبلہ غضبناڪ ٿي ويو ۽ ان شخص جي منهن تي اهڙي تہ زور سان ڏڪ هنيائين جو هن جو نڪ ٻڙ زخمي ٿي پيو تہ ۽ اڳيان ڏند ٻ ڀڃي پيا. جنهن تي اهو مظلوم دانهن ڪٽي سيدنا عمر فاروق رضہ جي دربار ۾ پهتو. خليفي جبلہ کي گهرائي حڪم ڏنو تہ "هو ٻن ڳالهين منجهان هڪ قبول ڪري، يعني يا تہ ان فزاري کان معافي وٺي يا وري ان جو قصاص ادا ڪري." اهو ٻڌي جبلہ چوڙ لڳو تہ "ڇا هڪ حاڪم ۽ هڪ معمولي ماڻهو هڪ ٻئي جي برابر آهن؟"

حضرت عمر رضہ وراڻيو: "هائو! اسلام اوهان ٻنهي ۾ کو فرق نٿو ڪري سواءِ تقويٰ جي."

جبلہ جواب ڏنو: "جيڪڏهن ايئن آهي تہ پوءِ آءٌ هن دين تان هٿ ڪٽي ٻنهنجي اباڻي دين ڏانهن موٽندس."

حضرت عمر رضہ وراڻيو: "جيڪڏهن تون مرتد ٿئين تہ توکي قتل ڪيو ويندو."

اهو ٻڌي "جبلہ" ويچار ڪرڻ لاءِ هڪ رات جي مهلت گهري ۽ پوءِ انهيءَ رات ئي هو پنهنجي سؤٽن سان گڏجي "قسطنطنيہ" ڏانهن ڀڄي ويو ۽ اتي وڃي عيسائي ٿيو ۽ پوءِ اتي ئي مرتد ٿي مئو. نعوذ بالله من ذالک.

تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٦١، روضة الاحباب ـ "جمال الدين" ج ١ ص ٢٧٣.

(٢) "مقوقس" ان دور ۾ مصر جي حڪمرانن کي سڏيو ويندو هو. هن موقعي تي جنهن "مقوقس" جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ان جو نالو "جريج بن مينا" ٻڌايو ويو آهي. سندس موڪليل سوکڙين جو ذڪر اڪثر مؤرخن ۽ سيرت نگارن طرفان ڪيو ويو آهي.

دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ٣٩٥، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ٢٧١ ـ ٢٧٢. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ٦١ ـ ٦٢.

(٣) هي هڪ حبشي غلام هو، جيڪو رفاعہ بن زيد جذامي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو هو، جڏهن تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ هن کي فروه بن عمرو جذاميءَ طرفان پيش ڪيو ويو هو.

"الاصابہ" ابن حجر ج ٣ ص ٣٩۴، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ١۴٧.

Marfat.com

پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن تي جادو ڪرڻ جو واقعو

* هن سال محرم جي مهيني ۾ پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن متان جادو ڪيو ويو [1] ڪن جو چوڻ آهي ته اهو واقعو سن ڇهين هجري ۾ پيش آيو. جيئن اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي.

ايمان بابت حديث

* هن سال نبي انور صلی الله عليه وسلم جن فرمايو: "مينهن پوڻ ڪانپوءِ جڏهن صبح ٿيو ته ڪن ماڻهن جو الله تعاليٰ تي ايمان هو ۽ اهي ستارن جا انڪاري هئا ته ڪن جو وري ستارن تي ايمان هو پر هو الله سائين جا انڪاري هئا."

مواهب ۽ ان تي لڪيل شرح ۾ زرقاني ۽ جاڻايو آهي ته هي واقعو سن ڇهين هجريءَ جو آهي. "حديبيه" ڪان اڳ جڏهن سرور عالم صلی الله عليه وسلم جن رمضان جي مهيني ۾ نماز استسقاء پڙهائي ته ان موقعي تي اهي لفظ فرمايا هئائون،جنهن جو سربستو احوال سن ڇهين هجريءَ جي واقعات ۾ گذري چڪو آهي.

حضرت زَيْنَب رضه جي رخصتي

* هن سال نبي اڪرم صلی الله عليه وسلم جن پنهنجي نياڻي حضرت زَيْنَب رضه کي سندس گهرواري اَبُوالْعَاص بن ربيع ڏانهن اماڻيو. [2] ڪجهه راوين هي واقعو ٻه ڇهين هجري جو ٻڌايو آهي، جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

حضرت حَاطِب رضه جي واپسي

* هن سال حَاطِب بِن اَبِي بَلْتَعَة رضه مقوقس جي دربار مان ماريه قِبْطِيَّه ۽ ٻين سوکڙين سان گڏ واپس مدينه پهتو، جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي.

مُتْعَه جي حرمت وارو حڪم

* هن سال "غزوه خيبر" واري زماني ۾ امام المرسلين صلی الله عليه وسلم طرفان عورتن سان "مُتْعَه" ڪرڻ واري رسم کي حرام ڪيو ويو، جڏهن ته اسلام جي شروعات ڪان وٺي غزوه خيبر تائين "مُتْعَه" ڪرڻ جي اجازت هئي. ان ڪانپوءِ "فتح مڪه" جي موقعي تي پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم جن وري ٻيهر "مُتْعَه" ڪرڻ جي اجازت ڏني، جيڪا "غَزْوَه اَوْطَاس" تائين جاري رهي ۽ ان ڪانپوءِ ٿي ڏينهن رکي وري ٻيو ٻيرو هن عمل کي هميشه لاءِ حرام ڪيو ويو ۽ اهو حڪم قيامت تائين جاري رهندو. ان مان اها پروڙ پوي ٿي ته "مُتْعَه" جي جائز هجڻ وارو حڪم ٻه ٻه دفعا ڏنو ويو ته وري ان جي حرام هجڻ وارو حڪم ٻه ٻه دفعا مليو. اهائي ڳالهه صحيح آهي ۽ ان تي ئي عمل ڪرڻو آهي، جيئن "صحيح مسلم" جي شرح ۾ علامه نووي ٻيان ڪيو آهي. [3]

---

(١) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ٤٥ ـ ٤١.
(٢) المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ٢ ص ٦١.
(٣) صحيح مسلم "بشرح نووي" جلد ٥ ص ١٧٩، ١٨٠.

Marfat.com

اها ڳالهه صحيح مسلم جي حديثن ۾ چئي طرح بيان ڪئي ويئي آهي ۽ علامه نووئ ٻه اتان ئي ورتي آهي، انڪري اهو سچ آهي ۽ ان ۾ ڪنهن کي به شڪ ڪرڻ نه جڳائي.

مُتْعَه کي پهريون پيرو حرام ڪرڻ واري حديث صحيح بخاريءَ ۽ صحيح مسلم ۾ موجود آهي، جنهن جو راوي حضرت عَلِي بِن اَبُوطَالِب رضه آهي. هو فرمائي ٿو ته "خَيْبَر" واري ڏينهن رسول الله ﷺ جن عورتن سان "مُتْعَه" ڪرڻ کان منع فرمائي. (۱)

ان کانپوءِ "مُتْعَه" جي ٻيهر اجازت واري حديث وري "صحيح مسلم" ۾ موجود آهي، جيڪا حضرت سَبْرَه بن مَعْبَد جُهَنِي کان روايت ڪئي ويئي آهي ته "فتح مڪي واري سال جيئن اسان مڪي ۾ داخل ٿياسون، تيئن حضرت رسول الله ﷺ طرفان اسان کي مُتْعَه جي اجازت ڏني ويئي." (۲)

ان کانپوءِ وري "مُتْعَه" کي ٻيهر حرام ڪرڻ واري حڪم بابت حديث به "مُسْلِم شَرِيْف" ۾ ئي موجود آهي، جنهن جو راوي حضرت سَلَمَه بن اَكْوَع رضه آهي. اها حديث هن ريت آهي: "غزوه اَوْطَاس واري سال رسول الله ﷺ جن ان موقعي تي اسان کي ٽي ڏينهن ته متعه ڪرڻ جي موڪل ڏني پر ان کانپوءِ منع ڪري ڇڏيائون. (۳)

"صحيح مسلم" ۾ ئي سَبْرَه جُهَنِيءَ جي هيءَ روايت به موجود آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته مون اوهان کي عورتن سان "مُتْعَه" ڪرڻ جي اجازت ڏني، جنهن کانپوءِ الله تعاليٰ طرفان قيامت تائين ان کي حرام ڪيو ويو." (۴)

"صحيح مسلم" ۾ حضرت "سَبْرَه" رضه جي هيءَ روايت به موجود آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ جن "متعه" ڪرڻ کان روڪيندي هن ريت فرمايو ته "اهو اڄوڪي ڏينهن کان وٺي قيامت تائين حرام رهندو."

غَزْوَه خَيْبَر جا واقعات (۵)

* هن سال "غزوه خيبر" ۾ مسلمانن جي لشڪر مان پندرهن ماڻهو شهيد ٿيا، جڏهن ته مشرڪن

(۱) صحيح بخاري "كتاب النكاح" ج ۳ ص ۲۴۶.
(۲) صحيح مسلم "كتاب النكاح" ج ۲ ص ۱۳۲.
(۳) ايضاً ص ۱۳۱.
(۴) ايضاً ۱۳۲.
(۵) غزوه خيبر جي واقعات جا حوالا غزوات واري باب ۾ تفصيل سان نقل ڪيا ويا آهن. هن باب ۾ جيڪي واقعات بيان ڪيا ويا آهن، انهن جا حوالا هيٺين ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن، جن جا تفصيل انهن ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. ورجاءَ ڪان بچڻ جي لاءِ اهي حوالا هڪ جاءِ تي ئي نقل ڪجن ٿا.
صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ۳ ص ۴۸. صحيح مسلم "كتاب الجهاد والسير" ج ۵ ص ۱۸۵. سيرة النبويه ﷺ ابن هشام ج ۳ ص ۳۴۲. الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۸۱. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۳۱۶. "البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۴ ص ۲۴۰. المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۳۳. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ص ۵۱۷، شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ۲ ص ۲۱۷. الروض الانف "سهيلي" ج ۴ ص ۵۶ ـ ۶۵. الدرر "ابن عبدالبر" ص ۱۹۶. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۱۱۵. جذب القلوب "شيخ عبدالحق" ص ۱۹۴. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۴۳ ـ ۵۶. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۴ ص ۱۹۴ ـ ۲۸۷. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۱۸۱. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۶۸ ـ ۲۶۹.

Marfat.com

جا ٹيانوي ماڻهو مارجي ويا.

* هن سال غزوه خيبر جي موقعي تي رسول الله ﷺ جن پالتو گڌهه (گورخر) جي گوشت کائڻ کي حرام قرار ڏنو.

* هن سال "غزوه خيبر" واري زماني ۾ سيد المرسلين ﷺ جن حڪم ڏنو ته ڪچي ٽوم ۽ ڪچا بصر کائي مسجدن ۾ اچڻ نه ڪپي.

* هن ئي سال ساڳئي موقعي تي سيني قسمن جي چيربندڙ ڦاڙيندڙ جانورن ۽ چنبن سان شڪار ڪندڙ پکين جي گوشت کائڻ کان به روڪيو ويو.

* ان ئي موقعي تي ٻانهين سان، پاڪ ٽيڻ کان اڳ صحبت ڪرڻ کان روڪيندي پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو ته "انهن مان جيڪي ڳوڙهاربون هجن تن سان ٻار ڄڻڻ کان اڳ ۽ جيڪي ڳوڙهاربون نه هجن انهن سان حيض کان پاڪ ٽيڻ کان اڳ صحبت نه ڪئي وڃي."

* "غَزْوَه خَيْبَر" جي ئي موقعي تي هي حڪم به ڏنو ويو ته غنيمت جي مال مان ورهاست کان اڳ ڪنهن به شيءِ جو وڪرو نه ڪيو وڃي، اهڙو ذڪر "جَذْبُ الْقُلُوْب" ۾ "دهلوي" صاحب ڪيو آهي.

هن سال "مَدْعَم" نالي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هڪ آزاد ڪيل غلام خيبر جي غنيمت مان هڪ چادر (ورهاست کان اڳ) پنهنجي لاءِ کڻي ورتي. ان تي رسول خدا ﷺ جن فرمايو: "اها چادر جيڪا ورهاست کان اڳ غنيمت جي مال مان کنئي ويئي، اها کڻڻ واري لاءِ برندڙ باهه مثل آهي."

اهو ٻڌڻ کانپوءِ کو ماڻهو هڪ يا ٻه ڏاڳا(کهيون)ٻه کڻي آيو، جنهن تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن فرمايو، "اهي هڪ يا ٻه ڏاڳا به باه ۾ پوڻ جو سبب ٿيندا آهن."

* هن سال غَزْوَه خَيْبَر جي موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جن جو هي معجزو ڏسڻ ۾ آيو، جو انصار جي قبيلي "بني ظفر" مان هڪ شخص جنهن جو نالو "قُزمان" ٻڌايو ويو آهي، ان بابت پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "هي جهنمي آهي." اهو شخص جيتوڻيڪ باهريون ڏيک ته اسلام جو ڏيندو هو پر مَن ۾ ميرڪندو هو. "غَزْوَه خَيْبَر" ۾ ان ساڳئي شخص نهايت بهادريءَ سان ڪافرن جو مقابلو ڪيو، جنهن ۾ سندس سڄو جسم ايتريقدر ته ڦٽجي پيو جو ممڪن هو ته ڪنهن جي دل ۾ اهو گمان پيدا ٿئي ته "جنهن شخص الله جي راه ۾ ههڙي همت سان مقابلو ڪيو اهو جهنمي ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟" ان ڪانپوءِ اَكْثَم بن ابوالجون خزاعي نالي هڪ صحابي فيصلو ڪيو ته هو آخري گهڙيءَ تائين "قزمان" سان گڏ رهندو ته جيئن سندس انت جو احوال معلوم ڪري سگهي. پوءِ نيٺ هڪ ڏينهن جڏهن سور سهي سهي ساڻو ٿي پيو تڏهن هن شخص آپگهات ڪري پنهنجو انت آندو.

جنهن ڪانپوءِ حضرت اَكْثَم رضه پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: "اي الله جا رسول ﷺ، اوهان جي ڳالهه کي رب پاڪ سچو ڪري ڏيکاريو، ۽ ان شخص آپگهات ڪري ڇڏي." ان موقعي تي سرور ڪائنات ﷺ جن حضرت بلال رضه کي حڪم ڪيو ته "اٺ ! وڃي ماڻهن کي ٻڌاءِ ته جنت ۾ ايمان وارن کانسواءِ ٻيو ڪوبه داخل نه ٿيندو، ۽ الله تعالىٰ هن دين جي مدد ڪنهن فاجر شخص هٿان به ڪندو آهي." اها حديث شريف صحيح بخاري توڙي ٻين ڪتابن ۾ موجود آهي، ان جو وڌيڪ ذڪر اڳتي به ڪيو ويندو.

Marfat.com

مٿين احوال مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي واتان اها حديث هن سال "قُرمان" جي موت واري موقعي تي بيان ڪئي ويئي.

* هن سال "غَزْوَه خَيْبَر" جي ئي موقعي تي جڏهن صحابي سڳورن کي بک محسوس ٿي، تڏهن پن پکرين کي سبر وجهي انهن جو گوشت (پچائي) سڄي لشکر کي کارايو ويو. سورهن سؤ ماڻهن جي لشکر مان کو هڪ به اهڙو نہ بچيو، جنهن پيٽ پري نہ کاڌو هجي. اهو به پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي.

* هن سال "خَيْبَر" جي فتح کانپوءِ نبي سڳوري ﷺ جن اتان هٿ آيل مال، زمينون ۽ باغ صحابي سڳورن ۾ ورهايا. جنهن کانپوءِ اهي زمينون ۽ باغ پاڻ ڪريم ﷺ جن اتان جي يهودين کي هاربي تي ڏياريا تہ هو اتي پوک ڪن ۽ پوءِ فصل لهڻ وقت پيدا ٿيل اناج ۽ ميوي مان اڌ حصو پنهنجي لاءِ رکن. وري اهو به فرمايائون تہ اهو ڪم ايستائين اوهان جي حوالي هوندو جيستائين رب پاڪ چاهيو.

* هن ئي سال "غَزْوَه خَيْبَر" واري زماني ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن هٿان هڪ ٻيو معجزو به ظاهر ٿيو. اهو هن ريت هو جو هڪ حبشي غلام جيڪو يهودين جون ٻڪريون چاريندو هو، پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هٿ تي اچي اسلام قبول ڪيائين. سندس نالو "اَسْلَم" ٻڌايو ويو آهي ۽ ان نالي جو اثر سندس شخصيت تي به نمايان هو. مسلمان ٿيڻ کانپوءِ هڪ دفعي "اسلم" عرض ڪيو: "اي الله جا رسول ﷺ ! مون وٽ جيڪا ٻڪرين جي ڪير آهي، اها سندن مالڪن جي امانت آهي ۽ اها منهنجي ذميواري آهي تہ اها امانت انهن مالڪن تائين پهچايان. امام المرسلين ﷺ کيس جواب ۾ فرمايو: "ان ڪير کي لشکر مان ڪڍي الله جو نالو وٺي سندن مالڪن ڏانهن اماڻي ڇڏ. پوءِ الله تعاليٰ هر مالڪ تائين سندس امانت پهچائي ڇڏيندو." پوءِ ان غلام پنهنجي پيغمبر ﷺ جو حڪم مڃيندي ائين ئي ڪيو. بس پوءِ هر ٻڪري ڏنار جي بغير پنهنجي پنهنجي مالڪ کي وڃي ملي. اهڙيءَ ريت رب پاڪ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي برڪت سان ان غلام کي امانت جي بار کان آجو ڪيو.

ان واقعي کانپوءِ اهو ساڳيو غلام هٿيار کڻي اچي خيبر جي ميدان ۾ پهتو ۽ دشمن جي صفن ۾ داخل ٿي ساڻن مقابلو ڪيائين، تان جو شهادت ماڻيائين. سندس شان ۾ رسول عربي ﷺ جن فرمايو تہ "مون سندس مٿن کان به سهٽين اکين وارين حورن کي ڏٺو."

حافظ ابن ڪثير پنهنجي تاريخ "البدايہ والنهايہ" ۾ لکيو آهي تہ "هن ڪاري غلام شهادت جو مرتبو ماڻيو، جڏهن تہ الله تعاليٰ آڏو هڪ دفعو به ڪيس ڪنڌ جهڪائڻ (نماز پڑهڻ) جو موقعو نہ ملي سگهيو."

* هن سال غَزْوَه خَيْبَر ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان هڪ ٻيو معجزو ان وقت ظاهر ٿيو، جڏهن حضرت عَلِي بِن اَبُوطَالِب رضي الله تعاليٰ عنہ جن جون اکيون اُٿي پيون. پوءِ اها تڪليف ايتري تہ وڌي ويئي جو هو سرور ڪائنات ﷺ جن جي ڪچهريءَ ۾ به نہ پئي اچي سگهيا. پاڻ ڪريم ﷺ جن

Marfat.com

جڏهن حضرت علي رضہ کي ڪنهن ماڻهوءَ هٿ، اڇڙ لاءِ چوايو، تڏهن، ٻن ماڻهن جي ٽيڪ تي مَس اچي پهتا، پر ان وقت سندن ٻئي اکيون سوڄ سببان بند هيون. اهو ڏسي خدا جي سچي رسول ﷺ جن پنهنجو هٿ مبارڪ سندن اکين مٿان ڦيرايو ۽ انهن تي لب مبارڪ ٻ لڳايائون تہ دعا ٻ گهريائون. بس پوءِ تہ اوڏيءَ مهل ئي سندن اکيون اکين جهڙيون ٽي پيون. جنهن ڪانپوءِ حضرت علي رضہ جي هٿن ۾ اسلامي لشڪر جو جهنڊو ڏنائون، جنهن جو احوال اڳتي اچي رهيو آهي.

حضرت علي رضہ کي ان ڪانپوءِ سڄي عمر نہ ڪا اکين جي تڪليف ٽي ۽ نہ ئي وري کين مٿي ۾ سور پيو.

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن خيبر جي شهر ۾ داخل ٽيا تڏهن ڏٺائون تہ اتان جا رهاڪو پنهنجون ڪوڏريون ۽ تغاريون ڪٽي پنهنجي ڪمن تي وڃي رهيا هئا. ان موقعي تي الله جي رسول ﷺ جن فرمايو تہ "الله اڪبر، خيبر برباد ٽيو، اسان جڏهن ڪنهن قوم جي آٽڻ تي ايندا آهيون تہ انهن لاءِ اهو ڏينهن ڏکيو هوندو آهي، جن کي چتاءُ ڏنو ويو هجي. (۱)

* هن سال "غزوه خيبر" جي موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ "سپاڻي اسان اسلامي جهنڊو ان شخص جي حوالي ڪنداسون جيڪو الله ۽ ان جي رسول (ﷺ) سان محبت ڪندڙ هوندو ۽ الله ۽ ان جو رسول (ﷺ) ان سان محبت ڪندڙ هوندا." سمورن صحابي سڳورن اها رات انتظار ڪندي گذاري. هرهڪ کي اندر ۾ اها آس هئي تہ اهو جهنڊو ڪيس ملي. نيٺ جڏهن ڏينهن ٽيو تہ اهو جهنڊو علي رضہ کي هٿن ۾ ڏيندي مٿي مرسل ﷺ جن ڪيس فرمايو: "اي علي! هتان جي رهاڪن سان وڙهڻ ۾ تکڙ نہ ڪجانءِ، پهريان سندن آڏو دين جي دعوت ۽ الله جي حقن جي ڄاڻ ڪجانءِ. پوءِ رب سائين هڪ ماڻهوءَ کي ٻ تنهنجي هٿان هدايت تي هلايو تہ تنهنجي لاءِ اهو ڳاڙهن اٺن کان ٻ پلو آهي." جيئن صحيح بخاري ۽ ٻين حديث جي ڪتابن ۾ نقل ڪيو ويو آهي.

هڪ ٻي روايت جا لفظ هن ريت آهن: "اهو تنهنجي لاءِ انهن سڀني کان پلو آهي جن جي مٿان سج ايري ۽ لهي ٿو."

هڪ روايت ۾ وري ائين ٻ اچي ٿو تہ "اهو تنهنجي لاءِ ان کان ٻ پلو آهي، جو هن اوپر ۽ اولهہ جي وچ ۾ موجود سمورن ڪافرن کي قتل ڪرين."

* هن سال "غَزْوَه خَيْبَر" جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ رسول رحمت ﷺ جن "صفيہ بنت حُيَيّ" سان نڪاح ڪيو، جنهن جو ذڪر مٿي تفصيل سان ٽي چڪو آهي.

حضرت صَفِيَّہ رضہ اڳ ۾ ٻ ۾ خيبر جي سردار جي نياڻي هئي، جنهن جو نسب سيدنا موسيٰ عليہ السلام جي ڀاءُ هَارُوْن عليہ السلام سان ملي ٿو. سندس ڏاڏنگ ۾ هڪ سؤ نبي ۽ هڪ سؤ حاڪم ٽي گذريا هئا، پر پوءِ الله تعالىٰ کيس پنهنجي رسول ﷺ جي پاڻهي بڻايو، جنهن کيس آزاد

---

(۱) اها نبي ڪريم ﷺ جن جي خيبر وارن جي لاءِ پيشنگوئي هئي، جنهن ڪانپوءِ سندن گهرٻار، ڪوٽ قلعا سڀ برباد ٽي ويا. خيبر تي مسلمان قابض ٽيا ۽ يهودين کي هميشہ جي لاءِ پنهنجو هي مضبوط ڳڙهہ ڇڏڻو پيو ۽ پوءِ اهي وڏي عرصي تائين دنيا جي مختلف علائقن ۾ دربدر ٽيندا رهيا.

Marfat.com

کري پوءِ ساڻس نکاح کيو. جيئن متي بيان کيو ويو آهي.

* هن سال ئي "غَزْوَه خَيْبَر" ۾ ام المؤمنين صَفِيَّہ رضہ جو اڳيون گهروارو کنانہ بن ربيع بن اَبُوالْحُقَيْق کفر جي حالت ۾ قتل ٿي ويو.

* هن سال نبي کريم صلی‌الله‌عليه‌وسلم جن جي خيبر اچڻ کان اڳ حضرت صَفِيَّہ رضہ هڪ رات خواب ۾ لڏو تہ آسمان مان سج ءِ پي روايت موجب وري سج جي بدران چند ڇاڻايو ويو آهي، سندس جهول ۾ جُهلي پيو آهي. اهو خواب حضرت صَفِيَّہ رضہ جڏهن پنهنجي گهر واري "کنانہ" کي ٻڌايو تڏهن هن کيس چيو: "تون شايد ان بادشاهہ جي خواهش رکين ٿي جيکو حجاز جي سرزمين کان اسان ڏانهن اڃي رهيو آهي." ءِ پوءِ حضرت صَفِيَّہ رضہ جي منهن تي اهڙي تہ چماٽ وهائي کڏيائين جو سندس اک تي نير جمي ويو. پر هن بيبي سائنڊ جا پاڳ پلا هئا جو جلد ئي کنانہ قتل ٿي ويو ءِ هوءَ قيد ٿي آئي، جنهن کري کيس دين جي دولت ۽ ملي تہ نبي انور صلی‌الله‌عليه‌وسلم سان نکاح جو شرف ۽ حاصل ٿيس.

* هن سال "غَزْوَه خَيْبَر" ۾ يهودين جي لشکر مان سندن ۽ جنگي جوڌا قتل ٿي ويا، جن مان هڪ "مَرْحَب" ءِ ٻيو سندس ڀاءُ "حَارِثِ" هو. انهن کانسواءِ عامر ءِ ياسر نالي سندن ۽ ٻيا سردار پڻ قتل کيا ويا. انهن مان پهريان ٿي تہ حضرت علي بن ابي طَالِب رضہ هٿان قتل ٿيا. جڏهن تہ چوٿين جو قتل وري حضرت زُبَيْر بن عَوَّام رضہ هٿان ٿيو. هڪ ٻي روايت ۾ وري ٻڌايو ويو آهي تہ چوٿين کي ۽ سيدنا علي کرم الله وجهہ ئي قتل کيو ءِ مَرْحَب وري محمد بن مُسْلَمَہ هٿان مارجي ويو. پر پهرين روايت ئي صحيح آهي، جيکا "صحيح مسلم" ۾ موجود آهي تہ مرحب کي حضرت عليءَ رضہ ئي قتل کيو.

* مَرْحَب ميدان ۾ هيٺيون شعر پڙهندي سيدنا علي رضہ کي للکاريو هو:

قَدْ عَلِمَتْ خَيْبَرُ اَنِّيْ مَرْحَبْ

خيبر وارن کي ڄاڻ آهي تہ مان مرحب آهيان.

شَاكِي السَّلَاحِ بَطَلٌ مُجَرَّبْ

هٿيارن سان سينگاريل ءِ (جنگ ۾) آزمايل جوڌو.

اِذَا الْحُرُوْبُ اَقْبَلَتْ تَلَهَّبْ

جڏهن جنگين جي باه ڀڙڪي ٻئي.

سيدنا علي رضہ ۽ کيس هن ريت جواب ڏيندي للکاريو:

اَنَا الَّذِيْ سَمَّتْنِيْ اُمِّيْ حَيْدَرَہْ

آءٌ اهو آهيان جو منهنجو حيدر نالو منهنجي امڙ رکيو آهي.

Marfat.com

كَلَيْثِ غَابَاتِ، كَرِيْهُ الْمَنْظَرَهْ

جهنگلي شينهن مثل مونکي ڏسڻ وارا ڏجي ويندا آهن.

اَكِيْلُهُمْ بِالسَّيْفِ كَيْلَ السَّنْدَرَهْ

تلوار جي ماڻ سان کين جلدي پوري ماپ ڪري ڏيندس.

سَنْدَرَة لفظ جي معنيٰ هن جاءِ تي "جلدي" آهي، يعني آءٌ توکي جلدي قتل ڪندس (ءِ واقعي عليءَ جي هڪ وار سان مَرْحَب جو ڪم پورو ٿي ويو).

* غزوه خيبر جي ئي موقعي تي جڏهن جتي ويڙهه هلي رهي هئي، تڏهن پڻ جهان جي سردار سڳوري ﷺ فرمايو: "هاڻي تنور تتو آهي." اهو جملو پاڻ ڪريمن ﷺ جي واتان نڪتل جامع جملن مان هڪ آهي. هن موقعي تي تنور لاءِ عربي لفظ "وَطِيْسُ" استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو فعيل جي وزن تي آهي. (تنور تپڻ مان مراد آهي ته هاڻي جنگ زور وٺي ويئي آهي).

* هن سال جو ئي واقعو آهي، جڏهن غَالِب بن عَبْدُالله لَيْثِي رضه جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ سَرِيَّه بَنُو عوال ۽ بنو عبد بن ثعلبه وارن ڏانهن اماڻيو ويو، جيڪي "مِيْفَعَه" ۾ رهندا هئا. ان موقعي تي حضرت اُسَامَه بن زَيْد رضه هڪ اهڙي شخص کي قتل ڪري ڇڏيو، جنهن زبان سان "لَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللهُ" جو اقرار ڪيو هو. ان شخص جو نالو مرداس بن نهيک ٻڌايو ويو آهي، سندس تعلق "ضمره" يا هڪ قول مطابق "سَلُمِي" قبيلي سان هو. مديني موٽڻ ڪانپوءِ رسول انور ﷺ جن ان باري ۾ پڇا ڪندي فرمايو: "اي اُسَامَه ان "لَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللهُ" جو جواب ڪير ڏيندو؟" اُسَامَه رضه وراڻيو: "اي الله جا رسول ﷺ! هن موت کان بچڻ لاءِ ڪلمو پڙهيو هو." ان تي سرور ڪائنات ﷺ جن فرمايو: "ڇا تو هن جي دل کي چيري ڏٺو هو؟. اهو ٻڌي اسامه چوڻ لڳو: "هاڻي آءٌ ڪڏهن به ڪنهن اهڙي شخص کي قتل نه ڪندس، جيڪو "لَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللهُ" جي شاهدي ڏيندو."

اهو واقعو مغازي جي ماهرن ان ريت ئي نقل ڪيو آهي، جڏهن ته صحيح بخاريءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهو واقعو ان "سَرِيَّه" ۾ پيش آيو هو، جيڪو حضرت اُسَامَه رضه جي ئي اڳواڻيءَ ۾ سن اٺين هجري دوران "جُهَيْنَه" ڏانهن اماڻيو ويو هو.

ڪن راوين جو خيال آهي ته اهو قول صحيح آهي ۽ ان کي ئي ترجيح ڏيڻ گهرجي.

* هن سال جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ خيبر کان موٽندي "صَهْبَاء" نالي ماڳ وٽ پهتا تڏهن اتي، حضرت عَلِي بِن اَبُوطَالِب رضه لاءِ سج کي موٽائڻ وارو واقعو پيش آيو.

اهو هن ريت ٿيو جو سرور عالم ﷺ جن ٽپهريءَ جي نماز ادا ڪرڻ کانپوءِ حضرت علي سائين جي هنج ۾ پنهنجو مٿو مبارڪ رکي ليٽي پيا ته اتي ئي پاڻ ڪريم ﷺ جن مٿان وحي نازل ٿي. حضرت علي رضه جيتوڻيڪ ان وقت تائين ٽپهريءَ جي نماز نه پڙهي سگهيا هئا، پر خدا جي نبي ﷺ ۽ ان تي نازل ٿيندڙ وحي جي ادب سببان هو اها خبر پاڻ ڪريم ﷺ جن کي به نه ٻڌائي سگهيا تانجو سج لهي ويو. ان کانپوءِ جڏهن اها خبر پاڻ ڪريم ﷺ جن کي پيئي تڏهن هن ريت دعا

Marfat.com

گهريائون: "اي اسان جا سائين! جيئن تہ علي رضہ تنهنجي ۽ تنهنجي رسول ﷺ جي فرمانبرداريءَ ۾ هيو انڪري سندس لاءِ سج کي موٽاءِ!" ان وقت سج لهڻ کانپوءِ وري اپريو ۽ انجي روشني پهاڙن توڙي ٻوٽن تي نظر اچڻ لڳي، جنهن کانپوءِ حضرت علي رضہ ٽپهريءَ جي نماز ادا ڪئي. ان واقعي کي نبي انور ﷺ جن جو معجزو ۽ حضرت علي سائين رضہ جي ڪرامت سڏيو وڃي ٿو.

مٿين حديث کي محدثن وٽ "صحيح" کان وٽ "حسن" تہ کن جي نظر ۾ وري "ضعيف" آهي. ۽ صحيح ڳالهہ اها آهي تہ هن حديث کي نہ صحيح چاتو وڃي نہ ضعيف پر اها حديث "حسن" آهي.

هن سال "خَيْبَر" کان موٽ تي نبي ڪريم ﷺ کي "لَيْلَةُ التَّعْرِيْس" وارو حادثو پيش آيو، اهو هن ريت ٿيو جو پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن سان گڏ جڏهن رستي ۾ هڪ جاءِ تي منزل ڪئي تہ ان وقت رات جو پوين پهر هو، جنهن ڪري کين اهڙي تہ ننڊ وٺي ويئي جو صبح جو سج ٻہ اڇي ڪني ڪڍي ۽ فجر جي نماز جو وقت گذري ويو. ان کانپوءِ سج جڏهن مٿي چڙهيو تڏهن فجر جي نماز، اذان ۽ اقامت سان ادا ڪئي ويئي، جنهن ۾ آواز سان قراءت ٻہ ڪيائون.

مٿين واقعي بابت ڪن روايتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو حُدَيْبِيَہ ڪان موٽ تي يا وري تبوڪ کان واپسيءَ وقت پيش آيو پر پهرين روايت ترجيح جوڳي آهي ۽ عَلَامَہ سُهَيْلِيءَ ٻہ پنهنجي ڪتاب "روض الانف" ۾ ان کي وڌيڪ صحيح قرار ڏنو آهي.

* هن سال خَيْبَر کان واپسيءَ وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مديني جي ويجهو پهتا ۽ سندن نظر مبارڪ جبل اُحد تي پيئي تڏهن فرمايائون: "هي جبل اسان سان محبت ڪري ٿو ۽ اسان ان سان، اي الله! مان مديني جي ٻنهي پاسن جي وچ واري علائقي کي ائين حرم بٽايان ٿو جيئن سيدنا ابراهيم عليہ السلام مڪي کي حرم بٽايو."

* هن سال غزوہ خيبر واري زماني ۾ حضرت اَبُوهُرَيْرَہ رضہ پنهنجي قبيلي بنو دوس جي ماڻهن سان گڏ نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ ان موقعي تي هو پاڻ ٻہ مسلمان ٿيو تہ ساٺس گڏ آيل چار سؤ ماڻهن ٻہ اسلام قبول ڪيو.

* هن ئي سال غزوہ خيبر وارن ڏينهن ۾ حضرت اَبُوهُرَيْرَہ رضہ سان گڏ ابو نجيد عمران بن حصين خزاعي ڪعبي بصري ٻہ مسلمان ٿيو ۽ اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ هن سيني لڙاين ۾ بهرو ورتو.

"غزوہ ذات الرقاع جا واقعا" (۱)

* هن سال جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن غزوہ "ذَاتُ الرِّقَاع" لاءِ اُسهي رهيا هئا، تڏهن هڪ

---

(۱) غزوہ "ذات الرقاع" جا واقعات هيٺين ڪتابن مان نقل ڪيا ويا آهن.

صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ۲ ص ۳۵. صحيح مسلم "ڪتاب الجهاد والسير" ج ۵ ص ۲۰۰، "المغازي واقدي" ج ۱ ص ۳۹۵. الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۴۶. الروض الانف "سهيلي" ج ۲ ص ۲۵۳. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۲ ص ۲۵۰، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۱۸۴. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۲ ص ۳۶۹، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۷۹. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۱۷۵. شرح علىٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۲ ص ۸۶. "الخصائص الڪبريٰ" "سيوطي" ج ۱ ص ۲۷۰. سيرة ابن هشام ص ۶۱۴ ـ ۶۱۸.

Marfat.com

اهڙي ٻار کي سندس ماءُ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ ڪٽي آئي، جيڪو "چربائپ" جي مرض ۾ مبتلا هو. مائيءَ جي شڪايت ٻڌي خدا جي سچي رسول ﷺ جن ان ٻار لاءِ دعا ڪئي ۽ لب مبارڪ به لڳائي، جنهن ڪانپوءِ اهو ٻار گهڙيءَ ۾ چڱو ڀلو ٿي پيو. اهو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو معجزو آهي.

* هن سال "غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع" واري زماني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان هڪ ٻيو معجزو وري ان وقت ظاهر ٿيو، جڏهن عَلَيْه بِن زَيْد حَارِثِي رضه ات پڪيءَ جا ٿي آنا نبي سڳوري ﷺ جن جي خدمت ۾ ڪٽي آيو. ان موقعي تي رسول انور ﷺ جن صحابي سڳورن کي حڪم ڏنو ته اهي آنا ٻچي ٻيالي ۾ وڌا وڃن. ان ڪانپوءِ اتي موجود صحابين ان ٻيالي منجهان ڪائڻ شروع ڪيو، تانجو سمورا صحابي ڪائي ٻينا، جن جو تعداد ست سؤ يا ات سؤ ٻڌايو وڃي ٿو ته ٻيالو اوتروئي ٻربل رهيو.

* هن سال غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع جي ئي موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ هٿان هڪ ٻيو معجزو ان وقت به ڏسڻ ۾ آيو، جڏهن نبي انور ﷺ جن جهنگ جي خيال سان ان وادي۽ ۾ نڪتا، پر اتي ڪابه اهڙي اوٽ نظر نه آئي، جتي ضرورت پوري ڪري سگهجي، تانجو وادي۽ جي وٽ سان ڪين به وڻ نظر آيا. خاتم الانبياء ﷺ جن انهن وٽن کي اشارو ڪيو ته اهي وڻ پنهنجي جاءِ ڇڏي وٽن آيا ۽ پنهنجون ٽاريون زمين ڏانهن جهڪائي اوٽ ڪري ٻينا ۽ پوءِ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ جن واندا ٿيا، تڏهن اهي وڻ پنهنجي اصلوڪن ماڳن تي موٽيا ۽ ائين وڃي پنهنجي پاڙن تي سڌا ٿي ٻينا، جيئن اڳ ٻينل هئا.

* هن سال "غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع" جي موقعي تي سرور ڪائنات ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ان وقت به ظاهر ٿيو، جڏهن لشڪر جو پاڻي کپي ويو ۽ وٽن ايترو پاڻي نه بچيو جو هو وضو ڪري سگهن. هڪ هنڌ ڪو پاڻيءَ ڏڪ بچيل هو، پوءِ ان کي هڪ ٽالهه ۾ وڌو ويو، جنهن ڪانپوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن پنهنجي هٿ مبارڪ جون آڱريون ان پاڻيءَ ۾ وڌيون ته سندن ﷺ مبارڪ آڱرين جي وچان پاڻي بڙڪي نڪرڻ لڳو، پوءِ ان پاڻيءَ مان سيني وضو به ڪيو ته پنهنجي اڄ به اجهائي.

* هن سال "غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع" جي ئي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان هڪ ٻيو به معجزو ظاهر ٿيو. اهو واقعو هن ريت آهي ته صحابي سڳورن کي جڏهن بُک ستايو ته هنن اها ڳالهه سرور عالم ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪئي، جنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "الله تعاليٰ جلدي اوهان جي ڪاڏي جو بندوبست ڪندو." ان ڪانپوءِ صحابي سڳورا سمنڊ جي ڪناري سان پئي ويا ته سمنڊ هڪ وڏي مڇيءَ کي باهر اڇلايو.

اها مڇي ايتري ته وڏي هئي جو پنج ماڻهو ان مڇيءَ جي اک جي ڪوبي ۾ ويهي پئي سگهيا. ان ڪانپوءِ مڇيءَ جي هڪ پاسري کي ڪمان وانگر بيهاريو ويو ۽ لشڪر ۾ موجود اُٺن مان سڀ کان ڏگهو اُٺ آندو ويو، جنهن تي سڀ کان ڏگهي ماڻهوءَ کي سوار ڪيو ويو ۽ پوءِ اهو جڏهن ان پاسريءَ جي هيٺان لنگهيو ته به اها پاسري ان ماڻهوءَ کان مٿي بيٺي رهي.

Marfat.com

هي مڇيءَ جو واقعو ان واقعي کان الڳ آهي، جنهن جو ذڪر هن ڪتاب جي "سَرَايَا" واري باب ۾ سن اٺين هجريءَ دوران سَرِيَّةُ الْخَبَط جي موقعي تي ڪيو ويو آهي.

* هن سال "غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع" جي ئي موقعي تي صحابي سڳورا ڪنهن پڪيءَ جو ٻچو قاسائي آيا، جنهن تي اهو پڪي دانهن ڪٽي نبي ڪريم ﷺ جن وٽ آيو ۽ پوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ اهو ٻچڙو صحابين هٿان آزاد ڪرائيندي فرمايو ته "الله تعاليٰ جل جلاله جيڪو اوهان جو رب آهي، اهو اوهان جي مٿان ان کان وڌيڪ مهربان آهي، جيترو هي پڪي پنهنجي ٻچڙي تي مهربان آهي.

* هن سال غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع واري زماني ۾ رات جو نبي اڪرم ﷺ جن مٿان پهري ڏيڻ لاءِ حضرت عَبَّاد بن بِشْر رضه ۽ عَمَّار بِن يَاسِر رضه کي بيهاريو ويو. انهن ٻنهي ڇٽن پنهنجي ڏيوٽي ان ريت ورهائي ته رات جي پهرين اڌ ۾ عَبَّاد پهرو ڏيندو ۽ پوئين اڌ ۾ ياسر. پوءِ رات جي پهرين حصي ۾ جڏهن عباد ڏيوٽيءَ تي هو، تڏهن کنهن مهل کيس تهجد پڙهڻ جو خيال آيو، پوءِ هن تهجد جي نماز ۾ "سوره کهف" پڙهڻ شروع ڪئي ۽ عَمَّار ستو رهيو. ان دوران دشمن جي لشکر منجهان کنهن مشرڪ "عَبَّاد رضه" کي تير هنيو، جنهن ڪري سندس رت وهڻ شروع ٿيو. ان ڪانپوءِ مٿس ٻه تير ٻيا ٻه وسايا ويا پر هن نماز نه ڇڏي، جيتوڻيڪ سندس رت وهندو رهيو پر هن رڪوع ۽ سجدا ادا ڪري نماز پوري ڪئي ۽ ان ڪانپوءِ "عمار رضه" کي هوشيار ڪيائين، عمار جاڳڻ ڪانپوءِ عباد رضه کي چيو: "تو مُونکي ان وقت ڇونه جاڳايو جڏهن ڪافرن طرفان پهريون تير آيو؟"

عَبَّاد وراڻيو: "مان نماز ۾ "سوره کهف" پڙهي رهيو هوس، ان ڪري منهنجي دل نه ڪڍيو ته اهو سلسلو ٽوڙيان."

* هن سال جڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن "غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع" ڪانپوءِ موٽي رهيا هئا، تڏهن غورث بن حارث نالي ڪافر پاڻ ڪريم ﷺ جن مٿان اوچتي حملي ڪرڻ جي ارادي سان نڪتو. اسلامي لشکر ان وقت جنهن وادي ۾ لٽل هو اتي تمام گهٽا ڪنديءَ جا وڻ هئا، گهٽي گرمي هئڻ سببان هرهڪ صحابي سڳورو وڃي ڪنهن وڻ هيٺان ليٽيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن به هڪ گهاٽي وڻ جي ڇانوري ۾ آرامي هئا ته اتي "غَوْرَث" پهتو ۽ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ مٿان ترار ڪڍي ٻيٺو ۽ چوڻ لڳو: "اڄ مونکان توکي ڪير بچائيندو؟"

خدا جي سچي رسول ﷺ جن جواب ڏنو: "مونکي الله بچائيندو." ان وقت جبريل عليه السلام آيو ۽ غَوْرَث کي سيني جي اهڙي مڪ هنيائين جو سندس هٿ مان ترار ڇڏائجي ويئي ۽ حضور انور ﷺ جن جي هٿ آئي. پوءِ اها تلوار غَوْرَث جي مٿان جهلي فرمايائون: "هاڻي توکي مون کان ڪير بچائيندو." اهو ٻڌي غَوْرَث جون وايون بتال ٿي ويون. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجي قدرت سان پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي حفاظت فرمائي.

ان ڪانپوءِ غَوْرَث وراڻيو: "خدا جو قسم! اڄ ڪانپوءِ نه مان پاڻ اوهان سان مقابلو ڪندس ۽ نه ڪنهن بي مقابلي ڪرڻ واري سان گڏ هوندس." پاڻ ڪريم ﷺ جن اهڙي وچن ونڻ ڪانپوءِ "غَوْرَث" کي ڇڏي ڏنو.

Marfat.com

غَوْرَث جو اُچار "جَعْفَر" جي وزن ٽيندو يعني "غ" تي زبر ڏني ويندي پر کي وري "غ" تي پيش بہ ڏيندا آهن، باقي ان ڳالهہ ۾ راوين جو اختلاف آهي تہ ان واقعي کانپوءِ غورث مسلمان ٿيو يا نہ؟. "تجريد" ۾ حافظ ذَهبي کيس صحابي ڄاڻايو آهي، کجهہ محدث ۽ سيرت نگار وري سندس نالو غورث جي بدران دعثور بن حارث ٻڌائين ٿا، جنهن جي حقيقت رب ٿو ڄاڻي.

"روضة الاحباب" ۾ سيد جمال الدين بخاري بيان کري ٿو تہ "غورث" **اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰـهَ اِلَّا اللهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ** (ﷺ) جو اقرار کيو ۽ مسلمان ٿيو. ان کانپوءِ ئي نبي انور ﷺ جن طرفان کيس معافي ملي. مسلمان ٿيڻ بعد هو پنهنجي قوم وارن ڏانهن موٽي ويو ۽ کين دين جي دعوت پهچايائين.

هوڏانهن وري "ارشاد الساري" ۾ "قسطلاني" ڄاڻايو آهي تہ کيترن ئي ماڻهن کي غَوْرَث جي وسيلي هدايت نصيب ٿي.

* هن سال غورث ۽ سندس قوم جي باري ۾ خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل کئي ويئي:

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللهِ عَلَيْكُمْ اِذْ هَمَّ قَوْمٌ اَنْ يَّبْسُطُوْٓا اِلَيْكُمْ اَيْدِيَهُمْ فَكَفَّ اَيْدِيَهُمْ عَنْكُمْ. (١)

"اي ايمان وارؤ! الله جو اهو ٿورو ياد کريو جيکو اوهان تي ٿيو. جڏهن هڪ قوم اوهان متان هٿ کڻڻ جو ارادو کيو پر الله سندس هٿ روکي ڇڏيو."

* هن سال غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع کان کجهہ ڏينهن اڳ حضرت جابر بن عبدالله رضہ جي شادي سهيلہ رضہ بنت مَسْعُوْد اَنْصَارِيءَ سان ٿي. حضرت جَابِر رضہ اڃان گهوٽ ئي ٻڌيو ٻيٺو هو تہ نبي انور ﷺ طرفان جهاد لاءِ هلڻ جو سڏ ٿيو. جَابِر رضہ بہ اوڏيءَ مهل ئي اچي پاڻ کريم ﷺ سان گڏجي غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع لاءِ هليو. موٽ تي مني مرسل ﷺ جن کانئس پڇيو تہ تنهنجي وني کنواري آهي يا رنڊ؟ جابر جواب ڏنو: "رنڊ". جنهن تي پاڻ کريم ﷺ جن فرمايو: "جيکڏهن هوءَ کنواري هجي ها تہ توهان هڪ ٻئي کي وڏيڪ وندرايو ها." (حديث)

* هن سال سرور عالم ﷺ جن جڏهن "غَزْوَه ذَاتُ الرِّقَاع" کان مديني موٽي رهيا هئا تہ رستي ۾ سندن هٿان هڪ معجزو ظاهر ٿيو. اهو هن ريت جو حضرت جَابِر رضہ جنهن ان تي سوار هو اهو ڏاڍو ڏڀرو هو، جيکو هلڻ ۾ ٻين اڻن سان پڄي نہ ٻئي سگهيو، انکري جَابِر رضہ ٻين کان پٺتي رهجي ٻئي ويو. اهو ڏسي پاڻ کريم ﷺ جن پنهنجو چهبڪ کڌي ان کي هنيو ۽ زبان مبارڪ سان دعا بہ کيائون. پوءِ ان جي برڪت سان ان ايترو تہ طاقتور ۽ تڪڙو ٿي پيو جو لشکر جي سمورن اڻن کان اڳ ڪٽي ويو.

* هن ئي سال مٽين موقعي تي جڏهن جَابِر رضہ جو ان پاڻ کريم ﷺ جن جي معجزي سان تيز ٻئي ٻڌو، تڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جَابِر رضہ سان چاليهن درهمن تي ان ان جو سودو کري ڇڏيو

---

(١) سورة "المائده" آيت ١١ پاره ٦.

Marfat.com

۽ اها رقم مديني پهچڻ سان ادا ڪرڻ جو وعدو ڪيو ويو.

مديني پهچڻ ڪانپوءِ (ان اڻ جي) قيمت ادا ڪرڻ وقت پاڻ سڳورن ﷺ بلال رضہ کي فرمايو: "اهي درهم توري ڏيو ۽ اڻل سان توريو."

پوءِ حضرت جَابِر رضہ کي جڏهن اصل قيمت کان بہ وڌيڪ رقم ادا ڪئي ويئي، تڏهن جَابِر کي مهرباني‌ءَ طور اڻ بہ موڻائي ڏنائون ۽ فرمايائون: "پنهنجو ڪنواڻ بہ ڪڻ تہ قيمت بہ." ڪن راوين جو خيال آهي تہ مٿيان چارئي واقعا يعنيٰ جَابِر جي سهيلہ سان شادي، نبي ڪريم ﷺ جن جي اڻ خريد ڪرڻ جو واقعو، اڻ جي قيمت وڌائي ڏيڻ ۽ قيمت سان گڏ اڻ بہ واپس ڪرڻ غزوہ تبوڪ کان موڻ تي پيش آيا ۽ ڪن جو وري چوڻ آهي تہ فتح مڪ کان موڻ تي اهي واقعا پيش آيا.

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن غَزْوَہ ذَاتُ الرِّقَاع کان موڻندي جڏهن "صِرَار" نالي ڳوٺ وڻ پهتا، جيڪو مديني کان ٽي ميل اوري آهي، تہ اتي هن "غَزْوَہ" ۾ سويارين ٽيڻ جي خوشيءَ ۾ هڪ ڳئون جي قرباني ڏيئي هن نعمت تي پنهنجي پالڻهار جو شڪر بجا آندائون ۽ اتي هڪ ڏينهن رهڻ کانپوءِ پنهنجي صحابي سڳورن سان گڏجي مديني موٽيا.

نبي ڪريم ﷺ جن جي خواب جي تعبير

* هن سال خدا تعالیٰ پنهنجي پياري پيغمبر جو اهو خواب سچو ڪري ڏيکاريو جنهن جو هن آيت ۾ اظهار ڪيو ويو هو.

لَقَدْ صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوْلَهُ الرُّءْيَا بِالْحَقِّ لَتَدْخُلُنَّ الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ مُحَلِّقِيْنَ رُءُوْسَكُمْ وَمُقَصِّرِيْنَ لَا تَخَافُوْنَ. (۱)

"يقيناً الله سچو ڪيو پنهنجي رسول جو خواب تہ اوهان انشاءَ الله ضرور مسجد الحرام ۾ داخل ٿيندا امن سان، پنهنجا مٿا ڪوڙائي توڙي وار ڪترائي ۽ اوهان کي ڪو خوف نہ هوندو."

ان مان مراد آهي "مسجد الحرام" ۾ داخل ٿيڻ جيئن "عُمْرَةُ الْقَضَا" جي موقعي تي ثابت ٿيو.

* هن سال نبي اڪرم ﷺ اها مُندي تيار ڪرائي جنهن سان انهن خطن تي مُهر لڳائي ويئي، جيڪي مختلف حاڪمن ڏانهن اماڻيا ويا. ڪن جو خيال آهي تہ اهو واقعو سن ڇهين هجري جو آهي، جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي. (۲)

* هن سال جمادي الاولیٰ يا ڪن روايتن موجب جمادي الآخرة ۾ چند جي ڏهين تاريخ اڱاري جي رات سج لهڻ ڪان ڇهہ ڪلاڪ پوءِ ڪسريٰ کي قتل ڪيو ويو. هي اهو شخص هو جنهن رسول انور ﷺ جن طرفان موڪليل خط ڦاڙي ڇڏيو هو، جنهن تي نبي سڳوري ﷺ جن ڪيس پاراتو ڏيندي فرمايو هو تہ "الله تعالیٰ شل سندس بہ ساڳيو حال ڪري." خدا تعالیٰ پنهنجي پياري پيغمبر

---

(۱) سورة الفتح آيت ۲۷ پاره ۲۶.

(۲) شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۵ ص ۲۹.

Marfat.com

جي دعا قبول فرمائي ۽ ان جو اثر ائين ظاهر ٿيو جو سندس پٽ "شيرويه" اچي مٿس ڪڙڪيو ۽ تلوار سان سندس پيٽ ڦاڙي کيس پورو ڪيائين.

جنهن رات ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن کي اهو احوال ٻڌايو. اهو پاڻ ﷺ جن جو معجزو آهي. (١)

(١) سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ١٠ ص ٦٧. "الخصائص الكبرىٰ" سيوطي ج ٢ ص ١٨.

Marfat.com

فصل اٺون

هن فصل ۾ سن اٺين هجريءَ دوران پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

خطبي لاءِ مِنْبَرَ جي تياري

* هن سال اسلامي تاريخ ۾ پهريون پيرو هِڪ مِنْبَرَ تيار ڪيو ويو، جنهن سبب ڪجيءَ جو ٽڙ رنو هو. [1] ڪن روايتن ۾ هن مِنْبَرَ جي تيار ٿيڻ جو سال ڇهين ۽ ستين هجري ٻڌايو ويو آهي، جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي، پر مشهور قول اهوئي آهي ته هي مِنْبَرَ هجرت جي اٺين سال تيار ٿيو. ان روايت تي ئي ابن نجار ۽ بين طرفان زور ڏنو ويو آهي. ان مِنْبَرَ بابت وڌيڪ تفصيل هن ئي فصل ۾ انشاءَ الله اڳتي بيان ڪيا ويندا.

حضرت اِبْرَاهِيم رضہ جي جمڙ جا واقعا [2]

* هن سال حضرت مَارِيَہ قِبْطِيَّہ رضہ مان پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي گهر سيدنا ابراهيم رضہ نالي نينگر جائو.

فتح الباري ۾ حافظ ابن حجر چاٽايو آهي ته هن نينگر جي جمڙ بابت ٻڌايل مهيني توڙي سال ۾ ڪوبہ اختلاف نہ آهي، جڏهن ته سندس وفات جي مهيني ۽ سال ۾ راوين جو اختلاف آهي، جنهن جو ذڪر بہ اڳتي ڪيو ويندو.

* هن سال نبي انور صلی الله عليه وسلم جن جي گهر جڏهن اهو نينگر جائو تڏهن مٽس پنهنجي وڏي ڏاڏي سيدنا ابراهيم خليل الله جو نالو رکيائون ۽ ستين ڏينهن تي ٻن دنبن جي قرباني بہ ڪيائون ته ننڍڙي جي جهنڊ لهرائڻ جو حڪم بہ ڏنائون. اها جهنڊ "بياض" قبيلي جي هڪ آزاد ڪيل غلام ابو هَنْد بَيَاضيءَ لاٿي، جنهن ڪانپوءِ سرور ڪائنات صلی الله عليه وسلم جن فرمايو ته "انهن لٽل وارن کي چانديءَ ۾ تور ڪرڻ ڪانپوءِ اها چاندي غربين ۾ ورهائي وجي ۽ پوءِ انهن وارن کي زمين ۾ پوربو وجي."

ڪن عبارتن مان سُڌ پوي ٿي ته نينگر تي نالو بہ ستين ڏينهن ئي رکيو ويو، پر صحيح روايت اهائي آهي ته نالو جمڙ واري رات ئي رکيو ويو، جيئن مسلم شريف ۾ حضرت اَنَس رضہ کان روايت نقل ڪئي ويئي آهي.

---

(١) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ١ ص ٢٣. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ٦٨. روضة الاحباب "جمال الدين بخاري" ج ١ ص ٣٢١.

(٢) حضرت ابراهيم جي جمڙ جا واقعات هيئين ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن.

صحيح بخاري "كتاب الجنائز" ج ١ ص ٢٢٦. صحيح مسلم "كتاب الفضائل" ج ٤ ص ٧٦. فتح الباري "ابن حجر" ج ٣ ص ١٣٥، ارشاد الساري "قسطلاني"، اسد الغابہ "ابن الاثير". ج ١ ص ٣٨، البدايہ والنهايہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٣٧٤. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢١، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ١١٨، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ١ ص ٤٢٨.

Marfat.com

* هن سال حضرت اِبرَاهِيم رضہ کي جنهن دائيءَ ڇٽايو ان جو نالو سلميٰ رضہ ٻڌايو ويو آهي، جيڪا پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان آزاد ڪيل غلام "اَبُو رَافِع رضہ" جي گهر واري هئي.

ٻار جي ڄمڻ کانپوءِ سَلْمِيٰ رضہ اها خبر پنهنجي گهر واري ابورافع رضہ کي ٻڌائي، جنهن وڃي اها خوشخبري پاڻ ڪريمن ﷺ جي دربار ۾ پهچائي ۽ اتان مبارڪيءَ ۾ ڪيس هڪ غلام مليو، پر ان غلام جو نالو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي.

* هن سال حضرت ابراهيم رضہ جي ڄمڻ کانپوءِ حضرت جبرئيل عليہ السلام جڏهن نبي آخر الزمان ﷺ جن جي خدمت ۾ آيو، تڏهن چيائين: **"اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا اَبَا اِبْرَاهِيْم"**.

سَيِّدَه زَيْنَب رضہ جي وفات

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نياڻي سَيِّدَه زَيْنَب رضہ گذاري ويئي، جيڪا رسول اڪرم ﷺ جن جي نياڻين ۾ سڀ کان وڏي هئي. سيده زَيْنَب رضہ نبوت کان ڏهہ ورهيہ اڳ ان وقت ڄائي، جڏهن سرور عالم ﷺ جن جي ڄمار ٽيهہ ورهيہ هئي. هن بيبي سڳوري سن اٺين هجريءَ جي شروعات ۾ ئي وفات ڪئي. (۱)

* هن سال هڪ مشهور قول مطابق جيئن صحيح مسلم ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ سَيِّدَه زَيْنَب رضہ جي وفات کانپوءِ حضرت اُمّ عَطِيَّہ رضہ ۽ ٻيون عورتون جيڪي ميت کي غسل ڏيارڻ رهيون هيون، انهن کي سرور عالم ﷺ جن فرمايو: "ميت کي غسل ڏيو ٽي دفعا، پنج دفعا، ست دفعا يا جيترو وڌيڪ اوهان ڄاهيو، اهڙي پاڻيءَ سان جنهن ۾ ٻير جا پن پيل هجن ۽ پوئين دفعي واري پاڻيءَ ۾ ڪافور بہ ملايو وڃي."

ان کانپوءِ جڏهن اهي عورتون غسل ڏيئي واندیون ٿيون، تڏهن کين پاڻ ڪريم ﷺ جن گوڏ ٻڌڻ لاءِ هڪ ڪپڙو ڏيندي فرمايو تہ اهو ميت کي ڏيکايو وڃي، جڏهن تہ هڪ ٻي روايت مان خبر پوي ٿي تہ اهو واقعو سَيِّدَه اُمّ كُلْثُوْم رضہ جي وفات جو آهي. (۲)

"سَرِيَّہ مُؤْتَہ جا واقعا" (۳)

* هن سال جماديٰ الآخرة جي مهيني ۾ "شام" جي سر زمين تي "سَرِيَّہ مُؤْتَہ" ۾ حضرت زَيْد بن حَارِث كَلْبِي رضہ، حضرت جَعْفَر بن اَبُوطَالِب هَاشِمي رضہ ۽ حضرت عبدالله رضہ بن ابي رَوَاحہ

---

(۱) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۱۶۷ ـ ۱۶۸، سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۳۱.

(۲) صحيح بخاري "كتاب الجنائز" ج ۱ ص ۲۱۸، فتح الباري "ابن حجر" ج ۳ ص ۹۹ ـ ۱۰۰.

(۳) هن باب ۾ "سريہ مؤتہ" جا ڪجهہ واقعات بيان ڪيا ويا آهن، جن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.
صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ۲ ص ۵۸، فتح الباري "ابن حجر" ج ۷ ص ۴۱۲. المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۷۵۵، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۱۵. الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۹۷، البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۴ ص ۲۴۱. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۲ ص ۲۶۷، سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۱۴۴. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۷۰، تاريخ طبري ج ۲ ص ۳۱۸. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۳۸۱،الروض الانف "سُهيلي" ج ۴ ص ۷۸. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۷۷.

Marfat.com

اَنْصَارِيُ خَزْرَجِي شهادت ماڻي. اهڙو ذڪر اڳ سَرَايا واري باب ۾ "سَرِيَّہ مُؤْتَہ" جي احوال ۾ موجود آهي. جڏهن ته حضرت جَعْفَر بِن اَبُوطَالِب رضه جي اسلام قبول ڪرڻ ۽ حبشه ڏانهن هجرت ڪرڻ جو ذڪر سن پنجين نبويءَ جي واقعات ۾ ٿي چڪو آهي.

* هن سال حضرت زَيْد رضه، جَعْفَر رضه ۽ عَبْدُالله رضه ٽيئي ڄڻا جڏهن "مُؤْتَہ" جي ميدان ۾ شهيد ٿيا، تڏهن اها خبر مڪي مرسل صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن پنهنجي صحابي سڳورن کي مديني ۾ ٻڌائي ڇڏي. جڏهن ته "مُؤْتَہ" مديني کان اٺاويهن ڏينهن جي مفاصلي تي آهي، اهو رسول خدا صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن جو هڪ معجزو آهي.

* هن سال حضرت جَعْفَر بن اَبُوطَالِب رضه جنهن "مُؤْتَہ" ۾ شهادت ماڻي، ان جي باري ۾ نبي ڪريم صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن فرمايو ته "مون ڪيس ياقوت جا ٻه پر ڏٺا، جن سان هو جنت ۾ ملائڪن سان گڏجي اڏامي رهيو هو."

* هن سال "سَرِيَّہ مُؤْتَہ" ڪانپوءِ حضرت جَعْفَر رضه جي گهر عورتن جڏهن روڄ پٽڪو شروع ڪيو، تڏهن هڪ شخص اها خبر وڃي، نبي ڪريم صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن تائين پهچائي. اهو ٻڌي پاڻ سڳورن صلي‌الله‌عليه‌وسلم فرمايو: "ڪين منع ڪريو"، جنهن ڪانپوءِ ان شخص ڪين منع ڪئي پر پوءِ ٻه هٿن اهو روڄ پٽڪو بند نه ڪيو. ان تي نبي سائين صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن فرمايو: "سندن وات ۾ مٽي وجهو." اها حديث صحيح بخاري وغيره ۾ نقل ڪئي ويئي آهي.

* هن سال "سَرِيَّہ مُؤْتَہ" ڪانپوءِ پاڻ ڪريم صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن حضرت خالد رضه بن وليد کي "سيف الله" جو لقب عطا فرمايو. ڇو جو مسلمانن کي هن "سريه" ۾ خدا تعاليٰ خالد رضه بن وليد هٿان سوپ عطا ڪئي هئي.

* هن سال حضرت جَعْفَر بِن اَبُوطَالِب رضه کي رسول خدا صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن طرفان "طيار" جو خطاب ڏنو ويو، جنهن "سَرِيَّہ مُؤْتَہ" ۾ شهادت ماڻي.

عَتَّاب رضه بن اَسِيْد جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال "فتح مڪه" واري زماني ۾ "عَتَّاب بن اَسِيْد" مسلمان ٿيو، جنهن ڪانپوءِ سرور ڪائنات صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن کيس نماز ۽ حج لاءِ مڪي ۾ خليفو مقرر ڪيو ۽ هن ئي سال حضرت "عَتَّاب رضه" مسلمانن سان گڏجي حج ادا ڪيو. (۱)

هَجَر جي مَجُوْسِيُن کان "جزيه" جي وصولي

* هن سال پاڻ ڪريم صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن طرفان "هَجَر" جي مجوسين کان "جِزْيَہ" وصول ڪيو ويو. (۲)

حضرت سَوْدَہ رضه بابت فيصلو

* هن سال ام المؤمنين حضرت سَوْدَہ بنت زَمَعَہ رضه کي سندس پيريءَ سبب پاڻ ڪريم صلي‌الله‌عليه‌وسلم

---

(۱) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۳۵۸ ـ ۳۵۹. الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۴۵۱.

(۲) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۱۶.

Marfat.com

جن جڏهن طلاق ڏيڻ جو ارادو فرمايو، تڏهن هوءَ چوڻ لڳي: "اي خدا جا رسول ﷺ! منهنجي خواهش آهي ته مان قيامت جي ڏينهن اوهان جي گهرواري ٿي اٿان، انڪري مونکي طلاق نه ڏيو ۽ مان پنهنجي واري وارو ڏينهن ام المؤمنين سيده عائشه صديقه رضه کي بخشش ڪريان ٿي." جنهن ڪري رسول انور ﷺ جن کيس طلاق ڏيڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ اهو ڏينهن حضرت عائشه رضه جي گهر گذارينڊا هئا. (۱)

كَعْب بن زُهَيْر رضه جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال كَعْب بن زُهَيْر رضه بن اَبُوْ سُلْمىٰ به اسلام قبول ڪيو.

ابوسُلمىٰ جو نالو رَبِيْعَه بن رِيَّاح آهي. (۲) حضرت ڪعب رضه بابت هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هن سن نائين هجري دوران اسلام قبول ڪيو، اها روايت وڌيڪ صحيح آهي، انڪري اڳتي سن نائين هجريءَ جي واقعات ۾ به انشاءَ الله تعالىٰ سندس احوال بيان ڪيو ويندو.

فَاطِمَه بن ضَحَّاك جي شاديءَ طلاق

* هن سال ذوالقعد جي مهيني ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي شادي فاطمه بنت ضحاك ڪلبيءَ نالي هڪ عورت سان ٿي. شاديءَ ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن سندس ريجهو ويا تڏهن هوءَ چوڻ لڳي: "مان اوهان کان الله جي پناه گهران ٿي." اهو ٻڌي نبي انور ﷺ جن کيس فرمايو: "تو پناهه گهري، هاڻي پنهنجن مائٽن ڏانهن موٽي وڃ." (۳)

مُلَيْكَه بنت كَعْب جي شاديءَ طلاق

* هن سال رمضان مهيني جي پڇاڙيءَ تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هڪ شادي مُلَيْكَه بنت كَعْب لَيْثِي كِنَانِي يا هڪ ٻئي قول مطابق "ڪنديءَ" سان ٿي، پر جيئن ته فتح مڪ جي موقعي تي نبي سڳوري ﷺ جن طرفان هن عورت جي پيءُ کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو، جنهن ڪانپوءِ صحابي سڳورن ان کي قتل ڪيو هو، انڪري ڪجهه عورتون کيس ڏوراپو ڏيندي چوڻ لڳيون ته ڇا تون هڪ اهڙي شخص سان شادي ٻئي ڪرين جنهن تنهنجي پيءُ کي قتل ڪرايو. جنهن تي ان عورت به الله جي پناهگهري ۽ نبي سونهاري ﷺ جن کيس فارغ ڪري ڇڏيو. (۴)

---

(۱) شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ۳ ص ۲۲۹ ـ ۲۲۸، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۱۸.

(۲) اسد الغابه "ابن الاثير" ج ۴ ص ۲۴۰، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۲۱. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۲۰۷.

(۳) الاصابه "ابن حجر" ج ۴ ص ۳۸۲، المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۲ ص ۹۶، البدايه والنهايه ـ "ابن كثير" ج ۴ ص ۳۷۴.

(۴) الاصابه "ابن حجر" ج ۴ ص ۴۱۰، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۹۶، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۲۳۰ ـ ۲۳۱.

Marfat.com

حضرت محلم رضہ هٿان هڪ شخص جو قتل

* هن ئي سال مڪي جي فتح ٿيڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ حضرت اَبُوقَتَادہ اَنْصَارِي رضہ جي اڳواڻي ۾ هڪ سريہ "بَطنِ اَضَم" ڏانهن اماڻيو ويو. هن سَرِيَّہ ۾ شامل صحابين ۾ حضرت مُحَلِّم رضہ بن جَثَّامَہ لَيْثِي رضہ به هو. هڪ موقعي تي بنو اشجع وارن مان عامِر بن اَضْبَط نالي هڪ شخص، مُحَلِّم ۽ سندس ساٿين کي اسلامي طريقي سان سلام ڪيو پر محلم رضہ پوءِ به ان کي ڪافر سمجهي قتل ڪري ڇڏيو. واپسيءَ تي جڏهن هي جماعت سيد الانبياء صلی الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ پهتي تہ ان موقعي تي خدا تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي. (۱)

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اِذَا ضَرَبْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ فَتَبَيَّنُوْا وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ اَلْقٰى اِلَيْكُمُ السَّلَامَ لَسْتَ مُؤْمِنًا. (۲)

"اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان جهاد لاءِ الله جي راهہ ۾ نڪرو تہ پوءِ پرک ڪريو ۽ جيڪو اوهان ڏانهن ايندي ئي سلام ڪري انکي نہ چئو تہ تون ايمان وارو نہ آهين."

ٽن برگزيده هستين جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال صفر جي مهيني ۾ حضرت عَمْرو رضہ بن اَلْعَاص بن وَائِل سَهْمِيّ، حضرت خَالِد رضہ بن وَلِيْد بن مُغِيْرَہ مَخْزُوْمِي ۽ حضرت عُثْمَان رضہ بن اَبُوطَلْحَہ عَبْدَرِي جحمي ٿيئي ڇڻا مديني شريف آيا ۽ نبي سڳوري صلی الله عليه وسلم جن جي هٿ مبارڪ تي اسلام جي بيعت ڪيائون. (۳) مسلمان ٿيڻ کان پهريان حضرت خَالِد رضہ بن وَلِيْد "سَرِيَّہ مُؤْتَہ" ۾ پهريون دفعو بهرو ورتو، باقي اها ڳالهہ صحيح نہ آهي تہ "مُؤْتَہ" کان اڳ به هن جهاد ۾ حصو ورتو هو. مٿين ٽنهي صحابين جي مسلمان ٿيڻ بابت ڪيترين ئي روايتون ملن ٿيون، جن مان ڪن روايتن ۾ سندن مسلمان ٿيڻ سن ستين هجريءَ جي آخر ۾ تہ ڪن ۾ وري سن پنجين هجري ٻڌايو ويو آهي. ڪن راوين جو خيال آهي تہ حضرت خَالِد رضہ سن ڇهين هجريءَ جي آخر ۾ "حُدَيْبِيَّہ" کانپوءِ يا وري سن ستين هجريءَ ۾ "غَزْوَہ خَيْبَر" کان اڳ مسلمان ٿيو هو.

انهن مان پهرين روايت جنهن ۾ هن واقعي جو سال اٺين هجري ۽ مهينو صفر ٻڌايو ويو آهي، صحيح به آهي ۽ ان تي اڪثريت جو اتفاق به آهي.

---

(۱) الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۱۰۱، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۷٦. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۱۹۰، روضة الاحباب "جمال الدين بخاري" ج ۱ ص ۲۸۸. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۲۲۰، تاريخ طبري ج ۲ ص ۳۱۸.

(۲) سورة النساء پاره ۵ آيت ۹۴.

(۳) البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۴ ص ۲۳٦ ـ ۲۴۰. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ٦۵. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۷۵.

Marfat.com

مکي جي فتح کانپوءِ هجرت جو حڪم رد ڪيو ويو

* هن سال مکي جي فتح کانپوءِ اهو حڪم رد ڪيو ويو، جنهن مطابق هڪي کان مديني ڏانهن هجرت ڪرڻ ڏينهن فرض هو. (١)

يمن کان هڪ وفد جو اچڻ

* هن سال يمن جي هڪ ڳوٺ "صُدَاءِ" کان پندرهن ڇڻن جو هڪ وفد حضرت زياد بن حارث صدائي رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو ۽ سندن هٿ مبارڪ تي اسلام جي بيعت ڪرڻ بعد هو سپيئي پنهنجي ڳوٺ واپس وريا ۽ اتي دين لاءِ ڪافي ڪم ڪيائون، تانجو حجة الوداع جي موقعي تي سندن ڳوٺ مان هڪ سؤ مسلمان اچي پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏيا. (٢)

حضرت عداء رضہ بن خالد جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال مکي جي فتح يا وري "غزوه حنين" کانپوءِ عداء رضہ بن خالد بن ربيعہ عامري اسلام قبول ڪيو. هي اهو شخص آهي جنهن کي نبي اڪرم ﷺ جن طرفان هڪ "دستاويز" لکي ڏنو ويو هو (٣) جنهن جو مضمون هن ريت هو:

"هيءَ اها شيءِ آهي، جيڪا خريد ڪئي عداء بن خالد سيدنا محمد رسول الله ﷺ کان. هيءَ هڪ مسلمان جي ٻئي مسلمان کان خريداري آهي."

اهو متن ان ريت ئي ترمذي، نسائي ۽ ابن ماجہ ۾ نقل ڪيو ويو آهي ۽ اهوئي صحيح به آهي.

امام بخاريءَ وري "کتاب البيوع" ۾ اها روايت هن ريت نقل ڪئي آهي. (٤)

"هيءَ اها شيءِ جيڪا خريد ڪئي سيدنا محمد رسول الله ﷺ عداء بن خالد کان."

هاڻي ان روايت ۾ يا تہ خريدار ۽ وڪرو ڪندڙ جا نالا مٿجي ويا آهن يا وري خريد ۽ وڪري جي لفظي فرق جو خيال نہ رکيو ويو آهي. "عمدة القاري" ۾ "علامہ عيني" ٻڌائي ٿو تہ اهو سودو ڪنهن غلام يا ٻانهي جو ٿيو هو. (٥)

شين جي مهانگائي ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جو فرمان

* هن سال جڏهن شيون مهانگيون ٿي ويون، تڏهن ماڻهن اچي عرض ڪيو: "اي الله جا رسول ﷺ! اسان لاءِ اگهہ مقرر ڪريو." جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جواب ڏنو تہ "اها ڳالهہ الله تعاليٰ ڇاڻي ٿو ۽ اگهہ ان جي طرفان ئي مقرر ڪيا ويندا آهن، مهانگائي ۽ سستائپ ان جي ئي هٿ ۾ آهي."

---

(١) صحيح بخاري "کتاب المغازي" ج ٣ ص ٦٥.

(٢) سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٣٤٩ ـ ٣٥٠. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٥ ص ٣٥٥ ـ ٣٥٧.

(٣) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٣ ص ٣٨٩.

(٤) صحيح بخاري "کتاب البيوع" ج ٢ ص ٧.

(٥) عمدة القاري "بدر الدين عيني" ج ١١ ص ١٩٢.

Marfat.com

سَهْل رضہ بن بَيْضَاء جي وفات

* هن سال حضرت سَهْل رضہ بن بَيْضَاء گذاري ويو، جنهن جي نماز نبي انور ﷺ جن مسجد ۾ پڙهائي. (۱)

بُوْرَان جو تخت نشين ٿيڻ

* هن سال جڏهن ايران جو حاڪم قتل ٿيو، تڏهن اتان جي ماڻهن سندس ڏيءُ "بُوْرَان" کي پنهنجو حاڪم بڻايو، جنهن تي نبي اڪرم ﷺ جن فرمايو: "اها قوم پلائي نہ ماڻيندي جنهن پنهنجا ڪم ڪنهن عورت کي سونپيا." (۲)

بلقاء جي حاڪم جو موت

* هن سال "شام" جي سرزمين تي "حَارِث بِن اَبُوْ شمر غَسَّانِي" ڪفر جي حالت ۾ مري ويو، جيڪو "بلقاء" جو حاڪم هو. (۳)

يَمَامَہ جي سردار جو موت

* هن سال "يَمَامَہ" وارن جو سردار هَوْذَه بِن عَلِيّ حَنِفِيْ به ڪفر جي حالت ۾ مئو. اهو واقعو ان وقت جو آهي، جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن مڪي شريف جي فتح ڪانپوءِ مديني واپس آيا. (۴)

مڪي جي فتح جا واقعات (۵)

* هن سال رمضان شريف جي مهيني ۾ رسول خدا ﷺ جن مڪي مبارڪ تي ڪاهہ ڪئي ۽

---

(۱) سهل بن بيضاء بدري صحابي هو، ابن اسحاق طرفان سندس وفات جو سن نائين هجري ٻڌايو ويو آهي. "الاصابہ" ابن حجر ج ۲ ص ۹۰ ـ ۹۱. "الاستيعاب" ابن عبدالبر علي هامش الاصابہ ج ۲ ص ۹۳. وفاء الوفا "سمهودي" ج ۲ ص ۵۳۲.

(۲) صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ۳ ص ۹۱.

(۳) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۳۹، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۲۵۵.

(۴) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۴۰.

(۵) هتي مڪي شريف جي فتح دوران، ان کان اڳ يا پوء جيڪي واقعات پيش آيا، انهن جا تفصيل بيان ڪيا ويا آهن، جن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

صحيح بخاري "كتاب المغازي والسير" ج ۳ ص ۵۹. فتح الباري "ابن حجر" ج ۷ ص ۴۱۸ كان ج ۸ ص ۱۷ تائين. سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۳۹، البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۴ ص ۲۸۲، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۵۶۰، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۲ ص ۴۸۸. تاريخ "طبري" ج ۲ ص ۳۲۳، "عيون الاثر" ابن سيد الناس ج ۲ ص ۲۲۳، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۷۷، سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۲۰۰، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۵، روضة الاحباب ـ "سيد جمال الدين بخاري" ج ۱ ص ۲۸۴، صحيح مسلم "كتاب الجهاد والسير" ج ۳ ص ۱۷۰. الطبقات الكبري "ابن سعد" ج ۲ ص ۱۰۲، المغازي "واقدي" ج ۲ ص ۷۸۰. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۳۹۴، الروض الانف "سهيلي" ج ۴ ص ۹۵.

Marfat.com

الله تعاليٰ جي فضل سان سندن هٿان مڪو فتح ٿيو. هيءَ هڪ تمام وڏي فتح هئي، جنهن جو وعدو رب تعاليٰ هن لفظن ۾ ڪيو هو. **اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا.** (اسان اوهان کي سوڀ عطا ڪئي، چٽي سوڀ.)

هن کان اڳ "غَزْوَاتِ" واري باب ۾ هن فتح لاءِ نبي ڪريم ﷺ جن جي اسهڻ، مڪي ۾ پهچڻ، غزوه کانپوءِ مڪي کان واپس ٿيڻ جون تاريخون ۽ ٻيا سمورا واقعات بيان ٿي چڪا آهن.

* هن سال غَزْوَه فتح مڪه کان اڳ جو واقعو آهي ته نبي سردار ﷺ جن اچان هن غزوه لاءِ نه اُسهيا هئا ته حضرت "حَاطِب بِن اَبُوبَلْتَعه" طرفان هڪ ڳجهو خط لکي مڪي جي قريش سردارن ڏانهن اماڻيو ويو، جنهن ۾ کين پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان هن "غَزْوَه" لاءِ تياريءَ جو احوال لکيو ويو هو. پر اهو سرور ڪائنات ﷺ جن جو معجزو آهي جو جبرئيل عليه السلام حضرت حَاطِب جي ان خط جي مڪي پهچڻ کان اڳ ئي اهو احوال اچي کين ٻڌايو. اهو خط "ساره" نالي هڪ عورت هٿان اماڻيو ويو هو، جيڪا قريش وارن جي پاڻهي هئي.

رسول آخر الزمان ﷺ جن کي جبرائيل طرفان جڏهن مٿيون اطلاع مليو، تڏهن اوڏيءَ مهل ئي حضرت علي رضه، حضرت مِقْدَاد رضه ۽ حضرت زُبَيْر رضه سان گڏ هڪ ٻئي شخص کي به ان عورت جي ڪڍ روانو ڪيائون ۽ کين ان عورت جا سمورا پار پتا به ڏسيائون ۽ اهو به ٻڌايائون ته اها اوهان کي "روضه خَاخ" (خَاخ، نالي هڪ باغ) ۾ ئي هٿ ايندي، جنهن ڪانپوءِ اهي صحابي سڳورا روانا ٿيا ۽ "روضه خَاخ" ۾ پهچي ڪيس اتي هٿ ڪيائون ۽ ڪانئس ان خط بابت پڇا ڳاڇا ڪيائون، پر هوءَ صفا نابري واري بيٺي. جنهن تي سيدنا علي ڪرم الله وجه مٿس ترار ڪڍي ٻيٽو ۽ چيائينس ته "جيڪڏهن اهو خط ڪڍين ٿي ته واه نه ته تنهنجي جامه تلاشي وٺي به اهو خط هٿ ڪبو،" جنهن ڪانپوءِ ان عورت مٿي جي چوٽيءَ مان اهو خط ڪڍيو. اهڙيءَ ريت نبي انور ﷺ جن جو معجزو ظاهر ٿيو. بعد ۾ حضرت حَاطِب رضه ان ڏس ۾ پنهنجو عذر پيش ڪيو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان ڪيس معافي ملي ۽ مٿس ڪنهن به قسم جي سختي نه ڪئي ويئي.

* هن ئي سال مٿين واقعي جي باري ۾ رب پاڪ طرفان حضرت حَاطِب رضه جي شان ۾ سوره ممتحنه جي هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّيْ وَعَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ.

"اي ايمان وارؤ! نه بٽايو دوست منهنجي ۽ پنهنجي دشمن منجهان."

* هن ئي سال حَاطِب رضه بن ابو بَلْتَعه جي خط واري واقعي وقت نبي پاڪ ﷺ جن بدر وارن جي فضيلت بابت ٻڌايو، يعني ان وقت جڏهن حضرت عُمر بن خَطَّاب رضه حضرت حَاطِب رضه جي باري ۾ چيو ته "اي خدا جا رسول ﷺ! مونکي موڪل ڏيو ته هن منافق جي سسي ڏڙ ڪان ڌار ڪري ڇڏيان."

ان جي جواب ۾ خدا جي سچي رسول ﷺ جن فرمايو: "اي عمر! جيئن ته حَاطِب رضه بدر ۾ بهرو ٿيل چڪو آهي، ۽ تون اهو به ڄاڻين ٿو ته الله تعاليٰ بدر وارن کي جاچي ڏٺو آهي ۽ کين ٻڌايو آهي ته "اوهان جيڪي به چاهيو عمل ڪريو مون اوهان کي بخشي ڇڏيو آهي." اها روايت امام

Marfat.com

بخاري پنهنجي "صحيح" ۾ نقل ڪئي آهي. ان ڪانسواءِ حضرت جَابِر رضہ ڪان هڪ مرفوع روايت امام احمد پنهنجي "مسند" ۾ نقل ڪئي آهي تہ "جن بدر ۾ بهرو ورتو انهن مان ڪوبہ دوزخ ۾ داخل نہ ڪيو ويندو."

* هن سال مڪي جي فتح ڪان اڳ حضرت عَبَّاس رضہ بن مِرْدَاس بن اَبُوعَامِر سُلَمِيءَ بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو مشهور جوڏو ۽ مقبول شاعر هو.

* هن سال جڏهن اسلامي لشڪر مڪي ڏانهن وڃي رهيو هو تہ نبي اڪرم ﷺ جن طرفان رستي ۾ اعلان ڪرايو ويو تہ هن سفر ۾ جيڪو مسلمان روزو رکڻ چاهي تہ اهو پلي روزو رکي پر جيڪڏهن ڪو نہ رکڻ چاهي تہ اهو پلي نہ رکي، پر سفر پوري ٽيڻ ڪانپوءِ اوترا روزا پين ڏينهن ۾ پورا ڪري، پر ان ڪانپوءِ بہ امام الانبياء ﷺ ۽ سندن صحابي سڳورا روزا رکندا آيا، تانجو هي قافلو جڏهن مڪي ڪان ٻن مرحلن جي پنڌ تي "ڪَدِيْد" نالي ڳوٺ ۾ پهتو، جيڪو قُديد ۽ عسفان جي وچ تي آهي، تڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن پاڻ بہ روزو رکڻ ڇڏيو ۽ پنهنجي صحابي سڳورن کي بہ ائين ڪرڻ جو حڪم ڏنائون تہ جيئن مقابلي لاءِ سندن قوت قراري رهي. ان ڪانپوءِ ڪنهن بہ روزو نہ رکيو، تانجو رمضان پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو. ائين ئي اِمام بخاريءَ روايت ڪئي آهي، جيڪا "المواهب اللدنيہ" ۾ قسطلانيءَ بہ نقل ڪئي آهي. البت "شرح علي المواهب" ۾ "زُرْقَانِي" ان ڳالهہ جو واڌارو ڪيو آهي تہ "جيتوڻيڪ مسلمان مڪي ۾ رمضان جي وچين ڏهاڪي پوري ٽيڻ ڪان اڳ پهتا هئا پر جيئن تہ ڪين طائف ۽ حنين جي تياري بہ ڪرڻي هئي ۽ ڪجهہ ٻيا سرايا بہ موڪلڻا هئا، انڪري هنن اتي قيام جي نيت نہ ڪئي هئي ۽ نماز بہ قصر پڙهندا هئا. ان سبب ڪري هنن رمضان جا باقي روزا نہ رکيا.

* هن سال مڪي ڏانهن ويندي رستي ۾ كَدِيْد ۽ عُسْفَان پهچڻ ڪان اڳ جڏهن نبي انور ﷺ جن سج ڪي غائب ٿيندي ڏٺو، تڏهن حضرت بلال رضہ ڪي چيائون: "هتان وڃي اسان لاءِ پاڻيءَ ۾ ستو ملائي ڪڍي آءُ." ان تي بلال وراڻيو تہ "آڪاڻ سج جي روشني باقي آهي." ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن پاڻ ڪريم ﷺ جن اوپر طرف اشارو ڪندي فرمايو: "جڏهن هن پاسي ڪان رات چڙهي تہ ان وقت روزو ڪائنات ﷺ کولڻ ڪپي." اها روايت صحيح بخاريءَ ۾ حضرت عبدالله بن اوفيٰ رضہ ڪان نقل ڪئي ويئي آهي.

* هن سال ساڳي ئي سفر ۾ هڪ هنڌ امام الانبياء ﷺ جن ڏٺو تہ ماڻهن جو هڪ ميڙ هڪ شخص مٿان ڇانورو ڪري بيٺو آهي. ان تي پاڻ ڪريم ﷺ جن پڇا ڪئي تہ "هي ڇا آهي؟" ماڻهن جواب ڏنو: "هي شخص روزي سان هو، جيڪو گرمي وڏي وڃڻ سببان منجهي ويو آهي." ان تي پنهي جهانن جي سردار ﷺ جن فرمايو: **"لَيْسَ مِنَ الْبِرِّ الصِّيَام فِي السَّفَرِ"**، "سفر ۾ روزو رکڻ ڪا نيڪي نہ آهي." اها روايت صحيح بخاري وغيره ۾ نقل ڪئي ويئي آهي، جڏهن تہ عبدالرزاق پنهنجي جامع ۾ ۽ امام احمد پنهنجي "مسند" ۾ اها روايت هنن لفظن ۾ نقل ڪئي آهي:

"لَيْسَ مِنَ امْبِرِّ امْصِيَامُ فِي امْسَفَرِ"

يعني هن روايت ۾ ٽن جاين تي "لام" جي جاءِ تي "ميم" ڏنو ويو آهي. جيڪو شخص منجهي

Marfat.com

ويو ان جو نالو "قَيْسِ عَامِري"، ڪُنيت "اَبُوسرايڪ" ٻڌائي ويئي آهي، جيئن "قسطلاني" ارشاد الساري ۾ ڄاڻايو آهي.

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جو چاچو حضرت عَبَّاس بن عبدالمطلب رضه به پنهنجي ٻارن ٻچن سميت هجرت جي ارادي سان مڪي کان مديني ڏانهن ان وقت روانو ٿيو، جڏهن امام الانبياء ﷺ جن اڃا غزوه فتح مڪ لاءِ نه اسهيا هئا. سيدنا عَبَّاس رضه جي اسلام بابت چيو ويجي ٿو ته هو غزوه بدر کانپوءِ ٻي هجري دوران ئي اسلام قبول ڪري چڪو هو، جڏهن ته هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هو هن ئي سال مسلمان ٿيو هو، جنهن کانپوءِ هو پنهنجي گهر ٻار سوڏو مديني ڏانهن هجرت جي ارادي سان روانو ٿيو. ڪن جو خيال آهي ته اها روايت ئي صحيح آهي، جيئن اڳ به بيان ٿي چڪو آهي. بهرحال حضرت عباس رضه هن ئي سال سگهرو مديني روانو ٿيو ۽ رستي ۾ جڏهن "جحفه" يا وري "ذوالحليفه" وٽ پهتو ته اتي سندس ملاقات سرور عالم ﷺ جن سان ٿي، جيڪي "فتح مڪ" جي ارادي سان مديني کان هلي اتي پهتا هئا. پوءِ حضرت عباس رضه اتان پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏجي "غزوه فتح" لاءِ پنڌتي موٽيو. باقي پنهنجي ٻارن ٻچن کي مديني موڪليائين، يعني هي سيني کان آخري مهاجر هو، جنهن ڪري رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو: چاچا سائين اوهان جي هجرت به ائين ئي آخري هجرت آهي، جيئن منهنجي نبوت آخري نبوت آهي.

* هن سال "غَزْوَه فتح" لاءِ مڪي ڏانهن ويندي سيد الانبياء ﷺ جن جڏهن "ابواء" وٽ پهتا ته سندن ملاقات سيدنا اَبُوسُفْيَان بِن حَارث بن عَبْدُالْمُطَّلِب رضه سان ٿي، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جو سؤٽ به هو ته ڇڄ شريڪ ڀاءُ به هو. ڇو جو هن به "حَلِيْمَه سَعْدِيَّه رضه" جو ڪير پيتو هو. هن موقعي تي حضرت ابوسفيان رضه سان گڏ سندس پٽ جَعْفر بِن اَبُوسُفْيَان رضه به ساڻ هو، پوءِ ٻئي ٻيءُ پٽ اتي ئي مسلمان ٿيا.

اَبُوسُفْيَان رضه نالي هيءَ هستي ان ابوسفيان کان الڳ آهي، جيڪو مُعَاوِيه رضه جو ٻيءُ هو ۽ سندس نالو اَبُوسُفْيَان بن حرب آهي، جنهن جو ذڪر اڳتي اچي رهيو آهي. اهو نسبي لحاظ کان اموي هو، جڏهن ته هي هاشمي آهي. بهرحال ٻنهي شخصيتن ۾ فرق آهي، جيڪو ڪنهن کان به ڳجهو نه آهي.

* هن ئي سال مسلمان ٿيڻ کان اڳ حضرت ابوسفيان بن حارث رضه پنهنجي سؤٽ سيدنا علي بن ابوطالب رضه کي چيو: "مان ڪهڙي منهن سان نبي انور ﷺ جن جي آڏو وڃان ۽ اسلام جي ڳالهه ڪريان، جڏهن ته مان ماضيءَ ۾ ڪين هيتريون ساريون تڪليفون ڏئي چڪو آهيان."

سيدنا علي رضه ڪيس جواب ۾ چيو ته "تون به اهوئي ڇؤ جيڪو حضرت يوسف عليه السلام کي سندس ڀائرن چيو هو."

قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ اٰثَرَكَ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَاِنْ كُنَّا لَخَاطِئِيْنَ. (١)

"ڇيائون خدا جو قسم! بيشڪ الله تعاليٰ توهان کي اسان تي فضيلت بخشي آهي ۽ سڄ پڄ اسان گنهگار هئاسون."

---

(١) سورة يوسف آيت ٩١ پاره ١٣.

Marfat.com

پوءِ هن ائين ئي اچي چيو، جنهن جي جواب ۾ رحمت للعالمين ﷺ جن فرمايو:

لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ يَغْفِرُ اللهُ لَكُمْ وَهُوَ اَرْحَمُ الرَّاحِمِيْنَ. (۱)

"اوهان تي اڄ کا ميار نه آهي، الله شل اوهان کي معاف ڪري. هو سيني مهربانن کان وڌيڪ مهربان آهي."

* هن سال ساڳئي ئي سفر دوران واٽ تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن "سقيا" ۽ "عرج" جي وچ تي پهتا ته اتي کين عَبْدُالله بِن اَبُو اُمَيَّه مَخْزُوْمِي رضه گڏيو، جيڪو ام المؤمنين سيده ام سلمه رضه جو پيٽيتو پاءُ هو. سندس ماءُ جو نالو عَاتِكَه بِنت عَبْدُالْمُطّلِب هو، جڏهن ته سيده ام سلمه رضه جي ماءُ جو نالو عَاتِكَه بِنت عَامِر بن قَيْس فراسي آهي.

عَبْدُالله بن اُمَيَّه اتي مسلمان ٿيڻ جو ارادو ظاهر ڪيو پر جيئن ته هو پاڻ ڪريم ﷺ جن ۽ بين مسلمانن سان سخت دشمني رکندڙ هو، ان ڪري نبي انور ﷺ جن ان کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي، هي اهو ساڳيو شخص آهي، جنهن سرور عالم ﷺ جن کي چيو هو: "اسان اوهان تي تيستائين ايمان نه آڻينداسون، جيستائين اوهان اسان لاءِ زمين ۾ چشما نه جاري ڪندا يا جيسين اوهان وٽ انگور ۽ کارڪن جا باغ نه هوندا." پر پوءِ سندس پيٽ سَيِّدَه اُمّ سَلَمَه جڏهن نبي انور ﷺ جن کي هن لاءِ پارت ڪئي ته پوءِ پاڻ سڳورا ﷺ راضي ٿي ويا ۽ عَبْدُالله رضه سندن ئي هٿ تي اسلام جي بيعت ڪئي ۽ سچيءَ دل سان مسلمان ٿيو.

"سُقْيَا" هڪ وڏي واهڻ جو نالو آهي، جيڪو مڪي ۽ مديني جي وچ تي "قُرُع" جي پسگردائيءَ ۾ هو ۽ مديني کان ڇهن مرحلن جي مفاصلي تي هو.

"قُرُع" به هڪ وڏي واهڻ جو نالو آهي ۽ اهو به مديني کان ڇهن مرحلن جي پنڌ تي آهي، جيئن غزوات واري باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

* هن سال مڪي کان ٻي شخص نبي انور ﷺ جن کان مڪي وارن لاءِ امان گهرڻ لاءِ نڪتا. هوڏانهن سرور ڪائنات ﷺ جن به "غزوه فتح مڪه" لاءِ مديني کان هلي جڏهن "مرالظهران" وٽ پهتا، تڏهن اهي ٽيئي شخص اتي ساڻن مليا. اهي هئا مُعَاوِيَه جو پيءُ اَبُوسُفْيَان صخر بن حرب، ام المُؤْمِنِيْن سَيِّدَه خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰي رضه جو پائٽيو حَكِيْم بن حِزَام ۽ بديل بن ورقا خزاعي.

"مر الظهران" ۾ انهن ٽنهي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي روبرو حضرت عباس بن عبدالمطلب رضه جي هٿ تي مڪي جي فتح کان هڪ ڏينهن اڳ اسلام قبول ڪيو.

"مَرَّ الظَّهْرَان" نالي هي ماڳ مڪي کان هڪ مرحلي جي مفاصلي تي آهي، جنهن کي اڄ ڪلهه "وَادِيْ فَاطِمَه" جي نالي پڻيان ڄاتو وڃي ٿو. اها نسبت فاطمة الزهراء رضه سان نه آهي، پر بعد ۾ ان نالي سان اها کا بي عورت ٿي گذري آهي.

* هن سال مڪي جي فتح کان اڳ پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان مڪي وارن کي امان ۽ پناهه عطا ڪئي ويئي. ان لاءِ شهر جي گهٽي گهٽيءَ ۾ اهڙو اعلان ڪرايو ويو، جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته "جيڪو

---

(۱) سوره يوسف آيت ۹۲ پاره ۱۳.

Marfat.com

بيت الله ۾ داخل ٿيو اهو پناهه ۾ آهي. جيڪو ڪعبي جي غلاف کي جهلي بيٺو اهو پناهه ۾ آهي. جيڪو ابوسفيان جي گهر ۾ پهتو ان لاءِ ته پناهه آهي. جيڪو پنهنجي گهر جا دروازا بند ڪري اندر ويهي رهيو ان کي ته پناهه آهي ۽ جنهن پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا اهو ته پناهه ۾ آهي. اهڙو اعلان اَبُوسُفْيَان صَخْرَ بن حَرْب پاڻ ڪري رهيو هو، جنهن ۾ مٿين پنجن شرطن مان جيڪو به ماڻهو کوبه شرط قبول ڪندو ته اهو امان ۾ رهندو، باقي پندرهن ماڻهو اهڙا هئا جن لاءِ اها رعايت نه هئي، جيئن هيٺ بيان ڪيو وڃي ٿو.

* هن سال سرور ڪائنات ﷺ جن مڪي جي ڪافرن مان پندرهن ڄڻن جي قتل جو حڪم ڏنو. منجهائن نوَ مرد هئا، جن جي باري ۾ چيو ويو ته کين جتي ڏسو ته اتي ئي پورو ڪريو. انهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

١. عِكْرَمَہ بِن اَبُوجَهْل ٢. عَبْدُالله بِن سَعْد بِن اَبُو سَرْح ٣. هَبَّار بِن اَسْوَدِ ۴. كَعْب بِن زُهَيْر بِن اَبُوسُلْمٰي مـــزني جيڪو قصيده بَانَتْ سُعَاد جو خالق هو ۵. عَبْدُالله بن خَطَل ٦. مِقْيَس بن صُبَابَہ ٧. حُوَيْرَث بن نُقَيْذ ابن قُصَيّ ٨. وَحْشي بن حَرْب ٩. حَارِث بن طُلَاطِلَہ خُزَاعي.

باقي ڇهه عورتون هيون، جن جا نالا آهن:

١. هِنْد بِنت عُتْبَہ جيڪا اَبُوسُفْيَان جي زال هئي. ٢. سَارَہ جيڪا عَمْرو بن هاشِم قُرَشِيءَ جي بانهي هئي. اها ساڳي عورت آهي، جيڪا پاڻ ڪريم ﷺ جن جي فتح مڪي لاءِ مديني مان اُسهڻ کان اڳ حَاطِب بِن اَبُوبَلْتَعَہ جو خط پهچائڻ مڪي وڃي رهي هئي.

٣. قَـرِيْبَہ يا قُرَيْبَہ ۴. فَـرْتَـنَا، اهي ٻئي ڇٽيون عَبْدُالله بن خَطْل جون بانهيون هيون ۽ سرور عالم ﷺ جن جي باري ۾ توهين آميز ڪلام ڳائيندڙيون هيون.

۵. ارنب ٦. ام سَعْد، اهي ٻئي به ابن خَطْل جون بانهيون هيون. ان ڪانپوءِ مٿين مردن مان پنجن ڄڻن اسلام قبول ڪيو، جن جا نالا آهن:

١. عِكْرَمَہ ٢. اِبن اَبُوسَرْح ٣. كَعْب بن زُهَيْر ۴. هُبَّار ۵. وَحِشْي.

مٿين عورتن مان وري هند بنت عتبہ ۽ فَرْتَنَا اسلام قبول ڪيو. جڏهن ته سَارَہ جي باري ۾ اختلاف آهي، ڪن جو چوڻ آهي ته هوءَ مسلمان ٿي هئي ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته ڪفر جي حالت ۾ قتل ٿي. باقي ڇئن مردن ۽ ٽن عورتن کي ڪفر جي حالت ۾ ئي قتل ڪيو ويو.

* هن سال نبي آخر الزمان ﷺ جن فتح لاءِ جڏهن مڪي ۾ داخل ٿيا ته "الثَنِيَّةُ الْعُلْيَا" واري پاسي کان آيا. اها جاءِ حَجُوْن ۽ مَعْلَاة جي ويجهڙائيءَ ۾ آهي. ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ جي مٿي مبارڪ تي ڪاري رنگ جي پگ ۽ هٿ مبارڪ ۾ به ڪاري رنگ جو ئي جهنڊو هو. بدن مبارڪ تي لوهه جي زره پهريل هئي ۽ مٿي مبارڪ تي لوهي ٽوپ به هو. پاڻ پنهنجي ڏاڇيءَ "قَصْوَاء" تي سوار هئا ۽ سندن اڳيان پويان حضرت ابوبڪر صديق رضه ۽ اُسَيْد بن حُضَيْر رضه ويٺل هئا. باقي سندن جسم مبارڪ تي احرام نه هو.

سرور ڪائنات ﷺ جن جيئن ئي مڪي ۾ داخل ٿيا ته ماڻهن جي آڏو سورة الفتح ۽ اذا جاءَ

Marfat.com

نصر الله جي تلاوت قراءت سان شروع ڪيائون.

مٿين روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مٿي مبارڪ تي ڪاري پگهه به هئي ته لوهي ٽوپ به. انهن ٻنهي روايتن کي جمع ڪندي هيٺئن چئي سگهجي ٿو ته پاڻ سڳورن ﷺ لوهي ٽوپ جي مٿان پگهه مبارڪ ٻڌي هوندي يا وري ائين ٿي سگهي ٿو ته نبي انور ﷺ جن پهريان لوهي ٽوپ پائي مڪي ۾ داخل ٿيا هوندا ۽ وري ٿوري دير کانپوءِ ڪاري پگهه ٻڌي هوندائون يا وري ان جي ابتڙ يعني پهريان پگهه ٻڌل هوندي ۽ پوءِ وري لوهي ٽوپ پاتو هوندائون، پوءِ جنهن راوي جيڪا حالت ڏٺي آهي هن اهائي بيان ڪئي آهي.

* هن سال رسول خدا ﷺ جن خَالِد رضه بن وَلِيْد جي اڳواڻيءَ ۾ مسلمانن جي لشڪر کي اماٽيو ته اهي مڪي ۾ هيناهين واري پاسي کان داخل ٿين. اتي خالد رضه ۽ سندس ساٿين جو ڪافرن سان دوبدو مقابلو ٿيو، جنهن ۾ ڪافرن کي شڪست نصيب ٿي. سندن چوويهه يا اٺاويهه ماڻهو مارجي ويا، جڏهن ته مسلمانن جي لشڪر مان به ماڻهو شهيد ٿيا. انهن مان هڪ هو اَبُوصَخْر حُبَيْش رضه بن خالد خزاعي جيڪو حضرت اُمّ مَعْبَد بنت خَالِد خزاعيه رضه جو ياءُ هو، جنهن وٽ مديني ڏانهن هجرت ڪندي پاڻ سڳورا ﷺ ترسيا هئا ۽ پيو هو كُرْز بن جَابِر فَهْرِي.

حنفي عقيدي وارا ان ڳالهه جا قائل آهن ته مڪو شريف طاقت جي زور تي فتح ٿيو هو، نه ڪي صلح سان. ان ڪري مٿيون واقعو سندن ان ڳالهه جو ثبوت پيش ڪري ٿو. جڏهن ته ان جي برعڪس شافعي عقيدي وارا وري ان ڳالهه جا قائل آهن ته مڪو مبارڪ صلح سان فتح ٿيو هو. سندن دليل اهو آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن جنهن پاسي کان پاڻ داخل ٿيا ان طرف وري ڪوبه جنگ جهيڙو نه ٿيو هو.

* هن سال جڏهن مڪو فتح ٿيو تڏهن نبي اڪرم ﷺ جن اتان جي مشهور محلي خيف بني ڪِنَانه ۾ ترسيل هئا، جنهن کي "اَبْطَح" ۽ "مُحَصَّب" به چيو ويندو آهي ۽ اتان پوءِ هر نماز وقت ڪعبة الله شريف ۾ ايندا هئا. جڏهن ته هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ان وقت پاڻ سڳورا ﷺ حضرت اُمّ هَانِي رضه جي گهر ترسيل هئا، جيڪو مڪي شريف جي مٿانهين پاسي کان هو.

مٿين ٻنهي روايتن کي هيئن گڏي سگهجي ٿو ته پاڻ ڪريم ﷺ جن ته مٿين جڳهه "خيف" ۾ ئي ترسيا هئا پر هڪ ڏينهن ام هانيءَ جي گهر آيا، جتي غسل ڪري پوءِ چاشت جي نماز ادا ڪئي هئائون.

* هن سال "غَزْوَه فَتْحَ مَكّه" جي موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ان وقت ظاهر ٿيو، جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ صرف اشاري سان اتي رکيل بُتن کي ڪيرايو.

امام الانبياء ﷺ جن جڏهن مڪي پهتا ۽ مسجد الحرام ۾ داخل ٿيا، تڏهن ڪعبة الله جي طواف ڪرڻ جو ارادو ڪيائون پر ان وقت ڪعبي جي چوڌاري ٽي سؤ ست بُت رکيل هئا، جن کي پتل سان جَڙيو ويو هو. انهن ۾ سيني کان وڏي بُت جو نالو "هُبَل" هو، جيڪو ڪعبي جي آڏو بيهاريو ويو هو، جڏهن ته "اِسَاف" نالي بت "صَفَا" تي ۽ "نَائِلَه" نالي بت "مَرْوَه" تي موجود هئا، جن جي آڏو ماڻهو قرباني ڪندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن اتي پهتا ته ان وقت سندن هٿ مبارڪ ۾ هڪ ڪمان هئي، جنهن جي چهنب سان هرهڪ بُت طرف اڪ جو اشارو ڪندا رهيا، ۽ زبان مبارڪ سان

Marfat.com

هيٺين آيت ۾ پڙهندا رهيا:

جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ إِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا. (۱)

"حق اچي ويو ۽ باطل مٽجي ويو، باطل ته آهي ئي مٽجڻ وارو."

جنهن سان سمورا بُت بنا ڇهڻ جي مُنهن ۾ اچي پٽ تي پيا.

هاڻي ڪعبي جي ڇت تي وڃي هڪ وڏو بت باقي بچيو، جنهن جو نالو "خزاعة" هو. اهو بُت پتل جو ٺهيل هو ۽ لوهه جي ميخن سان ڇت ۾ ڪتل هو، ان لاءِ نبي انور ﷺ جن سيدنا علي رضه کي چيو ته "ڪعبي جي ۾رسان ويهو." جنهن تي سيدنا علي رضه اتي وينا ۽ پوءِ نبي آخرالزمان ﷺ جن سندن ڪلهن تي چڙهيا ۽ نبوت جو بار ڪٽڻ سيدنا علي رضه لاءِ ڳرو هو، جنهن ڪانپوءِ پنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پاڻ ڪعبي جي ۾رسان وينا ۽ حضرت علي سائينءَ رضه جن کي فرمايائون: "هاڻي تون چڙهه." هن دفعي سيدنا علي رضه سرور ڪائنات ﷺ جن جي مبارڪ ڪلهن تي چڙهي بينا ۽ پوءِ ڇت جي مٿان بينل بُت کي اتان ڪڍي ڪٽي پٽ تي سٽيائون ته اهو ڀڄي ٽڪر ٽي ويو.

* هن ئي سال انهن وڏن بتن کي ٻاهر ڪڍيا وڃن. پوءِ ائين ئي ڪيو ويو. جنهن ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪعبة الله ۾ اندر داخل ٿيا.

* هن سال جڏهن ڪعبي مان ٻين بتن کي ڪڍيو ويو ته انهن سان گڏ اتي حضرت ابراهيم خليل الله ۽ سندس پٽ سيدنا اسماعيل عليهم الصلواة و السلام جن جون ۾ تصويرون ۾ رکيل هيون، جيڪي ڪافرن ٺاهيون هيون ۽ انهن جي هٿن ۾ تير ڏنا ويا هئا، جن ڪان ڌارن جو ڪم ورتو ويندو هو ۽ ڪافر انهن ڌارن وسيلي ورهاست ڪندا هئا. پوءِ انهن تصويرن کي به اتان ڪڍيو ويو، جنهن تي نبي انور ﷺ جن فرمايو: "انهن ڪافرن تي خدا جي مار پوي، ڇو جو خدا جو قسم! ڪين اها خبر هئي ته انهن ٻنهي هستين ڌارن وسيلي ڪڏهن به ورهاست نه ڪئي هئي."

* هن سال مڪي جي فتح واري ڏينهن تي پاڻ سڳورن ﷺ انهن بُتن کي به ٻڌڻ جو حڪم ڏنو، جيڪي مڪي جي رهاڪن وٽ سندن گهرن ۾ رکيل هئا.

* هن سال "فتح مڪ" واري موقعي تي رسول انور ﷺ جن ڪجهه سرايا اماڻيا ته اهي مڪي جي چوڌاري موجود بتن کي به ٻڌن ته انهن ماڻهن جي خلاف ۾ جهاد ڪن جن ايمان اسلام قبول نه ڪيو هو.

* هن سال مڪي جي فتح واري ڏينهن سرور عالم ﷺ جن حضرت بلال رضه کي حڪم ڏنو ته اهو ڪعبي جي مٿان چڙهي ڇت تي اذان چوي ۽ پوءِ حضرت بلال رضه ائين ئي ڪيو. اهڙو واقعو هن کان اڳ ۾ "عُمْرَةُ الْقَضَاء" جي موقعي تي به پيش آيو هو.

* هن سال جڏهن مڪو مبارڪ فتح ٿيو ته ان جي ٻئي ڏينهن تي منى مرسل ﷺ جن هڪ پر مغز خطبو ڏنو، جنهن جي وچ ۾ ڪجهه احڪام به ٻڌايا ويا. جن ۾ فرمايائون ته بيشڪ الله تعالىٰ

(۱) سورة "بني اسرائيل" آيت ۸۱ پاره ۱۵.

Marfat.com

جڏهن کان زمين ۽ آسمان کي پيدا ڪيو تڏهن کان وٺي قيامت تائين مڪي جي "حرم" ۾ ڪنهن کي به اجازت نه ڏني آهي ته اهو اتي ڪو خون وهائي يا اتان جي ڪنهن وڻ کي وڍي. مون کان اڳ به ڪنهن کي اهڙي اجازت نه ملي ۽ مون کانپوءِ به ڪنهن لاءِ ائين ڪرڻ جائز نه ٿيندو. هن خطبي ۾ پين به ڪيترين ئي ڳالهين جو ذڪر ڪيو ويو، جن جا تفصيل "سيرة شاميه" وغيره ۾ ڏنا ويا آهن.

* هن سال جنهن ڏينهن مڪو فتح ٿيو اهو جمعي جو ڏينهن ۽ رمضان شريف جي اوٽويهين تاريخ هئي. اهو قول وڌيڪ صحيح آهي. ان ڏينهن رسول اڪرم ﷺ جن طواف ڪيو ۽ ڪعبي جي چوڌاري ست ڦيرا ڏنائون ۽ ماٺهن جي گوڙ سبب "حجر اسود" جو استلام ان لٺ سان پئي ڪيائون، جيڪا ان وقت سندن هٿ مبارڪ ۾ هئي.

اهو طواف عمري جي نيت سان نه پر ثواب خاطر ڪيو ويو. چو جو ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ کي احرام ٻڌل نه هو. طواف پورو ڪري پوءِ "مقام ابراهيم" تي اچي به رڪعتون طواف جون ادا ڪيائون. اتان پوءِ وري "زمزم" جي کوهه تي آيا، جتان پاڻي به پيتائون ۽ وضو به ساريائون.

* هن سال "فتح مڪه" واري ڏينهن تي پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن ڪعبي ۾ داخل ٿيا ته عثمان بن طَلْحَه بِن اَبُوطَلْحَه عَبْدِرِيْ جهمي کان ڪعبي جي ڪنجي گهربائون. جنهن تي عُثْمَان ٻڌايو ته "اها ڪنجي منهنجي ماءُ وٽ آهي." سندس ماءُ جو نالو سُلَافَه بنت سَعِيْد اَنْصَارِيه اَوْسِيّه ٻڌايو ويو آهي. پوءِ عثمان پنهنجي ماءُ وٽ آيو ۽ ڪانئس ڪنجي گهربائين ته هن ڪنجي ڏيڻ نه چاهي، پر عثمان ڪانئس زوريءَ ڪنجي ڪسي اچي حضور انور ﷺ جن جي حوالي ڪئي. جنهن ڪانپوءِ امام الانبياء ﷺ جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان الله جي گهر جو دروازو کوليو ۽ اندر به رڪعتون نماز ادا ڪيائون ۽ پوءِ وري ٻاهر نڪري به رڪعتون بيت الله جُي آڏو پڻ ادا ڪيائون.

فائده: ڪن راوين جو قول آهي ته هجرت ڪانپوءِ رسول ڪريم ﷺ جن هڪ دفعو ئي بيت الله ۾ اندر داخل ٿيا ۽ اهو فتح مڪه جي موقعي تي ٿيو ۽ ان ڪانپوءِ حجة الوداع جي موقعي تي ۽ ٻئي ڪنهن به موقعي تي وري بيت الله ۾ اندر نه ويا. جڏهن ته علامه تقي فاسي [1] پنهنجي تاريخ ۾ جنهن

---

(١) نائين صديءَ جو بي بدل عالم، مؤرخ، محدث، فقيه ۽ سوانح نگار جنهن جو نالو محمد بن احمد بن علي بن محمد بن محمد فاسي مڪي مالڪي، لقب تقي الدين ۽ ڪنيت ابوالعباس ۽ ابوعبدالله آهي. هن سن ٧٧٥ هجريءَ ڌاري مڪي مڪرم جي هڪ معزز سيد گهراڻي ۾ جنم ورتو.

علامه فاسيءَ پنهنجي تعليم جي شروعات مڪي شريف کان ئي ڪئي، جتي عبدالرحمن بن ابوالخير حسنيءَ کان هن علم پرايو جيڪو سندس پيءُ جو سؤٽ هو. ان سان گڏ تاج بهرام زين خلف ۽ وانوغي وغيره سندس ٻيا استاد هئا، جن سيني کيس "فتويٰ" توڙي تدريس جي اجازت ڏني هئي پر سندس طبيعت اڃان سير نه ٿي هئي، جنهنڪري علم جي تڪميل لاءِ هن اسلامي دنيا جا سمورا تعليمي مرڪز گهميا ۽ ان دؤر جي نامور عالمن وٽان علم حاصل ڪيو.

ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريان هو پنهنجي امڙ سان گڏجي مديني شريف پهتو، جتي سندس مامو محب الدين نويري اتان جو قاضي هو.

مديني ۾ هن علم قراءت، اربعين نووي ڪتاب الاشارات وغيره پڙهيا. جنهن ڪانپوءِ وري هو مڪي موٽي آيو ۽ ڪجهه وقت هن مڪي ۾ درس تدريس جو ڪم ڪيو پر سندس اندر ۾ جيڪا علم جي اڃ هئي، ان ڪيس هتي آرام سان ويهڻ

Marfat.com

جو نالو "تحصيل المرام في تاريخ بلد الحرام" آهي، لکي ٿو ته "متين قول مان مراد آهي ته منهي مرسل ﷺ جن جي بيت الله ۾ هڪ دفعو داخل ٿيڻ تي ته سمورا متفق آهن، باقي هي کنهن موقعي تي داخل ٿيڻ واربن روايتن بابت مختلف رايا آهن.

اڳتي هلي هو لکي ٿو ته نبي انور ﷺ جن کعبي ۾ اندر جملي چار ڀيرا داخل ٿيا. جنهن جو ذکر اسانکي ملي ٿو. انهن مان پهريون ڀيرو "عمرة القضاء" جي موقعي تي، ٻيو ڀيرو مکي جي فتح مهل، ٽيون ڀيرو فتح مکه جي ٻئي ڏينهن تي، جيئن حضرت اسامہ بن زيد رضہ کان روايت احمد بن مَنيع ۽ دارقطنيءَ نقل کئي آهي. باقي چوٿون ڀيرو "حجة الوداع" جي موقعي تي به ٻڌايو وڃي ٿو. اها روايت ام المؤمنين سيده عائشہ صديقہ رضہ کان امام احمد، ابودائود، ترمذي ۽ ابن ماجہ وغيرها

نہ ڏنو ۽ ٧٩٧ هجريءَ ڌاري هن ان دور جي عظيم علمي مرڪز مصر ڏانهن منهن کيو. هتي پهچي هن وقت جي مڃيل امامن وٽان حديث توڙي فقهہ ۾ ڪمال حاصل کيو. سندس استادن ۾ بُلقيني، تنوخي، ابن مُلَقن، هيثمي ۽ زين الدين عراقيءَ سان گڏ مريم بنت ازرعيءَ جو نالو به شامل آهي، جنهن کانپوءِ هو دمشق پهتو، جتي ابوهريره ذهبي ابن ابوالمجد ۽ خديجه بنت سلطان کان هن فيض پرايو. پوءِ وري هو بيت المقدس ويو جتي علي شهاب بن علانيءَ جو شاگرد ٿي رهيو ۽ کسبِ ڪمال جي سلسلي ۾ سندس آخري منزل يمن هئي، جتي هو ٨٠٥ هجريءَ ڌاري پهتو. ان دور ۾ يمن به اسلامي تعليم جو وڏو مرڪز هو. علامہ فاسيءَ هتي رهي ابن حيدر دهقلي، ابن عياش دمشقي وغيره وٽان تخصص حاصل کيو، جنهن کانپوءِ ٨٠٧ هجريءَ ڌاري هو جڏهن مکي واپس پهتو ته کيس اتي مالکي فقه وارن جو قاضي مقرر کيو ويو ۽ ان دور ۾ اهڙو ٻيو کوبہ ماڻهو کونہ هو جيکو علم فضل ۾ سندس مقابلو ڪري.

فقہ جي لحاظ کان جيتوڻيڪ هو مالکي فقہ جو پيروڪار هو پر قدرت سندس دل کي هر تعصب کان پاڪ کيو هو ۽ هر فقہ جا پوئلڳ وٽانئس فيض حاصل کندا هئا. سندس شاگردن ۾ شاقعين جو تعداد تمام گهڻو آهي.

علامہ فاسيءَ پنهنجي زندگيءَ جو ڪافي حصو مکي ۾ گذاريو. انڪري مکي شريف سان محبت ۽ مکي جي تاريخ بابت سندس معلومات تمام گهڻي هئي، اهوئي سبب هو جو سندس تصنيفات ۽ تاليفات ۾ گهڻا ڪتاب مکي شريف جي متعلق ئي آهن، جيکي سَنَد جي حيثيت رکن ٿا. سندس خاص ڪتاب هيئيان آهن:

١. شفاء العزام في باخبار البلد الحرام.
٢. العقد الثمين في تاريخ البلد الامين.
٣. عجالة القريٰ في تاريخ امّ القريٰ.
٤. تحصيل المرام في تاريخ البلد الحرام.
٥. تحفة الكرام باخبارالبلد الحرام هي شفاء الغرام جو اختضار آهي.

ان ڪانسواءِ ڪيترن مشهور ڪتابن جا ذيل ۽ اختصار به لکيائين، جيکي هيٺ ڏجن ٿا:

ذيل سير اعلام النبلاء ذهبي.

ذيل علي التقييد ابن نقطہ.

اختصار حياة الحيوان دِميري وغيره.

آخري عمر ۾ سندس نظر بيهجي ويئي، جنهنڪري معذور ٿي گهر ۾ ويهي رهيو، پر پوءِ به جڏهن علم جو ڪو طالب وٽس ايندو هو ته ان کي مايوس نہ ڪندو هو.

علامہ فاسيءَ سن ٨٣٢ هجريءَ ڌاري مکي شريف ۾ وفات ڪئي.

Marfat.com

نقل کئي آهي، جنهنجي "ترمذي" طرفان تصحيح بہ کئي ويئي آهي. ان بابت "فاسيءَ" جو خيال آهي تہ "عمرة القضاء" واري روايت صحيح نہ آهي، باقي ٽن پيرن واريون روايتون صحيح آهن، جڏهن تہ "فتح مکہ" جي ڏينهن داخل ٿيڻ واري روايت تي سمورا منفق آهن. (۱)

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن ارادو ڪيو تہ ڪعبة الله جي ڪنجي عثمان يا سندس والده کي واپس نہ ڪئي وڃي، ڇو جو ڪنجي ڏيڻ ويل پوڙهيءَ سختي ڪئي هئي، ان موقعي تي رب پاڪ طرفان هيٺين آيت نازل ڪئي ويئي.

اِنَّ اللهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تُؤَدُّوا الْاَمَانَاتِ اِلٰى اَهْلِهَا. (۲)

"بيشڪ الله تعاليٰ اوهان کي حڪم ڪري ٿو تہ اوهان امانتون سندن وارثن کي واپس ڪريو."

ان ڪانپوءِ رسول رحمت ﷺ جن اها ڪنجي ڪين موٽائي ڏني ۽ فرمايائون تہ"وٽو اي بنو طلحہ! هاڻي اها ڪنجي هميشہ اوهان وٽ رهندي."

* هن ئي سال جڏهن سرور عالم ﷺ جن ڪنجي ان جي اصلوڪن مالڪن کي موٽائي ڏني تہ اوڏيءَ مهل ئي عُثْمَان رضہ بن طَلْحَہ جحميءَ اسلام قبول ڪيو ۽ ساٽس گڏ سندس ماءُ بہ مسلمان ٿي. هڪ روايت ۾ ائين بہ ٻڌايو ويو آهي، پر جمهور جي راءِ اها آهي تہ عثمان "فتح مکہ" کان اٽڪل ڇهہ مهينا اڳ صفر جي مهيني ۾ ئي مسلمان ٿي چڪو هو، جيئن هن ئي فصل ۾ هن کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

* هن سال "فتح مکہ" جي موقعي تي شَيْبَہ رضہ بن عُثْمَان بِن اَبُوطَلْحَہ بن عَبْدُالْعُزيٰ عَبْدِري حجبيّ بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو عُثْمَان بِن طَلْحَہ جو سؤٽ هو. ڪن جو چوڻ آهي تہ "شَيْبَہ" هن ڪانپوءِ "حنين" جي موقعي تي مسلمان ٿيو هو. انهن ٻنهي روايتن کي هن ريت بہ گڏي سگهجي ٿو تہ "شيبہ" فتح مکہ واري ڏينهن تي ئي مسلمان ٿيو هجي ۽ حنين واري زماني تائين سندس ايمان ۾ پختگي آئي هجي.

* هن ئي سال جو واقعو آهي تہ ڪعبي جي ڪنجي جيڪا مٿي مرسل ﷺ جن ان جي مالڪن کي موٽائي ڏني تہ ان ڪانپوءِ اها ڪنجي سڄي ڇمار حضرت عُثْمَان بِن طَلْحَہ بِن اَبُوطَلْحَہ رضہ جي هٿ رهي، تانجو سندس وفات جو وقت آيو تہ ان کان اڳ هن اها ڪنجي پنهنجي سؤٽ شَيْبَہ رضہ بن عُثْمَان بِن اَبُوطَلْحَہ جي حوالي ڪئي، جيڪا اڄ سوڏو "بَنُوشَيْبَہ" وارن جي هٿ ۾ آهي.

* هن سال "فتح مکہ" وارن ڏينهن ۾ حُيَي ابن جاريہ ثقفي بہ اسلام قبول ڪيو (۳) جيڪو بنو زهره وارن جو ساٽاري هو. هو حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت تائين زنده هو ۽ "جنگ يمامہ" ۾ بهرو ورتائين، جتي ڪيس شهادت نصيب ٿي.

---

(۱) تحصيل المرام في تاريخ بلد الحرام.

(۲) "سورة النساء" آيت ۵۸ پاره ۵.

(۳) ابن الاثير ۽ ڪن ٻين اهو نالو حُيَي بن حارثہ بہ لکيو آهي، جڏهن تہ طبريءَ سندس نالي ۾ هڪ "ي" ڏئي "حي" لکيو آهي، هن صحابي سگهوري جنگ يمامہ ۾ شهادت ماڻي.
اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۱۰۱.

Marfat.com

* هن سال فتح مڪ واري زماني ۾ سيد الانبياء ﷺ جن جي حڪم سان حرم پاڪ جي نئين سِر حدبندي ڪئي ويئي ۽ ان ڪم مٿان تميم رضہ بن اسيد بن عبدالعزيٰ خزاعي نالي صحابي کي مقرر ڪيو ويو.

* هن سال "غَزْوَةُ الْفَتْح" واري سفر ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن سان ٻہ بيبيون سڳوريون ساڻ هيون، جن مان هڪ سيده ام سلمہ رضہ ۽ ٻي حضرت مَيْمُوْنَہ رضہ هئي.

* هن سال "فتح مڪ" واري زماني ۾ "اَبُوقُحَافَہ" بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو پيءُ هو ۽ سندس نالو عثمان رضہ بن عامر ٻڌايو ويو آهي. "اَبُوقُحَافَہ" سندس ڪنيت آهي، ڇو جو "قُحَافَہ" نالي کيس هڪ نياڻي هئي، جيڪا سندس اولاد ۾ سڀ کان ننڍي هئي.

"اَبُوقُحَافَہ" کي نبي اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ سندن پٽ سيدنا ابوبڪر صديق رضہ وٺي آيو، جتي هن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو.

* هن سال فتح مڪ جي موقعي تي حَارِث رضہ بِن هَشَّام بن مُغِيْرَہ مَخْزُوْمِي بہ مسلمان ٿيو، جيڪو ابوجهل جو سڳو ڀاءُ هو.

* هن سال فتح مڪ وارن ڏينهن ۾ وَحْشِيْ رضہ بن حَرْب بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جي چاچي سائينءَ حضرت حَمْزَہ جو قاتل هو.

ڪن جو چوڻ آهي تہ "وَحْشِيْ" غَزْوَہ طَائِف کانپوءِ مسلمان ٿيو هو.

* هن ئي سال ساڳئي موقعي تي حَكِيْم رضہ بن حِزَام بن خويلد بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو ام المؤمنين سَيِّدَہ خَدِيْجَةُ الْكُبْرىٰ رضہ جو ڀائٽيو هو. هن ئي فصل ۾ مٿي هڪ روايت ۾ نقل ڪيو ويو آهي تہ حضرت حَكِيْم رضہ "فتح مڪ" کان هڪ ڏينهن اڳ "مَرُّ الظَّهْرَان" وٽ مسلمان ٿيو هو.

* هن ئي سال فتح مڪ جي موقعي تي هَشَّام، خَالِد، عَبْدُالله ۽ يَحْيٰ بہ اسلام قبول ڪيو، اهي چارئي حضرات حَكِيْم رضہ بن حِزَام جا پٽ هئا، جيڪي پنهنجي پيءُ کانپوءِ مسلمان ٿيا ۽ ساڻن گڏ سندن ماءُ زَيْنَب رضہ بنت عوام بہ اسلام قبول ڪيو.

* هن سال فتح مڪ جي ئي موقعي تي اَبُو وَدَاعَة حَارِث رضہ بِن عُمَيْرَہ بِن سَعِيْد قُرَشِي سَهْمِي بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو مُطَّلِب بن اَبُو وَدَاعَہ سَهْمِي جو پيءُ هو ۽ سَيِّدنا عُمر بن خَطَّاب رضہ جي خلافت تائين زنده سلامت هو. هن ئي موقعي تي سندس پٽ مطلب بن ابو وداعہ بہ مسلمان ٿيو.

* هن ئي سال فتح مڪ جي موقعي تي اَبُوجَهْم رضہ بن حُذَيْفَہ قُرَشِيْ عدوي بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو حضرت عبدالله بن عمر رضہ جو مائيتو ڀاءُ هو. سندس نالي ۾ اختلاف آهي، ڪن سندس نالو "عبيد" تہ ڪن "عامر" ٻڌايو آهي. هي اهو ساڳيو صحابي آهي، جنهن کان "انبجاني" (١) چادر جو قصو صحيح بخاري وغيره ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

* هن سال "فتح مڪ" واري دؤر ۾ يَعْلىٰ رضہ بِن اُمَيَّہ تِمِيْمِيّ بہ مسلمان ٿيو، جيڪو قريش جو

---

(١) "انبجان" هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جتان جون گرم چادرون يا شالون ان دور ۾ مشهور هيون، جيڪي "اَنَ" مان ٺهيل هيون ۽ لسيون هونديون هيون، يعني انهن تي ڪو ڇاپي وغيره جو ڪم ٿيل نہ هوندو هو.
"النهايہ" "ابن الاثير" ج ١ ص ٣٧.

Marfat.com

ساڻاري هو، کيس "يَعْلَيٰ رضہ بن مُنِيَّہ" بہ سڏيو ويندو آهي. هن "طائف" "تبوڪ" ۽ "حنين" جي غزوات ۾ بهرو ورتو.

* هن ئي سال مڪي جي فتح کان اڳ عَبْدُالله رضہ بِن اَبُو رَبِيْعَہ بن مُغِيْرَہ قُرَشِي مَخْزُوْمِي بہ مسلمان ٿيو، جيڪو "عَيَّاشِ بِن اَبُو رَبِيْعَہ" جو پاءُ هو.

* هن سال "فتح مڪہ" وارن ڏينهن ۾ اَبُوشُرَيْح رضہ خُزَاعِي كَعْبِي مدني بہ اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمان جي حيثيت سان "فتح مڪہ" ۾ بهرو ورتائين. سندس نالي ۾ اختلاف آهي، ڪجهہ راوين طرفان سندس نالو خُوَيْلد بن عَمْرو ٻڌايو ويو آهي تہ، ڪن طرفان کي ٻيا بہ نالا ٻڌايا ويا آهن.

* هن سال "فتح مڪہ" جي موقعي تي قريش قبيلي جي هڪ ٻانهي "سَارَہ" رضہ بہ اسلام قبول ڪيو. هيءَ ساڻئي عورت آهي، جيڪا مڪي جي فتح کان اڳ حاطب بن اَبُوبَلْتَعَہ رضہ جو خط ڪٽي مڪي جي ڪافرن ڏانهن رواني ٿي هئي. سندس مسلمان ٿيڻ واري روايت ۾ اختلاف آهي، جيئن متي بيان ٿي چڪو آهي.

* هن سال ساڻئي موقعي تي اَبُو سَنَابِل رضہ بن بعلبک بن حَارِث قُرَشِي عَبْدِرِي بہ اسلام قبول ڪيو. جيڪو شاعر بہ هو. سندس "سُبَيْعَہ اَسْلَمِيَّہ" نالي عورت سان نڪاح جو قصو صحيح بخاري وغيره ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

* هن سال "فتح مڪہ" جي زماني ۾ عامر رضہ بن ڪريز بن ربيعہ بن حبيب بن عبد شمس عَبْشَمِيّ بہ اسلام قبول ڪيو. هي حضرت عَبْدُالله رضہ بن عامر قرشيءَ جو پيءُ هو.

* هن سال مڪي جي فتح واري موقعي تي رُكَانَہ رضہ بن عَبْد يَزِيْد بن هَاشِم بِن عَبْدُالْمُطَّلِب بن عبد مَنَاف قرشي مُطلبي بہ مسلمان ٿيو، جيڪو قريش قبيلي وارن جو وڏو طاقتور پهلوان ۽ ڪُشتيءَ جو ڄاڻو هو. هو نبي اڪرم ﷺ جن سان بہ ڪُشتي کيڏيو هو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ يا ٽي دفعا کيس دسيو هو. ان ڪُشتيءَ جا تفصيل وڏن ڪتابن ۾ ڄاڻايا ويا آهن.

* هن سال فتح مڪہ وارن ڏينهن ۾ سُهَيْل رضہ بن عَمْرو بن عَبْد شَمْس بن عَبْدوُدّ قُرَشِي عَامِري بہ اسلام قبول ڪيو، جنهن جو شمار مڪي جي وڏن ماڻهن ۾ ٿيندو هو. هي اهو شخص آهي، جنهن "حُدَيْبِيَّہ" واري صلح نامي لکڻ وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن کي روڪيو هو تہ صلح نامي ۾ محمد "رسول الله ﷺ" نہ لکيو وڃي ۽ پوءِ سُهَيْل جي گذارش قبول ڪندي پاڻ ڪريمن ﷺ حڪم ڏنو هو تہ ان جاءِ تي "مُحَمّد بِن عَبْدُالله ﷺ" لکيو وڃي. ان واقعي جا تفصيل صحيح بخاري وغيره ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

ان ڪانپوءِ ان ساڻئي سُهَيْل رضہ کي رب تعاليٰ فتح مڪہ جي موقعي تي اسلام جي نعمت سان نوازيو.

هن ئي سال مڪي جي فتح وقت ابو هاشم بن عتبہ بن رَبِيْعَہ قرشي عَبْشَمِيْ بہ مسلمان ٿيو جيڪو مُعَاوِيہ بن اَبُوسُفْيَان جو مامون، اَبُوحُذَيْفَہ بن عتبہ جو پاءُ ۽ مُصْعَب بن عُمَيْر جو مائيتو پاءُ هو.

* هن سال فتح مڪہ جي موقعي تي عبد رضہ بن زَمْعَہ بن قَيْس بن عَبْد شَمْس قُرَشِي عَامِريءَ بہ اسلام قبول ڪيو. هي ام المؤمنين سيده سَوْدَہ بن زَمْعَہ رضہ جو پاءُ هو، جيئن ارشاد الساريءَ ۾ قسطلانيءَ ڄاڻايو آهي.

Marfat.com

* هن ئي سال فتح مڪ واري زماني جو واقعو آهي ته مٿين صحابي عَبْد بن زمعہ رضہ جو حضرت سَعْد بن اَبِي وَقّاص رضہ سان هڪ پار بابت تنازعو ٿي پيو، جيڪو زمعہ جي پانهيءَ کي ڇائو هو. اهو پار عَبْد بِن زَمَعَہ کي ڏيکاريندي رسول الله ﷺ جن فرمايو. "پار ان جو ٿيندو جنهن جي تڏي تي ڇمي، باقي زانيءَ لاءِ پٿر آهن."

اهو قصو صحيح بخاريءَ ۾ تفصيل سان نقل ڪيو ويو آهي. جنهن پار بابت تنازعو ٿيو، ان جو نالو عبدالرحمٰن بن زَمَعَہ ٻڌايو ويو آهي ۽ جنهن پانهيءَ هي پار ڇٽيو ان جو نالو قُرَيْبَہ بِنت اُمَيَّہ بِن مُغِيْرَہ آهي، جيئن "اسد الغابہ" وغيره ۾ ڇاڻايو ويو آهي. جڏهن ته "شرح بخاري" ۾ قسطلاني لکي ٿو ته ڪيس ان پانهيءَ جو نالو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي.

* هن سال فتح مڪ جي موقعي تي خُرَيْم رضہ ابن فَاتِک بن اَخْرَم اَسَدِيّ به اسلام قبول ڪيو جيڪو "اَسَد خُزَيْمَہ" وارن مان هو ۽ سندس وار ڏگها هوندا هئا، پر حقيقت ائين آهي ته خُرَيْم ۽ سندس پاءُ "سَبُرَہ بن فَاتِک رضہ هن کان گهٽو اڳ مسلمان ٿي چڪا هئا ۽ "غَزْوہ بَدْر" ۾ به بهرو ورتو هئائون.

هن ئي موقعي تي سندس پٽ اَيْمَن بن خُرَيْم بن فَاتِک جيڪو ان وقت اڃان نوجوان ڇوڪرو هو اهو به اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيو هو.

* هن ئي سال "فتح مڪ" واري زماني ۾ اَبُو وَاقِد لَيْثِي رضہ به اسلام قبول ڪيو، جنهن جو تعلق لَيْث ڪِنَانَہ وارن سان هو. سندس نالو حَارِث بن عَوْفِ بن اُسَيْد ٻڌايو ويو آهي. ڪن جو ڇوڙ آهي ته اَبُو وَاقِد رضہ فتح مڪ کان اڳ ئي مسلمان ٿي چڪو هو، باقي جيڪي چون ٿا ته هو "غزوہ بدر" ۾ شريڪ ٿيو ته انهن جي ڳالهہ صحيح نہ آهي.

* هن سال جڏهن رسول انور ﷺ جن مڪي شريف جي فتح کان واندا ٿيا ته ان موقعي تي عَتَّاب رضہ بن اُسَيْد بن اَبُوالْعِيْص بن اُمَيَّہ قُرَشِي اموي مڪيءَ به اسلام قبول ڪيو هو. پلو مسلمان ثابت ٿيو، ۽ هن ئي سال رسول اڪرم ﷺ جن طرفان ڪيس مڪي جو والي بڻايو ويو ۽ پوءِ عتاب رضہ هن ئي سال ماڻهن سان گڏيو حج تي ويو، جيئن هن ڪان اڳ هن ئي فصل ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

* هن ئي سال مڪي جي فتح وقت عَبْدُالله رضہ بن زِبَعْرِيٰ بن قَيْس قُرَشِي سَهْمِيءَ به اسلام قبول ڪيو، جيڪو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. مسلمان ٿيڻ کان اڳ هو مٿي مرسل ﷺ جن سان سخت دشمني رکندو هو.

* هن سال ساڳئي موقعي تي عبدالله رضہ بن سَعْد بن اَبُوسَرْح به اسلام قبول ڪيو. جيڪو حضرت عُثْمَان بن عَفّان رضہ جو ٽڇ شريڪ پاءُ هو. هي شخص هن کان اڳ به مسلمان ٿيو هو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان ڪيس وحي لکڻ جو ڪم به سونپيو ويو هو پر پوءِ هو دين تان ڦري ويو ۽ فتح مڪ جي موقعي تي وري ٻيهر اسلام قبول ڪيائين ۽ پوءِ هو پنهنجي دين تي ثابت قدم رهيو.

* هن سال فتح مڪ واري دور ۾ عُقْبَہ رضہ بن حَارِث بِن عَامِر اَبُوشَرْوَعَہ قُرَشِي نوفلي به اسلام قبول ڪيو هو. هي اهو ساڳيو شخص آهي، جنهن چوٽين هجريءَ ڏاري حضرت خُبَيْب بن عَدِيّ رضہ

Marfat.com

جهڙي جليل القدر صحابي سڳوري کي شهيد ڪيو هو پر پوءِ خدا تعاليٰ کيس هدايت ڏني ۽ فتح مڪ ڪان موڻ تي حق جي واڻ ورتائين. حضرت خبيب رضہ جي شهادت جو ذڪر سرايا واري باب ۾ گذري چڪو آهي.

* هن ئي سال مڪي جي فتح واري دور ۾ حويطب رضہ بن عبدالعزيٰ بن ابو قيس قرشي عامري ۽ مسلمان ٿيو ۽ پوءِ مسلمانن سان گڏجي حنين توڙي طائف ۾ حصو ورتائين.

نبي ڪريم ﷺ جن طرفان کيس سؤ اٺ ڏنا ويا. هو پلو مسلمان ٿي رهيو.

* هن ئي سال فتح مڪ جي موقعي تي خالد رضہ بن اسيد بن ابوالعيص بن اميہ قرشي اموي ۽ اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمان ٿيڻ کانپوءِ ستت انهن ئي ڏينهن ۾ مڪي ۾ گذاري ويو. هي عتاب بن اسيد جو ڀاءُ هو، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي.

* هن سال انهن ئي ڏينهن ۾ "ام حڪيم" رضہ ۽ ايمان آندو. سندس نالو بيضاء بنت حارث بن هشام مخزوميہ آهي. هي بيبي سڳوري عڪرمہ بن ابوجهل جي گهرواري ۽ هئي ته سؤٽ ۽. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ سندس مڙس "عڪرمہ" رضہ ۽ سندس ئي هٿ تي اسلام قبول ڪيو.

* هن ئي سال فتح مڪ جي موقعي تي يا ان کان ڪجهہ وقت پوءِ صفوان رضہ بن اميہ بن خلف جُمَحي رضہ ۽ اسلام قبول ڪيو. سندس پيءُ اميہ بن خلف "غزوہ بدر" واري ڏينهن ڪفر جي حالت ۾ قتل ٿيو هو.

* هن ئي سال فتح مڪ وارن ڏينهن ۾ هبار رضہ بن اسود ۽ بديل رضہ بن ورقاء بن عبدالعزيٰ خزاعي ۽ اسلام قبول ڪيو. جڏهن ته ڪن جو چوڻ آهي ته بديل رضہ ۽ سندس پٽ عبدالله رضہ بن بديل مڪي جي فتح کان هڪ ڏينهن اڳ "مر الظهران" وٽ مسلمان ٿيا هئا، جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي.

* هن سال هن ئي موقعي تي سُنَيْن رضہ بن فرقد ابو جمليہ ۽ ايمان آندو. سندس تعلق ضمري يا بي قول موجب "سلمي" قبيلي سان ٻڌايو ويو آهي.

* هن سال فتح مڪ وارن ڏينهن ۾ عبدالله رضہ بن شخير ابومطرف عامري ۽ مسلمان ٿيو. سندس تعلق عامر بن صَعْصَعَہ وارن سان هو.

* هن سال فتح مڪ واري موقعي تي مطيع رضہ بن اسود بن حارث عدوي ۽ اسلام آندو. پهريان سندس نالو "عاصي" هو، پر پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن اهو نالو بدلائي مٿس "مطيع" نالو رکيو. حجة الوداع جي موقعي تي هن ئي، رسول انور ﷺ جن جي مٿي مبارڪ کي پاڪي ڏني هئي.

* هن سال هن ئي موقعي تي حضرت ام هاني بنت ابوطالب رضہ ۽ اسلام قبول ڪيو، سندس نالو "فاختہ" ٻڌايو ويو آهي.

* هن سال فتح مڪ جي موقعي تي معاويہ بن ابوسفيان صخر بن حرب صحابي قرشي اموي رضہ ۽ پنهنجي پيءُ کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ اسلام قبول ڪيو. ڪن جو چوڻ آهي ته هو پنهنجي پيءُ کان گهٽو وقت اڳ "غزوہ حديبيہ" کان پوءِ ئي ڳجهيءَ طرح ايمان آڻي چڪو هو، جنهن کي فتح مڪ جي موقعي تي ظاهر ڪيائين.

* هن سال ساڳئي موقعي تي يزيد بن ابوسفيان رضہ ۽ اسلام قبول ڪيو، جيڪو معاويہ جو

Marfat.com

پيئتو پاڻ هو. هن جو شمار فاضل صحابين ۾ ٿيندو آهي. سندس ڪنيت ته "اَبُوالْحِكَم" آهي ۽ ڪيس "يَزِيْدُ الْخَيْر" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ابوسفيان رضه جي اولاد ۾ سندس مانُ سڀ کان متاَنهون آهي.

* هن ئي سال فتح مڪ جي موقعي تي هند رضه بنت عتبه به اسلام قبول ڪيو جيڪا اَبُوسُفْيَان رضه بن حَرْب جي زال ۽ مُعَاوِيَه رضه جي ماڻ هئي.

* هن سال فتح مڪ واري زماني ۾ ئي سرور عالم ﷺ جن حضرت ام هاني بنت ابوطالب رضه جي گهر آيا، جيڪا سيدنا علي رضه جي ڀيڻ هئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن سندس گهر ۾ غسل به فرمايو ته چاشت جا نفل به ادا ڪيا.

* هن سال ساڳئي موقعي تي حضرت ام هاني رضه، سرور ڪائنات ﷺ جن وٽ آئي ۽ چيائين ته "اي الله جا رسول ﷺ! منهنجي امڙ ڄايو علي رضه انهن بن ڇڻن کي قتل ڪرڻ چاهي ٿو، جن جي مون سام ڪنئي آهي." ان تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن وراڻيو: "اي ام هاني، جيڪي تنهنجي سام پيا آهن اهي اسان جي به سام ۾ آهن." انهن بن شخص مان هڪ ته ابوجهل جو ڀاءُ حَارث بن هَشَّام مَخْزُوْمِي هو، جڏهن ته ٻيو شخص زُهَيْر بِن اَبُو اُمَيَّه بِن مُغِيْرَه مَخْزُوْمِي هو، جيڪو ام المؤمنين سَيِّده اُمِّ سَلَمَه رضه جو ڀاءُ هو. ان ڪانپوءِ مڪي جي فتح واري موقعي تي حَارث رضه ۽ زهير رضه ٻئي مسلمان ٿيا.

ڪن جو چوڻ آهي ته اهي به ماڻهو جي حضرت ام هاني رضه وٽ سام پيا هئا، انهن منجهان هڪ ته سندس مڙس هُبَيْرَه بن ابو وَهْب مَخْزُوْمِي هو، جڏهن ته ٻئي جو نالو جعده بن هبيره ٻڌايو ويو آهي. پر اها روايت ضعيف آهي، ڇو جو هبيره مڪي جي فتح واري ڏينهن تي مڪي مان ڀڄي وڃي نجران پهتو ۽ هو پنهنجي ڪفر تي آخر تائين قائم رهيو، تانجو اتي ڪفر جي حالت ۾ ئي مري ويو. باقي جعده ان وقت تائين ايمان ڀار هو ۽ حضرت عليءَ رضه جهڙي هستي لاءِ مناسب نه هو ته ان جي قتل جو ارادو ڪري. ائين ئي حافظ ابن حجر "فتح الباري" ۾ ۽ "زرقاني" "شرح عليٰ المواهب" ۾ ڄاڻايو آهي.

* هن سال انهن ئي ڏينهن ۾ نبي سڳوري ﷺ عَبْدُالله بن خَطَل جي قتل جو حڪم ڏنو، ڇو جو هي شخص مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجي دين تان ڦري ويو هو ۽ مٿي مرسل ﷺ جن متعلق گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو ۽ پنهنجي ٻانهين کان به اهڙا شعر ڳائرائيندو هو، جن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي گهٽتائي بيان ڪيل هوندي هئي. رسول اڪرم ﷺ جن جڏهن سندس قتل جو حڪم ڏنو ته ڪيس ٻڌايو ويو ته "اي خدا جا رسول ﷺ! هو ته ڪعبة الله جي غلاف کي چنبڙيو پيو آهي، پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "ڪيس قتل ڪيو وڃي." جنهن ڪانپوءِ ڪيس ان حالت ۾ قتل ڪيو ويو جو هو ڪعبي جي غلاف کي چنبڙيو پيو هو. جيئن هن فصل ۾ اڳ بيان ٿي چڪو آهي. باقي ان ڳالهه ۾ اختلاف آهي ته ڪيس ڪنهن قتل ڪيو؟ ان ڏس ۾ صحيح ڳالهه اها آهي ته هو اَبُو بَرْزَهْ اَسْلَمِيّ رضه هٿان قتل ٿيو.

* هن سال فتح مڪ واري زماني ۾ عُتْبَه رضه ۽ مُعَتِّب رضه به مسلمان ٿيا. هي ٻئي اَبُولَهَب جا

Marfat.com

پٽ هئا. کين نبي سائينءَ ﷺ جي صحبت بہ نصيب ٿي تہ "حُنَيْن" جي جهاد ۾ بہ حصو ورتائون. ساڻن گڏ سندن ڀيڻ دُرَّه رضہ بنت اَبُولَهْب بہ اسلام قبول ڪيو ۽ صحابيت جو درجو حاصل ڪيائين، باقي سندن هڪ ڀاءُ "عُتَيْبَہ" هو، جنهن کي "شام" جي سرزمين تي "زرقاء" نالي ڳوٺ ۾ هڪ شينهن ماري وڌو. هو نبي اڪرم ﷺ جن کي ستائيندو هو، تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ کيس پاراتو ڏنو هو تہ "اي الله! هن کي ڪو ڪُتو کائي". هو پنهنجي پيءُ جي جيئري ئي ڪفر جي حالت ۾ مئو هو. جيئن سندس پيءُ ابولهب بہ اڳتي هلي ڪفر جي حالت ۾ ئي قتل ٿيو.

* هن ئي سال فتح مڪہ جي موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن شراب، سوئر، مئل ڍور جي گوشت ۽ ان جي چرٻيءَ جي وڪري کي حرام قرار ڏنو ۽ ان کانسواءِ ڀوپن جي مٺائيءَ کي بہ حرام ڪيو ويو.

* هن سال "غزوه فتح مڪہ" جي موقعي تي رسول خدا ﷺ جن مڪي شريف ۾ اٽڪل ارڙهن يا سترهن راتيون ترسيا ۽ ان عرصي ۾ قصر نماز پڙهندا رهيا.

* هن سال "فتح مڪہ" کانپوءِ رسول الله ﷺ جن ڏٺو تہ ماڻهو ٽولن جا ٽولا ٿي الله جي دين ۾ داخل ٿي رهيا آهن ۽ اسلام عرب تي ڇانئجي رهيو آهي ۽ اها "فتح مبين" مڪمل ٿي ويئي. الله تعاليٰ پنهنجي دين ۽ نبيءَ ﷺ جي مدد فرمائي، کين وڏو مانُ عطا ڪيو، تانجو مڪي پاڪ ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ ۽ سڄي حجاز جي سرزمين تي بہ ڪو ڪافر باقي نہ بچيو. اتان جا رهاڪو يا تہ مسلمان ٿيا يا اتان ڀڄي ٻين شهرن ڏانهن هليا ويا.

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان "فتح مڪہ" واري مهم مڪمل ٿي تہ شيطان رنو ۽ وڏيون رڙيون ڪيائين. پوءِ جڏهن سندس اولاد هن جي چوڌاري گڏ ٿي تڏهن کين چوڻ لڳو: "هتي عرب جي سرزمين ۾ هاڻي توهان شرڪ کي تہ داخل ڪري نہ سگهندا. باقي منجهن روڄ پٽڪو (پار ڪڍڻ) عام ڪريو.

* هن سال مڪي جي فتح کانپوءِ فَاطِمَہ بِنت اَسْوَد مَخْزُوْمِيہ نالي هڪ عورت ڪنن جو زيور چوري ڪيو يا هڪ ٻي روايت مطابق هن نبي انور ﷺ جن جي گهران ئي هڪ چادر چورائي هئي. ان ڏوهہ ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن طرفان حڪم ڏنو ويو تہ ان عورت جو هٿ ڪاٽيو وڃي ۽ پوءِ ائين ڪيو ويو. اهو قصو صحيح بخاري وغيره ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

* هن سال "فتح مڪہ" کانپوءِ مديني جا انصار پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا تہ، الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبر ﷺ جن هٿان مڪي کي فتح ڪرايو، جيڪو سندن اباڻو گهر بہ آهي تہ اتي ئي سندن ﷺ مٽ مائٽ بہ موجود آهن. انڪري ٿي سگهي ٿو تہ هاڻي پاڻ ڪريم ﷺ جن اتي ئي رهي پون ۽ اسانکي ڇڏي وڃن. اها خبر جڏهن مٺي مرسل ﷺ جن ٻڌي، تڏهن انصارن کي چوڻ لڳا: "اسان جو اوهان سان مرڻ جيئڻ جو ساٿ آهي، انصار اندرين ڪپڙي مثل آهن، جڏهن تہ ٻيا ماڻهو ٻاهرين ڪپڙي وانگر." ۽ ائين بہ فرمايائون: "انصار منهنجي اندر جا ٽڪر آهن ۽ منهنجا حال ڀائي پڻ، جيڪڏهن هجرت نہ ٿئي ها تہ آءٌ بہ هڪ انصار هجان ها." جيڪڏهن ماڻهو ڪنهن هڪ لَڪَ يا واديءَ ۾ وڃن ۽ انصار ٻيءَ ۾، تہ مان انصار سان گڏ هوندس. (حديث)

Marfat.com

* هن سال جي شروعات ۾ حضرت عمر رضہ بن خطاب جي گهر عَاصِم نالي هڪ نينگر ڄائو، جيڪو حضرت عُمر بن عَبْدُالْعَزِيْزِ رضہ جو نانو آهي. "تذكرة القاري" واري ڄاڻايو آهي تہ عاصم پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وصال کان ٻہ ورهيہ اڳ ڄائو هو.

* هن سال عَبْدُالله بن حَارِث بن نَوْفَل بِن حَارِث بِن عَبْدُالْمُطَّلِب بِن هَاشِم قُرَشِيْ هَاشِمِيْ ٻہ ڄائو، جيڪو بَبَّہ جي لقب سان ڄاتو وڃي ٿو. هو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي زماني ۾ ڄائو، جڏهن تہ سندس پيءُ حارث کي صحابيت جو درجو حاصل آهي.

"اسد الغابہ" ۾ "ابن الاثير" ڄاڻايو آهي تہ عبدالله پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال کان ٻہ ورهيہ اڳ ڄائو هو.

* هن سال "فتح مكہ" جي پڇاڻيءَ کانپوءِ نبي انور ﷺ جن جڏهن "حُنَيْن" ڏانهن اسهيا، تڏهن حضرت عَتَّاب رضہ بن اُسَيْد کي مڪي جو امير مقرر ڪيائون. هو سڄو سال مڪي ۾ ئي رهيو ۽ ماڻهن کي پنهنجي اڳواڻيءَ ۾ حج تي ٻہ وٺي ويو، ان وقت سندس عمر ويهارو ڪن ورهيہ هئي.

غَزْوَه حُنَيْن جا واقعا (۱)

* هن سال جڏهن رسول انور ﷺ جن "حُنَيْن" ڏانهن اسهيا تہ ان موقعي تي ٻارهن هزار صحابين جو لشڪر ساڻن گڏ هو، ڪن راوين طرفان اهو انگ چوڏهن هزار ٻہ ٻڌايو ويو آهي. هن موقعي تي صَفْوَان بن اُمَيَّہ کان اڌاري طور ڪجهہ زرهون گهربون ويون، جنهن چار سؤ زرهن سان گڏ ڪجهہ ٻيا هٿيار پڻ پيش ڪيا.

* هن سال "حنين" ڏانهن ويندي رستي ۾ ماڻهن جي نگاهہ هڪ وڏي ٻير جي وڻ تي پيئي، جيڪو سڄو سائو هو ۽ تمام گهڻو قد ڪندو هو، ان کي "ذَات اَنْوَاط" سڏيو ويندو هو. ان وڻ کي ڏسندي ڪجهہ اهڙا اصحابي جيڪي تازا دين ۾ داخل ٿيا هئا: چوڻ لڳا تہ "اي الله جا رسول ﷺ! اسان لاءِ ٻہ هڪ اهڙو "ذَات اَنْوَاط" هجڻ کپي جيئن هي ڪافرن لاءِ آهي، اهو ٻڌي خدا جي سچي رسول ﷺ جن وراڻيو: "الله اڪبر! ڇا توهان اهڙي ڳالهہ ڪريو ٿا جهڙي حضرت مُوسيٰ جي قوم ڪئي؟ هن پنهنجي پيغمبر کي چيو هو: "اي موسيٰ عليہ السلام! اسان لاءِ ٻہ اهڙو ميوو مقرر ڪر جهڙو هن لاءِ آهي."

حضرت موسيٰ وراڻيو هو: "اوهان اهڙي قوم آهيو جيڪي جاهلن جهڙي ڳالهہ ڪن ٿا."

---

(۱) هتي غزوه حنين جا جيڪي واقعات بيان ڪيا ويا آهن، انهن جا حوالا هيٺين ڪتابن تان ورتا ويا آهن.
صحيح بخاري "كتاب المغازي والسير" ج ۳ ص ٦٦، صحيح مسلم "كتاب الجهاد والسير" ج ۳ ص ١٦٦، فتح الباري "ابن حجر" ج ۸ ص ۲۱. الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۱۱۴، المغازي "واقدي" ج ۳ ص ۸۱۵، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۸۰؛الروض الانف "سهيلي" ج ۴ ص ۱۳۸. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۴٦۵، البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۴ ص ۳۲۱. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۵۹٦، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۳ ص ۵. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۱۱۹، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۲۵۳. "تاريخ طبري" ج ۲ ص ۳۴۴، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۹۹. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۳۱۰.

Marfat.com

"اَنْوَاط هٿيارن ٽنگڻ وارين ڪلين کي سڏبو آهي، ڪافر وڻ جي تعظيم ڪندي ان ۾ به ڪپڙا ٽنگيندا هئا.

* هن سال "غَزْوَه حُنَيْن" ۾ پهريان ڪافرن جنگ هارائي، اهو ڏسي مسلمان غنيمت جي مال ميڙڻ ۾ لڳي ويا، جڏهن ته ڪجهه پنهنجي گهٽائيءَ تي آکڙ ڪرڻ لڳا، جنهن ڪري خدا تعاليٰ مشرڪن کي وري ميدان ۾ موٽايو! جن اڳي مسلمانن مٿان تير وسايا ۽ پوءِ پنهنجي گهٽائي تي آکڙ ڪرڻ وارن مسلمانن وٽي پويان پير ڪيا ۽ مڪي ڏانهن رخ رکيائون تانجو سرور ڪائنات ﷺ جن سان وڃي ڏهه ماڻهو باقي بچيا. ڪن راوين طرفان اهو انگ ٻارنهن يا اسي به ٻڌايو ويو آهي. ان وقت خدا جا سچا رسول ﷺ پاڻ پنهنجي خچر تي سوار ٿي ڪافرن ڏانهن وڌي رهيا هئا.

اهو اڇو خچر جنهن تي ان وقت امام الانبياء ﷺ جن سوار هئا، ان جو نالو "فِضَّه" ٻڌايو ويو آهي، جيڪو فَرْوَه بن نفاثة جُذَامي طرفان نذراني ۾ ڏنو ويو هو. جڏهن ته ڪن جو چوڻ آهي ته ان وقت سرور ڪائنات ﷺ جن "دُلدل" تي سوار هئا، جيڪو "مُقَوْقَس" طرفان موڪليو ويو هو. ان مان پهرين روايت صحيح آهي. ان خچر جي واڳ ان وقت اَبُوسُفيَان بن حَارِث جي هٿ ۾ هئي. پوءِ جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن مسلمانن کي سڏيو ته هو جلدي واپس ميدان ۾ موٽي آيا.

* هن سال مٿين موقعي تي جڏهن مسلمان ميدان ۾ موٽي آيا ته ان وقت رسول اڪرم ﷺ جن خچر تان هيٺ لٿا ۽ پاڻ پنهنجي هٿ مبارڪ سان زمين تي پيل اڇيون پٿريون ڪٽي مٺ پري ڪافرن جي منهن ۾ هٽندي فرمايائون: "ڪعبي جي رب جو قسم، ڪافرن هارايو" ۽ پوءِ ٽي دفعا "شاهت الوجوه" ٻه پڙهيائون، يعني "هن جون شڪليون ڦري وڃن" ۽ پوءِ "لَا ينصرون" "هن جي مدد نه ڪئي وڃي" ٻه چيائون. جنهن ڪانپوءِ اهي ڪافر جيڪي ميدان ۾ موجود هئا انهن جي اکين آڏو سمورا وڻ ۽ پٿر ۽ ٻيون شيون ڪين ائين پئي لڳا ڄڻ اهي گهوڙيسوار هجن، جيڪي سڌن پيڇو ڪري رهيا آهن.

اهڙي ريت الله تعاليٰ پنهنجي حمايت ۽ مدد سان مشرڪن کي مات ڏني ۽ مسلمانن کي ڪنهن جنگ جهيڙي جي ضرورت پيش نه آئي، نه ڪين تير هڻڻ جي ضرورت پئي ۽ نه نيزي کڻڻ جي. (۱)

* هن سال "غزوه حنين" جي موقعي تي ئي جڏهن صحابي سڳورا شڪست جا آثار ڏسي پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪي اڪيلو ڇڏي ويا، تڏهن نبي انور ﷺ جن پنهنجي خچر کي ڪافرن ڏانهن هڪليندي هيئن پئي چيو:

اَنَا النَّبِيُّ لَاكَذِبَ اَنَا ابْنُ عَبْدِالْمُطَّلِب.

"مان نبي آهيان اهو ڪوڙ نه آهي، مان عبدالمطلب جي اولاد آهيان."

* هن سال ساڳئي موقعي تي الله تعاليٰ آسمان تان اهڙن ملائڪن کي موڪليو جن جا رنگ پورا هئا ۽ سندن مٿي تي ڳاڙها پٽڪا ٻڌل هئا، جن جا طُرَّه ڪلهن جي وچ تي پئي لڙڪيا ۽ اهي ابلق گهوڙن تي سوار هئا. اهي ملائڪ سرور ڪائنات ﷺ جن جي مدد لاءِ نازل ٿيا هئا، انهن جو تعداد پنج هزار هو.

---

(۱) اهو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي.

Marfat.com

رب پاڪ ان بابت هن ريت اشارو ڪيو آهي وَاَنْزَلَ جُنُودًا لَّمْ تَرَوْهَا [1] (پوءِ نازل ڪيا ويا اهڙا لشڪر جيڪي توهان کي نظر نہ آيا.)

* هن سال غزوه حُنَيْن جي موقعي تي نبي انور ﷺ جن فرمايو: "جيڪو ڪافر جنهن مسلمان هٿان قتل ڪيو ويندو تہ ان ڪافر جو مال سندس قاتل کي ئي ملندو، جيڪڏهن ونس ان لاءِ شاهد هوندا.

* هن سال اَبُوقَتَادَهْ رضہ کي هڪ اهڙي ڪافر جو مال مليو جيڪو سندس ئي هٿان ماريو ويو.

پهريان هن ڪافر جو مال ڪنهن ٻئي مسلمان ڪنيو، جنهن تي سيدنا ابوبڪر رضہ چيو: "اي خدا جا رسول ﷺ! هن مقتول جو مال اَبُوقَتَادَهْ رضہ کي ڏياريو وڃي، جو اهو سندس ئي حق آهي. پوءِ اهو مال ابوقتاده رضہ کي ئي مليو. جيئن صحيحين وغيره ۾ تفصيل سان ڄاڻايو ويو آهي.

* هن سال "غزوه حُنَيْن" ۾ اَبُوطَلْحَہ زَيْد رضہ بِن سَهْل اَنْصَارِيءَ اڪيلي سر ويهہ ڪافر قتل ڪيا ۽ سندن سامان بہ هٿ ڪيو، جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان حضرت اَبُوطَلْحَہ رضہ جي حوالي ڪيو ويو.

* هن سال غزوه حنين جي موقعي تي سيد الانبياء ﷺ جن طرفان ڪافي ڪافرن کي قيد ڪيو ويو، جن وٽان جهجهي تعداد ۾ مال ملڪيت بہ غنيمت ۾ هٿ آيو ۽ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ اهو مال ۽ قيدي، صحابين ۾ ورهائڻ بجاءِ اهو سڀ ڪجهہ "جِعِّرانَہ" طرف روانو ڪيو، تانجو "غزوه طائف" ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ جعرانہ پهتا.

انهن قيدين ۽ وٽانئن حاصل ٿيل غنيمت جو باقي احوال اڳتي بيان ڪيو ويندو.

* هن سال "غزوه حنين" جي باري ۾ الله تعاليٰ فرمايو:

لَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ فِيْ مَوَاطِنَ كَثِيْرَةٍ ۙ وَّ يَوْمَ حُنَيْنٍ ۙ اِذْ اَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ. [2]

"بيشڪ الله تعاليٰ ڪيترين جاين تي اوهان جي مدد ڪئي، ۽ "حنين" واري ڏينهن بہ جڏهن اوهان پنهنجي گهڻائيءَ تي خوش هئا."

* هن سال "غزوه حُنَيْن" دوران هڪ ڪافر عورت کي قتل ڪيو ويو. سرور ڪونين ﷺ جن ان تي سوال ڪيو. تہ "هن کي ڪنهن قتل ڪيو؟ جواب مليو تہ "خالد رضہ بن وليد." ان تي پاڻ سڳورن ﷺ خالد رضہ بن وليد ڏانهن نياپو ڪيو تہ "آئينده ڪنهن بہ عورت، ٻار ۽ پوڙهي کي قتل نہ ڪيو وڃي."

* هن سال "غزوه حنين" دوران مسلمانن منجهان جن شهادت ماڻي، انهن مان ڇهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

۱. ايمن حبشي رضہ، جيڪو نبي ڪريم ﷺ جي دائي حضرت اُمِّ اَيْمَن رضہ جو پُٽ هو. ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو شخص اَنْصَارِي هو، جنهن جو نالو اَيْمَن رضہ بِن عُبَيْد بِن زَيْد خَزْرَجِيْ اَنْصَارِي هو. انهن ٻنهي روايتن ۾ مطابقت پيدا ڪندي چئي سگهجي ٿو تہ "اُمِّ اَيْمَن رضہ" جي پهرين شادي

---

(۱) سوره توبہ آيت ۲۶، پاره ۱۰.

(۲) سورة توبہ آيت ۲۵ پاره ۱۰.

Marfat.com

عُبَيْد انصاريءَ سان ٿي، جنهن مان ڪيس اهو "اَيْمَن" ڄائو ۽ پوءِ عُبَيْد ڪڏاري ويو تہ "اُمِّ اَيْمَن رضہ" جي پي شادي حضرت زَيْد بِن حَارِث رضہ سان ٿي، جنهن مان ڪيس اُسَامَہ رضہ ڄائو. انڪري "اَيْمَن" ۽ "اُسَامَہ" پاڻ ۾ مائيتا ياٽر هئا. انڪري اَيْمَن ڪي اَيْمَن بِن عُبَيْد ۽ اُسَامَہ ڪي اُسَامَہ بِن زَيْد ئي لکيو ويندو آهي، اها ڳالهہ شرح عليٰ المواهب ۾ "زرقاني" لکي آهي.

۲. يَزِيد بِن زَمْعَہ بن اَسْوَد رضہ.

۳. سُرَاقہ بِن حَارِث اَنْصَارِي رضہ.

۴. اَبُوعَامِر اَشْعَرِي رضہ.

* هن سال "غَزْوَہ حُنَيْن" ۾ حضرت اَبُو لَحْم غِفَارِي رضہ بہ شهيد ٿيو. سندس نالي ۾ اختلاف آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ هن جو نالو عبدالله بن حارثہ هو تہ ڪن طرفان وري ڪي ٻيا نالا ٻڌايا ويا آهن.

حضرت اَبُو لَحْم رضہ هن ڪان گهٽو اڳ اسلام قبول ڪيو هو. هن نبي انور صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن جي صحبت ماڻي ۽ ساڻن گڏ "غَزْوَہ خَيْبَر" ۽ ان ڪانپوءِ ٻين غزوات ۾ بہ ٻهرو ورتو. "غَزْوَہ حُنَيْن" جو هي پنجون شهيد هو.

* هن سال "غَزْوَہ حُنَيْن" ۾ ڪافرن جا ٽي سؤ ماڻهو قتل ٿيا ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ ستر ڪافر قتل ٿيا.

انهن ٻنهي روايتن ڪي ملائي اهو نتيجو ڪڍيو ويو آهي تہ ٻهرين شڪست ڪان اڳ ستر ڪافر قتل ٿيا هوندا. جڏهن تہ باقي ٻيا مسلمانن جي موت ڪائڻ ڪانپوءِ مئا هوندا. جيئن "زَرْقَانِي" "شرح عليٰ المواهب" ۾ ڄاڻايو آهي.

* هن سال "غَزْوَہ حُنَيْن" دوران ڪافرن منجهان ڪافي عورتون بہ قيد ٿيون ۽ پوءِ اهي مسلمانن ڪي مليون. جيتوڻيڪ انهن عورتن بعد ۾ اسلام قبول ڪيو پر پوءِ بہ مسلمان ڪين هٽ لائڻ ڪان ڪيائن ٻيا، ڇو جو انهن جا اڳيان ڪافر مڙس اڃان جيئرا هئا. پوءِ الله تعاليٰ مؤمنن ڪي اجازت ڏني تہ هو انهن عورتن جي ويجهو وڃي سگهن ٿا، ان ڏس ۾ هيٺين آيت نازل ٿي.

وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ. (۱)

"۽ اهي عورتون شادي شده اوهان تي حرام آهن، سواءِ انهن جي جيڪي جنگ ۾ اوهان جي هٽ اچن."

* هن سال مسلمانن پنهنجي پيغمبر صلي‌الله‌عليه‌وسلم کان سوال ڪيو تہ عَزْل جائز آهي يا نہ؟

نبي اڪرم صلي‌الله‌عليه‌وسلم جن جواب ڏيندي فرمايو تہ "نہ، اوهان ڪي جڳائي تہ اهڙو ڪم نہ ڪريو. جنهن (روح) کي قيامت تائين اچڻو آهي اهو ضرور ايندو."

"روضة الاحباب" ۾ سيد جمال الدين ائين نقل ڪيو آهي تہ اهو سوال غَزْوَہ حنين جي موقعي تي ئي پڇيو ويو. جڏهن تہ هن ڪان اڳ ٻڌايو ويو هو تہ اهڙو سوال غَزْوَہ "بَنِي مُصْطَلِق" جي موقعي تي پڇيو ويو. ان ورجاءَ جو سبب اهو ٿي سگهي ٿو تہ متين ٻنهي موقعن تي پڇيو ويو هوندو.

* هن سال "غَزْوَہ حُنَيْن" واري زماني ۾ عَائِذُالله بن عَبْدُالله رضہ بن عُمَر اَبُو اِدْرِيْس خولاني بہ

---

(۱) سورة النساء آيت ۲۴ پاره ۵.

Marfat.com

جائو. جيڪو هڪ وڏو تابعي ۽ شامي عالم ٿي گذريو آهي. زيارت جي لحاظ کان سندس شمار صحابين ۾ ڪيو ويندو آهي، ڇو جو ڪيس زيارت جو شرف حاصل رهيو پر روايت جو نہ. ان لحاظ کان کي ڪيس تابعي چون ٿا.

غزوه طائف جا واقعا (۱)

* هن سال جو ئي واقعو آهي تہ "غزوه طَائِف" لاءِ ويندي پاڻ ڪريم ﷺ جن رستي ۾ جڏهن هڪ قبر جي ڀرسان لنگهيا تڏهن فرمايائون تہ "هيءَ قبر اَبُوُ رِغَال جي آهي" جيڪو "ثَقِيْف" قبيلي وارن جو وڏو هو ۽ سندس تعلق قوم ثمود سان ٻڌايو ويو آهي. هن جاءِ تي جڏهن ڪيس دفنايو ويو تہ ساٹس گڏ هڪ سون جي سرائي بہ دفن ڪئي ويئي هئي پوءِ جڏهن ان قبر کي کوٽيو ويو تہ اتان واقعي اها سوني سرائي ائين ئي نڪتي جيئن پاڻ ڪريم ﷺ جن طرفان ٻڌايو ويو هو. ان سرائي جو وزن ويهن رِطْلن کان بہ ڪجهہ مٿيرو هو. اهو نبي انور ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي.

* هن سال غزوه طائف جي موقعي تي سرور ڪائنات ﷺ جن طرفان اعلان ڪرايو ويو تہ "طائف وارن مان جيڪڏهن ڪو ٻانهو اسان سان اچي ملندو تہ ان کي آزاد ڪيو ويندو." اهو اعلان ٻڌي ٽيويهہ غلام اچي پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏيا جن کي الله جي واٽ ۾ آزاد ڪيو ويو.

اهڙن غلامن منجهان هڪ اَبُوبَكْرَه رضہ بہ هو، جنهن جو نالو "نُفَيْع بن مَسْرُوْح" ٻڌايو ويو آهي، هي حَارِث بن كَلَدَه جو غلام هو ۽ پنهنجي ان مالڪ جي نسبت سبب ڪيس نفيع بن حارث بہ سڏيو ويندو هو.

* هن ئي سال غَزْوَه طَائِف جي موقعي تي مٿيون شخص اَبُوبَكْرَه بہ مسلمان ٿيو تہ ساٹس گڏ اهي سمورا غلام بہ اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا، جن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي.

* هن سال غزوه طَائِف ۾ ثابت بِن جِذْع بہ شهادت ماڻي. "جذع" جو نالو ثَعْلَبَہ بن زَيْد اَنْصَارِي خَزْرَجي ٻڌايو ويو آهي. هن بيعت عقبہ توڙي غزوه بدر ۾ بهرو ورتو هو.

* هن سال غزوه طائف جي موقعي تي رسول انور ﷺ جن طرفان طائف وارن مٿان هڪ "مَنْجَنِيْق" بہ استعمال ڪئي ويئي. اهڙي صلاح حضرت سَلْمَان فَارِسي رضہ طرفان ڏني ويئي. "طَائِف" کان اڳ ڪنهن بہ "غزوه" ۾ مَنْجَنِيْق جو استعمال نہ ٿيو آهي. اسلام جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هن ئي موقعي تي مَنْجَنِيْق ذريعي پٿر وسايا ويا. جيئن غزوات واري باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

---

(۱) هتي "غزوه طائف" جا جيڪي واقعات بيـــان ڪيا ويا آهن، انهن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.
صحيح بخاري "كتاب المغازي والسير" ج ۳ ص ٦٨، "صحيح مسلم" "كتاب الجهاد والسير" ج ۳ ص ١٦٩. فتح الباري "ابن حجر" ج ٨ ص ٣٥. سيرة ابن هشام ج ۴ ص ١٣٢، الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ١٢٠. المغازي "واقدي" ج ۳ ص ٩٢٢، الروض الانف "سَهيلي" ج ۴ ص ١٦١. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ١٥٦، البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۴ ص ٣٤٤. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ٦٠٠، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۳ ص ٢٨. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ٢٧٠، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ١٠٩. "الدرر" "ابن عبدالبر" ص ٢٢٨، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ٣٨٢. سيرة الحلبيہ ج ۳ ص ١١.

Marfat.com

* هن سال "غَزْوَه طَائِف" جو ئي هڪ واقعو آهي تہ اُمّ الْمُؤْمِنِيْن سَيِّدَه اُمّ سَلَمَہ رضہ جي پاءُ حضرت عبدالله رضہ بن اَبُو اُمَيَّہ کي "هِيت" نالي هڪ "مُخنث" (هيجڙي) [1] چيو تہ جيڪڏهن الله جي مهرباني سان اوهان طائف فتح ڪيو تہ سياڻي مان اوهان کي "باديہ بنت غيلان" جو ڏس ڏيندس جنهن کي آڏو چار ۾ پنيان اٺ هوندا آهن.

"بَادِيَہ" نالي هيءَ چوڪري "طَائِف" جي سردار "غَيْلَان" جي ڌيءَ هئي، جيڪا ڏاڍي سهڻي هئي.

چئن ۾ اٽن مان مراد سندس پيٽ جا گهنج هئا. چو جو هوءَ جڏهن سامهون ايندي هئي تہ سندس پيٽ ۾ چار گهنج نظر ايندا هئا پر جڏهن هوءَ پٺيري ويندي هئي تڏهن اهي اٺ نظر ايندا هئا. [2]

* هن سال طَائِف جي فتح ڪانپوءِ طائف جي هن سردار "غَيْلَان بِن سَلَمَہ" ۽ اسلام قبول ڪيو. جڏهن تہ سندس ڌيءَ "بَادِيَہ بِنت غَيْلَان" ڪانئس اڳ "غَزْوَه طَائِف" واري زماني ۾ ئي مسلمان ٿي چڪي هئي.

* هن سال "غَزْوَه طَائِف" جي موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جن مسلمان عورتن ۾ مخنثن جي اچڻ وڃڻ تي بندش وجهي ڇڏي ۽ حضرت اُمّ سَلَمَہ رضہ کي فرمايائون تہ "هاڻي ڪانپوءِ هن مخنثن کي اوهان وٽ نہ اچڻ ڏيو."

* هن سال "غَزْوَه طَائِف" ۾ حضرت عَبْدُالله رضہ بن اَبُو اُمَيَّہ بِن مُغِيْرَه مَخْزُوْمِي شهيد ٿي ويو، جيڪو ام المؤمنين سَيِّدَه اُمّ سَلَمَہ جو پاءُ هو. طائف وارن طرفان اڇلايل هڪ تير ڪيس لڳو، جنهن سببان موقعي تي ئي هن شهادت ماڻي. هو مڪي جي فتح کان اڳ مسلمان ٿيو هو، جيئن اڳ بيان ڪيو ويو آهي. حضرت عَبْدُالله رضہ غَزْوَه فتح، حُنَيْن ۽ طَائِف ۾ بهرو ورتو ۽ غزوه طائف ۾ ئي ڪيس شهادت نصيب ٿي.

* هن سال "غزوه طَائِف" جي موقعي تي رسول انور ﷺ جن حضرت عَلي بِن اَبُوطَالِب رضہ سان پنهنجي مُنهن کا ڌوئي گالهہ ڪئي، جنهن تي ماڻهو چوڻ لڳا تہ پنهنجي سؤٽ سان نويڪلائيءَ ۾ ايڏي ڌوئي گالهہ ڪرڻ عجيب آهي. ان تي مني مرسل ﷺ جن فرمايو: "مان اها گالهہ پاڻ نہ پر الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪئي."

* هن سال "غَزْوَه طَائِف" ۾ حضرت عَبْدُالله بِن اَبُوبَكْرَ صِدِّيق رضہ ۽ شهيد ٿي ويو.

* هن سال "غَزْوَه طَائِف" واري موقعي تي نبي انور ﷺ جن پاڻيءَ جو هڪ پيالو ڪٽي ان ۾ پنهنجا هٿ ڏوتا، منهن مبارڪ ڏوتو ۽ گرڙي ۽ ڪئي. ان ڪانپوءِ صحابي سڳورن کي بشارت ڏنائون تہ

---

(١) عربي زبان ۾ هيجڙي يا نامرد کي مخنث سڏيو ويندو آهي. اسلام جي شروعاتي دور ۾ نامردن (هيجڙن) کان پردو نہ ڪيو ويندو هو ۽ اهي ماڻهن جي گهرن ۾ ايندا ويندا هئا پر مٿين واقعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندن نيت ۾ کيتري خباثت هئي ۽ اهي نوجوان چوڪرين کي نهايت غور سان ۽ بري نگاهہ سان ڏسندا هئا ۽ پوءِ اهي گهرن جون گالهيون باهر اچي غير مردن کي ٻڌائيندا هئا. انکري پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ڪن تائين جڏهن مٿين گالهہ پهتي تڏهن انهن هيجڙن کي گهرن ۾ اچڻ کان روڪيو ويو ۽ عورتن کي حڪم ڏنو ويو تہ اهي هاڻي ڪانپوءِ مردن وانگر ڌارين نامردن کان بہ پردو ڪن.

(٢) چو جو پٺيري هلڻ ڪري اهي چار ڪاهي ۽ چار ساڄي پاسي کان نظر ايندا هئا، جيڪي آٺ شمار ٿيندا.

Marfat.com

هو ان پاڻيءَ مان پيئن ۽ پنهنجي سيني تي ۽ چنڊا هٽن. اهو ٻڌي خيمي جي اندران سَيِّدَه اُمِّ سَلَمَہ رضہ صحابي سڳورن کي فرمايو: "پنهنجي ماءُ لاءِ ۽ ڪجهہ بچايو." پوءِ صحابي سڳورن اهو برڪت ڀريو پاڻي پاڻ ۽ استعمال ڪيو ۽ ڪجهہ بچائي حضرت اُمِّ سَلَمَہ رضہ کي ۽ ڏنائون.

"جِعِّرَانَہ" جا واقعا (۱)

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن "جِعِّرَانَہ" ۾ پهتا ۽ پوءِ اتي حنين ۽ هوازن وارو غنيمت جو سامان صحابين ۾ ورهايائون ۽ مُؤَلَّفَةُ الْقُلُوْب وارن کي پڻ ڪان وڌيڪ حصو عطا ڪيائون. مال ڏسي هڪ شخص چيو: "اي محمد ﷺ عدل ڪريو." ان تي پاڻ ڪريمن ﷺ وراڻيو: "توتي مار پوي! جيڪڏهن آءٌ عدل نہ ڪيو ۽ پوءِ ٻيو ڪير ڪندو؟"

ان شخص جو اصلي نالو ۽ حرقوس بن زُهَيْر ٻڌايو ويو آهي پر ڪيس ذُوالْخُوَيْصَرَة تَمِيْمِي سڏيو ويندو هو. ان شخص بابت اِمَامُ الْاَنْبِيَاء ﷺ جن فرمايو هو ۽ هن شخص جي پوين مان خارجي ٽولو پيدا ٿيندو. جنهن لاءِ اها نشاني ٻڌايائون ۽ منجهانئن هڪ شخص اهڙو هوندو جنهن جي هڪ ٻانهن تي ماس عورت جي ٽڻ مثل ايريل هوندو. اها روايت بخاري، مسلم توڙي حديث جي ٻين ڪتابن ۾ ائين ئي ٻڌائي ويئي آهي.

اهو سرور ڪائنات ﷺ جن جو هڪ معجزو آهي جو جو پاڻ جيئن ٻڌايو هئائون ائين ئي ٿيو.

* هن سال پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن طائف ڪان موٽي "جِعِّرَانَہ" پهتا ۽ ان موقعي تي اَبُومَحْذُوْرَہ جمحيءَ اسلام قبول ڪيو. سندس نالو سلمة بن معير ٻڌايو ويو آهي ۽ جڏهن ۽ ڪن جو چوڻ آهي ۽ هن جو نالو "سَمُرَہ" هو.

سرور ڪائنات ﷺ جن طرفان ڪيس مڪي پاڪ جو مؤذن مقرر ڪيو ويو هو. سندس اسلام قبول ڪرڻ جو سبب ائين ٿيو جو ڪفر واري زماني ۾ هو پنهنجي مشرڪ دوستن سان گڏ هو ۽ نبي انور ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي اذان چوڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ بلال رضہ اذان شروع ڪيو، اهو آواز جڏهن هنن ڪافرن جي ڪنن تائين پهتو ۽، ٺٺولي طور اهي ساڳيا لفظ ورجائڻ لڳا. اهي آواز جڏهن امام الانبياء ﷺ جن ٻڌا ۽ انهن مان اَبُومَحْذُوْرَہ جو آواز ڪين وٽي ويو ڇو جو سندس آواز بيحد سريلو هو، انڪري نبي سائين ﷺ جن ڪيس پاڻ وٽ گهرايو. پوءِ هو جڏهن سندن سامهون آيو

---

(۱) هن سال غزوه طائف ڪان موٽ تي نبي انور ﷺ جن "جعرانہ" ۾ اٽڪل چوڏهن راتيون ترسيا، هن موقعي تي "حنين" مان هٿ آيل غنيمت جو مال صحابي سڳورن ۾ ورهايو ويو، ڪجهہ وفد ۽ هتي پاڻ سڳورن ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. ڪجهہ ماڻهن انفرادي طور ۽ هن موقعي تي اسلام قبول ڪيو. ان ڪانسواءِ نبي انور ﷺ جن هتان "عمري" ڪرڻ لاءِ مڪي ڏانهن روانا ٿيا ۽ "عمره" ادا ڪري وري "جعرانہ" موٽي آيا ۽ پوءِ اتان وري مديني شريف ڏانهن آسهيا. مٿيان واقعات هيٺين ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن.

سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۱۴۳. روض الانف "سهيلي" ج ۴ ص ۱۵۳، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۲۰۱. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۴ ص ۳۶۲، شرح علي الـمواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۳ ص ۲۵. الدرر "ابن عبدالبر" ص ۲۲۳۶. روضة الاحباب "جمال الدين بخاري" ج ۱ ص ۳۱۶. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۳۸۹.

Marfat.com

ته کيس دل ۾ خيال آيو ته هن جيڪا حرڪت ڪئي آهي ان جي ڏوهه ۾ شايد کيس قتل ڪيو وڃي پر رحمت للعالمين ﷺ جن اَبُومَحْذُوْرَه جي مٿي ۽ سيني تي پنهنجو برڪت پريو هٿ گهمايو، جنهن جي برڪت سان الله تعاليٰ سندس دل کي ايماني نور ۽ يقين سان تمٽار ڪري ڇڏيو، ان ڪانپوءِ مني مرسل ﷺ جن هن کي اذان سيکاريو ۽ مڪي وارن لاءِ کيس مؤذن مقرر ڪيو. ان وقت هو سورهن سالن جو نوجوان هو ۽ ان وقت کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين هو اذان ڏيندو رهيو ۽ ڪانئس پوءِ سندن پويان به هڪ پئي پٺيان ان منصب تي مقرر ٿيندا آيا.

* هن سال جڏهن نبي اڪرم ﷺ جن "حُنَيْن" مان هٿ آيل غنيمت جو مال ورهائي واندا ٿيا، تڏهن انصار وارن جا ڪجهه ماڻهو چوڻ لڳا ته "جنگ اسان وڙهياسون، تراريون اسان هلايون سون پر غنيمت جو مال پين کي مليو!" ان تي پنهي جهانن جي سردار ﷺ جن فرمايو: "ڇا اوهان ان ڳالهه ۾ راضي نه آهيو ته ٻيا ماڻهو ات، پڪريون ساڻ ڪري گهر موٽن پر اوهان سان خدا جو رسول ﷺ ساڻ هجي؟"

انصار جواب ۾ چيو: "اسان ان تي راضي آهيون."

ان ڪانپوءِ سرور ڪونين ﷺ جن فرمايو:

"انصار اندريون ڪپڙو آهن جڏهن ته ٻيا ماڻهو ٻاهريون ڪپڙو، جيڪڏهن انصار ڪنهن هڪ لَڪَ ۾ هجن ۽ ٻيا ماڻهو ٻئي ۾، ته آءٌ انصار واري لَڪَ ۾ هوندس. مون ڪانپوءِ اوهان تي پين کي ترجيح ڏني ويندي، اوهان صبر ڪان ڪم وٺو تانجو حوض تي اچي مون سان ملو.

* هن سال غَزوَه طَائِف ڪانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن "جِعِّرَانَه" پهتا. اها خميس جي رات ۽ ذوالقعد مهيني جي پنجين تاريخ هئي. "جِعِّرَانَه" ۾ پاڻ سڳورا ﷺ ڪجهه راتيون ترسيا، جنهن جو احوال اڳتي اچي رهيو آهي ۽ صحابي سڳورن ۾ "حُنَيْن" وارو غنيمت جو مال به ورهايائون، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو.

* هن سال نبي انور ﷺ جن "جِعِّرَانَه" ۾ چوڏهن راتيون ترسيا ۽ جڏهن غنيمت جو مال ورهائي پورو ڪيائون ته ان ڪانپوءِ "هوازن" قبيلي وارن جو هڪ وفد (جن سان حنين ۾ مقابلو ٿيو هو) پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جيڪي ان وقت تائين توبه تائب ٿي مسلمان ٿي چڪا هئا. انڪري سندن خواهش هئي ته وٺانئن جيڪو مال غنيمت طور مسلمانن حاصل ڪيو آهي اهو کين موٽي ملي. سندن مال جو تفصيل هن ريت آهي:

ڇهه هزار قيدي جن ۾ عورتون ۽ سندن ٻار به شامل هئا، چوويهه هزار ات، چاليهه هزار اوقيه چاندي، ۽ چاليهن هزارن کان مٿي ڏور ڏيڳا وغيرها. ڪن جو چوڻ آهي ته سندن مال جو ڪو ڪاٿو ئي نه هو.

ان مال مان ورهاست ۾ هر پيادي صحابيءَ کي چار ات ۽ چاليهه جانور نندي مال مان مليا. مُؤَلَفَةُ الْقُلُوْب وارن کي جيڪو حصو مليو ان جو حساب جدا آهي. ان مان هڪڙن کي ته سؤ سؤ ات ڏنا ويا ۽ پين کي وري پنجاه ات في ماڻهوءَ جي حساب سان مليا.

* هن سال پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن "جعرانه" ۾ ترسيل هئا ته اتي حضرت حَلِيْمَه سَعْدِيَّه رضه

Marfat.com

جنهن جي پاڻ سڳورن ﷺ ٽج ڀيٽي هئي، سندس گهروارو حَارِث بِن عَبْدُالْعُزّيٰ ۽ سندن نياڻي حضرت شَيْمَآء جيڪا مني مرسل ﷺ جي ٽج شريڪ ڀيڻ هئي، گڏجي سرور ڪائنات ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ ڪين پارت ڪيائون ته هوازن قبيلي وارن جو مال ڪين موٽي ملي.

* هن سال "جِعِّرَانَہ" ۾ ئي زُهَيْر بِن صُرَد جُشَمِيّ به پياري پيغمبر ﷺ جن جي خدمت ۾ هوازن قبيلي وارن جي پارت ڪرڻ پهتو ته سندن مال موٽايو وڃي. هن موقعي تي "زهير" پنهنجو اهو مشهور قصيدو به پڙهي ٻڌايو جنهن جو پهريون بيت آهي:

"اَمِنْ عَلَيْنَا رَسُوْلَ اللهِ فِيْ كَرَمٍ."

* هن سال "جِعِّرَانَہ" ۾ متين ماڻهن جي پارتن ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن هوازن قبيلي وارن کي چيو ته "مان اوهان جي مال جي ورهاست وارو معاملو ٽاريندو رهيس، ڏهن راتين کان به وڌيڪ وقت گذريو پر اوهان مان ڪوبه نه آيو، اوهان جيڪڏهن هن ورهاست کان اڳ اچي وڃو ها ته ڳالهه سؤلي هئي پر هاڻي ته مال ماڻهن ۾ ورهائجي چڪو آهي، پوءِ به مان اوهان کي اختيار ڏيان ٿو ته اوهان مال يا ماڻهن مان هڪ شيءِ چونڊيو ته جيئن اها اوهان کي واپس وٺي ڏجي؟" تنهن ڪانپوءِ ڪين پڪ پيئي ته هاڻي ٻنهي شين جي موٽ محال آهي، انڪري هن مال تان هٿ ڪنيو ۽ ماڻهن جي موٽائڻ تي راضي ٿيا پوءِ نبي پاڪ ﷺ سندن ماڻهو موٽرايا.

هن موقعي تي رسول رحمت ﷺ جن فرمايو: "مان پنهنجي ۽ بَنُو عَبْدُالْمُطَّلِب جي حصي ۾ آيل قيدي ته هن مهل ئي موٽايان ٿو." اهو ڏسي ٻين سڀني صحابين به پنهنجي حصي جا قيدي خوشيءَ سان پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جي دل راضي ڪرڻ لاءِ اوڏيءَ مهل ئي آزاد ڪري ڇڏيا. انهن قيدين ۾ عورتون ۽ ٻار شامل هئا جن جو تعداد ڇهه هزار هو.

* هن سال پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن "جِعِّرَانَہ" ۾ موجود هئا ته اتي هڪ اڻڄاتو شخص سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو جنهن "عمري" ڪرڻ لاءِ اِحْرَام ته ٻڌو هو پر سندس جسم به خوشبوءِ ۾ ٻڌل هو ته وري ڪيس احرام مٿان هڪ جبو به پهريل هو. هن نبي انور ﷺ جن کان "عمري" بابت سوال پڇيا، جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيس ٻڌايو ته "تون پنهنجو جبو به لاهي ڇڏ ۽ ٽي دفعا بدن تي پاڻي وجهي اهـا خوشبوءِ به ڏوئـي ڇڏ، ان ڪانپوءِ تون عمري لاءِ اهي رڪن ادا ڪر جيڪي حج ۾ ڪيا آهن."

* هـن سـال نبي ڪريـم ﷺ جن جڏهن "جِعِّرَانَہ" ۾ ترسيل هئا ته "يَعْلَى بِن اُمَيَّہ" رضه نالي هڪ صحابي حضرت "عُمر بِن خَطَّاب" رضه جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو ته "مان نبي انور ﷺ جن کي ان حالت ۾ ڏسڻ چاهيان ٿو جڏهن متن وحي نازل ٿيندي هجي، پوءِ اوهان جڏهن ڪين ان حالت ۾ ڏسو ته مونکي به ڏيکاريو."

ان ڪانپوءِ جڏهن اهڙو وقت آيو تڏهن حضرت عمر رضه، حضرت يَعْلَي رضه کي ٻڌايو: "اڄ ته توکي وحي نازل ٿيندي ڏيکاريان." ان وقت نبي انور ﷺ جن جي متان ڪپڙو پيل هو ۽ پوءِ حضرت عمر رضه ان ڪپڙي کي پاسي ڪري حضرت يَعْلَي رضه کي به ان ڪپڙي هيٺان ويهاريو ان ڪانپوءِ "يَعْلَي رضه" وحي نازل ٿيڻ واري ڪيفيت ڏٺي، جنهن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کان ان حالت سبب پگهر وهي

Marfat.com

رهيا هـــئا. يَعْلَي رضہ اها حالت ڏسندو رهيو تانجو پاڻ ڪريم ﷺ جن متان وحيءَ جو اهو سلسلو ختم ٿيو.

* هن سال "اوطاس" جي هڪ سردار "عَوْف بِن مَالِک نصري" پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ "جِعِّرَانَہ" آيو ۽ اتي اسلام قبول ڪيائين.

هن ڪان اڳ هو "سَرِيَّہ اَوْطَاس" جي موقعي تي "طَائِف" ڏانهن پڄي وڃي اتان جي قلعي ۾ لڪيو هو. طائف جي فتح ڪانپوءِ هن اسلام قبول ڪيو. مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ منهي مرسل ﷺ جن نہ صرف سندس مال ۽ ٻار ڪيس واپس ڪيا پر هڪ سؤ اٺ بہ ڪيس بخشيائون ۽ سندس ئي قوم جو ڪيس سردار بہ مقرر ڪيائون.

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن هڪ منبر تيار ڪرايو، جنهن کي ٽي ڏاڪا هئا ۽ پوءِ پاڻ ان منبر تي چڙهي خطبو پڙهندا هئا. جڏهن تہ هن ڪان اڳ پاڻ سڳورا ﷺ ڪجيءَ جي هڪ ٽڙ کي ٽيڪ ڏيئي خطبو پڙهندا هئا. هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو مِنْبَرِ سن ستين هجريءَ ڌاري تيار ڪيو ويو، جنهن جو بيان مٿي ڪري چڪا آهيون.

* هن سال جو واقعو آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن منبر تيار ڪرائڻ جو خيال ڪيو ۽ ان ڪم لاءِ اَنْصَارن مان بَنُو نَجار قبيلي جي هڪ عورت کي چيائون تہ "پنهنجي غلام کي چئو تہ هو اسان لاءِ هڪ مِنْبَرِ تيار ڪري." جنهن ڪانپوءِ ان عورت پنهنجي غلام کي اهڙو حڪم ڏنو.

ان عورت جي نالي ۾ اختلاف آهي. ڪن سندس نالو فُكَيْهَة بِن عُبَيْد بِن دُلَيْم ٻڌايو آهي تہ ڪن طرفان وري هن جو نالو "عُلَاثَة" ٻڌايو ويو آهي. جڏهن تہ ڪن راوين وري ڪجهہ ٻيا نالا بہ ٻڌايا آهن. ساڳيءَ ريت سندس غلام جي نالي ۾ پڻ اختلاف آهي. پر اها ڳالهہ وڌيڪ صحيح آهي تہ هن غلام جو نالو مَيْمُوْن هو، جڏهن تہ ڪن سندس نالو "يَاقُوْم" يا وري ڪي ٻيا نالا بہ ٻڌايا آهن.

* هن سال نبي انور ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ان وقت ظاهر ٿيو، جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ان مُنْبَرِ تي خطبو ڏيڻ لڳا تہ اهو ڪجيءَ جو ٽڙ جنهن کي ٽيڪ ڏيئي هن ڪان اڳ خطبو پڙهندا هئا، نبي انور ﷺ جن جي جدائي ۾ ائين روئڻ لڳو جيئن ڪا ڏاڇي پنهنجي توڏي جي گم ٿيڻ تي روئندي آهي. مسجد ۾ اهو روڄ راڙو ٻڌي رسول رحمت ﷺ جن ان مُنْبَرِ تان هيٺ لهي ان ٽڙ کي ٻاڪر ۾ جهلي چپ ڪرايو. جنهن ڪانپوءِ اهو ٽڙ ائين سُڏڪا ڀرڻ لڳو جيئن روئي بس ڪرڻ ڪانپوءِ ٻار سڏڪا ڀرندو آهي. اهو نبي انور ﷺ جن جي عظيم معجزن مان هڪ معجزو آهي.

* هن سال جڏهن سرور عالم ﷺ جن طائف ڪان "جِعِّرَانَہ" موٽيا، تڏهن سُرَاقَہ بن مَالِک بن جعشم مدلجي اتي اچي اسلام قبول ڪيو. سندس گهر مڪي ۽ مديني جي وچ تي "قُدَيْد" ۾ هو. هجرت جي پهرين سال، هن پاڻ ڪريم ﷺ جن جو دشمنيءَ سببان پيڇو ڪيو هو.

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جي "عَزْوَہ طَائِف" ڪان موٽ تي عروه بن مَسْعُوْد بن مُعَتِّب ثَقفيءَ بہ سندن هٿ تي اسلام قبول ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ هن پنهنجي قوم ثَقِيْف ڏانهن واپس وڃڻ جي اجازت گهري ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن کيس اهڙي اجازت ڏني. ڳوٺ پهچڻ ڪانپوءِ هن جڏهن پنهنجي قوم کي دين جي دعوت ڏني تہ هن دعوت کي تہ نہ مڃيو پر عروه کي بہ شهيد ڪري ڇڏيائون.

Marfat.com

هن کان اڳ هجرت جي ڇهين سال وارن واقعن ۾ "صُلح حُدَيبِيَّه" واري موقعي تي سندس موجودگي جو ذکر صحيح بخاري وغيره ۾ نقل ڪيو ويو آهي پر ان وقت تائين عروه ڪفر تي قائم هو ۽ هن سن انيين هجريءَ ڌاري ئي اسلام قبول ڪيو، جيئن هتي بيان ڪيو ويو.

منذر بن ساويٰ ڏانهن دين جي دعوت

* هن سال "جِعرَانَه" کان موٽ تي نبي انور ﷺ جن بحرين جي بادشاه مُنْذِر بن سَاويٰ ڏانهن حضرت عَلاء بِن حَضْرميءَ هَٿِ هڪ خط اماڻيو جنهن ۾ ڪيس دين جي دعوت ڏنائون.

مُنْذِر وٽ جڏهن اهو خط پهتو تہ هو مسلمان ٿيو ۽ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ ان خط جو جواب بہ روانو ڪيائين. (۱)

سج گرهڻ جو واقعو

* هن سال سج گرهڻ جو واقعو پيش آيو. ان موقعي تي سرور عالم ﷺ جن "نماز ڪسوف" ادا ڪئي، تانجو سج وري روشن ٿيو. جيئن "روضة الاحباب" ۾ ڄاڻايو ويو آهي. (۲)

ڪن جو چوڻ آهي تہ سج گرهڻ جو واقعو سن ڇهين هجريءَ ڌاري پيش آيو، جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي. اهڙو واقعو سن ڏهين هجريءَ ڌاري بہ پيش آيو، جنهن جو ذکر اڳتي ڪيو ويندو.

جِعْرَانَہ ڪان نبي انور ﷺ جن جي عمري لاءِ روانگي

* هن سال اربع واري رات ذوالقعد مهيني جي ارڙهين تاريخ پاڻ ڪريم ﷺ جن عمري جي نيت سان "جِعْرَانَہ" کان هليا، مڪي شريف پهچي بيت الله جو طواف ڪيائون، جنهن ڪانپوءِ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ سعي ڪري پوءِ متي مبارڪ کي پاڪي ڏياريائون ۽ پوءِ رات جو ئي جِعْرَانَہ موٽي آيا. (۳)

* هن سال امام المرسلين ﷺ جن "جِعْرَانَہ" کان مديني موٽڻ جي تياري ڪئي. مڪي ۾ عَتّاب بِن اُسَيْد کي خليفو مقرر ڪيائون. جيئن متي بيان ٿي چڪو آهي. ان ڪانپوءِ پاڻ ﷺ سڳورا خميس ڏينهن ذوالقعد جي اوٽوهين تاريخ "جِعْرَانَہ" مان اسهيا ۽ ذوالقعد جي ستاويهين تاريخ جمعي جي ڏينهن مديني شريف ۾ داخل ٿيا.

رسول انور ﷺ جن مديني کان مڪي جي فتح لاءِ رمضان جي ڏهين تاريخ روانا ٿيا ۽ ان ڪانپوءِ حُنَيْن ۽ طَائِف جي فتح تائين بہ مهينا ۽ سورهن ڏينهن مديني کان ٻاهر رهيا. جيئن غزوات واري باب ۾ بہ ٻڌايو ويو هو.

---

(۱) عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۵۲. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۱٦. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۳۴.

(۲) روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۲۳۴.

(۳) "سيرة ابن هشام" ج ۴ ص ۱۴۳،الروض الانف "سهيلي" ج ۴ ص ۱۵۷. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۲۰۱.

Marfat.com

حضرت ابن عَاصِ رضہ جو واقعو

* هن سال حضرت عَمْرو بن عَاصِ رضہ کي هڪ سَرِيَّہ سان "ذَاتِ الْسَلَاسِل" ڏانهن اماڻيو ويو. اتي هڪ رات عمرو بن عاص رضہ کي ٺڻ پئجي ويو، پر جيئن ته ان رات ڏاڍي ٺڏ پيئي هئي، انڪري هن پنهنجي طرفان اِجْتِهاد ڪندي ٺڻ بجاءِ تيمم ڪري فجر جي نماز پڙهي. پوءِ جڏهن هو مديني پهتو ته ان ڳالهہ جو ذڪر سرور ڪائنات ﷺ جن آڏو ڪيائين. ان تي پياري پيغمبر ﷺ جن پڇيو ته "توهان اهو مسئلو ڪٿان اخذ ڪيو، ته ٺڏ سببان ٺڻ بجاءِ تيمم ڪيو وڃي؟"

عمرو رضہ بن عاص جواب ڏنو: "جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي:

"وَلَاتَقْتُلُوْآ اَنْفُسَكُمْ اِنَّ اللهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا. (١)

"پنهنجي نفس کي قتل نہ ڪريو بيشڪ رب تعاليٰ اوهان تي رحم ڪندڙ آهي."

سرور عالم ﷺ جن اهو جواب ٻڌي مشڪڻ لڳا ۽ ڪيس وڌيڪ ڪجهہ نہ چيائون. (٢)

حضرت اَبُوْ بَرْزَہ جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال "غَزْوَہ فتح" کان اڳ اَبُوْ بَرْزَہ اَسْلَمِي بہ اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ مڪي جي فتح ۾ بهرو ورتائين، سندس نالو فضلہ بن عُبَيْد بِن حَارِث ٻڌايو ويو آهي. (٣)

سَعِيْد بن حُرَيْث جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال مڪي جي فتح کان اڳ سَعِيْد بِن حُرَيْث بِن عُمْرو قُرَشِي مَخْزُوْمِيْ بہ مسلمان ٿيو ۽ غزوہ فتح ۾ بهرو ورتائين. هي عَمْرو بن حُرَيْث جو ڀاءُ هو ۽ ڪائنس عمر ۾ وڏو هو. (٤)

نَوْفل بن مُعَاوِيہ جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال "فتح مڪہ" کان اڳ نَوْفل بِن مُعَاوِيہ بن عَمْرو دَيْلَمِيّ كِنَاني بہ اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ "غَزْوَہ فتح" ۾ حصو ورتائين. اهو سندس زندگيءَ جو پهريون جهاد هيو. (٥)

---

(١) سورة النساء آيت ٢٩ پاره ٥ .

(٢) المغازي "واقدي" ج ٢ ص ٧٧١ ـ ٧٧٢، البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ٤ ص ٢٧٣. روضة الاحباب "سيد جمّال الدين" ج ١ ص ٢٨٢. السيرة الحلبيہ ج ٣ ص ١٩١.

(٣) اُسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ١٤٦ ـ ١٤٧، الاصابہ "ابن حجر" ج ٤ ص ١٩.

(٤) الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٤٥، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٣٠٤.

(٥) اُسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٥ ص ٤٧.

Marfat.com

فصل نائون

هن فصل ۾ سن نائين هجريءَ ڏاري پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪير ويو آهي.

* هن سال محرم مهيني جو چنڊ ڏسي سرور عالم ﷺ جن زڪواة اڳاڙڻ واسطي صحابي سڳورن منجهان ڪجهه عامل مقرر ڪيا، جن جي سپرد اهو ڪم ڪيو ويو ته مختلف قبيلن منجهان جيڪي ماڻهو مسلمان ٿي چڪا آهن، هو انهن کان زڪواة اڳاڙي مدينيي شريف پهچائين. (۱) ان ڏس ۾ هر قبيلي لاءِ الڳ الڳ عامل مقرر ٿيا. جن جو تفصيل هن ريت ٻڌايو ويو آهي:

نمبر	زڪاة اڳاڙڻ واري جو نالو	ان قبيلي جو نالو جنهن ڏانهن ڪيس اماڻيو ويو
۱.	عُيَيْنَہ بن حصن فزاري	بنو تَمِيْم
۲.	بُرَيْدہ بن حُصَيْب اَسْلَمِيّ	بنو غِفَار ءِ بنو اَسْلَم، ڪن راوين طرفان هن جاءِ تي كَعْب بن مَالِك انصارِيءَ جو نالو به نقل ڪيو ويو آهي.
۳.	عَبَّاد بن بِشْر	بنو سُلَيْم ءِ بنو مُزَيْنَہ
۴.	رَافِع بن مَكِيْث جُهَنِي	بنو جُهَيْنَہ
۵.	عَمْرو بن عَاص	فَزَارَہ
٦.	ضَحَّاك بن سُفْيَان كِلَابِي	بنو كِلَاب جيڪو سندس ئي قبيلو هو
۷.	بُسْر بن سُفْيَان كَعْبي	بَنُوْ كَعْب (هي خُزَاعَہ وارن جو پاڙو هو.)
۸.	عَبْدُالله بن لُتبِيّة	بَنُوْ ذُبْيَان، هي ازد قبيلي وارن جي شاخ هئي.

نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ "بنو تميم" وارن جي وفد جو اچڻ (۲)

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ "بني تميم" وارن جو هڪ وفد آيو ءِ اهي حجرن جي پويان بيهي سرور ڪائنات ﷺ جن کي وڏي واڪي سڏڻ لڳا. ان موقعي تي رب تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

إِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَآءِ الْحُجُرَاتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ. (۳)

(بيشڪ اهي جيڪي اوهان کي سڏن ٿا حجرن جي پويان انهن منجهان گهڻا عقل کان عاري آهن.)

(۱) روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۳۲۵. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۱۸.
(۲) طبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۲۴ ـ ۲۲۵، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۰۷، البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۵ ص ۴۲. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۲۹۱ ـ ۲۸۷، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۳۱۳.
(۳) سورة الحجرات آيت ۴ پاره ۲٦.

Marfat.com

* هن سال جڏهن بني تميم وارن جو وفد نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو تہ ان موقعي تي حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت عمر رضہ ۾ ان ڳالهہ تي اختلاف پيدا ٿي پيو تہ سندن امير ڪنهن کي بڻايو وڃي؟ هن موقعي تي سيدنا ابوبڪر رضہ چيو: "اي خدا جا رسول ﷺ! هنن جو امير قعقاع بن معبد کي بڻايو وڃي پر حضرت عمر رضہ وري ان جي بدران اقرع بن حابس جي تائيد ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ ان ڏس ۾ حضرت ابوبڪر رضہ حضرت عمر رضہ کي چيو: "ڇا اوهان جو ارادو منهنجي مخالفت ڪرڻ آهي؟" ان تي حضرت عمر رضہ وراڻيو: "نہ منهنجو ارادو اوهان جي مخالفت جو نہ آهي." ان بحث ۾ بنهي جو لهجو تيز ٿي ويو. پوءِ ان موقعي تي رب پاڪ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي. (۱)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ (۲)

"اي ايمان آڻڻ وارو! اڳرائي نہ ڪريو الله ۽ ان جي رسول (ﷺ) جي آڏو."

جنهن ڪانپوءِ بنهي ڇڻن پنهنجا آواز گهٽايا ۽ آهستگيءَ سان ڳالهائڻ شروع ڪيائون. ان موقعي تي رب تعاليٰ سندن شان ۾ هيٺين آيت نازل فرمائي:

اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ (۳)

"بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي رسول الله جي اڳيان پنهنجي آواز کي جهيڻو رکن ٿا".

نجاشيءَ جي وفات

* هن سال رجب جي مهيني ۾ نجاشيءَ وفات ڪئي. سندس نالو "اَصْحَمَہ" رضہ بڏايو ويو آهي. جنازي نماز (غائبانہ) نبي انور ﷺ جن پاڻ ڇڻن تڪبيرن سان پڙهائي ۽ پوءِ فرمايائون تہ "پنهنجي ڀاءُ لاءِ بخشش گهرو." (۴)

وفد عبدالقيس جو اچڻ

* هن سال "عبدالقيس" قبيلي وارن جي هڪ وفد پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي سندن هٿ تي اسلام قبول ڪيو. جنهن ڪانپوءِ هنن اسلامي شريعت بابت سوال پڇيا، جنهن تي نبي انور ﷺ جن کين فرمايو: "مان اوهان کي ڇڻن ڳالهين ڪرڻ جو حڪم ٿو ڏيان ۽ ڇڻن ڳالهين کان منع ٿو ڪريان. (۵) جن ڳالهين کي اختيار ڪرڻ جو حڪم ٿو ڏيان اهي آهن ايمان، نماز، زڪواة ۽ روزا، ۽ ان کان ہ نع ٿو ڪريان تہ هنن ڇڻن ٿانون جو استعمال ڇڏي ڏيو: دباءِ، حنتم، نقير، مِزفت.

---

(۱) صحيح بخاري "وفد بني تميم" ج ۳ ص ۷۷، فتح الباري "ابن حجر" ج ۸ ص ۶۹.
(۲) سورة الحجرات آيت ۱ پاره ۲۶.
(۳) سورة الحجرات آيت ۳ پاره ۲۶.
(۴) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۳۹، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۳۵۹، الروض الانف "سهيلي" ج ۲ ص ۹۴، السيرة النبويہ "دمياطي" ص ۲۶۷.
(۵) صحيح بخاري "باب وجوب الزكاة" ج ۱ ص ۲۴۳، صحيح مسلم "باب الايمان" ج ۱ ص ۳۴. "كتاب الايمان" ج ۱ ص ۲۰.

Marfat.com

اهو واقعو وضاحت سان صحيح بخاري وغيره ۾ نقل ڪيو ويو آهي. (۱)

ڪن راوين جو چوڻ آهي تہ "عَبْدُالْقَيْس" وارن جو وفد سن پنجين هجريءَ ڏاري آيو هو، جيئن مٿي سن پنجين هجريءَ جي واقعات ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي، پر "شرح علي المواهب" ۾ زرقانيءَ ڪولي ٻڌايو آهي تہ "عَبْدُالْقَيْس" وارن جا وفد ٻہ دفعا آيا هئا. پهريون دفعو سن پنجين هجريءَ ڏاري ۽ ٻيو دفعو نائين هجريءَ دوران. پهرين دفعي واري وفد ۾ تيرهن يا چوڏهن سوار شامل هئا، جڏهن تہ ٻئي دفعي واري وفد ۾ چاليهارو ڪن سوار هئا. هي ٻن دفعن وارو قول ئي سچو ۽ مڃڻ جوڳو آهي ۽ جنهن کان انڪار جائز نہ آهي. (۲)

هڪ ٻئي قول ۾ ائين ٻہ ٻڌايو ويو آهي تہ "عَبْدُالْقَيْس" وارن جا اهي وفد سن ڏهين هجريءَ ڏاري آيا هئا، جنهن جو ذڪر هن ڪتاب جي ڏهين باب ۾ ڪيو ويندو.

نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ مختلف وفدن جو اچڻ

* هن سال مختلف وفد هڪ ٻئي پٺيان ايندا رهيا، جنهن ڪري هن سال تي نالو ئي "وفدن وارو سال" پئجي ويو.

---

(۱) نبي اڪرم ﷺ جن "عبدالقيس" قبيلي وارن جي وفد کي انهن ٿانون جي استعمال کان روڪيو جن ۾ هو شراب ٺاهيندا ۽ ان شراب کي محفوظ ڪندا هئا. ڇو جو وٽن شراب جو استعمال ڪثرت سان ٿيندو هو، اهي ٿانوَ ڇڻ قسمن جا هئا.

۱. "دباء": هي جمع آهي "دباءة" جو، جنهن جي معنيٰ آهي اهڙو ٿانءُ جيڪو وڏي ڪدوءَ کي سڪائي پوءِ ان ۾ مٿان سوراخ ڪري ٺاهيو ويندو آهي. "عبدالقيس" قبيلي وارا ان ۾ شراب محفوظ ڪري رکندا هئا ۽ پوءِ ضرورت وقت اتان ڪڍي واپرائيندا هئا. ڇيو وڃي ٿو تہ هن ۾ شراب رکڻ ڪري ان جو اثر بہ تيز ٿيندو آهي.

۲. "حنتر": هي سائي رنگ جي چاڏي يا مائيءَ کي سڏيو ويندو هو، جنهن ۾ شراب وجهي هو هڪ جاءِ تان ٻيءَ جاءِ تائين پهچائيندا هئا.

۳. "نقير": هي ڪجيءَ جي ٿلهي ٽڙ جو هڪ ٽڪر ڪٽي ان کي وچان اهڙيءَ ريت ڪوريندا هئا، جيئن ان جو ترو باقي بچي. پوءِ ان ۾ ڪارڪون ۽ ڪجيءَ جي رس وجهي ان جي مٿان پاڻي وجهندا هئا، جنهن ڪري ان ۾ جوش پيدا ٿيندو هو. پوءِ جڏهن اهو ٽڏو ٿي ويندو هو تہ ان کي واپرائيندا هئا ۽ ان کي ڪجيءَ جو شراب سڏيو ويندو هو.

۴. "مزفت": هي اهڙو ٿانءُ هوندو هو جنهن جي مٿان ڊامر جو ليپ ڏنو ويندو هو. تہ جيئن اهو موسم جي اثرات کي گهٽ قبول ڪري.

مٿين ٿانوَن کان انڪري منع ڪئي ويئي جو اهي شراب جي استعمال سبب ناپاڪ ٿي چڪا هئا. پر اڄڪلهي اهڙن ٿانوَن جي استعمال تان بندش ختم ڪئي ويئي، باقي نشيدار شيون واپرائڻ تي بندش برقرار رهي.

حاشيہ "دلائل النبوة "بيهقي" "محشي عبدالمعطي قلعجي" ج ۵ ص ۲۳۵. حاشيہ زاد المعاد "ابن قيم" محشي "ارنؤوط برادران" ج ۳ ص ۶۰۵ ـ ۶۰۶ وغيره. البدايہ ابن الاثير ج ۲ ص ۹۶. صحيح البخاري "كتاب الايمان" ج ۱ ص ۲۰. "صحيح مسلم" "كتاب الايمان" ج ۱ ص ۳۵.

(۲) المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۱۸۱.

Marfat.com

* هن قسم جي وفدن جي شروعات ان وقت کان ٿي جڏهن سرور عالم ﷺ جن غزوه طائف کان موٽ تي اچي "جِعِّرَانَہ" ۾ ترسيا. نبي انور ﷺ طائف کان سن اٺين هجريءَ ڏاري شوال مهيني جي پڄاڻيءَ تي نڪتا ۽ "جِعِّرَانَہ" ۾ ساڳي سال جي ذوالقعد مهيني ۾ چند جي پنجين تاريخ تي پهتا.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ وفدن اچڻ جو سلسلو جيڪو "جِعِّرَانَہ" کان شروع ٿيو، اهو سندن وصال تائين جاري رهيو. "حافظ مغلطائي" پنهنجي لکيل سيرة واري ڪتاب ۾ ست کان مٿي اهڙن وفدن جو ذڪر ڪيو آهي (۱) جڏهن ته "شَامِي" وري پنهنجي سيرة واري ڪتاب ۾ اهو انگ سوَ تائين پهچايو آهي. (۲)

اسان هن ڪتاب ۾ انهن وفدن منجهان ڪن ٿورن جو ذڪر ڪيو آهي. (۳)

---

(۱) الاشاره ـ حافظ مغلطائي ص ۴۷۷.

(۲) سبل الهدي "شامي" ج ٦ ص ۴۴۱ کان ۲۵۴.

(۳) هن سال نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ مختلف قومن ۽ مختلف علائقن منجهان ماڻهن جا وفد اچڻ شروع ٿيا، جنهن جا کيترائي سبب هئا. جن مان ٻه خاص سبب هيٺ ڏجن ٿا.

۱. نبي اڪرم ﷺ جن اسلام جي تبليغ لاءِ جيڪي سرايا ۽ وفد مختلف علائقن ۽ قومن ڏانهن اماڻيا هئا، انهن نهايت محنت ۽ ايمانداريءَ سان جيڪا تبليغ ڪئي، ان جي نتيجي ۾ عرب جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين اسلام جو پيغام پهچي ويو ۽ ماڻهو ان جي حقانيت کان آگاه ٿي دين جي دائري ۾ داخل ٿيندا ويا. پر اسلام جو مرڪز هڻن نہ ڏئو هو، انڪري سندن دلين ۾ اها آرزو هئي ته ان عظيم هستيءَ جي زيارت ٻه ڪن جنهن چند سالن جي اندر پنهنجي پروگرام کي نہ فقط نافذ ڪيو پر ان جي فيوض ۽ برڪات سان معاشري جو رنگ ئي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ ظاهر آهي ته اهو اصلي رنگ ته مديني منوره ۾ ئي موجود هو، جنهن ڪري ماڻهو وڏي شوق سان ايندا رهيا.

۲. مڪي جي فتح ڪانپوءِ جڏهن ماڻهن ڏئو ته ڪابہ قوت ۽ طاقت هاڻي اسلام جي سچائيءَ آڏو بيهي نہ سگهي ته کين يقين ٿي ويو ته اهوئي خدا تعالي جو سچو دين آهي جيڪو قيامت تائين قائم رهندو. انڪري ان دين جي اختيار ڪرڻ ۾ ئي سندن ڀلائي ۽ بهتري آهي. اهوئي سبب هو جو مختلف قومن توڙي علائقن ڪان ماڻهو ٽولن جا ٽولا ٿاهي سچي سرور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا رهيا ته جيئن مديني پهچي اها ڳالهہ معلوم ڪجي ته هاڻي اهي ٻاهريان ماڻهو پنهنجي علائقن ۾ رهي ان سچي دين جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهن ٿا ۽ اڳتي کين ڇا ڪرڻ ڪپي ۽ اهو سلسلو سندن وصال واري سال تائين جاري رهيو.

انهن وفدن جي اچڻ جا ٻيا ٻہ مقصد هئا، جن مان ڪيترن ته پاڻ سڳورن ﷺ جن جي خدمت ۾ روبرو حاضر ٿي پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو اعلان ڪيو، ڪيترا وري هن ڪان اڳ مختلف صحابين جي هٿ تي مسلمان ٿي چڪا هئا پر هاڻي پاڻ ڪريمن ﷺ جي زيارت ڪرڻ يا دين بابت ڪجهہ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ مديني شريف پهتا.

ڪجهہ ماڻهن جي دلين ۾ وري ڪي شڪ شبها ٻہ هئا، جن کي دور ڪرڻ لاءِ هنن خدا جي پياري پيغمبر ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي انهن کي دور ڪرڻ ٿي چاهيو. هنن وفدن جي شروعات ڪڏهن ٿي؟ ان بابت روايتن جو ڪجهہ اختلاف آهي. ابن اسحاق جي روايت موجب انهن وفدن جي شروعات سن اٺين هجريءَ جي آخر ۾ ان وقت ٿي، جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن غزوه "طائف" کان موٽ تي "جعرانہ" ۾ ترسيل هئا، هن موقعي تي "هوازن" قبيلي وارن جو وفد سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو هو. ان ڪانپوءِ نائين هجريءَ ڏاري هن ڏس ۾ سڀ کان گهٽا وفد آيا، جنهن ڪري مؤرخ ۽ سيرت نگار هن سال کي "عام الوفود" (يعني وفدن جو سال) سڏين ٿا. ان ڪانپوءِ سن ڏهين هجريءَ ڏاري ٻہ هي

Marfat.com

* هن سال جي صفر مهيني ۾ "بني عُذْرَه" وارن جو هڪ وفد پاڻ ڪريمن ﷺ وٽ پهتو. هي "بني قُضَاعَه" وارن جو پاڙو آهي، جيڪي يمن ۾ رهندا هئا. هن وفد ۾ ڪل ٻارهن شخص شامل هئا، جن ۾ جُمْرَةَ بِن نُعْمَان عُذْرِيْ صحابي رضه به موجود هو. هي سڀ مسلمان ٿي پنهنجن ماڳن ڏانهن موٽيا.

وفد بَنِيْ تَمِيْم جا ڪجهه وڌيڪ تفصيل

* هن سال بَنِيْ تَمِيْم وارن جو وفد پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ان وفد ۾ قَعْقَاع بن مَعْبَد تَمِيْمِي، اَقْرَع بن حَابِس تَمِيْمِي، زَبْرِقَان بن بَدْر تَمِيْمِي، عُطَارَد بن حَاجِب بِن زَرَارَه تَمِيْمي، قَيْس بن عَاصِم تَمِيْمِي مِنْقَرِيّ ۽ عَمْر بِن اَهْتَمَ تَمِيْمِي شامل هئا.

هن ئي وفد جي ماٺهن نبي انور ﷺ جن کي حجرن جي پويان وٽي سڏ ڪيا تہ ان موقعي تي الله تعالىٰ طرفان هيٺيون آيتون نازل ڪيون ويون:

"اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَاءِ الْحُجُرَاتِ" جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي، ان ڪانپوءِ هو سمجهي ويا ۽ سيني اسلام قبول ڪيو. سرور عالم ﷺ جن نہ فقط سندن مال ۽ ماٺهو موٽايا پر پنهنجي پاران کين سوڪڙين پاڪڙين ڏيڻ جو بہ حڪم ڏنو، جيئن عام طور ٻين وفدن لاءِ ڏنو ويندو هو. (۱)

سلسلو جاري رهيو ۽ ڪافي وفد دربار نبوي ﷺ ۾ حاضر ٿيا. جڏهن تہ هن سلسلي جو آخري وفد "بنو نخع" وارن جو هو، جيڪي سن يارهين هجريءَ ڌاري پاڻ ڪريمن ﷺ جي خدمت ۾ زيارت جي خيال کان آيا هئا. ڇو جو هو هن کان گهٽو اڳ حضرت معاذ بن جبل رضه جي هٿ تي اسلام قبول ڪري چڪا هئا. اڪثر مؤرخن طرفان هن وفد کي آخري وفد شمار ڪيو ويو آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ جيڪي وفد حاضر ٿيا، انهن جي ڳاٽيٽي ۾ بہ راوين جو اختلاف رهيو آهي. ان اختلاف جو سبب اهو نہ آهي تہ ڪنهن کان انهن جي ڳاٽيٽي ۾ ڪا ڀل ٿي آهي، پر ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ ڪجهه وفد هڪ کان گهٽا دفعا آيا. انڪري ڪن انهن کي هڪ وفد ڪري شمار ڪيو آهي. ڪي وفد وري نهايت مختصر هئا جن ۾ هڪ يا بہ ماٺهو موجود هئا. انڪري مؤرخن ۽ محدثن طرفان اهڙن وفدن جو ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو وفدن جو تعداد مختلف ڪتابن ۾ مختلف آهي. هن ڏس ۾ "علامہ شامي" پنهنجي ڪتاب "سبل الهدىٰ والرشاد" ۾ اهڙن هڪ سؤ هڪ وفدن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اهو تعداد سڀ کان وڌيڪ آهي.

انهن وفدن بابت ڄاڻ هيٺين ڪتابن تان نقل ڪئي ويئي آهي:

فتح الباري "ابن حجر"، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۰۵، "الطبقات الڪبرىٰ" "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۲۲. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۲٦۰، "الاشاره" مغلطاي ج ۸ ص ٦۸، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۵ ص ۳۷، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۱۲. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۵۹۵. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۳۰۹، "روضة الاحباب" سيد جمال الدين ج ۱ ص ۳۵۳.

(۱) هن سال نبي اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ جيڪي وفد حاضر ٿيا، انهن مان "بنو تميم" واري وفد جو ذڪر ابن اسحاق توڙي ٻين راوين طرفان نمايان طريقي سان ڪيو ويو آهي.

هن وفد ۾ موجود ماٺهن جو تعداد ستر يا اسي ٻڌايو ويو آهي. جن ۾ قبيلي جا وڏا هٿيلا سردار، جوشيلا مقرر ۽ قادر الڪلام شاعر شامل هئا، جن کي پنهنجي دولت، صلاحيت ۽ خاندااني وجاهت تي وڏو ناز هو. مديني ۾ پهچڻ ڪانپوءِ هو بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي مسجد نبوي ﷺ ۾ اندر گهڙي ويا.

Marfat.com

* هن سال جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ "تَبُوک" کان واپس موٽيا تہ ان موقعي تي "بَني مُرَّه" وارن طرفان تيرهن جڻن جو هڪ وفد حَارِث بِن عَوْف جي اڳواڻي هيٺ سنڈن خدمت ۾ پهتو. هي سمورا ۽ مسلمان ٿي پنهنجي وطن واپس وريا.

* هن سال تَبُوک کان واپسيءَ تي نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ بني فزاره وارن جو هڪ وفد حاضر ٿيو، جنهن ۾ ڏهن کان ۽ مٿي ماڻهو شامل هئا، جن ۾ عُيَيْنَہ بن حِصْن فَزَارِي جو پاءُ خارجہ بن حِصْن ۽ پائٽيو حُرّ بن قَيْس فَزَارِي ۽ شامل هئا. جڏهن تہ عُيَيْنَہ بن حِصْن فَزَارِي پاڻ هن وفد جي اچڻ کان اڳ ئي ايمان آڻي چڪو هو، باقي ان ڳالهہ ۾ اختلاف آهي تہ هن مڪي جي فتح کان اڳ اسلام قبول ڪيو يا پوءِ.

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ان وقت ڏسڻ ۾ آيو، جڏهن بَنِي فَزَارِہ وارن شڪايت ڪئي تہ سندن زمينون (مينهن نہ پوڻ سبب) بٽ لڳيون پيون آهن، جنهن سببان شهرن ۾ ڏڪار ۽ پيو آهي. چيو وجي ٿو تہ اها شڪايت خارجہ بن حصن ان وقت ڪئي، جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ

ان وقت حضرت بلال رضہ ٻنهڑن جي نماز جو اذان ڏيئي چڪو هو ۽ نماز پڑهائڻ لاءِ سرور ڪائنات ﷺ جن مسجد ۾ اچڻ وارا هئا، انڪري ڪين انتظار ڪرڻ لاءِ چيو ويو، پر هو پنهنجي هٽ ۽ هوڏ، جوش ۽ جولان سببان اها ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيا، ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جي حجرن پويان پهچي وڏي واڪي نهايت اڻ وٽندڙ انداز ۾ سڏ ڪرڻ لڳا.

"اي محمد ﷺ اسان لاءِ ٻاهر اچو" ۽ اهي لفظ ٿي دفعا ورجايائون. جيتوڻيڪ اها ڳالهہ مقام نبوت جي مان ۽ مرتبي مطابق نہ هئي، پر پوءِ ب پاڻ سڳورا ﷺ سندن سڏ تي ٻاهر آيا ۽ ڪين ڪلي ڪيڪر ڪيائون، جنهن جي جواب ۾ اَقرع بن حابس چوڻ لڳو: "اي محمد ﷺ منهنجي تعريف سان انسان عزت وارو ٿي پوندو آهي، ۽ غيبت سان انسان ڪي ذلت حاصل ٿيندي آهي ۽ اسان سڄي عرب ۾ سڀني کان وڌيڪ معزز آهيون."

ان جي جواب ۾ سچي سرور ﷺ جن ڪيس فرمايو: "اوهان جي اها دعويٰ ڪوڙي آهي، ڪنهن ب انسان ڪي عزت يا ذلت وارو ٻڌائڻ الله تعالىٰ جي اختيار ۾ آهي، ۽ اوهان ۾ سڀني کان وڌيڪ معزز حضرت يوسف بن يعقوب عليہ السلام هو". ڪن راوين جو چوڻ آهي تہ مٿيان جملا اَقرع بن حابس نہ پر ڪنهن ٻئي شخص طرفان چيا ويا هئا، ڇو جو "اَقرع" تہ هن کان اڳ ئي اسلام قبول ڪري چڪو هو. "فتح مڪہ" واري مهم ۾ هن پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ بهرو ورتو هو. ان کانسواءِ "غزوہ حنين" ۽ "غزوہ طائف" ۾ ب سندس شرڪت ثابت آهي، انڪري اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ هو سرور ڪائنات ﷺ جن آڏو ان انداز سان گفتگو ڪري. هو هن موقعي تي پنهنجي قوم وارن سان گڏجي ضرور آيو هو، پر ان قسم جي ڪا ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪئي هئائين، ڇو جو هو دربار نبوي ﷺ جي آداب کان پليءَ پت واقف ٿي چڪو هو. والله اعلم بالصواب.

باقي هن موقعي تي الله تعالىٰ طرفان "اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَاءِ الْحُجُرَاتِ" واري آيت نازل ٿي، ان ۾ ٻڌايو ويو تہ اهي ماڻهو پاڻ کي ڪجهہ ب سمجهندا هجن پر اهي اڪثر بي سمجهہ آهن، جنهن جو ثبوت سندن گفتگو مان ملي ٿو. وفد بني تميم بابت وڌيڪ تفصيل هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۱۳ ـ ۲۰۶. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۱ ص ۱۹۳. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۱۰۷ ـ ۱۱۰. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۶۷۸ ـ ۶۹۴ التحفة اللطيفہ "سخاوي" ج ۱ ص ۱۹۴ ـ ۱۹۵. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۵ ص ۳۸ ـ ۴۲. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۱۱۳ ـ ۳۱۷.

Marfat.com

جمعي جو خطبو ڏيئي رهيا هئا.

بخاري شريف ۾ اها روايت حضرت اَنَس بِن مَالِک رضہ کان نقل ڪئي ويئي آهي.

بهرحال اها شڪايت ٻڌي نبي انور ﷺ جن دعا لاءِ هٿ کنيا، بس پوءِ تہ اهڙو اڇي مينهن لٿو جو ست ڏينهن سانده وسندو رهيو. هن قصي جا وڌيڪ تفصيل انشاءَ الله اڳتي ٻہ بيان ڪيا ويندا.

* هن سال تيرهن ڇٽن جو هڪ وفد نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جنهن کي وفد تعجيب يا نجيب جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. اهي سمورا ماڻهو اڳ ۾ ئي اسلام قبول ڪري چڪا هئا، ان ڪري پنهنجي مال مان خيرات جو حصو ٻہ پاڻ سان گڏ کڻي آيا هئا. سرور عالم ﷺ جن جي حڪم سان کين سوکڙيون پاکڙيون ٻہ ڏنيون ويون تہ سندن دعوتون ٻہ جهليون ويون. نہ صرف ايترو پر پنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پاڻ هن وفد جو استقبال ڪري سندن عزت افزائي ڪئي. (۱)

* هن سال بَني اَسَد بن خُزَيْمَہ وارن جو وفد پاڻ ڪريم ﷺ جن وٽ پهتو. هن وفد ۾ وَابِصَة بن مَعْبَد ۽ طُلَيْحَہ بن خُوَيْلَد ٻہ شامل هئا. پوءِ سيني اسلام قبول ڪيو ۽ نبي انور ﷺ جن کي عرض ڪيائون تہ "اسين اوهان وٽ اونداهي رات جي پيٽ ۾ ڏکار واري سال ۾ پاڻ مرادو هٿي پهتا آهيون جڏهن تہ اوهان اسان ڏانهن ڪو لشڪر ڪونہ موڪليو هو." پوءِ ان موقعي تي "يَمُنُّوْنَ عَلَيْكَ اَنْ اَسْلَمُوْا قُلْ لَّا تَمُنُّوْا عَلَيَّ اِسْلَامَكُمْ. (۲)

(اهي اوهان تي ٿورو ڪن ٿا تہ انهن اسلام قبول ڪيو، اوهان کين چئو تہ مون تي پنهنجي اسلام جو ٿورو نہ ڪيو.)

---

(۱) هن وفد جا ماڻهو نهايت پرخلوص ۽ اسلامي جذبي سان سرشار هئا. هو پاڻ سان گڏ جيڪا خيرات جي رقم مديني شريف ڪڍي آيا، ان بابت نبي ڪريم ﷺ جن کين فرمايو تہ "اها رقم اوهان پنهنجي ڳوٺ ڪڍي وڃو ۽ اتان جي غريبن ۾ ورهايو." جنهن جي جواب ۾ هنن وراڻيو: "اسان پنهنجي ڳوٺ وارن ضرورتمندن کي سندن حق ادا ڪري پوءِ جيڪي ڪجهہ بچيو آهي، اهو اوهان جي خدمت ۾ ڪڍي آيا آهيون." پاڻ سڳورا ﷺ سندن ان جذبي کان بيحد متاثر ٿيا.

هن موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ چوڻ لڳو: "ڏهڑو جذبو جيڪو "تعجيب" واري وفد ۾ نظر آيو، اهڙو ڪنهن ٻئي وفد ۾ اسان نہ ڏٺو آهي." ان جي جواب ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن وراڻيو: "بيشڪ هدايت الله تعالىٰ جي هٿ ۾ آهي، پوءِ هو جنهن سان ڀلائي ڪرڻ گهرندو آهي تہ ان جي سيني کي ايمان لاءِ کولي ڇڏيندو آهي."

ان ڪانپوءِ هنن جيڪي دين بابت سوال پڇيا، نبي ڪريم ﷺ جن طرفان انهن جا جواب کين لکي ڏنا ويا. هن موقعي تي رسول خدا ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي حڪم ڏنو تہ هو سندن لاءِ بهترين دعوت ۽ رهائش جو بندوبست ڪري تہ جيئن هو ڪجهہ ڏينهن مديني ۾ آرام سان ترسي سگهن. پر پوءِ جلد ئي هو پنهنجي ڳوٺ وڃڻ لاءِ اجازت گهرڻ لڳا: جنهن تي صحابي سڳورن کانئن پڇيو تہ "اوهان واپس وڃڻ لاءِ ايتري تڪڙ ڇو پيا ڪريو." جواب ۾ هنن وراڻيو: "اسان جي دل چوي ٿي تہ جيڪي ڪجهہ اسان نبي ڪريم ﷺ جن جي صحبت مان حاصل ڪيو آهي اهو واپس وڃي پنهنجي ٻين مائٽن تائين ٻہ پهچايون."

ان ڪانپوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ هرهڪ شخص کي پنهنجي مبارڪ هٿن سان انعام اڪرام عطا فرمايا.

سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٢٨٥. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ٦٥٠ ـ ٦٥١.

(۲) سورة الحجرات آيت ۱۷ پاره ۲٦.

Marfat.com

پوءِ اهي سمورا اسلام تي قائم رهيا. سواءِ طُلَيْحَہ بن خُوَيْلَد جي، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ ڪانپوءِ دين تان ڦري ويو ۽ نبوت جي دعويٰ ڪيائين، جنهن ڪري حضرت ابوبڪر رضہ پنهنجي خلافت واري دور ۾ حضرت خَالِد رضہ بن وَلِيد کي سندس مقابلي لاءِ موڪليو پر "طُلَيْحَہ" شام ڏانهن ڀڄي ويو. ان ڪانپوءِ هن وري اسلام قبول ڪيو پر هن پيري هو سڄو مسلمان ٿي رهيو ۽ اسلام جي خلاف ڪوبہ ڪم نہ ڪيائين، ۽ وري حضرت عُمر رضہ جي خلافت ۾ هو مديني موٽي آيو.

* هن سال "بَني كِلَاب" وارن جو وفد بہ پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ پهتو. هن وفد ۾ لبيد بن رَبِيْعَہ بن عَامِر اَبُوعَقِيْل عَامِري بہ شامل هو، جيڪو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. هن جي باري ۾ سرور عالم ﷺ جن فرمايو: "سڀ ڪان سچي ڳالهہ جيڪا لَبِيْد چئي اها هيءَ آهي:

"اَلَا كُلُّ شَيْءٍ مَا خَلَا اللهَ بَاطِلٌ". (هر شيءِ جيڪا الله ڪانسواءِ آهي اها ڪوڙي آهي.)

هن وفد ۾ جيڪي بہ ماڻهو شامل هئا اهي سيئي مسلمان ٿيا.

* هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ "بنو بَلِيّ" وارن جو هڪ وفد بہ پاڻ ڪريمن ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جيڪو "قُضَاعَہ" قبيلي جو پاڙو آهي. هن وفد وارا اڇي رُوَيْفِعْ بن ثَابِت بَلَوِيءَ جي گهر لٿا ۽ اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي وطن واپس وريا.

* هن سال رجب مهيني جي وچ ڌاري "بني نَخع" وارن جو پهريون وفد پاڻ سڳورن ﷺ وٽ آيو. هن وفد ۾ بہ ماڻهو شامل هئا، جن مان پهرين جو نالو اَرْطَاہ بن شَرَاحِيْل ۽ ٻئي جو "اَرْقَم" هو. جنهن کي "جهيش" بہ سڏيندا هئا. هنن نہ صرف نبي انور ﷺ جن جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو پر پنهنجي قوم پاران بہ بيعت ڪيائون. جنهن ڪانپوءِ هو پنهنجي ڳوٺ موٽي ويا. سندن ٻيو وفد سن يارهين هجريءَ ڌاري آيو، جنهن جو ذڪر ايندڙ باب ۾ ڪيو ويندو. انشاءَ الله تعاليٰ.

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن جڏهن تبوڪ کان موٽيا تہ ان ڪانپوءِ سندن خدمت ۾ "دَارِيِّيْن" وارن طرفان بہ ڏهن ڄڻن جو هڪ وفد حاضر ٿيو، جنهن ۾ تَمِيْم بن اَوْس دَارِي بہ شامل هو. اهي نصراني هئا ۽ پوءِ سڀني اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمان ٿيڻ کان پوءِ واپس ٿيا. تَمِيْم داريءَ جي مسلمان ٿيڻ جو ذڪر اڳتي ٻيهر بہ ڪيو ويندو، انشاءَ الله تعاليٰ.

* هن سال عروه بن مَسْعُوْد ثقفي بہ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. جنهن جو شمار "طائف" جي وڏن ماڻهن ۾ ٿيندو هو. هو پنهنجي قبيلي "ثَقِيْف" جي ٻين ماڻهن کان اڳ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ اچي مسلمان ٿيو هو.

* هن سال رمضان يا شعبان جي مهيني ۾ "بنوثقيف" وارن جو هڪ وفد طائف کان مديني پهتو. هن وفد ۾ شامل سمورا ماڻهو "ثقيف" قبيلي جا ئي هئا، جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

عُثْمَان بِن اَبُوالْعَاصِ، عَبْدِيَالِيْل بِن عَمرو بن عُمَيْر، نُمَيْر بِن خَرَشَہ، حَكَم بن عَمْرو، شُرَحْبِيْل بن غَيْلَان بن سلمہ، اوس بن اوس ۽ اوس بن ابو اوس رضوان الله عليهم، تقريب التهذيب ۾ حافظ ابن حجر ڄاڻايو آهي تہ "اوس نالي وارا بہ آخري شخص الگ الگ آهن. انهن ۾ فرق اهو آهي تہ پهرين جي پيءُ جو نالو "اَوْس" ۽ آخريءَ جي پيءُ جو نالو "اَبُو اَوْس" لکيو ويو آهي. "اَبُو اَوْس" جو نالو "حُذَيْفَہ" ٻڌايو ويو آهي (١) ۽

(١) تقريب التهذيب "ابن حجر" ج ١ ص ١١٢.

Marfat.com

هن کي اَوْس بن عَوْف بہ سڏيو ويندو آهي. هن موقعي تي انهن سمورن اسلام قبول ڪيو ۽ نبي انور ﷺ جن انهن مان عُثْمَان بِن اَبُوالْعَاصِ کي طَائِف جو امير مقرر ڪيو، جيڪو عمر ۾ سڀني کان ننڍو هو.

* هن سال نبي سڳوري ﷺ جن جي خدمت ۾ "بَهْرَاء" وارن جو هڪ وفد بہ آيو. هيءُ "قُضَاعَہ" قبيلي جو پاڙو آهي، جيڪي يمن ۾ رهندا هئا. هن وفد ۾ ڪل تيرهن ماڻهو هئا ۽ اهي يمن کان سڌا حضرت "مِقْدَاد بِن عَمْرو" جي گهر اچي لٿا. اسلام قبول ڪيائون ۽ پوءِ ديني فرضن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڏينهن مديني ۾ ترسي پوءِ پنهنجي وطن واپس وريا.

* هن سال سرور ڪائنات ﷺ جن وٽ "بَنُوبَكَاء" وارن جو وفد بہ حاضر ٿيو.

* هن سال "طَيءِ" قبيلي وارن جو هڪ وفد بہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو، جنهن ۾ هن قبيلي جو سردار زَيْدالْخَيْل بن مُهَلْهَل طَائِيّ بہ ساڻن گڏ هو. سرور عالم ﷺ جن سندن آڏو دين جي دعوت پيش ڪئي، جيڪا هنن قبول ڪئي. پاڻ سڳورن ﷺ سندن سردار "زيدالخيل" جو نالو مٽائي "زَيْدالخير" رکيو. (۱)

* هن سال "حِمْيَر" قبيلي وارن جو وفد "يمن" کان پاڻ ڪريمن ﷺ وٽ اچي حاضر ٿيو. هنن اسلام قبول ڪيو ۽ نبي انور ﷺ جن سندن باري ۾ صحابين کي فرمايو: "اوهان وٽ يمن وارا اچي رهيا آهن، جن جي دلين ۾ نرمي ۽ رحم سمايل آهي. ايمان يمني آهي تہ ڏاهپ بہ يمني آهي" ۽ سڪون ٻڪرين وارن ۾ آهي، جڏهن تہ هٽ ۽ وڏائي اٺن وارن خانہ بدوشن ۾ آهي، جيڪي اوير طرف رهن ٿا.

* هن سال سرور عالم ﷺ جن جي خدمت ۾ "بنو سعد هذيم" وارن جو هڪ وفد بہ حاضر ٿيو، جن جو تعلق "قَضاعہ" قوم سان هو. هڪ روايت مطابق هو "يمن" ۾ رهندا هئا. هنن مدينی پهچي مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ اچي لڏو لاٿو. ان ڪانپوءِ هو مسلمان ٿيا، بيعت ڪيائون ۽ پوءِ پنهنجي ماڳن تي موٽي ويا.

نبي ڪريم ﷺ جن جو "اِيْلَاء"

* هن سال نبي انور ﷺ جن پنهنجي گهروارين سان "اِيْلَاء" (۲) ڪندي فرمايو: "خدا جو قسم تہ هڪ مهيني تائين اوهان جي ويجهو نہ ايندس." (۳)

پاڻ ڪريمن ﷺ جن جو گهوڙي تان ڪرڻ

* هن سال نبي انور ﷺ جن گهوڙي تان ڪري پيا، جنهن ڪري سندن ساڄو پاسو ۽ ساڄي ٻني ڏکجي پيا. پاڻ ڪريم ﷺ جن اهو عرصو پنهنجي جاءِ جي ڪوٺي تي رهيا ۽ مسجد ڏانهن ڪين

---

(۱) سبل الهدیٰ "شامي" ج ٦ ص ۳۵۸، الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۲ ص ۱۲۷.

(۲) جيڪڏهن ڪو ماڻهو قسم ڪٽي چوي تہ مان پنهنجي گهرواريءَ جي ويجهو نہ ويندس تہ ان فعل کي "ايلاء" سڏيو ويندو آهي. (مترجم)

(۳) صحيح بخاري "كتاب الطلاق" ج ۳ ص ۲۷٦. "صحيح مسلم" "كتاب الطلاق" ج ۲ ص ۱۸۸. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۳۲۹، الاشاره "مغلطائي" ص ۳۴۴. سيرة ابن حبان ص ۳٦۴ ـ ۴٦۳. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ٦۴۲، سيرة "دمياطي" ص ۲٦٦. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۳ ص ۹۷.

Marfat.com

اچڻ ۾ ڏکيو پئي لڳو ۽ نماز گھر ۾ پئي ادا ڪيائون. صحابي سڳورا جڏھن پڇڻ واسطي وٽن اتي ايندا ھئا تہ پوءِ اھي سندن پٺيان بيھي نماز پڙھندا ھئا [1] جنھن تي انھن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: "امام انڪري ھوندو آھي تہ ھن جي تابعداري ڪئي وڃي، جي ھو تڪبير چوي تہ اوھان ۾ تڪبير چئو، جڏھن رڪوع ۾ وڃي تہ اوھان ۾ رڪوع ۾ وڃو ۽ جڏھن مٿو کڻي تہ اوھان ۾ مٿو کڻو ۽ جڏھن ھو ويھي نماز پڙھي تہ اوھان سمورا ۾ سندس پويان ويھي نماز پڙھو."

مٿيان ٻئي واقعا يعني نبي ڪريم ﷺ جن جو پنھنجي گھروارين سان "اِيْلَاء" ڪرڻ ۽ سندن گھوڙي تان ڪرڻ، ھڪ ئي وقت پيش آيا. باقي ان ڳالھ ۾ راوين جو اختلاف رھيو آھي تہ اھي ٻيئي واقعا ڪھڙي سال پيش آيا؟ ان بابت ھڪڙن جو چوڻ آھي تہ اھي ٻئي واقعا سن نائين ھجريءَ ڏاري پيش آيا، جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آھي. "يعمري" پنھنجي ڪتاب "حوادث" ۾ ۽ قسطلاني "المواھب اللدنيہ" جي مغازي ۽ سرايا واري باب ۾ ان روايت جي صحيح ھجڻ تي زور ڏنو آھي [2] جڏھن تہ ٻئي گروہ جو چوڻ آھي تہ اھي ٻئي واقعا سن پنجين ھجريءَ ڏاري پيش آيا. ان ڳالھ جي پٽيرائي "حافظ ابن حجر" فتح الباريءَ ۾ ڪئي آھي. ان ڪانسواءِ ڪجھ راوي ان خيال جا ۽ آھن تہ اھي ٻئي واقعا سن ڇھين ھجريءَ ڏاري ان وقت پيش آيا، جڏھن نبي انور ﷺ جن "غَزْوَہ ذِي قَرَد" کان واپس وريا، جيئن سن ڇھين ھجريءَ واري باب ۾ بيان ڪري چڪا آھيون.

ھاڻي جيئن ان ڳالھ تي راوين ۾ اتفاق آھي تہ اھي ٻئي واقعا ساڳئي سال پيش آيا. انھيءَ ريت انھن واقعن بابت مھيني تي ۽ اتفاق آھي تہ اھي ٻئي واقعا ذوالحج جي مھيني ۾ پيش آيا. جيئن فتح الباري ۽ ارشاد الساريءَ ۾ ڄاڻايو ويو آھي.

"سوره تحريم" جو نزول

* ھن سال "سوره تحريم" جو پھريون حصو نازل ٿيو، جيڪو **يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكَ** کان شروع ٿي **تَٓائِبَاتٍ وَّ اَبْكَارًا** تائين ختم ٿئي ٿو. [3]

اِيْلَاء واري مدي جو خاتمو

* ھن سال جڏھن ايلاء وارو مھينو پنھنجي پڄاڻيءَ کي پھتو تہ اھي ۾ آيتون نازل ٿيون، جن کي "آيت تخيير" سڏيو ويندو آھي.

يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا. [4]

"اي نبي ﷺ پنھنجي گھروارين کي چئو تہ جيڪڏھن اوھان دنيا جي حياتيءَ جو مانُ مرتبو گھرو ٿيون."

ان ڪانپوءِ سرور عالم ﷺ جن اھي ٻئي آيتون پنھنجي بيبين سڳورين کي پڙھي ٻڌايون، جنھن

---

(١) شرح علي المواھب اللدنيہ "زرقاني" ج ٣ ص ٩٧ ـ ٩٨.

(٢) المواھب اللدنيہ "قسطلاني" ج ١ ص ٦٤٢ ـ ٦٤٣.

(٣) يعني ھن دفعي "سوره تحريم" جون پھريون پنج آيتون نازل ٿيون.

(٤) سوره "احزاب" آيت ٢٨ پاره ٢١.

Marfat.com

جي جواب ۾ سيني فرمايو: "اسان اختيار ڪيوسون الله، ان جو رسول ﷺ ۽ آخرت وارو گهر." سڀ کان پهريان اهو جواب حضرت عائشہ صديقہ رضہ ڏنو ۽ پوءِ ان جي پيروي ٻين بيبين ٻہ ڪئي. (۱)

"غَامِدِيَّہ" جي سنگسار جو واقعو

* هن سال "غَامِدِيَّہ" نالي ان عورت کي سنگسار ڪيو ويو، جنهن کي "زنا" سببان پيٽ ٿيو هو ۽ هوءَ چار پيرا پنهنجي ان ڏوهہ کي مڃي چڪي هئي، جنهن ڪانپوءِ نبي انور ﷺ جن حڪم ڏنو هو تہ هوءَ عورت ٻار ڄڻي ان کي ڪير پياري ۽ پوءِ جڏهن اهو ٻار ڪير پيئڻ ڇڏي تہ ٻوءِ ڪيس سنگسار ڪيو وڃي ۽ سنگسار ڪانپوءِ ان عورت جي نماز پڙهي پوءِ ڪيس دفن ڪيو وڃي، نماز ڪانپوءِ جڏهن ڪيس دفنايو ويو تہ سرور ڪائنات ﷺ جن سندس باري ۾ فرمايو، قسم ان ذات جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي تہ هن اهڙي توبہ ڪئي آهي، جو جيڪڏهن ڪو محصول اڳاڙيندڙ ٻہ ان قسم جي توبہ ڪري تہ اهو ٻہ بخشجي وڃي. (۲)

ضِمَام بِن ثَعْلَبَہ جو واقعو

* هن سال حضرت ضِمَام بن ثَعْلَبَہ پنهنجي قبيلي "بَني سَعْد بِن بَكْر" طرفان پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ نماز، زڪواة، روزي ۽ ٻين شرعي حڪمن بابت ڄاڻ حاصل ڪيائين. جنهن جا تفصيل "صحيح بخاري" وغيره ۾ ڏنل آهن (۳) هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ "ضِمَام" سن پنجين هجريءَ ڏاري حاضر ٿيو پر پهرين روايت ئي صحيح آهي، جيئن "حافظ ابن حجر" "فتح الباريءَ" ۾ ڄاڻايو آهي.

اسان هن فصل جي پنجين باب ۾ ٻہ ان واقعي جو ذڪر ان لاءِ ڪيو آهي، جو ڪجهہ سيرت نگارن پنهنجي ڪتابن ۾ اهڙي روايت ٻہ نقل ڪئي آهي.

جهاد جاري رهڻ بابت حڪم

* هن سال ڪجهہ مسلمانن پنهنجا هٿيار اهو سوچي وڪٽي ڇڏيا تہ هاڻي جهاد ختم ٿي ويو آهي. ان تي سرور عالم ﷺ جن فرمايو: "جهاد ان وقت تائين جاري رهندو جيستائين حضرت، عيسيٰ ابن مريم عليہ السلام هيٺ لهندو." (۴)

---

(۱) صحيح مسلم "كتاب الطلاق" ج ۲ ص ۱۸۹. تفسير "ابن كثير" ج ۳ ص ۴۱۰.

(۲) صحيح مسلم "كتاب الحدود" ج ۳ ص ۱۲۰. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۲۹.

(۳) صحيح بخاري "كتاب الايمان" ج ۱ ص ۱۷ ـ ۱۸، دلائل النبوه "بيهقي" ج ۵ ص ۳۷۴.
سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۲۰، البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۵ ص ۵۵ ـ ۵۶، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۶ ص ۵۵ ـ ۳۵۳. السيرة الحلبيہ ج ۳ ص ۲۲۰، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۲۵۵ ـ ۲۵۳. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۱۳ ـ ۳۱۴.

(۴) ڪن روايتن ۾ ان جاءِ تي هي لفظ ٻہ نقل ڪيا ويا آهن: "منهنجي امت ۾ هميشہ هڪ جماعت حق لاءِ جهاد ڪندي رهندي تانجو دجال نڪري ظاهر ٿيندو."
المغازي واقدي ج ۳ ص ۱۰۵۷. السيرة النبويہ ﷺ "ابن حبان" ص ۳۷۲، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۳۵۳. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۴۷۰، الاشاره "مغلطائي" ص ۳۴۴.

Marfat.com

حديث جبريل

* هن سال جبريل عليه السلام ماڻهن کي سندن دين بابت جاڻ ڏيڻ لاءِ آيو ۽ ان ڏس ۾ هن نبي کريم ﷺ جن کان ايمان، اسلام، احسان، قيامت ۽ ان جي نشانين بابت سوال پڇڻ شروع کيا. جيئن صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ تفصيل سان بيان کيو ويو آهي. ان حديث کي "اُمُّ الْاَحَادِيْث" جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو، ڇو جو ان حديث ۾ ايمان ۽ اسلام کي کولي بيان کيو ويو آهي. (۱)

سيد جمال الدين بخاريءَ پنهنجي ڪتاب "رَوْضَةُ الْاَحْبَاب" ۾ ڄاڻايو آهي ته حضرت جبرئيل ماڻهن کي دين جي سکيا ڏيڻ لاءِ سن ڏهين هجريءَ ڏاري آيو هو. (۲)

مينهن وسڻ جو معجزو

* هن سال نبي انور ﷺ جن جڏهن غَزْوَه تَبُوْک کان واپس وريا، تڏهن سندن هٿان هڪ معجزو ظاهر ٿيو، جيئن "اسد الغابه" ۾ حافظ ابن الاثير ۽ فتح الباريءَ ۾ حافظ ابن حجر نقل کيو آهي. جڏهن ته "جذب القلوب" ۾ شيخ عبدالحق دهلوي ۽ ڪجهه ٻين سيرت نگارن پنهنجي ڪتابن ۾ ڄاڻايو آهي ته هي معجزو سن ڇهين هجريءَ ڏاري ظاهر ٿيو. اها روايت حضرت انس رضه کان امام بخاريءَ هن ريت نقل ڪئي آهي:

"هڪ دفعي ملڪ ۾ ڏڪار اچي منهن ڏيکيو، مديني شريف ۾ ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ جمعي جو خطبو پئي ڏنو ته ايتري ۾ هڪ ڳوٺاڻو مسجد شريف ۾ داخل ٿيو ۽ فرياد ڪيائين: "اي الله جا رسول ﷺ! مال مري ويو، پار ٻچا بک ۾ پيا ٿين، رستا ويران ٿي ويا آهن، الله تعاليٰ کان دعا گهرو ته اسان جي اڄ اجهائي. پنهي جهانن جي سردار سڳوري ﷺ جن خطبي جي دوران ئي هٿ مٿي کنيا ۽ فرمائڻ لڳا: "اي الله اسان کي پلر (مينهن جو پاڻي) پيار! اي الله اسان کي پلر (مينهن جو پاڻي) پيار. حضرت اَنَس رضه جو چوڻ آهي ته الله جو قسم اتي جو اتي اڇي مينهن منهن ڪيو، ۽ مون مينهن جا ڦڙا حضور پر نور ﷺ جن جي ڏاڙهي مبارڪ مان ٽمندي پئي ڏٺا. اهو سڀ ڪجهه پاڻ ڪريم ﷺ جن جي منبر تان هيٺ لهڻ کان اڳ ٿي ويو. اهو وسڪارو ايندڙ جمعي تائين جاري رهيو ۽ سڄو هفتو ماڻهن سڄ جو منهن نه ڏٺو، تانجو ٻيو جمعو اڇي ويو ۽ نبي انور ﷺ جن ان جمعي جي خطبي ڏيڻ لاءِ منبر تي موجود هئا ته اهو ساڳيو شخص يا ڪو ٻيو اتي آيو ۽ چوڻ لڳو: "اي الله جا رسول ﷺ مينهن جي گهٽائيءَ سبب هاڻي ته مال مري ويو ۽ دڳ به بند ٿي ويا. هاڻي رب کان دعا گهرو ته مينهن موڪلائي. نبي اڪرم ﷺ جن وري به خطبي جي دوران هٿ مٿي کنيا ۽ دعا گهرڻ لڳا: "اي الله مينهن کي هاڻي اسان کان پري وسائج، اسان وٽ نه. اي الله ان کي ٻوٽن تي، ٻڪرين تي، جبلن جي وادين ۾ ۽ ٻيلن ۾ وساءِ. پوءِ ان دعا جي برڪت سان ڪڪر ٽڙي پکڙي ويا، سڄ جو شعاع نظر آيو ۽ مينهن موڪلايو. (۳)

---

(۱) صحيح بخاري "كتاب الايمان" ج ۱ ص ۱۸.
(۲) روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۳۷٦.
(۳) صحيح بخاري "ابواب الاستسقاء" ج ۱ ص ۱۸۳.

Marfat.com

پاڻ ڪريم ﷺ جن جي دعا سان مينهن وسڻ وارو معجزو به دفعا ظاهر ٿيو. صحيح بخاريءَ ۾ جيڪو واقعو نقل ڪيو ويو آهي اهو ٻئي دفعي وارو آهي، جڏهن ته پهرين دفعي واري واقعي جو ڪجهه تفصيل سن ڇهين هجريءَ دوران پيش آيل واقعات ۾ ڏنو ويو آهي. وڌيڪ حقيقت رب پاڻ ٿو ڄاڻي.

تَمِيْم بن اَوْس جو واقعو

* هن سال نبي انور ﷺ جن جڏهن تبوڪ کان مديني واپس پهتا ته اتي اَبُو رُقَيَّہ تَمِيْم بن اَوْس بن خَارِجَہ داري سندن خدمت ۾ پهتو، جيڪو نصراني مذهب جو پيروڪار هو ۽ ساٹس ڇهه ڇٽا ٻيا به گڏ هئا. (۱) هن پاڻ ڪريم ﷺ جن آڏو اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ سندن خدمت ۾ جَسَّاسَہ ۽ دَجَّال

---

(۱) مشهور صحابي تميم بن اوس بن خارجہ بن سود بن خزيمہ جو تعلق دار بن هانيءَ وارن سان هو، جنهنڪري ڪيس تميم داري سڏيو ويندو آهي. هن نائين هجريءَ ڌاري پاڻ سڳورن ﷺ جن جي آڏو اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ مستقل مديني ۾ رهيو، جتان سيدنا عثمان بن عفان رضہ جي شهادت ڪانپوءِ شام ڏانهن لڏي ويو. رات جو قيام ۽ ڏينهن جو تلاوت ۾ پنهنجو وقت گذاريندو هو. سندس ڪنيت "ابورقيہ" آهي، جيڪو سندس نياڻيءَ جو نالو هو ۽ ان ڪانسواءَ ڪيس ٻي ڪا اولاد ڪانہ هئي. تميم داري مسلمان ٿيڻ کان اڳ عيسائي مذهب جو پيروڪار هو ۽ عيسائيت بابت به ڪيس وسيع معلومات هئي.

نبي ڪريم ﷺ جن آڏو هن دجال ۽ جساسہ جو واقعو بيان ڪيو هو، جنهن ڪري جتي "جساسہ" جو ذڪر ايندو اتي تميم داريءَ جو نالو به ڪهندو آهي.

"جساسہ" جي معنيٰ جاسوسي ڪرڻ واري ٻڌائي ويئي آهي، ڇو ته ماهرن جو خيال آهي ته هي مؤنث جو صيغو آهي.

"ابن منظور" جي قول مطابق ته عربي زبان ۾ خير جي خبر ٻڌائڻ واري ڪي ناموس ۽ شر جي خبر ٻڌائڻ واري ڪي جاسوس سڏيو ويندو آهي. بهرحال "جساسہ" هڪ جانور جو نالو آهي، جيڪا تمام خوفناڪ ۽ ڊيڄاريندڙ آهي. اهڙي راءِ "النهايہ" ۾ ابن الاثير به ڏيڪاري آهي، باقي ان ڳالهہ تي راوين جو اختلاف آهي ته آيا ان جانور جو ذڪر حضرت تميم "انجيل" ۾ پڙهيو يا پنهنجي علائقي وارن کان ڪنهن ڏند ڪٿا طور ٻڌو؟ پر حديث جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته هن "جساسہ" کي هڪ ٻيٽ ۾ ڏٺو، جتي هڪ تيز طوفان کيس ڪٿي اچي ڦٽو ڪيو هو ۽ اتي ٻي دجال به کيس نظر آيو، جيڪو زنجيرن ۾ جڪڙيل ۽ چرڻ پرڻ کان عاجز هو. انڪري "جساسہ" هيڏانهن هوڏانهن جون خبرون چارون کيس پهچائيندي رهندي هئي. شڪل ڪاڻ علاوه بناوٽ جي لحاظ کان به هوءَ تمام خوفناڪ ۽ ٻوائتي هئي، جنهن جي ڏسڻ سان ماڻهو ڊڄي ويجي.

اڪثي هلي مسلمان عالمن ۽ مفسرن به هن جانور جو ذڪر پنهنجي تحريرن ۾ ڪيو آهي، جن مان ڪيترن جو خيال آهي ته هي "جانور" شايد اهو يا ان جهڙو آهي، جنهن جو ذڪر قرآن مجيد جي "سورة النمل" ۾ "دابة الارض" جي نالي سان ڪيو ويو آهي ۽ جيئن مسلم، ترمذي، ابن ماجه، مسند احمد وغيره ۾ ٻڌايو ويو آهي ته قيامت قائم ٿيڻ کان اڳ جيڪي ان جون نشانيون ظاهر ٿيندیون تن ۾ دجال ۽ دابة الارض جو ظاهر ٿيڻ به نشانين مان آهن. جڏهن ته ڪن مصنفن وري پنهنجي تصنيفات ۾ هن جانور کي افسانوي انداز ۾ پيش ڪيو آهي ۽ ان اثر هيٺ ڪافي عجيب ۽ غريب ڳالهيون عربي ادب ۾ رائج ٿيون آهن.

"المسالڪ والممالڪ" ۾ مشهور ايراني سياح ۽ جاگرافيدان ابن خردازبه ان ٻيٽ جو نالو "برطائيل" لکيو آهي، جتي "جساسہ" کي ڏٺو ويو، جڏهن ته ڪجهه ٻين وري ان جاءِ جو نالو "زابج" نالي هڪ ٻيٽ ٻڌايو آهي.

Marfat.com

جو قصو بيان ڪيو، جنهن ڪانپوءِ سيد الانبياء ﷺ جن اهو واقعو وعظ ۾ پين کي به ٻڌايو. (۱) اها ڳالهه حضرت تَمِيْم داري جي مناقب ۾ بيان ڪئي ويندي آهي. هي پهريون شخص آهي جنهن سيدنا عُمر بن خطاب رضه جي خلافت واري دور ۾ سندن اجازت سان وعظ ڪرڻ شروع ڪيو.

مسجد ۾ ڏيئي ٻارڻ جي شروعات ڪرڻ وارو پهريون شخص به هيءُ ئي هو، ان ڪانسواءِ هو هڪ رڪعت ۾ سمورو قرآن پاڪ ختم ڪندو هو. (۲)

وَلِيْد بن عُقْبَہ جو واقعو

* هن سال سرور عالم ﷺ جن وَلِيْد بِن عُقْبَہ بِن اَبُومُعَيْط رضه کي زڪواة جي اڳاڙيءَ لاءِ "بَنُومُصْطَلِق" وارن ڏانهن اماڻيو. جاهليت واري دور ۾ وليد ۽ بني مُصْطَلِق وارن جي ٻاڻ ۾ دشمني هئي، انڪري اوڏانهن ويندي وليد کي ڊپ محسوس ٿيو ۽ هو رستي تان ئي واپس موٽي آيو ۽ اچي ٻاڻ ڪريم ﷺ جن کي ٻڌايائين ته بنو مُصْطَلِق وارا دين تان ڦري ويا آهن، انڪري زڪواة ڏيڻ کان انڪار ڪيائون."

اهو ٻڌي رسول اڪرم ﷺ جن انهن تي ڏاڍو ناراض ٿيا پر اوڏيءَ مهل ئي بَنُو مُصْطَلِق وارا به اچي اتي نڪتا ۽ پنهنجو احوال هن ريت ڏنائون ته "هو نه دين تان ڦريا آهن ۽ نه ئي زڪواة ڏيڻ کان انڪار ڪيو اٿئون." ان موقعي تي رب تعاليٰ طرفان هيٺين آيت نازل ٿي:

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْٓا. (۳)

"اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن اوهان وٽ اچي فاسق خبر ڪٽي ته ان جي تحقيق ڪندا ڪريو."

ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ مٿن راضي ٿيا ۽ سندن آڏو مٿين آيت پڙهي ٻڌايائون ۽ پوءِ هن ريت فرمايائون ته "بردباري رحمان جي طرفان آهي، جڏهن ته تڪڙ شيطان جي طرفان آهي." ان ڪانپوءِ عَبّاد رضه بن بشر کي زڪواة اڳاڙڻ لاءِ بَنُو مُصْطَلِق وارن سان گڏ اماڻيائون، جنهن وڃي ڪائڻ زڪواة

"زابج" پنهن جي جاء تي هڪ افسانوي انداز جو ٻيٽ آهي، جتي "جساسہ" ڪانسواءِ ٻين به عجيب ۽ غريب جانورن توڙي پکين جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

"ياقوت حمويءَ" پنهنجي مشهوز ڪتاب "معجم البلدان" ۾ لکيو آهي ته "اهو ٻيٽ هندوستان ڪان ڪهٽو پري "هرڪند" درياءَ جي پويان چين جي حدن ۾ آهي، جتي جي رهاڪن جون شڪليون ته ماڻهن جهڙيون پر اخلاق ۽ عادتون حيوانن جهڙيون آهن. ان ڪانسواءِ هڪ اهڙي مخلوق جو به ذڪر ڪيو اٿس، جنهن کي "نسناس" سڏيو ويندو آهي ۽ ڪين چمڙن وانگر پر به آهن، جن سان هو اڏامن ٿا.

اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۳۱۹. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۱ ص ۲۷۰. المسالڪ والممالڪ ابن خردازبه ص ۴۸. النهايہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۲۷۲.

(۱) صحيح مسلم "ڪتاب الفتن" ج ۸ ص ۲۰۴.

(۲) الاصابہ "ابن حجر" ج ۱ ص ۱۸۳ ـ ۱۸۴. "الاستيعاب ابن عبدالبر" ج ۱ ص ۲۷۰. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۲۱۵. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۴۱۶ ـ ۴۱۷. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۵ ص ۷۸.

(۳) سورة الحجرات آيت ۶ پاره ۲۶.

Marfat.com

به اڳاڙي ته کين اسلامي شريعت جي تعليم به ڏني. (۱)

حضرت عَلْقَمَہ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ "سَرِيَّہ"

* هن سال عَلْقَمَہ بن مُجَزِّز مُدْلَجِيّ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ "سَرِيّہ" "حَبْش" ڏانهن اماڻيو ويو، جنهن جو ذڪر هن کان اڳ سَرَايَا واري باب ۾ ٿي چڪو آهي. هن موقعي تي حضرت عَلْقَمَہ رضہ پنهنجي لشکر جي ڪجهہ ماڻهن مٿان عبدالله بن حُذَافَہ سَهْمِيءَ کي امير مقرر ڪيو. جيڪو ڪنهن ڳالهہ سبب پنهنجي ساٿين تي ڪاوڙجي پيو ۽ کين حڪم ڏنائين ته هو ڪاٺيون ڪري اڇن ۽ ٻارڻ جو بندوبست ڪن. پوءِ جڏهن هنن باهہ ٻاري تڏهن کين چوڻ لڳو ته "ڇا نبي ڪريم ﷺ جن اوهان کي پنهنجي امير جي فرمانبرداريءَ جو حڪم نہ ڏنو آهي؟"

هنن چيو "هائو".

ان ڪانپوءِ عَبْدُالله چوڻ لڳو ته "هاڻي هن باه ۾ گهڙي پئو."

اهو ٻڌي ڪجهہ ماڻهو چوڻ لڳا ته "اسان ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهيون". جڏهن ته باقي ٻين ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ چوڻ لڳا: "اسان باه کان ته ڀڳا آهيون انڪري باه ۾ داخل نہ ٿيندا سون." پوءِ منجهانئن ڪوبہ باه ۾ نہ گهڙيو. نيٺ عَبْدُالله جي ڪاوڙ بہ لٿي ۽ جڏهن هو مديني پهتا ته مٿين واقعي جو سربستو احوال سرور عالم ﷺ سان ڪيائون. ان تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن فرمايو: "جيڪڏهن اوهان ان باه ۾ گهڙو ها ته ان مان ڪڏهن بہ ٻاهر نہ نڪري سگهو ها." فرمانبرداري ته چگن حڪمن جي ڪرڻي آهي." (۲)

مَالِک بن حُوَيْرَث جي وفد جو اچڻ

* هن سال "غَزْوَہ تَبُوْک" جي تياريءَ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ مالک بن حُوَيْرَث لَيْثِي پنهنجي ڪٽنب جي ويهن ماڻهن سان گڏ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ آيو ۽ سندن هٿ مبارڪ تي اسلام قبول ڪيائون، ان ڪانپوءِ هو سڄو مهينو مديني ۾ ترسيا ۽ مهيني گذرڻ ڪانپوءِ پنهنجي ڳوٺ موٽ ڪيائون. اهڙو ذڪر "ارشاد الساري" ۾ قسطلاني "نماز" واري باب ۾ ڪيو آهي. (۳)

حج جي فرضيت جو حڪم

* هن سال ڪجهہ راوين مطابق حج جي فرضيت وارو حڪم نازل ٿيو پر صحيح ڳالهہ اها آهي ته

---

(۱) المغازي "واقدي" ج ۳ ص ۹۸۱، ۹۸۰ المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ٦۱۷، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۹۰ ـ ۹۱. الاصابہ "ابن حجر" ج ۳ ص ٦۳۸ ـ ٦۳۷، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۱۲۰ ـ ۱۱۹. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۳ ص ۴٦ ـ ۴۷.

(۲) طبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۱۲۳، زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۵۱۵ ـ ۵۱٦.

(۳) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۱۲۰، سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۲۱٦. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ٦۱۸ ـ ٦۲۰، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۲۷۸. المغازي "واقدي" ج ۳ ص ۹۸۴ ـ ۹۸۳. ارشاد الساري "قسطلاني" ج، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۲۷۷.

Marfat.com

حج سن ڇهين هجريءَ ڏاري فرض ٿيو، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي. (١)

مَسْجِد ضِرَار جي ڊاهڻ جو حڪم (٢)

* هن سال تبوڪ کان موٽ تي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن "مسجد ضِرَار" جي ڊاهڻ جو حڪم ڏنو. اها مسجد منافقن طرفان پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي تبوڪ طرف اسهڻ کان اڳ تيار ڪئي ويئي هئي.

* هن سال مسجد ضِرَار بابت وَكُفْرًا وَّتَفْرِيْقًا الخ خدا تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي.

وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مَسْجِدًا ضِرَارًا وَّكُفْرًا وَّتَفْرِيْقًا بَيْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ. (٣)

"ءِ اهي جن ناهي مسجد تہ نقصان پهچائين (اسلام کي) ءِ ڪفر جون ڳالهيون ڪن ءِ ايمان وارن ۾ ويچا وجهن."

---

(١) حج ڪهڙي سال فرض ٿيو؟ ان باري ۾ روايتن جو اختلاف آهي. هڪ "شاذ" روايت ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ حج هجرت کان اڳ ئي فرض ٿي چڪو هو، پر صحيح ڳالهہ اها آهي تہ حج "هجرت" کانپوءِ ئي فرض ٿيو، باقي ان جي سال بابت راوين ۾ اختلاف رهيو آهي.

ان ڏس ۾ اڪثريت جي راءِ اها آهي تہ حج سن ڇهين هجريءَ ڏاري ان وقت فرض ڪيو ويو جڏهن سورة البقره جي آيت نمبر ١٩٦ "واتموا الحج والعمرة" نازل ڪئي ويئي. ڪجهہ قاري حضرات جيئن تہ "علقمہ" مسروق ۽ ابراهيم نخعيءَ وارن جي قراءت ۾ "اتموا الحج" کي "اقيموا الحج" بہ پڙهيو ويندو آهي. جنهن جو ذڪر "ابن جرير طبري" صحيح سَنَد سان پنهنجي تفسير ۾ ڪيو آهي، هوڏانهن وري واقديءَ جي راءِ آهي تہ حج سن پنجين هجريءَ ڏاري فرض ڪيو ويو.

هاڻي جن ماڻهن جو خيال آهي تہ حج جي فرضيت وارو حڪم نائين هجريءَ ڏاري نازل ٿيو اهي ان ڳالهہ تي زور ڏين ٿا تہ "اهو حڪم تڏهن نازل ٿيو جڏهن سورة آل عمران جي شروعاتي آيتن جو نزول ٿيو، ۽ اهو حڪم ان وقت جو آهي، جڏهن سرور عالم صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ "نجران" کان عيسائين جو هڪ وفد پهتو. يعني اهو واقعو سن نائين هجريءَ جو آهي، جنهن سال غزوه تبوڪ واقع ٿيو جڏهن تہ هڪ ٻئي گروه جي راءِ آهي تہ اهو حڪم سن ڏهين هجريءَ ڏاري نازل ٿيو."

ان سلسلي ۾ محققن جي راءِ آهي تہ ٿي سگهي ٿو اهو حڪم اڳ نازل ٿيو هجي پر درجي بہ درجي ان ۾ اسلامي اصلاحات شامل ڪري جاهلانہ ۽ مشرڪانہ رسمن کي ختم ڪيو ويو هجي. تانجو سن ڏهين هجريءَ ڏاري حج پهريون دفعو مڪمل اسلامي طريقي سان ادا ڪيو ويو، جنهن ۾ ڪوبہ مشرڪ شريڪ نہ ٿيو. جڏهن تہ هن کان اڳ سن نائين هجريءَ ڏاري ئي سؤ مسلمان حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي اڳواڻيءَ هيٺ جڏهن حج تي پهتا تہ ان سال بہ مسلمانن پنهنجي طريقي سان حج جي ادائگي ڪئي هئي ۽ ڪافرن پنهنجي طريقي سان. ان ڪانپوءِ ئي اهو اعلان ڪيو ويو تہ آئيندہ ڪوبہ ڪافر حج تي نہ اچي سگهندو. ان جو وڌيڪ احوال اڳتي بہ بيان ڪيو ويو آهي.

تفسير ابن ڪثير ج ٢ ص ٢٧٨ ـ ٢٧٩، تفسير جامع البيان "طبري" ج ٢. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۴ ص ۴٠١، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ص ١۴٣ ـ ١۴۴. زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ۵٩۵، الدرر "ابن عبدالبر" ص ٢۵٠ ـ ٢۵٢. "سيرة دمياطي" ص ٢٦٧، الاشاره "مغلطائي" ص ٣۴٢.

(٢) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ١٧۴، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ٢٦۴ ـ ٢٦۵. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۵ ص ١٩ ـ ٢۴، زاد المعاد "ابن قيم" ج ٣ ص ۵۴٩. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۵ ص ٧٢ ـ ۴٧٠، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ١٣٠.

(٣) سورة التوبہ آيت ١٠٧ پاره ١١.

Marfat.com

ذُوالْبِجَادَيْن عَبْدُالله رضہ بن عَبْد نهم جي وفات

* هن سال نبي آخر الزمان ﷺ جن جڏهن تبوڪ ۾ ترسيل هنا تڏهن اتي عبدالله بن عبد نهم بن عفيف گذاري ويو، جنهن جو لقب "ذُوالْبَجَادَيْن" هو. سرور عالم ﷺ جن سندس نماز پڙهائي ۽ پوءِ پاڻ ﷺ کيس قبر ۾ لاٿائون ۽ سندس بخشش لاءِ هيءَ دعا گهريائون: "اي الله! مان هن کان راضي آهيان ۽ تون به کانئس راضي ٿيءُ" اهو ٻڌي عَبْدُالله بِن مَسْعُوْد رضہ چوڻ لڳو: "جيڪر اها دعا منهنجي لاءِ گهري وڃي." (۱)

عَبْدُالله بِن اُبَيّ بِن سَلُوْل جي موت جا واقعات

* هن سال ذوالقعد جي مهيني ۾ منافقن جو مهندار عَبْدُالله بِن اُبيّ بن سَلُوْل به مري ويو. هو هن ئي سال جي پڇاڙيءَ ڌاري بيمار ٿيو، جنهن کانپوءِ ويهه ڏينهن رکي مري ويو. (۲)

* هن سال ذوالقعد جي ئي مهيني ۾ عَبْدالله بن اُبيّ بن سَلُوْل جي موت تي خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي. (۳)

وَلَا تُصَلِّ عَلٰٓى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا وَّلَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ. (۴)

"اي پيغمبر! انهن مان ڪوئي مري وڃي تہ تون ڪڏهن به ان جي جنازي نماز نہ پڙهجانءِ، نڪي سندس قبر تي بيهي رهجانءِ".

ان آيت جي نازل ٿيڻ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اها آيت حضرت عُمر بِن خَطَّاب رضہ جي موافقت ۾ آهي. قرآن مجيد ۾ پندرهن موقعن تي اهڙيون آيتون نازل ٿيندیون رهيون آهن، جيڪي حضرت عمر رضہ جي راءِ سان موافقت رکن ٿيون، هيءَ آيت به انهن منجهان هڪ آهي.

* هن سال مشهور منافق عبدالله بن اُبيّ جي موت واري موقعي تي رحمت للعالمين ﷺ جن مٿس وڏيون مهربانيون ڪري ڇڏيون. پاڻ ڪريم ﷺ جن نہ رڳو هن منافق کي پنهنجو پهراڻ مبارڪ ڏکايو پر کيس قبر ۾ به لاٿو. اهو ڏسي ڪجهہ ماڻهو ويچار ۾ پئجي ويا. ان تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "ان ڳالهہ ۾ به ڪا حڪمت رکيل آهي ۽ مونکي اميد آهي تہ ان سبب ڪري هن قوم جا ڪجهہ ماڻهو مسلمان ٿي پوندا."

۽ پوءِ ٿيو به ائين جو ان عظيم حڪمت جي نتيجي ۾ سچي سرور ﷺ جن جي آڏو هڪ هزار منافق پنهنجي منافقت کان توبہ تائب ٿيا ۽ سچيءَ دل سان ڪلمو پڙهيائون. چو جو هنن جڏهن ڏٺو تہ

---

(۱) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۱۷۱، سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۴۵۹ ـ ۴۶۰. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۳۴۴.

(۲) دلائل النبوه "بيهقي" ج ۵ ص ۲۸۵. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۵ ص ۳۱. الاشاره "مغلطائي" ص ۳۴۴.

(۳) صحيح بخاري "ڪتاب التفسير" ج ۳ ص ۱۳۷، فتح الباري "ابن حجر" ج ۸ ص ۲۷۱ ـ ۲۷۲. صحيحْ مسلم "ڪتاب صفاة المنافقين" ج ۴ ص ۱۲۰، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۱۹۷.

(۴) سورة التوبہ، آية ۸۴ پاره ۱۰.

Marfat.com

سندن سردار ئي سرور كائنات ﷺ جن جي ڪپڙي مان برڪت حاصل ٿيڻ جو قائل آهي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ اهڙي شخص سان به ايڏا پال پلايا ته سندن دلين تان ڪٽ لهي ويئي. اهڙو ذڪر "رَوْضَةُ الْاَحْبَاب" ۾ سيد جمال الدين به ڪيو آهي ته پنهنجي لڪيل سيرت جي ڪتاب ۾ علامہ گازروني طرفان به ڪيو ويو آهي. (۱)

حضرت عُوَيْمَر رضہ بن حَارِث ۽ سندس گهرواريءَ وچ ۾ لِعان (۲) جو واقعو

* هن سال ذوالقعد يا هڪ بي روايت مطابق ذوالحج جي مهيني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن عويمر

---

(۱) صحيح بخاري باب "في الجنائز" ج ۱ ص ۲۲۰.
سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۱۹۷ تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۴۰، سيرة دمياطي ص ۲۶۷ ـ ۲۶۶. سيرة مغلطائي ص ۳۴۴.

(۲) "لِعان" عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي هڪ ٻئي تي لعنت ڪرڻ. جيئن ته هن عمل ذريعي زال ۽ مڙس قاضيءَ جي آڏو اچي پاڻ تي لعنت وجهندا آهن انڪري هن تي اهو نالو پئجي ويو. ان عمل ۾ حصو وٺندڙ مڙس کي "ملاعن" ۽ زال کي "ملاعنہ" سڏيو ويندو آهي.
عويمر جي لِعان جو هي واقعو حديث جي معتبر ڪتابن بخاري، مسلم، ابودائود، نسائي، ابن ماجه ۽ مسند احمد ابن حنبل ۾ نقل ڪيو ويو آهي، جنهن جا راوي سهل بن سعد رضہ ۽ عبدالله ابن عمر رضہ آهن.

واقعي جو سبب

جيئن ڪتاب جي متن ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته عُويمر عجلانيءَ پنهنجي گهرواريءَ تي شڪ ظاهر ڪيو، جنهن بابت هن پنهنجي دوست حضرت عاصم بن عديءَ کي چيو ته هو سرور ڪائنات ﷺ کان ان جو حل معلوم ڪري. عاصم جڏهن اهو حل پڇڻ ويو ته پاڻ سڳورا ﷺ اهڙو سوال ٻڌي ناخوش ٿيا ۽ جواب نہ ڏنائون. وري هلال بن اميہ به اهڙوئي سوال پاڻ سڳورن ﷺ جن کان پڇڻ آيو. حافظ ابن حجر جو قول آهي ته ان موقعي تي سوره نور جي آيت نازل ٿي، جنهن ۾ ان مسئلي جو حل ٻڌايو ويو آهي ته اوهان مان جيڪڏهن ڪنهن مڙس کي پنهنجي زال تي شڪ هجي ۽ وٽس پنهنجي ذات کانسواءِ ڪو ٻيو شاهد به نہ هجي ته اهو چار دفعا قسم کڻي چوي ته هو (پنهنجي الزام ۾) سچو آهي ۽ پنجون دفعو چوي ته جيڪڏهن هو ڪوڙ ڳالهائي ته مٿس الله جي لعنت هجي.

هاڻي وري عورت پنهنجي صفائيءَ ۾ چار دفعا الله جو قسم کڻي چوي ته مٿس ڏوهہ ڏيندڙ مڙس ڪوڙو آهي ۽ پنجون دفعو چوي ته مٿس الله جو قهر يا لعنت پوي جيڪڏهن سندس مڙس سچو آهي. هوڏانهن وري گهٽا ڏينهن گذري ويا ته عويمر کي سوال جو جواب نہ مليو ته هو عاصم بن عديءَ وٽ معلومات حاصل ڪرڻ آيو، جيڪو ڪيس جواب ٻڌائي نہ سگهيو ۽ پوءِ سڏو هو درٻار نبوي ﷺ ۾ حاضر ٿيو، جتان ڪيس جواب مليو ته اوهان جي باري ۾ الله تعالىٰ حڪم نازل فرمايو آهي، هاڻي ان حڪم موجب عمل ڪريو، جنهن ڪانپوءِ هو ٻئي زال مڙس مسجد نبويءَ ﷺ ۾ حاضر ٿيا.

لِعان ڪرڻ ڪان اڳ نبي ڪريم ﷺ جن ٻنهي کي سمجهايو "الله تعالىٰ کي ٻليءَ پت جاڻ آهي ته اوهان ٻنهي منجهان هڪ ضرور ڪوڙو آهي، پوءِ جيڪڏهن اهو توبہ ڪندو ته الله تعالىٰ کيس بخشيندو"، جنهن ڪانپوءِ ٻنهي زال ۽ مڙس هڪ ٻئي تي ملاعنت ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي مرضيءَ سان عُويمر چيو ته "اي الله جا سچا رسول ﷺ! جي اڄ ڪانپوءِ آءٌ هن عورت سان گڏ رهان ته ڪوڙو آهيان ۽ پوءِ اتي ئي زال کي ٽي طلاقون ڏيئي ڇڏيائين ۽ سرور ڪائنات ﷺ جن اها طلاق نافذ ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جنهن مان اڪثريت اهو مسئلو کڻيو آهي ته هاڻي جيڪي زال مڙس پاڻ ۾ لعان ڪن ته

Marfat.com

بن حَارِث عجلانيءَ ۽ سندس گهرواري خَوْلَہ بِنت قَيْس جي وچ ۾ مسجد نبويءَ ﷺ اندر اچي نماز کانپوءِ "لِعَان" کرايو. (۱)

ان جو سبب اهو هو جو حضرت عُوَيْمَر رضہ جڏهن تَبُوڪ کان موٽيو تڏهن کيس خبر پئي تہ سندس گهرواري ڪوڙهاري آهي. حضرت عُوَيْمَر رضہ جو چوڻ هو تہ اهو پيٽ وارو پار سندس نہ آهي.

ان موقعي تي سندن باري ۾ خدا تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

وَالَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ اَزْوَاجَهُمْ وَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ شُهَدَآءُ اِلَّآ اَنْفُسُهُمْ. (۲)

"۽ اهي جيڪي پنهنجي گهروارين تي الزام هڻن ۽ وٽن پنهنجي ذات کانسواءِ ڪو ٻيو شاهد نہ ليڪي."

ڪن جو چوڻ آهي تہ اها آيت هلال بن اُمَيَّہ واقفيءَ جي باري ۾ ان وقت نازل ٿي هئي، جڏهن هن پنهنجي گهرواري خولہ بنت عَاصِم کي شريڪ بن سَحْمَاءَ سان گڏ ڏٺو هو.

انهن کي طلاق ڏيڻي پوندي. جڏهن تہ امام مالڪ ۽ ليث بن سعد جو قول آهي تہ جڏهن ٻئي زال ۽ مڙس هڪ ٻئي تي ملاعنت پوري ڪندا تہ انهن ۾ ازخود طلاق ٿي ويندي. انڪري ڪين زبان سان طلاق ڏيڻ جي ضرورت نہ آهي. ان ڏس ۾ امام شافعي منفرد راءِ رکي ٿو، سندس قول آهي تہ مڙس جڏهن لعان پورو ڪري ٿو تہ زال مڙس جي وچ ۾ جدائي ٿي وڃي ٿي، پوءِ زال لِعان ڪري يا نہ ڪري.

امام مالڪ، شافعي، ابن حنبل، سفيان ثوري، ابويوسف ۽ حسن بن زياد وغيرہ جي راءِ آهي تہ "لِعان" ذريعي جيڪي زال مڙس هڪ ٻئي کان جدا ٿيندا انهن ٻنهي جي وچ ۾ وري ڪڏهن بہ نڪاح جائز نہ آهي، اها اڪثر فقهاءَ جي راءِ آهي.

ابوبڪر جصاص جو قول آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي سامهون لِعان جا جيترا بہ واقعا پيش آيا تہ انهن ۾ طلاق ٿي هئي ۽ اڪثريت جي راءِ اهائي آهي تہ اهي زال مڙس هميشہ لاءِ هڪ ٻئي واسطي حرام ٿي ويا. البت امام ابوحنيفہ ۽ امام محمد جي راءِ ان ڏس ۾ ٻين کان ڪنهن حد تائين مختلف آهي.

سندن چوڻ آهي تہ لِعان ڪرڻ وارو مڙس جي لِعان کانپوءِ پنهنجي ڪوڙ ڳالهائڻ جو اقرار ڪري ۽ مٿس حد جاري ٿئي تہ پوءِ اهو پنهنجي ان ملاعنہ زال سان نئون نڪاح ڪري سگهي ٿو، جو تہ زال مڙس کي هڪ ٻئي لاءِ حرام بٹائڻ واري ڳالهہ لِعان آهي پر جڏهن مڙس پنهنجي ڪوڙ کي مڃيو ۽ ان جي سزا ٻوڳي چڪو تہ لِعان از خود ختم ٿي ويندو، جنهنڪري هاڻي زال ان لاءِ حرام نہ رهي، نئين نڪاح لاءِ لِعان وقت جيڪڏهن زال ڪوڙهاري هجي (جيئن عُويمر جي معاملي ۾ هو) ۽ مڙس ان حمل کي ڪنهن ٻئي ڏانهن منسوب ڪري تہ پوءِ ٻار ماءُ جو ليکيو ويندو، نہ سندس ٻيءُ جي جاءِ تي ان مرد جو نالو لکيو ويندو، نہ وري ان جي ملڪيت ۾ سندس حق لڳندو، اهو ٻار ماءُ جو وارث ٿيندو ۽ ماءُ ان جي. باقي ڪنهن کي اهو حق نٿو پهچي تہ ان ٻار کي ناجائز يا حرامي ٻار سڏي. هاڻي جيڪو مرد جاڻي واڻي پنهنجي ٻار کي پنهنجو نہ ڪندو تہ الله تعاليٰ قيامت ڏينهن اهڙي مرد کي سموري مخلوق آڏو بيڙو ۽ خوار ڪندو.

ابوهريرہ رضہ کان اهڙي روايت ابوداؤد، نسائي ۽ دارمي ۾ موجود آهي.

احڪام القرآن جصاص ج ۳ ص ۳۶۴. صحيح مسلم ڪتاب اللِعان ج ۴ ص ۲۰۵ ـ ۲۱۳. فتح الباري ابن الحجر باب ج ۹ ص ۳۹۳. نيل الاوطار شوڪاني ج ۶ ص ۲۲۸. البحر الرائق ابن نجيم ج ۶ ص ۱۱۳ ـ ۱۱۲. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۳۵۹ ـ ۳۵۸. المغازي "واقدي" ج ۳ ص ۱۰۷۰.

(۱) صحيح بخاري "باب اللعان" ج ۳ ص ۲۷۹، صحيح مسلم "ڪتاب اللعان" ج ۲ ص ۲۰۵. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۱۳۳ ـ ۱۳۴، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۱۵۹.

(۲) سورة النور آيت ۶ پارہ ۱۸.

Marfat.com

انهن ٻنهي روايتن کي گڏي هن ريت صحيح سمجهي سگهجي ٿو ته اهي ٻئي واقعا هڪ ٻئي جي ڪڍ ٿيا، ان ڪري هن آيت جي نسبت مٿين ٻنهي واقعن سان جوڙي ويئي آهي.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي اڳواڻيءَ ۾ حج لاءِ روانگي جو احوال

* هن سال ذوالقعد جي مهيني ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جن ٽي سؤ ماڻهن سان گڏ حج جي ادائيگيءَ لاءِ جڏهن مديني کان روانا ٿيا تڏهن نبي انور ﷺ جن به پنهنجي طرفان قربانيءَ لاءِ ويهه اٺ ساڻس گڏ موڪليا. انهن اٺن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي هٿن سان ڳچين ۾ ڳانا ٻڌا ۽ نشان ڪيا. جڏهن ته نَاجِيَہ رضہ بن جُنْدَب اَسْلَمِيّ سنڀال واسطي انهن اٺن سان گڏ هو. هن موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ پنهنجي طرفان قربانيءَ واسطي پنج اٺ کنيا هئا. (١)

---

(١) هن سال جڏهن حج جي فرضيت وارو حڪم نازل ٿيو، جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته پوءِ ان حڪم جي پوئواري ڪندي هن ئي سال يعني سن نائين هجريءَ جي ذوالقعد مهيني ۾ نبي اڪرم ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي اڳواڻيءَ هيٺ ٽي سؤ مسلمانن جي هڪ جماعت کي حج جي ادائگيءَ لاءِ روانو ڪيو، ته جيئن اهي پهريون ڀيرو حج دوران اسلامي روايتن کي رائج ڪن ته پوءِ اڳتي هلي مسلمان ان طريقي سان ئي حج ڪري سگهن.

تاريخي روايتن مان خبر پوي ٿي ته سن اٺين هجريءَ تائين حج جي ادائگي مشرڪانہ رسومات جي تحت ئي ٿيندي هئي جنهن کانپوءِ پهريون ڀيرو يعني هن سال مسلمانن اسلامي طريقي سان حج ڪيو. پر ان سان گڏوگڏ ڪافرن هن سال به حج پنهنجي پراڻي طريقي سان ادا ڪيو.

حافظ ابن ڪثير جي روايت آهي ته سن نائين هجريءَ ڌاري جڏهن حج جي فرضيت وارو حڪم نازل ٿيو، تڏهن سرور عالم ﷺ جن پاڻ به حج لاءِ اسهڻ جو ارادو فرمايو پر پوءِ اهو انڪري ملتوي ڪيو ويو جو ڪافرن سان گڏجي حج ادا ڪرڻ لاءِ سندن دل آماده نہ ٿي، ڇو جو ٻين جاهلانہ رسمن سان گڏ ڪعبة الله شريف جو اگهاڙو ٿي ڪري طواف ڪرڻ واري رسم پاڻ ڪريمن ﷺ کي سخت ناپسند هئي.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي روانگيءَ کانپوءِ نبي انور ﷺ جن مٿان سورة "توبہ" جون شروعاتي آيتون نازل ٿيون، جنهن لاءِ صحابي سڳورن رضوان الله تعاليٰ اجمعين مشورو ڏنو ته انهن آيتن کي حضرت ابوبڪر رضہ ڏانهن اماڻيو وڃي ته جيئن حج جي موقعي تي اهو پيغام اتي آيل ڪافرن کي ٻڌائي سگهجي. ان جي جواب ۾ ٻنهي جهانن جي سردار سڳوري ﷺ فرمايو ته "اهڙي اعلان ڪرڻ لاءِ سيدنا علي ڪرم الله وجهه جن کي روانو ڪيو ويندو، جيڪو اتي موجود ماڻهن کي انهن حڪمن کان آگاه ڪندو." ڇو جو عرب ۾ ان وقت اهو رواج هو ته جيڪڏهن ڪوبہ ماڻهو خون، مال يا وعدي وعيد متعلق ڪو اعلان ڪرڻ چاهيندو هو ته ان لاءِ اهو ضروري هو ته هو اهڙو اعلان يا ته پاڻ پنهنجي سر ڪري يا وري سندن گهراڻي جو ئي ڪو فرد اهڙي ڳالهہ ٻيءَ ڌر تائين پهچائي. باقي خاندان کان ٻاهر ڪنهن ٻئي شخص کي اهڙي اعلان ڪرڻ جو حق نہ هو ۽ نہ ئي ان جي ڳالهہ تي ڪو ويساه ڪرڻ لاءِ ٻڌل هو. اهوئي سبب هو جو ان ڪم لاءِ امام الانبياء ﷺ جن حضرت عليءَ کي سڏائي اها ذميواري کيس سونپي ۽ ان سان گڏ پنهنجي ڏاچيءَ "عضباء" به سواريءَ لاءِ سندن حوالي ڪئي.

سيدنا علي رضہ ڏاچيءَ تي سوار ٿي روانا ٿيا ۽ واديءَ "ضبحان" يا "عرج" وٽ وڃي مسلمانن جي قافلي کي رسيا حضرت ابوبڪر رضہ جي نگاهہ جڏهن حضرت عليءَ رضہ تي پيئي تڏهن کانئن پڇيائون ته "ڇا اوهان اڳواڻ جي حيثيت

Marfat.com

* هن سال حضرت عَبْدُالرَّحْمان بِن عَوْف رضہ بہ حضرت ابوبکر رضہ سان گڏ حج ادا کیو هو ۽ قرباني۽ جو بندوبست بہ کیو هئائین. هن موقعي تي سرور عالم ﷺ جن حضرت علي۽ رضہ کي بہ سندن پٹيان ان مقصد لاءِ موکليو تہ هو اتي ماٹهن کي "سوره بَرَاة" جون اهي آيتون پڑهي ٻڌائي جن ۾ حڪم ڏنو ويو هو تہ هن سال کانپوءِ کوبہ مشرڪ حج تي اچي نہ سگهندو ۽ نہ ئي وري کو اگهاڑو ٿي الله جي گهر جو طواف ڪري سگهندو.

رستي ۾ "عَرْج" نالي ماڳ وٽ حضرت علي رضہ اچي حضرت ابوبکر رضہ سان گڏيو، پوءِ جڏهن هو مکي پهتا، تڏهن حضرت علي۽ رضہ کي حضرت ابوبکر رضہ چيو تہ "سوره براة" ۾ جيڪي ڪجهہ نازل ٿيو آهي ان کي مشرڪن آڏو بيان ڪيو وڃي ۽ اهو بہ ٻڌايو وڃي تہ آئينده ڪنهن مشرڪ سان معاهدو باقي نہ آهي. ان کانپوءِ مشرڪن آڏو اهي ئي حڪم پيش ڪيا ويا تہ هن سال کانپوءِ نہ کو مشرڪ حج تي اچي سگهندو ۽ نہ ئي وري کو اگهاڑو ٿي الله جي گهر جو طواف ڪري سگهندو. ان کري مشرڪن لاءِ حج ادا ڪرڻ جو هي آخري موقعو آهي.

۾ آيا آهيو؟" حضرت علي۽ وراٹيو "نہ آءُ اوهان جي اڳواڻي۽ هيٺ ئي پنهنجي فرض ادائي ڪندس." اهوئي سبب آهي جو هن موقعي تي ماٹهن کي حج بہ حضرت ابوبکر صديق رضہ ڪرايو تہ خطبو بہ پاڻ ئي پڑهيائون، جنهن کانپوءِ حضرت علي سائين۽ قرباني۽ واري ڏينهن "جمره عقبہ" وٽ بيهي حاجين جي ميڙ کي هيٺيان حڪم پڑهي ٻڌايا.

۱. اهڙو کوبہ شخص جيڪو دين اسلام جو انڪاري آهي اهو جنت ۾ داخل نہ ٿيندو.

۲. اڄ کانپوءِ کوبہ مشرڪ حج تي نہ اچي سگهندو.

۳. بيت الله جو طواف کوبہ شخص اگهاڙي حالت ۾ نہ ڪندو.

۴. جن ماٹهن رسول انور ﷺ جن سان ڪيل معاهدن جي ڀڃڪڙي نہ ڪئي آهي انهن سان معاهدو مقرر ٿيل وقت تائين قائم رهندو ۽ جن سان کو معاهدو نہ آهي انهن کي بہ چئن مهينن جي مهلت آهي.

ان کانپوءِ حضرت علي۽ اهڙو اعلان مکي شريف جي هر وسندي ۽ واهڻ، بيڪ ۽ بازار، گهٽي۽ ۽ گهر تائين پهچايو، جنهن کانپوءِ ايندڙ سال يعني سن ڏهين هجري۽ ڏاري حج پهريون پيرو مڪمل اسلامي طريقي سان ادا ڪيو ويو. جنهن ۾ سرور ڪائنات ﷺ جن پاڻ بہ شريڪ ٿيا، تاريخ ۾ اهو حج "حجة الوداع" جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي.

"صحيح بخاري" "حج ابوبكر" ج ۱ ص ۷٦ ـ ۷۷، فتح الباري "ابن حجر" ج ۲ ص ٦۷ ـ ٦۸. "صحيح مسلم" كتاب الحج ج ۲ ص ۱۰٦ ـ ۱۰۷، "مسند" احمد ابن حنبل ج ۱ ص ۷۹. المغازي "واقدي" ج ۳ ص ۱۰۷٦ ـ ۱۰۷۸، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۱۸۸ ـ ۱۹۱. تفسير ابن كثير ج ۲ ص ۲۹۰ ـ ۲۸۷، زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۹۴، ۵۹۳. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۳ ص ۸۹ ـ ۹۴. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۳٦۰ ـ ۳٦۱.

هن حج بابت ٻيا واقعات هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا:

البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۵ ص ۳۳ ـ ۳۵، تاريخ طبري ج ۲ ص ۳۸۲ ـ ۳۸۳. الطبقات الكبري "ابن سعد" ج ۲ ص ۱۲۷ ـ ۱۲۸. دلائل النبوه "بيهقي" ج ۵ ص ۲۹۳ ـ ۲۹۸. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ٦۳۹ ـ ٦۷۱. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۱۱ ـ ۳۱۰. جوامع السيرة "ابن حزم" ص ۲۵۸.

Marfat.com

* هن سال جڏهن حضرت ابوبکر رضہ حج لاءِ روانو ٿيو تہ ان کان اڳ هيءَ آيت سڳوري نازل ٿي هئي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّمَا الْمُشْرِكُوْنَ نَجَسٌ فَلَا يَقْرَبُوا الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ بَعْدَ عَامِهِمْ هٰذَا (۱)

"اي ايمان وارؤ! مشرک ناپاک آهن ۽ ويجهو نہ اچي سگهندا الله جي گهر کي هن سال کانپوءِ."

ان آيت مسلمانن کي ويچار ۾ وجهي ڇڏيو تہ هاڻي کاڌ خوراک جو معاملو کيئن ٿيندو؟ ۽ اسان لاءِ اناج توڙي ٻيون کاڌي جون شيون کٽان ايندیون. ان موقعي تي وري رب پاک طرفان حڪم نازل ٿيو.

وَاِنْ خِفْتُمْ عَيْلَةً فَسَوْفَ يُغْنِيْكُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖٓ اِنْ شَآءَ (۲)

"جيڪڏهن اوهان کي خوف آهي سڃي ٿي وڃڻ جو تہ پوءِ ستت ئي الله اوهان کي آسودو ڪندو پنهنجي فضل سان جيڪڏهن هن گهريو."

سَيِّدَه اُمّ كُلْثُوْم رضہ جي وفات جو ذڪر

* هن سال شَعْبَان جي مهيني ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي نياڻي سَيِّدَه اُمّ كُلْثُوْم رضہ وفات ڪري ويئي. هيءَ بيبي سڳوري حضرت عُثْمَان رضہ کي ڏنل هئي پر ڪيس ڪوبہ اولاد ڪونہ هو. (۳)

* هن سال جڏهن سَيِّدَه اُمّ كُلْثُوْم رضہ کي دفن ڪرڻ جو وقت آيو تہ پنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن کان پڇيو: "اوهان مان اهو ڪير آهي جيڪو اڄ رات پنهنجي گهرواريءَ جي ويجهو نہ ويو هجي." اهو ٻڌي حضرت اَبُوْطَلْحَہ رضہ چيو تہ "مان"، ان تي سرور ڪائنات ﷺ جن ڪيس فرمايو: "توهان قبر ۾ لهي ميت کي دفن ڪريو." (۴)

هن کان اڳ نبي سڳوري ﷺ جن جي نياڻين توڙي نينگرن جي ڇمڻ، وفات ڪرڻ ۽ دفن ڪرڻ وارن ماڳن جو ذڪر هن ڪتاب جي پهرين باب ۾ يعني نبوت جي پهرين سال وارن واقعات ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

حضرت عُرْوَہ رضہ بن مَسْعُوْد جي شهادت (۵)

* هن سال حضرت عُرْوَہ رضہ بن مَسْعُوْد ثقفيءَ کي شهيد ڪيو ويو. هو جنهن وقت پنهنجي قبيلي کي دين جي دعوت ڏيئي رهيو هو تہ انهن ئي ڪيس شهيد ڪري ڇڏيو. هو عرب جي انهن ڏاهن مان هڪ هو، جن جا نالا هن ريت ٻڌايا ويا آهن. ۱. مُعَاوِيَہ بن اَبُوْسُفْيَان رضہ ۲. عَمْرو رضہ بن عَاص ۳. مُغِيْرَہ رضہ بن شُعْبَہ ثقفي ۽ ۴. عُرْوَہ رضہ بن مَسْعُوْد ثقفي، ان شمار ۾ ڪن وري کي ٻيا نالا ب

---

(۱) سورة التوبہ آيت ۲۸ پاره ۱۰.

(۲) سورة التوبہ آيت ۲۸ پاره ۱۰.

(۳) سيرة ابن "حبان" ص ۳۷۷، الشجرة النبويه "ابن المبرد" ص ۱۰۵ روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۳۶۰، سيرة "دمياطي" ص ۲۶۷، سبل الهدیٰ "شامي" ج ۱۱ ص ۳۶.

(۴) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۴۰، البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۵ ص ۳۵.

(۵) الاصابہ "ابن حجر" ج ۲ ص ۴۷۸، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۲۹۹. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۴۰۶، جوامع السيرة "ابن حزم" ص ۲۵۵ ـ ۲۵۶.

Marfat.com

پڌايا آهن ۽ ڪن جو وري ڇوڙ آهي تہ عرب ۾ مشهور ڏاهن جو تعداد ست آهي. جيئن سن پهرين هجريءَ جي واقعات ۾ پڌايو ويو آهي. هي عُرْوَه بن مَسْعُوْد ثقفي اهو ساڳيو شخص آهي، جنهن جي باري ۾ شروعاتي دؤر ۾ هڪ موقعي تي مشرڪن طرفان اهو سوال اٽاريو ويو هو تہ "هي قرآن هتان جي ٻن آبادين جي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ تي ڇونہ نازل ڪيو ويو؟" انهن ماڻهن مان سندن مراد هئي تہ هڪ طائف جو عروه بن مسعود ۽ ٻيو مڪي جو وليد بن مغيره مخزومي.

غزوه تَبُوْک جا واقعات (۱)

* هن سال جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن غَزْوَه تَبُوْک لاءِ اُسهيا تہ ساڻن گڏ ٽيهہ هزار مسلمانن جو لشڪر هو، ڪن راوين طرفان اهو انگ ستر هزار تائين بہ پڌايو ويو آهي.

علامہ شامي پنهنجي "سيرت" واري ڪتاب ۾ انهن ٻنهي روايتن کي گڏي هي نتيجو ڪڍيو آهي تہ "جن ٽيهن هزارن واري روايت بيان ڪئي آهي تہ انهن صرف لشڪر جو تعداد ڏسيو آهي پر جن راوين ستر هزار واري روايت بيان ڪئي آهي تہ انهن وري سموري لشڪر جي پٺيان توڙي ساڻن گڏ مختلف خدمتون انجام ڏيڻ وارن کي بہ ڳاٽيٽي ۾ آندو آهي."

هن لشڪر ۾ شامل گهوڙن جو تعداد ڏهہ هزار يا پي روايت موجب ٻارهن هزار ٻڌايو ويو آهي.

* هن سال "غَزْوَه تَبُوْک" جي تياريءَ وقت نبي اڪرم ﷺ جن مسلمانن کي ان ڳالهہ تي اڀاريو تہ هو هن موقعي تي اسلامي لشڪر جي دل کولي مدد ڪن. ان ڏس ۾ سڀ کان اڳ حضرت اَبُوبَکْر صِدِّيق رضہ پنهنجو الهہ تلهہ آڻي حاضر ڪيو، جنهن جو تخمينو چار هزار درهم ٻڌايو ويو آهي. ان کانپوءِ حضرت عُمر رضہ جو وارو آيو، جنهن پنهنجي اڌ ملڪيت آڻي پيش ڪئي. اهڙيءَ ريت حضرت عَبْدُالرَّحْمان بِن عَوْف رضہ بہ پنهنجي ملڪيت جو اڌ آڻي جمع ڪرايو، جنهن جو تخمينو بہ سؤ اوقيہ يا پي روايت مطابق چار سؤ درهم ٻڌايو ويو آهي. عَاصِم بِن عَدِيّ رضہ وري ستر "وسق" ڪارڪون ڪڍي آيو ۽ ابوعقيل وٽ اڌ يا سڄو صاع ڪارڪن جو موجود هو، جيڪو هن آڻي پيش ڪيو، اهڙيءَ ريت هر هڪ پنهنجي حيثيت آهر حصو ادا ڪيو. هوڏانهن وري عورتون بہ پٺتي نہ پيون. انهن بہ پنهنجي طرفان مختلف قسمن جا زيور جيئن ٻانهيون، ٻانهوٽا، پازيب، جهومڪ ۽ مندين موڪلي تبوڪ جي تياريءَ ۾ حصو ورتو. پر منافقن طرفان ٻنهي "ڏرين جي ٽٽول ڪئي ويئي. جن گهٽو ڏنو انهن تي بہ تہ جن ٽورو ڏنو انهن تي بہ. هن موقعي تي خدا تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي:

---

(۱) هتي غزوه تبوڪ جا واقعات تفصيل سان پيش ڪيا ويا آهن جن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. صحيح بخاري "ڪتاب المغازي والسير" ج ۲ ص ۸۵. فتح الباري "ابن حجر" ج ۸ ص ۸۹. "المغازي" "ابن شهاب زهري" ص ۱۵۶. سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۱۵۹. المغازي "واقدي" ج ۳ ص ۹۸۹. الطبقات الڪبري "ابن سعد" ج ۲ ص ۱۲۵، "تاريخ طبري" ج ۲ ص ۳۷۳. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۵ ص ۴۸. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۱۲۲. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۲۹۲. الروض الانف "سهيلي" ج ۴ ص ۱۹۵. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۶۲۵، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۳ ص ۶۲. الدرر "ابن عبدالبر" ص ۲۳۸، "جوامع السيرة" "ابن حزم" ص ۲۴۹. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۲۱۲. السيرة الحلبيہ ج ۳ ص ۱۲. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۴۳۳، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص

Marfat.com

اَلَّذِيْنَ يَلْمِزُوْنَ الْمُطَّوِّعِيْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ فِي الصَّدَقَاتِ وَالَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ اِلَّا جُهْدَهُمْ. (١)

"اهي (منافق) مهٹا ڏين ٿا مومن منجهان انهن کي جيکي دل جي گهرائيءَ سان مالي قرباني ڏين ٿا. توڙي جو وٽن محنت مزدوريءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي."

* هن سال "غَزْوَه تَبُوک" جي تياريءَ ۾ حضرت عُثْمَان بن عُفَّان رضہ طرفان اسلامي لشکر جي وڏي مدد ڪئي ويئي. هن اناج ۽ ٻئي سڄي ضروري سامان سان ڀريل سؤ اُٺ، هک سؤ گهوڙا ۽ هک هزار دينار رب جي راه ۾ ڏنا. اهو ڏسي نبي انور صلی الله علیہ وسلم جن ڏاڍو خوش ٿيا ۽ فرمايائون: "اي عثمان، الله تعاليٰ تنهنجا ظاهر توڙي ڳجها قيامت تائين سمورا گناهہ بخشي ڇڏيا ۽ هاڻي ڪانپوءِ تنهنجي ڪنهن عمل سان توکي ڪوبہ ڇيهو نہ رسندو."

* هن سال جڏهن پاڻ ڪريم صلی الله علیہ وسلم جن "غزوه تبوک" جي تياري ۾ رڌل هئا تہ ان موقعي تي حضرت اَبُوْ مُوْسيٰ اَشْعَرِي ۽ سندس قبيلي جا ڪجهہ ٻيا فرد عرض ڪٹي آيا تہ ڪين سواريءَ لاءِ ڪو جانور ڏنو وڃي ۽ جيئن تہ ان موقعي تي رسول اڪرم صلی الله علیہ وسلم جن وٽ ڏيڻ لاءِ ڪوبہ سواريءَ لائق جانور بيندل نہ هو انڪري فرمايائون: "الله جو قسم آءٌ اوهان کي ڪنهن بہ وهٽ تي سوار نہ ڪندس، جو مون وٽ اوهان جي سواريءَ لاءِ ڪوبہ جانور موجود ئي نہ آهي." ٻوءِ جڏهن هو واپس ويا تہ الله تعاليٰ طرفان پاڻ ڪريمن صلی الله علیہ وسلم ڏانهن غنيمت طور ڪجهہ اُٺ موڪليا ويا، جن منجهان پنج اُٺ پاڻ ڪريمن صلی الله علیہ وسلم حضرت ابوموسيٰ وارن ڏانهن ڏياري موڪليا ۽ ٻوءِ پنهنجي قسم جو ڪفارو بہ ادا ڪيائون.

چيو وڃي ٿو تہ هن موقعي تي سندن باري ۾ خدا تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي:

وَلَا عَلَى الَّذِيْنَ اِذَا مَآ اَتَوْكَ لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَآ اَجِدُ مَآ اَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ. (٢)

"۽ انهن تي بہ ڪا ميار نہ آهي جن اوهان وٽ اچي سواري لاءِ عرض ڪيو هو ۽ اوهان جواب ڏنو تہ مان اوهان لاءِ سواري جو بندوبست نٿو ڪري سگهان."

ڪن جو چوڻ آهي تہ اها آيت انهن ستن شخصن جي باري ۾ نازل ٿي هئي. جيڪي ان موقعي تي رنا هئا، سندن نالا شامي، زرقاني ۽ ٻين طرفان ٻڌايا ويا آهن. (٣)

* هن سال جڏهن نبي انور صلی الله علیہ وسلم جن "غَزْوَه تَبُوْک" ڏانهن تيار ٿيا، تڏهن منافقن مان ٻياسي ۸۲ جڻا پنهنجي گهرن ڪان نہ نڪتا ۽ ان لاءِ ڪوڙا حيلا بهانا پيش ڪرڻ لڳا، الله تعاليٰ انهن جي باري ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي:

---

(١) سورة التوبہ آيت ٧٩ پاره ١٠.

(٢) سورة التوبہ آيت ٩٢ پاره ١٠.

(٣) ابن سعد جي روايت مطابق انهن شخصن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

١. نعمان ٢. سويد ٣. مَعْقِل ۴. عقيل ۵. سنان ٦. عبدالرحمٰن ۽ ستين شخص جو نالو نہ ٻڌايو ويو آهي، ان لاءِ ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو شخص عبدالله نالي هو تہ ڪن وري ضرار يا ڪي ٻيا نالا بہ ٻڌايا آهن. والله اعلم.

سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۴۳۹. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۳ ص ٦٧.

Marfat.com

وَجَآءَ الْمُعَذِّرُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ (١)

"۽ بهانو ڪري آيا ڳوٺاٽن منجهان ڪي، تہ انهن کي اجازت ڏني وڃي گهرن ۾ رهڻ جي."

۽ سندن لاءِ هيءَ آيت پڻ نازل ٿي:

فَرِحَ الْمُخَلَّفُوْنَ بِمَقْعَدِهِمْ خِلٰفَ رَسُوْلِ اللّٰهِ (٢)

"خوش ٿيا گهرن ۾ ويهڻ وارا پنهنجي ويهڻ تي ۽ الله جي رسول ﷺ جو ساٿ نہ ڏيڻ تي."

* هن سال جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن "غَزْوَه تَبُوْك" لاءِ روانگيءَ جو ارادو فرمايو تہ ان موقعي تي ۾ منافق هلڻ لاءِ تيار نہ ٿيا، سندن نالا جلاس بن سويد ۽ حارث بن سويد ٻڌايا وڃن ٿا، اهي ٻئي پاڻ ۾ ڀائر هئا ۽ سندن تعلق اوس قبيلي سان هو.

هن موقعي تي جلاس خذله الله تعالىٰ چيو هو تہ "جيڪڏهن هي شخص سچو آهي تہ اسان گڏهن کان بہ پري آهيون."

اهو احوال جڏهن ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن وٽ پهتو، تڏهن جلاس کي سڏائي ڪائنس ان بابت پڇا ڪيائون پر هو پنهنجي ڪيل ڳالهہ تان ڦري ويو. ان موقعي تي الله تعالىٰ سندس باري ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي، جنهن ۾ هن شخص جي اندر جي بيائي ۽ ڪفر ڪلي پيو:

يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ مَا قَالُوْا وَلَقَدْ قَالُوْا كَلِمَةَ الْكُفْرِ وَكَفَرُوْا بَعْدَ اِسْلَامِهِمْ (٣)

"اهي قسم کٹن ٿا الله جا تہ ائين نہ چيو اٿن، جڏهن تہ هنن اها ڪفر جي ڳالهہ ڪئي هئي ۽ ڪفر ڪيائون اسلام آڻڻ کانپوءِ."

ان کانپوءِ رحمت للعالمين ﷺ جن چاهيو تہ هيءُ شخص "توبہ" ڪري تہ ان موقعي تي وري رب پاڪ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي وئي:

كَيْفَ يَهْدِى اللّٰهُ قَوْمًا كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ (٤)

"ڪيئن هدايت ڪندو رب پاڪ اهڙن ماڻهن کي جن ڪفر ڪيو ايمان آڻڻ کانپوءِ."

* هن سال سرور عالم ﷺ جن جڏهن غزوه تبوڪ لاءِ تيارين ۾ هئا تہ ان موقعي تي واثلہ بن اسقع ليثي ڪناني رضہ اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ هو اصحاب صفہ ۾ شامل ٿيو.

* هن سال جڏهن غَزْوَه تَبُوْك لاءِ تياربون ٿي رهيون هيون تہ ان موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: "روم تي جهاد ڪريو، سندن عورتون اوهان جون ٻانهيون ٿيندیون." اهو ٻڌي بَنُوْسَلَمَہ وارن جو سردار جد بن قيس بن صخر انصاري سلميٰ جنهن جي دل ۾ ڪجهہ بيائي هئي چوڻ لڳو: "مان جڏهن بہ عورتن کي ڏسندو آهيان تہ مون کان صبر نہ ٿي سگهندو آهي ۽ نيت خراب ٿي ويندي آهي،

(١) سورة التوبہ آيت ٩٠ پاره ١٠.
(٢) سورة التوبہ آيت ٨١ پاره ١٠.
(٣) سورة التوبہ آيت ٧٤ پاره ١٠.
(٤) سورة آل عمران آيت ٨٦ پاره ٣.

Marfat.com

انكري مونكي هن "غزوه" لاءِ هلڻ جو زور نه پريو، باقي آءُ اوهان جي مالي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.
ان موقعي تي الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي:

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ ائْذَنْ لِّيْ وَلَا تَفْتِنِّيْ. (١)

"۽ انهن ۾ ڪو شخص چوي ٿو مونکي موڪل ڏيئي ڇڏيو ۽ فتني ۾ نه وجهو."

هي اهو ساڳيو شخص آهي جو جڏهن "حُدَيْبِيَّه" جي موقعي تي موجود سيني ماڻهن سرور عالم صلي الله عليه وسلم جن جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪئي هئي، تڏهن هي پنهنجي اندر جي بيائيءَ سببان وڃي پنهنجيءَ ڏاڇيءَ هينان لڪيو ۽ بيعت ڪرڻ کان رهجي ويو هو.

* هن سال نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جڏهن غَزْوَه تَبُوْک لاءِ اسهيا ته ان موقعي تي اهڙا سمورا صحابي ساڻن گڏ هليا، جيڪي جهاد جي لائق هئا، سواءِ انهن ٽن انصارن جي جن جا نالا هن ريت آهن:
١. كَعْب بن مَالِک سَلَمِيّ جيڪو مشهور شاعر هو ٢. هِلَال بن اُمَيَّه واقِفِي ٣. مُرَارَه بِن رَبِيْع عَمْرِي.
انهن جو ذڪر الله تعاليٰ هن آيت ۾ ڪيو آهي:

وَ عَلَى الثَّلٰثَةِ الَّذِيْنَ خُلِّفُوْا. (٢)

پوءِ ان وقت الله تعاليٰ انهن جي توبه قبول فرمائي، جڏهن هنن پنهنجي ڪئي تي تمام گهڻو پڇتاءُ ۽ پشيماني ظاهر ڪئي. ڇو جو هنن نبي انور صلي الله عليه وسلم جن جي آڏو سچي ڳالهه ڪئي ۽ منافقن وانگر ٽڪيءَ جا ٽاهه نه ٽاهيائون.

* هن سال پاڻ سڳورا صلي الله عليه وسلم جڏهن تبوڪ ڏانهن اسهيا ته مديني ۾ حضرت عَلي بِن اَبُوطَالِب رضه کي پنهنجو نائب مقرر ڪيائون. حضرت علي ڪرم الله وجهه جن کي سرور عالم صلي الله عليه وسلم جي جدائي ڏاڍي ڏکي لڳي ۽ سندن خدمت ۾ عرض ڪيائون: "ڇا مونکي اوهان عورتن ۽ ٻارن ۾ ٽا ڇڏيو؟"
ان تي ٻنهي جهانن جي سردار صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اي علي! ڇا تون ان تي راضي نه آهين ته تنهنجو مون سان اهڙو لاڳاپو هجي جهڙو هَارُوْن عه جو مُوسيٰ عه سان. پر مون کانپوءِ ڪوبه نبي نه ٿيندو آهي." اها روايت شيخين وغيره حضرت سعد بن ابي وقاص رضه کان نقل ڪئي آهي. (٣)
شرح علي المواهب اللدنيه ۾ "زرقانيءَ" ان روايت کي ئي ترجيح ڏني آهي، ڇو جو اها روايت صحيحين، نسائي ۽ ابن ماجه ۾ حضرت سَعْد بِن اَبِي وَقَّاص رضه کان نقل ڪئي وئي آهي ته هن موقعي تي حضرت علي رضه کي ئي نائب مقرر ڪيو ويو هو. (٤) حافظ عراقي به ان تي ئي زور ڏنو آهي. جڏهن ته حافظ ابن عبدالبر ۽ حافظ ابن دحيه وٽ به ان روايت کي ئي ترجيح حاصل آهي. (٥) ساڳيءَ

---

(١) سورة التوبه آيت ٤٩ پاره ١٠.
(٢) سورة التوبه آيت ١١٨ پاره ١١.
(٣) صحيح بخاري "كتاب المغازي" ج ٣ ص ٨٦.
(٤) شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ٣ ص ٦٩.
(٥) الدرر "ابن عبدالبر" ص ٢٣٩.

Marfat.com

ريت قسطلاني به پنهنجي شرح "ارشاد الساري" ۾ ان روايت کي قطعي قرار ڏنو آهي. (۱) ڪن راوين وري هن موقعي تي محمد بن مسلمه رضه يا ابن ام مکتوم رضه يا وري سباع بن عرفطه رضه کي نائب مقرر ڪرڻ جو ذڪر به ڪيو آهي. انهن ٽنهي نالن واربون روايتون "واقدي" نقل ڪيون آهن. (۲)

مٿين بحث مان خبر پوي ٿي ته حضرت عليءَ رضه بابت جيڪا روايت آهي اها وڌيڪ صحيح آهي ڇو جو سڃاڻ محدثن ان روايت کي ئي ترجيح ڏني آهي، جيئن زرقانيءَ ڄاڻايو آهي.

* هن سال جڏهن سرور ڪائنات ﷺ جن "غزوه تبوڪ" لاءِ اُسهيا، تڏهن منافقن جو مهندار عبدالله بن ابي بن سلول پنهنجي ساٿين سميت پنهنجي گهرن ڪان نه نڪتو.

* هن سال "غزوه تبوڪ" وارن ڏينهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ معجزو ظاهر ٿيو. اهو هن ريت، جو وديعة بن ثابت پاڻ جهڙن منافقن جي ٽولي سان هڪ گڏجاڻي ڪئي، ان موقعي تي هو ٽئولي طور پاڻ ۾ چوڻ لڳا: "محمد (ﷺ) کي ته ڏسو، جيڪو شام ۽ روم جا قلعا ۽ محلات فتح ڪرڻ چاهي ٿو ائين ڪڏهن به نه، ڪڏهن به نه ٿيندو." ان موقعي تي الله تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ جن کي ان احوال کان آگاهه ڪيو ۽ پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن عمار بن ياسر رضه کي انهن ڏانهن اماڻيو ۽ کيس فرمايو: "انهن کان پڇا ڪريو ته هنن ڇا ڀئي ڳالهايو. پوءِ جي هو نه مڃين ۽ ڪوڙ ڳالهائين ته پوءِ کين ٻڌايو ته هنن ڇا ڇا ڀئي ڇيو."

* هن موقعي تي حضرت عمار رضه جڏهن وڃي کانئن پڇا ڪئي ته هو پنهنجي ڪيل ڳالهين تان ڦري ويا، پوءِ جڏهن حضرت عمار رضه کين اهي ڳالهيون ٻڌايون ته هو لڄي ٿي چوڻ لڳا: "اسان اهو سڀ ڪجهه کل ۽ پوڳ ۾ چيو آهي." ان موقعي تي الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي.

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّمَا كُنَّا نَخُوْضُ وَ نَلْعَبُ. (۳)

"۽ جيڪڏهن اوهان انهن کان پڇندا ته ڇا ڀئي ڇيو، ته چوندا اسان ته کل ۽ پوڳ ڀئي ڪيو."

* هن سال نبي انور ﷺ جن جي غزوه تبوڪ لاءِ اُسهڻ وقت ڪجهه منافق پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي به ۽ ڪن مؤمنن کي به چوڻ لڳا ته "گرميءَ ۾ جهاد لاءِ نه وڃو، ڇو جو اڄ ڪلهه تمام سخت گرمي آهي." الله تعاليٰ طرفان ان موقعي تي هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي:

وَقَالُوْا لَاتَنْفِرُوْا فِى الْحَرِّ قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ اَشَدُّ حَرًّا. (۴)

"۽ (ٻين کي به) چوڻ لڳا: توهان هن گرميءَ ۾ نه نڪرو، کين ٻڌايو جهنم جي باهه ته وڌيڪ گرم آهي."

* هن سال ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ عربن جي هڪ جماعت پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ اچي هلڻ کان معذوري ڏيکاري. جڏهن ته مٿي ذڪر ڪيل ٻياسي منافق ته بنا ڪنهن عذر يا اجازت جي ويٺا رهيا. ان موقعي تي الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي.

---

(۱) ارشاد الساري "قسطلاني".
(۲) المغازي "واقدي" ج ۳ ص ۹۹۵.
(۳) سورة التوبه آيت ٦٥ پاره ۱۰.
(۴) سورة التوبه آيت ۸۱ پاره ۱۰.

Marfat.com

وَجَآءَ الْمُعَذِّرُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ وَقَعَدَ الَّذِيْنَ كَذَبُوا اللهَ وَرَسُوْلَهٗ. (۱)

"۽ پوءِ آيا بهانو ڪري ڪي ڳوٺاڻن منجهان ته کين گهر ۾ ويهڻ جي اجازت ڏني وڃي، انهن کوڙ ڳالهايو الله ۽ ان جي رسول سان."

* هن سال جو واقعو آهي ته نبي انور ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن سان گڏ "حجر" نالي ماڳ وٽان لنگهيا، جيڪو حضرت صالح عليه السلام جي قوم ثمود وارن جو شهر هو ۽ پوءِ صحابي سڳورا جڏهن هتان پاڻي ڀرڻ لڳا ته جيئن هو پنهنجي پيئڻ، رڌڻ پچائڻ ۽ اٽي ڳوهڻ جون ضرورتون پوريون ڪري سگهن. ان موقعي تي سرور عالم ﷺ جن کين فرمايو: "نه پير پهچايو انهن جي آستانن ۾ جن پنهنجي مٿان ظلم ڪيو، پر جي اتي وڃو ته روئندي، پر جي روئڻ نه اچي ته پوءِ اوڏانهن نه وڃو ته متان انهن جهڙو عذاب اوهان تي نه نازل ٿئي. نه پيئو اتان جو پاڻي، ۽ نه ان سان نماز لاءِ وضو ڪريو، جيڪڏهن ان مان کو ديڳڙو پچايو اٽوَ ته هاري ڇڏيو، جي اٽو ڳوٺو اٽوَ ته اهو اٽن کي وجهي ڇڏيو.

* هن سال تبوڪ ڏانهن ويندي واٽ تي پاڻ ڪريم ﷺ جن هتان هڪ معجزو ان وقت ظاهر ٿيو جڏهن پاڻ ماڻهن کي منع ڪيائون ته اهي نه "حجر" جو پاڻي پيئن ۽ نه ان مان اٽو وغيره ڳوهن، صبح ٿيو ته ماڻهن وٽ استعمال لاءِ ٻيو پاڻي موجود نه هو. هنن اهڙي شڪايت پياري پيغمبر ﷺ جن آڏو اڃي پيش ڪئي. پاڻ سڳورا ﷺ جن اوڏيءَ مهل اٺيا ۽ ٻه رڪعتون نماز پڙهي دعا گهريائون، پوءِ الله تعاليٰ هڪ ڪڪر کي موڪليو جنهن خاص لشڪر گاه مٿان اڃي وسڪارو ڪيو. جڏهن ته پي هنڌ مينهن جو ڪوبه نشان ڪونه هو. صحابي سڳورن اهو پاڻي پي ڏؤ ٻه ڪيو ته پنهنجي ٿانون کي ٻه جيترو ڀاهيائون پري رکيائون ۽ پوءِ وري اتي ئي سج ظاهر ٿيو. ان موقعي تي هڪ منافق جيڪو مؤمنن سان گڏ هو چوڻ لڳو: "هيءَ ڪڪري هتان لنگهي رهي هئي، پوءِ اسان تي فلاڻي فلاڻي ستاري جي اثر هيٺ وسي پيئي. ان وقت خدا تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي:

وَتَجْعَلُوْنَ رِزْقَكُمْ اَنَّكُمْ تُكَذِّبُوْنَ. (۲)

* هن سال تبوڪ ڏانهن ويندي نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن رستي ۾ "وَادِي الْقُرٰى" وٽ پهتا ته اتي ڪانئن هڪ معجزو ظاهر ٿيو، هي اهو ماڳ آهي جنهن جو ذڪر مٿي سَرَايا واري باب ۾ ٿي چڪو آهي. هن جاءِ تي هڏ ۽ مائي رهندي هئي، جنهن جو اتي هڪ باغ هو. هن موقعي تي ان مائيءَ چيو: "اي خدا جا رسول ﷺ! منهنجي هن باغ جي پيدائش جو تخمينو لڳايو؟". ان تي پاڻ سڳورن ﷺ ڪجهه صحابي سڳورن کي چيو ته اهي ٻه پنهنجو پنهنجو تخمينو پيش ڪن ۽ پوءِ پاڻ ﷺ ٻه پنهنجو تخمينو پيش ڪيائون پوءِ باغ جي مالڪياڻيءَ کي فرمايائون ته هوءَ سمورا تخمينا ياد ڪري. تبوڪ کان موٽ تي جڏهن نبي انور ﷺ جن ان ڳوٺ وٽان لنگهيا ته ان عورت کان پڇيائون: "تنهنجي باغ جي پيدائش ڪيتري ٿي؟" ان عورت وراڻيو: "اوهان جو تخمينو صحيح ثابت ٿيو. باغ جي پيداوار اوتري ئي ٿي. نه ان کان گهٽ نه وڌ."

---

(۱) سورة التوبه آيت ۹۰ پاره ۱۰.

(۲) سورة "الواقعة" آيت ۸۲ پاره ۲۷.

Marfat.com

* هن سال جو ئي واقعو آهي تہ سرور ڪائنات ﷺ جن تبوڪ ڏانهن ويندي جڏهن "وادي القريٰ" ۾ پهتا تہ اتي بنو عريض وارن سندن دعوت جهلي ۽ ڪائڻ لاءِ "هَرِيسَه" (۱) پيش ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ جن ان مان ڪجهہ ڪاڏو ۽ پوءِ ان خدمت جي عيوض بنو عريض وارن ڏانهن هر سال "وادي القريٰ" ۾ ڪارڪن جا چاليهہ وسق موڪليندا هئا.

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن هڏان هڪ ٻيو معجزو ان وقت ظاهر ٿيو جڏهن پاڻ ثمود جي شهر حجر ۾ يا ٻي روايت مطابق تبوڪ ۾ هئا ۽ اتي حڪم ڏنائون تہ "اڄ رات اوهان مان هرهڪ پنهنجي اُٺن کي ٻڌي ڇڏي ۽ اوهان مان ڪوبہ اڪيلو ٻاهر نہ وڃي. جيڪڏهن ڪو وڃي تہ ڪنهن ساٿيءَ کي ساڻ ڪٽي."

هن حڪم جي سمورن پوئواري ڪئي، سواءِ انهن ٻن ڇڻن جي، جن جو تعلق بَنُو سَاعِدَه سان هو. انهن مان هڪ تہ جهنگ جي خيال سان اڪيلو نڪتو ۽ پوءِ اتي ئي ڪيس "خناق" ٿي پيو ۽ ٻي جو اُٺ گم ٿي ويو تہ هو اُٺ جي ڳولا ۾ نڪتو. رستي ۾ تيز هوا اچي ڪيس وڪوڙيو تہ هو وڃي طيء جي جبلن تي نڪتو. اها خبر جڏهن سيد الانبياء ﷺ جن کي پيئي تہ فرمايائون: "ڇا مان اوهان کي اڪيلي نڪرڻ کان نہ روڪيو هو؟" پوءِ جنهن کي خناق ٿيو هو ان کي پاڻ ڪريمن ﷺ جي خدمت ۾ وڻي آيا. پاڻ سڳورن ﷺ سندس حق ۾ دعا ڪري تہ ان جي مٿان پنهنجو هٿ مبارڪ ڦيرايو، جنهن ڪري سندس تڪليف لحظي ۾ لهي ويئي. ان ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مديني پهتا تہ طيء قبيلي وارا اتي ان ٻئي شخص کي ڪ وڻي آيا، جيڪو اٺ جي پويان نڪتو هو ۽ اچي نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائون.

* هن سال سيد المرسلين ﷺ جن هڏان هڪ هي معجزو ڪ ظاهر ٿيو جو پاڻ جڏهن "حِجْر" مان تبوڪ لاءِ روانا ٿيا تہ رستي ۾ سندن ڏاڇي "قَصْوَاء" گم ٿي ويئي. صحابي سڳورن گهٽي ڳولا ڪئي پر ڏاڇي هٿ نہ آئي. ان تي زيد بن بنت نالي هڪ منافق چوڻ لڳو تہ محمد بن عبدالله ﷺ جن وٽ آسمان جون خبرون تہ پهچن ٿيون باقي پنهنجي ڏاڇيءَ جي خبر نہ ٿي پويس تہ اها ڪٿي آهي؟"

اهو ٻڌي نبي انور ﷺ جن فرمايو: "مان ڪجهہ نٿو ڄاڻان سواءِ ان جي، جيڪا ڄاڻ الله تعاليٰ ڏئي ٿو." آخر رب پاڪ کين ڄاڻايو تہ اها ڏاڇي فلاڻي جاءِ تي موجود آهي ۽ سندس مهار هڪ وڻ ۾ اٽڪي پيئي آهي. جنهن ڪانپوءِ صحابي سڳورن کي اوڏانهن اماڻيو ويو. جن ڏاڇيءَ کي ان حالت ۾ هٿ ڪيو ۽ آڻي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائون.

* هن سال نبي انور ﷺ جن تبوڪ ڏانهن ويندي رستي ۾ ڏٺو تہ هڪ وڏو نانگ آيو ۽ گهڙي ڪن لاءِ ڦڙ ڪڍي وچ دڳ تي سندن ﷺ آڏو اچي ٻيٺو پر پوءِ رستو ڇڏي ويو. ان تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پنهنجي صحابي سڳورن کان پڇيو: "ڇا اوهان هن نانگ کي سڃاتو؟" هنن وراڻيو تہ "اهو الله ۽ ان جو رسول ﷺ ٿو ڄاڻي". پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "هي انهن جنن منجهان هڪ

---

(۱) "هريسہ" ٻهراڙين ۾ رهندڙ عربن جو پسنديده طعام آهي، جيڪو ڪڻڪ کي ڪٽي ان ۾ گوشت ملائي تيار ڪيو ويندو آهي. (مترجم)

Marfat.com

هو جن مکي ۾ اچي منهنجي آڏو اسلام قبول کيو هو. اهو هتان جو رهاکو آهي ۽ منهنجي سلامي لاءِ هتي آيو هو ۽ اوهان لاءِ پڻ سلام چئي ويو.” جواب ۾ صحابين چيو: ” وعليه السلام و رحمة الله وبرکاته.“

* هن سال سرور کائنات ﷺ جن جڏهن تبوک ۾ ترسيل هئا تہ هک ڏينهن وٽن صحابي سڳورا اچي کنا ٽيا. ان موقعي تي مٿي مرسل ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي چيو: ”اي بلال ! مون وٽ جيکي کارکون ٽيلهيءَ ۾ رکيل آهن اهي هتي آڻ.“ ان تي بلال اها ٽيلهي آڻي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هٿن ۾ ڏني ۽ پوءِ انهن کارکن مان سمورن صحابين ڏي ڪري کاڏو پر اچان بہ ان ٽيلهيءَ ۾ ايتريون ئي کارکون بچي پيون جيتريون ان ۾ پيل هيون. اهو پاڻ ڪريم ﷺ جن جو هک معجزو آهي.

* هن سال ”غَزْوَه تَبُوْک“ دوران امام الانبياء ﷺ جن هٿان هک معجزو اهو بہ ظاهر ٽيو جو سنڊن ﷺ دعا سان تبوک واري چشمي جي پاڻيءَ ۾ واڌ اچي ويئي. اهو هن ريت جو جڏهن تبوک ۾ صحابين جو پاڻي کٽي پيو ۽ ماڻهو اچايل هئا تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن دعا گهري، جنهن جي اثر سبب تبوک واري چشمي اچي ڦاٽ کاڏو ۽ پوءِ گهٽي عرصي تائين اهو پاڻي جو سلسلو جاري رهيو. ايتري قدر جو رسول رحمت ﷺ جن مُعَاذ بن جبل رضہ کي فرمايو: ”اي معاذ! جيڪڏهن تو وڌي ڄمار ماڻي تہ هن پاڻيءَ منجهان باغ آباد ٽيندا ڏسندين.“

* هن سال ”غَزْوَه تَبُوْک“ واري موقعي تي نبي ڪريم ﷺ جن هٿان هک معجزو ان وقت بہ ظاهر ٽيو جڏهن لشکر وارن وٽ کاڏ خوراک جو سامان کٽي پيو تہ هنن پنهنجي اڻن کي حلال ڪرڻ جو ارادو ڪيو. پوءِ اهڙي ڳالهہ جڏهن سرور عالم ﷺ جن تائين پهتي تہ پاڻ ڪريم ﷺ دسترخوان وڇائڻ جو حڪم ڏنو ۽ اهو اعلان ڪرايو تہ جنهن وٽ بہ ڪجهہ کاڏي جي سامان مان بچيل هجي تہ اهو هتي کڻي اچي.“ پوءِ اهو ٻڌي ڪو شخص جَوَن جي مٺ کڻي آيو تہ ڪو کارکن جو ٻُک پري آيو تہ کنهن وري بچيل مانيءَ جو ٽکر آندو. اهڙيءَ ريت ٽن فَرَقن [1] جيترو سامان کٽو ٿي ويو. هک فرق تور ۾ ٽي صَاع ٽيندو آهي. ان کانپوءِ رسول انور ﷺ جن وضو ساري بہ رکعتون نماز ادا ڪري پوءِ برڪت لاءِ دعا گهري، جنهن جي نتيجي ۾ ان کاڏي ۾ ايتري تہ برڪت پئي جو سڄي لشکر ڏي ڪري کاڏو پر پوءِ بہ کاڏو بچي پيو. جنهن مان ماڻهن پنهنجيون ٽيلهيون، پوريون ۽ وٽن جيکي بہ ٽانوَ هئا سڀ پري رکيا، پر پوءِ بہ ڪجهہ کاڏو بچي پيو.

* هن سال ”غزوه تبوک“ کان واندا ٽي پاڻ ڪريم ﷺ جن ان جاءِ تي هک مسجد جوڙائي. جتي هن غزوه دوران قيام فرمايو هئائون.

* هن سال ”غزوه تبوک“ جي پڄاڻي کانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن ماڻهن آڏو هک نهايت فصيح ۽ بليغ خطبو پيش ڪيو. ان خطبي جي فصاحت ۽ بلاغت بيان ڪرڻ کان زبانون خاموش ۽ عقل دنگ آهن.

* هن سال ”غزوه تبوک“ کان موٽ تي سرور عالم ﷺ هٿان رستي ۾ هک معجزو ان وقت بہ ظاهر ٽيو، جڏهن لشکر کي سخت تتل ڏينهن ۾ سفر ڪرڻو پيو پر کٽي بہ ڪين کو پاڻيءَ جو نشان

(۱) اٽڪل ۳۶ ڪلو.

Marfat.com

نظر نہ آيو، جتي مانجهاندو ڪري سگهن، ۽ نہ ئي وري لشڪر وارن وٽ ڪو پاڻيءَ چڪو بچيو هو. ائين پيو محسوس ٿئي تہ ڇاڻ سمورا ماڻهو توڙي ڏور اڄ وگهي موت جو شڪار ٿيندا. البت سيد الڪونين ﷺ جن جي ڪليءَ ۾ ڪو پاڻيءَ ڏڪ موجود هو. پوءِ ان پاڻيءَ کي هڪ ٿانوَ ۾ اوتيو ويو، جنهن ۾ رسول انور ﷺ جن پنهنجو هٿ مبارڪ وڌو ۽ ائين ڪرڻ سان سندن آڱرين جي وچان پاڻي ڦاٽ کائي نڪرڻ لڳو، بس پوءِ تہ ان پاڻيءَ مان سموري لشڪر ۽ پنهنجي اڄ اجهائي جنهن جو تعداد ٽيهہ هزار يا ستر هزار ٻڌايو ويو آهي. جيئن اڳ غزوات واري باب ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي. هن لشڪر ۾ پندرهن هزار اٺ ۽ ٻارهن هزار گهوڙا ۽ هئا، جيڪي پڻ ان پاڻيءَ مان فيضياب ٿيا.

* هن سال غزوه تبوڪ کان موٽندي پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن "تبوڪ" ۽ "وادي‌ءِ منتفق" جي وچ تي پهتا، تڏهن اتي ۽ سندن ﷺ دعا جي برڪت سان پاڻيءَ ۾ واڌ جو هڪ ٻيو معجزو ظاهر ٿيو. ان موقعي تي لشڪر کي جڏهن ٻيهر اڄ محسوس ٿي تہ وٽن جيترو ۽ پاڻي موجود هو ان کي هڪ پراڻي پکال ۾ وڌو ويو ۽ پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن (اتان پاڻي ڪڍي) ان مان هٿ منهن ۽ ڏوتو تہ گرڙي ۽ ڪئي ۽ پوءِ اهو پاڻي ان پکال ۾ واپس وڌو ويو ۽ پوءِ دعا ۽ گهريائون، جنهن ڪري ان پاڻيءَ ۾ ايتري تہ برڪت پيدا ٿي جو ان مان سڄي لشڪر ۽ پاڻي پيتو تہ اٺن ۽ گهوڙن کي ۽ پياريو ويو.

ڪَعْب بن زُهَيْر رضہ جو واقعو

* هن سال غَزْوَه تَبُوْک کان اڳ ربيع الآخر يا جمادي الاول يا آخر مان ڪنهن هڪ مهيني ۾ ڪَعْب بن زُهَيْر بن اَبُوسُلْمِي رضہ مديني شريف آيو. ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو واقعو سن اڻين هجريءَ جو آهي. هن کان اڳ حضرت ڪَعْب رضہ پاڻ ڪريم ﷺ جن کان ڀڄي ويو هو، جنهن تي نبي انور ﷺ جن ڪيس قتل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو هو. ان ڪانپوءِ هو توبہ تائب ٿي مديني موٽي آيو ۽ اِمَامُ الْاَنْبِيَاء ﷺ جن جي هٿ مبارڪ تي مسلمان ٿيو ۽ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ پنهنجو مشهور قصيدو "لاميہ" ۽ پيش ڪيائين، جنهن جو پهريون بيت هن ريت آهي:

بَانَتْ سُعَادُ فَقَلْبِی الْيَوْمَ مَتْبُوْلٌ
مُتَيَّمٌ اِثْرَهَا لَمْ يُفْدْ مَكْبُوْلٌ

اهو قصيدو پڙهندي جڏهن هو هن شعر تي پهتو:

اِنَّ الرَّسُوْلَ لَنُوْرٌ يُّسْتَضَاءُ بِهٖ

بيشڪ رسول ﷺ نور آهي جنهن کان روشني حاصل ڪئي وڃي ٿي.

مُهَنَّدٌ (۱) مِّنْ سُيُوْفِ اللهِ مَسْلُوْلٌ

۽ الله جي تلوارن مان هڪ تلوار ميان مان نڪتل.

---

(۱) چيو وڃي ٿو تہ "مهند" نالي تلوارون خاص هوندیون هيون، جيڪي هندوستاني لوهہ مان تيار ڪيون ويندیون هيون ۽ اهي پنهنجي خصوصيتن سبب سڄي دنيا ۾ مشهور هيون. المنجد ص ۱۱۴۰.

Marfat.com

تہ پنهي جهانن جي سردار ﷺ جن پنهنجي چادر مبارڪ ڏانهس اڇلائي، اها ڪَعْب بِن زُهَيْر رضہ لاءِ وڏي برڪت پري نشاني هئي، جيڪا سڄي ڄمار وٽس ئي رهي. جنهن ڪانپوءِ حضرت مُعَاوِيہ رضہ پنهنجي خلافت واري دور ۾ ان چادر لاءِ ڪيس ڏهہ هزار درهمن جي آڇ ڪئي پر هن ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيو تہ "مان نبي ڪريم ﷺ جن جو ڪپڙو ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪرڻ جو سوچي بہ نٿو سگهان." اڳتي هلي "مُعَاوِيہ" جي دور خلافت ۾ ئي جڏهن حضرت ڪَعْب رضہ گذاري ويو تڏهن حضرت مُعَاوِيہ رضہ سندن پونئرن ڏانهن ويهہ هزار درهم موڪلي ڪانئن اها چادر حاصل ڪئي. جنهن ڪانپوءِ ان چادر جا وارث وقت جا خليفا هڪ ٻئي پٺيان ٿيندا آيا تانجو هڪ وقت اهڙو آيو تہ اها چادر گم ٿي ويئي.

"علامہ شامي" پنهنجي "سِيْرَة" واري ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي تہ "اڄ ڪلهہ اها چادر موجود نہ آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ تاتارين جي حملن دوران اها چادر هيٺ مٽي ٿي ويئي."

ان ڪانسواءِ قصيدي جي شروعات ۾ حضرت ڪَعْب رضہ جيڪو "سُعَاد" نالي عورت جو ذڪر ڪيو آهي، اها سندس "سؤٽ" بہ هئي تہ گهرواري بہ، جنهن ڪان "ڪعب" گهٽو وقت جدا رهيو، ڇو جو هو نبي اڪرم ﷺ جن ڪان (خوف سبب) ڀڳل هو.

"شرح علي الـمواهب اللدنيہ" ۾ زرقانيءَ ڄاڻايو آهي تہ "ڪن ماڻهن اهو اڻ ڄاڻائي سبب چيو آهي تہ اهو هڪ جڙتو نالو آهي، جيڪو شاعر استعمال ڪيو آهي." "شاميءَ" پنهنجي "سيرة" ۾ ڄاڻايو آهي: "اهو حقيقي نالو آهي، نہ ڪہ جڙتو."

* هن سال بُجَيْر رضہ بن زُهَيْر بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو ڪَعْب بن زُهَيْر جو ڀاءُ هو ۽ پنهنجي ڀاءُ "ڪعب" کان اڳ مسلمان ٿيو هو.

* هن سال "غزوہ تبوڪ" واري موقعي تي "يَعْلَيٰ بن اُمَيَّہ رضہ" نالي صحابي سڳوري جو هڪ نوڪر ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان اٽڪي پيو، جنهن تي ان ماڻهو حضرت يَعْلَيٰ رضہ جي نوڪر کي ڪٽي هٿ ۾ چڪ وڌو، نوڪر جيئن ئي زور سان وٽي پنهنجي هٿ کي ڇڪيو تہ ان همراه جا ٻئي اڳيان ڏند اڇي ٻاهر پيا. جنهن ڪانپوءِ اهو شخص پنهنجي ڏندن جي ديت وٺڻ لاءِ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪيس فرمايو: "تنهنجي ڪابہ "ديت" نہ لڳندي. ڇا هو پنهنجو هٿ تنهنجي وات ۾ ڇڏي ڏي ها، تہ تون ان کي اٽ وانگر چٻاڙيندو رهين ها."

* هن سال تبوڪ ڪان مديني ڏانهن موٽندي رستي ۾ ويهن جاين تي مٿي مرسل ﷺ مسجدون جوڙايون. جيئن ابن اسحاق ۽ قسطلانيءَ ڄاڻايو آهي. جڏهن تہ "سيد سمهوديءَ" جو قول آهي تہ "جن ماڳن تي (هن سفر دوران) نبي انور ﷺ جن نمازون ادا ڪيون، انهن تي نشان لڳايا ويا ۽ بعد ۾ اتي مسجدون جوڙايون ويون."

* هن سال غزوہ تبوڪ ڪان موٽندي پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن مديني جي ويجهو پهتا ۽ سندن نظر مبارڪ "احد جبل" تي پيئي، تڏهن ان موقعي تي فرمايائون: "هي جبل اسان سان محبت ڪندو آهي ۽ اسان هن سان محبت ڪندا آهيون."

Marfat.com

ڪن جو چوڻ آهي تہ سرور ڪائنات ﷺ جن اهي لفظ خيبر ڪان مديني ڏانهن موڻ تي فرمايا هئا، جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي.

* هن سال رسول اڪرم ﷺ جن جڏهن تبوڪ ڪان مديني واپس وريا تڏهن ڪجهہ ڏينهن رکي الله تعاليٰ انهن ٽن صحابي سڳورن جي توبہ قبول فرمائي، جيڪي تبوڪ واري موقعي تي پوئتي پنجي ويا هئا. سندن نالا هن ريت آهن: ڪعب بن مالڪ، هلال بن اميہ ۽ مراره بن ربيع. ان ڏس ۾ الله تعاليٰ طرفان هيءَ آيت نازل ڪئي ويئي:

لَقَدْ تَّابَ اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ وَالْمُهَاجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ فِىْ سَاعَةِ الْعُسْرَةِ. (۱)

"الله معاف ڪري ڇڏيو نبيءَ کي ۽ انهن مهاجرن ۽ انصار کي جن ڏاڍي ڏکئي وقت ۾ نبيءَ جو ساٿ ڏنو."

اڳتي فرمايو ويو:

وَعَلَى الثَّلٰثَةِ الَّذِيْنَ خُلِّفُوْا حَتّٰٓى اِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ. (۲)

"۽ انهن ٽنهي کي بہ معاف ڪري ڇڏيائين، جن جي معاملي کي پنڌتي رکيو ويو هو، جڏهن جو زمين ايڏي ڪشادي هوندي بہ مٿن تنگ ٿي پيئي."

۽ ان ڪانپوءِ فرمايو ويو:

وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ. (۳)

"۽ سچن ماڻهن جو ساٿ ڏيو."

* هن سال جڏهن رسول رحمت ﷺ جن تبوڪ ڪان مديني پهتا تہ وٽن حمير قبيلي جي سردارن طرفان سندن موڪليل قاصد هڪ اهڙو خط ڪٽي حاضر ٿيو، جنهن ۾ انهن سردارن جي طرفان اسلام قبول ڪرڻ جو اطلاع ڏنو ويو هو. سندن نالا هن ريت هئا:

حَارِث بِن عَبْد كُلَال، نُعَيْم بن عَبْدِ كُلَال، ۽ نُعْمَان. اهي ٽيئي ذورُعَيْن، هَمْدَان ۽ معافر جا سردار هئا.

* هن سال تَبُوْك ڪان موڻ تي جَرِيْر بِن اَوْس بن حَارِثہ طَائي بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو عروه بن مضرس طائيءَ جو چاچو هو.

* هن سال جو واقعو آهي تہ ثَعْلَبَہ بن حَاطِب ۽ مُعَتِّب بن قُشَيْر نالي بن منافقن الله تعاليٰ سان

---

(۱) سورة التوبہ آيت ۱۱۷ پاره ۱۰.

(۲) سورة التوبہ آيت ۱۱۸ پاره ۱۰.

(۳) سورة التوبہ آيت ۱۱۹ پاره ۱۰.

Marfat.com

عهد کيو تہ "جيڪڏهن الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان اسانکي گهٽو ڏنو تہ اسان خيرات ڏيندا سون ۽ نيڪو ڪارن مان ٿيندا سون." پوءِ جڏهن الله تعاليٰ مٿن پنهنجو فضل فرمايو تہ هن ائين نہ ڪيو جيئن چيو هئائون. تڏهن الله تعاليٰ هن موقعي تي سندن باري ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي:

وَمِنْهُمْ مَّنْ عٰهَدَ اللّٰهَ لَئِنْ اٰتٰنَا مِنْ فَضْلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَلَنَكُوْنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ. (۱) (چئن آيتن تائين)

* هن سال سرور ڪائنات ﷺ جن جڏهن تبوڪ ۾ ترسيل هئا تہ انهن ئي ڏينهن ۾ حضرت معويہ بن معويہ لَيْثِي مُزَني رضہ مديني ۾ گذاري ويو، ۽ پوءِ جبرئيل ساڻيئي ڏينهن تي اها خبر ٻڌائڻ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. جڏهن تہ مديني ۽ تبوڪ جي وچ ۾ چوڏهن مرحلن جو مفاصلو آهي. ان سان گڏ حضرت جبرئيل اهو بہ ٻڌايو تہ "الله تعاليٰ حضرت معويہ جي جنازي نماز لاءِ ستر هزار ملائڪن کي بہ موڪليو آهي." پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن ان جو سبب پڇيو تہ جبرئيل ٻڌايو تہ "هو رات ڏينهن، اٿندي، ويهندي، گهمندي قرندي سوره "قل هو الله احد" پڙهندو رهندو هو.

ان ڪانپوءِ جبرئيل نبي ڪريم ﷺ جن کان پڇيو: "جيڪڏهن آءٌ زمين کي سوڙهو ڪريان تہ ڇا اوهان مٿس نماز پڙهڻ چاهيندؤ؟"

پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ "هائو!"

جنهن ڪانپوءِ جبرئيل زمين کي سوڙهو ڪيو، تانجو رسول انور ﷺ ۽ سندن صحابي سڳورن مٿس جنازي نماز پڙهي. ان نماز ۾ بہ صفون ملائڪن جون بہ شامل هيون. نماز وقت پاڻ سڳورا ﷺ جنازي کي ڏسي رهيا هئا، ڇو جو حضرت جبرئيل پنهنجي هٿ جي اشاري سان وچ ۾ جيڪي پوتا ۽ پهاڙ هئا تن کي هٿائي ڇڏيو هو، جنهن ڪانپوءِ جبرئيل آسمان ڏانهن هليو ويو. (۲)

* هن سال "غزوه تبوڪ" واري زماني ۾ سرور عالم ﷺ جن صبح صادق ڪانپوءِ جهنگ جي خيال سان نڪتا، حضرت مُغِيْرَه بن شُعْبَہ رضہ بہ پاڻيءَ جو ٽانءُ ڪٽي سندن پويان پئي هليو. جڏهن موٽڻ ۾ ڪين دير ٿي ۽ نماز جو وقت بہ تنگ ٿيڻ لڳو تڏهن صحابي سڳورا فجر جي نماز ادا ڪرڻ لاءِ اٿيا ۽ حضرت عَبْدُالرَّحْمٰنِ بِن عَوْف رضہ کي امامت لاءِ اڳتي ڪيائون. حضرت عبدالرحمن رضہ هڪڙي رڪعت پڙهائي ٻينو تہ پاڻ سڳورا ﷺ جن بہ پهچي ويا ۽ نماز ۾ شامل ٿي هڪ رڪعت عبدالرحمن بن عوف رضہ جي پٺيان پڙهيائون ۽ رهيل رڪعت سلام ڪانپوءِ پوري ڪيائون. مسلمان ان تي سوچڻ لڳا پر پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: "اوهان صحيح ڪيو، اوهان بهتر ڪيو." (۳)

هي واقعو حضرت عَبْدُالرَّحْمٰن بِن عَوْف جي فضائل ۾ تمام وڏي اهميت رکي ٿو ۽ ان مان اهو

---

(۱) سورة التوبہ آيت ۷۵ کان ۷۸ تائين پاره ۱۰.

(۲) الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۳ ص ۴۷۶. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۲۴۵. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۴۵۷ ـ ۴۵۶.

(۳) الرياض النضره "محب طبري" ج ۲ ص ۲۰۳. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۴۴۹.

Marfat.com

دليل بہ ملي ٿو تہ فاضل جي مفضول جي پويان ۽ معصوم جي غير معصوم جي پويان نماز پڑھڻ صحيح آهي. ان مان "اهل تشيعہ" جو اهو نظريو بہ رد ٿي وڃي ٿو، جنهن مطابق هو غير معصوم جي قيادت جا قائل نہ آهن.

هن واقعي مان غير معصوم جي قيادت هجڻ جو ثبوت ملي ٿو، توڙي سندس پوئواري ڪندڙ معصوم هجي يا غير معصوم.

* هن سال مٿي بيان ڪيل فجر جي نماز لاءِ وضو ڪندي پاڻ ڪريم صلی الله علیہ وسلم جن پنهنجي موزن جي مٿان مسح ڪيو. جيئن بخاري شريف، مسلم شريف ۽ ٻين ڪتابن ۾ حضرت مغيره بن شعبہ رضہ کان روايت نقل ڪئي ويئي آهي. (۱)

اها روايت اهل تشيعہ جي ان خيال کي بلڪل رد ڪري ٿي، جيڪي ان ڳالهہ جا قائل آهن تہ "موزن تي مسح" ڪرڻ وارو حڪم "سوره مائده" جي هڪ آيت ذريعي منسوخ ٿي ويو آهي. رد جو سبب اهو آهي تہ سوره مائده جي اها آيت سن پنجين هجريءَ ڌاري نازل ٿي، جڏهن تہ پاڻ ڪريم صلی الله علیہ وسلم جن جو موزن تي مسح ڪرڻ وارو مٿيون واقعو سن نائين هجريءَ جو آهي. پوءِ اهو ڪيئن صحيح ٿيندو تہ پنجين هجريءَ جي حڪم سان نائين هجريءَ وارو حڪم منسوخ ٿئي؟

يُحَنَّہ ابن رُؤْيَہ بن روءِ ۽ ڏانهن دين جي دعوت

* هن سال رسول انور صلی الله علیہ وسلم جن يُحَنَّہ بن رُؤْيَة ڏانهن هڪ خط اماڻيو، جنهن ۾ ڪيس دين جي دعوت ڏني ويئي. هن شخص کي يحنه بن علماء بہ سڏيو ويندو آهي. "علماء" سندس ماء جو نالو ٻڌايو ويو آهي.

يحنه پاڻ عيسائي مذهب جو پيروڪار هو ۽ "اَيْلَہ" جو حاڪم هو. "اَيْلَہ" جو شهر مصر ۽ مڪي جي وچ تي شام جي علائقي ۾ سمنڊ جي ڪناري تي آباد هو ۽ چيو وڃي ٿو تہ اهو ساڳيو شهر آهي جنهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ "حاضرة البحر" جي حوالي سان ڪيو ويو آهي.

بهرحال پاڻ ڪريم صلی الله علیہ وسلم جن جڏهن تبوڪ ۾ ترسيل هئا تڏهن يحنه اتي اچي سندن پيش تہ پيو پر اسلام قبول نہ ڪيائين، باقي ٽي سؤ دينار ساليانو جزيہ ڏيڻ تي راضي ٿيو. جنهن ڪانپوءِ سرور عالم صلی الله علیہ وسلم جن طرفان ڪيس صلح نامو لکت ۾ ڏنو ويو. (۲)

جَرْبَاء ۽ اَذْرُح وارن ڏانهن دين جي دعوت (۳)

* هن سال سيد الانبياء صلی الله علیہ وسلم جن طرفان جَرْبَاء ۽ اَذْرُح جي رهاڪن ڏانهن بہ خطن ذريعي دين

---

(۱) صحيح بخاري "كتاب الوضوء" ص ۵۰ ج ۱. صحيح مسلم "كتاب الطهارة" ج ۱ ص ۱۵۷.

(۲) الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۱۲ ـ ۲۱۳، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۱۶۹. سيرة ابن حبان ص ۳۶۸ ـ ۳۶۹، ابن كثير ج ۵ ص ۱۵، دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۲۴۸.

(۳) الطبقات الكبريٰ "ابن كثير" ج ۵ ص ۱۵ ـ ۱۶. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۲۴۸، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۴۶۰ ـ ۴۶۱.

Marfat.com

جي دعوت موڪلي ويئي، اتان جا ماڻهو ﷺ تبوڪ ۾ پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيا. هنن ﷺ هڪ سؤ دينار ساليانه "جِزْيَہ" ادا ڪرڻ جي شرط تي صلح ڪيو. جرباء ۽ اذرح نالي هي ٻئي ڳوٺ شام ۾ هئا ۽ انهن جي وچ ۾ ٽن ميلن جو مفاصلو ٻڌايو ويو آهي. (۱)

سُهَيْل بن بَيْضَاءَ جي وفات

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن جڏهن غزوه تبوڪ کان واپس موٽيا تہ سُهَيْل بن بَيْضَاءَ "قرشي" گذاري ويو. بيضاء سهيل جي ماءُ جو لقب هو، جنهن جو نالو "دعد" ٻڌايو ويو آهي. جڏهن تہ سندس پيءُ جو نالو عَمْرو بن وَهْب بن رَبِيْعَہ هو، پر ڪيس پنهنجي ماءُ جي نالي پٺيان ئي سڏيو ويندو هو. سندس شمار انهن اوائلي دؤر وارن مسلمانن ۾ ڪيو ويندو آهي، جن مڪي ۾ ئي اسلام قبول ڪيو هو.

سُهَيْل "حَبْش" ڏانهن ﷺ پيرا هجرت ڪئي، ان ڪانسواءِ "بَدْر" توڙي پين سيني غزوات ۾ ﷺ بهرو ورتائين. (۲)

هڪ منافق جي موت جي خبر

* هن سال غزوه تبوڪ کان موٽ تي، جڏهن تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ "غَزْوَه بَنُو مُصْطَلِق" کان موٽندي هڪ رات رستي ۾ تمام تيز طوفان آيو، جنهن تي پنهي جهانن جي سردار سڳوري ﷺ جن فرمايو تہ "هي طوفان ڪنهن وڏي منافق جي موت سببان آيو آهي." (۳) پوءِ جڏهن مسلمان مديني ۾ داخل ٿيا تہ ڪين خبر پئي تہ ان رات هڪ وڏو منافق مئو هو، جنهن جو نالو رفاعه بن زَيْد بِن تابوت ٻڌايو ويو آهي، ۽ سندس تعلق يهودين جي قبيلي "بني قَيْنُقَاع" سان هو، هو پاڻ کي ظاهر تہ مسلمان ڪندو هو پر هيو منافقن جو مهندار.

---

(۱) ڪن راوين اذرح ۽ جِرباء جي وچ ۾ هڪ ميل جو تہ ڪن وري ٽن ڏينهن جو فاصلو بہ ٻڌايو آهي. معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ۱ ص ۱۲۹. معجم مااستعجم "ديار بكري" ج ۱ ص ۱۳۰ ـ ۱۳۱.

(۲) الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۲ ص ۲۲۷ ـ ۲۲۸. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۲ ص ۳۷۰.

(۳) سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۴۵۵. دلائل النبوة "ابونعيم اصفهاني" ج ۲ ص ۵۱۵.

Marfat.com

فصل ڏهون

هن فصل ۾ سن ڏهين هجريءَ ڏاري پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

نبي ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جي طرفان "حَجَّةُ الْوَدَاع" جي ادائگي

* هن سال سرور ڪائنات فخر موجودات صلی الله علیه وسلم جن حج ادا فرمايو، جنهن کي تاريخ ۾ حَجَّةُ الْوَدَاع جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو ۽ ان سان گڏ حَجَّةُ الْاِسْلام، حَجَّةُ الْبَلَاغ، حَجَّةُ التَّمَام ۽ حَجَّةُ الْكَمَال به هن ئي حج جا ٻيا نالا آهن. (۱)

هجرت کانپوءِ پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن هن کان سواءِ ٻيو ڪوبه حج ادا نه ڪيو ۽ هن حج سان گڏ "عمري" جي ادائيگي پڻ ڪيائون. (۲) سرور ڪائنات صلی الله علیه وسلم جن طرفان پنهنجي عمر مبارڪ ۾ چار دفعا "عُمْرَه" ادا ڪرڻ جي جيڪا روايت مشهور آهي، هي عُمْرَه به انهن مان هڪ آهي.

حضور پرنور صلی الله علیه وسلم جن حَجَّةُ الْوَدَاع جي ادائيگي واسطي ذوالقعد مهيني جي پنجويهين تاريخ ڇنڇر جي ڏينهن ٻن پهرن جي نماز کانپوءِ ان وقت مديني شريف مان اسهيا (۳) جڏهن اڄان

---

(۱) هن حج لاءِ واقديءَ ۽ ابن سعد حجة الوداع ۽ حجة البلاغ، طبريءَ حجة الاسلام، حافظ مغلطائيءَ حجة التمام ۽ حافظ ابن ڪثير حجة البلاغ ۽ حجة الاسلام جا اصطلاح نقل ڪيا آهن.

المغازي "واقدي" ج ۳ ص ۱۰۸۹، الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۱۳۰. تاريخ طبري ج ۳ ص ۱۸۳. الاشاره ـ حافظ مغلطائي ص ۳۴۶.

(۲) هجرت کانپوءِ امام الانبياء ﷺ جن اهو هڪ پيرو ئي حج ادا فرمايو، جنهن ۾ ڪوبه اختلاف نه آهي. باقي هجرت کان اڳ نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترا حج ادا فرمايا؟ ان ڳالهه ۾ راوين جو اختلاف رهيو آهي. جامع ترمذيءَ ۾ حضرت جابر بن عبدالله رضه کان هڪ روايت نقل ڪئي ويئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته "هجرت کان اڳ پاڻ ڪريمن ﷺ ٻي حج ادا فرمايا هئا. ساڳيءَ ريت امام حاڪم پنهنجي "مستدرڪ" ۾ حضرت ثوريءَ طرفان صحيح سند سان هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس ته هجرت کان اڳ به "پاڻ سڳورا ﷺ حج ادا ڪري چڪا هئا." "النهايه" ۾ ابن الاثير هڪ روايت نقل ڪئي آهي ته "هجرت کان اڳ نبي انور ﷺ جن هر سال حج ڪندا هئا". واقديءَ به پنهنجي مغازيءَ ۾ "مجاهد" جي هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن مان ڄاڻ ملي ٿي ته نبي ڪريم ﷺ جن هجرت کان اڳ حج ادا ڪري چڪا هئا. جڏهن ته "ابن جوزيءَ" جو قول آهي ته "ان ڳالهه جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي ته پياري پيغمبر ﷺ جن هجرت کان اڳ ڪيترا حج ادا فرمايا."؟

ابن ماجه ۽ مستدرڪ حاڪم ۾ حضرت ابن عباس رضه جي هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هجرت کان اڳ سرور عالم ﷺ جن ٽي دفعا حج ادا ڪري چڪا هئا، ڇو جو پاڻ سڳورا ﷺ جن حج جي موقعي تي ئي "عقبه" ڏانهن ويندا هئا، جتي حج کانپوءِ انصار سان ملندا هئا، جنهنڪري ان زماني ۾ سندن حج ادا ڪرڻ کان انڪار ممڪن نه آهي. والله اعلم.

"فتح الباري" "ابن حجر" ج ۸ ص ۴۴۰، المغازي "واقدي" ج ۳ ص ۱۰۸۹. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۴ ص ۴۰۲ ـ ۴۰۱.

(۳) نبي اڪرم ﷺ جن هن حج لاءِ نڪرڻ کان اڳ صبح ڪاڻ ئي هن سڳوري سفر جي تياريءَ ۾ رڌل هئا.

پهريان پاڻ سڳورن ﷺ جن غسل فرمايو، پوءِ وارن ۾ تيل وجهي ڪٽي ڏنائون، ڪپڙا پائي مٿان چادر ڏيڪيائون،

Marfat.com

ٽيپهريءَ واري نماز جو وقت شروع نه ٿيو هو، اهوئي سبب هو جو ان ڏينهن تي پاڻ سڳورن ﷺ ٻيپهريءَ جي نماز جون چار رڪعتون مديني شريف ۾ ادا ڪيون، جڏهن ته ٽيپهريءَ جي نماز قصر ڪري (ٻه رڪعتون) اچي ذوالحليفه ۾ پڙهيائون. هن موقعي تي حضرت ابودجانه انصاري ساعديءَ رضه کي مديني ۾ خليفو مقرر ڪيو ويو، جنهن جو نالو سماڪ رضه بن خرشه ٻڌايو ويو آهي، جڏهن ته ڪن راوين جو چوڻ آهي ته هن موقعي تي خلافت جي ذميواري حضرت "سباع رضه بن عرفطه" کي سونپي ويئي هئي. (۱)

* هن سال ذوالقعد جو مهينو اوٽيهو هو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن مکي پاڪ ۾ ذوالحج مهيني جي چوٽين تاريخ صبح جو داخل ٿيا. اهو آچر جو ڏهاڙو هو ۽ نبي انور ﷺ جن عرفات ۾ جمعي واري ڏينهن وقوف فرمايو هو.

* هن سال امام المرسلين ﷺ جن مکي جي پرپاسي رهندڙ ماڻهن کي اطلاع ڪرايو ته پاڻ سڳورا ﷺ حج جي ارادي سان مکي ڏانهن روانا ٿي رهيا آهن. اهو ٻڌي هر طرف کان ماڻهو پنهنجي پياري نبي ﷺ سان گڏجي حج ادا ڪرڻ جي ارادي سان نڪري پيا. پوءِ جڏهن اهي سمورا

پوءِ قرباني جي جانورن کي ڳچيءَ ۾ ڪنڌلا پارايائون ۽ چار رڪعتون ٻيپهريءَ جي نماز پڙهي پوءِ مديني کان نڪتا ۽ ٽيپهريءَ جي نماز مهل اچي "ذوالحليفه" پهتا ۽ ذوالحليفه ۾ ٽيپهري قصر ڪري پڙهيائون ۽ پوءِ اٽڪل چوويهه ڪلاڪ اتي ترسيا. ٻئي ڏينهن تي ظهر جي نماز کان اڳ "احرام" لاءِ پاڻ ڪريمن ﷺ غسل فرمايو ۽ ڪپڙا پاتا، جنهن کانپوءِ سيده عائشه صديقه رضه سندن جسم مبارڪ تي مشڪ جي خوشبوءِ وارو عطر لڳايو، اها روايت "ابن حزم" ۽ پين نقل ڪئي آهي. جنهن کانپوءِ ٻن پهرن واري نماز ادا ڪري سرور عالم ﷺ جن مصلي تي ئي حج ۽ عمره جو احرام ٻڌو پر ان خوشبوءِ کي لاهڻ لاءِ غسل وغيره نه ڪيائون ۽ لبيک اللهم لبيک چوندا اچي پنهنجي ڏاڇي قصواء تي ويٺا ۽ پوءِ مکي جي واٽ ورتائون.

حجة الوداع ابن حزم ص ۲۴ ـ ۲۵. عيون الاثر ابن سيد الناس ج ۲ ص ۳۵۹ ـ ۳۶۱.

(۱) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۴۸. البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۵ ص ۱۰۱.

نوٽ: هن کان اڳتي حجة الوداع جي ادائيگي توڙي سفر دوران جن واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهي واقعات هيٺين ڪتابن تان نقل ڪيا ويا آهن:

صحيح بخاري كتاب الحج ج ۱ ص ۲۶۴. صحيح مسلم "مواقيت الحج والعمره" ج ۴ ص ۵. "المغازي" واقدي ج ۳ ص ۱۰۸۸. "سيرة ابن هشام" ج ۴ ص ۲۴۸. "الطبقات الكبرىٰ" ابن سعد ج۲ ص ۱۳۰. "سيرة ابن حبان" ص ۳۹۲. فتح الباري "ابن حجر" ج ۳ ص ۲۹۵. الدرر "ابن عبدالبر" ص ۲۵۹. جوامع السيرة "ابن حزم اندلسي" ص ۲۶۰. المعجم الكبير "طبراني" ج ۳ ص ۲۰۲. تاريخ طبري ج ۲ ص ۴۱۰. شرح علي المواهب اللدنيه "زرقاني" ج ۳ ص ۱۰۴. البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۵ ص ۹۹. الروض الانف "سهيلي" ج ۴ ص ۲۴۷. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۶۴۵. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۵۹. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۴۳۲. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج۲ ص ۱۴۸. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۸ ص ۴۴۲. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۳۶۸. "سيرة مغلطائي" ص ۳۴۶. "سيرة دمياطي" ص ۳۵۳. حجة الوداع ابن حزم ۱۴۳ ـ ۳۹۵. حجة النبي ﷺ احمد عبدالغفور عطار.

Marfat.com

مؤمن مکي ۾ داخل ٿيا تہ سندن تعداد هڪ لک ٽيهہ هزار هو. ان ڳاٽيٽي ۾ اهي ايمان وارا شامل نہ آهن، جيڪي اڳواڻ ئي مکي ۾ موجود هنا يا وري جيڪي يمن کان سيدنا علي ڪرم الله وجهه ۽ حضرت ابوموسيٰ اشعريءَ رضہ سان گڏ پهتا هنا، جيئن "شرح عليٰ المواهب" ۾ زرقانيءَ ڇاڻايو آهي.

* هن سال نبي انور ﷺ جن پاڻ سان گڏ قربانيءَ لاءِ جيڪي ان کنيا هنا، تن کي ڳچيءَ ۾ ڪنڌلا پاتل هنا ۽ انهن جو تعداد هڪ سؤ ٻڌايو ويو آهي. احرام کولڻ واري ڏينهن پاڻ ڪريم ﷺ جن انهن مان ٽيهٺ (٦٣) اٺن کي پنهنجي مبارڪ هٿن سان سير ڏني، ڇو جو ان وقت مني مرسل ﷺ جن جي عمر مبارڪ ٻ ايترائي ورهيہ هئي.

ان ڪانپوءِ امام الانبياء ﷺ جن سيدنا علي ڪرم الله وجهه کي حڪم ڏنو تہ باقي بچيل ستٽيهہ اٺن کي اهي پنهنجي هٿن سان سير وجهن. اهڙيءَ ريت پاڻ ڪريمن ﷺ سيدنا علي المرتضيٰ رضہ کي پنهنجي قربانيءَ ۾ پائيوار بڻايو.

* هن سال جو ئي واقعو آهي تہ سيد المرسلين ﷺ جن جڏهن ذُوالْحُلَيْفَہ ۾ پهتا، تہ اتي صرف حج جو احرام ٻڌائون. ان ڪانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن ذُوالْحُلَيْفَہ جي ويجهڙائيءَ ۾ "وادي عَقِيْق" وٽ پهتا تہ اتي جبرئيل عليه السلام وٽن آيو ۽ کين عرض ڪيائين تہ "هن مبارڪ واديءَ ۾ ٻہ رڪعتون نفل ٻہ ادا ڪريو، تہ پنهنجي حج سان عمري کي ٻہ گڏايو." اهڙي ريت ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن حج قِران جي نيت فرمائي يعني پنهنجي حج ۾ عمري کي ٻہ شامل ڪيائون. (١)

* هن سال جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن "ذُوالْحُلَيْفَہ" ۾ ترسيل هنا تہ اتي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي گهرواري سيده اَسْمَاء بنت "عُمَيْس" پير لڏا ۽ ڪيس محمد بن ابوبڪر ڄائو. جنهن ڪانپوءِ

---

(١) حج اسلام جي پنجن بنيادي رڪنن منجهان هڪ اهم ۽ آخري رڪن آهي، جنهن جي ادائيگي هر صاحب نصاب شخص تي زندگيءَ ۾ هڪ دفعو فرض آهي.

حج جي ادائيگيءَ جون ٽي صورتون آهن:

١. حج افراد ٢. حج قران ٣. حج تمتع.

حج مفرد لاءِ ماڻهو احرام ٻڌي صرف حج جي نيت ڪندو آهي ۽ ڪيس عمره وغيره نہ ڪرڻو پوندو آهي. هن قسم جي حج ۾ قرباني جي ٻہ ضرورت نہ آهي.

حج تمتع ۾ ماڻهو پهريان عمره ادا ڪندو، جنهن ڪانپوءِ احرام کولي ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ وري حج لاءِ نئين سر احرام ٻڌڻو پوندو آهي.

جڏهن تہ حج قِران ڪرڻ واري کي وري احرام ٻڌڻ وقت حج ۽ عمره جي گڏيل نيت ڪرڻي پوندي آهي، هو جيستائين حج ۽ عمره ٻنهي مان فارغ نہ ٿيندو تيستائين ڪيس احرام کولڻ جي اجازت نہ آهي.

نبي ڪريم ﷺ هن موقعي تي جيڪو حج ادا ڪيو، اهو حج قران جي صورت ۾ هو. احرام ٻڌڻ ڪانپوءِ حج ۽ عمره جي نيت هن ريت ڪيائون:

اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ بِحَجٍّ وَعُمْرَةٍ

(يا الله مان حاضر ٿيو آهيان حج ۽ عمري لاءِ.)

Marfat.com

هن بيبي سڳوريءَ پاڻ کريمن ﷺ کان پڇا ڪرائي تہ ڪيس ان حالت ۾ ڇا ڪرڻ ڪپي؟ جواب ۾ ڪيس ٻڌايو ويو تہ "هوءَ غسل ڪري ڪپڙي جي پٽي ڏيئي پوءِ احرام ٻڌي ڇڏي."

* ڇيو وڃي ٿو تہ هن سال حَجَّةُ الْوَدَاع لاءِ ويندي نبي اڪرم ﷺ جن جڏهن رستي ۾ "اَبْوَاءَ" "ودان" وٽ پهتا تہ اتي صَعْب بِن جَثَّامَہ لَيْثِي سندن خدمت ۾ هڪ جيئرو گورخر [1] سوڪڙيءَ طور پيش ڪرڻ چاهيو، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪيس واپس ڪيو.

منهنجي راءِ موجب ان ڳالهہ کي ترجيح حاصل آهي تہ هي واقعو "حُدَيْبِيَّہ" ڏانهن ويندي پيش آيو، جيئن متي هن ئي باب جي ڇهين فصل ۾ بيان ڪري چڪا آهيون. باقي حَجَّةُ الْوَدَاع واري سفر ۾ هن واقعي جو ڪو صحيح ثبوت نٿو ملي، انڪري اها ڳالهہ وري ويچارڻ جوڳي آهي. [2]

* هن سال حَجَّةُ الْوَدَاع لاءِ روانگيءَ وقت نبي ڪريم ﷺ جن بن ماڻهن کي مقرر ڪيو تہ هو رستي ۾ انن کي لوليون ڏيندا هلن. ان ڏس ۾ براء بن مالک رضہ کي مردن جي انن لاءِ ۽ "اَبُومَارِيَہ اَنْجَشَہ" نالي ڪاري حبشيءَ کي عورتن جي انن لاءِ مقرر ڪيو ويو. جنهن جو آواز ڏاڍو سريلو هو. هن سفر ۾ شامل عورتن ۾ امهات المؤمنين کانسواءِ حضرت اَنَس رضہ جي امڙ اُم سُلَيْم رضہ بہ هئي. "اَبُومَارِيَہ اَنْجَشَہ" جي لوليءَ جي جهونگار تي انن جي رفتار ڏاڍي تکي پئي ٿيندي ويئي، جنهن تي نبي انور ﷺ جن فرمايو: "اي انجشه" ڪجهہ ڏيرج ڏر ۽ شيشن جو خيال رک." جڏهن تہ پي روايت ۾ "شيشا نہ ڀڃ" جا لفظ ٻڌايا ويا آهن. يعني فطري نفاست سبب عورتن جي پيٽ شيشن سان ڪئي ويئي آهي، جيئن صحيح بخاري ۽ مسلم وغيره ۾ ڄاڻايو ويو آهي. ان کان علاوه "اسد الغابہ" ۾ "علامہ ابن الاثير" بہ تصديق ڪئي آهي تہ متيون واقعو حَجَّةُ الْوَدَاع جي سفر دوران پيش آيو هو. [3]

* هن سال حجة الوداع لاءِ مڪي ڏانهن ويندي رستي ۾ رسول اڪرم ﷺ جن جڏهن "لحي جمل" وٽ پهتا، تڏهن اتي وڃ متي تي سگهي هٽايائون. ان وقت پاڻ سڳورا ﷺ روزي سان بہ هئا تہ ڪين احرام بہ ٻڌل هو. اها روايت "صحيح بخاريءَ" ۾ موجود آهي.

حج قِران ڪرڻ وارو جيستائين حج ۽ عمره ٻئي ادا نہ ڪندو تيستائين احرام نہ کولي سگهندو، پوءِ اهو حالات تي منحصر آهي تہ هو پهريان عمره ادا ڪري يا حج. ان لاءِ حاجيءَ مٿان ڪا پابندي نہ آهي،
صحيح بخاري ڪتاب الحج ج ۱ ص ۲۷۲. دائرة المعارف (اردو) اسلاميہ ج ۷ ص ۹۱۲.

(۱) گورخر يا "حمار وحشي"، جهنگلي گڌهہ کي سڏيو ويندو آهي. مديني توڙي خيبر جا يهودي يا ڪي عرب قبيلا بہ ان دور ۾ جهنگلي توڙي پالتو گڌهہ جو گوشت واپرائيندا هئا پر پاڻ کريمن ﷺ ان کي پسند نہ ڪندا هئا، انڪري حديبيہ ڪانپوءِ هر قسم جي گڌهہ جو گوشت مسلمانن لاءِ حرام ڪيو ويو. هي واقعو بہ ان زماني جو ئي آهي، جنهن کي حضرت مخدوم صاحب بہ ترجيح ڏني آهي. باقي حجة الوداع جي موقعي تي گورخر پيش ڪرڻ جي روايت صحيح نہ آهي، ڇو تہ هن ڪان ڪهڻو اڳ ان جي حرمت جو اعلان ٿي چڪو هو. والله اعلم. (مترجم)

(۲) "شاميءَ" پنهنجي سيرة جي ڪتاب ۾ امام مالک جي هڪ روايت نقل ڪئي آهي، جنهن مان ان ڳالهہ جي تصديق ٿئي ٿي تہ اهو واقعو "حديبيہ" جي موقعي تي ئي پيش آيو هو. "سبل الهدىٰ والرشاد" "شامي" ج ۵ ص ۳۴.

(۳) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۱۲۱.

Marfat.com

"لَحْيِ جَمَل" هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جيڪو مڪي کان مديني ڏانهن ويندڙ واٽ تي آهي ۽ اهو ڳوٺ مديني شريف جي وڌيڪ ويجهو آهي. (۱) نبي انور ﷺ جن جي هن عمل سان اها روايت منسوخ ٿي ويندي جنهن ۾ هن کان اڳ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو هو: "سڳي هٽڻ ۽ هٽائڻ وارن جو روزو پڄي پوندو."

* هن سال حَجَّةُ الْوَدَاع جي موقعي تي "سيد الانبياء" ﷺ جن سان سندن نياڻي سيده فاطمة الزهراء ۽ سموريون اُمّهَات المؤمنين گڏ هيون ۽ اهي اٺن تي رکيل پاکڙن ۾ سوار هيون. سموربن بيبين سڳورين عمره جو طواف ۽ صفا مروه جي سعي ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجا احرام کولي ڇڏيا، سواءِ سيده عائشہ رضہ جي. ڇو جو مڪي ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ "سرف" نالي ڳوٺ ۾ بيبي عائشہ رضہ کي ماهواريءَ جو سلسلو شروع ٿي ويو هو، جنهن تي سرور ڪائنات ﷺ جن ڪيس فرمايو تہ "اوهان پنهنجي عمري کي حج سان بدلائي ڇڏيو." (۲) جنهن ڪانپوءِ هن بيبي سڳوريءَ اٽين ڪيو ۽ آخر تائين حج جي احرام ۾ رهي ۽ حج ادا ڪرڻ ڪانپوءِ اهو احرام کوليائين ۽ ان وقت ڏڪ وچان چوڻ لڳي تہ "هن موقعي تي هر فرد کي پن عبادتن جي سعادت حاصل ٿي جڏهن تہ منهنجي حصي ۾ هڪ عبادت آئي."

ان ڪانپوءِ سرور عالم ﷺ جن ڪيس سندس ڀاءُ عبدالرحمن بن ابوبڪر رضہ سان گڏ "تَنْعِيْم" (۳) مان عمري لاءِ واپس اماٽيو.

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جڏهن عرفات ۾ وقوف فرمايو، تڏهن ان موقعي تي هو پنهنجي

---

(۱) هي ماڳ "جحفہ" جي ڀڃيان ستن ميلن جي مفاصلي تي آهي، ان جاءِ تي پاڻيءَ جو هڪ ڪوه موجود هو، جنهن ڪري قافلا هتي منزل ڪندا هئا. معجم البلدان ياقوت ج ۵ ص ۱۵، معجم مااستعجم "بكري" ج ۳ ص ۱۱۵۳.

(۲) ان مان معلوم ٿيو تہ ماهواريءَ سبب عورتن کي احرام قائم رکڻ جي اجازت آهي، باقي عمري ادا ڪرڻ جي نہ. انڪري سيده عائشہ رضہ کي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اوهان حج جي نيت سان احرام ۾ رهو ۽ پوءِ اهو احرام حج ادا ڪرڻ ڪانپوءِ ئي کولي سگهجي ٿو." (مترجم)

(۳) "تنعيم" نالي هي ماڳ مڪي کان اٽڪل ست ڪلو ميٽر پري حرم شريف جي اترئين پاسي اڄ تائين موجود آهي، ماضيءَ ۾ هن علائقي کي "وادئ نعمان" جي نالي ڀڃيان ياد ڪيو ويندو هو. پاڻيءَ جي سهولت سبب حرم ڏانهن ايندڙ ويندڙ قافلا هتي منزل ڪندا هئا. انڪري مڪي کان مديني ڏانهن سفر لاءِ ماضيءَ کان اها شاهراه ئي استعمال ٿيندي رهي آهي.

نبي ڪريم ﷺ جن جي حجة الوداع واري سفر دوران ايندي ويندي هن شاهراه کي ئي مان بخشيو هو، اهوئي سبب آهي جو حج کان واپسيءَ تي سيده عائشہ صديقہ رضہ کي هتان ئي عمري جي ادائيگيءَ لاءِ سندس ڀاءُ سان گڏ اماٽيو ويو، جنهن جي طفيل اڄ تائين ان ماڳ کي ميقات جي حيثيت حاصل آهي ۽ ڪعبة الله کي اهوئي ميقات سڀ کان وڌيڪ ويجهو آهي. مڪي جا رهاڪو توڙي اتي قيام ڪندڙ ٻيا زائرين هن جاءِ تي اچي "عمري" لاءِ احرام ٻڌندا آهن.

ام المؤمنين سيده عائشہ رضہ واري مٿين عمل جي ياد ۾ هتي هڪ عاليشان ۽ ديده زيب مسجد جوڙائي ويئي آهي، جنهن کي "مسجد عائشہ" جي نالي سان ئي ياد ڪيو وڃي ٿو. جتي وضو، غسل، احرام توڙي ان سان لاڳاپيل عام ماڻهو "تنعيم" بدران "مسجد عائشہ" جي نالي سان ئي سڃاڻن ٿا.

Marfat.com

ڏاچي "قَصْوَآء" تي سوار هئا.

* هن سال نائين ذوالحج واري ڏينهن نبي انور ﷺ جن عرفات جي ميدان ۾ پنهنجي ڏاچيءَ تي سوار ٿي هڪ نهايت پر مغز ۽ اثرائتو خطبو ڏنو، جنهن ۾ ماٺهن کي مناسڪ حج ۽ سموري اسلامي شريعت جي ڄاڻ ڏني ويئي. ان خطبي ۾ فرمايائون ته:

"جاهليت واري دور جا سمورا خون معاف ۽ جاهليت واري دور جا سمورا وياج ختم ڪيا وڃن ٿا. ان ڏس ۾ سڀ کان پهريان آءٌ پنهنجي سؤٽ رَبِيْعَہ بن حَارِث جو خون معاف ڪريان ٿو ۽ ان سان گڏ پنهنجي چاچي عَبَّاس بِن عَبْدُالْمُطَّلِب رضہ جو وياج (جيڪو ماٺهن ڏانهن رهيل آهي) ب معاف ڪريان ٿو."

* هن سال نائين ذوالحج واري ڏينهن تي بنهي جهانن جي سردار ﷺ جن بيڇهريءَ ۽ ٽيڇهريءَ جون ٻئي نمازون گڏي ٻيڇهريءَ جي وقت پڙهيون، انهن بنهي نمازن لاءِ "اذان" هڪ دفعو ۽ اقامت ٻ دفعا چئي ويئي. ان قسم جي گڏيل نمازن کي "جمع تقديم" سڏيو ويندو آهي. (۱)

* هن سال قرباني‌ءَ واري رات "مُزْدَلِفَہ" ۾ سانجهيءَ ۽ سومهٽيءَ جون ٻئي نمازون گڏي سومهٽيءَ جي مهل ادا ڪيون ويون. هن قسم جي گڏيل نمازن کي "جمع تاخير" سڏيو ويندو آهي. هن نمازن لاءِ هڪ اذان ۽ هڪ اقامت چئي ويئي، جڏهن ته ڪن جو چوڻ آهي ته اقامت ٻ دفعا پڙهي ويئي.

* هن سال نائين ذوالحج واري ڏينهن جڏهن عرفات ۾ خطبو هلي رهيو هو ته خدا تعاليٰ ان وقت هيءَ آيت سڳوري نازل فرمائي:

اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا. (۲)

"اڄوڪي ڏينهن اوهان جي لاءِ اوهان جي دين کي مڪمل ڪري ڇڏيو ۽ توڙ رسائي ڇڏي اوهان تي پنهنجي نعمت ۽ پسند ڪيو اوهان لاءِ اسلام کي دين جي حيثيت ۾."

* هن سال خطبي پوري ڪرڻ کانپوءِ سيد المرسلين ﷺ جن سڄ لهڻ تائين عرفات ۾ ترسيا ۽ ان کانپوءِ اتان "مُزْدَلِفَہ" ڏانهن روانا ٿيا.

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن اڃان عرفات ۾ ئي هئا ته هڪ شخص اتي اچي ڪانئن سوال پڇيو ته هو احرام جي حالت ۾ ڪهڙا ڪپڙا پائي سگهي ٿو؟ جنهن تي بنهي جهانن جي سردار ﷺ فرمايو ته هو ڪوبہ ڪپڙو نٿو پائي سگهي، نہ قميص نہ شلوار، نہ ٽوپي نہ پٽڪو نہ موزا. پر جيڪڏهن کنهن ماٺهوءَ کي جُتي نہ هجي ته اهو پيڏين تائين موزن کي ڪٽي پوءِ اهي پائي سگهي ٿو، ان ڪانسواءِ احرام لاءِ اهڙو ڪپڙو ب استعمال ڪري نٿو سگهي، جنهن کي رنگ يا زعفران لڳل هجي. (۳) ڪن جو

---

(۱) "جمع تقديم" اهڙين هن نمازن کي سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ هڪ نماز پنهنجي صحيح وقت تي ادا ڪئي وڃي ۽ ان کانپوءِ ٻئي وقت جي نماز جي وقت شروع ٿيڻ کان اڳ ادا ڪجي. ان جي ابتڙ وري جيڪڏهن هڪ نماز صحيح وقت تي ۽ پي نماز قضا ڪري پڙهي وڃي ته اهڙين هن گڏيل نمازن کي "جمع تاخير" سڏيو ويندو آهي. (مترجم).

(۲) سورة "المائدة" آيت ۳ پاره ٦.

(۳) صحيح بخاري "كتاب الحج" ج ۱ ص ۲٦۸.

Marfat.com

چوڻ آهي ته نبي اڪرم ﷺ جن اهو مسئلو حَجَّةُ الْوَدَاع لاءِ روانگيءَ کان اڳ مديني شريف جي مسجد ۾ خطبي دوران بيان ڪيو هو.

"ارشاد الساريءَ" ۾ "قسطلاني" ڇاڻايو آهي ته اهو واقعو ٻنهي موقعن تي پيش آيو هوندو.

* هن سال جڏهن نبي انور ﷺ جن عرفات ۾ هئا ته هڪ شخص ڏاڇيءَ تان ڪريو ۽ سندس ڳاڙهو ڇڄي پيو. جنهن لاءِ سرور عالم ﷺ جن فرمايو ته "هن لاش جو منهن ۽ متو نه ڍڪيو وڃي ۽ نه ئي ڪيس کا خوشبوءِ لڳائي وڃي ته جيئن قيامت ڏهاڙي "لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ" پڙهندو اٿي." اهو واقعو صحيح بخاري وغيره ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ان حديث جي وضاحت ۾ حنفين ۽ شافعين جي وچ ۾ اختلاف آهي.

ان ڏس ۾ شافعين جو چوڻ آهي ته اهو حڪم هر اهڙي شخص سان لاڳو رهندو، جيڪو احرام جي حالت ۾ فوت ٿئي. جڏهن ته حنفين جو چوڻ آهي ته اهو حڪم خاص ان شخص لاءِ ئي هو جيئن ان موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي فرمايل لفظن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهو حڪم عام نه پر خاص ان شخص لاءِ ئي مخصوص هو، اهي لفظ هن ريت آهن: "هن شخص جو منهن ۽ متو نه ڍڪيو وڃي ۽ نه ئي ڪيس خوشبوءِ لڳائي وڃي." هتي ائين نه چيو ويو آهي ته هر محرم (احرام واري ماڻهوءَ) جو منهن متو نه ڍڪيو وڃي ۽ نه ئي ڪيس خوشبوءِ لڳائي وڃي. ان جاءِ تي جيڪڏهن "محرم" جو لفظ استعمال ٿيل هجي ها ته پوءِ اهو حڪم عام سمجهيو وڃي ها، ڇو ته "محرم" هر احرام واري ماڻهوءَ کي چئي سگهجي ٿو.

* هن سال سرور ڪائنات ﷺ جن جڏهن عرفات کان روانا ٿيا، تڏهن سندن پٺيان سواريءَ تي اُسَامَہ بِن زَيْد رضه بيٺل هو.

* هن سال نائين ذوالحج قرباني‌ءَ واري ڏينهن تي صبح جو رسول اڪرم ﷺ جن "مُزْدَلِفَہ" ۾ وقوف فرمايو ۽ اتي به هڪ عظيم الشان خطبو ڏنائون.

* هن سال متيءَ خطبي پوري ڪرڻ ڪانپوءِ پيغمبر آخر الزمان ﷺ جن "مِنيٰ" پهتا ۽ اتي جَمْرَہ عَقَبَہ (شيطان) کي پٿريون هنيائون.

* هن سال قرباني‌ءَ واري ڏينهن تي امام الانبياء ﷺ جن جڏهن مُزْدَلِفَہ کان مِنيٰ روانا ٿيا، تڏهن پنهنجي پٺيان سواريءَ تي حضرت فَضَل بن عَبَّاس رضه کي بيٺل ويهاريائون.

* هن سال جڏهن سيد المرسلين ﷺ جن قرباني‌ءَ واري ڏينهن تي منيٰ ڏانهن اڇي رهيا هئا ۽ فضل بن عباس رضه ساڻن بيٺل وينل هو، تڏهن رستي ۾ هڪ عورت جنهن جو تعلق "خَثْعَم" قبيلي سان ٻڌايو ويو آهي ۽ سندس نالو معلوم نه ٿي سگهيو آهي، ان عورت پاڻ ڪريم ﷺ جن کان سوال پڇيو ته "الله تعالیٰ پنهنجي بانهن مٿان حج ته فرض ڪيو آهي ۽ هن وقت منهنجو پيءُ ايترو ته پيرسن ٿي چڪو آهي جو ڪنهن وهٽ تي ويهڻ جي سگهه به نٿو ساري سگهي، پوءِ ڇا اهو جائز آهي ته آءٌ سندس پاران حج يا عمره ادا ڪريان" ؟

سرور ڪائنات ﷺ جن جواب ۾ فرمايو "تون پنهنجي پيءُ پاران حج به ڪري سگهين ٿي ته عمره به."

* هن سال قرباني‌ءَ واري ڏينهن تي شيطان کي پٿريون هڻڻ ڪانپوءِ منيٰ ۾ مرسل ﷺ جن "منيٰ" ۾

Marfat.com

هڪ جامع ۽ بيحد اثرائتو خطبو ڏنو، جنهن ۾ ماڻهن کي فرمايائون تہ "بيشڪ اوهان جو رت، اوهان جون ملڪيتون ۽ اوهان جون عزتون هڪ ٻئي لاءِ هميشہ ائين ئي حرام رهنديون، جيئن اهي هن مهيني جي اڇوڪي ڏينهن تي هن شهر ۾ حرام آهن." ان خطبي ۾ اهو بہ فرمايائون تہ "حرمت وارا مهينا چار آهن." ۽ اهو پڻ فرمايائون تہ "بيشڪ زمانو قري گهري اڇي ان منزل تي پهتو آهي، جتي ان ڏينهن هو جنهن ڏينهن تي الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو." ان کانسواءِ هن خطبي ۾ ٻيا بہ سمورا حڪم بيان فرمايائون.

* هن سال قرباني‌ءَ واري ڏينهن تي نبي انور ﷺ جن شيطان کي پٿرين هٽن ۽ خطبي ڏيڻ کانپوءِ پنهنجي پاران پنهنجي مبارڪ هٿن سان ٽيهٽ اٺن کي سير وڌي. قرباني ڪيل اٺن جو اهو انگ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي عمر مبارڪ جي سالن جيترو هو. جيئن متي بيان ٿي چڪو آهي.

* هن سال قرباني‌ءَ واري ڏينهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن قرباني‌ءَ وارن جانورن کي سير ڏيئي واندا ٽيا، تڏهن سندن حڪم سان ڪجهہ گوشت اهڙي‌ءَ ريت پچائي تيار ڪيو ويو جو ان ۾ هر جانور جي گوشت جو ڪجهہ حصو شامل هو. ان کانپوءِ امام الانبياء ﷺ جن حضرت علي رضہ سائين‌ءَ جن سان گڏجي اهو گوشت بہ کاڌو تہ ان جو شوروو بہ پيتائون.

* هن سال قرباني واري ڏينهن قرباني‌ءَ واري ڪم کي پورو ڪري پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن متي مبارڪ کي پاڪي ڏياري ۽ پوءِ احرام بہ لاٿائون.

* هن سال قرباني‌ءَ واري ڏينهن تي احرام لاهڻ کانپوءِ سرور عالم ﷺ جن مکي پهتا، جتي پهرن جي وقت طواف زيارت جي نيت سان بيت الله شريف جا ست ڦيرا ڏنائون ۽ اهو رکن پوري ڪرڻ بعد زم زم جي کوه تي پهتا ۽ اتان پاڻي پيتائون ۽ پوءِ "منيٰ" ڏانهن رخ رکيائون، منيٰ پهچڻ کانپوءِ آچر، سومر، ۽ اڱاري جا ٽي ڏينهن اتي ترسيا، جتي شيطان کي پٿربون هنيائون، جنهن کانپوءِ (مکي موتي) اربع واري رات صبح صادق کان اڳ موڪلاٽي‌ءَ وارو طواف (طواف وداع) ادا ڪري پوءِ مکي کان مديني موٽ ڪيائون.

* هن سال "حَجَّةُ الْوَدَاع" جي موقعي تي نبي اڪرم ﷺ جن هٿان هڪ معجزو ان وقت ظاهر ٿيو جڏهن هڪ جاول پار کي جمڙ واري ڏينهن ئي سندن خدمت ۾ آندو ويو، جنهن کان سرور عالم ﷺ جن سوال پڇيو تہ مان ڪير آهيان؟ ان جاول پار جواب ڏنو: "اوهان الله جا رسول (ﷺ) آهيو. اهو ٻڌي پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: "تو سچ ڳالهايو الله تعاليٰ توکي برڪت عطا فرمائي." ان ڏينهن کانپوءِ اهو پار ائين ئي ڳالهائيندو رهيو تانجو پنهنجي جواني‌ءَ کي پهتو. سندس نالو مبارڪ "يَمَامَہ" ٻڌايو ويو آهي.

* هن سال "حَجَّةُ الْوَدَاع" واري زماني ۾ نائين ذوالحج واري رات پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن متيٰ ۾ ترسيل هئا، تڏهن اتي "مسجد خيف" جي ويجهو هڪ غار ۾ الله تعاليٰ طرفان مٿن سورة "المرسلات" نازل ڪئي ويئي. ان کانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن جنهن وقت پنهنجي صحابي سڳورن آڏو ان سورة جي تلاوت ڪري رهيا هئا تہ ان موقعي تي هڪ نانگ ان جي ٻڌڻ لاءِ نڪري آيو. صحابي سڳورن ان نانگ کي مارڻ لاءِ جيئن ئي اڳرائي‌ءَ جي ڪوشش ڪئي تہ اهو نانگ پچي

Marfat.com

ويو، جنهن تي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن فرمايو: "هو اوهان جي شر کان ائين ئي بچي ويو جيئن اوهان ان جي شر کان بچي ويا."

اهو واقعو صحيح بخاري ۾ نقل ڪيو ويو آهي، جنهن جا تفصيل بخاري شريف جي شارحن بيان ڪيا آهن. (۱)

امام المرسلين ﷺ جن جڏهن رستي ۾ "غَدِيْر خُمّ" نالي ماڳ تي منزل انداز ٿيا، جيڪو "جُحْفَہ" جي پسگردائيءَ ۾ آهي ته، اتي پاڻ ڪريمن ﷺ جن ٻن پهرن جي نماز ادا ڪئي ۽ هڪ خطبو ٻڌائون، جنهن ۾ فرمايائون:

"بيشڪ الله عزوجل منهنجو دوست آهي ۽ آءٌ هر ايمان واري جو دوست آهيان". ان ڪانپوءِ سيدنا علي ڪرم الله وجهه کي هٿ کان جهلي فرمايائون: "آءٌ جنهن جو دوست آهيان علي ٻه ان جو دوست آهي، اي الله جيڪو ساڻس دوستي رکي تون ٻه ان سان دوستي رک، جيڪو ساڻس دشمني رکي تون ٻه ان سان دشمني رک، جيڪو هن کي خوار ڏي تون ان کي خوار ڪر ۽ جيڪو هن جي مدد ڪري تون ٻه ان جو مددگار ٿيءُ، حق کي ان طرف رک جتي علي هجي." (۲)

* هن سال حَجَّةُ الْوَدَاع کان مديني موٽڻ کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن اَبُوسَنان رضہ جي گهرواري "اُمّ سَنان اَنْصَارِيہ" کي فرمايو: "توکي اسان سان گڏ حج ڪرڻ ۾ ڪهڙي رڪاوٽ هئي". هن جواب ڏنو: "حج تي هلڻ لاءِ مون وٽ سواريءَ جو بندوبست نه هو." هن موقعي تي پاڻ ڪريمن ﷺ کيس فرمايو: "تون رمضان ۾ عمره ڪجانءِ جو رمضان جو عمره حج جي برابر آهي." ۽ هڪ ٻي روايت جا لفظ آهن. "مون سان گڏجي حج ڪرڻ جي برابر آهي." اهي ٻئي روايتون صحيح بخاريءَ ۾ موجود آهن.

* هن سال حَجَّةُ الْوَدَاع کان موٽ تي مديني ۾ نبي انور ﷺ جن جي ٻانهي "رَيْحَانَہ" گذاري ويئي، جيڪا حَجَّةُ الْوَدَاع جي موقعي تي ساڻن گڏ هئي ۽ مديني پهچڻ کانپوءِ ئي وفات ڪيائين. کيس جنت البقيع ۾ دفنايو ويو.

حضرت جبرئيل عليه السلام جو نزول

* هن سال يا ڪن روايتن مطابق سن نائين هجريءَ ڏاري حضرت جبرئيل عليه السلام ماڻهن کي سندن دين جي تعليم ڏيڻ لاءِ نازل ٿيو، (۳) جنهن جو ذڪر وضاحت سان هن باب جي نائين فصل ۾ ٻه ڪيو ويو آهي.

---

(۱) صحيح بخاري "ڪتاب تفسير القرآن" ج ۳ ص ۲۱۱.

(۲) حضرت عليءَ رضہ جي باري ۾ پيغمبر آخر الزمان ﷺ جن جي واتان اهڙا لفظ ٻڌي حضرت عمر فاروق رضہ پنهنجي پاران حضرت علي سائينءَ رضہ جن کي مبارڪباد پيش ڪئي. اها روايت "امام احمد ابن حنبل" پنهنجي "مسند" ۾ زيد بن ارقم ۽ براء بن عازب کان نقل ڪئي آهي. ان کان علاوه "ترمذي" ۽ "نسائيءَ" ۾ ٻه اها روايت مختلف واسطن سان نقل ڪئي ويئي آهي.

مسند احمد ابن حنبل جلد ۴ ص ۳۶۸ ـ ۱۸۳. فتح الباري "ابن حجر" ج ۷ ص ۴۳۸. سبل الهدي والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۲۹۲.

(۳) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۱۴۷.

Marfat.com

مُسَيْلَمَ كَذَّاب جو واقعو

* هن سال مُسَيْلَمَ كَذَّاب [1] خَذَلَهُ الله تعاليٰ پنهنجي قوم "بَنُوحَنِيْفَه" مان سترهن ماڻهن جي هڪ وفد سان گڏ پنهنجي ڳوٺ "يمامه" کان هلي مديني پهتو. نبي آخِرِ الزَّمان صلی الله علیه وسلم جن جي آڏو سندس سمورا ساٿي ته مسلمان ٿيا پر مُسَيْلَمَ محروم رهجي ويو ۽ هو چوڻ لڳو ته "جيڪڏهن محمد صلی الله علیه وسلم جن پاڻ کانپوءِ خلافت جو عهدو منهنجي حوالي ڪري ڇڏين ته پوءِ آءٌ اسلام ۾ قبول ڪندس ته سندن پوئلڳ ٿي رهندس."

پاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن جڏهن مُسَيْلَمَ سان گڏيا ته ان وقت ڪين هٿ مبارڪ ۾ ڪجيءَ جو هڪ سنديو هو، ان وقت پاڻ ڪريمن صلی الله علیه وسلم جن "مُسَيْلَمَ" کي فرمايو ته "تون مون کان جيڪڏهن هن سنديي جهڙي ڪا شيءِ گهرين ته توکي اها ڏيان، [2] انڪري توکي ڪنهن خوش فهميءَ ۾ مبتلا ٿيڻ نه ڪپي. ڪن جو چوڻ آهي ته مُسَيْلَمَ پهريان مسلمان ٿيو ۽ پوءِ دين تان ڦري ويو هو. بهرحال ڪيس هجرت جي يارهين سال سيدنا ابوبڪر صديق رضه جي خلافت واري دؤر ۾ قتل ڪيو ويو، [3] جنهن جو ذڪر اڳتي هن باب جي يارهين فصل ۾ اچي رهيو آهي.

چيو وڃي ٿو ته "مُسَيْلَمَ" جي بزرگيءَ جو ڪمال اهو ظاهر ٿيو جو ماڻهن کي سندس دعائون ابتيون ٿي لڳنديون هيون. جيڪڏهن هو ڪنهن جي لاءِ وڏي ڇمار جي دعا ڪندو هو ته اهو ماڻهو اوڏيءَ مهل ئي مري ويندو هو. جيڪڏهن ڪنهن جي اکين جي ديد وڏڻ جي دعا ڪندو هو ته سندس اڳلو نور به ڇت ٿي ويندو هو. هڪ ڀيري هڪ ڪوه جي پاڻي وڏائڻ لاءِ ان ۾ ٽڪ اڇلايائين ته ان ڪوه جو پاڻي مورڳوئي سڪي ويو. هڪ ماڻهوءَ جي اک جي نظر بحال ڪرڻ لاءِ پنهنجي وات جي لب لڳايائين ته اهو شخص انڌو ٿي پيو.

هڪ ٻڪريءَ جي ٿڻن تي هٿ گهمايائين ته ان جو اڳلو کير به سڪي ويو. هڪ ٻار جي مٿي تي هٿ گهمايائين ته سندس مٿو ٽنڊ ٿي ويو. هڪ شخص پنهنجي ٻن پٽن لاءِ ڪانئس برڪت جي دعا گهرائي پر جڏهن هو گهر پهتو ته ڪيس خبر پيئي ته سندس هڪ پٽ ڪوه ۾ ڪري ٻڏي ويو ۽ ٻئي ڪي بگهڙ کاڌو. [4]

---

(١) مسيلمه پنهنجي قوم "بنو حنيفه" جو سردار هو پر سندس شڪل صورت نهايت بيڇڙي ۽ اٿوندڙ هئي، سندس نالو هارون بن حبيب، ڪنيت ابو ثمامه هئي، جڏهن ته "مسيلمه" سندس لقب ٻڌايو ويو آهي. ان ڪانسواءِ هو پاڻ کي "رحمان اليمامه" ۽ سڏائيندو هو، هو ائين به سمجهندو هو ته ڪلام پاڪ ۾ جتي رحمٰن جو نالو نازل ٿئي ٿو ته ان مان مراد سندس ذات ئي آهي.

"سهيليءَ" طرفان وري سندس نسبي سلسلو هن ريت ٻڌايو ويو آهي، مسليمه بن ثمامه بن ڪبير بن حبيب بن حارث بن عبدالحاذ بن عفان بن ذهل بن دول بن حنيفه "تفسير ڪشاف" "زمخشري" ج ١ ص ٧، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٥٧.

(٢) صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ٣ ص ٧٩، فتح الباري "ابن حجر" ج ٨ ص ٧٣. صحيح مسلم "باب في تاويل الرويا" ج ٧ ص ٥٧.

(٣) البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ٥ ص ٤٥ ـ ٤٨.

(٤) الروض الانف "سهيلي" ج ٤ ص ٢٢٥، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣١٧. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ٢ ص ١٨٥.

Marfat.com

اَسْوَد عَنْسِيّءَ جو ذکر

* هن سال "يَمَن" ۾ هڪ ٻيو ڪَذّاب اَسْوَد بن ڪَعْب عَنْسِيّءَ نالي ۾ پيدا ٿيو، جيڪو "ذُوالْخِمَار اَلْاَسْوَد" جي نالي سان ۾ ڄاتو ويندو هو، هن پاڻ کريم صلی الله عليه وسلم جن جي موجودگيءَ ۾ نبوت جي دعويٰ ڪئي ۽ پهريون پيرو هو حَجَّةُ الْوَدَاع کانپوءِ ظاهر ٿيو.

سندس اصلي نالو عبهلة بن ڪعب هو، جڏهن ته سندس لقب "ذُوالْخِمَار اَلْاَسْوَد" هو، چو جو هو هميشه پنهنجو منهن ڪاري ڪپڙي سان ڍڪي هلندو هو.

ڪن جو چوڻ آهي ته سندس لقب "ذوالحمار" هو، چو جو وٽس هڪ ڪارو گڏهه هو، جنهن کي هن اهڙي سکيا ڏني هئي جو اهو گڏهه ڪيس سجدو ۾ ڪندو هو. (۱)

نَجْرَان جي وفد جي آمد

* هن سال "نَجْرَان" جي عيسائين ڏانهن نبي انور صلی الله عليه وسلم جن هڪ خط اماٽيو.

نَجْرَان نالي هي عاليشان شهر يمن ۾ هو، جنهن جي پسگردائيءَ ۾ ڪيترائي ڳوٺ ۽ پنيون موجود هيون. هي شهر مڪي کان ستن مرحلن جي پنڌ تي هو، هن خط ذريعي پاڻ کريم صلی الله عليه وسلم جن اتان جي رهاڪن ڏانهن دين جي دعوت اماڻي هئي.

اهو خط جڏهن يَمَن پهتو ته اتان جي چوويهن سردارن جو هڪ وفد پاڻ سڳورن صلی الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جنهن ۾ سندن ٻه چڳا مڙس به شامل هئا، جن مان پهرين جو نالو عبدالمسيح ۽ لقب عاقب هو، جڏهن ته ٻئي جو نالو اَيْهَم ۽ لقب "سَيِّد" هو.

سورة آل عمران جي منڊ واريون ڳچ آيتون هن جي باري ۾ ئي نازل ٿيون هيون.

هن نبي اڪرم صلی الله عليه وسلم جن سان ڳالهيون ٻولهيون ۽ ڪيون ته ساڻن بحث ۽ ڪيو ۽ هن موقعي تي خدا تعاليٰ وري هيءَ آيت نازل فرمائي:

فَمَنْ حَآجَّكَ فِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ اَبْنَآءَنَا وَاَبْنَآءَكُمْ. (۲)

"۽ تون انهن ماڻهن مان نه ٿجانءِ جيڪي انهيءَ ڳالهه ۾ شڪ ٿا ڪن. اهو علم تو وٽ اچي وڃڻ کانپوءِ هاڻي جي ڪو توسان انهيءَ باري ۾ جهڳڙو ڪري ته اي نبي چويس ته "اچو، اسان ۽ توهان پاڻ ۽ اچون ۽ پنهنجن ٻارن ٻچن کي ۽ وڻي اچون."

۽ ان کانپوءِ نبي انور صلی الله عليه وسلم جن کين مباهلي جي دعوت ڏني (۳) جنهن تي هو چپ ٿي ويا، ۽ پوءِ

---

(۱) فتح الباري "ابن حجر" ج ۸ ص ۷۶.

(۲) سورة آل عمران آيت ۶۱ پاره ۳.

(۳) "مباهله" عربي لفظ آهي، جنهن جو بنياد "بهل" آهي، جيڪو "لعنت" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. لفظ مباهله جي معنيٰ :"پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي لعنت ٻڌائي ويئي آهي." "ابن منظور" جو قول آهي ته جڏهن ٻه ڌريون ڪنهن ۽ معاملي تي پاڻ ۾ اٽڪي پون ۽ صلح صفائيءَ جي ڪابه صورت سامهون نه اچي ته پوءِ انهن کي گهرجي ته پاڻ ۾ گڏجي

Marfat.com

ان شرط تي صلح كيائون تہ هو هر سال پاڻ كريم ﷺ جن جي خدمت ۾ (بطور جزيہ) هيٺ ڏنل سامان پيش كندا رهندا، كپڑن جا ٻہ هزار وڳا جن مان هر وڳي جي قيمت چاليهہ درهم هوندي ۽ هر وڳي سان هك اوقيہ (هك سؤ باونجاه گرام) چاندي جو هوندو. ٽيهہ اٺ، ٽيهہ گهوڙا، ٽيهہ زرهون ۽ ٽيهہ نيزا. جنهن كانپوءِ انهن كي صلح نامو لكت ۾ ڏنو ويو، باقي هنن اسلام قبول نہ كيو.

بَاذَان جي وفات

* هن سال بَاذَان بن ساسان گذاري ويو، جيكو "بهرام گور" ساساني حاكم جي نسل مان هو.

كوڙي ۽ ظالم تي لعنت كن، پوءِ جيكو واقعي كوڙو ۽ ظالم هوندو ان جي مٿان لعنت يعني خدا جو غضب نازل ٿيندو. مباهلي جو اهوئي طريقو ان دؤر ۾ رائج هو.

نجران كان جڏهن عيسائين جو وفد نبي اكرم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو، تڏهن هو مسجد نبوي ﷺ جي ميدان ۾ اچي لٿا، هن وفد ۾ اٽكل ست ماڻهو شامل هئا. خدا جي آخري پيغمبر ﷺ جن هن وفد جي نهايت سهڻي نموني آدرياءُ كئي ۽ پوءِ سندن آڏو دين جي دعوت پيش كئي ويئي، خصوصاً سورة آل عمران جون اهي شروعاتي آيتون جن ۾ اسلام ۽ عيسائيت جي وچ ۾ موجود اختلافن جو جواب خدا تعالىٰ طرفان نازل كيو ويو ۽ اسلام جي حقانيت كي ظاهر كيو ويو هو، پر هو پنهنجي هٺ ۽ هوڏ تان هيٺ نہ لٿا ۽ حقيقت كي مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيا. هن موقعي تي خدا تعالىٰ طرفان مباهلي واري مٿين آيت جو نزول ٿيو ۽ پوءِ هاديءَ برحق ﷺ جن مباهلي لاءِ تيار ٿي سيده فاطمة الزهراء رضہ. حضرت علي كرم الله وجهه، سيدنا حسن رضہ ۽ سيدنا حسين رضہ كي ساڻ كري سندن سامهون آيا. نجران جا عيسائي اهڙين مبارك ۽ متبرك هستين كي ڏسي هيسجي ويا ۽ بجاءِ مباهلي جي پاڻ ۾ مشوري كرڻ جي مهلت گهريائون.

مشوري مهل عيسائين جي هك اڳواڻ سيد پنهنجي ٻئي ساٿيءَ "عاقب" كي چيو تہ "خدا جو قسم توهان ٻہ چاڻو ٿا تہ هي شخص نبي (ﷺ) آهي ۽ ساڻس گڏ اهڙن مبارك منهن واريون هستيون آهن. اهي جيكڏهن دعا گهرن تہ جبل ٻہ پنهنجي جاءِ ڇڏي وڃن، انكري جيكڏهن اوهان هنن سان مباهلو كيو تہ خوار خراب ٿي ويندا. هاڻي جيكڏهن اوهان هروڀرو پنهنجي دين كي قائم ركڻ ٿا گهرو تہ پوءِ اوهان لاءِ بهتر ٿيندو تہ "جزيہ" جا شرط قبولي صلح كريو ۽ مباهلو كري پاڻ كي برباد ٿيڻ كان بچايو. جنهن كانپوءِ عيسائين صلح جو اعلان كيو.

نبي كريم ﷺ جن هن موقعي تي فرمايو تہ "قسم ان پاك ذات جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي تہ، عذاب نجران وارن جي مٿان اچي بيٺو هو ۽ جيكڏهن هو مباهلو كن ها تہ باندر ۽ سوئر بڻجي وڃن ها ۽ آسمان منجهان مٿن اهڙي باه وسي ها جو سڄي وادي۽ جا رهاكو رك ٿي وڃن ها، ايتريقدر جو وٽن تي كو پكي ٻہ باقي نہ بچي ها." ان كانپوءِ مٿيان شرط قبول كري صلح نامون لكيو ويو، جنهن تي ابوسفيان بن حرب، افرع بن حابس، مغيره بن شعبہ، غيلان بن عمرو ۽ مالك بن عوف شاهد طور صحيحيون كيون. جنهن كانپوءِ هو "صلح نامو" ساڻ كڻي نجران ڈانهن روانا ٿيا ۽ وڃڻ وقت چيائون تہ سندن پٽيان كو ايماندار ماڻهو نجران موكليو ويجي تہ جنهن جي هٿ مٿيون سامان اوهان ڈانهن روانو كجي. تاجدار مدينه ﷺ جن حضرت ابوعبيده بن جراح كي ان كم لاءِ يمن ڈانهن اماڻيو، جيكو "جزيہ" جي سامان سميت مديني واپس آيو، جنهن كانپوءِ ستت ئي انهن سردارن يعني عاقب ۽ سيد اسلام قبول كيو ۽ پوءِ سندن پوئلڳ ٻہ دين جي دائري ۾ داخل ٿيا، جنهن كانپوءِ مدني مركز ڈانهن نجران كان "جزيہ" جي بجاءِ صدقات ايندا هئا.

طبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲٦۷ ـ ۲٦۹. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۵ ص ۵۱ ـ ۴۸، شرح علىٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج۴ ص ۴۳، لسان العرب "ابن منظور ج ۱ ص ۲۳ ـ ۵۲۱ الصبح الاعشىٰ "قلقشندي" ج ۸ ص ۳۸۰. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۳٦۵.

Marfat.com

"بَاذَان" نبي انور ﷺ جن جي دؤر ۾ اسلام قبول ڪيو، جنهن کي خسرو پَرْوَيز جي طرفان يمن جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو ۽ خسروءَ جي موت ڪانپوءِ ئي هو مسلمان ٿيو ۽ اهڙي خبر نبي انور ﷺ جن ڏانهن موڪليائين. جنهن ڪانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي طرفان بہ سندس ساڳيو عهدو برقرار رکيو.

باذان يمن جو پهريون مسلمان گورنر هو ۽ عجمي حڪمرانن مان پهريون شخص هو، جنهن اسلام قبول ڪيو ۽ هن سال ئي وفات ڪيائين. (۱)

مُعَاذ بن جَبل رضہ ۽ اَبُومُوسيٰ اَشْعَرِيءَ رضہ جي يمن ڏانهن روانگي

* هن سال جي شروعات ڏاري يعني ربيع الاول جي مهيني ۾ يا هڪ ٻئي قول مطابق سن نائين هجريءَ جي پڇاڙيءَ ڏاري تبوڪ کان موٽي سرور عالم ﷺ جن حضرت مُعَاذ بن جَبَل رضہ ۽ حضرت اَبُومُوسيٰ اَشْعَرِيءَ رضہ کي يمن ڏانهن اماڻيو ۽ کين نصيحت فرمائي تہ اتي ماڻهن سان سولائي ڪجو، سختي نہ ڪجو، خوشيءَ واربون خبرون ٻڌائجو ۽ نفرت واربون نہ. انهن ٻنهي صحابين کي يمن جي ٻن الڳ الڳ علاقن ڏانهن موڪليو ويو هو. حضرت مُعَاذ رضہ کي اپرندي پاسي ۽ ابوموسيٰ رضہ کي يمن جي ٻئي (الهندي) پاسي ڏانهن اماڻيو ويو هو. هو ٻئي اتي ڪجهہ وقت ترسيا ۽ پوءِ واپس موٽيا. (۲)

نبي ڪريم ﷺ جي حضرت مُعَاذ رضہ کي هدايت

* هن سال جڏهن حضرت مُعَاذ رضہ کي يمن ڏانهن اماڻيو ويو تہ ان موقعي تي سرور ڪائنات ﷺ جن بہ ساڻس گڏ هلي رهيا هئا ۽ دين جي باري ۾ هدايتون ۽ اسلامي شريعت جا حڪم ڪيس ڏيندا پئي هليا. حضرت مُعَاذ رضہ جو ڪيڏو نہ مٿانهون مقام ڇڪجي جو حضرت مُعَاذ رضہ گهوڙي تي سوار هو ۽ پنهي جهانن جا سردار ﷺ زمين تي پنڌ هلي رهيا هئا. (۳) ان موقعي تي حضرت مُعَاذ رضہ چوڻ لڳو تہ اي الله جا رسول ﷺ! اوهان پيادل هلي رهيا آهيو، جڏهن تہ آءٌ سواريءَ تي وينل آهيان، ڇا مان بہ هيٺ نہ لهي اچان؟ پاڻ سڳورن ﷺ وراٽيو: "منهنجا اهي قدم الله جي راه ۾ ڪجي رهيا آهن."

حضرت عليءَ رضہ جي يمن ڏانهن روانگي

* هن سال مٿين واقعي ڪانپوءِ رمضان شريف جي مهيني ۾ حَجَّةُ الْوَدَاع کان اڳ پاڻ ڪريمن ﷺ حضرت عَلِي ڪرم الله وجهه کي الله تعاليٰ جي دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ يمن ڏانهن اماڻيو. پوءِ اتان جي ماڻهن اها دعوت قبول ڪئي، جنهن ڪري حضرت عَلِي بن اَبُوطَالِب رضہ اتي رهي کين قرآن بہ پڙهائيندو رهيو تہ اسلامي شريعت جا حڪم بہ سيکاريندو رهيو تانجو سرور ڪائنات ﷺ جن حَجَّةُ الْوَدَاع جي

---

(۱) سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۳۳۸. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۱۶۳. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۱۵۳.

(۲) صحيح بخاري "ڪتاب المغازي" ج ۳ ص ۷۲. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۱ ص ۶۴۳. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۲۲۹.

(۳) شرح علىٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۳ ص ۱۰۰.

Marfat.com

موقعي تي پهچڻ جو پيغام ڏانهس اماڻيو، ۽ پوءِ ان حڪم جي پوئواريءَ ۾ حضرت عَلي رضہ يمن کان مڪي روانو ٿيو ۽ حَجَّةُ الْوَدَاع جي موقعي تي سيدالانبياء ﷺ جن سان اچي گڏيو. (۱)

ساڳيءَ ريت اَبُومُوْسيٰ اشعري رضہ بہ حَجَّةُ الْوَدَاع جي موقعي تي اچي مڪي پهتوم جڏهن تہ حضرت معاذ رضہ يمن ۾ ئي رهيو.

حضرت عَليءَ رضہ طرفان موڪليل سونُ

* هن سال حضرت عَلِي رضہ پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ ڪجهہ اهڙو سونُ اماڻيو، جيڪو مٿيءَ سان گڏيل هو. مٿي مرسل ﷺ جن اهو سون هيٺين چئن شخصن ۾ ورهائي ڇڏيو:

عُيَيْنَہ بِن حِصْن فَزَارِي، اَقْرَع بِن حَابِس تيمي، زَيْد الْخَيْر بن مُهَلْهَل طائي ۽ عَلْقَمَہ بِن عُلَاثَہ عَامِري. انهن شخصن جو شمار مُؤَلَّفَةُ الْقُلُوْب ۾ ٿئي ٿو. (۲)

حضرت سعد رضہ بن خَوْلَه جي وفات

* هن سال حضرت سَعْد بِن خَوْلَہ عَامِري نالي صحابي گذاري ويو، جنهن جو نسبي تعلق عامر بن لوي قبيلي سان ٻڌايو ويو آهي. جڏهن تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ هن جو بنو عامر وارن سان نسبي تعلق نہ هوَ هو سندن ساٿاري هو. سندس گهرواريءَ جو نالو سُبيعة بنت حَارِث اَسْلَمِيّہ ٻڌايو ويو آهي.

حضرت سَعْد بن خَوْلَہ جي وفات حجة الوداع جي موقعي تي مڪي شريف ۾ ٿي ۽ ان ڳالهہ تي رسول مقبول ﷺ جن افسوس ظاهر ڪيو. (۳)

حضرت سُبَيْعَہ رضہ جي عدت جو مسئلو

* هن ئي سال جو واقعو آهي تہ حضرت سَعْد رضہ جڏهن گذاري ويوَ تہ اُن وقت سندس گهرواري سُبَيْعَہ رضہ کي اميد واري هئي ۽ مڙس جي وفات کانپوءِ پندرهن ويهہ ڏينهن رکي ڪيس ٻار ڄائو. هن موقعي تي "سُبَيْعَہ" جي عدت بابت ماڻهن ۾ اختلاف ٿي پيو.

ڪن چيو تہ "ٻار جمڻ سان سندس عدت جو مدو پورو ٿي ويو." جڏهن تہ ڪن جو خيال هو تہ "سُبَيْعَہ" کي ويم کانپوءِ بہ عدت جو مدو باقاعده پورو ڪرٽو پوندو (چار مهينا ڏهہ ڏينهن). جنهن کانپوءِ هن عورت سرور عالم ﷺ جن کان ان باري ۾ جاڻ حاصل ڪئي. رسول رحمت ﷺ جن ڪيس فرمايو: "تنهنجي ويم ڪرڻ سان تنهنجي عدت پوري ٿي ويئي آهي. هاڻي جتي تنهنجي دل چوي تہ تون نڪاح ڪري سگهين ٿي." (۴)

---

(۱) سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ٢٣٨، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ١٤٤. شرح علىٰ المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ٣ ص ١٠٣، سيرة "مغلطائي" ص ٣٤٥.

(٢) البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ٥ ص ٩٥.

(٣) اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ٢ ص ٢٧٤، الاصابہ "ابن حجر" ج ٢ ص ٢٤. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٤ ص ٤١٤.

(٤) الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٤ ص ٤١٤.

Marfat.com

حضرت جَرِيْر رضہ کي ذُوالْكَلَاع ڏانهن موڪلڻ جو واقعو

* هن سال نبي ڪريم ﷺ جن جَرِيْر بِن عَبْدُالله بَجَلِيّ رضہ کي دين جي دعوت پهچائڻ لاءِ يمن ۽ طائف جي هڪ سردار ڏانهن اماٿيو، جنهن جو نالو "ذُوالْكَلَاع" ٻڌايو ويو آهي. هو ايڏو ته ٽاڻ ۽ آڪڙ ۾ پرجي ويو هو جو خدائيءَ جي دعويٰ پئي ڪيائين. پر جڏهن خدا جي سچي رسول ﷺ جن جو پيغام وٽس پهتو ته هن نه صرف آڻ مڃي پر هڪ اٽالي سان گڏ سندن زيارت لاءِ مديني ڏانهن رخ رکيائين، پوءِ هو اڃان پنڌ ۾ ئي هٿا ته وات تي پياري پيغمبر ﷺ جن جي وصال جي خبر ٻڌائون، جنهن کانپوءِ جرير ته مديني جو سفر جاري رکيو، باقي "ذوالكلاع" اتان ئي پويان پير ڪيا ۽ پنهنجي ماڳن تي موٽي آيو. تانجو سيدنا عمر فاروق رضہ جي خلافت جو دؤر آيو ۽ "ذُوالْكَلَاع" هارهن هزار غلامن جي لشڪر سان گڏ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سندن ئي هٿ تي اسلام قبول ڪيائين ۽ ان موقعي تي هن چار هزار غلامن کي اتي ئي آزاد ڪري ڇڏيو. اهو ڏسي سيدنا عُمر رضہ ڪيس فرمايو: "اي ذُوالْكَلَاع باقي ٻيا غلام مونکي وڪرو ڪري ڏي."

هن وراٿيو: "هاڻي اهي سمورا خدا واسطي آزاد آهن." (۱)

"الاستيعاب" ۾ علامہ ابن عبدالبر ڄاڻايو آهي ته "ذُوالْكَلَاع" پاڻ ڪريم ﷺ جن جي دؤر ۾ ئي اسلام قبول ڪيو هو. باقي سندن صحبت جي ڄاڻ اسانکي نه ملي آهي. البت هو حضرت عمر رضہ جي دؤر ۾ مديني آيو ۽ ڪائنس روايت بہ ڪيائين. (۲)

سيدنا رسول الله ﷺ طرفان عمره جي نيت ڪرڻ جو حڪم

* هن ئي سال جو واقعو آهي ته سيد المرسلين ﷺ جن حجة الوداع لاءِ ويندي جڏهن مڪي ڪان ڏهہ ميل اوري "سرف" نالي ماڳ تي پهتا، تڏهن صحابي سڳورن کي حڪم ڏنائون ته "جنهن بہ، قرباني‌ءَ جو جانور پاڻ سان گڏ نہ آندو آهي ته پوءِ اهو حج جي نيت ٽوڙي "عمره" جي نيت ڪري ڇڏي." ان جو مقصد ڪافرن جي ان عقيدي کي رد ڪرڻ هو ته حج وارن مهينن ۾ عمره جائز نہ آهي.

سيده عَائِشَہ رضہ جو واقعو

* هن سال ساڳئي موقعي تي نبي انور ﷺ جن ذوالحج جي ٽين تاريخ ڇنڇر ڏينهن جيئن "سرف" پهتا ته اتي سيده عائشہ رضہ جي ماهواريءَ جو سلسلو شروع ٿي ويو، جيڪو نائين ذوالحج تي پورو ٿيو. جنهن کانپوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن ڪيس سندس سڳي ڀاءُ حضرت عبدالرحمان بن ابوبڪر صديق رضہ سان گڏ تَنْعِيْم نالي ماڳ تان عمره ادا ڪرڻ لاءِ مڪي ڏانهن اماٿيو. اهو واقعو ذوالحج مهيني جي چوڏهين تاريخ اربع جي رات جو آهي، جنهن جو تفصيل متي بيان ٿي چڪو آهي.

---

(۱) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۴۵، روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ح . ۱ ص ۳۷۵. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۵ ص ۷۰ ـ ۷۱.

(۲) الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۲ ص ۵۴ ـ ۵۳.

Marfat.com

حضرت عَليءَ رضہ جي يَمن ۾ قيام دوران هڪ عجيب واقعو

* هن سال حجة الوداع کان اڳ جڏهن حضرت عَلي بِن اَبُو طَالِب رضہ کي ٻيو دفعو يمن ڏانهن اماڻيو ويو تہ اتي سندن قيام دوران هڪ عجيب واقعو پيش آيو:

اهو هن ريت ٿيو تہ اتان جي رهاڪن شينهن کي قاسائڙ لاءِ هڪ کوهہ کوٽيو، جنهن کي مٿان ڍڪي ڇڏيائون. پوءِ هڪ شينهن اتان لنگهندي اچي ان کوهہ ۾ ڪريو، ان کي ڏسڻ لاءِ اچي ماڻهو ڪَنا ٿيا. جن منجهان هڪ ماڻهو بہ وڃي ان کوهہ ۾ ڪريو. ڪرڻ وقت ان ماڻهوءَ (پنهنجي بچاءُ لاءِ) هڪ ٻئي ماڻهوءَ ۾ هٿ وڌو تہ اهوبہ وڃي کوه ۾ پيو. اهڙي ريت ان ٻئي شخص کنهن ٽئين کي جهليو ۽ ٽئين چوٿين کي، تانجو چارئي ڄڻا وڃي کوه ۾ پيا، ۽ پوءِ شينهن انهن ڇئني ماڻهن کي ماري وڌو. جنهن کانپوءِ مٿان بينل ماڻهن منجهان هڪ ڄڻي نيزو هڻي ان شينهن کي بہ پورو ڪري ڇڏيو.

مٿين ڇئن شخصن جي وارثن سيدنا علي ڪرم الله وجهه وٽ فيصلي لاءِ درخواست ڪئي. جنهن تي سيدنا علي رضہ فيصلو ڏنو تہ "کوه کوٽائڙ وارو "ديت" جو چوٿون حصو ادا ڪري، پوءِ ٽيون حصو، پوءِ اڌ ديت ۽ پوءِ سڄي ديت ڪيس ڏيڻ کپي."

يعني جيڪو سڀ کان پهريان کوه ۾ ڪريو ان جي ديت چوٿون حصو، ڇو جو ان جي مٿان تي ماڻهو ڪريا.

جيڪو ٻئي نمبر تي ڪريو ان جي ديت ٽيون حصو ٽيندي جو ان جي مٿان بہ ماڻهو مئا.

جيڪو شخص ٽئين نمبر تي ڪريو تہ ان جي اڌ ديت ملڻ کپي جو سندس هٿان هڪ ماڻهو مئو.

باقي جيڪو سڀ کانپوءِ ڪريو ان جي سڄي ديت ڏيڻ کپندي. (١)

---

(١) تاريخ اسلام ۾ حضرت عليءَ جا فيصلا ۽ فتاويٰ وڏي اهميت رکن ٿا. جن مان سندن علم فضل توڙي عقل شعور جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. نبي انور ﷺ جن کي بہ ان ڏس ۾ سيدنا عليءَ رضہ جي مٿان اعتماد هوندو هو، انڪري ڪيترن فيصلن جي پاڙ ڪريمن ﷺ طرفان توثيق ڪئي ويئي آهي. هي فيصلو بہ انهن مان هڪ آهي، جنهن جي وضاحت هن ريت ڪري سگهجي ٿي. معلوم ٿئي ٿو تہ يمن ۾ ڪن ماڻهن طرفان اهو کوهہ وچ رستي تي کوٽايو ويو هو، جنهن ۾ پهريان شينهن ڪريو جنهن کانپوءِ هڪ ٻئي مٿان چار شخص ان کوهہ ۾ ڪريا ۽ شينهن انهن کي ماري وڌو، جنهن کانپوءِ فوتين جا وارث فيصلي لاءِ حضرت عليءَ رضہ جي خدمت ۾ آيا، جنهن احوال ٻڌي هن طرح فيصلو ڏنو تہ جن ماڻهن اهو کوهہ کوٽايو تہ مرڻ وارن ماڻهن جي ديت انهن کي ڏيڻي پوندي. عام حالت ۾ جيڪڏهن چار ماڻهو مرن ها تہ ڇئن ئي شخصن کي الڳ الڳ ديت ڏيڻي پوي ها پر هيءَ صورتحال جيئن تہ مختلف هئي انڪري ديت جو تعين بہ حضرت علي سائينءَ رضہ مختلف طريقي سان ڪيو.

مثال طور: هڪ ماڻهوءَ جي ديت ان دور جي حساب سان هڪ سؤ اٺ مقرر هئي، هاڻي جيڪو ماڻهو پهريان ڪريو ان جي مٿان ٽي ماڻهو ٻيا بہ ڪريا ۽ مئا ۽ انهن جي موت جو سبب اهو پهريون شخص ٿيو، انڪري سندس ديت مان ٽي حصا ڪٽجي ويا ۽ ڪيس ديت جو چوٿون حصو ڏنو ويندو، يعني هاڻي سندس وارثن کي هڪ سؤ اٺن جي بدران فقط پنجويه اٺ ملندا، ان ڪانپوءِ جيڪو ٻيو نمبر شخص ڪريو تہ ان جي مٿان وري بہ ماڻهو ڪريا، ان ڪري هن جي سڄي

Marfat.com

ان کانپوءِ حضرت علي رضہ فرمايو: "پوءِ جيڪڏهن اوهان راضي آهيو تہ منهنجو فيصلو اهو آهي، نہ تہ اوهان کي اختيار آهي تہ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ اهي اوهان جو فيصلو ڪن."

پوءِ اهي ماڻهو حضرت علیءَ رضہ واري فيصلي تي نہ بيٺا ۽ وڃي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ ڪين سمورو احوال ڏنائون، جنهن تي نبي انور ﷺ جن فرمايو تہ آءٌ انشاءَ الله تعاليٰ اوهان جو فيصلو ڪندس."

ان تي ڪنهن ماڻهوءَ چيو: "اي الله جا رسول ﷺ! حضرت علیءَ رضہ اسانجو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي."

اهو ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "ان ڇا فيصلو ڏنو؟ پوءِ ڪين جڏهن ان فيصلي جو احوال ڏنو ويو تہ فرمايائون: "حضرت علیءَ رضہ جو فيصلو صحيح آهي." (۱)

فَرْوَه رضہ بِن عُمَر جُذَاميءَ جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال فَرْوَه رضہ بن عَمْرو جذاميءَ بہ اسلام قبول ڪيو، جيڪو روم جي حاڪم طرفان "شام" ۾ "بَلْقَاءَ" جو گورنر هو. مسلمان ٿيڻ کانپوءِ هن اهڙو اطلاع هڪ خط ذريعي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن ڏانهن اماڻيو ۽ ان خط سان گڏ ڪجهہ سوڪڙيون پاڪڙيون بہ موڪليون، جن ۾ "رِفضَہ" نالي هڪ حلبي خچر، ظَرْب نالي هڪ گهوڙو ۽ هڪ گڏهہ جنهن کي "يَعْفُوْر" سڏيو ويندو هو. هي ٻيو يَعْفُوْر هو. جڏهن تہ ساڳئي نالي سان هڪ گڏهہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي خدمت ۾ "مُقَوْقَس" بہ موڪليو هو.

انهن سوڪڙين ۾ هڪ سُنْدُس جي قبا بہ هئي، جنهن تي خاص قسم جو سون جو ڪم ٿيل هو. ان کانسواءِ ڪجهہ ڪپڙا ۽ ٻيون شيون پڻ شامل هيون. اهي سوڪڙيون سرور عالم ﷺ جن قبول فرمايون. فروه هڪ مسلمان جي حيثيت ۾ وفات فرمائي. (۲)

ديت منجهان ٻہ حصا ڪاٽيا ويندا ۽ اهو ٽين حصي جو مستحق ٿيندو. يعني ان جي وارثن کي ديت ۾ ٽيٽيهہ اٺ ملندا. جيڪو ٽيون ماڻهو کوهہ ۾ ڪريو ان جي مٿان هڪ ماڻهو ڪريو، ان ڪري هن جي ديت مان هڪ حصو يعني اڏ ديت ڪيس ملندي ۽ هڪ حصو يعني ٻيو اڏ ڪٽجي ويندو. هاڻي جيڪو شخص سڀ کان آخر ۾ ڪريو ان ٻئي ڪنهن کي بہ نہ ڇڪيو، ان جي ڪري هو ڪنهن ٻئي جي موت جو سبب نہ بڻيو. هاڻي هن جا وارث سڄي ديت يعني هڪ سؤ اٺ وصول ڪندا. اهڙي ريت کوهہ کوٽائڻ وارن کي چار سؤ اٽن جي بدران چئن ماڻهن جي ديت طور ٻہ سؤ اٺ (۲۰۸) اٺ انهن جي وارثن کي ڏيڻا پوندا.

سياق سباق مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو فيصلو ڏرين نہ قبول ڪيو، جنهن ڪري هنن مديني اچي ان فيصلي لاءِ ڪائنات جي ڪارٽي ﷺ جن ڏانهن رجوع فرمايو پر پوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ کي جڏهن سيدنا علیءَ رضہ جي فيصلي جي خبر پئي تہ پوءِ ان فيصلي جي توثيق ڪيائون، اهڙي ريت ان فيصلي کي قبوليت جي سَنَد ملي ويئي.

(۱) سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۲۳۹، الرياض النضره ـ "محب طبري" ج ۲ ص ۱٦۹.

(۲) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۳۸ ـ ۲۳۷. سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۳۹۱. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۲٦. الدرر "ابن عبدالبر" ص ۲۵۸ ـ ۲۵۷.

Marfat.com

هن سال آيل ڪجهم وفدن جو ذڪر

* هن سال نبي سڳوري صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ ڪجهه ٻيا وفد به حاضر ٿيا، جيڪي انهن وفدن کان الڳ آهن، جيڪي گذريل سال سن نائين هجريءَ ڏاري حاضر ٿيا هئا.

عَدِيّ رضہ بِن حَاتِم جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال شَعْبَان جي مهيني ۾ عَدِيّ رضہ بن حَاتِم طَائِي نبي انور صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي سندن ئي هٿ تي اسلام قبول ڪيو. هن کان اڳ هو "شام" ڏانهن ڀڄي ويو هو ۽ پوءِ اتان پنهنجي ڀيڻ "سَفَّانَہ" بنت حَاتِم طَائِيءَ جي صلاح سان واپس آيو ۽ ان جي ئي صلاح سان اسلام قبول ڪيائين، ڇو جو سندس ڀيڻ ڪيس پيغام موڪليو هو تہ "دنيا توڙي آخرت ۾ تنهنجي ڇوٽڪاري جو ذريعو اسلام ئي آهي." (۱)

سندس ڀيڻ "سفانہ" جو ذڪر سرايا واري باب جي اٽين فصل ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

بَنُوْ حَارِث وارن جو وفد

* هن سال بَنُوْ حَارِث بن كَعْب وارن جو هڪ وفد حضرت خَالِد بن وَلِيْد رضہ سان گڏجي پاڻ ڪريمن صلى الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. هي ماڻهو مديني اچڻ کان اڳ ئي حضرت خَالِد رضہ بِن وَلِيْد جي هٿ تي مسلمان ٿي چڪا هئا. اهڙو ذڪر "سَرَايا" واري باب جي نائين فصل ۾ به گذري چڪو آهي.

هن موقعي تي سرور عالم صلى الله عليه وسلم جن طرفان قَيْس بن حصين کي سندن امير مقرر ڪيو ويو هو. هن واقعي جي چئن مهينن کانپوءِ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن وصال فرمايو. (۲)

سَلَامَان وارن جو وفد

* هن سال شوال جي مهيني ۾ "سَلَامَان" وارن طرفان ستن ڄڻن جو هڪ وفد حَبِيْب اِبن عُمر سَلَامَانيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. هو مسلمان ٿي پنهنجي ماڳن ڏانهن موٽيا. پاڻ ڪريمن صلى الله عليه وسلم جن طرفان انهن منجهان هرهڪ کي پنج اوقيہ چانديءَ جا عطا ڪيا ويا. (۳)

نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو هڪ معجزو

* هن سال رسول انور صلى الله عليه وسلم جن هٿان هڪ معجزو ان وقت ظاهر ٿيو جڏهن سلامان قبيلي وارن

---

(۱) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۲۵، الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۴۴. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۵ ص ۵۷ ـ ۶۱، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۱۸ ـ ۳۲۱.

(۲) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۳۹، "الطبقات الكبريٰ" ابن سعد ج ۱ ص ۲۵۶ ـ ۲۵۵. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۲۸.

(۳) الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۱۵۲، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۳۴۵. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۴۱ ـ ۳۴۰.

Marfat.com

سندن آڏو شڪايت پيش ڪئي تہ هن جي ملڪ ۾ مينهن نہ پوڻ سبب ڏڪار منهن ڪڍيو آهي. ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ سندن حق ۾ دعا ڪندي فرمايو. "اي الله! هن جي وطن تي وسڪارو ڪر."

ان ڪانپوءِ جڏهن هو وطن واپس وريا تہ ڪين خبر پيئي تہ بلڪل ان ساڻئي ڏينهن ۾ ساڳي گهڙيءَ تي ئي سندن ملڪ ۾ مينهن اُٿو، جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن دعا فرمائي هئي. (۱)

بنو مُحَارِب وارن جو وفد

* هن سال حجة الوداع جي موقعي تي "مُحَارِب" قبيلي طرفان ڏهن ماڻهن جو هڪ وفد ٻہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو. هن وفد ۾ سواء بن حَارِث بن سواء ۽ سندس پٽ "خُزَيْمَہ" ٻہ شامل هو. اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ هو پنهنجي ماڻڪ تي موٽي آيا. واپسي وقت ڪين ائين ئي سوڪڙيون پاڪڙيون ٻہ عطا ڪيون ويون، جيئن پين وفدن کي عطا ٿيندیون هيون. (۲)

هَمْدَان وارن جو وفد

* هن سال رسول انور ﷺ جن جڏهن تبوڪ کان موٽيا تہ ان موقعي تي "هَمْدَان" وارن جو هڪ وفد وٽن حاضر ٿيو. هي قبيلو "قحطان" قوم جي هڪ وڏي شاخ آهي. هن وفد ۾ مالڪ بن نَمَط ٻہ شامل هو. هنن اسلام قبول ڪيو، جنهن ڪانپوءِ نبي ڪريم ﷺ جن "مَالِک" کي سندن سرواڻ مقرر ڪيو ۽ پوءِ هو پنهنجي وطن واپس وريا. (۳)

بَنُو اَزْد وارن جو وفد

* هن سال سرور عالم ﷺ جن جي خدمت ۾ "اَزْد" قبيلي طرفان پندرهن ڇڻن جو هڪ وفد ٻہ حاضر ٿيو، جنهن جي اڳواڻي صرد بن عَبْدُالله اَزْدِي ڪري رهيو هو. هنن سڀني ٻہ اسلام قبول ڪيو. (۴)

غَسَّان طرفان آيل هڪ وفد

* هن سال رمضان جي مهيني ۾ "غَسَّان" وارن طرفان ٻہ ٽن ڇڻن جو هڪ وفد سيد الانبياء ﷺ جن جي خدمت ۾ پهتو. هي "اَزْد" قبيلي جو ئي پاڙو آهي. هنن اسلام قبول ڪيو ۽ نبي ڪريم ﷺ جن طرفان هنن کي ٻہ پين وانگر سوڪڙيون پاڪڙيون ڏنيون ويون ۽ پوءِ هو پنهنجي

---

(۱) زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۶۷۰، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۲۰۷.

(۲) الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۲۸ ـ ۲۲۷، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۵ ص ۸۰، سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۴۰۹. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۲۰۶.

(۳) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۴۳ ـ ۲۴۵، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۱۹۲ ـ ۱۹۳. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۲۸، سبل الهدیٰ والرشاد "شامي" ج ۳ ص ۴۲۸.

(۴) الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۵۵ ـ ۲۵۴، المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۲ ص ۱۹۰ ـ ۱۹۱. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۶۲۰، الدرر "ابن عبدالبر" ص ۲۵۷.

Marfat.com

گهرن ڈانهن واپس وريا. (۱)

زُبَيْدِ قبيلي وارن جو وفد

* هن سال امام الانبياء ﷺ جن جي خدمت ۾ "زُبَيْدِ" قبيلي وارن جو هڪ وفد حاضر ٿيو، جنهن ۾ عمرو بن معد يكرب به موجود هو ۽ هنن به اسلام قبول كيو. (۲)

وَفد عَبْدُالْقَيْس

* هن سال هڪ روايت موجب "عَبْدُالْقَيْس قبيلي" وارن جو وفد به پاڻ كريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جنهن جو مختصر ذكر هن ئي باب ۾ پنجين ۽ نائين فصل ۾ به كيو ويو آهي. (۳)

وفد بنو كنده

* هن سال نبي عليه الصلاة وا سلام جن جي خدمت ۾ "كَنْدَه قبيلي" وارن جو هڪ اهڙو وفد حاضر ٿيو، جنهن ۾ ست يا اسي سوار شامل هئا، جن ۾ اشعث بن قيس كندي ۽ مشهور شاعر اِمْرَأُ الْقَيْس بن عَابِس كَنْدي به موجود هئا. هنن سڀني اسلام قبول كيو ۽ پوءِ موت كيائون.

نبي اكرم ﷺ جن جي وصال كانپوءِ جڏهن رده وارو فتنو رونما ٿيو ته ان ۾ اشعث بن قيس به مرتد ٿي ويو. هڪ موقعي تي حضرت ابوبكر صديق رضه جي لشكر كيس قيد كيو، جنهن كانپوءِ هو وري مسلمان ٿيو ۽ پوءِ مرڻ گهڙيءَ تائين مسلمان ئي رهيو. (۴)

بَنُو حَنِيْفَه وارن جو وفد

* هن سال پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ "يَمَامَه" كان "بَنُوحَنِيْفَه" وارن طرفان سترهن ڄڻن جو هڪ وفد به پهتو، جن ۾ مُسَيْلَمَه كَذَّاب خذله الله به شامل هو. "مُسَيْلَمَه" كانسواءِ ٻين سڀني اسلام قبول كيو.

كن جو چوڻ آهي ته هن موقعي تي "مُسَيْلَمَه" به مسلمان ٿيو هو ۽ پوءِ هو دين تان ڦري ويو، جنهن كي كفر جي حالت ۾ ئي حضرت اَبُوبَكْر صِدِيْق رضه جي خلافت واري دؤر ۾ قتل كيو ويو، جيئن متي بيان كيو ويو آهي. (۵)

---

(۱) الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۵۵، المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۱ ص ۲۰۶، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۴۰. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۶۶۹، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۳۹۱.

(۲) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۳۰، البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۵ ص ۶۴ ـ ۶۵.

(۳) رفد "عبدالقيس" بابت حوالا وغيره پنجين ۽ نائين فصل ۾ نقل كيا ويا آهن.

(۴) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۳۲، الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۴۸. البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۵ ص ۶۵ ـ ۶۶.

(۵) سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۲۳ ـ ۲۲۲، الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۳۲۴۰. البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۵ ص ۴۸.

Marfat.com

بَنُو بَجِيلَه وارن جو وفد

* هن سال رمضان ۾ "بَجِيلَه" قبيلي وارن طرفان به هڪ وفد نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جنهن ۾ هڪ سؤ پنجاهه ماڻهو شامل هئا. جن مان جَرِير بِن عَبْدُالله بَجَلِيءَ رضه جو نالو قابل ذڪر آهي. اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ جَرِير رضه پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هٿ تي پنهنجي اسلام جي، نماز قائم ڪرڻ جي، زڪوات ادا ڪرڻ جي ۽ هر مسلمان تائين هدايت پهچائڻ جي بيعت ڪئي. سندس ٻيا سمورا ساٿي به هن موقعي تي مسلمان ٿيا. (۱)

حضرت عَبْدُالله رضه جي روانگي

* هن سال يا سن يارهين هجريءَ ڏاري پاڻ ڪريم ﷺ جن جرير رضه بن عبدالله کي "ذُوالْخَلَصَه" نالي بُت کي ڀڃڻ لاءِ روانو ڪيو، جنهن جو ذڪر "سرايا" واري باب ۾ ٿي چڪو آهي. (۲)

رهاويين جو وفد

* هن سال پاڻ سڳورن ﷺ جي خدمت ۾ رهاويين جو وفد به حاضر ٿيو. (۳)

بنو ثعلب وارن جو وفد

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ "بنو ثعلب" وارن جو وفد به حاضر ٿيو. (۴)

نجران جي عيسائين جو وفد

* هن سال سرور عالم ﷺ جن جي خدمت ۾ نجران جي عيسائين جو وفد به پهتو، جنهن ۾ "عَاقِب" ۽ "سَيِّد" به شامل هئا. ڪين صلح نامو لکي ڏنو ويو. جيئن مٿي بيان ڪري چڪا آهيون. (۵)

بنو عَبس وارن جو وفد

* هن سال مني مرسل ﷺ جن وٽ "بنو عبس" وارن طرفان هڪ وفد حاضر ٿيو، جنهن ۾ نوَ ڄڻا شامل هئا. جيتوڻيڪ هو اڳ ۾ ئي مسلمان ٿي چڪا هئا پر هن ڪن ماڻهن جي ڪتان هي ٻڌو هو

---

(۱) الطبقات الكبريٰ ابن سعد ج ۱ ص ۲٦۱. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۳٤٦ ـ ۳٤۷. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۹۸.

(۲) الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲٦۱. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۳٤٦ ـ ۳٤۸. البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۵ ص ۷۰ ـ ۷۱. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۳۱۱.

(۳) هن وفد ۾ پندرهن ماڻهو شامل هئا. الطبقات الكبري ابن سعد" ج ۱ ص ۲۵۹. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۳۳۹. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۳٦۳.

(۴) البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۵ ص ۸۰. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۲۹۵.

(۵) هن وفد ۾ اتان جي عيسائين جا چوڏهن معتبر ماڻهو شامل هئا.
الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲٦۷. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۵ ص ۳۸۲. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ٦۲۹. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۲ ص ۱۹٦.

Marfat.com

ته "ان جو اسلام اجايو آهي جنهن هجرت نه ڪئي هجي." ان ڪانپوءِ هو پاڻ ڪريمن ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ته سندن مٿان هجرت معاف ڪئي وڃي. نبي انور ﷺ جن ڪين اهڙي اجازت ڏيندي فرمايو "اوهان جتي به رهو الله کان ڊڄندا رهو. هو اوهان جي اعمال منجهان ڪجهه به نه گهٽائيندو." (۱)

بنو غامد وارن جو وفد

* هن سال سرور عالم ﷺ جن جي خدمت ۾ "يمن" کان "بنو غامد" وارن جو هڪ وفد به پهتو. هي قبيلو "بَنُو اَزْد" وارن جي ئي هڪ شاخ آهي. هن وفد ۾ ڏهاڪو ماڻهو شامل هئا. هنن اسلام قبول ڪيو، جنهن ڪانپوءِ اسلامي شريعت جا حڪم ڪين لکت ۾ ڏنا ويا. هو مديني ۾ ڪجهه ڏينهن گذاري پوءِ پنهنجي وطن واپس وريا. (۲)

بنو خولان وارن جو وفد

* هن سال شعبان جي مهيني ۾ "خولان" قبيلي وارن جو هڪ وفد به "يمن" کان مديني پهتو، جنهن ۾ ڏهه ماڻهو شامل هئا. هنن اسلام قبول ڪيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪين اسلام جي فرض ۽ شريعت جي تعليم ڏني ۽ ڪين وصيت فرمايائون ته هو پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽي، اتي موجود پنهنجي بُت کي پڄي ڇڏيندا. پوءِ هنن ڳوٺ پهچي ان حڪم جي پوئواري ڪئي. جڏهن ته اُن کان اڳ هو پنهنجي مال مان هڪ حصو الله تعاليٰ جي نالي ۽ هڪ حصو ان بت جي نالي ڏيندا هئا.

رب پاڪ هنن جي باري ۾ هيءَ آيت نازل فرمائي: (۳)

وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ مِمَّا ذَرَأَ مِنَ الْحَرْثِ وَالْاَنْعَامِ نَصِيْبًا فَقَالُوْا هٰذَا لِلّٰهِ بِزَعْمِهِمْ وَهٰذَا لِشُرَكَآئِنَا. (۴)

"۽ جيڪي به الله پوک ۽ جانورن مان پيدا ڪيو آهي، تنهن مان هڪ حصو هي پنهنجي غلط خيالن سان الله جي لاءِ ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته هي الله جي لاءِ آهي ۽ هي حصو اسان جي شريڪن جو آهي"

بَنُو عَامِر وارن جو وفد

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ بَنُو عَامِر بن صَعْصَعَه وارن طرفان هڪ وفد پهتو.

---

(۱) الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۲۵ ـ ۲۲۶، البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ۵ ص ۷۹. زاد المعاد "ابن قيم" ج ۳ ص ۶۷۰ ـ ۶۷۱، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۴۱. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۲ ص ۲۰۷. سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۳۷۵.

(۲) سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۳۹۰. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۴۱. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج۲ ص ۲۰۷.

(۳) الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۴۵، سبل الهديٰ والرشاد "شامي" ج ۶ ص ۳۳۱ ـ ۳۳۲. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۳۶ ـ ۳۳۷، سيرة الحلبيه ج ۳ ص ۲۳۶.

(۴) سورة الانعام آيت ۱۳۷، پاره ۸.

Marfat.com

هن وفد ۾ عَامِر بن طُفَيْل ۽ اربد بن رَبِيْعَہ نالي ٻہ اهڙا ڪافر ٻہ موجود هنا، جيڪي پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪي لڪ چوريءَ ختم ڪرڻ جي ارادي سان آيا هئا. پر جڏهن هو اتي پهتا تہ خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر ﷺ کي تہ انهن جي شر کان بچائي ورتو، باقي انهن ٻنهي ڇڻن کي پنهنجي ڪامل قدرت سان پورو ڪري ڇڏيائين. انهن مان "اربد" مٽان تہ آسمان مان وڄ ڪري. جڏهن تہ عامر جي جسم تي هڪ اهڙو خوفناڪ ڳوڙهو نڪتو، جيڪو اُنن کي نڪرندو آهي، جنهن ڪانپوءِ هو گهوڙي تي چڙهي وئي گهر ڏانهن ڀڳو پر رستي ۾ گهوڙي جي ٻڌيءَ تي ئي رب پاڪ کيس موت ڏنو. (۱)

حضرت بُدَيْل رضہ جي وصيت

* هن سال حضرت بديل ابن ابو ماريہ رضہ واپار جي سلسلي ۾ "شام" ڏانهن روانو ٿيو. بديل رضہ حضرت عاص بن وائل جو آزاد ڪيل غلام هو ۽ هن سفر ۾ ٻہ عيسائي تميم داري ۽ عدي بن بداء ساٿس گڏ هئا. واٽ تي "بديل" گذاري ويو پر ان کان اڳ هن هڪ وصيت لکي هئي، جيڪا پنهنجي سامان ۾ لڪائي رکي هئائين. "تميم" ۽ "عدي" سندس مال کڻي آيا پر ان مان هڪ "پيالو" چوريءَ ڪڍي ورتائون. سندن باري ۾ خدا تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا شَهَادَةُ بَيْنِكُمْ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ حِيْنَ الْوَصِيَّةِ اثْنَانِ ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ. (۲)

(اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهان مان ڪنهن تي موت جي گهڙي اچي وڃي تہ وصيت جي وقت گواهيءَ لاءِ اوهان مان ٻہ معتبر عادل ماڻهو شاهد ٿيڻ گهرجن).

ان لاءِ نبي ڪريم ﷺ جن هڪ ڏينهن ٽيپهريءَ جي نماز ڪانپوءِ انهن ٻنهي کان ان ڏس ۾ قسم کڻايو. (هو ڪوڙ تي قسم کڻي ويا ۽ جڏهن اهو پيالو وڪامڻ لاءِ آيو) تڏهن سندن ڪوڙ ظاهر ٿي پيو. جنهن ڪانپوءِ عبدالله بن عمرو بن عاص ۽ مطلب بن ابو وداعہ (جيڪي بديل جا وارث هئا) انهن پيالي کي سچاتو ۽ قسم کنيائون، جنهن ڪانپوءِ اهو پيالو سندن حوالي ڪيو ويو. (۳)

جَرِيْرِ رضہ بِن عَبْدُاللّٰهِ جو مسلمان ٿيڻ

* هن سال رمضان ۾ حضرت جَرِيْرِ بِن عَبْدُاللهِ بَجَلِيّ رضہ پنهنجي هڪ سؤ پنجاه ساٿين سان گڏ اسلام قبول ڪيو.

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هن سن يارهين هجري ڏاري پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وصال کان چاليهہ ڏينهن اڳ اسلام قبول ڪيو هو. انهن مان پهرين روايت کي ترجيح حاصل آهي. (۴)

---

(۱) الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲۳۵ ـ ۲۳۶، الدرر "ابن عبدالبر" ص ۲۵۳ ـ ۲۵۴. دلائل النبوه "بيهقي" ج ۵ ص ۳۱۸ ـ ۲۳۱، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۵ ص ۳۶۱.

(۲) سورة المائده آيت ۱۰۶ پاره ۷.

(۳) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۴۶.

(۴) االاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۱ ص ۳۰۸ ـ ۳۰۹، البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۵ ص ۷۰.

Marfat.com

آيت جو نزول

* هن سال هيڏين آيت نازل ڪئي ويئي. (١)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِيَسْتَأْذِنْكُمُ الَّذِيْنَ مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ..... ثَلٰثَ مَرّٰتٍ.

اي ايمان وارو، توهان جا ٻانها ۽ ٻانهيون ۽ توهان جا اهي ٻار جيڪي اڃان بلوغت ڪي نه پهتا آهن، ٽن وقتن تي توهان وٽ اجازت وٺي پوءِ اچن.

ٻاڻ سڳورن صلی الله علیه وسلم جي نينگر حضرت ابراهيم جي وفات

* هن سال نبي انور صلی الله علیه وسلم جن جو نينگر سيدنا ابراهيم، ربيع الاول جي ڏهين تاريخ اڱاري جي ڏينهن گذاري ويو. (٢) هڪ ٻي روايت موجب هي واقعو هن ئي سال ذوالحج جي ٻڃاڻيءَ تي ان وقت پيش آيو، جڏهن ٻاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جن حجة الوداع کان واپس وريا.

وفات وقت هن نينگر جي عمر مبارڪ سورهن مهينا ۽ هڪ ٻي روايت ۾ چوويهه مهينا ٻڌائي ويئي آهي.

سج گرهڻ جو واقعو

* هن سال جنهن ڏينهن تي ٻاڻ ڪريم صلی الله علیه وسلم جي نينگر سيدنا ابراهيم رضه وفات فرمائي، تنهن ڏينهن سج گرهڻ جو واقعو پيش آيو، جنهن تي ڪجهه ماڻهو چوڻ لڳا ته "اها سج گرهڻ سيدنا ابراهيم رضه جي وفات سبب ٿي آهي."

ان موقعي تي خطبو ڏيندي نبي انور صلی الله علیه وسلم جن فرمايو ته "بيشڪ سج ۽ چند الله تعاليٰ جي نشانين مان ٻه نشانيون آهن، جن کي ڪنهن جي ٻه ڄمڻ يا مرڻ سبب گرهڻ نه لڳندي آهي." (٣)

هيءُ سج گرهڻ جو واقعو هجرت کانپوءِ ٻيو دفعو مديني ۾ ٻه پيش آيو هو. جڏهن ته پهريون ٻيرو سج گرهڻ هن کان اڳ ٻه ٿي هئي، جنهن جو ذڪر سن ڇهين هجريءَ جي واقعات ۾ ڪيو ويو آهي. (٤)

---

(١) سورة النور آيت ٥٨ پاره ١٨.

(٢) سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ١١ ص ٢٢، عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ٢ ص ٣٨١، سيرة "دمياطي" ص ٢٦٧، الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ١ ص ١٥٤، المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ٢ ص ٧٠.

(٣) "صحيح بخاري" باب الصلاة في كسوف ج ١ ص ١٨٤. "صحيح مسلم" باب "صلاة الكسوف" ج ٣ ص ٢٧.

(٤) سيرة ابن حبان ص ٢٦٩. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ٢ ص ٣، "سيرة مغلطائي" ص ٢٧٨.

Marfat.com

فصل يارهون

هن فصل ۾ سن يارهين هجريءَ ڏاري پيش آيل واقعات جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

وفد بَنو نَخَع

* هن سال محرم جي مهيني ۾ يا هڪ پي روايت مطابق رجب جي اڏ مهيني گذرڻ کانپوءِ "بَنُو نَخَع" وارن طرفان سؤ چٽن جو هڪ وفد پاڻ ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. هي قبيلو "مذحج" وارن جو پاڙو آهي، جيڪي يمن ۾ رهندا هئا ۽ نبي انور ﷺ جن جي خدمت ۾ جيڪي وفد حاضر ٿيا، هي انهن منجهان آخري وفد هو.

هن وفد ۾ زُرَارَه بن عَمْرو نَخَعِيّ جيڪو عمرو بن زراره جو پيءُ هو ۽ زُرَارَه بِن قَيْس بن حَارِث نخعي وغيره شامل هئا. اهي ماڻهو گهٽو اڳ ان وقت ئي حضرت مُعَاذ بن جَبَل رضه جي هٿ تي مسلمان ٿي چڪا هئا، جڏهن معاذ رضه کي يمن موڪليو ويو هو.

سرور عالم ﷺ جن هنن ماڻهن کي ڏسي ڏاڍا سرها ٿيا، سندن اخلاق جي ساراه ڪيائون ته انهن جي حق ۾ دعائون ٻه گهريائون. (۱)

"نَفِيْسَه" نالي بانهيءَ جو ذڪر

* هن سال ربيع الاول جي مهيني ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ وصال فرمايو ۽ ان کان اڳ هن ئي مهيني ۾ سندن گهرواريءَ سيده زَيْنَب بنت جَحْش رضه پنهنجي هڪ بانهي کين بخش ڪئي. هن بانهيءَ جو نالو نَفِيْسَه ٻڌايو ويو آهي. (۲)

غزوه احد جي شهيدن لاءِ نماز ۽ دعا

* هن سال نبي انور ﷺ جن "غَزْوَه اُحُد" جي شهيدن جي جنازي نماز پڙهي، جڏهن ته ان وقت سنـــدن شهـادت کي اٺ ورهيه گذري چڪا هئا. دعا کانپوءِ هنن شهيدن جي حق ۾ استغفار ٻه ڪيائون. (۳)

---

(۱) الطبقات الكبرىٰ "ابن سعد" ج ۱ ص ۲٦۰ ـ ۲٦۱، زاد المعاد "ابن قيم" ج ۲ ص ٦۸٦ ـ ٦۸۷. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۲ ص ۲۰۹ ـ ۲۱۱. عيون الاثر "ابن سيد الناس" ج ۲ ص ۳۴۲ ـ ۳۴۳. سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ٦ ص ۴۲۳ ـ ۴۲۴.

(۲) الاصابه "ابن حجر" ج ۴ ص ۴۲۰، البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۵ ص ۲٦٦.

(۳) سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۱۲ ص ۲۳٦ ـ ۲۳۴، البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۵ ص ۱۹۷. المغازي "ابن شهاب زهري" ص ۱۳۱. سيرة دمياطي ص ۲۷۴. الوفا "ابن جوزي" ج ۲ ص ۷٦۲، سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۹۹، الدرر ابن عبدالبر ص ۲٦۹.

Marfat.com

جنت البقيع وارن لاءِ استغفار

* هن سال هڪ دفعي اڌ رات جو اتي سيد المرسلين ﷺ جن "جَنَّتُ الْبَقيع" ڏانهن رخ رکيو. هن موقعي تي سندن آزاد ڪيل غلام اَبُوْ مُوَيْهَبَه به ساڻن گڏ هو، جنهن کي پاڻ فرمايو هئائون ته "تون مون سان هل! مونکي "بقيع" وارن لاءِ "استغفار" جو حڪم ڏنو ويو آهي." ان کانپوءِ پاڻ سڳورا ﷺ "بقيع" جي قبرستان ۾ داخل ٿيا ۽ تمام گهٽي دير تائين انهن لاءِ بخشش جي دعا گهرندا رهيا، ۽ دعا پوري ڪري فرمايائون: "اي اَبُوْ مُوَيْهَبَه! ڪاري رات جي اونداهين گهڙين جهڙا فتنہ هڪ ٻئي پٺيان آڏو اچي رهيا آهن. پويان اڳين کان برا آهن."

وري فرمايائون "دنيا جا خزانا ۽ ان ۾ جيڪي ڪجهہ آهي منهنجي حوالي ڪيا ويا ۽ مونکي اختيار ڏنو ويو تہ مان هميشہ اتي رهڻ پسند ڪريان يا جنت ۾ پنهنجي پالٹهار جو ديدار ڪريان، پوءِ مون پنهنجي رب جي ديدار ۽ جنت کي پنهنجي لاءِ پسند ڪيو." (۱)

پاڻ ڪريم ﷺ جن جي بيماريءَ جي شروعات

* هن سال صفر مهيني جي پوئين اربع تي چند جي ٽيهين تاريخ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي طبيعت مبارڪ ناساز ٿي پيئي، ۽ هڪ اعتماد جوڳي روايت مطابق بيماريءَ جي شروعات ام المؤمنين سيده ميمونہ رضہ جي گهر ۾ ٿي ۽ اهو سلسلو تيرهن ڏينهن تائين جاري رهيو، جيئن عام طور مشهور آهي. (۲)

بيماريءَ دوران پاڻ سڳورن ﷺ جون روايتون

* هن سال بيماريءَ دؤران امام الانبياء ﷺ جن فرمايو: "يهودين مٿان الله تعاليٰ جي لعنت هجي جو هنن پنهنجي پيغمبرن جي قبرن کي سجدي جي جاءِ بٹايو." (۳)

* هن سال بيماريءَ دؤران پاڻ سڳورن ﷺ هي بہ فرمايو تہ "پنهنجي نمازن ۽ ٻانهن جو خيال رکو." (۴)

حَدِيْثِ قِرْطَاس

* هن سال بيماريءَ دوران نبي ڪريم ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت لاءِ ڪاغذ تي لکرائڻ ٿي چاهيو تہ جيئن ڪائنہ پوءِ ان معاملي ۾ ڪو اختلاف پيدا نہ ٿئي.

اها ڳالهہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وصال کان پنج ڏينهن اڳ ٿي هئي پر ان موقعي تي حضرت

---

(۱) "سيرة ابن هشام" ج ۴ ص ۲۹۱ ـ ۲۹۲ الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۱۵۷ ـ ۱۵۸. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۷ ص ۱۶۲ ـ ۱۶۳. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۵ ص ۱۹۷. تاريخ طبري ج ۲ ص ۴۳۲. مستدرک حاكم ج ۳ ص ۵۵ ـ ۵۶. تاريخ مدينہ "ابن شبہ" ج۱ ص ۸۷.

(۲) المغازي "ابن شهاب زهري" ص ۱۳۰. سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۲۹۲. الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۱۵۸ ـ ۱۵۹. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۶۱. سيرة دمياطي ص ۲۷۵. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۸ ص ۲۵۵. تاريخ طبري ج ۲ ص ۴۳۳.

(۳) صحيح بخاري باب مرض النبي ﷺ ج ۳ ص ۹۲ ـ ۹۳. المغازي "ابن شهاب زهري" ۱۳۱.

(۴) ابن ماجہ "كتاب الوصايا" ج ۲ ص ۹۰۰. الدرر ابن عبدالبر ص ۲۷۰.

Marfat.com

عمر بن خطاب رضہ سندن بيماريءَ جي تکليف ڏسي فرمايو تہ هن وقت کين لکرائڻ جي تکليف ڏيڻ مناسب نہ آهي ۽ اسان لاءِ الله جو ڪتاب ڪافي آهي." ان ڪانپوءِ نبي انور ﷺ جن پنهنجو ارادو مٽائي ڇڏيو ۽ فرمايائون تہ:

يَأْبَى اللهُ وَيَدْفَعُ الْمُؤْمِنُوْنَ اِلَّا اَبَابَكْرٍ.

"نہ پسند ڪندو الله تعاليٰ ۽ مڃيندا مؤمن سواءِ ابوبڪر جي (ڪنهن ٻئي کي)."

جيئن صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ ڇاڻايو ويو آهي. (۱)

باقي اهل تشيع جي اها پُل آهي تہ ان ڪاغذ ۾ نبي آخر الزمان ﷺ جن حضرت علي رضہ جي خلافت بابت لکرائڻ جو ارادو ڪيو هو. حديث ۽ سنت جي ڪتابن ۾ ان ڳالهہ جو ڪو وجود نہ آهي ۽ نہ ان ڏس ۾ وري ڪا صحيح روايت موجود آهي، نہ حسن ۽ نہ ضعيف. اها ڳالهہ هن پنهنجي دل مان گهڙي آهي، جنهن تي نہ نظر وجهڻ ڪپي ۽ نہ ويساه ڪرڻ جڳائي.

جڏهن تہ حضرت ابوبڪر رضہ جي خلافت بابت روايتون صحيح بخاري، صحيح مسلم، مسند احمد، مسند بزار، مشڪوات شريف ۽ حديث جي ٻين ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ڪولي بيان ڪيون ويون آهن. (۲)

پاڻ ڪريم ﷺ جن جو حضرت عائشہ رضہ جي گهر اچڻ

* هن سال بيماريءَ جي دوران پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي گهروارين کي ٻڌايو تہ پاڻ ﷺ بيماريءَ وارو عرصو سيده عائشہ رضہ جي گهر گذارڻ چاهين ٿا. سيني بيبين سڳوربن اها ڳالهہ خوشيءَ سان قبول ڪئي. ان ڪانپوءِ ربيع الاول جي پنجين تاريخ سومر رات پاڻ سڳورا ﷺ حضرت عائشہ رضہ جي گهر آيا. جيتوٽيڪ اهو هن بيبي سڳوريءَ جي ئي واري جو ڏينهن هو پر ان ڪانپوءِ نبي اڪرم ﷺ جن باقي اٺ ڏينهن اتي ئي رهيا ۽ ان گهر مان وري ڪڏهن ٻاهر نہ نڪتا، تانجو اتي ئي سندن وصال ٿيو. (۳)

نبي ڪريم ﷺ جن جو خطبو (۴)

* هن سال بيماري واريَ زماني ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن هڪ ڏينهن منبر تي اچي خطبو ڏنو. اهو خطبو بيماريءَ سبب ويهي ڏنائون، جنهن ۾ ڪيترائي اهڙا مسئلا بيان ڪيا ويا جيڪي امت لاءِ ضروري هئا.

---

(۱) صحيح بخاري "باب مرض النبي ﷺ" ج ۳ ص ۹۱. فتح الباري "ابن حجر" ج ۸ ص ۱۹۰۹. صحيح مسلم كتاب الوصية ج ۵ ص ۷۶.

(۲) صحيح بخاري "باب اهل العلم والفضل احق بالامامة" ج ۱ ص ۱۲۴، صحيح مسلم "باب الاستخلاف الامام" ج ۲ ص ۲۰. المغازي "ابن شهاب زهري" ص ۱۴۷. البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۵ ص ۲۵۳، فتح الباري ابن حجر ج ۸ ص ۲۷۳.

(۳) صحيح بخاري، باب مرض النبي ﷺ ج ۲ ص ۱۳۷. جوامع السيرة "ابن حزم" ص ۲۶۳، المغازي "ابن شهاب زهري" ص ۱۲۰.

(۴) هن خطبي بابت روايتون هيٺين ڪتابن تان نقل ڪيون ويون آهن.

صحيح بخاري "باب مرض النبي ﷺ" ج ۳ ص ۹۱ ـ ۹۶. "صحيح مسلم" "كتاب فضائل الصحابہ" ج ۷ ص ۱۳۴ ـ ۱۰۸. المغازي "ابن شهاب زهري" ص ۱۳۱، سيرة ابن حبان ص ۴۰۰ ـ ۳۹۹، سيرة دمياطي ص ۲۸۴، شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۸ ص ۲۵۳ ـ ۲۵۴. "سيرة ابن هشام" ج ۴ ص ۲۹۹، تاريخ طبري ج ۲ ص ۴۳۵. تاريخ ابو الفداء ج ۱ ص ۲۱۳ ـ ۲۱۵.

Marfat.com

اهو خطبو ربيع الاول جي اڻين تاريخ خميس جي ڏينهن تي ڏنو ويو.

هن سال متين خطبي ۾ فرمايائون: "جيڪڏهن آءٌ پنهنجي رب کانسواءِ ڪنهن کي پنهنجو خليل (دلي دوست) بڻايان ها ته اهو ابوبکر هجي ها پر پوءِ به ان سان اسلامي پائپي ۽ محبت آهي. بخاريءَ جي روايت ۾ وري "اسلامي دوستي ۽ محبت" جا لفظ آيل آهن.

* هن سال ساڳئي خطبي ۾ نبي ڪريم ﷺ جن اهي لفظ فرمايا هئا: "الله تعاليٰ ٻانهي کي اختيار ڏنو آهي ته اهو هميشه دنيا ۾ رهڻ پسند ڪري يا جنت ۾ پنهنجي پالٹهار جو ديدار ڪري، پوءِ ان ٻانهي پنهنجي رب جي ديدار ۽ اتي جيڪي ڪجهه آهي ان کي اختيار ڪيو."

حضرت ابوسعيد خدري رضه جي روايت آهي ته "اهو ٻڌي حضرت ابوبکر صديق رضه روئي ويٺو، چو جو اسان سڀني مان سواءِ صديق اڪبر رضه جي اها ڳالهه ڪير به سمجهي نه سگهيو هو ته نبي آخر الزمان ﷺ جن کا پنهنجي ڳالهه ڪري رهيا آهن، بيشڪ حضرت ابوبکر صديق رضه اسان ۾ سڀ کان وڏو سمجهدار هو.

* هن سال نبي انور ﷺ جن متين خطبي ۾ اهو به فرمايو:

"کل دربون بند ڪيون وڃن سواءِ حضرت ابوبکر رضه جي دريءَ جي، ان کانپوءِ اهي سموريون دربون (جيڪي مسجد ۾ کلنديون هيون) بند ڪيون ويون ۽ حضرت ابوبکر رضه جي دري کليل رهي.

اها دري اڄ تائين مسجد نبوي ﷺ جي اولهه پاسي موجود آهي، جنهن تي سونهري اکرن ۾ لکيل آهي:

"هٰذِهِ خَوْخَةُ سَيِّدِنَا اَبِيْ بَكْرِ نِ الصِّدِّيْقِ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ".

* هن سال هن خطبي ۾ رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو: "مون تي ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ ٿورا ابوبکر صديق رضه جا آهن، جيڪي هن پنهنجي صحبت توڙي مال ملکيت وسيلي ڪيا آهن.

* هن ئي سال ساڳئي خطبي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن انصار جي باري ۾ وصيت ڪندي فرمايو: "آءٌ اوهان کي وصيت ٿو ڪريان ته انصار سان پلائي وارو برتاءُ ڪجو، ٿورن کرڻ وارن جا ٿورا ڳائجو ۽ غلطي کرڻ وارن جون غلطيون وساري ڇڏجو."

پاڻ ڪريمن ﷺ جي بيماريءَ دوران سيده فاطمه رضه سان گفتگو

* هن سال بيماريءَ جي موقعي تي جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي نياڻي سڳوري سيده فاطمة الزهراء رضه وٽن آئي ته کيس ڪن ۾ چيائون ته سندن وصال هن بيماريءَ ۾ ئي ٿيندو. جنهن تي بيبي سائنڍ روئي ڏنو.

وري نبي انور ﷺ جن بيبي سائنڍ کي ٻيو دفعو به ڪن ۾ ٻڌايائون ته "منهنجي ڪٽنب مان سڀ کان اڳ اوهان مون سان ملندؤ."

اهو ٻڌي سيده جي منهن مبارڪ تي مرڪ اچي ويئي [1] هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ٻئي

---

(١) صحيح بخاري باب مرض النبي ﷺ ج ٣ ص ٩٢، صحيح مسلم "كتاب فضائل الصحابه" ج ٧ ص ١٤٣ ـ ١٤٢. مسند احمد ابن حنبل ج ٦ ص ٧٧، "المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ٤ ص ٥٢٥.

Marfat.com

پيري پاڻ ڪريمن ﷺ حضرت بيبي فَاطِمَةُ الزَّهْراء رضہ کي فرمايو: "ڇا اوهان ان مان خوش نہ آهيو تہ جنتي عورتن جي اڳواڻي اوهان جي سپرد ڪئي وڃي" (۱)

انهن ٻنهي روايتن کي گڏي ائين چئي سگهجي ٿو تہ اِمَامُ الْاَنْبِيَاء ﷺ جن ٻئي پيري اهي ٻئي ڳالهيون چيون هجن جو انهن ٻنهي ۾ ڪو اختلاف نظر نٿو اچي.

غلام آزاد ڪرڻ

* هن سال بيماريءَ دوران سرور عالم ﷺ جن چاليهہ غلام آزاد ڪيا.

پاڻ سڳورن ﷺ جن جي صحابين کي وصيت (۲)

* هن سال بيماريءَ سبب پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن سيده عائشہ رضہ جي گهر ترسيل هئا تہ اتي پنهنجي صحابي سڳورن کي هن ريت وصيت فرمايائون: "وصال ڪانپوءِ مونکي غسل ڏجو، پوءِ ڪفن ڏيڪاريجو، پوءِ منهنجي ڪٽوليءَ کي قبر جي ڪنڊيءَ تي آڻجو جيڪا هن ئي گهر ۾ هوندي، پوءِ اوهان ڪجهہ دير ٻاهر نڪري وڃجو، پوءِ سڀ کان پهريان منهنجي مٽان جبرئيل نماز پڙهندو، پوءِ ميڪائيل، پوءِ اسرافيل ۽ آخر ۾ عزرائيل نماز ادا ڪندو. انهن مان هرهڪ سان گڏ فرشتن جو لشڪر هوندو، انهن ڪانپوءِ منهنجي ڪٽنب جا مرد ۽ پوءِ عورتون نماز ادا ڪندا ۽ پوءِ آخر ۾ اوهان ٽولا ٽولا ٿي مونتي نماز پڙهجو. پوءِ ائين ئي ڪيو ويو جيئن پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو هو.

سڀ کان پهريان ملائڪن نماز پڙهي، پوءِ گهر جي مردن، پوءِ عورتن، پوءِ مهاجر مردن، پوءِ انصار مردن، پوءِ عورتن ۽ آخر ۾ ٻارن نماز ادا ڪئي.

اها نماز سمورن ماڻهن پنهنجي منهن ادا ڪئي، جنهن ۾ اڳيان امامت لاءِ ڪوبہ موجود نہ هو.

* هن سال ربيع الاول مهيني جي نائين تاريخ جمعي جي رات پاڻ ڪريم ﷺ جن جي بيماريءَ واري تڪليف وڌي ويئي، جنهن سببان پاڻ سڳورن ﷺ مٽان ٿي دفعا غشي طاري ٿي.

---

(۱) تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۶۲، فتح الباري "ابن حجر" كتاب فضائل اصحاب النبي ﷺ ج ۷ ص ۴۷۷، السيرة النبويہ ﷺ "ذهبي" ص ۳۸۰، روضة الاحباب سيد جمال الدين ج ۱ ص ۴۳۲.

(۲) هن ڪانپوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ جي بيماريءَ وارن آخري ٽن ڏينهن جي ڪيفيات ۽ وصال جو احوال ڏنو ويو آهي، جنهن جا حوالا هيٺين ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

صحيح بخاري "باب مرض النبي ﷺ" ج ۲ ص ۹۱ ـ ۹۶، صحيح مسلم، فتح الباري "ابن حجر" ج ۸ ص ۵۰۱، ۴۷۳، "المغازي" ابن شهاب زهري ص ۱۳۰ ـ ۱۳۶. سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۳۰۵ ـ ۳۹۸، الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ۲۰۲ ـ ۱۹۵. السيرة النبويہ ﷺ "ذهبي" ص ۴۰۰ ـ ۳۸۹، البدايہ والنهايہ "ابن كثير" ج ۵ ص ۳۱۴ ـ ۳۰۳. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۱ ص ۳۴ ـ ۳۳، الدرر "ابن عبدالبر" ۲۷۲ ـ ۲۶۹، جوامع السيرة ابن حزم ص ۲۶۶ ـ ۲۶۲، سيرة دمياطي ۲۸۸ ـ ۲۷۶، سيرة مغلطائي ص ۳۶۰ ـ ۳۴۹. المواهب اللدنيہ "قسطلاني" ج ۴ ص ۵۶۳ ـ ۵۲۵. شرح علي المواهب اللدنيہ "زرقاني" ج ۸۷ ص ، تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۱ ص ۱۶۶ ـ ۱۷۲. سيرة ابن حبان ۴۰۱ ـ ۳۹۸ روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ۳۹۵ ـ ۳۹۲. بهجة المحافل "عامري" ج ۲ ص ۱۱۶.

Marfat.com

جنهن کري سومهٹيءَ جي نماز لاءِ مسجد ڏانهن وڃڻ جي سگهه ساري نه سگهيا ۽ ٽي دفعا فرمايائون ته "ابوبکر کي موکليو، ته ماڻهن کي نماز پڙهائي." ۽ پوءِ ابوبکر رضه نبي انور ﷺ جن جي جاءِ تي ان رات سومهٹيءَ جي نماز پڙهائي ۽ ان کانپوءِ باقي ٽي ڏينهن به روزانه پنج ئي وقت حضرت ابوبکر صديق رضه ئي نماز پڙهائيندو رهيو. اهڙي ريت حضرت صديق رضه سرور عالم ﷺ جن جي موجودگيءَ ۾ سترهن نمازون پڙهايون. ان سلسلي جي شروعات جمعي جي رات سومهٹيءَ واري نماز کان ٽي ۽ پڇاڙي ٻارهين ربيع الاول سومر ڏينهن فجر جي نماز تي ٽي.

* هن سال نبي کريم ﷺ جن انهن ٽن ڏينهن دوران هڪ ڏينهن بيماريءَ ۾ کجهه ڊرائي محسوس ڪئي ۽ پوءِ آچر واري ڏينهن ٻن ماڻهن جي ٽيڪ تي نماز لاءِ مسجد ڏانهن هليا، جنهن ۾ سنڊن پير مبارڪ ڪمزوري سبب زمين سان گسندا پئي هليا، جنهن جا ليڪا زمين تي پئي ظاهر ٿيا. تانجو هلندڙ نماز ۾ وڃي صف تائين پهتا. ان وقت حضرت ابوبکر صديق رضه ماڻهن کي نماز پڙهائي رهيا هئا ۽ نبي کريم ﷺ جن به اڇي اها نماز ماڻهن سان گڏجي ادا ڪئي.

هاڻي ان ڳالهه ۾ اختلاف آهي ته مٿين نماز ۾ سرور عالم ﷺ جن پاڻ امامت فرمائي يا حضرت ابوبکر رضه جي امامت ۾ نماز ادا فرمايائون؟ بهرحال اهي ٻئي روايتون مشهور آهن، جيڪي حديث جي ڪتابن ۾ موجود آهن.

* هن سال انهن پوين ٽن ڏينهن مان سومر واري ڏينهن تي فجر جي نماز مهل پاڻ ڪريمن ﷺ آخري پيرو حجري مبارڪ جي در تائين آيا ۽ پردو پاسي ڪري ٻاهر نهاريائون ته حضرت ابوبکر صديق رضه ماڻهن کي فجر جي نماز پڙهائي رهيا هئا ۽ ماڻهو سنڊن پويان صفون ٻڌي بيٺا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ مشڪي اوڏانهن نهاريو ۽ ان کانپوءِ گهر ۾ اندر هليا آيا ۽ اهو ڏينهن ئي سنڊن وصال جو ڏينهن هو.

* هن سال بيماريءَ جي موقعي تي جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي تڪليف وڌي ويئي ۽ پاڻ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڇڏي ڏنائون، تڏهن گهرياتين سمجهيو ته کين ذَاتُ الْجَنب (نمونيه) جي بيماري آهي، ان ڪري هنن سنڊن علاج لاءِ "لَدُوْد" (۱) تجويز ڪيو. اها دوا وات جي اندران ٻنهي پاسن کان لڳائي ويندي آهي. اهو ڏسي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ گهر ياتين کي ان علاج کان روڪيو، پر گهروارن سمجهيو ته "عام طور مريض دوا کان لهرائيندا آهن، انڪري هنن پاڻ ڪريم ﷺ جن جي وات مبارڪ جي اندران لَدُوْد" لڳائي ڇڏيو پر پوءِ جڏهن سرور عالم ﷺ جن جي تڪليف ۾ کجهه ڊرائي ٿي تڏهن فرمائڻ لڳا ته "ذات الجنب" جي بيماري ته شيطان جي پاران هوندي آهي، جنهن کان

---

(۱) "لدود" هڪ ديسي دوائن جو مرڪب آهي جيڪو، سيني ۽ ڳلي وغيره جي بيمارين يا بخار واسطي تيار ڪري مريض کي وات ۾ لڳايو ويندو آهي، ان دوا جو استعمال ان دور ۾ عام هو. انڪري گهر جا ياتي وڏي اعتماد سان اها دوا تيار ڪري مريض کي وات ۾ لڳائيندا هئا. هن دوا تيار ڪرڻ لاءِ "عودهندي" ۽ "ورس" نالي دوائن کي ڪٽي ڇاڻي زيتون جي تيل ۾ ملائي پوءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.
مدارج النبوة "شيخ عبدالحق محدث دهلوي" ج ۲ ص ۷۱۰.

Marfat.com

پروردگار مونکي پنهنجي پناھ ۾ رکيو آھي. انکري ھاڻي اھڙي علاج کرڻ وارن سان پلئو کيو وڃي، يعني جيڪي به ياتي ان موقعي تي گھر ۾ موجود ھنا انھن سمورن کي "لدود" لڳايو وڃي. سواءِ حضرت عباس رضہ جي جيڪو ان موقعي تي گھر اندر موجود نہ ھو. ان کانپوءِ حضرت عباس رضہ کانسواءِ سيني ياتين سان ائين ئي کيو ويو.

علامہ گازروني ۽ پنهنجي سيرت ۾ ڇاڻايو آھي تہ اھو واقعو ربيع الاول جي يارھين تاريخ آچر جي ڏينھن پيش آيو.

* ھن سال بيماريءَ دوران مٿي مرسل ﷺ جن فرمايو تہ ستن کوھن جي پاڻيءَ مان ست کليون اھڙي ريت ۾ري اڇو جو انھن جا منھن بند ھجن. پوءِ اھو پاڻي آندو ويو، جنھن منجھان کجھ پاڻيءَ سان نبي کريم ﷺ جن غسل فرمايو.

پاڻ سڳورن ﷺ جو ڏندڻ استعمال کرڻ

* ھن سال بيماري جي پوئين ڏينھن تي پاڻ سڳورن ﷺ حضرت عبدالرحمان بن ابوبکر رضہ جي ھٿ ۾ ھک تازو ڏندڻ ڏٺو ۽ پوءِ اھو وٺي استعمال کيائون.

سرور کائنات ﷺ جن جي زبان مبارک مان نڪتل آخري لفظ

* ھن سال بيماري دوران تاجدار مدينہ ﷺ جن جي زبان مبارک مان جيڪي آخري لفظ نڪتا اھي ھي آھن.

اَللّٰھُمَّ اغْفِرْلِيْ وَارْحَمْنِي (اي الله مونکي بخش ۽ مون تي رحم کر).

وَاَلْحِقْنِيْ بِالرَّفِيْقِ الْاَعْلٰي (۽ مونکي ملاءِ رفيق اعليٰ سان).

ھن جاءِ تي رفيق الاعليٰ مان مراد رب العالمين جي ذات بابرکات آھي. جڏھن تہ ڪن جو ڇوڙ آھي تہ ان مان مراد ٻيا نبي سڳورا، صديق، شھيد ۽ خدا تعاليٰ جا صالح ٻانھا آھن، جن جي باري ۾ خود خدا تعاليٰ فرمايو آھي "وَحَسُنَ اُولٰٓئِكَ رَفِيْقًا" (النساء: ٦٩) "۽ اھي بھترين دوست آھن."

پاڻ ڪريم ﷺ جن جو وصال

* ھن سال ئي اھو واقعو پيش آيو، جنھن کي سيده عائشہ رضہ جي لفظن ۾ ھن ريت بيان ڪيو ويو آھي:

"مان رسول خدا ﷺ جن کي پنھنجي سيني تي جھليو ويٺي ھيس تہ اتي ئي منھنجي ڇڪيءَ ۽ سيني جي وچ تي پاڻ سڳورن ﷺ منھنجي واري جي ڏينھن تي منھنجي ئي گھر ۾ وصال فرمايو."

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰي سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَعَلٰي آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَ بَارِكْ وَ سَلِّمَ.

حضرت عزرائيل جي سرور کائنات ﷺ جن کان اجازت طلب کرڻ

* ھن سال وصال کان ٿي ڏينھن اڳ موت جو فرشتو حاضر ٿيو ۽ رسول خدا ﷺ جن کان پنھنجي ڪارروائي پوري کرڻ جي اجازت طلب کيائين.

Marfat.com

سرور عالم ﷺ جن طرفان کيس اهڙي اجازت ڏني ويئي، جنهن کانپوءِ هو موڻي ويو ۽ ٿي ڏينهن رکي وري آيو ۽ پوءِ الله تعاليٰ طرفان مليل حڪم پورو ڪيائين.

موت جي فرشتي هن کان اڳ ڪڏهن به ڪنهن هستيءَ کان اهڙي اجازت نه گهري هئي ۽ اها نبي انور ﷺ جن جي خصوصيت آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال جي تاريخ ڏينهن ۽ وقت وغيره جو احوال

* هن سال هڪ مشهور قول مطابق نبي انور ﷺ جن جو وصال ربيع الاول جي ٻارهين تاريخ ٿيو. اهو سومر جو ڏينهن هو، جنهن ۾ ڪوبه اختلاف نه آهي. البت وقت بابت روايتن ۾ اختلاف آهي. هڪڙن جو چوڻ آهي ته اهو واقعو ڪچڙي منجهند مهل پيش آيو. جڏهن ته ٻين جو چوڻ آهي ته اهو واقعو ٽاڪ منجهند وقت پيش آيو. انهن ٻنهي روايتن ۾ مطابقت پيدا ڪرڻ لاءِ چئي سگهجي ٿو ته هتي ڪچڙي منجهند مان مراد زوال کانپوءِ جو وقت ورتو ويندو، نه ڪي اڳ جو.

وصال وقت امام الانبياء ﷺ جن جي ڄمار ٽيهٺ ورهيه يا وري هڪ ٻي روايت مطابق پنجهٺ ورهيه هئي.

انهن ٻنهي روايتن کي ملائي هي نتيجو ڪڍيو ويندو ته پنجهٺ سالن واري روايت ۾ ولادت ۽ وصال وارن ٻنهي سالن کي ڳاٽيٽي ۾ آندو ويو آهي. جڏهن ته ٽيهٺ سالن واري روايت ۾ اهي ٻئي سال شامل نه آهن. هاڻي ائين چيو ويندو ته وصال وقت مٿي مرسل ﷺ جن جي عمر مبارڪ پورا ٽيهٺ ورهيه هئي. ڇو جو هڪ روايت مطابق پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي ولادت با سعادت به ربيع الاول مهيني جي ٻارهين تاريخ تي ئي ٿي هئي.

حضرت ابوبڪر صديق رضه جو اچڻ

* هن سال جڏهن سرور عالم ﷺ جن وصال فرمايو ته ان وقت حضرت ابوبڪر صديق رضه جن "سُنْح" ڏانهن ويل هئا، پوءِ موٽ تي جڏهن حضرت عَائِشَه رضه جي گهر آيا، تڏهن پاڻ ڪريمن ﷺ جي مٿان جهڪي ٻنهي اکين جي وچ تي سندن پيشاني مبارڪ چمندي روئي ڏنائون ۽ پوءِ هيئن فرمايائون: "منهنجو پيءُ ماءُ اوهان تان قربان، خدا تعاليٰ اوهان جي مٿان ٻه دفعا موت نه آڻيندو. جيڪو وصال لکيل هو اهو پورو ٿيو."

ان کانپوءِ حضرت ابوبڪر رضه هيءَ آيت سڳوري پڙهڻ لڳا: (۱)

---

(۱) وصال واري ڏينهن تي صبح جو حضرت ابوبڪر صديق جن نماز پڙهائڻ کانپوءِ پنهنجي گهرياتين سان ملڻ لاءِ پنهنجي گهر ويا جيڪو "سنح" محلي ۾ هو.

حضرت ابوبڪر صديق رضه جي وڃڻ کانپوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ جي طبيعت وڌيڪ بگڙي ويئي ۽ پاڻ وصال فرمايائون. اللهم صل علي سيدنا محمد وعلي آل سيدنا محمد وبارڪ وسلم.

حضرت صديق رضه جن جڏهن واپس پهتا ته ڪين پاڻ سڳورن ﷺ جي وصال جو اهو اندوهناڪ اطلاع مليو، جنهن کانپوءِ هو حضرت عمر فاروق رضه سان گڏجي سيده عائشه صديقه رضه جي حجري مبارڪ ۾ آيا. ان وقت نبي آخر

Marfat.com

وَمَا مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوْلٌ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ. (۱)

"محمد فقط الله جو رسول آهي، کانئس اڳ به الله جا رسول ٿي گذريا آهن".

پوءِ اهو آواز جنهن شخص جي به ڪن تائين پهتو اهو ان آيت جي تلاوت ڪرڻ لڳو.

غسل مبارڪ جو بيان

* هن سال نبي اڪرم ﷺ جن جي وصال کانپوءِ حضرت عَلي ڪرم الله وجهه جن کيس غسل ڏياريو. هن غسل ۾ حضرت علي رضه سائين جن سان گڏ حضرت عَبَّاس رضه، سندس به پٽ "فَضْل" ۽ "قُثَم" کان سواءِ پاڻ سڳورن ﷺ جا به آزاد ڪيل غلام اُسَامَه ۽ شُقْران پڻ شامل هنا. (۲)

غسل کانپوءِ نبي آخر الزمان ﷺ جن کي ٽن سفيد سوٽي ڪپڙن جو ڪفن ڏکايو ويو، جنهن کي سحوليه (۳) سڏيو ويو آهي ۽ ان ۾ قميض، شلوار ۽ پٽڪي وغيره جهڙي ڪا به شيءِ شامل نه

الزمان ﷺ جن جي مٿان هڪ يمني چادر پيل هئي. حضرت ابوبڪر صديق رضه منهن مبارڪ تان اها چادر پاسي ڪري پاڻ ڪريمن ﷺ جي پيشاني مبارڪ کي چمندي اهي لفظ فرمايا ۽ پوءِ واپس مسجد نبوي ﷺ ۾ موٽي آيا، جتي ٻيا صحابي سڳورا نهايت پريشان ۽ غمگين حالت ۾ موجود هئا.

"صحيح بخاري باب مرض النبي ووفاته ج ۳ ص ۹۵. سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۳۰۶. سيرة ابن حبان ص ۴۰۰." "تاريخ الخميس" "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۶۷. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۴ ص ۵۴۴. الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۲۰۴.

(۱) سورہ آل عمران آيت ۱۴۴ پاره ۴.

(۲) نبي اڪرم ﷺ جن جي وصيت مطابق حضرت علي ڪرم الله وجهه کين غسل ڏياريو، جڏهن ته حضرت عباس ۽ سندس به پٽ "فضل" ۽ "قثم" پاڻ ڪريم ﷺ جن جي جسم اطهر کي اٽلائڻ ۽ پاسي مٽائڻ جي ڪم تي مامور هئا. باقي حضرت اسامه ۽ شقران جي مٿان وري پاڻي وجهڻ جي ذميواري هئي. انصارن مان حضرت اوس بن خولي کي به غسل ڏيڻ وارن ۾ شامل ڪيو ويو هو. هڪ روايت مطابق پاڻ سڳورن ﷺ جي جسم مبارڪ کي ٽي دفعا غسل ڏنو ويو. پهريون دفعو صاف پاڻيءَ سان، ٻيو دفعو اهڙي پاڻيءَ سان جنهن ۾ ٻير جا پن پيل هئا، ۽ ٽيون دفعو وري ڪافور جي پاڻيءَ سان. سعد بن خيثمه ۽ ڪجهه ٻين راوين جو چوڻ آهي ته غسل واسطي اهو پاڻي "غرس" نالي ان ڪوه مان آندو ويو هو جيڪو "قبا" ۾ موجود هو. ڇو جو پاڻ سڳورا ﷺ ان ڪوه جو پاڻي پيئڻ توڙي ان مان وضو ڪرڻ پسند ڪندا هئا.

سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۳۱۲. دلائل النبوة "بيهقي" ج ۷ ص ۲۴۵. المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۴ ص ۵۵۷. سيرة مغلطائي ص ۳۵۲. سيرة النبويه ﷺ "ذهبي" ص ۴۰۳. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۱۷۰. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج۱ ص ۳۹۶. البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ۵ ص ۲۲۹. تاريخ يعقوبي ج ۲ ص ۱۱۴.

(۳) نبي انور ﷺ جن کي بهترين ڪاڻ (سوٽي ڪپڙي) جو ڪفن ڏنو ويو، جنهن کي "سحوليه" سڏيو ويو آهي. اهو انڪري جو اهو ڪپڙو يمن جي شهر "سحول" ۾ تيار ٿيندو هو.

ياقوت حموي جي خيال مطابق ان لفظ جو اچار "سَحُول" آهي، ڇو جو ان نالي پٽيان هڪ قبيلو اتي آباد هو، جنهن ڪري شهر تي به اهو نالو پئجي ويو. جڏهن ته عبدالله بكريءَ جو خيال آهي ته ان جو اچار "سَحوَل" آهي. يمن ۾ ڪپڙي جي صنعت جا به وڏا مرڪز هئا.

۱. نجران ۲. سحول.

Marfat.com

هئي. (١) قبر مبارک سيده عائشہ صديقہ رضہ جي حجري مبارک ۾ ان جاء تي کوڻي ويئي جتي پاڻ سڳورن ﷺ جو بسترو وڇايل هو.

قبر مبارک ۾ اندر سواء "اُسَامَہ" جي اهي سمورا ماڻهو لٽا هئا، جن خدا جي آخري رسول ﷺ کي غسل ڏياريو هو. قبر مبارک کي ڪچين سرن سان بند ڪيو ويو، جنهن جي مٿان وري به نَو (٩) ڪچيون سرون رکيون ويون. (٢)

اَبُو عَبدُاللّٰه جو اسلام قبول ڪرڻ

* هن سال حضرت ابوعبدالله صُنَابِحِيّ به اسلام قبول ڪيو. جنهن جو نالو عَبدُالرَّحمَان بن عسيله ٻڌايو ويو آهي، سندس نسبي تعلق يمن جي مشهور قبيلي "صُنَابِح" سان هو، جنهن ڪري ڪيس صُنَابِحِيّ سڏيو ويندو آهي.

نجران ۾ اعليٰ قسم جي اوني ڪپڙي جي صنعت هئي، جڏهن ته "سحول" وري سوڻي ڪپڙي جي لحاظ کان مشهور هو. هتي هڪ خاص قسم جو سفيد سوڻي ڪپڙو تيار ٿيندو هو، جنهن جي ڏاڍي کي تمام گهٽ وٽيو ويندو هو، انڪري اهو ڪپڙو تمام نرم ۽ نفيس هوندو هو ۽ ان ڪپڙي کي ئي "سحوليہ" سڏيو ويندو هو.
معجم البلدان ـ ياقوت حموي ج ٣ ص ١٩٥. المعجم مااستعجم ـ عبدالله بکري ج ٣ ص ٧٧٣. جوامع السيرة "ابن حزم" ص ٢٦٥. سيرة مغلطائي ص ٣٣٤. سيرة دمياطي ص ٢٨٩.

(١) نبي کريم ﷺ جن کي جيڪو ڪفن ڏنو ويو، اهو ٽن ڪپڙن تي مشتمل هو جنهن ۾ هڪ چادر، هڪ گوڏ ۽ هڪ ڪفني شامل هئي. حضرت عامر رضہ جي اها روايت "ابن سعد" کان نقل ڪئي آهي، جڏهن ته ڪن روايتن ۾ هڪ يمني چوغي جو ذڪر به اچي ٿو پر پهرين روايت ئي وڌيڪ معتبر آهي، جنهن تي اڪثريت کي اتفاق آهي.
الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ٢ ص ٢١٨. دلائل النبوة "بيهقي" ج ٧ ص ٢٤٩. "بلوغ المرام" "ابن حجر" تحقيق صفي الرحمٰن مبارڪپوري ص ١٥٤ (حاشيہ).

(٢) پاڻ ڪريمن ﷺ جي قبر مبارک حضرت ابوطلحہ رضہ بن سهل تيار ڪئي. قبر مبارک ۾ اندر پاسي کان سامي ڪوڻي ويئي، جو جو ان دوُر ۾ اهڙيءَ ريت قبرون تيار ڪيون ويندیون هيون.
پاڻ سڳورن ﷺ جي آزاد ڪيل غلام حضرت "شقران" سامیءَ ۾ اندر زمين مٿان اها يمني چادر وڇائي جيڪا پاڻ سڳورا ﷺ استعمال ڪندا هئا. ان وقت جذبات ۾ حضرت شقران جي وات مان بي اختيار هي جملو نڪتو. والله لايلبسها احد بعدک.
("خدا جو قسم! اوهان جي پڇاڻان هي (چادر) کوبہ استعمال نہ ڪندو.")
ان ڪانپوءِ قبر مبارک اندر جسم اطهر کي "سامي" ۾ رکيو ويو، جنهن کي ڪچين سرن سان بند ڪيو ويو، ۽ اهو ڪم حضرت مغيره بن شعبہ رضہ سرانجام ڏنو.
امام نووي ۽ هين وڏن عالمن جو خيال آهي ته عام حالتن ۾ قبر اندر چادر وڇائڻ ڪراهت آهي، جنهن جي جمهور وٽ اجازت نہ آهي ۽ اهو حضرت شقران جو منفرد فعل هو، جيڪو بعد ۾ ڪنهن به موقعي تي نہ ورجايو ويو، جڏهن ته "تحقيق النصره" ۾ علامہ ابن عبدالبر جي تحقيق آهي ته سامیءَ جي مٿان سرن رکڻ ڪانپوءِ ان چادر کي ٻاهر ڪڍيو ويو. والله اعلم.
رزين جي روايت آهي ته جڏهن قبر مبارک کي ڪچين سرن سان بند ڪيو ويو ته پوءِ ان جي مٿان ڪچي مٽي وجهي ان جي مٿان وري نَو ڪچيون سرون رکيون ويون ۽ پوءِ حضرت بلال رضہ قبر مبارک جي مٿان پاڻي ڇڙڪائي ڇڏيو. ان قبر مبارک جي اوچائي زمين کان هڪ گرٿ مٽي هئي.

Marfat.com

ابوعبدالله، نبي انور ﷺ جن جي دؤر ۾ ئي اسلام قبول کيو ۽ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي صحبت مان مستفيض ٿيڻ لاءِ مديني ڏانهن هجرت کيائين پر جڏهن هو "جحفه" تائين پهتو ته کيس اتي پاڻ کريم ﷺ جن جي وصال جو اطلاع مليو. اهڙيءَ ريت هو وصال نبوي ﷺ کان پنج ڏينهن پوءِ مديني ۾ داخل ٿيو، سندس شمار وڏن قابل احترام تابعين ۾ ٿيندو آهي. (۱)

سُوَيْد بن غَفَلَه جو مسلمان ٿيڻ

* هن ئي سال سُوَيْد بن غَفَلَهَ بِن عَوْسَجَه عَوْفِي نبي آخر الزمان ﷺ جن جي زيارت لاءِ کوفي کان نڪتو پر پاڻ کريمن ﷺ جن جي دفن وقت مديني پهتو.

حضرت سُوَيْد عمر جو گهڻو حصو جاهليت واري دؤر ۾ گذاريو، آخر پاڻ کريمن ﷺ جن جي زندگيءَ ۾ ئي اسلام قبول کيائين پر کيس زيارت جو شرف حاصل ٿي نه سگهيو. هو کوفي جو رهاکو هو ۽ عام الفيل ۾ ڄائو هو. (۲)

حضرت ابوبکر صديق رضه جي خلافت

* هن ئي سال حضرت ابوبکر صديق رضه جي خلافت لاءِ بَيْعَت وٺڻ جو واقعو پيش آيو.

تاريخ الخلفاء ۾ جلال الدين سيوطي ڄاڻايو آهي ته "رسول انور ﷺ جن جي وصال واري ڏينهن تي حضرت ابوبکر صديق رضه جي بيعت کئي ويئي. اهو سومر جو ڏينهن ربيع الاول جي ٻارهين تاريخ ۽ هجرت جو يارهون سال هو." (۳)

سيده فَاطِمَةُ الزَّهْراء رضه جي رحلت

* هن سال پاڻ کريم ﷺ جن جي نياڻي سيده فاطمة الزهراء رضه اڳاري ڏينهن رمضان شريف جي ٽين تاريخ تي وفات فرمائي. (۴)

"صحيح مسلم" كتاب الجنائز ج ۲ ص ٦١. سيرة ابن هشام ج ۴ ص ۳۱۳، المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۴ ص ٥٦٣ ـ ٥٦٢. الانساب الاشراف "بلاذري" ج ۱ ص ٥٧٨ ـ ٥٧٥، الروض الانف "سهيل" ج ۴ ص ۲۹۳. الطبقات الكبريٰ "ابن سعد" ج ۲ ص ۲۳۲. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۱ ص ۱۴۸، "تاريخ طبري" ج ۲ ص ۴٥۲.

(۱) الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۲ ص ۳۸۴ ـ ۳۸۳. الاصابه "ابن حجر" ج ۳ ص ۹۷. اسد الغابه "ابن الاثير" ج ۳ ص ۳۱۰.

(۲) الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۲ ص ۲۳۷. الاصابه "ابن حجر" ج ۲ ص ۱۰۰.

(۳) تاريخ الخلفاء "سيوطي ص ٦٥، البدايه والنهايه "ابن كثير" ج ٥ ص ۲۱٦ ـ ۲۱٥. تاريخ الخميس "ديار بكري" ج ۲ ص ۲۰۰ ـ ۱۹۹، الرياض النضره "محب طبري" ج۱ ص ۲۳۱.

(۱) سيده فاطمة الزهراء رضه جي وفات بابت راوين مختلف تاريخون ٻڌايون آهن. جن مان مٿين تاريخ تي اڪثريت کي اتفاق آهي ۽ ان جا حوالا هيٺين کتابن تان نقل کيا ويا آهن.

الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۴ ص ۴٥۲، المواهب اللدنيه "قسطلاني" ج ۲ ص ٦۴. تاريخ طبري ج ۲ ص ۴۷۳. روضة الاحباب "سيد جمال الدين" ج ۱ ص ۴۳۴، سبل الهدىٰ والرشاد "شامي" ج ۱۱ ص ۴۹. الاصابه "ابن حجر" ج ۴ ص ۳۸۰، اسد الغابه "ابن الاثير" ج ٥ ص ٥۲۴.

Marfat.com

اهـو واقعـو سرور عالم ﷺ جن جي وصـال کان ڇهه مهينا پوءِ پيش آيو. وفات وقت خاتون جنت رضه جي ڇمار اوٽيهه ورهيه هئي. ان اختلاف جو ڪارڻ اهو آهي جو خود سيده رضه جي ڇمڻ واري سال ۾ اختلاف آهي.

ڪن جو چوڻ آهي ته هن بيبي سائنڊ جي ولادت، نبوت کان اڳ ان وقت ٿي هئي، جڏهن قريش ڪعبة الله جي تعمير ۾ رڌل هئا. ان وقت امام الانبياء ﷺ جن جي عمر مبارڪ پنجٽيهه ورهيه هئي. جڏهن ته بين جو چوڻ آهي ته سيده فاطمة الزهراء رضه نبوت جي پهرين سال ڄائي هئي، ان وقت پاڻ سڳورن ﷺ جي عمر مبارڪ جو ايڪيتاليهون سال شروع ٿي چڪو هو.

"الاذڪار نووي" جي شرح ۾ ابن عـلانُ ڄاڻايو آهي ته هن بيبي سڳوري جي ڇمڻ بابت پهريون قول صحيح آهي. (۱)

مٽين اختلاف سبب هي مونجهارو ٻه پيدا ٿئي ٿو ته ان وقت خاتون جنت رضه جي عمر مبارڪ ڪيتري هئي، جنهن وقت سيدنا علي ڪرم الله وجهه سان لائون لڳائين؟ هڪ روايت موجب ان وقت سندن ڇمار اوٽيهه سال هڪ مهينو ۽ تيرهن ڏينهن هئي. جڏهن ته ٻي روايت ۾ ان وقت سندن ڇمار پندرهن سال پنج مهينا ۽ پندرهن ڏينهن ٻڌائي ويئي آهي.

حضرت اُمِّ اَيْمَن رضه جي وفات

* هن سال پاڻ ڪريم ﷺ جن جي دائي ۽ آزاد ڪيل ٻانهي حضرت اُمِّ اَيْمَن بَرَڪَه حَبَشيَّة رضه ٻه وفات فرمائي. اهو واقعو سيد الانبياء ﷺ جن جي وصال کان پنج يا ڇهه مهينا پوءِ پيش آيو. (۲)

---

(۱) الاذڪار نووي "شرح ابن علان" ص ٦٢.

(۲) پيغمبر آخر الزمان ﷺ جن جي آيا ۽ دائي حضرت ام ايمن جنهن جو نالو ته "برڪة بنت ثعلبه بن عمرو بن حصن بن مالڪ بن سلمه" ٻڌايو ويو آهي پر هيءَ پنهنجي ڪنيت جي حوالي سان ئي مشهور آهي. هوءَ نبي انور ﷺ جن جي بابي سائينءَ حضرت عبدالله جي ٻانهي هئي، جيڪا پاڻ سڳورن ﷺ کي ورثي ۾ ملي. سندس پهرين شادي "عبيد" بن زيد سان ٿي، جتان کيس "ايمن" نالي پٽ ڄائو، جنهن ڪري کيس ام ايمن سڏيو ويندو آهي. عبيد جي وفات کانپوءِ سندس نڪاح حضرت زيد بن حارثه رضه سان ٿيو ۽ ان گهر مان کيس اسامه بن زيد رضه ڄائو.

صحابيات جي صف ۾ حضرت ام ايمن رضه جو مقام گهڻو مٿانهون آهي. سرور عالم ﷺ جن جي ولادت کان وٺي وصال تائين ام ايمن رضه کي سندن خدمت ڪرڻ جو شرف حاصل رهيو.

نندپڻ ۾ پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن پنهنجي امڙ سائنڊ حضرت "آمنه" سان گڏ مديني کان مڪي موٽي رهيا هئا ته رستي ۾ "ابواء" وٽ سيده "آمنه" انتقال فرمايو ۽ پوءِ "ام ايمن" ئي پنهنجي سر امام الانبياء ﷺ جن کي موٽائي مڪي وٺي آئي. جنهن کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي مهربان ڏاڏي حضرت عبدالمطلب وٽ رهيا يا شفيق چاچي حضرت ابوطالب وٽ، پر "ام ايمن" هر جاءِ تي سندن خدمت ۾ پيش پيش رهي. اهوئي سبب آهي جو سرور ڪائنات ﷺ جن هڪ موقعي تي فرمايو: "منهنجي امڙ ڪانپوءِ ام ايمن منهنجي امڙ آهي."

پاڻ ڪريمن ﷺ جي وصال ڪانپوءِ سمورا ڪبار صحابه حضرت "ام ايمن" جي وڏي عزت ۽ توقير ڪندا هئا.

سيد الڪونين ﷺ جي وصال جو "ام ايمن" کي سخت صدمو رسيو ۽ مرڻ گهڙي تائين ان غم ۾ سندس اکيون

Marfat.com

حضرت اُمّ اَيْمَن رضہ شروعاتي دؤر ۾ ئي اسلام قبول ڪيو هو. هن پهريان "حبش" ڏانهن هجرت ڪئي ۽ پوءِ مديني ڏانهن هجرت جي سعادت حاصل ڪيائين. سندس مسلمان ٿيڻ جو ذڪر هن ڪتاب جي پهرين باب جي پهرين فصل ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

حضرت عُڪَاشَہ رضہ بن مِحْصِن جي شهادت

* هن سال مشهور صحابي حضرت عُڪَاشَہ رضہ بِن مُحِصْن اَسَدِيءَ کي شهيد ڪيو ويو. (۱)

جنگ يَمَامَہ جو واقعو (۲)

* هن سال حضرت ابوبڪر صديق رضہ پنهنجي خلافت ۾ هڪ لشڪر "جنگ يَمَامَہ" لاءِ اماڻيو جنهن جو اڳواڻ خَالِد رضہ بِن وَلِيْد هو. الله تعالىٰ سندس هٿان پنهنجي لطف سان هن لشڪر کي سوپ

آليون رهيون. جيڪڏهن ڪو شخص ڪيس سمجهائيندو هو تہ هوءَ جواب ۾ چوندي هئي تہ "مونکي خبر آهي تہ الله جي رسول ﷺ جن جو وصال ٿي چڪو آهي پر آءٌ ان لاءِ ٿي روئان تہ هن زمين تي وحيءَ جي نازل ٿيڻ جو سلسلو هميشہ لاءِ بند ٿي ويو."

حضرت "ام ايمن" جي وفات جون راوين طرفان مختلف تاريخون ٻڌايون ويون آهن پر صحيح روايت اها آهي تہ سندس وفات نبي انور ﷺ جن جي وصال کان پنج ڇهہ مهينا پوءِ ٿي آهي. والله اعلم بالصواب.

"صحيح مسلم" ڪتاب فضائل الصحابہ ج ۷ ص ۱۴۵. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۴ ص ۳۵۷ ـ ۳۵۶. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۴۳۴ ـ ۴۳۲. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۵۶۸ ـ ۵۶۷. سيرة مغلطائي ص ۳۶۶. حلية الاولياء "ابونعيم" ج ۲ ص ۶۸ ـ ۶۷. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۱ ص ۱۱. العبر "ذهبي" ج ۱ ص ۱۱. شذرات الذهب ابن العماد ج۱ ص ۲۷.

(۱) عڪاشہ بن محصن اسدي هڪ جليل القدر صحابي آهي، جنهن مڪي ۾ اسلام قبول ڪيو. مديني ڏانهن هجرت ڪيائين بدر، احد، خندق ۽ ٻين غزوات ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ سان گڏجي ڀهرو ورتائين.

رسول خدا ﷺ جن سندس باري ۾ فرمايو تہ هو "بنا حساب جي جنت ۾ ويندو." سندس شهادت بابت ٻہ روايتون مشهور آهن، هڪ روايت مطابق ڪيس پاڻ ڪريمن ﷺ هڪ "سريہ" سان بنو خزيمہ وارن ڏانهن اماڻيو هو، جتي هو طليحہ بن خويلد اسديءَ هٿان شهيد ٿيو. ٻي روايت مطابق هو حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت دوران "رده" واري واقعي ۾ خويلد اسديءَ هٿان شهيد ٿيو. والله اعلم.

الطبقات الڪبريٰ "ابن سعد" ج ۳ ص ۶۸ ـ ۶۷. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ۲، الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۳ ص البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ۶ ص ۳۴۳، "العبر" "ذهبي" ج ۱ ص ۱۱. شذرات الذهب ابن العماد ج ۱ ص ۲۷.

(۱) "يمامہ" عربي زبان ۾ ڪبوتري کي ٻہ چئبو آهي تہ ڪبوتر جهڙي هڪ ٻئي پکيءَ کي ٻہ، جيڪو خشڪيءَ تي رهندو آهي. هن پکيءَ کي ڪبوتري ۽ قمريءَ وانگر ڳلي ۾ خوبصورت ڳاڻي ٻہ ٿيندي آهي.

"يمامہ" يمن جو هڪ خوبصورت ۽ سرسبز شهر هو، جتي قسمين قسمين وڻ ۽ ڪجين جا عاليشان باغ هوندا هئا. جنهن ڪري هتي پکي پرندا ٻہ جام رهندا هئا، جيڪي انهن وٽن ۽ ميون مان پنهنجو رزق حاصل ڪندا هئا، انهن پکين ۾ "يمامہ" جو تعداد سڀني کان وڌيڪ هوندو هو، جنهن ڪري هن شهر تي اهو نالو پئجي ويو.

هڪ ٻي روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هتي هڪ نهايت حسين ۽ جميل ڇوڪري رهندي هئي، جنهن جو نالو "زرقاء اليمامہ" هو. سندس اکيون ايتريون تہ سهڻيون ۽ پرڪشش هيون جو ان دور جا ماڻهو انهن اکين جو مثال ڏيندا هئا. نسلي لحاظ کان هن ڇوڪريءَ جو تعلق ارم بن سام بن نوح جي نسل سان هو، جڏهن تہ سندس ٻيءُ جو نالو "مره" هو. ان ڇوڪريءَ جي اکين جي شهرت ايتريقدر ٿي ويئي جو هن شهر تي ئي اهو نالو پئجي ويو. والله اعلم.

معجم البلدان "ياقوت حموي" ج ۵ ص ۴۴۱، تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۲۲۰.

Marfat.com

عطا فرمائي. (١)

اَسْوَدْ عَنْسِيّءَ جو قتل

* هن سال صفر جي مهيني ۾ نبوت جي ڪوڙي دعويدار اَسْوَد عَنْسِيّءَ کي قتل ڪيو ويو. جنهن جو ذڪر مٿي سن ڏهين هجريءَ جي واقعات ۾ گذري چڪو آهي. "اَسْوَد" يمن جي مشهور شهر "صَنْعَاء" ۾ رهندو هو، جتي هو مشهور صحابي حضرت فَيْرُوْز ديلميءَ هٿان قتل ٿيو. جنهن کي سرور ڪائنات صلی الله عليه وسلم جن هن مهم تي موڪليو هو.

حضرت فَيْرُوْز نهايت خفيه نموني "صَنْعَاء" پهتو ۽ هڪ رات "اَسْوَد" جي گهر کي پويان پت ۾ ڪاٽ هٽي اندر داخل ٿيو ۽ کيس قتل ڪيائين. جڏهن ته ان وقت گهر جي باهران هڪ هزار سپاهي پهري تي بينل هئا.

اسود جي قتل متعلق خبر "فَيْرُوْز" هڪ قاصد هٿان پاڻ ڪريمن صلی الله عليه وسلم جي خدمت ۾ موڪلي. هونئن ته قاصد جي مديني پهچڻ کان اڳ ئي مني مرسل صلی الله عليه وسلم جن جو وصال ٿي چڪو هو پر سندن وصال کان اٺ پهر پهريان ئي اها خبر وحيءَ ذريعي خدا تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر صلی الله عليه وسلم جن تائين پهچائي چڏي هئي، ۽ انهن اها خبر پنهنجي صحابي سڳورن کي ٻڌائيندي فرمايو هو: "اڄ رات اسود عنسي قتل ٿي ويو آهي. کيس هڪ اهڙي مبارڪ شخص قتل ڪيو آهي، جنهن جو تعلق هڪ مبارڪ گهراڻي سان آهي." (٢)

صحابين سوال ڪيو: "اهو ڪير آهي؟"

پاڻ ڪريمن صلی الله عليه وسلم فرمايو: "فَيْرُوْز ديلمي"

۽ وري فرمايائون: "ڪامياب ٿيو فَيْرُوْز" (٣)

علامہ گازروني ءَ پنهنجي سيرة جي ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي ته "اسود جي ظاهر ٿيڻ کان سندس

---

(١) جنگ يمامہ جي سال ۾ راوين جو اختلاف آهي. ابن حناط، ابن جرير ۽ ٻيا ڪيترا مؤرخ هن جنگ جو سال يارهين هجري ٻڌائين ٿا. جڏهن ته واقدي ۽ ان جا ٻيا ساٿي هن جنگ جو سال ٻارهين هجري بيان ڪن ٿا. جنهن بابت حافظ ابن ڪثير جو قول آهي ته "هن لڙائيءَ جي تياري سن يارهين هجريءَ دوران شروع ٿي ۽ لڙائي سن ٻارهين هجريءَ ڏاري پوري ٿي هوندي." والله اعلم. البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٦ ص ٣٣٠.

(٢) فيروز ديلميءَ جي گهراڻي کي مبارڪ گهراڻو انڪري سڏيو ويو جو ابونعيم ۽ ابن منده جي روايت آهي ته هو نجاشيءَ جو ٻاٽيجو هو، هن جي هٿان اسود عنسي قتل ٿيو.

(٣) تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ٢ ص ١٥٧ ـ ١٥٦. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۴ ص ١٨٦. فتح الباري "ابن حجر" ج ٨ ص ۴٢٧. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ٣ ص ٣٣٠ ـ ٣٢٩.

Marfat.com

قتل تائين عرصو انڪل چار مهينا ٿيندو."

مُسَيْلِمَہ ڪَذَّاب جو قتل ۽ جنگ يمامہ جا ڪجهہ واقعات (۱)

* هن سال "جنگ يمامہ" ۾ مشرڪن منجهان مشهور ڪذاب ۽ دجال "مُسَيْلِمَہ" بہ مارجي ويو، جنهن نبي اڪرم ﷺ جن جي زندگيءَ ۾ نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪئي هئي، ڪيس وحشي بن حرب

---

(۱) نبي اڪرم ﷺ جن جي وصال ڪانپوءِ اسلام جا مخالف ۽ منافق خدا جي سچي دين خلاف وري نئين سر سازشن ۾ مشغول ٿي ويا. ان سلسلي ۾ هڪ طرف زڪواة جا انڪاري هئا تہ ٻئي طرف وري ارتداد جو فتنو. ان ڪانسواءِ نبوت جا ڪوڙا دعويدار بہ ڪمر ڪشي ميدان ۾ لهي آيا. ڏهہ لک چورس ميلن ڪان بہ مٿي علائقي تي اسلامي سلطنت قائم ٿي چڪي هئي، انهن ڏڪين ۽ اٿانگن رستن ڪي پار ڪري، انهن علائقن تائين پهچڻ ۽ اتي آباد مختلف قبيلن سان منهن ڏيڻ ڪو معمولي مسئلو نہ هو. جڏهن تہ مسلمانن وٽ وسائل جي بہ بيحد ڪمي هئي پر ڪين دين جي حقانيت ۽ الله جي تائيد ۽ نصرت جو پورو پورو يقين هو. مسلمانن حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي قيادت ۾ جنهن عزيمت ۽ استقامت، جرئت ۽ بصيرت، فهم ۽ فراست، تدبر ۽ تحمل سان انهن سمورين سازشن جو مقابلو ڪيو، ان خدا جي سچي دين ڪي هڪ دفعو وري سرخرو ڪري ڏيکاريو.

"يَمَامَہ" جي جنگ بہ ان سلسلي جي ئي هڪ ڪڙي هئي، جيڪا مديني جي ڏکڻ اوڀر ۾ بنو بڪر قبيلي جي هڪ انتهائي طاقتور شاخ بنو حنيفہ خلاف لڙي ويئي، جنهن جي اڳواڻي "مُسَيْلِمَہ ڪَذَّاب" ڪئي هئي. جڏهن تہ اسلامي لشڪر جو اڳواڻ حضرت خالد رضہ بن وليد هو.

مُسَيْلِمَہ ڪَذَّاب سان ڪڏ سندس قبيلي جا چاليهہ هزار جنگي جوان هئا. ان ڪانسواءِ يربوع قبيلي جي هڪ خوبصورت ۽ ذهين عورت سجاح بہ (جيڪا پڻ نبوت جي ڪوڙي دعويدار هئي) ان وقت جڏهن "مُسَيْلِمَہ" سان شادي ڪئي تڏهن اها بہ پنهنجي سموري راج پاڻ سوڏي اچي ساڻس ملي. ان ڪانسواءِ ايراني ۽ بازنطيني سلطنت جا سمورا سازشي ٽولا بہ مُسَيْلِمَہ جي ئي پٺيان هئا، ان ڪري هو هاڻي اسلام لاءِ وڏي ۾ وڏو خطرو بڻجي چڪو هو. اهوئي سبب هو جو حضرت ابوبڪر صديق رضہ سندس مقابلي جو پڪو پهہ ڪيو. ان مقصد لاءِ اسلامي لشڪر مديني ڪان يمن جو رخ رکيو. "يمامہ" ويجهو "عقرباء" جي ميدان ۾ مسلمانن جو لشڪر "مُسَيْلِمَہ" جي لشڪر سان دوبدو ٿيو. ان وقت ائين پئي محسوس ٿيو تہ اسلام جي مستقبل جو مدار هن جنگ جي نتيجي تي آهي. جنهن ڪري چئني طرفن ڪان دشمنن جون اکيون هن جنگ ۾ ڪتل هيون. مسلمانن نهايت عزم ۽ استقلال سان پاڻ ڪان وڏيڪ ۽ طاقتور لشڪر جو مقابلو ڪيو. هن موقعي تي خالد بن وليد، زيد بن خطاب، سائب بن مظعون ۽ دين جي جذبي سان سرشار ٻين صحابين دشمنن جي صفن ۾ ٽاڪوڙو وجهي ڇڏيو ۽ جنگ جو ميدان لاشن سان ڀري ڇڏيائون. هاڻي دشمن جي همت جواب ڏيئي چڪي هئي ۽ اهي پنهنجي بچاءَ جون تدبيرون ڳولي رهيا هئا. ميدان جنگ جي ويجهو سندن هڪ وڏو باغ هو، جنهن جي چوڌاري هڪ مضبوط ڪوٽ نڪتل هو، "مُسَيْلِمَہ" پنهنجي بچيل لشڪر سميت ان باغ ۾ داخل ٿي ڪوٽ جو دروازو اندران بند ڪرائي ڇڏيو. هاڻي هو ڪا نئين حڪمت عملي سوچي رهيا هئا تہ ايتري ۾ شهادت جي جذبي سان سرشار هڪ صحابي سڳوري جنهن جو نالو "براء بن مالڪ" هو، پنهنجي ماٿهن ڪي چيو تہ "مون ڪي ڪوٽ جي

Marfat.com

نالي ساڳي شخص قتل ڪيو، جنهن جي هٿان سرور عالم ﷺ جن جو چاچو سائين حضرت حمزه شهيد ٿيو هو. مرڻ وقت مسيلمه جي عمر هڪ سؤ پنجاهه ورهيه هئي.

* هن سال جنگ "يَمَامَه" ۾ صحابين جي ست منجهان حضرت زَيْد رضه بن خطاب شهيد ٿي ويو، جيڪو حضرت عُمَر بن خطاب رضه جو پاءُ هو. هو حضرت عمر رضه کان عمر ۾ وڏو هو ته کانئس اسلام به اڳ قبول ڪيو هئائين.

* هن سال ان ساڳيءَ جنگ ۾ صحابي سڳورن مان حضرت ثَابِت رضه بِن قَيْس بن شَمَّاس اَنْصَاريءَ ۽ حضرت عباد رضه بن بشر انصاري خزرجي به شهيد ٿيا. حضرت ثَابِت رضه بن قيس اَنْصَارن جو خطيب هو.

* هن سال "جنگ يَمَامَه" دوران مُسَيْلِمَه جي لشڪر مان ويهه هزار مشرڪ قتل ٿي ويا، جڏهن ته خالد رضه بن وليد جي لشڪر منجهان ٻارهن سؤ صحابين شهادت ماڻي. جن منجهان ڪجهه صحابين جا نالا مٿي ٻڌايا ويا آهن ۽ ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا.

اَبُوحُذَيْفَه بِن عُتْبَه، "سَالِم" سندس آزاد ڪيل غلام، شُجَاع بِن وَهْب، عَبْدُالله بِن سَهْل، مَالِک بِن عَمْرو، طُفَيْل بِن عَمْرو دَوْسِي، يَزِيْد بن قَيْس، عَامِر بِن كَبِيْر، عبدالله بِن مَخْرَمه، سَائِب بِن عُثْمَان بن مَظْعُوْن مَعْن بِن عَدِيّ، ۽ اَبُودُجَانَه سِمَاک بن خَرَشَه وغيرهم رضي الله تعاليٰ عنهم.

پت تائين پهچايو." پين صحابي سڳورن سندس حڪم جي تعميل ڪئي، هن پت جي مٿان چڙهي هيٺ ٽپو ڏنو ۽ پهريدار کان چاهي ڪسي ڪوٽ جو دروازو کوليائين.

دروازي کلڻ جي دير هئي، اسلامي لشڪر خدائي قهر بڻجي ڪافرن تي ٽٽو. هن موقعي تي دشمن طرفان به پوري قوت سان مقابلو ڪيو ويو. نهايت چتي ويڙهه هلي، جنهن ۾ مُسَيْلِمَه مارجي ويو. سندن مال ۽ ملڪيت مسلمانن کي غنيمت ۾ مليو ۽ سندن ٻارن ۽ عورتن کي غلام بڻائي مديني آندو ويو. جنهن باغ ۾ مُسَيْلِمَه ۽ سندس مشرڪ ساٿين کي ماريو ويو، ان کي تاريخ ۾ حديقة الموت (موت جو باغ) جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. "مُسَيْلِمَه" جي هن شڪست پين ڪافرن جي ارادن کي به پست ڪري ڇڏيو. مشرڪن ۽ منافقن کي هاڻي يقين ٿي ويو ته اسلام هن زمين تي هميشه قائم دائم رهندو، انڪري هو وري نئين جذبي سان اسلام جي دائريٰ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سوچڻ لڳا.

"بنو حنفيه" وارن جا جيڪي قيدي، مسلمان مديني وٺي آيا، انهن ۾ "خوله بنت جعفر" نالي هڪ خاتون به هئي، جيڪا سيدنا علي رضه سائينءَ جي حصي ۾ آئي. حضرت عليءَ رضه ڪيس مسلمان ڪرڻ کانپوءِ ساڻس نڪاح ڪيو ۽ حضرت محمد بن حنفيه هن بيبي سڳوريءَ جي پيٽان ڄائو. جنهن کي امام حسين سائينءَ جي شهادت کانپوءِ آل عليءَ جو وارث سمجهيو ويندو هو.

سيرة ابن حبان ۴۳۶ ـ ۴۴۳، تاريخ طبري ج ۲ ص ۵۱۹ ـ ۵۰۴. البدايه والنهايه "ابن ڪثير" ج ۶ ص ۳۴۶ ـ ۳۴۵، تاريخ يعقوبي ج ۲ ص ۱۳۰. تاريخ الخميس "ديار بڪري" ج ۲ ص ۲۲۰.

Marfat.com

حضرت عَبْدُاللّٰه بن ابوبکر رضہ جي وفات

* هن سال شوال مهيني ۾ حضرت عبدالله بن ابوبکر صديق رضہ گذاري ويو. (۱)

حضرت اَبُوالْعَاص رضہ جي وفات

* هن سال ذوالحج جي مهيني ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جو نياڻو حضرت اَبُوالْعَاصِ بِن رَبِيْع گذاري ويو، جنهن جو نڪاح رسول اڪرم ﷺ جن جي نياڻي سيده زينب رضہ سان ٿيل هو. (۲)

---

(۱) حضرت عبدالله بن ابوبکر رضہ کي "غزوه طائف" ۾ وڃندي ابومحجن ثقفيءَ هڪ تير هنيو هو، جنهن جو ڦٽ ڇڻي نہ سگهيو ۽ اهوئي سندس موت جو ڪارڻ بڻيو.

سيرة ابن حبان ص ۴۳۵، البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٦ ص ۳۴۳. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۳ ص ۱۱، اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۳ ص ۱۹۹.

(۲) پاڻ ڪريمن ﷺ جو نياڻو حضرت "ابوالعاص بن ربيع عبشمي" سيده خديجة الڪبريٰ جو ڀاڻيجو هو. سندس ماءُ جو نالو هاله بنت خويلد يا وري ڪن راوين طرفان هند بنت خويلد بہ ٻڌايو ويو آهي، ان لحاظ سان هو نبي ڪريم ﷺ جن جي اهڙي اولاد جو ماسات ٿيو جيڪي ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ مان هئا.

سندس نالي ۾ بہ راوين جو گهڻو اختلاف آهي، انڪري ڪيترائي نالا ڏانهس منسوب آهن، جيئن تہ لغيط، هشيم، مهشم ۽ "لقيط" وغيره، جنهن مان اڪثريت جو اتفاق "لقيط" تي آهي. ابوالعاص جو نڪاح پاڻ ڪريمن ﷺ جي وڏي نياڻي سيده زينب رضہ سان شروعاتي دور ۾ ئي ٿي چڪو هو پر رخصتي نہ ٿي هئي، ڇو جو "ابوالعاص" گهڻي وقت تائين دين ڪان دور رهيو.

سن اٺين هجريءَ جي ابتداء ۾ مڪي جي فتح ڪان اڳ ابوالعاص اسلام قبول ڪيو، جنهن ڪانپوءِ سرور ڪائنات ﷺ جن پنهنجي نياڻيءَ جي رخصتي ڪئي. ڪجهہ راوين جو چوڻ آهي تہ هن موقعيَ تي سندن نڪاح ٻيهر پڙهيو ويوم جڏهن تہ ڪن جو خيال آهي تہ ان پهرين نڪاح کي ئي برقرار رکندي سيده زينب رضہ کي رخصت ڪيو ويو ۽ اها رخصتي اڳتڪل ڇهن ورهين ڪانپوءِ ٿي هئي.

هڪ روايت ۾ ائين بہ ٻڌايو ويو آهي تہ حضرت زينب رضہ جي رخصتي بہ شاديءَ ڪان ستت ئي پوءِ ٿي هئي پر "حديبيہ" واري موقعي تي جڏهن ايمان وارين عورتن جي ڪافرن سان نڪاح کي حرام قرار ڏنو ويو. تڏهن نبي انور ﷺ جن پنهنجي نياڻيءَ کي واپس پنهنجي گهر گهرائي ورتو، ۽ پوءِ بہ ورهيہ سيده زينب رضہ پنهنجي گهرواري ڪان الڳ رهي. ان روايت تي اڪثر مؤرخن کي اتفاق نہ آهي ۽ اهي پهرين روايت کي ئي صحيح سمجهن ٿا.

شاديءَ ڪانپوءِ سيده زينب رضہ کي بہ ٻار ڇاوا، جن مان پٽ جو نالو "علي" ۽ نياڻيءَ جو نالو "امامہ" ٻڌايو ويو آهي. علي بن ابوالعاص تہ ٻارهن ورهين جي ڇمار ۾ ئي گذاري ويو، باقي سيده امامہ جو نڪاح سندس ماسي حضرت فاطمة الزهراء جي وفات ڪانپوءِ حضرت عليءَ رضہ سان ٿيو هو.

البدايہ والنهايہ "ابن ڪثير" ج ٦ ص ۳۵۹ ـ ۳۵۸. الاستيعاب "ابن عبدالبر" ج ۴ ص ۲٦٦ ـ ۲٦۴. الاصابہ "ابن حجر" ج ۴ ص ۱۲۳ ـ ۱۲۱. اسد الغابہ "ابن الاثير" ج ۵ ص ۲۳۸ ـ ۲۳٦.

Marfat.com

ان سان گڏ اسان جو هي ڪم پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهتو. اڄ صفر مهيني جي چوٿين تاريخ سن ١١٦٨ هـ ڏاري اربع جي رات خير و خوبيءَ سان الله تعاليٰ هن مسودي کي مڪمل فرمايو.

وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ سُبْحَانَهٗ وَتَعَالٰى عَلَى التَّمَامِ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ سَيِّدِنَا الْاِمَامِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهِ الْبَرَرَةِ الْكِرَامِ رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم وَرَضُوْ عَنْهُ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ.

وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ، الْعَلِىِّ الْعَظِيْمِ

وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلَّمْ.

اڄ صفر مهيني جي ٢٦ تاريخ سن ١٤١٨ ڏاري اربع جي رات پارهن لڳي پنجويهن منٽن تي، هي ترجمو مڪمل ٿيو. الحمد لله رب العالمين والصلواة والسلام علىٰ سيد المرسلين وعلىٰ واٰله وصحبه اجمعين. آمين. ناچيز اسرار احمد علوي.

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِىُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ، اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِاللّٰهِ الصَّالِحِيْنَ.

پورو ٿيو

Marfat.com

مصادر ء مراجع

1.	القرآن الحكيم		
2.	اتحاف الاكابر	محمد هاشم ثتوي	قلمي
3.	احكام القرآن	جصاص	بيروت
4.	اخبار الطوال	دينوري	دارالكتب العلمية بيروت ٢٠٠١
5.	اخبار مدينة الرسول	ابن النجار	مكتبة الثقافة مكة
6.	اخبار مكة	ازرقي	دارالثقافة مكة ٢٠٠١
7.	اخبار مكة	فاكهي	بيروت مطبعة النهضة الحديثه مكه
8.	الاذكار	امام نووي	دار ابن كثير بيروت ١٩٩٢
9.	ارشاد الساري	قسطلاني	بيروت
10.	ازواج النبي ﷺ	شامي	دار ابن كثير بيروت ١٩٩٢
11.	ازواج النبي ﷺ و اولاده	ابو عبيدة	دار مكتبة التربية بيروت ١٩٩٠
12.	الاستيعاب	ابن عبدالبر	علي هامش الاصابة دار احياء التراث الاسلامي ١٣٢٨هـ
13.	الاستيعاب	ابن عبدالبر	دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٥
14.	اسد الغابة	ابن الاثير	دار احياء التراث العربي بيروت ١٩٩٦
15.	الاشارة	مغلطائي	الدار الشامية بيروت ١٩٩٦
16.	الاشارة	ذهبي	دار ابن الاثير بيروت ١٩٩١
17.	الاصابة	ابن حجر	دار احياء التراث اسلامي بيروت ١٣٢٨هـ
18.	الاعلام	زركلي	دارالعلم للملايين بيروت ١٩٨٦
19.	آكام المرجان	ابو عبدالله شبلي	نور محمد كارخانه تجارت كراچي
20.	الاكتفاء	كلاعي	عالم الكتب بيروت ١٩٩٧
21.	امتاع الاسماع	مقريزي	دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٩
22.	امعان النظر	محمد اكرم نصرپوري	اداره ابو سعيد غلام مصطفي قاسمي
23.	الانساب	سمعاني	دارالفكر بيروت ١٩٩٨
24.	انساب الاشراف	بلاذري	دارالفكر بيروت ١٩٩٦
25.	البحر الرائق	ابن نجيم	مكتبه رشيديه كوئٹه
26.	بحر العلوم	سمرقندي	مكتبة دارالباز بيروت ١٩٩٣
27.	البداية والنهاية	ابن كثير	دارالكتب العلمية بيروت
28.	بذل القوة	مرتب: امير احمد عباسي	لجنة احياء الادب السندي ١٩٦٦

Marfat.com

29.	بلوغ المرام	ابن حجر	دار ابن الجوزي ١٩٩٦
30.	بهجة المحافل	عامري	دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٦
31.	بهجة النفوس والاسرار	مرجاني	مكتبة نزار مصطفي الباز مكة ١٩٨٨
32.	تاج العروس	زبيدي	بيروت
33.	التاج المكلل	صديق حسن خان	مكتبة دارالسلام رياض ١٩٩٥
34.	تاريخ ابي الفداء	ابن ايوب	دارالكتب العليمة بيروت ١٩٩٧
35.	التاريخ	ابن الوردي	دارالكتب العليمة بيروت ١٩٩٦
			بيروت
36.	تاريخ الاسلام	ذهبي	موسسة الاعلمي
37.	تاريخ الامم والملوک	طبري	نور محمد كارخانہ تجارت كراچي
38.	تاريخ الخلفاء	سيوطي	موسسة شعبان بيروت
39.	تاريخ الخميس	ديار بكري	دار الباز مكة المكرمة
40.	التاريخ الكبير	امام بخاري	دارالفكر بيروت ٢٠٠٠
41.	التاريخ القويم	محمد طاهر كردي	منشورات دارالفكر قم ١٤١٠هـ
42.	تاريخ مدينة	ابن شبه	.....
43.	تاريخ مدينة المنورة	الياس عبدالغني	بيروت
44.	تاريخ معالم مدينة	احمد ياسين خياروي	دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٩
45.	تاريخ يعقوبي	يعقوبي بغدادي	دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٣
46.	التحفة اللطيفة	سخاوى	دارالكتب العلمية بيروت
47.	تذكرة الحفاظ	ذهبي	بيروت ١٩٨٤ مصر
48.	تركة النبي ﷺ	حماد بن اسحاق	دارالمعرفة بيروت ١٩٨٧
49.	جامع البيان	طبري	دارالقلم بيروت
50.	تفسير القرآن العظيم	ابن كثير	اداره احياءِ السنة گوجرانوالا
51.	تلقيح فهوم اهل الاثر	ابن الجوزي	لجنة احياءُ الادب السندي
52.	التمهيد	عبيدالله سندي	دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٤
53.	تهذيب التهذيب	ابن حجر	انتشارات ناصر خسرو ايران ١٩٧٦
54.	الجامع لاحكام القرآن	قرطبي	دارالمعرفة بيروت
55.	الجامع الصحيح	امام بخاري	دارالفكر بيروت
56.	الجامع الصحيح	امام مسلم	دار الكتب العربية بيروت
57.	جمهرة انساب العرب	ابن حزم	اداره احياءُ السنة گوجرانوالا
58.	جوامع السيرة	ابن حزم	وزارة الحج والاوقاف سعودي عرب
59.	حجة النبي ﷺ	احمد عبدالغفور عطار	

Marfat.com

.60	حجة الوداع	ابن حزم	دارالكتب العلمية بيروت ٢٠٠١
.61	حدائق الانوار	بحرق حضرمي	دار الحاوي بيروت ١٩٩٨
.62	حسن المحاضرة	سيوطي	دارالكتب العلمية ١٩٩٧
.63	الحطة	صديق حسن قنوجي	دارالكتب العلمية ١٩٨٥
.64	حلية الاولياء	ابو نعيم	دارالكتب العلمية ١٩٨٨
.65	خاتم النبيين ﷺ	ابو زهرة	دارالتراث بيروت
.66	الخصائص الكبرىٰ	سيوطي	دارالكتب العلمية بيروت ١٩٨٥
.67	خصائص امير المؤمنين علي بن ابي طالب رضہ	امام نسائي	مجمع احياء الثقافة الاسلامية ١٤١٩هـ
.68	خلاصة السير	محب طبري	بيروت مكتبه نزار مصطفىٰ الباز ١٩٩٧
.69	دائرة المعارف	فريد وجدي	بيروت
.70	دائرة المعارف	بطرس بستاني	بيروت
.71	دراسات اللبيب	مخدوم محمد معين	لجنة احياء الادب السندي
.72	الدرة الثمينة	ابن النجار	دارالمدينة المنورة ١٩٩٦
.73	الدر الثمين	شنقيطي	دارالقبلة للثقافة الاسلامية جدة ١٩٩٠
.74	الدرر	ابن عبدالبر	دار المعارف بيروت
.75	الدرر الكامنة	ابن حجر	دار احياءِ التراث العربي بيروت
.76	دلائل النبوة	بيهقي	دار الكتب العلمية بيروت ١٩٨٨
.77	دلائل النبوة	سعيد بن عبدالقادر	دارالخراز جدة ١٩٩٧
.78	دلائل النبوة	ابو نعيم اصبهاني	دارالنفائس بيروت
.79	ذب الذبابات	مخدوم عبداللطيف ثتوي	.....
.80	الرحيق المختوم	صفي الرحمن مباركپوري	دارالسلام رياض ١٩٩٣
.81	الرسالة المستطرفة	جعفر كتاني	دارالبشائر الاسلامية ١٩٩٣
.82	روضة الانف	سهيلي	دارالفكر بيروت ١٩٨٩
.83	الرياض المستطابة	عامري	مؤسسة المعارفة بيروت ١٩٨٨
.84	المسالك والممالك	ابن خردازبة	قاهره
.85	الرياض النضرة	محب طبري	دارالكتب العلمية بيروت
.86	زاد المعاد	ابن القيم	مؤسسة الرسالة بيروت ١٩٩٢
.87	زبدة الاعمال	اسفرائيني مكي	مكتبة نزار مصطفىٰ الباز مكة ١٩٩٧
.88	سبل الهدىٰ والرشاد	شامي	دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٣
.89	السرايا والبعوث النبوية	ابو مايلہ عمري	دار ابن الجوزي ١٩٩٦

Marfat.com

.90	سلک الدرر	علامہ مرادي	دار الکتب العلمیة بیروت ۱۹۹۷
.91	سنن ابن ماجہ	ابن ماجہ	..... بیروت
.92	سنن ابي داؤد	ابو دائود	..... بیروت
.93	سنن ترمذي	ترمذي	..... بیروت
.94	سیرة ابن اسحاق	ابن اسحاق	دارالخاني ریاض
.95	سنن دارمي	دارمي	دارالکتب العلمیة بیروت ۱۹۹٦
.96	سنن الکبریٰ	بیهقي	.....
.97	الوفا باحوال المصطفیٰ صلی اللہ علیہ وسلم	ابن الجوزي	دارالکتب الحدیثة مصر
.98	سنن نسائي	نسائي	دار احیاءِ التراث العربي بیروت
.99	سیر اعلام النبلاء	ذهبي	دارالفکر بیروت ۱۹۹۷
.100	سیرة ابن حبان	ابن حبان	بیروت
.101	السیرة الحلبیة	حلبي	دار احیاءِ التراث بیروت
.102	سیرة سید الانام صلی اللہ علیہ وسلم	سید جعفر مصطفیٰ	المکتبة المکیة المکة المکرمة ۲۰۰۱
.103	السیرة النبویة صلی اللہ علیہ وسلم	ابن هشام	مطبعة مصطفیٰ البابي الحلبي مصر ۱۹۳٦
.104	السیرة النبویة صلی اللہ علیہ وسلم	ابن کثیر	دار احیاءِ التراث العربي بیروت
.105	السیرة النبویة صلی اللہ علیہ وسلم	دمیاطي	دارالصابوني حلب ۱۹۹٦
.106	السیرة النبویة صلی اللہ علیہ وسلم	ذهبي	دارالکتب العلمیة بیروت
.107	السیرة النبویة صلی اللہ علیہ وسلم	محمد بن محمد ابو شهبة	دارالعلم دمشق ۱۹۹۹
.108	السیرة النبویة صلی اللہ علیہ وسلم	ابن فضل اللہ عمري	عالم الکتب بیروت ۱۹۹۷
.109	السیرة النبویة صلی اللہ علیہ وسلم	ذهبي	دارالکتب العلمیة بیروت ۱۹۸۸
.110	الشجرة النبویة صلی اللہ علیہ وسلم	ابن المبرد	دار ابن کثیر دمشق ـ بیروت ۱۹۹۵
.111	شذرات الذهب	ابن العماد حنبلي	دارالکتب العلمیة بیروت ۱۹۸۸
.112	شرح زرقاني علیٰ مؤطا مالک	زرقاني	دارالمعرفة بیروت ۱۹۷۳
.113	شرح علي المواهب	زرقاني	بیروت
.114	شرح مسلم	امام نووي	بیروت
.115	العواصم من القواصم	ابن العربي	مصر
.116	الشفاء	قاضي عیاض	دارالکتب العلمیة بیروت
.117	شفاءُ الغرام	علامہ فاسي	مکتبة نزار مصطفیٰ الباز مکة ۱۹۹٦
.118	شمائل الرسول صلی اللہ علیہ وسلم	ابن کثیر	دارالقبلة للثقافة الاسلامیة جدة ۱۹۸۸
.119	صبح الاعشیٰ	قلقشندي	دارالکتب قاهره مصر
.120	صحیح ابن خزیمة	ابن خزیمة	بیروت

Marfat.com

121.	صفة الصفوة	ابن الجوزي	دارالمعرفة بيروت ١٩٨٥
122.	الطبقات الكبرىٰ	ابن سعد	دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٠
123.	طرح التثريب شرح التقريب	ولي عراقي	مؤسسة التاريخ العربي بيروت ١٩٩٢
124.	العبر	ذهبي	مكتبه دارالسلام رياض ١٩٩٢
125.	العقد الثمين	علام فاسي	دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٨
126.	عمدة القاري	عيني	دار احياء التراث العربي بيروت
127.	عيون الاثر	ابن سيد الناس	مكتبة دارالتراث مدينہ ١٩٩٢
128.	فتح الباري	ابن حجر	احياءُ التراث العربي بيروت ١٩٨٨
129.	فتوح البلدان	بلاذري	بيروت
130.	الفصول	ابن كثير	دار ابن كثير دمشق ـ بيروت ١٩٩٦
131.	الفوائد البهية	عبدالحي اللكنوي	قديمي كتب خانہ كراچي
132.	قادة النبي ﷺ	محمود شيت خطاب	دارالقلم دمشق ١٩٩٥
133.	الفهرست	ابن النديم	دارالمعرفة بيروت ١٩٩٧
134.	قطب الارشاد	شاهم فقير الله علوي	كوئٹہ
135.	القول البديع	سخاوي	مكتبة العلمية بيروت ١٩٦٣
136.	فهرست	اشبيلي	دارالكتب العلمية ١٩٩٨
137.	الكامل في التاريخ	ابن الاثير	دار صادر بيروت ١٩٦٥
138.	كتاب الخراج	ابو يوسف	.....
139.	كتاب السير	ابو اسحاق فزاري	مؤسسة الرسالة بيروت ١٩٨٧
140.	كشاف	زمخشري	.....
141.	كشف الرين	محمد هاشم ٹٹوي	جامعة دارالفيوض اسلاميہ كنده كوت ـ ١٤٢٣هـ
142.	كنز العمال	علي متقي هندي	بيروت
143.	كشف الظنون	حاجي خليفة	دار احياءِ التراث بيروت
144.	لسان العرب	ابن منظور	دار احياءِ التراث العربي بيروت ١٩٨٨
145.	لاروس	داكٹر خليلِ الجر	پيرس ١٩٧٣
146.	لقط المرجان في احكام الجان	سيوطي	مكتبة القرآن القاهرة
147.	اللؤلؤ المكنون	محمد هاشم ٹٹوي (مقدمو عبدالقيوم سندي)	مكتبة الجامعة البنوريه كراتشي ١٩٩٩
148.	مجمع الزوائد	هيثمي	بيروت
149.	المحبر	ابن حبيب	دار نشر الكتب الاسلامية لاهور

Marfat.com

150.	مرآة الجنان	يافعي	دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٧
151.	مروج الذهب	مسعودي	قم ايران
152.	المستدرک	حاکم	.....
153.	مسند احمد بن حنبل	ابن حنبل	دارالفکر بيروت
154.	المصنف	عبدالرزاق	.....
155.	المعارف	ابن قتيبة	.....
156.	معجم البلدان	ياقوت حموي	دار احياءِ التراث العربي بيروت ١٩٧٩
157.	المعجم الكبير	طبراني	بيروت
158.	معجم ما استعجم	بكري	دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٧
159.	المعرفة والتاريخ	فسوي	دارالكتب العلمية بيروت ١٩٩٩
160.	معجم المطبوعات	يوسف اليان سرکيس	ايران
161.	معجم المؤلفين	عمر رضا کحالة	دار احياءِ التراث العربي بيروت
162.	المعجم الوسيط	ابراهيم مصطفیٰ، احمد زيات	.....
163.	المغازي	ابن شهاب الزهري	.....
164.	المغازي	واقدي	مؤسسة الاعلمي بيروت ١٩٨٩
165.	مغازي رسول الله ﷺ	عروة بن زبير	مکتبة التربية العربي رياض ١٩٨١
166.	مفتاح السعادة	طاش کبريٰ زاده	دارالکتب العلمية بيروت ١٩٨٥
167.	مفردات	راغب اصبهاني	.....
168.	مقالات الشعراء	مير علي شير قانع ثتوي	.....
169.	مناهج التاليف	محي الدين مستو	دارالکلم الطيب بيروت ٢٠٠٠
170.	المنجد	لوئس	.....
171.	المواهب اللدنية	قسطلاني	المکتب الاسلامي بيروت ١٩٩١
172.	نزهة الخواطر	عبدالحي الحسني اللکنوي	.....
173.	نسب قريش	زبيري	دار المعارف قاهره
174.	نصب الراية	زيلعي	ملتان
175.	نضرة النعيم	صالح بن عبدالله، عبدالرحمن بن محمد وغيرهما	دارالوسيلة المکة المکرمة ٢٠٠٠
176.	النهاية	ابن الاثير	مؤسسة اسماعيليان قم ١٣٠٧هـ
177.	نيل الاوطار	شوکاني	بيروت
178.	وثيقة الاکابر	شاه فقير الله علوي	قلمي
179.	وفاء الوفا	السمهودي	دارالکتب العلميه بيروت
180.	وفيات الاعيان	ابن خلکان	منشورات الشريف الرضي قم ١٣٠٤هـ
181.	هدية العارفين	اسماعيل پاشا	دار احياءِ التراث بيروت

Marfat.com

اردو

182. اردو دائرة معارف اسلامية		جامعة پنجاب لاهور ١٩٨٦
183. تاريخ سندھ كلهوڑا دؤر	مولانا غلام رسول مهر	سنڌي ادبي بورڊ
184. تفهيم القرآن	سيد ابوالاعلىٰ مودودي	اداره ترجمان القرآن لاهور
185. معارف القرآن	مفتي محمد شفيع	اداره معارف القرآن كراچي ١٩٨٥
186. نقوش رسول ﷺ نمبر	مرتب محمد طفيل	اداره فروغ اردو لاهور
187. سيرة النبي ﷺ	شبلي نعماني / سليمان ندوي	لاهور
188. ملت اسلاميه كي مختصر تاريخ	ثروت صولت	كراچي
189. وحي الاهي	سعيد احمد اكبر آبادي	نشريات اسلام كراچي
190. جزيرة العرب	مولانا محمد رابع ندوي	
191. سفر نامه ارض القرآن	عاصم الحداد	كراچي
192. عهد نبوي كے ميدان جنگ	ڈاكٹر محمد حميدالله	مدينة پبلشنگ كمپني كراچي
193. مدارج النبوة	عبدالحق دهلوي اردو ترجمو	
	مفتي غلام معين الدين نعيمي	

سنڌي

194. تذكره مشاهير سنڌ	مولانا دين محمد وفائي	سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد
195. رشف الزلال	محمد هاشم ٹٹوي سنڌي	سنڌي پوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد
	ترجمو: عبدالرسول قادري	
196. تذكره شعراءُ ٹكڙ	اسدالله شاهه اسد	مهراڻ اكيڈمي شكارپور
197. تفسير هاشمي	مرتب: ڈاكٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	سنڌي ادبي بورڊ
198. تحفة الكرام	ترجمو: امير احمد عباسي	انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ١٩٨٨
199. عربي ـ سنڌي لغت	پروفيسر غلام حسين جلباڻي	
200. قديم سنڌ	مرزا قليچ بيگ	
201. مقالات قاسمي	مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي	چيائيندڙ نظير احمد قاسمي حيدرآباد ٢٠٠٠
202. مخدوم محمد هاشم ٹٹوي	ڈاكٽر عبدالرسول قادري	سنڌي ادبي بورڊ
203. روزنامه الوحيد سنڌ آزاد نمبر	مرتب دين محمد وفائي	
204. الرحيم ٽه ماهي مختلف پرچا		شاهه ولي الله اكيڈمي حيدرآباد
205. مهراڻ ٽه ماهي مختلف پرچا		حيدرآباد
206. ماهنامه شريعت مختلف پرچا	حضرت مولانا عبدالوهاب چاچڑ	روهڑي
نسب النبي ﷺ سنڌي ترجمه فتح	سنڌي ترجمو مولانا عبدالوهاب چاچڑ	روهڑي
207. القوي في نسب النبي ﷺ للتتوي		
208. تذكره لطفي	لطف الله بدوي	آر ايچ احمد اينڈ برادرس حيدرآباد

Marfat.com

فارسي

209. جذب القلوب — عبدالحق دهلوي — منشي نول كشور كانپور هند
210. روضة الاحباب — سيد جمال الدين بخاري — كتاب فروشي سيديان ايران ۱۲۹۷ هـ
211. تحفة الكرام — مير علي شير قانع ثتوي — سنڈي ادبي بورڈ حيدرآباد
212. ماثر الكرام — غلام علي آزاد بلگرامي — دهلي
213. عجالة نافعة — شاهـ عبدالعزيز دهلوي — كراچي
214. مقالات الشعراء — مير علي شير قانع ثتوي — سنڈي ادبي بورڈ حيدرآباد

انگريزي

215. The Decline and fall of Roman empire. — Gibbon
216. The new Encyclopeadia Bretanica
217. Muhammad at Madena — M.Watt



Marfat.com

Marfat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

اللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِ مُحَمَّدٍ

کَمَا صَلَّیْتَ عَلٰی اِبْرَاھِیْمَ وَعَلٰی اٰلِ اِبْرَاھِیْمَ

اِنَّکَ حَمِیْدٌ مَّجِیْدٌ

اللّٰھُمَّ بَارِکْ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِ مُحَمَّدٍ

کَمَا بَارَکْتَ عَلٰی اِبْرَاھِیْمَ وَعَلٰی اٰلِ اِبْرَاھِیْمَ

اِنَّکَ حَمِیْدٌ مَّجِیْدٌ

Marfat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

اللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِ مُحَمَّدٍ

کَمَا صَلَّیْتَ عَلٰی اِبْرَاھِیْمَ وَعَلٰی اٰلِ اِبْرَاھِیْمَ

اِنَّکَ حَمِیْدٌ مَّجِیْدٌ

اللّٰھُمَّ بَارِکْ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِ مُحَمَّدٍ

کَمَا بَارَکْتَ عَلٰی اِبْرَاھِیْمَ وَعَلٰی اٰلِ اِبْرَاھِیْمَ

اِنَّکَ حَمِیْدٌ مَّجِیْدٌ

Marfat.com